A PEOPLE'S HISTORY OF THE WORLD

دنيا جي عوامي تاريخ

ڪرس هرمن

جاويد راڄپر



A People's History of the World

دنيا جي عوامي تاريخ

ڪرس هرمن

جاويد راڄپر

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2016ع

Roshni Book No. 774
ڪتاب جو نالو: دنيا جي عوامي تاريخ
ليکڪ: ڪرس هرمن
سنڌيڪار: جاويد راڄپر
ڇاپو پهريون: © روشني 2016ع
ڪمپوزنگ : انور حسين سومرو
روشني ڪمپوزرز اينڊ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ.
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ.

DUNYA JEE AWAMI TAREEKH

(A People's History of the World)
by: **Chris Harman**
Translated by: **Javed Rajpar**

Composed by: Anwer Hussain Soomro
Roshni Composers and Printers, Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad Sindh
Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh
First Edition © Roshni 2016

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو، حيدرآباد
پناهي بوڪ هائوس اورينٽ سينٽر، حيدرآباد ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب حيدرآباد + گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد
شير يزدان بڪ اسٽال ڀٽ شاهه + حيدر ڪتب خانو ڀٽ شاهه
لال بخش نيوز ايجنسي ٺٽو + ڪاٺياواڙ اسٽور اردو بازار ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ اڪيڊمي رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو + مدني بڪ ڊيپو لاڙڪاڻو + نيشنل بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو
نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو+ عبدالله بڪ ڊيپو بندر روڊ لاڙڪاڻو
اشرف بوڪ اسٽال مسجد روڊ، نوابشاهه+ مڪتبه گلشير، لياقت مارڪيٽ نواب شاهه + حافظ اينڊ ڪمپني لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه
مهراڻ ڪتاب گهر، ڪپرو + حافظ ڪتاب گهر ڪپرو + سڪندري ڪتاب گهر، ڪپرو
العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + المدينه ڪتاب گهر، ڇاڇرو + ٿر ڪتاب گهر، مٺي
ڪنگري بوڪ شاپ اسٽيشن روڊ، ميرپور خاص +حر ڪتاب گهر، ميرپورخاص+ حلال ڪتاب گهر، اسٽيشن روڊ، ميرپور خاص
المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ
مدني اسلامي ڪتب خانو دادو+ سليم نيوز ايجنسي نيو بس اسٽينڊ دادو + جنيد بوڪ ڊيپو دادو
ساحر ڪتاب گهر، کهنڊي ميهڙ + عبدالرزاق بڪ اسٽال، ميهڙ
مرچو لال بوڪ ڊيپو بدين + رحيم بوڪ ڊيپو بدين + سوجهرو ڪتاب گهر، بدين.
مهراڻ بوڪ سينٽر سکر + ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر
بخاري ڪتاب گهر، افغان سينٽر، سکر + الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز سکر
مڪتبه امام العصر، گهوٽڪي + مدني ڪتاب گهر پنو عاقل
سنڌ ڪتاب گهر، شڪارپور+ مولوي عبدالحئي شڪارپور+ سعيد بوڪ مارٽ شڪارپور
صديق حيدر ڪتاب گهر، شڪارپور + وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور
تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
خيرپور بڪ اسٽال خيرپورميرس + مڪتبه عزيزيه کهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا
ڪنول ڪتاب گهر، مورو+ حافظ ڪتاب گهر، مورو + ظفر ڪتاب گهر، ڪچيرو روڊ، مورو
قاسميه لائبريري اسپتال روڊ، ڪنڊيارو+ سارنگ ڪتاب گهر، ڪنڊيارو
ميمڻ بڪ ڊيپو نوشهرو فيروز

ارپنا

تاريخ جي ورقن مان گم ڪيل

تاريخ اڏيندڙ

ڏنارن، ڪيڙيندڙن، مزدورن ۽ ڪارڪنن جي نانءُ

سنڌاءُ

مترجم پاران

مهاڳ

هن وقت اسين هڪ اهڙي دنيا ۾ رهون ٿا جتي ڏيهاڙي ڪيترائي ڇڙوڇڙ ۽ اوچتا واقعا ٿيندا رهن ٿا ۽ انهن بابت اسين ڪچهرين، اخبارن، ٽي وي، ريڊيو موبائل، انٽرنيٽ ذريعي باخبر ٿيندا رهون ٿا پر انهن بظاهر ڇڙوڇڙ ۽ اوچتن واقعن جون خبرون اسان لاءِ ڏيهاڙي نوان سوال، نوان شڪ ۽ نيون پريشانيون، ڳڻتيون ۽ ڇرڪ کڻي اچن ٿيون. عام ماڻهو هر واقعي کي يا تہ اڳواٽ قائم پنهنجي مخصوص ذهني معلومات جي بنياد تي نون واقعن منجهان ساڳيائپ ڳولي وٺندو آهي يا وري ان واقعي کي دنيا جهان جي ڪيترن رشتن ۽ لاڳاپن کان ڪٽي ڏسندو آهي جنهنڪري هر ٿيندڙ واقعو هڪ نئين مصيبت لڳندو اٿس. ڏيهاڙي جي ساڳين شڪن، ساڳين سوالن ۽ ڇرڪن ۽ ڳڻتين کان بچڻ جو طريقو اهو آهي تہ تاريخ جي مجموعي ڄاڻ حاصل ڪئي وڃي ۽ تاريخ جي ڪاروهنوار پٺيان ڪارفرما عام قانونن ۽ اصولن کي پروڙيو وڃي.

انساني تاريخ ڇا آهي؟ ان جي باري ۾ ڪوڙ سارا فڪر موجود آهن جيڪي اُن جي سمجهاڻي مختلف انداز سان ڪن ٿا. ڪي انساني تاريخ کي "قدرت" طرفان طئي ٿيل "قسمت" يعني اڳواٽ لکيل داستان جو عملي نمونو قرار ڏين ٿا. اُنهن لاءِ تاريخ مختصر لفظن ۾ هيئن هوندي آهي: سڀ کان اول هڪ انسان ٺاهيو ويو پوءِ ٻيو ۽ ٿيون...... ۽ آخرت واري ڏينهن جزا ۽ سزا جو فيصلو ڪيو ويندو. ان قسم جي سمجهاڻي ماڻهوءَ منجهہ "قسمت، نصيب ۽ مقدر" تي ياڙڻ جو رجحان پيدا ڪندي رهي ۽ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي بي وس، لاچار ۽ گنهگار سمجهڻ لڳي ٿو. اُن جي آڏو تاريخ ڏوهن ۽ ثوابن جو داستان ٿي وڃي ٿي ۽ اڳواٽ لکيل قسمت تي ياڙڻ جي نتيجي ۾ انسان سوچ ويچار، تحقيق ۽ ڳولا ڪرڻ ڇڏي ڏئي ٿو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو روڊ حادثي ۾ مري ويو تہ چوندا "بس ادا قدرت کي اهو ئي منظور هو!"، ڪو مشهور حڪمران بيماريءَ وگهي، يا ڪنهن ويڙهہ ۾ مارجي ويو چوندا "بس ادا بيماري /گولي تہ بهانا هئا!" زلزلو آيو، طوفان آيو، گهڻي برسات ٿي چوندا "ائين ئي ٿيڻو هو!" اهو رويو مستقبل بابت لاپرواهہ ڪري ڇڏي ٿو. نتيجي طور تاريخ جي اهڙي سمجهاڻي عقل، جدت ۽ سائنس دشمن نفسيات کي جنم ڏيندي رهي آهي. ٻيو رويو اهو آهي تہ تاريخ فقط ماضيءَ جي واقعن کي قلمبند ڪرڻ جو نالو آهي. ماڻهن جي خيال ۾ تاريخ کي سمجهڻ جو ڪهڙو فائدو؟ تاريخ ۾ تہ فقط ماضيءَ جي گذريل

واقعن جا تفصيل بيان ٿيل هوندا آهن. جڏهن تہ انسان حال ۾ زندهہ رهي ٿو ۽ ان کي پنهنجي مستقبل جي ڳڻتي ٿيندي آهي، ماضي تہ گذرڻو هو سو جهڙو بہ هو گذري ويو.

تاريخ جي باري ۾ شخصي نقطہ نظر جي دعوا رهي آهي تہ هن مهل تائين سموري تاريخ اصل ۾ عظيم شخصيتن جي ڪيل ڪارنامن، ايجادن ۽ تخليقن جو داستان آهي. عظيم شخصيتن ۾ بادشاهہ، سپهہ سالار، فاتح، مفڪر، سائنسدان ۽ شاعر اديب وغيره شامل آهن. تاريخ جي شخصي نقطہ نظر تحت تاريخ ۾ عظيم شخصيتن جو ڪردار ريڊار ۽ ڪرار ۽انگر آهي جيڪي رڍن ۽ ٻڪرين (باقي انسانن) جي ڌڻ کي هڪليندا آهن. تاريخ جي شخصي نقطہ نظر تحت هر نظريي، جدوجهد ۽ انقلاب جي ڪاميابيءَ جو ڪاتو فقط "عظيم اڳواڻن" جي نالي لکيو ويندو رهيو آهي. جيڪڏهن هر وڏي ڪارنامي ۽ ڪاميابيءَ جو سبب فقط فرد جي ذات ۾ ڳولبو تہ اهو تاريخ کي ڏسڻ جو غلط انداز آهي. جيڪڏهن ائين هجي ها تہ جتي جتي بدترين حالتون هجن اتي اتي فقط هڪ فرد فيصلو ڪري تہ پوءِ سڀ مسئلا حل! جهڙي ريت، اها دعوئ غلط آهي تہ هر نظريي، جدوجهد ۽ انقلاب جي ناڪامي يا گهربل نتيجا نہ ڏئي سگهڻ جو ذميوار فقط هڪ فرد آهي. ساڳئي ريت، اهو خيال بہ غلط آهي تہ سماج جي اپار ۽ ترقيءَ جو واحد ڪارڻ ڪو هڪ شخص هوندو آهي.

ان قسم جي شخصي نقطہ نظر جي عام ٿيڻ جو هڪ اهم سبب اهو بہ آهي تہ سائنس ۽ فن سميت سماج جي هر شعبي ۾ ٿيل صنعتي ۽ انقلابي تبديليءَ وارن دورن جو ظاهري اظهار مخصوص فردن، گروهن، تيز رفتار ۽ مختصر انقلابي دورن (مخصوص ڏينهن، مهينن يا سالن) جي شڪل ۾ ٿيندو آهي. مثال طور روسي انقلاب 25 آڪٽوبر 1917ع تي آيو. ڇا اهو سمورو انقلاب فقط هڪڙي ڏينهن ۾ آيو هو؟ نہ بلڪل نہ. انقلاب تہ بالشوڪ پارٽي آندو جنهن جي واضع ۽ چٽي ابتدا تہ 1903ع کان ٿي پر ان کان اڳ 1898ع ۾ روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽيءَ جو بنياد پيو هو. پر ڇا ان کان اڳ روس ۾ مارڪسزم جو ڪوبہ ذڪر نہ هو؟ بلڪل هو. ڇا ان کان اڳ روس ۾ ڪابہ سياسي تحريڪ نہ هلي هئي؟ بلڪل هلي هئي. ڇا جيڪو نظريو بالشوڪ پارٽي عمل ۾ آندو اهو روس جي پيداوار هو؟ نہ. اصل ۾ اهي ۽ اهڙا ڪيترائي ٻيا مرحلا ۽ عنصر گڏجي ان هڪڙي ڏينهن (25 آڪٽوبر 1917) دوران پنهنجو جامع، تيز ۽ ڀرپور اظهار ڪن ٿا. ساڳئي طرح، آمريڪي آزاديءَ (1776ع) ۾ فقط جارج واشنگٽن، بنجمن فرينڪلن ۽ ٿامس جيفرسن ۽ فرانس جي انقلاب (1789ع) ۾ فقط رابس پيئري، ڊانٽن ۽ مرات جهڙن فردن جو هٿ نہ هو پر تمام گهڻن انسانن جا هٿ هئا جن آزاديون ورتيون ۽ انقلاب آندا. ايتريقدر جو روسي آڪٽوبر انقلاب جي عظيم رهنما لينن لکيو هو تہ سماج ۾ وڏيون تبديليون، اٿلون پٿلون ۽ انقلاب تڏهن ايندا آهن جڏهن سماج ۾ وڏا بحران هجن، حڪمران طبقو (پنهنجي نااهليت ۽ حد کان وڌيڪ ظلم ڪرڻ سبب) پنهنجي حڪمرانيءَ جي سگهہ پوري ڪري چڪو هجي ۽ بحرانن کي منهن نہ ڏئي سگهي ۽ وسيع تر عوام ۾ بي چيني، اڻ تڻ ۽ موجوده حڪومت کان بيزاري هجي ۽ انقلاب لاءِ

پتوڙيندڙ تنظيم هجي تڏهن انقلاب ايندا آهن. هتي لينن ائين ڪونہ لکيو تہ ڪي فرد يا ٽولا طئي ڪندا آهن.

تاريخ ۾ فرد جي ڪردار بابت پليخانوف (پنهنجي ڪتاب ۾) لکي ٿو تہ هڪ فرد جيڪو مخصوص قسم جي قابليت (صلاحيت) رکي ٿو ۽ ان ذريعي واقعن جي وهڪري تي گهڻو اثرانداز ٿئي ٿو ان لاءِ بہ شرط ضروري آهن. هڪ تہ سندس اها قابليت ڪنهن بئي ماڻهوءَ کان وڌيڪ. ان دور جي سماجي ضرورتن سان وڌيڪ ٺهڪندڙ هجي. مثال طور جيڪڏهن نيپولين وٽ پنهنجو جنگي هنر (جيڪو ان وقت گهربل هو) هجڻ بدران بيٿوون واري موسيقيءَ جو هنر هجي ها تہ اهو شهنشاهہ نہ ٿي سگهي ها. ٻيو تہ ان قسم جي قابليت، جيڪا مخصوص وقت ۾ گهربل ۽ ڪارائتي هجي، موجوده سماجي نظام اهڙي فرد جي رستا روڪ نہ ڪري. مثال طور جيڪڏهن نيپولين مشهور جنرل يا ڪرنل ٿيڻ کان اڳ مري وڃي ها، يا بادشاهہ نيپولين بوناپارٽ لاءِ ايندڙ 75 سالن تائين فرانس ۾ ساڳيو پراڻو نظام هجي ها. (ٻنهي صورتن ۾ نيپولين اهو ڪردار ادا نہ ڪري سگهي ها جيڪو هن سرانجام ڏنو.)

وڏا ڪردار هر دور ۽ هر جاءِ تي پيدا ٿيندا رهيا آهن جتي سماجي حالتون انهن جي واڌاري لاءِ وجود رکنديون هجن. اصل ۾ عظيم انسان پاڻ عام رجحان پيدا نہ ڪندا آهن پر اهي پاڻ انهن عام رجحانن جي پيداوار هوندا آهن ۽ موت ۾ انهن رجحانن کي سگهارو بڻائيندا آهن ۽ نوان رجحان پڻ پيدا ڪندا آهن. مثال طور رافيل، ليوناردو ۽ مائيڪل اينجلو اهو رجحان پيدا نہ ڪيو پر فقط ان رجحان جي بهترين نمائندگي ڪئي. مثال طور، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جهڙو عظيم شاعر موئن جي دڙي واري دور ۾ پيدا نہ ٿي سگهي ها. ۽ نہ ئي ڀٽائيءَ جي دور ۾ شيخ اياز ۽ استاد بخاريءَ جهڙي شاعري سرجي سگهي ها.

ڪارلائل، پنهنجي مشهور ڪتاب "هيروز" ۾ عظيم انسانن کي شروعات ڪندڙ سڏي ٿو. بلڪل درست ڳالهہ آهي. هڪ عظيم انسان هڪ ابتدا ڪري ٿو ڇاڪاڻ تہ هي ٻين کان اڳتي ڏسي ٿو ۽ ٻين کان وڌيڪ شين جي مضبوط خواهش رکي ٿو. اهڙو انسان هيرو آهي پر اهڙو هيرو ناهي جيڪو شين جي فطري وهڪري کي روڪي يا بدلائي سگهي پر سندس سرگرميون لاشعوري ۽ اڻٽر وهڪري جو آزاد ۽ باشعور اظهار هجن ٿيون.

انهيءَ شخصي نقطہ نظر هيٺ هن مهل تائين جي لکيل انساني تاريخ فقط بادشاهن، وزيرن، سپهہ سالارن، فاتحن، جاگيردارن، آقائن، سرمائيدارن، سائنسدانن، فيلسفين، مذهبي عالمن، سياستدانن، تاريخدانن، مفڪرن، معيشتدانن، شاعرن، اديبن، فنڪارن، سياحن ۽ موجدن جي داستانن سان ڀريل رهي آهي. پر ان جي ابتڙ ڪرس هرمن تاريخ جي نظرانداز ڪيل عوام جي ڪردار تي روشني وجهي ٿو. هي ٻڌائي ٿو تہ ڪيئن آقائن نہ پر غلامن، جاگيردارن نہ پر هارين، سرمائيدارن نہ پر مزدورن جي ڪيل سرگرم جدوجهد ۽ قربانين انسانذات کي هن ڏاڪي تائين پهچايو آهي. ڪرس هرمن تاريخ کي ڏنارن، کيڙيندڙن، ڪاريگرن ۽ مزدورن جي ٺاهيل تاريخ طور بيان ڪري ٿو. ڪرس

هرمن جو هي ڪتاب ”دنيا جي عوامي تاريخ“ مٿئين قسم جي تقدير پرست، واقعن جي ترتيبوار رڪارڊ ۽ شخصي نقطہ نظر کي رد ڪندي تاريخ کي عام ماڻهوءَ جي سرگرمي ۽ جدوجهد طور پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هر دور جي آقائن تاريخ کي قيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر هر دور جي غلامن، مظلومن ۽ باغين ان قيد کي ٽوڙڻ جي ويڙهہ ڪئي آهي. هر دور جي ظالم تاريخ جي وهڪري آڏو بند ٻڌي پنهنجي ڦرلٽ ۽ استحصالي نظام کي جيئن جو تيئن برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪئي پر ان جي ابتڙ هر دور جي انقلابي (قلمي ۽ جسماني پورهيو ڪندڙن)، پورهيتن، ڪڙمين، پورهيتن اُنهن بندن کي ٽوڙي ٻوڏون (انقلاب) آڻي تاريخ کي اڳتي ڌڪيو آهي.

ترجمي جي حوالي سان اها گذارش ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو تہ ڪوڙ ساريون ڪوتون ۽ خاميون رهجي ويون هونديون مطلب تہ هن ترجمي کي اڃان وڌيڪ بهتر ڪرڻ ڪرڻ جي گنجائش موجود آهي. اسان وٽ ڪنهن ترجمي کي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪرڻ يا اُن ۾ ڪٽ واڌ ڪرڻ جو رجحان عام آهي پر مون پنهنجي قلمي ايمانداريءَ تحت ليکڪ جي مواد کي جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ايتريقدر جو جن واقعن بابت ليکڪ جي راءِ سان سخت اختلاف رکي سگهجن ٿا اُنهن کي بہ ڪٽڻ جي ڪوشش نہ ڪئي اٿم.

ڪرس هرمن تاريخ اڏيندڙ عوام جي ڏکهي گهڻي قدر نامعلوم داستان کي هڪ ڪتاب اندر قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيڪو انتهائي ساراهہ جوڳو ڪم آهي پر اها انصافي بہ آهي، ڇاڪاڻ تہ جن غلامن، ڪڙمين، مزدورن ۽ باغين کي تاريخ جي ورقن ۾ ڪڏهن بہ جاءِ نہ ملي آهي، اُنهن جي محنت ۽ جاکوڙ کي بيان ڪرڻ لاءِ هڪڙو ڪتاب هر صورت ۾ ناڪافي آهي. توڙي جو تاريخ جي مذهبي، نفسياتي، خيال پرستائي ۽ شخصي تشريح کي رد ڪري ٿو پر ساڳئي وقت ليکڪ پاڻ ڪجهہ واقعن جي تشريح ساڳئي شخصي نقطہ نظر هيٺ پڻ ڪري ٿو مثال طور اسٽالن، مائوزي تنگ، هوچي منهہ وغيره جي باري ۾ ليکڪ جا خيال شخصي نقطہ نظر وارا آهن.

ڪرس هرمن هن ڪتاب ۾ مادي نقطہ نظر هيٺ تاريخ جي واقعن جي سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيڪا بلڪل نرالي ۽ زبردست ڪوشش آهي. اُنهيءَ مادي نقطہ نظر هيٺ تاريخي ماديت ٻڌائي ٿي تہ سماجي وجود (Social Being) سماجي شعور (Social Consciousness) جي شڪل ناهي ٿو يا ان کي طئي ڪري ٿو ۽ ساڳئي وقت، سماجي شعور سماجي وجود تي واپس سرگرميءَ سان اثر انداز ٿئي ٿو. جاگيرداري نظام هيٺ ماڻهن جون سوچون، خواهشون ۽ خواب بہ جاگيرداري نظام کان متاثر ٿين ٿا. ايتريقدر جو انسان جا خواب بہ هر هڪ دور جي عڪاسي هجن ٿا. (مثال طور اڄ کان بہ هزار سال اڳ واري انسان خواب ۾ بہ جديد هوائي جهاز نہ ڏٺو هوندو پر اڏامندڙ ڪٽولو يا ان سان ملندڙ جلندڙ ڪا ٻي شي ڏٺي هوندي) ساڳئي ريت، سرمائيداري نظام اتفاق، انتشار مقابلي ۽ سامراجي نظام هڪ هٽي ۽ بالادستي جي قانونن تي ٻيٺل سماج آهي.

جتي فرد جي سوچ، خواهشون ۽ رويا بہ غيريقينيت جو شڪار ٿين ٿا. فرد جي نفسيات پڻ مقابلي، لالچ، حرص، ڪوڙ دوکيبازي ۽ بي ايماني جا رجحان رکندڙ هجي ٿي. ڇاڪاڻ تہ سماجي نظام جو اقتصادي ڍانچو ئي استحصال، لالچ، مقابلي ۽ ڪوڙ تي بيٺل هوندو آهي. اهڙي معاشري ۾ احساس ۽ شعور هوندي بہ فرد بي حس ۽ بي عقل هوندو آهي، اکيون هوندي ڏسي نہ سگهندو آهي، ڪن هوندي ٻوڙو هوندو آهي.

تاريخ بابت منظم ڄاڻ جي بهترين صورت جدلياتي ۽ تاريخي ماديت آهي جنهن کي انساني تاريخ جي سموري علمي ۽ عملي تجربي منجهان اخذ ڪيو ويو آهي جنهن کي سائنسن جي سائنس چيو وڃي ٿو. ان علم کي سمجهڻ کانپوءِ وشال لامحدود ڪائنات، لاتعداد ڪهڪشائن، تارن ۽ گرهن، انساني سماج جي هزارين رنگينن ۽ سماجي، معاشي، سياسي، ثقافتي رشتن ۽ شعور بابت هڪ هم آهنگ ۽ جامع نظارو ۽ تصوير جڙي ويندي جيڪا ڇڙوڇڙ ۽ الڳ الڳ وهمن وسوسن، خوفن، غيريقيني، ڳڻتين جي ڳارانٽي، غيرضروري شڪن شبهن، ڦرٽي گهرٽي سياءِ ۽ ٻڌتر واري ڪيفيت کان جند ڇڏائي وٺندي. جدلياتي ۽ تاريخي ماديت جو جوهر زندگيءَ وانگر زنده ۽ متحرڪ آهي جيڪو شين کي الڳ الڳ، غيرمتحرڪ، جامد ۽ بيٺل انداز ۾ نٿو ڏسي. توڙي جو اسان وٽ فلسفي کي انتهائي ڏکيو علم سمجهيو ويندو آهي پر حقيقت ۾ فلسفي جو ڪم ڏکين شين کي آسان بنائڻ هجڻ گهرجي. فلسفو تمام گهڻين شين جي باري ۾ تمام ٿورڙو ڄاڻيندو آهي، جڏهن تہ ٻيا علم تمام ٿورڙين شين بابت تمام گهڻو ڄاڻيندا آهن. مثال طور حياتيات جو ڄاڻو جاندارن جي زندگي، ارضياتدان زمين ۽ انسان جي ابتدائي تاريخ، نفسياتدان انساني ورتاءَ، تاريخدان ماضيءَ جو ڄاڻو هوندو آهي پر فلسفي انهن سمورن علمن جي بنيادي اصولن ۽ قانونن جو ڄاڻو هوندو آهي.

فلسفي سان گڏوگڏ سائنس، ادب، تاريخ، سياست، جنگ، جاسوسي ۽ سفارتڪاري جهڙن موضوعن کي سمجهڻ پڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ تہ اسين جنهن سماجي نظام (طبقاتي نظام) ۾ رهون ٿا ان جو بنيادي جوهر ئي اتفاق ۽ حادثن، خوفن ۽ ڊپن تي ٻڌل هجي ٿو مطلب تہ خبر نہ پوندي تہ ڪيڏي مهل بہ ڪجهہ بہ ٿي سگهي ٿو مارڪيٽ ۾ شين جون قيمتون روز روز صبح شام تيزي سان پيون تبديل ٿينديون رهنديون آهن ۽ نتيجي طور اهڙي معاشري ۾ ماڻهو جي سمجهہ بہ غيريقينت، ڦرٽي گهرٽي، ٻڌتر ۽ شڪن شهبن واري ٿئي ٿي ۽ لاتعداد اتفاقن ۽ حادثن جي طوفانن ۾ عام ماڻهو کي ڪي لازمي سماجي تبديلي جي بنيادي قانونن جي خبر نہ هجڻ ڪري انهن طوفانن (پرچارڪ ادارن، اخبارن، ميڊيا وغيره طرفان هلايل افواهون ۽ خبرون وغيره) ۾ لڙهي ٿو وڃي ۽ بيوسي وچان چوندو "بس الائي جي ڇا ٿيندو؟!"

اسان وٽ ڪوڙ سارا پڙهيالکيا ۽ پراڻا سياسي ڪارڪن جڏهن پنهنجي وطن، عوام ۽ سڄي دنيا جي خوشحاليءَ لاءِ ويڙهہ ڪن ٿا ۽ اُن جدوجهد دوران جيڪڏهن کين ڪجهہ ناڪاميون ملن ٿيون، تہ مايوس ٿي پاسيرا ٿي وڃن ٿا ۽ هن قسم جا جملا ورجائيندا رهن ٿا: "ڪجهہ نہ ٿيندو"، "ڪيترن ڏاڍن کان وڙهندا پيا اچون ٿيو تہ

ڪجھ بہ ناهي"، "عالمي توڙي ڏيهي سامراج کي شڪست ڏيڻ ناممڪن آهي"، "انقلاب...! اجان لڳا پيا آهيو ڇا!!"، "دنيا گھڻو اڳتي نڪري وئي آهي توهان اجان تائين پراڻيون ڳالهيون پيا ڪريو"، "ڇڏيو انقلاب کي، وڃي گھر گهاٽ جي ڪريو انقلاب ۾نقلاب هاڻي نہ ايندا"..... وغيره وغيره. اهي ۽ اهڙيون ٻيون ڪوڙ ساريون ڳالهيون بنيادي طور تي تاريخ کان اڻڄاڻائيءَ جي پيداوار آهن. ڇاڪاڻ تہ تاريخ جي جدلي مادي سمجھاڻي ٻڌائي ٿي تہ ڪنهن بہ لقاءَ جي باري ۾ گهڻ رخي درست ڄاڻ تڏهن حاصل ٿي سگھندي ۽ ان جي مستقبل جو اندازو تڏهن لڳائي سگھبو جڏهن ان لقاءَ کي ٻين شين سان لاڳاپي، ان جي تاريخ ۽ ان کي متحرڪ صورت ۾ ڏٺو وڃي.

جدلياتي ۽ تاريخي ماديت ٻڌائي ٿي تہ، پنهنجي ملڪ جي صورتحال کي دنيا جي موجوده عالمي صورتحال کان الڳ ۽ جدا ڪري نہ ڏٺو وڃي. حقيقت کي ائين ڏسڻ هڪ طرفو ۽ غيرعقلي انداز آهي. ڏٺو وڃي تہ نہ صرف پاڪستان پر ايشيا ۽ آفريڪا جا ڪيترائي ملڪ گڏريل پنجن ڇهن ڏهاڪن کان اهڙا ئي آهن جن کي ڏسي اُتان جي رهواسين کي انقلاب يا تبديليءَ تي يقين نہ ٿو اچي. مثال طور افغانستان، عراق، بنگلاديش، سريلنڪا، يوڳنڊا، سوڊان، نائجيريا، روانڊا سميت سوين ملڪ اهڙا آهن جن جون سياسي، اقتصادي ۽ فڪري حالتون گذريل پنجن ڏهاڪن کان ابتر ٿينديون پيون وڃن. تنهنڪري، اهو سمجھڻ گھرجي اول تہ اسين ڪنهن ٻيٽ تي نہ پيا رهون پر جديد دور جي عالمي ڳوٺ ۾ رهون ٿا پاڻ کي ان کان ڪٽي الڳ ۽ جدا انداز ۾ ڏسڻ غيرسائنسي انداز آهي. ٻيو تہ بين الاقوامي سطح تي ٿيندڙ تبديلين ۾ ڪجھ وقت ضرور لڳندو. جيڪڏهن سج صبح جو پنج وڳي ايرندو هجي ۽ ڪو ماڻهو رات جو ٻارهين وڳي کان رڙيون ۽ دانهون شروع ڪري تہ "سج ڇو نہ ٿو ايري؟" تہ سندس رڙين ڪرڻ سان ڪجھ نہ ٿيندو سج پنهنجي وقت تي ايرندو. پر اهو تہ آهي ڏيهاڙي جو سادو عمل جيڪو اسين روزانو ڏسندا آهيون جنهنڪري سج جي ٻيهر ايرڻ تي يقين ڪرڻ آسان آهي. پر سماجي سائنس جي معاملي ۾ ان قسم جو يقين پيدا ٿيڻ لاءِ وڌيڪ گهرو اونهو ۽ وسيع علم ۽ ادراڪ گھرجي جيڪو سماجي واڌاري جي عام قانون جي تشريح ۽ عمل آڻڻ جي صلاحيت پيدا ڪري سگھي. اهي سماجي قانون ٻڌائين ٿا تہ جتي ابتري هوندي اُتي ئي بهتري بہ موجود هوندي، جي نہ تہ ان جا امڪان موجود هوندا آهن جيڪي اڄ نہ سڀاڻ ان ابتري جي نفي ڪندا آهن. هن جديد دنيا جي سوين ملڪن ۾ روزانو ڪيتريون ئي سامراج مخالف ۽ قومي، جمهوري ۽ عوامي جدوجهدون هلي رهيون آهن جيڪي اڄ نہ سڀاڻي اسانجي خطي تي ضرور اثرانداز ٿينديون. فقط ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ اسين، پنهنجي خطي جي صورتحال سميت اها جاچ پڙتال ڪندا رهون تہ ٻي دنيا ۾ ڇا پيو ٿئي؟

ٻيو تہ شين ۽ حالتن کي بيٺل انداز ۾ ڏٺو وڃي ٿو ڇڻ تہ جيڪا حالت اڄ آهي سا سدائين ۽ تاقيامت تائين جيئن جو تيئن برقرار رهندي، مثال طور، اهو فرض ڪيو وڃي ٿو تہ "يورپي ۽ آمريڪي سامراج جي عالمي اجاراداريءَ سدائين قائم رهندي" ۽ آفريڪا ۽

ايشيا جا پنتي پيل سماج متان "ايندڙ هزارين سالن تائين ساڳيا ئي رهڻا آهن." پر تاريخ جي سرسري ڄاڻ ان قسم جي مفروضن کي رد ڪري ڇڏي ٿي. انهيءَ تاريخ ۾ وڏين وڏين سلطنتن جا محل ڍير ٿيندي ڏٺا ويا آهن پوءِ اُها رومن سلطنت هجي، يا انگريز سلطنت. تاريخ کان اڻڄاڻائي جو نتيجو هوندو آهي ته اسان اچوڪي حالت کي حتمي، قطعي ۽ آخري ڪري سمجهندا آهيون جنهنڪري مستقبل بابت نااميد ۽ مايوس ٿي رهندا آهيون. جيتوڻيڪ، هڪ دانشور جي نظر ڏگهي هوندي آهي پر اهو ضروري شرط ناهي ته مستقبل ڪهڙو رخ اختيار ڪندو اهو ان ملڪ جي دانشور کي به نظر ايندو هجي. مثال طور، برطانيه جي بادشاهت کان آمريڪا جي آزاديءَ واري تحريڪ جا مکيه ڪردار بنجمن فرينڪلن، جارج واشنگٽن ۽ ٿامس جيفرسن هئا. اهوئي ٿامس جيفرسن هو جنهن 1776ع جي اونهاري ۾ ٿيل ان بغاوت ۾ حصو ورتو ۽ "آزاديءَ جو اعلان" ڪندي لکيو ته سڀ انسان پيدائشي طور تي برابر آهن. پر ان ئي ٿامس جيفرسن 1776ع جي ابتدا ۾ لکيو هو ته "آمريڪا ۾ ڪير به (برطانيه کان) عليحدگيءَ جي خواهش نه ٿو رکي ۽ نه ئي ان ۾ دلچسپي رکي ٿو."[1] فرانسيسي انقلاب کان 10 سال اڳ ڪنهن کي به اهو اندازو نه هو ته ايندڙ ڏهن سالن کانپوءِ دنيا جي تاريخ جو رخ موڙي ڇڏيندڙ واقعو ٿيڻ وارو آهي. ساڳئي ريت، روسي انقلاب کان اڳ به ڪنهن کي به اها پڪ نه هئي ته روس جهڙي پنتي پيل ملڪ ۾ پورهيت انقلاب اچي سگهي ٿو.

تاريخ جي غيرجدلياتي عينڪ سان پنهنجي ۽ پرپاسي جي مظلوم عوام ڏانهن نيهاريون ٿا ته ائين لڳي ٿو اسان گهڻو ڪجهه وڃائي چڪا آهيون پر اهڙي قسم جي مايوسي خود تاريخ کان اڻڄاڻائي جي پيداوار آهي. مجبون ٿا ته اسان تمام وڏيون جدوجهدون ۽ لڙائيون ڪري قربانيون ڪري چڪا آهيون ۽ پوءِ به ڪامياب نه ٿي سگهيا آهيون. پر حقيقت اها آهي ته جيترو وڙهيا آهيون اوترا فائدا ضرور مليا آهن. ڪنهن به پرڳڻي جي عوام جي ترقي، خوشحالي ۽ بهتريءَ جو اندازو دنيا جي ڪنهن ٻئي پرڳڻي جي عوام جي ترقي ۽ خوشحاليءَ سان ڀيٽ ڪرڻ سان لڳايو ويندو آهي. مثال طور هن دور ۾ آمريڪا، برطانيه، فرانس، جرمني، چين، جاپان وغيره کي دنيا جي ترقي يافته ملڪن جي فهرست ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. تنهنڪري، ڪنهن به ٻي قوم جي ترقيءَ جو اندازو لڳائڻ لاءِ انهن ترقي يافته ملڪن جي مثالن کي پيماني طور آڏو رکي سگهجي ٿو ۽ ائين ان قوم جي ترقيءَ بابت اندازو لڳائي سگهجي ٿو. پر ان قسم جي ڀيٽ ڪرڻ وقت، ماتمي دانشور ۽ ڪالم نگار متان انهن ترقي يافته ملڪن جي اچوڪي منزل کي ان کان اڳ واري تاريخ کي الڳ ڪري ڏسندا آهن. مثال طور، فرانس هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن ۾ 1789ع ڌاري انقلاب آيو جنهن دوران انقلابين بادشاهه جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري پراڻي بادشاهي راڄ ۽ پاپائيت جو خاتمو آندو. بعد ۾ خود انهن انقلابي ڌرين ۾ گهرو ويڙهه شروع ٿي جيڪا اٽڪل 10 سال هلندي رهي ۽ ان دوران هنن هڪٻئي جا هزارين ماڻهو قتل ڪري ڇڏيا. انهيءَ پرانتشار ۽ پرتشدد ويڙهه دوران نيپولين بوناپارٽ جي صورت ۾ رد انقلاب آيو

جنهن وري انقلابي فوج کي ساڻ ڪري يورپي کنڊ جي ڪيترن ملڪن تي ڪاهون ڪيون ۽ ائين وري 15 سالن تائين خونريزه جنگيون ٿينديون رهيون ۽ اهو سلسلو تڏهن ختم ٿيو جڏهن نيپولين کي شڪست ملي. اجان ٿي ڏهاڪا مس گذريا هئا تہ 1848ع ڌاري جمهوري انقلابن جي لهر ايري جنهن سموري يورپ ۾ زلزلا آڻي ڇڏيا پر اُها بہ ناڪام ٿي. وري اجا ٿي ڏهاڪا مس گذريا تہ 1871ع ۾ پئرس جي مزدورن بغاوت ڪري ڏني جنهن کي فرانس جي حڪمرانن ناڪام ڪري ڇڏيو. فرانسيسي قوم اجان ساهہ مس کنيو هو تہ 1914ع ڌاري پهرين عالمي جنگ لڳي پئي جنهن ۾ لکين فرانسيسي فوجين پنهنجون جانيون ڏنيون. اُن جنگ کي ختم ٿئي اجا ويهہ سال ئي نہ گذريا هئا تہ 1939ع ۾ ٻي عالمي جنگ لڳي جنهن ۾ پڻ لکين فرانسيسي فوجي توڙي شهري قربان ڪيا ويا. اهو هو فقط هڪ ملڪ جي ڏيڍ سو سالن جي مختصر اهم واقعن جي تاريخ جو داستان! اهڙو ئي داستان سندس پاڙيسري ملڪ جرمنيءَ جو بہ آهي. جيڪڏهن جديد تاريخ جي فقط فرانس ۽ جرمنيءَ جي مثالن کي آڏو رکي تجزيو ڪيو وڃي تہ ائين محسوس ٿيندو تہ "اسان تہ اجا ننڊ مان ئي هاڻي جاڳيا آهيون!" "اجان هٿ منهن ئي نہ ڌوتو آهي!" اسانکي هٿ منهن ڌوئڻ ۽ چانهہ پيئڻ جو وقت تہ ڏيو. پوءِ اسين منجهند جي ماني بہ کائون ۽ پوءِ بہ ڪجه نہ ٿئي تہ اسان تي معيار نهي ٿي. جديد يورپ، روس ۽ چين جي تاريخ کي ڏسجي تہ منهنجي خيال ۾ اسان اجا وڙهيا ئي نہ آهيون! اسان تہ اجا ويڙهہ جي مشق ۽ ان جي تياري ڪري رهيا آهيون.

ٻين سمورن سماجوادين وانگر ڪارل مارڪس جو بنيادي تصور پڻ انسان آهي. هن لکيو تہ "انقلابي هجڻ جي معنيٰ پاڙ تائين وڃڻ آهي ۽ اها پاڙ انسان پاڻ آهي."[2] دنيا جي تاريخ انسان جي جنم جي تاريخ آهي ۽ انسان جي تخليق کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. انسان کي هڪ شي بڻائي حالتن جو غلام ڪيو ويو آهي هاڻي ان کي نہ صرف سياسي آزادي گهرجي پر شين ۽ حالتن جي بالادستي کان نجات بہ کپي.[3] مارڪس بلڪل صحيح چيو هو تہ آزادي هڪ تاريخي عمل آهي.

جاويد راڄپر
حيدرآباد، 2016

---

[1] A People's History of the World, by Chris Harman, p, 265 (Bookmarks Publication Ltd, 2002)

[2] Critique of Hegel's Philosophy of Right, by Karl Marx (Selected Writings, Oxford University Press, 1977, p, 77)

[3] Philosophic & Economic Manuscript, by Karl Marx (Selected Writings, Oxford University Press, 1977, p, 103)

ليکڪ جو تعارف

ڪِرس هرمن (Chris Harman) برطانيا ۾ سوشلسٽ ورڪرز پارٽيءَ جو اهم ميمبر ۽ 'سوشلسٽ ورڪر' جو ايڊيٽر آهي. هن ڪيترائي مضمون، پمفليٽ ۽ ڪتاب لکيا آهن جن ۾ 'اوڀر يورپ ۾ طبقاتي جدوجهد' (Class Struggle in Eastern Europe)، 'بحران جي سمجهاڻي' (Explaining the Crisis)، 'چرين جي گهر جي معيشيت' (Economics of the Madhouse)، 'مارڪسزم ڪيئن ڪم ڪري ٿي' (How Marxism Works) ۽ 'وڃايل انقلاب: جرمني 1918ع کان 1923ع'(The Lost Revolution: Germany 1918 to 1923) شامل آهن.

تعارف

ستن درن وارو ٿيبس[1] ڪنهن تعمير ڪيو؟
ڪتابن ۾ توهان کي بادشاهن جا نالا ملندا
ڇا بادشاهن جبلن مان پٿر ٽاڪيا؟
۽ بابل[2]، ڪئين ڀيرا برباد ٿيو
ان کي ڪئين ڀيرا ڪنهن ٺاهيو؟
ڪهڙن سونن گهرن ۾ اڏيندڙ (رازا ۽ مزدور) رهيا؟
ان شام جڏهن چين جي عظيم ديوار ٺهي راس ٿي
سي رازا ڪيڏي ويا؟
فاتحانہ بلند محلن سان ڀريل عظيم روم
ان کي ڪنهن تعمير ڪيو؟
سيزر[3] ڪنهن کي فتح ڪيو؟
ڇا ڳيتن ۾ بازنطيني سلطنت جي ساراهہ فقط انهن محلن ۾ رهندڙن لاءِ؟
ايٽريقدر جو ائٽلانٽس جي آکاڻين ۾ بہ
ان رات جڏهن سمنڊ انهن کي وڪوڙي ڇڏيو
تڏهن بہ ٻڏندڙن جون ٽريون رڳو غلامن جون.

نوجوان سڪندر انڊيا کي فتح ڪيو.
ڇا هُو اڪيلو هيو؟
سيزر گالس[4] کي هارايو
ڇا، ايٽريقدر جو ڪو باورچي بہ هن سان گڏ نہ هو؟
اسپين جو فلپ رُنو

---

[1] يونان جو قديم شهر.
[2] عراق جو آڳاٽو شهر.
[3] رومي جنرل ۽ بادشاهہ
[4] قبيلي جو نالو.

جڏهن هن جو جنگي ٻيڙو ٻڏو
ڇا صرف هُو اڪيلو رُنو؟
فريڊرڪ (ٻئين) ست سالا جنگ کٽي.
ٻيو ڪنهن ٻه نه کٽي؟

هر ورق
هڪ فتح
فاتحن لاءِ شاندار طعام ڪنهن تيار ڪيا؟
هر ڏهين سال
هڪ عظيم انسان
قيمت ڪنهن ادا ڪئي؟

ڪئين ڳالهيون
ڪئين سوال
(برٽل بريچ جو نظم ”هڪ پڙهندڙ پورهيت طرفان سوال“)

بريچ جي نظم ۾ اٿاريل جي سوال جوابن لاءِ رڙيون ڪن ٿا، تن جا جو ـ مهيا ڪرڻ تاريخ جو ڪم آهي. ان ڪم کي خاص علمن جي ماهرن جي ننڍي گروهه يا اُهي جيڪي اهڙي عياشي ڪري سگهن، انهن جو ڪم نه سمجهڻ گهرجي. تاريخ ’بي معنيٰ‘ ناهي، جيئن موٽر ڪار جي وڏي پيداوار جي باني، ٽريڊ يونين ازم (مزدور جماعتن) جي سخت دشمن ۽ ايڊولف هٽلر جي مداح هينري فورڊ دعويٰ ڪئي.

تاريخ انهن واقعن جي ترتيب آهي، جن اسان کي هاڻوڪي زندگيءَ تائين پهچايو آهي. تاريخ جو داستان ٻڌائي ٿو ته اسان پنهنجو پاڻ تائين ڪيئن پهتا آهيون. جنهن دنيا ۾ اسين رهون ٿا، جيڪڏهن ان کي وڌيڪ تبديل ڪرڻ چاهيون ته ڪيئن ڪريون. تاريخ اُن سمجهه جي ڪنجي آهي. مطلق العنان آمر جيڪي جارج اورويل جي ناول ”1984“ ۾ رياست کي ڪنٽرول ڪن ٿا، انهن جي نعرن مان هڪ آهي ته ’جيڪو ماضيءَ تي دسترس رکي ٿو سو مستقبل کي هلائي ٿو.‘ ان نعري کي بريچ جي ’سوالن‘ ۾ بيان ڪيل محلن ۾ رهندڙن ۽ خاص طعامَ کائيندڙن سدائين سنجيدگيءَ سان ورتو آهي.

اٽڪل 22 صديون اڳ هڪ چيني شهنشاهه انهن ماڻهن لاءِ موت جو حڪم جاري ڪيو جن ’حال تي تنقيد ڪرڻ لاءِ ماضيءَ کي استعمال ڪيو.‘ 15 هين صديءَ ۾ جڏهن ’ازٽيڪس[1] (Aztecs) ميڪسيڪو جي ماٿريءَ کي فتح ڪيو ته اُنهن اڳوڻين

---

[1] وچ ميڪسيڪو جا اُهي اصلوڪا رهواسي جيڪي اسپيني حملي وقت اُتي وڏي تعداد ۾ آباد هئا

رياستن جي دستاويزن ۽ لکڻين کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ وري جڏهن 1620ع ڌاري اسپينين ساڳئي خطي کي فتح ڪيو ته انهن ازٽيڪس جو سمورو رڪارڊ تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

گذريل صديءَ ۾ به ڪو وڏو فرق نه هو. هٽلر جهڙن اڳواڻن جي سرڪاري تاريخ نويسن کي للڪارڻ جي معنيٰ: جيل، جلاوطني يا موت هئي. فقط 30 سال اڳ اسپيني تاريخ نويسن کي گُرنيڪا جي باسق شهر تي ٿيل بمباريءَ جي تهه تائين وڃڻ يا هنگريءَ جي تاريخدانن کي 1956ع وارن واقعن بابت تحقيق ڪرڻ جي اجازت نه ڏني وئي. تازو ويجهر ۾ يونان ۾ منهنجن دوستن مقدمن کي منهن ڏنو ڇاڪاڻ ته اُنهن رياستي موقف کي للڪاريو ته ڪيئن يونان پهرين عالمي جنگ کان اڳ مقدونيا جي ڪجھ حصي کي زوريءَ پاڻ سان ڳنڍي ڇڏيو هو.

اولهه جي صنعتي ملڪن ۾ ظاهري رياستي ڏاڍ نسبتن گهٽ نظر اچي ٿو پر سماج کي قابو ڪرڻ جا ڳجها طريقا اُتي سدائين کان رهيا آهن. هن وقت جڏهن آئون هي ڪتاب لکان پيو تڏهن هڪ نئين ليبر (برطانوي) حڪومت اسڪولن تي زور پري پئي ته اُهي برطانوي تاريخ ۽ برطانوي حاصلاتن کي زور ونرائين، ته جيئن شاگرد عظيم برطانيا جا تاريخ ساز ڪارنامه ۽ شخصيتن جا نالا ياد رکن. اعليٰ تعليمي ادارن ۾ تاريخ نويس گهڻو ڪري اڳوات قائم ٿيل راين سان مطابقت ۾ هوندا آهن ۽ اُهي ئي تمغا وصول ڪندا آهن. جڏهن ته اُهي جيڪي اهڙن راين (سرڪاري موقف) کي للڪارين ٿا، تن کي يونيورسٽين جي اهم عهدن کان پري رکيو وڃي ٿو. اهڙيءَ صورتحال ۾ توهان کي پنهنجي ذات کي ترقي ڏيارڻ لاءِ 'مصلحت' ۽ 'مصلحت' جو ئي رستو وڃي بچي ٿو.

پهرين فرعون جي وقت (5 هزار سال اڳ) کان وٺي حڪمرانن تاريخ کي پنهنجن ۽ پنهنجن پوئيرن جي 'ڪارنامن' جي فهرست طور پيش ڪيو آهي. اهڙن 'عظيم ماڻهن' بابت تصور ڪيو وڃي ٿو ته انهن شهر ۽ يادگار تعمير ڪرايا، خوشحالي آندي، ڪين عظيم ڪارنامن يا جنگي فتحن جو ذميوار قرار ڏنو ويو ۽ وري ساڳئي ريت دنيا ۾ هر خراب شيءِ لاءِ 'بڇڙن ماڻهن' کي ذميوار قرار ڏنو وڃي ٿو. تاريخ جي ابتدائي لکتن ۾ بادشاهن ۽ شهنشاهيتن جي ڪارنامن کي 'بادشاهي فهرست' طور ڳڻايو ويو. 40 سال اڳ برطانيا جي اسڪولن ۾ ساڳئي ئي قسم جي فهرستن کي تاريخ جي هڪ وڏي حصي طور پڙهايو ويندو رهيو. لڳي ٿو ته نئين ليبر حڪومت ۽ توري (Tory) حزب اختلاف ان عمل کي ٻيهر ٿاڦڻ جو ارادو رکن ٿا.

تاريخ جي انهيءَ تاويل سبب اهڙين انگ اکرن کي ياد ڪرڻ جي صلاحيت کي معلومات ۽ ڄاڻ سمجهيو وڃي ٿو. اهڙا اکر 'ياد ڪندڙ ماڻهن' کي روايتي 'ذهين شخص' واري مقابلي طور پيش ڪيو وڃي ٿو. اها تاريخ جي حقير شغل واري تاويل آهي، جيڪا ماضيءَ توڙي حال کي سمجهڻ ۾ مدد مهيا نه ٿي ڪري.

تاريخ کي ڏسڻ جو هڪ ٻيو انداز به آهي. جيڪو 'عظيم انسان' واري نقطه نگاهه جي ابتڙ آهي. اهو مخصوص واقعن کي کڻي ٿو ۽ انهن جو داستان، عام ٻُڌندڙن ۽ ڏسندڙن جي نقطه نگاهه کان ٻُڌائي ٿو. اهو انداز ماڻهن کي موهي سگهي ٿو. ٽيليوزن پروگرام جيڪي اهڙي مواد کي ڪتب آڻين ٿا، تن جا ڏسندڙ جبجهي تعداد ۾ هجن ٿا. انهن ۾ پيش ٿيندڙ اسڪولي شاگرد 'بادشاهن، تاريخن ۽ واقعن' واري پراڻي طريقي ۾ ورلي ڪا دلچسپي ڏيکارين ٿا.

پر 'هيٺان کان تاريخ' وارو اهو انداز هڪ وڏي اهم شيءِ وساري ۽ ٻلائي سگهي ٿي، سو آهي واقعن جو هڪٻئي سان لاڳاپو.

فقط هڪ واقعي ۾ شامل ماڻهن جي ڪردار تي زور ڏيڻ سان نه صرف پنهنجو پاڻ ان واقعي بابت، پر انهن قوتن جي وسيع سمجهه به نه ٿي ملي سگهي، جن قوتن اسان جي زندگين جي صورتگيري ڪئي ۽ اڄان تائين ڪن پيون. مثال طور، توهان رومن سلطنت جي اُڀار ۽ زوال کي سمجهڻ کانسواءِ عيسائيت جي اُڀار کي نه سمجهي سگهندؤ. توهان يورپي جاگيرداريت جي عظيم بحرانن ۽ يورپ کان ٻاهر ٻين ڪندن ۾ تهذيبن جي اوسر کي سمجهڻ کانسواءِ نئينءَ سجاڳيءَ دوران اُسرندڙفن کي سمجهي نه ٿا سگهو. توهان صنعتي انقلاب کي سمجهڻ کانسواءِ 19 هين صديءَ جي پورهيت تحريڪن کي نه سمجهي سگهندؤ. ۽ هاڻوڪن ۽ ٻين ڪيترن واقعن جي هڪٻئي سان لاڳاپي کي سمجهڻ کانسواءِ توهان انسانيت جي اڄوڪيءَ حالت کي سمجهڻ شروع نه ٿا ڪري سگهو.

هن ڪتاب جو مقصد اهڙي قسم جو نقطه نظر مهيا ڪرڻ جي ڪوشش آهي.

آئون انساني تاريخ جو هڪ مڪمل داستان مهيا ڪرڻ جي دعويٰ نه ٿو ڪريان. ڪنهن به دور جي هڪ تفصيلي تاريخ لاءِ ڪيتريون شخصيتون ۽ ڪيترائي واقعا لازمي هجن ٿا، جيڪي هن ڪتاب مان غائب هوندا. پر عام رجحان جيڪو اسان کي هن حال تائين وٺي آيو آهي، اُن کي سمجهڻ لاءِ ماضيءَ جي انسانن جي هر تفصيل بابت ڄاڻڻ ضروري نه آهي.

اهو شخص ڪارل مارڪس هو جنهن ان عام رجحان جي بصيرت مهيا ڪري ڏني. هن نشاندهي ڪئي ته هن ڌرتيءَ تي انسانذات پنهنجي بقا جي قابل فقط تڏهن ٿي سگهي، جڏهن اُنهن زنده رهڻ لاءِ باهمي ڪوشش ڪئي ۽ اهڙيءَ زندگيءَ جي بقا لاءِ هر نئين طريقي سندن هڪٻئي سان وسيع لاڳاپن ۾ تبديلين کي ضروري بڻايو. مارڪس جي بقول 'پيداواري رشتن' ۾ تبديلي 'پيداواري قوتن' ۾ تبديليءَ سان جُڙيل آهي ۽ نيٺ اُهي تبديليون معاشري ۾ وسيع لاڳاپن جي ڪُلي طور تي صورت بدلائڻ ڏانهن وٺي وڃن ٿيون.

بهرحال، اهڙيون تبديليون مشيني انداز سان رونما نه ٿيون ٿين. هر دور ۾ انسانذات هڪ يا ٻئي رستي سان اڳتي وڌڻ جي چونڊ ڪري ٿي ۽ انهيءَ چونڊ لاءِ وڏن سماجي

تڪرارن جي صورت ۾ ويڙهه ڪري ٿي. تاريخ ۾ هڪ مخصوص مرحلي ڪانپوءِ انسان پنهنجي چونڊ ڪيئن ٿا ڪن. ان جو دارومدار سندن طبقاتي بيهڪ سان هجي ٿو. جيئن هڪ غلام ڪي آقا ۽ هڪ هاريءَ ڪي جاگيردار جي حوالي سان مختلف چونڊ ڪرڻي پئي. انسانيت جي مستقبل لاءِ حال ۽ ماضي ۾ ٿيندڙ عظيم جدوجهدن ۾ طبقاتي ويڙهه جو عنصر شامل رهيو آهي. انهن عظيم جدوجهدن جي ترتيب هڪ اهڙو ڍانچو مهيا ڪري ٿي، جنهن جي چوڌاري باقي تاريخ جي اوسر ٿئي ٿي.

اهو نقطه نظر فردن يا سندس طرفان ڦهلايل خيالن جي ڪردار کان انڪار نه ٿو ڪري. سماج جي مادي ترقي، ماڻهن جي جيئڻ جي ڍنگ ۽ رياستن ۽ طبقن جي بناوت سبب ان نقطه نگاهه جو زور اهو رهيو آهي ته فرد يا سندن خيال فقط مخصوص ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. جسماني ڍانچو زنده جسم وانگر نه ٿو هجي، پر ڍانچي ڪانسواءِ جسم جي نوس حالت نه هوندي ۽ اهو جسم زنده نه رهي سگهندو. سيني شين کي سمجهڻ لاءِ تاريخ جي 'مادي' بنيادن کي سمجهڻ لازم ۽ اولين شرط آهي، پر اهو ڪافي ناهي. تنهنڪري هي ڪتاب دنيا جي تاريخ جو تعارفي خاڪو مهيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ ان کان وڌيڪ بيو ڪجهه به نه. پر مون کي اميد آهي ته هيءُ خاڪو ڪجهه ماڻهن کي ماضي ۽ حال ٻنهي کي سمجهڻ ۾ مدد ڪندو.

هي ڪتاب لکندي آئون سمورو وقت خبردار رهندو پيو اچان ته مون کي ٻن تعصبن کي منهن ڏيڻو پوندو.

هڪ خيال هيءُ ته اڳ وارن سماجن ۽ انساني تاريخ جون مُک خاصيتون 'ناقابل تبديل' انساني فطرت جو نتيجو آهن. اها راءِ نصابي لکڻين، مک ڌارا واريءَ صحافت ۽ عام ثقافت تي هڪ جيتري حاوي آهي. اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو ته انسانذات سدائين کان لالچي، چتاپيتيءَ واري ۽ جارح رهندي پئي اچي ۽ انهيءَ نقطه نظر ذريعي جنگ، استحصال، غلامي ۽ عورت مٿان ظلم جهڙين مصيبتن جي سمجهاڻي ڏني وڃي ٿي. انهيءَ 'غار واري انسان' جي تصوير سان اولهه واري محاذ تي هڪ عالمي جنگ ۾ ٿيل خونريزي ۽ ٻيءَ عالمي جنگ ۾ ٿيل وڏيءَ تباهيءَ جي سمجهاڻي ڏني وڃي ٿي. منهنجو دليل بلڪل مختلف آهي ته 'انساني فطرت' جيئن اڄ اسان ان کي سمجهون ٿا، اها اسان جي تاريخ جي پيداوار آهي، نه ڪي ان جو مقصد. اسان جي تاريخ مختلف انساني فطرتن جي صورت بدلائيندي رهي ٿي. هڪ انساني فطرت جي جاءِ تي ٻيءَ جي والار کان اڳ وڏيون اقتصادي، سياسي ۽ نظرياتي لڙائيون ٿين ٿيون.

ٻيو تعصب جنهن کي گذريل ڏهاڪي دوران تمام گهڻو ڦهلايو ويو اُهو هي آهي ته، توڻي جو انساني معاشرو ماضيءَ ۾ تبديل ٿيندو رهيو پر هاڻي تبديليءَ جي وڌيڪ گنجائش ناهي.

آمريڪي پرڏيهي کاتي جي هڪ صلاحڪار فرانسس فوڪوياما کي بين الاقوامي

مجيتا ڏني وئي، جڏهن هن 1990ع ڌاري پنهنجو پيغام پکيڙيو. هن هڪ مضمون ۾ دعويٰ ڪئي تہ اسان ’تاريخ جي پڇاڙيءَ‘ جو دور ڏسي رهيا آهيون. ان پيغام کي سڄيءَ دنيا ۾ ڦهلائڻ لاءِ اهو مضمون انيڪ اخبارن ۾، مختلف ٻولين ۾ ڀيهر ڇپرايو ويو. هزارين اخباري ايڊيٽر ۽ ٽيليويزن مالڪ متفق ٿيا تہ وڏا سماجي تڪرار ۽ عظيم نظرياتي جاکوڙون ماضيءَ جو قصو بڻجي چڪيون آهن. لنڊن اسڪول آف اڪانامڪس جي ڊائريڪٽر ۽ برطانيا جي نئين ليبر وزيراعظم جي محبت ۾ گرفتار سماجي ماهر انٿني گڊينس 1998ع ۾ ساڳئي پيغام کي ورجائيندي ”Third Way“ (ٽيون گس) جي عنوان سان هڪ ڪتاب لکيو جنهن کي تمام گهڻ پڙهيو ويو. هن لکيو تہ ’اسان هڪ اهڙيءَ دنيا ۾ رهون ٿا، جتي سرمائيداريت جو ڪو متبادل ناهي.‘ هيءَ وسيع پيماني تي مڃيل مفروضي کي قبوليندي، ان جو ورجاءُ ڪري رهيو هو. اهو هڪ ناپائيدار مفروضو آهي.

هڪ ملڪ جي مجموعي پيداوار کي منظم صورت ڏيڻ واري طريقي طور سرمائيداريت مس ٽي يا چار صديون پراڻي آهي. سڄي دنيا جي مجموعي پيداوار کي منظم صورت ڏيڻ واري طريقي طور سرمائيداريت وڌ ۾ وڌ 150 سال پراڻي آهي. صنعتي سرمائيداريت کي پنهنجن وڏن شهرن، وسيع پيماني تي تعليم ۽ مارڪيٽن تي گڏيل آڌار سان پوريءَ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجندي فقط 50 سال مس ٿيا آهن. جڏهن تہ انسانن کي هن ڌرتيءَ تي هوندي ڏهہ لک سالن کان وڌيڪ عرصو ٿي چڪو آهي ۽ جديد انسانن کي تيار ٿئي هڪ لک سالن کان وڌيڪ عرصو ٿيو هوندو. بيشڪ حيرت جهڙي ڳالهہ آهي، جيڪڏهن شين کي هلائڻ وارو هڪ طريقو جيڪو انساني مخلوق جي زندگيءَ جي عرصي ۾ فقط 0.5 سيڪڙو کان وجود رکي ٿو سو سدائين لاءِ قائم دائم رهڻو آهي. جيڪڏهن انساني زندگيءَ جي مدت تمام ٿورڙي هجي تہ پوءِ شايد ٿي سگهي ٿو. فوڪوياما ۽ گڊينس جون سموريون لکڻيون هڪ ڳالهہ جي تصديق ڪن ٿيون تہ گهڻ ۾ گهڻ هڪ معاملي ۾ ڪارل مارڪس دُرست چيو هو تہ ’سرمائيداريءَ جي تاريخ هئي ۽ هاڻي وڌيڪ نہ هوندي.‘

انساني مخلوق جي تازي تاريخ ترقيءَ واري رستي تي سڌي لڪير ۾ هموار نموني ڪا نہ وڌي آهي. اها مسلسل اُٿلن پٿلن، پيانڪ جنگين، خونخوار گهرو لڙائين، پُرتشدد انقلابن ۽ ردانقلابن جي داستانن سان ڀريل رهي آهي. اُهي دور جڏهن لڳو پئي تہ انسانن جي وڏي اڪثريت کي خوشحال ٿيڻو آهي، ان کان اڳ ڪيترن ڏهاڪن يا صدين تائين انسانن اٿاهہ سُڃائيءَ ۽ خوفناڪ تباهيءَ کي پوڳيو.

اهو سچ آهي تہ انهن سيني هاڃن ذريعي انسانن فطرت جي قوتن کي ضابطي هيٺ آڻڻ ۽ استعمال ڪرڻ جي قابليت ۾ اهم واڌارا ڪيا. اڄ کان هزار سال اڳ جي ڀيٽ ۾ هاڻي اسان وٽ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ اٿاهہ ۽ وسيع صلاحيت آهي. اسان هڪ اهڙيءَ دنيا ۾ رهون ٿا جنهن ۾ هاڻي فطري قوتون انسانن کي بُک يا سيءَ وگهي مارڻ جي قابل نہ رهيون

آهن، جنهن ۾ بيماريون جيڪي ڪنهن دور ۾ انسانن کي هيبت ۾ وجهي ڇڏينديون هيون، سي سدائين لاءِ ختم ٿي رهيون يا ٿي ويون آهن.

پر ٻُڪ، ڪاڏي جي ڪوٺ ۽ جنگ ذريعي لکين زندگين جي وقفن وقفن سان ٿيندڙ بربادي کي ان پنهنجو پاڻ ختم نه ڪيو آهي. 20 هين صديءَ جو رڪارڊ ان ڳالهه جي تصديق ڪري ٿو. ان صديءَ ۾ صنعتي سرمائيداريءَ آخرڪار سڄيءَ دنيا کي وڪوڙي ڇڏيو. ايتريقدر جو هاڻي ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ هاري يا ڏنار پڻ هڪ حد تائين مارڪيٽ تي انحصار ڪن ٿا. ماضيءَ جي ڪنهن به دور ۾ جنگ، ڪوس، مفلسي ۽ وحشانيت اهڙي نه ٿي، جيڪا هن صديءَ ۾ ٿي، ايتريقدر جو لبرل فلسفي Isaiah برلن ان کي 'اولهه جي تاريخ جي سڀ کان ڀيانڪ صدي' ڪوٺيو. 20 هين صديءَ جي آخري ڏهاڪن ۾ اهڙو ڪجهه به نه ٿيو جنهن مجموعي طور تي انسانذات لاءِ جادوئي طور تي خوشحالي آندي هجي. انهن ڏهاڪن اڳوڻي اوڀر واري بلاڪ جي ڪُلي طور تي مُفلسي، مسلسل ڏُڪار ۽ آفريقا جي مختلف حصن ۾ اڻ کٽ گهرو جنگيون، اڌ کان وڌيڪ لاطيني آمريڪي عوام جي زندگي غربت جي لڪير کان به هيٺ، عراق ۽ ايران جي وچ ۾ اٺن سالن جي جنگ ۽ عراق ۽ سربيا خلاف دنيا جي سڀ کان طاقتور اتحادن طرفان ڪيل جنگي ڪاهون ڏٺيون.

تاريخ ختم نه ٿي آهي ۽ اُن جي مکيه خاصيتن کي سمجهڻ جي ضرورت سدائين وانگر اڄ به اهم آهي. مون هي ڪتاب ان اُميد سان لکيو آهي ته اهو ان نقطه نظر کي سمجهڻ لاءِ ڪجهه ماڻهن جي مدد ڪندو.

ائين ڪندي مون لازمي طور تي ڪيترين اڳوڻين ڪوشش تي ڀاڙيو آهي. مثال طور عظيم آسٽريلوي ماهر آثاريات وي گورڊن چِڊي جي لکيل ڪانسواءِ 'طبقاتي سماج جي اُڀار' وارو ڀاڱو لکڻ ناممڪن ٿئي ها. سندس پنهنجو ڪتاب 'تاريخ ۾ ڇا ٿيو' (What Happened in History) وري وري پڙهڻ جهڙو آهي. ساڳئي ريت 'وچين دور جي دنيا' واري ڀاڱي جو گهڻو حصو مارڪ بلاڪ جي ڪلاسڪ ڪمن جي مرهون منت ۽ فرانسيسي تاريخ نويسن جي دستاويزن جو نتيجو آهي. ٽوني ڪلف، ٽراٽسڪي، ڪرسٽوفر هل، گي بياس، البرٽ سوبل، ايڊورڊ ٿامپسن سميت ڪوڙ سارا نالا آهن، جن جي محنتن جو رنگ هن ڪتاب ۾ شامل آهي. مون کي اُميد آهي ته منهنجو ڪتاب ماڻهن کي انهن جون لکيون پڙهڻ لاءِ همٿائيندو. جيڪڏهن ڪي ماڻهو وڌيڪ تفصيل پڙهڻ چاهين ته مون ڪتاب جي آخر ۾ وڌيڪ لکڻين جي مختصر فهرست ڏني آهي.

اِتهاس جو ڇيهه ۽ سڀ ڪجهه تاريخون نه ٿيون هجن، پر ڪڏهن ڪڏهن واقعن جي ترتيب تمام اهم هوندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پڙهندڙن (۽ ايتريقدر جو لکندڙن) لاءِ پڻ مسئلو ٿي پوي ٿو. تنهنڪري هر ڀاڱي جي ابتدا ۾ مخصوص دور جي وڏن واقعن جي تاريخن جي ترتيبوار فهرست ڏني اٿم. ساڳئي ريت ڪتاب جي آخر ۾ نالن، جاين

۾ غيرمقبول اصطلاحن بابت سمجهاڻي ڏني اٿم. اهي سمجهاڻيون ڪي جامع ناهن، پر ماڻهن، واقعن ۾ جاگرافيائي هنڌن بابت سمجهڻ ۾ آساني ٿينديون.

آخر ۾ آئون تمام گهڻن ماڻهن جو ٿورائتو آهيان، جن هن ڪتاب کي مڪمل ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي، جن ۾ آئن برچال، ڪرس بامبري، اليڪس ڪالنيڪوس، چارلي هور، چارلي ڪمبر، لنڊسي جرمن، طلعت احمد، حسن محمدالي، سيٽ هرمن، پال ميڪ گار، مائيڪ هينز ۽ ٿي پتاچاريا، جان ريز ڪيون ۽ سيم اشمان شامل آهن. خاص ڪري آئن ٽيلر ۽ راب هوومن جو ٿورائتو آهيان، جن هن مسودي ۾ درستگيون ڪيون.

ڀاڱو پهريون

طبقاتي معاشرن جو اُسرڻ

واقعن جي ترتيبوار تاريخ

40 لک سال اڳ:

Australopithecus _ ٻن ٽنگن تي هلندڙ پهريان باندر

15 کان 5 لک سال اڳ:

واضح انساني مخلوق، هومو اريڪٽس، پٿر، ڪاٺ ۽ هڏن جا اوزار. اوائلي 'پٿر وارو پراڻو زمانو'

4 لکن کان 30 هزار سال اڳ:

يورپ ۽ وچ اوڀر ۾ نيندرٿل انسان، ثقافت ۽ ٻوليءَ جي استعمال جون علامتون

1 لک 50 هزار سال اڳ:

پهريان 'جديد انسان' (هومو سيپينس سيپينس)، گهٽ ڪري آفريقا ۾ پيدا ٿيا. هيڏانهن هوڏانهن ڦرندي (طبقن، رياست يا جنسي ظلم کانسواءِ ننڍين خانه بدوش گروهن ۾) جيئڻ. وچون 'پٿر جو پراڻو زمانو'

80 کان 14 هزار سال اڳ:

جديد انسان وچ اوڀر پهتا (80 هزار سال اڳ)؛ آسٽريليا ويا (40 هزار سال اڳ)؛ يورپ پهتا (30 هزار سال اڳ)؛ آمريڪا ۾ نڪاٽا ٺاهيائون (14 هزار سال اڳ)؛ پوين 'پٿر جو پراڻو زمانو'.

13 هزار سال اڳ:

آبهوائي تبديليءَ ڪجهه انسانن کي ڳوٺن ۾ ڪجهه سٺو مضبوط جوڙن ۾ رهڻ جي اجازت ڏني. جڏهن ته هيڏانهن هوڏانهن ڦرندي زنده رهڻ جاري رهيو. 'وچون پٿر وارو زمانو' (ميسوليٿڪ)

10 هزار سال اڳ:

پهريون زرعي انقلاب وڻن ۽ جانورن جي پالنا. نيوليٿڪ (پٿر وارو نئون زمانو). وڏيڪ جديد اوزار، ٽانون جو استعمال. ڳوٺن ۾ رهائش جو ڦهلاءُ. گروهن جي وچ ۾ پهرين باقائده جنگ اجان تائين طبقن يا رياستن ۾ ورچ نه ٿي هئي.

7 هزار سال اڳ:

يوروشيا ۽ آفريقا ۾ پوک جي ابتدا. زراعت اتر اولهه يورپ پهتي. ڪجهه گروهن ۾ 'سردار' پر طبقا يا رياستون نه.

6 کان 5 هزار سال اڳ؛

وچ اوڀر ۽ نيل ماٿريءَ جي دريائي وادين ۾ 'شهري انقلاب'، ڪجهه پِتل جو استعمال

5 هزار سال اڳ (3 هزار قبل مسيح)؛

اڳاٽيءَ عراق ۽ مصر جي 'پراڻي بادشاهت' ۾ رياستن جو ظهور. پهرين صورتخطي، ڪنجهي جي دريافت، مذهبي درجي بنديون ۽ مندر. 2800 ق. م ۾ پهريان احرام. 'ڪانجهي جو دور'. عورت کي مرد کان ڪمتر سمجهڻ وارو رجحان

4500 کان 4 هزار سال اڳ (2500 کان 2000 ق م)؛

سنڌو ماٿريءَ ۾ شهري رياستون. وچ اوڀر کي متحد ڪرڻ لاءِ سارگن جي پهرين سلطنت. اولهه يورپ ۾ پٿر جي مُنڊين جو ٺهڻ. مصر جي ڏکڻ ۾ نيوبين تهذيب

4 هزار سال اڳ (اٽڪل 2 هزار ق م)؛

'اونداهو دور' ــــ عراقي سلطنت ۽ مصري 'پراڻي بادشاهت' جو زوال. ايشيا مائنر ۾ لوهه کي ڳارڻ.

4 کان 3 هزار 600 سال اڳ (2 هزار کان 16 سئو ق م)؛

ڪريٽ ۾ 'منوئن' تهذيب جو اڀار. 'وچين بادشاهت' سان مصر ۽ حمورابيءَ هيٺ عراقي سلطنت جي بحالي. اترئين چين ۾ شهري انقلاب جي اڏام. يونان ۾ مائي سنائي تهذيب.

3،600 سال اڳ (1600 ق م)؛

مصر ۾ بحران، 'وچين بادشاهت' جي زوال سان 'ٻئين وچولي دور' جي ابتدا. ڪريٽ، انڊس ۽ پوءِ مائي سنائي تهذيبن جي زوال سان اونداهي دور جي ابتدا. انهن علائقن ۾ تعليم غائب. اترئين چين ۾ شينگ سلطنت ۾ 'ڪانجهي جو دور'.

3 هزار سال اڳ (1000 ق م)؛

ايٿوپيا ۾ Uxum تهذيب. ميڊيٽرين جي چوڌاري فونيشين شهري رياستن جي ترقي. اولميڪ ثقافت سان 'ميسو ــ آمريڪا' ۾ 'شهري انقلاب' ۽ اينڊين خطي ۾ چيون سان.

2،800 کان 2،500 سال اڳ (800 کان 500 ق. م)؛

انڊيا، اٽلي ۽ يونان ۾ نين تهذيبن جو جنم. نيبيا ۾ ميريو.

2،500 کان 2،000 سال اڳ (400 کان 1 ق. م)؛

ميسو ــ آمريڪا جي اولميڪ تهذيب لکڻ جي پنهنجي صورت ايجاد ڪري ورتي.

2،000 سال اڳ (پهرين صدي عيسوي)؛

ميڪسيڪو جي ماٿريءَ ۾ ٽيوٽئاڪين جو اُڀار. شايد دنيا جو سڀ کان وڏو شهر. ٽوٽي جو سخت ڌاتن جو استعمال نہ ٿيندو هو. 400 سالن کانپوءِ ڦتو ڪيل. ڏاکڻي ميڪسيڪو ۽ گوئيٽي مالا ۾ مايا ۽ مونٽي البان جي تهذيبن جو اوج.

تمهيد

طبقن کان اڳ

اسان جيئن ئي 21 صديءَ ۾ داخل ٿيون ٿا تہ دنيا ۾ لالچ، غريب ۽ امير جي وچ ۾ اڻبرابري، نسل پرستي ۽ ڪٽر قومپرستي، بربريت ۽ ڀيانڪ جنگيون لڳندي نظر اچن ٿيون. اهو مڃڻ ۽ تسليم ڪرڻ تمام آسان آهي تہ شيون ۽ لقاءَ جيئن آهن، اهي سدائين کان ائين ئي رهيا آهن، تنهنڪري ان کان مختلف نہ ٿا ٿي سگهن. اهڙو پيغام لاتعداد ليکڪن ۽ فلسفين، سياستدانن ۽ سماجي ماهرن، صحافين ۽ نفسياتدانن سڄي جهان ۾ ڦهلايو آهي. اهي درجي بندي واري سرشتي، فرمانبرداريءَ، لالچ ۽ بربريت کي انساني ورتاءَ جي 'فطري' خاصيتن طور پيش ڪن ٿا. بيشڪ انهن مان ڪجهہ تہ ان کي حيواني بادشاهت جي موروثيت (جينيات[①] Genetics) جي نام نهاد 'قانونن' طرفان مڙهيل اٽر ۽ لازمي 'سماجي حياتياتي' خاصيت طور ڏسن ٿا.[1] ان حوالي سان اڻ ڳڻيا مقبول 'سائنسي' ڪتاب لکيا ويا آهن، جن ذريعي اهڙي موقف جي پرچار ڪئي وئي آهي تہ انسان 'اگهاڙو باندر' (Desmond Morris)[2]، 'اٽر قاتل' (Robert Ardrey)[3] ۽ انهن کان بہ وڌيڪ جديد ۽ پُرڪشش صورت ۾ 'خودغرض جين' (Richard Dawkins)[4] طور پيش ڪيو ويو آهي.

لکت واري تاريخ کان اڳ لاتعداد پيڙهين دوران اسان جي وڏڙن جي زندگين بابت اسين جيڪو ڪجهہ ڄاڻون ٿا، فقط ان منجهان اهڙن پٿر واري دور جي مذاحيا خاڪن مان انساني چال چلت بابت دُرست ڪاٿو نہ ٿو لڳائي سگهجي. سائنسي شاهدين جا انبار ثابت ڪن ٿا تہ انهن آڳاٽن معاشرن جون خاصيتون ظلم، ڇتاپڻي ۽ اڻبرابري نہ هيون. ان بجاءِ اهي خاصيتون تاريخ ۽ خاص ڪري تازيءَ تاريخ جي پيداوار آهن. سڄي دنيا ۾ انساني چال چلت جي ڍنگن بابت فقط 5 هزار سال اڳ تائين قديم آثارن مان مليل شين مان ثابتيون ملن ٿيون ۽ ساڳئي انداز سان دنيا جي مختلف علائقن جي سماجياتي مطالعن ۽ تحقيقن، جن 19 هين ۽ 20 هين صديءَ جي ابتدائي عرصي تائين منظم صورت ورتي، تن مان پڻ مٿين دعوائن جي ابتڙ معلومات ملي آهي. بشريات جي ماهر (Anthropologist) رچرڊ لي پنهنجي کوجنا کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

'رياست ۽ سماجي اڻبرابريءَ واري خندق کوٽجڻ کان اڳ ماڻهو هزارين سالن تائين

---

① (حياتيات جي شاخ، جيڪا وراثت ۽ جاندارن جي قسمن ۾ تبديليءَ واري اڀياس تي ٻڌل هجي.)

ننڍي پيماني تي رت جي رشتن (برادري، خاندان) تي ٻڌل سماجي گروهن ۾ رهندا هئا، جن جي معاشي زندگيءَ جي مُک ادارن ۾ زمين ۽ وسيلن جي گڏيل يا اجتماعي ملڪيت، ڪاڏي جي ورڇ ۾ برابري جي بنياد تي ڏي وٺ ۽ نسبتن سيني جا برابريءَ وارا سياسي لاڳاپا شامل هئا.'[5]

ٻين لفظن ۾، ماڻهن هڪٻئي سان پائيواري تي ڪئي ۽ هڪٻئي جي مدد تي ڪئي، انهن ۾ ڪوبه حاڪم نه هو ۽ نه ئي ڪو محڪوم، نه غريب ۽ نه ئي امير. ليءَ جي ڳالهه 'اوائلي ڪميونزم' وارو پڙاڏو آهي، جنهن کي 1880ع ۾ فريڊرڪ اينگلس ڪتب آندو. اها ڳالهه انتهائي اهم آهي. اسان واري مخلوق (جديد انسان، يا هومو سيپين سپينس) هڪ لک سال پراڻي آهي. انساني چال چلت ۽ ورتاءَ جون ڪيتريون صورتون، جيڪي اڪثر 'انساني فطرت' سان منسوب ڪيون وڃن ٿيون، انهيءَ وقت جي 95 سيڪڙو حصي ۾ اُهي خاصيتون هيون ئي ڪونه. اسان جي حياتيات ۾ اهڙي ڪابه شيءِ اڳوات شامل ناهي، جنهن کي هاڻوڪن سماجن کي ٺاهيو هجي. اسان هڪ نئين هزاريي (هزار سال) ۾ پيش ايندڙ پريشانيءَ ۽ ڳجهارت جو الزام ان تي نه ٿا هڻي سگهون.

اسان جي مخلوق جي بڻ بنياد جا پيرا هڪ لک سالن کان وڌيڪ پوئتي واري اٿچڻي ڏنڌ ڏانهن وڃن ٿا. اسان جا ڏورانهان مائٽ باندر جي هڪ نسل مان ارتقا ڪري آيا، جيڪي اٽڪل چاليهه يا پنجاهه لک سال اڳ آفريقا جي مختلف علائقن ۾ رهندا هئا. ڪن نامعلوم سببن جي ڪري ان مخلوق جي ڪجهه ماڻهن وڻن تي رهڻ ڇڏي ڏنو ائين جيئن اسان جي سڀ کان ويجهڙي مائٽ جانور عام بن مانس (Chimpanzee) ۽ ٻنبو (جنهن کي گهٽو ڪري بونو بن مانس سڏيو وڃي ٿو) ۽ اُيو تي هلڻ شروع ڪيو. اُهي ڪنهن به ٻئي کير ڏيندڙ مخلوق کان وڌيڪ تعاون ڪرڻ، پاڙون پٽڻ، وڻن تان ميوا چاٽڻ، جيت جٽيا گڏ ڪرڻ، ننڍن جانورن کي مارڻ ۽ شڪارخورن کي ڀڄارڻ لاءِ اوائلي اوزار ٺاهڻ خاطر گڏجي ڪم ڪرڻ (جيئن ڪڏهن ڪڏهن بن مانس ڪن ٿا) ذريعي پنهنجي نئين ميدان تي زنده رهڻ جي قابل ٿي پيا. بنيادي طرح ان جو ڪارڻ هڪٻئي خلاف مقابلو ڪرڻ نه پر هڪٻئي سان تعاون ڪرڻ ئي هو. ان جي ابتڙ جيڪي اهڙي قسم جي باهمي پورهيي جي صورتن سان گڏوگڏ ذهني ورتاءَ جي ڍنگن کي اپنائڻ ۽ قبولڻ نه سڪي سگهيا، سي فنا ٿي ويا.

لڪين سالن ڪانپوءِ هڪ کير ڏيندڙ جانور جنهن جي موروثي جينيات ٻين کير ڏيندڙ جانورن کان گهٽي مختلف هئي، ان جي ارتقا ٿي. اُن ۾ انتهائي خاص قسم جي جسماني خاصيتن جي کوٽ هئي، جيڪي کير ڏيندڙ جانورن کي پنهنجو پاڻ بچائڻ (مثال طور ڊگها ڏند يا چنبا)، پاڻ کي گرم رکڻ (وارن واري چمڙي) يا تيز ڊوڙڻ (ڊگهيون ڄنگهون) جي لائق بڻائين ٿيون. ان بدران پنهنجن هٿن جي استعمال سان شين کي جهلڻ ۽ ٺاهڻ جي قابليت، هڪٻئي سان ڳالهه ٻولهه لاءِ پنهنجن آوازن کي ڪتب آڻڻ جي صلاحيت،

پنهنجي چوڌاري موجود دنيا بابت جاچ، مطالعو ۽ ان منجهان عام نتيجا ڪڍڻ جي قابليت ۽ ٻارن جي ڊگهي پرورش ذريعي پنهنجا هنر ۽ سکيا ٻين ڏانهن منتقل ڪرڻ جي قابليت سبب ابتدائي انسانن ۾ پنهنجي چوڌاري دنيا جي ردعمل ۾ موروثي طور تي انتهائي لچڪداريت هئي. انهن سڀني خاصيتن لاءِ وڏن دماغن ۽ سماجي لاڳاپن جي خواهش ۽ قابليت جو واڌارو گهربل هو. ان سان گڏوگڏ هڪٻئي سان رابطو ڪرڻ جي ذريعن (ٻولي) ۾ ترقي ٿي، جيڪا ڪنهن بہ ٻئي جانور جي خاصيت کان صفاتي طور تي مختلف هئي ۽ ان سان گڏ شين بابت تصور ڪرڻ جي صلاحيت جيڪا فقط ترت موجود حقيقت بابت نہ، پر پنهنجي چوڌاري دنيا ۾ اندروني طور تي پنهنجو پاڻ بابت شعور پيدا ڪري.[6] اٽڪل هڪ لک پنجاهہ هزار سال اڳ انهيءَ عمل جي عُروج سان گهٽو ڪري آفريقا ۾ جديد انسانن جو ظهور ٿيو.[7]

. اٽڪل 90 هزار سالن تائين اسان جي ابن ڏاڏن جا گروهہ آهستي آهستي آفريقا کان ٻاهر ڌرتيءَ جي ٻين حصن ۾ ڦهلجي ويا ۽ ائين ڪندي اُنهن ٻي انساني مخلوق، جهڙوڪ: نينڊرٿل کي هٽائي ڇڏيو.[8] گهٽ ۾ گهٽ 60 هزار سال اڳ اُهي وچ اوڀر تائين پهتا هئا. 40 هزار سال اڳ اُنهن اولهہ يورپ تائين ۽ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان آسٽريليا کي ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ٻيٽن کان الڳ ڪندڙ ساموندي پٽي ٽُپي پنهنجا رستا ٺاهي ورتا. سڀ کان آخر ۾ 12 هزار سال اڳ اُهي ڄميل بيرنگ (Bering) وارو سوڙهو لنگهہ پار ڪري آمريڪا پهتا ۽ انٽارڪٽيڪا کانسواءِ هر کنڊ ۾ پکڙجي ويا. ننڍن گروهن جي صورت ۾ انهن پنهنجو پاڻ اهڙن هنڌن تي ٽڪائي ڇڏيو، جيڪي گهٽو ڪري هزارين سالن تائين مڪمل طور تي هڪٻئي کان ڪٽيل رهيا (رجندڙ برف بيرنگ سوڙهي لنگهہ کي ناقابل گُذر بڻائي ڇڏيو ۽ سمونڊ جي سطح کي وڌائي، ڏکڻ اوڀر ايشيا کان آسٽريليا ڏانهن لنگهہ کي ڏکيو بڻائي ڇڏيو). سنڌن ٻوليون هڪٻئي کان بلڪل مختلف نموني وڌيون ويجهيون ۽ هر هڪ آباديءَ معلومات جو پنهنجو خزانو کٺو ڪيو ۽ سماجي تنظيم ۽ ثقافت جون مختلف صورتون پيدا ڪيون. انهن ۾ هڪٻئي کان مختلف ڪجهہ ننڍيون موروثي خاصيتيون (اکين جو رنگ، وار، چمڙي ۽ گهٽو ڪجها) پيدا ٿيون، پر مختلف گروهن جو جينياتي ورثو (موروثيت) انتها حد تائين ساڳيو رهيو. هر هڪ گروهہ جي وچ ۾ فرق سدائين انهن فرقن کان وڏا رهيا. اُنهن سڀني ۾ هڪٻئي جي ٻولي سکڻ جي هڪ جيتري صلاحيت هئي ۽ اُنهن سڀني ۾ سمجهہ جي لياقت جو ساڳيو ڦهلاءُ هو. انساني مخلوق ڇڙوڇڙ گروهن ۾ وڏي پيماني تي هڪٻئي کان الڳ هئي، پر اُها هڪ ئي مخلوق رهي. هر هڪ گروهہ ڪيئن ترقي ڪئي، ان جو مدار سنڌن جينياتي بناوت جي ڪنهن بہ اهڙي مخصوص شيءِ تي نہ هو پر ان تي ڇڏيل هو تہ اُهي ڪيئن پنهنجي مخصوص ماحول ۾ زندهہ رهڻ لاءِ گهربل فائديمند هنرن ۽ تعاون جي صورتن کي اپنائين ٿا. قبوليت (اپنائيت (adoption) جي اها صورت هر هڪ سماج

جي منفرد روايتن، روين، ڏند ڪٿائن ۽ رسمن جي ظهور سان مختلف سماجن جي تهہ ۾ ڪارفرما رهي.

10 هزار سال اڳ تائين مختلف سماجن ۾ ڪي عام بنيادي خاصيتون ساڳيون هيون. ڇاڪاڻ تہ اُنهن سڀني ذري گهٽ ساڳئي طريقي ۽ ڍنگ سان پنهنجو کاڌو اجهو ۽ لٽو حاصل ڪيو. هيڏانهن هوڏانهن 'چرڻ' ذريعي، قدرتي خوراڪ (ميوا ۽ خُشڪ ميوا، پاڙون، جهنگلي جانور، مڇي ۽ گونگهو (سپ مڇي) کي پڪڙڻ ۽ مارڻ ذريعي ۽ انهن کي استعمال ڪرڻ وارو طريقيڪار ساڳيو هئن. انهن سڀني معاشرن کي عام طور تي 'شڪاري' يا اڃان بهتر 'هيڏانهن هوڏانهن چرڻ' وارا سماج سڏيو ويچي ٿو.[9]

فقط ڪجهہ سئو سال اڳ تائين دنيا جي وسيع خطن ۾ ڪيترائي انسان زندهہ رهيا ۽ باقي بچيل ٿورا هن لکت تائين وجود رکن ٿا. انهن جو مطالعو ڪندي علم الانسان (علم بشريات) جا ماهر جهڙوڪ: رچرڊ لي ۽ ٻيا زندگيءَ بابت جيڪي نتيجا ڪڍڻ جي قابل ٿيا آهن، اُهو اسان واري مخلوق جي مجموعي تاريخ جي زندگيءَ جو گهٽ ۾ گهٽ 90 سيڪڙو ٿئي ٿو.

غيرمهذب 'وحشي' ماڻهن بابت روايتي اولهہ طرفان پيش ڪيل تصوير حقيقت کان تمام گهڻي مختلف هئي،[10] ڏکيو جياپو ۽ 'فطري حالت' هيٺ مصيبتن ڀريل زندگي، 'سڀني جي سڀني خلاف جنگ' ذريعي پنهنجي گذرسفر لاءِ سخت ۽ خونخوار جاکوڙ زندگيءَ کي 'بڇڙو، وحشي ۽ مختصر' ٻڌائي ڇڏيو.[11]

ماڻهو 30 يا 40 ڄڻن جي ٽڙواڳ جٿن ۾ رهيا. جيڪي وقفي وقفي سان ٻين گروهن سان گڏجي 200 تائين جا هجوم (ميڙ) ڪنا ڪندا هئا. پر اهڙن 'گروهي سماجن' ۾ زندگي وڌيڪ 'مهذب' زرعي يا صنعتي سماجن ۾ رهندڙ لکن جي تعداد ۾ ماڻهن کان يقينن وڌيڪ سخت نہ هئي. ايتريقدر جو هڪ ناميارو علم الانسان جي ماهر انهن کي 'اصلي شاهوڪار سماج'[12] سڏيو آهي.

اُنهن سماجن ۾ ڪي بہ حاڪم، آقا يا طبقاتي فرق نہ هئا. جيئن ٽرن بل (Turnbull) ڪانگو جي بندري قد وارن Mbuti بابت لکيو تہ 'ڪي بہ اڳواڻ نہ هئن، سندن ڪي بہ روايتي ڪائونسلون نہ هيون. زندگيءَ جي هر هڪ پهلو ۾...... سواءِ هڪ يا ٻن مردن يا عورتن، جيڪي ٻين کان وڌيڪ نمايان هئا يا هيون، پر اُهي بہ گهڻو ڪري عملي سببن جي ڪري...... قانون تي عمل هڪ باهمي تعاون جو معاملو هو.'[13] ماڻهو پنهنجي جيئڻ جا وسيلا مهيا ڪرڻ لاءِ ڪنهن هڪ عظيم اڳواڻ اڳيان جهُڪڻ يا هڪٻئي سان اڻ کُٽ ويڙهہ کانسواءِ هڪٻئي سان تعاون ڪندا هئا. ارنيسٽائين فريڊ پنهنجي تحقيق ذريعي ٻڌايو تہ 'مرد ۽ عورتون اهو فيصلو ڪرڻ ۾ هڪ جيترا آزاد آهن تہ اُهي پنهنجو هر ڏينهن ڪيئن ۽ ڪنهن سان گڏ گذاريندا شڪار ڪندا يا شيون چونڊڻ ويندا.'[14]

ايلينور ليڪاڪ پنهنجي دريافت ۾ ٻڌايو تہ 'ڪابہ ذاتي ملڪيت نہ هئي ۽ وٽن جنس

ڪان هٽي ڪري پورهيي ۾ ڪا خاص مهارت نہ هئي.... ماڻهو جن ڪمن لاءِ ذميوار هئا، اُنهن جا فيصلا ڪن پيا. ڪنهن بہ گڏيل سرگرميءَ کان اڳ ان گروهہ اندر اتفاق راءِ ٿيندو هو.'[15] انساني چال چلت جي خاصيت خودغرضيءَ بدران سخاوت ۽ فراخدلي هئي ۽ فرد هڪٻئي جي مدد ڪندا هئا. جيڪو ڪاڏو هٿ ڪندا هئا، اُهو پاڻ کائڻ کان اڳ ٻئي ٽولي جي ساٿين کي آڇيندا هئا.

لي راءِ ڏئي ٿو تہ 'ڪاڏو ڪڏهن بہ هڪ خاندان طرفان اڪيلي سر استعمال نہ ٿو ڪيو وڃي، اهو سدائين هڪ گروهہ يا ٽولي جي ساٿين منجهہ ورهايو وڃي ٿو.... باهمي انحصار ۽ ڏي وٺ وارو عام اصول هر ڪنڊ ۽ هر قسم جي ماحول ۾ شڪاري_چُونڊو ڪندڙ گروهن ۾ ڏٺو ويو آهي.'[16] جنهن گروهہ جو هن مطالعو ڪيو ان بابت هي وڌيڪ لکي ٿو: 'ڪُنگ'[17] ڪالهاري جا ماڻهو ('بُش مين'[①]) سختيءَ سان غيرطبقاتي ماڻهو آهن ۽ انهيءَ برابريءَ کي برقرار رکڻ لاءِ انهن اهم ثقافتي رسمن جو هڪ سلسلو ترتيب ڏنو آهي. هڪ تہ متڪبر، مغرور، ٻٽاڪي ۽ نمائشي ماڻهن جو قد گهٽائڻ ۽ ٻيو تہ جيڪي بدنصيب هجن، انهن جي مدد ڪري، کين راند ۾ واپس آڻڻ ذريعي.'[18] هڪ ابتدائي عيسائي (تبليغي) مشينري هڪ ٻئي شڪار_چُونڊو ڪندڙن جي نشاندهي ڪئي، ڪينيڊا جي مونٽاگنيس ٻڌايو تہ 'ٻن ظالمن، جن اسان يورپين مان گهڻن تي تشدد ڪيو ۽ اسان کي ايذايو انهن جو پنهنجن وڏن جهنگن ۾ راڄ نہ هو منهنجو مطلب تہ لالچ ۽ حرص.... انهن مان هڪ بہ پنهنجو پاڻ کي شيطان جي حوالي ڪندي دولت نہ ماڻي.'[19]

فريدل ٻڌائي ٿي تہ انهن منجهہ جنگ جهڙوڪر نہ هئي:

هيڏانهن هوڏانهن رُلندڙ ۽ چرندڙ گروهن جي ماڻهن وچ ۾ ڪنهن زمين جي ٽُڪري تي ويڙهہ ڪا نامعلوم ڳالهہ نہ هئي... پر مجموعي طور تي شڪاري_چُونڊو ڪندڙ گروهہ ويڙهہ جي تربيت يا ڪنهن جنگ تي تمام ٿورو وقت ڪتب آڻين ٿا. ٽولن اندر ٿيندڙ تڪرار گهڻو ڪري ڪنهن هڪ ڌر طرفان جهيڙي مان هٿ ڪڍڻ سان اُڪلائجي وڃن ٿا.[20]

اهڙيون ثابتيون اردري (Ardrey) جهڙن ماڻهن جي دعوائن کي مڪمل طور تي رد ڪن ٿيون تہ تاريخ کان اڳ واري سموري انسانيت، Australopithecus[②] جي وقت، ٻن چنگهن تي هلندڙ پهرين باندر جهڙي جانور کان وٺي تعليم جو ظهور 'اٽڪل قتل' تي ٻڌل هو 'شڪار_چُونڊو ڪندڙ ٽولا پاڻيءَ جي ڍُٻن تي وڙهيا، جيڪي گرم آفريقي سج هيٺان اڪثر ڪري ٻاڦ بڻجي غائب ٿي ويندا هئا'، اسين سڀ 'ڪائن (Cain) جا ٻار' آهيون، 'موروثي ضرورت جي پورائي لاءِ برتر هٿيارن جي واڌاري سان انساني تاريخ بدلجي وئي'.

---

① آسٽريليا جي جهنگن ۾ رهندڙ اوائلي ماڻهو

② 10 کان 40 لک سال اڳ انسانن وانگر ٻن پيرن تي هلندڙ ۽ ننڍن دماغن وارا فنا ٿيل ڪيترائي آفريقي

۾ تنهنڪري 'تهذيب' فقط هڪ سنهڙي عُمدي پرت آهي، جيڪا 'قتل عام، غلامي، ڪاٽ ڪوٽ (خصي ڪرڻ) ۽ آدم خوريءَ مان لطف اندوز ٿيندڙ جبلت کي لڪائي ٿي.'[21]

'انساني فطرت' بابت ڪنهن بہ دليل لاءِ هيءَ ڳالهہ وڏي اهميت واري آهي. جيڪڏهن اهڙي ڪا فطرت وجود رکي ٿي تہ اها شڪار ۽ چُونڊي واري ڊگهي عرصي دوران فطري چونڊ ذريعي بدلجي وئي. رچرڊ لي بلڪل درست چوي ٿو تہ:

برابر ورڇ ۽ ڀائيواريءَ جي ڊگهي تجربي، اسان جي ماضيءَ کي اِها شڪل ڏني. بظاهر درجي بنديءَ وارن سماجن ۾ زندگيءَ سان اسان جي موافقت باوجود ۽ دنيا جي ڪجھ علائقن ۾ انساني حقن جي لڪت واري اونداهي ۾ اڻچٽي سُراغ باوجود، ڪوڙ ساريون علامتون ظاهر ڪن ٿيون تہ انسانذات برابريءَ جو گهرو احساس، باهمي انحصار واري اصول سان گهري وابستگي ۽ برادريءَ واري احساس جي گهري پاڙ رکي ٿي.[22]

هڪ بلڪل ٻئي مختلف نقطہ نظر کان فريڊرڪ وون هيئڪ، مارگريٽ ٿيچر جي پسنديده معيشيتدان، شڪايت ڪئي تہ انسانن ۾ 'ڊگهي عرصي تائين دٻيل اندروني جبلتون' ۽ 'اصل کان وجود رکندڙ جذبا' رهيا آهن، جيڪي اُنهن 'احساسن' تي آڌاريل هئا 'جيڪي ننڍي ٽولي لاءِ سُٺا هئا.' جنهنڪري انسانن ۾ فقط 'ڄاڻ سُڃاڻ وارن ماڻهن سان چڱائي ڪرڻ' جي خواهش پيدا ٿي.'[23]

اصل ۾ 'انساني فطرت' تمام لچڪدار آهي. هاڻوڪي سماج ۾ اها گهٽ ۾ گهٽ ڪجھ ماڻهن کي لالچ ۽ چٽاڀيٽيءَ جي قابل بڻائي ٿي جنهن بابت هيئڪ پُرجوش نظر اچي ٿو. اُن طبقاتي سماجن ۾ انتهائي هيبتناڪ وحشتن، تشدد، اجتماعي زنا، زندهہ ساڙڻ، بدڪار عورتن کي مارڻ جي پڻ اجازت ڏني آهي. هيڏانهن هوڏانهن چَرندڙ ماڻهن جو طرز عمل بلڪل مختلف هو ڇاڪاڻ تہ سندن گُذرسفر جي گهرجن انهن منجهہ انساني برابري، بي غرضيءَ ۽ ايثار کي ضروري بڻايو.

شڪاري ۽ چُونڊو ڪندڙ لازمي طور تي هڪٻئي تي ڀاڙيندا هئا. جمع ڪندڙ ساٿي گهڻو ڪري کاڌ خوراڪ جا اعتماد جوڳا وسيلا مهيا ڪندا هئا ۽ شڪارين جي وڏي اهميت هئي. جيڪي ماڻهو شڪار جا ماهر هئا، اُهي پنهنجي روزانہ جي گذرسفر لاءِ انهن تي ڀاڙيندا هئا. جيڪي چُونڊو ڪندا هئا. جڏهن تہ اُهي جيڪي شيون جمع ڪرڻ جا ماهر هئا ۽ اُهي جيڪر ڪڏهن عارضي طور تي شيون حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيندا هئا، سي وري پنهنجي بُک کي برداشت ڪندي، انهن تي ڀاڙيندا هئا، جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان جانورن کي ماريندا هئا. بذات خود شڪار ڪنهن اڪيلي مرد هيرو طرفان نہ ٿيندو هو پر اُن لاءِ مردن جو هڪ گروهہ (جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن مدد طور عورتون ۽ ٻار بہ شامل هوندا هئا) گڏجي ڪم ڪندي، هڪ جانور (شڪار) جو پيڇو ڪندا ۽ ان کي ڦاسائيندا هئا. هر مرحلي تي مکيہ گُڻ باهمي

تعاون ۽ اجتماعي قدر هئا. انهن ڪانسواءِ هيڏانهن هوڏانهن ڦرندڙن جو ڪوبہ ٽولو ڪجھ ڏينهن کان وڌيڪ زندھ نہ رهي سگهي ها.

ان عرصي دوران عورتن مٿان مرداڻي بالادستي نہ هئي. انساني جنسن جي وچ ۾ پورهيي جي ورڇ گهٽي قدر سدائين ڪان رهي، جنهن ۾ مرد اڪثر ڪري شڪار ۽ عورتون گهٽي قدر چُونڊو ڪنديون هيون. ان جو سبب هي هو تہ هڪ حاملہ (پيٽ سان) يا ٻار کي کيرپيارينڌڙ عورت جي شڪار ۾ حصو وٺي ها تہ ان لاءِ خطرا گهڻا هئا ۽ اهڙيءَ ريت اُن ٽولي جي نئين نسل کي خطرو ٿئي ها. پر تڏهن بہ پورهيي جيِ اِها ورڇ مرداڻي حاڪميت واري نہ هئي، جيئن اڄ اسين ڏسون ٿا. عورت ۽ مرد ٻئي مُک فيصلن، جهڙوڪ: لڏو پٽڻ يا وري هڪ ٽولي کي ڇڏڻ ۽ ٻئي سان ڳنڍجڻ ۾ حصو وٺندا هئا. ازدواجي ايڪي جي بناوت پڻ ڍري هئي. پنهنجي گذرسفر يا پنهنجن ٻارن کي اوچتو جوکم ۾ وجهڻ ڪانسواءِ جوڙا جدا ٿي سگهندا هئا. مرداڻي بالادستي غائب هئي، جنهن کي پڻ اڪثر ڪري 'انساني فطرت' جو حصو سمجهيو ويندو آهي.[24]

آخر ۾ ذاتي ملڪيت جنهن کي اسين اڄڪلھ بغير ڪنهن تصديق جي تسليم (فرض) ڪريون ٿا، اهو خبط ٿئي ئي نہ ها. خيمي واري علائقي ۾ ڏيهاڙي لاءِ ڪافي کاڌو ڳولڻ جي ضرورت سبب هيڏانهن هوڏانهن رُلندڙ ٽولن جو عام حجم سدائين محدود رهيو. ان علائقي اندر انفرادي رُڪن کاڌي جي هڪ وسيلي کان ٻئي تائين جي ڳولا ۾ مسلسل ڦرندا رهندا هئا يا جانورن جو پيڇو ڪندا رهندا هئا، جڏهن تہ هڪ علائقي ۾ موجود کاڌي واري رسد پُوري ٿيندي ئي ٽولي کي ڪُلي طور هر روز ڊوڙ ڊڪ ڪرڻي پوندي هئي. اهڙي مسلسل تحرڪ ٽولي جي ڪنهن بہ رُڪن کي دولت جمع ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ هر شيءِ سولائيءَ سان کڻڻي پوندي هئي. هڪ فرد وٽ وڌ ۾ وڌ هڪ نيزو يا تير ڪمان، هڪ ٿيلھو يا ڪجھ نمائشي زيور هوندا هئا. ذاتي دولت جي ذخيري يا مجموعي جو تصور ئي نہ هو. جن مادي حالتن ۾ انسانذات رهي، انهن بلڪل مختلف سماج ۽ بلڪل مختلف خيال پيدا ڪيا، جن کي اڄڪلھ بغير ڪنهن تصديق جي سچ سمجهي تسليم ڪيو وڃي ٿو.

سڀ کان وڌي ڳالھ تہ گذريل ڪجھ هزار سالن جي انساني تاريخ بنيادي طور تي اهڙن خيالن جي ميڙ ۾ بلڪل مختلف سماجن ڪيئن ترقي ڪئي، انهن جي داستان واري تاريخ آهي. تاريخ اڻ ڳڻين مردن ۽ عورتن جي عملن مان ٺهي آهي، جن مان هر هڪ پنهنجي، پنهنجن ساٿين ۽ پنهنجن پيارن جي زندگين کي فضيلت ڀريو بنائڻ جي ڪوشش ڪندي ڪڏهن ڪڏهن دنيا کي ائين ئي قبول ڪيو جيئن آهي، ڪڏهن ڪڏهن ان کي بدلائڻ جي همت ڪئي، اڪثر ناڪام ٿيا، تہ ڪڏهن وري سوڀارا. انهن هڪٻئي سان جڙيل ڪڏهن بہ نہ ڪٽندڙ ڪهاڻين جي هوندي، ٻن شين ۾ مهارت ماڻي. هڪ تہ، اوائلي مادي حالتون جيڪي 'اوائلي ڪميونزم' جو حصو هيون، انهن تي فتح

ماڻيندي فطرت مان پنهنجو گذرسفر ڪسي ونڻ جي انساني قابليت ۾ مسلسل وڌندڙ اضافو پيو ته معاشري جي تنظيم جي لڳاتار صورتن جو اُڀار ٿيو جن مراعت يافته اقليت، ٿورائي جي فائدي خاطر ماڻهن جي اڪثريت جو استحصال ڪيو ۽ ڪين دٻايو.

جيڪڏهن انهن گڏوگڏ ٿيندڙ تبديلين جا پيرا کڻون ته اسان نيٺ اهو ڏسڻ جي قابل ٿينداسين ته جنهن دنيا کي اسان 21 صديءَ جي ابتدا ۾ ڏسون پيا. اُها ڪيئن وجود ۾ آئي. هيءَ هڪ اهڙي دنيا آهي جنهن ۾ ايتري دولت پيدا ڪري سگهجي ٿي، جيڪا اسان جي ابن ڏاڏن ايتريقدر جو خوابن ۾ به نه ڏٺي هوندي. هڪ اهڙي دنيا جنهن ۾ طبقاتي حڪمراني، ظلم ۽ تشدد جا ڍانچا ايترو پختي نموني خندق کوٽي ويٺل لڳن ٿا، جڻ ته سدائين کان هئا. هڪ ارب انسان انتهائي غربت ۾ رهن ٿا. ارب کان وڌيڪ انسان عدم تحفظ جو شڪار آهن، گهرو ويڙهه ۽ جنگيون اڻ کٽ آهن ۽ بي قابو ٽيڪنالاجيڪل (حرفتي) تبديليءَ سبب انساني زندگيءَ جو بڻ بنياد خطري هيٺ آهي.

هر ماڻهو جو سوال آهي ته ڇا ظالماڻن نظامن کان نجات ماڻي، دولت کي ڪتب آڻي، انساني بنيادي ضرورتن جو پوراءُ ڪرڻ ممڪن آهي ۽ ان کي هڪ اهڙي سماج جي ماتحت بڻائجي، جيڪو اوائلي ڪميونزم جي سوين پيڙهين دوران اسان جي ابن ڏاڏن جي زندگين جي خاصيتن تي آڌاريل قدرن وارو هجي.

پر ان کان اڳ ۾ اسان کي ڏسڻو پوندو ته طبقاتي حڪمراني ۽ رياست ڪيئن وجود ۾ آيا.

باب پهريون

پٿر واري دور جو 'انقلاب'

ماڻهن جي زندگين ۽ خيالن ۾ پهريون وڏيون تبديليون فقط 10 هزار سال اڳ اچڻ شروع ٿيون. دنيا جي ڪجھ علائقن، خاص طور تي وچ اوڀر جي 'زرخيز اڌ چنڊ' (Fertile Crescent) واري خطي (فلسطين، شام، لبنان، ڏاکڻي ترڪي ۽ عراق) ۾، ماڻهن گذرسفر جو هڪ نئون طريقو شروع ڪيو.[25] انهن فطرت تي ڀاڙڻ بدران فصل پوکي، پنهنجي لاءِ ڀاڄين جو بندوبست ڪرڻ ۽ جانورن جو شڪار ڪرڻ بدران انهن کي گهريلو پالتو جانور بڻائڻ سکي ورتو. ان هڪ نواڻ سندن سموري طرز زندگيءَ جي صورت کي بدلائي ڇڏيو.

اها تبديلي ضروري نہ هو تہ انهن ماڻهن کي سندن ابن ڏاڏن کان وڌيڪ آسان زندگيءَ ڏانهن وٺي وڃي، پر ماحولياتي تبديلين انهن مان ڪجھ کي تمام محدود چونڊ جي اجازت ڏني.[26] ٻن يا ٽن هزار سالن ۾ اهي ڪجھ علائقن ۾ اهڙي زندگي جا هيراڪ ۽ عادي ٿي ويا جتي جهنگلي ٻوٽن واري کاڌي جي جججهي رسد ۽ جانورن جو شڪار ڪرڻ لاءِ حالتون مناسب هيون. انهن مان هڪ علائقو ڏکڻ اوڀر ترڪيءَ ۾ هو. مثال طور، هڪ 'خانداني گروھ' 'سخت محنت ڪانسواءِ' ٽن هفتن ۾ جهنگلي اناج (ڪڻڪ، ٻاجهري، جَوَ چانور ۽ سانئون وغيره) مان ايترو اَنُ جمع ڪري سگهندو هو. جيڪو ڪين هڪ سال تائين زندھ رکندو هو. انهن کي ٻين ماڻهن وانگر مسلسل لڏپلاڻ رهڻ جي ضرورت نہ پئي.[27] اُهي ساڳي جاءِ تي سالن جا سال رهڻ، پنهنجن پراڻن بي قائده اجهن کي مستقبل ڳوٺن جي صورت ڏئي، ڪجھ ڍزن ماڻهن بدران سون جي تعداد ۾ ٽڪاڻا ٺاهڻ، کاڌ خوراڪ کي پٿرن يا ٺڪر جي پڪن ٿانون ۾ ذخيرو ڪرڻ ۽ پُرڪشش پٿر جي اوزارن جو جججهو تعداد جمع ڪرڻ جي قابل ٿي ويا هئا. قديم روم جي بنياد کان وٺي هاڻوڪي دور تائين جي عرصي کان وڌيڪ وقت ۾ اُهي لاڏائو سماجن جي گهٽ وزن کڻڻ واريءَ خاصيت کي مستقل ڳوناٽيءَ زندگيءَ جي فائدن سان گڏائڻ جي قابل ٿي ويا هئا.

پر ان طريقي سان گذرسفر جا مناسب وسيلا ماڻڻ واري عمل کي وري عالمي آبهوائي تبديلين روڪي ڇڏيو. جيئن تہ 'زرخير اڌ چنڊ' واري خطي ۾ حالتون وڌيڪ خُشڪ ۽ ٿڌيون ٿي ويون، جنهنڪري قدرتي طور تي پيدا ٿيندڙ جنهگلي اناج جي موجودگي گهٽجي وئي ۽ ٻاڙهن ۽ هرڻن جي ڌڻن جو تعداد ٻڻ گهٽجي ويو. شڪاري_چُونڊو ڪندڙ ڳوٺن

بحران کي منهن ڏنو. اُهي وڏيڪ اڻين زندهہ نہ پئي رهي سگهيا. جيئن اُهي جيئندا رهندا هئا. جيڪڏهن انهن کي ٻُکن ۾ پاهہ نہ ٿيٺو هو تہ پوءِ ڪين يا تہ ننڍين گروهن ۾ ڇڙوڇڙ ٿي گهڻو عرصو اڳ وساريل خانہ بدوشيءَ واريءَ زندگيءَ ڏانهن واپس ورڻو هو يا پنهنجي ئي پورهيي سان قدرتي کوٽن جي پوراءَ لاءِ ڪو بيو طريقو ڳولڻو هئو.

اهو گس ڪين زراعت ڏانهن وٺي ويو. ماڻهن سوين پيڙهين تائين جهنگلي کاڌ خوراڪ تي گذرسفر ڪندي، ٻوٽن واري زندگيءَ بابت اٿاهہ ڄاڻ جمع ڪري ورتي هئي. هاڻ ڪجهہ گروهن کاڌ خوراڪ جي رسد يقيني بنائڻ لاءِ جهنگلي ٻوٽن جا ٻج پوکڻ ذريعي انهيءَ معلومات کي ڪتب آڻڻ شروع ڪيو. مشاهدي ڪين سيکاريو تہ مخصوص ٻوٽن جا ٻج ٻين کان وڏيڪ ڦلدائڪ ٿين ٿا ۽ اهڙن ٻجن جي چونڊ ڪندي انهن قسمين قسمين گهريلو نمونا، نوان نسل پوکڻ شروع ڪيا. جيڪي هنن لاءِ جهنگلي ٻوٽن کان وڏيڪ فائديمند ۽ لاياڻا هئا. باقائدگيءَ سان حاصل ٿيندڙ فصلن (لابارن) ڪين ان قابل بڻايو تہ اُهي جهنگلي رڍن، ٻڪرين، اُٺن ۽ ڳڌهن جي مختلف قسمن جي وڏيڪ پالتو جانورن کي رسن سان ٻڌي ڪارائي سگهن.

زراعت جي پهرين شڪل (جنهن کي اڪثر ڪري 'باغباني جو فن' سڏيو ويجي ٿو) ڪهاڙين سان گهاٽي جهنگ ۽ وڻن سان ڀريل زمين کي ڪٽڻ ۽ باقي شين کي ساڙڻ ذريعي زمين صاف ڪئي وئي، پوءِ وري پاهوڙي، رنبي يا هڪ کوٽيندڙ ڪاٺيءَ کي استعمال ڪندي ٻجن جو رونبو ۽ پوک ڪئي ويندي هئي. ٻن سالن ڪانپوءِ ٻني گهڻو ڪري ٿڪجي پوندي هئي، تنهنڪري جهنگ ڏانهن موٽ ۽ پوک لاءِ هڪ نئون ٽڪرو صاف ڪيو ويندو هو.

ان طريقي سان گذرسفر حاصل ڪرڻ سان گڏجي رهڻ ۽ ڪم ڪرڻ جي ڍنگن ۾ وڏيون تبديليون آيون. ماڻهن پنهنجن ڳوٺن ۾ مضبوطيءَ ۽ ثابت قدميءَ سان رهائش اختيار ڪئي. ڪين رونبي ۽ لاباري جي وچ ۾ فصل جي سارسنڀال ڪرڻي ٿي پئي، جنهنڪري اُهي لاڳيتو مهينن تائين هيڏانهن هوڏانهن ڇُري نہ پئي سگهيا. ڪين زمين صاف ڪرڻ، فصلن جي باقائدي سارسنڀال (ڪک ڪانا، گند گاهہ ڪيڻ، پاڻي ڏيڻ ۽ بيو گهڻو ڪجهہ) کي يقيني بنائڻ، فصل جو ۽ ذخيرو ڪرڻ، جمع ٿيل فصل جي ونڊ ورڇ ڪرڻ ۽ ٻارن جي پرورش لاءِ هڪٻئي سان تعاون جا طريقا ڳولڻا پيا. سماجي زندگيءَ جا ڪُلي نوان طريقا ۽ انهن سان دنيا کي ڏسڻ جا نوان ڍنگ پيدا ٿيا جن جو اظهار طرحين طرحين ڏند ڪٿائن، ۽ رسمن رواجن ۾ ٿيو.

'پٿر واري دور' (معنيٰ 'پٿر واري نئين زماني') جي پُرڪشش ۽ اعليٰ اوزارن ڪانپوءِ انهيءَ تبديليءَ کي اڪثر ڪري 'پٿر واري دور جو انقلاب' سڏيو ويجي ٿو.[28] ان ڪري ماڻهن جي ڪم ۽ جيئڻ جي ڍنگ جي مڪمل طور نئين سر تنظيم ٿي، توڻي جو ان عمل ۾ تمام ڊگهو وقت لڳو.

زرخيز ڪريسنٽ مان هٿ آيل آثار قديمه جون ثابتيون ظاهر ڪن ٿيون ته ماڻهو ننڍين ڳوٺن ۾ جدا جدا گهرن ۾ رهندا هئا. توڙي جو اهي ثابتيون اسان کي نه ٿيون ٻڌائين ته انهن گهرن جا بنياد ڪهڙا هئا. (مثال طور، ڇا اُهي الڳ جوڙن ۽ سندن ٻارن سان هڪ ماءُ، سندس ڏيءُ ۽ سندس مڙس يا هڪ پيءُ، سندس پُٽ ۽ سندس زالن تي ٻڌل هئا يا نه).[29]

زراعت ڏانهن پهرين موڙ کانپوءِ ڪيترن هزار سالن تائين طبقي ۽ رياست سان مشابهت رکندڙ اختيارن جهڙي ڪابه شيءِ نه هئي. 'پوئين عُبيد (Ubaid) زماني' (4 هزار ق. م) ۾ 'دولت جي نمايان تفريق مڪمل طور تي اڻلڀ هئي'، ۽ ايتريقدر جو 'پروٽوولٽريٽ (protoliterate) زماني' (3 هزار ق. م) ۾ اهڙي ڪابه نشاني نه هئي ته 'سماجي درجي بندين وارو عمل ڪو گهڻي عرصي کان هو'.[30] مرداڻيءَ حاڪميت جو به ڪو ثبوت نه ٿو ملي. آثار قديمه جي ڪجهه ماهرن مٽيءَ يا پٿر مان ٺهيل توليدي قوت وارن عورتاڻن جسمن جون مورتيون ۽ مجسما ڏٺا آهن، جيڪي ظاهر ڪن ٿا ته عورت جي حيثيت معتبر هئي، تنهنڪري ٿي مردن عورتن جي عبادت ڪرڻ کي 'فطري' عمل سمجهيو.[31] بهرحال، هڪڙو اهم واڌارو اهو ٿيو ته جنگ سان گڏ شڪار لاءِ هٿيار وڏيڪ مروج ۽ مقبول ٿي ويا.

طريقي ڪار بلڪل ساڳيو لڳي ٿو جيڪو باغبانيءَ جي فن تي ٻڌل سماجن ۾ هو جيڪي ويجها وارن زمانن تائين دنيا جي مختلف حصن ۾، ايتريقدر جو ڪجهه ته 20 هين صديءَ تائين قائم رهيا. اهي معاشرا هڪٻئي کان بلڪل مختلف هئا، پر انهن ۾ ڪجهه عام خاصيتون ساڳيون هيون.[32]

گهر ۽ خاندان گهڻو ڪري زمين جي مخصوص زرخيز ٽڪرن سان جڙيل هئا، پر زمين ۾ ذاتي ملڪيت جيئن اسين اڄ ڏسون ٿا ائين نه هئي ۽ نه ئي فردن يا خاندانن ٻين جي محنتن تي پنهنجي ذاتي ملڪيتن جا انبار ڪنا ڪرڻ چاهيا ٿي. اُن بدران انفرادي خاندان وسيع سماجي گروهن ۾ سمايل هئا. ماڻهن جا 'شُجرا' ته ساڳين ابن ڏاڏن سان جڙيل هئا. جن ماڻهن سان اهي سڌيءَ ريت جُڙيل هئا يا شاديءَ يا 'هم عمر' ماڻهن جي گروهه واري دوستيءَ ذريعي ڳنڍيل هئا. انهن فردن ۽ خاندانن جا ٻين ماڻهن ڏانهن حق ۽ فرض چٽي ريت طئي ٿيل ۽ واضح هئا. هر هڪ مان توقع ڪئي وئي ته ٻين سان ڪاڏو ونڊيندو ته جيئن ڪوبه خاندان فصل نه لهڻ يا ٻين کان وڏيڪ ننڍين ٻارن جي پالنا ڪرڻ سبب تڪليف نه پوڳي. عزت ۽ وقار انفرادي استعمال سان نه، پر ٻين جي ڪوٽ جي پورائي ڪرڻ ۾ مددگار قابليت مان پيدا ٿيو پئي.

ڪيترائي بنيادي قدر جن کي اسين طبقاتي سماجن ۾ بغير ڪنهن تصديق جي سچ سمجهي قبول ڪريون ٿا، اُنهن جي نسبت شڪاري_چُوندو ڪندڙ سماجن سان وڏيڪ ويجها آهن. اهڙيءَ ريت، ارڙهين صديءَ جي ابتدا ۾ باغباني ڪندڙ اروقيوس[①]

[①] اتر آمريڪي جنگجو انڊين ماڻهن جو ڪو ميمبر، جيڪي اڳ ۾ نيو يارڪ رياست ۾ رهندا هئا. آمريڪي انقلاب وقت اُهي انگريزن جا اتحادي هئا.

قبيلي جو تجزيو ڪندڙ ٻڌائي ٿو ته ’جيڪڏهن هڪ ٻُڪايل اروقيوس ٽولي جي ٻئي ٽولي سان ملاقات ٿي پئي، جنهن جي ڪاڏ خوراڪ مڪمل طور تي ختم ٿيل نه هئي، ته ٻئي ٽولي وٽ جيڪو ڪجهه بچيل هوندو سو نون ايندڙن سان بغير ڪجهه پڇڻ جي ونڊيندو، پلي پوءِ ائين ڪندي اُهي پنهنجو پاڻ کي ساڳئي قسم جي خطرن ۾ وجهي ڇڏين، جيڪي مسئلا انهن سان هجن. جن جي هنن مدد ڪئي‘.[33] نيور (Nuer) بابت هڪ نهايت اعليٰ تحقيق ۾ نشاندهي ڪئي وئي ته ’عام طور تي چئي سگهجي ٿو ته هڪ نيور ڳوٺ ۾ ڪوبه بُک وگهي نه ٿو مري، جيسين سڀ فاقن وگهي نه مرن‘.[34]

هڪ پيرو وري، اهڙي قسم جي ’ايثار ۽ انسان دوستي‘ جي سمجهاڻي گذرسفر ماڻڻ جي گهرجن ۽ طريقن ۾ سمايل هئي. مثال طور، انسان دوستيءَ اهو يقيني بڻايو ته جن گهرن ۾ ڪم ڪندڙ گهڻا هجن، پر کائڻ وارا وات ٿورا هجن، انهن اهڙن گهرن کي سهائتا مهيا ڪئي، جن وٽ کائڻ وارا وات گهڻا ۽ ڪم ڪرڻ وارا ٿورا هيا خاص ڪري انهن کي جن وٽ گهڻا ٻار هئا.[35] ٻار مجموعي طور تي ڳوٺ جي پورهيي واري مستقبل جي رسد جي علامت هئا. جيڪڏهن ڪنهن گروهه کي ختم ٿيڻ کان بچائڻو هو ته وڏين آکهُن ڏانهن اهڙي قسم جا ’نئين سر ورڇ‘ وارا ٽيڪنيڪي سرشتا ضروري هئا.

شڪاري ۽ چُونڊي واري دور ۾ ڏيهاڙيءَ و َ ي بنياد تي ٻارن کي کڻڻو پوندو هو ۽ وقفي وقفي سان سموري جٿي جي لڏپلاڻن سبب ٻارن جي پيدائشي شرح تمام گهٽ رهندي هئي. عورتون هڪ ئي وقت هڪ کان وڌيڪ ٻار نه کڻي سگهنديون هيون، تنهنڪري ٻار ڄڻڻ ۾ ٽن يا چئن سالن جو وقفو ڪيو ويندو هو (جيڪڏهن ضروري ٿئي ته جنسي پرهيز ٻار ڪيرائڻ وارو عمل يا مورڳو ٻار کي ماري ڇڏيندا هئا). جڏهن ته ان جي ابتڙ زراعت تي ٻڌل غيرلچڪدار ۽ جامد ڳوٺاڻيءَ زندگيءَ ۾ جيڪڏهن ٻار هڪ دفعو ڪجهه مهينن جو ٿي ويندو هو ته ٻار کي کڻڻو نه پوندو هو (گهڻن ٻارن هوندي) زمين جي ايراضي پلي ڪيتري به گهڻي هجي، اُن کي صاف ڪري مستقبل ۾ پوکيءَ لائق بنائي سگهجي پيو ۽ اهو سڀ ڪجهه وڏين آکهن سبب ٿيو. پيداوار جي طريقي ۾ تبديليءَ جو (وري نسل وڌائڻ) افزائشي عمل تي پڻ گهرو اثر ٿيو. آبادين ڦهلجڻ شروع ڪيو. جيتوڻيڪ هاڻوڪن معيارن (سال ۾ 0.1 سيڪڙو) مطابق تڏهن پيدائشي عمل جي شرح گهٽ هئي،[36] اها ٻن هزار سالن (ٻن ملينيم) ۾ چئوڻي ٿي وئي، پٿر واري انقلاب وقت انساني آبادي شايد هڪ ڪروڙ هئي، جيڪا سرمائيداريءَ جي ابتدا وقت 20 ڪروڙن تائين وڌي وئي.

شڪاري_چُونڊو ڪندڙ سماجن جي ڀيٽ ۾ باغبانيءَ تي آڌاريل سماجن ۾ ٻيون به وڏيون تبديليون آيون. شڪاري_چُونڊو ڪندڙ ٽولن ۾ ڪو وڏو تڪرار ٽولي جي ڇڙوڇڙ ٿيڻ يا فردن جي ڇڏي وڃڻ سان حل ٿي سگهندو هو. زراعتي گروهن جڏهن هڪ پيرو زمين صاف ڪري ورتي ۽ ان تي فصل پوکي ڇڏيو ته پوءِ اهڙو حل ورلي ۽ ڏکيو ٿيڻ

لڳو. شڪاري_ڇُونڊو ڪندڙ ٽولن کان ڳوٺ وڏيڪ وڏا ھئا ۽ ماڻھن جي وچ ۾ وڌيڪ پيچيده ۽ منظم باھمي لاڳاپي تي آڌاريل ھئا. ساڳئي وقت انھن سان ھڪ مسئلو بہ لاڳو ھو جيڪو شڪاري_ڇُونڊو ڪندڙن سان نہ ھو اُنھن وٽ محفوظ ٿيل کاڌن جا ذخيرا ۽ ھٿن جون ٺاھيل شيون ھيون، جن ٻاھران کان ھٿياربند لٽيرن کي حملن جو ڪارڻ مھيا ڪري ڏنو. جنگ، جيڪا شڪاري_ڇُونڊو ڪندڙ سماجن منجھ ذري گھٽ پيد شيءِ ھئي، باغباني ڪندڙ ڪيترن ماڻھن ۾ اھا بيماري پيدا ٿي پئي. ان وري فيصلي سازيءَ وارن روايتي ميڪانيڪي سرشتن کي زور وٺرايو جن جو مقصد سماجي ضابطو لاڳو ڪرڻ ھو. مثال طور، ھر ھڪ پيڙھيءَ ۾ بزرگن جون جماعتون ٺاھيون ويون.

دنيا جي مختلف علائقن، ميسو_آمريڪا (Meso-America) (ھاڻوڪو ميڪسيڪو ۽ گوئيٽي مالا)، ڏکڻ آمريڪا جي Andean خطي ۾، گھٽ ۾ گھٽ آفريقا جي ٽن مختلف حصن ۾، انڊوچائينا، مرڪزي پاپا نيو گني جي مٿانھين ماٿرين ۾ ۽ چين ۾ ھر ھڪ ماڻھو آزاداڻي نموني ڏھ ھزار سالن ۾ شڪاري ۽ ڇُونڊو ڪندڙ سماجن کان پوک ۽ زراعت وارن سماجن ڏانھن سفر ڪيو.[37] دجلہ ۽ فرات جي وچين پٽ ميسوپوٽميا (Mesopotamia)[①] وانگر ھر ھنڌ تبديليون ساڳئي نموني ٿيون، پر اھي تبديليون ڪيئن ۽ ڪيتري حد تائين ٿيون ان تي موجود مختلف گھريلو پالتو جانورن ۽ ٻوٽن جو گھرو اثر ٿيو. ثبوت اھڙي ڪنھن بہ دعويٰ کي رد ڪن ٿا تہ ڪجھ 'نسلن' يا 'ثقافتن' ۾ ھڪ خاص 'قدرتي صلاحيت' ھئي، جنھن باقي انسانذات جي سرواڻي ۽ رھنمائي ڪئي. ان بدران آبھوا ۽ ماحوليات ۾ ڪجھ تبديلين کي منھن ڏيندي، دنيا جي مختلف علائقن ۾ مختلف انساني آبادين ڏٺو تہ ڪين پنھنجي زندگيءَ جي پراڻي ڍنگ کي برقرار رکڻ لاءِ نيون ترڪيبون ڪتب آڻيون پونديون ۽ اُنھن ڏٺو تہ سندن زندگيءَ جا طور طريقا ھر حال ۾ تبديل ٿيڻ لڳا ۽ ھڪ اھڙي انداز سان جو شايد اُنھن ڪڏھن اھڙي توقع ڪئي ھجي. ھر ھنڌ زندگيءَ جي ڇڙوڇڙ ٽولن جي جاءِ ڳوٺاڻيءَ زندگيءَ واري، جيڪا مضبوطيءَ سان جڙيل قبيلي ذريعي منظم ھئي، جتي سماجي چال چلت جا غيرلچڪدار ۽ سخت معيار قائم ٿيا. ۽ مذھبي رسمن ۽ ڏند ڪٿائن جي صورت ۾ دنيا جھان جون تشريحون ٿيڻ لڳيون.[38]

ٻين کان الڳ نموني زراعت جي واڌاري جو ھڪ منفرد مثال پاپا نيو گني جي جابلو بلندين ۾ اپنايو ويو. ھتان جي ماڻھن اٽڪل 7 ھزار ق. م ۾ فصلن جي طرحين طرحين قسمن، جھڙوڪ: ڪمند، ڪيلن جا مختلف قسم، خشڪ ميون جا وڻ، ڪائڻ جھڙيون گاھہ جون ٽاريون، پاڙون ۽ ساين ڀاڄين جي پوک شروع ڪئي. فصلن جي پوکي سان انھن، ٻين وانگر خانہ بدوش يا نيم خانہ بدوش شڪاري_ڇُونڊي واريءَ زندگيءَ کان

---

① ڪيترين آڳاٽين تھذيبن وارو علائقو ھاڻوڪو عراق

ڳوٺاڻيءَ زندگيءَ ۾ پير پاتو. سندن سماجي تنظيم انساني برابريءَ واري خانداني گروهي لاڳاپن تي ٻڌل هئي ۽ زمين جي ذاتي مالڪي نہ هئي. 1930ع جي ابتدا ۾ جيسيتائين ڪين اولهہ واسين طرفان 'دريافت' ڪيو ويو تيسين اُهي ماڻهو ڏوارنهين ماٿرين ۾ ۽ ساموندي ڪنارن کان پراهين جاين تي ڪنهن بہ ٻاهرين مداخلت کان آزاد زندگي جيئندا رهيا.

جڏهن تہ ڪيترين اوائلي آبادين زراعت ڏانهن رخ نہ ڪيو. ڇاڪاڻ تہ اهي شڪار ۽ چُونڊي ذريعي آرامده زندگي جي رهيا هئا تہ ڪين زراعت غيرضروري سخت پورهيو لڳو جنهنڪري ڪجهہ آبادين زراعت اختيار ڪرڻ جي مخالفت ڪئي. جڏهن تہ ٻيون آباديون ڪيليفورنيا، آسٽريليا ۽ ڏاکڻي آفريقا جهڙي ماحول ۾ رهيون جتي نہ ڪو ٻوٽا هئا، نہ ئي جانور، جن کي پالڻ آسان ٿئي ها.[39] اُهي گروهہ جيڪي انهن خطن ۾ هزار سالن تائين رهيا. وٽن ڪو ٻيو چارو نہ هو جنهنڪري ڪين زندهہ رهڻ لاءِ تيسين شڪار ڪرڻ ۽ چونڊو ڪرڻ تي ڀاڙڻو پيو جيسين ٻاهران ايندڙ ماڻهن سان رابطي جي صورت ۾ ڪين ٻئي هنڌان پالتو جانور مهيا ٿين.[40]

بهرحال دنيا جي ڪنهن حصي ۾ جڏهن زراعت هڪ ڀيرو قائم ٿي وئي تہ اُها ڦهلجڻ لڳي. ڪڏهن ڪڏهن زراعت مان ڪجهہ ماڻهن کي مليل ڪاميابي ٻين کي نقل ڪرڻ تي همٿايو. تنهنڪري لڳي ٿو تہ زرخيز ڪريسينٽ کان فصل پوکيندڙ مخلوق جي آمد سبب نيل وادي، سنڌو ماٿري ۽ اولهہ يورپ ۾ زراعت جي اوسر ٿي. ڪڏهن وري اُهي ماڻهو جن اڳ ۾ ئي زراعت جا تجربا ڪيا هئا. انهن جي ڦهلاءَ سان زراعت جي پکيڙ ٿي، ڇاڪاڻ تہ سندن آبادي وڌي وئي ۽ انهن مان ڪجهہ ماڻهن کي ڌار ٿي غير آباد زمينن تي نوان ڳوٺ آباد ڪرڻا پيا. ان طريقي سان بانٽو (Bantu) ٻولي ڳالهائيندڙ اولهہ آفريقا کان مرڪز ۽ نيٺ آفريقي کنڊ جي ڏکڻ تائين ۽ پولينيشين (Polynesians) ڏکڻ اوڀر ايشيا کان سمونڊ پار ڪري، آفريقي ساموندي ڪناري مڊگاسڪر، ايسٽر لينڊ (ڏکڻ آمريڪي ساموندي ڪناري کان فقط 1500 ميل) ۽ نيوزيلينڊ تائين ڦهلجي ويا.

هڪ زرعي سماج جي وجود، ان سان رابطي ۾ ايندڙ شڪار _ چونڊو ڪندڙ ماڻهن جون زندگيون بدلائي ڇڏيون. انهن ڏٺو تہ اُهي ڀرپاسي جي زرعي آبادين سان شين جهڙوڪ مڇي، ڪاٺ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ جانورن جون کلون، سُبيل ڪپڙا يا شربت جي متاسنا ذريعي پنهنجي گذرسفر کي بهتر ڪري سگهن ٿا. جنهنڪري ڪجهہ ماڻهن زراعت جي هڪ پاسي کي زور وٺرائيندي، فصل پوکڻ کانسواءِ جانورن جي ڌڻن کي چارڻ ۽ پالڻ شروع ڪيو. جلدئي اهڙا 'ڌنار ماڻهو' يوريشيا، آفريقا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ڏاکڻي اينڊس (Andes) علائقن ۾ ڦهلجي ويا اُنهن زرعي آبادين جي وچ ۾ هيڏانهن هوڏانهن رُلندي، ڪڏهن مٿن حملا ڪندي، ڪڏهن ساڻن واپار ڪندي پنهنجي سماجي زندگيءَ جا منفرد طور طريقا پيدا ڪيا.

فصل پوکڻ ۽ ڍڳ هڪلڻ جي ڦهلاءَ سان سماجي زندگيءَ ۾ هڪ آخري اهم تبديلي آئي ___ سماجي رتبن ۾ ٻهريون پيرو تفريق پيدا ٿي، جنهن کي علم الانسان جا ماهر 'سردارن' يا 'وڏن ماڻهن' جو اُڀرڻ سڏين ٿا. جن مان ڪجهه فردن يا خانداني نسلن کي ٻين کان وڌيڪ عزت ۽ وقار ملڻ لڳو ۽ ان سلسلي جو انت موروثي سردارن ۽ سرداري نسلن جي قائم ٿيڻ تائين ممڪن ٿي سگهيو. پر ايتريقدر جو اُها تفريق پڻ طبقاتي فرق جهڙي نه هئي، جنهن کي اڄ اسين دائمي سچ سمجهي قبوليون ٿا. جنهن ۾ سماج جو هڪ حصو واڌو پيداوار استعمال ڪري ٿو جڏهن ته ٻيو حصو پيداوار پوکي ٿو.

انساني برابري ۽ ٻائيواري هر هنڌ چانيل رهي. مٿانهون مرتبو رکندڙ ماڻهن کي باقي ٻيءَ برادريءَ جي خدمت ڪرڻي پوندي هئي نه ڪي مفت خوري. جيئن رچرڊ لي نشاندهي ڪري ٿو ته ساڳيا 'ملڪيت جا برادرڻا تصور' هئا جيئن شڪاري_چُوندبو ڪندڙ سماجن ۾ 'سردارن کي جيڪا عزت ۽ احترام مليو ٿي، سو وري ماتحتن ڏانهن واپس منتقل ٿئي ٿو ۽ سردارن جي اختيارن تي روڪ ۽ توازن راءِ عامه ۽ ادارن جي هٿن ۾ هجي ٿو.'[41] تنهنڪري ڏکڻ آمريڪا جي Nambikwara منجهه 'سخاوت ..... طاقت جي لازم خاصيت سمجهي وڃي ٿي.' ۽ 'کاڌ خوراڪ، اوزار، هٿيار ۽ زيورن جو واڌو مقدار' 'سردار' جي ضابطي هيٺ هجي ٿو ۽ 'هڪ فرد، هڪ خاندان يا سڄي ساري ٽولي جي گذارش' جي جواب ۾ سندن ڪنهن به ضرورت جي پورائيءَ لاءِ سردار 'واڌو مقدار' استعمال ڪرڻ لاءِ تيار هجي ٿو.'[42] ايتريقدر جو ان جي نتيجي ۾ پنهنجي ماتحتن کان وڌيڪ رهنما کي مادي طور تي مشڪل حالتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. اهڙيءَ ريت، نيو گني ٻُساما قبيلي منجهه اڳواڻ کي 'پنهنجي کاڌي جي ذخيري کي برقرار رکڻ لاءِ ڪنهن ٻئي کان وڌيڪ سخت ڪم ڪرڻو پوي ٿو.... اهو تسليم ٿيل آهي ته هي صبح سوير ۽ رات دير تائين محنت مشقت ڪندو..... 'سندس هٿ ڪڏهن به زمين کان واندا نه ٿا ٿين ۽ سندس نرڙ تي سدائين پگهر ڳڙندو رهي ٿو.'[43]

'پٿر واري نئين زماني' جي زراعت ڏانهن تبديليءَ ڳوناٽيءَ رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ جنگ کي ڦهلائي، ماڻهن جي زندگين کي بدلائي ڇڏيو. ان حد تائين بيشڪ اهو مخصوص قسم جو 'انقلاب' هو پر اڃان تائين معاشري ۾ ڪيترائي عنصر اڻلڀ هئا. جن کي اڄ اسين سچ سمجهي قبوليون ٿا: طبقاتي فرق، ڪُل وقتي نوڪرشاهي ۽ هٿياربند ماڻهن جي ادارن تي آڌاريل مستقل رياستي ڍانچي جو قيام ۽ عورت جي ماتحتي وغيره. انهن مان ڪابه شي پيدا نه ٿي هئي. اهو تيمسيتائين نه ٿئي ها، جيسيتائين ماڻهن جي گذرسفر ماڻڻ واري طور طريقي ۾ تبديلين جو ٻيو سلسلو نه اچي ها. بقول گورڊن چِڊي (Childe)، جيسيتائين 'پٿر واري زماني جي انقلاب' مٿان 'شهري انقلاب' نه اچي ها.

باب ٻيون

اوائلي تهذيبون

تهذيب، ٽُز معنيٰ ۾ ماڻهن جي شهرن ۾ رهڻ سان، فقط 5 هزار سال اڳ شروع ٿي. اُن جون ابتدائي علامتون دنيا جي بلڪل مختلف حصن ۾ مليل عظيم اڏاوتون آهن، جن ۾ مصر ۽ مرڪزي آمريڪا جا احرام، عراق جون ziggurats[①]، ڪريٽ ۾ Knossos جو محل، يونان ۾ Mycenae وٽ قلعو ۽ سنڌو دريا پرسان 4 هزار سال پراڻا هڙپا ۽ موهن جو دڙو وارا رٿابندي سان اڏيل شهر شامل آهن. انهيءَ ڪري علم الانسان جي ڄاڻو گوردن Childe اُن تبديليءَ کي 'شهري انقلاب' سڏيو.[44] اُنهن شهرن جون باقيات پنهنجو پاڻ حيران ڪندڙ آهن. ويتر عجيب حقيقت هيءَ آهي ته اُهي سڀ عجوبا ماڻهن تعمير ڪيا، جن کي ڪجهه پيڙهيون اڳ ڪا ڄاڻ نه هئي ۽ جيڪي مناسب طور تي ابتدائي زراعت تي ٻڌل هڪ خالص ٻهراڙيءَ واري زندگي جيئندا هئا. هاڻي انهن وٽ تفصيلي تعميراتي هُنر هئا، تڪرين جي اٿاهه ڍيرن کي تراشڻ، سڏو ڪرڻ، ۽ هنڌ منتقل ڪرڻ ۽ ڪاٺون ڪوٽڻ ۽ پوءِ انهن کي عمدي فنڪارانه ڪاريگريءَ سان سينگارڻ جي صلاحيت هئي. ايتريقدر جو ڪن جاين تي (عراق، مصر، ايٿوپيا، چين ۽ ميسو_آمريڪا ۾) انهن صورتخطي (رسم الخط) نالي ورتي جنهن سان اُنهن پنهنجن احساسن ۽ ورتاءَ کي قلمند ڪيو. يوريشيا (يورپ ۽ ايشيا جي سرزمين) ۽ آفريقا ۾ ان مرحلي تي انهن تڪرين مان پِتل ۽ ٽين جو استعمال پڻ سکي ورتو ۽ ڪجهه وقت ڪانپوءِ هٿيار ۽ زيور ناهڻ لاءِ اُنهن (پتل ۽ ٽين) کي گڏائي هڪ وڌيڪ سخت ڌاتو ڪنجهو (Bronze) نالي ورتو. گهڻو تڻو اِتان کان هن دور لاءِ 'پِتل' ۽ 'ڪنجهو' جي دورن جا اصطلاح استعمال ڪيا وڃن ٿا.

ماڻهن جي گذرسفر واري طور طريقي ۾ اڳوات تبديليءَ ڪانسواءِ مٿين ڪمن مان ڪوبه ڪم ٿي نه سگهي ها. ان تبديلي جو ابتدائي مرڪز زراعت هئي. انيڪ نسلن تائين زراعت جي اوائلي صورتن هوندي زرعي پيداوار ۾ آهستي آهستي واڌ ممڪن ٿي سگهي. مناسب طور تي ابتدائي حرفتون ڪتب آڻڻ ۽ قدرتي طور تي مليل قسمين قسمين ٻوٽن ۽ جانورن جي استعمال ڪجهه ماڻهن کي اطمينان جوڳي گذرسفر ماڻڻ جي لائق بڻايو جڏهن ته اهي ڪافي واندڪائيءَ جو مزو به ماڻيندا رهيا.[45] پر حالتون سدائين

[①] آشورين ۽ بيبيلونين طرفان اڏيل مستطيل ٽنين وارا مندر

اهڙيون دلڪش ۽ پُرسڪون نه هيون جهڙيون ڪجهه رومانويت پسند اصلوڪن ديسي ماڻهن جي ڪتا 'عاليشان وحشي' طور پيش ڪن ٿا. انيڪ جايون اهڙيون هيون جتي کاڌ خوراڪ جي پيدائش آباديءَ جي واڌ کان ٿوري وڌيڪ هئي. پنهنجي وس کان ٻاهر قدرتي آفتن سبب ماڻهو اوچتن ڏڪارن، 'سوڪهڙن يا ٻوڏن، گرميءَ يا پاري، بيمارين يا برساتي ڳڙن'[46] جو شڪار ٿيا ٿي. مثال طور، ميسو_ آمريڪا جي هسپينڪ کان اڳ وارن ماڻهن جي سالن جي تاريخ ۾ هڪ سال ڪندا سندن زندگيءَ ۾ غيرمتوقع ۽ خطرناڪ رُخنو وجهي ڇڏيو جڏهن ته اُن کان اڳ اُهي پنهنجو گذر آسانيءَ سان ڪندا رهيا.[47]

جيڪڏهن اهڙن گروهن کي پنهنجي زندگيءَ جو طئي ٿيل ڍنگ برقرار رکڻو هو ته وٽن فقط ٻه گس هئا. هڪ ته ڪاڏي لاءِ ٻين زرعي آبادين تي حملا ڪرڻ، ائين جنگ و جدل اُنهن سماجن جي خاصيت بڻجي وئي. مثال طور، يورپ ۾ پٿر واري زماني جي انقلاب جي پوئين مرحلي ۾ پٿر جون ڪهاڙيون ۽ پٿريلا چاقو تيزيءَ سان عام شيون بڻجي ويا. ٻيو گس هو زراعت جون وڌيڪ موثر ۽ پيداواري صورتون پيدا ڪرڻ. زراعت جي واڌو پيداوار جو انحصار فني جدت تي هو. جن آبادگار گروهه اهو ڪم ڪيو سي ئي ڏڪار جي خطري سبب وري ڪپي وڃڻ کان بچي پيا.

جدت مان مراد موجود فصلن جي مختلف قسمن کي سُڌارڻ يا وري وڌيڪ اثرائتي نموني پالتو جانورن جي زرخيزي سگهڻ هو. پر ان جي معنيٰ ڊور رس تبديليون به ٿي سگهن ٿيون. يوريشيا ۽ آفريقا ۾ پوک لاءِ هڪڙي دريافت ٿي. ڪاٺ جو هڪ گهڙيل ٽُڪرو يعني هَرُ. جنهن کي پالتو ڪير ڍينڊڙ جانور گهلي زمين جي سخت تهه کي وڌيڪ اثرائتي نموني کيڙي سگهندا هئا ۽ اهو ڪم هٿ ۾ جهلڻ واري رنبي کان وڌيڪ بهتر ثابت ٿيو. ٻيو ته ٻوڏن کان فصلن کي بچائڻ ۽ پاڻيءَ جو رُخ انهن ٻنين ڏانهن موڙڻ لاءِ بند ٻڌڻ (ڊيم) ۽ ڪڏن جي کوٽائيءَ واري کوجنا پڻ اهم هئي. نه ته ٻي صورت ۾ ٻنيون بنجر ۽ فصل سڙي وڃن ها. ٿيون زمين کي ٽڪجڻ کان بچائڻ لاءِ جانورن جي ڇيڻن کي ڀاڻ طور استعمال ڪرڻ ۽ هر سال پوکيءَ لاءِ نئين زمين صاف ڪرڻ. ان کان سواءِ ٻيون به ڪي حرفتون ۽ ڪاريگريون دنيا جي هڪ يا ٻئي حصي ۾ دريافت ڪيون ويون، جن ۾ ڏبڻ يا پوسل زمين کي خشڪ ڪرڻ، کوهه کوٽڻ، ٽڪرين جي پاسن کي هموار ڪرڻ ۽ پوءِ چانورن جي ٻجن جي پيوندڪاري (ڏاکڻي چين ۾) شامل هيون.

سموري انساني پورهيي وانگر انهن نين حرفتن جا به پاسا هئا. هڪ ته انهن ماڻهن کي گذرسفر جا اضافي وسيلا مهيا ڪري ڏنا. جيڪي گروهه اڳ ۾ فقط پنهنجي گذران جيترو ئي پيدا ڪندا هئا، سي هاڻ واڌو پيداوار شروع ڪري سگهيا. ٻيو ته ماڻهن جي سماجي لاڳاپن ۾ تبديليون آيون.

نيون حرفتون ماڻهن جي وچ ۾ باهمي تعاون جي مختلف صورتن تي آڌاريل هيون. مثال طور، هَرَ جي استعمال مردن ۽ عورتن جي وچ ۾ پورهيي جي ورڇ کي وڌائي ڇڏيو ڇاڪاڻ ته

ٻارن جي پالنا يا سارسنڀال ڪندڙ عورتن لاءِ ڳري پورهيي جون صورتون آسان نہ هيون. باقائده آبپاشيءَ جا لنگهہ (ڪڙيا/ ڪسيون) ٺاهڻ ۽ سارسنڀال لاءِ گهڻن يا سوين گهراڻن جو تعاون گهربل هو. ان سان انهن جي وچ ۾ پورهيي جي ورڇ ويتر وڌيڪ ٿي. هڪڙن نگراني ڪئي ۽ ٻين اُهي ڪم ڪيا. کاڌ خوراڪ کي ذخيرو ڪرڻ لاءِ ڊوئيءَ ۽ گدامن جي حفاظت ۽ سنڀال جو ڪم سرانجام ڏيندڙ ٻيا الڳ گروهہ پيدا ٿيا. واڌو پيداوار جي هوندي ڀهريون پيرو ڪجهہ ماڻهن کي زرعي سرگرمين کان آزادي ملي ۽ انهن دستڪاريءَ امڪاني جنگ لاءِ تياريءَ يا ٻين ماڻهن لاءِ مقامي شين جي متاستا طرف ڌيان ڏنو.

قديم عراق ۾ 5 ۽ 6 هزار سال اڳ جيئن ئي ماڻهن دجلہ ۽ فرات ندين جي ڀرپاسي پنهنجا ٺڪاڻا ٺاهيا تہ گوردن Childe جي بقول، وڏيءَ تبديليءَ جنم ورتو. کين اهڙي زمين ملي، جيڪا انتهائي زرخيز هئي، پر اُن کي فقط 'آبپاشيءَ ۽ واڌو پاڻيءَ جي نيڪال وارن ڪمن' سان ئي آباد ڪري سگهجي پيو جنهن جو دارومدار 'باهمي ڪوشش' تي هو.[48] تازوئي ميزلس (Maisels) خيال پيش ڪيو آهي تہ انهن ماڻهن دريائي نالن جي ڪنارن ۾ ننڍا ڦاٽ ٺاهڻ دريافت ڪري ورتا تہ جيئن اُهي زمين جي ڪشادن ميدانن تائين پاڻي پهچائي ۽ پيداوار وڌائي سگهن. پر اُهي يڪدم سيئي واڌو شيون کائي نہ پئي سگهيا، تنهنڪري فصل گهٽ لهڻ کان بچاءَ لاءِ ان مان ڪجهہ پاسيرو ڪري رکيائون.[49]

اناج عمارتن ۾ سٽي رکبو هو جيڪي ڀرپاسي واري زمين کان الڳ نمايان ۽ منفرد حيثيت ۾ سماجي زندگيءَ جي بقا ۽ تسلسل جون علامتون هيون. جن اناج جي گودامن جي نگراني ڪئي سي معاشري ۾ سڀ کان وڌيڪ عزت ۽ احترام لائق ٿي ويا، ڇو تہ اُنهن باقي آباديءَ جي زندگيءَ جي سارسنڀال ٿي ڪئي ڇاڪاڻ تہ اُنهن واڌو پيداوار کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ذخيرو ڪيو ۽ ونڊ ورڇ ڪئي. گودام ۾ گڏ ڪيل واڌو پيداوار هلائيندڙ سماج کان مٿانهين ۽ بلند طاقت جو ڏيک ڏيڻ لڳا، ڇاڪاڻ تہ سندن ڪاميابيءَ جي ڪنجي اها هئي تہ عوام سندن تعريف ۽ فرمانبرداري ٿي ڪئي. اُنهن ذري گهٽ مافوق الفطرت خدائي صورت اختيار ڪري ورتي. گودام ڀهريان عبادت گاهہ هئا ۽ انهن جي سارسنڀال ڪندڙ ڀهريان پادري هئا.[50] ٻيا سماجي گروهہ جن جو واسطو تعميراتي ڪمن، دستڪاريءَ جي مهارتن، عبادت گاهہ جي مذهبي مهندار لاءِ رڌ پچاءَ ۽ ڪپڙا ٺاهڻ، عبادت گاهہ تائين کاڌو رسائڻ ۽ شين جي متاستا لاءِ ڊگهن پنڌن جو انتظام ڪرڻ سان هو اُهي سڀ مندرن جي چوڌاري جمع ٿيڻ لڳا. صدين جي سفر ۾ زرعي جهوپڙين ڳوٺن ۽ ڳوٺن وري شهر جي صورت ورتي، جهڙوڪ: اُرڪ، لاگاش، نپور، ڪش ۽ اُر (ڇيو وڃي ٿو تہ اُتان کان بائيبل وارو ابرهام آيو هو).

ساڳئي قسم جو سلسلو اٽڪل اڍائي هزار سال بعد ۾ ميسو_ آمريڪا ۾ شروع ٿيو. لڳي نہ ٿو تہ آبپاشيءَ اهڙو مرڪزي ڪردار ادا ڪيو هوندو گهٽ ۾ گهٽ ابتدائي طور تي ڇاڪاڻ تہ اُتي مڪائي جو فصل ججهي مقدار ۾ ٿيندو هو جنهن سُٺن سالن ۾ واڌو

پيداوار مهيا ٿي ڪئي.[51] پر مسئلو تڏهن ٿيو جڏهن فصل نہ لٿو جنهنڪري واڌو پيداوار کي ذخيرو ڪري رکڻ ۾ بين آبهوائي حالتن ۾ رهندڙ آبادين سان تعاون جي صورتن جنم ورتو. جيڪڏهن ڪنهن آباديءَ ۾ پيداوار کي منظم ڪرڻ، موسمن جو حساب رکڻ ۾ گودامن جي سنڀال ڪندڙ ماهر ماڻهن جو هڪ گروهہ هيو تہ اُن سان مجموعي طور تي (آباديءَ کي) وڏو فائدو ٿيو. هتي بہ ڪجهہ وقت کانپوءِ گودام عبادت گاهہ ۾ ۽ سنڀاليندڙ مذهبي مهندارن ۾ تبديل ٿي ويا. ائين Zapotecs ،Teotihuacan ،Olmecs ۽ مايا جي سلسليوار ثقافتن جي اوسر ٿي، جيئن سنگن وڏن مجسمن، عاليشان احرامن، مندرن، رسمي سرن وارن ڪمرن ۾ تفصيلي طور تي رٿابندي وارن شهرن ۾ ڏيکاريل آهي (اٽڪل ابتدائي عيسوي صدين ۾ Teotihuacan جي آبادي هڪ لک تائين هئي).

وچ اوير ۾ ميسو_آمريڪا پنهي ۾ ڪجهہ بيون تاريخي اهميت واريون شيون ٿيون. مذهبي مهندار گروهہ جيڪي عبادت گاهن ۾ شيون ذخيرو ڪندا ۽ ورهائيندا هئا، تن آمد ۽ روانگي جو حساب رکڻ لاءِ پٿرن يا ٺڪرن تي نشانيون ٺاهڻ شروع ڪيون. ماڻهن جي سوچن ۾ جملن جي مستقل بصري (ظاهري) اظهار واري طور طريقي دريافت ٿيڻ تائين ڳچ عرصو مخصوص شين جي مطابقت سان تصويري شڪلين ٺاهيون ويون. ٿوري وقت کانپوءِ انهن تصويرن ۾ ٺاهيل شين لاءِ لفظن جي آواز جو اظهار ٿيڻ لڳو. مندرن جي محافظن کي رات جو آسمان، چنڊ، گرهن ۾ تارن جي چرپر جي سچ سان باهمي رشتي طور تفصيلي جائزو وٺڻ لاءِ واندڪائي ۾ وقت پڻ ملي ويو. مستقبل جي اڳڪٿيءَ ۾ چنڊ گرهڻ جهڙن لقائن جي اڳڪٿي ڪرڻ واري سنگن صلاحيت کين ذري گهٽ جادوئي رُتبو ڏياري ڇڏيو. اُنهن سج ۾ چنڊ تي آڌاريل جنتري (ٽپڻو) ٺاهڻ پڻ سکي ورتي، جنهن ماڻهن کي فصل پوکڻ لاءِ سال جو بهترين وقت معلوم ڪرڻ جي لائق بڻايو. اهڙين ڪوششن سبب عبادت گاهن ۾ حسابن ۾ فلڪيات جي علمن جنم ورتو. ايتريقدر جو علم نجوم جي جادوئي صورت سامهون آئي. گورڊن Childe لکيو تہ 'اصل ۾ سماجي واڌو پيداوار جو هڪ حصو عبادت گاهن جي خزانن ۾ يا گودامن ۾ ڪٺو ڪرڻ سان ئي ثقافتي ترقي ٿي، جنهن کي اسان تهذيب جي ڪسوٽيءَ طور وٺون ٿا.'[52]

هڪ دفعو جڏهن قديم عراق ۾ ميسو_آمريڪا ۾ اوائلي تهذيبن لکڻ سکي ورتو تہ پوءِ بيا ماڻهو جيڪي ساڻن رابطي ۾ آيا، انهن پنهنجين ٻولين ۾ لکڻ لاءِ مقامي طرح ٿوري فرق سان اُن کي قبولي ورتو. اٽڪل 5 هزار ورهيہ اڳ سموري وچ اوير ۾ لکت تمام تيز رفتاريءَ سان پکڙجي وئي ۽ ائين لکت مرڪزي اوير ۾ ڏاکڻي ايشيا، اتر اولهہ آفريقا ۾ ميڊيٽيرين يورپ تائين ڦهلجي وئي. اولميڪس کان وٺي سيٺي ميسو_آمريڪن تهذيبن ان کي ڪتب آندو. بهرحال ڪجهہ تهذيبون اهڙيون بہ هيون جن لکت کانسواءِ اعلي درجو ماڻيو خاص ڪري ڏکڻ آمريڪا ۾ ڳالهايل لفظن لاءِ لکت جي صورت ڏيڻ کانسواءِ يادگيريءَ طور نشانيون ڪتب آنديون ويون.

فقط انهيءَ مرحلي تي گهٽيءَ زراعت ۽ شهري زندگيءَ ڏانهن تبديليءَ جا ڪجهه مثال ملن ٿا. دنيا جي انيڪ مختلف حصن ۾ ائين ٿيو ڇاڪاڻ تہ ماڻهن گذرسفر جا نوان طور طريقا دريافت ڪري ورتا. زرعي سماجن ڪيترائي اهڙا مثال پڻ مهيا ڪيا، جن اهو گس ورتو ۽ اهڙيءَ سطح تي پهتا، جتي سوين يا ايتريقدر جو هزارين ماڻهن کي متحرڪ ڪري عظيم پٿر جون عمارتون اڏي سگهيا. جهڙوڪ: مالٽا ۾ ٿي ۽ چار هزار ورهيہ ق. م جون عبادتگاهون، اولهہ يورپ جا پٿريلا دائرا (اسٽون هينگ طور مشهور)، ايسٽر بيٽ جا عظيم مجسما ۽ Tahiti جا ميداني پليٽ فارم وغيره.[53] ڪڏهن ڪڏهن 'تهذيب' ڏانهن سفر هڪ حد تائين ڪنهن بئي هنڌ تيل ترقيءَ کان اثرانداز ٿيو ٿي.[54] پر ان سان اها حقيقت نہ ٿي بدلجي تہ هڪ دفعو زراعت جي ترقي مخصوص حد تپڻ کانپوءِ سماج جي اندروني محرڪن سبب ڳوٺن ۽ شهرن اڏڻ ڏانهن وٺي ويندڙ عمل ۽ گهٽو ڪري لڪت جي ايجاد، انيڪ مختلف جاين تي آزاداڻي نموني شروع ٿيا. اها ڳالهہ اهڙي ڪنهن بہ دعويٰ کي ناسمجهي ثابت ڪري ٿي تہ دنيا جي ماڻهن جو هڪ گروهہ ٻين کان 'برتر' آهي، ڇاڪاڻ تہ اُهي 'تهذيب' تائين اڳ ۾ پهتا.

باب ٽيون

اوائلي طبقاتي ورچون

تهذيب جي ترقي ڳري قيمت چڪائي ٿي. 'شهري سماج جي اوسر جي تاريخ' ۾ ايڊم لکي ٿو ته، 'اٽڪل 3 هزار سال ق. م اڳ، 'پروٽولٽريٽ زماني جي پڇاڙيءَ ۾' 'غلام ڇوڪرين' جي نشانيءَ طور تختيون ملن ٿيون. 'مرد غلام' لاءِ نشاني ٿورو بعد ۾ ٿي، جنهن ڪانپوءِ 'مڪمل آزاد شهري' ۽ 'عام ماڻهو يا ماتحت رتبي'[55] وارن منفرد اصطلاحن جو پهريون ظهور ٿيو. انهيءَ زماني ۾ 'طبقاتي تفريق جو ثبوت بلڪل واضح ملي ٿو.' 'قديم ايشونا ۾ مک رستي سان وڏا گهر ..... گهٽ ۾ گهٽ 200 چورس ميٽرن يا ان کان وڌيڪ جا ملن ٿا، جڏهن ته ٻئي پاسي تمام وڏي تعداد ۾ گهر ننڍا هئا..... جيڪي وروڪڙن ۽ سوڙهين گهٽين کان ٿيندا مک رستي تائين پهتا ٿي..... گهڻا گهر 50 چورس ميٽرن کان وڏا نه هئا.'[56] ايڊم لکي ٿو: سماجي درجي بنديءَ جي ٿري ۾ غلام هئا، جن کي وڪڻي ۽ خريد ڪري سگهجي پيو... نقط هڪڙيءَ تختيءَ تي 205 غلام ڇوڪرين ۽ ٻارن جي فهرست لکيل هئي، جيڪي گهٽ ۾ گهٽ ڪپڙن سُبڻ واري ڪم سان لاڳاپيل هئا..... ٻيون عورتون اُٽو پيهڻ، مشروب ٺاهڻ، رڌ پچاءَ ۾ مصروف هونديون هيون.... مرد غلامن کي عام طور تي 'انڌا' سڏيو ويندو هو ۽ باغبانيءَ وارن ڪمن ۾ لڳل هوندا هئا.[57]

تهذيب جي ظهور کي اڪثر ڪري انساني تاريخ ۾ عظيم وکن مان هڪ سمجهيو وڃي ٿو. بيشڪ انهيءَ وک تاريخ کي تاريخ کان اڳ واري زماني کان جدا ڪيو. پر اهو عمل جڏهن به ٿيو ته ان سان گڏ ناڪاري تبديليون پڻ ظهور پذير ٿيون. پهريون ڀيرو طبقاتي فرق جو واڌارو ٿيو جنهن ۾ هڪ مراعت يافته اقليت ٻين جي پورهيي تي آرام سان جيئڻ لڳي، ۽ هٿياربند ماڻهن، سپاهين ۽ ڳجهيءَ پوليس جا ادارا، ٻين لفظن ۾ رياستي ڍانچي، جنم ورتو جنهن سان انهيءَ اقليت باقي سماج مٿان پنهنجي حاڪميت قائم ڪئي. نه صرف قديم عراق ۾، پر ٻين ڪيترين اوائلي تهذيبن ۾ پڻ غلاميءَ جو وجود، يعني هڪڙن ماڻهن جي جسماني مالڪي ٻين جي ملڪيت هجڻ، انهيءَ ڳالهه جو ثبوت آهي، جا ڏيکاري ٿي ته ڳوٺاڻين برادرين ۽ رت جي رشتن تي آڌاريل سماجن وارن ڏينهن کان وٺي ڪيتري ڏورانهين سماجي تفريق پيدا ٿي هئي. پر اوائلي عراقي حڪمران طبقي لاءِ غلامي نسبتن گهٽ اهميت واري هئي. انهن وٽ وڌيڪ اهميت هارين ۽ ٻين پورهيتن جي استحصال جي هئي، جيڪي مٿين طبقن ۽ عبادتگاهن لاءِ

مشقت ڪندا هئا. اُتي `Shub-lugals` جهڙا گروهه هئا. جن جو مرتبو گهٽ ۽ سندن آزادي محدود هئي. اُهي بائو (Bau) عبادتگاهه يا جاگير جي وسيع ٻنين تي ٽولن جي صورت ۾ پورهيو ڪندا هئا. ڀيڙن کي ڏڪڻ، آبپاشي لاءِ واهه کوٽڻ ۽ شهري لشڪر جي مرڪزي حصي طور خدمتون سرانجام ڏيندا هئا.' سندن خدمتن عيوض موٽ ۾ سال جي چئن مهينن دوران کاڌ خوراڪ جو حصو ملندو هئو ۽ 'جاگير يا عبادت گاهه جي ملڪيتن مان زمين جا ننڍا ٽڪرا ڏنا ويندا هئا.'[58] اهڙا گروهه ڪنهن زماني ۾ آزاد هاري خاندان هئا، پر وڏيڪ طاقتور گروهن خاص ڪري عبادت گاهن انهن کي زبردستيءَ ماتحت بڻائي ڇڏيو.

گورڊن Childe اٽڪل 2500 ق. م واري لگاش شهر جي هڪ قانون جو تت بيان ڪري ٿو ته ڪيئن 'مذهبي مهندارن ڦرلٽ جون طرحين طرحين صورتون (مثال طور دفنائڻ لاءِ واڌو پيسا) گهڙي ورتيون. برادريءَ جي زمين کي خدا جي زمين، مال متاع ۽ نوڪرن کي پنهنجي ذاتي ملڪيت سمجهي ساڻن ذاتي غلامن طور سلوڪ ڪيائون ٿي. 'مذهبي مهندار لاءِ عام ماڻهوءَ اُپايل هر شيءِ پنهنجي استعمال ۾ آڻڻ جائز هئي.... جيڪڏهن هڪ وڏي ماڻهوءَ جي گهر پرسان عام شهريءَ جو هڪ گهر آهي ته اهو (وڏو ماڻهو) مالڪ کي ڪوبه خاص عيوضو ادا ڪرڻ کانسواءِ ان جي گهرڙي کي پنهنجي گهر سان ڳنڍي ڇڏيندو.' گورڊن نتيجو اخذ ڪري ٿو ته 'اها آڳاٽي لکت اسان کي حقيقي طبقاتي ٽڪرار جون صاف ۽ واضح جهلڪيون ڏئي ٿي.... اصل ۾ نئين معيشيت ڌريعي پيدا ٿيل واڌو پيداوار هئي'.[59]

جيئن پوءِ تيئن استحصال جي دائرو وڌندو رهيو. ٽي بي جونز ٻڌائي ٿو ته اٽڪل 2100 ق. م ۾ لگاش جي شهري رياست ۾ ڪيئن عبادت گاهه اڪثر پوک لائق زمين هئا.... اڌ (فصل) پيداوار لاڳت (مزدورن جي اُجرت، وزن کڻندڙ جانورن جي خوراڪ ۽ ٻين شين) طور خرچ ٿي ۽ چوٿون حصو شاهي ٽيڪس طور بادشاهه کي ڏنو ويو باقي بچيل 25 سيڪڙو پادرين جي ملڪيت هو.'[60]

سي. جي. گيڊ نشاندهي ڪري ٿو ته گلگيمش جي مشهور سُميرين داستان ۾ 'هيرو کي اُرڪ جي پٽ ڌانهن ڏسندي ڏيکاريو ويو آهي جيڪا هن تيار ڪئي هئي ۽ هو درياءَ ۾ ترندڙ لاشن ڌانهن ڌيان ڏئي ٿو بيشڪ غريب ترين شهرين جو انجام اهڙو ٿيندو رهيو آهي.'[61]

ڪيٽز ٻڌائي ٿو ته ميسو_آمريڪا ۾ ساڳئي قسم جو طريقي ڪار هو. ايتريقدر جو اولميڪس جي پٿرين تهذيب ۾ سماجي درجي بنديءَ جون سطحون هيون. پُرنور تدفين جا ميدان شاهوڪار تحفن سان سينگاريل' ۽ 'هڪڙي ماڻهوءَ کي ٻئي جي اڏو جهڪندي جيڪو شاهوڪار لباس ۾ ملبوس آهي...... هڪ معتبر ۽ ٻيو سندس ماتحت... طور ڏيکاريو ويو آهي.'[62] مايا تهذيب ۾ 'گهٽن ڪمرن واريون عمارتون يا محل' ثابت ڪن ٿا ته سماج 'واضح نموني خاص ۽ عام طبقن ۾ ورهايل هو.'[63]

جن ماڻهن اڳ ۾ پين جو استحصال ۽ ظلم نہ ڪيو هو تن اوچتوئي ائين ڪرڻ ڇو شروع ڪيو؟ ۽ باقي سماج انهيءَ نئين استحصال ۽ ظلم کي ڇو برداشت ڪيو؟ شڪاري_ ڇُونڊيو ڪندڙ سماج جي هزارين سالن ۽ ابتدائي زرعي معاشري جي هزارين سالن جي تاريخ ثابت ڪري ٿي تہ 'انساني فطرت' پاڻمرادو اهڙو ورتاءُ اختيار نہ ڪيو هو.[64]

انساني سماج جي تاريخي داستان جو خاڪو 1840ع ۽ 1850ع ۾ فقط ڪارل مارڪس ۽ ان جي وڌيڪ وضاحت فريڊرڪ اينگلس ڪئي. مارڪس 'پيداوار جي لاڳاپن' ۽ 'پيداوار جي قوتن' جي واڌاري جي وچ ۾ باهمي عمل تي زور ڏنو. انسانذات زندگيءَ جون ضرورتون پيدا ڪرڻ جا نوان طريقا ڳولي ٿي، اهي طريقا مادي مسئلن کي آسان ۽ سهل بنائڻ لاءِ هجن ٿا. پر پيداوار جا اُهي نوان ڍنگ انساني گروهن جي فردن وچ ۾ نون لاڳاپن کي جنم ڏيڻ شروع ڪن ٿا. هڪ مخصوص مرحلي تي انهن نون طريقن کي يا تہ هڪبئي سان لاڳاپن جا نوان ڍنگ ڪتب آڻڻا پون ٿا يا وري اُهي گذرسفر جي نون ڍنگن کي رد ڪن ٿا.

گذرسفر جي طور طريقي ۾ تبديلين منجهان طبقا نهڻ شروع ٿيا. پيداوار جا طريقا انهن گروهن لاءِ ڪُليل هئا، جيڪي زنده رهڻ لاءِ پنهنجي ضرورتن کان وڌيڪ ۽ مٿي پيدائش ڪرڻ ۽ واڌو پيداوار ذخيرو ڪرڻ جي اهل ٿي سگهيا. پر نون طريقن لاءِ ڪجهہ ماڻهن کي ٻنين ۽ ميدانن ۾ ڪم ڪرڻ واري وزن کان آجو ٿيڻ جي ضرورت هئي تہ جيئن اُهي گروهہ جي سرگرمين کي منظم ۽ مربوط ڪري سگهن ۽ يقيني بڻائين تہ واڌيءَ جو ڪجهہ حصو جلدي خرچ نہ ڪيو ويندو پر مستقبل لاءِ گودامن ۾ پاسيرو رکيو ويندو.

پيداوار جون حالتون اجان تائين غيرمستحڪم ۽ خطرناڪ هيون. سوڪهڙو تيز طوفان يا ماڪڙ جو حملو يا ڪا ٻي بيماري فصلن کي تباهہ ڪري ۽ پيداواري نفعي کي نقصان ۾ بدلائي سگهي ٿي. جي ماڻهن کي مستقبل لاءِ پاسيرو رکيل ذخيرن کي استعمال ڪرڻ ڏانهن ڌڪي سگهي ٿي. اهڙن حالتن ۾ اُهي جيڪي جسماني پورهيي کان آجا هئا سي پيداوار جي نگراني ڪندي هر هڪ جو پيٽ پرڻ واري ڪم کي سرانجام ڏيڻ لاءِ استعمال جو گس ڳولي سگهيا ٿي. هو ڏبرن ٻُڪايل ماڻهن کان حد کان وڌيڪ ڪم ڪرائيندا هئا ۽ ايتريقدر جو ٻُک وگهي مرڻ ڪنڌيءَ هوندي بہ ماڻهن کي زبردستي ڪاڌي جي ذخيرن کان پري رکندا هئا. 'اڳواڻ' بدلجي 'حاڪم' ٿيڻ لڳا، ماڻهن اُنهن کي سندن وسيلن جي سنڀال ڪندڙ ۽ مجموعي طور سموري معاشري جي مفادن جي رکوالن طور ڏٺو ويو. اُهي پنهنجي ان ضابطي واري حيثيت جو دفاع ڪندي، ٻين کي ايذائڻ کان بہ ڪونہ ڪيٻائيندا هئا، اُنهن سمجهيو ٿي تہ سماجي ترقي انهن تي منحصر آهي جيڪي چُست، صحتمند ۽ وقفي وقفي سان سموريءَ آباديءَ کي لپيٽ ۾ وٺندڙ ڏُڪارن ۽ ٻُکن کان محفوظ هجن. مختصر لفظن ۾، اُهي سماج جي وسيع تر مفادن ۾ مخصوص انداز سان عمل ڪرڻ بجاءِ ام طرح ڪم ڪرڻ لڳا، ڄڻ سندن پنهنجا

گروهي مفاد ڪُلي طور تي سماج جا مفاد هجن. يا ڪٿي ائين چئجي تہ سماجي رتبي پهريون پيروپين جو استحصال ڪرڻ ۽ دٻائڻ واري مقصد ڪي زور وٺايو.

پيداوار جا طريقا جن واڌو پيداوار ڪئي ٿي، انهن طريقن جي سڪي جو پيو پاسو طبقاتي فرق هئا. جن علائقن ۾ انتهائي زرخيز زمين هئي اُتان جي آبادگار برادرين طبقاتي اڻبرابريءَ کانسواءِ پنهنجو پاڻ مضبوط نڪاٽا ناهي ورتا. پر جيئن ئي اُهي وڌيا ۽ ڦهليا تيئن سندن بقا جو مدار وڌيڪ ڏکين حالتن کي منهن ڏيڻ تي هو جنهن لاءِ سماجي لاڳاپن جي نئين سر تنظيم گهربل هئي.[65]

اڳ وارن غيرطبقاتي معاشرن ۾ اعليٰ مرتبي وارا گروهہ زرعي پيداوار وڌائڻ لاءِ، آبپاشيءَ وارن ڪمن جي سرانجاميءَ يا نئين زمين جي وسيع ايراضيءَ صاف ڪرائڻ لاءِ گهربل پورهيتن کي منظم ڪرڻ جا انتظام ڪندا هئا. اُهي هر هڪ جي مفادن آهر وڌاو پيداوار جو انتظام سنڀالڻ ۽ ڪنهن قدرتي آفت کان ان جو بچاءُ ڪرڻ يا ان جو حصو استعمال ڪندڙ طور پنهنجو پاڻ کي ذميوار سمجهندا هئا. تنهنڪري پهرين گروهن سماج جي کپت لاءِ موجود سامان کي وڌائڻ خاطر وڏي پيماني تي تجارت ڪئي ۽ ٻيا گروهہ وري جنگ ذريعي وڙهي ٻين معاشرن کان واڌو پيداوار کسڻ ۾ تمام ماهر ٿيا.

غيرطبقاتي زرعي معاشري ۾ قدرتي آفتن، زمين جي ٽڪجڻ ۽ جنگين شديد بحرانن واريون حالتون پيدا ڪريو، پراڻي نظام جي جاري رهڻ کي ڏکيو بڻائي ڇڏيو. ان ڪري نين پيداواري طريقن تي ياتڙڻ کي هٿي ملي، پر انهن کي فقط تڏهن اپنائي سگهجي پيو جڏهن ڪجهہ شاهوڪار خاندان پنهنجن پراڻن ضابطن ۽ فرضن کي مڪمل طور توڙي ڇڏين. جيڪا دولت احترام ۽ مرتبي اڳيان جهُڪي ٻين کي ڏئي ڇڏبي هئي، سا بي جا خرچ ڪرڻ واري دولت ٿي وئي، جڏهن تہ ٻيا اٿهوند کي يوڳيندا هئا. 'سرداريءَ جي ترقي يافتہ صورتن ۾ جنهن جي ابتدا پنهنجي پيداوار ٻين جي فائدي لاءِ وقف ڪرڻ واري رويي سان ٿي، سا ڪنهن حد تائين، ٻين جي پيداوار سردار جي فائدي لاءِ ڏيڻ ۾ بدلجي وئي.'[66]

ساڳئي وقت جنگ ڪجهہ فردن ۽ نسلن کي وڏي عظمت ماڻڻ جي اجازت ڏني، چاڪاڻ تہ اُنهن قرلت ڪئي ۽ ٻين سماجن کان ڏن ورتائون. ائين سماجي درجي بندي وڌيڪ پڪي ۽ نمايان ٿي وئي، پلي پوءِ اها درجي بندي ٻين کي شيون ڏيڻ واري قابليت سان سلهاڙيل چو نہ هجي.[67]

انهيءَ سلسلي ۾ ڪابہ شيءِ پاڻمرادو نہ ٿي. دنيا جي انيڪ حصن ۾ محنت جي ڏکين طريقن، جهڙوڪ: گرميءَ سرديءَ هَرَ ۾ ڳهڻ يا پاڻيءَ جي وسيع سرشتن جي استعمال ڏانهن مُڙڻ کانسواءِ ڪيترائي معاشرا هاٿوڪي جديد دور تائين خوشحال جيئڻ جي قابل هئا. اها ڳالهہ پاپا نيو گني، پئسفڪ ٻيٽن ۽ آفريقا، آمريڪا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا جي علائقن ۾ ويجهر واري عرصي تائين اهڙن سماجن جي بقا جي سمجهاڻي ڏئي

ٿي، جن کي غلط نموني 'اوائلي' معاشرا سڏيو وڃي ٿو. پر ٻين حالتن ۾ انساني بقا جو دارومدار نين حرفتن ۽ طريقن کي اپنائڻ تي هو. اهڙين سرگرمين واري انتظام منجهان حڪمران طبقن ۽ انهن سان شهرن، رياستن ۽ جنهن کي اسين اڪثر ڪري تهذيب سڏيون ٿا، انهن جنم ورتو. اتان کان اڳتي انساني سماج جي تاريخ طبقاتي جدوجهد جي تاريخ ٿي. انسانذات فطرت مٿان پنهنجي ضابطي جو پيمانو وڌائي ڇڏيو پر انهن ماڻهن جي قيمت تي، جن کي مراعت يافته اقليتي گروهن پنهنجو تابع بڻائي سندن استحصال ڪيو هو.

اهڙا گروهه واڌو پيداوار کي فقط پنهنجن هٿن ۾ رکندا هئا. جڏهن ته باقي سڄو سماج سخت تڪليفون ڀوڳيندو هو. اُنهن جبري ڍانچا، يعني رياستون قائم ڪري پنهنجي مرضي باقي معاشري تي مڙهڻ لاءِ نوان طريقا ڳولي ورتا. واڌو پيداوار تي ضابطي کين اهڙا وسيلا مهيا ڪري ڏنا. جن سان اُنهن هٿياربند ماڻهن کي ڀاڙي تي ساڻ کنيو ۽ مهانگن طريقن، جهڙوڪ: ڏاڍن واري ڪم ۾ سيڙپ. کين قتل ڪرڻ جي سڀ کان ڪارگر ذريعن تي هڪ هٽي مهيا ڪري ڏني.

هٿياربند قوت تڏهن سڀ کان وڌيڪ اثرائتي هوندي آهي، جڏهن ان جي پٺڀرائي قانوني اصول ۽ نظريا ڪن. جيڪي حڪمران طبقن جي طاقت کي عوام جي گذرسفر جي وسيلي طور پيش ڪري، ان کي پاڪ پوتر بڻائين ٿا. مثال طور قديم عراق ۾ 'اوائلي بادشاهه واهه کوٽائڻ، عبادت گاهه اڏائڻ، شام مان عمارتي ڪاٺ ۽ اومان مان پٿر ۽ گرينائيٽ گهرائڻ جهڙين پنهنجين معاشي سرگرمين بابت ٻٽاڪ هڻندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن رازن يا ڪاريگرن طرفان ٺاهيل يادگارن ۾ سندن تصوير ڪشي ائين ڪئي وئي. جڻ ته اُهي عبادت گاهن جون رٿائون خدائن کان حاصل ڪن ٿا.'[68]

نه صرف حڪمرانن پنهنجو پاڻ کي سماج جي سڀ کان اعليٰ ترين قدرن جي اوتار طور سمجهيو ٿي، پر ڪن مخصوص حالتن ۾ استحصال جو شڪار ٿيندڙن به ائين ئي سمجهيو ٿي. سماج جي واڌو پيداوار کي پاڻ وٽ رکندي، اُن کي ٻيهر پيدا ڪرڻ وارن وسيلن تي ضابطي هوندي، حڪمرانن کي سندن ماتحت معاشري جي طاقت جي علامت طور خدائن وانگر، يا گهٽ ۾ گهٽ عام ماڻهن ۽ خدائن جي وچ ۾ ضروري ٿياڪڙ طور ڏٺو ويو ٿي. اتان کان ئي مصر جي فرعونن ۾ خدا جهڙيون خاصيتون يا قديم عراق ۽ ميسو ــ آمريڪا جي اوائلي حڪمران طبقن سان مذهبي مهندارن وارا گڻ منسوب ڪيا ويا.

مذهبي عقيدن جون درجي بنديون طبقن کان اڳ وارن سماجن ۾ وجود رکنديون هيون. ماڻهو بظاهر پُراسرار ۽ عجيب لقائن کي جادوئي وجودن جي ضابطن سان منسوب ڪندا هئا. جن کي ڪجهه پوئن جي اُسرڻ ۽ ٻين جي نه اُسرڻ، جڳهي شڪار وارن سالن ۽ بُکن ۽ فاقن وارن سالن توڙي اوچتن ۽ غيرمتوقع موتن جو ڪارڻ سمجهيو ويندو هو. طبقن ۽ رياستن جي ظهور سان ماڻهن کي پنهنجي وس کان ٻاهر سماجي طاقتن جي

وجود کي پڻ منهن ڏيڻو پيو. انهيءَ مرحلي تي منظم مذهبي ادارا پيدا ٿيا. خدائن جي پوڄا سماج جو اهڙو ڪم بڻجي ويو جنهن ذريعي اصل ۾ انهن پنهنجي طاقت جي عبادت ڪئي پئي. ماڻهن پنهنجن ڪارنامن کي هڪ ويڳاڻيءَ صورت ۾ ميڙتا ڏني. نتيجي طور انهن جي طاقت ۾ اضافو ٿيو جن دعويٰ ڪئي ته اهڙن ڪارنامن جا ذميوار اُهي پاڻ آهن. جن پيداوار ڪندڙن جي هجومن کي منظم ڪيو پنهنجن هٿن ۾ واڌو پيداوار تي هڪ هٿي قائم ڪئي ۽ سندن دعويٰ کي للڪاريندڙ ۽ ردڪندڙن خلاف هٿياربند قوت ڪتب آندي.

هڪ ڀيرو جڏهن اهڙا رياستي ڍانچا ۽ نظريا وجود ۾ اچي ويا ته اُنهن مخصوص گروهن جي هٿن ۾ واڌو پيداوار تي ضابطي کي قائم دائم رکيو. ايتريقدر جو ترقي يافته پيداواري سرشتن جي اچڻ ڪانپوءِ انهن جو ڪارج به نه رهيو تڏهن به اهي برقرار رهيا. هڪ طبقو جيڪو پيداوار جي ترغيب طور نمودار ٿيو پلي پوءَ اهو اڳتي هلي ترغيب جو ڪارڻ نه رهجي، تڏهن به قائم رهي ٿو.

اوائلي طبقاتي سماجن جو ڪردار

اسان اڪثر ڪري طبقاتي سماجن کي ذاتي ملڪيت تي آڌاريل سمجهندا آهيون. پر ذاتي ملڪيت طبقاتي اڻبرابريءَ ۾ ورهايل سڀني سماجن جي خاصيت نه ٿي ٿئي. ڪارل مارڪس طبقاتي سماج جي 'ايشيائي' صورت جو ذڪر ڪيو جنهن ۾ ذاتي ملڪيت هوندي ئي نه هئي. ان بدران هن ثابت ڪيو ته حڪمران رياستي مشين تي پنهنجي اجتماعي ضابطي ذريعي آبادگار برادرين، جيڪي ذاتي ملڪيت ڪانسواءِ گڏيل طور تي زمين کيڙينديون هيون، تن جو استحصال ڪرڻ جي قابل هئا. هن جي خيال ۾ اها تصوير ارڙهين صديءَ ۾ انگريزن جي زماني تائين انڊين سماج تي لاڳو ٿئي ٿي. وڌيڪ جديد تحقيق ٻڌائي ٿي ته گهٽ ۾ گهٽ جزوي طور تي اهو خيال غلط هو.[69] پر هن جو ماڊل قديم عراقي، مصري، چيني، انڊين، ميسو_آمريڪن ۽ ڏاکڻي آمريڪي تهذيبن جي اوائلي تاريخ سان ٺهڪندڙ لڳي ٿو.

سماجي طور واڌو پيداوار مذهبي مهندارن يا بادشاهن جي هٿن ۾ هئي، جيڪي عبادت گاهن يا محلن جو انتظام هلائيندا هئا. پيداوار جي مخصوص رخن ۾ جهڙوڪ آبپاشيءَ ۽ ٻوڏ کي ضابطي ۾ آڻڻ وارن ڪمن، عبادت گاهن يا محلن تي ماتحت هارين جي محنت ۽ واپار تي ضابطي وارين هدايتن ذريعي هنن سماج جي واڌو پيداوار تي قبضو ڪيو. پر نه ڪو مذهبي مهندارن نه ئي محلن جو انتظام هلائيندڙن وٽ ذاتي ڪنٽرول يا مالڪي هئي. ڪين طبقاتي استحصال مان فقط ايترو فائدو رسيو ٿي، جيتري قدر اُهي هڪ اجتماعي حڪمران گروهه جو حصو هئا.

سماج جي ٿنڀي طور هارين جي پيداوار زمين جي ذاتي ملڪيت تي آڌاريل نه پئي

لڳي. جيتوڻيڪ اقتصادي زندگيءَ جي تنظيم جون گروهي صورتون، جيڪي طبقن کان اڳ وارن زرعي معاشرن جون خاصيتون هيون، سي اجان تائين برقرار آهن، پر هاڻي بگڙيل صورت ۾ آهن. ڇاڪاڻ تہ اڪثريت واڌو پيداوار جو ڪنٽرول وڃائي چڪي آهي. ماڻهو اجان تائين هڪٻئي ڏانهن باهمي فرضن واري سرشتي تحت پنهنجو پورهيو ڪن ٿا. جيڪو پراڻي رت جي رشتن وارين پيڙهين جي باقيات آهي. تنهنڪري آڳاٽي عراق ۾ پدرشاهي قبيلن (اُهي پيڙهيون جن جي اڳواڻي بزرگ مرد ڪندا هئا) وٽ زمينون هيون نہ ڪي عبادت تاهن وٽ. جڏهن تہ ميڪسيڪو ۾ هارين جا مجموعا وڌ ۾ وڌ ازٽيڪ دور (15 هين صدي) ۾ `Calpulli` ذريعي منظم ڪيا ويا جيڪي 'اندروني طور تي انتهائي درجي بندين' ۾ ورهايل پيڙهين وارا گروهہ هئا.'[70] جن ۾ مٿئين حصي وارا حڪمران طبقن جا مطالبا باقي ٻي آباديءَ مٿان مڙهيا ويندا هئا ۽ انڪاس منجهہ ساڳيو ڪم `aylulli` ذريعي ٿيو.[71] اهڙن گروهن جي وضاحت پيش ڪندي آثار قديمہ ۽ علم الانسان جا ماهر اڪثر ڪري 'مخروطي قبيلن' جو اصطلاح ڪتب آڻين ٿا. اُنهن نيوڪليئر خاندانن کي هڪ ڏندڪٿائي عام ابن ڏاڏن وارين آڪهن سان جوڙي طبقن کان اڳ واري سماج جي پيڙهين جي رسمي صورت قائم رکي،[72] پر هاڻي پيداوار ۽ سماجي ڪنٽرول جي ٻنهي اڪائين (يونٽن) طور ڪم ڪندي استحصالي طبقي جي مفادن ۾ مظلوم طبقي جي محنت کي منظم ڪيو.

يوريشيا ۽ آفريقا جي ڪُجھ حصي ۾ حڪمران طبقي ۽ هارين ٻنهي منجهہ ذاتي ملڪيت ظاهر ٿيڻ لڳي، پر ڪيترين صدين تائين حڪمران طبقن اندر ڦيٽارن، خونريز جنگين ۽ استحصال ڪندڙ ۽ استحصال ٿيندڙ طبقن جي وچ ۾ شديد تڪرارن جي سفر ڪانپوءِ

باب چوٿون

عورتن سان ظلم

معاشري ۾ طبقن جي ٺهڻ ۽ رياست جي اُسرڻ سان عورتون هر هنڌ محروم، پسپا ۽ مجبور ٿي پيون. سندن حيثيت ۽ مرتبي ۾ تبديلي آئي، جنهن کي هڪ صدي کن اڳ فريڊرڪ اينگلس 'زناني جنس جي عالمي تاريخي شڪست' طور بيان ڪيو. اڳ جيڪا فيصلي سازيءَ ۾ مردن سان برابر جي ساٿياڻي هئي، تنهن جي حيثيت ماتحت ۽ ٻانهيءَ واري ٿي وئي. انهيءَ ماتحتي جي ٺُز نوعيت هڪ طبقاتي سماج کان ٻئي تائين ۽ هر هڪ سماج ۾ هڪ طبقي کان ٻئي طبقي تائين بلڪل مختلف هئي، پر جتي ٻه طبقا هئا اُتي سندس حيثيت ڪمتر هئي. اهو معاملو ايترو ڦهلجي ۽ غالب حيثيت اختيار ڪري ويو جو هاڻوڪيءَ دنيا ۾ ٻه عورت سان انس``ي فطرت جي نه تبديل ٿيڻ جوڳي شيءِ طور سلوڪ ڪيو وڃي ٿو.

انهيءَ تبديليءَ جون پاڙون نون لاڳاپن ۾ کُتل هيون، جيڪي ماڻهن جي وچ ۾ واڌو پيداوار سان اُسريون. نون اثرائتن ۽ زورآور پيداواري طريقن پهريون ڀيرو مردن جي محنت کي عورتن جي پورهيي کان وڌيڪ ترجيح ڏيڻ جو رجحان پيدا ڪيو. شڪاري_چُونڊي وارن سماجن، جن جي کاڌ خوراڪ جو مُک وسيلو چُونڊو ڪرڻ هو سو مڪمل طور تي ٻارن جي پالنا ۽ پرورش سان هم آهنگ ۽ موافق هو. زراعت جون اوائلي صورتون رنبڻ (گُڏ ڪرڻ) تي آڌاريل هيون. پر ڳرا هَر ڪاهڻ ۽ مال متاع جي ڌڻن ۽ گهوڙن جي پالنا جو گُڏ ڪرڻ سان واسطو نه هو. جن معاشرن ۾ اهي ڳرا ڪم عورتن کان ها ته انهن جي انساني پيدائشي شرح گهٽ ٿئي ها ۽ آبادي رُڪجي وڃي ها ۽ اُنهن معاشرن کان هارائي وڃن ها، جن اڪثر عورتن کي اهڙن ڪمن کان آجو ڪيو. گورڊن Childe گهڻو اڳي نشاندهي ڪئي ته 'وحشين' منجهه، خالص زرعي ماڻهو 'جتي عورتون عام طور تي ٻنين جي گُڏ ڪن ٿيون، اُتي مرد هر ڪاهين ٿا. ايتريقدر جو آڳاٽن سُميرين ۽ مصري دستاويزن ۾ هارپو ڪندڙ سچ پچ مرد هئا.'[73] هن جي خيال ۾ 'هارپي هڪ طرف عورتن کي سخت پورهيي کان ته نجات ڏياري، پر کين اناج ۽ فصلن مٿان هڪ هٿيءَ ۽ سماجي رُتبي کان ٻه محروم ڪري ڇڏيو جيڪو اُن (هارپي کين) عطا ڪيو هو.'[74] ائين آڪهن يا خاندانن جي مستقبل بابت مُک فيصلا مردن جا فيصلا ٿي ويا ۽ انهن تي عمل ٻه مردن ڪرايو ٿي. ٻيون جيڪي تبديليون واڌو پيداوار سان گڏوگڏ ٿيون ان جو پڻ

ساڳيو اثر ٿيو. عورتون مقامي تجارت ڪري سگهن پيون ۽ ڪن هنڌن تي عورتون جنگين ۾ حصو وٺنديون هيون، پر ڏگهن مفاصلن وارو واپار ۽ پر پوءِ سنگين جنگي ترتيب تي مرد جي هڪ هٽي قائم ٿي وئي. واپاري ۽ ويڙهاڪ گهٽي قدر مرد هئا ۽ جيئن ئي انهن واڌو پيداوار تي پنهنجي اختيار کي وڌايو تيئن ئي سندن مالڪيءَ تي مردن جو استحقاق ٿي ويو. پراڻي قبيلائي رشتن جي ٽٽڻ سان انهيءَ رجحان زور ورتو. انفرادي جوان عورت سماجي لاڳاپن جي وسيع ڄار جو حصو نه رهي، جنهن کيس پيداواري وسيلن جي استعمال واري معاملي ۾ ڪجهه چوڻ ۽ راءِ ڏيڻ ۽ مردن جي ڇڙواڳ سلوڪ کان ڪجهه تحفظ ڏنو پئي. ان بدران هاڻي هُوءَ هڪ 'زال' بڻجي وئي، جيڪا هڪ اجنبي آڪهه جي ماتحت ۽ محتاج هئي.[75] واڌيءَ تي ڪنٽرول رکندڙ مردن عورتن سان پنهنجي هڪ ہي ملڪيت، زيور ۽ نمائشي لباس طور، جنسي مزي جي ذريعي يا پنهنجن وارثن جي پالنا ڪندڙ طور سلوڪ ڪيو. انهن کي سختين ۽ ڏکيائين ۽ ٻاهرين خطرن کان بچايو ويو پر کين وسيع سماجي دنيا سان لهه وچڙ ڪرڻ کان روڪي، کين گهرن اندر ريشمي غلافن ۾ قيد ڪيو ويو. زرعي يا دستڪار گهراڻن ۾ عورتن لاءِ زندگي بلڪل مختلف هئي. اُتي سندن اجان تائين هڪ پيداواري ڪردار هو ۽ اُهي اڻ کُٽ محنت ۾ رُڌل رهيون. تنهن هوندي بہ اُهي سندن مڙس ئي هئا، جيڪي گهر ۽ باقي سماج جي وچ ۾ لاڳاپن کي هلائيندا چلائيندا هئا. عورتن ۽ ٻارن تي (عورتن کان لڳاتار ٻار ڄڻائڻ سميت) اهڙا ڪم مڙهيا ويا، جيڪي گهر جي بقاءَ کي يقيني بنائڻ لاءِ ضروري هيا.[76] استحصال ڪندڙ ۽ ٿيندڙ طبقن منجهه ساڳئي قسم جو 'پدراڻو' راڄ هو. يعني، سيني گهرياتين مٿان پيءُ جو راڄ. انهيءَ جو اثر ترت سمورن نظرين ۽ سمورن مذهبن تي ٿيڻ لڳو. مونث ديوين جو ڪردار ثانوي ٿي ويو ۽ اهو بہ دنيا جي تنظيم سازي ۽ تخليق ۾ سرگرم ڀائيوار بدران مائرن جي صورتن ۾ يا وري حُسن ۽ خوبصورتيءَ جي علامتن طور باقي رهيو.

سيني معاشرن ۽ طبقن ۾ عورتن جو ڪردار ناپائيدار ۽ ناقابل تبديل يا هڪجهڙو ۽ ساڳيو نہ هو. هارين منجهه ماين سان ٿيندڙ ظلم نوابن ۽ اميراڻن راڄن ۾ ٿيندڙ ظلم کان بلڪل مختلف صورت ورتي ۽ وري غلامن منجهه صفا مختلف. جتي مرد يا عورت کي پنهنجن گهرن ۾ رهڻ جي اجازت نہ هئي. بيواهون هر هنڌ عام هيون، ڇاڪاڻ تہ نوجوان مردن ۾ مرڻ جي شرح نسبتن وڌيڪ هئي ۽ اڪثر ڪري جنگين ڪندي يا هاريو ڪندي يا دستڪاري ڪندي يا ايتريقدر جو بادشاهت هلائيندي بہ انهن جي زندگي جهٽ پٽ ختم ٿي ويندي هئي. ڪجهه معاشرن ۾ عورتن کي ڪي بہ حق حاصل نہ هئا، جڏهن تہ ٻين سماجن ۾ کين ڪجهه ملڪيت رکڻ ۽ ورثي ماڻڻ جي اجازت هئي ۽ ڪٿي وري کين طلاق ڏيڻ جا حق مليل هئا. اصل ۾ عورتن سان هر هنڌ ظلم ڪيو ويو. ان جي معنيٰ اها ناهي تہ سڀني ٿيندڙ ظلم هر هنڌ ساڳيو هو جيئن 1980ع ڌاري ناري واد

تحريڪ ۾ تعليم ۾ 'پدرشاهاڻي' نظريي جي ڳالهہ عام هئي. بهرحال ائين ضرور هو تہ اوائلي اشتراڪي رُتبي ڪان سندن حيثيت ڪمتر هئي.

اوائلي استحصالي طبقن جي واڌ ويجهہ سماج جي ڳُلي واڌاري کي وڏيڪ متاثر ڪيو. استحصال ڪندڙن پنهنجي حڪمرانيءَ کي سهارو ڏيڻ ۾ مضبوط ڪرڻ لاءِ اهڙا طريقا ڪتب آندا. جن سان معاشري جي وسيلن جو وڏو حصو هڙپ ڪرڻ شروع ڪيائون. پنهنجي طاقتن جو مزو ماڻڻ لاءِ نوڪرن، پيشيور پوليس يا فوجي قوتن، وڏن عبادت گاهن، محلن يا مقبرن جي تعمير ڪرائڻ تي ٽيندڙ خرچن. کين عوام جي وڏيڪ استحصال ۾ ظلم کي ضروري بڻايو ۾ ائين اُنهن استحصال ۾ ظلم کي وڏيڪ جائز ۾ واجبي بڻائي پيش ڪيو ڇاڪاڻ تہ وٽن سماج کي چالو رکڻ جو اهوئي گس هو. هين معاشرن جي وسيلن کي ڦرڻ جي ذريعي طور ٻاهرين جنگين پڻ اضافي ترغيب مهيا ڪئي. ائين جنگ جهڙي بيماريءَ عوام جي پيڙائن ۾ يوڳنائن ۾ واڌ ڪئي. انهيءَ ڪري پاڙيسري ماڻهن منجهہ حڪمران طبقن ۾ رياستن جو ظهور ٿيو ڇاڪاڻ تہ اُنهن سمجهيو تہ واڌو پيداور کي ٽورڻن ماڻهن جي اختيارين ۾ ڏيڻ سان ئي کين دفاع جو وسيلو مهيا ٿي سگهي ٿو.[77] بهرحال حڪمران گروهہ جو اُپار مجموعي طور تي معاشري لاءِ 'ڪارائتو' رهيو هوندو پر هڪ مخصوص حد پار ڪرڻ ڪانپوءِ اهو معاشري لاءِ ناسور بڻجي ويو. پهرين تهذيبن جي اُپار ڪانپوءِ 000 1500 ۾ سالن جي وچ واري عرصي دوران وچ اوڀر، سنڌو ماٿري ۾ اوڀرندي ميڊيٽيرين ۾ ٽِبل واقعن ۾ اهو لقاءُ عام ڏسڻ ۾ آيو.

باب پنجون

اوائلي اونداهو دور

ڪوبہ ماڻهو جنهن اوائلي تهذيبن جا احرام مندر محل ۽ عظيم مجسما ڏٺا هوندا سو متاثر نہ ٿئي ائين ٿي نہ ٿو سگهي. فقط اهي يادگار عمارتون ئي ناهن. ايترا ئي پُرڪشش پٿرن جا گهر هئا. جن تيز هوائن ۽ برساتن کي اندر داخل ٿيڻ کان روڪيو ٿي. ايتريقدر جو ڪن علائقن ۾ پاڻيءَ جي رسد ۽ نيڪال جو سرشتو بہ موجود هيو. وڏي اهم ڳالهہ هيءَ آهي تہ انهن ماڻهن سخت ڌاتن جي چاڙهن ڪانسواءِ پٿرن يا ڪاٺ مان ٺهيل اوزارن ۽ ڪڏهن ڪڏهن پتل يا ڪنجهيو کي استعمال ڪري اهي عمارتون تعمير ڪيون.

ٻجيڪي ماڻهو انهن شهرن ۽ پسگردائيءَ ۾ رهيا. تن مٿان ان کان وڌيڪ وڏو اثر ٿيو هوندو. غزا يا ٽيوٽيوڪن جا قديم احرام اُر يا اُرڪ جا ziggurats جديد ايمپاير اسٽيٽ بلڊنگ يا ايفل ٽاور کان وڌيڪ اُفق ۾ بلند لڳا ٿي. جن کي رياست جي پائيداريءَ مستقل حالت ۽ طاقت جي هميشه کان موجود علامت طور ڏٺو ويو. اُنهن حڪمران طبقي کي اهو يقين ڏياريو ٿي تہ پنهنجي طاقت کي سج ۽ تارن جي چرپر وانگر دائمي ۽ مستند سمجهن. جڏهن تہ عوام منجهہ لاچاريءَ ۽ ڪمتريءَ جي احساس کي باقيءَ برقرار رکيائون.

ڪڏهن ڪڏهن تہ احرام مجسما ۽ محل تہ قائم دائم رهيا. پر انهن کي اڏيندڙ معاشرا دير يا سوير انتهائي شديد بُحرانن ۾ ڦاسي پيا. آڳاٽي عراق (Mesopotamia) جون شهري رياستون اٽڪل 2300 ق. م ۾ اُتر کان آيل فاتح آڏو ڍير ٿيڻ کان اڳ هڪبئي سان لڳاتار جنگين ۾ ڦاٿل رهيون. اهو فاتح سارگن هو جنهن سموري زرخير خطي کي هڪ عظيم سلطنت ۾ جوڙي ڇڏيو جيڪا سندس موت کانپوءِ پين فاتحن جي ور چڙهي وئي. 'پُراڻي بادشاهت' واري مصر ۾ غزا ۽ سقارا[78] جا احرام ڏيڍ صديءَ جي گهرو جنگ ۽ سماجي افراتفري ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويا (ان عرصي کي 2181 کان 2040 ق. م تائين وارو 'پهريون وچون دور' چيو وڃي ٿو.) هڪ هزارن سالن کان مٿي عرصو گذرڻ کانپوءِ سنڌو ماٿريءَ جا هڙپا ۽ موهن جو دڙو وارا شهر اٽڪل 1500 ق. م ۾ برباد ٿيا. اٽڪل 100 سال کانپوءِ ڪريٽ جي تهذيب جو وارو آيو جنهن جو مثال Knossos وٽ شاندار محل هئا. سا Myceneaen تهذيب کان ترت پوءِ ڍير ٿي وئي. انهيءَ تهذيب جي يوناني سرزمين تي حاڪميت هئي. ساڳئي ريت ميسو_آمريڪا ۾ جتي تهذيب جي اوسر جا رڪارڊ ملن ٿا تہ وري اُتي ئي اُنهن جي اوچتيءَ تباهيءَ جون ثابتيون بہ ملن ٿيون. نتيجي طور

ماڻهن تيوتهئاڪن، مونٽي البان ۽ ڏاڪٽي مايا مرڪزن کي ترڪ ڪيو ۽ سڄا سارا شهر ڇڏي ويا ۽ انهن تهذيبن جي خالي عظيم عمارتن ۽ يادگارن ازٽيڪس، اسپيني مهم جُوئن ۽ اسان کي حيران ڪري ڇڏيو.

تاريخي طور تي تمام گهڻو غور ويچار ڪيو ويو آهي تہ اوائلي تهذيبن جي بحرانن جا ڪهڙا ڪارڻ هئا. انهن سمجهاڻين جي مختلف ڪوشش مان ڪجهہ عنصر چٽا ٿيا آهن.

هڪ تہ حڪمران طبقن طرفان پنهنجو پاڻ تي ۽ پنهنجن يادگارن تي اٿاهہ وسيلا خرچ ڪرڻ جا ثبوت ملن ٿا. صدين جي سفر دوران عبادت گاهہ، محل ۽ مقبرا وڌيڪ وسيع ٿيندا ويا، مٿئين طبقي جي طرز زندگي ۾ عيش عشرت وڌندي رهي، ائين زرخيري ڪندڙ ۽ ڪيڙيندڙن کان واڌو پيداوار کسڻ جو عمل وڌيڪ شديد ٿيندو ويو. واپارين جا چار انتهائي ڏورانهن مفاصلن کان ناياب شيون آڻيندا رهيا.

مصر ۾ بچيل لکتن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ رياستي انتظاميا زرعي سرشتي کي برقرار رکڻ ۽ ان جي سار سنڀال ڪرڻ بدارن سندس مکيہ ڪم مختلف 'درباري' مرڪزن ڏانهن 'پيداوار جي منتقلي' ۽ تعميراتي ڪمن جي نگراني ڪرڻ کي آسان بنائڻ ۽ 'زرعي پيداوار تي وڌيڪ دٻاءُ وجهڻ هو.'[79] لڳي ٿو تہ آڳاٽي عراق ۾ پڻ صورتحال ساڳي هئي، جتي مختلف شهري رياستن جي وچ ۾ جنگين جي دٻاءُ سان گڏوگڏ سندن تهذيب جي پرپاسي ڏنار قبيلن جو اضافي بار پڻ هو.

حڪمران طبقي جي دولت ۽ طاقت ۾ واڌ وسيع تر عوام جي معيار زندگيءَ کي صفا هيٺ ڪيرائي، زندگيءَ جي بقاءَ لاءِ گهربل گهٽ ۾ گهٽ ضرورتن جي پورائي تائين آڻي بيهاريو ۽ ڪڏهن تہ ان کان بہ هيٺ. جيتوڻيڪ عبادت گاهہ يا محلن لاءِ ڪم ڪندڙ ڪاريگرن ۽ دستڪارن نوان طريقا خاص طور تي پتل ۽ ڪنجهي جو استعمال دريافت ڪيو 'هاري عوام جنهن کان واڌي ورتي ويندي هئي، سي مشڪل سان نئون سامان ماڻي سگهندا هئا. مصر جي آبادگارن، ڪاٺيون ڪوتيندڙن ۽ شڪارين کي پٿر واري دور جي اوزارن تي گذارو ڪرڻو پيو. سُمير ۾ اجان تائين اُنُ ڪتريندا نہ پر پٽيندا هئا. ايتريقدر جو سنڌو ماٿريءَ جي شهرن ۾ پٿرن جي چاقن جي ڪافي مقدار ۾ هجڻ مان لڳي ٿو تہ اُتي ڌاتوءَ جي اوزارن جي کوٽ هئي.'[80]

حڪمران طبقن هٿان وڏ کان وڏ وسيلا ڇڙڪائڻ سبب فطري دنيا کي سمجهڻ ۽ ان تي قابو پائڻ واري انساني قابليت جي واڌ ويجهہ بلڪل سست ٿي وئي. گورڊن Childe چوي ٿو تہ اوائلي دور ۾ نسبتن غريب ۽ اڻپڙهيل آبادين بي پناهہ پيش قدميون ڪيون جنهنڪري 'شهري انقلاب' آيو جنهن ڪانپوءِ وڏيون رياستون قائم ٿيون:

ٻہ هزاريہ (ملينيم) کان اڳ 3000 ق م دوران عملي سائنس ۾ وڏيون دريافتون ٿيون جن سڌي يا اڻسڌي ريت لکين ماڻهن جي زندگين کي خوشحال بڻايو ۽ اسان جي مخلوق

جي حياتياتي پلائيءَ کي واضع طور تي وڌايو..... هٿرادو آبپاشيءَ ذريعي واهن ۽ کڏن جو استعمال، هارپي، جانور کي لغام ڏيڻ، ٻيڙيون هلائڻ، ڦيٿين واريون گاڏيون، باغن جي پوک، پتل کي ڳارڻ، گهڙڻ ۽ استعمال ڪرڻ، سِرون، ونگ/ڪمان، ڪاشيگري، مُهرون، ۽ انقلاب جي ابتدائي مرحلي ۾ هڪ شمسي جنتري، لکڻ، عددي ترتيب ۽ ڪنجهو..... جهڙيون کوجنائون ٿيون. 2000 سالن کانپوءِ انقلاب ڪجهه شيون اهڙيون پيدا ڪيون جيڪي انساني ترقيءَ لاءِ انتهائي اهم هيون.[81]

ڪجهه اهم پيش قدميون (لوهه، پاڻي وارا ڦيٿا، الف_ب وار لکت، خالص حساب) 'عظيم تهذيبن' جي اندر نه پر سندن پرپاسي رهندڙ 'وحشي ماڻهن' منجهان ٿيون.[82]

بروس ٽرگر ان کان مختلف خيال پيش ڪندي لکي ٿو ته، مصر ۾ اوائلي بادشاهي دور (3000 _ 2800 ق. م) جيڪو 'عظيم تخليقيت ۽ جديديت' جو دور لڳي ٿو ڪجهه عرصي کانپوءِ جڏهن 'ڪامورن ۽ ڪاتبن جي اختيارن پيداوار جي طريقن ۾ تبديليءَ کي روڪي ڇڏيو تڏهن ترقي رُڪجي وئي.'[83]

عبادت گاهن، محلن، مقبرن ۽ حڪمران طبقن جي طرز زندگيءَ جي عيش عشرت ۾ واڌ جي حساب سان استحصال سميت آباديءَ جي وڏي حصي جي شديد ڦرلٽ ٿيڻ لڳي، جنهن مجموعي طور تي معاشري لاءِ گذرسفر مهيا ڪرڻ وارن وسيلن جي جُمود کي يقيني بڻائي ڇڏيو.

آباديءَ جو اهو حصو جيڪو ڏيهاڙي ڀنين ۾ ٿيندڙ محنت کان آجو ڪيو ويو هو اُن کي فطرت مٿان انساني اختيار کي وڌائڻ ۾ ڪا دلچسپي نه رهي هئي. 'ترقيءَ لاءِ ڪنيل ڪيترائي انقلابي قدم .... جانورن کي لغام ڏيڻ، ٻيڙيون هلائڻ، ڌاتوءَ جا اوزار..... اصل ۾ "محنت کان بچڻ جي اوزارن" طور ظاهر ٿيا، پر نون حڪمرانن کي ذري گهٽ پورهيي جا لامحدود وسيلا هٿ لڳي ويا هئا .... تنهنڪري انهن کي محنت کان بچڻ لاءِ ايجادون ڪرڻ جو خفو ڪرڻ جي ضرورت محسوس نه ٿي.'[84] حڪمرانن وهمن ۽ عقيدن کي زور وٺرائي وسيع تر عوام مٿان پنهنجي طاقت کي برقرار رکيو.. سُميرين بادشاهن ۽ مصري فرعونن پنهنجو پاڻ لاءِ خدا جهڙيون طاقتون رکڻ جون دعوائون ڪيون..... انهن کي سماج جي ٿورو پڙهيل پادرين جي اقليت ۽ ڪُل وقتي انتظام هلائيندڙن منجهه سائنسي کوجنا کي زور وٺائڻ ۾ ڪابه دلچسپي نه هئي. اُهي شهري انقلاب جي ابتدائي مرحلي ۾ ماٺيل چاڙ جي خزاني سان چنبڙيل رهيا. اُنهيءَ چاڙ سان ذري گهٽ مذهبي ادب ۽ احترام طور ورتاءُ ڪندي، لکتن جو نقل ڪيو ۽ مچيل خيالن کي منتقل ڪيو پر نئين معلومات لاءِ وڏيڪ ڪا کوجنا ڪون ڪيائون. تاريخ ۾ آخري ڀيرو نه پر ڪيترن صدين تائين سائنس ڪتاب پرستيءَ، نظريي پرستيءَ ۽ جادوءَ جي صورت ۾ بگڙجندي رهي.[85] پڙهيل لکيل حلقي فطرت مٿان انساني اختيار کي وڌائڻ بدران اُن علم کي روڪي رکڻ تي گذارو ڪيو.

حڪمران طبقو جيڪو انساني پيداواري طاقتن ۾ تيل پيش قدمين مان ڦٽي نڪتو تنهن وڏيڪ ترقيءَ کي روڪي ڇڏيو. پر اهڙين پيش قدمين ڪانسواءِ حڪمران طبقي جي لالچ ۽ حرص معاشري جي وسيلن کي ٿڪائي وجهي ها ۽ آباديءَ جي وسيع تر عوام لاءِ گذرسفر جا وسيلا مهيا ڪرڻ ناڪافي ٿي پون ها ۽ اهڙيءَ صورتحال ۾ بُک وگهي مرندڙ ماڻهن ۽ معاشري کي ڏوڏي ڇڏڻ لاءِ ان مرحلي تي آيهوا ۾ فقط ٿورڙي تبديلي سڄي تهذيب کي ملياميٽ ڪري سگهي پئي. 'پراڻي بادشاهت' جي پڇاڙيءَ تي مصر ۾ ائين ئي ٿيو جڏهن نيل نديءَ جي ٻوڏن جي سطح گهٽجڻ سان آبپاشيءَ ۾ مسئلا پيدا ٿيا.

ولي ۽ شمڪن (Willey & Shimkin) مايا تهذيب جي ڊير ٿيڻ بابت ساڳيو خيال پيش ڪيو آهي جتي اٽڪل 200،1 سال اڳ حڪمران طبقي هٿان 'اٿاهہ_استحصال' سبب اعليٰ ميسو_ آمريڪي مايا تهذيب ڊير ٿي. وڌندڙ مٿيون طبقو ڪيس ٽيڪو ڏيندڙن ۽ جُزوي طور تي ٿهيل 'وچولي طبقي' جي ٻين ميمبرن سان گڏ سڄي سماج تي اقتصادي بار وڌائي ڇڏيو.... عام آباديءَ منجهہ اڻپوري غذا ۽ بيمارين جو بوجهو وڌي ويو ۽ سندن ڪم جي صلاحيت وڏيڪ گهٽجي وئي.... انهن اندروني دٻائن باوجود مايا تهذيب جي پوئين اعليٰ دور بظاهر ڪابہ ٽيڪنالاجيڪل يا سماجي نواڻ پيدا نہ ڪئي.... اصل ۾ مايا تهذيب جو حڪمران حلقو پنهنجي انت واري مرحلي تائين روايتي انداز سان هلندو رهيو.[86]

اوائلي تهذيبن ۾ طبقاتي جدوجهدون

استحصال جو شڪار ٿيندڙ طبقن، جن باقي معاشري کي ڪارايو پئي، تن جي مفلسيءَ لازمي طور تي طبقن جي وچ ۾ مفادن جي ٽڪراءَ کي پيدا ڪيو.

بنيادي طبقاتي ورهاڱو حڪمران اقليت ۽ ڪيڙيندڙ محتاج هارين جي اڪثريت جي وچ ۾ هو. حڪمرانن جي وڌندڙ طلب ٻنهي جي وچ ۾ ڇڪتاڻ جو ڪارڻ هوندي پر سچ پچ اسين ان بابت تمام ٿورڙو ڄاڻون ٿا. جيتريقدر مقبرن تي چٽيل تصويرون يا عبادت گاهن تي اُڪريل اکر ڏيکارين ٿا تہ ماڻهن جا هجوم پنهنجن 'برتر آقائن' جو انتظار ڪن پيا ۽ انهن جي اڳيان جهڪن پيا. اها ڪا اچرج جهڙي ڳالهہ ناهي سموري انساني تاريخ ۾ حڪمران طبقن لاءِ عوام جي تصوير ڪشي اهڙي ئي نموني ڪئي وئي آهي.

تنهن هوندي بہ ڪيترائي آثارِ قديمہ جا ماهر ۽ تاريخ نويس ٻڌائين ٿا تہ مصري پراڻي بادشاهت جي زوال ۾ هڪ 'سماجي انقلاب' جو هٿ هو. 'آئپوور (Ipuwer) جي تنبيهن' طور مشهور بعد واري زماني جي لکت جنهن ۾ هڪ اهڙي صورتحال چٽي وئي آهي تہ 'نوڪر چوڪريون پنهنجي مالڪيائين جي جاين تي قبضا ڪري سگهن ٿيون، عملدارن کي جاهل ۽ اڻگن ماڻهن جي حڪم جي بجا آوري تي مجبور ڪيو وڃي ٿو ۽ شهزادن جي ٻارن کي پٿين سان ٽڪر هڻايا وڃن ٿا.'[87] ساڳئي طريقي سان مونٽي البان،

تيوٽيهئاڪين ۾ ڏاڪڻي مايا وارين ميسو_آمريڪي تهذيبن جي زوال جو ڪارڻ هاري بغاوتون ٿيون.[88]

پر اهي تڪرار فقط حڪمرانن ۾ استحصال جو شڪار ٿيندڙ هارين جي وچ ۾ پيدا نہ ٿيا هئا. سڀني اوائلي تهذيبن مان شاهديون ملن ٿيون تہ حڪمران طبقي اندر ڏار ۽ ڇڪتاڻ وڌي رهي هئي.

لڳي ٿو تہ آڳاٽي عراق ۽ ميسو_آمريڪا ۾ پهريان حڪمران طبقا عبادت گاهن جا مذهبي مهندار رهيا هئا. پر آڳاٽي عراق ۾ مذهبي مهندارن سان گڏوگڏ سيڪيولر انتظاميا ۽ جنگ جي اهميت وڌڻ سان بادشاهن جو ظهور شروع ٿيو ۽ انهن عبادت گاهن ۽ شاهي محلن سان گڏوگڏ جاگيرون رکندڙ هڪ غير مذهبي مهندار اشرافيہ (۽ ڪيڙيندڙ محتاج هاري) پيدا ٿيا. ساڳئي ريت لڳي ٿو تہ ميسو_آمريڪا ۾ ويڙهاڪ حڪمران ٽولن وڌندڙ طاقت جا مزا پئي ماڻيا.[89]

مصر ۾ بادشاهہ 500 ميل ڊگهي نيل ماٿريءَ جو انتظام سنڀالڻ لاءِ علائقائي مذهبي مهندار ۽ گورنرن تي انحصار ڪندا هئا ۽ شاهي راڄڌانيءَ ڏانهن ڪاڏي، سامان ۽ پورهيتن جي وهڪري کي يقيني بڻائيندا هئا. اهڙن گروهن (مذهبي مهندار ۽ گورنرن) جي وفاداري خريدڻ لاءِ کين زمينون ڏنيون ويندڙيون هيون، جنهن کين صدين تائين پنهنجو پاڻ لاءِ ڪُل واڌ پيداوار منجهان چڱو حصو ڪٽڻ ۽ مرڪزي بادشاهہ کان آزاد هڪ حد تائين طاقت استعمال ڪرڻ جي لائق بڻايو. ان جي هڪ علامت اها هئي تہ انهن پادرين ۽ شهري انتظاميا فرعونن جو نقل ڪندي فضول خرچيءَ سان مقبرا اڏڻ شروع ڪيا، توڙي جو اهي (فرعونن جي مقبرن کان) ننڍا هوندا هئا.

پراڻن فرعونن سان گڏوگڏ نون استحصالي گروهن جي اُڀرڻ جو ٻٽو اثر ٿيو. هڪ طرف تہ ان سان واڌو پيداوار تي گذارو ڪندڙ ماڻهن جي تعداد ۾ واڌ ٿي ۽ ڪيڙيندڙن تي دٻاءُ وڌيو. ٻئي طرف اُهي ماڻهو جيڪي پنهنجو پاڻ وسيلن تي اختيار، هٿياربند طاقت يا خيالن جو ڦهلاءُ ڪندا هئا، تن منجهان اصل حڪمرانن جي اجاراداريءَ کي للڪارون ٿيڻ لڳيون. تنهنڪري ان مان لڳي ٿو تہ پراڻي مصري بادشاهت جا بحران، گهٽ ۾ گهٽ جزوي طور تي صوبائي گورنرن ۽ مک مذهبي مهندارن جو نتيجو هئا، جن ڪيمپ مطابق پنهنجن مفادن کي مرڪزي اختيارين (بادشاهت) کان مٿانهون رکندي 'گهرو جنگ ڪئي...... هنن ماڻهن جون خواهشون مڪمل طور روايتي نوعيت جون هيون.'[90]

حڪمران طبقي اندر ڦرڦوٽ سان گڏ نون ماتحت طبقن جي نشونما ٿي. دستڪاريءَ جو ڪم ڪندڙ خاص گروهہ ..... ڊکڻ، پٿر سان اڏاوتون ڪندڙ رازا، چمڙيءَ جو ڪم ڪندڙ ڪپڙو اُڻيندڙ ڌاتن جو ڪم ڪندڙ..... ظاهر ٿيڻ شروع ٿيا. چاڪاڻ تہ زرعي پيداوار ۾ ٿيل واڌ ڪجهہ ماڻهن کي ٻنين ۾ ڪم ڪرڻ کان آجو ڪري ڇڏيو هو. وڌندڙ واڌو پيداوار حڪمران طبقن جي هٿن ۾ مرڪوز ٿيڻ سان کين هڪ اضافي

سگھہ ڏني. مذهبي مهندارن ۽ بادشاهن پنهنجو پاڻ لاءِ عياشيءَ واري سامان جي رسد جي طلب ويتر وڌائي ڇڏي ۽ وڏيڪ محلن، مقبرن ۽ عبادت گاهن سان گڏ وڻن حاضريون پريندڙن جو تعداد بہ وڏي ويو پر ان ڪري محلن، مقبرن ۽ مندرن جي چوڌاري هنرمند پورهيت ڪنا تيڻ لڳا، جن اهي شيون ٺاهيون پئي. نون شهرن جي مرڪزي آباديءَ جي حصي طور ڪاريگرن جو هڪ مڪمل نئون طبقو وجود ۾ اچڻ لڳو.

انهن ۾ منفرد ۽ خاص ڪاريگر اُهي هئا، جن غزا جا احرام تعمير ڪيا ۽ مصر جي بادشاهن واري ماٿريءَ ۾ مقبرا ٺاهيا. 'عام تصور جي ابتڙ اهي (عمارتون) غلامن هٿان تعمير نہ ڪيون ويون، نہ ئي انهن ماڻهن هٿان، جن کي بعد ۾ شاهي خزانن کي لڪائي محفوظ ڪرڻ خاطر ماريو ويو.'[91] تڪرين جي وڏن پٿرن کي سوڙهن لاءِ هارين جي هجومن کان جبري پورهيو ڪرايو ويو. پر ٻئين هزاريي (ملينيم) ق. م جي وچين دور جون ٿيبس مان مليل لڪتون (هاٽوڪو Luxor[1]) ڏيکارن ٿيون تہ ڪاٺيون کوٽيندڙ شڪاري، اڏاوتن ۽ واڍڪو ڪم ڪرڻ لاءِ هنرمند ڪاريگر هوندا هئا. اُهي پٿرن سان ٺهيل گهرن جي هڪ خاص ڳوٺ ۾ رهندا هئا ۽ اُنهن کي ڏهن ڏينهن جي آڪهہ لاءِ اناج، تيل ۽ مڇيءَ جي صورت ۾ ڪافي اُجورو ڏنو ويندو هو. انهن کي سرسري طور تي هارين کان ٽيڻي آمدني ڏني ويندي هئي. سندن ڪجهہ ڪلاڪن واري ڪم سبب ڪيترن ماڻهن کي پنهنجي زندگيءَ جو معيار سُڌارڻ ۽ بهتر ڪرڻ لاءِ اضافي ذاتي ڪم ڪرڻ لاءِ وقت ملي ويندو هو ۽ انهن مان ڪجهہ ايترا هنرمند هئا، جو پڙهڻ ۽ لکڻ جي قابل هئا. اُهي مڪمل طور آزاد نہ هئا. سندن نگراني ڪندڙ ۽ انچارج منشي مٿن ظلم ڪندا هئا. اهي جن کي فرعون جي وزيرن جي گهرجن مطابق 'واڌو' سمجهيو ويندو هو تن کي جبري محنت تي مجبور ڪيو ويو.[92] پر 1170 ق. م ۾، جڏهن کين کاڌو پيتو دير سان مليو ۽ سندن آڪهون ٻُکن ۾ پاهہ ٿيڻ لڳيون تڏهن پنهنجين زالن جي پٺڀرائيءَ سان اُنهن تاريخ ۾ رڪارڊ ٿيل پهرينءَ هڙتال ۾ حصو ورتو.[93]

اُهي جديد دور جي اُجرتي مزدورن وانگر نہ هئا، ڇاڪاڻ تہ کين اهو فيصلو ڪرڻ جي آزادي نہ هئي تہ اُهي ڪنهن لاءِ ڪم ڪن، پنهنجي گذرسفر لاءِ انهن جو انحصار مرڪزي اختيارن تحت شين جي ورچ ڪندڙ رياست تي هو. اُن ڪري رياست کان آزاد ڪم ڪرڻ يا ان کي للڪاريندڙ خيال پيدا ڪرڻ واري سندن صلاحيت محدود ٿي وئي. وڏي ڳالهہ تہ اُنهن شاهي طبقي جي خدائن جي پوڄا ڪرڻ شروع ڪئي ۽ بادشاهن کي ديوتا ۽ انهن جي پسنديده خدائن کي پنهنجا خدا بڻائي ڇڏيو تنهن هوندي بہ مظلوم ۽ استحصال جو شڪار ٿيندڙ طبقي کي جاگرافيائي طور تي هڪ هنڌ گڏجڻ ۽ علم هجڻ ڪري اعتماد مليو تہ هو ڏيڍ هزار سال پراڻيءَ بادشاهت جي حڪمرانن کي للڪارين.

---

[1] مصر جي مرڪز ۾ نيل نديءَ جي اوڀرندي ڪناري تي واقع هڪ شهر جيڪو ٿيبس جي پڊ ۾ آهي

اهو عمل ڏورانهين مستقبل جي اڳڪٿي هو جڏهن لکن جي تعداد وارو هڪ مضبوط طبقو پيدا ٿيڻو هو.

اڪثر اوائلي تهذيبن ۾ ڪاريگرن سان گڏوگڏ هڪ واپاري طبقي نهڻ شروع ٿيو. طبقن کان اڳ وارن معاشرن ۾ اڳئي واپار ٿيندو هو. مثال طور ته هڪ جاءِ تان ڪوٽيل چقمق سوين ميل پري استعمال ڪيو ويندو هو. هاڻي واپار جي اهميت وڌڻ لڳي، ڇاڪاڻ ته ابرندڙ حڪمران طبقي کي عياشين جي خواهشن جي پوراءَ ۽ عبادت گاهن ۽ محلن جي اڏاوت لاءِ خام مال جي گهرج هئي. انهن مان گهڻيون شيون فقط تڏهن حاصل ٿي سگهيون پئي، جڏهن ڪجهه فرد يا گروهه ڏگها، اٽانگا ۽ گهڻو ڪري خطرناڪ سفر ڪرڻ لاءِ تيار هجن. ڪي ٿورڙا اهڙا ماڻهو هئا، جيڪي حڪمران طبقي جي صفن مان هئا نه ته گهڻو ڪري استحصال جو شڪار ڪيڙيندڙ طبقي يا شهرن کان ٻاهر، خاص ڪري ڏنارن مان هئا، جيڪي شهري مرڪزن جي وچ ۾ کليل ميدانن ۾ رُلندا هئا. جيئن ئي واپار جي اهميت وڌي، تيئن ئي واپارين ڪافي دولت گڏ ڪرڻ شروع ڪئي ته جيئن حڪمران طبقي مٿان دباءُ وجهي سگهن. نيٺ هڪ اهڙو مرحلو آيو جڏهن شهرن ۾ وڏن ڳوٺن ترقي ڪرڻ شروع ڪئي، جن کي واپاري دوڪاندار طبقا هلائيندا هئا. جهڙوڪ: زرخيز پٽ (Fertile Crescent) ۾ سپار (Sippar) جو شهر.

پر واپاري طبقي جو تعداد ڪشادي معاشري جي آباديءَ جي پيٽ ۾ ٿورو هو توڻي جو وقت سان گڏ اهو تعداد وڌيو پئي. جيئن رازن سان ٿيو تيئن ڪجهه علامتون ٻڌائين ٿيون ته واپارين پنهنجو نقطه نظر پيدا ڪري ورتو ته سماج ڪيئن هلڻ گهرجي.

ڪاريگرن ۽ واپاري طبقن جي گهٽ ترقيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو جڏهن سماج عظيم بحرانن جي دور ۾ داخل ٿيو ته ڪنهن به سماجي گروهه وٽ اُن کي ٻيهر منظم ڪرڻ لاءِ طاقت يا جدوجهد جو پروگرام نه هو. موجوده حڪمران طبقي ۾ فطرت مٿان انساني اختيار کي وڌائڻ جي صلاحيت نه رهي هئي، جنهن سان هُو وڏي پيماني تي ڦهليل فاقن ۽ مصيبتن کي ختم ڪري سگهي. پر ڪنهن ٻئي گروهه ۾ به ائين ڪرڻ جي صلاحيت نه هئي. ڪيڙيندڙن جا هجوم سندن استحصال ڪندڙن خلاف اُٿي ڪڙا ٿي سگهيا ٿي، پر فاقن جي ردعمل ۾ اُنهن سمورو فصل کپائي ڇڏيو ۽ تهذيب جي ڍانچي، شهرن، پڙهيل لکيل حلقي، واهن ۽ ڊيمن جي سنڀال ڪندڙ گروهن کي زنده ۽ قائم رکڻ لاءِ ڪجهه نه ڇڏيائون.

ان جا نتيجا ڪريٽ ۽ ميڪنائي، هڙپا ۽ موهن جو دڙو Teotihuacan، مونٽي البان ۽ مايا تهذيبن جي ناڪامين ۾ چٽيءَ ريت ڏسي سگهجن ٿا. شهرن کي ڦُٽو ڪيو ويو ۽ ثقافتي اوج سڀ وساري ڇڏيائون. ڇاڪاڻ ته عوام جي وڏي اڪثريت پنهنجن ابن ڏاڏن واري ڏيڍ هزار سال يا ان کان وڌيڪ اڳ واري خالص زرعي زندگيءَ ڏانهن واپسي وارو ڏڳ ورتو.

ڪارل مارڪس پنهنجي ڪتاب "سياسي معاشيات تي تنقيد" (Contribution to the Critique of Political Economy) جي مشهور مهاڳ ۾ ان وقت لکيو ته. جڏهن انهن تهذيبن بابت تمام ٿورڙي ڄاڻ هئي، جن جي باري ۾ اسان مٿي ذڪر ڪيو آهي، پنهنجي زندگيءَ جي سماجي پيداوار ۾ انسان مخصوص رشتن سان ڳنڍجي ٿو جيڪي سندس ارادي کان آزاد ۽ ناگزير ۽ اٽلر هجن ٿا. پيداوار جا رشتا/لاڳاپا جيڪي سندن مادي پيداواري قوتن جي مخصوص مرحلي جي ترقيءَ سان موافق ۽ هم آهنگ هجن ٿا. پيداواري لاڳاپن جو ڪُل حاصل معاشري جي اقتصادي ڍانچي، حقيقي بنياد، کي جوڙي ٿو جنهن تي قانوني ۽ سياسي مٿيون ته (اڏاوت) ٺهي ٿو ۽ جنهن سان هم آهنگ سماجي شعور جي مخصوص صورت جڙي ٿي. سندن واڌ ويجهه جي هڪ مخصوص مرحلي تي، معاشري جون پيداواري مادي قوتون پيداوار جي موجوده لاڳاپن سان يا ملڪيتي رشتن سان ٽڪراءَ ۾ اچن ٿيون، جن تي هن مهل تائين عمل ٿيندو رهيو آهي. جڏهن پيداواري قوتن جي واڌاري جي صورتن آڏو اهي لاڳاپا سندن زنجيرون بڻجي وڃن ٿا، تنهن کانپوءِ سماجي انقلاب جو هڪ دور شروع ٿئي ٿو.[94]

پر اهڙي هڪ دور جا هڪ کان وڌيڪ نتيجا نڪري سگهن ٿا. جيئن ڪارل مارڪس 'ڪميونسٽ پڌرنامي' ۾ لکيو ته طبقاتي جدوجهد تاريخي طور تي 'يا ته سماج جي نئين سر انقلابي تعمير ڪندي يا وري مخالف طبقن جي باهمي بربادي تي پُوري ٿيندي.'[95]

مٿي بيان ڪيل واقعا سندس ان ڳالهه جي تصديق ڪن ٿا. حڪمران طبقو جنهن 'پيداوار جي قوت' کي ترقي ڏيارڻ ۾ هڪ پيرو ڪردار ادا ڪري ٿو سو وري بعد ۾ ٿيندڙ واڌاري کي روڪيندڙ زنجير بڻجي وڃي ٿو ائين ڪُلي طور تي معاشري کي سماجي اٿل پٿل واري دور ڏانهن ڌڪي ڇڏي ٿو. هڪ طبقو جيڪو پيداوار کي چلتو رکڻ لاءِ نون، وڌيڪ جديد طريقن سان گڏ پراڻي حڪمران طبقي کي هٽائي، ڪُلي طور تي سماج مٿان پنهنجي مرضي مڙهڻ جي صلاحيت رکندو هجي جيڪڏهن اهڙو طبقو پيدا نه ٿو ٿئي ته بحران پيداواري قوتن جي وڌيڪ ترقيءَ ڏانهن نه ٿو وٺي وڃي. ان بدران 'مخالف طبقن جي باهمي بربادي' ٿئي ٿي ۽ 'بربريت' ڏانهن موٽ ڪائيندي، شهرن، تعليم يا جديد حرفتن ۽ طريقن بنا بنجر معاشرو جنم وٺي ٿو.

فتح ۽ تبديلي

آڳاٽي مصر ۽ عراق جون تاريخون ڇنيءَ ريت مارڪس واري نموني سان نه ٿيون ٺهڪن. انهن واقعن ۾ هڪ صدي يا ان کان وڌيڪ عرصي تائين انتشار گهرو جنگ ۽ ڏُڪار جي پٺيان سماجي زندگيءَ جي پراڻي سرشتي ۽ ڍنگ جو نئين سر قيام ٿيو. حڪمران طبقن اندر طاقت جي ردوبدل (آڳاٽي عراق ۾ مذهبي مهندارن کان ويڙهاڪن ڏانهن، مصر جي معاملي ۾ ممفس (Memphis) کان ٿيبس ڏانهن) سان گڏوگڏ آڳاٽي عراق

جي معاملي ۾ ٻاهرين فتح مان ملندڙ دولت جو وهڪرو ۽ مصر ۾ نيل واديءَ جي سطح ۾ سُڌارو ترت اقتصادي بحرانن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪافي هئا ۽ وڏيڪ ڪيترين صدين تائين معاشري کي بنيادي طور تي پنهنجي پراڻي ڍنگ سان اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڏني. پر بحرانن جا بنيادي ڪارڻ ختم نه ڪيا ويا. اُنهن معاشرن ۾ اجان تائين شهري انقلاب جي ابتدائي سالن واريءَ نواڻ جي کوٽ هئي. انتهائي سست رفتار واڌ ڪانسواءِ اجان تائين گذرسفر مهيا ڪرڻ جا نوان طريقا تيار نه ڪري سگهيا ۽ اُهي سماج اجان تائين نون هاڃيڪار بحرانن ڏانهن لڙڪيا پيا هئا. آڳاٽي عراق ۾ فاتح پيدا ٿيا (يا ته موجوده شهرن يا وري خطي جي پرپاسي ۾ موجود ڏنارن مان) جن عظيم، مرڪزيت واريون سلطنتون قائم ڪيون ۽ انهن کي ڳنڍي رکڻ لاءِ هڪ شهري مرڪز کان ٻئي تائين پنهنجون فوجون ڪاهي سندن حڪمرانيءَ خلاف ڪنهن به مزاحمت کي ڪچليندا رهيا. پر ان عمل سان معاشري جا وسيلا وڏيڪ گهٽجي ويا ۽ سامراجي صندوقون خالي ٿي ويون. تنهن ڪانپوءِ مرڪزي حڪمرانن مقامي اشرافيه/نوابن کي پنهنجن علائقن ۾ 'نظم ۽ ضبط' برقرار رکڻ ۽ واڌو پيداوار جو چڱو حصو استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني. نتيجي طور مرڪزي سلطنت جو دفاعي سرشتو ڪمزور ٿيڻ لڳو ۽ اندروني طور تي ڪنهن باغي فوجي اڳواڻ يا ٻاهران ڪنهن فاتح هٿان ڦرجڻ ۽ قبضي ٿيڻ کي ڇوٽ ملي وئي.

اتان کان هڪٻئي پٺيان لڳاتار فاتحن جو قصو شروع ٿئي ٿو زرخيز سرزمين جي تاريخ جو تفصيلي داستان 'پراڻي عهدنامي' (Old Testament) ۾ قلمبند آهي جهڙوڪ امورتيس، ڪاسيتس، آشورين، هٽيز ميڊيز ۽ پرشين.[①]

مصر ڪيترين صدين تائين ريگستان سبب ٻاهرين فوجي ڪاهن کان محفوظ رهي. پر اهو ريگستان هڪ ٻئي وڏي بحران کي نه روڪي سگهيو جيڪو اٽڪل 1700 کان 1600 ق م جي لڳ ڀڳ 'ٻئين وچين دور' ۾ آيو. هاڻي سلطنت اندر ڏاريا اثر پنهنجو انتقام وٺڻ لڳا. اُتر ۾ 'Hyksos' ماڻهو جيڪي گهٽو ڪري فلسطين مان آيل هئا، پنهنجو پاڻ کي فروعون سڏائڻ لڳا، جڏهن ته ڏکڻ ۾ ڪُش جي نيوبين بادشاهت پنهنجي اجاراداري قائم ڪري ورتي. اُن وقت فلسطين ۽ نيوبيا ٻئي تيز رفتاريءَ سان ترقي ڪندڙ معاشرا هئا جڏهن ته مصر جُمود جو شڪار رهيو. وڏي ڳالهه هيءَ آهي ته Hyksos حرفتي جدتن، خاص طور تي ڦيٿي، کان ڪم ورتو جيڪي ان کان اڳ ۾ مصر ۾ نه هيون. مصري حڪمران جن Hyksos کي هٽائي 1582 ق م ۾ 'نئين بادشاهت' قائم ڪئي اُهي ائين فقط تڏهن ڪري سگهيا جڏهن هنن نين دريافتن کي استعمال ڪيو ۽ لڳي ٿو ته ان دريافتن سان واپاري ۽ ڪاريگر گروهن جي ترقي کي وڏي هٿي ملي.

چڊي Childe دعويٰ ڪئي ته 'مصر ۽ آڳاٽي عراق ٻنهي جون نئين سر جوان ٿيل

① Amorites, Kassites, Assyrians, Hitties, Medes & Persians

تهذيبون پنهنجن مائٽن کان تمام گهڻو مختلف هيون خاص ڪري وچولي طبقي جي واپارين، پيشيور سپاهين، منشين، پادرين ۽ هنرمند ڪاريگرن جو ججهو تعداد جيڪو هاڻي "وڏين آڪهن" سان ڳنڍيل نہ هو پر انهن سان گڏوگڏ آزاداڻي نموني جيئي پيو.[96]

هڪ طرف پوئين پراڻي بادشاهت ۽ وچين بادشاهت جي خاصيت ٻڌيل جُمود ۽ ٻئي پاسي نئين بادشاهت جي ابتدائي صدين جي متحرڪ سرگرميءَ جي وچ ۾ يقيني طور تي گهرو ۽ شديد فرق هو. اهو فرعونن طرفان فلسطين ۽ شام ۽ آفريقا جي ڏکڻ ۾ ٻاهرين فتحن جو دور هو. فتحن نئون خام مال ۽ عياشيءَ جو سامان آندو. ساڳئي وقت نہ صرف فرعونن پر مک پادرين ۽ علائقائي عملدارن ۽ انتهائي شاندار مقبرن ۽ شاهي محلن کي وسيلا مهيا ڪرڻ لاءِ بہ سلطنت اندر واڌي ڪافي مقدار ۾ هئي. ان مان لڳي ٿو تہ پيداوار جي ترقيءَ زور ورتو هوندو. ڪانجهي، پنهنجي وڌيڪ سخت وجود ۽ تکي ڪناري سان، تيزيءَ سان پتل جي جاءِ والاري ورتي. ڦيٿن واريون گهوڙي گاڏيون جنگين ۾ ڪتب آنديون ويون پر ان سان اندروني رابطن ۾ پڻ تيزي آئي. ڏنڊيءَ Shaduf ۽ بالٽيءَ جي اچڻ سان هارين لاءِ پوک ڪرڻ وڌيڪ سولو ٿي پيو هاڻي اُهي وهڪري يا پاڻيءَ جي دٻي مان هڪ ميٽر پاڻي ڪڍي سگهيا پئي.[97]

ٻاهرين ڪاهن مصري سماجي ڍانچي کي جنجهوڙي ڇڏيو هو گذرسفر جي سُڌريل وسيلن ۽ طريقن هڪ هزار سالن جي جُمود کي ٽوڙي ڇڏيو. مطلب تہ مخصوص حالتن ۾، ٽوٽي جو نون پيداواري لاڳاپن تي آڌاريل هڪ ايرندڙ سماجي طبقو مضبوط نہ هو تہ بہ ٻاهرين قوت سماجي زندگيءَ جي پراڻي مٿئين پرت جي گهُٽ پوسٽ کي گهٽ ۾ گهٽ عارضي طور تي مات ڏئي سگهي ٿي.

حوالا

[1] اصل ۾ اهڙا دليل جينيات جي سائنسي مطالعي مان اخذ نہ ٿا ڪري سگھجن. مثال طور S Rose, *Lifelines* (London, 1997); R Hubbard, *The Politics of Women's Biology* (New Jersey, 1990); R Lewontin, *The Doctrine of DNA* (London, 1993)

[2] D Morris, The *Naked Ape* (London, 1967)

[3] R Ardrey, *African Genesis* (London, 1969)

[4] R Dawkins, *The Selfish Gene* (Oxford, 1976)

[5] R Lee, 'Reflections on Primitive Communism', in T Ingold, D Riches and J Woodburn (eds), *Hunters and Gatherers*, vol 1 (Oxford, 1988).

[6] The ability to use language is, according to the generally accepted theory of Noam Chomsky, a genetically determined feature of all modern humans. The connection between language, abstraction and human consciousness is spelt out in the books written by the Russian Marxist Voloshinov during the 1920s, and in part two, *Labour, of the Ontology* by the Hungarian Marxist Georg Lukács.

[7] I am here giving a very brief precis of very long debates. For fuller details and references, see the earlier parts of my article, 'Engels and the Origins of Human Society', *in International Socialism* 65 (Winter 1994).

[8] There has been a century-long scientific debate on the exact relation between the Neanderthals and modern humans—over, for instance, whether they could have interbred. I cannot go into the debate here. Suffice to say, the displacement of the Neanderthals did not necessitate their butchery by modern humans, as some 'born in blood' accounts of our origins, like those of Ardrey, would have us believe. See my article, 'Engels and the Origins of Human Society', for an amplification of this point.

[9] 'Hunting and gathering' is a somewhat misleading term, since gathering of vegetable food usually played a bigger part in providing people with a diet than hunting animals.

[10] Hence the old use of the word 'savagery' used to describe such societies—a term used even by those like Lewis Morgan, Frederick Engels and C Gordon Childe who attempted to provide a scientific account of their development.

[11] The phrase is from the 17th century English philosopher Thomas Hobbes, but it sums up the 'common sense' attitude which pervaded most accounts of these societies until the 1960s and which is still to be found in popular books like R Ardrey, *African Genesis*.

[12] M Sahlins, *Stone Age Economics* (London, 1974).

[13] C Turnbull, *The Forest People* (New York, 1962), pp107, 110, 124-125.

[14] E Friedl, *Women and Men: the Anthropologist's View* (New York, 1975), p28.

[15] E Leacock, *Myths of Male Dominance* (New York, 1981), pp139-140

[16] R Lee, The !Kung San (Cambridge, 1979), p118.

[17] The ! at the beginning of !Kung denotes a 'click' sound which does not exist in Indo-European languages.

[18] R Lee, The !Kung San, p244.

[19] Le P P LeJeune (1635), quoted in M Sahlins, *Stone Age Economics*, p14.

[20] E Friedl, *Women and Men: The Anthropologist's View* (New York, 1975), pp15, 28.

[21] All the quotes are from R Ardrey, *African Genesis*, pp300, 399.

[22] R Lee, *Reflections on Primitive Communism*

[23] Quoted in E Gellner, Plough, Sword and Book (London, 1991)

[24] Engels was right in insisting that there was no systematic domination of women in these societies. However, he was wrong in one important detail—he vastly overestimated the role played by lineages in most hunting-gathering societies. For the full argument on this, see my 'Engels and the Origins of Human Society'.

[25] Palestine, Syria, Lebanon, southern Turkey and Iraq.

[26] For full accounts of what happened along the lines presented here, see D O Henry, *From Foraging to Agriculture* (Philadelphia, 1989); J V S Megaw (ed), *Hunters, Gatherers and the First Farmers Beyond Europe* (Leicester, 1977); the essays by P M Dolukhanov and G W W Barker in C Renfrew (ed), *Explaining Cultural Change* (London, 1973); C K Maisels, The Emergence of Civilisation (London, 1993), chs 3 and 4.

[27] J Harlan, 'A Wild Wheat Harvest in Turkey', Archaeology20 (1967), pp197-201, quoted in C K Maisels, *The Emergence of Civilisation*, pp68-69.

[28] Gordon Childe's term.

[29] Various estimates and calculations in C K Maisels, *The Emergence of Civilisation*, p125.

[30] R M Adams, *The Evolution of Urban Society* (London, 1966), p96

[31] Although others have argued that the statuettes are connected to fertility rites, and no more imply a high status for women than does the Catholic cult of the Virgin Mary.

[32] A point strongly stressed by the Western anthropologists who carried out pioneering studies of them in the 1920s and 1930s. See, for instance, R Benedicts, *Patterns of Culture* (London, 1935).

[33] J-F Lafitan, quoted in R Lee, *Reflections on Primitive Communism*, p252.

[34] E Evans-Pritchard, quoted in R Lee, *Reflections on Primitive Communism*, p252.

[35] This is one of the key arguments in M Sahlins, *Stone Age Economics*.

[36] R M Adams, *The Evolution of Urban Society*, p96.

[37] See J V S Megaw (ed), *Hunters, Gatherers and the First Farmers Beyond Europe*, and the essays by P M Dolukhanov, G W W Barker, C M Nelson, D R Harris and M Tosi in C Renfrew (ed), *Explaining Cultural Change*.

[38] F Katz, *Ancient American Civilisations* (London, 1989); W M Bray, F H Swanson and I S Farrington, *The Ancient Americas* (Oxford, 1989), p 14.

[39] As the biologist Jared Diamond has pointed out, no one has yet succeeded in domesticating animals or plants in these regions properly. See J Diamond, *Guns, Germs and Steel* (London, 1997), pp163-175.

[40] This point is made very well in J Diamond, *Guns, Germs and Steel*, p139.

[41] R Lee, Reflections on *Primitive Communism*, p262

[42] C Levi-Strauss, quoted in M Sahlins, *Stone Age Economics*, p132.

[43] H I Hogbin, quoted in M Sahlins, *Stone Age Economics*, p135.

[44] Before him the pioneer 19th century anthropologist Morgan wrote of a transition from 'barbarism' (meaning a purely agricultural way of life) to 'civilisation' (one centred around cities). The terms were used by Frederick Engels, but have fallen out of use as it has become increasingly clear that 'civilised' societies in Morgan's sense can be much more barbaric than early agricultural ones.

[45] See the example given by M Sahlins, *Stone Age Economics*.

[46] V Gordon Childe, *What Happened in History* (Harmondsworth, 1948), pp59-62.

[47] See, for example, F Katz, *Ancient American Civilisations*, pp78-79, 81, 102, 113, 128.

[48] V Gordon Childe, *What Happened in History*, pp80-81.

[49] C K Maisels, *The Emergence of Civilisation: From Hunting and Gathering to Agriculture, Cities and the State in the Near East* (London, 1993), p297

[50] C K Maisels, *The Emergence of Civilisation*, p297.
[51] According to F Katz, *Ancient American Civilisations*, p29.
[52] V Gordon Childe, *Social Evolution* (London, 1963), pp155-156.
[53] For a discussion on these pre-urban stone constructions, see C Renfrew, *Before Civilisation* (Harmondsworth, 1976)
[54] Thus it is certain that developments in the Aegean were encouraged by what had happened on the Asian mainland to the south east and the African mainland to the south. It is likely that some of the developments in Egypt (the sorts of grains which were sown, some of the artefacts) were influenced, to a limited degree, by contacts with the earlier developing Mesopotamian civilisation, and it is just possible that the Latin American civilisations had had some contact with those of east and south east Asia.
[55] R M Adams, *The Evolution of Urban Society*, pp95-96.
[56] R M Adams, *The Evolution of Urban Society*, p98.
[57] R M Adams, *The Evolution of Urban Society*, p103.
[58] R M Adams, *The Evolution of Urban Society*, p104.
[59] V Gordon Childe, *What Happened in History*, p88
[60] T B Jones, quoted in C K Maisels, *The Emergence of Civilisation*, p184
[61] C J Gadd, 'Cities in Babylon', in I E S Edwards, C J Gadd and N G L Hammond (eds), *Cambridge Ancient History*, vol 1, part 2 (Cambridge, 1971).
[62] F Katz, *Ancient American Civilisations*, p38.
[63] G R Willey and D B Shimkin, 'The Maya Collapse: A Summary View', in T P Culbert (ed), *The Classic Maya Collapse* (Albuquerque, 1973), p459
[64] As Michael Mann puts it in his own sociological jargon, they were not willing 'to increase their collective powers because of the distributive powers involved', M Mann, *The Sources of Social Power*, vol 1 (Cambridge, 1986), p39.
[65] For one account of such changes, see D R Harris, 'The Prehistory of Tropical Agriculture', in C Renfrew (ed), *Explaining Cultural Change*, pp398-399
[66] M Sahlins, *Stone Age Economics*, p140.
[67] See Christine Ward Gailey's account of the attempts between AD 1100 and 1400 by the highest ranking chiefly groups in Tonga to cut themselves off from their obligations to lower ranking people to attempt to form themselves into a ruling class, in C W Gailey, Kinship to Kingship (Texas, 1987)
[68] V Gordon Childe, *Man Makes Himself* (London, 1956), p155.
[69] See, for example, R Tharper, *Ancient Indian Social History* (Hyderabad, 1984).
[70] R M Adams, *The Evolution of Urban Society* (London, 1966), p114.
[71] See the account of the Incas in A J Pla, *Modo de Produccion Asiatico y las Formaciones Econimico Sociales Inca y Azteca* (Mexico, 1982), p151.
[72] R M Adams, *The Evolution of Urban Society*, p90
[73] V Gordon Childe, *What Happened in History*, p72
[74] V Gordon Childe, *What Happened in History*, p72
[75] This is the argument in K Sachs, *Sisters and Wives* (London, 1979), pp117, 121.
[76] For a much fuller development of my argument on the way women's oppression arose, see my 'Engels and the Origins of Human Society', pp129-142
[77] I M Diakhanov, 'The Structure of Near Eastern Society Before the Middle of the 2nd Millennium BC', *Oikumene* 3:1 (Budapest, 1982)
[78] Both on the outskirts of modern Cairo

[79] B J Kemp, 'Old Kingdom, Middle Kingdom and Second Intermediate Period', in B G Trigger, B J Kemp, D O'Connor and A B Lloyd, *Ancient Egypt: A Social History* (Cambridge, 1983), p176.
[80] V Gordon Childe, *What Happened in History*, p117.
[81] V Gordon Childe, *Man Makes Himself*, p227
[82] V Gordon Childe, *The Pre-History of European Society* (London, 1958), p7. The central theme of this work is that the 'barbarians' were more innovative because they were less held back by an all-powerful despotic state structure. But Childe tends to see the innovative 'barbarians' as almost always European, and fails to take into account the way in which those outside the established empires in other continents—in Asia, Africa and the Americas—also made enormous advances (for instance, the whole series of innovations in central Asia in the first millennium AD which were, as we will see later, then adopted in China before spreading to Europe, or the independent development of iron technology in parts of Africa).
[83] B G Trigger, 'The Rise of Egyptian Civilisation', in B G Trigger and others, *Ancient Egypt*, p67.
[84] V Gordon Childe, *Man Makes Himself*, pp230-231
[85] V Gordon Childe, *What Happened in History*, pp119-120
[86] G R Willey and D B Shimkin, 'The Maya Collapse', in T P Culbert (ed), *The Classic Maya Collapse.*
[87] Quoted in M Rich, *Egypt's Making* (London, 1991), p226. For a criticism of the view that this text refers to real events, see B J Kemp, in B G Trigger and others (eds), *Ancient Egy*pt, pp74-75, 115.
[88] See, for example, F Katz, Ancient American Civilisations, pp78-79 and introduction to T P Culbert (ed), *Thswe Classic Maya Collapse*,p19.
[89] See, for example, F Katz, *Ancient Amesrican Civilisations*, p78.
[90] B J Kemp, in B G Trigger and others (eds), *Ancient Egypt*, p115
[91] B S Lesko, 'Rank, Roles and Rights', in L H Lesko (ed), *Pharoah's Workers* (Ithaca, 1994), p15
[92] B S Lesko, 'Rank, Roles and Rights', p39
[93] B S Lesko, 'Rank, Roles and Rights', p38
[94] K Marx, *Preface to the Contribution to the Critique of Political Economy*, in K Marx and F Engels, Selected Works, vol 1 (London, 1962), pp362-363
[95] K Marx and F Engels, *The Communist Manifesto* (London, 1996), p3
[96] V Gordon Childe, *What Happened in History*, p137
[97] K W Butzer, *Early Hydraulic Civilisation in Egypt* (Chicago, 1976), p46

پاگّو بیون

قدیم دنیا

اهم واقعن جي ترتيبوار تاريخ

1000 کان 500 ق. م:

سڄي ايشيا، يورپ ۽ اولهه ۽ مرڪزي آفريڪا ۾ لوهه، هٿيار ۽ اوزار ٺاهڻ. وچ اوڀر، انڊين ننڍي کنڊ ۽ ميڊيٽيرين علائقي ۾ اُچارن تي ٻڌل لکڻ جو انداز.
انڊيا ۾ گنگا ماٿريءَ جي زمين جي صفائي ۽ پوک، نئين تهذيب، چار ذاتين واري سرشتي جو ٺهڻ، ويدڪ مذهب.
فونيشين، يوناني ۽ اٽليءَ واريون شهري رياستون. عراق يا نيل نديءَ تي ٻڌل وچ اوڀر جي رقيب سلطنتن جو اتحاد. چين ۾ ’جهيڙيندڙ رياستن‘ جي ڪجهه تعداد جو ظهور.

600 کان 300 ق م:

’اعليٰ ۽ معياري‘ تهذيبن جي اوسر. چين ۾ ڪنفيوشس ۽ مينشس. انڊيا ۾ گوتم ٻڌ. يونان ۾ افلاطون، ارسطو ڊيماڪريطس. يونان ۾ طبقاتي جدوجهدون.
سڪندر جي مقدوني فوجن هٿان وچ اوڀر ۽ اشوڪا جي موريا سلطنت طرفان انڊين ننڍي کنڊ جي ڪجهه حصي جي فتح. روم ۾ عام ماڻهن ۽ اشرفيا جي وچ ۾ جدوجهد. روم شهر اٽليءَ جي ڪجهه حصي کي فتح ڪري ورتو.

300 کان 1 ق م:

انڊيا ۾ موريا سلطنت جو ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ پر تجارتي ۽ دستڪاري صنعت جي ترقي جاري رهڻ. هندو برهمڻ ڳئون جي ڪوس جا مخالف ٿي پيا.
پهرين چِن شهنشاهه اتر چين کي متحد ڪري ڇڏيو. لوهه جي ڪم، دستڪاري صنعت ۽ تجارت ۾ وڏي ترقي. عظيم ڀت، واهن ۽ رستن جي ڄارن جي تعمير. هاري بغاوت هين شاهي خاندان کي اقتدار ڏياريو.
روم سڄي ميڊيٽيرين خطي ۽ رائن نديءَ جي ڏاکڻي يورپ کي فتح ڪري ورتو. اٽليءَ ۾ هارين جي مفلسي ۽ غلاميءَ جي پکيڙ. هارين گراڪس ڀائرن جي حمايت ڪئي، جن کي 133 ۽ 121 ق. م ۾ قتل ڪيو ويو. سسليءَ ۾ (130 ق. م ڌاري) ۽ اٽليءَ ۾ (70 ق. م ڌاري) اسپارٽيڪس جي اڳواڻيءَ هيٺ غلامن جون بغاوتون. گهرو جنگيون. جوليس سيزر طرفان 45 ق. م ۾ اقتدار تي قبضو. آگسٽس 27 ق. م ۾ شهنشاهه ٿيو.

1ع کان 200ع؛

رومن سلطنت جو عُروج. 70ع ۾ فلسطين ۾ بغاوت کي ڪچلڻ. تارس جي پال يهوديت کان 'عيسائين' جي نئين فرقي کي ڌار ڪيو.

چين ۾ اسٽيل ٺاهڻ جي دريافت. هين سلطنت جي ڪوريا، مرڪزي ايشيا، ڏکڻ چين ۽ انڊوچائينا تائين واڌ. ڪنفيوشن ازم رياستي نظريو.

زراعت ۽ هندو ڌرم جي ڏکڻ انڊيا ۽ پوءِ ملائي پيٽ ۽ ڪمبوڊيا ۾ پکيڙ. انڊين واپارين وڏين ٻڌ خانقاهن جي مالي سهائتا ڪئي، ٻڌ ڌرم کي تبت ۽ سريلنڪا تائين کڻي ويا.

200ع کان 500ع تائين؛

چيني هين سلطنت ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي. شهري معيشت جو زوال، ڀهراڙين جي اشرافيہ جي جاگيرن ۾ ورڇ، 'قديم اعليٰ' ادب ۾ دلچسپي گهٽجڻ. ٻڌ ڌرم جو مخصوص گروهن منجهہ ڦهلاءُ.

گُپتا سلطنت طرفان 5 عيسوي صديءَ ۾ انڊيا جي ڪجهه حصي کي متحد ڪرڻ، فن ۽ سائنس جي واڌ ويجهہ.

رومن سلطنت ۾ بحران جو وڌڻ. ٽيڪنيڪل ۽ اقتصادي جمود. تجارت گهٽجڻ. غلاميءَ جي جاءِ تي زمين سان جڙيل هارين مان محصول ۽ مسواڙن جي اوڳاڙي. فرانس ۽ اسپين ۾ هاري بغاوتون. سلطنت جي سرحدن جي دفاع ۾ مسئلا وڌڻ. اوسيرس، مٿارازم ۽ عيسائيت جي مسلڪن جو جنم.

ڪانسٽنٽائين طرفان يوناني شهر بازنطين ڏانهن راڄڌاني (330ع) منتقل ڪرڻ، عيسائيت کي سلطنت جو سرڪاري مذهب بنائڻ. بت پرست مذهبن، عيسائي ۽ يهودي عقيدن کي ايذائڻ. تارڪ الدنيا واري فلسفي جو جنم. سلطنت جو ورهاڱو. (407ع) سلطنت کي انگلينڊ جو نقصان. الارڪ جي گوٿس هٿان روم جي ڦُرلٽ(410ع).

500ع ۽ ان کانپوءِ؛

الهندي يورپ ۾ 'اونداهو دور'. آباديءَ جو واڌ ٽيڙ. تجارت، شهري زندگي ۽ تعليم جو زوال. اوڀر واري سلطنت 530_550ع ۾ جسٽينن هيٺ عروج تي پهتي، سينٽ سوفيا گرجا گهر جي اڏاوت، پوءِ لاٿ.

انڊيا ۾ گُپتا سلطنت جو زوال، تجارت، شهرن، ڏوڪڙن جو استعمال ۽ ٻڌ ڌرم جو گهٽجڻ. ذري گهٽ خودڪفيل ڳوٺن ۾ جاگيردار حاڪمن جي فائدي لاءِ زراعت ۽ ڪاريگري تجارت جو جاري رهڻ. برهمڻ پنڊتن جو نظرياتي تسلط گهٽين ذاتين واري درجي بنديءَ جو مڪمل نظام ٺهڻ. ادب، فن ۽ سائنس ۾ لاٿ.

باب پهريون

لوهہ ۽ سلطنتون

تهذيب جي تاريخ جو ٻيون عظيم مرحلو هارين ۽ ڌنارن منجهان شروع ٿيو، جيڪي فرعونن ۽ پادرين جي حاڪميت وارين رياستن ۾ نہ، پر عظيم سلطنتن جي چوڌاري ميدانن ۾ رهندا هئا. ماڻهن روايت هٿان قائل ٿيڻ ۽ سُڪي نوٽ ٿيڻ بدران ڪوششون ڪري شهري انقلاب جي حاصلاتن مان سکيو. جهڙوڪ: پتل، ڪانجهي ۽ ڦيٿي جو استعمال ڪرڻ سکيائون، ايتريقدر جو پنهنجيون ٻوليون لکڻ لاءِ ڏارين صورتخطين کي قبوليائون.

يوريشيا ۽ آفريقا جي ڪشادن ميدانن ۾ انيڪ معاشرا اهڙا هئا، جن 'شهري انقلاب' جي ٽيڪنالاجيڪل (حرفتي) پيش قدمين کي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. ڪجهہ علائقن ۾ عظيم شهنشاهيتن جي نقل طور ننڍين سلطنتن جنم ورتو. جيئن فلسطين ۾ سليمان (حضرت سليمان عہ) جي سلطنت هئي، جنهن بابت پراڻي عهدنامي (Old Testament) ۾ ذڪر ٿيل آهي. ٻين علائقن ۾ عمدي، مهانگي ۽ فضول مٿين پرت (يعني شاهوڪارن) جو ابتدائي طور بار ٿورو گهٽ هو. تنهنڪري ماڻهن کي نوان ڪم ڪرڻ جي وڏيڪ آزادي هئي ۽ ائين ڪرڻ لاءِ وٽن وڏيڪ ترغيب پڻ هئي.

جيئن شهري انقلابن سان ٿيو هو تيئن هيل بہ نين حرفتن کي، اپنائڻ سان گڏ واڌو (Surplus) پيداوار حڪمران طبقن جي هٿن ۾ هلي وئي، پر ٻنين مان اُسريل هي نوان حڪمران طبقا جن جي فطري پيدائشي شرح اوائلي تهذيبن کان گهٽ هئي، سي فقط نين حرفتن کي زور وٺائي واڌو پيداوار جي اُها سطح ماڻي سگهيا، جيڪا پراڻين تهذيبن سان پيٽڻ جوڳي هجي.

جيئن تہ طبقاتي ڇڪتاڻ انهن سماجن کي اندران ئي اندران ڪمزور ڪري ڇڏيو جنهنڪري نون حڪمرانن آڳاٽين تهذيبن جي بحرانن جو فائدو وٺندي انهن تهذيبن تي ٻاهران حملا ڪيا. ڪيسپين خطي مان آيل 'آريا' زوال پذير سنڌو تهذيب مٿان ڪڙڪيا. هوڏانهن ذڪرڻ اوپر يورپ کان آيل ماڻهن، 'انڊو-يورپي ٻولي ڳالهائيندڙن، Mycenaean يونان کي چيري ڦاڙي ڇڏيو. تنين پاسي گهٽ ڇاتل سڃاتل 'سامونڊي ماڻهن' مصر تي حملو ڪيو هيٽيز آڳاٽي عراق تي قبضو ڪيو ۽ هيڏانهن هڪ نئين چُو (Chou) شاهي خاندان شينگ (Shang) کي چين مان تڙي ڪڍيو.

آڳاٽي عراق، مصر ۽ چين ۾ تهذيب جو لازم تسلسل برقرار رهيو ۽ سلطنتون وري جلدئي ظاهر ٿي پيون، جن منجهه نين حرفتن توانائي پيري ڇڏي هئي. جڏهن ته سنڌو ۽ Mycenaean تهذيبن تي ڪيل قبضن، سندن شهري زندگيءَ ۽ سندن علم ۾نهي کي مڪمل طور تي ميساري غائب ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ انهن واقعن ۾ ٻاهرين مداخلت ۽ ڪاهه ڪُلي طور تي ناڪاري اثر نه ڇڏيا. اصل ۾ انهن ڪاهُن متضاد ڪردار نڀايو. هڪ پاسي فاتحن پراڻي پيداواري ڍانچي جو هڪ حصو تباهه ڪيو. مثال طور، آبپاشيءَ جا بندوبست جن سنڌوءَ جي شهرن کي ڪارايو پئي، ته ٻئي پاسي انهن پاڻ سان گڏ نيون حرفتون آنديون. جهڙوڪ: ڍڳن ذريعي هر ڪاهڻ، جنهن اُتر انڊيا جي ميدانن جي سخت زمين جي کيڙ کي ممڪن بڻايو. هاريي واري پيداوار جي پکيڙ ٿي ۽ نيٺ هن خطي ۾ اڳ کان گهڻي واڌو پيداوار حاصل ٿيڻ لڳي.

2000 ق. م ۾ سڀ کان اهم نئون فن ۽ هنر آرمينين جبلن منجهه پيدا ٿيو ۽ وري سوين سالن کانپوءِ اولهه آفريقا ۾.[1] اهو هنر هئو لوهه کي ڳارڻُ. ان هُنرَ جي سستُ پکيڙ پيداوار ۽ جنگ جي نوعيت کي بدلائي ڇڏيو.

پتل ۽ ان جو ملاوتي ڌاتو ڪانجهو شهري انقلاب جي ابتدائي مرحلي کان وٺي استعمال ٿيندو رهيو هو. پر انهن ڌاتن سان ٿيندڙ پيداوار مهانگي ٿي پئي ۽ ان لاءِ ڏورانهين هنڌن تان اٽليپ ڪچا ڌاتو حاصل ڪرڻ ڏکيو ڪم هو. ٻيو ته انهن ڌاتن سان ٺهيل اوزارن جا ڪٽيندڙ ڪنارا جلدئي مُڏا ٿي پوندا هئا. نتيجي طور اُهي (ڌاتو) هٿيارن يا زيورن وانگر فقط دولتمند اقليت لاءِ ڀلا هئا، پر اُهي اوزار جن کي عوام جي اڪثريت ڪتب آڻي ڪم ڪري سگهي (تن) لاءِ تمام گهٽ ڪارائتا هئا. ٽنهنڪري شهري انقلاب کان ڏيڍ هزار (ملينيم) سال پوءِ احرامن، مقبرن ۽ مندرن تي ڪم ڪندڙ مزدور، اڪثر ڪري پٿر جا اوزار استعمال ڪندا هئا ۽ لڳي ٿو ته کيڙيندڙن طرفان پتل ۽ ڪانجهو تمام گهٽ ڪتب ٿيو هوندو.

پتل جي ڀيٽ ۾ ڪچو لوهه تمام گهڻي مقدار ۾ موجود هو. ان کي هڪ ڌاتوءَ جي صورت ڏيڻ لاءِ تفصيلي کوجنا گهربل هئي، پر جڏهن هڪ ڀيرو لوهارن اهو ڄاڻي ورتو ته اهو ڪم ڪيئن ٿيندو، پوءِ ڌاتوءَ کي چاقن، ڪهاڙين، تيرن جي چهنبن، هَرَ ۽ ڪوڪن جي صورت ڏيڻ شروع ڪئي. انهن اوزارن جو زراعت تي ڏاڍو ڏور رس اثر ٿيو. لوهه جي ڪهاڙيءَ کيڙيندڙن کي گهاٽن جهنگن کي صاف ڪرڻ ۽ لوهي هَرَ سان سخت زمين کي کيڙڻ جي قابل بڻايو. لوهي ڀالي (نيزي) ۽ لوهي تلوار جي گهٽائيءَ اشرافيائي فوج جي طاقت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو ۽ هاري پيادل فوج زرهه چڙهيل سردارن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو.

ستين صدي ق. م تائين نون هنرن تي آڌاريل نيون تهذيبون چاڙهه تي هيون. آشورين سلطنت نيل نديءَ کان اوپر عراق تائين ڦهليل هئي. مختلف ٻولين لاءِ هڪ

صورتخطيءَ اڻ ڳڻين ۽ طرحين طرحين ماڻهن کي هڪ ئي تهذيب ۾ جوڙي ڇڏيو. اٽڪل هڪ هزار سال گذرڻ کانپوءِ تجارت جي نيئن سر واڌ ۽ شهرن جي اڏاوت سان اُتر يارت ۾ هڪ نئين تهذيب جنم وٺڻ شروع ڪيو. 170 ننڍين رياستن جي پُرانتشار جنگين منجهان اتر چين ۾ ڪجهه بادشاهتن اُڀرڻ شروع ڪيو ۽ پراڻين عراقي ۽ مصري سلطنتن جي سخت سياسي ۽ نظرياتي مرڪزيت کان آزاد فلسطين، لبنان، ايشيا مائينر، يونان، اٽلي ۽ اتر آفريقا کان ويندي ميڊيٽرين جي پرپاسي تائين شهري رياستون ٺهڻ لڳيون.

نون پيداواري هنرن ۽ ڪاريگرين کي سائنسي جدت ۽ نظرياتي جوش سان هم آهنگ ڪيو ويو. ڪانجهي واري دور ۾ عراق ۽ مصر ۾ سائنسي سکيا جي مخصوص شعبن، خاص ڪري حساب ڪتاب ۽ فلڪيات ۾ ترقي ٿي رهي هئي. پر انهن پيش قدمين جو انحصار مذهبي پادرين تي هو جيڪي ٻن هزار سالن کان وڌيڪ عرصي تائين مادي زندگيءَ کان تيزيءَ سان ڪٽجي چڪا هئا. سندن کوجنائون پيچيده ۽ ڏکين مذهبي سرشتن ۾ مجسم هيون. نئين سر پيش قدميءَ ۽ جدت جو انحصار انهن پراڻن سرشتن کي ٽوڙڻ تي هو. اهو ڪم پراڻين تهذيبن جي مرڪزن، آشور ۽ بابُل جي عراقي شهرن يا ميمفس يا ٿيبس جي مصري شهرن ۾ نه ٿيو بلڪ اهو اتر انڊيا، اتر چين ۽ ميڊيٽيرين جي ساحلي پٽيءَ وارن شهرن ۾ رونما ٿيو.

نين ۽ توانائيءَ سان ڀرپور تهذيبن منجهه لوهه جي استعمال سان گڏوگڏ ڪجهه خاصيتون ساڳيون هيون. انهن ۾ نئين دستڪاريءَ جي ترقي، ڊگهن مفاصلن واري واپار ۾ واڌ، دوڪاندارن جي هڪ سماجي طبقي طور اهميت ۾ اضافو سِڪن جي استعمال، جنهن صفا ڪمتر آبادگارن، ڪيڙيندڙن ۽ ڪاريگرين لاءِ هڪٻئي سان وٽج واپار ڪرڻ پڻ آسان بڻائي ڇڏيو. (چين کانسواءِ) گهٽ يا وڌ اُچارن تي آڌاريل، نئين الف ـ ب کي اپنائڻ، جنهن ماڻهن جي وڏي تعداد لاءِ علم تائين پهچ کي ممڪن بڻايو ۽ حاڪم خدائن ۽ زندگيءَ جي اصولن يا مقصدن تي آڌاريل 'ڪائنات گير' مذهبن جو ظهور ٿيو. سمورين پراڻين تهذيبن وانگر نيون تهذيبون بہ طبقاتي اڻبرابريءَ تي ٻڌل هيون. ڪيڙيندڙ پاڻ اڪثر ڪري ٻڪايل هوندا هئا. ڇاڪاڻ تہ اُنهن جي واڌو پيداوار هڙپ ڪئي ويندي هئي. انهن تهذيبن جي وچ ۾ چڱو خاصو فرق پڻ هو. مادي عنصر، ماحول، آبهوا، پالتو جانور، جاگرافيائي بيهڪ جهڙن عنصرن ماڻهن جي زندگيءَ کي متاثر ڪيو ٿي تہ اُهي پنهنجو گذرسفر ڪيئن ڪن ۽ حڪمران ڪيئن واڌو پيداوار کي پنهنجي اختيار ۾ رکن؛ مطلب تہ اُن وقت جيڪو ڪجهه ٿيو پئي تنهن کي اِنهن عنصرن اثرانداز ڪيو پئي.

باب پيون

قديم انڊيا

’آريا‘ حملي آور جن اٽڪل 1500 ق. م ۾ سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب کي تباهه ڪري ڇڏيو سي اصل ۾ خانہ بدوش ڌنار هئا. جن جو گذرسفر کير ۽ گوشت تي هو ۽ ويڙهاڪ سردارن جي اڳواڻيءَ هيٺ رهندا هئا. قديم شهر سندن ڪم جا نہ هئا. جن کي هنن ڦريو لٽيو ۽ پوءِ ڦٽو ڪيو. نہ ئي وري وٽن لکت وارن لفظن جو استعمال هو جنهنڪري پراڻين تهذيبن جن صورتخطين کي ڪتب آندو ٿي، سي مري کپي ويون.

انهيءَ دور ۾ هنن ’ويدڪ‘ مذهب تي عمل ڪيو جيڪو اُن دور واريءَ سندن زندگيءَ جي عڪاسي ڪري ٿو. سندن رسمون مال متاع جي قربانيءَ تي ٻڌل هيون ۽ سندن ڏندڪٿائون جن ۾ ويڙهاڪ يگوانن جا ڪارناما ٻڌايل هئا. سي ’برهمڻ‘ پادرين طرفان ياد ڪيل ڊگهن رزميہ داستانن جي صورت ۾ پهتيون. انهن ڏندڪٿائن هڪ عقيدي کي مجسم صورت ڏني، جنهن واڌيءَ (پيداوار) جو وڏو حصو ويڙهاڪ حڪمرانن ۽ پنڊتن ڏانهن منتقل ٿيڻ کي جائز بڻايو پئي. ان جو بنياد اهو هو تہ اُهي ’ٻيهر جنم ورتل‘ گروهہ آهن. جيڪي پيدائشي طور تي ٻين ماڻهن کان برتر آهن. پر هندو ڌرم جي مڪمل طور تي جڙيل اعليٰ سرشتي، چار موروثي ذاتين طور تيسيتائين عملي صورت نہ ورتي، جيسيتائين ماڻهن جي گذرسفر جي طريقي ڪار ۾ تبديلي نہ آئي ۽ ائين ويدڪ مذهب مختلف عقيدن، رسمن ۽ روايتن جي مجموعي ۾ بدلجي ويو.

اٽڪل 1000 ق. م دوران لوهہ جي حرفت ۽ فن جي آهستگيءَ سان پڪيڙ زندگيءَ جي طور طريقي ۾ تبديلي آندي. لوهي ڪهاڙيءَ گنگا نديءَ واري خطي جي گهاٽن جهنگن کي صاف ڪرڻ ۽ انهن جي کيڙ کي ممڪن بڻايو ۽ ويڙهاڪ حڪمرانن ۽ سندن ساٿاري پنڊتن کي وڏي مقدار ۾ واڌو پيداوار مهيا ڪري ڏني. انهن گروهن زراعت جي پکيڙ کي زور ونرايو پر انهن آبادگارن تي پڻ زور پريو تہ کين هر هڪ ڳوٺ جي فصل مان ڏن طور هڪ حصو شايد ٽيون يا وري اڌ. ڏين. انهن مطالبن جو پُوراءُ طاقت ذريعي ڪيو ويو ۽ عام ’آرين‘ بابت مذهبي تصورن انهيءَ استحصالي سرشتي کي ٽيڪ ڏني، جنهن مطابق ويش (پوک ڪندڙن) جي هيٺين ذات ۽ مفتوح ماڻهن کہ تري ۾ پيل شودر (سخت محنت ڪندڙ) طور پيش ڪيو ويو. ڳوٺن ۾ پيداوار جم طبقاتي ترتيب منجهان ذات پات جو نظام پيدا ٿيو (توڙي جو ذات نجي ملڪيت تہ

آڏاريل نہ هئي) ۽ صدين تائين ذات پات جي نظام جي قائم رهڻ جون پاڙون انهيءَ پيداواري سرشتي ۾ کُتل هيون.

طبقاتي سرشتي ڀڃارڻ ۾ انسانذات کي چئن درجي بندين ۾ ورهائڻ واري تصور کي اُڀاريو. ماڻهن جي گذرسفر جي ڍنگ ۾ وڏيڪ تبديلين ان معاملي کي ويتر پيچيده بڻائي ڇڏيو. نئين زرعي طريقي ڪار جي ڪاميابيءَ سبب حڪمرانن کي اضافي واڌو پيداوار ملي. گڏوگڏ غيرپوناڻن سماجي گروهن جي اوسر پڻ ٿي. حڪمرانن کي عياشيءَ لاءِ نئين سامان ۽ بهتر هٿيارن جي گهرج پئي ۽ انهن دستڪاري, جهڙوڪ: واڍڪي, ڌاتو ڳارڻ, چرخن هلائڻ, ڪپڙا ٺاهڻ ۽ رنگريزيءَ (رنگڻ) کي هٿي وٺرائي. ائين سڄي ڪنڊ ۽ ان کان ٻاهر واپار جي پکيڙ ٿي. اڳ وارن شهري انقلابن وانگر ڪاريگرن ۽ واپارين جي جهڳٽن مندرن ۽ فوجي ڇانوڻين جي پرپاسي ۾ تجارتي رستن سان گڏ آباد ٿيڻ شروع ڪيو. ان دوران ڪجهه چند گهرڙا (ويڙها) ۽ وڏا ڳوٺ شهرن ۾ بدلجي ويا. ويڙهاڪ اڳواڻن مان ڪجهه پنهنجو پاڻ لاءِ بادشاهتون ٺاهڻ جي قابل ٿي ويا. ڇهين صدي ق م تائين 16 وڏين رياستن اتر ڀارت تي حاڪميت ڪئي پئي. مگڌا[2] (Magadha) رياست 321 ق. م تائين ٻين رياستن کي ڳڙڪائي سنڌو درياءَ جي اوپر پاسي, انڊيا جي اترئين ڳچ حصي تي هڪ سلطنت ٺاهي ورتي (جنهن جون حدون سڪندر اعظم طرفان قائم ڪيل يوناني سلطنت, جيڪا درياءَ جي اولهہ پاسي تي حڪمراني ڪندي هئي, ان سان ملنديون هيون).

انهيءَ 'موريا' انڊين سلطنت جي ٺهڻ سان شهري ترقيءَ کي وڌيڪ هٿي ۽ سگهہ ملي. موريا سلطنت هڪ پاسي ايران ۽ عراق ۽ ٻئي پاسي اترين چيني بادشاهتن سان ملندڙ زميني تجارتي رستن کي محفوظ بڻايو. سامونڊي رستن ان کي عربن, مصر, اوڀر آفريقا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا سان ڳنڍيو. اها سلطنت اُڀرندڙ دنيا (يا گهٽ ۾ گهٽ 'پراڻي دنيا') جي تجارتي سرشتي جي مکيہ رابطي ۽ ڳنڍڻ واري جاءِ هئي. هڪ يوناني جاسوس (قاصد) جي خيال ۾ مگڌا جي راڄڌاني, "پتالي پُترا", دنيا جو سڀ کان وڌيڪ پُرڪشش شهر هو. هن جي اندازي مطابق مگڌا فوج ۾ 6 هزار هاٿي, 80 هزار گهوڙي سوار ۽ ٻہ لک پيادا سپاهي هئا.[3] اهي انگ اکر بيشڪ وڌاءُ آهن, پر هن جي پيش ڪيل 'حقيقت' مان ٿلهي لِڪي سلطنت جي شان شوڪت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

موريا خانداني بادشاهت اٿاهہ واڌو پيداوار هٿ ڪئي, جنهن لاءِ ان کي 'رياست طرفان اقتصادي سرگرميءَ جي بيمثال پکيڙ', 'زراعت, صنعت ۽ تجارت تي رياستي اختيار' ۽ ڪاٺين ڪوٽڻ ۽ لوڻ, شراب ۽ معدني وسيلن جي واپار ۾ هڪ هٽيءَ جي ضرورت پئي. سلطنت وٽ سپاهين کي ڌاتن وارن هٿيارن سان مسلح ڪرڻ ۽ زراعت ۽ صنعت لاءِ اوزار ۽ شيون مهيا ڪرڻ جي پهچ هئي. اُن جي ٽيڪسن مان وڏي باقائده فوج ۽ وڏي تعداد ۾ 'ڪامورا شاهي' کي رقم ڏني ويندي هئي, جن جو انتظامي ڍانچو مٿان کان هيٺ

ڳوٺاڻيءَ سطح تائين ڦهليل هو. ڳوٺن جي ٽولن وٽ 'هڪ ليکاري (حساب ڪتاب ڪندڙ) هوندو هو جيڪو حدن ۽ زمينن جا کاتا سنڀالڻ ... ۽ آباديءَ جي آدم شماري ۽ مال متاع جو رڪارڊ رکڻ' جو ڪم ڪندو هو ۽ هڪ 'ٽيڪس (محصول) اوڳاڙيندڙ جيڪو هر قسم جي ڍل (روينيو) سان واڳيل هو.... پيو ته سموري انتظامي ڍانچي جي مدد لاءِ تفصيلي جاسوسيءَ جو سرشتو موجود هوندو هو.'[4]

موريا رياست پنهنجي ابتدائي سالن ۾ خالص مفت خور نه هئي ۽ اُن ڪجھ اهڙا قدم کنيا جيڪي مجموعي طور تي معاشري لاءِ هاڪاري هئا. اُن اتاهه واڌو پيداوار مان ڪجھ حصو 'ڀهراڙيءَ جي معيشيت جي ترقيءَ'، نين آبادين جا بنياد وجھڻ، شودرن جي پنيرائي ڪري، ڪين رياست طرفان زمينون ڏئي آبادگار بڻائڻ،[5] آبپاشي رٿائن کي منظم ڪرڻ ۽ پاڻيءَ جي ونڊ ورڇ ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. زمين ۾ ذاتي ملڪيت جي ظهور کي روڪيو ويو ۽ ان جي وڪري تي بندش وڌي وئي ته جيئن انهن نين آبادين ۾ پيدا ٿيل واڌو پيداوار کي مقامي لالچي ماڻهن جي هٿ چڙهڻ کان روڪجي.

مستقل زراعت جي پکيڙ، تجارت ۽ شهرن جي اوسر ۽ طاقتور رياستن جي ظهور ماڻهن جي زندگين ۾ ضرورت تحت پنهنجي چوڌاري دنيا ۽ هڪٻئي سان ورتاءَ ۾ وڏيون تبديليون آنديون. روحاني حوالي سان پراڻن خدائن، ڏڻ هڪلڻ ۽ وڙهڻ جي ڳڻن جي ساراهه ڪئي هئي. جڏهن ته هاڻي نون اسرندڙن زرعي ڳڻن تي زور ڏنو ويو. گذرسفر جي نئين ۽ پراڻي طريقي ڪار ۾ هي جي مکيه وسيلي، مال متاع، ڏانهن رويو پڻ تبديل ٿيو.

اڳ ۾ ماڻهو مال متاع جي گوشت کي هڪ وسيلي طور اهميت ڏيندا هئا. هاڻي اُهي (ڍور) فقط سخت زمين ۾ هَرَ ڪاهڻ لاءِ ڏڪڻ جي قوت طور ڪم اچڻ لڳا. جنهنڪري جانورن کي ڪُهي گوشت کائڻ بدران انهن جو بچاءَ ڪرڻ لڳا. ايتريقدر جو هڪ هاري آڪھ ٻُک مرندي هئي، تڏهن به اُهي مال متاع کي ڪُهڻ کان منع ڪندا هئا. چاڪاڻ ته ايندڙ سال جي پوک جو وسيلو اهو مال ئي هو ۽ ان سان پنڌتن ۽ جنگجوئن کي چڱي خاصي آمدني مهيا ٿيڻ لڳي. مذهبي فساد ۽ افراتفري واري دور کانپوءِ انهيءَ ضرورت منجهان بظاهر ڳئونءَ جي عبادت ۽ مال متاع کي ڪهڻ تي بندش جو ظهور ٿيو جيڪي جديد هندو ڌرم جون خاصيتون آهن.

شهري زندگيءَ جي واڌاري مذهبي رجحان ۾ اضافو ڪيو. ڪاريگرن ۽ واپارين جا نوان ڪاروباري گروهه اڪثر ڪري موروثي گروهه هوندا هئا. چاڪاڻ ته پيچيده ۽ ڏکيا فن ۽ هنر سکڻ جو سڀ کان آسان طريقو پنهنجي گهر ۾ نِنڍپڻ کان مطالعو ڪرڻ ئي هو. هر هڪ فن يا تجارت جي جاڻ رسمي روايتن جي علم ۾ مجسم هئي، جيڪا انهن جي پنهنجين ريتن رواجن سان ڳنڍيل هئي، جن جي نگراني سندن خدا ڪندا هئا. برهمڻ جو مذهب ڪاريگرن ۽ واپارين جي ذهنن تي فقط تڏهن ئي حاڪميت ڪري سگهيو پئي، جيڪڏهن اُهو انهن خدائن جي مڃتا لاءِ جاءِ ڳولي ۽ ساڳي ريت نون هنرن تي عمل

ڪندڙن کي ويڙهاڪن، پنڊتن، ڪيڙيندڙن ۽ سخت محنت ڪندڙ شودرن جي چئن ذاتين واري تيزيءَ سان وڌندڙ سخت. ڪٽر ۽ موروثي سرشتي سان نهڪندڙ بڻائي.

سماجي چال چلت ۽ طرز عمل ۾ انقلاب مذهبي عقيدن ۽ رسمن ۾ انقلاب کي ضروري بڻايو. مختلف سماجي گروهن جي ماڻهن نين حقيقتن ۽ پراڻن عقيدن جي وچ ۾ تضادن کي هم آهنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندن طريقا مختلف هئا. ڇهين صديءَ دوران اُتر انڊيا ۾ انيڪ فرقا پيدا ٿي پيا. انهن فرقن مان هرهڪ روايتي عقيدن جي عنصرن کي پنهنجن مخصوص ڍنگن سان بيهر ترتيب ڏيڻ چاهيو. جنهنڪري سندن وچ ۾ اڪثر ڪري هڪٻئي سان ۽ برهمڻ پنڊتن سان سخت ٽڪراءَ ٿيندا رهيا. انهيءَ ٽڪراءَ سبب ٻه اُهي مذهب نمودار ٿيا، جيڪي اڄ ڏينهن تائين قائم آهن.

انهن فرقن ۾ سڀ کان وڌيڪ چاتل سڃاتل مهاوير جا جين پوئلڳ ۽ گوتم جا ٻڌ پيروڪار آهن. انهن منجهه ڪجهه نقطا ساڳيا هئا. اُنهن رت جي قرباني ۽ جانورن کي ڪُهڻ جي مخالفت ڪئي. اُنهن جنگ جي متبادل طور اهنسا (عدم تشدد) جي ڳالهه ڪئي. اُنهن ذات پات جي فرق کي رد ڪيو. انهن مذهبن جا بانيڪار برهمڻ نه هئا. مهاوير ۽ گوتم ٻڌ واقعن ۽ عملن جي عقلي سمجهه جي ضرورت تي زور ڏنو ڪن جاين تي (ٻڌ ۽ مهاوير) خدائي مُهمن ۽ ڪارنامن وارن پراڻن داستانن کان ڇوٽڪارو ڏياريو ايتري حد تائين جو ڪٿي ڪٿي سندن دائرن ماديت پسنديءَ ۽ دهريت کي ڇُهيو.

اهڙا عقيدا نئين اُسرندڙ سماج سان نهڪندڙ هئا. هنن بار ڪٽندڙ جانورن جو بچاءُ ڪيو ۽ جنگ جي فضول تباهيءَ تي جيڪا نفرت ڪيڙيندڙن، ڪاريگرن ۽ دوڪاندارن منجهه هئي، هنن ان ڪاوڙ کي اظهاريو. برهمڻ جي ذات پات وارن سخت اصولن هٿان ٿيندڙ متڀيد خلاف معاشي طور تي خوشحال سماجي گروهن کي ڪاوڙ هئي، هنن اهڙن گروهن کي متاثر ڪيو. هنن ڪجهه حڪمرانن کي پڻ متاثر ڪيو (شهنشاهه اشوڪ، 264_227 ق. م ايتريقدر جو چوڻ ٿا ته سندس وڏي ۾ وڏي جنگي فتح ۾ ٿيل خونريزيءَ تي پڇتاءَ ڪانپوءِ هن ٻڌ ڌرم کي قبوليو.) ذات پات جي فرق کي تسليم نه ڪرڻ سان بادشاهن کي پنهنجي جدوجهد ۾ سهاوڙ مليو هيو ته ان سان هرهڪ علائقي ۾ واڌو پيداوار کي متين ذات وارن جي ڪيسن ڏانهن وڃڻ کان روڪي سگهجي پيو. ان سان شهرن جي نون سماجي گروهن هٿان سلطنت لاءِ پنيرائي حاصل ٿي سگهي. ايتريقدر جو عدم تشدد واري اصول سلطنت خلاف امڪاني للڪار کي روڪڻ ۽ اندروني امن کي برقرار رکڻ لاءِ اڳوات ڪامياب فاتحن جي مدد ڪئي. عقيدن جو هڪ 'ڪائنات گير' سرشتو هڪ 'ڪائنات گير خانداني بادشاهت' لاءِ موزون ۽ نهڪندڙ هو.

موريا سلطنت گهڻو جٽاءُ نه ڪري سگهي، اشوڪ اعظم جي موت ڪانپوءِ ترت ئي ٽڪرا ٽي وئي. اٿاهه فوج ۽ ڪامورا شاهي ڍانچي سلطنت جي وسيلن تي تمام گهڻو دٻاءُ وڌو. مقامي بااثر شخصيتن جي طاقت کي دٻائڻ لاءِ هڪ شهنشاهه جي رابطي

جا ذريعا اجان تائين پراڻا هئا. پر هن پيري سلطنت جي ٽٽڻ ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ واري عمل تهذيب جو زوال نہ آندو. زراعت ۽ واپار جي پکيڙ جاري رهي. رومي سِڪا ڏکڻ انڊيا ۾ گردش ڪندا رهيا ۽ ٻيڙيون رومن دنيا، ايٿوپيا، ملايا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا کان سامان کڻي اينديون ويندين رهيون. انڊين واپاري 'رومن-يوناني دنيا جي عياشيءَ وارن ڪاڻن جي رسد جو انتظام ڪندڙ هئا.'[6] ڪاريگرن جي دستڪاري وڌندي رهي. 'ڪپڙا ناهڻ، ريشم اُڻڻ ۽ هٿيار ۽ عياشيءَ جا سامان تيار ڪرڻ وارن ڪمن مان لڳي پيو تہ انهن خوشحالي آندي'، ۽ 'شايد ڪنهن ٻئي دور ۾ ڏوڪڙن واري معيشيت ائين شهرن ۽ پسگردائيءَ جي عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ايترو گهرائي تائين داخل نہ ٿي هوندي.'[7] پهرين جي زوال کان اڌ هزار سال پوءِ اهڙي اقتصادي ڦهلاءَ سبب هڪ ٻي، گهٽ مرڪزيت واريءَ سلطنت جو نهڻ ممڪن ٿيو ۽ اُها هئي گپتا سلطنت.

هاڻي واپارين ۽ سندن منڊلين سان گڏوگڏ شاهي خاندان وٽان بہ سکيا ۽ فن جي تائيد ۽ حمايت ٿيڻ لڳي. سندن چندن ۽ عطين شاندار مذهبي مجسمن، غارن ۾ ٻي داغ سنگ تراشيءَ ۽ ٻڌ خانقاهن جي مالي سهائتا ڪئي. فقط شين جي متاسٽا نہ پئي ٿي، پر يوناني-رومي دنيا سان خيالن جي ڏي وٺ پڻ ٿيڻ لڳي. گنگا نديءَ جي فلسفين کي اٿينس ۽ اسڪندريا ۾ ٿيندڙ بحثن جي ٿوري گهڻي جاڻ هئي ۽ هوڏي بہ. ڪيترن شارحن مطابق ابتدائي عيسائيت تي ٻڌ مذهبي تصورن جو اثر هو جڏهن تہ ابتدائي عيسيوي صدين ۾ ڪجهہ انڊين ساحلي شهرن ۾ ٿوري اقليت کي عيسائيت جي ٻڌسُڌ هئي.

مذهبي اسرارن سان گڏ سائنسي جاچ پڙتال پڻ وڌي ويجهي. 'ننڍي کنڊ جي سڀ کان اعليٰ ترين دانشوراڻي حاصلات' رياضي ۽ حسابن ۾ هئي.[8] 200 ق. م تائين 'تفصيلي جاميٽري' دائرن، محرابن ۽ لڪيرن جي حصن جي ڳڻپ کي ممڪن بڻائي رهي هئي. ڏکڻ انڊيا ۾ رومن-يوناني سائنس جو اثر محسوس ٿيو پئي پر هتان جا رياضي دان 'دائرن جي لڪيرن جي حسابن واري ٽولمي (Ptolemy) جي طريقي کان گهڻو اڳتي نڪري ويا' ۽ 'ٽرگناميٽري (Trigonometry)[①] جو مطالعو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيائون.'[9] ان سان ئي ڏهائي سرشتي ۾ ڪماليت، ڪجهہ اڻ طئي ٿيل فارمولن جو حل، آرياڀٽا طرفان 0 جي قدر جي ڳڻ ۽ ڳڻپ ۽ ستين عيسيوي صديءَ تائين ٻڙيءَ جو استعمال، جنهن جي يوناني ۽ رومين کي خبر ئي نہ هئي.

جيئن ئي تجارت ۾ عالمي سرشتي جي ابتدا ٿيڻ لڳي، تيئن ئي خيالن ۽ سوچن جي عالمي سرشتي جي ابتدا پڻ ٿي. پهرين جي صاف ٿيڻ سان هندو ڌرم ڏکڻ انڊيا ڏانهن، ۽ پوءِ ملائي جزيري ۽ ڪمبوڊيا ڏانهن ڦهليو. واپاري ٻاڻ سان گڏ سيلون جي ٻيٽ ڏانهن، هماليا کان تبت، تجارتي رستن سان چين تائين ۽ آخرڪار ڪوريا ۽ جاپان تائين ٻڌ

---

① رياضيءَ جي اُها شاخ جنهن وسيلي ٽڪنڊن جي پاسن ۽ ڪُنڊن جو تجزيو ڪيو ويندو آهي

ڏرم ڪٺي آيا. انهيءَ دوران انديا ۾ رياضيءَ ۾ ٿيل جدت عربي علم جي بنيادن جو حصو بڻي، جيڪا هڪ هزار سالن کانپوءِ يورپي 'نئين سجاڳيءَ' لاءِ ڪم آئي.

ان کان علاوه خود انديا ۾ ڇهين صديءَ کان وٺي ثقافتي اوج گهٽجڻ لڳو. ننڍو ڪنڊ هڪٻئي سان وڙهندڙ رياستن ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو جڏهن ته لڳاتار ڪاهن اتر اولهه ۾ بربادي آندي. معاشري جو مادي بنياد، جن ذريعن سان ماڻهو پنهنجو گذرسفر ڪري سگهندا هئا، ۾ ايتري بهتري ۽ سُڌارو نه ٿيو جو اُهو اٿاهه ۽ ڪشادي شهنشاهي مٿين اڏاوت (پرت) کي قائم رکي سگهي. شاهي خاندانن جي جانشينن کي سندن بادشاهتون بچائڻ، اندروني امن امان قائم ڪرڻ، رستن جو تحفظ ڪرڻ ۽ واپارين کي حفاظت مهيا ڪرڻ انتهائي مشڪل لڳي رهيو هو. تجارت جي سطح، واپارين جي دولت ۽ ٻڌ ڌرم جي اثر ۾ لاٽ اچي رهي هئي. عظيم خانقاهن مان ڪجهه بچيون، پر سي به تيزيءَ سان وسيع تر معاشري کان ڪٽجي ويون، جنهن کين عُروج ڏياريو هو. تيسين مختلف انڊين بادشاهتن کان وڌيڪ انهن جو اثر ڏورانهين چين ۾ ٿيڻ لڳو.

اڳوڻيون محدود ڳوٺاڻيون معيشتون تيزيءَ سان ٽڪرا ٽڪرا ٿي رهيون هيون، اُتي سماج ۾ 'جاگيرداريت' جنم وٺڻ شروع ڪيو. اهو تڏهن ٿيو جڏهن بادشاهن ڏنو ته سرڪاري عملدارن کي ڏيڻ لاءِ وٽن مقامي آبادگارن کان کسيل واڌو پيداوار جو ڪجهه ڀاڱو ڏيڻ ۽ کين، گهڻو ڪري برهمڻن، کي زمينون ڏيڻ کانسواءِ ٻيو ڪو وس ناهي، جيڪي ٻيلن جي صفائي ۽ پوکائي جي نگراني ڪندا هئا. اڪثر دستڪارن ڏنو ته مقامي پيداوار جي سڌي حصيداريءَ لاءِ اُهي ڳوٺن ۾ پنهنجن هنرن ذريعي ئي بچي سگهيا پئي. مارڪيٽ لاءِ ٿيندڙ پيداوار جي جاءِ تيزيءَ سان مقامي استعمال واري پيداوار والاري.

جيتوڻيڪ اجان پيداوار ۾ ڪجهه واڌ ٿي، پئي چاڪاڻ ته زراعت نون علائقن ڏانهن ڦهلجندي رهي ۽ توڻي جو سست پر زرعي طريقن ۾ نمايان ترقي ٿي پئي، پر اهو عمل برهمڻن جي اثر رسوخ هيٺ هڪ سانچي اندر ممڪن هو چاڪاڻ ته فقط برهمڻن وٽ ئي هر ڳوٺ ۾ عام ماڻهن تي ٻڌل (نيٽ ورڪ) ڄار هو. ائين ثقافت تيزيءَ سان برهمڻن جي ثقافت تي وئي ۽ جيئن روميلا ٿاپر نشاندهي ڪئي آهي، اهو عمل 'دانشوراڻي سوڙهه ڏانهن وٺي ويو' چاڪاڻ ته 'رسمي تعليم' 'مڪمل طور تي درسي' بڻجي وئي.[10]

برهمڻن ٻڌ ڌرم جي ڪجهه عنصرن کي جذب ڪري ورتو هو خاص طور تي اُنهن سبزي خوريءَ کي پنهنجي مقدس رسم جي نشاني بڻائي ڇڏيو هو ۽ گوشت جي کائڻ تي مڪمل طور تي بندش لڳائي ڇڏي هئي. پر برهمڻن سندن پراڻي ذات پات جي نظام کي مضبوط ڪري ڇڏيو هرهڪ ڪاروباري ۽ قبائلي گروهه کي سماجي درجي بنديءَ ۾ هڪ اهڙي حيثيت ڏني، جيڪا ڄڻ ته ناقابل تبديل هئي. ٻاهرين قبيلائي ڪيڙيندڙ (آبادگارن) کي ڳوٺاڻين برادرين "اوپرو" بڻائي ڇڏيو انهن گروهن کي خراب حالتن ۾

ڳوٺن جي ٻاهران رهڻ ڏنو ويو. گهڻو ڪري ڪين ڪِريل ۽ گندن ڪمن تائين محدود ڪيو ويو. ايتريقدر جو اوچيءَ ذات وارن سندن ڇُهاءُ کي بہ ناپاڪ عمل ٻڌائي ڇڏيو.

هڪ پرڳڻو جيڪو صدين تائين تيز رفتار تبديلي ۽ فڪري هلچل طور ڪردار ادا ڪندو رهيو سو هڪ هزار سالن تائين اندروني ڳوٺاڻي زندگي، مذهبي عقيدن ۽ ڇڙوڇڙ، جهيڙاڪ ۽ مفت خور بادشاهتن ۾ بدلجي ويو. آئنده هزار سالن دوران مسلمانن ۽ يورپ واسين جو جنهن شيءِ سان ٽڪر ٿيو سو هو هتان جو ذات پات وارو سرشتو.

باب ٽيون

اوائلي چيني سلطنتون

يورپي تاريخ نويسن روايتي طور تي دنيا جي تاريخ کي وچ اوڀر کان شروع ٿيندڙ عمل طور ڏٺو آهي، جيڪو يونان ۽ روم کان ٿيندو اولهہ يورپ تائين پهتو پر اُتر چين ۾ هڪ تهذيب پيدا ٿي جيڪا ڪنهن بہ يورپي تهذيب کان وڌيڪ ترقي يافتہ هئي، هڪ يا ٻي صورت ۾ 2،000 سالن کان وڌيڪ عرصي تائين قائم رهي ۽ اُن انسانذات جون سڀ کان وڌيڪ اهم ڪجهہ ٽيڪنيڪل پيش قدميون ۽ کوجنائون ڪيون.

چن سلطنت جنهن جو بنياد 221 ق. م ۾ پيو تنهن رومي سلطنت ڪان وڌيڪ ماڻهن تي حڪمراني ڪئي پئي، جنهن ۾ 6،800 ڪلوميٽر رستن جو ڄار وڇايل هو (جڏهن تہ رومي سلطنت ۾ 5،984 ڪلوميٽرن تي ڦهليل ڄار هو) اهو رستو گاڏن ۽ رٿن جي معياري سرائي (سيخ، جنهن تي ڦيٿو گهمي) جي ويڪر مطابق هو. تي (3) هزار ڪلوميٽر ڊگهي ڀِرين عظيم ڀت تي ڪم ڪرائڻ لاءِ اٽڪل ٽي (3) لک ماڻهن [11] ۽ ڀِرين شهنشاهہ جي مقبري جي تعمير لاءِ ست (7) لک ماڻهن کي ڪتب آڻڻ جي وٽس قابليت هئي ۽ سخت ڳاڙهي مٽيءَ جي ٺهيل 'فوج' هئس. واهہ وڏن دريائن سان ڳنڍيل هئس. دنيا ۾ ڪٿي بہ اهڙو پاڻيءَ جي اندروني ورهاست وارو سرشتو نہ هو.

اها سلطنت صدين جي اقتصادي ۽ سماجي تبديلين جي انتها ۽ اوج هئي. جيئن آڳاٽي عراق ۾ ٿيو ساڳئي وقت هتي بہ ڪجهہ ماڻهن زراعت ڏانهن رُخ ڪيو ٻاجهريءَ جي پوک ڪئي ۽ اُتر ۾ سوئرن ۽ ڪُتن کي پالڻ، چانورن جي پوک لاءِ گهربل مختلف طريقا سکڻ ۽ اجان ذڪر طرف يانگشي درياءَ واريءَ ماٿريءَ ۾ مينهن جي پالنا ڪئي وئي.

2000 ق. م کانپوءِ ماڻهن پٿر واري دور جي هنرن ۽ طريقن کي ڪتب آڻي شهر ۽ رياستون ٺاهيون. 17 هين صدي ق م جي پڇاڙيءَ تائين ڏاتوءَ جو ڪم ڪندڙ مزدورن ٽِينَ ۽ شيهي کي پتل سان گڏائي ڪانجهو ٺاهڻ سکي ورتو هو ۽ ان مان ٺهيل هٿيارن کي اعليٰ نسل وارن ويڙهاڪن استعمال ڪري اترئين چين ۾ ڦڪي درياءَ سان شينگ خاندان لاءِ بادشاهت ٺاهي ورتي. لڳي ٿو تہ اشرافيا جي حاڪميت هئي، جنهن فوجي، مذهبي ۽ انتظامي ڪردارن کي گڏائي هڪ ڪيو. اهو چيني سماج طبقاتي معاشرو هو جتي شاهي رسمن دوران نوڪرن جي قرباني ڏني ويندي هئي، پر لڳي نہ ٿو تہ ان دور تائين ذاتي ملڪيت پيدا ٿي هوندي.[12] 11 هين صدي ق. م کان چُو شاهي خاندان جي

راڄ هيٺ بادشاهن پنهنجا گهڻا اختيار 100 يا مقامي حڪمرانن جي سرشتي، جنهن کي 'جاگيرداريت' (وچين دور واري يورپ جي برابر) طور بيان ڪيو ويجي ٿو ان ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيا.[13] جيتوڻيڪ ڪجهه تاريخ نويسن جي دعويٰ 'ايشيائي سماج' واري مارڪسي وصف جهڙي آهي جيڪا جاگيرداريت ناهي، ڇاڪاڻ تہ ان دور جون لکتون ظاهر ڪن ٿيون تہ زراعت جو انتظام انفرادي هارين جي ڳنين تي ٻڌل نہ هو. ان بدران انتظاميہ نہ صرف سندن ڪمن پر سندن 'شادين، رسمن ۽ ميڙاڪن' بابت 'عام هارين جي ڏيهاڙي زندگي' جو پڻ تعين ڪندي هئي.[14] هاريءَ کي هر سال ٻڌايو ويندو هو تہ ڪيس ڪهڙو فصل پوکڻو آهي، ڪڏهن رونبو ڪرڻو اٿس ۽ ڪڏهن لابارو ڪرڻو اٿس. هن کي حڪم ڏئي سگهبو هو تہ سياري جي موسم دوران پنهنجو گهر ڇڏي ڳنين ڏانهن وڃي يا وري ڳنين کي ڇڏي پنهنجو پاڻ کي گهر تائين محدود ڪري ڇڏي.[15] چُو بادشاهت جي تاريخ هر هنڌ مخالف سردارن جي وچ ۾ ذري گهٽ لڳاتار جنگ واري داستان تي ٻڌل آهي.

صدين جي سفر دوران پتڪڙين رياستن جي انبارن آخرين تي گھٽ جيترين وڏين رياستن جي صورت ورتي. ڇاڪاڻ تہ هنري ۽ حرفتي تبديليءَ وڏيڪ اثرائتي نموني جنگ وڙهڻ کي ممڪن بڻائي ڇڏيو هو. رٿن جو ا ڪ وڏي ويو گهيراءَ واري جنگي فن ۾ نواڻ آئي، تلوار ۽ تير ڪمان، پهريون پيرو پيادا ساري سپاهين جي زبردستي ڀرتيءَ ۽ انهن کي رٿن تي سوار ويڙهاڪن خلاف بيهڻ جي لائق بڻايو. موٽ ۾ اهڙي جنگ حڪمرانن کي وڌيڪ حرفتي ۽ فني پيش قدميءَ لاءِ هرڪايو. ('جنگجو رياستن واري دور' طور سڏجندڙ) ٽين ۽ چوٿين ق. م دوران اُنهن حڪمرانن اترين ميدانن ۽ دريائي ماٿرين کي صاف ڪرڻ، ڏهڻ وارين جاين کي سُڪائڻ ۽ آبپاشيءَ جي پڪيڙ اڪثر ڪري وڏي پيماني تي شروع ڪئي. هڪ فولادي صنعت پڻ وڏي ويجهي، جيڪا اُن دور ۾ دنيا ۾ ٻئي هنڌ ڪٿي بہ ايڏي پيماني تي منظم نہ هئي، نہ صرف تلوارن ۽ چاقُن پر 'ڪوڏرن، پاهوڙين، ڏاٽن، هرن، ڪهاڙين ۽ ڇيڻين' هٿيارن ۽ اوزارن جي صورت ۾ گهڙيل لوهہ جي وڏي پيماني تي پيداوار ٿي رهي هئي.[16]

نون زرعي طريقن پيداوار ۾ اضافو ڪيو. ڍڳن سان هَر ڪاهي زمين کي گهرائيءَ تائين کيڙڻ، جانورن جي ڇيڻن جو پاڻ طور استعمال ڪرڻ، ڪٽڪ ۽ مٽرن (سويا بين) سان گڏ ٻاجهريءَ جي پوک، زمين جي زرخيزي بحال ڪرڻ لاءِ دال وارن فصلن جي پوک ۽ کيڙڻ ۽ پوکڻ جي بهترين موسم بابت سمجهہ ۾ واڌ ٿي.[17] ائين واڌي پيداوار وبتر وڌي وئي.

جيڪس گرنيٽ (Jacques Gernet) لکي ٿو تہ 'حرفتي ۽ هنري نواڻ ۽ جدت جي حوالي سان تاريخ ۾ سڀ کان شاهوڪار دورن مان هڪ جنگجو رياستن وارو دور آهي'. عام واهپي وارين شين (ڪپڙن، اناج ۽ لوڻ) ۽ ڌاتن، ڪاٺ، چمڙي ۽ کلن جي ججهي واپار ۾ ترقي ٿي. امير ترين واپارين اهڙي تجارت کي وڏن صنعتي ڪاروبارن (خاص

ڪري لوهہ جي ڪارخانن) سان گڏائي ڇڏيو. مزدورن ۽ واپاري دلالن جي وڏي انگ کي ڪم سان لڳايو ويو جن دريائي ٻيڙن ۽ وڏي تعداد ۾ گاڏن کي هلايو.... وڏا تجارتي ڪاروباري سماجي گروهہ هئا. جن جي سرگرمين رياست جي خوشحاليءَ ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو.... بادشاهتن جون راڄڌانيون وڏا تجارتي ۽ ڪاروباري مرڪز ٿيڻ لڳيون.... ٽين صدي عيسويءَ جي جنگين جو مقصد گهڻو ڪري انهن وڏن تجارتي مرڪزن کي فتح ڪرڻ هو.'[18]

پر حڪمران فقط تڏهن ئي نون طريقن کي ڪاميابيءَ سان ڪتب آڻي سگهيا پئي، جڏهن اُهي پراڻيءَ اشرافيا جي طاقت کي ٽوڙين. 'زراعت ۾ هنري ۽ حرفتي تبديليءَ سان گڏوگڏ .... سماجي_اقتصادي تبديليون' ۽ 'ڪيترين رياستن ۾ سياسي سُڌارا'[19] آڻڻ ضروري هئا.

نيٺ چن (Ch'in) رياست ٻين علائقن کي فتح ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ اُن (چن رياست) انهن تبديلين کي سڀ کان وڌيڪ منظم طريقي سان لاڳو ڪيو. اُن پراڻي اشرافيا کي ڇيپاڻ لاءِ ويڙهاڪن ۽ ڪامورن جي نئين مرڪزي انتظامي طبقي کان ڪم ورتو. انهن تبديلين سان انفرادي هاريءَ واري نيوڪليئر خاندان کي پوک ۾ مک ڪردار مليو اُن زمين جي مالڪي ماڻڻ، ڍل ادا ڪرڻ ۽ مقامي سردار بدران سڌيءَ ريت رياست کي پورهيو ارپڻ شروع ڪيو. 'ننڍن آبادگارن جي نئين پيداواري قوت نئين حڪومتي سرشتي جي تائيد ۽ حمايت ڪئي.'[20]

اهو مثان کان آيل هڪ سماجي انقلاب هو جنهن هڪ استحصالي طبقي جي جاءِ تي ٻئي کي مسلط ڪيو. اهو انقلاب فوج ذريعي آندو ويو جنهن جي تمام ڳري قيمت ادا ڪرڻي پئي. هڪ پراڻي لکت جي دعويٰ مطابق، جيڪا گهڻو ڪري وڌاءُ هوندي، 364 کان 234 ق. م تائين 150 سالن جي جنگ دوران 1،489،000 ماڻهو موت جو شڪار ٿيا.[21] شاهي چين کان اڳ وارا ڪجهہ سال 'فوجي مُهمن ۽ فتحن جي ساڳئي ورجاءَ جو داستان هئا' هڪ فتح ۾ ذري گهٽ (مبينا طور تي) هڪ لک ماڻهن جو سر قلم ڪيو ويو.[22] سلطنت جي قيام سان گڏوگڏ 120،000 'شاهوڪار ۽ طاقتور' پراڻن خاندانن جلاوطني اختيار ڪئي.[23]

اها تبديلي فقط چند حڪمرانن جي پيش قدميءَ جو نتيجو نہ هئي جن طاقتور فوجون مقرر ڪيون هيون. پر زراعت ۽ حرفت ۾ تبديليون انهن قوتن کي حرڪت ۾ آندو. جن کي حڪمران قابو نہ ڪري سگهندا آهن ۽ اڪثر ڪري قابو ڪرڻ چاهيندا بہ ناهن.

جيئن ئي هارين واڌو پيداوار ۾ اضافو ڪيو تيئن، پراڻن ۽ نون، حڪمرانن جي عياشيءَ وارين شين، سندن فوجن لاءِ ڌاتوءَ جي هٿيارن، گهوڙن، رٿن، تيرڪمانن، زرهہ ۽ ڍالن جي طلب ۾ واڌ ٿي. هارين کي اوزارن جي مسلسل رسد جي ضرورت هئي. انهن سيني شين جي رسد لاءِ ڪاريگرن جو وڌندڙ تعداد ضروري هو جيڪو پنهنجن نون

طريقن سان ڪم ڪري ۽ گڏوگڏ رياستن جي اندر توڙي انهن منجهه ڪاروباري واپارين جي ضرورت هئي. معيار مطابق ڌاتوءَ وارن تور جي وَٽن ۽ پوءِ سِڪن جي گردش تيز لڳي، جنهن تجارت لاءِ ماڻهن کي وڌيڪ هٿي ڏني.

واپارين ۽ دُڪاندارن جو اثر رسوخ ان عمل مان ظاهر ٿيو جڏهن انهن منجهان سڀ کان وڌيڪ شاهوڪار ماڻهو 250 ق. م ۾ مستقبل جي شهنشاهه جو چانسلر مقرر ٿيو جنهن کي هڪ لک گهراڻن تي مشتمل زمين ڏني وئي ۽ هن جي چوڌاري 3000 عالمن جو ٽولو هوندو هو.[24]

چُو ين هو (Cho-yun Hsu) ايتري حد تائين ڳالهه ڪري ٿو ته 'پنجين کان ٽيون صدي ق. م تائين افراتفريءَ وارن سالن ۾ زرعي معيشت تي ٻڌل ٻهراڙيءَ واري زندگي بدران شهري مرڪزن واري سماجي زندگيءَ جي ترقي ڪرڻ جا وڏا امڪان پيدا ٿيا. وڏ ۽ خوشحال بازاري مرڪز وڌيا ويجها ۽ منافعو ناهڻ واري شهري ذهنيت غالب رهي.'[25]

چين بابت جرمن_آمريڪي تاريخ نويس ڪارل Wittfogel جيڪو 1930ع تائين مارڪسوادي هو جو موقف آهي ته انهيءَ دور واري چين ۾ 2000 سال بعد جي جاگيرداريءَ دور واري يورپ جي وچ ۾ هڪجهڙائيون هيون.[2] چين واپاري 'بورجوازي' هٿان بازا (مارڪيٽ) لاءِ پگهار تي ڪم ڪندڙ مزدورن وارو پيداوار تي آڌاريل هڪ نئين سماج ۾ بدلجي سگهيو پئي. ان بدران چين رياستي ڪامو اشاهي جي بالادستي ۽ غلبي جي و چڙهي ويو جنهن واڌو پيداوار کي واپارين ۽ پرا ن سردارن ٻنهي کان پاسيرو ڪري ٻنهنجن هٿن ۾ قابو ڪيو. اشرافيا خلاف رياست جي جدوجهد ۾ دُڪاندارن ۽ واپارين سندس حمايت ڪئي، پر التو رياستي ڪامورا شاهيءَ سندن فتح جا ميوا کائڻ کسي ورتا

چن (Ch'in) شاهي خاندان ۽ سندس پيشرو هين (Han) (206 ق. م کان 220ع تائين ٻنهي جي دور ۾ رياست واپارين ۽ دُڪاندارن تي مسلسل حملا ڪيا. مثال طور ٻهرين هين شهنشاهه 'واپارين تي ريشم پهرڻ ۽ گاڏين ۾ سواري ڪرڻ تي بندش وجهي ڇڏي. نه ڪو واپاري، نه ئي سندن ٻار ۽ پوٽن ڏوهٽن کي حڪومت ۾ ملازمت جي اجازت هئي.'[27] هين دور جو دستاويز ٻڌائي ٿو ته رياست ٻن مکيه صنعتن، لوڻ ۽ لوهه کي پنهنجي اختيار ۾ رکيو ته جيئن 'لوڻ ۽ لوهه جي اَيڪ منافعن تي سلطنت جي هڪ هٿيءَ کي يقيني بڻائي ۽ امير واپارين ۽ شاهوڪار دُڪاندارن کي دٻائي رکي.'[28] زراعت کان وڌيڪ تجارتي منافعن تي ڳريون ڍلون مقرر ڪيون ويون ۽ جيڪي واپاري ڍل ڏير کان لنوائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، تن جي ملڪيت ضبط ڪئي ويندي هئي. وُ شهنشاهه جي 54 سالن واري دور (141_87 ق. م) دوران شاهي طاقت هٿان زبردستي 'واپارين جون ملڪيتون کسيون ويون. واپارين کي پنهنجو پاڻ بچائڻ لاءِ اڪثر ڪري ڪامورن يا ايتريقدر جو عدالت سان لاڳاپا قائم ڪرڻا پوندا هئا.'[29]

اهڙن حملن لاءِ گهٽو ڪري هارين جي تحفظ ۽ بچاءَ جو منافقاڻو بهانو ناهيو ويند

ي. ان دور جي هر ٻي لکت ۾ شڪايت ڪئي وئي آهي تہ تجارت ۽ صنعت، هارپي ڪي
باهہ ڪري ڇڏيو آهي ۽ لڳاتار ڏڪارن ٻهراڙين ۾ بيچيني پيدا ڪري ڇڏي آهي.
اڳئي وقت تجارت ۽ صنعت واپارين کي وسيلا پڻ مهيا ڪن ٿيون، جيڪي رياست لاءِ
طرو آهن. نتيجي طور ان عمل هڪ مفلس ۽ غريب طبقي منجهان خطري کي پيدا
ڪيو. 9ع ۾ وانگ منگ شهنشاهہ مطابق 'شاهوڪار مغرور هجڻ ڪري بُڇڙي نموني
ڪم ڪن ٿا ۽ غربت جا ماريل غريب بدڪار ۽ شرارتي نموني هلن ٿا.'[30]

صدين جي سفر دوران مختلف استحصالي طبقا اثرانداز ٿيڻ لاءِ هڪٻئي کي
ميندا رهيا، گڏوگڏ صدين تائين سندن وچ ۾ فڪري هلچل پڻ ٿيندي رهي. مختلف
بقن جي رُڪنن دنيا کي مختلف اندازن سان ڏٺو ۽ پيش ڪيو. هڪٻئي جا مخالف
سفا ۽ مذهبي مڪتبہ فڪر پيدا ٿيا، ڇاڪاڻ تہ مختلف سماجي گروهن سندن
پاسي ٿيندڙ تبديلين سان ٺهڪندڙ خيال پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڪنفيوشس (جنهن 600 ق. م ۾ جنم ورتو) ۽ سندس 400 ق. م واري پوئلڳ مينشس
(Menciu) روايتن ۽ رسمن لاءِ احترام سان گڏ ايمانداري ۽ پنهنجو پاڻ تي ضابطي جي
ڪالت ڪئي. اهوئي فڪر جنهن کي روشن خيال سمجهيو ويندو هو سو آئنده صدين
رجعت پرست نظريو بڻجي ويو. اهڙي نظريي معاشري کي روايتي رستي تي هلائڻ
هيو پئي، جڏهن تہ انهن جا پيروڪار پاڻ آرامده زندگي جي رهيا هئا. مينشس واري
ت ۾ (انهيءَ رجعت پرست نظريي) لالچي شهزادن جي طور طريقن کي ترڪ ڪري
يو. موزو (Motzu) انهيءَ تياڳ ۾ اجان ٻہ وکون اڳتي نڪري ويو. جيڪو ڪنفيوشس
پوءِ اٽڪل 60 سالن تائين زندهہ رهيو. هن هڪ فرقو قائم ڪيو جنهن آمراڻن طريقن
ڻ خودغرضي، عياشي ۽ جنگ جي ابتڙ عام ڪفايت شعاريءَ تي ٻڌل برابريءَ وارو
م قائم ڪرڻ چاهيو. ان جي برعڪس هڪ نئين فڪر جنهن کي تائوازم سڏيو ويو.
ن انفرادي نجات ۽ مُڪتيءَ جي تبليغ ڪئي، جيڪا اجتماعي عمل سان نہ پر ان
نيا ذريعي ماڻي سگهجي پئي، جيڪا هڪ فرد کي دنيا ترڪ ڪرڻ ۽ ان تي قدرت
ڻ ۾ مدد ڪري. بعد واري چيني تاريخ جي گهڻي عرصي دوران ماڻهن جي ذهنن کي پاڻ
هن آماده ڪرڻ لاءِ ڪنفيوشس ازم ۽ تائوازم جا نقطہ نظر ٻڌ ڏرم سان ڪلهو هڻڻ ۽
بري ڪرڻ لڳا، جڏهن تہ غريبن جي ڪڙاڻ کي اظهارڻ لاءِ انساني برابريءَ وارا فرقا
لسل پيدا ٿيندا رهيا.

پر قبل مسيح جي آخري صدين واري نظرياتي لڙائيءَ ۾ ترت فتح بلڪل هڪ ٻي
جي ٿي، جنهن کي اڪثر ڪري 'قانون پرستي' (legalism) سڏيو وڃي ٿو. ان جو گهٽو
خود رياست جي ڪاموڪي عمل ۽ طاقت تي هو. ان چيو تہ ڪنفيوشس ۽ مينشس
پوئلڳن طرفان تبليغ ڪيل ذاتي گڻن کي ڌيان ۾ رکڻ ڪانسواءِ رياستي عملدارن جو
م فقط قانون جي بجا آوري هجڻ گهرجي.

قانون پرستيءَ انتظاميا جي ڪردار کي عام ڀلائيءَ جي ڪم سان ڳنڍائي، ان جي وجود کي جائز ثابت ڪيو. اهو عمل عقلي حساب ڪتاب رکندڙ ۽ ڇڙواڳ سياسي فيصلن جي خوف کان ڊنل واپارين جي سوچ سان پڻ ٺهڪندڙ هو ڇاڪاڻ ته ڇڙواڳ سياسي فيصلن سان سندن ڏوڪڙ ٺاهڻ واري ڪم ۾ رخنو پوندو هو. انهن اصولن کي عام بڻايو ويو. مثال طور، عوام لاءِ انتظاميا ۽ رياستي ڍانچي کي ڪُلي طور تي سماج جي لازم محافظ طور پيش ڪيو ويو.

حُڪمرانن دنيا بابت پنهنجي مطلق العنان نقط نظر جي عام قبوليت لاءِ فقط فڪري ترغيب ۽ تحريڪ تي نه ڀاڙيو. حاڪمن پنهنجي هر ممڪن ڪوشش سان ماڻهن کي يقين ڏياريو ته وٽن ڪو بيو متبادل ناهي. پهرين شهنشاهه سمورا ڪتاب ساڙڻ جو حڪم ڏنو جن ۾ پراڻين روايتن جو ذڪر ٿيل هو. 'ڪجهه عالم پنهنجو پاڻ کي حال جي مثالي نموني طور پيش نه ٿا ڪن، پر هاڻوڪي دور تي تنقيد ڪرڻ لاءِ ماضيءَ جو مطالعو ڪن ٿا. اُهي ماڻهن کي مُنجهائين ۽ پڙڪائين ٿا..... تنهنڪري ضروري آهي ته انهن تي بندش وڌي وڃي.' جيڪي ماڻهو بندش پيل ڪتابن تي بحث ڪرڻ جي جرئت ڪن تن کي ڦاهي ڏئي، سندن لاشن کي عوام جي آڏو کلي عام ٽنگيو وڃي، اُهي جيڪي حال تي تنقيد ڪرڻ لاءِ ماضيءَ کي استعمال ڪن، تن کي سندن مائٽن سان گڏ ماري ڇڏجي.'[31]

پر اهو ٿيو ته رياست جي وڌيل طاقت باوجود تجارت ۽ دستڪاريءَ جي پيداوار ۾ ٿيندڙ لڳاتار جدت کي نه روڪيو ويو. جنهنڪري واپارين ۽ دستڪارن کي حڪومتي قدمن مان فائدا مليا جهڙوڪ رستن ۽ واهن جي تعمير ۽ ڏکڻ چين، مرڪزي ايشيا، انڊوچائنا ۽ ڪوريائي جزيري تائين سلطنت جي پکيڙ سان کين وسيع ايراضي ملي. بيون به هنري ۽ حرفتي پيش قدميون ٿيون، جن ۾ 200ع کان اسٽيل پيدا ٿيڻ لڳي (يعني، يورپ ۾ ظاهر ٿيڻ کان ڏيڍ هزار سال اڳ)؛ دنيا جي پهرين پاڻيءَ وارن ڦيٿن جو استعمال ۽ ريڙها، جن ماڻهن کي پنهنجي وزن کان ٽيڻو وزن کڻڻ جي لائق بڻايو سي 300ع ۾ ڪتب آندا ويا (مطلب ته اولهه يورپ ۾ ان جي پهچڻ کان هڪ هزار سال اڳ).

پر واپارين_ڪاروبار ڪندڙن جي آزاد طبقاتي وجود کي محدود ڪيو ويو. اُهي هڪ قوت طور پنهنجن ئي طاقت جي مرڪزن سان پنهنجو پاڻ کي مڃائڻ جي قابل نه ٿي سگهيا، جيئن اُهي پوئين وچين دور جي يورپي شهرن ۾ هئا. ان بدران واپارين رياستي ڪامورا شاهيءَ تي ڀاڙيو.

واپاري طبقي خلاف قدم کڻڻ ڪانپوءِ هارين جي زندگيءَ ۾ ڪا خاص بهتري ۽ سُڌارو نه ٿيو. رياست کي ملندڙ ڍلن ان ڳالهه کي يقيني بڻايو ته جڏهن لابارو سُٺو ٿيندو ته هارين جي زندگي مفت ڪاڙهو وٺندڙ ماڻهن واري قطار کان ٿورڙو مٿيري هوندي ۽ جيڪڏهن فصل نه ٿيو ۽ قحط آيو ته بدتر هوندي. هارين جي زندگي ذري گهٽ سمورو وقت اڻ کُٽ سخت محنت ۽ بچاءَ واري پورهيي جهڙي هئي. جيڪڏهن اُتر چين جي

صاف ميدان واري سرزمين سُڪي ٺوٺ نہ ٿئي يا جيت جڙين يا ڪانن سان پرجي نہ وڃي تہ پوءِ رونبي ۾ لاباري جي وچ ۾ لڳاتار ڍيان جي گھرج پوندي هئي.[32] انهن سيني عنصرن باوجود پيداوار جو ٽيون حصو سڌيءَ ريت هارين جي هٿن ۾ ويندو هو.

اهو ڪڏهن بہ نہ وسارڻ گھرجي تہ سلطنت جي 'عجوبن' جهڙوڪ: عظيم پٽ، واهن، شهنشاهي مقبرن ۾ محلن جي اڏاوت ۾ لکين پورهيتن جو هٿ هو. جڏهن تہ انهن عظيم الشان عمارتن سان مجموعي طور تي عام سماج کي فائدو گھٽ ٿيو ٿي. پهرين شهنشاهہ هڪ جادوگر کان اها ڳالهہ ٻڌي تہ جيڪڏهن پاڻ ٻين ماڻهن کان الڳ رهي تہ لافانيت ماڻي سگهي ٿو ۾ هن 'حڪم ڏنو تہ 270 محلن کي جهنڊن (علمن)، گھنڊن، ڍُهلن ۾ خوبصورت عورتن سان سينگاريو وڃي ۾ انهن محلن کي وڏين پٽين يا ڇتين سان ڍڪيل رستن سان ڳنڍيو وڃي.... جيڪڏهن ڪوبہ شهنشاهہ جي موجودگيءَ کي ظاهر ڪندو تہ کيس موت جي سزا ڏني ويندي'[33] هڪ موقعي تي جڏهن کيس خيال آيو تہ سندس ٽولي ۾ هڪ جاسوس شامل آهي تہ هن 460 ماڻهن کي مارائي ڇڏيو.[34]

هارين تي دٻاءُ برقرار رکي اهڙي زيان جو پراءُ ڪيو ويو. نتيجي طور مسلسل هاري بغاوتون ٿينديون رهيون. جيتوڻيڪ آڳاٽي عراق، مصر، انڊيا يا روم جي لکتن ۾ پنهنجن حڪمرانن خلاف هيٺين طبقن جي بغاوتن جو ورلي ڪٿي ذڪر ٿيل هوندو جيڪي چين جي معاملي ۾ وري وري ٿينديون رهيون.

هڪ اهڙي بغاوت چن شاهي خاندان جي زوال کي تيز ڪري ڇڏيو هو. داستان ڪجهہ ائين آهي تہ هڪ پراڻي پاڙيتو پورهيت چين شينگ طرفان بغاوت جي ابتدا ٿي، جيڪو جيل ۾ قيد 900 ڏوهارين جي اڳواڻي ڪري رهيو هو. دير ٿيڻ جي صورت ۾ سزا جي ڊپ بابت هن دليل ڏنو تہ 'ڀڄڻ جي معنيٰ موت ۾ سازش ڪرڻ جي معنيٰ بہ موت ٿيندي.... تنهنڪري هڪ رياست قائم ڪرڻ خاطر موت بهتر موت آهي.' بغاوت سبب وڏي پيماني تي قتل عام ٿيو'[35] شاهي دربار ۾ ڌڪاءَ ۾ شهنشاهہ جي مکيہ اڳوڻن صلاحڪارن کي ڦاهيون ۾ آخر ۾ شهنشاهہ کي قتل ڪيو ويو. چار سالن جي افراتفري ۾ هلچل کانپوءِ باغين جي هڪ اڳواڻ راڄڌاني ڏانهن ڪاهہ ڪئي ۾ تخت تي قبضو ڪري هڪ نئين شاهي خاندان، هن (Han) جو بنياد وڌو.

انهيءَ بغاوت ۾ عوام مک ڪردار ادا ڪيو پر بغاوت جي نتيجن مان ڪين ڪو فائدو نہ مليو. نئين سلطنت پراڻي کان گھڻي مختلف نہ هئي، نتيجي طور اجان ڪو گھڻو عرصو نہ گذريو تہ ٻيون بغاوتون ڀڙڪي پيون. 17ع ۾ ڦڪي درياءَ جي هيٺاهين ماٿريءَ ۾ ٻوڏن هارين کي نقصان رسايو سي اڳواڻن جي پٺيان اُٿي کڙا ٿيا. انهن اڳواڻن ۾ 'امڙ لُوُ' طور مشهور جادوگرياڻي عورت بہ شامل هئي. کين 'ڳاڙهين ڀرون' طور سڃاتو ويندو هو ڇاڪاڻ تہ اُهي پنهنجن چهرن کي رنگ ڪندا هئا ۾ اُنهن ٻن پرڳڻن ۾ پنهنجن اڳواڻن جي رهنمائي هيٺ آزاد بادشاهتون قائم ڪيون.

اهڙين بغاوتن چين ۾ هڪ مثال قائم ڪيو جيڪو مسلسل ورجائندو رهيو. شاهي ڏل سرشتو ۽ زميندارن جا پٽا ۽ زوري اوڳاڙيون هارين کي بغاوت لاءِ اُڪسائينديون رهيون. بغاوتن ۾ صوبائي راڄڌانين سميت سڄا سارا صوبا فتح ڪيا ويندا هئا، ايتريقدر جو شاهي راڄڌانيءَ لاءِ خطرا پيدا ٿي پوندا هئا. تيسين شاهي فوج جا جنرل، سرڪاري عملدار جن کي دربار مان نيڪالي مليل هئي ۽ ڪجهه زميندار ساڻن گڏجي پوندا هئا. تنهن باوجود بغاوتن جي نتيجي ۾ نوان شهنشاهه يا نوان شاهي خاندان جنم وٺندا رهيا، جيڪي هاري عوام سان اڳين ئي خراب نموني ورتاءُ ڪندا رهيا، جيئن ساڻن اڳ وارا ڪندا هئا.

اهو فقط انفرادي اڳواڻن جي بدديانتيءَ ۽ بي ايمانيءَ ڏانهن مائل رجحان وارو معاملو نه هو اصل ۾ هارين منجهه پنهنجن مقصدن کي سماج مٿان مڙهڻ واري هڪ مستقل مرڪزيت واري تنظيم قائم ڪرڻ جي صلاحيت نه هئي. سندن گذرسفر انفرادي زمين جي ٽڪڙن تي ٿيندڙ فصلن تي منحصر هو ۽ اُهي ٿوري وقت کان وڌيڪ انهن ٻنين کي ڇڏي نه پئي سگهيا. جن اڳين ڪيو سي هاري نه رهيا، تن پنهنجي بقا لاءِ رشوتن يا ڦرلٽ تي ياڙيو جيڪو به کين ڪجهه ڏيندو هو تنهن جي پنيان هلڻ لاءِ تيار ٿي ويندا هئا. اُهي جيڪي پنهنجين ٻنين تي رهيا، تن شايد ڏُڪارن، سختين ۽ تڪليفن بنا هڪ بهتر دنيا جا خواب پئي ڏٺا، پر اُنهن پوک ڪرڻ ۽ ٻوڏن کي ضابطي ۾ آڻڻ، لوهي اوزارن جي دستيابيءَ ۽ شين تائين رسائيءَ لاءِ رياستي انتظاميا تي ياڙيو ٿي، جيڪي شيون اُهي پنهنجو پاڻ نه پئي ٺاهي سگهيا. اهي هاري هڪ اهڙي دنيا جو تصور ڪري سگهيا پئي، جنهن ۾ انتظاميا ساڻن بهتر نموني سلوڪ ڪري ۽ زميندار کين نچوڙين ۽ نپوڙين نه. پر اُهي هاري هڪ اهڙي سماج جو تصور نه پئي ڪري سگهيا، جنهن کي اُهي پنهنجو پاڻ هلائين.

بهرحال بغاوتن جو مجموعي اثر اهو ٿيو جو هُن سلطنت ڪمزور ٿيڻ لڳي. اُها اولهه يورپ جي سڄي جديد دور جيترو عرصو قائم رهي، پر ان لاءِ وڏو مسئلو اهو پئي رهيو ته هر هڪ خطي ۾ وڏن زميندارن کي ڪيئن ضابطي هيٺ رکي. شاهي انتظاميا وٽ هارين کي نپوڙڻ کانسواءِ پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجي سلطنت کي قائم رکڻ لاءِ وسيلا مهيا ڪرڻ جو ٻيو ڪو گس نه هو. اهو عمل وقفي وقفي سان ٿيندڙ بغاوتن کي روڪي نه سگهيو. 184ع ۾ تائومت جي هڪ فرقي جي اڳواڻ جي سرواڻيءَ ۾ ڦڪن پٽڪن واري مسيحائي تحريڪ 360،000 هٿياربند حمايتي منظم ڪيا. بغاوت کي چٿڻ لاءِ موڪليل سپهه سالار هڪٻئي سان وڙهي پيا، جنهنڪري انتشار ۽ تباهيءَ ۾ واڌ ٿي.

راڄڌانيءَ کي ساڙڻ دوران پرپاسي جي سموري علائقي جي ڦرلٽ ڪئي وئي ۽ تجارتي رستن ۾ رخنن ۽ رنڊڪن سبب شهري مرڪزن ۾ شديد ڪاروباري لاٿ آئي، تنهنڪري ٻهراڙين ۾ اڳئي ايڏايل زندگيءَ ۾ ويتر واڌ ٿي. هڪٻئي جي مخالف

زميندارن سياسي ۽ اقتصادي طاقت پنهنجن هٿن ۾ ڪٽي، ترت هرهڪ علائقي ۾ پنهنجي حاڪميت قائم ڪري ورتي. جيئن تہ زميندار جاگيرون سنڀاليندا هئا، تنهنڪري اُنهن واهن، ڊيمن ۽ آبپاشي انتظامن کي برقرار رکڻ لاءِ هارين جي تنظيمن تي قبضو ڪري ورتو ۽ ڍل وٺڻ شروع ڪئي، جيڪا ان کان اڳ ۾، گهٽ ۾ گهٽ نظرياتي طور، رياست ڏانهن وينديهئي.[36] نئين اقتصادي انتظام هيٺ آبادگار فصل پوکيندا رهيا ۽ ڪيترائي هٿ جا هنر ۽ صنعتون برقرار رهيون، توڙي جو انهن جو مقصد خالص مقامي طلب پوري ڪرڻ تائين محدود ٿي ويو سي انتهائي مشڪل سان ترقي ڪري سگهيون. جيئن ئي هنري ۽ حرفتي (تيڪنالاجيڪل) پيش قدميءَ ۽ ترقيءَ وارو هڪ ڊگهو دور پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو تيئن ئي ايندڙ ٽن صدين تائين هڪ چيني سلطنت جي جاءِ هڪٻئي جي دشمن بادشاهتن والاري ورتي.

ڪن حوالن سان ان دور ۽ 500ع واري انڊيا ۽ ساڳئي وقت اولهہ رومي سلطنت جي زوال وقت جيڪو ڪجهہ ٿيو انهن ۾ هڪجهڙايون هيون، پر هڪ اهم فرق بہ هو. چيني تهذيب جو لازم تسلسل نہ ٽُٽو ۽ انڊيا ۽ روم جي پيٽ ۾ هتي معيشت ۽ شهري زندگيءَ جي انتهائي تيز رفتار بحاليءَ لاءِ ميدان تيار ڪيو ويو.

تنهن هوندي بہ سياسي ڍانچو جيڪو ڪنهن دور ۾ هنري جدت ۽ اقتصادي پکيڙ کي هٿي وٺرائي سگهيو، سو هاڻي ائين نہ پئي ڪري سگهيو. ان جو نتيجو پراڻي سماج جي جزوي پيچ ڊاهہ ۾ نڪتو. پراڻو ڪامورڪو حڪمران طبقو پراڻي ڍنگ سان معاشري کي هلائي نہ پئي سگهيو. زميندار نواب فقط پنهنجو پاڻ کي وکرندي ڏسي سگهيا پئي. واپارين ہين مراعت يافتہ طبقن سان گڏ ڌهڻ نہ پئي چاهيو ۽ انهن پاڻ سان گڏ باغي هارين کي ساڻ ڪٽي هلڻ واري سماجي تبديليءَ جو پروگرام پيش ڪرڻ بدران انڊيا جي صوفياڻي ٻُڌ ڌرم کي اپنائي ورتو. ائين هڪٻئي سان جهيڙيندڙ طبقن جي باهمي تباهي تہ نہ ٿي، پر اُهي اجتماعي فالج جو شڪار ٿي پيا.

باب چوٿون

يوناني شهري رياستون

2500 سال اڳ جيڪا ٽين عظيم تهذيب آباد ٿي، سا آڳاٽي يونان جي تهذيب هئي. 400 قبل مسيح جي پڇاڙيءَ ۾ سڪندر اعظم هڪ سلطنت جو نقشو ٺاهيو جيڪا بالڪن ۽ نيل نديءَ کان سنڌو ماٿريءَ تائين ڦهليل هئي، انهيءَ وقت مگڌا (Magadha) حڪمرانن انڊين ننڍي کنڊ تي حاڪميت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ چين ۾ چن (Ch'in) شاهي گهراڻي هڪ نئين سلطنت ٺاهي پئي. جيئن اٿينس ۽ يوناني اسڪندريا ۾ پيدا ٿيل خيالن ۽ تصورن ايندڙ ٻن هزار سالن تائين يورپي سوچ ۽ ميڊيٽيرين پرڳڻي تي پنهنجا اثر ڇڏيا، تيئن ئي انڊيا ۾ مگڌا ۽ چين ۾ ڪنفيوشس ۽ مينشس جا خيال اثرانداز ٿيندا رهيا.

تنهن هوندي به 900 ق. م ۾ يونان جي ٻيٽن ۽ ساحلي ڳوٺن ۾ رهندڙ ماڻهو يوريشيا (Eurasia) يا آفريقا جي ڪنڌڪرڇ ۾ رهندڙ آبادگارن کان ٿورا منفرد هئا. شايد سواءِ چند ڏندڪٿائن جي مائي سينائي[1] تهذيب جو ماضي سڄو سارو ويسارجي ويو ۽ ان جا قلعي نما محل پورا پورا ٿي ويا. هتان جا ڳوٺ هڪٻئي کان ۽ ايشيا ۽ مصر جي تهذيبن کان ڪٽيل هئا. ماڻهو اڻپڙهيل هئا. دستڪاريءَ جو خاص هنر ابتدائي قسم جو هئن. نقشن ۽ شڪلين جو فن ذري گهٽ اڻلڀ هو زندگي سخت ۽ گهڻو ڪري ڏکارن واري هئي.[37]

يوناني ماڻهن کي هڪ نئين تهذيب سان ملائڻ لاءِ ڪم ڪندڙ قوتون ساڳيون ئي هيون، جيڪي اُتر انڊيا ۽ اُتر چين ۾ ڪم ڪن پيون. جهڙوڪ: لوهه جو استعمال، زراعت ۾ نين حرفتن ۽ طريقن جي دريافت، تجارت جي ترقي، دستڪاريءَ جي پراڻن هنرن جي نئين سر کوجنا ۽ نون هنرن جي سکيا، الف-ب وار صورتخطيءَ جي تفصيلي سمجهه بابت معلومات جي پکيڙ آهستي پر باقائدگيءَ سان ٿي پئي. 700 ق. م کان متوازن ۽ مستحڪم اقتصادي ترقي ٿي پئي ۽ 'آباديءَ جي سيني حصن جي معيار زندگيءَ ۾ نشانبر واڌ ٿي.'[38] 600 ق. م تائين انهن تبديلين يوناني شهري رياستن کي جنم ڏنو جن شاندار عمارتون، جهڙوڪ: اٿينس ۾ Acropolis تعمير ڪيون ۽ سندن گڏيل ڪوشش سان ايران جي وڏي فوج جي ڪاهن کي شڪست ڏني وئي، پر جن حالتن ۾ اُهي

[1] مائي سنائي تهذيب قديم يونان ۾ ڪانجهي (برونز) دور جو آخري مرحلو (1600_1100 ق. م)

اقتصادي ۽ سماجي تبديليون ٿيون سي ٻن حوالن سان چين ۽ هڪ حد تائين انڊيا کان مختلف هيون.

انڊيا ۽ چين کان وڌيڪ يوناني سامونڊي پٽيءَ وارين آبادين جا ٻين تهذيبن سان سڌي ريت ويجها ۽ ترت رابطا هئا. فونيشين ملاح ۽ ميربحر صدين کان ميڊيٽيرين سامونڊي ڪنارن سان تجارت ڪندا رهندا هئا, جيڪي پاڻ سان گڏ عراقي ۽ مصري سلطنتن ۾ حاصل ٿيل هنري ترقين جي ڄاڻ کڻي آيا. پوءِ 600 ق. م کان تجارت ذريعي يوناني شهرن ۾ وچ اوپر ۾ هڪٻئي پٺيان جنم وٺندڙ سلطنتن جي وچ ۾ سڌي ۽ مسلسل اچ وڃ ٿيندي رهي. يوناني ڀاڙيتو لشڪر شاهي فوج ۾ ڪم ڪندا هئا ۽ يوناني جلاوطن ماڻهو شاهي شهرن ۾ رهائش ڪندا رهيا. اهڙن رابطن يوناني تهذيب جي واڌاري کي وڏو ڌڪو ۽ هٿي ڏني. مثال طور يوناني الف-ب سڌي ريت فونيشين جي استعمال هيٺ سامي (Semitic) رسم الخط مان ترقي ڪئي.

چيني ۽ انڊين تهذيبون زرخيز دريائي ماٿرين ۽ ڪشادن ميدانن تي سرسبز آباد ٿيون, جتي هڪ ڀيرو ٻيلن کي صاف ڪرڻ کانپوءِ زراعت انتهائي پيداواري شيءِ ٿي پئي. انهن جي ابتڙ جابلو زمين سبب يوناني زراعت جي پکيڙ محدود هئي, جنهنڪري يونان ۾ 800 ق. م کان نون هنرن ۽ طريقن جي استعمال سان واڌو پيداوار حاصل ڪئي وئي, پر مخصوص حد کانپوءِ اها خشڪ ٿيڻ شروع ڪري ها جيڪڏهن انڊيا ۽ چين کان مختلف طريقا ڪتب نہ آندا وڃن ها.

زمين جي کوٽ آبادگارن کي سمونڊن جو رخ ڪرڻ ۽ زرخيز سامونڊي پٽيءَ وارن علائقن ميڊيٽيرين سان گڏ ايجين ۽ آيونن ٻيٽن تي, ڪاري سمونڊ ۽ ايشيا مائنر جي چوڌاري, ڏکڻ اٽلي ۽ سسليءَ ۾, ايتريقدر جو اسپين ۽ ڏکڻ فرانس جي سامونڊي پٽيءَ سان لڳولڳ نيون آباديون (ڪالونيون) اڏڻ لاءِ همٿايو. نين آبادين واري عمل سان گڏ تجارت جي پکيڙ گهرن ۾ دستڪاريءَ کي ترقي وٺرائي. جنهنڪري ايٿنين ٽانوَ جلدئي سموري ميڊيٽرين خطي ۾ هر هنڌ ملڻ لڳا. 600 ق م تائين آبادگارن ۽ ميربحرن جي ڇڙوڇڙ برادرين بدلجي هڪٻئي سان ڳنڍيل شهري رياستن جا ڄار اُڻڻ شروع ڪيا, جيڪي هڪٻئي سان جهيڙيندا رهيا, پر تجارت وسيلي هڪٻئي سان ڳنڍيل پڻ رهيا ۽ ائين انهن ۾ عام الف-ب (الفابيٽ), باهمي طور تي قابل فهم ۽ سمجهہ ۾ ايندڙ لهجن جو اسرڻ, ساڳين مذهبي ريتن رسمن جو نهڻ ۽ گڏيل ميلا ٿيڻ لڳا, جنهن جو بهترين مثال اولمپڪ رانديون آهن.

زمين جي نسبتي غيرپيداواريءَ جو هڪ ٻيو انتهائي اهم ضمني اثر اهو ٿيو جو هاري آڪهہ ۽ ان جي ٻارن کي کاڌ خوراڪ حاصل ڪرڻ کانپوءِ حاصل ٿيندڙ واڌي تمام ٿوري بچي پئي, پر ٻي اولاد نوجوانن جي پورهيي جي قوت سان زمين جي کيڙ ۽ وري کاٽين ۽ هٽ جي هنرن ذريعي واڌيءَ کي وڌائي سگهجي پيو. جنگي قيدين جي غلاميءَ اهڙي پورهيي جي سگهہ مهيا ڪئي.[39]

غلاميءَ ذريعي ٻين انسانن جو استحصال ڪرڻ جو سستو طريقو ملي ويو. 500 ق. م واري ائٿينس ۾ هڪ غلام جي قيمت هڪ آزاد ڪاريگر ڪي سڄي سال جي ڪم لاءِ ملندڙ اُجرت جي اڌ کان بہ گهٽ هئي.[40]

پراڻين تهذيبن ۾ تمام ڊگهي عرصي کان غلاميءَ جو وجود هو پر واڌو پيداوار ۾ ان جو ڪردار حاشي وارو هو. غلامن جو ڪم حڪمرانن کي ذاتي خدمتون مهيا ڪرڻ هو جڏهن تہ زراعت ۽ دستڪاريءَ جو ڪم نيم-آزاد شهري ڪندا هئا. هاڻي يونان ۾ ۽ ترت پوءِ روم ۾ اجان وڏي پيماني تي، غلامي واڌيءَ جو مک وسيلو بڻجي وئي.

اسپارٽا هڪ وڏي يوناني شهري رياست جنهن جو انحصار هاريي جهڙي غلام[①] (Serf) جي استحصال تي هو اها نسبتن زرخيز زميني علائقي تي مشتمل هئي.[41] هتي مڪمل شهريت واري حڪمران طبقي جنهن زراعت يا دستڪاريءَ جي پورهيي ۾ حصو نہ پئي ورتو تنهن جو گذارو غلام (Helot) آبادگارن طرفان کين ملندڙ ڏن تي هو پر هتان جو حڪمران طبقو جنهن پنهنجي انتهائي سادي طرز زندگيءَ تي فخر ڪيو پئي تنهن مان اها ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ کين واڌي ماڻڻ واري طريقي جي حدن بابت چڱي آگاهي هئي.[42] ان استثنا مان لڳي ٿو تہ ٻين يوناني شهري رياستن لاءِ اسپارٽا رياست هڪ مثالي نمونو هئي.

اهو دليل پڻ ڏنو ويجي ٿو تہ يوناني رياستن لاءِ غلاميءَ مرڪزي ڪردار ادا نہ ڪيو ڇاڪاڻ تہ آباديءَ جو وڏو حصو غلام نہ هو.[43] پر جيئن G E M De Ste Croix پنهنجي شاندار مطالعي "قديم يوناني دُنيا ۾ طبقاتي جدوجهد" ۾ نشاندهي ڪئي آهي تہ آباديءَ ۾ غلامن جو حصو ۽ مجموعي سماجي پيداوار ۾ سندن پورهيي جي حصي جي ايڏي اهميت نہ هئي، جيتري اهميت واڌو پيداوار ۾ سندن ڪردار جي هئي، وڏي ڳالهہ تہ انهن غلامن ڪانسواءِ حڪمران طبقي لاءِ واندڪائيءَ واري زندگي ۽ شاعرن ۽ ليکڪن کي سخت جسماني محنت مشقت کان نجات نہ پئي ملي سگهي ۽ اڪروپولس جهڙين شاندار عمارتن لاءِ وسيلا مهيا نہ ٿي سگهن ها. انهن غلامن هٿان آباد ٿيل زمين مٿان اختيار هجڻ ڪري حڪمران طبقي جو رتبو ۽ حيثيت قائم رهي، ايتري حد تائين جو قديم يوناني ليکڪن ۽ فلسفين غلامن جي مالڪيءَ کي مهذب زندگيءَ لاءِ لازم قرار ڏنو تنهنڪري ارسطو زال ۽ مڙس، پيءُ ۽ اولاد سان گڏوگڏ آقا ۽ غلام کي گهر جي لازم جُز طور ڏنو جڏهن تہ پوليبس غلامن ۽ مال متاع کي زندگيءَ جي لازمي گهرجن طور پيش ڪيو.[44]

جهڙي ريت چين جي تاريخ ۾ هاري بغاوتون ٿينديون رهيون تيئن يونان جي تاريخ ۾ غلامن جون هر هر بغاوتون نہ پئي ٿيون. ڇاڪاڻ تہ يونان ۽ بعد ۾ روم جي غلاميءَ جي نوعيت اهڙي هئي جو غلامن لاءِ سندن استحصال ڪندڙن خلاف منظم ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو

---

① وچين دور جو ماڻهو جيڪو ڪنهن جاگيردار جي خدمت جو پابند هوندو هو ۽ زمين تي ڪم ڪندو هو.

هو. غلامن ۾ وڏي اڪثريت جنگي قيدين جي هئي، جيڪي ميڊيٽيرين، بالڪن، ايشيا مائنر ۽ ايتريقدر جو ڏکڻ روس مان آندل هئا.[45] جن کي ڄاڻي ٻجهي غلامن جي ٻڙين ۾ هڪٻئي سان گڏائي ڇڏيندا هئا ته جيئن هڪٻئي پرسان رهڻ ۾ ڪم ڪرڻ وارا اهي غلام مختلف ثقافتن ۽ مختلف ٻوليون ڳالهائڻ سبب هڪٻئي جي ويجهو نه اچي سگهن. هڪٻئي سان ڏک سُور ونڊي نه سگهن ۽ فقط پنهنجن آقائن جي يوناني ٻوليءَ ذريعي هڪٻئي سان ڏکيائيءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪري سگهن. ٻيو ته آقائن اڪثر ڪري پنهنجن ٻين يونانين تي ڀاڙيو پئي جيڪي باغي غلامن کي سزا ڏيڻ ۽ ڀاڃوڪڙن کي پڪڙڻ ۾ مدد ڪندا هئن. اهوئي سبب هو جو ميسينيا (Messenia) ۾ جڏهن اسپارٽا جا هاري_ڀانها (Serf) منظم ٿيا، بغاوت ڪري پنهنجو پاڻ آزاد ڪرائي ويا، پر خالص غلام آزاد نه ڪري سگهيا. جيتوڻيڪ مٿن ٿيندڙ ظلم خلاف سندن اندر ۾ غيرمتحرڪ دشمني ۽ ناراضگي پلجي رهي هئي. اهائي ڪاوڙ پنهنجو پاڻ يوناني ۽ بعد ۾ رومي تاريخ ۾ اهم ڪردار نڀائيندي رهي.

ان جي معنيٰ سڌي ريت پيداوار ڪندڙ غلامن کي پنهنجن هنرن ۽ طريقن يا سندن پيداوار جي معيار کي سُڌارڻ ۽ بهتر ڪرڻ ۾ تمام ٿورڙي دلچسپي هئي، جنهڪري پيداواري پورهيي ۾ گهٽي نواڻ ۽ اصلاح نه ٿي سگهي. ٻيو ته سياستدانن يا حڪمرانن جيڪي به فيصلا ڪيا پئي تن جي خواهش غلامن کي سندن جاءِ تي روڪي رکڻ هئي، جڏهن ته غلامن جي صورتحال اهڙي سگهاري نه هئي جو پنهنجو پاڻ تاريخي عمل ۾ مداخلت ڪري ڪوڦيرو آڻي سگهن.

بهرحال، قديم يونان جي تاريخ ۾ هڪ مختلف قسم جي طبقاتي جدوجهد مرڪزي ڪردار ادا ڪيو. اها جدوجهد شاهوڪار زميندارن ۽ ننڍن آبادگارن ۽ ڪاريگرن جي اڪثريت جي وچ ۾ ويڙهه هئي. امير زميندار پنهنجي زمين وڏي تعداد ۾ غلامن هٿان آباد ڪرائيندا هئا ۽ پنهنجو پاڻ ڪو جسماني پورهيو نه ڪندا هئا. جڏهن ته ننڍن آبادگارن ۽ ڪاريگرن وٽ هڪ يا ٻه غلام هوندا هئا پر هي انهن سان گڏ ٻنين يا دستڪاري واري ڪم ۾ هٿ ونڊائيندا هئا.

جڏهن پهريون ڀيرو يوناني شهري رياستون نمودار ٿيون، تڏهن اُنهن مٿان ماضيءَ جي ڇاپ هئي. بادشاهه روايتي سردارن جي شجرن مان هوندا هئا ۽ نسلي مٿن مائٽن ۽ ٻيڙهين آڏار ماڻهن جون ذميواريون ۽ هڪٻئي سان سندن ورتاءَ جو تعين ٿيندو هو. سماج اڃان تائين حقن ۽ فرضن بابت قانوني اصولن بدران روايتي تصورن ذريعي هڪٻئي سان ڳنڍيل هو. انهيءَ پراڻي طرز حڪمرانيءَ ۽ چال چلت کي للڪارڻ جو ڪم انهن زميندارن ڪيو جن تجارت جي پکيڙ ۽ غلاميءَ جي ترقيءَ ذريعي دولت ڪاهي. هنن زميندارن هڪ طرف پراڻن حڪمران گهراڻن جي مراعتن ۽ ٻئي طرف غريبن ڏانهن سندن روايتي فرضن جي مخالف ڪئي. ان دور جي صورتحال 'امير حڪمران

ٽولن منجهه سخت تڪرارن ..... هر موقعي تي اتڪلن ۽ سازشن، حدن بابت جهيڙن، وراثت تي ڦڏن، ڪفن دفن ۽ تڏن تي مقابلن جي ڏيک سان ڀريل دنيا هئي.'[46]

نتيجي طور ڪيترين رياستن ۾ بادشاهه برطرف ٿيا ۽ اميرن ٽولن جون حڪومتون (Oligarchy) قائم ٿيون. انهن نون شاهوڪارن پنهنجي رتبي ۽ حيثيت کي استعمال ڪندي نه صرف پراڻن حڪمرانن کي هٽايو پر جيترو ممڪن ٿي سگهين اوتري واڌي پاڻ کان هيٺين مان نپوڙي ڪڍيائون.

اُنهن شاهوڪارن رياست، مثال طور بحري فوج جيڪا سندن پنهنجن مفادن لاءِ هئي، جا خرچ پورڻ لاءِ ننڍين زميندارن تي ٽيڪس لڳايا. جيئن ته فصل گهڻو ڪري گهٽ لهندا هئا، جنهنڪري انيڪ ننڍا آبادگار فقط ٽيڪس ئي ادا ڪري ۽ شاهوڪارن جا قرضي بڻجي، پنهنجو پاڻ کي فقط زنده رکي سگهيا پئي. جڏهن ته شاهوڪار انهيءَ قرض کي جواز بڻائي سندن ٻنين تي قبضا ڪندا هئا ۽ ايتريقدر جو ننڍين زميندارن کي 'جبري غلام' بڻائي ڇڏيندا هئا. ٻئي پاسي عدالتون اميرن جون هيون، جيڪي غريبن خلاف فيصلا ڏيڻ سان ئي خوش ٿيون پئي.

شهرين جي وڏي حصي مٿان ٿيندڙ ظلم ۽ ايذائن خلاف سندن نفرت ۽ ڪاوڙ امير ٽولن جي جمهوريتن کي جنجهوڙي ڇڏيو. گهڻن باهمت ۽ جرئتمند فردن، جن جو تعلق گهڻو ڪري مٿئين طبقي سان هو، انهيءَ ڪاوڙ ۽ نفرت جو فائدو ورتو ۽ 'آمر' بڻجي سياسي طاقت پنهنجن هٿن ۾ ڪري ورتي. پوءِ اُنهن شاهوڪارن کي پريشان ڪرڻ ۽ عوام جي اڪثريت جي مدد خاطر طرحين طرحين سُڌارا آندا، پر انهن سُڌارن باوجود طبقن ۾ فرق جو خاتمو نه ٿي سگهيو ۽ نه ئي نوان حڪمران اٿين ڪن ها.

ڪجهه يوناني رياستن ۾، خاص ڪري ائٿينس ۾، هيٺان کان پيل دٻاءَ جي نتيجي ۾ وڏيڪ اهم تبديليون ٿيون، جتي شاهوڪار ٽولن ۽ آمرن جي حڪومتن جي جاءِ 'جمهوريت' والاري. لفظي طور تي 'جمهوريت' جي معنيٰ 'عوام جي حڪومت' آهي. پر حقيقت ۾ اها 'جمهوريت' ڪڏهن به سموري عوام جي حڪومت نه رهي، ڇاڪاڻ ته اُن جمهوريت غلامن، عورتن ۽ غيرشهري رهواسين، ڏارين (metics)[1] (جن جو وڏو حصو گهڻو ڪري واپاري ۽ دستڪار هو)، تن کي جمهوري عمل مان خارج ڪري ڇڏيو. نه ئي ان جمهوري نظام ڪڏهن شاهوڪار ٽولن وٽ اٿاهه دولت/ملڪيت ۽ غلامن جي وجود کي للڪاريو. خير اها ڪا حيران ڪندڙ ڳالهه نه هئي، ڇاڪاڻ ته 'جمهوري' قوتن جي قيادت گهڻو ڪري منحرف دولتمند زميندارن جي هٿن ۾ هئي، جن عوام جا ڪجهه مطالبا ڪٺي پنهنجو سياسي قد ڪاٺ وڌايو پئي. پر فائدو اهو ٿيو جو جمهوريت غريب ترين شهرين کي اميرن جي پٺِي خوريءَ کان بچڻ جي طاقت ڏني.

---

[1] قديم يوناني شهرن ۾ رهندڙ ڌاريو جيڪو رهائش لاءِ في ادا ڪندو هو

بهرحال اهو پڻ ٿيو جو سولان (Solon) جي دور (594 ق. م) کان وٺي اٿينس ۾ قرض واري غلاميءَ تي بندش لڳائي وئي. قانون سازيءَ جو اختيار سڀني شهرين لاءِ کُليل انجمن (Assembly) کي ڏنو ويو ۽ منصفن ۽ هيٺين عملدارن جي چونڊ ڀيا ماڻهو ڪرڻ لڳا.

مٿين طبقي جي طاقت مٿان اهڙين رنڊڪن منجهن ڪاوڙ پيدا ڪئي. ان ڪاوڙ جا عڪس ۽ اولڙا ڪجهه ادبي ۽ فلسفياڻن حلقن ۾ ملن ٿا. انهن حلقن طرفان چيو ويو ته جمهوريت هجومن جي حڪمراني آهي. واندي طبقي جا اُهي رُڪن جن هيٺين طبقن جي حقن کي تسليم ڪيو سي بي اصول ۽ بي ايمان موقعي پرست ڊنڊوڙي آهن. اهڙن عالمن جي نظر ۾ مستقبل جي اميد فقط عوامي اختيار جون هٿڪڙيون ٽوڙڻ ۾ هئي. اهڙو لهجو ۽ سر ايرسٽوفينز جي ڊرامن ۽ افلاطون جي سياسي لکڻين ۾ ملي ٿو ۽ سقراط ۽ سندس پوئلڳن جا عام معيار اهڙا ئي هئا.[47]

مٿئين طبقي فقط زباني ڪاوڙ ۽ نفرت جو اظهار نه ڪيو. جڏهن اُهي ڪري سگهيا تڏهن اُنهن هٿيارن جي زور تي اقتدار ڪسي هڪ مڪمل رد-انقلاب آندو ۽ سندن رستي آڏو جيڪي ماڻهو ڪڙا ٿيا تن کي جيڪڏهن قتل ڪرڻ ضروري ٿي پيو ته اهو به ڪيائون. هي اهو ڪم ان ڪري ڪري سگهيا، جو سندن دولت کين فوجي وسيلا مهيا ڪيا جيڪي عام شهرين وٽ نه هئا. ان فوج جي پيادا سپاهين `Hoplite` حصي ۾ مکيه فوجي ايڪا (يونٽ) هئا جن ۾ فقط انهن شهرين کي شامل ڪيو ويو جن وٽ گهربل زرهه ۽ هٿيار خريدڻ لاءِ ڪافي ٻني ٻارو هو. اڪثر يوناني شهري رياستن جي تاريخ مسلسل جدوجهد جو داستان هئي، جن ۾ جمهوريت خلاف اڪثر ڪري شاهوڪار زميندار ئي سوڀارا ٿيندا رهيا. هڪ حد تائين سواءِ اٿينس جي جتي اٽڪل 200 سالن تائين جمهوريت قائم رهي، ڇاڪاڻ ته اٿينس شهر جي تجارت جو انحصار سندس بحري فوج تي هو جنهن ۾ غريب شهري ٻيڙتي ٿيل هئا. ايتريقدر جو شاهوڪار جن کي جمهوريت کان چڙ هئي، اڪثر غريب تر شهرين کي ريجهائڻ ۽ خوش ڪرڻ تي مجبور هئا. اسپارٽا سان پيلوپونيشين (Peloponnesian) جنگ ۾ شڪست کانپوءِ ٻه ڀيرا امير ٽولن جي طرز حڪمراني (Oligarchy) مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر اها مختصر عرصو هلي سگهي.

500 ق. م جي پڇاڙيءَ ۾ ڪيترين شهري رياستن اندر 30 سالا جنگ جمهوريت لاءِ ٿيندڙ طبقاتي ويڙهه سان گڏوچڙ ٿي وئي. اصل ۾ اها 30 سالا جنگ اسپارٽا ۽ اٿينس جي وچ ۾ ويڙهه هئي. جن ٻين شهري رياستن مٿان پنهنجو اثر رسوخ قائم ڪرڻ لاءِ لڙائي ڪئي پئي. اسپارٽا پنهنجي سرحدن ۽ پنهنجن غلامن (Helots) جي تابعداري کي برقرار رکڻ لاءِ پيلوپونيز[1] (Peloponnese) جي چوڌاري ڏاکڻين يوناني رياستن جو اتحاد جوڙيو

[1] ڏاکڻي يونان جو جاگرافيائي علائقو ۽ وڏو ٻيٽ

ورتو. جڏهن تہ اٿينس جي تجارت جو انحصار پنهنجن سامونڊي رستن تي هو ۽ وٽس سامونڊي ساحلي شهرن ۽ ٻيٽن تي ٻڌل اتحاد هو اٿينس پنهنجي رياست، خاص ڪري بحري فوج، تي خرچ لاءِ پنهنجن اتحادين کان باقائده ڏن وٺندي هئي، پر جنگ جو دائرو ان ڳالهہ کان چڙهي ويو تہ هن پرڳڻي تي کهڙو اتحاد حاڪميت ڪندو. جنگ جي مقصدن ۾ تہ اُهي خيال بہ شامل ٿي ويا تہ سماج کي ڪيئن منظم ٿيڻ گهرجي. اٿينس ۽ سندس اتحادي رياستن ۾ مٿئين طبقي جا ڪيترائي ماڻهو اهڙا هئا، جن جمهوريت مان جان ڇڏائڻ چاهي ٿي ۽ انهن ئي جنگ ۾ اسپارٽا جي سوچن کي بي دليو پليڪار ڪيو. ڪجهہ ماڻهن لاءِ اسپارٽا سندن ردِ انقلابي امنگن جي علامت هو. يعني، هڪ نمونو جنهن ۾ هڪ مراعت يافتہ اقليت ڪيئن هين سيني کي حقن کان محروم رکي،[48] ائين ئي جيئن فاشسٽ اٽليءَ ۽ پوءِ نازي جرمنيءَ 1930ع ڌاري سڄي يورپي حڪمران طبقي لاءِ مثالي نمونا پيش ڪيا.

انهن ٻن يا ٽن صدين دوران يوناني تهذيب جي اوسر جي خاصيت ۽ سڃاڻپ سماجي اٿلون پٿلون ۽ طبقاتي ڇڪتاڻ رهي، جن يوناني ادب، سائنس ۽ فلسفي جي عظيم ڪارنامن ۽ حاصلاتن جا بنياد مهيا ڪيا. اهوئي دور هو جنهن ۾ ماڻهو پنهنجو پاڻ پراڻن اعتقادن تي سوال ڪرڻ تي مجبور ٿيا. هومر سان منسوب شاعريءَ (اصل ۾ زباني رزميہ تاريخي داستان هو جنهن کي پهريون ڀيرو 700 ق م ۾ لکيو ويو) ذريعي ان دور ۾ پنهنجي قسمت سان جهيڙيندڙ ماڻهن جي جدوجهد جي منظرڪشي ڪئي وئي. ايچليس (Aeschylus) جي ناٽڪن (ڊرامن) ۾ المناڪ ڇڪتاڻ جو عڪس هو جنهن ۾ مختلف اخلاقي معيارن جي وچ ۾ ٽڪرائن کي حل نہ ڪري سگهندڙ ڪردارن، سماج کي ترتيب ڏيندڙ نون ۽ پراڻن ڍنگن کي اظهاريو ويو. قديم يوناني فلسفي جي منحرف مڪتب فڪرن جنم ورتو، چاڪاڻ تہ مفڪرن سچ تي پهچڻ جا نوان معروضي بنياد ڳولڻ، انساني زندگيءَ جا مقصد ۽ انساني طرز عمل ۽ ورتاءَ لاءِ اصولن بابت کوجنا ڪرڻ شروع ڪئي. 'دليل باز' (Sophist) ۽ 'شڪ پرست' (Sceptic) ان نتيجي تي پهتا تہ هر دليل کي شڪست ڏئي سگهجي ٿي. افلاطون دليل ڏنو تہ هر هڪ دليل کي ٻئي دليل سان رد ڪري سگهجي ٿو (ان عمل کي 'جدليات' طور سڃاتو ويو) تہ پوءِ ان جي معنيٰ تہ سچ سڌيءَ ريت انساني تجربي کان ٻاهر واري دنيا تي مدار رکي ٿو ۽ فقط فلسفياڻو ٽولو ئي ان تائين رسائي حاصل ڪري سگهي ٿو جن کي گهرجي تہ سماج کي مطلق العنان (totalitarian) طرز سان هلائين. افلاطون وٽ پڙهڻ کانپوءِ ارسطو ان خلاف ردعمل ڪندي موجود طبعي ۽ سماجي دنيا جي مثبت تجرباتي جاچ تي زور ڏنو. هن طبعي دنيا کي چار بنيادي 'عنصرن' (پاڻي، باهہ، هوا ۽ زمين) مان ٺهيل طور ڏٺو. 500 ق. م ۾ ديماقريطس ۽ 400 ق م جي پڇاڙيءَ ۾ ايپيڪيورس دنيا بابت هڪ مادي نقطہ نظر پيش ڪيو جن ان کي ناقابل تقسيم ذرڙن منجهان ٺهيل وجود طور سمجهايو.

يوناني شهري رياستون عراقي، آشورين (Assyrian) ۽ ايراني سلطنتن جي وڏن ڪامورا شاهي رياستي ڍانچن جي رڪاوٽن کان آجيون هيون. جڏهن جنگ جو وقت آيو تہ يوناني شهري رياستون پُرجوش تحرڪ ڏيکارڻ ۽ پنهنجي آباديءَ جي وڏي حصي جي سرگرم وفاداري جي ڪمان ڪرڻ جي قابل هيون. اهائي ڳالهہ 500 ق. م دوران حملي آور فوجن سان مهاڏو اٽڪائڻ ۽ انهن کي روڪي رکڻ واري گڏيل يوناني رياستن جي قابليت جي وضاحت پيش ڪري ٿي. 150 سالن کانپوءِ انهيءَ خاصيت اُتر ۾ يونان کان متاثر مقدونيا جي بادشاهت هٿان هڪ فوج تيار ڪرائي جنهن نہ صرف يوناني شهري رياستن تي، پر سڪندر اعظم جي اڳواڻيءَ ۾ مصر ۽ وچ اوڀر جي ٻن تاريخي سلطنتن مٿان حڪومت قائم ڪرڻ جي قابل بڻاين. سڪندر اعظم جي سلطنت سندس مرڻ کانپوءِ ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي پر يوناني ٻولي ڳالهائيندڙ شاهي خاندان وچ اوڀر ۽ مصري سلطنتن مٿان راڄ ڪندا رهيا. سائنس ۽ فلسفي ۾ يوناني پيش رفتون، جيڪي انهن پرڳڻن جي پراڻين تهذيبن جي حاصلاتن ۽ ڪارنامن منجهان ڦٽيون، تن هاڻي وڏيڪ ترقي ڪئي. يوناني مصري شهر اسڪندريا ۾ يوناني مڪتب فڪر جي سائنس، رياضيءَ ۽ فلسفي نيون چوٽيون سَر ڪري ورتيون. 300 ق. م جي لڳ ڀڳ اقليدس جيوميٽريءَ جون بنيادي ثباتي شڪليون مرتب ڏنيون. ان کان ترت پوءِ Eratosthenes ڌرتيءَ جي قطر بابت 24،000 ميل تخمينو لڳايو. 150 ق. م جي لڳ ڀڳ Hypharcus مفاصلا ماپڻ جي (ٽرگناميٽرڪ) ٽڪنڊن ذريعن تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڌرتيءَ کان چنڊ تائين جي مفاصلي لاءِ ذري گهٽ دُرست نتيجي تي پهتو. 300 سال پوءِ Hyparchus جي خيالن تي Claudius Ptolemy ڪم ڪيو ۽ تارن ۽ گرهن جي چرپر وارو نمونو (ماڊل) تيار ڪيائين. جيتوڻيڪ هُن انهن کي ڌرتيءَ جي چوڌاري ڦرندي ڏيکاريو پر ان معقول نموني سندن گسن بابت درست اندازا لڳايا. ٿلهي ليکي اسڪندريا جي سائنس ۽ رياضيءَ انڊيا، چين ۽ 7 کان 12 صدي عيسوي تائين عرب دنيا ۾ وڏيڪ پيش قدمين لاءِ اهم ڪم ڪيو. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ سندن کوجنائون هڪ هزار سالن کان وڏيڪ عرصي تائين يورپ ۾ ذري گهٽ نامعلوم رهيون.

انهيءَ دوران، ميڊيٽرين جي ڀرپاسي سڪندر واري سلطنت جون باقيات جلدئي هڪ نئين سلطنت ۾ جذب ٿي ويون، جنهن کي روم جي حڪمرانن تعمير ڪيو.

باب پنجون

روم جو عُروج ۽ زوال

’عظمت ۽ شان اهو هو روم‘ هڪ پڙاڏو جيڪو عالمي تاريخ بابت اولهہ جي اڪثر تاريخن ۾ ملي ٿو. روم جي اُڀار بابت قديم تهذيبن جي نقطہ عروج طور ۽ سندس زوال کي تاريخي الميي طور منظرڪشي ڪئي وڃي ٿي. يورپي روشن خياليءَ جي عظيم لکتن مان هڪ لکت ايڊورڊ گبن جي ”رومي سلطنت جو زوال ۽ شڪست“ آهي. ان جي ابتدا ۾ گبن لکي ٿو تہ ”عيسوي دور جي ٻين صديءَ ۾، رومي سلطنت ڌرتيءَ جي خوبصورت ترين حصي جو ادراڪ ماڻي ورتو..... قانونن جي فضيلت پر طاقتور اثر ۽ طور طريقن آهستي آهستي صوبن جي اتحاد کي پختو ڪري ڇڏيو هو. سندس پرامن رهواسين دولت ۽ عياشيءَ جي فائدن جا مزا ماڻيا ۽ انهن جو غلط استعمال ڪيو.‘[49]

هڪ حوالي سان رومن تهذيب متاثرڪُن هئي. اٽليءَ جو هڪ ننڍڙو شهر ترقي ڪري سڄي ساري ميڊيٽيرين علائقي، آسوان جي اتر ۾ مصر، دجلا ۽ فرات جي ڏکڻ ۾ سڄو سارو يورپ، ايشيا مائنر ۽ شام ۽ سهارا جي اتر ۾ آفريقا تي حڪمراني ڪري ٿو. ان سلطنت جو اولهندو حصو اٽڪل 600 سالن تائين ۽ اوڀرندو حصو 1،600 سالن تائين برقرار رهيو. سلطنت جي حڪمرانن هر هنڌ عوامي عمارتن ۽ مندرن، راندين جي اکاڙن ۽ آبي لنگهن، عوامي غسل خانن ۽ فرش بنديءَ وارن پيچرن جي اڏاوت جي نگراني ڪئي ۽ هڪ اهڙو ورثو ڇڏيو جنهن بعد وارن نسلن کي متاثر ڪيو.

تنهن باوجود سلطنت جي تهذيب گذرسفر واري انسانيت جي قابليت ۾يا اسان جي جمع ٿيل سائنسي ڄاڻ يا ثقافتي ڪاوشن جي خزاني ۾ تمام ٿورڙو اضافو ڪيو. جهڙي ريت قديم عراق ۽ مصر، قديم يونان يا گذريل اڌ هزار سالن دوران انڊيا ۽ چين ۾ نواڻ ۽ جدت ٿي، ساڳئي ريت هتي ائين نہ ٿيو. سٽ ڪروڪس (Ste Croix) ايتري حد تائين ڳالهہ ڪري ٿو تہ ’ٽيڪنالاجيءَ جي دنيا ۾ هڪ ٻن ڪارنامن‘ کان هٽي ڪري، رومي فقط ٻن شعبن ۾ پاڻ کان اڳ واري يونان کان گوءِ کٽي ويا: هڪ، حڪمرانيءَ جي عمل ۾، هڪ عظيم سلطنت کي گڏائي رکڻ جي صلاحيت وارا ڍانچا تخليق ڪرڻ، ٻيو ’ديواني قانون‘ (Civil Law) جي نظريي ۾، جيڪو ملڪيت ۽ وراثت جي دستوري طريقي ڪار بابت هو (جڏهن تہ رومي فوجداري قانون (Criminal Law) ظالم ۽ بي رحم هو).[50] اها ڳالهہ تہ وڏاءُ آهي. يقينن پُلين، آکاڙن، عبادت گاهن ۽ رستن واري رومي انجنيئرنگ ۽

اڏاوتي فن متاثر ڪندڙ آهن، پر اڪثر شعبن ۾ رومي سلطنت جو اهم اثر ۽ ڇاپ اها هئي تہ اُن مصر، عراق ۽ يونان ۾ ٿيل پيش قدمين کي سڄي مرڪزي ۽ اولهہ يورپ تائين ڦهلائي ڇڏيو. توڻي جو انهن ۾ تمام ٿورڙو اضافو ڪيو. پيو تہ اُهي بڻ بنياد جن تي سلطنت تعمير ڪئي وئي آخرڪار انهن ئي سندس انت کي يقيني بڻايو. پين کان اوڌر ورتل حاصلاتن جي يادگاريءَ ڪانسواءِ اولهہ ۾ ڪجهہ بہ نہ بچيو.

روم جو ابتدائي دور ڪيترن حوالن سان يوناني شهري رياستن سان هڪجهڙائپ رکي ٿو جتان روم رسم الخط ورتي ۽ ان کي پاڻ سان موافق بڻايو. شروع ۾ تہ روم گهڻو ڪري زرعي ماڻهن جو سماج هو جيڪو رياست بدران نسلي شجرن تحت هليو پئي (ايتريقدر جو تاريخي دورن ۾ سندس آبادي 'خاندانن' ۽ 'قبيلن' جي صورت ۾ جڙيل هئي) جنهن منجهان موروثي حڪمران طبقو ('اعليٰ خانداني اشرافيا' Patrician Order) اڀريو. روم حڪمت عمليءَ تحت سموند سامهون تبر (Tiber) درياءَ جي آخري سوڙهي لنگهہ وٽ اڏيو ويو جتان کان اتر_ڏکڻ ۽ اوڀر_اولهہ ڏانهن ويندڙ تجارتي رستا لنگهيا ٿي. تجارت مان ملندڙ آمدنيءَ (جيڪا گهڻو ڪري گذرندڙ واپارين کان وصول ڪئي ويندي هئي) زراعت جي واڌيءَ ۾ ڪافي اضافو ڪيو جنهن ڪکاون (muddaubed) جهوپڙين واري ڳوٺ کي 600 ق. م تائين هڪ خوشحال شهر ۾ بدلائي ڇڏيو. جتي 'ڪاٺ ۽ سِرن سان ٺهيل گهر، عظيم الشان عبادت گاهہ، نيڪالِ جو منظم رٿابند (انجنيئرنڊ) سرشتو ۽ خوبصورت دوچتي گُلدانن جي درآمد ٿي پئي.' [51]

ڪجهہ عرصي تائين روم پنهنجي اُتر واري Etruscan[①] رياست جي حاڪميت هيٺ رهيو هڪ پڙهيو لکيو سماج جنهن جي غير انڊو يورپي ٻولي هئي، اها ٻولي شايد ڪاري سموند جي اترئين پاسي ۾ ڪٿي پيدا ٿي هوندي. ڇهين صديءَ جي آخر (رومي روايت مطابق 509 ق. م ۾) تائين روم واسين انهن کي ڦٿو ڪري، هڪ جمهوري حڪومت قائم ڪئي ۽ فوجي پکيڙ جي هڪ ڊگهي سفر تي نڪري پيا. اهو سلسلو ايندڙ 400 سالن تائين مخلتف مرحلن مان گذريو. جهڙوڪ ڪيترين پين لاطيني ڳالهائيندڙ شهرن سان هڪ اتحاد (ليگ) جوڙڻ، اُنهن کي رومي جمهوريت ۾ شامل ڪرڻ، باقي مرڪزي اٽليءَ کي فتح ڪرڻ، ڏاکڻي اٽليءَ ۽ اُتر آفريقا ۾ اڳوڻين فونيشين آبادين جي ڪنٽرول لاءِ ڪارٿيج سان جنگين جو سلسلو اُترئين اٽليءَ ۽ يونان کي فتح ڪرڻ ۽ آخر ۾ سڄي ساري يورپ کان دجلا ۽ فرات تائين قبضو ۽ ايشيا مائنر، شام ۽ مصر جي اڳوٽين يوناني سلطنتن سان الحاق.

اُنهيءَ پکيڙ جي هر مرحلي جي اڳواٽي پيادل فوج ڪئي، جيڪا آزاد هارين مان ڀرتي ڪيل هئي. پهريائين انهن هارين مان جيڪي روم شهر جي سرحدن اندر ٻنيون

---

① مرڪزي اٽليءَ ۾ هڪ قديم علائقو جنهن کي 200 ق م ۾ رومن پاڻ سان گڏائي ڇڏيو

ڪيڙيندا هئا ۽ پوءِ انهن منجهان جن وٽ اٽليءَ جي ٻين شهرن ۾ زمينون هيون، جن کي رومي شهريت ڏني وئي هئي. توڙي جو انهيءَ سڄي ويڙهاند جي باهه کي هارين ڀوڳيو پئي، پر وٽن فوج جو ڪنٽرول نه هو ۽ نه ئي کين فتحن مان ڪجهه مليو پئي. اٿينس جي ابتڙ روم ڪنهن به حوالي سان جمهوري نه هو.

جمهوريت ۽ طبقاتي جنگيون

روم جي ابتدائي جمهوريت جي آئين سمورا اختيار اشرافيه (Patrician) جي نسلي خاندانن جي موروثي ٽولي کي ڏنا. امن امان توڙي نظم ۽ ضبط لاءِ ذميوار ايوان (Scnate)، هر سال چونڊجندڙ رُڪن (consuls)، منصف، انتظامي عملدار (quaestor) ۽ مئجسٽريٽ (praetors) سڀ جا سڀ اشرافيه (Patrician) منجهان هئا. هڪ سڀا (اسيمبلي) هئي، جنهن وٽ نالي ماتر مئجسٽريٽ چونڊڻ ۽ جنگ ۽ امن جي سوالن تي فيصلي جو حق هو پر ان جي 193 ووٽن منجهان 98 سڀ کان اعليٰ ترين طبقي جا ماڻهو هئا ۽ عام (Plebeian) ننڍين هارين جا وفد جيڪڏهن پنهنجن خيالن ۾ متفق هئا، تڏهن به سندن ڪانه هلندي هئي، جڏهن ته اُنهن جي وچ ۾ سُڃن ۽ ڪنگال رومين، جن کي پروليتاري سڏيو ويو وٽ فقط هڪ ووٽ هو.

اڳواڻ خاندانن پنهنجا سياسي اختيار استعمال ڪري هارين جي قيمت تي اڳ ۾ موجود جججهي زمين کي وڏايو هارين کي قرضي ڪيو انهن جون زمينون کسي ورتيون ۽ اشرافيا (Patrician) جي حق ۾ فيصلا وٺڻ لاءِ منصفن تي ٿي ياڙيو. ٻيو ته اهي هٿياربند فوجن جا سپهه سالار هئا، جنهنڪري هر جنگي سوڀ کانپوءِ مفتوح زمين جو وڏو حصو کٽي ورتائون. اهڙي ورتاءَ سبب پيدا ٿيل ڪاوڙ ۽ نفرت طبقاتي جدوجهد جي ٻن وڏين لهرن کي جنم ڏنو.

جمهوريت جو بنياد پوڻ کان فقط 15 سال پوءِ پهرين طبقاتي جدوجهد شروع ٿي.

رومن تاريخ نويس سالسٽ (Sallust) منظرڪشي ڪئي ته، ڪيئن طبقاتي فرق هيٺين طبقي کي بغاوت ڪرڻ تي مجبور ڪيو:

’اشرافيا ماڻهن سان غلامن وانگر سلوڪ ڪيو. کين موت جون سزائون ڏنيون ۽ کين ڪوڙا هڻايا. زمينن مان بيدخل ڪرڻ بابت فيصلا ڪيا. انهن بي رحم ظلمن هٿان چيپاٽجڻ ۽ مٿان وري قرض جي بار جيڪو کين ڏوڪڙن ۽ لڳاتار جنگين لاءِ فوجي خدمت ٻنهي صورتن ۾ ڏيڻو ٿي پيو. نتيجي طور عام هٿياربند ماڻهن بغاوت ڪري روم جي ٻن ٽڪرين اوينٽائين ۽ مونس ساسر تي مورچا سنڀالي ورتا ۽ پنهنجو پاڻ لاءِ عوام جا نمائندا چونڊيا ۽ ڪجهه قانوني حق حاصل ڪيا‘.[52]

سالسٽ انهن واقعن کان 400 سال پوءِ اهو داستان لکيو پئي، جنهنڪري ڪجهه جديد تاريخ نويس سندس داستان جي دُرستگيءَ تي شڪ ڪن ٿا، پر اها ڳالهه يقيني

آهي تہ اشرافيا جي عملدارن جي ظالماڻي ورتاءَ خلاف هڪ صديءَ کان وڌيڪ عرصي تائين جدوجهدون ٿينديون رهيون. گڏيل طور تي احتجاجن ويهي رهڻ ۽ فوج ۾ ڪم ڪرڻ کان انڪار جي عملن مان لڳي ٿو تہ اهي طريقا سندن حڪمت عمليءَ جو حصو هئا ۽ عام ماڻهن پنهنجن چونڊيل نمائندن جي صورت ۾ ٽربيون ناهي پاڻ کي مئجسٽريٽ جي ظلم کان بچايو.[53] ٽربيونز مئجسٽريٽن ۽ سندن متوقع شڪار ماڻهن جي وچ ۾ مداخلت ڪري عوام کي تحفظ مهيا ڪيو.[54] ٽربيون کي خبر هئي تہ عام ماڻهن اجتماعي قسم کنيو آهي تہ جيڪو بہ ٽربيون کي ڇهندو ان کي ماري ڇڏيندا.[55] اسٽ ڪروڪس (Ste Croix) مطابق اُهي رياست جي سرڪاري مئجسٽريٽن آڏو اٿين بيهي رهيا. جيئن ڏُکان هلائيندڙ ڪمپني ڊائريڪٽرن خلاف اُٿي بيٺا.[56] ۽ وقت گذرڻ سان گڏ رياستي عملدارن کي گرفتار ڪرڻ ۽ کين جيل ۾ قيد ڪرڻ جا اختيار آئين جو اٽوٽ حصو ٿي ويا. 287 ق. م ۾ هڪ آخري وڏي جدوجهد جيڪا اڌ آباديءَ مٿان قرضن جي مصيبت سبب پيدا ٿي هئي، تنهن جدوجهد اشرافيا (Patricians) جي رسمي اختيارن کي ختم ڪري سمورا دفتر عام ماڻهن (Plebeian) لاءِ کولي ڇڏيا.[57]

ايتريقدر جو بعد وارن رومن ليکڪن، جهڙوڪ: Dionysus ۽ Halicarnassus کي تعريف ڪرڻي پئي تہ 'جدوجهد ۾ جنهن قسم جي اعتدال پسنديءَ جو مظاهرو ڪيو ويو سا يوناني شهرن ۾ ٿيندڙ انقلابي خونريزيءَ جي ابتڙ هئي'.[58] ان باوجود عام ماڻهن فتح مان ايترو گهڻو حاصل نہ ڪيو جيترو ڪڏهن ڪڏهن يونان ۾ هيٺين طبقن ماڻيو پئي ۽ روم اٿينس_طرز جي جمهوريت نہ ٿي سگهيو. جيئن برنٽ بيان ڪري ٿو تہ ڪو دفتر يا عهدو رکڻ تان پابندي هٽڻ سبب فقط عام ماڻهن جي هڪ خوشحال اقليت کي ئي ڪجهہ حاصل ٿيو.[59] عوام جي اڪثريت کي 'وڏي پيماني تي جمهوري اختيار' ملڻ واري ڳالهہ 'خوشفهمي ۽ فريب هئي':

عام ماڻهن (Plebeian) کي دفترن ۾ داخل ٿيڻ ڏنو ويو پر اشرافيا (Patricians) پنهنجي هڪ هٽي ۽ اجاراداري تان هٿ کڻندي پنهنجو پاڻ لاءِ اقتدار جو هڪ حصو برقرار رکيو. هڪ نئين قسم جي اشرافيہ جو ظهور ٿيو جنهن ۾ چند عام ماڻهن کي شامل ڪيو ويو ۽ اُها ايتري ئي بالادست هئي جيترو پراڻي اشرافيا رهندي آئي پئي.... پراڻا سماجي تڪرار وري ظهور پذير ٿيڻ لڳا. پر هڪ پيرو شاهوڪار ٿيل عام ماڻهن جون سياسي خواهشون پوريون ٿيڻ کانپوءِ غريبن لاءِ مجاهد ۽ فاتح ڳولڻ وڌيڪ ڏکيو ٿي پيو.[60]

تاريخ ۾ ائين ڪو آخري پيرو نہ ٿيو هو تہ هڪ جدوجهد جي اڳواڻي ڪندڙ چند ماڻهو جڏهن پاڻ خوشحال ٿي وڃن ٿا تہ اهي انهن خوشحال رهنمائن جا مفاد سندن پوئلڳن کان بلڪل مختلف ٿي وڃن ٿا.

هڪ شيءِ جنهن غريبن کي انهيءَ بندوبست ۾ راضي رهڻ تي مجايو سا هئي جمهوريت هٿان نئين زمين جي فتح. ڪجهہ غريب هاري نون علائقن ۾ آباد ٿي عارضي

طور تي پنهنجي بدتر صورتحال مان نجات ماڻي سگهيا پئي، پر علائقا فتح ڪرڻ وارين جارحانہ جنگين جلدئي اڪثر هارين جي حالت کي ويتر برباد ڪري ڇڏيو. ڦرلٽ جو وڏو حصو اميرن کي مليو ٿي؛ 'پرڏيهہ کان ايندڙ تمام وڏي دولت اٽليءَ جي چند هٿن ۾ هلي وئي.... ان جو وڏو ڀاڱو متئين ۽ وچولي طبقي جي ماڻهن کي مليو.'[61] ان جو گهڻو حصو عياشيءَ تي پر ڪجهہ وري شاهوڪارن جي جاگيرن کي وڌائڻ تي خرچ ڪيو ويو. ائين زمين جي قيمت وڌي وئي ۽ وياجي ماڻهن مقروض هارين کي بيدخل ڪري ڇڏيو. ساڳئي وقت، هارين جي وڌندڙ انگ کي قرض جي اوڙاهہ ڏانهن ڌڪيو ويو. چاڪاڻ تہ فوج ۾ زبردستي ڀرتيءَ جي ڊگهي مدت انهن کي پنهنجيون ٻنيون آباد ڪرڻ ۽ مسواڙون ۽ ڍلون ادا ڪرڻ کان روڪي پئي ڇڏيو.

سالسٽ پهرين صدي ق. م بابت لکيو تہ:

جنگ توڙي امن جي دور ۾ چند ماڻهن هر شيءِ کي ڪنٽرول ڪيو پئي، اُنهن خزاني، صوبن، مئجسٽريسي، لقبن ۽ سوڀن سميت هر معاملي کي هلايو ٿي، عام ماڻهو فوجي خدمت ۽ ضرورتن هيٺان دٻيل رهيا. جنگ مان ملندڙ مال غنيمت فوجي جنرلن ۽ چند ٻين ماڻهن جي هٿن ۾ هلي وئي، انهيءَ دوران سپاهين جي مائٽن يا سندن ننڍن ٻارن کي طاقتور پاڙيسري سندن گهرن مان ڪڍي ڇڏيندا هئا.[62]

پر سڀ ڪجهہ اهوئي ۽ ايترو نہ هو. جنگين اميرن طرفان استحصال لاءِ وڏي پيماني تي پورهيي جي قوت کي پڻ پيدا ڪيو چاڪاڻ تہ جنگي قيدين کي غلام بڻايو ويو. مثال طور، ٽين مقدوني جنگ ڪانپوءِ 150،000 قيدين کي غلامن طور وڪرو ڪيو ويو.[63] وڏن زميندارن سستي اگهہ تي غلام خريد ڪيا ۽ انهن کي استعمال ڪري گهٽ لاڳت سان پنهنجين جاگيرن کي آباد ڪري سگهيا. موٽ ۾ 'ڪيٽو (Cato) جي غلامن کي هر سال هڪ چوغو (ڊگهي قميص) ۽ هڪ چادر ملي پئي ۽ ڪين کائڻ لاءِ گوشت نہ ملندو هو.'[64] انهن غلامن جي ڀيٽ ۾ هڪ ٻي زمين رومن هاريءَ کان ڪم وٺڻ وڌيڪ مهانگو هو جنهن سان سڄي آڪهہ گڏ هوندي هئي. تنهنڪري جن هارين پنهنجيون ٻنيون وڃائي ڇڏيون تن کي موسمي ڪم کان وڌيڪ ٻي ڪا شيءِ ملڻ مشڪل ٿي پئي.

پهرين صدي ق. م تائين غلام آبادي وڏي پيماني تي وڌي، آزاد شهرين جي 3.25 ملين آبادي جي ڀيٽ ۾ غلام ٻہ ملين (20 لک) هئا. پر فقط انگن مان اندازو لڳائڻ ڏکيو آهي، چاڪاڻ تہ تعداد معيشيت ۾ غلامن جي اهميت کي درست نموني پيش نہ ٿو ڪري. غلامن ۾ اڪثريت نوجوانن جي هئي جڏهن تہ آزاد آباديءَ ۾ انيڪ ٻار بہ شامل هئا. ان وقت رومن آباديءَ جي اٺن نوجوان مرد شهرين مان هڪ ڄڻو هٿياربند فوج ۾ شامل هو.[65]

جيڪڏهن غلام محنتي قوت (labour force) جو وڏو حصو ٿي پيا تہ ان جي معنيٰ اها نہ هئي تہ شهرين جي هجوم کي سندن موجودگيءَ مان فائدو مليو پئي. غلام پورهئي سبب آزاد پورهيو مفلسيءَ ڏانهن ڌڪجي ويو. ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ

جيئن جيئن رومن رياست طاقتور ٿيندي وئي، تيئن تيئن آزاد آباديءَ جو انگ گهٽجندو ويو يا وري ڪِري پيو. برنٽ ٻڌائي ٿو ته ڪيئن ’غريبَ شادي جو خرچ نه پئي پري سگهيا ۽ جيڪڏهن شادي ڪن پيا ته ٻارن جي پالنا نه پئي ڪري سگهيا. جيڪڏهن خاندان دوا سان حمل نه پيا روڪين ته حمل ڪيرائڻ ۽ ٻارن کي مارڻ ذريعي پنهنجي ٻار کي گهٽائين پيا.‘[66] غريب مائٽن طرفان ڦٽو ڪيل ڪيئي ٻار غلامن جي پڙين جو ڪاچ ٿي ويا، ’انيڪ اٽلي واسين جي مفلسي ٻاهران ڪان آندل غلامن جو نتيجو هئي.‘[67] اي ايچ ايم جونز به ساڳئي نتيجي تي پهتو. ’وڏي تعداد ۾ ٻاهران غلامن جي درآمدگيءَ اٽلي واسي هارين جي محروميءَ کي وڌائي ڇڏيو.‘[68] اهڙي طبقاتي هڪ طرفي عمل گهرو تڪرارن جي هڪ نئين لهر کي پيدا ڪيو هڪ لهر جيڪا عام ماڻهن ۽ اشرافيا جي وچ ۾ ٿيل اڳوڻن تڪرائن کان وڌيڪ خونريز هئي.

133 ق. م ۾ تبريس (Tiberius Gracchus) ٽربيون[①] جو عهدو ماڻي ورتو. هي هڪ نواب هو جنهن کي هارين جي وڌيل غربت تي ڳڻتي هئي ۽ ريپبلڪ جي فوجي تحفظ لاءِ فڪرمند هو. هي ڏسي سگهيو پئي ته رومي فوج جي ريڙهه جي هڏي، يعني هارين کي آهستي آهستي غلامن جي هجومن اچڻ سان تباهه ڪيو پيو وڃي. ٻيو ته سسليءَ ۾ غلامن جي هڪ خوفناڪ بغاوت ظاهر ڪيو ته زراعت کي ان نموني هلائڻ سان ڪهڙا خطرا پيدا ٿين ٿا. ’توڙي جو تبريس عظيم جذبي ۽ سچائي سان غريبن جي حالت بابت ڳالهايو جيڪي پنهنجي ملڪ لاءِ وڙهيا هئا، پر هن جي دماغ ۾ رياست جو مفاد سڀ کان مٿانهون هو. اتي ئي هن پنهنجي طبقي جي مفادن کي گهٽ اهميت ڏني.‘[69]

تنهن هوندي به، تبريس جي مقصدن غريب هارين کي جوش ڏياريو ۽ شاهوڪار سينيٽوريل طبقي جي وڏي حصي کي ڪاوڙايو. وڏن زميندارن هٿان آباد ٿيندڙ عوامي زمين جا وڏا ٽڪرا غريبن ۾ ورهايا ويا. هن جي رٿ جي تائيد ۾ ٻهراڙيءَ جا غريب ٻوڏ وانگر روم ۾ ڪاهي پيا، شهر جي پتين کي پلي ڪارڊن سان ڍڪي ڇڏيائون ۽ احتجاج ڪري ريپبلڪ جي اسيمبليءَ طرفان ان جي منظوريءَ کي يقيني بڻايائون. سينيٽر خوفزده ٿي ويا. اُنهن تيسين انتظار ڪيو جيسيتائين هاري لاباري لاءِ روم مان نڪري وڃن ۽ پوءِ ڪارروائي ڪيائون. سينيٽرن جي هڪ ٻاڏيءَ چيو ته تبريس Tiberius ’آئين سان دغا پيو ڪري‘ تنهنڪري هن کي ڏنڊا هڻي ماريو ويو ۽ سندس پوئلڳن کي ڦاهيون ڏنيون ويون.[70]

طاقت سان دٻائڻ وارو عمل غريب آبادگارن منجهه ڪاوڙ جي باهه دُکندي رهي ۽ وري ڏهن سالن کانپوءِ تاريخ پنهنجو پاڻ کي ورجايو. تبريس (Tiberius) جي ڀاءُ گائيس (Gaius) کي ٽربيون چونڊيو ويو ۽ هارين جي حمايت ۽ نون شاهوڪارن جي هڪ پرت

---

① قديم روم ۾ عام ماڻهن طرفان چونڊيل عملدار جيڪو سندن مفادن جو تحفظ ڪري

(equites) جي ڪجهہ پنيرائي سان اينڊڙ ٽن سالن تائين رومي سياست تي حاوي رهيو. ڪانسل (سپريم مئجسٽريٽ) آپٽيمس (Optimus) سينيٽ جي حامين ۾ هٿيار ورهايا ۽ ڪريٽ کان گهرايل 3000 ياڙيتو فوجي استعمال ڪري گائيس کي قتل ڪرايو ۽ سندس 3000 حمايتن کي ڦاهيون ڏنيون.[71] رومي سينيٽ جون اهڙيون شاندار 'مهذب' روايتون هيون.

غريب روم واسين کي Gracchus ڀائرن سان سچي محبت هئي، جن کي اُهي شهيد سمجهندا هئا ۽ ڏيهاڙي سندن قبرن تي دعائون گهرندا هئا. ان مان لڳي ٿو تہ تبريس ۽ گائيس ٻنهي کي عوام جي تڪليفن ۽ پوڳنائن جو سچو پچو احساس هو.[72] پر سندن پروگرام جو مقصد رومي رياست کي مضبوط ڪرڻ ۽ سلطنت جي باقي حصي جو استحصال ڪرڻ جي قابليت کي وڌائڻ تي ٻڌل هو. لڳي ٿو تہ هنن ڀائرن غلاميءَ کي چڱي ريت نہ پروڙيو جيڪا هڪ طرف معيشيت کي ڪمزور ڪري رهي هئي تہ ٻئي پاسي وڏن زميندارن کي دولتمند بڻائي رهي هئي. بهرحال، سندن ردعمل يقينن غلامن کي متاثر ڪرڻ واسطي نہ هو تہ اُهي پنهنجو پاڻ کي آزاد ڪن بلڪ هنن جو مقصد غريب هارين جي ڪردار کي موجوده آئيني ڍانچي اندر رهندي هڪ پريشر گروپ تائين محدود ڪرڻ هو. ايتريقدر جو انهن وٽ روم جي شهري غريبن کي آڇڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ نہ هو. نتيجي طور سينيٽ کي فقط پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻو پيو ۽ پوءِ ظالماڻي نموني ڀائرن مان جان ڇڏائي ورتن.

گائيس جي قتل غريبن کي هيسائي ڇڏيو پر سندن طبقاتي نفرت کي ختم نہ ڪيو جنهن پهرين صدي ق. م جي تاريخ کي ڻاهڻ ۽ رومن جمهوريت کي رومن سلطنت ۾ بدلائڻ ۾ فيصلاڪن ڪردار ادا ڪيو. انهيءَ دور ۾ حڪمران طبقي اندر مختلف گروهہ سياسي طاقت ۽ مفتوح علائقن جي دولت تي ڪنٽرول ماڻڻ لاءِ خونخوار ۽ ڪٺور اٽڪلون ڪندا رهيا. هڪ پاسي غريبن جي ڪاوڙ ۽ نفرت ۽ ٻئي پاسي سينيٽرن جي ٽولي جي طبقاتي ڏاڍاين کين هڪٻئي خلاف استعمال ڪرڻ لاءِ هٿيار مهيا ڪيا. سالسٽ، جيڪو انهيءَ دور ۾ رهيو ان صورتحال کي هن ريت بيان ڪيو تہ 'لڳاتار ڌڙن، پارٽي جهيڙن ۽ نيٺ گهرو جنگ دوران چند طاقتور ماڻهو.... سينيٽ يا عوام جي جنگجو هجڻ جو ڏيک ڏئي، حڪمراني ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا.'[73]

108 ق. م ۾ نون شاهوڪارن جي هڪ پرت (equites) جي پنيرائي سان ماريس (Marius) ڪانسل (consul) مقرر ٿيو. سالسٽ مطابق ماريس 'سيني ڪاريگرن ۽ ٻهراڙيءَ جي سادن ڳوناڻن کي پيارو هو جن جي هٿن دولت ڻاهي هئي.'[74] زمين جي ورهاست واري رٿ پيش ڪرڻ جي ڪوشش تان سخت ويڙهہ ٿي پئي، 'تشدد هڪ نئين سطح تائين وڌي ويو.... معاشري جا سمورا معتبر عنصر پنهنجن نوڪرن سان گڏ هٿيار کڻي نڪري آيا'[75] ۽ ماريس (Marius) جي ڦتو ڪيل هڪ اتحادي سٽرننس (Saturninus) کي ماري ڇڏيائون. ٻن ڏهاڪن کانپوءِ ماريس جي هڪ ٻئي اتحاديءَ سلپيڪس (Sulpicus)

جو وارو آيو جنهن مختصر عرصي لاءِ روم تي راڄ ڪيو هو. تنهن کي عظيم سينيٽرن جي خاندانن پاران سولا (Sulla) جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ فوج شهر تي قبضو ڪري ماري ڇڏيو. وري جڏهن فوج واپس موٽي ته ماريس جي هڪ ٻئي اتحادي سينا (Cinna) پيهر اقتدار سنڀاليو ۽ ٻن سالن تائين اٽليءَ تي راڄ ڪيائين. جيئن ته هن سينيٽ کي پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائڻ چاهيو پئي، تنهنڪري 'ايوان رت سان رنگجي ويو'. پر سندس سمورن واعدن باوجود 'عوامي حقن ڏانهن تمام ٿورو ڌيان ڏنو ويو' ۽ عوام جي وڌندڙ غربت بابت ڪجهه به نه ڪيائين.[76] سولا اشرافيا جي مدد سان وري موٽي آيو. سينا کي سندس ئي سپاهين قتل ڪري ڇڏيو ۽ جن به مزاحمت ڪئي هئي تن مٿان دهشت جو راڄ مڙهيو ويو. ايتريقدر جو منحرف شاهوڪارن پڻ ڀوڳيو. ڇاڪاڻ ته سُولا 'موت جي پرواني' هيٺ هڪ فهرست جاري ڪئي، جنهن ۾ فردن کي مارڻ تي مالي انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيائين. ان فهرست ۾ 40 سينيٽر ۽ 1600 نوان شاهوڪار (اڪيوٽيز) شامل هئا.[77] آخرڪار 64 ق. م ۾ ڪيٽالن (Cataline)، سُولا جو اڳوڻو مددگار. جيڪو قرض نه لاهڻ واري مقدمي کي منهن ڏئي رهيو هو تنهن عوامي بغاوت اپاريندي پنهنجا پاڳ بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن ڪلي عام سُولا جي هارين ۽ آزمودگار جهونن جي اجتماعن ۾ شرڪت ڪئي. بعد ۾ ڪانسل (۽ ليڪڪ) سسرو موجوده نظام کي برقرار رکڻ لاءِ فيصلاڪن ۽ خونخوار ڪارروائي ڪئي، جنهن شاهوڪار نوجوانن جي هڪ چونڊ ٽولي کي منظم ڪري ڪيٽالن جي مک حمايتن کي گرفتار ڪري مارائي ڇڏيو.

ڪيٽالن جي بغاوت غريب هارين طرفان هٿيار کڻڻ واري سڏ تي پڌل آخري جدوجهد هئي، پر ان باوجود شاهوڪارن خلاف نفرت برقرار رهي، جنهن شهر جي غريبن کي متاثر ڪرڻ شروع ڪيو. سندن زندگيءَ جو حالتون خطرناڪ ۽ سندن گذرسفر غيرمحفوظ هو. اُهي 60 کان 70 فٽ بلند صفا انتهائي غير معيار گهرن ۾ رهيا پئي، جتي جديد اوليهه واري شهر کان سٽوڻ يا اٿوڻ وڏيڪ سوڙهه ۾ نپوڙجندا رهيا. سندن گهر مسلسل ڊهي پوڻ يا باهه لڳڻ جي خطري هيٺ هئا ۽ وٽن نه ڪو پاڻي هو ۽ نه ئي نيڪال جو بندوبست. اونهاري ۾ ڪيترائي غريب بندرگاهن ۾ موسمي پورهئي لاءِ واجهائيندا رهيا ۽ سياري ۾ ذري گهٽ ٻُکن وگهي مرڻ ڪنڌيءَ پهچي ويندا هئا.[78] غريب شهرين جي اهڙين خراب حالتن ماضيءَ ۾ کين حڪومت کان ناراض هارين جو ساٿ ڏيڻ کان روڪيو هو. شهري غريب اڪثر ڪري شاهوڪار سينيٽرن طرفان ملندڙ رشوتن تي ياڙيندا هئا ۽ فسادن ۾ سينيٽ جو پاسو وٺندا هئا. هاڻي هنن سياستدانن يا جرئت مند سپهه سالارن جو ساٿ ڏيڻ شروع ڪيو جن کين امدادي رقم تي مڪئي ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو. ڪيٽالن جي شڪست کانپوءِ هڪ ڏهاڪي تائين تشدد عام ٿي ويو. هجومن سينيٽ گهر کي ساڙي ڇڏيو ۽ هڪ سياستدان ڪلاڊِس (Clodius)

جنهن غريبن کي مفت ڪٽڪ ڏني هئي، ان جي قتل ڪانپوءِ 52 ق. م ۾ شاهوڪارن کي گهٽين ۾ قتل ڪيو ويو.

اهو ئي پسمنظر هو جڏهن جوليس سيزر پنهنجي فوج سان اٽليءَ جي سرحد پار ڪئي ۽ 49 ق. م ۾ اقتدار ماٿيو. سينيٽ جي اميرن غريبن آڏو نه، پر اشرافيا خاندان جي هڪ شاهوڪار سپهه سالار آڏو سلطنت کي هلائڻ جي قابليت وڃائي ڇڏي هئي، جنهن گال جي فتح وقت لکين ماڻهن کي قتل ڪيو ۽ غلام بڻايو هو.

جڏهن رومي شهري هڪٻئي سان وڏن سماجي تڪرارن ۾ جهيڙيندا رهيا، تڏهن ان دوران سموري قديم دنيا جي سڀ کان وڏي غلامن جي بغاوت به ٿي، جنهن جي سرواڻي اسپارٽيڪس ڪئي.

روم ۾ اڳ ۾ ئي يونان کان وڌيڪ غلامن جون بغاوتون ٿيون هيون. شايد ان ڪري ته اُتي تمام وڏي پيماني تي غلام موجود هئا. مثال طور، 138_132 ق. م ۾ غلامن جي بغاوت سسليءَ کي ٻهاري ڇڏيو جنهن ۾ هزارين غلام، ڪجهه ڏنار ۽ ڪجهه زرعي غلام شامل هئا. پر اُنهن کي ’مقامي آزاد آباديءَ منجهان ڪجهه حمايت ملي، جيڪي اميرن کي تڪليف ۾ ڏسي خوش پئي ٿيا.‘[79] انهيءَ بغاوت دوران آزاد آبادي ڦرلٽ ۾ جنبي وئي ۽ غلامن پنهنجو پاڻ لاءِ کيڙڻ جي اميد ۾ ٻني ٻارن تي قبضي جي ڪوشش ڪئي. ساڳيو مثال 104_101 ق. م ۾ ورجايو ويو.

اسپارٽيڪس جي بغاوت انهن کان وڏي پيماني تي هئي ۽ اُن رومي سلطنت جي بلڪل مرڪز کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو. اها 73 ق. م ۾ 74 تلوار باز (Gladiator) جي ڀڄي وڃڻ سان شروع ٿي. وقت گذرڻ سان انهن سان گڏ ٻيا 70 هزار غلام به گڏجي پيا، جن لڳاتار رومي فوجن کي شڪست ڏني ۽ اٽليءَ جي جزيري جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين مارچ ڪيو. هڪ مرحلي تي انهن روم کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو ۽ ڪانسل جي اڳواڻيءَ ۾ وڙهندڙ فوج کي شڪست ڏني، پر شهر تي قبضو ڪرڻ بدران اسپارٽيڪس سسليءَ کي پار ڪرڻ جي اميد ۾ اٽليءَ جي ڏاکڻي پاسي رُخ ڪيو. هن جي فوج سان قزاقن (بحري ڌاڙيلن) دغا ڪئي، جن کين ٻيڙيون ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو ۽ پوءِ هو هڪ رومي فوج جي گهيري ۾ اچي ويا، جنهن کين وري اُتر ڏانهن وڃڻ کان روڪڻ چاهيو ٿي. غلام فوج جي هڪ حصي گهيرو ٽوڙي ورتو پر انهن تباهه ڪُن شڪست پوءِ کي. اسپارٽيڪس کي ماريو ويو ۽ سندس جسم ڪڏهن به ڪونه لڌو[80] ۽ سندس 6000 پوئلڳن کي صليب تي چاڙهيو ويو.[81] رومن ليکڪ جي دعويٰ مطابق بغاوت کي ڪچليندي هڪ لک غلام ماريا ويا.[82]

قديم روم ۾ ٿيل بغاوتون ايندڙ ٻن هزارن سالن تائين مظلومن جي هيروز کي اُتساهيندڙيون رهيون. 1789_94 جي فرانسيسي انقلاب ۾ سخت گير ڪاٻي ڌر Gracchus ڀائرن جي مثالي ڪردار کي سلام ڪيو. ڪارل مارڪس اسپارٽيڪس کي پنهنجي

پسنديده تاريخي شخصيت طور بيان ڪيو ۽ 1919ع ۾ روزا لڪسمبرگ جي اڳواڻيءَ ۾ جرمن انقلابين پنهنجو پاڻ کي اسپارٽيڪس ٽولو سڏيو.

پر نہ تہ هاري بغاوتون ۽ نہ ئي غلام بغاوتون رومي سلطنت مٿان وڏن زميندارن جي پڪڙ ۽ قبضي کي ٽوڙڻ ۾ ڪامياب ٿيون ۽ ان جو ڪارڻ باغي طبقن جو پنهنجو ڪردار هو.

هارين اميرن جي پتي خوريءَ خلاف احتجاج ڪيو ۽ تبديليءَ لاءِ اُٿي کڙا تہ ٿيا پر اهي انهن امير رهنمائن جي پٺيان ڏٺن وانگر پڻ هلندا رهيا، جن متعلق ڪين لڳو پئي تہ انهن وٽ رياست جي سُڌاري ۽ اصلاح جو ڪو پروگرام آهي. پر هاري پنهنجي پاڻ لاءِ ڪو اهڙو سياسي پروگرام نہ ٺاهي سگهيا. جيڪو زمين جي نئين سر ورڇ ۽ قرضن جي معافي کان وڌيڪ تبديليءَ جو سڏ ڏيندي سماج کي مڪمل طرح نئين سر ترتيب ڏئي. هارين جيڪا واڌو پيداوار ڪئي، سا روم جهڙي وسيع تهذيب کي برقرار رکڻ لاءِ تمام ٿوري هئي. اها واڌي يا تہ غلامن جي سرشتي مان يا وري سلطنت جي ڦرلٽ مان آئي پئي. هارپي تي ٻڌل ماضيءَ ڏانهن واپسيءَ جو خواب فطري هو پر اهو ناقابل عمل هو.

ساڳئي نموني سماج جي نئين سر انقلابي جوڙجڪ لاءِ اڳواڻيءَ جي صلاحيت شهري عوام منجهہ بہ نہ هئي. پيداوار جي معاملي ۾ اُنهن جو تہ ننڍن هارين کان بہ گهٽ ڪردار هو. سڀ کان وڌيڪ مفلس ماڻهن جو گذارو اتفاقي مزدوريءَ تي هو. ٻيا وري عياشيءَ وارين تجارتي شين جا ڪاريگر هئا، جن جو گذرسفر شاهوڪارن جي ضرورتن جي رسد تي منحصر هو. روم ۾ انيڪ غلام هئا. پر سندن حالتون زراعت جو ڪم ڪندڙن کان وڌيڪ مناسب هيون ۽ انهن مان گهڻن کي اميد هئي تہ جيڪڏهن اُهي پنهنجن مالڪن ڏانهن گهڻو ڊيان ڏيندا تہ ڪين آزاد ڪيو ويندو ۽ ائين اُهي راڄڌانيءَ جي آباديءَ جو حصو بڻجي ويندا.

ٻهراڙيءَ وارن غلامن جو پيداوار ۾ مرڪزي ڪردار هو پر انهن لاءِ جنگجو بغاوت کان اڳتي نڪري هڪ مختلف قسم جي معاشري بابت خيال ايجاد ڪرڻ ناممڪن هو. اُهي ميڊيٽيرين ۾ مختلف هنڌن کان آيا ۽ انهن مختلف ٻوليون پئي ڳالهايون. جيئن تہ اُهي خاندان رکڻ جي موقعي کان محروم هئا، تنهنڪري ڪين هڪ پيڙهيءَ کان ٻيءَ تائين مزاحمت جون روايتون منتقل.ڪرڻ جو تمام ٿورو موقعو هو. جيئن تہ اُهي غلام پيداواري عمل ۾ آقائن جي ڇهبڪ هيٺ جڪڙيل هئا، تنهنڪري ڪين ڪو مثال نہ پئي مليو تہ ڪئين مختلف بنيادن تي معاشري جي ٻيهر جوڙجڪ ڪجي. ان بدران سندن خواب هئا تہ نيون بادشاهتون قائم ڪجن يا وري اسپارٽيڪس وانگر رومي سلطنت کان ڀڄي ڪٿي ٻئي هنڌ آزادي ماڻجي. تاريخ جي عظيم ڳجهارتن مان هڪ ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ ڇو اسپارٽيڪس روم تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش جو موقعو ڇو ڇڏيو. هڪڙي وضاحت اها ٿي سگهي ٿي تہ هي رومن معاشري کي نئين سر ترتيب ڏيڻ بابت

تصور ئي نہ ٿي ڪري سگهيو ۽ هن فقط پراڻي نظام کي هلائيندي پاڻ کي پُورو ڪرڻ نہ پئي چاهيو.

سلطنت: روڪ ۽ زوال

رومن سلطنت اندر فساد، سرڪشيون، بغاوتون ۽ گهرو جنگيون معاشري جي نئين سر انقلابي جوڙجڪ ڏانهن نہ وٺي ويون، پر اُنهن سياسي بناوت ۾ بنيادي تبديلي آندي، جنهن ذريعي امير زميندارن باقي سماج مٿان حاڪميت ٿي ڪئي. غريبن کي سندن جاءِ تي رکڻ لاءِ سينيٽ کي سپہ سالارن ۽ سندن فوجن تي ڀاڙڻو پيو. پر پوءِ نتيجو اهو نڪتو جو اهو سڀ ڪان وڌيڪ مضبوط سپہ سالار سينيٽ مٿان حاڪميت ڪرڻ جي قابل ٿي ويو. ائين سماجي معاملن ۽ سوالن تي ٿيندڙ گهرو جنگين جو انت آيو ۽ ان جي جاءِ فقط سپہ سالارن جي وچ ۾ ٿيندڙ گهرو جنگين والاري، جهڙوڪ: سُولا خلاف ماريس ۽ سينا، جوليس سيزر خلاف پومپي، سيزر جي موت ڪانپوءِ، مارڪ انتوني ۽ آڪتاوين (سيزر جي پاڻيٽي) خلاف بروٽس ۽ ڪائيسس، ۽ نيٺ مارڪ انتونيءَ خلاف (Octavian) آڪتاوين تائين اهو سلسلو هلندو رهيو.

آخرڪار پراڻن ۽ نون اميرن محسوس ڪيو تہ ڀيهر سياسي استحڪام قائم ڪرڻ جو فقط هڪڙو ئي گس آهي تہ آڪتاوين (هاڻي آگسٽس سڏجندڙ) کي سرڪاري منظوريءَ ڪانسواءِ هڪ بادشاهت (de facto monarchy) قائم ڪرڻ ڏني وڃي. آگسٽس پنهنجن مفادن خاطر ڏهاڪن جي سماجي تڪرار کي استعمال ڪرڻ جي قابل هو. هن اميرن کي تحفظ آڇيو جڏهن تہ روم جي غريب شهرين کي سستي، يا وري مفت، مڪئي مهيا ڪندي پاڻ کي سندن دوست طور پيش ڪيائين، ان لاءِ هن مفتوح علائقن مان ملندڙ اٿاهہ ڌن جو ٿورڙو حصو خرچ ڪيو.

شهنشاهن کي صوبن ۾ ڪلي عام بغاوتون ٿيڻ جي پرواهہ نہ هئي، تنهنڪري انهن سينيٽرن جي مخصوص ٽولي خلاف وٺ پڪڙ ڪري ڏني، جيڪي ذاتي فائدن جي بدترين صورتن ۾ جٽيل هئا. شهنشاهن پراڻن زميندار خاندانن جي آزاد سوچ رکندڙ پاتين خلاف وقت بوقت معمول طور دهشتگرد ڪارروائيون پڻ ڪيون، جڏهن تہ پنهنجي اردگرد رهندڙ ماڻهن تي دولت ۽ وقار جون سخاوتون ڪندا رهيا.

پراڻن سينيٽر خاندانن انهيءَ عمل کي روايتي قدرن تي وحشياڻي ڪاهہ طور ڏٺو. تڏهن کان وٺي نيرو ۽ ڪاليگُلا جا نالا دهشت ۽ غيرعقلي تشدد سان منسوب ڪيا ويندا رهيا آهن ۽ ظالماڻيءَ ۽ آمراڻيءَ حڪمرانيءَ خلاف مخالفت جي هڪ ڊگهي روايت رهي آهي، سينيٽرن انساني آزاديءَ جي عظيم محافظن طور سيزر ۽ آگسٽس جي مخالف ڪئي. فرانسيسي انقلاب جي ابتدائي رهنمائن پنهنجو پاڻ چوغا (قديم روم وارو لباس) پهريا ۽ پنهنجو پاڻ کي بروٽس جو ورثو سنڀاليندڙ طور پيش ڪيائون. تنهن

هوندي شهنشاهي طاقت اشرافيا جي چند رُڪنن خلاف بربريت جو پوت ڪولي ڇڏڻ کان
وڌيڪ ڪجهہ نہ ڪيو جيڪا وحشت روايتي طور تي مفتوح ماڻهن، غلامن ۽ هيٺين
طبقن جي رومي باغين تي استعمال ڪئي ويندي هئي. جيئن Syme چوي ٿو تہ اشرافيا
طرفان آزاديءَ جي ڳالهہ جو مطلب 'فردن طرفان موجوده نظام ..... ان جي طاقت ۽ دولت
جي مزي جو دفاع ڪرڻ هو.'[83]

غريبن يقينن سينيٽرن کي آزادي لاءِ وڙهندڙ ماڻهن طور نہ پئي ڏٺو. جوزفس، پهرين
صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري لکندي، رپورٽ ڪيو تہ اميرن جڏهن شهنشاهن
کي 'جابر' ۽ سندن حڪمرانيءَ کي 'محڪومي' سمجهي مخالفت ڪئي تہ غريبن
سمجهيو تہ امير سينيٽ جي 'بربريت' کي روڪين ٿا ۽ اسان جو بچاءُ ٿا ڪن.[84] غريب
هڪ دور ۾ شايد سيزر ۽ سندس جانيشنن جي سستي مڪئي ۽ جوش خطابت هٿان
گمراهہ ٿيا هوندا، پر ڏٺو وڃي تہ سينيٽرن جي حلقي سان نفرت ڪرڻ لاءِ وٽن ڪافي
جواز موجود هئا. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ حلقي هر ان ماڻهوءَ کي ذبح ڪيو هو جيڪو سندن
حقن لاءِ پڌر ۾ ٿي پر اُٿي بيٺو. سسرو جنهن کي سينيٽر حلقي جي شهري گڻن جو مثالي
ڪردار سمجهيو ويندو هو تنهن اهڙا قتل ڪرايا ۽ روم جي غريبن کي 'گند ۽
ڪچرو'، 'قابل مذمت بُکيا هجوم'، 'شهر جي غلاظت' ۽ جڏهن اُنهن ڪي انقلابي لاڙا
ڏيکاريا تہ کين 'بدڪار' سڏيو ويو.[85]

'آزادي' بابت سندن سموري جوش خطابت باوجود امير هڪ شهنشاهہ کانسواءِ
سلطنت کي جيئن جو تيئن برقرار رکڻ ۽ هيٺين طبقن کي سندن جاءِ تي روڪڻ جو
بندوبست نہ پئي ڪري سگهيا. آگسٽس کانپوءِ امير ڪڏهن ڪڏهن هڪ شهنشاهہ کي
جيڪڏهن هٽائين بہ پيا، تڏهن بہ سندن متبادل هڪ نئين جمهوريت نہ هئي؛ هنن تہ فقط
هڪ بيو ۽ مختلف شهنشاهہ چاهيو پئي.[86] بيشڪ امير پهرين ٻن صدين دوران
شهنشاهن جي حڪمرانيءَ هيٺ ماضيءَ کان وڌيڪ سُکيا ستابا ۽ خوشحال ٿيا. انهيءَ
دور (جنهن کي تاريخ نويسن 'بعد واري رومي سلطنت' کان منفرد `Principate` سڏيو) ۾
وير کان عياشيءَ جي سامان جهڙوڪ: ريشم، مصالحن ۽ قيمتي پٿرن جي وڏي ريل قيل،
سڄي اٽليءَ ۽ ڪجهہ صوبن ۾ وڏين جاگيرن جي پکيڙ ۽ اٿاهہ مسواڙون سينيٽرن جي
حلقي ڏانهن وينديون رهيون.[87]

دولت فقط رومن اميرن تائين محدود نہ هئي، صوبائي اميرن جي بہ ان ۾ ڀائيواري
ٿي. ائين تيزي سان اُنهن گڏجي هڪ شاهي حڪمران طبقي جي صورت
ورتي. 'صوبائي برادريون ريپبلڪ جي هيٺان رهندڙن کان تمام گهڻو خوشحال هيون،'[88]
ٿوٽي جو اڃان تائين اها ڳالهہ پڪي ناهي تہ 'صوبن جي هارين کي سلطنت جي وڌيل
دولت مان حصو مليو پئي يا نہ. ڇاڪاڻ تہ خود هارين امير زميندارن جيتري ٽي ڍل ادا
ڪئي پئي.'[89] نئين مليل تحفظ ۽ صوبائي اميرن جي وڌيل دولت منجهان هڪ ڪشادي

سلطنت جي ثقافت جنم ورتو جيڪا گڏيل مذهبي فرقن (جنهن ۾ شهنشاهہ جي پوڄا بہ شامل هئي)، رسمي راندين، ٻولين (اولهہ ۾ لاطيني، اوڀر ۾ يوناني) ۽ ادب تي ٻڌل هئي. انهيءَ دور ۾ سلطنت جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين وڏي فضول خرچيءَ ڪري شهرن جي ٻيهر تعمير سان گڏ 'خدائن جي عبادت لاءِ عبادت گاهہ، تماش گاهون، آکاڙا، ڪسرت گهر ۽ وهنجڻ جايون، بازارون، آبي لنگهہ ۽ ڦوهارا پڻ ٺاهيا ويا. گڏوگڏ انصاف جي انتظام لاءِ گرجا گهر ۽ مئجسٽريٽن لاءِ دفتر ۽ ڪائونسل چيمبر پڻ جوڙيا ويا. مختلف شهر پنهنجين عمارتن تي فخر ۽ تعميراتي فن جي امتيازي صلاحيت ۾ هڪٻئي سان مقابلو ڪرڻ لڳا. شهرن کي شاندار پڪين گهٽين، ٿنڀن جي قطارن ۽ فاتحاڻن محرابن سان سينگاريو ويو.'[90]

بعد ۾ ماڻهن انهيءَ دور کي سلطنت جي 'سنهري دور' طور پيش ڪيو. گبن لکي ٿو:

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي چئجي تہ دنيا جي تاريخ ۾ اهو دور ٻڌاءِ جنهن دوران انساني نسل جي حالت سڀ کان وڌيڪ خوشحال ۽ سُکي هئي، ڪنهن بہ هٻڪ کانسواءِ هي ان دور جو نالو کڻندو جيڪو ڊوميشن جي موت کان ڪموڊوس جي تخت نشينيءَ جي وچوارو (98_180ع) دور هو.[91]

تنهن باوجود اها مضبوطيءَ ۽ پائيداريءَ اڳ وانگر ريپبلڪ طرفان مٿان کان مڙهيل هئي جيڪا هارين جي ڦرلٽ ۽ غلامن جي محڪوميءَ تي آڌاريل هئي. اهو نظام اهڙن ڪڏن ڪمن کي قانوني بڻائي ها، پر انهن کي ختم نہ ڪري ها. ٻيءَ صديءَ ڌاري اپليئس Apuleius جي طنزيہ ناول "سونهري گڏهہ" ۾ سلطنت جي زندگيءَ جي پيش ڪيل تصوير گبن کان بلڪل مختلف آهي.

اپليئس هڪ نانوائي (بيڪر) لاءِ ڪم ڪندڙ غلامن جي حالت هن ريت بيان ڪري ٿو:

سندن چمڙي چهبڪن جي نشانن سان زخمي ٿيل، سندن ڦٽيل پُٺ ليڙون ٿيل ڪپڙن سان ڍڪيل: ڪجهہ کي تہ پوشاڪ کي بچائڻ لاءِ پهرجندڙ ڪپڙي جي ٽڪري کان وڌيڪ پهريل نہ هو ۽ هر قميص ۾ ايترا سوراخ هئا، جو سندن جسم نظر پيو ايندو هو. سندن پيشانين تي نشان اُڪريل، سندن مٿا اڌ ڪوڙيل، سندن پيرن سان ٻڌل لوهہ جا ڪڙا، سندن چهرا ڦڪا ۽ گدلا هئا.[92]

اپليئس ٻڌائي ٿو تہ ڪيئن هڪ 'دولتمند ۽ طاقتور... زميندار... پنهنجي پاڙيسري غريب کي هيسائي، سندس مال متاع کي کُهي، سندس ڍڳا چوري ڪري، سندس مڪئي کسي وٺي ۽ کيس زمين مان تڙي ڪيڏڻ لاءِ غنڊن جي ٽوليءَ کي استعمال ڪندڙ هو تہ بہ زميندار کي ڪڏهن بہ قانون جي ڪٺهڙي ۾ نہ سڏايو ويو.[93]

اپليئس جنهن دُنيا تي طنز پئي ڪئي، سا خوشحال ۽ وٽندڙ نہ هئي، پر عدم تحفظ، ناانصافي، تشدد، ڦرلٽ ۽ قتل غارت گري واري هئي. سموري مهذب پالش ۽

اوچي تهہ لاءِ شهنشاهہ جي ڏاڍ کي ڪوليزيم ۾ ’راندين‘ جي علامت ۾ پيش ڪيو ويو. جتي تلوار بازن (گليڊيئيٽرز) هڪ ٻئي جو ڪوس ڪيو پئي ۽ قيدين کي جانورن هٿان چيريو ڦاڙيو ٿي ويو.

سلطنت شايد مستحڪم ۽ مضبوط هجي ها. پر معاشري جي بنياد ۾ موجود وڏا مسئلا اڻ حل ٿيل ئي رهجي ويا. جيتوڻيڪ حڪمران طبقو ۽ سندس تهذيب شهرن تي ٻڌل هئي، پر معيشيت انتهائي ٻهراڙي واري هئي. ’تجارت ۽ صنعت معيشيت ۾ تمام محدود ڪردار ادا ڪيو پئي..... بنيادي صنعت زراعت هئي، سلطنت جي رهواسين جي وڏي اڪثريت هارين جي هئي ۽ متئين طبقن جي دولت، مکيہ طور تي، مسواڙ مان اخذ ڪئي پئي وئي.‘ جيترو محصول تجارت ۽ صنعت مان مليو ٿي زرعي پيداوار ويهوڻ تي وڌيڪ اُپت ڏني پئي.[94]

چند شهرن ۾ تجارت يا حرفت اهم ڪردار نڀايو. اسڪندريا جي معاملي ۾ اهو سچ هو جنهن ذريعي مصري حاصلاتون اٽليءَ ڏانهن آيون ۽ عربن ۽ انڊيا کان سمونڊ رستي عياشيءَ جو سامان ايندو رهيو. هتي ڪجهہ صنعتون، جهڙوڪ: شيشو ٺاهڻ، سلائي ۽ پن (ڪاغذ) ٺاهڻ نيڪ ٺاڪ نموني وڌيون ويجهيون ۽ ڪجهہ واپارين وڏي دولت ڪمائي.[95] اڪثر شهر تجارت ۽ صنعت جا نہ پر انتظاميا ۽ حڪمران طبقن جي ڪائڻ پيئڻ جا مرڪز هئا. فوجي مقصدن لاءِ ٺاهيل رستا ڳري وزن واري ٽرانسپورٽ لاءِ مناسب نہ هئا. تنهنڪري زمين رستي سامان جي چرپر انتهائي مهانگي ۽ سست هئي. مثال طور، 300 ميل ڊگهي سفر ڪانپوءِ ڀهتل ڪڻڪ جي قيمت ٻيڻي ٿي پئي وئي. تنهنڪري ڊگهن پنڌن واري تجارت انتهائي مهانگين شين تائين محدود هئي ۽ اندروني طور شهرن جو انحصار پرپاسي کان ملندڙ شين ۽ ننڍن دُڪانن ۾ ڪم ڪندڙ سندن دستڪارن تي هو.

شهر پيداوار وڌائڻ لاءِ جدت ۽ نواڻ جو وسيلو ٿيڻ بدران ٻهراڙيءَ جي معيشيت تي مفت خوري ڪندا رهيا. وڏا زميندار جيڪي شهرن ۾ رهندا هئا، تن نوان اوزار ڪتب آڻڻ ۽ زمين کي سُڌارڻ بدران کيڙيندڙن کي نپوڙي آمدني وڌائڻ تي ڌيان ڏنو. غلامن جا ٽولا جيڪي ڪجهہ خطن ۾، خاص طور تي اٽليءَ ۾، ٻنين تي ڪم ڪندا هئا، تن کي ڪو فائدو ۽ ڪا ترغيب نہ هئي پر پوءِ بہ وڌيڪ پيداواري طريقا ڪتب آڻڻ جو ٿورو موقعو هئن، ۽ ڪڏهن اُهي وڌيڪ جديد طريقن جي معلومات مان فائدا حاصل ڪري سگهندا هئا ۽ جيڪا سلطنت جي هڪ ڪنڊ ۾ استعمال ٿيندي هئي، تنهن کي ٻي ڪنڊ تي پهچائيندا هئا. ٻنين تي ڪم ڪندڙ هاري مالڪن لاءِ ورلي ڪو فائدو پلئہ پيو ڇاڪاڻ تہ پيداوار ۾ ڪابہ واڌ گهٽو ڪري زميندار جي مسواڙ (ڪرائي) يا رياست جي ڍل جي صورت ۾ کائن کسجي ويندي هئي، تنهن هوندي بہ پيداواري طريقن ۾ ڪجهہ نواڻ ٿي، پر تمام محدود. سخت محنت کان بچائيندڙ نواڻ ڪتب آندي وئي، پر

انتهائي سست نموني. پن چرخي[1] (watcrwheel) بابت 25 ق. م ۾ پهريون پيرو ذڪر ٿيو پر ان کي ٻن صدين تائين استعمال نہ ڪيو ويو ڇاڪاڻ تہ گڏهن واريون چڪيون يا وڏي انساني هٿ سان هلندڙ چڪيون هيون. جيڪي غلام پورهيتن سان سولائي سان هلي سگهيون پئي[96] جڏهن تہ ساڳئي دور ۾ چين ۾ پن چرخيءَ جو تمام تيزي سان استعمال ٿيندو رهيو.

سمورو وقت سلطنت جي معاشي سگهہ کي هر عنصر ڪاٽ هڻندو رهيو جيڪو ابتدائي طور تي انتهائي اهم هو. سو هو غلاميءَ جو عنصر. نون غلامن جو آمد جو سلسلو گهٽجڻ لڳو ڇاڪاڻ تہ ٻين علائقن کي فتح ڪرڻ واريون جنگيون جن سلطنت جو بنياد وڌو سي ختم ٿي ويون ۽ غلام مهانگا ٿي ويا. زميندارن کي پنهنجي 'ملڪيت' يعني غلامن جي زندگين بابت وڌيڪ ڳڻتي ٿيڻ لڳي. انهن مان ڪجهہ زميندارن غلامن جي نئين نسل جي پالنا ڪئي، پر ان جي معنيٰ هئي ٻيڻو بار کڻڻ. ڇاڪاڻ تہ هڪ غلام سان گڏ ان جي 'غيرپيداواري' آڪهہ مائرن ۽ ٻارن کي کاڌ خوراڪ مهيا ڪرڻ مهانگو عمل هو جنهنڪري غلام جيڪي آزاد پورهيتن کان ڪئين ڀيرا وڌيڪ فائديمند هئا، تن مان گهٽ فائدو نہ پئي ٿيو. ٻين زميندارن چاهيو جو پنهنجي زمين وڏي مسواڙ تي ڪرائيدار کي ڏيڻ شروع ڪيائون. اهو ڪم وڌيڪ سستو ۽ وڌيڪ آسان هو جنهن تي زميندار کي نگرانيءَ جي ضرورت نہ ٿي پئي. جڏهن تہ اُهي ڪرائيدار پنهنجي آڪهن کي سنڀالڻ جي قيمت پاڻ برداشت ڪرڻ لڳا. اهڙيءَ ريت غلاميءَ جي اهميت گهٽجڻ شروع ٿي.

نتيجو اهو نڪتو جو اضافي واڌو پيداوار جيڪا ريپبلڪ هيٺ غلاميءَ مهيا ڪئي پئي سان باقي نہ رهي جڏهن تہ اميرن جي مهانگي کاڌ خوراڪ ۽ سلطنت کي سنڀالڻ جي قيمت اوترئي ئي رهي جيتري اڳ ۾ هئي. حڪمران طبقو فقط تڏهن ئي برقرار رهي سگهيو پئي، جڏهن ماضيءَ وانگر هاريي تي وڌ کان وڌ ڍڳ وجهڻ واري عمل جو نقل ڪندي. سموري سلطنت جو شديد استحصال ڪندو رهي، جنهن عمل اٽليءَ جي هارين کي اڳ ئي تباهہ ڪري ڇڏيو هو. محصول، جيڪو جمهوريت هيٺ هاري خاندان جي پيداوار جو فقط ڏهہ سيڪڙو هو سو ڇهينءَ صديءَ تائين ٽيڻو ٿي ويو[97] جڏهن تہ هاري زميندارن کي مسواڙ پڻ الڳ ادا ڪندا هئا.

اسٽ ڪروڪس (Stc Croix) لکي ٿو تہ رومن رڪارڊ ۾ ٻين صدي عيسويءَ کان وٺي سلطنت جي ڪيترن صوبن ۾ 'هنگامن' جو ذڪر ٿيل آهي، جيڪي ڪڏهن مڪمل هاري بغاوتن، ڪڏهن وري فوج کي ترڪ ڪندڙن، مفلس هارين ۽ ڀڄي ويل غلامن طرفان وڏيل ڌاڙن تائين محدود هئا. 284ع کان پنجين صدي جي وچ تائين گال ۽ اسپين ۾ وقفي وقفي سان bagaudae هارين جي بغاوتن جون رپورٽون ملن ٿيون.

---

[1] پاڻيءَ کي مٿي چاڙهڻ واري انجڻ

اسان کي اهو معلوم ڪرڻ جو ڪو گس موجود ناهي تہ اهڙين بغاوتن جي ڪيتري اهميت هئي. پڪ هيءَ آهي تہ اُهي بغاوتون وڌندڙ مفلسيءَ، ڪاوڙ ۽ خاص ڪري سلطنت جي سرحدي علائقن ۾ عدم تحفظ جون علامتون هيون. انهن علائقن ۾ هارين طرفان زمينون ڇڏيو ڪرڻ جا واقعا وڌي رهيا هئا، ڇاڪاڻ تہ مسواڙ ۽ ڍلون ادا ڪرڻ بعد ٻنين مان سندن گذرسفر نہ پئي ٿيو. رياست قانون منظور ڪري هارين کي زمين يا وري مخصوص زميندار وٽ (coloni) غلام طور رهڻ لاءِ پابند بنائي ڇڏيو پر اهڙيءَ قانوني محڪوميءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو 'وحشين' جي چڙهائي خلاف سلطنت جي حمايت ويتر گهٽجي وئي.

'اهڙيون چڙهائيون معمول بڻجي ويون ۽ انهن کي منهن ڏيڻ وڏيڪ مهانگو ٿي پيو. شهنشاهہ ڏينهون ڏينهن ڳرين ۽ مهانگين ڀاڙيتو فوجن تي انحصار ڪندڙ ٿي پيا، جن جو تعداد 400ع تائين 650،000 ٿي ويو.'[98] پر انهن جي قيمت ويتر ڪيڙيندڙن مٿان وزن وڌائي ڇڏيو جنهنڪري اُهي ويتر بددل ٿي پيا ۽ ٻنين کي ڇڏي اتان ڀڃي ٿي ويا. ساڳئي وقت، ڪامياب فوجي سپهہ سالارن پنهنجن فوجي لشڪرن کي استعمال ڪري تخت کسڻ جون ڪوششون ڪيون. جيئن گهرو جنگين سلطنت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو تيئن باغي لشڪرن خود روم جي ڦرلٽ ڪئي.

اولهہ ۾ سلطنت زوال جي گردش ۾ ڦاسي پئي. فوج مٿان اقتدار تي قبضا معمول بڻجي ويا، وحشين جون ڪاهون بہ وڌي ويون. 330ع ۾ سلطنت جو مرڪز اٽليءَ کان ڦري بازنيطين جي يوناني ڳالهائيندڙ شهر ڏانهن منتقل ٿي ويو جتان کان حڪمرانن لاءِ اولهہ کي ڪنٽرول ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو ۽ جلدئي مخالف شهنشاهن هرهڪ اڌ تي حڪمراني ڪرڻ شروع ڪئي، انهيءَ دوران سلطنت جون جهالرون، جهڙوڪ: برطانيہ رومن ڪنٽرول مان نڪري ويون. شهنشاهن باقي بچيل علائقن کي 'وحشي' ماڻهن (گهڻو ڪري جرمنن) کي رشوتون ڏئي گڏائي رکڻ چاهيو جيڪي سلطنت جي حدن اندر آباد هئا، پر جيئن ئي وحشي اڳواڻ رومن ٿي ويا تہ انهن رومن حڪمرانن واريءَ طاقت جي خواهش ڪئي ۽ ان کي ماڻڻ لاءِ رومن روايتي ذريعي، يعني فتح ڏانهن موٽ ڪاڌي. گوٿ الارڪ (Goth Alarick) فوجون وٺي روم کي فارغ ڪري ڇڏيو. فرينڪ ڪلاوس (Frank Clovis) گال جو ڪنٽرول سنڀالي ورتو. اوسٽروگوٿ ٿيوڊرڪ (Ostrogoth Theodoric) پنهنجو پاڻ کي روم جو شهنشاهہ بڻائي ڇڏيو ۽ وسيگوٿس (Visigoths) اسپين ۾ رومن بادشاهت قائم ڪري ورتي.

زوال جي وحشياڻن ڦيرن گذرسفر ماڻڻ جي ذريعن کي نپوڙي ۽ نهوڙي ڇڏيو. جنگين ۽ گهرو ويڙهن زراعت کي تباهہ ڪري ڇڏيو. تجارت گهٽجي وئي، ڇاڪاڻ تہ واپاري شهرن کان گهڻو پري وڃڻ کان ڊڄن پيا. ڍلون ۾ مسواڙون روڪ رقم بدران مختلف شين جي صورت ۾ ورتيون ويون، رياست پنهنجين ۽ ان جي انيڪ ملازمن جي

ضرورتن لاءِ سڌيءَ ريت پيداوار ڪندڙن تي ٽيڪس لڳايو. ان جو نتيجو تجارت ۾ ۽ واپاري ۽ ڪاريگر طبقن جي حيثيت ويتر خراب ٿي وئي. شهر پنهنجو پاڻ کي کاڌ خوراڪ مهيا ڪرڻ واري مسئليءَ ۾ ڦاسڻ لڳا. جڏهن ته قصبا ۽ ڳوٺ ڏڪجي واپس پنهنجن وسيلن ڏانهن موٽي ويا. هاري پورهيتن کي طاقتور زميندارن کان ڪوبہ تحفظ مليل نہ هو جن مٿن سياسي ۽ فوجي طاقت استعمال ڪرڻ شروع ڪئي. وحشي ڌارين کي منهن ڏيڻ ۽ انهن کان 'تحفظ' لاءِ اهو ئي گس هو تہ هڪ مقامي بدمعاش کي ڏن ڏجي. اتر ۽ اوپر تائين قبائلي ماڻهن، جيڪي سلطنت اندر آباد هئا، تن انهيءَ عمل جو نقل ڪيو.

'مختصر هي تہ غلاميءَ تي آڌاريل سلطنت جي مربوط معيشيت ڪم نہ ڪيو ۽ اولهہ ۾ هڪ نئين قسم جي مقامي اقتصاديات، جيڪا ٻانهپ (serfdom) تي ٻڌل هئي، ذري گهٽ ٻهراڙيءَ جي خود ڪفيل معيشيت طور وجود ۾ آئي. غلامي مڪمل طور تي ختم نہ ٿي. غلام محنت جو استعمال اٽڪل 1000ع تائين ڪجهہ وڏين جاگيرن ۾ برقرار رهيو،'[99] جتي زميندارن، شهرن جي زوال کان مجبور ٿي پنهنجين جاگيرن تي گذارو ڪيو. ڪيڙيندڙن کي جيترو ممڪن ٿي سگهيو اوترو نپوڙڻ جو انتهائي موثر طريقو ڳولي ورتائون. پر اهو طريقو هڪ وڏي تهذيب يا هڪ سلطنت کي سنڀالڻ جا بنياد مهيا نہ پئي ڪيا. ڇهين صديءَ جي وچ ڌاري جسٽينن هٿان اوير ۽ اولهہ وارين سلطنتن کي ٻيهر گڏائڻ جون ڪوششون ٿيون ۽ اٽڪل 250 سال بعد ۾ شارلمين طرفان مقدس رومن سلطنت جو قيام ٿيو پر اها جلد ئي ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي. ڇاڪاڻ تہ اهڙي قسم جي ڳري اڏاوت (وڏي سلطنت) کي برقرار رکڻ لاءِ مادي بنياد گهڻا مضبوط نہ هئا.

باب ڇهون

عيسيائيت جو اوج

400ع ڌاري مغربي رومي سلطنت جي بحرانن منجهان هڪ عظيم شيءِ سلامت رهي، اها هئي عيسائيت. جيڪا تمام معمولي شروعات کان ٿيندي، صدين جي سفر کانپوءِ سلطنت جو سرڪاري مذهب ٿي وئي. 'وحشيي' ڪاهن جي وقت کان وٺي سلطنت جي هر شهر ۾ گرجا گهر، پادري ۽ هر صوبي جو بُشپ هوندو هو اهي سڀ فرد ۽ ادارا روم ۽ بازنيطين تي مرڪوز درجي بندين ۾ جڙيل هيا. جتي گرجا جي طاقت ۽ شاهي اختيار هڪٻئي تي اثرانداز ٿيا پئي، اتي شهنشاهن گرجا جي عقيدي جي مناسب نقطن تحت قانون ٺاهيا پئي.

عيسائيت سلطنت جي نظريي طور نہ اُڀري هئي. ان جي فرض ڪيل بانيڪار حضرت عيسيٰ (عليہ سلام) بابت ذري گهٽ ڪا ٺوس معلومات موجود ناهي. ايتريقدر جو ان بابت ڪو ٺوس ثبوت بہ ناهي تہ هي هڪ تصوراتي شخصيت بجاءِ تاريخي حقيقت هو. يقينن ان جو ثبوت نئين عيسائي عهدنامي مان تہ ناهي ڳولڻو. ان جي دعويٰ مطابق سندس پيدائش رومن صوبي جوڊائي (Judaea) جي بيٿلهيم ۾ ٿي، جتي آگسٽس جي وقت دوران سندس خاندان هڪ مردمشماريءَ لاءِ ويو هو. پر بيان ڪيل وقت دوران اُتي ڪا مردمشماري نہ ٿي هئي ۽ اُن وقت جوڊائي (Judaea) رومن صوبو بہ نہ هو. جڏهن تہ 7ع ۾ هڪ مردمشماري ڪئي وئي، پر ان لاءِ ڪنهن کي بہ پنهنجي رهائش واري جاءِ ڇڏڻ جي ضرورت نہ هئي. ساڳيءَ ريت نئون عهدنامو ٻڌائي ٿو تہ حضرت عيسيٰ جو جنم بادشاھ هيروڊ جي زماني ۾ ٿيو جيڪو 4 ق. م ۾ مري ويو هو. ان وقت جا رومن ۽ يوناني ليکڪ حضرت عيسيٰ جو ڪوبہ ذڪر نہ ٿا ڪن ۽ يهودي رومن ليکڪ جوزفس طرفان هڪ فرض ڪري ورتل حوالو ذري گهٽ يقينن وچين دور جي راهبن جي تصور جو نتيجو هو.[100] ايتريقدر جو عيسائين جو پهريون مستند حوالو ٽيڪٽس (Tacitus) جو آهي، جيڪو اٽڪل 100ع ۾ لکيو ويو پر اهو بہ حضرت عيسيٰ عہ جو نالي سان ذڪر نہ ٿو ڪري، پر سادي نموني يوناني لفظ ڪرسٽوس (Christos) استعمال ڪري ٿو جيڪو فرض ڪيل ڪنهن بہ مسيحا لاءِ ڪتب آندو ويندو هو.

اسان ابتدائي عيسيائين جي عقيدن بابت ايترو ئي گهٽ ڄاڻيون ٿا، جيترو اسان سندن فرض ڪري ورتل بانيڪار جي زندگيءَ بابت. نئين عهدنامي وارو انجيل متضاد

بيانن سان ڀريل آهي. ڪن جاين تي، خاص ڪري ليوڪ (Luke) ۾، طبقاتي نفرت جا طاقتور اظهار ملن ٿا. مثال طور، شاهوڪار ماڻهو سڌو دوزخ ۾ وڃي ٿو جڏهن تہ غريب ماڻهو لازارس (Lazarus)، بهشت ('ابراهام جي ڇاتيءَ') ۾ وڃي ٿو.[101] حضرت عيسيٰ تبليغ ڪري ٿو تہ 'شاهوڪار ماڻهوءَ لاءِ خدائي بادشاهت ۾ داخل ٿيڻ کان وڌيڪ آسان ڪم اٺ لاءِ سُئي جي سوراخ مان لنگهڻ آهي.'[102] ڏڙي تي خطاب بابت ليوڪ جي تاويل بيان ڪري ٿي تہ 'غريب مقدس آهن، اوهان لاءِ خدا جي بادشاهت آهي. بُکايل ماڻهو سڳورا آهن، توهان جو (پيٽ) ڀريو ويندو.... پر اُهي بدنصيب آهن جيڪي امير آهن، توهان کي اهو دلاسو مليو آهي؛ توهان بدنصيب آهيو جن جا پيٽ ڀريل آهن، توهان بُکايل رهندا.'[103] ان جي ابتڙ هئي هنڌ اميرن ۽ غريبن جي وچ ۾ مصلحت ۽ مفاهمت جو پيغام ملي ٿو. جيئن ميٿيو (Matthew) حضرت عيسيٰ ع جي تبليغ ڪري ٿو تہ 'غريب معتبر آهن، جن جي روحن لاءِ بهشت جي بادشاهت آهي.... مقدس آهن اُهي جيڪي سچ تي هلندي بُکايل ۽ اُڃايل آهن. انهن جي پيٽ کي ڀريو ويندو.'[104] 'ذهينن' (سِڪن) واري تمثيل ٻڌائي ٿي تہ هڪ امير ماڻهو جنهن کي ٽي ذهانتون ڏنيون ويون ٿيون، اهو پنهنجي نوڪر کي نوازي ٿو ان ڪري تعريف لائق آهي ۽ فائديمند نموني انهن ذهانتن جي سيڙپ ڪري ٿو جڏ ن تہ هڪ نوڪر کي سزا ڏيڻ، جنهن وٽ فقط هڪ ذهانت آهي ۽ اها بئنڪار کي ڏيندي سود ڪمائڻ ۾ ناڪام ٿيندو. خبردار ڪري ٿو تہ 'اهو جنهن وٽ ناهي، ايتريقدر جو جنهن وٽ ڪجهہ آهي اهو بہ ان کان کسيو ويندو.'[105]

ساڳئي ريت اهڙا پيراگراف (ٽڪرا) آهن جن مان لڳي ٿو تہ ان وقت جي حڪمرانن خلاف مزاحمت ڪرڻ جي تبليغ ڪيل آهي ۽ اهڙا ٽڪرا بہ آهن جن ۾ انهن جي تابعداري ڪرڻ تي زور ڏنو ويو آهي. جيئن حضرت عيسيٰ اهو چوندي تہ، 'سيزر کي ڏيو جيڪو سيزر جو آهي، خدا کي ڏيو جيڪو خدا جو آهي.'[106] ان ۾ هي ٻڌائي ٿو تہ ماڻهو رومن کي سندن ڍلون ادا ڪن. انهن پيراگرافن جي وچ ۾ تضاد آهن ڪن ۾ يهودي عقيدي ('قانون' the Law) جي قانونن جي تابعداري لاءِ چوي ٿو ۽ ڪن ۾ انهن کي ٽوڙڻ تي زور ڏنو وڃي ٿو.

اٽڪل 90 سال اڳ ڪارل ڪائوتسڪي جي نهايت معياري مارڪسي ڪم "عيسيائيت جو بنياد" ٻڌايو تہ تضاد تڏهن پيدا ٿيا، جڏهن بعد وارن عيسائي ليکڪن (بقول ڪارل ڪائوتسڪي) 'پرولتاري' (پورهيت) گروهہ جي 'ڪميونسٽ' (سماجوادي) خيالن جي اهميت گهٽائي ڇڏي. ڪائوتسڪيءَ جي ڪجهہ دليلن تي شڪ ڪري سگهجي ٿو.[107] تنهن هوندي بہ ابتدائي انجيلن، مارڪ ۽ ليوڪ، جي انيڪ ٽڪرن جو لهجو سلطنت خلاف بغاوت وارو آهي، جنهن سلطنت بعد ۾ مذهب کي قبولي ورتو.

اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن ٿيو اهو سمجهڻ لاءِ انهن حالتن جو جائزو وٺڻ ضروري آهي جن ۾ عيسائيت جو ظهور ۽ ڦهلاءُ ٿيو.

پهرين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ يروشلم رومن سلطنت جي وڏن شهرن مان هڪ هو. پلني ايلڊر (Pliny the Elder) هن ريت بيان ڪيو ته 'اوڀر جو سڀ کان وڌيڪ شهرت يافته شهر هو'. پر اهو سڀ کان وڌيڪ انتشار انگيز شهرن مان پڻ هڪ هو. شهر جي امتيازي صلاحيت ۽ شان مان سندس اهم تجارتي لنگهن پرسان هجڻ ڪري هو ۽ بعد ۾ هڪ مذهبي مرڪز طور هن شهر سموري سلطنت جي ڪنڊ ڪڙڇ جي دولت کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو پر ان جي پرپاسي جون زمينون، جدائيه (Judaea)، سماريا (Samaria) ۽ گليلي (Galilee)، دولت کان گهٽ پري رهيون. اُنهن سڀني علائقن رومن صوبن وانگر ڍل جي زبردستيءَ وڏي اوڳاڙي کي ڀوڳيو جيڪا روم کي ڏن طور ادا ڪئي ويندي هئي. جن رومن گورنرن کي سندن متوقع خوش بختيون مهيا ڪيون. اهڙي استحصال سبب 'وڏي پيماني تي ...... غربت جا ثبوت ملن ٿا.'[108]

جنهنڪري رومن ۽ يهودي مٿيون طبقو جيڪو سندن ساٿاري هو. ماڻهن ۾ انهن خلاف ڪاوڙ ملي ٿي. يهودي بادشاهن کي (139 ق. م ۾) روم ڏانهن دعوت ڏني وئي ۽ تڏهن کان اُهي هڪٻئي سان اندروني طور وڙهندڙ جنگين ۾ رومن مدد تي ڀاڙيندا هئا.[109]

يروشلم ۾ مسلسل فساد ٿيندا رهيا ۽ پرپاسي وارن علائقن، خاص ڪري گليلي، ۾ 'ڌاڙا' لڳندا رهيا. ڪڏهن ڪڏهن اُهي مذهبي رنگ وٺندا هئا. اهڙيءَ ريت، بادشاهه هيروڊ جڏهن مرڻ وارو هو تڏهن هن خلاف بغاوت ٿيڻ واري هئي ۽ چيو پيو وڃي ته 3،000 يهودي مري ويا ۽ جڏهن سندس پٽ ارچيلاس هڪ بغاوت کي ڪچليو، تڏهن وڌيڪ 2،000 ڄڻن کي صليب تي چاڙهيو ويو. گليليءَ جي اوس پاس يهودين جن پنهنجو پاڻ کي 'يهودين جو بادشاهه' سڏيو پئي، انهن گوريلا جنگ ڪئي ۽ جوزفيس مطابق 7ع واري رومن مردمشماريءَ وقت ٻن ڄڻن عام ماڻهن 'کي بغاوت لاءِ پڙڪايو... ۽ نتيجي طور وڏو قتل عام ٿيو.'[110] وري 40 سالن کانپوءِ، پيغمبر ٿيوڊس (Theudus) پنهنجو پاڻ کي مسيحا (يونانيءَ ۾ ڪرسٽوس) قرار ڏيندي ماڻهن کي اڀاريو پر موٽ ۾ سندس سر ڌڙ کان ڌار ڪيو ويو. رومن حڪمرانن ساڳئي قسم جي هڪ ٻئي 'خراب ماڻهن جي ٽولي کي منهن ڏنو جن جون سوچون بي دين هيون ۽ جيئن ئي انهن وحيءَ جي بهاني هيٺ 'ماڻهن کي سرڪشيءَ لاءِ اُتساهيو' ته شهر ۾ بيچيني ڦهلجي وئي'. تنهن کان ترت پوءِ 'مصر کان هڪ ڪوڙو رسول .... پنهنجي جادوگريءَ جي ڪري پنهنجو پاڻ کي رسول مڃائڻ ۾ ڪامياب ٿيو. هن ريگستان کان اوليوز جي ڏڙي ڏانهن ايندي يروشلم ۾ گهڙڻ خاطر 30،000 ماڻهن جي سرواڻي ڪئي ۽ رومن ڇانوڻيءَ تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين.'[111] 'اڃان مس ان بغاوت کي دٻايو ويو.... ته وري ڪجهه جادوگرن ۽ قاتلن فوج ڪٺي ڪئي ۽ ڪيترائي پيروڪار ٺاهيا .... اُنهن سموري يهودي سرزمين لتاڙي، اميرن جي گهرن کي لٽيو انهن ۾ رهندڙن (اميرن) کي ماري ڇڏيو ڳوٺن کي باهيون ڏنيون ۽ سڄي علائقي کي هراسان ڪيو.'[112] انهن سڀني ٽڪرائن ۾ يهودي مٿين طبقن خلاف

غريب يهودين منجهه طبقاتي نفرت رومن قبضي گير قوتن جي نفرت سان گڏجي وئي.

طبقاتي فرقن جو اظهار يهودي مذهب جي مختلف تشريحن ۽ تاويلن جي صورت ۾ ملي ٿو. امير جيڪي يوناني ٻولي ڳالهائيندا هئا ۽ رومن جا ساٿاري هئا، تن (يهودي فرقي) Sadducee مسلڪ جي تائيد ڪئي، جيڪي موروثي پادرين سان جڙيل هئا. جوزفيس چيو ته اُهي 'روحن جي لافانيت ۽ مرڻ کانپوءِ سزا يا جزا جي تصور کان انڪار ڪن ٿا ۽ انهن جو پنهنجي ملڪ واسين توڙي ڌارين ڏانهن سندن رويو بي رحم ۽ ظالماڻو هو. ان جي ابتڙ غير_موروثي مذهبي عالم جيڪي مختلف سماجي پسمنظر منجهان آيا،[113] تن Pharisee مسلڪ جي تائيد ڪئي. ان يهودي 'قانون' (پراڻي عهدنامي جي رسمن ۽ غذائي قائدن) جي سخت پيرويءَ تي زور ڏنو. هنن مٿئين طبقي طرفان رومن جو ساٿ ڏيڻ تي اعتراض ڪيو ۽ چيو ته 'روح ...... لافاني آهي ..... نيڪ روح نون جسمن ۾ داخل ٿيندا، جڏهن ته عيارن ۽ مڪارن کي دائمي تڪليف ڀوڳڻي پوندي'.[114] هڪ ٽئين مڪتب فڪر، Essenes، معاشري جي بڇڙاين کان بچڻ جي ڪوشش ڪندي ٻهراڙين ۾ راهباڻي (خانقاهي) طرز واريون برادريون قائم ڪيون، جتي اُهي ذاتي ملڪيت کانسواءِ رهڻ لڳا. اُنهن غلاميءَ کي ناجائز قرار ڏيندي رد ڪيو. اهو موقف عيسائين کان وڌيڪ ترقي پسند هو. آخرڪار هڪ يهودي فرقي (Zealot) رومن خلاف سياسي جدوجهد کي مذهبي عقيدي سان گڏائي ڇڏيو.

پوءِ يروشلم هڪ تتل ديگ بڻجي ويو جنهن ۾ هڪٻئي سان جهيڙيندڙ مذهبي تصور مختلف طبقاتي احساسن ۽ رومن حڪمراني ڏانهن روين کي اظهاريو پئي. هي اهو دور هو جڏهن حضرت عيسيٰ ع بابت چيو وڃي ٿو ته ان تبليغ ڪئي، پر ائين نه هو. ان مذهب جا پيروڪار سلطنت جي هر وڏي شهر ۾ هئا. تنهنڪري سندن عقيداڻن دليلن جا پڙاڏا ٻين علائقن ۾ پڻ گونجندا رهيا. ڇاڪاڻ ته هڪ ڊگهي عرصي کان وٺي يهودين هڪ ننڍي علائقي ۾ رهڻ ڇڏي ڏنو هو. اڌ هزار سال اڳ آشورين ۽ بابل جي فاتحن اسرائيل ۽ جدائي جي يهودي رياستن جي حڪمران طبقن کي عراق ڏانهن نيڪالي ڏئي ڇڏي هئي. جڏهن ايراني شهنشاهه Xerxes يروشلم واپس ڪيو ته انهن مان ڪيترائي ماڻهو واپس نه موٽيا. اُهي نون گهرن ۾ خوشيءَ سان وڌيا ويجهيا پئي. يهودين جو ٻيو وڏو تعداد فلسطين ڇڏي ميڊيٽيرين خطي ۾ ڪٿي آباد ٿيو ڪارڻ ساڳيو هو ته جنهن انيڪ يونانين کي پرڏيهه ۾ آباد ڪرايو هو اصل ۾ اُنهن هڪ بهتر زندگي چاهي پئي. ڇاڪاڻ ته هڪ دور ۾ جيڪو علائقو سندن وطن رهيو سو هاڻي گهڻو زرخيز نه هو. ڪيترائي ماڻهو اهڙا به هئا جيڪي جبري طور تي آباد ٿيا، ڇاڪاڻ ته ڪين جنگين دوران غلام بڻايو ويو هو.

پهرين صدي عيسويءَ جي ابتدا کان وٺي ذري گهٽ هر رومن شهر ۾ يهودين جي چڱي خاصي آبادي هئي، جيڪا 'هڪ شهر جي ڪُل آباديءَ جو 10 کان 15 سيڪڙو

تائين هئي.'[115] اسڪندريا جي آباديءَ جو ڳچ حصو هنن جو هو. تنهنڪري مصر ۾ يوناني شهر گهڻي قدر يهودي شهر جهڙو هو. روم ۾ به سندن ڪافي تعداد هو جو جوليس سيزر کي سندن تائيد حاصل ڪرڻي پئي.

فلسطين ڇڏي ٻين علائقن ڏانهن ڦهلجندڙ يهودين جي انهيءَ لڏپلاڻ باوجود سندن هڪ خدا واري مذهبي عقيدي، کاڌ خوراڪ جي قائدن ۽ روزمره جي عبادت ذريعي هنن پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ برقرار رکي. انهن رسمن کين چوڌاري رهندڙ آبادين سان ملي هڪ ٿيڻ ۽ ضم ٿيڻ کان روڪي رکيو. يروشلم جي نگهداشت ۽ حفاظت ۽ جڏهن اُهي مصر کان اسرائيلن جي لڏپلاڻ واري تقريب (Passover festival) ملهائڻ لاءِ شهر جو دورو ڪندا هئا، تڏهن کين باقائدي رقم ادا ڪرڻي پوندي هئي، جيڪا سندن دولت جو چڱو موچارو حصو هوندي هئي. ڪشادي غير يهودي آباديءَ سان ڪم ڪرڻ ۽ سماجي لاڳاپا رکڻ جي معاملي ۾ غذا ۽ عبادت جي ڏينهن بابت سندن قائدا ٿورا ڏکيا ۽ مشڪل هئا، پر سندن برادريون سلامت رهيون، جهڙي ريت مهاجر برادريون گرجا گهرن يا مسجدن تي ڌيان ڏين ٿيون، ساڳئي ريت سندن عبادتگاهن وارين گڏجاڻيءَ جون جايون توجه جو مرڪز رهيون. مذهبي رشتن جي ڌاڳن هڪ گروه کي نه صرف عبادت ۾ پر کاڌ خوراڪ ۽ ورتاءَ ۾ پڻ ڳنڍي رکيو شهر جي وکريل حصن ۾ ورهايل دنيا ۾ ائين گڏجي رهڻ ۽ اجتماعي احساس انهن ماڻهن لاءِ فائديمند هو جتي ايتريقدر جو خوشحال واپارين يا ڪاريگرن لاءِ زندگي خطرناڪ هئي ۽ جيڪي ڪائڻ هيٺ هئا، تن لاءِ ته مايوسيءَ واري هئي.

بهرحال يهودي برادريون فقط زنده نه رهيون، اُنهن ٻين کي به پاڻ ڏانهن ڇڪيو. انهيءَ دور ۾ مذهب تبديل ڪري يهودي ٿيڻ (Proselyte) گهڻو عام هو. اسڪندريا جي يهودي فلو (Philo) ٻڌايو ته 'وحشي ماڻهو هيلينز (يونان جا رهواسي)، اوبر ۽ اولهه جون قومون، يورپي، ايشيائي سڀ جو سڀ يهوديت هٿان مفتوح ڪيا پيا وڃن.'[116] يونان ۽ رومي شهرن ۾ يهوديت ايتري اثرائتي ۽ پرڪشش هئي جو ايمان آڻيندڙن جي هڪ منفرد گروه جو ظهور ٿيو. يعني 'خدا کان ڊڄندڙ' غير يهودي جيڪي عبادتگاه ۾ آيا پئي، پر اُهي ظهر ڪرائڻ ۽ انجيل جي سيني قائدن تي پابند رهڻ لاءِ تيار نه هئا.

اها فقط ڪا برادري نه هئي، جنهن کين متاثر ڪيو. اصل ۾ يهوديت جو مرڪزي مذهبي تصور، خدا جي وحدانيت وارو عقيدو، شهري رهواسين جي صورتحال سان ٺهڪندڙ هو. قديم بت پرست مذهب، جن ۾ انيڪ خدا هوندا هئا، هر هڪ هڪ خاص علائقي يا فطرت جي قوت سان منسوب ٿيل، ٻهراڙين ۾ رهندڙن جي حالت موافق هو جن جي سماجي وجود جو مرڪز مقامي ڳوٺ يا قبيلو هو پر شهري واپارين، ڪاريگرن ۽ فقيرن جا مختلف علائقن ۽ مختلف ڌندن وارن انيڪ ماڻهن سان مسلسل رابطا ٿيندا هئا، اهڙن پُرهجوم لاڳاپن ۾ هڪ گمنام، جامع هستي ئي تحفظ ۽ مدد مهيا ڪري سگهي

پئي. اهوئي ڪارڻ هو جو قديم دور جي سمورين عظيم تهذيبن ۾ خدا جي وحدانيت واري عقيدي ڏانهن لاڙو هو. انڊيا ۽ چين ۾ ٻڌ ڌرم جو اُڀرڻ ۽ ايران ۾ هڪ 'مُکّي' خدا جي عبادت (جيڪو بچڙائيءَ سان دائمي طور تي ويڙهه ۾ مصروف هو.)[117] ايتريقدر جو رومن بت پرستيءَ سج خدا کي ٻين کان طاقتور سمجهي. ان جي پوڄا ڪئي. يهوديت، پنهنجي انتهائي ديندار صورت ۾، خدا جي وحدانيت کي ان واعدي سان ڳنڍائي ڇڏيو ته سندس پيروڪارن جي زندگي هتي ڀلي ڪيتري به تڪليف ۽ مصيبت واري ڇو نه هجي، کين ايندڙ زندگيءَ ۾ گهڻو ڪجهه ملندو.

يهوديت جي ايڏي مقبوليت هئي جو اُن رومن سلطنت جي سيني تجارتي مرڪزن ۾ لکين مڃيندڙن کي ڳنڍي ڇڏيو ۽ هزارين ميلن تي پکڙيل رابطن جو ڄار مهيا ڪيو.[118] يروشلم جي صورتحال سبب سمورن مذهبي تڪرارن ۽ مسيحائي نجات وارين قياس آرائين جنم ورتو ۽ انهيءَ نيٽ ورڪ سان گڏ اهڙيون قياس آرائيون هڪ جاءِ کان ٻيءَ تائين منتقل ٿيون. هر رومن شهر ۾ ماڻهن کي فلسطين جي صورتحال بابت ڳالهيون گهڻيون اوپريون نه لڳيون. ڇاڪاڻ ته فلسطين جي پوڙهنا سڄيءَ سلطنت جي مفتوح صوبن ۽ هيٺين طبقن جي پيڙائن جو واحد مثال هئي.

ائين يهوديت سلطنت جي شهري عوام جو جڳت جو مذهب بڻجي وئي، پر ان جي آڏو به رڪاوٽون هيون. هڪ ڪاڏي ۽ ظهر بابت سندن يهودي قائدا. خدا کان ڊڄندڙن مان گهڻن جن کي يهودي مذهب پاڻ ڏانهن ڇڪيو پئي، سي ان جي سيني قائدن تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. ٻيو ته يهوديت جو پنهنجن مڃيندڙن سان واعدو هو ته اُهي 'چونڊيل ماڻهو' آهن. اها ڳالهه ڇنيءَ ريت رومن حاڪميت جي حقيقت سان ٽڪراءَ ۾ هئي. رومن حڪمرانيءَ کي هٽائڻ لاءِ يهودي شايد فلسطين ۾ هڪ وڏيءَ بغاوت لاءِ رٿابندي ڪري رهيا هئا، پر يهودين جي فلسطين کان ٻاهر ڇڙوڇڙ آبادين کين هر هنڌ اقليت بڻائي ڇڏيو ته نهنڪري جڏهن 70ع ۾ فلسطين جا يهودي اُٿي کڙا ٿيا ته اُهي بغاوت ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نه هئا ۽ ائين اهي ڪجهه به نه ڪري سگهيا. انهيءَ بغاوت جي شڪست ان ڳالهه کي وڌيڪ ڏکيو بڻائي ڇڏيو ته ماڻهو يهوديت جي واعدي کي قبولين ته سندن پيروڪار 'چونڊيل' آهن ۽ اهي دنيا کي نجات ڏياريندا. اهو مذهب فقط ان حد تائين وڌي ويجهي سگهيو ته اُن هن دنيا ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو پئي، ان جي جاءِ تي ماڻهن سان ايندڙ دنيا جو واعدو ڪيو ۽ کين آٿت ۽ دلاسو ڏنو.

عيسائيت يهوديت جي تاويل (ٿوري گهڻي تبديليءَ سان نقل) طور اُڀري. انجيل جا ڪيترائي ٽڪرا (پيراگرافز) ظاهر ڪن ٿا ته ابتدائي طور تي اها ان دور جي ٻين پيغمبرانڻ فرقن کان ڪا ٿورڙو ئي مختلف هئي. ڪن جاين تي 'قانون' جي تابعداريءَ جي سڏ جي صورت ۾ انجيل ۾ فارسيز (Pharisees) جو پڙاڏو ملي ٿو. 'تلوار کڻڻ' جي سڏ ۾ زيلٽس (Zealots) جو پڙاڏو ۽ اعليٰ ۽ برتر زندگيءَ جي طريقي ڪار لاءِ خاندان کي ترڪ

ڪرڻ جي سڌ ۾ ايسينز (Essenes) جو پڙاڏو پڌرڻ ۾ اچي ٿو. خاندان بابت اجڪلهه جا عيسائي وڪيل هن ڳالهه جو ذڪر ئي نه ٿا ڪن ته هڪ هنڌ ليوڪ جي رپورٽ مطابق حضرت عيسيٰ ع چوي ٿو ته 'جيڪڏهن ڪو مانهو سون وٽ اچي ٿو ۽ پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ ۽ زال ۽ ٻارن ۽ ڀائرن ۽ ڀينرن، ۽ ايتريقدر جو پنهنجي زندگيءَ سان نفرت نه ٿو ڪري ته اهو منهنجو پيروڪار نه ٿو ٿي سگهي.'[119] 'يهودين جي بادشاهه' طور حضرت عيسيٰ جي يروشلم ۾ پرجوش استقبال جا داستان يا قرض ڏيندڙن کي مندر مان ڪيڍڻ وارا داستان جوزفيس جي تاريخ سان تمام گهڻي مشابهت رکن ٿا، جنهن ۾ جوزفيس بين رسولن جي ڪمن جو داستان بيان ڪري ٿو.[120]

پر ڪيترن يهودي فرقن منجهان هڪ فرقي طور عيسائيت جي وڌڻ جو ڪو خاص جواز نه هو. اهو يوناني ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ نارسيزازم سان عقيدو تبديل ڪندڙ تارسس جو سئال (Saul of Tarsus) هو جيڪو فلسطين جي ٻاهران رهيو ۽ هڪ مسافر ڪاريگر ۽ خيمو ٺاهيندڙ طور ڪم ڪيائين. هن پروڙي ورتو هو ته سلطنت جي شهرن ۾ نون مذهبي خيالن لاءِ وڏي تعداد ۾ ٻڌندڙ موجود آهن. هن شعوري طور تي انهن ماڻهن تائين پهچڻ چاهيو جيڪي يهوديت ڏانهن اڌ قائل هئا، پر سندس اصولن جي سختيءَ سبب پريشان هئا. هن پنهنجو نالو عبراني 'سئال' مان ڦيرائي رومن نالو 'پال' رکيو. يروشلم ۾ موجود 'يهودي_عيسائين' طرفان مزاحمت کي منهن ڏيڻ لاءِ هن زور ڏنو ته نئين مذهب کي پراڻي ظهر ۽ روزيداريءَ وارن اصولن جي ڪا ضرورت ناهي، جڏهن ته مئلن جي ٻيهر زنده ٿيڻ تي ڏنل زور جي معنيٰ هئي ته هاڻي نجات جو دارومدار يروشلم جي هارايل يهودين جي فتح تي ناهي رهيو.

نيٺ عيسائيت ٻين مذهبي تصورن جي جذباتي عنصرن کي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو جيڪي ان دور ۾ اُسريا. موت ذريعي دنيا جي ٻيڙاين ۽ ڏوهن کان بچاءُ ۽ هڪ خدا جي وري جنم جا تصور اڳ ۾ ئي ڪيترن مقبول مذهبن ۾ موجود هئا، جهڙوڪ: ادونس (Adonis)، اوسرس (Osiris) ۽ ٻين زرخيزيءَ وارن فرقن (جن مطابق هڪ مئل ۽ دفنايل خدا جو ٻيهر جنم بهار جي ابتدا جي نشاندهي آهي، جيئن عيسائين لاءِ ايسٽر ان جي علامت آهي). ليوڪ ۽ ميٿيو جي انجيلن ۾ ڪنوارپ ۾ پيدائش جو داستان ملي ٿو (جيڪو ميٿيو جي حضرت عيسيٰ جي ابن ڏاڏن جي شجري حضرت يوسف. سندس پيءُ کان وينڌي يهودي بادشاهه حضرت دائود ع تائين واري دعويٰ سان متضاد آهي) عيسائيت ۾ اهو تصور مشهور مصري ڏند ڪٿا کان ورتو ويو جنهن ۾ اوسيرس هڪ ڪنواري ڳئونءَ مان پيدا ٿئي ٿو. 'مقدس مريم' جو تصور مصري مذهب ۾ ديوي آئيسس طرفان ادا ڪيل ڪردار سان گهڻي مشابهت رکي ٿو جنهن کي 'سڀ کان مقدس ۽ انساني نسل کي دائمي جوتڪارو ڏياريندڙ..... اسان جي پيڙائن جي ماءُ' طور پيش ڪيو ويو.[121] ان کي عيسائيت ۾ 'خدا جي ماءُ' بڻائڻ لاءِ گهڻو ڪجهه ٻيهر لکڻ جي ضرورت نه ٿي پوي.

جيڪي عنصر اڳ ۾ يهوديت لاءِ مذهب جي تبديليءَ جو فصل لٽي رهيا هئا، تن کي ابتدائي عيسائين ڪٽي ورتو پوءِ سخت اصولن کي ڦٽو ڪري ڇڏيائون، جيڪي ماڻهن کي مذهب مٽائڻ کان روڪين پيا ۽ ان ۾ ڏندڪٿائي مذهبن جي مقبول تصورن جو اضافو ڪيو ويو. اها ڪامياب گڏپ هئي. ان جو هرگز اهو مطلب ناهي تہ ابتدائي عيسائي ڪنور هئا، جن جذباتي علامتن کي پنهنجي فائدي ۾ استعمال ڪيو. جن تي کين ايمان نہ هو. معاملو ان کان بلڪل مختلف هو. اهي مذهبي زندگيءَ ڏانهن معمول واريءَ حساسيت کان گهٽ، پر وڏيڪ رومي سلطنت جي شهرن ۾ ٿيندڙ ظلم ۽ عدم تحفظ سبب مذهب ڏانهن ڇڪجي ويا. تُز ان مقصد جي پوراءَ لاءِ هنن ٻين مذهبن جي عنصرن کي سمجهيو ۽ سندن چوڌاري موجود ماڻهن جي ڪاوڙ ۽ نفرت کي ڪا معنيٰ ڏيڻ لاءِ يهوديت جي باقيات کي ڪٽي، ان منجهان ٽِين شيءِ ٺاهيائون. اهو ڪم نئين عهدنامي موجب ’زبانن سان ڳالهائيندڙ‘ (حضرت عيسيٰ جي) حوارين ڪيو جن وجداني ۽ سرمست تقريرن ۾ ماڻهن جي اندروني جذبن کي بيان ڪيو. ائين انهن پراڻن مذهبن جي عنصرن منجهان هڪ نئون مذهبي فرقو ٺاهي ورتو.

نئين مذهب کي ٻُڌڻ وارا ڪير هئا؟ سلطنت جا سڀ کان وڏيڪ غريب ماڻهوءَ زرعي غلامن جا هجوم نہ هئا، ڇاڪاڻ تہ ابتدائي عيسائيت (ايسينز Essenes جي ابتڙ) اصولي طور تي غلاميءَ جي مخالفت نہ ڪئي. سينٽ پال لکيو تہ هڪ غلام کي پنهنجي آقا سان رهڻ گهرجي، ايتريقدر جو اُهي پلي ’عيسائيت ۾ پائر‘ ئي ڇو نہ هجن. نہ ئي وري نئين مذهب جي ڳالهہ ٻُڌندڙ هاري هئا، ڇاڪاڻ تہ فلسطين کان ٻاهر مذهب شهرن ذريعي ڦهليو. يقينن ائين ئي جيئن (حضرت عيسيٰ جي) حوارين جا عمل (Acts of Apostles) اسان کي ٻُڌائين ٿا.

لڳي ٿو تہ ٻُڌندڙن ۾ قصبن ۾ رهندڙ وچولي درجي وارا ماڻهو هئا. يعني حڪمران طبقي جي خاندانن کان هيٺين هڪ پرت جيڪا آباديءَ جو فقط 0.2 سيڪڙو هئي.[122] هاڻوڪي ٽين دنيا جي ڪيترن شهرن وانگر قديم دنيا جي شهرن جي تري ۾ پيل فقيرن، جسم فروشن ۽ پيشيور چورن، يعني لمپن پرولتاريہ ۽ مٿي وري امير واپارين ۽ وڏن عملدارن جي تمام سنهي پرت جي وچ ۾ وڏي تعداد ۾ ننڍن واپارين، دستڪارن، ڪلارڪن (منشين) ۽ ننڍين سرڪاري ملازمن جي هڪ ڪشادي پرت موجود هئي. ان سماجي پرت سلطنت هٿان گهٽ يا وڌ ظلم کي محسوس ڪيو پئي، پر ڪليل نموني ان کي للڪارڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي گهڻو ڪمزور محسوس ڪندا هئا. عيسائيت کين نجات ۽ ڇوٽڪاري جو پيغام ڏنو هڪ نئين دنيا، جيڪا مٿان کان اچڻي آهي، جنهن لاءِ اهڙيءَ ڪلي عام للڪار جي ضرورت نہ هئي. ساڳئي وقت ان اها تبليغ بہ ڪئي تہ پلي سندس پيغام انفرادي پيڙا، يعني شهادت ڏانهن ئي ڇو نہ وٺي وڃي تہ بہ نجات ۽ ڇوٽڪاري جو عمل تيز ٿيندو.

غريب ڪاريگر ۽ واپاري ماڻهو يقينن اهڙي پيغام ڏانهن متوجهه ٿي سگهيا پئي، خاص ڪري جڏهن کان ان يهودين جي عبادتگاهه وانگر، ڪين هڪ سماجي ماحول ۾ آندو جيڪو ايندڙ زندگيءَ جو انتظار ڪرڻ ڪانسواءِ هن دنيا جي ڪجهه مادي غيريقينيت کي منهن ڏيڻ ۾ سندن مدد ڪري سگهي. ڪجهه خوشحال ماڻهو به هئا، جيڪي عيسائيت کان متاثر ٿيا. هڪ تحقيق '40 ماڻهن' جي نشاندهي ڪري ٿي، جيڪي 'پال جي سرگرمين' جي پنيرائي ڪندا هئا. 'اهي سيئي اميرن جي ٽولي جا رُڪن هئا.'[123] اهڙن ماڻهن رسول جي تبليغ جي مالي سهائتا ڪئي ۽ ابتدائي عيسائي گروهن کي گڏجاڻيون ڪرڻ لاءِ پنهنجا گهر مهيا ڪيا.[124] پال انهن اميرن جي محبت ۾ پنهنجي رستي تان ئي ٿڙي ويو. 'وڏي ڳالهه آهي ته پال، جيتوڻيڪ کيس خبر هئي ته سندس پيروڪارن جي اڪثريت غريبن منجهان آئي آهي، ذاتي طور تي فقط مٿئين حلقي جي ماڻهن کي گناهن کان پاڪ ڪرايو.'[125] عيسائيت شايد اهڙو مذهب هجي سگهيو ٿي، جيڪو گهڻو ڪري غريبن کي متاثر ڪري ها، پر ان سان گڏوگڏ بلڪل ابتدا کان عيسائيت اُنهن ماڻهن کي به متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪي امير هئا. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو ته عيسائيت اصل طاقت ۽ دولت وارن ماڻهن کي متاثر ڪرڻ شروع ڪيو جن ۾ سينيٽرن جي ٽولي هٺان متيبيد جو شڪار فرد، دولتمند واپاري، امير آزاد عورتون، آزاد ٿيل ماڻهو (اڳوڻا غلام ۽ غلامن جو اولاد) جن ترقي ڪئي هئي ۽ شهنشاهه جي پنهنجي گهر ۾ عملدار جن جو پسمنظر صفا هيٺاهون هو شامل هئا.[126]

نئين عهدنامي کي ٻين ۽ ٽين صديءَ ۾ ابتدائي لکتن مان ترتيب ڏنو ويو جن عيسائيت جي بدلجندڙ عقيدن کي اظهاريو پئي. چاڪاڻ ته فرقا وڏي ويا هئا، انهيءَ ڪري ذري گهٽ هر صفحي تي تضاد ملن ٿا، تنهن هوندي به اُنهن تضادن سيني طبقن کي متاثر ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ماڻهن ۾ انقلابي ۽ ترت تبديليءَ جي ضرورت جو احساس هو جيڪو ڪين يروشلم جي تباهيءَ کان اڳ فلسطين ۾ يهودين جي بغاوت واري تجربي مان حاصل ٿيو هو. تمام سخت ڪاوڙ ۽ نفرت کي ٻاهر ڪڍڻ جو گس (ڪنهن باطل کي تباهه ڪرڻ واري) الهامي تصور ۾ ئي ملي سگهيو. جنهن 'بابل جي رنڊي بازيءَ' جي بربادي (آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته ان جي معنيٰ روم آهي) ۽ 'بزرگن' جي راڄ جي شاهدي ڏني پئي، جنهن ۾ اقتدار جي چوٽيءَ تي ويٺلن ۽ طاقتورن کي هيٺ اڇلايو وڃي ها ۽ غريب ۽ فرمانبردار سندن جاءِ تي حڪمراني ڪن ها. تنهن هوندي به هڪ مختلف دائمي دنيا ۽ مستقبل ۾ تبديلي واري رٿا ذريعي انقلابي پيغام ڪافي حد تائين هلڪو ڪيو ويو جنهنڪري انهيءَ ڳالهه انهن کي به متاثر ڪيو جن کي اُن عوامي ڪاوڙ ۽ حقيقي انقلاب کان سخت ڊپ هو. واپاري ۽ غلامن جي جوڙي جي مالڪ ننڍي ڪارخانيدار کي اهڙي پيغام مان ڪو ڊپ نه هو جنهن مادي بنيادن بدران عيسائيت جي پائپي ۾ آزاديءَ جي تبليغ ڪئي. امير واپارين کي ٻيهر حوصلو مليو ته 'سُئي جو

سوراخ' يروشلم جو در آهي، جنهن مان شايد اُٺ لاءِ لنگهڻ ممڪن ٿي پوي.[127] هڪ امير روميءَ جي آزاد زال يا خوشحال بيوه کي انجيل جون ڳالهيون متاثر ڪري سگهيون پئي، جنهن ۾ پال عورتن ۽ مردن تي زور ڏني ٿو ته. خدا جي نظر ۾ اهي سڀ 'هڪ' آهن، جڏهن ته عيسائي مڙس جو حوصلو وڌيو ته هن دنيا ۾ سندس زال کي هن جي خدمت ڪرڻي آهي. چيو ويو ته 'هر عورت جو اڳواڻ مرد آهي'.[128]

عيسائيت جي پيغام غريب کي آٿت مهيا ڪيو. جيڪي ماڻهو غريبن کان وڌيڪ خوشحال هئا ۽ پنهنجي معتبر شجرن جا ڍونگ ڪندا هئا. تن هوندي غريبن کي اهو احساس ڏنو ويو ته سندن اهميت آهي. عيسائيت اميرن کي هڪ گس مهيا ڪري ڏنو جنهن ذريعي اميرن جي اقليت، جن خلاف پرپ سي رهندڙ ماڻهن بغاوتون پئي ڪيون، پنهنجي دولت جا ڍير پاڻ وٽ رکندي پنهنجن گناهن جو بار لاهي سگهي ٿي.

هڪ ننڍي فرقي کان شروعات ڪندڙن عيسائيت وڌيڪ ترقي ڪئي. يهوديت وانگر عيسائيت هر ڪاريگر يا هڪ شهر جو دورو ڪندڙ واپاريءَ کي رابطن جو چار مهيا ڪري ڏنو. ان جي هفتي وار ميڙاڪن غريبن کي احترام ۽ عزت جو احساس ڏنو. جيڪي پاڻ کان وڌيڪ دولتمند ماڻهن سان گڏ ويهڻ لڳا ۽ اُتي اميرن کي هڪٻئي سان ڪاروباري ڏي وٺ ڪرڻ جو موقعو مليو. تجارتي گسن ۽ انتظامي مرڪزن جن کي رومن سلطنت ڳنڍي رکيو هو انهن اندر رهندي عيسائيت وڌندي رهي ۽ ڪجهه وقت کانپوءِ اها سلطنت جو پاڇو ۽ اولڙو بڻجي وئي. ان کان علاوه تجارتي رستن معرفت انهن علائقن تائين ڦهلجي وئي، جن کي سلطنت شايد ڪڏهن به نه يا ٻيهر نه ڇهيو هوندو (جهڙوڪ آرمينيا، ايراني عراق، ايٿوپيا، ڏکڻ عربيا، ايتريقدر جو ڏاکڻي انڊيا جا علائقا).

مذهب جي ترقيءَ سان گڏ ان جي پنهنجي ڪامورا شاهيءَ جي واڌ ويجهه ٿيڻ لڳي. ابتدائي حوارين کو به اختيار هجڻ کانسوءِ تبليغ ڪئي پئي ۽ مقامي حمايتن جي. راضپي تي ياڙيو پئي، جيڪي کين کاڌ خوراڪ ۽ رهائش مهيا ڪندا هئا ته جيئن تبليغي شهر شهر وڃي سگهن، پر جيئن ئي مبلغن ۽ حمايتن جو انگ وڌيو تيئن هر هڪ شهر ۾ چندا گڏ ڪرڻ ۽ گروهن جو انتظام هلائڻ خود هڪ وڏو ڪم ٿي پيو. تيئن وري 'ڪوڙن نبين' جو خطرو به پيدا ٿيو جيڪي ماڻهن جي مهمانوازيءَ جو غلط استعمال ڪندا هئا.

مقامي طور تي انهن مسئلن جي حل لاءِ منشين (deacon) کي چندو ڪٺو ڪرڻ ۽ انتظام هلائڻ جي ذميواري ڏني وئي، جن جي نگراني بزرگ (prebyters) ۽ بشپ ڪندا هئا. چاڊوڪ چرچ بابت پنهنجي تاريخ ۾ لکي ٿو ته 'ٻن پيڙهين اندر درجي بند تنظيمي ڍانچو نهي چڪو هو جنهن ۾ نبين ۽ حوارين بدران 'بشپ، بزرگ ۽ منشين جي حيثيت مٿانهين ٿي وئي'.[129] ابتدا ۾ بشپ جي چونڊ عام عيسائين جي هٿن ۾ هئي، پر ڪو گهڻو عرصو نه گذريو ته مبلغن جي اهميت وڌي وئي. ساڳئي وقت بشپن جي گڏجاڻين ۾ طئي ٿيڻ شروع ٿيو ته ڪهڙو اصول درست آهي ۽ ان جي تبليغ جو حق ڪنهن کي آهي.

عيسائي فلسفي هيٺ روحاني سچاين بابت الهامي ڄاڻ جي وڪالت ڪندڙ نظريي (Gnosticism) جي سوال واري وڏي ڦڏي ڪانپوءِ اهو عمل تيز ٿي ويو. اهو تڪرار تشريح جي معاملي تان پيدا ٿيو هو ته بُرائي ڪٿان ڪان آئي؟ مذهبي عقيدي ڪانسواءِ اهو سوال ڪنهن کي به مبهم لڳندي پر ان جا انتهائي گهرا عملي نتيجا نڪتا. عيسائي نظريي جو چوڻ هو ته فقط هڪ خدا آهي، جنهن سڀ ڪجهه تخليق ڪيو هو. ان جي معنيٰ ته خدا برائيءَ توڙي سُٺائيءَ ٻنهي کي خلقيو. ميجيندڙن لاءِ اها ڳالهه پريشان ڪندڙ هئي، ڇاڪاڻ ته انهن سدائين 'خدا' ۽ 'نيڪيءَ' کي هڪ ڪري ڏٺو هو. آرٿوڊڪس عيسائين خدا ۽ بُرن ڪسن (ڪِريل ملائڪ، شيطان، نافرمان انسان) جي وچ واري معاملي جو درمياني حل ڪيڻ ۽ انهن مسئلن کي هلڪو ڪرڻ لاءِ ڪم ڪيو. اُنهن سخت عقيدي جي پوئواري نه ڪندي، اهو اعلان ڪيو ته انهيءَ مسئلي جو جواب خدا ئي بهتر ڄاڻي ٿو جڏهن ته اسان اهو نه ٿا طئي ڪري سگهون ته اسان ڪان سندس سمجهه ڪيتري وڏي آهي.

بهرحال، ان ڪان بهتر منطقي جواب پڻ هو. ائين چئجي ها ته ڪائنات ۾ نيڪيءَ ۽ بديءَ جي اصولن جي وچ ۾ لڳاتار ڇڪتاڻ هلندي رهي ٿي. اهو جواب، گهٽ ۾ گهٽ جزوي طور تي، الهامي ڄاڻ جي وڪالت ڪندڙن (Gnostics) ڏنو. اُنهن چيو ته روح نيڪ آهي، مادي دنيا ۽ انساني جسم برائي آهن. جڏهن عيسائي جسماني خواهشن ڪان پنهنجي روحن کي آزاد ڪندا، فقط تڏهن ئي پاڪ ٿي سگهن ٿا. اها مڪمل طور تي درست ڳالهه نه هئي، ڇاڪاڻ ته اشارتن اها ڳالهه نئين عهدنامي جي ڪيترن ٽڪرن ۾ ملي ٿي. پر ان ۾ پيچيدگيون هيون. جن چرچ جي ڪامورن کي ڳڻتين ۾ وجهي ڇڏيو. جيڪڏهن فقط دماغ خالص ۽ پاڪ آهي ته پوءِ نيڪ عيسائي فقط اُهي آهن، جيڪي مادي دنيا ڪان منهن ڦيري ڇڏين. يعني پارسا (بيراڳي، دُنيا کي ترڪ ڪندڙ). جيڪي فاقا ڪٽين ۽ ڦاٽل ڪپڙن ۾ جيئن. انهيءَ نسخي تحت سيني انسانن کي انجيل ڏانهن مائل ڪرڻ يا مقامي گرجا گهرن لاءِ اميرن ڪان چندو وٺڻ تمام ڏکيو ٿي پيو. وڌيڪ خراب ڳالهه هيءَ ٿي جو ڪجهه الهامي ڄاڻ جي وڪالت ڪندڙ (Gnostics) انهيءَ نتيجي تي پهتا ته جيڪڏهن دماغ پاڪ آهي ته پوءِ اها ڳالهه اهم ناهي ته جسم ڇا ٿو ڪري، ڇاڪاڻ ته جسم ڪجهه به ڪندو ته اهو ناپاڪ ئي هوندو. سندن نعرو هو "چڱائيءَ ڏانهن، هر شيءِ پاڪ آهي". ان ڳالهه کين اجازت ڏني ته جيترو چاهين اوترو عياشيءَ سان جِي سگهن ٿا. ٻين جون شيون چوري ڪرڻ (خاص ڪري اميرن جون) ۽ چرچ جي بزرگن لاءِ سڀ ڪان وڌيڪ خطرناڪ ڳالهه هئي ته اهي آزاد پيار ڪري سگهن پيا.

انهيءَ معاملي تي ڪيترن ڏهاڪن تائين عيسائين ۾ شديد ڇڪتاڻ ٿيندي رهي ۽ فقط بشپ (وڏن پادرين) اهو چئي حل ڪڍيو ته فقط اُهي پاڻ حوارين جي جانشينن طور اصولي معاملن تي ڳالهائي سگهن ٿا.[130] ٽين صدي عيسويءَ ۾ پيهر آن معاملي ان وقت

ڦاٽ ڪاڏو، جڏهن هڪ شام واسي مانيءَ (Mani) (Gnostic) عيسائيت، ٻڌمت ۽ ايراني زرتشتي عنصرن منجهان هڪ نئون مذهب مانچي ازم (Manicheism) ٺاهڻ شروع ڪيو. ايتريقدر جو ڪجهه وقت لاءِ هن هيپو جي آگسٽائين (Augustine) کي پنهنجي پاسي ڪري ورتو جيڪو بعد ۾ عيسائي فڪر واري مکيه ڌارا جي اهم شخصيت هو.

اهڙي 'بي دينيءَ' خلاف جدوجهد ۾ چرچ جي ڪامورا شاهيءَ انتظام هلائڻ سان گڏ عقيدي کي به پاڻ وٽ قابو ڪري ورتو گرجا گهر انهيءَ ڪامورا شاهيءَ جي پوئواري ڪرڻ لڳا. جنهنڪري انجيل جي مواد ۾ موجود تضادن مسئلو ڪري وڌو ڇاڪاڻ ان منجهه باغي جذبن وارو مواد به شامل هو جيڪو عيسائيت سان واسطو رکندڙ اميرن کي پريشان ڪري ڇڏي ها.

عيسائيت ۽ رومن سلطنت جي وچ ۾ ڪو وڏو فرق نه هو. عيسائيت رومن سلطنت جو ٿورڙو منحرف پاڇو هئي، جڏهن ته چرچ جي درجي بند انتظاميه ڪامورا شاهيءَ جي صورت ۾ ان جو عڪس هئي. يعني پهرين رومن سلطنت سان گڏ هڪ ٻئي ڪشادي انتظامي ڍانچي واري عيسائي سلطنت هلندي رهي، پر اها پاڇي واري عيسائي ڪامورا شاهي هئي، جنهن شهرن جي آباديءَ کي خدمتون مهيا ڪيون، جيڪو ڪم رومن سلطنت نه پئي ڪري سگهي. ان جي 'مذهبي برادريءَ واري شديد احساس' ٽين صديءَ جي بحرانن دوران هر شهر ۾ ڪين هڪٻئي سان ڳنڍيجي رهڻ جي قابل بڻايو.[131] 'هنگامي حالتن، جهڙوڪ: ڦهلجندڙ بيماري طاعون يا فسادن دوران عيسائي ڪليسا (پادري) ئي متحد گروهه هو جيڪو شهرن ۾ مئلن جي ڪفن دفن جي سارسنڀال ڪرڻ ۽ کاڌ خوراڪ جي رسد جو بندوبست ڪرڻ جي اهل هو..... 250ع ۾ رومن شهري ايترو محفوظ نه هو جيترو عيسائي هجڻ ڪري هڪ انسان کي ٻين انسانن کان تحفظ مليو پئي وقت'.[132] فقط به شيون هيون جيڪي چرچ جي پيرويءَ ۽ سندس اثر رسوخ ۾ رخنو وجهي سگهيون پئي، هڪ رياست طرفان طاقت جو استعمال يا وري اندروني اختلاف.

عيسائيت کي صحيح ثابت ڪندڙ وڪيل اها ڳالهه ڪن ٿا ته عيسائيت سدائين ظلمن ۽ دٻائن کي منهن ڏيندي پنهنجو پاڻ کي سلامت رکيو. شهيد جن پنهنجي عقيدي لاءِ موت قبوليو سي انهن جهڙا ئي بزرگ آهن جيڪي معجزا ڪن ٿا. پر عيسائيت جي ابتدائي سالن دوران چرچ مٿان وقفي وقفي سان دٻاءُ پوندو رهيو. ان دور ۾ روم کي ساڙڻ جي ڏوهه ۾ نيرو جي حڪمرانيءَ هيٺ چند رومن عيسائين ٻين جي غلطين جي سزا ڀوڳي، پر ظلم جو اهو سلسلو سندس موت ڪانپوءِ وڌيڪ نه هليو. گهڻو ڪري شاهي رسمن ۾ شرڪت ڪرڻ کان انڪار تي وقت بوقت عيسائي قيد ڪيا ويا يا وري صوبائي گورنرن هٿان ڦاهيون ڀوڳيائون، پر شاهي واڳ ڌڻين متوازي عيسائي تنظيم کي گهڻو وقت برداشت ڪيو جيڪا سندن هينئان ئي هينئان وڌي رهي هئي ۽ ٽين صديءَ ۾ ته' اليگزينڊر سيورس ۽ فلپ عرب جهڙا شهنشاهه خود چرچ جي حق ۾ هئا.

بهرحال، ٽين صديءَ جي آخر تائين چرچ اهڙي حيثيت ماڻي ورتي، جو ان کي وڏيڪ نظرانداز نہ پيو ڪري سگهجي. شهنشاهن وٽ اهوئي گس هو يا تہ متوازي عيسائي تنظيم کي تباهہ ڪن يا وري ان سان تعاون ڪن. ميگزيمس محسوس ڪيو تہ عيسائي تنظيمي ڍانچي کي تباهہ ڪرڻ جو هي درست وقت آهي، جنهن جو اثر شهنشاهي ڪامورا شاهي جي صفن تائين پهچي چڪو هو. 284ع ڌاري شهنشاهہ ڊايوڪلٽن بہ وڪون اڳتي نہ کڻي ويو. هن کي سمجهايو ويو تہ عيسائيت هٿياربند فوج جي اتحاد کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي ۽ ردعمل طور هن نڪوميڊيا ۾ سندس شاهي محل جي سامهون وڏي گرجا گهر کي ڊاهرائي ڇڏيو سيني عيسائي عبادت گاهن کي تباهہ ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيائين، سيني پادرين کي گرفتار ڪرڻ ۽ جيڪو بہ خدائن وٽ قرباني نہ ڪندو تنهن کي موت جي سزا ڏيڻ جو حڪم ڏنائين. اوپر واري سلطنت ۾ ايذاءَ رسائيءَ جو هڪ اڻ ڪٽ سلسلو شروع ڪيو ويو.

بهرحال، اهڙين ڪارروائين جي اثرانداز ٿيڻ تائين گهڻي دير ٿي چڪي هئي. اولهہ جي حڪمران، ڪانسٽنٽس (Constantius) ڊايوڪليٽن جي حڪمن تي عمل ڪرائڻ لاءِ فقط علامتي ۽ نمائشي قدم کنيا. جڏهن تہ سندس پٽ ڪانسٽنٽائن 312ع ۾ مغربي سلطنت ۾ پنهنجي بالادستيءَ لاءِ ويڙهہ ۾ چرچ کي پنهنجي پاسي ڪرڻ جي چونڊ ڪئي. هن پنهنجو پاڻ کي هڪ عيسائي سمجهڻ شروع ڪيو. ان کان اڳ هي سج جي عبادت ڪندو هو ۽ عيسائين سچ پچ هن کي پنهنجو پاڻ منجهان هڪ ڀائنڻ شروع ڪيو. انهن کي ڪانسٽنٽائين جي ورتاءَ ۽ سُلوڪ مان پريشاني نہ پئي ٿي، توڻي جو هن پنهنجي هڪ پُٽ کي وهنجڻ جاءِ ۾ ٻوڙايو زال کي ڦاهي ڏياري ۽ جيسيتائين موت جي بستري تائين نہ پهتو تيسين عيسائي ٿيڻ ۽ مذهبي ڪريا ڪرم لاءِ تڙ کان لنوائيندو رهيو تہ جيئن آزاديءَ سان 'ڏوهہ' ڪري سگهي. انهيءَ ايذاءَ رسائيءَ واري دور جي خاتمي سان عيسائين جي حيثيت ايتري اُبري آئي جو انهن ڪافرن (نہ مڃيندڙن) ۽ پنهنجي عقيدي اندر منحرف گروهن کي ايذائڻ شروع ڪيو.

رومن سلطنت کي فتح ڪرڻ وارا آخري سال اهڙا هئا، جن ۾ (سخت گير عقيديءَ پرستيءَ خلاف) نيون بي دين افواهون ڦهلجڻ لڳيون، جن چرچ جي سيني حصن کي متاثر ڪيو. پر شهنشاهي انتظاميا ۾ هڪ پيرو جڏهن چرچ جي ڪامورا شاهيءَ جو ٻج چٽجي ويو، تنهن ڪانپوءِ انهيءَ نوڪرشاهيءَ خلاف ڪنهن بہ قسم جي خطري کي پنهنجي سلطنت لاءِ خطرو سمجهيو ويو. عيسائيت کي قبوليندي ڪانسٽنٽائن سندس حڪمن جي پابندي نہ ڪندڙ وڏن پادرين کي جلدئي نظربند ۽ بيدخل ڪري ڇڏيو.[133] هن جي جانشينن ساڳيو طريقو اپنايو. هڪڙي ڌر جي پٺيرائي ڪري وري ٻي ڌر کي ٽيڪو ڏئي سماج کي تباهہ ڪري ڇڏيائين. ائين ڪندي هنن مصري وڏي پادري (بُشپ) اٿانسس (Athanasius) کي پنج ڀيرا هٽايو ۽ بحال ڪيو. فقط شهنشاهہ جولين ڪنهن

ڦڏي ۽ تڪرار کان پري رهيو. هن ان اميد سان عيسائيت جي سيني قسمن جي عبادتن کي برداشت ڪيو تہ جيئن مخالف گروهہ هڪبئي کي تباهہ ڪري ڇڏين ۽ هو ان وچ ۾ هي بت پرستيءَ کي بحال ڪري وٺندو.

رومن سلطنت تي عيسائيت جي غلبي جي آخري مرحلي ۾ خانقاهي زندگيءَ واري اهم لقاءَ جو جنم پڻ ٿيو. چرچ جي ڪاميابيءَ سان گڏ انهن ماڻهن طرفان لڳاتار اختلاف بہ ٿيندا رهيا. جن محسوس ڪيو تہ چرچ غربت ۽ پاڪائيءَ جي پنهنجي اصل پيغام کي ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي بُشپ طاقتور شخصيتون بنجي چڪا هئا. جيڪي محلن ۾ رهيا پئي. هاڻي بشپ گرجا گهرن کي پريندڙ هيئين عوام کان وڌيڪ سلطنت کي هلائيندڙ ڪامورن سان ٻڌُ تي ويا. جن ماڻهن محسوس ڪيو تہ اُهي پادرين واري دنياوي ڪاميابيءَ کان پري هڪ ٻيو گس وٺي (گناهن مان) نجات ماڻي سگهن ٿا, تن ابتدائي طور تي مصر ۾ هڪ تحريڪ شروع ڪئي. اُنهن شهر ڇڏي ريگستان جو رُخ ڪيو جتي اهي همدردن طرفان آندل مانيءَ ۽ پاڻيءَ تي گذارو ڪري, ڦاٽل ڪپڙا پهري ۽ جنسي سرگرميءَ کي رد ڪري ڇڏيو. انهن کي جوڳي ۽ راهب (anchorites) سڏيو ويو جوڳين (تارڪ الدنيا) جو ايمان هو تہ جاڻي ٻجهي پيڙا واريءَ زندگيءَ ۾ داخل ٿيڻ سان پنهنجو پاڻ کي ڏوهن کان بچائي سگهجي ٿو جيئن حضرت عيسيٰ دنيا کي بچايو هو. سندن چال چلت سبب ٻين عيسائين سندن احترام ڪيو جن کي محسوس ٿيو تہ وڏن گهرن ۾ رهندڙ پادرين کان وڌيڪ اُهي انجيل جي پيغام جي ويجهو آهن.

اها تحريڪ مخفي طور تي حڪومت مخالف هئي. اُن تحريڪ (سخت عقيدي پرستيءَ وارن محيل خيالن خلاف) اهڙيون ڳالهيون ڪيون جن ذريعي پيغمبر اميرن ۽ سلطنت خلاف نفرت لاءِ انجيل جي لفظن کي استعمال ڪري سگهيا پئي, تنهن هوندي بہ اجان گهڻو عرصو نہ گذريو هو تہ اها تحريڪ موجوده سرشتي ۾ سمائجي وئي. ڪجهہ راهب سهولت جي خيال کان جلدئي هڪبئي جي ويجهو جمع ٿيڻ لڳا ۽ اهو ميڄڻ کان فقط بہ چار قدم پوئتي رهيا تہ سندن قرباني سخت ضابطي هيٺ گڏجي پورهيو ڪرڻ ۾ آهي. ڪئيساريا (رومن شهر) جي (وڏي پادري) باسل (Basil of Caesarea) ان عمل کي خيال توڙي محنت جي ضابطي جي صورت ۾ بدلائي ڇڏيو ۽ پنهنجي انفرادي قربانيءَ کي اعليٰ اختياريءَ جي تابع ڪري ڇڏيو. اجان گهڻو عرصو نہ گذريو هو تہ سندس جانشين عيسائي خيالن کان مختلف خيال رکندڙن خلاف پنهنجي جوش کي جسماني طاقت طور استعمال ڪري رهيا هئا.[134]

بهرحال, راهبيت (تارڪ الدنيا واري فلسفي) جو هڪ ٻيو ڊگهي مدي وارو اثر ٿيو. وڏيون خانقاهون مذهبي طور تي پُرجوش قوت محنت سبب ان بدنظميءَ کان هڪ حد تائين محفوظ رهيون, جيڪا اولهہ ۾ سلطنت جي زوال سان گڏ هئي. اهي خانقاهون محفوظ نڪاڻا تي پيون, جن عالمن جو بچاءُ ڪيو ڇاڪاڻ تہ سندن چوڌاري سلطنت

ڊير ٿي چڪي هئي. جڏهن تہ سيڪيولر ڪتب خانہ ساڙيا ويا. ڪجهہ خانقاهي ڪتب خانہ بچي ويا. سندن سنياليندڙن ان کي هڪ مذهبي فرض سمجهي، پنهنجن هٿن سان هر هڪ مقدس صفحو نقل ڪيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن لادين لکتون بہ. ساڳئي وقت خانقاهون اهڙيون جايون بڻجي ويون، جتي اُهي جن وٽ مذهبي جوش جذبي جي کوٽ هئي، سي بہ دنيا جي انتشار کان بچي وقت گذاري سگهيا پئي. عام هاري تمام گهڻو پورهيو ڪرڻ لڳا ۽ راهبن کي آزاد ڇڏي ڏنائون تہ اُهي عبادت ۽ علميت يا صفا واندڪائيءَ واري زندگي جي سگهن. اهي خانقاهون جيڪي هڪ گندي معاشري کي رد ڪرڻ جي ارادي سان اربيل مذهبي بيٺن وانگر شروع ٿيون، سي ٻن صدين اندر رومن سلطنت کانپوءِ واري اولهہ جي دنيا ۾ طاقتور قوت ٿي پيون. مذهبي ادارن جا چار جيڪي پنهنجي قوت، محنت جي سگهہ جي استحصال مان ملندڙ واڌو پيداوار سان وڌائيندا رهيا ۽ وڌن پادرين جي درجي بند انتظاميہ سان جڙيل رهيا، سي آئنده هزار سالن تائين سڄي اولهہ يورپ ۾ دولت ۽ مراعت سبب هڪ طاقتور ڌر ٿي ويا.

حوالا

[1] Some historians assume that knowledge of iron making must have been been transmitted into Africa. See, for instance, R Mauny, 'Trans-Saharan Contacts in the Iron Age', in J D Gage (ed), *Cambridge History of Africa*, vol 2, p318. But Jared Diamond argues that the techniques used in sub-Saharan Africa were rather different to those elsewhere, pointing to independent discovery. See J Diamond, *Guns, Germs and Steel*, (London, 1977), p394

[2] Centred on what is now Bihar.

[3] Quoted in D D Kosambi, *An Introduction to the Study of Indian History* (Bombay, 1996), p190.

[4] R Thapar, *History of India*, vol 1 (Harmondsworth), p84

[5] R S Sharma, *Light on Early Indian Society and Economy* (Bombay, 1966), p66

[6] R Thapar, 'Asoka India and the Gupta Age', in A L Basham, *A Cultural History of India* (Oxford, 1975), p44

[7] R S Sharma, Light, p78. Romila Thapar is critical of D D Kosambi for seeing the later Maurya period as one of economic decline: 'If anything the picture is one of an expanding economy', R Thapar, *Asoka and the Decline of the Mauryas* (Oxford, 1961), pp204-205.

[8] H J J Winer, 'Science', in A L Basham, *A Cultural History*, p154

[9] H J J Winer, 'Science', p154

[10] R Thapar, 'Asoka', p49

[11] It did not build the wall from scratch, as is sometimes said, but connected up a number of pre-existing walls. The present Great Wall was restored and extended by the Ming Dynasty in the 17th century AD.

[12] According to texts paraphrased in H Maspero, *China in Antiquity* (first published in French in the 1920s) (Folkestone, 1978), p26

[13] See, for instance, D Bodde, 'The State and Empire of Ch'in', in D Twitchett and M Loewe (eds), *Cambridge History of China*, vol 1 (Cambridge, 1986), p21.

[14] H Maspero, China, p45. For some discussions of modern Chinese scholars on the question of the character of ancient Chinese society, see the contributions by Wu Daken, Ke Changyi and Zhao Lusheng, in T Brook (ed), *The Asiatic Mode of Production in China* (New York, 1989).

[15] H Maspero, *China*, p70.

[16] Cho-yun Hsu, *Han Agriculture* (Washington, 1980), p4. See also J Gernet, *A History of Chinese Civilisation* (Cambridge, 1982), pp67-69, and D Bodde, 'The State', pp22-23.

[17] Cho-yun Hsu, *Han*, p6

[18] J Gernet, *History*, p72

[19] Cho-yun Hsu, *Han*, p12

[20] Cho-yun Hsu, *Han*, p13

[21] Shih-chi, quoted in D Bodde, 'The State', p40.

[22] Details given in D Bodde, 'The State', p45

[23] J Gernet, *History*, p109, and D Bodde, 'The State', p52

[24] According to J Gernet, *History*, p109

[25] Cho-yun Hsu, *Han*, p3

[26] K Wittfogel, 'The Fundamental Stages of Chinese Economic History', in *Zeitschrift für Sozial Forschung*, no 4 (1935)

[27] Cho-yun Hsu, *Han*, p39
[28] 'Discourses on Iron and Salt' (81 BC), extracts translated in Cho-yun Hsu, *Han*, p191
[29] Cho-yun Hsu, *Han*, p53
[30] Translated in Cho-yun Hsu, *Han*, p165
[31] Edict contained in D Bodde, 'The State', p69
[32] Cho-yun Hsu, *Han*, pp6-7
[33] D Bodde, 'The State', pp71-72
[34] D Bodde, 'The State', pp71-72
[35] Quoted in D Bodde, 'The State', p83
[36] Cho-yun Hsu, *Han*, p153
[37] For a general survey of conditions, see R Osborne, *Greece in the Making* (London, 1996), pp17-37
[38] G E M De Ste Croix, *Class Struggle in the Ancient Greek World* (London, 1983), p293
[39] R Osborne, Greece, p67, explains the growth of slavery very much in these terms, although he does not use the term 'surplus'. De Ste Croix argues that under Greek conditions slavery was much more 'profitable' to the ruling class than serf, let alone free, labour could ever be. See G E M De Ste Croix, Class Struggle, p226-231. By contrast, Ellen Meiksins Wood does not even discuss the material circumstances of cultivation, and therefore the circumstances in which slavery took root, in E M Wood, *Peasant, Citizen and Slave* (London, 1988). This is typical of the lack of materialism which is the defining feature of the 'political Marxism' of herself, Robert Brenner and others
[40] G E M De Ste Croix, *Class Struggle*, p227
[41] According to De Ste Croix, in Thessaly the Penastai were also serfs rather than slaves. Serfdom probably also existed in Crete. See G E M De Ste Croix, *Class Struggle*, p150
[42] The chapter on Lycurgus in *Plutach's Lives*, (for instance in E C Lindeman (ed), *Life Studies of Men Who Shaped History, Plutarch's Lives* (New York, 1950)), provides an account of what the Spartans claimed was their way of life. In fact the austerity may have been to a large extent an ideological myth rather than a reality, certainly in later Sparta. See A H M Jones, *Sparta* (Oxford, 1967)
[43] This is the argument put in A H M Jones, *The Athenium Democracy* (Oxford, 1957)
[44] Quoted in G E M De Ste Croix, *Class Struggle*, pp140-141
[45] De Ste Croix points to evidence that only 13 percent of slaves were 'home bred' according to inscriptions for the years 201-153 BC
[46] R Osborne, *Greece*, p233
[47] See the comments in G E M De Ste Croix, *Class Struggles*, and in *The Origins of the Peloponnesian War* (London, 1972). For a full attempted indictment of Socrates' approach see I F Stone, *The Trial of Socrates* (London, 1997)
[48] This argument is spelt out at length in G E M De Ste Croix, *Origins*
[49] E Gibbon, *The Decline and Fall of the Roman Empire* (London, 1920), p1
[50] G E M De Ste Croix, *Class Struggle*, p328
[51] P A Brunt, *Social Conflicts in the Roman Republic* (London, 1971), p28
[52] Sallust, *The Histories*, vol 1 (Oxford, 1992), p24
[53] P A Brunt, *Social Conflicts*, p51
[54] P A Brunt, *Social Conflicts*, p51
[55] G E M De Ste Croix, *Class Struggles*, p334
[56] G E M De Ste Croix, *Class Struggles*, p335

[57] According to P A Brunt, *Social Conflicts*, p87
[58] P A Brunt, *Social Conflicts*, p58
[59] P A Brunt, *Social Conflicts*, p58
[60] P A Brunt, *Social Conflicts*, p58
[61] A H M Jones, *The Roman Republic* (London, 1974), p116
[62] Quoted by P A Brunt, *Social Conflicts*, p15
[63] A H M Jones, *The Roman Economy*, p122
[64] P A Brunt, *Social Conflicts*, p33
[65] P A Brunt, *Italian Manpower, 225 BC-AD 14* (Oxford, 1971)
[66] P A Brunt, *Italian Manpower*, p9
[67] P A Brunt, *Italian Manpower*, p9
[68] A H M Jones, *The Roman Economy*, p123
[69] P A Brunt, *Social Conflicts*, p78
[70] Details in P A Brunt, *Social Conflicts*, and A Lintott, 'Political History', in J A Cook, A Lintott and G Rawson (eds), *Cambridge Ancient History*, vol IX (Cambridge, 1986), p69
[71] Again accounts of what happened are to be found in P A Brunt, *Social Conflicts*, pp83-92, and A Lintott, 'Political History', pp77-84
[72] According to P A Brunt, *Social Conflicts*, p92
[73] Sallust, *The Histories*, vol 1, p25
[74] Quoted in P A Brunt, *Social Conflicts*, p96
[75] P A Brunt, *Social Conflicts*, p98
[76] P A Brunt, *Social Conflicts*, p104
[77] Appian, according to P A Brunt, *Social Conflicts*, p197
[78] See the account of their conditions in P A Brunt, *Social Conflicts*, p128
[79] A Lintott, 'The Roman Empire', in J A Cook, A Lintott and G Rawson (eds), *Cambridge Ancient History*, vol IX, pp25-26
[80] The marvellous film *Spartacus* with Kirk Douglas seems to take poetic licence by portraying him on a cross.
[81] Details from A Lintott, 'Political History', pp221-223
[82] Livy, figure quoted in G E M De Ste Croix, *Class Struggles*, p230
[83] Quoted in G E M De Ste Croix, *Class Struggles*, p368
[84] Quoted in G E M De Ste Croix, *Class Struggles*, p368
[85] Quotes given in G E M De Ste Croix, *Class Struggles*, p355
[86] It took them no more than a couple of hours to abandon their own attempt to re-establish the republic before the accession of Claudius
[87] According to A H M Jones, *The Roman Economy*, p124
[88] A H M Jones, *The Roman Economy*, p127
[89] A H M Jones, *The Roman Economy*, p127
[90] A H M Jones, *The Roman Economy*, p24
[91] E Gibbon, *Decline and Fall*, vol 1, p89
[92] Apuleius, *The Golden Ass*, translated by Jack Lindsay (London, 1960), p192
[93] Apuleius, *The Golden Ass*, pp206-208
[94] A H M Jones, *The Roman Economy*, p36
[95] A H M Jones, *The Roman Economy*, p39
[96] See L A Moritz, *Grain Mills and Flour in Classical Antiquity* (Oxford, 1958), for a full discussion on these matters, especially pp131, 136, 138 and 143
[97] Estimates given in A H M Jones, *The Roman Economy*, p83

[98] A H M Jones, *The Roman Economy*, p129

[99] See G Bois, *The Transformation of the Year 1000* (Manchester, 1992)

[100] There is no reference in the earliest extant versions of his text. For a translation, see Josephus, The Jewish War(London, 1981). A Slavonic translation of a lost medieval text does contain a reference, but there is little reason to doubt this was an 'interpolation' by monks embarrassed by the lack of any reference to Jesus in a manuscript they were copying. It certainly does not justify the way Christian writers use Josephus's writings to back their own versions of history.

[101] Luke 18.19-26

[102] Matthew 16.24

[103] Luke 6.20-25

[104] Matthew 5.1 and 5.6

[105] Matthew 25.14-30

[106] Matthew 21.20

[107] His use of the word 'proletariat' to describe the masses of 1st century Judaea is itself confusing. They were very different to a modern working class, despite being poor. Many would have been self employed craftspeople ('artisans') and shopkeepers, others beggars and very few wage workers. What is more, the gospels have Jesus preaching to and associating with 'publicans' (tax collectors)—a despised, but not necessarily poor, group. Kautsky quotes in his favour a passage in St Paul's First Epistle to the Corinthians in which Paul says 'not many mighty, not many noble, are called'. Kautsky says this means 'property' was not 'represented' in the early church. In fact, the passage actually says there were a few 'mighty' and a few 'noble', but that the great majority did not belong to these groups. This suggests the religion had some cross-class appeal and certainly was not purely 'proletarian' even at that early stage.

[108] M Goodman, 'Judea', in J A Cook and others (eds), *Cambridge Ancient History*, vol IX, p768

[109] For the detail of these, see the earlier chapters of Josephus, *The Jewish War*.

[110] Josephus, *Antiquities*, quoted in K Kautsky, *Foundations of Christianity* (New York, no date), p300

[111] Josephus, *The Jewish War*. The translation here is that to be found in K Kautsky, *Foundations*, but it differs only slightly from the Penguin edition of *The Jewish War* (London, 1981), pp126, 147

[112] Josephus, *The Jewish War*, (London, 1981), p148

[113] According to M Goodman. 'Judea', p771

[114] According to Josephus, *The Jewish War*

[115] W A Meeks, *The First Urban Christians* (New Haven, 1983), p34

[116] Quoted in K Kautsky, *Foundations*, p261; on the degree of proselytisation, see also M Goodman, 'Judea', p779

[117] Strictly speaking Buddhism is not 'monotheistic' because it does not in its earliest forms involve belief in a personal god of any sort. But it does stress a single principleunderlying all reality, and so fits in the same category as the other religions

[118] W A Meeks suggests a figure of 'some five to six million Jews...in the diaspora' in the 1st century (see W A Meeks, *The First Urban Christians* (New Haven, 1983), p34). This figure seems to be excessive, given that the total population of the empire at the time was only about 50 million, and only a small proportion of those lived in the towns.

[119] Luke 14.26

[120] Indeed, there must be more than a suspicion that the gospels are hearsay accounts written years afterwards, lumping together quite different events, including some of those mentioned by Josephus. If that is so, a figure called Jesus (the Greek form of Joshua, a very common Jewish name at the time) might have been involved in such incidents as one participant among many— and later reports might easily have vastly exaggerated his role. Anyone who has ever listened to participants recall events even a decade ago, such as the poll tax riot of March 1990 or the miners' strike six years earlier, will know how divergent are the accounts of who did what.

[121] This version of the prayer is to be found in Apuleius, *The Golden Ass.*

[122] The estimate is by A J Malherbe, *Social Aspects of Early Christianity* (Baton Rouge, 1977), p86

[123] The study is Judge's, but is here quoted from A J Malherbe, *Social Aspects*, p46

[124] See A J Malherbe, *Social Aspects*, p61

[125] A J Malherbe, *Social Aspects*, p77

[126] This is the argument of W A Meeks, *The First Urban Christians*, pp70-71, 191, although he uses the sociological jargon of 'status inconsistency'.

[127] This was certainly the interpretation given to me at Sunday School!

[128] I Corinthians 11.2

[129] H Chadwick, *The Early Church* (London, 1993), p46

[130] Paul's epistles to the Corinthians and the Colossians both take up issues raised by the Gnostics.

[131] P Brown, *The World of Late Antiquity* (London, 1971), p66

[132] P Brown, *The World*, p67

[133] For details, see H Chadwick, Early, pp135-136. Gibbon's *Decline and Fall of the Roman Empire* gives lurid details of imperial interventions and the scale of repression throughout this period.

[134] See H Chadwick, *Early*, p179.

پاګوتیون

وچون دور

اهم واقعن جي ترتيبوار تاريخ

60ع کان 900ع

يورپ ۾ 'اونداهو دور'. تجارت جو زوال. فرينڪن طرفان ٻيهر رومن طرز واري سلطنت قائم ڪرڻ جون ڪوششون ناڪام. (800_814ع ۾ شارلمين). نارسمين طرفان ڪاهون (800_900ع).

انڊيا ۾ جاگيرداريت. تجارت جو زوال. ڳوٺن ۾ برهمڻن ۽ ذات پات واري سرشتي جو غلبو.

بازنطين سلطنت جو بحران. مصر، شام، عراق ۽ بالڪن علائقا الڳ ٿيڻ جو نقصان. ٽيڪنيڪل ۽ اقتصادي جمود.

630ع ۾ محمد (ﷺ) جن جو مڪي کي فتح ڪرڻ. مسلمان عرب فوجن وچ اوڀر جو ڪجھ حصو (640ع ۾) فتح ڪيو ڪابل (664ع) ۽ 711ع ڌاري اسپين ۾ پهتا. 750ع ۾ عباسي انقلاب واپارين کي سياسي اثر رسوخ ڏنو. تجارت ۽ دستڪاري صنعت جي ترقي. اسلامي ثقافت جو نقطہ عُروج. يوناني لکتن جو ترجمو سائنس، رياضي ۾ جدتون ۽ مسلمان فيلسوف.

چيني تهذيب جو مرڪز چانورن جي پوک ڪندڙ يانگزي ماٿريءَ ڏانهن منتقل. صنعت ۽ تجارت جي بحالي، ٻڌ ڌرم جي اوسر. ٽيڪنالاجيءَ ۾ پيش رفتون. اولهہ ۽ ساحلي اوڀر آفريقا ۾ تهذيبن جي ترقي.

۽ 11 هين عيسوي صدي

يورپ ۾ تجارت ۽ زراعت جي بحالي. وڏيڪ جديد هنرن جو استعمال. غلاميءَ جي جاءِ ڀانهپ والاري.

مسلمان عباسيہ سلطنت جي اقتصادي اُڀار ۾ لاٿ. ڏندڪٿائي ۽ جادوئي صورتن واري اسلام جو اُڀار. مصر ۾ فاطمہ بادشاهت.

بازنطين طرفان ڪجھ بالڪن علائقن کي فتح ڪرڻ پر ٽيڪنيڪل جمود برقرار رهيو.

الهندي آفريقي تهذيبن اسلام ۽ عربي رسم الخط کي قبوليو.

سُنگ بادشاهت (960_1279ع) هيٺ چيني تهذيب جو اوج. ڪاغذ، ڇپائي، بارود، مشيني گهڙيالن، ڪمپاس جون ايجادون. واپارين جي اثر ۾ واڌ.

12 ۽ 13 هين صدي

اسلامي عراق ۾ بحران.

چيني سلطنت جو ٻن حصن (سُنگ ۽ چِن) ۾ ورهاڱو. منگول ڌنارن پولينڊ کان ڪوريا تائين يوريشيا کي لتاڙي ڇڏيو. بغداد (1258) کي ڦريو. چين کي (1279ع) فتح ڪيو.

اولهه جي يورپي 'جهادين' اولهه کان مسلمان سلطنت تي حملو ڪيو. يروشلم تي (1099_1187ع) قبضو ڪيو ۽ 1204ع ۾ بازنطين کي ڦريو لٽيو.

وچ ايشيا کان مسلمانن اترئين انڊيا جي مرڪزي حصي کي فتح ڪيو. تجارت جي نئين واڌ، ڏوڪڙن جو استعمال.

يورپ ۾ زرعي پيداوار، آبادي، تجارت ۽ دستڪاري صنعتن جي ترقي. پاڻيءَ چڪين جي پکيڙ، گرجا گهرن جي تعمير، مسلمان اسپين معرفت لاطيني ۽ يوناني لکتن جي ٻيهر دريافت، پهريون يورپي يونيورسٽيون. چين ۾ دريافت ٿيل هنرن جو استعمال.

اٽليءَ جي شهري رياستن جو اُڀار. ڊانٽي (1265ع ۾ ڄنم) اٽلي ٻوليءَ ۾ لکي ٿو.

مصر ۾ غلام سپاهي (مملوڪ) اقتدار تي قبضو ڪن ٿا.

اولهه آفريقا ۾ مالي بادشاهت جو اُڀار. اسلامي تعليم جو مرڪز تمبڪتو.

14 هين عيسوي صدي

يورپي جاگيرداريت جو وڏو بحران. ڏُڪار ڪارو موت، فلينڊرس، فرانس، انگلينڊ، ويلز اترئين اٽليءَ ۾ بغاوتون. هڪبئي جا مخالف پوپ. انگلينڊ ۽ فرانس جي وچ ۾ سئو سالا جنگ.

چين ۾ بُک ۽ پليگ. چين ۾ منگولن خلاف ڳاڙهي پٽڪي وارن جي بغاوت. منگ بادشاهت جو بنياد. زراعت جي بحالي.

عثمانيه ترڪن ايشيا مائنر کي فتح ڪرڻ شروع ڪيو. عظيم زمبابوي جي تعمير.

ازٽيڪ ماڻهن ٽينوچٽلين (Tenochtitlan) ڳولي ورتو.

15 هين صدي

چين ۾ نئين سر اقتصادي ترقي، آفريقا جي اوڀر ساحلي پٽيءَ تائين هزارين ميل ٻيڙين ذريعي سفر.

ميڪسيڪو ۾ ازٽيڪ سلطنت. 1438ع کانپوءِ انڪاس سڄي انڊيئن خطي کي فتح ڪيو.

اولهه آفريقا ۾ بينن جو اُڀار.

الهندي يورپ ۾ آهستي آهستي اقتصادي ۽ آباديءَ جي بحالي. ٻانهپ ۾ لاٿ. مارڪيٽ جي لاڳاپن جي پکيڙ. ڇپائي. اترئين اٽليءَ ۾ نئين سُجاڳي. ٻيڙين جي تعمير ۽ بحري سفر جي طريقن ۾ سُڌارو. پورچوگيز بحري سفر ڪري اولهه آفريقي ساحلي پٽي ۽ ڪيپ تائين پهتا. اسپيني سلطانن مورش غرناطه (1492ع ۾) فتح ڪيو. ڪولمبس (1493ع) ائٽلانٽڪ پار ڪري ٿو.

باب پهريون

انتشار واريون صديون

پنجين عيسوي صدي تن سلطنتن، جن ڏاکڻي يوريشيا تي حاڪميت ڪئي هئي، انهن جي ٽٽڻ ۽ مونجهاري واري صدي هئي. هرهڪ سلطنت ۾ ساڳئي قسم جا بحران ٿيا. ساڳئي قسم جو مونجهارو هو ڇاڪاڻ ته هزار سال پراڻين تهذيبن ڀڄڻ شروع ڪيو وحشين سندن سرحدن کي ميساري ڇڏيو ۽ جنگي سردارن نيون بادشاهتون ٺاهي ورتيون، ڏُڪار ۽ ڦهلجندڙ بيماريون پکڙيون. تجارت گهٽجي وئي ۽ شهر مان آبادي گهٽجڻ لڳي.

تنهين سلطنتن ۾ نئين بيچيني ۽ عدم تحفظ کي منهن ڏيڻ لاءِ نظرياتي اعتقادن ذريعي صورتحال کي ٺيڪ ڪرڻ جو ڪوششون پڻ ڪيون ويون. رومن اتر آفريقا ۾ آگسٽائين عيسائي عقيدي جو سڀ کان وڏيڪ اثرانداز ٿيندڙ ڪتاب ”خدا جو شهر“ (City of God) لکيو جنهن ۾ هن روم جي دنياوي شهر کي ترڪ ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي. انڊيا ۾ هڪ هزار سال اڳ واري ٻُڌمت جي عقيدن جي تشريحن چين ۾ وڏي تعداد ۾ پيروڪار ٺاهڻ شروع ڪيا. خاص ڪري هڪٻئي سان جهيڙيندڙ چيني تجارتي طبقن منجهه. انڊيا ۾ جيئن ئي هندو ڌرم پنهنجو پاڻ کي ڇمائي مضبوط ڪيو ته نوان فرقا اُسريا.

انهن تهذيبن جي بحرانن جي وچ ۾ ساڳيائپ کي ڏسندي ڪجهه تاريخ نويسن اهو خيال پيش ڪيو ته آبهوا ۾ هڪ عالمي تبديليءَ سبب ائين ٿيو هوندو پر فقط موسم تي الزام هڻڻ جي معنيٰ وڏي مسئلي کي نظرانداز ڪرڻ آهي. جيڪو صدين تائين هرهڪ تهذيب کي وڪوڙي ويٺو هو. اهو هو بنيادي طريقو جنهن سان زمين تي ڪم ڪري پنهنجو پاڻ ۽ ٻين لاءِ گذرسفر جا وسيلا پيدا ڪيا ويا. زرعي پيداوار ۾ جدت ۽ پيش قدمين کي هزار سال اڳ ۾ لوهه واري ڪم جي ڦهلاءَ سان لاڳاپيل شين سان پيتي نه ٿو سگهجي. تنهن هوندي به امير جي کپت (استعمال) وڏيڪ فضول شاهه خرچيءَ واري هئي ۽ رياست جو مٿيون ڍانچو اڳ کان وڏيڪ ڪشادو ٿي چڪو هو. هڪ مرحلي ڪانپوءِ شيون جيئن اڳ وانگي هجڻ جي صورت ۾ اڳتي نه ٿيون وڌي سگهن. ائين ئي جيئن پهرين ڪانجهي واري دور جي تهذيبن سان ٿيو.

رومن دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ سنگين بحران هو. سندس تهذيب جي واڌ ويجهه بظاهر

غلامن جي اڻ کٽ رسد تي منحصر هئي. نتيجو اهو نڪتو جو انڊيا يا چين جي اختيارين ۽ زميندارن جي پيٽ ۾ زرعي اُپت کي سڌارڻ ۽ بهتر ڪرڻ جي طريقن بابت شاهي اختيارين ۽ وڏن زميندارن کي ڪا ڳڻتي نہ هئي، جنهنڪري زوال بہ اوتروئي وڏو ٿيو.

تنهن ڪانپوءِ يورپ ۾ جيڪو دور شروع ٿيو تنهن کي درست طور تي "اونداهو دور" سڏيو وڃي ٿو. اونداهي دور ۾ شهري زندگي، تعليم، ادب ۽ فن سميت تهذيب جو لڳاتار زوال ٿيو. عام ماڻهوءَ، جنهن روم جي عظمتن جي ڳري قيمت ادا ڪئي هئي، تنهن کي سلطنت جي موت جي بہ قيمت چڪائڻي پئي. ڏڪار ۽ بيمارين اڳوڻيءَ سلطنت جي زمين کي برباد ڪري ڇڏيو ۽ هڪ تخميني مطابق ڇهين ۽ ستين صديءَ جي آخر ۾ آبادي اڌواڌ گهٽجي وئي.[1] جرمنڪ[①] (Germanic) ويڙهاڪن جي پهرين لهر اڳوڻيون سرحدون ٽپي آئي. گوٿس (Goths) ۽ فرينڪس (Franks)، وسيگوٿس (Visigoths) ۽ اوسٽروگوٿس (Ostrogoths)، اينگلز (Angles)، سيڪسن (Saxons) ۽ جيوٽس (Jutes) رومن سرزمين تي آباد ٿيڻ شروع ڪيو ۽ هنن جلدئي رومن رسمون قبولي ورتيون، عيسائي مذهب کي پاڪر پاتائون ۽ لاطيني لهجن ۾ ڳالهائڻ لڳا. پر هنن پٺيان ٻيا فاتح لڳاتار هڪبئي پويان ايندا رهيا، جن کي ماضيءَ ۾ رومن طاقت ڇُهيو بہ نہ هوندو پر نوان حملي آور هتي آباد ٿيڻ ۽ نڪاڻا ناهڻ بدران ڦرلٽ ڪرڻ ۽ شهرن کي ساڙڻ لاءِ ايندا رهيا. فرينڪ، گوٿس ۽ اينگلو-سيڪسن قبيلن هتان قائم ٿيل بادشاهتن ۾ 'هُن' ۽ 'نارسمين' (Hun & Norsemen) قبيلا گهڙي پيا ۽ هنن نائين ۽ ڏهين صديءَ ۾ اهڙي قسم جي دهشت ۽ خوف پيدا ڪيو جهڙو پنجين ۽ ڇهين صديءَ ۾ رهيو هو.

نيٺ سيني فاتحن پنهنجا مستقل نڪاڻا ناهي ورتا. اصل ۾ انهن جي اڪثريت پنهنجن اصلوڪن علائقن ۾ زراعت جو ڪم ڪندي هئي، جتي اهي اڳ ۾ اوزارن توڙي هٿيارن لاءِ لوهہ کي ڪتب آڻيندا هئا. جنهنڪري هُنن لڙائيءَ ۾ 'مهذب' فوجن کي هارائي ڇڏيو. سندن سردار بادشاهہ ٿيڻ جا خواهشمند هئا ۽ هاري ۽ ڏنار اجان تائين گڏيل پوک وارين ڪجهہ روايتن تي عمل ڪندا هئا. جن مٿان حڪمراني ڪندڙ اشرافيا سميت سندن سماج اڳئي اوائلي ڪميونزم کان طبقاتي سماج ڏانهن تبديلي شروع ڪري ڇڏي هئي. جيڪڏهن رومن زراعت وڏيڪ سڌريل هجي ها ۽ وڏي تعداد ۾ غلامن (هتان هلندڙ latifundia) ۽ مفلس هارين (جي زمين جي ننڍن ٽڪرن) بدران ڪنهن ٻي شي تي آڌاريل هجي ها تہ فاتح ڪاميابيءَ سان سندن طريقن کي اپنائين ها ۽ لازمي طور تي زندگيءَ جي رومن ڍنگ ۾ رنگجي وڃن ها. اسان اڳتي هلي ڏسنداسين تہ 'وحشين' جي لڳاتار لهرن، جن چين ۽ سندس پرپاسي وارن علائقن ۾ سلطنتون ناهيون، تن سان ڇا ٿيو پر رومن دنيا جي حوالي سان ڏسجي تہ جڏهن فاتح رومن

[①] انڊو-يورپي ٻولين جي آڪهہ مان هڪ

سرحدن اندر گهڙي آيا. تڏهن رومن سماج جيڪو اڳئي وڪريل هو ۽ هنن ويتر اڳ ئي موجود بدنظميءَ ۾ اضافو ڪيو. فاتحن مان ڪجهه ڏرين رومن زراعت کي اپنائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنگي قيدين کي استعمال ڪري وڏيون جاگيرون ڪيڙيائون. ڪجهه فاتحن پراڻي سلطنت جي مرڪزيت واري ڍانچي کي ٻيهر قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پنجين صديءَ جي آخر ۾ اوستروگوٿ ٿيوڊرڪ پنهنجو پاڻ کي اولهه جو شهنشاهه ٻڌائي ڇڏيو. اٺين صديءَ جي آخر ۾ شارلمين (Charlemagne) هڪ نئين سلطنت قائم ڪئي، جنهن ۾ هاڻوڪي فرانس، ڪيٽالونيا، اٽليءَ ۽ جرمنيءَ جا ڪجھ علائقا شامل هئا. پر جن ڪارڻن سبب اصل رومن سلطنت ڊهي ڍير ٿي، تيئن سندس سلطنتون بہ ساڳين ڪارڻن هيٺ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويون. بنيادي مسئلو هي هو تہ ايڏي وڏي سلطنت جون ذميواريون پُوريون ڪرڻ لاءِ مادي پيداواري بنياد نہ هئا.

جلدئي نہ صرف شهر غير آباد ٿي ويا، پر ڪين ننڍڙڪو ڦٽو ڪيو ويو ۽ اهي وڪرجي ويا. تجارت ايترو هيٺ ڪِري پئي جو سون واري سڪي جي گردش بند ٿي وئي.[2] تعليم فقط پادرين تائين محدود رهي، انهن هڪ اهڙي ٻولي، لاطيني ڪتب آندي، جيڪا روزمره جي زندگيءَ ۾ استعمال نہ پئي ٿي. چند آڳرين تي ڳڻڻ جيترين خانقاهن کان ڇڏي قديم علم جي سکيا کي ويساريو ويو ۽ هڪ مرحلي تي سکيا جو عمل فقط يورپ جي آئرش ڪناري تائين محدود ٿي ويو. پڙهيل لکيل ثقافت وارن ننڍن ٻيٽن جي وچ ۾ ڳانڍاپي جو ذريعو فقط خانہ بدوش راهب عالم وڃي بچيا.[3] ڪتاب جن ۾ يوناني ۽ رومن دنيا جو علم شامل هو، سي ختم ٿي ويا. ڇاڪاڻ تہ لڳاتار ڪاهون ڪندڙن خانقاهي ڪتب خانن کي ساڙائي ڇڏيو.

الهندي يورپ جون حالتون اٽڪل 600 سالن تائين گهٽي قدر اهڙيون ئي رهيون، تنهن هوندي بہ انهيءَ انتشار منجهان هڪ نئين قسم جو سرشتو نمودار ٿيڻ لڳو. سڄي يورپ ۾ زراعت کي اهڙي نموني منظم ٿيڻ لڳي، جنهن منجهه رومن سلطنت جي ڪجهه خودڪيفل جاگيرن ۽ فاتحن جي ڪجهه ڳوٺاڻين برادرين، ٻئي عنصر شامل هئا. وقت گذرڻ سان گڏ ماڻهن کاڌ خوراڪ پيدا ڪرڻ جا نوان طريقا شروع ڪيا، جيڪي پراڻيءَ سلطنت کان وڌيڪ پيداواري هئا. تهذيب ۽ شهري دستڪاريءَ جي کوٽ باوجود ڪاهون ڪندڙن جي سوڀ، جهڙوڪ: ويڪنگس (Vikings)، مان ثابت ٿيو تہ حملي آورن جا زرعي (۽ بحري) هنر وڌيڪ جديد هئا. بدليل زرعي طريقن سان گڏوگڏ سماجي جوڙجڪ جي نين صورتن جنم ورتو. هر هنڌ مضبوط قلعن ۾ رهندڙ هٿياربند سردارن سندن تابع هارين جي ڳوٺن جو تحفظ ڪرڻ ۽ ساڳئي وقت سندن استحصال ڪرڻ شروع ڪيو ۽ انهن سردارن بنا اجرتي محنت (unpaid labour) يا وري ادائگين جي صورت ۾ هارين کان ڏن ٿي ورتو پر ان طرح گهٽو وقت اڳ هڪ نئين تهذيب جا بنياد وڌا ويا.

باب ٻيون

چيني سلطنت جو ٻيهر جنم

رومن سلطنت، وانگر چيني سلطنت اندروني ڏڪار ۽ اقتصادي ڏيوالپڻي ۽ ٻاهران ڪان 'وحشين' جي چڙهائين سبب ڊهي پٽ پئي. چوٿين صدي سوڪهڙي، ماڪڙ، بيمارين، ڏڪار ۽ گهرو جنگين، سلطنتن جي هڪٻئي سان ٽڪرائن ۽ سياسي، اقتصادي ۽ انتظامي انتشارن جي صدي هئي. اٽڪل ڏهه لک ماڻهن پنهنجا گهر گهاٽ ۽ ٻني ٻارا ڦٽو ڪري، اتر کان ڏکڻ چين جي مرڪز کان يانگزيءَ ۽ ان کان پوئتي تائين ڀاڄ ڪئي. هنن ماڻهن سڄي ۽ غير آباد علائقي کي چڏي ڏنو جتي گهٽ تجارت ۽ ڏوڪڙن جي استعمال ۾ لاٿ سبب گهٽي زمين پوک لائق نه رهي هئي ۽ پيداواري زندگي خودڪفيل پوک ڏانهن موٽي وئي.[4]

تنهن هوندي به چين ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو ان دور کي بيان ڪرڻ لاءِ "اونداهي دور" جو اصطلاح مناسب ناهي. جيتوڻيڪ وڏي تعداد ۾ هارين جي زندگي انتهائي مشڪل بڻجي چڪي هئي ۽ لاتعداد ماڻهو بُک ۽ بيماريءَ وگهي مري کپي ويا، پر تنهن هوندي به تهذيب ڊهي ڍير نه ٿي. اتر جي زرعي بربادي‌ءَ کي جلدئي يانگزي علائقي ۾ ٽيندڙ چانورن جي پوک جي واڌ ذريعي معاشي صورتحال کي درست ڪيو ويو. ان سان شهرن جي پائيدار ترقيءَ لاءِ گهربل ججهي واڌو پيداوار ملي وئي ۽ ان سان گڏوگڏ هڪ تعليم يافته حلقو به. جڏهن الهندو يورپ پنهنجو پاڻ تائين محدود ٿي ويو تڏهن ڏاکڻيو چين ڏکڻ اوڀر ايشيا، انڊين نندي کنڊ ۽ ايران سان تجارتي رستا کولي رهيو هو. اُتر ۾ هڪٻئي جون مخالف 'وحشي' خانداني بادشاهتون اقتدار لاءِ وڙهنديون رهيون، پر اُنهن بادشاهتن چيني تهذيبن جي چڱائين کي تسليم ڪيو ۽ چيني ثقافت کي پاڪر پاتو.

ٻيو ته، 'وحشين' فقط چين کان نه سکيو پر پراڻي تهذيب کي سيکارڻ لاءِ اُنهن وٽ به ڪجهه هو. سندن ڪاريگر ۽ ڏنار مخصوص هنر ۽ فن پيدا ڪرڻ جي قابل ٿي چڪا هئا. چاڪاڻ ته سندن معاشرن مٿان سلطنت جي روايتن ۽ خرچن جا بار نه پيا هئا. اُهي 'گهوڙن کي لغام ڏيڻ، آٽر ۽ رڪاب وجهڻ جا طريقا، پلون ۽ جابلو رستا تعمير ڪرڻ، دوائن وارن ٻوٽن جي سائنس ۽ زهرن، ٻيڙي هلائڻ ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه' چين ۾ کڻي آيا.[5] اهڙي جدت ۽ نواڻ واڌو دولت ۽ اضافي واڌو پيداوار لاءِ رستا هموار ڪيا. مثال طور گهوڙا اڳ ۾ جنگ ۾ ۽ تيز رفتار رابطن لاءِ استعمال ڪيا ويندا هئا، پر گهوڙن کي لغام وجهڻ وارو پراڻو طريقو اڌ ڦاهيءَ وانگر هو جنهنڪري گهوڙا ڳرو وزن يا هَر نه پئي

ڇڪي سگهيا، اهڙا ڪم وري صفا آهستي هلندڙ ڊگهن لاءِ ڇڏيا ويا. اترين پٽن ڪان آيل نون هنرن ان معاملي کي بدلائڻ شروع ڪيو.

فڪري واڌاري جي حوالي سان مرڪزي سلطنت جو زوال جُملي طور تي ناڪاري نہ هو. جنگين، ڪتب خانن ۽ انمول مسودن کي تباهہ ڪري ڇڏيو پر پراڻين فڪري روايتن جي ڪمزوريءَ سبب نون لاءِ گنجائش پيدا ٿي پئي. ٻُڌمت زور وٺڻ شروع ڪيو جنهن کي واپارين چين ۾ آندو هو جن تبت معرفت ۽ سمرقند کان ايران تائين ڊگها تجارتي رستا لتاڙيا يا جيڪي ڏاکڻي چين کان بحري سفر ڪري ڏکڻ انڊيا تائين پهتا. انڊين، ايراني ۽ يوناني اثرن جو چيني فن ۾ اظهار ٿيڻ لڳو. ڪجهہ ٻُڌ مت جا مجسما ظاهر ڪن ٿا تہ هيلنڪ (يوناني) ڍنگ جو ڪيترو اثر ٿيو. ان حد تائين جو گيرنيٽ ان کي 'وچين دور جي تهذيب جو سونهري زمانو' چوي ٿو هڪ 'اشرافيائي دنيا جيڪا شديد مذهبي جوش جذبي سبب متحرڪ هئي ۽ وڏن ڪاروباري وهڪرن ذريعي ٿهلجڻ لڳي، سا مرڪزي ايشيا ۽ انڊين سمونڊ تائين سامونڊي رستن سان گڏ قائم رهي.'[6] يقينن اهو سڀ ڪجهہ يورپي اونداهي دور کان بلڪل مختلف هو.

ڇهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين پهريائين سُوئي (Sui) ۽ پوءِ تينگ (Tang) شاهي خاندان هيٺ سلطنت ٻيهر متحد ٿي. دشمنن مٿان جنگي فتح نون شهنشاهن کي ان لائق بڻايو تہ وڏا سرڪاري ڪم ڪرائڻ لاءِ عوام جي وڏي، آباديءَ کان ڪافي وڏاو محنت وٺن. بہ نوان گاديءَ جا هنڌ، لويانگ ۽ چانگ ان دور ۾ اڏيا ويا. لويانگ جون ڀتيون اوير کان اولهہ تائين نو (9) ڪلوميٽر، اتر کان ڏکڻ تائين 8 ڪلوميٽر پکڙيل هيون، جن 70 ميٽر ويڪرن 25 لنگهن واري هڪ مستطيل شهر کي چئن طرفن کان بند ڪري ڇڏيو هو. 40 ميٽر ويڪرا ۽ سوين ڪلوميٽر ڊگها واهہ ٺڪي، وي ۽ يانگزي دريائن سان ڳنڍيل هئا، جن ذريعي ڏکڻ ۾ چانورن جي ايتري پيداوار ٿي جو اتر وارن شهرن کي بہ خوراڪ مهيا ٿي سگهي. اتر اولهہ واري سرحد سان گڏ عظيم ڀت سوين ڪلوميٽر ٻيهر تعمير ڪئي وئي ۽ فوجي مهمن سلطنت جي اثر ۽ طاقت کي اوير ۾ ڪوريا، اولهہ ۾ انڊيا ۽ ايران جي سرحدن تائين ۽ ڏکڻ ۾ انڊوچائنا تائين وڌائي ڇڏيو.

هڪ انتظامي ڍانچو جنهن کي ڪُل وقتي عالم-سرڪاري عملدار هلائيندا هئا، جن مان ڪجهہ کي هڪ امتحاني سرشتي ذريعي ڀرتي ڪيو ويو. ان انتظامي ڍانچي زميندار اشرافيائي طبقي جي برابري شروع ڪئي ۽ زمين کي هارين ۾ ننڍين ملڪيتن ۾ ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جيئن واڌو پيداوار ڍلن جي صورت ۾ رياست ڏانهن وڃي، نہ ڪي مسواڙ طور اشرافيا ڏانهن.[7] لوڻ، الڪوحل ۽ چانهہ تي رياست جي هڪ هٽيءَ محصولن ۾ اضافو ڪيو.

رياست طاقتور هئي، جنهن شهرن ۾ عوام جي زندگيءَ جي رکوالي پئي ڪئي ۽ ڪنفيوشن ازم اطاعت ۽ مطابقت تي زور ڏنو پر رياستي ڪامورا شاهيءَ اندر ان جي غالب

حيثيت هئي. وڏندڙ تجارت سڄي ايشيا جي نظرياتي خيالن کي چين ۾ کڻي آئي. ٻُڌمت
جي اهميت گهٽجي وڃڻ لڳي. 'نيسٽورين' عيسائيت (جنهن کي روم ۽ بازنطين ۾ بي ديني طور
مذمت ڪئي وئي) ان جو چڱو اثر هو ۽ مانيچي ازم ۽ زرتشت کي به پيروڪار مليا. ذڪرڻ جي
ساحلي پٽي وارن ڪاروباري شهرن ۾ انيڪ پرڏيهي واپاري، ملائي، انڊين، ايراني، ويٽنامي
خميري ۽ سُماترن موجود هئا. ايتريقدر جو ڪنٽن (Canton) ۾ مسلمان واپارين لاءِ شيعن ۽
سُنين جون الڳ مسجدون هيون. ساڳئي نموني چيني اثر جي روشني دنيا جي سيني رخن ۾
ڦهلي. ٻُڌمت ۽ چيني ٻولي ۽ ادب ڪوريا ۽ جاپان تائين وڌيا ۽ ڪاغذ ٺاهڻ جي معلومات
سمرقند کان ٿيندي ايران، عرب دنيا ۽ نيٺ ڪيترن صدين ڪانپوءِ يورپ پهتي.

ٽينگ شاهي خاندان ٽن صدين تائين حڪمراني ڪندو رهيو پر پوءِ بحرانن ۾
ڦاسي پيو. مٿين اقتداري ايوانن، ڪامورا شاهيءَ ۽ درباري حلقن جي وچ ۾ مسلسل جهيڙا
ٿيندا رهيا. ڪجهه حڪمرانن ٻڌمت کي زور وٺايو جڏهن ته ٻين ان کي ڪچلڻ جي
ڪوشش ڪئي. حڪمران طبقي جي عياش طرز زندگي، سرڪاري ڪم ۾ هڪ وڏي
سلطنت کي برقرار رکڻ جي قيمت ڳري ٿي وئي. رياست جي آمدني (روينيو) کي
ڪاپاري ڌڪ لڳو جاڪاڻ ته وڏين جاگيرن، جن تي مسواڙي آبادگار ۽ اُجرتي پورهيتن
ڪم ڪيو جي اُڀرڻ سان ننڍن آبادگارن جو طبقو شديد اقتصادي لاٽ ۾ هليو ويو.

انهيءَ دوران هاري عوام جي حالت وڌيڪ بدتر ٿي وئي. هڪ علائقي ۾ هارين جي 90
سيڪڙو آبادي 'جيترو ڪمائي پئي اوترو کائي پئي'.[8] ڏاڙيل به وڌيا ۽ 'ٻهراڙين ۾ اڪثر
فساد ٿيندا رهيا، جن ۾ هارين شرڪت ڪئي'. 870ع ۾ بغاوت جي هڪ لهر آئي، جنهن
سڄيءَ سلطنت کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو.[9] هڪ باغي فوج اتر کان ڏکڻ طرف عظيم
مارچ ڪيو ۽ وري 880ع ۾ واپس شاهي راڄڌانيءَ چانگ تي قبضو ڪيو.[10]

بهرحال اها سوڀ ڊيل ۽ هيسل هارين لاءِ نه هئي. ان بغاوت جا اڪثر رُڪن هاري نه هئا،
جيڪي ٿوري وقت لاءِ به پنهنجيون ٻنيون ڇڏڻ تي ناراض ٿيا پئي، پر اُهي ماڻهو هئا جن ٻنيون
ڇڏي ڏنيون. جڏهن ته ان بغاوت جي قيادت ۾ 'ٻهراڙيءَ جا ڪجهه چڱا مڙس ۽ مفلس طبقن جا
ماڻهو هئا'. ايتريقدر جو ان جو اڳواڻ هنگ چائو '(سرڪاري نوڪريءَ) واري امتحان لاءِ هڪ
مقامي اميدوار طور چونڊيو ويو هو.' ڪجهه ڏينهن ۾ فوج ۽ سندس اڳواڻن مختلف رستي تي
عمل ڪيو. فوجي ويڙهاڪن مقامي غريبن سان گڏجي دنيا جي سڀ کان وڌيڪ خوشحال
شهر کي ڦريو لٽيو 'بازارن کي ساڙيو ۽ لاتعداد ماڻهن کي ڪُٺو ويو ..... جن عملدارن سان
سخت نفرت ڪئي ويندي هئي، تن کي گهٽين ۾ قتل ڪيو ويو.' ان جي ابتڙ، هنگ جو مقصد
پنهنجو پاڻ کي هڪ شهنشاهه طور مقرر ڪري، هڪ مستحڪم حڪومت قائم ڪرڻ هو.
ان شاهي نظام کي پيهر جياريو. رياستي انتظاميا تان فقط اعليٰ عملدارن کي هٽايو باقي پراڻي
شرافيا کي اهم عهدن تي ڇڏي ڏنائين ۽ پنهنجن پوئلڳن، جن به شڪايت ٿي ڪئي، تن
خلاف انتهائي سخت ڪارروائي ڪيائين. جڏهن هڪ ماڻهوءَ وزارتي عمارت جي دروازي تي

حڪومت تي ٺٺول ڪندي نظم لکيو ته هنگ جي نائب ’انهيءَ ڪاتي ۾ ڪم ڪندڙ عملدارن کي ماري ڇڏيو انهن جو اکيون ڪيڏرايون ۽ سندن جسمن کي ٽنگي ڇڏيو ويو. ان دروازي جي حفاظت ڪندڙ محافظن کي ڦاهي ڏني، راڄڌانيءَ ۾ هر ان ماڻهوءَ کي ماريو ويو جيڪو شاعري ڪري سگهيو پئي ۽ ٻين سيني تعليم يافته ماڻهن کي گهريلو نوڪر طور مقرر ڪيائين. اٽڪل 3,000 کان وڌيڪ ماڻهو قتل ڪيا ويا.‘

پنهنجن پوئلڳن خلاف ٿيڻ سبب هنگ تخت تي رهڻ جي اهل نه رهيو. هڪ شاهي جنرل هڪ سال کانپوءِ ٽڙيل پکڙيل باغي قوتن کي گڏائي شهر تي ٻيهر قبضو ڪري ورتو. ان بغاوت تانگ شاهي خاندان جو خاتمو ڪري ڇڏيو جن حقيقي طاقت وڃائي ڇڏي هئي، ڇاڪاڻ ته سلطنت تي راڄ ڪرڻ لاءِ جنرل هڪ ٻئي سان وڙهندا رهيا. اڌ صديءَ تائين چيني سلطنت هڪٻئي جي مخالف پنجن رياستن (پنج شاهي خاندانن) ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ورهائجي وئي. وري هڪ نئين شاهي خاندان سُنگ چين کي ٻيهر متحد ڪيو.

ڪيترن حوالي سان هيءَ بغاوت 206 ق. م ۾ ٿيل بغاوت جهڙي هئي، جنهن ۾ چِن شاهي خاندان جو تختو اونڌو ڪيو ويو ۽ 184ع کانپوءِ هن سلطنت کي ٽوڙڻ ۾ مدد ملي. چين جي تاريخ ۾ ٻين بغاوتن ۾ پڻ گهڻي قدر ساڳيو انداز اختيار ڪيو ويو. هڪ شاهي خاندان پنهنجو پاڻ کي مضبوط ڪيوءِ محل، واهه ۽ رستن جي تعمير واري مقصد ۾ جُتي ويو. ان وڏن قلعن ۽ ٻاهرين جنگين ذريعي پنهنجي اُترئين ۽ الهندي سرحدن کان ڌنارن جي خطرن کي ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي. ان پنهنجي طاقت وڌائي، پر ٻهراڙيءَ جي وڏي آباديءَ کي غربت جي اهڙين حدن تائين ڌڪي ڇڏيو جو بغاوتون ڀڙڪنديون رهيون، جيڪي شاهي طاقت ۽ اقتدار جي بکيا اديڙي ڇڏين پيون. پوءِ ڪجهه باغي اڳواڻ يا شاهي سپه سالار هڪ نئين شاهي خاندان جي حڪومت قائم ڪري پيا وٺن، جنهن سان سمورو چڪر ٻيهر شروع ٿي ويو ٿي.

ٻهراڙيءَ جي غريبن ڪڏهن به فتح جا مزا نه ماڻيا. ٻهراڙين جي ڪشادين ۽ وڏين ايراضين ۾ ڇڙوڇڙ ذاتي ٻنين جي ٽڪرن سان ڳنڍيل، جاهل، ٻاهرين دنيا بابت بي خبر هوندي به اُهي موجوده رياست هٿان ٿيندڙ ظلم جي ڪارروائين خلاف بغاوت ڪندا رهيا پئي، پر اُهي اجتماعي طور تي هڪ نئين رياست ٺاهي پير ڄمائي نه پئي سگهيا، جنهن ۾ سندن طبقي جي حڪمراني هجي. ان بدران اُهي موجود رياست جهڙي رياست ٺاهڻ پيا چاهين، پر هڪ ’خراب‘ بدران هڪ ’سُٺي‘ شهنشاهه جي اڳواڻيءَ هيٺ مطلب ته فتح باوجود هنن هڪ نئين حڪمران کي آڏو پئي چاهيو جيڪو ساڻن پراڻي جي ڀيٽ ۾ بهتر سُلوڪ ڪري

اهو خيال حڪمران نظريي ۾ پڻ سمائجي ويو. هڪ شاهي خاندان جي قانوني جائز حيثيت جو تصور ’مٿان کان مليل اختيار‘ تي منحصر هو جيڪي وقفي وقفي سان هڪ کان ٻئي شاهي خاندان ڏانهن منتقل ٿيندو رهيو.

تنهن هوندي به هر ٻيري ساڳئي طريقي ڪار جي ورجاءَ جو مطلب اهو نه هو ته چيني سماج ’ناقابل تبديل‘ هو جيئن ڪيترائي اولهه جا ليکڪ دعويٰ ڪندا رهن ٿا. هڪڙيون

خانداني بادشاهتون آيون ۽ ويون ٿي تيئن تبديليون ڪنيون ٿينديون رهيون. جيڪي آهستي آهستي پيداواري سرگرمين ۾ نيون حرفتون ۽ هنر متعارف ڪرائينديون رهيون ۽ انهن تبديلين ۽ نواڻ سان گڏ سماج جي مختلف گروهن جي وچ ۾ لاڳاپا پڻ تبديل ٿيندا رهيا.

دنيا جي سرواٽي

چين هڪ عظيم اقتصادي تبديليءَ جي تسلسل کي جاري رکيو. وڏين جاگيرن، جن تي يا تہ مسواڙي آبادگار يا وري اُجرتي پورهيت ڪم ڪندا هئا، جي مالڪن نون کيڙيندڙ اوزارن ۽ مشينن ۾ سيڙپ ڪري پنهنجي آمدني وڌائڻ چاهي ۽ انهن طريقن کين ان لائق بڻايو تہ پنهنجي زمين مان هڪ سال ۾ هڪ کان وڌيڪ فصل ڪٽي سگهن.[11] اترين علائقن کان يانگزي ماٿريءَ وارن چانور پوکيندڙ علائقن ۾ ڏکڻ ڏانهن مسلسل لڏپلاڻ ٿيندي رهي. زرعي پيداوار ۾ زبردست واڌ ٿي ۽ اهڙيءَ طرح واڌو پيداوار ۾ اضافو ٿيو جنهن کي استعمال ڪري امير عياشيون ڪري سگهيا.

تجارتي چارن (نيٽ ورڪ) آبادگارن کي مقامي بازارن سان ۽ مقامي مارڪيٽن کي صوبائي شهرن سان ڳنڍڻ شروع ڪيو جيڪي پنهنجي حجم ۽ اهميت ۾ وڏي ويون هيون. ايتريون ٻيڙيون شايد ئي دنيا ڪڏهن ڏٺيون هجن، 50 هزار ميل دريائن ۽ واهن سان ڳنڍيل آبي رستن تان نہ فقط اميرن لاءِ عياشي واريون شيون، پر وڏي مقدار ۾ تجارتي سامان بہ ڪٽي اينديون رهيون. سماج جي سيني ڪاروبارن ۽ ڪاروهنوار ۾ نوٽن (Currency) جو ڪردار اهم ٿيندو ويو ۽ نوٽن توڙي سِڪن جو استعمال تيڻ لڳو. واپارين جو انگ وڌيو انهن مان ڪجهہ ڏاڍا امير ٿي ويا. شهر وڌيا. سُنگ بادشاهت جي راڄڌاني ڪائي فينگ شهر جي ايراضي وچين دور واري پئرس کان ٻارهوڻ تي وڌي ۽ ان شهر ۾ شايد ڏهہ لک رهواسي آباد هئا[12] ۽ يانگزي ماٿريءَ ۾ هنگ چُو شهر ۾ پندرنهن کان پنجاهہ لک تائين آبادي هئي.[13]

صنعتن بہ ترقي ڪئي. ڪائي فينگ شهر ۾ 'هڪ وقت جنگي ٽيڪنالاجي تيزيءَ سان ترقي ڪئي، اتان جي اسلحي خانن سڄي ملڪ کي هٿيار مهيا ڪيا. ڪپڙي جي صنعت وڏي ويجهي، جيڪا 'زيچ وان ۽ يانگزي' کان آيل پورهيتن جي ٻيهر آباديءَ تي آڌاريل هئي ۽ لوهہ ۽ اسٽيل جون صنعتون 'وڌيڪ جديد طريقن، مشيني سامان ۾ وڏين سيڙپن ۽ وڏي تعداد ۾ پورهيتن تي آڌاريل انتهائي منظم ڪاروبار بڻجي ويون، جيڪي حڪومتي ۽ 'انفرادي فولادي آقائن' ٻنهي جي ڪنٽرول هيٺ هيون'. ننڍن ڪارخانن 'شاهي خاندان، اعليٰ عملدارن ۽ ڪاروباري سيٺين لاءِ عياشيءَ جي سامان سا گڏ 'ڪپڙا، ڪتاب، ڪيميڪل ۽ تعميراتي سامان' پڻ پيدا ڪيو.'[14]

چڱي خاصي ٽيڪنالاجيڪل جدت اچي وئي. ڌاتن واري ٽيڪنالاجيءَ ۾ ڪاٺ جي ڪوئلي جي جاءِ تي ڪاٺين وارو ڪوئلو ڪتب آندو ويو. ڌنوڻ (ڌوٽي، ڌمڻ) لاءِ پاڻيءَ سان هلندڙ مشينري استعمال ڪئي وئي ۽ ڪاٺين ۽ سرنگهن جي کوٽائيءَ لاءِ بارود

استعمال ڪيو ويو. 1078ع ۾ لوهه جو پيداواري مقدار 114,000 ٽنن کان وڌي ويو. جڏهن ته انگلينڊ ۾ 1788ع ۾ اهو 68,000 ٽنن تائين پهتو.[15] ٺِڪرن ۽ چينيءَ جي ٿانون جي بيمثال پکيڙ ٿي، اهو هنر آئنده 700 سالن تائين يورپ ۾ دريافت نه ٿي سگهيو. چين ۾ 1044ع کان بارود جو استعمال ٿيو پئي، جنهن جو يورپ ۾ اٽڪل 240 سالن بعد ۾ پهريون ڀيرو ذڪر ٿيو. 1132ع ۾ بانس جي لڪڙن سان راڪيٽ اڇلايا ويندا هئا ۽ 1280ع ۾ ڪانجهي ۽ لوهه جا گولا اڇلائيندڙ اوزار استعمال ٿيڻ لڳا.[16] نين بحري ٽيڪنالاجين 'لنگر، (ٻيڙيءَ جو) مکان، (جهاز ۾ بار ڪڍڻ جي) ڪل، ڪينواس (سڙهه)، سوڙها ڪمرا ۽ رخن جو تعين ڪندڙ ڪمپاس' جهڙن اوزارن چيني ٻيڙين کي ان لائق بڻايو جو اهي عرب خليج ۽ ايتريقدر جو آفريقا جي اوڀر واري ساموندي ڪناري تائين پهتيون.[17] ڪجهه ٻيڙيون ته هڪ هزار ماڻهو کڻي سگهيون ٿي ۽ چيني نقشا ٺاهڻ وارو هنر نه صرف يورپ کان پر عرب وچ اوڀر کان به تمام گهڻو اڳتي هو.

آخر ۾ ڪتابن جي پيداوار ۾ جدت سبب تاريخ ۾ پهريون ڀيرو وچولي طبقي جي چڱي موچاري تعداد لاءِ ادب جي تخليق ممڪن ٿي. نائين صديءَ ۾ اُڪريل (نقش ڪڍيل) ٺڪرن سان ڇپائي اڳ ئي ٿي پئي. جنترين، غيبي طاقتن، ٻڌمت جون لکتون، لغتون، مقبول انسائيڪلوپيڊيا، ابتدائي تعليم جا ننڍا ڪتابچا ۽ تاريخي ڪتاب تورڙي نهايت اعليٰ ۽ معياري لکتون، ٻڌ ڌرم جون مڪمل لکڻيون، ڇپيل تحريري معاهدا ۽ دوائن ۽ دواسازيءَ جي علم بابت عملي ڪتابچا لکيا ويا.[18] 11 هين صديءَ تائين کڻي سگهڻ جهڙو تحريري مواد موجود هو جيڪو اکرن جي گڏيل ٺهڪاءَ تي ٻڌل هو. توڻي جو اهو هنر 15 صدي تائين وڏي پيماني تي ڇپائي لاءِ استعمال نه ٿي سگهيو شايد ان ڪري جو چيني اکرن جو تعداد گهڻو هو جن کي بلاڪن واري ڇپائيءَ کان ٽڪرڙي يا وري سستي نموني ٺاهڻ ڏکيو هو. چين وٽ ڇپيل ڪتاب يورپ کان 500 سال اڳ موجود هئا ۽ لکيل لفظ فقط تعليم يافته حلقي يا اُنهن، جيڪي وڏين خانقاهن ۾ رهيا ٿي، جو استحقاق نه هئا. رياست يا خانگي فردن هٿان هلندڙ اسڪول تيزيءَ سان وڌيا، خاص ڪري ملڪ جي نئين اقتصادي ڳڙهه هيٺاهين يانگزي خطي ۾. جيئن هڪ چيني ليکڪ، جيڪو ان دور ۾ هن خطي ۾ رهيو، ان لکيو ته 'هر هاري، ڪاريگر ۽ واپاري پنهنجي پُٽ کي سيکاري ٿو ته ڪتاب ڪيئن پڙهجي. ايتريقدر جو ڏنار ۽ زالون جيڪي ٻنين ۾ پنهنجن مڙسن لاءِ کاڌو آڻينديون هيون، سي قديم دور جي ماڻهن جا نظم پڙهي سگهنديون هيون.'[19]

تجارت ۽ صنعت جي ترقيءَ سان گڏ واپاري طبقي جي خوشحاليءَ، ڳاٽيٽي ۽ اثر رسوخ ۾ پڻ ترقيءَ ٿي، ايتريقدر جو ڪجهه تاريخ نويسن ان کي 'بورجوازي' سڏيو. Twitchett لکي ٿو ته سُنگ جي پوئين دور تائين 'هڪ دولتمند، باشعور شهري وچولو طبقو هو جنهن کي پنهنجي سڃاڻپ ۽ پنهنجي خاص ثقافت جو سگهارو احساس هو.'[20] پيو ته واپارين ڏانهن رياست جو رويو پڻ تبديل ٿيو. اڳوڻا شاهي خاندان واپارين

کي 'امڪاني طور تي گڙٻڙ ڪندڙ عنصر' طور ڏسندا هئا ۽ کين 'مستقل نگرانيءَ هيٺ' رکندا هئا.[21] سانجهيءَ کانپوءِ ڪرفيو سبب ماڻهو شهرن جي گهٽين ۾ نہ نڪرندا هئا. مارڪيٽ رياست جي سخت نگرانيءَ هيٺ چوڏاري ڀتين واري شهر تائين محدود هئا ۽ واپارين جي خاندانن کي رياستي ڪامورا شاهيءَ ۾ ڪو عهدو ماڻڻ کان روڪيو ويندو هو. 11 هين صديءَ جي ابتدا ۾ هڪ اعليٰ عملدار 'واپارين مٿان ڪنٽرول' جي کوٽ جي شڪايت ڪئي تہ 'واپاري پُرآسائش زندگيءَ جو مزو ماڻين ٿا. ذائقيدار جانور ۽ گوشت جا کاڌا کائين ٿا. سهڻا گهر ۽ انيڪ گاڏا اٿن. پنهنجين زالن ۽ ٻارن کي موتين ۽ قيمتي پٿرن سان سينگارين ٿا ۽ پنهنجن غلامن کي اڇي ريشم پهرائين ٿا. صبح جي وقت اُهي سوچين ٿا تہ مال دولت ڪيئن ٺاهجي ۽ شام جو اُهي غريبن جو کلون لاهڻ جي ذريعن بابت سازشون سٽين ٿا'.[22]

نون شهري اميرن پنهنجي اقتصادي طاقت کي استعمال ڪندي، شاهي ڪامورا شاهيءَ مٿان اثرانداز ٿيڻ شروع ڪيو.

امتحاني سرشتو هڪ اهڙو رستو ٿي پيو جتان وڏن خاندانن کان ٻاهر وارن ماڻهن جو چڱو تعداد شاهي حڪومت جي اعليٰ سطحن تائين پهچي سگهيو پئي... نوان عملدار انهن خاندانن مان کنيا ويو جن... امير واپارين ۽ دولتمند زميندارن... ڪاروباري انقلاب مان سڀ کان گهڻو فائدو حاصل ڪيو هو.[23]

فقط چند سئو ماڻهو قومي امتحان پاس ڪندا هئا،[24] پر اُهي ٿورا ڪامورا هڪ وڏي نظام جي چوٽيءَ تي هئا. 13 هين صديءَ تائين اٽڪل ڏہ لک شاگرد سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهندا هئا ۽ ٻيا هزارين خانگي ۽ ٻُڌمت جي اسڪولن ۾ پڙهندا هئا. اُهي انهن سڀني چوٽيءَ تائين پهچڻ جا خواب ڏٺا پئي. انهن امتحان پاس ڪندڙن جو چڱو تعداد واپاري خاندانن منجهان هو.

وچايل صديون

جيتوڻيڪ واپارين جي هڪ پريشر گروپ طور اهميت وڌي پئي، پر اُهي اجان تائين رياست جو ڪاروهنوار هلائڻ کان گهڻو پري هئا. وڏي پيماني تي ٿيندڙ پيداوار جو اڪثر حصو اجان تائين رياست جي ڪنٽرول هيٺ هو ايتريقدر جو منافعي بخش ڪاروبار، جهڙوڪ: رياستي ملڪيت واريون ٻيڙون، واپارين کي معاهدن تي ڏنيون ويون. خود رياست کي ڪامورن هلايو پئي، جن کي عالم عملدارن طور تربيت ڏني ويندي هئي، جن جا آدرشي ڪردار ٻهراڙيءَ جا شريف ماڻهو هئا.[25] هڪ واپاريءَ جو پُٽ جنهن سرڪاري عهدو حاصل ڪيو، تنهن جو بہ آدرشي ڪردار اهوئي شريف ماڻهو هو. نتيجو اهو نڪتو جو جيئن ئي سنگ سلطنت پنهنجي انتها تي پهتي تہ بحرانن جون نيون علامتون ظاهر ٿيڻ شروع ٿيون.

جنهن کي تاريخ نويس عام طور تي 'نئون ڪنفيوشن ازم' سڏين ٿا، اهو رياست

اندر غالب نظريو هو. ان نظريي کي هلائيندڙ باهمي احترام تي ٻڌل معمول جو ڪاروهنوار ڪندڙ حڪمران ۾ انتظاميہ جي ضرورت تي زور ڏنو. ان نظريي اشرافيہ جي ويڙهاڪ طبقن جي پرتشدد ڪارروايُن ۾ واپارين جي بي رحم منافعي خوريءَ کان پاسو ڪيو. ان مطالعي جو اهڙو ماحول ٺاهيو جو رياستي ڪامورا شاهيءَ ۾ عهدي جو خواهشمند ڪوبہ ماڻهو اهو ڪم ڪري سگهيو پئي. پيو تہ 'نئون ڪنفيوشن ازم' رجعت پسند سماجي پرت سان ٺهڪندڙ فڪر هو جنهن پرت جي آدرشي زندگي بي رحم مقابلي ۾ جنگي جهيڙن بدران عالم ۾ فاضل جي واندڪائيءَ واري هئي.

اهو نظريو ابتدائي سنگ شهنشاهن جي حڪمت عمليءَ سان پڻ ٺهڪندڙ هو. جن اڳوٽي تنگ بادشاهت جي خاتمي جو الزام فوجي پکيڙ وارين مهانگين پاليسين تي هنيو. تنهنڪري اُنهن فوج جي جسامت (سائيز) گهٽائي ڇڏي ۾ سرحدي رياستن کان امن خريدڻ لاءِ رشوت تي ياڙيو. انهيءَ حڪمت عملي ۾ فڪر جو اظهار فطرت ۾ سماج بابت نيم مذهبي تصورن ذريعي پڻ ٿيو پر ان جو مرڪزي تت ۾ جوهر عقلي ۾ عملي هو. ڏکهي عرصي جي بحرانن مان نڪرڻ جو اهو ئي گس هو.

اولهہ جي ڪيترن ليکڪن نتيجو ڪڍيو آهي تہ نئين ڪنفيوشن ازم چين کي سرمائيداراڻي رستي ڏانهن وڌڻ کان روڪي ڇڏيو. اُهي سمجهن ٿا تہ 'سرمائيداريت جي روح' سان سندن دشمنيءَ چيني سماج کي هڪ هزار سالن تائين بي حرڪت ۾ جامد ڪري ڇڏيو. پين جو زور وري آمريتي حڪمراني تي آهي، جنهن چيني اقتصادي ترقيءَ کي روڪي ڇڏيو.[26] پر جيئن اسان ڏنو آهي تہ سنگ دور ۾ چيني سماج جمود کان گهڻو پري هو. غير ڪنفوشن خيال (ٻڌ مت، تائومت ۾ نيسٽورين) نہ صرف موجود هئا، پر اُهي ڇپيل صورت ۾ بہ موجود هئا. نظرياتي طور تي ڪنفيوشن ديننداري کي مڃيندڙ عملدار عملي طور تي بلڪل مختلف نموني ورتاءُ ڪندا هئا. مثال طور، پيٽريڪا ايبري (Patricia Ebrey) ٻڌائي ٿو تہ ڪيئن شريف ماڻهن لاءِ سنگ هدايتن جا ڪتابچا وڏي پيماني تي ورهايا ويا. يان سائي (Yuan Ts'ai) جي "سماجي زندگيءَ جي سمجهہ" ڪيترن نون ڪنفيوشن اصولن جي نفي ڪئي. لکيڪ يان سائي جي خيال ۾ 'ڪاروبار ۾ ماڻهن جو مقصد منافعو هو' ۾ هن 'ڪاروباري طرز جي روين' کي اظهاريو. تنهنڪري جيڪي ڳالهيون هن بيان ڪيون 'مڪمل طور تي نيو۔ ڪنفيوشن ازم سان سلهاڙيل ماڻهن کي ڪهڙين سرگرمين کان پرهيز ڪرڻو پوي ها'.[27]

بهرحال، اثرائتي نيو۔ ڪنفيوشن نظريي ۾ واپاري طبقي جي سرگرمين جي وچ ۾ ٿي هئي، پر اها وٿي هڪ طبقو تيسيتائين برداشت ڪري سگهي ٿو جيسيتائين حيثيت ترقي ڪري ٿي ۾ هُو وڌيڪ امير ۾ وڌيڪ بااثر ٿئي ٿو... اٺين ئي جيئن سوين سال پوءِ پهريان يورپي سرمائيدار بادشاهي رياستن سان ڪم ڪرڻ ۾ سندن سرڪاري نظرين کي قبولڻ لاءِ تيار هئا. جيسيتائين انهن سندن ڏوڪڙ ناهڻ ۾ ڪا رُڪاوٽ نہ وڌي،

چين جي نرالي خاصيت نظرياتي نہ پر مادي قوت هئي، جنهن واپارين ۽ دولتمند تجارتڪارن کي پنهنجو پاڻ پچي راس ٿي، سرمائيدار طبقي ۾ بدلجڻ واري اهليت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو. چينين 17 ۽ 18 هين صديءَ جي يورپ کان وڌيڪ رياستي ڍانچي جي عملدارن تي ڀاڙيو پئي. وڏن پيداواري ذريعن، يعني ڪشادن واهن جي ڄار ۽ آبپاشي ڪمن کي هلائڻ لاءِ رياستي عملدار لازم ۽ اٽل هئا.[28] انهن چيني واپارين کي تمام ٿورو موقعو ڏنو جن کي رياستي مشين سان گڏ ڪم ڪرڻو پيو.[29] ايتريقدر جو اُها رياست واڌيءَ جو اڌ حصو پاڻ کائي ٿي وڃي ۽ ان واڌو پيداوار کي پيداواري استعمال کان ڦيرائي درباري ۽ اعليٰ عملدارن جي عياشين ۽ سرحدي علائقن کي رشوتون ڏيڻ تي خرچ ڪيو پئي ويو.

اهو وقت چڱن مڙسن، عملدارن ۽ امير واپارين لاءِ هڪ جيترو خوشحال دور هو.[30] جڏهن تہ هاري غربت جي چڪيءَ ۾ پيڙجندا رهيا. يارهين صديءَ ۾ سُو سن لکيو:

امير خاندانن وٽ ٻنين جا وڏا ٽڪرا آهن.... سندن ٻنين کي ڀاڙيتو خانہ بدوشن کيڙين ٿا جن کي ڇهبڪن سان هلايو وڃي ٿو ۽ کين غلام سمجهيو وڃي ٿو. ٻنيءَ مان پيدا ٿيل فصل جو اڌ مالڪ ڏي ۽ اڌ کيڙيندڙ کي ملي ٿو. هر زميندار لاءِ ڏهہ کيڙيندڙ آهن..... مالڪ صاف طور تي پنهنجي اڌ کي ڪٺو ڪري سگهي ٿو ۽ امير ۽ طاقتور بڻجي ٿو جڏهن تہ کيڙيندڙ پنهنجو اڌ ڏيهاڙي خرچ ڪن ٿا ۽ غربت ۽ بُک ۾ پاهہ ٿين ٿا.[31]

چڱن مڙسن_ عملدارن جي 'ڪنفيوشن' اخلاقيات جو دائرو يقينن انهن تائين نہ هو جن تڪليفون ڀوڳيون پئي. يان سائي (Yuan Ts'ai) "سماجي زندگيءَ جي سمجهہ" ۾ انهن هارين ۽ ڪاريگرن کي 'گهٽ درجي وارن ماڻهن' طور بيان ڪري ٿو 'نوڪرن جي صحيح رستي تان ڀٽڪيل هجڻ ۽ خودڪشيءَ ڏانهن سندن رجحان' بابت ڳالهائي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ کين ڪيئن ڪٽڻ گهرجي ۽ اها صلاح بہ ڏئي ٿو تہ ساڻن پالتو جانورن وانگر سلوڪ ڪجي.[32]

تاريخ نويس جان هيئگر لکي ٿو تہ 'ڏکڻ واري سُنگ بادشاهت جي انت تائين ٻهراڙيءَ جو وڏو حصو ساڳين قوتن هٿان ڪنگال ٿي ويو جن زرعي ۽ ڪاروباري انقلابن جي باهہ کي ڀڙڪايو هو'.[33]

پر اندروني بحرانن جي علامتن کي پچي راس ٿيڻ ۽ واپارين ۽ عملدارن جي وچ ۾ مفادن جي ڪنهن ٽڪراءَ جي نروار ٿيڻ کان اڳ هڪ ٻاهرين بحران رياست کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. 1127ع ۾ اُتر کان هڪ ڪاهہ چين کي اڌواڌ ڪري ڇڏيو سنگ وٽ فقط ڏکڻ جو ڪنٽرول رهيو. 1271ع ۾ سڄو ملڪ هڪ ٻي ڪاهہ آڏو ڍير ٿي پيو.

اُتر ۾ پهرين ڪاهہ بنيادي طور تي حالتن کي نہ بدلايو. فاتح اُرچين (Jurchen) اُهي ماڻهو هئا، جن اڳ ۾ چيني طرز سان هڪ رياست ٺاهي هئي ۽ پنهنجي اڌ چين، چن سلطنت کي چيني ڳالهائيندڙ عملدارن هٿان هلايو. ذري گهٽ 150 سالن تائين موثر طور تي بہ چيني سلطنتون قائم رهيون.

ٻي ڪاهہ وڌيڪ سنگين هئي، جيڪا منگول فوجن ڪئي. منگول اڳئين صديءَ ۾

پنهنجي مرڪزي ايشيائي وطن کان نڪري اولهہ کان مرڪزي يورپ ڏي ۽ ڏکڻ کان عرب دنيا ۽ انڊيا ڏانهن توڙي اوڀر کان چين ۽ ڪوريا ڏانهن پکڙجي ويا هئا. منگول سماج تي فوجي اشرافيا جي حاڪميت هئي، جن وٽ خانہ بدوش ڌڻ هئا. منگول زبردست گهوڙي سوار هئا ۽ وٽن جديد هٿيار ۽ زرهہ خريدڻ لاءِ دولت هئي. نتيجي طور اهڙي فوج نهي، جنهن آڏو فقط چند فوجون ئي بيهي سگهيون.[34] پر انهن وٽ پنهنجو انتظامي ڍانچو نہ هو ان ڪري هنن اهڙن ماڻهن جي خدمتن تي ڀاڙيو جن کي مفتوح ڪيائون.

چين ۾ منگول حڪمرانن پنهنجو پاڻ کي يان شاهي خاندان مان سڏايو ۽ سلطنت هلائڻ لاءِ پراڻي ڪامورا شاهيءَ تي انحصار ڪيائون، پر مٿن اعتبار نہ هئن. تنهنڪري اهم عهدا پنهنجن هٿن ۾ رکيائون ۽ ڊل اوڳاڙڻ واري منافعي بخش ڪاروبار لاءِ مرڪزي ايشيا جي مسلمان واپارين سان معاهدو ڪيائون، جن کي فوجي جٿن جي ٽيڪ ڏنائون. ان عمل ٽيڪنالاجيءَ ۽ اقتصادي جدت سان حاصل ٿيل سماجي انتظام ۽ بندوبست جي سطح جيڪا دنيا ڪڏهن نہ ڏٺي هوندي تنهن کي تباهہ ڪري ڇڏيو.

اقتصادي مسئلا خاص ڪري ٻهراڙيءَ جي مفلسي جيڪا سنگ بادشاهت جي دور ۾ آهستي آهستي وڌيي پئي، اهي مسئلا هاڻي نروار ٿي بيٺا. 1270ع کانپوءِ قيمتن وڌڻ شروع ڪيو. اترئين علائقي جي هارين جي غربت وڏين جاگيرن جي پکيڙ سان وڌيڪ بدتر ٿي وئي.

چيني سماج پنهنجي جدت ۽ سُڌاري جي عمل کي جاري رکيو جنهن پرڏيهين کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. بيجنگ ۾ منگول دربار هئي، جنهن 1275ع ۾ اٽليءَ جي سياح مارڪو پولو کي متاثر ڪيو. يوريشيا جي هڪ انتها کان ٻي انتها تائين وسيع ايراضيءَ ۾ منگولن جي موجودگيءَ چيني ٽيڪنالاجيڪل جدتن جي معلومات کي اولهہ جي گهٽ ترقي يافتہ معاشرن تائين ڦهلائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو پر ان دوران خود چين پنهنجي اقتصادي ڪشش وڃائي چڪو هو ۽ هارين جي غربت سبب مسلسل بغاوتون ٿينديون رهيون، جنهن جي اڳواڻي گهڻو ڪري مذهبي فرقن يا وري 'اڇي ڪنول'، 'اڇو جهُڙ'، 'ڳاڙهن پٽڪن' جهڙين ڳجهين تنظيمن ڪئي. نيٺ هڪ خانہ بدوش زرعي پورهيت جي پُٽ ڳاڙهي پٽڪي وارن جي اڳواڻ چُو ين چانگ منگول راڄڌاني بيجنگ تي قبضو ڪيو ۽ 1368ع ۾ پنهنجو پاڻ کي شهنشاهہ سڏايائين.

پوين سالن دوران منگولن هٿان ٿيل تباهيءَ جي بحالي جو ڪم نئين منگ سلطنت هيٺ آهستي آهستي ٿيڻ لڳو پر اقتصادي ڪشش بحال نہ ٿي سگهي. ابتدائي منگ شهنشاهن شعوري طور تي صنعت ۽ پرڏيهي تجارت کي زور نہ ونايو تہ جيئن زراعت ۾ وسيلا سيڙائين، تنهنڪري ئي اُهي 12 هين صديءَ جي پيٽ ۾ ابتدائي 16 هين صديءَ ۾ گهٽ ترقي يافتہ هئا. انهيءَ دوران يوريشيا جي ٻين علائقن جن چيني هنرن ۽ طريقن مان سکيو تن اڳواڻي ڪئي ۽ اُنهن پنهنجيون خوشحال شهري تهذيبون اڏڻ شروع ڪيون ۽ انهن سان گڏ گڏ فوجون ۽ بحري قوتون بہ وڌنديون رهيون.

باب ٽيون

بازنيطين؛ زندهہ پنڌ پهڻ

اولهندي يورپ ۾ رومن شهنشايت جو زوال بنيادي طور تي سلطنت جو انت نہ هو. گوٿس طرفان روم جي ڦرمار ڪرڻ کانپوءِ هڪ هزار سالن تائين شهنشاهہ جيڪي پنهنجو پاڻ کي رومن سڏائيندا هئا، تن اجان تائين قسطنطنيہ (هاڻوڪي استنبول) جي شهر ۾ راڄ ڪيو پئي. ان سلطنت کي بازنيطين سڏيو وڃي ٿو توڙي جو سندن ٻولي يوناني هئي، پر شهنشاهہ ۽ سندس رعيت پنهنجو پاڻ کي رومن سمجهيو پئي. انهيءَ هڪ هزار سال واري عرصي دوران قسطنطنيہ جي شان شوڪت ۽ امتيازي سجاڻپ سندس شاندار شاهي محل، سندس ڪتب خانا ۽ عوامي بيت الخلا، سندس عالم جيڪي يوناني ۽ رومن قديم لکتن کان واقف هئا، ان جا 300 چرچ ۽ عاليشان سينٽ سوفيا گرجا گهر هئا، جيڪي يورپ جي باقي عيسائي سرزمين ۾ موجود غربت، جهالت، وهمن ۽ اڻ کٽ جنگين کان منفرد هئا.

ايتريقدر جو 12 هين صديءَ ۾ جڏهن اولهندو يورپ وري سجاڳ ٿيو پئي، تڏهن بہ قسطنطنيہ جي آبادي لنڊن، پئرس ۽ روم جي مجموعي آباديءَ کان وڌيڪ هئي. ان شهر پرپاسي وارين مسلمان سلطنتن جي حاڪمن کي متاثر ڪيو توڙي جو 'بغداد، ڪائرا ۽ قرطبہ جا شهر قسطنطنيہ کان وڏا ۽ وڌيڪ آباديءَ وارا هئا'.[35]

بهرحال انهن هڪ هزار سالن ۾ بازنطين تهذيب گذرسفر واري انساني اهليت يا انساني ڄاڻ ۾ تمام ٿورڙو اضافو ڪيو. هر حوالي کان بازنيطين تهذيب پراڻي رومن سلطنت ۽ پنجين صدي ق. م جي يونانين جي اڳواڻ معلوم جدتن تي پاڙيو.

سينٽ سوفيا گرجا گهر[36] ڇهين صديءَ جي وچ ڌاري مڪمل ٿيو سا ان دور جي يورپ ۾ سڀ کان وڌيڪ عاليشان عمارت هئي، ان سان گڏوگڏ بازنيطين اڏاوتي فن ۾ ٿيل ترقيءَ جي انت جي علامت پڻ هئي.[37] استعمال ٿيل نوان هنر وري ڪتب نہ آندا ويا ۽ بعد وارا اڏاوتي ماهر اڻڄاڻ هئا تہ ان جي مڪمل مرمت ڪيئن ڪجي. بازنطين ادب ڄاڻي ٻجهي معياري نمونن جي طرز جو نقل ڪرڻ ۽ نمائشي ۽ ٺاڪي اصولن جي پوئواري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، اصليت (Originality) کي رد ڪيو پئي ...... مواد جي اصليت، ايجاد جي آزادي، يا موضوع جي چونڊ ۽ پسند ۾ آزاديءَ سان جڙيل ادبي قدرن جو خيال نہ ڪيو ويو'.[38] ماضيءَ جي نقل جي پوت سوار هجڻ جي معنيٰ هڪ هزار

سال اڳ واري سرڪاري سماج جي ٻولي ’ڪلاسڪ‘ يوناني هئي، نہ ئي شهر جي زندگيءَ ۾ ڪو مختلف رنگ پيش ڪيو ويو. ’جڏهن هڪ رسمي تقرير ڪبي هئي، تڏهن مقرر ڏيهاڙيءَ جي ڪنهن بہ شيءِ کي ان جي مشهور نالي سان ذڪر ڪرڻ کان ڏڪندو هو.‘[39] بازنطين فن جي خاصيت ’مسلسل محدوديت وارو عمل‘ بڻجي وئي، اڳتي هلي شاهي طاقت يا چرچ لاءِ پروپيگنڊا (پرچار) کان وڌيڪ ڪجھ نہ رهيو.[40]

ٽيڪنالاجيءَ ۾ ڪجھ نواڻ ٿي. ڪيمياگرن ڌاتن کي ڪتب آڻڻ جي نون طريقن لاءِ ٽاپا ڪائيندا رهيا. جيتوڻيڪ ’سائنسي معدنياتي علم هو پر سڄو سارو پُراسرار ۽ غيبي طاقتن جي تصورن ذريعي تباھ ڪيو ويو.‘[41] شيشي جي پيداوار ۾ ڪجھ سُڌارا آيا ۽ ننڍي پيچ سبب دُرست ماپا ٿي سگهيا. لڪڻ وارين شين ۾ ترقي ٿي، خاص ڪري ڪاغذ ڪيئن ٺاهجي، اها ڄاڻ چين کان ورتي وئي. ’بازنطيني رهواسي ڪيترين سادين مشينن (ڪل/بيرم، ڦيٿو/چڪري، ڦيٿن جو ڏندو، چيٽي/چپڙ، چرخي/ڦرٽي ۽ پيچ ڪش) کان واقف هئا. جيڪي لنگرن، ڏوئي وارين مشينن، وزن ڪڻندڙن ۽ ڪانياٽي/ منجنيق جي پُرزن طور استعمال ٿيون.[42] تنهن هوندي بہ لڳي ٿو تہ اهي جدتون فقط ٻن محدود شعبن، حڪمران طبقي لاءِ عياشيءَ جو سامان مهيا ڪرڻ (جهڙوڪ شاهي دربار لاءِ رياضيدان ليو طرفان مشيني ٻوليندڙ پکي ٺاهيو ويو) ۽ جنگي مقصدن لاءِ ڪتب آنديون ويون. ايتريقدر جو جنگي شعبي ۾ بازنطينن هڪ هزار سال اڳ اسڪندريا ۾ حاصل ٿيل معلومات کان تمام ٿورڙو اڳتي وڌي سگهيا.

سائنس ۾ تہ محدود قسم جي جدت بہ نہ ٿي. ڪجھ بچيل مسودا جن ۾ يوناني اسڪندريا ۾ ٿيل فلڪيات ۽ رياضيءَ جي دريافتن جا تفصيل هئا، پر آڳرين تي ڳڻڻ جيترن عالمن انهن مسودن کي سنجيدگيءَ سان ورتو هوندو. مڪ ڏارا جي مفڪرن فطري دنيا کي سمجھڻ لاءِ بائيبل جي بوڪ آف جينسز جي تشريحن تي ڀاڙيو ۽ ڌرتيءَ کي گول نہ پر سنئين/هموار پليٽ طور ڏٺو.[43]

سڀ کان وڌي ڳالھ تہ لڳي ٿو تہ ٻنين تي ڪم ڪندڙ آباديءَ جي وڏي اڪثريت طرفان گذرسفر ماڻڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ طريقن ۽ هنرن ۾ ذري گهٽ ڪابہ پيش رفت نہ ٿي. پوڪ جي ’طريقن ۽ اوزارن‘ ۾ ’قديم زماني کان وٺي ڪا ترقي نہ ٿي يا وري تمام ٿورڙي ٿي.‘[44] ڪيرڻ جو ڪم اڃان تائين ڍڳن ذريعي ڇڪجندڙ هلڪي هَرَ سان ڪيو پئي ويو. ٻنين کي منظم انداز سان زرخيز نہ ڪيو ويو ۽ 12 هين صديءَ تائين جانورن کي اهڙي نموني لغام ڏنو ويو جو اُهي ٻوساٽجي پيا وڃن جنهنڪري بہ گهوڙا فقط اڌ ٽن جو وزن ڇڪي سگهيا پئي. نتيجو اهو نڪتو جو هاري پلي بُڪايل هجن، پر رياست کي قائم رکڻ ۽ حڪمران طبقي جي عياشين لاءِ موجود واڌو پيداوار بہ وڌي نہ سگهي. اها سادي حقيقت بازنطين سماج جي جمود جي بنياد ۾ هئي. اها سلطنت بحرانن کان تہ بچي وئي جن اولھ ۾ پراڻي رومن سلطنت کي تباھ ڪري ڇڏيو پر پيداوار جا ڪي نوان طريقا

دريافت نہ ڪيا ويا ۽ نہ ئي ڪو نئون طبقو پيدا ٿيو جيڪو انهن نون ڍنگن کي ڪا حقيقي صورت ڏئي ها. تنهنڪري اُها ساڳين دېائن کان نہ بچي سگهي، جن پنجين صديءَ ۾ اولهہ جي عظيم بحرانن کي جنم ڏنو.

اوير ۾ سلطنت سلامت رهي، ڇاڪاڻ تہ هي علائقو بنيادي طور تي اٿاهہ زراعت وارو علائقو هو. 330ع ۾ قسطنطنيہ جي شاهي راڄڌاني ٿيڻ کانپوءِ لڳاتار هڪېئي پٺيان ايندڙ شهنشاهہ ايشيا مائنر، شام، بالڪنس کي ڪنٽرول ڪرڻ جي قابل ٿيا ۽ سڀ کان وڌيڪ اهم اناج پيدا ڪندڙ نيل ماٿري، جنهن قسطنطنيہ جي ضرورتن جي رسد مهيا ڪرڻ کان اڳ روم کي سامان پهچايو هو. سلطنت جي صوبن جون معيشيتون وڏن مقامي زميندارن جي هٿن ۾ هيون، سي ذري گهٽ خودڪفيل جاگيرون هيون، جن مصر ۾ 'ننڍڙين بادشاهتن جهڙي صورت اختيار ڪئي، جتي پوليس، انصاف جون عدالتون، خانگي فوجون ۽ ٽپال ۽ ٽرانسپورٽ جو تفصيلي نظام هو.'[45] پر شاهي فوج وڌيڪ طاقتور ۽ انتهائي منظم هئي، جنهن سلطنت کي گهربل چندا مهيا ڪرڻ لاءِ کين مجبور ڪيو.

اولهہ کي ٻيهر فتح ڪرڻ واري جستينين جي آخري ڪوشش ۽ ڇهين صديءَ ۾ سينٽ سوفيا گرجا گهر جي مڪمل اڏاوت کانپوءِ 50 سال مس گذريا تہ اهو ڍانچو ذري گهٽ ڊهي پيو. فوجون، عمارتن جا انبار ۽ دربار ۽ چرچ جون عياشيون سيني سلطنت جي دولت تي ڀاڙيو پئي. هارين جي مسلسل مفلسيءَ ۽ ڪنگال پٽي ۽ صوبائي شهرن جي گهٽ دولتمند رهواسين منجهہ بي چينيءَ سلطنت جي سيني شهرن ۾ مخالف فرقن جي وچ ۾ خونخوار تڪرارن کي جنم ڏنو.'[46] سلطنت ۽ چرچ طرفان مذهبي تقليد پرستي مڙهڻ وارين ڪوششن سبب اهي ٻئي ادارا عوام جي وڏي انگ کان ويڳاڻا ٿي ويا. وڏن پادرين، 'راهبن جي تشدد جي ٽيڪ سان' مندرن تي حملا ڪرائي 'بت پرستيءَ کي وحشياڻي نموني تباهہ ڪرايو.'[47] يهودين مٿان مسلسل حملا ٿيندا رهيا ۽ عيسائيت جي 'وحداني قوت تي ايمان رکندڙ' (Monophysite)، 'آرين' (حضرت عيسيٰ عہ جي الوهيت کان انڪار ڪندڙ) ۽ نسطوري (حضرت عيسيٰ عہ کي نور ۽ بشر مڃيندڙ) تشريحن ۽ تاويلن کي مڃيندڙن ۽ پيروڪارن سان ظلم ٿيندو رهيو. 7 صديءَ ۾ جڏهن سلطنت مٿان ايرانين ۽ پوءِ شام ۽ مصر ۾ عرب مسلمان فوجن ۽ بالڪن ۾ سلافين حملا ڪيا، تڏهن کيس تمام ٿوري حمايت ملي. سلطنت سڪڙجي خود قسطنطنيہ ۽ ايشيا مائنر جي علائقن ۽ چند شهرن تائين محدود ٿي وئي، راڄڌانيءَ ۾ آبادي صفا ٿوري ٿي وئي ۽ تعليم ۽ سکيا جي سطح زوال پذير ٿي وئي.

ڪتيل ۽ ڇانگيل سلطنت فقط ان ڪري بچي وئي، ڇاڪاڻ تہ سندس حڪمرانن معيشيت کي ٻيهر منظم ڪيو تہ جيئن ان جو دفاع ڪري سگهن. اُنهن وڏين جاگيرن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ سرحدي علائقن ۾ فوجن کي هارين طور ننڍين ٻنين ۾ آباد

ڪيائون. هنن جي خيال ۾ اهو سرشتو ڪين سلطنت جو دفاع ڪرڻ لاءِ لشڪر ۽ ڍل جو هڪ پڪو پختو بنياد مهيا ڪري ڏيندو.

ان طريقي سان اُهي سلطنت جي مرڪز کي سنڀالڻ جي قابل ٿيا ۽ ايتريقدر جو ڏهين صديءَ تائين سلافين هٿان آباد بالڪنن زمين جا ڪجهه حصا بحال ڪرائي ورتن. پر حاڪم ان نظام جي بنيادي ڪمزوريءَ کي مات نہ ڏئي سگهيا ۽ وري 11 هين صديءَ جي وچ ڌاري قسطنطنيہ جو زوال ٿيڻ لڳو. سلطنت جو بنياد ئي جبلي (inbuilt) تضاد تي هو ان جو مقصد هڪ آزاد هارپ پيدا ڪرڻ هو جنهن کان ٽيڪس اوڳاڙي سگهجي، پر ڳرين ڍلن سبب هاري زمينون مسلسل ڦٽو ڪندا رهيا ۽ ڍلون وصول ڪندڙ وڏيڪ دولتمند ۽ طاقتور ٿيندا ويا.

ننڍين ڀنين جا ٽڪرا رکندڙ هاري 'سپاهين ساڻ ظالم ۽ بي رحم ڍل اوڳاڙيندڙن جي ٽيمن جي ساليانن حملن کي منهن ڏيندا رهيا. مختصر فيصلن هيٺ باقيدارن کي ڪوڙا هنيا ويا ۽ سندن ملڪيتون ضبط ڪيون ويون.'[48] ڪڏهن ڪڏهن هارين کي جيل موڪلي مٿن تشدد ڪيو ويندو هو ۽ 12 صديءَ ۾ سائپرس جي بُکايل ڪُتن کي مٿن ڇڏيو ويندو هو. ايتريقدر جو خوشحال دورن ۾ بہ هاري مفلسيءَ واري زندگي گهاريندا هئا. خوشحال هارين کان جبري طور تي سندن زمينون وڪائڻ ۽ علائقو ڇڏائڻ لاءِ فقط هڪڙي تيار ٿيل فصل کي ڀيلڻ يا ڪٽي ڇڏڻ ڪافي هو. تنهنڪري هارين مجبور ٿي ڪجهه طاقتور زميندارن جي 'تحفظ' جي صورت ۾ ماتحتيءَ ۽ محڪوميءَ جي آجيان ڪئي. 932ع ۾ جڏهن هڪ هاري بغاوت ٿي تہ ان جي سرواڻي هڪ ننگ ڪئي، جنهن هڪ وڏي نواب خاندان جو پٽ هجڻ جي دعوي ڪئي.[49]

شهنشاهي ڪامورا شاهي شهري عوام کي آزاد نموني منظم ٿيڻ کان روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي. واپاري ۽ ڪاريگر رياستي ڪنٽرول هيٺ جماعتن (Guild) ۾ منظم ٿيا، جنهن سندن منافعن کي سختيءَ سان محدود ڪري ڇڏيو. انهيءَ عمل 'مضبوط ديسي بورزوا جي ترقيءَ کي سست ڪري ڇڏيو'[50] تنهنڪري جڏهن واپار لاءِ رستا کُليا تہ پرڏيهي واپارين کين پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏيو جن جي سرگرمين سلطنت جي ڪمزورين کي ويتر وڌائي ڇڏيو.

پيو تہ شهرن ۾ غلاميءَ جي موجودگيءَ سبب آزاد پورهيتن جو طبقو ترقي نہ ڪري سگهيو. 9 کان 11 صديءَ تائين 'وڏين فتحن ..... سبب مارڪيٽن ۾ سستي انساني تجارت جا ڍير لڳي ويا. ويندي 12 صديءَ تائين جنگي شڪستن، بند ٿيل مارڪيٽن ۽ ڪِرندڙ دولت جي ڪڙين حقيقتن غلامن جي آمد وارن وسيلن کي روڪي ڇڏيو جنهنڪري غلاميءَ مرڻ شروع ڪيو ۽ آزاد پورهيت .... کي اقتصادي طاقت ملي'.[51]

قُسطنطنيہ جي شان شوڪت ۽ ان جي حڪمرانن جي دولت جي ڀئي پاسي عوام جي غربت هئي، جن جو وڏو تعداد انتهائي خراب ڇپرن يا جهوپڙين ۾ رهيو پئي،

ايتريقدر جو انهن جي اڪثريت سياري جي سخت ٿڌين ۾ بہ ٻاهر کليل آسمان هيٺ سُتي ٿي، پر آزاد اقتصادي بنياد جي کوٽ سبب غريب هڪ آزاد قوت طور عمل نہ ڪري سگهيا. اُهي فساد ڪري مختصر هنگامو ڪري سگهيا ٿي، پر ٻين گروهن، غريبن جي ڪاوڙ ۽ نفرت کي پنهنجن مختلف مفادن لاءِ آسانيءَ سان استعمال ڪيو پئي. جسٽينن جي دور ۾ 'نائيڪ' فساد پڙڪيو جيڪو ٻن هفتن تائين هلندو رهيو ۽ اڌ شهر کي ساڙيو ويو ان فساد کي جسٽينن جي مخالف اشرافيائي قوتن استعمال ڪيو. چاڪاڻ تہ مٿن ڍلون لڳايون ويون هيون. تنهن ڪانپوءِ آئنده شهنشاهہ شهري عوام لاءِ سستو اناج مهيا ڪرڻ تي ڌيان ڏيڻ لڳا ۽ ائين فساد گهٽو ڪري شهنشاهہ جي حق ۾ ۽ سندس دشمنن خلاف ٿي پيا.

ايتريقدر جو فسادن هڪ ادارتي صورت ورتي. ان اداري شهري عوام کي سندن طبقاتي مطالبن لاءِ آواز اٿارڻ کان ٽيڙي ڇڏيو. اها تنظيم هپوڊروم آکاڙي ۾ مختلف راندين ۾ ورهندڙ گروهن جي سائي ۽ نيري 'فرقي' ۾ ورهايل هئي. هر هڪ پاسي جا سوين نوجوان خاص بينڪن تي ويهي، پنهنجن رنگن جا ڪپڙا پهري، خوشيءَ سان نعرا هڻي، ٽٺولون ڪرڻ ۽ هڪٻئي کي ڌڪ هڻڻ ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ ڳالهہ اڳتي وڌي خونريزي ۽ فساد تائين پهچندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن نظم ضبط بحال ڪرڻ لاءِ فوجن کي استعمال ڪيو ويندو هو پر انهن فرقن جي پٺڀرائي شهنشاهہ ۽ راڻيءَ سميت وڏيون معتبر شخصيتون ڪنديون هيون، چاڪاڻ تہ سندن خيال هو تہ سلطنت کي خطري ۾ وجهڻ بدران ماڻهن کي (آکاڙي ۾) پنهنجي ڪاوڙ ۽ ٻاهہ ڪيڻ ڏجي.[52]

جڏهن 12 صديءَ ۾ سستو اناج مهيا ڪرڻ وارو سرشتو ڊهي پيو تڏهن فسادن ۾ شهري رهواسين جي طبقاتي مفادن جو اظهار ٿيڻ لڳو. دلچسپ ڳالهہ هيءَ آهي تہ ان ڪانپوءِ ئي ڪاريگرن ۽ واپارين جي مختلف 'جماعتن' (Guild) ۽ انجمنن ڪردار ادا ڪيو.[53]

بازنيطين سلطنت يوناني_رومن ثقافت جي آخري قلعي طور سلامت رهي، چاڪاڻ تہ شهنشاهي ڪامورا شاهيءَ کي هلائيندڙ تعليم يافتہ پرت يوناني ڳالهائيندڙن جي هئي، پر اهو گروهہ پاڻ ڪجهہ ڪرڻ يا پيداوار کي منظم ڪرڻ بدران ٻين جي پورهئي تي زندهہ رهيو تنهنڪري اُن مادي دنيا کان پنهنجي لاتعلقيءَ تي فخر ٿي ڪيو ۽ اهڙي ڪنهن بہ طبقي جي ابرڻ کان ڊنو پئي، جنهن جي پيداواري عمل سان ويجهڙائي هجي، تہ متان ڪٿي ڪاموراشاهيءَ جي واڌيءَ جو ڪجهہ حصو سندن (پورهيتن جي) کيسن ڏانهن نہ هليو وڃي. اهو لقاءُ بازنطين ثقافت جي ٻتاڪي ۽ کوکلي نوعيت جي سمجهاڻي ڏئي ٿو. اهو عمل سيني سماجي گروهن منجهہ جادوئي عقيدن ۽ وهمن جي مضبوطيءَ جي وضاحت ڪري ٿو. پادري گهڻو ڪري اڌ جاهل هئا ۽ سندن پيغام بزرگن جي سادن داستانن، جادوئي آڪاٽين ۽ مقدس يادگارن جي جادوءَ ۾ ايمان تي منحصر هو. جتي بت پرستيءَ ماڻهن کي مقامي خدا مهيا ڪري ڏنا اتي عيسائيت کين مقامي سرپرست بزرگ

ڏنا. ديوي ماتا جي پوڄا، ڪنواريءَ مريم جي عبادت ٿي وئي. پيون روايتون عيسائين جون مختلف رسمون ٿي ويون.

وهمن ۽ عقيدن سان گڏوگڏ انتهائي وحشي ڪم بہ ٿيندا رهيا. 8 صديءَ تائين 'اسان کي زبان، هٿ ۽ نڪ ڪٽڻ ۽ وڍڻ جي سزائن وارو قانوني سرشتو مليو ٿو. چرچ ان جي منظوري ان ڪري ڏني، ڇاڪاڻ تہ بي زبان هوندي بہ ماڻهوءَ کي پڇتائڻ ۽ توبھ ڪرڻ جو وقت ملي ويجي ٿو'.[54] شهرن ۾ چرچ جي سخت اخلاقيات جي معنيٰ 'عورتن جي سختيءَ سان عليحدگي هئي. ڪابہ احترام لائق عورت گهٽين ۾ بي پرده نظر نہ ايندي هئي'.[55] پر وڏي پيماني تي جسم فروشي (چڪلا) پڻ هئي.

بازنطين تهذيب جي بنيادي ڪمزوري 13 صديءَ ۾ ظاهر ٿي، جڏهن قسطنطنيہ يورپي مهم جوئن ۽ غنڊن جي ٽولي آڏو ڊهي پيو. چوٿين جهاد (Fourth Crusade) ۾ شريڪ ٿيندڙن کي سندن طئي ٿيل منزل، يعني يروشلم کان وڌيڪ بهتر انعام قسطنطنيہ جو شهر لڳو. انهن هن کي ڦريو لٽيو ۽ پوءِ هڪ جاگيردارانہ بادشاهت طور ان تي حڪومت ڪيائون. ڪين 1261ع ۾ تڙيو ويو پر نئين سر ٿاهيل بازنطين رياست پنهنجي پراڻي وجود جو اجڙيل روپ هئي ۽ اها نيٺ 1453ع ۾ عثمانيہ جي ترڪن اڳيان ڍير ٿي وئي.

اهڙي قسم جي تهذيب هڪ هزار سالن تائين قائم رکي وئي، پر هڪ طرف ڪم ڪندڙ عوام سان خوشحال حڪمران طبقي جو لاڳاپو فقط ڍل اوڳاڙيندڙ طور ٿيو پئي ۽ ٻئي طرف تعليم يافتہ ڀهراڙيءَ جي پادرين ڪين نپوڙيو پئي. اهڙي تهذيب هڪ زنده پنڊپهڻ (زمين مان کوٽي ڪڍيل) کان وڌيڪ ڪجھ بہ نہ پئي ٿي سگهي، جيڪا هڪ دور جي حاصلاتن کي ٻئي ڏانهن منتقل ڪري، پر پاڻ ان ۾ ڪو واڌارو نہ ڪري.

سماج ۾ انقلاب آڻڻ جي صلاحيت رکندڙ ۽ پيداواري قوتن کي ڏنل لغام کان آزادي ڏيندڙ طبقو يوناني-رومن سماج ۾ ڪڏهن بہ پيدا ٿي نہ سگهيو. نتيجي طور ايشيا مائنر ۽ بالڪن ۾ هڪ هزار سالن جو سُنڌپڻو ۽ اولهندي يورپ ۾ اونداهو دور رهيو.

باب چوٿون

اسلامي انقلاب

جستينن جي وقت کانپوءِ بازنيطين جي جُمود فقط رومن سلطنت جي سندپٽيءَ کي جنم نہ ڏنو پر ان سان وچ اوڀر ۾ ڊرامائي اُٿلن پٿلن جو سلسلو پڻ شروع ٿيو جنهن انساني چاڻ ۽ هنر جي ذخيري ۾ ڪجهہ هٿ وندايو ۽ دنيا جي وڏن مذهبن مان هڪ کي پڻ جنم ڏنو.

شروعات هڪ ناقابل تصور شهر مڪي کان ٿي، جيڪو عرب اُپٻيٽ جي بنجر سرزمين تي هڪ ننڍڙو تجارتي شهر هو. انهيءَ علائقي ۾ خانہ بدوش (ريڊارڪي) ڌنارن جي حاڪميت هئي، جن نخلستان (ريگستان ۾ سرسبز جاءِ) کان ٻئي نخلستان تائين پنهنجن ڏڳن سان سفر ڪرڻ لاءِ ۽ مخصوص تجارت ۽ ڦرلٽ لاءِ (اٽڪل 1000 ق. م ۾ پالتو بڻايل) اٺ جو استعمال ڪيو. اُهي عرب قبيلن جي صورت ۾ منظم هئا. جيڪي قبيلائي وڏڙن (سردارن) ذريعي هڪٻئي سان ڍري نموني ڳنڍيل هئا. جيڪي هڪٻئي سان وڙهيا پئي ۽ ريگستان جي ڪنارن کان ٻاهر آباد ماڻهن مٿان وقفي وقفي سان ڪاهون ڪندا هئا.

پر نخلستانن جي چوڌاري ۽ ڪجهہ ساحلي علائقن ۾ خاص ڪري ڏکڻ ۾ زرعي آبادگار پڻ آباد هئا،[56] جتي گهٽ ۾ گهٽ هڪ هزار سال پراڻي تهذيب هئي، جنهن جا ڳاڙهي سمونڊ جي هڪ ڪناري کان ٻئي تائين پراڻي ايٿوپيين تهذيب سان رابطا هئا. خانہ بدوشن جي ڪجهہ خاندانن جيئن ئي دولت ماڻي تہ انهن تجارتي مرڪزن ۾ پڻ آباد ٿيڻ شروع ڪيو جن ايرندي تهذيبن ۽ رومن سلطنت جي وچ ۾ عياشيءَ جو سامان ڪڻڻ لاءِ اُٺن جا قافلا استعمال ڪيا. مڪو اهڙين آبادين منجهان هڪ هو ۽ ستين صديءَ جي ابتدا تائين هڪ خوشحال شهر ٿي چڪو هو.

فرد ۽ سندس قبيلي جي عزت آبرو ۽ بهادري خانہ بدوش قبيلن جا روايتي قدر هئا. اُتي ڪا رياست نہ هئي ۽ ماڻهوءَ جي جوابداري ۽ فرض سڄي ساري سماج نہ، پر سندس برادريءَ جي گروهہ سان هو. حملن، قتلن ۽ ڌاڙن کي قبيلي يا خاندان جي انحرافي ۽ حق تلفي سمجهيو ٿي ويو ۽ ان کي بدلي ۽ خونخوار جهيڙن ذريعي منهن ڏنو ويندو هو. مذهب هڪ انفرادي خدائي جي سڃاڻپ جو معاملو هو جيڪا قبيلائي گروهہ سان گڏ سفر ڪندي هئي. جڏهن تہ 'اسرائيلين جا ٻار' سندن پراڻي عهدنامي جي قديم تختين (جن ۾ موسوي شريعت جا حڪم شامل هئا) کي ريگستان ۾ پار سان گڏ پيا رُلائيندا هئا.

جڏهن ڪجھ خانہ بدوشن هڪ هنڌ مستقل ٽڪاڻا ٺاهيا تہ تڪرارن ۽ ڇڪتاڻن کي منهن ڏيڻ لاءِ انهن قبيلائي قدرن کي آسان گس مهيا نہ ڪيو. ڪجھ عرصي کان آباد هارين ۽ شهري ماڻهن ساڻن رشتو ٽوڙي ڇڏيو. عيسائيت ڏاکڻي عرب ۾ وڏي ويجهي ۽ ڪيترن نخلستاني آبادگارن يهوديت يا وري عيسائيت جي ڪنهن هڪ رنگ کي قبوليو. مڪي جهڙي شهر ۾ خانہ بدوشن، واپارين، ڪاريگرن ۽ هارين جي گڏپ سان گڏ مختلف مذهبي مڪتب فڪرن جي وچ ۾ تڪرار ۽ بحث مباحثا ٿيندا ٿي رهيا. انهن بحثن سبب عملي پيچيدگين جنم ورتو ڇاڪاڻ تہ پراڻن قدرن ۽ خدائن ڪنهن بہ هڪ قانون يا چال چلت کي تسليم ڪرڻ کي رد ڪري ڇڏيو هو جنهن قبيلي ۽ برادري ڏانهن وفاداريءَ کي لتاڙيو پئي.

عربن جي پاڙيسري ٻن وڏين سلطنتن، بازنيطين ۽ ايران ۾ جيڪو ڪجھ ٿيو پئي، تنهن هتان جي بحران کي وڌائي ڇڏيو. ڇهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ايران ٿوري مدت لاءِ بازنيطين کان مصر ۽ شام جو علائقو کسي 900 سالن واري يوناني_رومن حاڪميت جو انت آڻي ڇڏيو پر ايراني سماج پنهنجو پاڻ گهرن بحرانن ۾ ڦاٿل هو ڇاڪاڻ تہ زميندار نوابن قديم عراقي آبپاشيءَ جي سرشتي کي نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. شهر وڌيا ويجهيا، پر جنگين جي بربادين صورتحال کي بدترين ڪري ڇڏيو. ٻنهي سلطنتن ۾ ڏاڍي مفلسي ۽ سماجي بيچيني هئي.[57] سڄيءَ دنيا جي حالت انتشار جي ور چڙهيل هئي.

اها دنيا هئي، جنهن ۾ مڪي جي گهٽ اهميت واري واپاري خاندان مان هڪ خاندان ۾ يتيم محمد (ﷺ) جو جنم ٿيو. هڪ واپاريءَ طور جيئڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر گهڻو ڪامياب ٿي نہ سگهيو. هن پنهنجي چوڌاري دنيا جي انتشار کي ذهني خلفشار ۽ بکيڙي طور محسوس ڪيو جنهن ۾ ڪو بہ تڪراري فڪر ۽ قدر جامع، معقول يا منطقي نہ پئي لڳو. هن پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجي سماج، جنهن ۾ رهيو پئي، اُن ۾ ڪجھ هم آهنگي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هن وٽ مذهبي تصورن ۽ تخيلن جو هڪ پورو سلسلو هو جنهن ۾ سندس دعويٰ مطابق الله تعاليٰ ساڻس هم ڪلام ٿئي ٿو. سندس مطابق خدا طرفان هڪ نئين مذهب جو ظهور ٿيو. هن اُهي لفظ ٻين کي پڙهي ٻڌايا جن کي قرآن جي صورت ۾ قلمبند ڪيو ويو ۽ آهستي آهستي هن پنهنجا پيروڪار ٺاهيا، خاص ڪري مڪي جي مختلف واپاري خاندانن جا نوجوان.

محمد (ﷺ) جنهن پيغام جي تبليغ ڪئي پئي، ان جي عرب زرعي ڪيڙيندڙن ۽ شهري ماڻهن واري عيسائيت ۽ يهوديت سان ڪجھ هڪجهڙائپ هئي. هن خانہ بدوش ڌنارن جي گهڻن خدائن جي ابتڙ هڪ خدا جي ڳالھ ڪئي. هن پراڻن قبيلائي ۽ برادراين قانونن بدران 'ڪائناتگير' فرضن کي مڃڻ تي زور پريو. هن ڇڙواڳ ظلم کان بچائيندي غريبن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو پر اميرن کان ان صورت ۾ حقارت نہ ڪيائين، جيڪڏهن اُهي سخاوت جو مظاهرو ڪن.

ابتدائي عيسائيت وانگر هن پڻ شهري عورتن کي متاثر ڪيو. (محمد ﷺ جي قافلي ۾ زالون هيون جن جا مڙس عورتن سان سختي ڪندا هئا). توڻي جو اهو فرض ڪيو ويو تہ عورتون مردن کان ڪمتر آهن (مثال طور بازنطيني سلطنت ۾ عورتن جي پردي کي قبول ڪيو ويو). هن اها تبليغ ڪئي تہ مرد، 'برتر' هوندي، عورتن سان بدسلوڪي ڪرڻ بدران سندن احترام ڪن ۽ هن عورتن کي ڪجهہ ملڪيتي حق بہ ڏنا.

خالصُ مذهبي حوالي سان هن نئين مذهب عيسائي ۽ يهودي ٻنهي جي مذهبي رسمون ۽ انجيل جا خيال شامل هئا، پر هڪ اهم حوالي سان هن جو پيغام ان دور جي عيسائيت جي نقطہ نظر کان مختلف هو. هن جو فڪر فقط اخلاقي ورتاءَ لاءِ اصولن يا عقيدن جو ميڙ نہ هو. ان ۾ معاشري کي سُڌارڻ لاءِ سياسي پروگرام پڻ شامل هو. قبيلن ۽ حڪمران خاندانن جي وچ ۾ 'بربريت' واري هٿياربند مقابلي جي جاءِ قانوني ضابطي تي آڌاريل منظم اُمت والاري.

محمد (ﷺ) جي سکيا جو سياسي پاسو مڪي جي حڪمران خاندانن سان ٽڪراءَ ۾ آيو جنهنڪري سندس ساٿين کي مجبور تي مديني ڏانهن هجرت ڪرڻي پئي ۽ نيٺ 630ع ۾ فوج ساڻ ڪري مڪي ڏانهن واپسي ڪيائون ۽ هڪ نئين رياست جي اڏاوت شروع ڪيائون. هي ڪامياب ٿيو ڇاڪاڻ تہ هن پنهنجي چوڌاري نوجوانن جو اهو حلقو ٺاهي ورتو جن هڪ ئي نقطہ نظر کي مڃيو پئي، جڏهن تہ ٻين گروهن سان حڪمت عمليءَ طور اتحاد جوڙيائين، جن جا مقصد بلڪل مختلف هئا. شهرين ۽ ڪيڙيندڙن کي فقط امن کپندو هو. واپاري خاندان ان ڳالهہ مان خوش هئا تہ هڪ طاقتور عرب رياست ٺهڻ سان کين منافعو ملندو ۽ قبيلائي اڳواڻن کي سندس مقصد لاءِ ويڙهہ مان مال غنيمت جو آسرو هو.

نئين رياست ٺيڪ اهڙي جاءِ تي واقع هئي، جو اها ٻنهي وڏين سلطنتن جي بحرانن مان فائدو ڪٽي سگهي. محمد (ﷺ) 632ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو پر سندس پهرين ٻن جانشينن يا 'خليفن' حضرت ابوبڪر (رضہ) ۽ حضرت عُمر (رضہ)، جيڪي واپاري خاندانن منجهان هئا، تن کي بہ اها ڄاڻ هئي تہ ڪيئن مذهبي اصولن ۽ سياسي عمليت پسنديءَ کي گڏائي هلائجي. اُنهن هڪٻئي سان جهيڙيندڙ ڏنار قبيلن ۽ برادرين جي توانائين جو رُخ ٻن عظيم سلطنتن جي دولتمند شهرن تي حملا ڪرڻ ڏانهن موڙي ڇڏيو ۽ انهيءَ عمل ۾ کين معلوم ٿيو تہ اُهي سلطنتون ڪيڏيون نہ ڪمزور هيون. سندن شهر هڪ هڪ تي عرب فوجن اڳيان ڍير ٿي ويا. 636ع ۾ دمشق، 637ع ۾ ايراني راڄڌاني Ctesiphon، 639ع ۾ مصري شهر بيبلون (هاڻي ڪائرو جو حصو آهي) ۽ 642ع ۾ اسڪندريا. ڏهن سالن اندر محمد (ﷺ) جي پيروڪارن وچ اوڀر جي تاريخي تهذيبن جي سرزمين منجهان هڪ وڏي سلطنتہ ٺاهي ورتي.

اهي سوڀون جزوي طور تي ڏنار قبيلن جي ويڙهاڪ سگهہ کي سمجهداريءَ سان

استعمال جو نتيجو هيون. مسلمان ڪمانڊرن ڏنو تہ بظاهر ناقابل گذر ريگستانن مان تيزيءَ سان حرڪت ڪري، اُنن تي سوار فوج پاڙيسري سلطنتن جي شهرن کي اوچتو ۽ وڏي سگهہ سان ڌڪ هڻي سگهي ٿي. جيئن پراڻي برطانوي سلطنت بندوقن وارين ٻيڙن کي سمونڊ ۾ استعمال ڪيو تيئن هنن ريگستان جي ڪشادن ميدانن کي ڪتب آڻي پنهنجي مرضيءَ مطابق دفاع ڪندڙ فوجن تي حملا ڪيا. جيڪي سندن رفتار جي حساب سان ٿورو ئي پنڌ ڪري سگهيون،[58] يا جيئن جديد هٿياربند فوجن پنهنجي مرضيءَ مطابق ڏورانهن حدفن کي نشانو بڻائڻ لاءِ ڇاتا بردار فوج (paratroops) جو استعمال ڪيو.[59]

پر انهن سوڀن اها شاهدي پڻ ڏني تہ پراڻين سلطنتن جي حاڪمن سان سندن عوام ڪيڏي نفرت ڪندو هو. يهودي ۽ 'آرٿوڊڪس' عيسائي جيڪي شهري آباديءَ جو وڏو حصو هئا. تن عرب فوجن جي آجيان ڪئي، ڇاڪاڻ تہ شروعات ۾ مسلمان فاتحن نوان رياستي ڍانچا ٺاهڻ يا آباديءَ کي سندن مذهب قبولرائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. ان بدران هُنن پراڻي انتظاميا کي جيئن جو تيئن ڇڏي ڏنو ۽ عيسائين، يهودين ۽ زرتشتي ايرانين جي عقيدن جو احترام ڪيو. اُنهن فقط اهو مطالبو ڪيو تہ کين ڏن طور باقائدگيءَ سان ڍل ڏني وڃي ۽ هنن اُهي زمينون ضبط ڪري ورتيون، جن جو رياست سان تعلق هو ۽ اُنهن نوابن سان تعلق هو جن سندن حڪمرانيءَ خلاف مزاحمت ڪئي. عوام جي وڏيءَ اڪثريت کي پراڻين سلطنتن جي ڀيٽ ۾ حالتون گهٽ ظالماڻيون لڳيون.

هڪ يهودي ليکڪ ٻڌايو تہ ڪيئن 'شيطانيءَ کان بچائڻ خاطر خلقيندڙ اسماعيل (عربن) جي بادشاهت آندي اٿن'. جڏهن تہ هڪ شامي عيسائي تاريخ نويس چيو تہ 'خدا ..... اسان کي عربن معرفت رومن جي هٿن کان نجات ڏياري ..... رومن جي ظلمت ۽ اسان خلاف رومن نفرت کان بچائي ورتو'.[60]

انهن سوڀن جا ترت فائدا عرب قبيلائي فوجن جي سردارن ۽ مڪي جي اڳواڻ خاندانن کي مليا. اُنهن فتح ۾ مليل مال غنيمت جي ڀاڱي ۾ ڀائيواري ڪئي. ائين چند سالن اندر انهن ۾ عرب اشرافيا ٺهڻ لڳي، هڪ انتهائي مالدار پر تمام سنهي مٿين ذات. جيڪا ريگستان جي ڪنارن تي اڏيل نين شهري ڇانوڻين ۾ رهي پئي، ٻي آباديءَ کان ڏن جي صورت ۾ ٽيڪس اوڳاڙيو پئي، پر موجود زميندارن ۽ عملدارن کي ڇڏي تي ڏنائون تہ اهي پراڻين سلطنتن جون زمينون سنڀالين.

بهرحال، جڏهن ڪجهہ عرب قبيلن کي محسوس ٿيو تہ فتح جي ميون جي ورڇ ۾ کين ڪجهہ نہ مليو تنهن کانپوءِ فاتح فوجن اندر لڳاتار ڇڪتاڻ هلندي رهي. 640ع ۾ مايوسي وڌي وئي، نيٺ هڪ گهرو جنگ ڀڙڪي پئي، جنهن اسلام جي سموري تاريخ تي پنهنجي ڇاپ ڇڏي. 644ع ۾ هڪ غلام هٿان ٻئين خليفي حضرت عمر (رضہ) جي قتل کانپوءِ اقتدار ٽئين خليفي عثمان (رضہ) ڏانهن منتقل ٿيو جيڪو محمد (ﷺ) جو ساٿي

هو پر مڪي جي انتهائي طاقتور واپاري خاندان جو ياتي پڻ هو. جنهنڪري نفرت ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو. هن کي 656ع ۾ قتل ڪيو ويو. محمد (ﷺ) جي سؤٽ ۽ سندس نياڻي حضرت علي (رضہ) جي خليفي طور چونڊ ڪانپوءِ هڪيئي جي مخالف مسلمان فوجن وچ ۾ جنگ لڳي. ڪيس سندس ئي پوئلڳن مان هڪ ماري ڇڏيو جن کي خارجي (Khariyites) سڏيو ويو جن مخالفن سان سرچاءَ ڪرڻ وارين سندس ڪوشش تي اعتراض ڪيا. اقتدار حضرت عُثمان جي سؤٽ ڏانهن منتقل ٿي ويو جنهن هڪ موروثي بادشاهت قائم ڪئي جيڪا سندس خاندان جي نالي اُميہ جي نالي سان سڃاتي وئي.

ڪيترن ماڻهن جي نظرن ۾ فاتح خاندان ۾ اهي اوڻايون آهن، جن خلاف محمد (ﷺ) تبليغ ڪئي هئي. حضرت علي (رضہ) ۽ سندس پُٽ (امامر) حُسين (رضہ) (جنهن کي 680ع ۾ اموي فوج هٿان قتل ڪيو ويو) انهن سيني ماڻهن لاءِ شهيد ٿيو جن محمد (ﷺ) جي دور جون ڳالهيون ٻُڌيون هيون، انهن ماڻهن هن کي پاڪائي ۽ خالص پڻي جو نمونو ٿي سمجهيو جنهن پاڪائيءَ کي حاڪمن بگاڙي ۽ خراب ڪري ڇڏيو هو. بعد واري اسلامي تاريخ ۾ وري وري حضرت علي (رضہ) يا ٻين خليفن جي دور جي واپسيءَ لاءِ دانهون ٿينديون رهيون، جيڪي هڪ يا ٻئي سماجي گروهہ طرفان موجوده صورتحال خلاف بغاوت جو سڏ هيون. اهي ڳالهيون اڄان تائين ڪيترن 'مسلمان بنياد پرست' تنظيمن کي ترغيب ڏين ٿيون.

بهرحال، وقتي طور تي اميہ حڪمرانن پنهنجي راڄڌاني شام ۾ قائم ڪري، سلطنت جي مضبوطي ۽ اتحاد جي نگراني ڪئي. عرب فوجون پنهنجي پيش رفت کي نئين سر شروع ڪنديہ اوڀر ۾ ڪابل ۽ بخارا تي قبضو ڪرڻ ۽ اولهہ ۾ ائٽلانٽڪ تائين پهتيون. ان سان اڳوڻن قبيلائي سردارن ۽ اڳوڻن واپارين جي عرب اشرافيا ڏانهن وڌيڪ دولت آئي. اُهي ڇانوڻين وارن شهرن ۾ ڏاڍيءَ عياشيءَ سان رهيا پئي ۽ پنهنجو پاڻ لاءِ وڏا محل تعمير ڪرائڻ تي وڏي رقم خرچ ڪيائون. انهن کان هيٺ عرب فوجن جا ٻيا سپاهي ڀلن کان آجا هئا ۽ مال غنيمت ۽ فتح جي ڏن منجهان ماهوار/ساليانو وظيفو (پينشن) وصول ڪندا هئا.

شهري طبقا ۽ مذهبي بغاوتون

ڪشادي ايراضيءَ تي ٻڌل هڪ سلطنت جي متحد ٿيڻ سان شين جي تجارت کي ڏاڍي هٿي ملي. واپارين، دڪاندارن، منشين ۽ ڪاريگرن جي ڏٽن ڇانوڻين وارن شهرن ڏي رُخ ڪيو. انهن جي پرپاسي ۾ آباد ٿيڻ لڳا ۽ عرب حاڪمن، سندن محلن، سندن فوجن ۽ سندن انتظاميا جي ضرورتن لاءِ شيون مهيا ٿي ڪيائون. گهڻو ڪري اُهي غير_عرب هئا، پر سندن حاڪمن جي مذهب ڏانهن متوجهہ ٿيا، جيڪو پراڻين سلطنتن ۾ غالب رهندڙ وحداني مذهبن کان گهڻو مختلف نہ هو پر عرب مسلمانن کي نون ايندڙن

تائين پنهنجي مذهب کي وڌائڻ جو شوق نہ هو ڇاڪاڻ تہ ان سان اُهي ڍل ڏيڻ کان آجا ٿي وڃن ها ۽ کين ڏن ۾ حصو ڏنو وڃي ها. تنهنڪري مذهب تبديل ڪندڙ نون ماڻهن کي موالي (mawali) جي نالي سان سڏيو ويو ۽ اُنهن کي عربن کي ملندڙ مراعتن مان خارج ڪيو ويو جن فقط پنهنجو پاڻ کي خالص ۽ اصل مسلمان سمجهيو پئي.

عرب سلطنت کي هڪ صديءَ جو وقت ٿي ويو سلطنت جي شهرن ۾ غير_عرب مسلمانن جي اڪثريت ٿي وئي ۽ انهن غير عربن صنعتن ۽ تجارت ۾ اهميت ماڻي. ورتي جڏهن تہ عرب واپارين هڪ نئين اشرافيا ٿيڻ کانپوءِ صنعت ۽ تجارت کي ڦٽو ڪري ڇڏيو هو. انتظاميا ۾ پڻ سندن اهميت وڌي رهي هئي، پر اجان تائين انهن سان متييد ڪيو پئي ويو.

منحرف مسلمان گروهہ جن پنهنجو پاڻ کي شيعو (حضرت علي (رضہ) جا پوئلڳ) سڏايو تن کي ڏاڍي موٽ ملي، جيئن خارجين ڪيو جن جي خيال ۾ حضرت عليءَ بہ مصلحت ڪئي. جيئن مڪي ۾ شهري طبقن جي هڪ حصي کي ڪنهن وقت محمد (ﷺ) جي تعليم ۾ هڪ نقطہ نظر مليو جنهن کين ناقابل قبول سماجي نظام خلاف وڙهڻ جي قابل بڻايو تيئن هاڻي شهري طبقن کي ساڳي تعليم سندس نائبن هٿان قائم ڪيل رياست خلاف ويڙهہ ۾ ڪارائتي لڳي. هڪ نئين نظام جي تخليق لاءِ نعرو هنيو ويو جيڪو ان ظلم کي ختم ڪري، جنهن انهن طبقن جي واڌاري کي روڪي ڇڏيو هو.

ڪجهہ تاريخ نويس انهن تڪرارن کي عربن خلاف ايرانين جي دشمنيءَ طور ڏسن ٿا.[61] پر اصل ۾ ايراني مٿئين طبقي اميہ جي حمايت ڪئي جڏهن تہ ناخوش ماڻهن ۾ ڪيئي عرب بہ شامل هئا. باقي بچيل ايراني اشرافيا عرب رياست سان تيسيتائين تعاون ڪيو جيسيتائين رياست سندن مراعتن کي تسليم ڪيو. موٽ ۾ اُنهن پنهنجي زرتشتي مذهب جي مسلمان عقيدي سان ردوبدل ڪئي. مسلمان ٿيل ايراني عوام ۽ هارين پنهنجي زرتشتي عقيدي جي بدلي اسلامي تعليم کي قبوليو جيڪا عرب ۽ ايراني ٻنهي جي اشرافيا خلاف هئي.[62]

جيئن طبقاتي ڇڪتاڻ وڌي، تيئن اُتي مختلف مهدين (mahdis) (جن کي رهنمائي مليل هجي) جي اڳواڻيءَ ۾ بغاوتن جو هڪ پورو سلسلو شروع ٿيو جن هڪ نئين مذهبي ۽ سماجي نظام جي تبليغ ڪئي. انهن هارايو پر پوءِ 8 صديءَ جي وچ ڌاري عرب فوجن جي اڳواڻن منجهہ نئين سر جهيڙا شروع ٿيا.

محمد (ﷺ) جي خانداني شجري 'هاشمي' پيڙهيءَ مان هڪ ابو عباس (Abu I Abbas) صورتحال جو فائدو وٺندي، هن پنهنجي خاندان جي آزاد ڪيل غلامن مان هڪ ابو مسلم کي ڏکڻ اولهندي ايران ۾ مذهبي ۽ سماجي جدوجهد ڪرڻ جي ذميواري ڏيندي، اڳتي وڌڻ لاءِ چيو. ابو مسلم جيسيتائين هڪ عوامي بغاوت لاءِ حالتون پچي راس ٿين تيسين ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڪم ڪري حمايت حاصل ڪئي. اولهہ ايراني شهر هڪيئي پنيان

عباسيہ جو جهنڊو ڪٽي پنهنجي حمايت جو اعلان ڪندا رهيا. بينر جو رنگ ڪارو هو اهو رنگ ملينيم گروهہ (جيڪو امن ۽ خوشحاليءَ جي دور جي اچڻ ۾ يقين رکندو هو) سان منسوب هو. ابو مسلم فرات ڏانهن وڌيو جتي هن هڪ وڏي اموي فوج کي شڪست ڏني. اهڙي 'وسيع ۽ ڪامياب انقلابي پروپيگنڊا' ابو عباس (Abu I Abbas) لاءِ رستو صاف ڪيو هن اموي شاهي خاندان کي ختم ڪري کين شڪست ڏني ۽ هڪ نئين خانداني بادشاهت عباسيہ قائم ڪئي.[63] اُهي غريب جن آزادي ۽ نجات جي توقع ڪئي پئي، سي جلدئي مايوس ٿي ويا. عباسي حاڪم تڪڙ ۾ پنهنجن ئي 'انتهاپسند' حمايتن ڏانهن رخ ڪيو ابو مسلم ۽ سندس ڪيترن ساٿين کي ڦاهيون ڏنائون. ان باوجود اهو سڀ فقط هڪ شاهي خاندان جي تبديليءَ کان وڌيڪ وڏو ڪم هو.

برنارڊ ليوس پنهنجي ڪتاب 'اسلام جي تاريخ' ۾ ايتري حد تائين دعويٰ ڪئي تہ 'جيتري يورپ جي تاريخ ۾ فرانسيسي يا روسي انقلابن جي اهميت هئي، اوتري اسلام جي تاريخ ۾ هن انقلاب جي اهميت هئي'.[64] ايتريقدر جو ڪجهہ تاريخ نويسن ان کي 'بورجوازي انقلاب' سڏيو.[65] عباسيہ عوامي ڪاوڙ کي متحرڪ ڪري، يقينن شاهي حڪمرانيءَ جي نئين سر تنظيم ڪرڻ چاهي. اڳ ۾ سلطنت کي خالص عرب فوجي اشرافيا هلائيندي هئي، جنهن جا بنياد جنگ ۽ فتح مان ملندڙ ڏن تي رکيل هئا. عباسيہ هيٺ اسلام سچ پچ سيني جو مذهب ٿي ويو. جنهن ۾ عرب ۽ غير عرب مڃيندڙن سان ساڳيو سلوڪ ڪيو ويو ۽ جنهن ۾ نسلي بڻ بڻياد کي مرڪزي حيثيت حاصل نہ هئي، باقي امير ۽ غريب جو فرق اڃان تائين قائم هو. هڪ نئون سماجي نظام جيڪو زراعت ۽ واپار جي پرامن معيشيت ۽ عملدارن، واپارين، بئنڪارن ۽ عالم دين، مذهبي عالمن، منصفن، استادن ۽ معتبر شخصيتن جي طبقي جي آفاقي حڪمرانيءَ تي ٻڌل هو'.[66] دربار جي هڪ نئين ڪشادي راڄڌاني بغداد ڏانهن منتقلي، ان تبديليءَ جي علامت هئي. بغداد عراق جو سڀ کان وڌيڪ زرخيز علائقو هو ۽ انديا ڏانهن ويندڙ اهم تجارتي لنگهہ تي، پراڻي ايراني راڄڌانيءَ Ctesiphon جي کنڊرات کان ڪجهہ ميلن جي فاصلي تي واقع هو.

عباسيہ انقلاب هڪ صدي يا وڌيڪ عرصي تائين اقتصادي ترقيءَ لاءِ رستو کوليو. عراق جون عظيم دريائي ماٿريون ۽ نيل ندي وارا علائقا خوشحال ٿيا. اناج، ٻاجهري، چانور، خارڪون ۽ زيتون پيدا ٿيا. شهنشاهي حاڪمن عراق جي واهن جي آبپاشي نظام جي مرمت ڪرائي ۽ لڳي ٿو تہ فصلن جي اُپت ڏاڍي ٿي.[67] انديا کان متعارف ڪرايل ڪپهہ جي پوک ايرندي ايران کان اسپين تائين هر هنڌ پکڙجي وئي. سلطنت جي تجارت ڪُشادي هئي. واپارين انديا، سريلنڪا، ويسٽ انديز ۽ چين ڏانهن سفر ڪيا. ائين ڏکڻ چيني شهرن ۾ عرب واپارين جون آباديون ٿيڻ لڳيون. تجارت پڻ ڪاري سمونڊ کان روس ۾ وولگا تائين، ايٿوپيا ۽ نيل ماٿريءَ معرفت آفريقا ۾ ۽ يهودي واپارين

ذريعي اولهندي يورپ تائين وڌي وئي. ايتريقدر جو سئيڊن ۾ به عرب سڪن جون ٺجوڙيون مليون.

تجارت جي پکيڙ سان گڏوگڏ بئنڪاري سرشتي جهڙي نظام جو ظهور ٿيڻ لڳو. بغداد ۾ بئنڪن جي مرڪزي دفتر سان گڏ سلطنت جي ٻين شهرن ۾ برانچون (شاخون) هيون ۽ چيڪن ۽ قرض جي خطن جو باقائده تفصيلي سرشتو هو.[68] ان سان واپارين کي وڏي تعداد ۾ سون يا چانديءَ کي سلطنت جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي تائين کڻي وڃڻ کان نجات ملي. اهو ممڪن هو ته چيڪ بغداد مان ڪيرائجي ۽ ان کي ماراڪو ۾ ڪيش ڪرائجي. وياج تي ڏوڪڙ ڏيڻ خلاف قرآني منع نامو هو جنهنڪري گهڻا بئنڪار عيسائي يا يهودي هئا. توڙي جو ميگزيم روڊنسن مطابق، مسلمان ڪاروبار ڪندڙن وياج تي سخت منع نامي واري اصول هوندي پنهنجي لاءِ ٻيا طريقا ۽ گس ڪڍي ورتا.[69]

ڪاريگريءَ تي ٻڌل صنعتن خاص ڪري ڪپڙي جي صنعت، سان گڏ ٿانون، ڌاتن، صابڻ، خوشبوئن ۽ (چين کان سکيل) ڪاغذ ٺاهڻ جي صنعتن پڻ ترقي ڪئي. ڪاروباري زندگيءَ ۽ شهرن جي خوشحاليءَ جو اظهار ادب ۽ فڪر ۾ ٿيڻ لڳو جتي 'معزز واپاريءَ' جي حيثيت 'آدرشي اخلاقي ماڻهو' طور هئي.[70] عربين نائيٽس (Arabian Nights) جي مشهور آکاڻين ۾ 'دولتمند ڪاروبار ڪندڙن جي مٿين پرت سان گڏ واپارين ۽ ڪاريگرن جي بورجوازي، اناج دڪاندارن، ڊل آبادگارن، ٻاهران شيون گهرائيندڙن ۽ غير حاضر شريف آبادگارن جي زندگيءَ جي عڪاسي ڪئي وئي.[71]

انهيءَ دور ۾ مذهبي عالمن محمد (ﷺ) جي چوڻين جا مستند مجموعا (حديثون) ۽ اسلامي قانون جا رسمي ضابطا (شريعت) سهيڙڻ شروع ڪيا. اڄڪلهه انهن ضابطن کي اولهه ۾ 'يهودي_عيسائي روايت' جي ڪجهه 'مهذب' ۽ 'انساني' قدرن جي ابتڙ بربريت جي خالص اظهار طور پيش ڪيو وڃي ٿو پر نائين ۽ ڏهين صدين ۾ انهن ضابطن، واپارين ۽ ڪاريگرن جي قدرن جي جزوي طور تي نمائندگي ڪئي، جن پنهنجو پاڻ کي شاهي ڪامورا شاهيءَ ۽ زميندار اشرافيا جي ڇڙواڳ حاڪميت کان آزاد ڪرائڻ چاهيو پئي ۽ اهي ضابطا 'عيسائي' بازنطين ۽ اولهندي يورپ جي ترقي پذير جاگيرداري نظام جي بلڪل متضاد هئا. جيئن اسلام جي هڪ عالمانه تاريخ ٻڌائي ٿي ته شرعي قانون 'نسبتن حرڪت پذير برابري وارين اميدن ۽ توقعات تي' ٺهيل قانون هو 'جنهن زرعي سلطنتن خلاف پنهنجي خودمختياري برقرار رکي'. واپارين ۽ ڪاريگرن 'وڌيڪ ڪليل ڍانچي واري، وڌيڪ برابري ۽ معاهدن جي بنيادن تي سموري سماج جي ٻيهر تعمير چاهي پئي ۽ ان جي جائز ۽ قانوني ڍڪ لاءِ اسلام کي ڪتب آندو'.[72]

بهرحال هي تاريخ جي انهن دورن منجهان هڪ دور هو جنهن دوران سماج ۾ تيزيءَ سان ٿيندڙ تبديلن سبب سماجي قدرن جي ٽڪراءَ فڪري ڇنڊڇاڻ ۽ تحقيق جي واڌ ويجهه کي جنم ڏنو. اڄان تائين اسلام جي هڪ ئي عقيدي پرستانه تشريح نه ٿي هئي ۽

مخالف مڪتب فڪر ماڻهن جي ذهنن کي متاثر ڪرڻ لاءِ هڪٻئي وڙهيا پئي. شهرن جا هيٺيان طبقا مختلف شيعہ فرقن کان متاثر ٿيا پئي، جن سلطنت خلاف مسلسل بغاوتن جون ڪوششون ڪيون.

ان دوران سلطنت جي ڪنڊڪڙڇ کان شاعرن، عالمن ۽ فلسفين جا ڏڻ بغداد ڏانهن اچڻ لڳا، ان اميد سان تہ ڪين ڪجهہ دولتمند درٻارين، زميندارن يا واپارين جي حمايت ملي وڃي. اُنهن يوناني، ايراني، شامي (قديم شام جي ٻولي) ۽ انڊين فلسفي، طب ۽ رياضيءَ جون لکتون عربيءَ ۾ ترجمو ڪيون. فلسفي، جهڙوڪ: الڪندي، الفارابي ۽ ابن سينا (جنهن کي اولهہ ۾ اويسينا طور سڃاتو وڃي ٿو) جن افلاطون ۽ ارسطو جي خيالن جي بنياد تي، دنيا جي عقلي سمجهاڻي مهيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. رياضيدان، جهڙوڪ: الخوارزمي، البزجني ۽ البيرونيءَ يوناني ۽ انڊين ورثي کي گڏايو ۽ زور وٺرايو. فلڪيات جي ماهرن ڌرتيءَ جو قطر ماپڻ لاءِ اوزار ٺاهيا.

مفت خوري ۽ اڏ رنگو

مسلمان سلطنت يقينن نہ صرف اونداهي دور واري يورپ کان ۽ جُمود جو شڪار بازنطين کان بلڪل مختلف تصوير پيش ڪئي، پر تنهن هوندي بہ وڏين اوڻاين ۽ خامين سبب اها چين جي ٽيڪنيڪل ترقي، نواڻ ۽ سرگرميءَ جي برابري ڪڏهن بہ ڪري نہ سگهي.

هڪ تہ خوشحال شهري زندگي ۽ ثقافت پيداوار جي طريقن ۽ هنرن ۾ ترقيءَ سان نهڪندڙ نہ هئي. عباسيہ انقلاب تجارت جي پکيڙ لاءِ گنجائش پيدا ڪئي ۽ شهري وچولن طبقن کي رياستي ڪاروهنوار تي اثرانداز ٿيڻ جي قابل بڻايو پر اصل طاقت انهن گروهن وٽ رهي، جيڪي اجان تائين ٻين هٿان ٿيندڙ پيداوار تي مفت خوري ڪري رهيا هئا. شاهي درٻار اوير واري خانداني بادشاهي سازشي روايتن جي ور چڙهي ويو پنهنجن حاڪمن جي انائن ۽ پنهنجي رعيت کي متاثر ڪرڻ تي اٿاهہ وسيلا خرچ ڪيا ويا. رياستي عملدار رشوتن ذريعي پنهنجي قسمت ۽ مال دولت وڌائڻ ۽ رياستي آمدنيءَ کي پنهنجن کيسن ڏانهن ڪرڻ جي تاڙ ۾ هئا. ايتريقدر جو واپاري جيڪي پنهنجو پاڻ تجارت ذريعي شاهوڪار ٿي ويا، تن اُسرندڙ پيداوار ۾ سيڙپ ڪرڻ بدران زمينن جي ملڪيت يا ٻني ٻاري مان آمدني ماڻڻ کي وڌيڪ ڦلدائڪ سمجهيو.

شهري صنعتون گهڻي قدر انفرادي ڪاريگرن هٿان ننڍي پيماني جي پيداوار تي آڌاريل هيون. اُجرتي پورهيو ڪتب آڻيندڙ وڏن ڪارخانن (ورڪشاپن) ۾ ٿوري گهڻي ترقي ٿي، سواءِ انهن چند صنعتن جي جيڪي خانگي ڪاروبار بدران رياست هلايون پئي. اجان گهڻو وقت نہ گذريو هو تہ رياستي عملدارن تجارت مان ملندڙ منافعن تي پڻ پنهنجو قبضو ڄمائڻ چاهيو. کاڌ خوراڪ جي اهم شين کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ آڻڻ

جي ڪوشش ڪندي، ڪجھ جنسن (Commodities) جي تجارت کي پنهنجو پاڻ لاءِ مخصوص ڪندي، ان تي هڪ هٽي قائم ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون.

عباسي دور جي ابتدائي ڪجھ ڏهاڪن دوران ٿي ڀهراڙين مان ترقي تڪڙ ۾ غائب ٿي وئي. آبپاشي سرشتي جنهن ڪنهن وقت ڪين سندن پراڻي سطح بحال ڪري ڏني هئي، ان آبپاشي نظام کي برقرار رکڻ لاءِ گهربل رياستي خرچن کي ٻين مقصدن تي خرچ ڪيو ويو ۽ دولت ٻين ماڻهن جي کيسن ڏانهن هلي وئي. ٻنيون تيزيءَ سان وڏن زميندارن جي هٿن ۾ وڃي رهيون هيون، جن کي مختصر مدي وارن منافعن ۾ دلچسپي هئي ته جيئن بغداد ۾ پنهنجي شاهاڻي طرز زندگي برقرار رکي سگهن. اُنهن مفت خور ۽ عياش پرستن، آبادگارن مٿان وڏو ڍڍاءُ وڌو ۽ وڏين جاگيرن ۾ غلام پورهئي کي متعارف ڪرايو. جيئن قديم روم ۾ هارين سان ٿيو جن صرف پنهنجيون ٻنيون وڃايون ۽ مارڪيٽ تي ٻڌل اُجرتي پورهيي جو منهن ڏٺو. ٻيو ته غلامن کي هارين وانگر زمين جي ڊگهي مدي تائين زرخيزيءَ ۾ دلچسپي نه هئي.

حڪمران طبقي جي انتهائي وڏي ۽ ڳري ’مٿين پرت‘ جو سڄو بار ڀهراڙين تي هو جتي پيداوار وڌڻ بند ٿي وئي. جيئن لڳاتار عراقي تهذيبن ۾ زراعت بابت هڪ اهم تحقيق ظاهر ڪري ٿي ته بالادست شهري طبقن کي ’زرعي سُڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ تمام ٿوري ڳڻتي هئي. ان بدران سندن سوچون گهٽو ڪري درٻاري سازشن ۽ رشوت خوريءَ ۾ مصروف هيون ۽ گهرو جنگين ۾ سندن شموليت هارين جي وسيلن کي وڏيڪ نپوڙي ڇڏيو. بدعنوان ۽ پوک تي رت پياڪ ٽيڪس جهڙن عملن ذريعي ڍل اوڳاڙي ۽ آمدني وڌائڻ يا برقرار رکڻ وارين تنگ نظر ڪوششن حالتن کي ويتر خراب ڪري ڇڏيو‘.[73]

فطري حالتن، خاص ڪري ڪلر ٻنين کي نقصان رسايو پئي، انهيءَ سبب انتهائي بهترين سارسنڀال باوجود ٻنين مان صدين کان حاصل ٿيندڙ سطح کان مٿي اُپت وڌائڻ ڏکيو ٿي پيو. ٻيو وري نظرانداز ٿيڻ ڪري زراعت تباهيءَ ڪناري پهچي وئي. جيڪي علائقا ڪنهن وقت خلافت جي ڪنٽرول هيٺ سڀ کان وڌيڪ خوشحال هئا، اُتي پوک ۽ آبادي ٿيڻ بند ٿي وئي.[74] 13 صديءَ جي ابتدا تائين هڪ تجزيي نگار جي رپورٽ مطابق:

هر هنڌ ڪنڊرات آهن ۽ سندس سڀ شهر ۽ ڳوٺ ڊڙا ۽ ڊٺون ٿي ويا آهن.... ڪنهن به سلطان کي عمارتن ۽ اڏاوتن ۾ دلچسپي نه هئي. سندن مقصد فقط ڍلون اوڳاڙڻ ۽ انهن کي خرچ ڪرڻ هو.[75]

سندس اهم ۽ مرڪزي خطي ۾ اقتصادي لاٽ جي نتيجي ۾ اسلامي سلطنت سياسي ٽُڪرن ۾ ورهائجڻ لڳي، ان عمل اقتصادي لاٽ کي ويتر وڌائي ڇڏيو. جيئن ٻنين مان ڍلون گهٽجڻ لڳيون ته شاهي درٻار پنهنجو پاڻ کي واپارين جي خرچن تي هلائڻ شروع ڪيو ۽ صوبن جي مالي معاملن جي ذميواري گورنرن جي حوالي ڪري ڇڏي، جن

منافعن مان پنهنجو پاڻ کي نوازيو. اجان گهڻو وقت نہ گذريو هو تہ گورنرن پنهنجن علائقن ۾ ذري گهٽ آزاد حيثيت ماڻي ورتي.

ساڳئي وقت خليفن پنهنجن امڪاني باغي عرب فوجن تي انحصار گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان جو اُلٽو غلط نتيجو نڪتو. عربن بدران مرڪزي ايشيا کان آيل ٿرڪ ماڻهن ياڙيتو لشڪرن طور يا مملوڪن کان اهو ڪم ورتو ويو هي غلامن جو اهو مراعت يافتہ گروهہ هو جنهن شاهي گهراڻي لاءِ فوجي ذميواريون ادا ڪيون. وقت گذرندي اهڙن لشڪرن جا اڳواڻ ايترا طاقتور ٿي ويا، جو اُهي پنهنجو پاڻ خلافتن کي ٺاهي ۽ ٽوڙي سگهيا ٿي. اڳتي هلي خليفن جي حيثيت نالي ماتر ٿي وئي، جيڪي ٻين جي ڪيل فيصلن جي رسمي منظوري ڏيندا هئا.

11 هين صديءَ تائين سلطنت ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي. اسپين، موراڪو ۽ تنزانيا ڪجهہ عرصي کان جدا بادشاهتون ٿي چڪيون هيون، اوپر ايران مٿان شاهي خاندانن جو راڄ هو جيڪي بغداد جي خليفن جي خطابن جو وڏيڪ احترام نہ ڪندا هئا. شيعن جي اسماعيلي ڌڙي سان لاڳاپيل باغين مصر، شام اولهندي عرب ۽ انڊين علائقي سنڌ مٿان پنهنجي الڳ خلافت قائم ڪري ورتي هئي. 11 صديءَ ۾ پنهنجي عاليشان الاظهر مسجد سان سندن نئون اڏيل گاديءَ وارو شهر ڪائرو بغداد جي ٽڪر ۾ اسلام جي مرڪز طور اُڀريو ۽ سندن حڪومت جو ڏيان مصر کان سمرقند تائين منحرف مسلمانن جي انقلابي خواهشن تي هو پوءِ ڪٽي اُن سلطنت کي پنهنجي ئي منحرف اسماعيلن جي بغاوت کي منهن ڏيڻو پيو جن دريوز (Druze) فرقي کي جنم ڏنو جيڪو اجان تائين لبنان ۾ موجود آهي.

مسلمان دنيا جو ٽڪرن ۾ ورهائجڻ وارو عمل، ڪين ترت اقتصادي يا ثقافتي زوال ڏانهن نہ وٺي ويو. هوريان هوريان بغداد جو زوال ٿيو ۽ نيٺ 1258ع ۾ منگول فوج هٿان برباد ٿيو پر مصر ايندڙ ٻن صدين تائين ترقي ڪندي رهي ۽ اسلامي ثقافت وڌي ويجهي، چاڪاڻ تہ عالمن کي اولهہ ۾ قرطبہ کان اوپر ۾ سمرقند ۽ بخارا تائين هڪٻئي سان مقابلو ڪندڙ درٻارون ملي ويون، جن وري پنهنجي مفاد لاءِ عالمن جي پٺڀرائي ڪئي.

اڪثر مسئلا جيڪي سلطنت کي وڪوڙي ويٺا هئا، تن جلدئي سندس جانشين رياستن کي متاثر ڪرڻ شروع ڪيو جيتوڻيڪ اُنهن رياستن ترقي ڪئي، چاڪاڻ تہ هڪ عرصي تائين وٽن موجود پيدواري ميڪنزم کي ڪتب آڻڻ ۽ ڊگهن مفاصلن تائين تجارت ڪرڻ جي صلاحيت هئي، پر اهو عمل نون پيداواري طريقن کي ڪتب آڻڻ وانگر نہ هو جيڪي مجموعي طور تي سڄي معاشري کي مٿين سطح تائين کڻي ويي سگهن. مصر ۾ خوشحال انتظاميا ۽ اسڪندريا ۽ ڪائرو جي تجارتي شهرن جي معيشيتن اجان تائين نيل ماٿري ۽ ڊيلٽا جي ڳوٺاڻي پيداوار تي مفت خوري ڪئي پئي. حاڪمن ڏانهن ڊلن ۽ زميندارن ڏانهن مسواڙن طور ٻهراڙين کان ڪاڏو ۽ ٻيو خام مال آيو پئي، پر موٽ ۾ شهرن کان ڳوٺن ڏانهن وڏيڪ جديد اوزار يا پيداواري طريقن ۾ بهتري

آڻڻ لاءِ مدد نہ پئي ٿي، جتي زندگي هڪ هزار سال اڳ واري صورتحال کان ٿوري ئي مختلف هئي. نيٺ انهيءَ مفت خوريءَ پنهنجو پاڻ شهرن جي معيشيت کي کاٽ هڻڻ شروع ڪيو. 12 هين صديءَ تائين مصري بادشاهت جا علائقا ايترا ڪمزور ٿي چڪا هئا، جو جهادين (Crusaders) آڌو ڊهي ڍير ٿي پيا. اُصل ۾ اُهي جهادي قوتون مذهبي جنونين جي هدايت هيٺ ڌاڙيلن جا ٽولا هئا، جيڪي مسلمان سلطنتن کان ڪمتر تهذيب، يعني اولهندي يورپ کان آيا. جهادين جي سوين مان ثابت ٿيو تہ اولهہ يورپ پنهنجي پسماندگي مان نڪري، اُن وقت ڪجهہ جدتون آنديون هيون، جڏهن تہ وچ اوڀر جمود جو شڪار رهيو. ايندڙ صديءَ ۾ ترڪ فوج جي غلام مملوڪن جي اڳواڻن هٿان اقتدار تي قبضي سبب مصر ايران وانگر منگولن آڌو ڍير ٿيڻ کان بچي وئي.

وقت سان گڏ اسلامي ثقافت ۽ سائنس جو عظيم دور پڇاڙيءَ تي پهتو. جيئن تہ اسلام صدين تائين مکيہ طور تي شهري عقيدو هو جڏهن اسلام ٻهراڙين ۾ داخل ٿيو تہ تارڪ الدنيا ۽ جوڳين جي 'صوفي' تحريڪن جي مقبوليت تي پاڙ لڳو جن مان ڪجهہ صوفين جي مرڻ کانپوءِ کين 'ولي' بڻايو ويو. نتيجي طور هڪ وحداني مذهب منجهہ جادوئي ۽ معجزاتيون طاقتون رکندڙ 'ذري گهٽ خدائي صفتون رکندڙ' بزرگ متعارف ٿيڻ لڳا. عقلي بحث مباحثو ماضيءَ جي شيءِ ٿي ويو. ڇاڪاڻ تہ مذهبي مڪتب فڪرن جي مدرسن سخت عقيدي پرستيءَ جي سکيا ڏيڻ شروع ڪئي، جيڪا خاص طور تي شيعن خلاف هئي ۽ هڪ مذهبي انتظاميا ان کي جُملي طور تي سماج مٿان مڙهڻ ٿي چاهيو. تعليم کي دنيا جهان بابت ٻين سوين علمن جي ڄاڻ بدران فقط قرآن ۽ حديث تائين محدود ڪيو ويو جنهنڪري آزاد فڪر ۽ سائنسي ترقيءَ ۾ رُڪاوٽ پيدا ٿي. 12 هين صديءَ جي ابتدا ۾ شاعر ۽ رياضيدان عُمر خيام شڪايت ڪئي تہ 'سمجهو ماڻهو غائب ٿي ويا آهن، جن مان آگرين تي ڳڻڻ جيترا بچيا آهن، جيڪي تعداد ۾ تہ ٿورا پر مٿن ڳريون ۽ گهڻيون مصيبتون مڙهيل آهن'[76] جيتوڻيڪ اسپين جا عربي شهر 13 صديءَ کان وٺي يورپ لاءِ عالمن جي سکيا جو مينار رهيا ۽ اتي ئي ابن خلدون چوڏهين صديءَ ۾ پنهنجا خيال پيش ڪيا، جنهن ارڙهين صديءَ جي روشن خياليءَ وارن فرانسيسي ۽ اسڪاٽش مفڪرن جي کوجنائن ۽ دريافتن لاءِ اڳواٽ رستو گهڙي صاف ڪيو.[77]

7 ۽ 8 صديءَ ۾ اسلامي تهذيب جو عروج ان ڪري ٿيو جو عرب فوجن ۽ پوءِ عباسيہ انقلاب ائٽلانٽڪ کان انڊس تائين هڪ ڪشاديءَ ايراضيءَ کي ڪنهن عقيدي کان مٿانهون ٿي ڪري متحد ڪيو جنهن واپارين ۽ ڪاريگرن کي ايترو ئي اهم بڻايو جيترو زميندار ۽ جنرل کي. انهيءَ عمل شين، ٽيڪنيڪل نواڻ، فني هنرن ۽ سائنسي ڄاڻ کي يوريشيا جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ تائين پهچايو ۽ ان ۾ قديم عراقي، مصري، يوناني، رومي، انڊين ۽ هممعصر چيني سلطنتن جي ورثن جا حقيقي واڌارا ٿيا، پر ساڳئي

نموني عباسيہ انقلاب جي حدبندين ۽ رڪاوٽن جي ڪري 10 هين صديءَ کان اسلامي تهذيب جو زوال ٿيڻ شروع ٿيو. اصل ۾ اهو اڌ انقلاب هو ان واپارين ۽ ڪاريگرن کي رياست تي اثرانداز ٿيڻ جي اجازت ڏني، پر اُن مٿان ڪنٽرول نہ ڏنو.

شهري طبقن ۽ وڏن زميندار طبقن جي وچ ۾ توازن ڪري، رياستي مشين لامحدود طاقت جي مالڪ ٿي وئي. ان سيني طبقن کان ملندڙ ڏِلن کي هڙپ ڪري ڇڏيو. پنهنجن سپهہ سالارن ۽ عملدارن کي ڪشادين جاگيرن سان نوازيو. واڌو پيداوار کي ڳڙڪايو جيڪا ٻي صورت ۾ سماج جي پيداواري بنياد کي ترقي وٺرائڻ لاءِ استعمال ڪئي وڃي ها ۽ نيٺ وڏي تعداد ۾ هارپو ڪندڙ جي گذرسفر کي ان سطح تائين هيٺ ڌڪي ڇڏيو جو ڪين ايترو پلئہ ٿي پيو جيئن ڪائي جي سگهن تہ جيئن پورهيو ڪري سگهن ۽ ائين ڪُل اُپت ڪِري پئي. موٽ ۾ ان عمل واپارين ۽ صنعتڪارن لاءِ مارڪيٽ کي محدود ڪري ڇڏيو. ڪين ايتري ترغيب ۽ فائدو نہ ڏنو جو اُهي ڪاريگرن واري پيداواري سرشتي کان وڌي ابتدائي ڪارخاني واري سرشتي ڏانهن وڃي سگهن. ٽيڪنالاجيڪل جدت ۽ ترقي نہ ٿي. ايتريقدر جو مسلمان دنيا ۾ ڇپائي متعارف نہ ڪرائي وئي، توڙي جو چين ڏانهن ويندڙ واپارين کي ان بابت ڄاڻ هئي. عوام جو هُجوم غربت ۽ وهمن ۾ ٻُڏل رهيو. تهذيب آباديءَ جي سنهي پرت تائين محدود هئي ۽ جيئن ئي اقتصادي حالتون خراب ٿيون تہ ان سُڪڙجڻ شروع ڪيو.

بغاوتن سبب مسلمان سلطنتون مسلسل لُوڏن ۾ رهيون، بغاوتون ڪندڙن کي مقتول انقلابي اڳواڻ ابو مسلم سان سچاتو ويندو هو بغاوتون انهن ڪيون، جن حضرت علي (رضہ) جي نسل مان هڪ يا ٻئي کي خالص اسلام جي نمائندگي ڪندڙ طور ڏنو (جن جي دعويٰ هئي تہ اسلام کي خليفن خراب ڪري ڇڏيو آهي)، شهري عوام طرفان بغاوتون، هارين جون بغاوتون، نائين صديءَ ۾ عراق جي ڏاکڻي لوٽيائن ڊيٽين ۾ ڪارن غلامن جي 16 سالن واري عظيم زنج (Zanj) بغاوت[78] ۽ اسماعيلي بغاوت، جنهن مصر ۾ متبادل خلافت کي اقتدار ۾ آندو تنهن هوندي بہ انهن مان ڪنهن بہ بغاوت ۾ قديم روم جي بغاوتن يا چين ۾ هاري انقلابن کان وڌيڪ بند رستي مان نڪرڻ جو گس ڏيکارڻ جي صلاحيت نہ هئي. انهيءَ اٿاهہ ڪاوڙ ۽ بيچينيءَ کي اڪثر ڪري مذهبي صورت ۾ اظهاريو ويو پر اُنهن باغين نون بنيادن تي معاشري جي نئين سر تنظيم سازيءَ لاءِ ڪا رٿا پيش ڪرڻ جي ابتدا نہ ڪئي ۽ نہ ئي ڪري سگهيا پئي. جن وسيلن تي عوام گذرسفر ڪيو پئي، انهن کي ايترو نہ وڌايو ويو جو ائين ممڪن ٿي سگهي ها.

اسلامي تهذيب، چين ۾ تانگ ۽ سُنگ دورن وانگر، وڌيڪ ترقيءَ لاءِ ٻج پوکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو پر پراڻن مٿين ڍانچن (بناوتن) جي اٿاهہ بار انهن ٻجن کي پاڙن هٽڻ کان روڪي ڇڏيو. نيٺ يُوريشيا جي هڪ آڳاٽي خطي ۾ اُنهن (ٻجن) جي پيوندڪاري ڪئي وئي، جتي اهڙو مٿيون (رياستي) ڍانچو (superstructure) شايد ئي رهيو هجي.

باب پنجون

آفريقي تهذيبون

19 ۽ 20 صديءَ جي يورپي نون آبادڪارن آفريقا کي 'اونداهي کنڊ' طور بيان ڪيو. هنن مطابق اهو کنڊ تهذيب کانسواءِ ۽ تاريخ کانسواءِ هو. آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ايگرٽن مطابق آفريقي کنڊ جي زندگي 'خالي، عدم دلچسپ، وحشي بربريت' واري هئي.[79] هنن يورپين جا تعصب ايترا تہ مضبوط آهن. جو ماهر ارضيات ڪارل مچ يورپين منجهان پهريون هڪ جنهن 12 هين صديءَ جي عظيم زمبابوي واري علائقي جو دورو ڪيو ۽ ڪيس يقين ٿيو تہ اها تهذيب مقامي پيداوار ناهي، پر ضرور اتر کان آيل ڪجهہ اڇي چمڙيءَ وارن هٿان تعمير ڪئي وئي هوندي، جيئن يروشلم ۾ سولومن جي مندر جو نقل.[80] 1965ع ۾ ٽوري تاريخ نويس Hugh Trevor Roper لکيو تہ "آفريقا ۾ فقط يورپين جي تاريخ آهي، باقي گهڻو ڪري اونداهہ آهي."[81]

تنهن هوندي بہ اهو عمل جنهن يوريشيا ۽ آمريڪا ۾ تهذيبن کي جنم ڏنو ساڳئو معاملو آفريقا ۾ بہ ٿيو ۽ ڪو هڪڙو پيرو نہ پر ڪيئي پيرا. ان جو ظاهر ظهور وڏو مثال مصر آهي. توڙي جي ان جي تهذيب جا ڪجهہ پهلو عراقي تهذيب سان رابطي کان متاثر ٿيا، ان جي آزاد نموني ترقيءَ جون پاڙون ڏاکڻي مصر ۾ اولهہ ۽ ڏکڻ جي ماٿهن منجهہ کُتل آهن، جيڪي نيل ماٿريءَ ۾ آباد ٿيا.[82] يوناني تاريخ نويس هيروڊوٽس نيبيا جي ڪُشتي تهذيب (آسوان کان مٿي نيل وٽ) جو حوالو ڏئي ٿو جنهن پهرين ملينم ق. م ۾ مختصر عرصي لاءِ مصر کي فتح ڪيو ۽ جنهن پنهنجي (اُچارن واري لکڻ جي انداز) صورتخطي ٺاهي. رومن ڪِيِ ايٿوپيا جي Axum تهذيب بابت ڄاڻ هئي، جنهن عيسائيت کي قبول ڪيو هو ۽ ڏاکڻي عرب سان ويجها لاڳاپا هئس (محمد ﷺ جا ڪجهہ ابتدائي پيروڪار مڪي ۾ ظلمن کان تنگ ٿي اوڏانهن هجرت ڪري ويا هئا) ۽ اُن پنهنجي الف-ب وار صورتخطي پڻ ٺاهي. انڊيا، مسلمان سلطنتن ۽ ايتريقدر جو چين جا واپاريَ اوپر آفريقا جي ڏاکڻي ساحلي پٽيءَ کان وٺي موزمبيق تائين سيني شهرن سان رابطي ۾ هئا. انهن مان هڪ ابن بطوطہ 1331ع ۾ ڪلوا (هاڻوڪي تنزانيہ) کي 'دنيا جي سڀ کان وڌيڪ خوبصورت ۽ سهڻي نموني اڏيل شهرن منجهان هڪ' طور بيان ڪيو.[83] حسن ال وزان (پنهنجي اٽليءَ واري نالي ليو آفريڪانس طور مشهور) غرناطہ مان بيدخل ڪيل هڪ مُور (Moor)، 15 هين صديءَ جي ابتدا ۾ سهارا (اُتر آفريقا ۾ دنيا جو سڀ کان

وڏو ريگستان) کي پار ڪندي ماراڪو کان نائجر درياءَ سان ٻه ڏڙن بادشاهتن جو دورو ڪيو. هن لکيو تہ تمبوڪتو (Timbuktu) شهر ۾ هزارين ماڻهو رهن ٿا، جتي ’ڪيترائي مئجسٽريٽ، تعليم يافتہ ڊاڪٽر ۽ مذهبي عالم‘ موجود هئا. جتي ’اُتر آفريقي (بربر) ملڪن کان آيل ڪتابي مسودن لاءِ وڏي مارڪيٽ آهي ۽ هتي ڪنهن بہ ٻي شيءَ کان وڌيڪ منافعو ڪتابن جي وڪري مان ملي ٿو‘.[84] ٻيون تهذيبون اولهہ آفريقي ساحلي پٽيءَ جي ٻيلن ۾ جتي بينن جي شهر پهرين پيرو ان علائقي جو دورو ڪندڙ پورچوگيز کي ڊاڍو متاثر ڪيو ۽ مرڪزي آفريقا جي ڪشادي پٽيءَ کان اترئين انگولا ۾ ڪانگو جي بادشاهت کان وينڊي هاٽوڪي يوگينڊا ۾ بُگندا تائين مختلف تهذيبون پيدا ٿيون.

انهن تهذيبن مان هرهڪ جي ترتيب ائين ئي وڏي ويجهي، جيئن يوريشين ۽ آمريڪي تهذيبن سان ٿيو. مخصوص خطن ۾ ماڻهن پوک جون صورتون پيدا ڪيون جن کين ڪافي واڌو پيداوار مهيا ڪئي، جنهنڪري پراڻن اوائلي ڍانچن اندر سردار گهراڻن ۽ ٻين جي وچ ۾ فرق جي ابتدا ٿي، پوءِ انهن مان ڪجهہ سرداري شجرا حڪمران طبقن ۾ بدلجي ويا، جن باقي معاشري جو استحصال ڪيو جڏهن تہ عوام منجهہ هارين ۽ ڌنارن جي هجومن سان گڏوگڏ خاص ڪاريگرن ۽ واپارين جا گروهہ پيدا ٿيا.

ڪڏهن ڪڏهن انهن واڌارن کي ٻين تهذيبن جي اثرن مان طاقت ملي ٿي. مصر صاف طور تي نيبيا کي اثرانداز ڪيو. ڏاکڻي عرب (جتي 1000 ق. م ۾ اڳئي شهر موجود هئا) گهڻو ڪري ڳاڙهي سمونڊ جي آرپار ايٿوپيا کي متاثر ڪيو. انڊين ۽ عرب واپارين اوڀر آفريقي ساحلي پٽيءَ تي پنهنجا اثر ڇڏيا، پر اهو فقط انڪري ٿي سگهيو جو اهي رجحان اڳ ۾ ئي آزاد نموني اڀري چڪا هئا، جن ۾ اهڙن اثرن مان فائدو وٺڻ جي صلاحيت هئي. واپارين فقط اوڀر سامونڊي ڪناري تي موجود جايون گهميون، ڇاڪاڻ تہ اُتي اڳئي پيچيده سماج هئا، جن وٽ ڪجهہ ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ هيو.

سڀ کان اهم تبديليون آفريقا جي انيڪ ماڻهن جي گذرسفر وارن طريقن ۾ ٿيون، جيڪي مڪمل طور تي ڪنهن ٻاهرين اثر کان آزاد نموني ٿيون. ساڳيو معاملو ٻوٽن جي پوک تي بہ لاڳو ٿئي ٿو اهو فقط ان ڪري تہ يوريشيا ۽ نيل ماٿريءَ جي قديم تهذيبن ۾ جيڪي فصل ٿيا پئي، سي آفريقي سب-صحارا جي اڪثر گرم ۽ نيم گرم علائقن ۾ نہ ٿين ها. آفريقي ماڻهن پنهنجي قسم جي زراعت جون صورتون پيدا ڪيون. اُنهن گهڻو بعد ۾ لوهہ جي پيداوار پڻ ڪئي. جڏهن اولهہ آفريقا ۾ لوهارن ڪچي لوهہ کي ڳارڻ سکيو تڏهن اٽڪل 1000 ق. م ۾ سڄي يوريشيا ۾ اها معلومات ڦهلجي رهي هئي تہ اهو ڪم ڪيئن ڪجي، پر اُنهن جيڪي هنر ۽ طريقا ڪتب آندا سي مختلف هئا ۽ آزاد نموني ترقي ڪيائون.[85]

زراعت ۽ لوهہ گڏجي آفريقي سب-صحارا جو مهاندو ئي بدلائي ڇڏيو. اولهہ آفريقا جي بانتو ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن جو تعداد صدين ۾ وڌيو جن پهريائين اهي طريقا اپنايا

جن 2000 ق. م ۽ 500ع جي وچ ۾ انهن شڪاري-چونڊو ڪندڙن کي الٽ پلٽ ڪري ڇڏيو جيڪي مرڪزي ۽ ڏاکڻي آفريڪا ۾ بالادست هئا. اُهي ماڻهو جن وٽ واڌو زرعي اُپت يا واپار لاءِ ٺيڪ ٺاڪ پوزيشن هئي تن ۾ طبقاتي ورڇ جو عمل شروع ٿيڻ لڳو ۽ 500ع کانپوءِ ساڳئي هنڌ شهري زندگيءَ پڻ زور ورتو. واپار اوپر ساحلي پٽيءَ وارن شهرن کي انڊين سمونڊ جي ٻين تهذيبن سان رابطي ۾ آندو. اوله آفريقي شهر هڪ تجارتي چار جو حصو بڻجي ويا. جيڪو نيل ۽ مصر تائين ۽ صحارا کان مغريب تائين ڦهليل هو. اهڙن رابطن کين پنهنجي لکڻ جو انداز ٺاهڻ واري ڏکهي پنڌ کي مختصر ڪرڻ جي لائق بڻايو. هنن عربن جي لکت سميت اسلامي مذهب کي قبوليو جيڪو پراڻن 'بت پرست' عقيدن کان زڏيڪ شهري زندگيءَ واري ماحول سان ٺهڪندڙ هو.

هتان جي اصولوڪن لوڪن مصري، نيبين ۽ ايٿوپين تهذيبن کي پيدا ڪيو هو. 15 صديءَ تائين سڄي ڪنڌ ۾ هڪ ساحلي ڪناري کان ٻئي تائين ٻيون تهذيبون موجود هيون، ايتريقدر جو ڪٿي ڪٿي وچ ۾ طبقن کان اڳ وارا 'اوائلي' ماڻهو به رهيا پئي. يورپين جي پهچڻ کان گهڻو اڳ اُهي دنيا جي تجارتي سرشتي سان اسلام معرفت ڳنڍيل هئا. (بيشڪ قديم زمبابوي جي زوال جي هڪڙي وضاحت بين الاقوامي لاٿ سبب ٿي ته 15 صديءَ ۾ ان طرفان ٻاهر موڪلي ويندڙسون جي قيمت ڪِري پئي).[86]

آفريڪا جو عوام نئين ايرندڙ عالمي سرشتي هيٺ دٻجي ويو. هڪ نسل پرست نظريي هتان سندن سڀ جو سڀ تهذيبون تاريخي رڪارڊ مان ڊاٿيون ويون، جن کين 'انسانن کان ڪمتر' سمجهيو. پر ان جا اصل ڪارڻ هڪ جاگرافيائي حادثي ۾ ملن ٿا.

يوريشيا اوله کان اوبر تائين پکيڙيل جتي ڪشادا ميدان هئا. جن جون آبهوائي حالتون ساڳيون هيون ۽ تنهنڪري اُتي ساڳئي قسم جي فصل جي پوک لاءِ آئرلينڊ کان بيجنگ تائين، ڪڻڪ، ٻاجهري ۽ رائي (اَن جو قسم) ۽ ڪوريا ۽ جاپان کان هندي سمونڊ تائين چانورن لاءِ آبهوا مناسب هئي. اُتي ڪجهه فطري رڪاوٽون پڻ آهن، جيڪي پالتو جانورن جي نسلن جي پکيڙ کي روڪين ٿيون. گهوڙا، ڳئون، رڍون ۽ ٻڪريون، ڪنهن ريگستان خطي کان علاوه، هر هنڌ وڌيون ويجهيون، تنهنڪري ڪڙمت (ڪاشتڪاري) ۾ جدتون تيزيءَ سان ڦهلجي سگهيون، چاڪاڻ ته اُنهن ماڻهن پاڙيسرين کان سکيو جن ساڳين حالتن هيٺ پوک ڪئي ٿي. لڳاتار انساني ڌڻ ڪنڌن جي هڪ ڪنڌ کان ٻي تائين پڻ گهميا ڦريا، انهن لوڏن ڪڏهن ڪڏهن تباهي آندي، جيئن هُن (Huns) يا منگولن ڪيو پر نون هنرن جي معلومات پڻ آندي.

ان جي ابتڙ، آفريڪا ۾ اتر کان ڏکڻ تائين مختلف آبهوائي پٽ آهن، جيڪي فصل مغريب يا مصر ۾ ٿين پيا، سي ڪشادن گاهن وارن ميدانن ۾ آسانيءَ سان نه پئي ٿيا، جڏهن ته اُهي فصل جيڪي انهن علائقن ۾ ٿين ٿا، سي وري گرم علائقن ۾ بيڪار هجن

ٿا.[87] تنهنڪري هارپ جي فن ۾ مقامي سُڏارن جي اهميت، علائقائي اهميت کان وڌيڪ هئي. جيسيتائين ٽرانسپورٽ جي نون انقلابي طريقن انهن کي آبهوائي رڪاوٽون عبور ڪرڻ جي لائق بڻايو. مال متاع جي پالنا واري ڪم جي ڏکڻ طرف ڦهلاءَ آڏو اٿاهه فطري رڪاوٽ. مرڪزي آفريقي خطي ۾ رت چوسيندڙ مک پڻ هئي. ڪاشتڪاري ڪندڙن کي پالتو ڍڳئونءَ سان گڏ ڏاکڻي آفريقي زمين تائين پهچڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿي پئي. جيڪا مال متاع لاءِ مثالي زمين هئي. 15 هين صديءَ تائين اولهه ساموندي ڪناري کان اونهي سمونڊ ۾ بحري سفر ڪرڻ ناممڪن هو. ڇاڪاڻ ته دنيا ۾ ڪٿي به زوردار هوائن کي منهن ڏيڻ جي قابل بحري ٽيڪنالاجي نه هئي. ايرندو ڪنارو آساني سان پهچ جوڳو هو پر ماڻهن لاءِ سمونڊ کان پري اندر تائين مٿاهين زمين ڏانهن سفر ڪرڻ سولو نه هو. صحارا. جنهن آفريقي کنڊ کي ائٽلانٽڪ کان نيل ماٿريءَ تائين ٻن حصن ۾ ڪٽي ڇڏيو هو اهو ريگستان سيني جي آڏو رنڊڪ هو پر ايتريقدر جو انتهائي پرعزم سياح ۽ مسافر به اٽڪل 500ع ۾ پالتو اٺ جي متعارف ٿيڻ کانپوءِ اهو سفر ڪري سگهيا.

يورپ ۾ پسمانده عوام جهڙوڪ: انگريز جرمن يا (ناروي ۽ سئيڊن جا) اسڪينڊي نيوين، آخرڪار اونداهي دور باوجود چين، انڊيا يا وچ اوڀر کان ٽيڪنيڪل جدت ۽ زرعي سُڌارن جي معلومات حاصل ڪري سگهيا. اُهي دنيا جي عظيم ترين ميدانن جي آرپار ٿيل واڌارن ۽ جدتن کان ڪم وٺي سگهيا. سب-صحارا (آفريقي ريگستان جي ڏاکڻي علائقي) ۾ آفريقي تهذيبن کي پنهنجن ئي وسيلن تي انحصار ڪرڻو پيو. اُهي تهذيبون نسبتن هڪٻئي کان ڪٽيل هيون. هڪ اهڙي کنڊ ۾ جيڪو يوريشيا جي اڌ حجم جيترو ۽ جتي يوريشيا جي آبادي جو ڇهون حصو هو. لڳاتار تهذيبن جا داستان ظاهر ڪن ٿا ته سماجي واڌاري آڏو رڪاوٽ ڪا ناقابل عبور نه هئي، پر اهو کنڊ انتهائي ڏکيءَ صورتحال ۾ ڦاسي پيو جڏهن اولهه يورپ جي پسمانده علائقن جي بي رحم ماڻهن سان ٽڪراءَ ٿين. جيڪي سولائيءَ سان ايشيا جي ٻين علائقن کان ٽيڪنالاجيون وٺڻ ۽ ترقي ڪرڻ جي قابل ٿي ويا هئا.

باب ڇهون

يورپي جاگيرداريت

ڪائرا ۽ قرطبہ جهڙن عظيم مسلمان شهرن جي واپارين هڪ هزار سال اڳ وڏي پيماني تي سفر ڪيا.[88] جنهن بہ ماڻهوءَ اترئين يورپ جي شاهي درٻارن تائين رسائي ڪئي هوندي، اُهو سندن حالتون ڏسي ضرور ڏڪي ويو هوندو.

اهو خطو جهيڙيندڙ نوابن جي وچ ۾ ورهايل هو. اهي گهڻو ڪري گهاٽن ٻيلن يا ڏٻٽن هٿان هڪٻئي کان ڪٽيل علائقا هئا. هر هڪ علائقو ذري گهٽ خودڪفيل معيشيت هو. اُتان جي ماڻهن جو ذري گهٽ سڄو سارو انحصار ان پيداوار تي هو جيڪا ٻنين مان ٿي ٿِي. هارين جي کاڌ خوراڪ ۾ ماني ۽ رب ۽ سندن گهرن ۾ سادي اُن يا سڻيءَ مان ٺهيل اوڇڻ هئا. سندن توانائيءَ جو گهڻ ۾ گهٽ بہ ياڱي پنج حصو نوابن ڏانهن شين يا محنت جي اڻ ادا ڪيل اُجوري جي صورت ۾ کسجي ويو ٿي. غلامن وانگر هارين کي زمين توڙي نواب کي ڇڏي وڃڻ جي آزادي نہ هئي.

جيتوڻيڪ نواب خاندانن جو معيار زندگي وڏيڪ بلند هو پر تنهن هوندي بہ اهي ان تائين محدود هئا جيڪو ڪجهہ هاري پيدا ڪري سگهيا ٿي. نوابن جا قلعا بي‌ ‌قائده، ڪاٺ جا ٺهيل ۽ ڪاٺ ۽ مٽيءَ جي چوديواري ۾ گهيريل ۽ غيرمحفوظ هئا. سندن لٽو ڪپڙو هارين کان تمام گهڻو بهتر هو پر نرم ۽ هموار نہ هو ۽ نواب ايترا مهذب نہ هئا. اُنهن کي گهوڙي سواري ۽ هٿيارن جي استعمال لاءِ مهارت جي ضرورت هئي، تہ جيئن ٻين نوابن کان پنهنجي زمين کي بچائي سگهن ۽ نافرمان هارين کي سزا ڏين. کين لکڻ پڙهڻ جي قابليت جي ضرورت نہ هئي ۽ اڪثر نوابن تہ سکڻ جي تڪليف ئي نہ ٿي ڪئي. جڏهن نوابن وڏين جاگيرن جو حساب ڪتاب لکت ۾ رکڻ چاهيو تہ کين ننڍي سماجي گروهہ، پڙهيل لکيل ڪليسا ۽ راهبن جي سنهي پرت ڏانهن ڏسڻو ٿي پيو جن وٽ پڙهڻ ۽ لکڻ جي روايت قائم هئي.

ڪجهہ شيون، لوڻ، هَرن جي گهوٻن لاءِ لوهہ، چاقون ۽ نوابن جا هٿيار واپاري آڻيندا هئا، پر اُهي شيون اوپر وارين تهذيبن جي دولتمند واپاري طبقن کان گهڻو مختلف هيون. سفري وڪرو ڪندڙ يا بي مقصد رولاڪن وانگر اُهي ٻيلن وارن لنگهن ۽ مٽيءَ جي پيچرن سان مشڪل سان پنڌ ڪندا هئا.

چند شهر هئا ۽ 'سڄا سارا ملڪ، جهڙوڪ: انگلينڊ ۽ ذري گهٽ سڀئي جرمن

علائقا، مڪمل طور تي شهرن ڪانسواءِ هئا.[89] جيڪي ٿورا گهڻا شهر هئا، تن جي حيثيت وڏن نوابن يا مذهبي ادارن جي انتظامي مرڪزن کان وڌيڪ نہ هئي ۽ هڪ قلعي، خانقاهہ يا وڏي گرجا گهر جي چوڌاري ڪجهہ گهرن جا جهڳٽا هوندا هئا.

تنهن هوندي بہ عظيم يوريشين ڪنڊ جو انتهائي پسمانده خطو نيٺ هڪ نئين تهذيب جي جنم يومي تي پيو جيڪا باقي دنيا تي ڇانئجي وئي.

انهيءَ تبديليءَ لاءِ حيرت جهڙين ڳالهين کان وٺي بيهودين ۽ اجاين حوالن کان وٺندي فحش ۽ گند تائين هر قسم جون سمجهاڻيون ڏنيون ويون آهن. ڪجهہ ان کي 'يهودي_عيسائي' روايت سان منسوب ڪن ٿا، توڙي جو رومن سلطنت جي پڇاڙڪن سالن، يورپ ۾ اونداهي دور يا بازنطين جي جمود دوران انهيءَ عيسائي پاسي ڪي خاص گڻ، لياقتون ۽ خوبيون نہ ڏيکاريون. ٻيا ان کي آبهوا سان منسوب ڪن ٿا، جنهن مبينا طور تي 'ڪم' ۽ 'ڪاروبار' کي هٿي ڏني.[90] اها ڳالهہ ماڻهوءَ کي حيرت ۾ وجهي ٿي تہ ٻيون عظيم تهذيبون ڪيئن ترقي ڪرڻ جي قابل ٿيون. ڪي وضاحت پيش ڪندڙ ان تبديليءَ کي يورپين جي 'نسلي' برتريءَ جي نقطہ نظر کان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، پر اُهي پهرين ڳالهہ ۾ ئي ڦاسي پون ٿا تہ يورپي ايتري ڊگهي عرصي تائين پسمانده هئا. سوچ جو هڪ ٻيو وهڪرو يورپ جي اُڀار کي 'امڪاني' عنصرن سان منسوب ڪري ٿو ٻين لفظن ۾ اها تبديلي هڪ اتفاق هئي. روايتي مکيہ ڌارا واري تاريخ مطابق خوشقسمتيءَ سان عظيم ماڻهن جي هڪ پوري سلسلي جو ظهور ٿيو. جرمن سماجياتي ماهر ميڪس ويبر جي پيروڪارن مطابق ياڳ سان ڪيلون ازم (Calvinism) ۽ 'پروٽسٽنٽ اخلاقيات' جو عروج ٿيو ڪجهہ اتر آمريڪي استادن مطابق 15 صديءَ جي انگلينڊ ۾ هارين ۽ نوابن جي وچ ۾ تڪرارن جو اتفاقي نتيجو هو جنهن ٻنهي کي سوپارو نہ ڪيو.[91]

ڀنيون اڳتي وڌي ٿو

اهي سڀ وضاحتون هڪ ظاهر ظهور نقطي کي وساري ڇڏين ٿيون. يورپ جي انتهائي پسماندگيءَ ماڻهن کي گذرسفر لاءِ ٻين علائقن کان نوان طريقا ۽ ڍنگ اپنائڻ تي مجبور ڪيو. آهستي آهستي صدين جي سفر ۾ اُنهن چين، انڊيا، مصر، عراق ۽ ڏاکڻي اسپين جي اڳوات معلوم هنرن کي لاڳو ڪرڻ شروع ڪيو. مجموعي طور تي معاشري جي سماجي لاڳاپن ۾ آهستي، پر ٺهڪندڙ تبديلي آئي، ائين ئي جيئن چين جي سُنگ يا عباسيہ خلافت ۾ ٿيو هو پر يورپ ۾ هن ٻيري پراڻي شاهي مٿين اڏاوت (رياستي، مذهبي ادارن) جي لاش جي اٿاهہ بار ڪانسواءِ لڳاتار هموار ترقي ٿي. يورپ جي انتهائي پسماندگيءَ ڪيس وڏين سلطنتن جي مٿان ٽپ ڏئي وڃڻ جي اجازت ڏني.

اقتصادي ۽ ٽيڪنيڪي ترقي پاڻمرادو يا ڪنهن رنڊ روڪ ڪانسواءِ نہ ٿي. پراڻي

سرشتي جي ڍانچن وري وري رنڊڪون وڌيون. روڪيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن نون طريقن کي ڪچلي ڇڏيو. جيئن ھين جاين تي ٿيو وڏين بغاوتن کي ڪچليو ويو ۽ تحريڪن، جن ھڪ نئين سماج جي ڳالھ ڪئي، تن کي ختم ڪري پراڻي نظام کي وري پيدا ڪيو. زرخيز علائقا بنجر ٿي ويا ۽ خوشحال شهر ويران کنڊراتن ۾ بدلجي ويا. پيانڪ ۽ فضول جنگيون، وحشي تشدد ۽ غلامي عام ھئي. تنھن ھوندي بہ آخر ۾ پيداوار جي ھڪ نئين صورت ۽ نئين معاشري جو ظھور ٿيو جن جو مثال تاريخ ۾ نہ ٿو ملي.

پھريون تبديليون پوک ۽ آبپاشيءَ جي شعبن ۾ ٿيون. اونداھي دور ۾ جن ماڻھن جو گذارو ٻنين تي ھو سي شايد جاھل، وھمي ۽ ڪشادي دنيا کان اڻواقف رھيا. پر اُنھن ڇاتو پئي تہ سندن گذرسفر جا وسيلا ڪتان کان اچن ٿا ۽ اُھي آھستي آھستي پوک جا نوان طريقا قبولڻ لاءِ تيار ھئا، جن کين سولائيءَ سان پنھنجا پيٽ پرڻ جي قابل بڻايو. 6 صديءَ ۾ ھَر جي ھڪ نئين نموني (ڊزائين) 'ڳرن ڦيٿن واري ھر' کين سخت پر زرخيز ٻنيءَ ۾ ھَر ڪاھڻ جي صلاحيت پيدا ڪري ڏني. ھَر جو اھو نمونو اوپر يورپ جي Slav (ايشيائي روسي) ماڻھن منجھ ظاھر ٿيو جيڪو ايندڙ 300 سالن تائين اولھ طرف ڦھليو.[92] ان سان پوک جا نوان طريقا پيدا ٿيا، جن تحت زمين کي ياڻ ڏيڻ لاءِ مال جي ڇيڻن کي استعمال ڪيو ويو. انھن گڏجي ھڪ ھاري خاندان کي پنھنجي فصل جي اُپت 50 سيڪڙو تائين وڌائڻ ۾ مدد ڏني ۽ 'ھڪ زرعي طريقي ڪار جنھن وڌيڪ گوشت پيدا ڪيو اڳ.کان وڌيڪ مکڻ ۽ کير، کلون ۽ اُن ڏني، پر ساڳئي وقت اناج جي لاباري ۾ پڻ بھتري آئي'.[93] ھڪ اقتصادي تاريخ نويس دعويٰ ڪري ٿو تہ 'انساني طاقت جي حوالي سان اھو سڀ کان وڌيڪ زرعي پيداواري طريقو ثابت ٿيو جيڪو شايد دنيا ڪڏھن ڏٺو ھجي'.[94]

بعد وارين صدين ۾ ويتر نوان ھنر پيدا ٿيا. جھڙوڪ گھوڙن کي لغام ڏيڻ واري مرڪزي ايشيائي طريقي کي اپنائڻ. ھَرَ ڪاھڻ لاءِ سست رفتار ڍڳن جي جاءِ گھوڙن والاري ۽ مٽر جي ڦرين ۽ ھين ڦرين جي استعمال ٻنين کي پري ڇڏيو. وچين دور جي ڪڙمت جي فرينچ تاريخ نويس جارجس ڊبي مطابق انھن جدتن جي گڏيل اثر 12 صديءَ تائين اناج جي اُپت کي ٻيڻو ڪري ڇڏيو.[95]

اھڙيون تبديليون آھستي آھستي ٿيون. سيلويا ٿرپ (Sylvia Thrupp) جي خيال موجب، جيتوڻيڪ 'وچين دور جي بھترين عام اقتصادي ترقي شايد ھڪ سيڪڙي جي اڌ تائين پھتي ھوندي'.[96] تنھن ھوندي بہ 300 يا 400 سالن تائين ان شرح اقتصادي زندگيءَ جي صورت کي بدلائي ڇڏيو.

ان ترقيءَ جو وڏيءَ حد تائين انحصار ھاري پوکيندڙن جي تخليقي تصور واريءَ سگھہ تي ھو پر ان ترقي لاءِ ڪنھن ٻئي ڪم جي بہ ضرورت ھئي تہ جاگيردار نوابن سڄي واڌو پيداوار ڦرڻ بدران ان جو ھڪ حصو زرعي نواڻ ۽ جدت تي خرچ ڪرڻ جي اجازت ڏني. نواب اڍنگا ۽ ظالم ماڻھو ھئا. اُنھن طاقت ذريعي زمين حاصل ڪئي ۽ ان

کي پاڻ وٽ رکيو. سندن دولت سڌيءَ ريت خريد ۽ وڪري بدران ھين جي مجبوريءَ تي آڌاريل ھئي ۽ اُنھن دولت جو ڳچ حصو عياشين ۽ جنگ تي ضايع ڪيو. پر اھي نواب اجان تائين پنھنجين جاگيرن ۾ رھيا پئي ۽ غير حاضر مالڪن وانگر نہ ھئا. جيئن پوئين ريپبلڪن روم يا عباسيہ دورِ اقتدار جي پڇاڙڪن سالن ۾ ھوندا ھئا. ايتريقدر جو صفا بيوقوف ماڻھو بہ پروڙي سگھيو پئي تہ جيڪڏھن اُھي ڪڙمين کان وڌو حصو ڪسي وٺندا تہ ايندڙ سال جو فصل بہ پوکي نہ سگھبو. نتيجي طور تي وٽن وڏيڪ زندھہ رھڻ ۽ وڙھڻ لاءِ ڪجھہ بہ نہ ھوندو. جيئن جرمن اقتصادي تاريخ نويس ڪريڊ (Kriedte) ڳالھہ ڪري ٿو تہ 'نواب کي ھر حال ۾ ھارين لاءِ ڪجھہ بچائي رکڻو پوندو ھو' ۽ 'تنھنڪري ..... لاڀارو نہ ٿيڻ ۽ ھين ڪارڻن سبب ٿيندڙ ھنگامي ضرورت وقت جاگيردار نوابن ڪُڙمين جي مدد تي ڪئي'.[97] عياشين ۽ جنگين لاءِ گھربل گھٽي واڌو پيداوار خاطر ڪُڙمين کي جديد ھَرَ مھيا ڪري ڏنا ۽ ڪجھہ نوابن 'پنھنجي تحفظ ھيٺ ھارپ جا اوزار لوھہ مان ٺھرايا، خاص ڪري ھَرَ'.[98] انفرادي جاگيردار نوابن سڄي جاگيرداري دور ۾ نيون زمينون صاف ڪرڻ لاءِ رقم ڏني ۽ بندوبست ڪيو. ڏگھي عرصي تائين سڀ کان وڏيڪ اھم مشيني صورت ۽ ڀھرين پاڻيءَ چڪي جي ڦھلاءَ ۾ ڏکيندڙ قوت جاگيردار نواب رھيا.

ھين حڪمران طبقن وانگر جاگيردار نوابَ پڻ وڏ کان وڏي استحصال لاءِ آتا ھئا. ھنن اڻ ادا ڪيل اجرتي پورھيتن کي ھڪ چَڪي ٺاھڻ لاءِ استعمال ڪيو. ان ذريعي ھارين کي سندن اناج پيھڻ تي مجبور ڪيو ۽ ائين ڪرڻ لاءِ ڪين قيمت ڏني. پر تاريخ جي مخصوص دور تائين سندن سروڪار استحصال جي سطح وڌائڻ سان ھو. ڪجھہ نوابن ائين ڪرڻ لاءِ پيداواري ذريعن ۾ پيش قدمين ۽ جدتن کي ھٿي وٺائي.

جاگيردار حڪمران طبقي ۾ فقط ويڙھاڪ نواب نہ ھئا. انيڪ وڏيون جاگيرون مذھبي ادارن، ڪليسائن ۽ خانقاھن جي ھٿن ۾ ھيون. 'دولت، طاقت ۽ اختيارن لاءِ صلاحيت ۾ .... راھب، پادري ۽ پادرين جا سردار ..... وڏن جنگي نوابن جي برابر ھئا ..... اٿاھہ شين جا ڍير خانقاھي يا ڪليسائي برادرين وٽ ھئا'.[99] يونان ۽ روم، بازنطين ۽ عرب سلطنتن جي ٽيڪنالاجي بابت لکتن تائين پھچ حاصل ڪرڻ لاءِ راھبن جي تعليم کي استعمال ڪيو ويو. 'جيڪڏھن ڪو اوائلي (اٽي پيھڻ لاءِ) چَڪين، پاڻيءَ چڪين يا ھوا جي زور تي ھلندڙ چڪين، يا ھارپ جي طريقن ۾ سُڌاري جي ڪوشش ڪري پيو تہ ان کي اڪثر ڪري مذھبي ادارن ڏانھن ڏسڻو تي پيو'.[100]

نون طريقن کي اختيار ڪرڻ سان نوابن (ويڙھاڪ يا مذھبي) ۽ ڪيڙيندڙن جي لاڳاپن جي وچ ۾ تبديلي آئي. وڏين جاگيرن جي مالڪن کي نيٺ غلام پورھئي واري نضولِ رومن عمل کي ڦٽو ڪرڻو پيو. غلاميءَ جي اھا صورت 10 صديءَ تائين اينگھجندي رھي، پوءِ اُنھن 'ٻانھپ' (Serfdom) منجھان فائدا ڳولڻ شروع ڪيا. ھنن پيداوار ۽ اُپت ۾ پائيواري ونڊ لاءِ ھارين کي ٽڪرن جي صورت ۾ ھنيون ڏنيون.

ٻانهپا (Serf) فائدي لاءِ سخت ڪان سخت محنت ڪرڻ لڳا ۽ پنهنجي ٻنين تي نوان طريقا ۽ هنر ڪتب آندائون. جيئن ڪُل اُپت وڌي، تيئن نوابن جي آمدني پڻ وڌي، خاص ڪري تڏهن جڏهن اُنهن پنهنجي فوجي طاقت کي استعمال ڪري آزاد هارين کي ٻانهپ تي مجبور ڪيو. جيئن بوئس (Bois) چوي ٿو ته، '1000ع سال جي تبديليءَ' زرعي غلاميءَ جو خاتمو آندو ۽ نيٺ پراڻي رومن سرشتي کان وڌيڪ متحرڪ پيداواري صورت طور جاگيرداري ٻانهپ جو قيام عمل ۾ آيو.[101]

1000ع ۽ 1300ع جي وچ ڏاري ٻهراڙين ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو جديد دور ۾ اسان جهڙا ماڻهو جيڪي پنهنجي کاڌ خوراڪ جو سامان سُپرمارڪيٽن مان خريد ڪن ٿا، سولائيءَ سان انهن تبديلين جي اهميت کي گهٽائي ڇڏين ٿا. هر هڪ هاري آڪهه هٿان کاڌي جي ہيٺي پيداوار سڄي يورپ ۾ انساني زندگيءَ جي امڪانن جي صورت کي بدلائي ڇڏيو. جنهن وٽ به واڌو کاڌو هو سو مسافر واپارين يا ڪاريگرن طرفان پيدا ٿيندڙ شين سان متاستا ڪري سگهيو پئي.

واڌو پيداوار نواب جي خاندان کي اناج جي بدلي ريشم وٺي ڏنو نواب جي هٿيارن لاءِ لوهه، سندس قلعي جو سينگار سندس کاڌي جي ميز تي شراب ۽ مصالحن ۾ بدلجي سگهي پئي. انهيءَ واڌو پيداوار هاري ڪيڙيندڙن جي پيداوار کي ويتر وڌائڻ لاءِ اضافي وسيلا پڻ مهيا ڪيا. مثال طور ڪاٺ جي هَرن لاءِ لوهي نوڪ (گهوبو)، چاقن، ڏاٽن ۽ ڪن جاين تي گهوڙن جا لغام، ہوتاڙا ۽ لوهي ڪُرَ وغيره.

اهڙيون شيون مستقل مارڪيٽن ۾ پهچائيندڙ سفري دلالن پنهنجو پاڻ کي هڪ معتبر واپاريءَ ۾ بدلائي ڇڏيو ۽ معتبر واپاري امير تاجر ٿي ويا. شهر نئين سر بحال ٿيڻ شروع ٿيا، چاڪاڻ ته دستڪار ۽ واپاري اُتي آباد ٿيڻ لڳا. گرجا گهرن ۽ قلعن جي چوڌاري دُڪان ۽ ننڍا ڪارخانا اڏيائون. تجارتي چار وڌيا، جن هڪٻئي کان ڪٽيل ڳوٺن کي وڌندڙ شهرن سان ڳنڍيو ۽ طرز زندگيءَ کي بدلائي ڇڏيو.[102] عياشيءَ جو سامان ۽ هٿيار خريدڻ لاءِ نوابن ٻانهن کي روڪ رقم وارا فصل پوکڻ تي زور ڀريو ۽ پورهئي جي خدمت عيوض کين ڏوڪڙ يا شيون ڏنيون. ڪجهه نوابن پنهنجي علائقي ۾ مارڪيٽ لاءِ اجازت ڏيندي، واپارين کان محصول وٺي آمدني وڌائڻ جو هڪ نئون ذريعو ڳولي ورتو.

شهرن جي زندگي ٻهراڙين کان بلڪل مختلف هئي. واپاري ۽ ڪاريگر آزاد فرد هئا، جيڪي سڌيءَ ريت ڪنهن هڪ نواب جي اختيار هيٺ نه هئا. جرمن چوڻي هئي ته، 'شهري هوا توهان کي آزاد ڪري ٿي.' شهري طبقا نوابن جي خاص حقن ۽ مراعتن تان ناراض هئا. واپاري ۽ ڪاريگر جن کي اضافي پورهئي جي ضرورت پئي، تن اُنهن ٻانهن جي آجيان ڪئي، جيڪي ويجهي جاگير جي جبري پورهئي کان ڀڄي آيا پئي. جيئن شهر دولت ۽ ماپ (سائز) ۾ وڌيا ته اُنهن پنهنجي پتيون اڏي ۽ شهري لشڪرن کي هٿياربند ڪري پنهنجي آزادي ۽ خودمختياري جو دفاع ڪرڻ جا وسيلا ماڻي ورتا.

13 هين صديءَ جي تهذيب

وقت سان گڏ معاشري جو هر پهلو بدلجي ويو. يورپي جاگيرداريت بابت اعليٰ معياري تاريخ لکندڙ فرانسيسي تاريخ نويس مارڪ بلاڪ ايتري حد تائين اڳتي وڌي لکيو ان کي 'ٻيو جاگيرداري دور' سڏيو. جنهن ۾ خود جاگيردار نوابن منجهه تبديلي آئي، بادشاهه وڌيڪ بااثر ٿيا. اُهي جاگيردار نوابن جي درجي بنديءَ ۾ پنهنجن اختيارن کي قانوني حيثيت ڏيڻ جي قابل ٿيا. مختلف شهرن اندر خود حڪومتون قائم ڪري، اُنهن کي نوابن جي مقابلي ۾ استعمال ڪرڻ لڳا. بادشاهن عدالتن جو هڪ قومي ڄار وڇائڻ جي ڪوشش ڪئي، جتي 'عدل' جو انتظام نوابن بدران سندن عملدار هلائين. تنهن هوندي به نواب سندن جاگيرن سان لاڳاپيل معاملن ۾ ڪنهن نه ڪنهن ريت لامحدود طاقت جا مالڪ رهيا.

فڪري زندگي پڻ بدلجي وئي. واپارين کي اهڙي انداز سان حساب ڪتاب رکڻ ۽ معاهدن جو لکت ۾ رڪارڊ رکڻ جي ضرورت پئي، جيڪو اڳ واري دور جي جاگيردار نوابن وٽ نه هو. اُنهن ڳوٺن ۾ نوابن طرفان ورثي ۾ مليل ڪن خاص مقصدن وارن فيصلن بدران باقائده رسمي لکيل قانون چاهيا پئي. ڪجهه اميرن پڙهڻ لکڻ سکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سکيا مقامي ٻولي ۾ ورتائون جيڪا ڳالهايائون پئي. هاڻي تعليم فقط خانقاهن تائين محدود نه رهي ۽ فقط لاطيني ئي لکت واري ٻولي نه هئي. سکيا جو عمل خانقاهن کان ڦري پئرس، آڪسفورڊ ۽ پراگ جهڙن شهرن ۾ قائم ٿيل يونيورسٽين ڏانهن منتقل ٿي ويو ۽ هاڻي چرچ اختيارين جي سڌي ڪنٽرول کان هئي، عالم ڏوڪڙن ڪمائڻ خاطر سکيا ذريعي پنهنجو گذرسفر ڪمائي سگهيا پئي. هنن يوناني ۽ رومن دنيا جي غيرمذهبي لکتن جي سنجيده مطالعي ۾ نئين دلچسپي ڏيکاري. هنن سسليءَ کان مُورش اسپين يا ايتريقدر جو شام تائين عربي ترجمن ذريعي انهن تائين رسائي حاصل ڪئي.[103] هنن عالمن افلاطون ۽ ارسطو ۽ اسلامي ارسطو ابن رشد (Averroes) جي خوبين ۽ گڻن بابت هڪٻئي سان بحث مباحثو ڪرڻ شروع ڪيو.

وچين دور جو فڪري رجحان گهڻو ڪري 'ڪتاب پرستي' (Scholasticism) سان جڙيل هو جيڪو لکيل مسودن جي ذري پرزي جي حوالن تي ٻڌل هو پر ان حوالي سان نئين سوچ جو پهريون مرحلو ڪتاب پرستيءَ کان پري هو. 'ڪتاب پرستي' اهم ڪم هي ڪيو ته ان ڪجهه عرصي کان وساريل لکتن کي استعمال ڪري نوان خيال پيدا ڪرڻ چاهيا. اهڙيءَ ريت Abelard جنهن جو 12 صديءَ جي ابتدا ۾ يونيورسٽي آف پئرس جي فڪري زندگيءَ تي وڏو اثر هو تنهن چيو ته، 'سمجهدار ماڻهو اهو آهي، جنهن ۾ شين جي لڪل ڪارڻن تي غور ڪرڻ ۽ انهن کي پروڙڻ جي قابليت هجي. لڪل ڪارڻن مان اسان جي مراد اُهي عنصر جن منجهان شيون پيدا ٿين ٿيون ۽ جن بابت تحقيق حواسي تجربي کان وڌيڪ عقل سان ڪئي وڃي'.[104] مٿس Calirvaux

جي سينٽ برنارڊ طرفان حملو ڪيو ويو تہ هي 'فقط انساني عقل ذريعي پاڻ خدا کي سمجهڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو'.[105]

عقل تي ويساهہ جي معنيٰ اها نہ هئي تہ نئين علم کي عملي سرگرميءَ کان پري رهڻو پوندو. عالم راجر بيڪن جنهن اولهہ ۾ پهريون پيرو بارود لاءِ نسخو (فارمولا) لکيو ۽ تصويرن کي وڏو ڪرڻ لاءِ لينسز ۽ آئينن جي استعمال جي طريقن جي کوجنا ڪئي. ٻئي عالم مريڪورٽ جي پيٽر (Peter of Maricourt) چقمقي خاصيتن جي جاچ ڪئي ۽ انهن تي ٻڌل مشينون ايجاد ڪيون.[106]

يونان، روم يا اسڪندريا ۾ 1000 سال اڳ دريافت ڪيل طريقا ۽ اوبر ميڊيٽرين ۽ مرڪزي ايشيا جي اسلامي معاشرن طرفان چين کان حاصل ڪيل هنرن بابت معلومات عالمانہ ترجمن ذريعي ملي. مقامي چڪيون ٺاهيندڙ لوهار ۽ رازا جيڪي اڳئي اوزارن ۽ شين ۾ نواڻ آڻي رهيا هئا، تن کي انهيءَ معلومات وڏيڪ تقويت بخشي. نتيجي طور صنعت کي مشيني بنائڻ جو شوق پيدا ٿيو ۽ اهڙو عمل ڪنهن بہ ثقافت ۾ نہ ٿيو هوندو'.[107]

پاڻيءَ چڪين ذريعي لوهارن کي اها سهولت ملي تہ هٿوڙين سان ڌڪ هڻڻ وڌيڪ آسان ٿي پيو. انجڻ ۽ گڏيل انجڻ هيٺ مٿي واري حرڪت کي گول ڦُرڦُر ۾ بدلائي ڇڏيو ۽ اڏام ڦيٿي[1] گردش کي هموار رفتار تي رکيو. 12 صديءَ ۾ چرخو (روئي) ۽ چڪر ڏور اوير کان يورپ ۾ پهتا ۽ 13 صديءَ ۾ (ٻيڙيءَ کي) ڌڪيندڙ چپوءَ (ڏنڊي) جي جاءِ تي مکان والاري، جنهن سامونڊي ٽرانسپورٽ تي اعتماد ۾ اضافو ڪيو. عينڪ جي دريافت ڪانپوءِ ڪمزور ٿيندڙ نظر منشين ۽ عالمن جي ڪم کي وڌيڪ نہ روڪي سگهي. گهوڙن جا رڪاب، هٿيار ڪمان، پٿر اڇلائيندڙ گليل ۽ پوءِ بارود ۽ توب (پهريون پيرو 1320ع ۾ استعمال ٿي) ناهڻ ۾ جدتن جنگ جي صورت کي بدلائي ڇڏيو. معمولي ريڙهي زمين تي ٽڪائيندڙ ۽ ڇيلهہ ڇبي ڪندڙ ڪم جي نوعيت کي تبديل ڪري ڇڏيو.

اهڙي ٽيڪنيڪل ترقيءَ وچين دور جي سماج ۽ 13 صدي جي پوئين ۽ 14 صديءَ جي ابتدا ۾ ثقافت جي مڪمل واڌ ويجهہ کي سهارو ڏنو. انهيءَ دور ۾ اُترئين اٽلي ۽ فلينڊرس (Flanders) جي سياسي نظاري تي 'ڪميون'، خوداختيار شهري رياستن، جو غلبو هو.[108] بوڪاڪيو (Bocaccio)، چاسر ۽ سيني کان مٿي ڊانٽي جهڙن ليکڪن سندن مقامي ٻولين ۾ سيڪيولر ادب کي قلمبند ڪيو ۽ ان کي اُهو وقار ڏنو 'قومي' ٻوليءَ ۾ بدلائي، پنهنجو پاڻ لاءِ نالو ڪمايو. وچين دور جي ثقافت جي عاليشان علامت اهي وڏا گرجا گهر هئا. جيڪي انتهائي بلند عمارتن جي صورت ۾ شهرن ۾ نمايان نظر ايندا هئا. تعميراتي ۽ فني ڪم اڳوڻين صدين جي زرعي، ٽيڪنيڪل ۽ نظرياتي تبديلين ڪانسواءِ ناقابلِ تصور هئا.

---

[1] جيڪو رفتار کي قابو رکڻ يا قوت وڌائڻ لاءِ لڳايو وڃي ٿو

چوڏهين صديءَ جو بحران

اقتصادي ترقي ۽ ٽيڪنيڪل جدت جو اهو اختتامي دور نہ هو. اهو عمل هڪ اهڙي سماج ۾ ٿيو جتي جاگيردار نوابن جي طبقي جي حاڪميت هئي، جن جي طرزِ زندگي جو مرڪز اجان تائين عياشيون، جنگ لاءِ تياري ۽ جنگي شان شوڪت جي تصورن جي چوڌاري ڦريو ٿي ۽ جن وقت گذرڻ سان گڏ ترقيءَ کي سگهہ ڏيڻ بدران ان کي کوکلو ڪري ڇڏيو. 'سُٺن بادشاهن' طور مشهور وچين دور جا قصا، جهڙوڪ: رچرڊ شيردل يا فرانس جو 'سينٽ' لوئس IX جن سڄي يورپ ۽ ايشيا مائنر مان ڏاڍيلن جي ڦهاري ٽولن تي اٿاهہ وسيلا خرچ ڪري، انهن کي 'جهاد' ذريعي فلسطين مان مسلمانن کي تڙي ڪڍڻ لاءِ اماڻيو. جتان بہ اُهي لنگهيا انهن علائقن ۾ بربادي پکڙيندا ويا. ائين ئي جيئن نارمن بادشاهن فضول جنگيون وڙهي اسڪاٽ ليند، ويلز ۽ فرانس جي ڪجھ حصي ۽ آئرليند توڙي انگليند کي مات ڏئي زير ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي يا جيئن تيرهين صديءَ واري اٽليءَ ۾ جرمن 'مقدس رومن' شهنشاهن ۽ پوپ سان اتحاد ۾ فرانسيسي بادشاهن جي وچ ۾ جنگيون ٿيون.[109] وڏو ڇيهہ تہ 1 يا 2 سيڪڙو آمدني نئين سيڙپ تي ڪئي وئي.[110]

نوابن جيڪا دولت خرچ ڪئي پئي، ڏينهون ڏينهن انهيءَ دولت جي پيداواري عمل کان ڪٽجي ويا. سادن قلعن ۾ رهندڙ ويڙهاڪن جو ايندڙ نسل عمدن قلعن ۾ رهڻ لڳو ريشم پهرڻ لڳو ۽ مهانگين درباري ۽ سرداري رسمن ۾ مصروف ٿي ويو. انهن قلعن، ڪپڙن ۽ رسمن ذريعي ٻين سماجي گروهن مٿان سندن برتري ظاهر پئي ٿي. هنن پنهنجو پاڻ کي ٻين کان الڳ هڪ جدا ذات تصور ڪيو جن کي مقدس مذهبي رسمن هٿان منظور ٿيل موروثي قانوني حق حاصل هئا. انهيءَ ذات اندر رتبن جي درجي بندي هئي، جنهن وڏي اشرافيا کي عام سردارن کان جدا ڪيو جيڪي قانوني طور تي مٿن ڀاڙيندا هئا، پر ان ذات جي سيني پرتن ان ماڻهوءَ کان حقارت ڪئي ٿي، جيڪو سچ پچ دولت پيدا ڪرڻ واري ڪم ۾ لڳل هو يلي پوءِ اُهو دولتمند واپاري هجي، سادو ڪاريگر يا مفلس ڏاري ڇونہ هجي.

پوپ، راهب ۽ وڏا پادري انهيءَ حڪمران طبقي جو حصو هئا ۽ سندن حاڪماڻن روين ۾ ڀائيوار هئا، پر سندن مفاد منفرد هئا. 11 صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ پوپن کي 'سڌارڻ' جو هڪ سلسلو هليو جنهن جو مقصد خانقاهن سان جڙيل ڪليسا ۽ بشپ جي قانوني علائقائي حد جي چار کي مرڪزي انتظام هيٺ آڻڻ هو تہ جيئن سڄي يورپ مٿان ذري گهٽ مذهبي حڪومت مڙهي سگهجي. ان جو هڪڙو نتيجو هي نڪتو تہ چرچ هڪٻئي جي مخالفن نوابن جي وچ ۾ امن قائم ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پنهنجو پاڻ کي معاشري جي بااثر ڌر ظاهر ڪيو. ٻي وڏي خرابي بلڪل فضول ۽ تباهي ڦهلائيندڙ جهاد منجهہ هئي. پادرين يروشلم کي 'ڪافر' مسلمانن کان 'آزاد' ڪرائڻ جو

سڏ ڏنو (مسلمانن ڪڏهن بہ عيسائي زيارتن کي اچڻ کان نہ روڪيو هو) ۽ ڦرلٽ جي لالچ بادشاهن، نوابن ۽ سردارن کي پادرين جي اختيار هيٺ وڏين فوجن سان گڏجڻ لاءِ اُڪسايو. انهن جهادي فوجن هٿان ٿيندڙ ڪارنامن ۾ شهرن جي بربادي، عورتن ۽ ٻارن جو ڪوس، زنا، ڦرلٽ، يهودين، مسلمانن ۽ غير ـ ڪيٿولڪ عيسائين جو قتل عام ۽ 1204ع ۾ قسطنطنيہ جي فتح ۽ لُٽ شامل هئي، پر پادرين کي انهن ڏاڍاين بابت ڪا ڳڻتي نہ هئي. [111] پادرين جي مقصدن جو هڪ ٻيو نتيجو اهو نڪتو جو پادرين (فرانسيسي بادشاهہ جي اتحادي) ۽ شهنشاهن جي وچ ۾ جنگيون ٿيون، جن 13 صديءَ ۾ اٽليءَ کي برباد ڪري ڇڏيو.

راهبن، پادرين ۽ پوپن پاڻ کي اُنهن قدرن جي پوئواريءَ لاءِ ارپي ڇڏيو جن تي نواب پاڻ عمل ڪندا هئا. ان دور جون عظيم فنڪارانہ تخليقون، يعني اهم گرجا گهر حڪمران طبقن جي طاقت جي سڀ کان وڏي علامت هئا. پادرين انسانن جي سماجي حيثيت ۽ ڪردارن بابت چيو تہ اهي خدا طرفان طئي ٿيل آهن. مطلب تہ جيئن ملائڪن، بزرگن ۽ انسانن جون آسماني درجي بنديون آهن، تيئن بادشاهن، نوابن، راهبن، پادرين، سردارن ۽ عام ماڻهن جون زميني درجي بنديون آهن.

عوام جي ذهنن مٿان چرچ جي تسلط جو انحصار مقدس نشانين ۽ معجزن ۾ عقيدن ۽ جادوئي وهمن تي هو. جيڪو هڪ اهڙي سماج ۾ وڌيو ويجهو جتي زندگي گهڻو ڪري مختصر ۽ ذري گهٽ سدائين غيرمحفوظ هئي. جنهنڪري پادري اڳواڻن کي شهرن ۾ ڦهلجندڙ نون خيالن کان خوف پئي ٿيو. بيڪن ۽ Abelard جهڙن ماڻهن طرفان عقل ۾ ايمان واري ڳالهہ عقيدن جي تسلط کي ڪاٽ هڻي ٿي سگهي، ٻيو تہ رولاڪ راهب جن غربت ۽ عاجزي واري انجيل جي تبليغ ڪئي پئي، تن کي خبر هئي تہ 'بگڙيل اميرن' خلاف 'مقدس غريب' جنگ جوتڻ واري 'ملحد' ڳالهين کي زور نہ وٺائين، جن بابت انجيل ۾ ذڪر ٿيل هو. چرچ نون خيالن کي تيزيءَ سان دبائي ڇڏيو. اُن اعتدال پسند فرانسسڪنس (Franciscans) کي سرڪاري طور تي مڃتا ڏني، پر 'انتهاپسند' fratelli کي ايذاءُ رسايو. پوءِ 1277ع ۾ چرچ عالمن جي تعليم مان 219 'لعنتي غلطين' تي بندش وجهڻ جي ڪوشش ڪئي (انهن مان ڪجهہ 'غلطين' جي وچين دور جي پڇاڙيءَ ۾ عيسائي وڏي وڪيل ٿامس اڪئانس تائيد ڪئي). لڳي ٿو تہ راجر بيڪن کي گهر ۾ نظر بند رکيو ويو ۽ ابن رشد جي پوئلڳن کي زبردستيءَ پئرس ڇڏي پودا (Padua) ڏانهن اماڻيو ويو. نيٺ 14 صديءَ جي هلندي، تحقيقات[①] (Inquisition) جي رسم وجود ۾ آئي ۽ ان سان گڏ بي دينيت جي شڪ تي ماڻهن کي جيئرو ساڙڻ جو عمل شروع ٿيو. انهيءَ نئين ماحول ۾ عالمن 'خطرناڪ بحثن' کان پاسو ڪرڻ شروع ڪيو. ٿامس اڪئانس

[①] بي ديني کي دٻائڻ ۽ جاچڻ لاءِ رومن ڪيٿولڪ چرچ طرفان ٺاهيل ٽربيونل

عيسائي دينيات کي ارسطو جي خيالن جي بنياد تي نئين صورت ڏني. ائين اشرافيا، سردارن، واپارين، ڪاريگرن ۽ هارين جي درجي بندين کي جائز قرار ڏنو ويو. وچين دور جو فڪري رجحان سچ پيچ ڪتاب پرستيءَ ۾ هڪ بنجر دور ۾ داخل ٿيو جنهن ۾ چرچ جي بنيادي عقيدن ۽ طبعي دنيا جي تصورن بابت سوال ڪرڻ منع هو.

1300ع تائين يورپي سماج جي مرڪز ۾ وڏو تضاد هو. مادي ۽ ثقافتي زندگي ان چوٽيءَ تائين پهتي هئي، جنهن کي رومي تهذيبن جي نقطهٔ عروج سان ڀيٽي سگهجي ٿو. ائين پئي لڳو ڄڻ تہ سماج آهستي ٿي سهي پر غربت، عدم تحفظ ۽ عقيدن کان بچي اڳتي وڌي رهيو آهي. تنهن هوندي بہ سماج جي چوٽي تيزيءَ سان ٽڏي تي ڄمي رهي هئي، ڄاڪاڻ تہ نوابن پاڻ کي ٻين طبقن کان الڳ ڪندڙ سخت رڪاوٽون ٺاهي ورتون هيون، ڄاڪاڻ تہ چرچ اختلاف ۽ عقلي سوچ کي دٻائي ڇڏيو ۽ ڄاڪاڻ تہ واڌو پيداوار جو اڻاهہ مقدار عياشين، جنگ ۽ رسمن تي خرچ ڪيو ويو.

تضاد تڏهن ايري مٿي آيو جڏهن ڪجھ يورپ ۾ ڏڪار پکڙجي ويو ۽ ان جي پٺيان پليگ جي بيماري ڦهلجي وئي ۽ مٿان ورې وڏي پيماني تي ڪاڌي جي کوٽ ان جي هاڃيڪار اثر کي وڌائي ڇڏيو. اڌ آبادي ڇٽ ٿي وئي، وڏي تعداد ۾ ڳوٺ غير آباد ٿي ويا ۽ چوڏهين صديءَ جي وڏن بحرانن ۾ لکين ايڪڙ آباد زمين ضايع ٿي وئي. جيئن گي بوئس (Guy Bois) ٻڌائي ٿو تہ، 'هڪ صديءَ کان وڌيڪ تائين .... يورپي ڪنڌ جي ڪجھ حصي ..... آباديءَ ۾ لاٿ ۽ پيداواري گنجائش ۾ گهٽتائيءَ کي ڀوڳيو. دائري ۽ عرصي جي حوالي سان معلوم تاريخ ۾ اهڙي ڪنهن بحران جو مثال نہ ٿو ملي. آفت زده ماحول هو اڻ کٽ وبائي بيماريون، لڳاتار جنگ ۽ ان جي تباهيءَ جو سلسلو روحاني مونجهارو سماجي ۽ سياسي هنگاما'.[112]

جن بحرانن اڳوڻين تهذيبن کي 'اونداهي دور' ۾ ٻوڙي ڇڏيو، تن بحرانن بابت اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ انهن بحرانن جا فطري ڪارڻ ڪهڙا هئا. ڪجھ تاريخ نويس يورپ جي آبهوا ۾ فرض ڪري ورتل ٿڌ تي الزام هڻن ٿا، پر اها ڳالهہ سمجهائي نہ ٿي سگهي تہ ماٺهو ڏهاڪن تائين نيڪ ڇو نہ ٿي سگهيا. مثال طور، نوان ۽ وڌيڪ سخت فصل ڇو نہ پوکيائون، جتي ڪنهن وقت ۾ ڪڻڪ پوکبي هئي اُتي ٻاجهري ۽ جتي انگور جي ول پوکبي هئي اُتي ڪڻڪ ڇو نہ پوکي. ٻيا دعويٰ ڪن ٿا تہ آباديءَ ۾ واڌ پوک لاءِ موجود سڄي زمين استعمال ڪري ڇڏي، پر اها ڳالهہ بہ اڻ ٺيٺي لڳي ٿي تہ سموري ضايع ٿيل زمين، اصل ۾ استعمال ٿيندي رهي هئي، ۽ ڪنهن بہ هنڌ اها سمجهاڻي نہ ٿي ڏئي تہ ڇو فصلن جي اُپت وڌڻ رُڪجي وئي، جيئن اڳين صدين ۾ ٿيو.

بحران جو اصل ڪارڻ جاگيردار حڪمران طبقي جي طرز زندگيءَ کي برقرار رکڻ لاءِ سماج مٿان وڌندڙ بار هو. هڪ طرف جيئن جارجس ڊبي (Georges Duby) ٻڌائي ٿو تہ 'انتهائي سُڌريل ملڪن ۾ ..... اشرافيہ ۾ شهري معيار زندگي ۽ عياشيءَ وارين شين

جي وڌندڙ طلب سبب .... پوک جي اناج وارو سرشتو.... غيريقيني ۽ ڪمزور ٿيڻ لڳو.[113] پئي طرف، ٽيڪنيڪل جدت تي تمام ٿوري نئين سيڙپ ڪئي وئي. جيئن روڊني هلٽن (Rodney Hilton) رپورٽ ڪري ٿو ته، 'سماجي ڍانچي ۽ جاگيردار نوابن جي عادتن، پيداوار ۾ سيڙپ لاءِ شيون ڪئيون ڪرڻ جي اجازت نه ڏني'.[114]

طبقاتي جدوجهدون ۽ امن ۽ خوشيءَ جي عظيم عهد واريون تحريڪون

بحران جي شدت سڄي يورپي سماج کي اوچتو افراتفري ڏانهن وٺي وئي، ايتريقدر جو حاڪم طبقن مشڪلاتن کي منهن ڏنو. 'جاگيرداري آمدنيءَ جي بحران،'[115] جنهن پهريائين ٻُکن ۾ پاهه ٿيندڙ ڪڙمين کان واڌو پيداوار کسڻ جو مسئلو پيدا ڪيو ۽ پوءِ ڏُڪار ۽ پليگ بيماريءَ سبب مري ويل زرعي پورهئي جي شديد کوٽ کي جنم ڏنو. نواب ماضيءَ کان وڌيڪ هڪٻئي خلاف جنگيون ڪرڻ لاءِ آتا هئا. جيئن انگريز ۽ فرانسيسي بادشاهن جي وچ ۾ اڻ کُٽ 'سئو سالا جنگ' مان لڳو پئي. اُنهن پاڻ کان هيٺين طبقن، ڪڙمين ۽ وچولي طبقي، کان وڌيڪ محصول وٺي اها کوٽ پرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي. نتيجي طور اقتصادي بحران سخت طبقاتي جدوجهدن کي تيار ڪيو.

جاگيردارن ۽ هارين جي وچ ۾ لڙائيون ڪا نئين ڳالهه نه هئي. زوريءَ پانهو بنائڻ خلاف مزاحمت 10 صديءَ جي اترئين فرانس ۾ وڏي بغاوت کي جنم ڏنو. جيئن بعد ۾ هڪ نظم ٻڌائي ٿو

پانهن ۽ هارين .....
ڪيئي پارليامينٽن تي قبضا ڪيا.
اُنهن اهو حڪم ڏنو
جيڪو به برتر آهي، اهو دشمن آهي....
۽ انهن مان ڪيترن اهو قسم کنيو
ته اُهي ڪڏهن به راضي نه ٿيندا
هڪ نواب يا مالڪ هجڻ تي.[116]

هڪ ڀيرو جڏهن جاگيرداريت مڪمل طور تي قائم ٿي وئي ته جاگيردارن کي سڌي ريت للڪارڻ هارين لاءِ وڌيڪ مشڪل ٿي پيو. جاگيردار جنهن نموني هٿياربند هو هاري ائين مسلح نه هئا. هاري ته مخصوص اوزارن لاءِ جاگيردار تي ئي ڀاڙين پيا ۽ جنهن سال فصل نه پئي لٿو تڏهن اُنهن جاگيردارن کين ڪارايو پئي، جڏهن ته جاگيردار جي طاقت کي چرچ جي تعليم ٽيڪو ڏنو پئي، پر جڏهن جاگيردار جا مطالبا رسمي سطح کان وڌي ٿي ويا، تڏهن هارين مزاحمت به ڪئي پئي. هارين وٽ اها طاقت هئي، جو اُهي جاگيردار کان تعداد ۾ گهڻا هئا ۽ هارين جا هڪٻئي سان لاڳاپا ۽ رشتا ناتا هئا، جيڪي پيڙهين کان ساڳئي ڳوٺ ۾ رهڻ ۽ شاديون ڪرڻ سبب ٺهيا.

ڪيترن علائقن ۾ نفرت ۽ دشمني ايتري وڌي وئي جو اڳ ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيو. 1325ع ۾ اولهہ فلنڊرس جي آزاد هارين هٿيار کڻي ورتا. چرچ کي ڏهون حصو يا جاگيردار نوابن کي بقاياڻون ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائون. جيسيتائين فرانس جي بادشاهہ 1328ع ۾ مداخلت نہ ڪئي، تيسين کين شڪست نہ ملي. 1358ع ۾ اترئين فرانس جي سين ماٿريءَ ۾ هڪ وڏي پهراڙيءَ ۾ بغاوت (jacquerie) ڀڙڪي پئي نوابن تي حملا ڪري قلعا ساڙيا ويا. 1381ع جي جون ۾ انگريز 'هارين جي بغاوت' مختصر عرصي لاءِ لنڊن جو اختيار پهراڙيءَ جي باغين کي ڏنو ۽ ويٽ ٽيلر (Wat Tyler) جنگ لڳي (بعد ۾ باغين کي ڦاهيون ڏنيون ويون. ڇاڪاڻ تہ اُنهن هڪ بادشاهہ تي، اعتبار ڪرڻ جي غلطي ڪئي). اُن بغاوت ۾ ڏنو ويو تہ سڀني هارين جاگيردار نوابن کان پنهنجي آزاديءَ جو مطالبو ڪرڻ لاءِ متحد ٿيڻ شروع ڪيو. 'جبري پورهئي ۽ ٻانهپ جو خاتمو هاري پروگرام جو پهريون نقطو هو'.[117] مقبول پراڻو پادري جان بال (John Ball) جنهن بغاوت کي ڀڙڪائڻ ۾ مدد ڪئي، هن نوابن جي خاص حقن تي بغير ڪنهن رڪ رڪاءَ جي حملا ڪرڻ جي تبليغ ڪئي، 'جيڪڏهن (حضرت) آدم ع ۽ (بيبي) حوا کي هٽايو ويو تہ پوءِ ڪير بہ معتبر ناهي'.

شهري آباديءَ جي حلقن 1320ع ۾ فلينڊرس هارين ۽ 1381ع جي انگريز بغاوت جي حمايت ڪئي. اهي شهري ماڻهو هئا جن هارين لاءِ لنڊن جا دروازا کوليا ۽ جيڪي لنڊن جي غريب باغين سان گڏجي پيا. پر چوڏهين صديءَ وڏي پيماني تي پراڻي نظام خلاف شهري بغاوتون پڻ ڏنيون.

شهرن جي شهرين طرفان ڪيل بغاوتن مان ڪجهہ بغاوتون اڳوڻين جدوجهدن جي تسلسل جي نمائندگي ڪئي، جن مقامي جاگيردارن کان پنهنجي آزادي چاهي پئي. فلينڊرس ۾ ان قسم جون جدوجهدون مسلسل ٿينديون رهيون. پئرس ۾ 1350ع جي پڇاڙيءَ ۾ وچولي طبقي جي ڪجهہ اميرن انگريزن هٿان بادشاهہ کي قيد ڪرڻ واري موقعي جو فائدو وٺندي، شهر جو ڪنٽرول کسي ورتو. دولتمند واپاري خاندان جو هڪ ڀاتي ايٽني مارسل (Etienne Marcel) 3000 ڪاريگرن کي شاهي محل ڏانهن وٺي ويو ۽ بادشاهہ جي وارث، ڊافن، کي ٿوري وقت لاءِ بغاوت جي رنگ ۾ رنگجڻ تي مجبور ڪيائين. 1378ع ۾ اترئين اٽليءَ جي فلورنس ۾ بغاوت ويتر اڳتي نڪري وئي، جڏهن اُن جي تجارت ciompi ۾ ڪم ڪندڙ ڪاريگرن جا هجوم واپاري جماعتن جي سربراهن خلاف ٿي پيا ۽ ٻن مهينن تائين موثر نموني شهر جو ڪنٽرول سنڀالي ورتائون.[118]

فقط طبقاتي ويڙهہ جا اهي سڌا اظهار ٿي نہ هئا. جن ذريعي ماڻهن پنهنجي بربادي خلاف ردعمل ظاهر ڪيو. وچين دور واري يورپ ۾ مليناريل (خوشحاليءَ جي عظيم عهد وارو واعدو) تحريڪن جي هڪ ڏکي تاريخ آهي، جن اميرن خلاف عام ڪاوڙ ۽ نفرت کي (حضرت) عيسيٰ (ع) جي ٻيهر جنم واري مذهبي اُميد ۽ ڏارين خلاف نفرت سان

گڏائي ڇڏيو. پادرين جي سرڪاري جهادن جلدئي عوام 'عام ماڻهن، پارن ۽ ريدارن' جي غيرسرڪاري جهادن کي ترغيب ڏني. ملحد مبلغن جن پنهنجو پاڻ (حضرت) عيسيٰ (ع) جي جانشين هجڻ جو اعلان ڪيو انهن کي وڏي موٽ ملي. عوام جا هجوم شهر شهر مارچ ڪري ڦرلٽ ڪندا ۽ عوامي حمايت ڪني ڪندا رهيا. اُنهن پنهنجي نفرت کي فقط جاگيردار حڪمران طبقي خلاف نه. پر بگڙيل پادرين خلاف ۽ خاص ڪري يهودين خلاف استعمال ڪيو. اُهي آسان هدف هئا. هڪ اهڙي معاشري ۾ جتي عيسائيت جي بالادستي هجي، اُتي فقط يهودي ئي غير-عيسائي گروهه هو. جنهن کي چرچ طرفان زراعت مان خارج ڪيو ويو هو ڪين مجبور ٿي وچين دور واري سماج جي ڪنارن ۾ واپارين ۽ وياج تي قرض ڏيندڙن وارو ڪردار ادا ڪرڻو پيو ۽ اُنهن وٽ سچ پچ دولتمند طبقن وانگر پنهنجو پاڻ دفاع ڪرڻ واري طاقت جي کوٽ هئي. يهودين کي عيسائيت مذهب اختيار ڪرڻ ۽ موت قبولڻ جي وچ مان ڪو به هڪ گس وٺڻ لاءِ چيو ويو پر ماڻهن جا هجوم پادرين کي گهٽين ۾ گهليندا ۽ گرجا گهرن کي ڦريندا پڻ رهيا.

انهن بحرانن هڪ منجهيل نيم- مذهبي تحريڪن جي سلسلي کي پڙڪائي ڇڏيو. 1309ع ۾ فليندرس ۽ اترئين فرانس ۾ هٿياربند جٿا ظاهر ٿيا. جن ۾ مصيبت ماريل غريب ڪاريگر ۽ پورهيتن سان گڏ نواب به شامل هئا جن پنهنجي دولت فضول خرچيءَ ۾ ضايع ڪري ڇڏي هئي. اُنهن سڄي ملڪ مان لنگهيو ۽ ڦريو يهودين کي ماريو پر قلعن کي پڻ ٻهاري ڇڏيائون.... آخر ۾ اُنهن برابنٽ جي نواب (Duke of Brabant) جي قلعي تي حملو ڪيو ..... جنهن ٽي سال اڳ ڪپڙا ناهيندڙ مزدور باغين جي فوج کي شڪست ڏني هئي ۽ چيو وڃي ٿو ته سندن اڳواڻن کي جيئرو ساڙيو هيائين.[119]

1520ع ۾ غريبن جا جٿا ۽ محروم ماڻهو وري اڀري آيا. جن جي اڳواڻي پادريءَ جي فرضن کان محروم ٿيل پادريءَ ۽ هڪ ملحد راهب ڪئي، جن اعلان ڪيو ته گهڻي خونريزي هڪ نئين دور جي صبح جي بشارت آهي. اُنهن پئرس ۾ طوفان برپا ڪري ڇڏيو ۽ Toulouse ۽ Bordeaux ڏانهن وڃڻ کان اڳ Chatelet محل کي ٽوڙي ڇڏيائون. جيئن اڳتي وڌيا ته هنن يهودين کي ماري ڇڏيو[120] جڏهن عيسائي پادرين تي پڻ لعنت ملامت ڪئي ته 'اُهي ڪوڙا ريدار آهن. جن پنهنجن ڌڻن کي ڦريو ۽ اُنهن خانقاهن کي ملڪيت مان بيدخل ڪرڻ بابت ڳالهيون شروع ڪيون'. پوپ، جيڪو ايوگنن ۾ رهندو هو اُن هنن خلاف هڪ هٿياربند فوج اماڻي، شريڪ ٿيندڙن کي ڦاهيون ڏئي ڇڏيائين.[121]

1340ع ڌاري ڪاري موت جي اوچتي خوف ويتر صورتحال کي مذهبي جنونيت جي هنگامن flagellants ڏانهن ڌڪي ڇڏيو. پادرين جي هڪ بيان کان متاثر ٿي 500 مضبوط ماڻهن جي ٽولي، هڪجهڙا چوغا پهري ۽ ثنا جا گيت ڳائيندي، هڪ شهر ڏانهن مارچ ڪيو. جتي اُنهن هڪ گول دائرو ناهيو ۽ چمڙي جي پٽن ۾ ٻڌل لوهي ڪوڪن سان پنهنجين پُٺين تي تيسين ماتم ڪندا رهيا، جيستائين سندن جسم رت

سان ٻڌي نہ ويو. سندن ايمان هو تہ جيئن (حضرت) عيسيٰ (ع) صليب تي درد کي پوڳيو تيئن اُهي نقل ڪندي پنهنجو پاڻ کي انهن گناهن کي پاڪ ڪري رهيا آهن، جن گناهن هن دنيا کي هاڻوڪي حالت تائين پهچايو آهي ۽ سندن چوڻ هو تہ اهي جنت ڏانهن روانگيءَ کي يقيني بڻائي رهيا آهن. سندن مذهبي جنون 'اخلاقي خوف' سان گڏيل هو ۽ سندن ايمان هو تہ ڪاري موت جي اوچتي ظهور جي پٺيان ضرور ڪا سازش هوندي، هنن يهودين جو قتل عام ڪيو جن مٿان الزام هو تہ اُنهن کوهن کي زهر آلوده ڪري پليگ کي ڦهلايو آهي، جڏهن تہ عيسائين وانگر خود يهودين کي بہ پليگ سخت هاچو رسايو پر هنن پادرين تي پڻ حملا ڪيا ۽ چرچ جي دولت کسڻ جون ڳالهيون ڪيون ۽ جيڪي ماڻهو سندن آڏو آڻ نہ پيا مڃين، تن کي ڦاهي ڏيڻ ۽ سر ڌڙ کان ڌار ڪرڻ جي ڳالهہ ڪيائون.[122]

15 هين صديءَ جي ابتدا مختلف قسم جي مذهبي تحريڪ ڏٺي، جيڪا بوهيما منجهان اُڀري،[123] جنهن منجهہ فلينڊرس، فرانس ۽ اٽليءَ ۾ ٿيل شهري بغاوتن جون ڪجهہ خاصيتون هيون، پر هيءَ تحريڪ 100 سالن کانپوءِ واري عظيم پروٽسٽنٽ اصلاح پسنديءَ لاءِ آزمائشي مشق پڻ هئي. خطي ۾ تيز رفتار اقتصادي ترقي ٿي. يورپ ۾ شاهوڪار چانديءَ جون کاڻيون ۽ مقدس رومن سلطنت (جرمن) ۾ سڀ کان اهم سڪيا جي جاءِ هئي، پر دولت جو ڳچ حصو چرچ جي هٿن ۾ هو جنهن وٽ مڪمل طور تي اڌ زمين جي مالڪي هئي. جنهنڪري نہ صرف شهر ۽ ٻهراڙيءَ جي غريب طبقن منجهہ، پر ايتريقدر جو ڪيترن سردارن، جيڪي جرمن بدران چيڪ ٻولي ڳالهائيندا هئا، منجهہ ڏاڍي ڪاوڙ هئي.

انهيءَ نفرت کي جان هس (Jan Hu) جي خيالن جي صورت ۾ اظهار مليو جيڪو هڪ مبلغ ۽ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هو جنهن چرچ جي بدعنوانيءَ ۽ خدا جي مرضيءَ جي اڪيلي سر تشريح ڪندڙ پوپ واري دعويٰ خلاف زبردست ويڙهہ ڪئي. ايتريقدر جو هس کي بوهيمن (Bohemian) بادشاهہ وينسسلاس (Wenceslas) جي ٽيڪ بہ هئي. جڏهن شهنشاهہ، پادريءَ جي حڪم تي 1415ع ۾ هس کي ساڙڻ جو جوکم کنيو تہ بوهيميا جي ذري گهٽ سڄي چيڪ آباديءَ بغاوت ڪئي، جنهن چرچ جو ڪنٽرول ۽ ان جي ملڪيت کي پنهنجن هٿن ۾ ڪري ورتو.

بادشاهہ تحريڪ جي خلاف ٿي پيو ۽ نوابن ۽ امير واپارين کي هارين مان ڊپ لڳو جن ۾ نہ صرف چرچ پر ڪنهن بہ فرد هٿان استحصال کي رد ڪرڻ جو رجحان زور وٺي رهيو هو. تحريڪ جي نواڻ پسند `Taborite` ڌر سان جڙيل ڪاريگرن چار مهينن تائين پراگ کي ڪنٽرول ڪيو جن کي بعد ۾ واپارين هٽائي ڇڏيو جن کي پوپ ۽ شهنشاهہ سان سرچاڻ جي اميد هئي. بوهيمين بغاوت کي ڪچلڻ لاءِ پوپ ۽ شهنشاهہ هڪ ڏهاڪي تائين جنگ وڙهندا رهيا. چيڪ (Czech) جي نوابن ۽ پراگ جي وچولي طبقي

جي مسلسل پُڏتر ۽ هيڪ تبورائيٽس (Taborites) کي سخت خيالن ڏانهن ڌڪي ڇڏيو هنن برابريءَ جا نعرا هنيا، 'سيئي پائرن وانگر گڏجي رهندا، ڪوبہ ٻئي جي تابع نہ هوندو'، 'نواب دستبردار ٿي وڃي ۽ بادشاهت ڌرتيءَ جي عوام جي حوالي ڪئي ويندي'، ۽ 'سيني نوابن، جاگيردارن ۽ سردارن کي ڏوهارين وانگر نيست نابود ڪيو ويندو'.[124] ويندي 1434ع جي مئي ۾ نوابن جي 25 هزار فوج تبوراتي قوت کي شڪست ڏني ۽ اُنهن جي مدد هڪ پاڇوڪڙ جنرل ڪئي. 13 هزار تبوراتي قتل ڪيا ويا.

فلينڊرس، اتريون اٽلي، اُتريون فرانس، برطانيا، بوهيميا ۾ جاگيرداريت جي بحران وڏين بغاوتن جي سلسلي کي جنم ڏنو تنهن هوندي بہ جاگيردارن جي طاقت جيئن جو تيئن رهي. ڪوبہ اهڙو طبقو ظاهر نہ ٿيو جنهن ۾ باقي معاشري کي پاڻ سان ڳنڍي نظام تي ڪاهہ ڪرڻ جي صلاحيت هجي.

صدين کان شهري وچولو طبقو جاگيردارن جي طاقت خلاف مزاحمت ڪندو رهيو پر شهرن جي حڪمران ادارن ۾ چند ماڻهن جو راڄ هو وڏن واپارين جو غلبو هو جيڪي جاگيردار نوابن جي اڌ مخالفت کان وڌي نہ سگهيا. جاگيرداري نظام اندر رهندي، اُنهن ان جي نظريي کي گهٽي پاڳي قبولي ورتو هو. ڳچ عرصي تائين سندن مقصد جاگيردار نوابن کي شڪست ڏيڻ نہ، پر انهن سان شامل ٿيڻ هئو هنن جيڪا دولت واپار مان ڪمائي هئي، تنهن کي وڏيڪ مستقل دولت بنائڻ لاءِ زمينون ورتن ۽ انهن جي پوک لاءِ ہانها رکين. هر وڏي موڙ تي اُنهن پُڏتر جو اظهار ڪيو ۽ جاگيردان سان سرچاءَ ۽ مفاهمت جي ڪوشش ڪئي ۽ انتهائي بدتر صورتحال ۾ اُنهن عوام تي حملا ڪرڻ لاءِ جاگيردارن جو ساٿ ڏنو. اُترئين اٽليءَ ۾ جيڪو ڪجهہ ٿيو اهو مثالي عمل هو. اهو (اٽلي) چوڏهين صديءَ جي ابتدا ۾ يورپ جو سڀ کان وڌيڪ سُڌريل حصو هو ۽ ان بحرانن ۾ سڀ کان گهٽ نقصان پهچيو. هڪ واپاري خاندان، ميڊيڪس، پنهنجي ڪپڙي جي اٿاهہ واپار سان ان جي سڀ کان اهم شهر، فلورنس، تي حاڪميت ڪئي پئي. پر 15 صديءَ ۾ اُنهن پنهنجي طاقت جاگيرداريت کي ٽوڙڻ لاءِ نہ، پر پنهنجو پاڻ کي نوابن ۽ شهزادن جي آکهن جي اتڪلن ۽ حرفتن ۾ مکيہ رانديگر طور قائم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪئي ۽ ائين ڪندي هن علائقي کي هڪٻئي سان جهيڙيندڙ پتڪڙين رياستن جي صورت ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ کي يقيني بڻايو ۽ اقتصادي زوال کي جنم ڏنو.[125]

شهرن جا ڪاريگر وڌيڪ سُڌار پسند ٿي سگهيا پئي. انهن مان گهڻن جي حالت ٻانهپ جهڙي ٿيڻ واري هئي ۽ جيڪڏهن لاڀارو نہ ٿئي ها تہ سندن پرپاسي موجود ڪڙمين وانگر اُهي بہ ٻڪون ڪاتين ها. ڪاريگرن جا چند شهري سيئين سان مسلسل ڪيترائي جهيڙا ٿيندا رهيا ۽ اهي ٻهراڙين جي بغاوتن ۾ بہ شامل رهيا. تنهن هوندي بہ اهي هڪڙي ئي قسم جو ساڳيو گروهہ نہ هئا. انهن مان ڪجهہ نسبتن خوشحال هئا، ڪجهہ پورهيت خاندانن کان ڪم وٺندي، اُنهن پنهنجا ننڍا ڪارخانا هلايا پئي ۽ اُنهن وٽ شايد پگهاردار

ملازم (ماهر ڪاريگر) ۽ سڪندڙ شاگرد پڻ هئا. بيا وري وڏيڪ غريب ۽ ڏٻل هئا ته سندن حالت زبردستيءَ ٻهراڙيءَ جي محروم عوام جهڙي نه بڻائي وڃي، جيڪي ڪنهن به ڏهاڙيءَ واري ڪم لاءِ تاڙ ۾ ويٺا هوندا هئا. اهوئي سبب هو ڪجهه ڪاريگر تحريڪن ٻهراڙيءَ ۾ ٿيندڙ بغاوتن جو شهرن ۾ ساٿ ڏنو ۽ ٻين ڪاريگرن وري امير واپارين جو ساٿ ڏنو. اهوئي ڪارڻ هو جو شهري عوام جي ڪجهه حصي 'عوامي جهاد' واري مذهبي جنونيت ۽ پنهنجو پاڻ کي ڪوڙا هڻڻ flagellants جي رسم جي حمايت ڪئي.

آخر ۾ هاري بغاوتون سماج کي ڌوڏي سگهيون پئي، پر هاري پاڻ اٿپڙهيل ۽ ٻهراڙين ۾ ڇڙوڇڙ هئا. انهن مان هرهڪ پنهنجي ڳوٺ ۽ پنهنجي زمين لاءِ فڪرمند هو. تنهنڪري اُهي معاشري جي نئين سر اڏاوت لاءِ حقيقت پسند رٿا بابت سوچي نه سگهيا. اهڙي رٿا ۽ پروگرام هيٺ نوابن جي طاقت تي انقلابي حملي سان گڏ ٻهراڙيءَ ۾ زرعي اُپت کي وڌائجي ها ۽ ان لاءِ شهرن ۾ ٽيڪنيڪل ترقيءَ جي استعمال وارين رٿائن کي گڏائڻو پوي ها. اقتصادي ترقي اجان تائين ايتري نه ٿي هئي جو شهر يا ٻهراڙيءَ ۾ هڪ اهڙي طبقي کي ناهي ها، جيڪو منجهيل ئي سهي، پر اهڙي پروگرام پيش ڪرڻ جي صلاحيت هجي ها. پوءِ ڪٿي اڳ ئي اهڙي اٿپوري ۽ ابتدائي صورت موجود هئي، جيڪا هڪ ڏينهن وڏي ان طبقي کي پيدا ڪري ها. ڪجهه شهرن ۾ واپارين ۽ ڪاريگرن کي ٽيڪنيڪل نواڻ ۽ پيداواري سيڙپ ۾ دلچسپي هئي. ٻهراڙيءَ جي ڪجهه علائقن ۾ مڇيءَ مانيءَ وارا هاري هئا، جيڪي اهو سوچين پيا ته جاگيرداراڻي استحصال جي بار کي اجلائي ۽ ٻني ٻاري کي ڪيڙي وڏيڪ پيداواري بنائي، وڏيڪ خوشحال ٿجي، پر اهو ڪچو ۽ اٿپورو وجود هڪ طبقي جهڙو نه هو جيڪو مجموعي طور تي سماج کي تباهه ڪندڙ بحران جو انت آڻڻ جي قابل هجي.

منديءَ واري جاگيرداريت جو جنم

بهرحال، يورپي جاگيرداريت جو بحران اُن بحران کان هڪ اهم حوالي سان مختلف هو جنهن قديم روم، سُنگ چين يا وچ اوڀر جي عرب سلطنتن کي ڌڪ هنيو هو. هتي بحران ڪانپوءِ بحالي وڏيڪ تڪڙي ٿي.

15 صديءَ جي وچ تائين اقتصادي بحالي ۽ آباديءَ جي نئين سر واڌ ٿيڻ لڳي.[126] ڏڪار ۽ پليگ (بيمارين) کان بچي ويل ماڻهن منجهه زندگيءَ جو معيار پڻ وڌي ويو. توڙي جو آبادي ٿوري هئي، جيڪا فقط زمين جو ننڍو ٽڪرو کيڙي سگهي پئي، پر زمين جو اهو ٽڪرو سڀ کان زرخيز پڻ هو. کاڌ خوراڪ جي پيداوار، کائڻ وارن ماڻهن جي تعداد جي حساب سان گهٽ ڪِري پيو ته ڪجهه شهرن جي اهميت سچ پچ وڌي وئي. ٻهراڙيءَ جي آباديءَ جي هڪ حصي، خاص ڪري جاگيردارن، انهن شين تي پاڙيو پئي جيڪي شهرن ۾ پيدا ٿين پيون. ذري گهٽ خودڪفيل جاگيرين واري سماج پيداوار جي هڪ نئين

سرشتي ڏانهن موٽ ڪاڏي، جيئن شين لاءِ سنڌن طلب وڌي، تيئن روڪ رقم لاءِ سنڌن خواهش بہ. جيڪا دولت اُهي فقط ٻهراڙيءَ جي پيداوار جي وڌندڙ حصي ڪي وڪڻي حاصل ڪري سگهيا پئي. هر هڪ ڳوٺ ۽ گهر ڪي شهرن جي واپارين سان ڳنڍيو، منڊين جي چار ٻهراڙين ۾ پکڙجڻ جو عمل جاري رکيو.

مارڪيٽ جي چار (نيٽ ورڪس) جي ترقي آهستي آهستي ٿي، پر اُن جاگيردار سماج کي يقينن تبديل ڪري ڇڏيو. چند واپاري بين الاقوامي شين جي تجارت مان وڏيڪ امير ٿي ويا، جن انڊيا، ڏکڻ اوڀر ايشيا ۽ چين کان يورپ ڏانهن شيون آنديون.[127] سنڌن دولت ايتري وڌي وئي جو اُهي بادشاهن ۽ شهنشاهن لاءِ بئنڪار طور ڪم ڪرڻ لڳا ۽ جنگين لاءِ رقم ڏيڻ ۽ سياسي توڙي اقتصادي انعام ۽ فائده لُٽي سگهيا. ايتريقدر جو اُهي واپاري جيڪي اقتدار جي بلنديـن تائين پهچڻ جي خواهش نہ پئي ڪري سگهيا، سي پنهنجن شهرن جي سياسي زندگيءَ تي اثرانداز ٿيڻ لڳا ۽ بادشاهن جي اقتدار وڌائڻ واري ڪوشش ۾ سنڌن اهم اتحادي بڻجي پيا.

موٽ ۾ بادشاهن جيڪي اڳ ۾ پنهنجي مستقبل کي يقيني بنائڻ لاءِ فقط هڪٻئي سان وڙهندا هئا، يا وڌيڪ زمين ۽ مال ملڪيت حاصل ڪرڻ لاءِ شاهي خاندانن مان شاديون ڪندا هئا، تن هاڻي تجارت مان ڪجهہ منافعو ماڻڻ لاءِ واجهائڻ شروع ڪيو. آفريقا کان ڦري ايشيا جي وسيلن ڏانهن گس ڳولڻ خاطر پورچوگيز حاڪمن انتهائي جديد هنرن سان تيار ڪيل ٻيڙيون استعمال ڪرڻ لاءِ واپارين کي ٺيڪ ڏني ۽ اسپين جي 'ڪيٿولڪ حاڪمن' ائٽلانٽڪ جي آرپار ڪولمبس جي بحري سفر لاءِ رقم ڏني.

ننڍين واپارين جو وڏو تعداد اجان تائين عددي حوالي سان دُڪاندارن کان ٿورو وڌيڪ هو پر هنن جاگيردار سماج ۾ خالي جايون ڳوليون ۽ آهستي آهستي انهن کي ڪشادو ڪري، پنهنجي اثر ۽ دولت کي وڌائي ڇڏيو. ڪاسائي سنڌن برابري ڪري سگهيا پئي، جيڪي مخصوص قسم جي جانورن ۾ مهارت رکڻ سبب مقامي هارين کي روڪ رقم جي صورت ۾ ترغيب مهيا ڪرڻ جي پوزيشن ۾ هئا. انهن زرعي معيشيت مٿان ٿورو اختيار هلائڻ شروع ڪيو. 15 صديءَ تائين 'مال متاع واري معيشيت ۾ نون ماڻهن ۽ ان جي آقائن طور هر شهر وٽ پنهنجا ڪاسائي هئا، سي سيئي خوشحال هئا'.[128]

شهري واپاري ڪنهن ٻئي طريقي سان ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ تي اثرانداز ٿيا. اُنهن گهٽ خوشحال هارين کي ٻهراڙين ۾ صنعتي شيون ٺاهڻ لاءِ همٿايو جيڪي شهري انجمنن جي ڪنٽرول کان پري هئا. واپارين ٻهراڙيءَ جي پورهيتن کي خام مال مهيا ڪيو جن پنهنجن گهرن ۾ ان خام مال کي مڪمل شين جي صورت ڏني ۽ اُها قيمت قبول ڪئي، جيڪا واپاريءَ کين ڏني پئي.

اهڙي تبديلي ڪيڏي اهم ٿي سگهي ٿي، ان جو مظاهرو ڪپڙي جي صنعت ۾ ٿيو. چوڏهين صديءَ جي وچ ڏاري انگلينڊ جي سڀ کان اهم ٻاهر موڪلي ويندڙ 96 سيڪڙو

شيءِ اُنَ هئي، جنهن کي ملڪ کان ٻاهر خاص ڪري فلينڊرس جي شهرن ۾ ڪپڙي جي صورت ڏني پئي وئي. هڪ صديءَ کانپوءِ ٻاهر وڪرو ٿيندڙ 50 سيڪڙو شيءِ (يعني ڪپڙو) اڳئي سُبيل هو. واپارين فليمش ڪاريگرن جي پڪڙ کي ڪمزور ڪري پنهنجا منافعا وڌائي ڇڏيا هئا. پر واپارين ان کان بہ وڌيڪ ڪجهہ ڪيو هو. واپارين ٻهراڙيءَ جي پورهئي تي پنهنجي گرفت ۾ پڪڙ وڌيڪ مضبوط ڪئي، جيڪا اڳ ۾ جاگيردار نوابن جي تابع هئي. انهيءَ گرفت جو ڊگهي مدي تائين اثر اهو ٿيو تہ استحصال جي هڪ صورت جي جاءِ ٻيءَ والاري، هاري پورهيتن جي شين جي سڌي ڦرلٽ جي جاءِ هڪ نظام والاري، جنهن ۾ انفرادي مزدور خام مال يا اوزارن جي رسد جي موٽ ۾ رضاڪارانہ طور تي پنهنجي شين جي مڪمل قدر کان گهٽ قيمت قبولي پئي.

جيئن تہ اسين ڄاڻون ٿا تہ اها مڪمل طور تي سرمائيداراڻي پيداوار نہ هئي. سڌي ريت ڪاروباري ماڻهوءَ جي ڪنٽرول هيٺ ڪم وارين جاين ۾ ٿيندڙ پيداوار چند صنعتن تائين محدود هئي، خاص ڪري کاڻين جي کوٽائي. گهريلو صنعت واري سرشتي[1] (putting-out system) انهن ماڻهن تي ڀاڙيو پئي جيڪي اڃان تائين پنهنجو پاڻ کي مالڪ سمجهندا هئا. پر اهو عمل ترقي يافتہ سرمائيداريءَ ڏانهن هڪ وک هئي. واپاري فقط شيون خريدڻ ۽ وڪڻڻ کان وڌي پنهنجي پيداوار بابت فڪرمند ٿيڻ لڳا ۽ سڌيءَ ريت پيداوار ڪندڙ (پورهيت) پنهنجو گذرسفر نہ ٿي ماڻي سگهيا. جيسيتائين سندن پيداوار جو هڪ حصو واپاريءَ ڏانهن منافعي طور نہ پئي ويو.

ٻيو تہ، واپاري ۽ پيداوار ڪندڙ ٻئي تيزيءَ سان مارڪيٽ جي مرضيءَ جي تابع ٿي ويا، جنهن مٿان ڪين ڪو ڪنٽرول نہ هو. ڇڙوڇڙ ٻهراڙيءَ جي پورهيتن ۾ شهري انجمن وانگر پيداوار کي حد ۾ رکڻ ۽ قيمتن کي ڪنٽرول ڪرڻ واري طاقت جي کوٽ هئي. پيداوار ڪندڙ ٻين فردن ۽ گروهن طرفان لاڳت گهٽائيندڙ نون طريقن کي متعارف ڪرائڻ سان گڏ هلڻ کانسواءِ وٽن ٻيو ڪو گس نہ هو. پيداوار جي جاگيرداري صورت بلڪل مختلف تنظيم کي جاءِ ڏئي رهي هئي، جنهن ۾ مقابلي ۽ ڇتاييتيءَ سيڙپ کي زور وٺايو ۽ سيڙپ وري مقابلي کي شديد بڻايو. پراڻي نظام اندر اهو عمل فقط چند وٿين ۾ ٿي سگهيو پر اهو هڪ تيزاب وانگر هو جنهن پنهنجي چوڌاري دنيا کي کاڌو ۽ تبديل ڪيو.

انهن تبديلين نوابن جي روين ۽ ورتاءَ کي پڻ متاثر ڪيو. اُهي پنهنجي رسد کي وڌائڻ لاءِ آتا هئا ۽ ائين ڪرڻ جا فقط ٻہ گس هئڻ. هڪ تہ پنهنجا پراڻا جاگيرداري اختيار استعمال ڪري ۽ ٻانهپ کي سگهارو ڪرڻ لاءِ منظم تشدد کي ڦهلائين. وڏين جاگيرن تي هارين کان وڌيڪ جبري پورهيو وٺن ۽ ٻانها پنهنجي جيئڻ جو سامان جاگيردار کي مهيا ڪري واپارين کي موچاري قيمت تي واڌي وڪڻڻ جي لائق بڻائين.

---

[1] هڪ مرڪزي ايجنٽ طرفان ذيلي معاهدي هيٺ گهرن يا ڪارخانن ۾ ڪم ڪرائڻ وارو سرشتو

جاگيردارن لاءِ بيو رستو اهو هو تہ طئي ٿيل مسواڙن تي پنهنجي ملڪيت جو وڏو حصو هارين جي اڳتي وڌندڙ انتهائي چُست ۽ موثر حصي کي ڪرائي تي ڏئي ۽ ڊگهي عرصي لاءِ ڏئي، پوءِ اُهي ڪرائيدار ٻين هارين کان ڪم ڪرائين. جن وٽ يا تہ ٻني نہ هجي يا ٿوري هجي. جنهنڪري جاگيردار کي ترقي پذير مارڪيٽ واري سرشتي جي مڪمل پيچيدگين کي قبولڻو پيو ۽ پنهنجي آمدني سرمائيداراڻي طريقي سان آباد ٿيندڙ زمينن جي مسواڙمان حاصل ڪرڻي پئي.

جيڪي علائقا شهرن جي چار سان ڳتيل نموني سٽيل هئا، تن سرمائيداراڻي زراعت ڏانهن ويندر واٽ ورتي، جڏهن تہ ٻين هنڌ انهيءَ عمل ٻانهپ کي وڌايو. 300 سالن واري عرصي ۾ انگلينڊ، نيڌرلينڊ، فرانس ۽ الهندي جرمنيءَ جا علائقا ۽ بوهيميا هڪ رُخ ۾ وڌيا، جڏهن تہ اوڀر يورپ ۽ ڏاکڻو اٽلي ٻئي رُخ ۾. پر ٻنهي هنڌ تبديليءَ جو عمل تڪرڙو ۽ پيچيدگين ۽ ورڪڙن کانسواءِ نہ ٿيو. مختلف نواب مختلف رفتار سان وڌيا ۽ اهو سمورو عمل ٻين تبديلين سان گڏوچڙ ٿي ويو. ڪجهہ بادشاهن، شهري اميرن جي مدد سان پنهنجا اختيار وڌائڻ چاهيا ۽ ڪين وڏن جاگيردارن هٿان مزاحمت کي منهن ڏيڻو پيو. بادشاهہ هڪٻئي سان شاهي خانداني تڪرارن سبب وڙهيا. شهرڪاريءَ (شهرن جي وڌڻ واري عمل) سبب زور ورتل دنيا کي ڏسڻ جي نون دستورن جو ٽڪراءُ جاگيرداري نظام سان جڙيل پراڻن دستورن ۽ چرچ جي تعليم ۾ مجسم دستورن سان ٿيو. هاري جاگيردارن خلاف اُٿي کڙا ٿيا. شهرن ۾ اميرن ۽ غريبن جي وچ ۾ طبقاتي جدوجهد ڀڙڪي پئي.

جنگين، انقلابن ۽ نظرياتي افراتفري جي هڪ صديءَ کان مٿي وقت گذرڻ تائين ۽ اقتصادي بحرانن، جن ڏڪار ۽ پليگ کي آندو جي هڪ ٻئي وڏي دور گذرڻ تائين معاملو ڪٿي بہ حل نہ ٿيو.

حوالا

[1] According to J C Russell, 'Population in Europe 500-1500', in C M Cipolla (ed), *Fontana Economic History of Europe: The Middle Ages*, p25

[2] According to P Anderson, *Passages from Antiquity to Feudalism* (London, 1978), p126 See the excellent account of the literate culture of the period in H Waddell, *The Wandering Scholars* (Harmondsworth, 1954)

[4] See the summaries of the changes in J Gernet, *A History*, p180, and D Twitchett, 'Introduction', in D Twitchett (ed), *Cambridge History of China*, vol 3 (Cambridge, 1979), p5

[5] J Gernet, *A History*, p197

[6] J Gernet, *A History*, p236

[7] There is some dispute among historians as to how widespread and effective this system of taxation was. N E McKnight argues that widespread exemptions from the system left only 17 percent of the population paying the tax, while the nobility and officials received much more land than the ordinary peasant. The system would then have shifted land from the old aristocracy to the rising layer of officials, not to the mass of people. See, N E McKnight, 'Fiscal Privileges and Social Order', in J W Haeger (ed), *Crisis and Prosperity in Sung China* (Tucson, 1975)

[8] R M Somers, 'The End of the T'ang', in D Twitchett (ed), *Cambridge History of China*, vol 3, p723

[9] R M Somers, 'The End', p723

[10] For accounts of the rebellion, see R M Somers, 'The End', pp733-747, and J Gernet, *A History*, p267. The account in the next two paragraphs is taken from Somers.

[11] There is some debate among scholars over the character of the landed estates. Some see them as similar to the manors of western feudalism, others as essentially capitalist. For a brief account of the discussion, see D Twitchett, 'Introduction', p27.

[12] E A Kracke, 'Sung K'ai-feng', in J W Haeger (ed), *Crisis*, pp65-66

[13] Y Shiba, 'Urbanisation and Development of Markets', in J W Haeger (ed), *Crisis*, p22

[14] E A Kracke, 'Sung', pp51-52

[15] J Gernet, *A History*, p320

[16] J Gernet, *A History*, pp310-311

[17] J Gernet, *A History*, pp334-335

[18] According to J Gernet, *A History*, pp333

[19] Fang Ta-tsung, quoted in Y Shiba, 'Urbanisation'

[20] D Twitchett (ed), *Cambridge History of China*, vol 3, p30

[21] L C J Mo, *Commercial Development and Urban Change in Sung China* (Ann Arbor, 1971), pp124-125

[22] Hsia Sung, quoted in Y Shiba, 'Urbanisation', p42

[23] N E McKnight, 'Fiscal Privileges', p98. For a full account of the development and content of the examination system, see J F Chaffee, *The Thorny Gates of Learning in Sung China* (Cambridge, 1985)

[24] J F Chaffee, *The Thorny Gates*, p3

[25] N E McKnight, 'Fiscal Privileges', p98 footnote

[26] This is the tone of the best known of Karl Wittfogel's later works, Oriental Despotism, written after he had abandoned Marxism. The theme is also present at some points in

the writings of Etienne Balazs—for instance when he says that 'it was the state which killed technological progress in China' (*Chinese Civilisation and Bureaucracy* (Yale, 1964), p11)—although at other points he recognises both the diversity of intellectual standpoints and the reality of technological change. Finally, the argument occurs in David Landes recent book, *The Wealth and Poverty of Nations* (London, 1998). But upholding it means downplaying the very real economic dynamism shown in the Sung period.

[27] P B Ebrey, 'Introduction', in P B Ebrey, *Family and Property in Sung China: Yüan Ts'ai's Precepts for Social Life* (Princeton, 1984), p129

[28] This is a point made very well by Etienne Balazs, *Chinese Civilisation*, pp8-9

[29] As Etienne Balazs, who admitted his approach was influenced by Marx as well as Max Weber, put it, 'the scholar-officials and the merchants formed two hostile but interdependent classes.', E Balazs, *Chinese Civilisation*, p32

[30] L C J Mo, *Commercial Development*, pp140-141

[31] Quoted in L C J Mo, *Commercial Development*, p20

[32] Passage translated in P B Ebrey, *Family*, p293

[33] J W Haegar, Introduction to *Crisis*, p8

[34] For an attempted Marxist analysis of the Mongols, see R Fox, *Genghis Khan* (Castle Hedingham, 1962)

[35] S Runciman, 'The Place of Byzantium in the Medieval World', in J M Hussey, *Cambridge Medieval History*, vol IV, part II, p358

[36] The Greek name literally means 'holy wisdom', but St Sophia is usually used in English.

[37] A Grabor, 'Byzantine Architecture and Art', *Cambridge Medieval History*, vol IV, part II (Cambridge, 1967), p330

[38] G Dölger, 'Byzantine Literature', in *Cambridge Medieval History*, vol IV, part II, p208

[39] G Dölger, 'Byzantine Literature', p209

[40] A Grabor, 'Byzantine Architecture and Art', p306

[41] K Vogel, 'Byzantine Science', in *Cambridge Medieval History*, vol IV, part II, p287

[42] K Vogel, 'Byzantine Science', p305

[43] See chapter 8, 'The Physical Universe', in C Mango, *Byzantium* (London, 1994), pp166-176. For a slightly more charitable account, see K Vogel, 'Byzantine Science', p269

[44] R J H Jenkins, 'Social Life in the Byzantine Empire', in *Cambridge Medieval History*, vol IV, part II, p93

[45] H St L B Moss, 'Formation of the Eastern Roman Empire', in *Cambridge Medieval History*, vol IV, part I, p38

[46] P Brown, *The World of Late Antiquity* (London, 1971), p157

[47] P Brown, *The World*, p104

[48] R J H Jenkins, 'Social Life', p97

[49] R J H Jenkins, 'Social Life', p98

[50] R J H Jenkins, 'Social Life', p84

[51] R J H Jenkins, 'Social Life', p89

[52] Some historians have suggested that the different factions represented different political, class or religious interests. But Alan Cameron has provided a mass of evidence to back up his case that they cut across class and religious divisions, and deflected attention from issues which might have threatened the empire. The partial

exception was the Nike riot, when the Blue and Green factions, upset by Justinian's decision to execute a rioter from either side, issued a united declaration against him. But even in this case, as we have seen, the riot was not of the poor against the rich. See A Cameron, *Blues and Greens: Circus Factions at Rome and Byzantium* (London, 1976)

[53] See A Cameron, *Blues and Greens*, and R J H Jenkins, 'Social Life', p86

[54] J B Bury, 'Introduction' to *Cambridge Medieval History*, vol IV, pxix

[55] R J H Jenkins, 'Social Life', p88

[56] Known to the Romans as Arabia Felix (Happy Arabia) and today called Yemen.

[57] For a full account of the expansion and neglect of the Mesopotamian irrigation systems, which points out that the blame lay not just with war but also with 'oppressive taxation' and 'the devolution of authority into the hands of the landed nobility', see R M Adams, *Land Behind Baghdad* (Chicago, 1965), pp69, 80-82

[58] The analogy is Bernard Lewis's, in B Lewis, *The Arabs in History* (London, 1966), p55

[59] The analogy is Peter Brown's, in P Brown, *The World*, pp192-193

[60] Both quoted in B Lewis, *The Arabs*, p58

[61] See, for instance, P Brown, *The World*, p200

[62] B Lewis, *The Arabs*, p72. For a detailed account of the disputes among the Arab armies, see the chapter, 'The Islamic Opposition', in M G S Hodgson, The Venture of Islam, vol 1, *Classical Age of Islam* (Chicago, 1974)

[63] B Lewis, *The Arabs*, p80

[64] B Lewis, *The Arabs*, p80

[65] According to B Lewis, 'Government, Society and Economic Life Under the Abbasids and Fatamids', in *Cambridge Medieval History*, vol IV, part 1, p643. See also S D Gotein, *Studies in Islamic History and Institutions* (London, 1966), pp221-240

[66] B Lewis, *The Arabs*, p81

[67] B Lewis, *The Arabs*, p86

[68] B Lewis, *The Arabs*, p91

[69] See his argument in M Rodinson, *Islam and Capitalism* (London, 1974)

[70] B Lewis, *The Arabs*, p91

[71] G E von Grunebaum, 'Muslim Civilisation in the Abbasid Period', in *Cambridge Medieval History*, vol IV, part I, p679

[72] M G S Hodgson, *The Venture of Islam*, vol II (Chicago, 1972), p65

[73] R M Adams, *Land Behind Baghdad*, p?

[74] R M Adams, *Land Behind Baghdad*, p87

[75] Yaqut, quoted in R M Adams, *Land Behind Baghdad*, p87. See also Adams's account of what happened throughout the irrigated area, pp99-106

[76] Quoted by G E von Grunebaum, 'Muslim Civilisation', p693

[77] He did so precisely by analysing the dynamic of rise, revolution and decline in the previous 700 years of Islamic civilisation. See Ibn Khaldun, *The Muqaddimah* (London, 1987)

[78] See, for example, G E von Grunebaum, 'Muslim Civilisation', p682

[79] Quoted in B Davidson, *Africa in History* (London, 1992), p61

[80] Quoted in G Connah, *African Civilisations* (Cambridge, 1987), p183

[81] H Trevor-Roper (Lord Dacre), quoted in A Callinicos, *Theories and Narratives* (Cambridge, 1995), p167

[82] See, for example, K W Butzer, *Early Hydraulic Civilisation in Egypt* (Chicago, 1976), pp9-12; M Stone, Egypt's Making (London, 1991), pp27-29; and for a report on 'megalith' monuments in southern Egypt around 4,500 BC, see 'Tribe In Sahara Were The First To Aim For The Stars', in the *Guardian*, 2 April 1998

[83] Quoted in G Connah, *African*, p150

[84] Leo Africanus, *History and Development of Africa*, vol 1 (London, 1896), For an excellent fictional recreation of his journeys, see A Maalouf, *Leo the African* (London, 1994)

[85] See D W Phillipson, *African Archaeology* (Cambridge, 1985), p170; Jared Diamond goes so far as to argue, 'African smiths discovered how to produce high temperatures in their village furnaces and manufacture steel 2,000 years before the Bessemer furnaces of 19th century Europe and America.' (J Diamond, *Guns, Germs and Steel*, p394). M J van der Merwe and T A Wertime believe knowledge of iron making originally diffused across the Sahara from the Mediterranean coastal regions, but recognise that African smiths developed techniques which led to the direct making of steel rather than wrought iron. See their essays in T A Wertime and J D Munly (eds), *The Coming of the Age of Iron* (New Haven, 1980)

[86] G Connah, *African Civilisations*, p213

[87] J Diamond, *Guns*, pp177-191

[88] See the details given from research among documents from Cairo's synagogue in S D Coitein, *Studies in Islamic History and Institutions* (Leiden, 1966), p297

[89] G Duby, *Rural Economy and Country Life in the Medieval West* (London, 1968), p5

[90] This, for instance, is part of the explanation of David Landes in his often acclaimed book, *The Wealth and Poverty of Nations.*

[91] The so called 'political Marxists', Robert Brenner and Ellen Meiksins Wood. See, for instance, Robert Brenner's own essay in T Ashton (ed), *The Brenner Debate* (Cambridge, 1993)

[92] L White, 'The Expansion of Technology 500-1500', in C Cipolla (ed), *Fontana Economic History of Europe*, vol 1, The Middle Ages (London, 1972), p147. See also G Duby, *Rural Economy*, pp18-19

[93] L White, 'The Expansion', p149

[94] L White, 'The Expansion', p146

[95] G Duby, 'Medieval Agriculture', in C Cipolla (ed), *Fontana*, pp196-197. In fact the advances in productivity in Ch'en and T'ang China may have been as great as these in Europe, but this does not detract from the importance of what happened.

[96] S Thrupp, 'Medieval Industry', in C Cipolla (ed), *Fontana*, p225

[97] P Kriedte (ed), *Industrialisation Before Industrialisation* (Cambridge, 1981), p19

[98] J Le Goff, *Medieval Civilisation* (Oxford, 1988), p59.

[99] M Bloch, *Feudal Society* (London, 1965), p346

[100] J Le Goff, *Medieval Civilisation*, p198

[101] See G Bois, *The Transformation of the Year 1000* (Manchester, 1992). For a critical discussion of his views, see my review of the work, 'Change at the First Millennium', *International Socialism* 62 (Spring 1994)

[102] J Le Goff, 'The Town as an Agent of Civilisation', in C M Cipolla (ed), Fontana, p79. For the role of such small towns newly established on lords' estates in England, see R Hilton, 'Lords, Burgesses and Hucksters', in *Past and Present*, November 1982.

[103] See, for instance, the list of translations of scientific texts into Latin from the Arabic, in J Gimpel, *The Medieval Machine* (London, 1992), pp176-177

[104] Quoted in J Gimpel, Medieval, p174
[105] Quoted in J Gimpel, Medieval, p174
[106] See J Gimpel, *Medieval*, pp192-193
[107] L White, 'The Expansion', p156
[108] Southern Belgium and the northernmost strip of France.
[109] For a full account, see S Runciman, *The Sicilian Vespers*
[110] R Roehl, 'Pattern and Structure of Demand 1000-1500', in C Cipolla (ed), *Fontana*, p133
[111] The standard history of the Crusades is Stephen Runciman's three volume work, *A History of the Crusades* (Harmondsworth, 1990). The BBC paperback by Terry Jones and Alan Ereira, *The Crusades* (London, 1996) provides an easy overview. The fact that the Crusaders were able to conquer the lands of a civilisation that was far more advanced than Europe was a result of the new
techniques employed in European agriculture—a sign of material advance. But this did not alter the destructive and wasteful character of the Crusades for all involved.
[112] G Bois, *The Crisis of Feudalism* (Cambridge, 1984), p1. There were, in fact, probably historic precedents just as serious—in, for instance, the crises which hit the early ancient civilisations or Medieval Mesopotamia.
[113] G Duby, 'Medieval Agriculture', p192
[114] R Hilton, *Class Conflict and the Crisis of Feudalism* (London, 1990), p171. See also G Bois, *The Crisis*, pp1-5
[115] The phrase used by both Bois and Hilton.
[116] Quoted in J-P Poly and E Bournazel, *The Feudal Transformation* (New York, 1991), p119
[117] R Hilton, *Class Conflict*, p65
[118] For a summary account of events, see S A Epstein, *Wage Labor and Guilds in Medieval Europe* (North Carolina, 1991), pp252-253
[119] N Cohn, *The Pursuit of the Millennium* (London, 1970), p102
[120] N Cohn, *Pursuit*, p103
[121] N Cohn, *Pursuit*, p104
[122] N Cohn, *Pursuit*, p139-141
[123] Now the north western part of the Czech Republic
[124] The quotes are given in N Cohn, *Pursuit*, p215. For a much more sympathetic account of the Taborite movement, which does not see it as simply a question of irrational longings, see K Kautsky, *Communism in Central Europe in the Time of the Reformation*, translated by J L and E G Mulliken (London, 1897, reprinted New York, 1966)
[125] See, for example, C Hibbert, *The Rise and Fall of the Medicis* (London, 1979)
[126] See G Duby, 'Medieval Agriculture', p182
[127] Fernand Braudel gives a full account of the various international networks in chapter 2, 'Markets and the Economy', of F Braudel, *The Wheels of Commerce, Civilisation and Capitalism in the 15th-18th Century*, vol 2 (London, 1979)
[128] G Duby, 'Medieval Agriculture', p193. For instances of urban traders going further and beginning to become considerable holders of agricultural land, see G Bois, The Crisis, p153

ياگو چوٹون

عظیم تبدیلي

اهم واقعن جي ترتيبوار تاريخ

15 هين صدي

عثمانيا سلطنت 1453ع ۾ قسطنطنيہ کي فتح ڪيو.

اٽليءَ واري نئين سجاڳيءَ جي انتها، ليونارڊو ونچي، مائيڪل اينجلو ميڪياولي 1450_1520ع. فرانس، اسپين ۽ برطانيا ۾ 1490ع ڌاري بادشاهتن جي مضبوطي.

اسپيني بادشاهن 1493ع ۾ غرناطہ کي فتح ڪيو. ڪولمبس 1492ع ۾ ڪيريبين ۾ لٿو.

16 هين صدي

پورچوگيز طرفان 1510ع ۾ گووا تي قبضو.

عثمانيا سلطنت طرفان 1517ع ۾ ڪائرو، 1529ع ۾ الجير تي قبضو 1529ع ۾ ويانا جو گهيرو. نئين سجاڳيءَ جو اثر اولهہ يورپ ۾ پکڙيو. هالينڊ ۾ اريسمس، جرمنيءَ ۾ ڊرر، فرانس ۾ رابيلائس.

25_1518ع ۾ لوٿرين سُڌارپسندي ڌاڪٽي جرمنيءَ کي ٻهاري ڇڏيو.

21_1519ع ۾ ڪورٽيس ازٽيڪس کي فتح ڪيو.

1525ع واري جرمن هاري جنگ

1529ع ۾ اُترئين انڊيا تي مغلن جو قبضو.

1532ع ۾ پزارو انڪا سلطنت کي مفتوح بڻايو.

مٿان کان سُڌارپسندي ۽ 39_1534ع ۾ خانقاهن جو بند ٿيڻ.

انگلينڊ ۾ زمينن جي احاطي بندي

ڪوپرنيڪس 30 سالن کانپوءِ 1540ع ۾ ڪائنات بابت پنهنجو نظريو شايع ڪري ٿو.

آئون ٽيريبل روس ۾ اختيارين کي مرڪزي بڻائي ۽ (84_1544ع) سائبيريا کي فتح ڪرڻ شروع ڪري ٿو.

1550ع، 1560ع واريون فرينچ مذهبي جنگيون.

1560ع ڪائونسل آف ٽرينٽ جوابي_سڌارپسنديءَ جي ابتدا.

1560_1630ع ڌاٽن کي ساڙڻ واري لهر

1540ع کان 1560ع فنينڊرس جي زندگيءَ بابت پيٽر بريوگل جي مصوري

اسپيني حاڪميت خلاف 1560، 1570ع ڌاري هيٺانهن علائقن جون ٻهريون بغاوتون.

1590ع ۾ شيڪسپيئر ٻهريون ڊرامو لکي ٿو.

17 هين صدي

1600ع ۾ تحقيقاتي سلسلي هٿان برونو کي ساڙڻ.
1609ع ڪيپلر پراگ ۾ گرهن جي دائرن بابت دُرست اندازو لڳائي ٿو.
گليلو 1609ع ۾ چنڊ جو جائزو وٺڻ لاءِ ٽيلي اسڪوپ استعمال ڪري ٿو.
1618ع ڏاري بوهيميا ۾ ٽيهہ سالا جنگ شروع ٿئي ٿي.
1620 ۽ 1630ع ڏاري اتر آمريڪا ۾ پهريون انگريز ڪالونيون نهن ٿيون.
آمريڪا جي فصلن (پٽاٽا، مڪائي، مٺا پٽاٽا، ٽماڪ) جي يوريشيا ۽ آفريقا ۾ پکيڙ.
1628ع ۾ هاروي رت جي گردش بيان ڪري ٿو.
گليلو ارسطو واري طبعيات کي 1632ع ۾ رد ڪري ٿو 1637ع ۾ تحقيقاتي عمل هٿان سندس تذليل. 1637ع فلسفي ۾ 'عقليت پسند' مڪتب فڪر. ڊيڪارٽ جي 'طريقي بابت گفتگو' سان ابتدا.
1630ع ۾ هالينڊ اڳوٽي پورچوگيز سلطنت جي ڪجھ علائقي تي قبضو ڪري ٿو.
1630 کان 1660ع. ريمبرانڊ ايمسٽرڊم کي رنگ ڪري ٿو.
42_1641ع انگريز گهرو جنگ شروع.
انڊيا ۾ شاهہ جهان جي حڪمراني، 1643ع ۾ تاج محل جي اڏاوت شروع.
چين ۾ منگ بادشاهت جو زوال. 1644ع ۾ مانچو تي قبضو.
انڊين ڪپڙي جون شيون وڏي مقدار ۾ يورپ ڏانهن موڪليون وڃن ٿيون.
1648ع ڏاري ٽيهہ سالا جنگ جي پڄاڻي.
1649ع ۾ انگريز بادشاهہ جو سِر ڌڙ کان ڌار ڪيو وڃي ٿو.
اوڀر يورپ ۾ 'ٻي ٻانهپ' جو غلبو.
هابس جي Leviathan، 1651ع رجعت پرست سياست جو مادي نقطہ نظر سان دفاع.
آمريڪا ۾ غلاميءَ جي ڪاروبار جي ابتدا. 20 هزار ڪارا غلام 1653ع ۾ باربادوس آندا وڃن ٿا. چيني هنرن ۽ ٽانون لاءِ يورپ ۽ لاطيني آمريڪا ۾ مارڪيٽ جو وڌڻ.
هالينڊ خلاف انگلينڊ جنگيون ڪتي ٿو 1655ع ۾ جميڪا تي قبضو ڪري ٿي.
انڊيا ۾ 1658ع ڏاري اورنگزيب مغل تخت تي قبضو ڪري ٿو 1662ع ۾ مرائن سان جنگ
1662ع ۾ بائل گئسن جا قانون دريافت ۽ ايٽمن جي نظريي جو دفاع ڪري ٿو.
1687ع ۾ نيوٽن طبعيات ۾ انقلاب مڪمل ڪري ٿو.
1688ع جو 'عظيم الشان انقلاب' مارڪيٽ ڏانهن مانوس رئيسن هٿان انگلينڊ تي حاڪميت کي پڪو ڪري ٿو.
1690ع ۾ لاڪ فلسفي جي 'تجربيت پسند' مڪتب فڪر جي ابتدا ڪري ٿو.
1687ع ۾ ورجينا ۾ بيڪن جي بغاوت ۾ اڇا ۽ ڪارا متحد ٿين ٿا. 1691ع ۾ قانونساز ادارو اڇن ـ ڪارن جي شادين تي بندش وجهي ٿو.

باب پهريون

نئين اسپين جي فتح

اسان حيران ٿي وياسين جڏهن خشڪ زمين ۽ پاڻيءَ تي اڏيل انيڪ شهر ۽ ڳوٺ ۽ سڌي سطح وارا متيرا رستا ڏٺاسين... ۽ چيائون ته هي اُها جادو ٽوڻن واري سرزمين ته ناهي جنهن بابت عظيم ٽنين ۽ احرامن ۽ پاڻيءَ مان ابرندڙ عمارتن جا داستان چيل آهن ۽ اِهي سڀ جو سڀ (حيران ڪندڙ عمارتون) اڏيندڙ رازن جا ڪم هئا. ايتريقدر جو اسان جي ڪجھ سپاهين پڇيو ته ڇا هي شيون جيڪي اسان ڏٺيون، خواب ته ناهن.[1]

عبادتگاھ سيولي (Seville) جي گرجا گھر کان وڌيڪ بلند آهي... شهر جي وچ ۾ مکيه عمارت جنهن جي چوڏاري مينار آهن، اها سلامانڪا (Salamanca) کان ٻيڻي آهي. هر ڏينهن اُتي 60 هزار ماڻهو خريداري ۽ وڪري لاءِ گڏجن ٿا. اُتي سلطنت جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هر قسم جون شيون، کاڌا ۽ لباس ۽ سون، چاندي، پتل توڙي قيمتي پٿرن، چمڙن، هڏن، mussels، مرجان، ڪپھ ۽ کنڀن مان ٺهيل شيون موجود هيون.[2]

ايترو ته خوبصورت آهي ۽ ايڏيون ته عمديون عمارتون اٿس، جو اهو اسپين ۾ به ياد رهندو... انڪاس جي انيڪ گھرن ۾ وڏا هال هئا، جيڪي 200 وال ڊگھا ۽ 50 کان 60 وال ويڪرا هئا.... سڀ کان وڏي گھر ۾ 4 هزار ماڻهو اچي سگھيا پئي.[3]

پهريان يورپي جيڪي 1520ع ۽ 1530ع ڌاري ميڪسيڪو ۾ ازٽيڪ ۽ پيرو ۾ انڪاس جي تهذيبن کان واقف ٿيا، سي اُتان جي شان شوڪت ۽ عمارتن جي دولت ڏسي ڇرڪي پيا. ٽينوچٽلين جو ازٽيڪ شهر، يورپ جي ڪنهن به شهر جيترو ئي وڏو هو. ڪُزڪو جي راڄڌاني انڪا ننڍي هئي، پر جيترن رستن سان ڳنڍيل هئي اهڙين يورپ ۾ ڪٿي به نه هو. اُنهن رستن جي چارن 3 هزار ميل ڊيگھه واريءَ سلطنت کي ڳنڍيو ٿي، جيڪا سڄي يورپ يا ايتريقدر جو چين جي منگ سلطنت کان وڏي هئي.

اهي تهذيبون آبپاشيءَ جي پُرڪشش اعليٰ سرشتي جي استعمال سان، عوام کي سندن گذرسفر مهيا ڪرڻ وارن جديد طريقن تي ٻڌل هيون. هنن شيون جمع ڪرڻ ۽ اُنهن کي راڄڌانيءَ کان سوين يا ايتريقدر جو هزارين ميل پري تائين ڪٽي وڃڻ جا ذريعا ٺاهي ورتا هئا. زراعت ۾ جدتن سان گڏ فن ۽ سائنس، اڏاوتي فن ، تصويري فن، رياضي ۽ جنتريون ٺاهڻ ۾ پيش قدميون ڪيون ويون هيون. جنترين چنڊ جي حرڪت (مهينن جي بنياد تي) کي سج (سال جي بنياد تي) جي بظاهر چرپر سان باهمي تعلق ڏيکاريو پئي.

تنهن هوندي بہ چند مهينن اندر اسپيني هرنان ڪورٽيس ۽ فرانسسڪو پزارو جهڙن ماڻهن، جيڪي بدمعاش ۽ مهم جُو کان سواءِ ڪجهہ نہ هئا، (پزارو تہ جاهل هو) جي اڳواڻيءَ ۾ ٿوريءَ فوج ٻنهي سلطنتن کي فتح ڪري ڇڏيو.

هنن ماڻهن تہ پاڻ کان اڳ واري مهم جُو ڪرسٽوفر ڪولمبس (اسپيني ٻوليءَ ۾ ڪرسٽوبل ڪولن) جي قدمن جي پوئواري ڪئي پئي. جينوئا (Genoa) جي هن ساموندي ڪپتان (ڪولمبس) اسپين جي مخلوط حاڪمن اراگون جي فرڊيننڊ ۽ اسيبيلا جي ڪاسٽائل کي مائل ڪيو هو تہ ائٽلانٽڪ سمونڊ پار ڪري اولهہ طرف ساموندي سفر ذريعي چين (Cathay) جي افسانوي تهذيب ۽ 'مصالحن وارن ٻيٽن' (ايسٽ انڊيز) جي دولت ڳولڻ واريءَ سندس مهم جي مالي سهائتا ڪن.

هڪ عام ڏندڪٿا هيءَ آهي تہ ڪولمبس جي ڳالهہ ڪجهہ نئين سائنسي سمجهہ تي ٻڌل هئي ۽ 'هموار ڌرتيءَ' وارن وهمي عقيدن ان جي مخالفت ڪئي. اصل ۾ ڌرتيءَ جي گول هجڻ وارو خيال 15 صديءَ تائين عام ٿي چڪو هو. ڪولمبس قديم يوناني ۽ رومن ليکڪن ۽ مذهبي پُراسراريت مان حوالا کڻي پنهنجو پاڻ سائنس جي ڪچڙي ٿاهي.[4] هن جو ايمان هو تہ هي عيسائيت کي قيامت کان اڳ بچائڻ لاءِ خدا طرفان مقرر ٿيل آهي.[5] هن ڏهين صديءَ جي جاگرافيءَ جي عرب ماهر الفرغاني جي غلط (دُرست) حساب ڪتاب جي بنياد تي ڌرتيءَ جي قطر بابت اٽڪل 25 سيڪڙو گهٽ تخمينو لڳايو. هن ڪجهہ هفتن ۾ چين يا جاپان پهچڻ جي توقع سان 3 آگسٽ 1492ع تي ٽن ننڍين ٻيڙن ذريعي سفر جي ابتدا ڪئي ۽ ڪيس اُميد هئي تہ سندس ٽڪر 'خان اعظم' جي رعيت سان ٿيندو جنهن (200 سال اڳ) چين ۾ مارڪو پولو جي وقت حڪمرانيءَ ڪئي ٿي. ان بدران هي آڪٽوبر جي ٻئي هفتي ۾ ڪريبين ۾ هڪ ننڍي ٻيٽ تي پهتو جتان کان هن اُنهن ٻيٽن ڏانهن سفر ڪيو جيڪي هاڻ ڪيوبا ۽ هيٽي آهن.

هنن ٻيٽن تي جيڪي ماڻهو رهيا پئي تن وٽ نہ ڪو رياستون هيون ۽ نہ ئي ذاتي ملڪيت ۽ نہ ئي نون ايندڙن ڏانهن سندن رويو دوستاڻو هو. اسپيني ڪولمبس هتان جي رهواسين بابت لکيو تہ 'اُهي فضليت پريا، پُرامن ۽ انتهائي سادا ماڻهو هئا' جن کي هنن 'ٽائنوس' سڏيو. 'جڏهن پيئڻ جو پاڻيءَ کڻڻ لاءِ ٻيڙي ڪناري ڏانهن موڪلي، تڏهن هنن انڌين رهواسين انتهائي خوشيءَ سان ڏيکاريو تہ پاڻي ڪٿي ملندو ۽ اُهي پاڻ پريل پيپ (ٻرم) ٻيڙيءَ ڏانهن کڻي آيا'.[6]

پر ڪولمبس جو مقصد مقامي رهواسين سان دوستي رکڻ نہ هو. هن کي جنهن شيءِ موهي وڌو هو اهي سون جا جهُمڪا هئا، جيڪي سندن نڪن ۾ پهريل هئا. هن پنهنجو پاڻ کي امير ڪرڻ ۽ اسپيني سلطانن طرفان سندس سفر تي خرچ جو جواز ڳوليو پئي. هن رهواسين کان مسلسل اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سون ڪٿي ملندو ايتريقدر جو هي سندن ٻوليءَ جو لفظ بہ نہ پئي سمجهيو يا هُو سندس لفظ بہ نہ پئي سمجهيا!

بعد ۾ هن لکيو تہ ’سون نهايت عمدو آهي ...... جنهن وٽ بہ اهو سون هوندو سو هن دنيا ۾ جيڪو ڪجھ ڪرڻ چاهي ٿو اُهو ڪري سگھندو ۽ جنت ڏانهن روح کي وٺي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيندو.‘[7]

ڪولمبس سندس شاهي مددگارن ڏانهن لکيو تہ رهواسي ’اهڙا تہ پيار ڪندڙ ۽ سخي ماڻهو آهن ۽ ايڏي موٽ ڏيندڙ آهن. جو هنن کان بهتر ماڻهو يا علائقو دنيا ۾ ناهي. هي پنهنجن پاڙيسرين سان ائين پيار ڪن ٿا. جيئن پنهنجو پاڻ سان ۽ سندن گفتگو دنيا ۾ سڀ کان مٺي ۽ فضلت ڀري آهي ۽ هي سدائين مسڪرائيندي ڳالهائين ٿا.‘[8] پر هن جو مقصد انهن ماڻهن کي پڪڙڻ ۽ غلام ڪرڻ هو. هن جو پُٽ ٻڌائي ٿو تہ ’هن حڪم ڏنو تہ ٻيٽ جي ڪجھ ماڻهن کي قيدي بڻايو وڃي ....ائين عيسائين 12 ماڻهن، مردن، عورتن ۽ ٻارن کي پڪڙيو.‘[9] هن هڪ قلعو ٺاهڻ جو سوچيو جنهن ذريعي ’50 ماڻهو هتان جي رهواسين کي تابع بڻائي سگھن ۽ کائن اهو سڀ ڪجھ ڪرائجي جنهن جي کين خواهش ڪري.‘[10]

ٻيٽ جا سيئي رهواسي ايترا بيوقوف نہ هئا. جو اهڙو ورتاءُ برداشت ڪن. جلدئي ڪولمبس دعويٰ ڪئي تہ پُرامن تائنوس سان گڏ ڪجھ جهيڙاڪ ’ڪيربس‘ آهن. جن کي مات ڏيڻ جي ضرورت آهي. چاڪاڻ تہ اُهي ’آدم خور‘ آهن. تڏهن ۽ ان کانپوءِ ڪڏهن بہ اهڙي ڪا ثابتي نہ ملي تہ هي ماڻهو انساني گوشت کائيندا هئا. ڪولمبس پاڻ کنهن بہ هڪ ٻيٽ تي پير نہ رکيو. جتي ڪيربس رهندا هجن ۽ هن کي فقط اُهي عورتون ۽ ٻار مليا پئي. جن کي سندس ماڻهن قيدي بڻايو پر آدم خوريءَ واري ڳالھ اسپينين کي پنهنجون بندوقون استعمال ڪرڻ ۽ اصلوڪن ماڻهن کي ڏيہارڻ ۽ سندن لوهي تلوارن ۽ ڪمانن کي ختم ڪرڻ جو جواز مهيا ڪيو. ’جهنگلي‘ ماڻهن منجھ عام ’آدم خوريءَ‘ واري ڏندڪٿا 20 صديءَ تائين نوآبادياتي نظام جي سگھاري جواز طور قائم رهي.[11]

سندس واحيات طريقن باوجود ڪولمبس کي تمام ٿورڙو سون هٿ چڙهيو. هي پنهنجي ٻئي بحري سفر ۾ گھڻو ڪامياب نہ ٿيو جيڪو سفر هن 1493ع ۾ بادشاهن طرفان وڏيڪ وڏي سيڙپ. وڏي ٻيڙي ۽ 1500 آبادڪارن سان ڪيو انهن آبادڪارن ۾ ’هر قسم جا ڪاريگر، زمين تي ڪم ڪرڻ لاءِ هاري ۽ مزدور، سردار، معتبر ۽ ٻيا ماڻهو جن کي سون ۽ علائقي جي عجوبن جي مشهوري ڇڪي آئي.‘[12] گڏوگڏ ڪيترائي سپاهي ۽ ٽي پادري بہ ساڻ هئا. هسپانيولا (هيٽي) جي سڄي ٻيٽ تي هڪ قلعي ۽ انيڪ ڦاهي گھاٽن سان ست نوان نڪاٽا (آباديون) قائم ڪرڻ کانپوءِ هن حڪم ڏنو تہ 14 سالن کان وڏيءَ عمر واري هر ’انڊين‘ کي هر ٽن مهينن ۾ سون جو ڪجھ مقدار مهيا ڪرڻو پوندو. اُهي جيڪي ائين نہ ڪندا، تن جا سزا طور هٿ ڪٽيا ويندا ۽ کين مرڻ تائين رت وهڻ لاءِ ڇڏيو ويندو.[13] انهيءَ بربريت باوجود هي سون جي طلب پوري نہ ڪري

سگهيا. ان ڪري جو ڪو بہ ماڻهو پيٽ تي تمام ٿوري مقدار کان وڌيڪ سون دريافت نہ ڪري سگهيو.

ڪولمبس سون مان دولت ٺاهڻ واري پنهنجي لالچ کي هڪ ٻئي وسيلي، يعني غلاميءَ سان پورڻ جي ڪوشش ڪئي. 1495ع جي فيبروريءَ ۾ هن 1600 ٽائنوس کي جهليو جيڪي ادائي سال اڳ 'فضليت پريا'. 'پُرامن' ۽ مددگار ماڻهو هئا ۽ انهن مان 550 چڱن کي زنجيرن ۾ جڪڙي پيڙين ذريعي سيولي ڏانهن اُماڻيو تہ جيئن اُنهن کي غلام طور وڪڻي سگهي. اٽلانٽڪ پار ڪندي انهن پڪڙيل غلامن مان 200 چڱا مري ويا. اُن کانپوءِ هن encomienda نظام قائم ڪيو جنهن ذريعي نوآبادڪار جبري طور تي انڊين پورهيتن کي استعمال ڪندا هئا.

ڪولمبس جن کي اڃان تائين 'انڊين' سڏيو ٿي، تن ماڻهن مٿان هن جي ڪارروائين جو تباهہ ڪن اثر ٿيو. هسپانيولا جي آبادي غالبن ڏهن لکن کان مٿي هئي، جڏهن تہ ڪولمبس جي پهريون پيرو پير رکڻ تي اُن کان بہ وڌيڪ هئي،[14] سا 20 سالن کانپوءِ اٽڪل 28 هزار ۽ 1542ع تائين فقط 500 ٿي وئي. آبادڪار مان پادري بٽيل لاس ڪساس نون آبادڪارن جي طريقن تي الزام هنيو تہ 'ماڻهن جي انتهائي شديد ذلالت ۽ سندن ڪوس' ٿيو پئي'.[15] تازوئي هڪ بيو ڪارڻ پيش ڪيو ويو آهي تہ يورپين اهڙيون بيماريون آنديون، جن 'انڊين' جي وڙهندڙ مدافعي قوت ڪمزور ٿي وئي. اُرڙي، تپ ۽ زڪام، وچڙندڙ بُخار نمونيا (ڦڦڙن جي سوڄ)، سلهہ (ٽي بي)، سهڪوءِ سيني کان مٿي ماتا ماڻهن کي پيانڪ هاڃو رسايو جن ان کان اڳ ڪڏهن بہ اهڙين بيمارين کي منهن نہ ڏنو هو. تنهن هوندي بہ اهو مڃڻ ڏکيو آهي تہ فقط بيماري پيٽ جي اصلوڪن رهواسين جي ذري گهٽ خاتمي جو جواز ٿي سگهي ٿي. آمريڪا جي مک علائقن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ 'انڊين' بچي ويا. اوائلي اسپيني ڪالونيز ۾ ايڏي وڏي پيماني تي موت جو ڪارڻ ڪولمبس ۽ سندس آبادڪارن جي طريقن جي وحشت ۽ بربريت ۾ هجڻ گهرجي.

ان باوجود اها بربريت ڪولمبس، آبادڪارن ۽ سندن شاهي مددگارن کي اُها دولت نہ ڏئي سگهي، جيڪا هنن چاهي پئي. پهريون ڪالونيون مسئلن سان پريل هيون. شريف آبادڪارن کي سندن زندگي توقع کان وڌيڪ ڏکي لڳي. سندن انڊين پورهيت مري ويا، ائين سندن وڏين جاگيرن کي هلائڻ لاءِ وٽن ڪا پورهيت قوت نہ رهي. هيٺين طبقن جا آبادڪار مٿان کان پونڊڙ ڪم جي دٻاءَ سبب جلدئي ٿڪجي پيا. هسپانيولا جي گورنر طور ڪولمبس جي زماني جو داستان سندس حڪمرانيءَ خلاف مسلسل بغاوتن سان پريل آهي. هن ساڳي بربريت سان ردعمل ڪيو جيڪا هن اصلوڪن ماڻهن خلاف ڏيکاري هئي. سندس ٽئين بحري سفر جي پڄاڻيءَ تي هن کي گورنريءَ تان هٽائيندي اسپين ۾ زنجيرن ۾ ٻڌي گهر اُماڻيو ويو. هسپانيولا جي آبادڪارن ۾ سخت ڪاوڙ هئي، ٻئي ڏينهن شهر جي سانتو ڊومينگو چوواٽي تي ست اسپينين کي ڦاهيون

ڏنيون ويون.[16] اسپين ۾ ڪجهه عرصي جي قيد ڪاٽڻ کانپوءِ هن کي ڇڏيو ويو پر هن جو چوٿون سفر دردناڪ رهيو. بادشاهه طرفان هن تي هسپانيولا ۾ آباديون قائم ڪرڻ تي بندش وڌي وئي ۽ اسپين ڏانهن بدظن ۽ ذري گهٽ وساريل وجود طور واپس ٿيڻ کان اڳ سمونڊ ۾ جهاز تباهه ٿيڻ سان هي ختم ٿي ويو. اسپيني بادشاهت جنهن هن جي مدد ڪئي، تنهن اڃان تائين انهن ڏورانهن ٻيٽن کان وڌيڪ اٽليءَ تي حاڪميت لاءِ فرانس خلاف پنهنجي لڙائين ۾ وڌيڪ دلچسپي رکي پئي. ان جو رويو فقط تڏهن بدليو جڏهن ٻين مهم جُو ماڻهن ڏاڍي دولت دريافت ڪئي.[17]

ازٽيڪس (Aztecs) جي فتح

1517ع ۾ ميڪسيڪو جي ازٽيڪ حاڪم موڪٽيزوما کي پهرين رپورٽ ملي ته اجنبي، ڦڪي چمڙيءَ وارا ماڻهو سندس بادشاهت جي ساموندي ڪنارن کان پاڻيءَ جي وچ ۾ ڏٺا ويا.[18] انهن ٻيڙين جو هڪ جاسوس مهم سان تعلق هو. ٻن سالن کانپوءِ هڪ سپاهي هرنن ڪورٽيس جي اڳواڻيءَ ۾ اسپين جي ڪيوبن آبادڪاريءَ کان 500 ماڻهن جي فوج لٿي، جن هڪ عظيم سلطنت بابت افواهون ٻڌيون هيون ۽ اُن کي فتح ڪرڻ جو ارادو ڪري آيا هئا. هن جي ماڻهن کي اهو مقصد تصور کان مٿانهين چريائپ لڳي پئي ۽ ڪورٽيس کي پنهنجيون ٻيڙيون ساڙڻيون پيون ته جيئن ڪين ڪيوبا ڏانهن واپس وڃڻ کان روڪي سگهي. تنهن هوندي به ٻن سالن اندر هن هڪ اهڙي فوج کي فتح ڪيو جيڪا سندس فوج کان سئوڻ تي وڏي هئي.

هن جي فتح جا ڪيترائي ڪارڻ هئا. موڪٽيزوما (ازٽيڪ حاڪم) ڪورٽيس جي فوج کي سمونڊ جي ڪناري تي تباهه نه ڪيو جڏهن ته هن وٽ موقعو هو پر هنن کي ڪناري کان ميڪسڪو جي ماٿريءَ تائين سهولتون مهيا ڪيون. ڪورٽيس جي منافقت جي حد نه هئي ۽ ٽينوچٽلين جي ازٽيڪ راڄڌانيءَ وٽ پهچندي، هن موڪٽيزوما کي قيد ڪرڻ کان اڳ ان سان دوستيءَ جو ڍونگ ڪيو. اسپينين طرفان لاشعوري طور تي ساڻ کڻي ويل ماتا جي جراثيمن ٽينوچٽلين شهر کي برباد ڪري ڇڏيو ۽ شهر جي اسپيني گهيري واري فيصلاڪن گهڙيءَ تي انيڪ ماڻهن کي ماري ڇڏيو. انهيءَ فتح جو اهم عنصر يعني اسپينين کي هٿيارن ۾ برتري هئي. اهو سندن بندوقن جو سوال نه هو جيڪي نيڪ نشانو نه پيون لڳائي سگهن ۽ جن کي ڀرڻ ۾ وڏو وقت لڳو پئي. وڌيڪ اهم اسپيني زرهه ۽ تلوارن جي اسٽيل هئي، جيڪا ازٽيڪ جي زرهه تي چڙهيل ٽُلهن ڪپڙن کي ڦاڙي جسم ۾ داخل ٿي سگهي پئي. ٽينوچٽلين جي آخري لڙائيءَ ۾ برتر اسپيني بحري ٽيڪنالاجيءَ ڪين شهر جي چوڌاري ڍنڍن تي غلبو حاصل ڪرڻ ۽ ڊونڊين (ننڍي ٻيڙي) کي تڙي ڪڍڻ جي لائق بڻايو جن ٻيڙين تي ازٽيڪ ڪاڌ خوراڪ جي رسد لاءِ ڀاڙيو پئي.

اسپيني فتح ۾ ڪجهه عنصر اتفاقي پڻ هئا. جيڪڏهن موڪتيزوما جو ياءُ ڪُتلاهاڪ، هن جي جاءِ تي حڪمراني ڪندو هجي ها ته اُهو ڪورٽيس کي ڪڏهن به راڄڌانيءَ جو سير نه ڪرائي ها ۽ بادشاهه کي اغوا ڪرڻ جو موقعو نه ڏئي ها. ڪورٽيس جي فوج يقينن ناقابل شڪست نه هئي. هڪ مرحلي تي ڪورٽيس، ٽينوچٽلين کي ۽ پنهنجي اڪثر فوج کي ڇڏي ڀڄڻ تي مجبور ٿيو. جيڪڏهن اسپينين کي وڏيڪ مخالفت کي منهن ڏيڻو پوي ها ته سندن صفن ۾ ڦيٽاڙو فيصلاڪن ثابت ٿئي ها. ڇاڪاڻ ته هڪ نئين اسپيني فوج ڪورٽيس کي هڪ غدار طور ورتاءُ ڪرڻ جي حڪم سان ميڪسيڪو ۾ لهي ها.

بهرحال، ڪورٽيس جي فتح ۾ اتفاقي عنصرن وڏيڪ بنيادي ڪم ڪيو. هن جو ٽڪر هڪ سلطنت سان ٿيو جيڪا اسپيني سلطنت وانگر ظالم ۽ استحصالي هئي، پر اُن وٽ جديد ٽيڪنالاجي گهٽ هئي.

ازٽيڪس بنيادي طور تي شڪاري_چُونڊو ڪندڙ ماڻهو هئا، جن وٽ زراعت جي ٿوري معلومات هئي، جيڪي 13 صديءَ جي وچ ڌاري ميڪسيڪو جي ماٿريءَ ۾ پهتا هئا. هن علائقي ۾ اڳئي انيڪ شهري رياستون آباد هيون، جيڪي ٽيوٽهئاڪين ۽ مايا تهذيبن جي باقيات جون نشانيون هيون (جن بابت ٻئي ڀاڱي ۾ ذڪر ٿيل آهي) جن ازٽيڪس کي تابع بڻايو ۽ کين سڀ کان غيرآباد زمين کيڙڻ لاءِ ڇڏي ڏنو. بهرحال، ازٽيڪس گهڻي عرصي تائين مفتوح نه رهيا. اُنهن ٽيڪنالاجيڪل رُڪاوٽ عُبور ڪري ڇڏي، جنهن کين پنهنجي فصل جي پيداوار وڏي مقدار ۾ وڌائڻ جي لائق بڻايو. هتڙادو ٻيٽن تي پوک ۽ زبردست زراعت سان گڏ اشرافيا طبقي جي اوسر پڻ ٿي، جنهن باقي معاشري کان جبري پورهيو ڪرايو. اشرافيا فقط ازٽيڪ هيٺين طبقن جي استحصال مان مطمعن نه ٿي. جلدئي اُن ميڪسيڪو جي ماٿريءَ تي بالادستي ۽ تسلط لاءِ ٻين شهري رياستن سان وڙهڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ هڪ سلطنت ناهڻ ۾ لڳي وئي، جيڪا ڏکڻ ۾ سوين ميلن تي ڦهليل هئي، هاٽوڪو گوئيٽي مالا. نئين جنگجو ۽ ويڙهاڪ حڪمران طبقي جي پيدا ٿيڻ سان گڏ جنگجو نظريي پڻ جنم ورتو. اُن نظريي جو مرڪز ازٽيڪس، Huitzilopochtli، آمريڪي پکيءَ[1] جهڙن پراڻن قبائلي خدائن جي عبادت هو. هن مذهب جي مکيه رسم جنگي قيدين جي انساني قرباني هئي ۽ تابع ۽ محڪوم ماڻهن ازٽيڪس کي مادي شيون اربڻ سان گڏ عورتون ۽ ٻار به ڏنا پئي. ان مذهب ازٽيڪ ويڙهاڪ طبقي کي هڪ سلطنت تعمير ڪرڻ لاءِ ويڙهه جو پختو ارادو مهيا ڪيو. جيئن رومن تماشي گاهه ميدانن ۾ 'فتحن' (جڏهن پڪڙيل شهزادن کي ڦاهين تي لٽڪايو ويندو هو) ڪم ڪيو ساڳئي طريقي سان ان (مذهب) بُکايل ازٽيڪ

---

[1] جنهن پکيءَ کين دائمي زندگي ڏني، جيڪي پُرتشدد نموني مري ويا، پر ان لاءِ هن کي سندس سفر برقرار رکڻ لاءِ مسلسل انساني رت جي ضرورت پوي ٿي.

هيٺين طبقن کي مٿين طبقن جي مال ملڪيت سان سرچاءَ ڪرڻ ۾ پڻ مدد ڪئي، پر جيئن سلطنت وڌي ان ازٽيڪ معاشري ۾ ڇڪتاڻ پيدا ڪئي. چاڪاڻ تہ ڪجهہ حڪمران طبقي جي فردن قربانين جي انتها ڪري ڇڏي. ايٽريقدر جو 98 ڪلاڪن ۾ ٽينوچٽلين جي مندر وٽ هڪ اندازي مطابق 80 هزار ماڻهن کي ماريو ويو.[19] قربانيءَ جي اهڙي عمل سان جن ماڻهن کي مفتوح ڪيو ويو، هو تن منجهہ ظلم جو احساس پڻ وڌيو. ايٽريقدر جو ان هڪ خوف ۽ دهشت جو ماحول پيدا ڪيو جنهن ڪين ٻيچاري بغاوت تي آماده ڪيو. اُهي وڏيڪ پُرامن ڪردار وارن مسلڪن ڏانهن متوجهہ ٿيا. ايٽريقدر جو ازٽيڪ اشرافيا منجهہ ان عقيدي جنم ورتو تہ هڪ ڏينهن پُرامن ڪنين وارو نانگ ديوتا Quetzalcoatl موٽي ايندو.

اسپيني فاتح بلڪل انهيءَ وقت پهتا، جڏهن اهي تڪرار پنهنجي عروج تي هئا. 1505ع ۾ ازٽيڪ هيٺين طبقن کي هڪ وڏي ڏڪار سخت نقصان رسايو هو. جنهنڪري ڪيترائي غريب ازٽيڪ پنهنجو پاڻ کي غلام طور وڪڻڻ تي مجبور ٿيا. فتح مان ملندڙ مال غنيمت جي سطح ۾ لاٿ اچي وئي ۽ موڪٽيزوما رت جي قربانيءَ واري مسلڪ ذريعي حڪمران طبقي اندر پنهنجي طاقت کي وڌائي ڇڏيو هو. تنهن هوندي بہ انهيءَ مسلڪ کي ڪافي للڪار هئي ۽ هن کي خوف هو تہ ڪورٽيس (پُرامن ڪنين واري نانگ ديوتا) Quetzalcoatl طور واپس موٽي ايندو ۽ هن جي آجيان ڪرڻي پوندي. وڌيڪ اهم ڳالهہ هيءَ هئي تہ مٿان ازٽيڪ طرفان مفتوح بڻايل ماڻهو حملي آورن جو ساٿ نہ ڏين. ٽينوچٽيلن لاءِ آخري لڙائي ۾ اصلوڪا ماڻهو ازٽيڪ کان وڌيڪ اسپينين سان گڏ وڙهي رهيا هئا.

ازٽيڪ ۽ اسپيني سلطنتون ٻنهي جو بنياد ڏن تي ٻڌل هو ۽ جن بغاوت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تي تن کان بدلي طور ملندڙ شين تي آڌاريل هئن. ٻنهي جا مذهب انتهائي غيرانساني هئا. اسپيني ڪافرن کي ساڙڻ لاءِ ۽ ازٽيڪس خدائن کي راضي ڪرڻ لاءِ ماڻهن جي قرباني ڪرڻ خاطر تيار هوندا هئا. فتح کانپوءِ اسپينين ٽينوچٽلين جي مارڪيٽ واري هنڌ هڪ مستقل جاءِ (auto da fe) مقرر ڪئي جتي ڪافرن کي ساڙيو پئي ويو.[20] پر اسپين لوهہ واري ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال ڪيو پئي، جيڪا گذريل ٻن هزاران سالن کان سڄي يوريشيا ۽ اتر آفريڪا ۾ تيار ٿي هئي، جڏهن تہ ازٽيڪ جو انحصار پٿر ۽ ڪاٺ وارين ٽيڪنالاجيز تي هو. توڙي جو اهي دنيا ۾ ڪنهن ٻئي علائقي کان وڌيڪ جديد هئا. ڌاتن ۾ هنن وٽ فقط سون ۽ پتل هو ۽ پتل ناياب هئن، جيڪو فقط سينگار لاءِ استعمال ٿيندو هو. سندن هٿيار پٿرن جا ٺهيل هئا، جن کي تکي ڪناري جي صورت ڏئي سگهجي پئي، پر اهي سولائي سان ٽٽي ٿي پيا.

ڌاتن جي کوٽ سبب ازٽيڪ ٽيڪنالاجيءَ ۾ ٻيون بہ اوڻايون ۽ اڻپورايون هيون. مثال طور ازٽيڪس وٽ ڦيٿن واريون گاڏيون نہ هيون. گورڊن Childe جي خيال ۾ اهو ان

ڪري ٿيو جو ڦيٽن کي ڪارائيءَ سان گهڙڻ جي ضرورت هئي، جنهن کي پٽل کان وڌيڪ سخت ڌاتوءَ ڪانسواءِ ٺاهڻ آسان نہ هو.[21]

ازٽيڪس ڌاتن جو علم ڇو نہ سکيو هو؟ جيرڊ (Jared) ڊائمنڊ ڪجھ جاگرافيائي ناموافق حالتن جي نشاندهي ڪري ٿو جهڙيون جاگرافيائي حالتون آفريقا ۾ هيون. ميڪسيڪو جا ماڻهو اُنهن جدتن ۽ ايجادن ڏانهن متوجھ نہ ٿي سگهيا جيڪي ڪائن هزارين ميل پري ٿيون. ميڪسيڪو مرڪزي آمريڪا جي گرم آبهوائي پٽيءَ سبب انڊيس (Andes) ۾ بہ عظيم لاطيني آمريڪي تهذيب کان ڪٽيل هو جيڪا ڌاتن جي سائنس ۾ اڃان ٿورو اڳتي نڪري چڪي هئي، پر اڃان تائين لوهہ کان واقف نہ هئي.[22] پر ميڪسيڪن کي ڌاتن جي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي اپنائڻ لاءِ ڪا وڏي ترغيب نہ هئي. هنن ان ڪانسواءِ ئي شاندار شهر اڏيا ۽ کاڌ خوراڪ جي پيداوار جا اعليٰ طريقا ڳولي ورتا هئا. جيئن ايشيا ۽ يورپ جي لوهہ تي آڌاريل تهذيبن سان ٿيو. تيئن هنن وقفي وقفي سان ٿيندڙ ڏڪارن کي منهن ڏنو. ڌاتن جي سائنس کان اڻواقفيت کين تڏهن سخت نقصان رسايو جڏهن هنن جو اوچتو يورپي هٿيارن سان ٽڪر ٿيو جنهنڪري کين اُنهن ماڻهن هٿان شڪست پوڻي پئي، جيڪي ڪيترن حوالن کان ڪائن وڌيڪ 'سڌريل' نہ هئا.

پيرو جي محڪومي

تاريخ پنهنجو پاڻ کي ايترو جلدئي مشڪل سان ورجائي ٿي، پر ميڪسيڪو جي فتح کان هڪ ڏهاڪو پوءِ تاريخ ائين ئي ڪيو جڏهن ڪورٽيس جي هڪ مائٽ فرانسسڪو پزارو 1530ع ڌاري پناما کان هيٺ ڏکڻ آمريڪا جي پئسفڪ سامونڊي ڪناري ڏانهن بحري سفر ڪيو.

هن اڳ ۾ بہ پيرا مشاهداتي دورا ڪري معلوم ڪيو تہ اندر ڪا وڏي سلطنت آهي. هن پيري هي 106 سپاهين ۽ 62 گهوڙي سوارن سان گڏ تمبيز شهر جي ساحلي ڪناري تي لٿو. اُتي هن کي عظيم انڪا سلطنت اندر هلندڙ هڪ گهرو جنگ جي خبر ملي، جتي بہ يائر اتر ۾ Atahualpa ۽ ڏکڻ ۾ Huascar پنهنجي پيءُ عظيم Inca Huana-Cupac جي وراثت تي وڙهيا پئي. پزارو تڪڙ ۾ اتاهئالپا جي نمائندن سان رابطو ڪيو ۽ کين پنهنجي دوستيءَ جو يقين ڏياريو ۽ انڊيس (Andes) ۾ ڪيمجامارڪا (Cajamarca) شهر وٽ اُن سان ملڻ جي دعوت مليس. انڪا جي رهنمائيءَ ڪانسواءِ خشڪيءَ ۽ جبلن ڏانهن سفر اسپيني جٿن لاءِ ذري گهٽ ناممڪن هجي ها، ڇاڪاڻ تہ اُهي کين هڪ اهڙي رستي سان گڏ وٺي هليا، جتي کين هر ڏينهن جي آخر ۾ آرام جون بهتر جايون مليون پئي.

ڪيمجامارڪا (Cajamarca) شهر وٽ اسپينين شهر جي چوديواريءَ اندر بندوقن ۽ گهوڙن سان، پنهنجو پاڻ کي لڪائي رکيو. اتاهئالپا پنهنجي وڏي انڪا فوج پنتي ڇڏي

۽ شهر ۾ 5 يا 6 هزار ماڻهن سان بادشاهي انداز ۾ داخل ٿيو پر ڪنهن بہ حوالي سان وڙهڻ لاءِ تيار نہ هو. پزارو جو ڀاءُ هرنانڊو بعد ۾ ٻڌائي ٿو تہ:

هي هڪ ڏوليءَ (پالڪيءَ) ۾ پهتو جنهن جي اڳيان ٽي يا چار وردي پهريل انڊين ماڻهو هئا. جيڪي رستي تان گند هٽائي ۽ ڳائي رهيا هئا. پوءِ اڳواڻن ۽ سردارن جي گهيري ۾ اتاهئالپا آيو جن ۾ سڀ کان اهم ماڻهن کي سندن ماتحت ڪُلهن تي کڻي پئي آيا.[23]

اسپينين سان گڏ آيل هڪ ڊومنيڪن راهب اتاهئالپا سان ڳالهائڻ شروع ڪيو ڪيس عيسائي مذهب قبولڻ ۽ اسپيني بادشاهہ کي ڍن ڏيڻ لاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. پادريءَ طرفان سندس شرطن جا بنياد ان ڳالهہ تي ٻڌل هئا تہ پوپ لاطيني آمريڪا جو هي حصو اسپين کي ڏئي ڇڏيو آهي. چون ٿا تہ انڪا هن ريت جواب ڏنس:

آئون ڪنهن بہ ماڻهوءَ جو ڍن پرينڊڙ (خراجگذار) نہ ٿيندس... جنهن پوپ جي تون ڳالهہ ڪرين ٿو اهو ضرور چريو هوندو جيڪو اُهي مُلڪ توهان کي ڏيڻ جي ڳالهہ ڪري پيو جن سان هن جو ڪو تعلق ناهي. جيتريقدر منهنجي ايمان جو معاملو آهي تہ آئون اهو نہ مٽائيندس. توهان چئو ٿا تہ توهان جي پنهنجي خدا کي پنهنجن ئي ماڻهن ماري ڇڏيو جن کي هن پيدا ڪيو پر منهنجو خدا اڃان تائين جنت ۾ رهي ٿو ۽ هيٺ پنهنجن ٻارن جو خيال رکي ٿو.[24]

هن بائيبل کي هيٺ اڇلايو جيڪو کيس ڏنو ويو هو. راهب ڪاوڙ ۾ پزارو کي چيو: 'ڇا تون نہ ٿو ڏسين تہ اسين پنهنجو وقت هن ڪُتي سان ڳالهائيندي ضايع پيا ڪريون. سڄو ميدان انڊين سان ڀريل آهي، مٿن جلد ڪڙڪي پئہ. آئون توکي آزاد ڪريان ٿو.'[25] پزارو هڪ اڇو رومال لوڏيو تہ لڪل اسپيني فوج گوليون هلائڻ شروع ڪيون ۽ گوڙ ۽ دونهي سبب جمع ٿيل انڪا فوج منجهہ خوف پيدا ٿي پيو تہ وري گهوڙي سوار فوج مٿن ڪڙڪي پئي. انڪاس کي ڀڄڻ جو ڪو گس نہ هو. هڪ اسپيني ڪاٿي مطابق 2 هزار انڪاس مارجي ويا، انڪا جي ڪاٿي مطابق 10 هزار.[26]

اتاهئالپا هاڻي اسپينين جو قيدي بڻجي ويو. کيس پنهنجو تابع بڻائي ڪم ڪرائڻ تي مجبور ڪيو ويو جڏهن تہ اسپينين سندس سلطنت جي مرڪز تي قبضو ڪري ورتو. هن پائنيو تہ هي کين سون ڏئي پاڻ کي واپس خريد ڪري سگهي ٿو ان ڪري سون جو انبار ڪنو ڪري ڏنائين. هن کان وڏي غلطي ٿي وئي، پزارو سون کڻي انڪا کي مسخري طور هڪ مقدمي ڪانپوءِ موت جي سزا ڏياري ڇڏي، اُن مقدمي ۾ مٿس ٻين ڏوهن سان گڏ 'بدڪاري ۽ گهڻيون زالون رکڻ'، 'بت پرستي' ۽ 'اسپينين خلاف بغاوت ڀڙڪائڻ' جا الزام هنيا ويا. هن کي شهر جي چوواٽي تي ساڙڻو هئن. جتي چون ٿا تہ هن اهو پائنيو تہ عيسائي ٿيڻ کانپوءِ کيس ساڙيو نہ ويندو تنهنڪري هن عيسائي ٿيڻ چاهيو پئي. هن جو اندازو درست هو. هن جي عيسائي ٿيڻ کانپوءِ پزارو حڪم ڏنو تہ کيس ڦاهي ڏيڻ گهرجي.[27]

اتاهئالپا جي قتل ۽ عام ڪوس واري عمل ڪانپوءِ ظاهر ٿي ويو ته ٻي سموري انڪا سلطنت کي فتح ڪرڻ جو عام طريقو ڪهڙو هوندو. جيئن ته سون جي لالچ ۾ ٻيا سوين اسپيني سپاهي هن سان گڏجي پيا هئا. تنهنڪري پزارو اتاهئالپا جي پائرن کي ڪٺ پتلي شهنشاهه طور برقرار رکيو ۽ پاڻ انڪا جي راڄڌاني ڪزڪو ڏانهن وڌڻ شروع ڪيائين. هڪ ٻئي انڪا اڳواڻ Calicuchima کي جيئرو ساڙي ڇڏيائين. ڇاڪاڻ ته ان مخالفت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. شهر تي قبضو ڪندي اسپينين گهرن ۽ مندرن مان سون چوري ڪيو ۽ انڪا شهزادين کي پڪڙيو. 56 سالن جي پوڙهي پزارو کي فخر هو ته ڪيس 15 سالن جي زال مان هڪ ٻار هو. عام انڪا واسين سان ڪيل سلوڪ جو داستان بعد ۾ هڪ پادري ڪرسٽوبال ڊو مولنيا بيان ڪري ٿو جيڪو چِليءَ ۾ هڪ اسپيني جٿي سان گڏ هو:

ڪوبه رهاڪو جيڪو اسپينين سان رضاڪارانه طور تي گڏ نه ٿئي هليو تنهن کي رسن ۽ زنجيرن سان ٻڌي کنيو ويو. اسپينين اُنهن کي هر رات انتهائي خراب جيلن ۾ قيد ٿئي ڪيو ۽ ڏينهن جو ڪائن انتهائي ڳريون شيون ٿئي کڻايون ۽ کين بُکن وگهي مرڻ ڏنو. هن مهم ۾ هڪ اسپينيءَ 12 انڊين کي زنجير ۾ ٻڌو ۽ ڊاڙهنئي ته اُهي ٻارنهن ئي مري ويا.[28]

اسپيني فاتحن جو مقصد پنهنجو پاڻ کي، امير ڪرڻ هو ۽ اُهي غلام بنائڻ توڙي سون جي ڦرلٽ ڪندا رهيا. هنن ملڪ کي ضلعن ۾ ورهايو جن ۾ چوندڊ آبادڪارن کي 1512_1513ع واري برگوس جي قانون تحت جبري پورهيو ڪرائڻ جو اختيار هو ان مطابق انڊين ماڻهن کي سال جا نو (9) مهينا اسپينين لاءِ ڪم ڪرڻو ٿي پيو. اهو قانون انڊين کي پڙهي ٻُڌايو ويو ته. اُهي ان جي بجا آوري نه ڪندا ته سندن زالن ۽ ٻارن کي غلام بڻايو ويندو ۽ سندن ملڪيتون ضبط ڪيون وينديون.[29] اُتي پادرين کي پڻ ڏن ڏيڻو پوندو هو جن وٽ ڪن جاين تي 'مذهبي ڏوهارين کي سزا ڏيڻ لاءِ ذاتي جيلون، زنجيرون ۽ ٻيڙيون هيون'.[30]

سڀ ڪجهه اسپينين جي مرضي مطابق نه ٿئي ٿيو. کين لڳاتار بغاوتن کي منهن ڏيڻو ٿئي پيو. ڪزڪو ۾ مهينن تائين پزارو جي هڪ پاءُ جو گهيرو ڪيو ويو. 1572ع ۾ آخري شهنشاهه ٽپاڪ امورا کي ڦاهي ڏيڻ تائين انڪا مزاحمت ختم نه ٿي، پر آخر ۾ جيئن ميڪسيڪو ۾ ازٽيڪ وارن سان ٿيو تيئن انڪا وارن جي شڪست ٿي. هنن وٽ پتل هو پر لوهه نه هو ۽ وڏيڪ مضبوط گهوڙن ۽ خچرن بدران ننڍي قد وارا اُٺ هئن. هڪ ڪانجهي واري تهذيب پلي ڪيتري به سُڌريل ۽ جديد ڇو نه هجي، پر لوهه جي زماني، پلي ڪيترو به اڻ گهڙيل ڇو نه هجي، جي آڏو نه ٿي بيهي سگهي. جيئن هيمنگس چوي ٿو ته. گهوڙا 'فتح جون ٽينڪون هئا'.[31] جڏهن هنن اجان ڏکڻ طرف چِليءَ ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو فقط تڏهن فاتحن کي اڳتي وڌڻ دوران وڏا ڏک لڳا. ڇاڪاڻ ته اُتي انڊين کي گهوڙن جي استعمال بابت ڄاڻ هئي.

نئين جوڙجڪ هيٺ شاهي خاندان جي ڪجهه ڀاتين پنهنجو پاڻ کي اسپيني مٿئين طبقي سان ملي هڪ ٽيڻ ذريعي بچائي ورتو. جيئن هيمنگس ٻڌائي ٿو ته، 'اُهي ڪنهن اسپينيءَ شوقين وانگر لقب ماڻڻ، هٿيارن جي ڪلن ۾ عمدن اسپيني ڪپڙن ۽ اڻ ڪمايل آمدنيءَ جا خواهشمند هئا.'[32] پر انڪا سلطنت ۾ رهندڙ عوام جي زندگي اڳ کان وڌيڪ بدتر ٿي وئي. 1535ع ۾ هڪ اسپيني نواب، بادشاهه کي لکيو ته، 'مون ملڪ جو ڳچ حصو گهميو ۽ پيانڪ تباهي ڏٺم'.[33] هڪ ٻئي وري فتح ڪانپوءِ انڪاس جي حڪمرانيءَ هيٺ صورتحال هن ريت بيان ڪئي: 'سڄي ملڪ ۾ سُڪون هو ۽ ڪاڌ خوراڪ سُٺي هئي، پر هاڻي اسان بادشاهت جي سيني رستن تي فقط اڻ ڪُٽ تباهه حال ڳوٺ ڏسون ٿا'.[34]

فتح هٿان ٿيل هاڃن ڪانپوءِ صورتحال بدترين ٿي وئي، ڇاڪاڻ ته هر نئين حڪمران تي جيترو ممڪن ٿي سگهيو ٿي، اوتري دولت ماڻڻ جو ڀوت سوار هو. جنهنڪري هڪٻئي جي مخالف اسپيني ڪمانڊرن جي وچ ۾ سخت گهرو جنگيون ٿي پيون ۽ اسپيني بادشاهت جي نمائندن خلاف نون امير آبادڪارن بغاوتون ڪيون. جيئن ئي هڪٻئي جي مخالف فوجن شيون ساڙيون ۽ ڦرلٽ ڪئي، تيئن واهه ۽ جابلو ڀيچرا جيڪي زراعت لاءِ لازمي هئا، سي غير آباد ۽ ضايع ٿي ويا. اُنن جي وڳن جو ڪوس ڪيو ويو لابارو نه ٿيڻ ڪري ڪاڌي جا رکيل ذخيرا هڙپ ڪيا ويا. ٻڪايلن کي ساڳين يورپي بيمارين وڪوڙيو جن ڪيريبين (Caribbean) ۾ بربادي ڦهلائي هئي. چوڏهين صديءَ دوران يورپ ۾ ٿيل ڪاري موت کان وڌيڪ نقصان ٿيو. ليما جي ماٿريءَ ۾ 1540ع ڌاري 25 هزار آباديءَ مان فقط 2 هزار ماڻهو سلامت رهيا. سلطنت جي اصلوڪن ماڻهن جي آبادي اڌ ۽ ٽئين حصي جي وچ تائين ڪِري پئي.

علائقي ۾ ايتري بربادي ٿي جو خود اسپيني بادشاهت پريشان ٿي وئي. اُنهن اسپينين هڪ سلطنت چاهي ٿي، جيڪا دولت مهيا ڪري، نه ڪي ننگو پورهيت عوام. 1500ع جي وچ ڌاري وري بحث ٿيندو رهيو ته آبادڪارن جي تباهه ڪن اثرن کي محدود ڪرڻ لاءِ اپاءَ ورتا وڃن ۽ انڊين جي استحصال کي ڪنٽرول ڪيو وڃي. تڏهن ئي لاس ڪساس جهڙا پادري نروار ٿيا، جن آبادڪارن جي مذمت ڪئي. تنهن هوندي به سندن ڪوششن اڳوٽي انڪا سلطنت ۾ ڪا وڏي تبديلي نه آندي، ڇاڪاڻ ته هاڻي منافعي لاءِ جبري پورهيو لازم ٿي چڪو هو ۽ اُهي منافعا بادشاهت کي پوٽوسي (شهر) وٽ ٻِيتل ۽ پاري جي کاڻين منجهان حاصل ٿيا پئي. شهر جي 1 لک 50 هزار آباديءَ ڪيس دنيا جي سڀ کان وڏن شهرن مان هڪ بڻايو. 1570ع ۾ وڏي پادري لويزا جي اڳواڻيءَ ۾ ٺاهيل ڪميشن ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو جيئن ته کاڻيون عوامي مفاد ۾ آهن، تنهنڪري جبري پورهئي کي برداشت ڪرڻو پوندو.[35]

باب ٻيون

نئين سجاڳيءَ کان سُڌار پسنديءَ تائين

ڪولمبس آمريڪا ’دريافت‘ نہ ڪيو پر ان کي ’انڊين‘ گهٽ ۾ گهٽ 14 هزار سال اڳ دريافت ڪيو. جڏهن اُنهن سائبيريا کان الاسڪا ڏانهن بيرنگ سوڙهو لنگهہ پار ڪيو هو. هي ڪو ٻهريون يورپي نہ هو جيڪو اُتي پهتو هن کان اڌ هزار سال اڳ اُتر آمريڪا جي اوپر اتر ساحلي ڪناري تي وائي ڪنگ (Vikings)[1] مختصر عرصي لاءِ ويا هئا. پر 1493ع جو سال تاريخ ۾ هڪ سنگ ميل ثابت ٿيو. ٻهريون ٻيرو يوريشيا جي ائٽلانٽڪ ساموندي ڪناري تي آباد ماضي ۾ پسمانده رهندڙ معاشرن دنيا جي ٻين حصن تي پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪرڻ جي صلاحيت ڏيکاري. جيتوڻيڪ ٽي يا چار صديون اڳ اسپيني آمريڪائن ۾ اهڙا ئي وحشي هئا. جيئن وچ اوير ۾ جهادي رهيا هئا. پر نتيجو مختلف نڪتو. جهادي آيا، ڏٺائون. فتح ڪيائون ۽ بربادي ڦهلايائون ۽ پوءِ پنهنجي پٺيان ڦٽو ڪيل قلعا ڇڏي هليا ويا. اسپيني آيا، ڏٺائون، فتح ڪيائون، برباد ڪيائون ۽ هڪ نئين مستقل بادشاهت ٺاهڻ لاءِ ترسي پيا.

جڏهن تہ اهو سڀ ڪجهہ ائٽلانٽڪ جي آرپار ٿيو پئي، گڏوگڏ ان سان نمايان ۽ خود يورپ ۾ دنيا کي ڏوڏي ڇڏيندڙ تبديليون جنم وٺي رهيون هيون. سياست، فڪري زندگي ۽ نظريي ۾ تبديليون ۽ انهن جي هيٺان لکين ماڻهن جي گذرسفر وارن طريقن ۾ تبديليون.

مک ڏارا واري تاريخ جو گهڻو حصو ان بيماريءَ ۾ ورتل آهي تہ ڪيئن هڪ بادشاهہ ٻئي کان اقتدار کسيو. اهو سمورو داستان بادشاهن، راڻين ۽ وزيرن جي ڪارنامن وارين فهرستن سان ڀريل آهي، گڏوگڏ درباري سازشن، شهزادن جي قتل ۽ شاهي لڙائين جي داستانن سان صفحا ڪارا ڪيا ويا آهن. انهن ڀتڪڙين ۽ ادنيٰ ڳالهين کان هٽي ڪري 15 صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ سياسي تبديلين جي ابتدا ٿي، جن هڪ نئين قسم جي رياست کي جنم ڏنو جنهن هڪ يا ٻي صورت ۾ دنيا تي حاڪميت ڪئي.

ماڻهو جڏهن قديم يا وچين دور جي دنيائن بابت ڳالهائين ٿا تہ اڪثر ڪري ’ملڪ‘ يا ’قوم‘ جا لفظ ڪتب آڻين ٿا. پر تڏهن راڄ ڪندڙ رياستون جديد ’قومي‘ رياست کان بلڪل مختلف هيون.

---

[1] ائين ۽ ڏهين صدي عيسوي جي وچ ڌاري يورپي ساموندي ڪنارن تي حملو ڪندڙ بحري ڌاڙيلن مان ڪو هڪ

اڄ اسان اُن کي سچ سمجهي قبول ڪري وٺون ٿا ته هڪ ملڪ ۾ متعين سرحدن اندر جاگرافيائي طور تي لڳاتار علائقو شامل هجي ٿو. اسين توقع ڪريون ٿا ته اُن (رياست) جو هڪ انتظامي ڍانچو ٽيڪسن جو هڪ نظام (ڪٿي ڪٿي مقامي فرق به هجن ٿا) هوندو ۽ اُن جي مختلف حصن جي وچ ۾ محصولاتي رڪاوٽن کانسواءِ اچ وڃ هوندي. اسين فرض ڪريون ٿا ته رياست پلي ڪيتري محدود ڇو نه هجي، پر مخصوص حق ڏيڻ جي موٽ ۾ سندس 'شهرين' کان وفاداريءَ جي طلب ڪري ٿي. 'بنا رياست/ بي وطن' هجڻ هڪ اهڙي حالت آهي، جنهن کان ماڻهو حتيٰ الامڪان لنوائي ٿو. اسين اهو پڻ فرض ڪريون ٿا هڪ قومي ٻولي (يا ڪٿي ڪٿي گهڻيون ٻوليون) هجي ٿي، جيڪا حڪمران ۽ محڪوم ٻئي ڳالهائين ٿا.

وچين دور جي يورپي بادشاهتن ۾ اهڙيون چند خاصيتون هيون. انيڪ علائقا ماڻهن جي وچ ۾ ٻولين جي فرقن ۽ جاگرافيائي رڪاوٽن سبب هڪٻئي کان ڪٽيل هئا. 'جرمن قوم جي مقدس رومن سلطنت' جي شهنشاهه گهڻو ڪري بوهيميا کي هڪ بادشاهت طور هلايو پئي ۽ انيڪ جرمن ٻولين وارن علائقن ۽ اٽليءَ جي ڪجھ حصي مٿان پنهنجي اختياريءَ جي دعويٰ ڪئي. انگلينڊ جا بادشاهه لڳاتار جنگيون ڪندا رهيا ته جيئن فرانسيسي ڳالهائيندڙ علائقن جي جهڳڙن تي پنهنجي دعويٰ قائم ڪن. فرانس جي بادشاهن سڄي ايلپس يعني هاڻوڪي اٽليءَ واري علائقي کي پنهنجي قابو ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان کي اوپر فرانس (برگنڊي جي رقيب جاگير جو حصو)، ڏکڻ اولهه فرانس ۽ نارمنڊي (جنهن تي انگريز بادشاهن جي حڪمراني هئي) يا برٽيني واري علائقي تي تمام ٿورو ڪنٽرول هو. رياستي سرحدن جي سڄي ساري چرپر ۽ ردوبدل ٿي سگهي پئي، چاڪاڻ ته شادين ۽ وراثتن بادشاهن کي ڏورانهن علائقن تي اختيار ڏنا پئي يا جنگ مقامي علائقن کان اها خودمختياري کسي ورتي پئي. هڪ رياست اندر هڪجهڙو انتظامي ڍانچو تمام گهٽ هوندو هو. گهڻو ڪري رياست بادشاهتن، جاگيرن، نوابين ۽ آزاد شهرن جي نهيل هوندي هئي، جتي انهن جا پنهنجا حاڪم، پنهنجيون عدالتون، پنهنجا مقامي قانون، پنهنجا محصول ڍانچا، پنهنجيون رسمي چوڪيون ۽ پنهنجا هٿياربند ماڻهو هوندا هئا. تنهنڪري بادشاهن سان سندن وفاداري گهڻو ڪري نالي ماتر هوندي هئي ۽ جيڪڏهن هڪ رقيب بادشاهه ان کان بهتر آڇ ڪري ته اُها رياست وساري سگهبي هئي. بادشاهه جنهن رعايا مٿان حڪمراني ڪئي پئي گهڻو ڪري اُنهن جي ٻولي نه ڳالهائيندا هئا. سرڪاري دستاويز ۽ قانوني مسوده اُنهن ماڻهن جي ٻولين ۾ نه لکبا هئا، جيڪي انهن قانونن جي تابع هئا.

15 صديءَ جي پڇاڙ ۾ جيئن ئي اسپين لاطيني آمريڪا کي فتح ڪرڻ پهتو ته يورپ جي اهم علائقن ۾ تبديليءَ جو عمل شروع ٿيو. فرانس ۾ چارلس ستين ۽ لوئس يارهين،

انگلينڊ ۾ هينري ستين ۽ اتين ۽ اسپين ۾ اسابيل ۽ فردينند جون گڏيل خانداني بادشاهتون، سيئي وڏن جاگيرداري نوابن جي قيمت تي پنهنجي طاقت وڌائڻ ۽ هاٺوڪين قومي سرحدن اندر هڪ قسم جو رياستي ڪشادو نظام مڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيون.

اهي تبديليون انتهائي اهم هيون، ڇاڪاڻ تہ اُنهن جاگيرداريءَ کان جديد نظام ڏانهن ڪڇندڙ پهرين قدمن جا بنياد رکيا. اها تبديلي اڃان تائين مڪمل ٿيڻ کان گهڻو پري هئي. 'نين' بادشاهتن ۾ سڀ کان وڌيڪ طاقتور اسپين هو جنهن وٽ اڃان تائين ڪيٽالين (Catalan)، ويليڪين (Valencian)، اراگونيز (Aragonese) ۽ ڪاسٽيلين (Castilian) پرڳڻن لاءِ جدا انتظامي ڍانچا هئا. جڏهن تہ سندس بادشاهہ ڏيڍ صديءَ تائين جنگيون وڙهيا پئي ۽ اٽليءَ ۽ هيٺانهن پرڳڻن ۾ پنهنجا قبضا برقرار رکڻ جون ڪوششون ڪندا رهيا. ان کان اڳ جو علائقائي نوابن کي هڪ 'مطلق خودمختيار' (مطلق العناني) حڪمرانيءَ آڏو جهڪڻ تي مجبور ڪن فرانسيسي بادشاهن کي جنگين ۽ گهرو ويڙهن جو هڪ پورو سلسلو پوڳڻو پيو ۽ ايتريقدر جو تڏهن بہ اندروني محصول چوڪيون ۽ مقامي قانوني سرشتا پنهنجي جاءِ تي قائم رهيا. ايتريقدر جو انگلينڊ جتي 1066ع ۾ نارمن فتح ڪنهن بہ ٻئي علائقي کان وڌيڪ متحد ۽ مربوط جاگيردار رياست تخليق ڪئي هئي، تنهن هوندي بہ اترين اميرن (ارل) وٽ ڪجهہ طاقت هئي ۽ بادشاهن اڃان تائين 'فرانس' تي پنهنجين دعوائن تان هٿ نہ کنيو هو.

ان باوجود 'نيون بادشاهتون' ۽ 'مطلق العنان حاڪميتون' جيڪي بعد ۾ فرانس ۽ اسپين ۾ پيدا ٿيون، تن پراڻي جاگيردار نظام کان ڪجهہ مختلف سرشتي جي نمائندگي ڪئي ٿي. هي اُهي رياستون هيون، جيڪي جاگيرداريت تي ٻڌل هيون، پر اُتي بادشاهن مارڪيٽ جي نظام سان ڳنڍيل نين قوتن کي استعمال ڪرڻ سکي ورتو هو ۽ شهرن جي ترقي جاگيردار نوابن جي طاقت جي برابري ڪرڻ لڳي.[36] سندن پاليسيون اڃان تائين جزوي طور تي پراڻن جاگيردارڻن مقصدن تحت، طاقت جي زور تي يا شادين وارن اتحادن ذريعي زمينون ماڻڻ تي آڌاريل هيون، پر هڪ ٻيو ڪم انتهائي اهم هو سو تجارت جو وڌڻ ۽ مقامي سطح تي ٿيندڙ پيداوار. اتين اسابيل ۽ فردينند غرناطہ جي مُورش بادشاهت کي فتح ڪيو ۽ اٽليءَ ۾ زمين لاءِ جنگيون وڙهيون، پر اُنهن ڪولمبس ۽ سندس جانشينن کي تجارت جي وڌڻ جي اميد سان پڻ رقم ڏني. هينري اتين ٻين بادشاهن سان تعلق جوڙڻ لاءِ شاديءَ کي استعمال ڪيو پر هن انگريز اُون صنعت ۽ بحريہ جي ترقيءَ کي پڻ زور وٺايو.

ان جو هرگز اهو مطلب ناهي تہ هي بادشاهتون پاڻ کان اڳ وارين کان ڪي گهٽ وحشي هيون. اُهي پنهنجي طاقت کي يقيني بنائڻ لاءِ هڪٻئي خلاف ۽ پنهنجي رعايا خلاف ڪي بہ ذريعا استعمال ڪرڻ لاءِ تيار هئا. سازش، قتل، اغوا ۽ تشدد تہ وٽن هر وقت موجود هئا. سندن فلسفي جو بهترين اظهار ميڪياوليءَ جي لکڻين ۾ ملي ٿو جيڪو

فلورينٽن جو سرڪاري نوڪر هو ۽ سندس زندگيءَ جو مقصد اٽليءَ کي هڪ متحد رياست طور ڏسڻ هو ۽ هن اهڙو خاڪو ۽ منصوبو ٺاهيو جنهن سان هڪ 'شهزادو' اهو مقصد ماڻي سگهي. هن جي اميدن کي ناڪام بڻايو ويو پر هن جي لکڻين اُنهن اٽڪلن جي هڪ فهرست پيش ڪئي، جن کي سڌيءَ ريت اسپيني بادشاهن يا هينري اٺين جي چالاڪين ۽ حرفتن مان حاصل ڪري سگهجي پيو.

اسابيل ۽ فرڊيننڊ غرناطه جي فتح ڪانپوءِ اهو ڪجهه ڪيو جيڪو مسلمان بادشاهتن ڪڏهن به عيسائين سان نه ڪيو. هنن انڪيوزيشن کي استعمال ڪري، اُنهن ماڻهن کي ماري ڇڏيو جن عيسائي ٿيڻ يا ملڪ ڇڏڻ کان انڪار ڪيو. 17 صديءَ جي ابتدا تائين مسلمان آبادي جيڪا 900 سالن کان هن ملڪ ۾ رهندي پئي آئي، ان کي نيڪالي ڏني وئي. يهودي ماڻهو جنهن کي مسلمان حڪمرانيءَ جي اٺ صدين دوران برداشت ڪيو ويو هو تن کي زبردستيءَ لڏڻ تي مجبور ڪيو ويو. اُنهن پنهنجو پاڻ اتر آفريقا، تُرڪن جي حڪمرانيءَ وارن بالڪن پرڳڻن (جتي سيلونيڪا ۾ اسپيني ڳالهائيندڙ يهودي برادري تيسيتائين رهي جيسيتائين ٻي عالمي جنگ ۾ هٽلر جي فوج شهر تي قبضو ڪيو) ۽ اوپر يورپ ۾ نوان ٺڪاڻا ٺاهيا. ايتريقدر جو جن عيسائيت کي قبول ڪيو سي به محفوظ نه هئا. 1570ع ڌاري انهن خلاف ظلم جو هڪ پُورو سلسلو شروع ٿيو.

انگلينڊ ۾ هينري ستين، هينري اٺين ۽ سندس جانشينن جا ڪٺور طريقا صرف پراڻن جاگيردار اميرن جي طاقت خلاف نه هئا. اُهي وڏي تعداد ۾ موجود غريب ترين عوام جي خلاف پڻ هئا، جن کي مناسب گذرسفر ماڻڻ ڪانسواءِ ڦٽو ڪيو ويو ۽ جن جي چرپر ڪرڻ لاءِ ملڪ ۾ تمام ٿورڙي گنجائش ڇڏي وئي. چاڪاڻ ته امير نوابن پنهنجين پراڻين نوڪر فوجن ۽ زميندارن کي برطرف ڪري ڇڏيو پراڻين عام ٻنين کي 'ڪڙو' چاڙهيو ۽ ننڍن هارين کي سندن ٻنين کان محروم ڪري ڇڏيو. بعد وارن بادشاهن ساڻن 'رضاڪار ڏوهارين' طور سلوڪ ڪيو.[37] 1530ع جي قانون مطابق:

مضبوط ۽ زور آور واندن لاءِ ڪوڙا ۽ قيد. اُنهن کي گاڏن ۾ ٻڌو وڃي ۽ تيسيتائين ڪوڙا هنيا وڃن، جيسيتائين سندن جسم مان رت نه ڳڙي ۽ پوءِ قسم کڻن ته پنهنجي پيدائش واري جاءِ ڏانهن واپس ويندا يا جتي اُهي گذريل ٽن سالن کان رهندا آيا آهن ۽ 'پاڻ محنت ڪن'.

بعد ۾ قانون ۾ ترميم ڪئي وئي ته:

رولاڪ کي ٻيو ڀيرو ڏوهه ڪرڻ تي وري ڪوڙا هنيا وڃن ۽ سندن اڌ ڪن ڪٽيو وڃي، پر ٽيون ڀيرو ڏوهه ڪرڻ تي ڏوهاريءَ کي عادي ڏوهاري سمجهي ڦاهي ڏني وڃي.[38]

نوان خيال

آمريڪا جي ’دريافت‘ ۽ ’نين بادشاهتن‘ وارو دور نئين سجاڳيءَ جو دور پڻ هو جنهن ۾ فڪري زندگيءَ ۽ فن جو ’ٻيهر جنم‘ ٿيو جنهن جي ابتدا اٽليءَ جي شهرن کان ٿي ۽ هڪ صديءَ تائين اولهہ يورپ جي باقي علائقي ۾ پکڙجي. سڄي کنڊ ۾ نئين سر آڳاٽن معياري علمن جي سکيا ۽ ان سان تنگ نظر سوچون، بيوقوف بنائيندڙ ڪمزور فنڪارانہ روايتون ۽ مذهبي عقيدا ٽٽڻ لڳا. جيڪي وچين دور واري يورپ جي سڃاڻپ هئا. نتيجي طور ادب ۽ فن ۽ سائنسي جدتن اهڙو زور ورتو جنهن جو يورپي دنيا کي افلاطون، ارسطو ۽ اقليدس جي زماني کان وٺي علم نہ هو.

تاريخ جي ڪتابن جي دعوائن باوجود پيچ ڏاهہ جي اها ڪا پهرين ڪوشش نہ هئي. ٻہ صديون اڳ توليدو (Toledo) (اسپيني شهر) ۾ ابلرڊ (Abelard) ۽ راجر بيڪن جهڙن مفڪرن جي ڪوششن سان لاطيني، يوناني ۽ عربي لکتن جي ترجمن ۽ بوڪاڪيو چاسر ۽ ڊانتي جي لکڻين سان وڏي پيش رفت ٿي هئي، پر اُن کي چوڏهين صديءَ جي وڏي بحران جي رنڊڪ روڪي ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ چرچ ۽ رياست گڏجي انهن خيالن جون پاڙون پٽي ڇڏيون تہ ڪٿي اهي خيال شهرن ۽ ٻهراڙيءَ ۾ طبقاتي جدوجهد سان ڳنڍجي نہ پون. يونيورسٽيون جيڪي فڪري کوجنا جا مرڪز هيون، سي تيزيءَ سان ڪتاب پرست بحثن تڪرارن جي ور چڙهي ويون، جن بحثن جو عملي زندگيءَ سان ڪو بہ لاڳاپو نہ هو.

نئين سُجاڳيءَ 13 هين صديءَ جي فڪري، ثقافتي ۽ سائنسي کوجنائن ڏانهن موٽ جي نمائندگي ڪئي، پر مٿين سطح تي ۽ وڏيڪ ڪشادي بنياد سان. اُن پنهنجي جنم ڀومي اٽليءَ جي شهري رياستن ۾ تڪڙ ۾ وچين دور واري نقطہ نظر کي نہ للڪاريو. اُنهن رياستن تي واپاري سيٺين جو تسلط هو تن پنهنجي دولت تي آڪڙ ڏيکاري، جيڪا ڪين غيرجاگيردار ذريعن سان حاصل ٿي هئي ۽ پراڻي جاگيرداري نوابن کي پاسي تي ڌڪي ڇڏيائون، پر اُنهن پنهنجي دولت ۽ طاقت کي جاگيرداريت جي ڍانچي اندر عهدا ماڻڻ لاءِ استعمال ڪيو. مثال طور، فلورنس ۾ ميڊيس جو بااثر خاندان هو اُنهن واپارين ۽ بئنڪارن طور شروعات ڪئي، پر اُنهن مان ٻہ ڄڻا پادري ٿي ويا ۽ هڪ فرانس جي راڻي ٿي وئي. جنهن ثقافت کي اُنهن زور وٺايو تنهن سندن متضاد ٻيهڪ جي عڪاسي ٿي ڪئي. اُنهن جن دستڪارن کي تصويرون ۽ مجسما ٺاهڻ لاءِ چيو تن جو پسمنظر عام ماڻهن وارو هو اُنهن پراڻي سماج اندر نئين اڀرندڙ معاشري کي زبردست تصويري اظهار ڏنو. مائيڪل اينجلو جو ’آدم کي زندگي ڏيندڙ خدا‘ يا سسٽائين عبادتگاهہ ۾ ’قيامت جي ڏينهن‘ واري مذهبي مصوري هئي، تن انسانيت جي ڳالهہ پئي ڪئي. هن جي عظيم ڪمن منجهان غلامن ۽ قيدين جي وڏن مجسمن جو سلسلو آهي، جن ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي تہ ماڻهو جيڪي پٿرن ۾ قاتل آهن، سي پنهنجو پاڻ کي آزاد ڪرائڻ جي جدوجهد

ڪن ٿا. ٻئي طرف سيئين طرفان همثايل ادب ڪن حوالن کان 13 ۽ 14 صديءَ جي روايت کان ٻه قدم پوئتي هو. جيئن اٽليءَ جي انقلابي گرامچي اٽڪل 70 سال اڳ نشاندهي ڪئي، جڏهن ته ڊانتي فلورنتائين عام ماڻهن جي لهجي واري اطالوي ٻوليءَ ۾ لکيو. نئين سجاڳيءَ واري 'انسانيت پسندي' لاطينيءَ ۾ لکندڙ سنهي پرت جي فڪري حلقي جي ٻولي هئي. ان فلورنس، ملن يا وينس جي عوام کي نه، پر سڄي يورپ جي عالمن کي لکپڙهه جو ذريعو مهيا ڪيو. ٻيو ته اجان تائين قديمي مسودن لاءِ وهمي ادب احترام چالو هو تنهنڪري هڪ يوناني يا رومن ليکڪ جو هڪ حوالو اجان تائين دليل بازي ۾ مخالف کي قابو ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ نقطو لڳو پئي.

جيئن ئي نئين سجاڳي سڄي يورپ ۾ ڦهلي اُن جو مواد تبديل ٿيڻ شروع ٿيو. يوناني يا لاطينيءَ مان عام ٻولين ۾ تيزي سان ترجما ٿيڻ لڳا. قديم لکتن کي نه صرف پڙهڻ، پر اُنهن جي نقطن کي ڪوپرنيڪس، ڪيپلر ۽ گليلو جي سائنسي پيش رفتن جي بهترين مثالن ذريعي للڪارڻ جي شوق ۾ واڌ ٿيڻ لڳي. 16 هين صدي شايد 2 هزار سال پراڻن خيالن کي ورجائيندي اُلٽيون ڪري ها، پر هڪ ئي صديءَ اندر عوام جي ٻولين ۾ نين لکڻين جو هڪ ڌماڪو ٿيو فرانسيسيءَ ۾ رابيلائس، انگريزيءَ ۾ شيڪسپيئر، مارلو ۽ بين جانسن، اسپينيءَ ۾ سيروينٽس. اهو فقط ڪهاڻين، ڊرامن يا انيڪ نون خيالن کي ڪاغذ تي اُتارڻ جو معاملو نه هو پر لکين انسانن هٿان استعمال ٿيندڙ روزمره واري زبان کي صورت ڏئي اظهارڻ جو معاملو پڻ هو. ان دور 'نين بادشاهتن' جي دور سان گڏ پهريون ڀيرو قومي ٻولين جو اُڀار پڻ ڏٺو.

نوان مذهب

اسپيني فوج هٿان غرناطه تي قبضي ۽ ڪولمبس طرفان اولهه انڊيز ۾ پير رکڻ کان 25 سال پوءِ هڪ 34 سالن جي عيسائي راهب ۽ دينيات جي استاد مارٽن لوٿر، ڏکڻ جرمنيءَ جي وٽنبرگ ۾ هڪ چرچ جي دروازي تي هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو لڳايو. ان ٽڪري ۾ بيان ٿيل 95 نقطن (دعوائون) ڪيٿولڪ چرچ هٿان 'ڏوهن جي سزا کان ڇوٽ' جي وڪري تي حملو ڪيو ويو. اُنهن وڪرو ٿيندڙ دستاويزن ۾ ماڻهن کي سندن ڏوهن کان پاڪ ڪرڻ ۽ جنت ۾ وڃڻ لاءِ گذرنامو (پاسپورٽ) ڏنو ويندو هو. هن جي ان عمل تيزي سان اولهه چرچ ۾ سڀ کان وڏو ڏار پيدا ڪيو جهڙو 12 صديون اڳ ڪنسٽينٽائين طرفان عيسائيت کي قبولڻ وقت ٿيو هو. لڳو ٿي ته چرچ يا مقدس رومن سلطنت لوٿر جي وڌندڙ حمايت کي روڪڻ لاءِ ڪجهه نه پئي ڪري سگهي. ڏکڻ جرمني ۽ سئزرلينڊ جا شهر، بيسل، زئرچ، اسٽراسبرگ ۽ مينز هن جي پنيان لڳي پيا. تيئن جرمنيءَ جي سڀ کان طاقتور جهڙوڪ: سيڪسني، هيس ۽ برانڊنبرگ جي شهزادن ڪيو. جلدئي هالينڊ ۽ فرانس ۾ ماڻهن پنهنجو پاڻ کي بدلائڻ شروع ڪيو. توڙي جو

1546ع ۾ اختيارين طرفان جوابي قدم کڻندي 14 لوٿرين ڪاريگرين کي ميڪس شهر جي چوواٽي تي جيئرو ساڙيو ويو.[39] (اسپيني بادشاهه جي اتحادي) پادريءَ طرفان اسپيني اراگون جي راڻي ڪيٿرائين کان سندس طلاق جي توثيق نه ڪرڻ ڪانپوءِ انگلينڊ جي هينري اٺين ڪيٿولڪ چرچ سان لاڳاپو ٽوڙي ڇڏيو.

لوٿر ڏوهن جي سزا کان ڇوٽ ڏيارڻ، چرچ جي رسمن، خدا ۽ مجيندڙن جي وچ ۾ ٽياڪڙ طور پادرين جي ڪردار، پادرائپ کي هلائڻ واري پادريءَ جي حقن تي دينياتي دليل ڏيڻ شروع ڪيا، پر ڪيٿولڪ چرچ وچين دور واري معاشري ۾ اهڙو مرڪزي ڪردار ادا ڪندو رهيو هو جو اهي معاملا پنهنجو پاڻ سماجي ۽ سياسي پيچيدگين کان پاسيرا نه پئي ٿي سگهيا. اصل ۾ لوٿر جنهن اداري کي للڪاريو اُهو جاگيرداري نظام جي بدران نظرياتي ڪنٽرول هلائيندو هو. اُهي جن کي نظرياتي ڪنٽرول مان فائدو ٿي مليو تن کي موٽ ۾ وڙهڻو پيو. انهن معاملن تي ٿيندڙ ٽڪرارن ڳچ يورپ کي ايندڙ سوا صديءَ تائين لڳاتار جنگين ۽ گهرو ويڙهه ۾ ٻوڙي غرق ڪري ڇڏيو. جرمنيءَ ۾ سمالڪلڊڪ جنگ، فرانس ۾ گهرو مذهبي جنگيون، اسپين کان ڊچ آزاديءَ جي ڊگهي ويڙهه ۽ ٽيهه سالا جنگ جنهن جرمنيءَ جي زمينن کي برباد ڪري ڇڏيو ۽ انگريز گهرو ويڙهه وغيره.

لوٿر زبردست مناظري باز هو. پنهنجي ڳالهه جي ابتدا ڪندي ڪتابچي پٺيان ڪتابچا آڻيندو ويو گڏوگڏ انجيل جو ترجمو پڻ ڪيائين، جنهن جرمن ٻوليءَ جي واڌاري ۾ فيصلائتو ڪم ڪيو تنهن هوندي به هن جي ڪمن جي اثرن جي مڪمل سمجهاڻي نه ٿي ملي. رومن ڪيٿولڪ چرچ جي خلاف لوٿر جهڙن خيالن تي ٻڌل مخالفت جي هڪ ڊگهي روايت رهي آهي. ٻه سئو سالن کان وڌن يورپي شهرن ۾ 'والڊومين' چرچ نالي زير زمين فرقو ڪم ڪندو رهيو. بوهيميا ۾ هڪ صدي اڳ ساڳين خيالن سان هسيٽس وڙهندا رهيا ۽ اُتي اجان تائين چوڏهين صديءَ واري انگلينڊ جي سڌارڪ پسند Wycliffe جا انيڪ پيروڪار `Lollard` هئا، پر اهي تحريڪون چرچ کي ٽوڙڻ ۽ جن معاشرن ۾ انهن جو وجود هو تن ۾ ڪڏهن به سوپاريون نه ٿيون هيون. لوٿر ساڳئو ئي ڪم ڪيو جيئن ٻين سُڌار پسندن ڪيو جيڪي عقيدي جي نقطن جي حوالي سان هن کان مختلف هئا، جهڙوڪ: زوئرخ ۾ زوئنگلي ۽ جنيوا ۾ ڪالوين.

ائين ڇو ٿيو اهو سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته وسيع پيماني تي اقتصادي ۽ سماجي تبديلين جو جائزو وٺجي، جيڪي چوڏهين صديءَ جي بحرانن کان ٿينديون پيون اچن، تبديليون جن نون مذهبن جو بنياد وڌو ائين ئي جيئن اُنهن نين بادشاهتن لاءِ بنياد رکيا، نئين دنيا ۾ فتحن ۽ نئين سجاڳيءَ جي نئين سکيا جا بنياد وڌا. جاگيردار معيشيت ۽ جاگيردار سماج ڪنهن نئين شيءِ کي جنمي رهيا هئا ۽ ان جي جَم وارين رڙين مان هڪ پروٽسٽن ازم هئي.

معيشيت ۾ عبوري تبديلي

اولهه يورپي سماج سوين سالن جي سفر ۾ آهستي ٿي سهي، پر جامع تبديلين جو تجربو ڪندو رهيو هو. جنهن دور ۾ اُهي تبديليون ٿيون پئي، تڏهوڪن ماڻهن کي ورلي محسوس ٿيون هونديون. پيداوار جي طريقن ۾ اول سست ۽ وقفي وقفي سان پر لڳاتار ترقي ٿيندي رهي، ڇاڪاڻ ته ڪاريگرن، هيڙيون ڏاهيندڙن ۽ فوجي انجنيئرن يوريشيا ۽ اتر آفريقا کان پهتل ايجادن ۽ جدتن کي قبولي ورتو ۽ اُنهن ۾ پنهنجا سُڌارا ڪيا. تنهنڪري 16 صديءَ جي ابتدا تائين انيڪ اوزار اهڙا هئا، جيڪي 12 صديءَ ۾ نامعلوم هئا ۽ گهڻو ڪري چوڏهينءَ ۾ به هر اهم شهر ۾ مشيني گهڙيال، هوا سان هلندڙ چڪيون توڙي پاڻيءَ چڪيون، انتهائي سخت لوهه پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ بٺيون، هيڙين کي ڏاهڻ ۽ سينگارڻ جا نوان ڍنگ ۽ اُنهن جي جاءِ جو تعين ڪندڙ نوان اوزار، جنگيون وڙهڻ لاءِ توب ۽ ننڍي بندوق، ڇپائي مشين (پرنٽنگ پريس) جنهن لکتن جو وڏي تعداد ۾ نقل مهيا ڪيو جيڪو اڳ ۾ چونڊ ڪتب خانن ۾ هٿ سان لکيل قلمي مسودن جي صورت ۾ موجود هوندو هو.

انهن ٽيڪنيڪل جدتن ۽ ايجادن سيني وسيع ۽ وڏين تبديلين لاءِ اولين حالتون پيدا ڪيون. عربن طرفان (تارن جي مدد سان) پاڻيءَ ۾ رُخ معلوم ڪندڙ اوزار ۽ چين کان پرڪار (دائري ڪار) ملڻ کانسواءِ ڪولمبس شايد ئي آمريڪائن ڏانهن رستو ڳولي لهي ها. ائين به ممڪن هو ته هن کان اڳ ٻين ائين ڪيو هجي، پر هي ساموندي رستي جو باقائده نقشو (خاڪو) ڏاهڻ جي قابل نه ٿئي ها، جنهن سندس واپسيءَ ۽ اسپيني فتحن کي ممڪن بڻايو. بادشاهي فوجون پنهنجي جديد ڪمانن ۽ آتشي هٿيارن کانسواءِ شايد ئي ڪا هڪ لڙائي کٽڻ جي قابل ٿين ها، پر اُهي سردارن جي زرهه چڙهيل گهوڙي سوار فوج کي شڪست ڏيڻ، نوابن جي قلعن يا نيزي (ڀالا) بردار هارين کي هارائڻ جي قابل نه ٿين ها. اُترئين اٽليءَ ۾ نئين سجاڳيءَ جا مفڪر، ڇپائي مشين کانسواءِ يوناني ۽ رومن لکتين ۾ ڪجهه دلچسپي ٻيهر بحال ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن ها، پر لکتين جي هزارين ڪاپين کانسواءِ اُنهن جو اثر سڄي ساري يورپ تائين ڦهلجي نه سگهي ها. ساڳئي ريت پاپائيت خلاف لوٿر جي للڪار کي ايڏي وڏي تعداد ۾ موٽ نه ملي ها. اصل ۾ ڇپائي پريس هن جي خيالن لاءِ اڳئي ميدان ڏاهي ڇڏيو هو. مثال طور انگلينڊ ۾ ملائيت خلاف ڇپائي گهرن Wycliffe، لينگ لينڊ جي Piers Ploughman ۾ ۽ هڪ حد تائين چاسر جي صورت ۾ 'دير سان پر وڏي قوت سان' دليلن کي طاقت ڏني، ائين 'چوڏهين صديءَ، 16 هين صديءَ تي ڪاهه ڪئي'.[40]

پر اهي هنر ۽ طريقا اڪيلي سر ڪجهه نه ٿا ڪري سگهن. اُنهن کي استعمال ۾ آڻڻو پوي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان جي قيمت به چُڪائڻي پوي ٿي. هٿيارن کي ڏاهڻو پوي ٿو ڪاٺيون کوٽيون پون ٿيون، ڇپائي لاءِ پيسا کپن ٿا، هيڙيون ڏاهڻيون پون ٿيون ۽ فوجن

ڪي ڪارائتو پوي ٿو. اهڙيون شيون فقط گهربل پيماني تي ڪري سگهجن پيون. چاڪاڻ تہ پيداوار جي سماجي توڙي ٽيڪنيڪل تنظيم ڳريون تبديليون ڏٺيون هيون.

ابتدائي جاگيرداري دور ۾ پيداوار ترت استعمال، هاري آڪهہ ڪي زندهہ رکڻ ۽ نواب ڪي عياش زندگيءَ جي قابل بنائڻ لاءِ هئي. اهم ڳالهہ اها هئي جنهن کي بعد ۾ ايڊم سمٿ ۽ ڪارل مارڪس 'قدر استعمال' ڪوٺيو تہ هاري آڪهہ لاءِ زندگيءَ جون ضرورتون ۽ جاگيردار نواب جي فضول خرچ عياشين جو پُوراءُ. پيداوار وڌائڻ واري دٻاءَ سبب يا تہ هارين وڌيڪ سخت محنت ڪئي ٿي يا نوان طريقا استعمال ٿيڻ لڳا. اهو دٻاءُ فقط هاريءَ جي ٿوري بهتر زندگيءَ جيئڻ جي خواهش يا نواب جي وڌيڪ فضول خرچيءَ واري خواهش مان پيدا ٿي سگهيو پئي. جيئن مارڪس ان ڪي بيان ڪيو تہ هارين جي استحصال جي سطح 'جاگيردار نواب جي پيٽ جي ماپ' تائين محدود هئي. اهڙي معاشري ۾ مٽاسٽا ۽ ڏوڪڙن حاشي وارو ڪردار ادا ڪيو. جيڪڏهن ڪنهن پنهنجي دولت وڌائڻ چاهي تہ اُن کي تجوڙيءَ ۾ رکيل سون بدران زمين قبائڻي ٿي پئي.

15 هين صديءَ جي ابتدا تائين شيون اڳ ئي بلڪل مختلف ٿي چڪيون هيون. شين جي پيداوار تيزيءَ سان وڪري لاءِ ٿيڻ لڳي، جن جي سون يا چانديءَ سان مٽاسٽا ٿي پئي تہ جيئن وري موٽ ۾ (سون يا چانديءَ سان) ٻين شين جي مٽاسٽا ٿي سگهي. جنهن کي سمٿ ۽ مارڪس 'مٽاسٽا قدر' سڏيو تنهن جي تيزيءَ سان اهميت وڌي پئي. هاري آڪهہ اڃان تائين پنهنجي خوراڪ ۽ لٽو ڪپڙو پاڻ پيدا ڪيو پئي، پر مسواڙ ڏيڻ، اوزار خريدڻ ۽ جيڪڏهن فصل نہ لهي تہ پنهنجو پاڻ لاءِ کاڌ خوراڪ جي بندوبست لاءِ هاريءَ کي ڏوڪڙ گهرجن پيا. نوابن ۽ بادشاهن کي تہ وڏي پيماني تي ڏوڪڙ کپيا ٿي. ڏِگهن مفاصلن کان ٿيندڙ تجارت جو مطلب غيرملڪي عياشيءَ وارو سامان دُنيا جي ڪنهن ٻي ڪنڊ کان وڏي قيمت تي گهرائي سگهجي پيو. جيڪڏهن ڪو ڪافي ڏوڪڙ حاصل ڪري سگهيو تہ اُهو ٻين کي فتح ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ فوج حاصل ڪري سگهيو پئي (فوجون گهڻي قدر ڀاڙيتو هيون)، يا ٻيڙيون هٿ ڪري ۽ ميربحر ڪرائي تي وٺي نون علائقن جي دريافت، تجارت يا سامونڊي ڌاڙن جي سفر تي وڃي سگهيو ٿي. مطلب تہ ڏوڪڙن اهو ڪم ڪرڻ شروع ڪيو جيئن (ڏوڪڙ) اڄ ڪن پيا.

وقت گذرڻ سان گڏ ان عمل محنت جي سڄي ساري دنيا کي بدلائي ڇڏيو ائين پئسن انساني ضرورتن جو پوراءُ ڪرڻ وارو ڪم بند ڪري ڇڏيو ۽ پئسا فقط هڪ وسيلو ٿي پيا، جن سان وڌيڪ ڏوڪڙ ڪمائي سگهجن پيا. 16 صديءَ جي ابتدا تائين اهو عمل مڪمل ٿيڻ کان اڃان گهڻو پري هو. اڪثر ڪاريگرن کي اڃان تائين توقع هئي تہ ڪنهن بہ ڪم لاءِ حسب معمول قيمت ملندي، جشن ۽ بزرگن جا ڏهاڙا ملهائڻ جي آزادي هوندي ۽ اڪثر هارين اڃان تائين پنهنجي ڪم کي مارڪيٽ واري جنس جي چڪر طور نہ، پر موسمن جي چڪر سان ڳنڍيل ڏٺو ٿي، تنهن باوجود اهو عمل

حرڪت ۾ هو ۽ ٻن صدين کان هلندڙ هو. شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ مارڪيٽ جي ڄارن جو ڦهلاءُ ڏينهون ڏينهن وڌي تعداد ۾ ماڻهن جي زندگين کي پنهنجي پڪڙ ۾ آڻي رهيو هو. وڏن شهرن، بندرگاهن يا جهاز رانيءَ جي قابل سفر دريائن جي ويجهو ٻهراڙين جا سڄا سارا علائقا 'صنعتي فصلن' جي پيداوار ڏانهن پلٽجي پيا، ڪپڙي لاءِ سڻي، شراب لاءِ انگور، تيل لاءِ زيتون، رڱڻ لاءِ زعفران يا شهرن ۽ مٿين طبقن منجهه گوشت لاءِ وڌندڙ طلب پوري ڪرڻ لاءِ ڍڳ. واپارين تيزيءَ سان گهريلو صنعت واري سرشتي[1] (putting-out system) کي استعمال ڪندي، گهٽ اُجوري کي قبولڻ لاءِ دستڪار مزدورن تي دٻاءُ وڌو جيڪو سرشتو پراڻين روايتي قيمتن بدران طلب ۽ رسد تي ٻڌل هجي ۽ جڏهن شهري ڪاريگرن منافعي خور واپارين کي پنهنجي زندگيءَ جي طور طريقي جي قرباني ڏيڻ کان انڪار ڪيو (جيئن اڪثر ٿيندو رهندو هو) تڏهن هنن ٻهراڙيءَ تي آڌاريل نئين صنعت جي ترقيءَ کي زور وٺايو. ڪجهه علائقن جهڙوڪ ڏکڻ جرمنيءَ جي اوچائي واري زمين، بوهيميا ۽ ٽرانسيلوينيا ۾ وڏن سيٺين، جهڙوڪ: فُگر خاندان جنهن اسپيني ۽ مقدس رومن بادشاهن جي جنگين جي مالي سهائتا ڪئي، سي اُجرتي پورهيتن هٿان کاڻيون کوٽائڻ جو ڪم ڪرائي رهيا هئا.

مارڪيٽ لاءِ پيداوار وارو ڪم اڳتي ٿيندو هو جنهنڪري 14 صديءَ جي يورپي بحرانن جا نتيجا اُنهن بحرانن کان بلڪل مختلف نڪتا، جن پنجين صديءَ ۾ رومن سلطنت ۽ 3 ۽ 13 صديءَ ۾ چين کي وڪوڙي ڇڏيو هو. اهڙن موقعن تي ڏُڪارن، گهرو جنگين ۽ پرڏيهي ڪاهن انهن وڏين جاگيرن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري، معاشي طور تي هڪٻئي کان ۽ وسيع سماج کان ڪٽي ڇڏيو پئي. ان جي ابتڙ چوڏهين صديءَ جي بحران ڪانپوءِ سڄي يورپ ۾ مارڪيٽ جي لاڳاپن ۾ توسيع ٿي. ايتريقدر جو جتي جاگيردار ٻانهپ ٻيهر بحال ٿي، سا اهڙي ٻانهپ هئي، جنهن جي پوکيل فصلن کي جاگيردار وڏن واپارين وٽ وڪڻي سُٺو معافعو ڪمائي سگهيا ٿي.

اُن بحران شهرن کي تباهه نه ڪيو. بلڪ ڏڪارن ۽ پليگ ڪانپوءِ انيڪ ڳوٺ غير آباد ٿي ويا، پر اڪثر شهر جيئن جو تيئن رهيا. 15 صديءَ جي وچ ڌاري شهر نئين اقتصادي واڌ ۾ اڳواڻيءَ جو ڪردار نڀائي رهيا هئا. ان واڌ نين ٽيڪنالاجيز جهڙوڪ: ڇپائي ۽ بحري تجارت جي استعمال کي همٿايو. ائين نه هو ته شهرن سڀ ڪجهه هن دور ۾ ئي حاصل ڪيو. مارڪيٽ، يعني پيداوار ترت استعمال بدران مٽاسٽا لاءِ، جي پکيڙ جي معنيٰ انفرادي شهرن جا ڀاڳ ڪيڏي مهل به حادثي جي ور چڙهي سگهيا پئي. ڪجهه شهر جن اڳئين دور ۾ بهتر ڪم ڪيو هو اتي هاڻي مارڪيٽ جي پيداوار ۾ يا ڏورانهن پرڳڻن جي سياسي واقعن ۾ غيرمتوقع تبديلين جي اثرن کي الٽي نموني ڀوڳيو

---

[1] هڪ مرڪزي ايجنٽ طرفان ڏيلي معاهدي هيٺ گهرن يا ڪارخانن ۾ ڪم ڪرائڻ وارو سرشتو

پئي. ٻيا شهر جيڪي پنتي هئا، تن وري اڳتي وڌو ٿپ ڏنو. 16 صديءَ ۾ بارسلونا، فلورنس ۽ اترئين يورپ جا عظيم هينسيٽڪ تجارتي شهر ۽ بالٽڪ، سيني ۾ مختلف سطحن جي لاٽ ٿي، جڏهن تہ اترئين هيٺانهن علائقن (هالٽوڪي نيدرلينڊ) ۾ ٻين شهرن، ڏکڻ اسپين، ڏکڻ اوڀر جرمنيءَ ۽ انگلينڊ اُسرڻ شروع ڪيو.

مارڪيٽ جو هڪ ٻيو اثر اهو ٿيو جو ان لکين ماڻهن جي زندگيءَ جي حالتن کي بدلائي ڇڏيو. 15 صديءَ جي وچ ڌاري قيمتن وڌڻ شروع ڪيو ۽ عوام جي معيار زندگي ڪِري پئي. حقيقي اُجرتون، جيڪي ڪاري موت کانپوءِ صديءَ ۾ ٻيٽيون ٽيون هيون، سي 15 صديءَ جي وچ ۽ 16 صديءَ جي پڇاڙ تائين اڌ ۽ بہ ڀاڱي ٽي جي درميان ڪِري پيون،[41] جڏهن تہ نوابن کي مختلف قسم جون رهتون ادا ڪرڻ لاءِ هارين مٿان دٻاءُ وڌي ويو.

ٻهراڙيءَ ۽ شهرن جي اميرن منجهہ ڏوڪڙ ناهڻ جو جنون هو. انهيءَ جو هڪ اظهار ڪولمبس، ڪورٽيس ۽ پزارو جي سون جي حوس هئي. ٻيو وري چرچ طرفان چوٽڪاري ڏيارڻ واري ڪاروبار جي نتيجي ۾ لوٽر جو پهريون اوچتو ڌماڪو ٿيو. اٿين ئي اوپر يورپ ۾ نئين سر ٻانهپ ۽ اولهہ يورپ جي ڪُڇ حصن ۾ سرمائيدارانہ زراعت جي پهرين صورتن جو وارو آيو. هر شيءِ جي ماپ ڏوڪڙن ۾ ٿيڻ لڳي، تنهن هوندي بہ معاشري جا سرڪاري قدر اڃان تائين پراڻي جاگيردارانہ انتظاميا ۾ مجسم ۽ پيوست هئا.

وچين دور جي سماجي قدرن ۾ چرچ کي حتمي طور تي مرڪزي حيثيت حاصل هئي. اُن جي رسمن ۾ ان رويي ۽ ورتاءُ جو اظهار ٿيو پئي، جنهن جي مختلف طبقن کان توقع ڪئي ٿي وئي، گهٽو ڪري ان جي نمائندگي تصوري سنگ تراشي ۽ رنگدار شيشن وارين درين ۾ ٿي پئي. چرچ پاڻ، سون جي حوس ۾ قاتل هئي. وڏن واپاري خاندانن جا ڀاتي، جهڙوڪ: ميڊيڪس يا بورگياس پنهنجي دولت وڌائڻ جي چڪر ۾ پوپ بڻجي ويا ۽ ان دولت کي پنهنجن ناجائز پُٽن ڏانهن منتقل ڪيائون. ننڍڙن نابالغ ٻارن کي وڏن پادرين جي نفعي بخش عهدن تي مقرر ڪيو ويو. پادرين انيڪ چرچن مان آمدني پئي ورتي ۽ اُنهن چرچن مان ڪنهن ۾ بہ پادري حاضر نہ پئي ٿيا. نوابن جي اڌ آمدنيءَ جو انحصار چرچ کي ملندڙ ڏهين حصي تي هو. راهبن ۽ پادرين وڏي وياج جي شرح تي مفلس هارين کي ڏوڪڙا اوڌار تي ڏئي، ڪين نپوڙيو پئي، توڻي جو ڳرو سُود وٺڻ گناهہ هو.

تاريخ نويسن پنهنجو وڏو وقت پروٽسٽنٽ ازم ۽ سرمائيداريءَ جي وچ ۾ تز باهمي لاڳاپي بابت بحث تي ضايع ڪيو آهي. سماجياتي علم جي ماهر (۽ جرمن قومپرست) ميڪس ويبر کان متاثر ٿيل هڪ سڄو سارو مڪتبہ فڪر اهو سمجهائڻ کانسواءَ تہ، پروٽسٽنٽ 'روح' آيو ڪٿان، ان جو دليل آهي تہ، پروٽسٽنٽ قدرن سرمائيداريت کي پيدا ڪيو.[42] ٻيا مڪتب فڪر دليل ڏين ٿا تہ، انهن جي وچ ۾ ڪوبہ لاڳاپو ناهي، ڇاڪاڻ تہ ابتدائي پروٽسٽنٽ سرمائيدار نہ هئا ۽ جرمنيءَ جي اڪثر مورچابند پروٽسٽنٽ علائقن ۾ اُهي ماڻهو شامل هئا، جتي 'ٻانهپ جو ٻيو دور' هو.[43]

تنهن هوندي بہ (پروٽسٽنٽ ازم ۽ سرمائيداري) ٻنهي جي وچ ۾ لاڳاپو ڏسڻ تمام آسان آهي. جاگيرداريت اندر ماڻهن جي وچ ۾ ٽيڪنيڪل تبديليءَ ۽ مارڪيٽ جي نون لاڳاپن جو اثر 'گاڏڙ ساڏڙ سماج'، 'مارڪيٽ جاگيرداريت' ڏانهن وٺي ويو جنهن ۾ جاگيردار ۽ سرمائيدار عمل ۽ سوچ جا طريقا هڪٻئي سان ڳنڍيل هئا. پر انهن جي وچ ۾ ٽڪراءُ پڻ هو.

جاگيرداري ڍانچن مٿان مارڪيٽ جي ڍانچن جي مڙهجڻ سان ٻنهي جي خامين ۽ کوٽن کي وسيع تر عوام ڀوڳيو. مارڪيٽ جي مسلسل لاهن چاڙهن عوام جي گذرسفر کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو. زراعت جا جاگيرداراڻا طريقا اجان تائين اوپر ۽ ذڪر يورپ جي وسيع عريض علائقن ۾ ڦهليا ٿيا، سي ايتري اُپت پيدا نہ ٿي ڪري سگهيا، جيڪا هارين کي ڪارائڻ توڙي نوابن جي عياشين ۽ بادشاهي فوج کي ڪارائي سگهن.[44] حڪمران طبقي جي هڪ ڦهلجندڙ مٿين پرت (superstructure) جي ڪپت ڪڙمت واري پيداوار جي بنياد کي ڪمزور ڪري رهي هئي ۽ جيئن ئي 16 صدي اڳتي وڌي سماج تيزيءَ سان هڪ نئين دور جي بحران ڏانهن ڌڪجي ويو جنهن ۾ اهو سماج اڳتي وڌندڙ ۽ پٺتي ڌڪيندڙ حصن جي وچ ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيو.

نتيجي طور معاشري جو هر طبقو مونجهاري جو شڪار ٿي پيو ۽ هر طبقي پنهنجو حوصلو وڌائڻ لاءِ پنهنجن پراڻن مذهبي عقيدن ڏانهن نهارڻ شروع ڪيو پر ڏنائون تہ چرچ پاڻ مونجهاري جي ور چڙهيل آهي. عوام فقط تڏهن ئي ان صورتحال کي منهن ڏئي ٿي سگهيو جيڪڏهن پراڻي جاگيرداريت کان موروثي طور تي مليل خيالن کي نئين سر تشڪيل ڏيڻ جا گس ڳولي وٺي. لوٿر، زوئنگلي، ڪالوين، جان ناڪس ۽ ٻين، ايتريقدر جو اگناٽس لويولا، جنهن Jesuits (رومن ڪيٿولڪ عيسائين جي پراڻي) فرقي جو بنياد وجهي، ڪيٿولڪ رد سُڌاري جي سرواڻي ڪئي، ڪين اهڙا گس مهيا ڪيا.

جرمن سُڌار پسندي

مارٽن لوٿر ۽ جين ڪالوين طرفان انقلابي تحريڪون يا وري سماجي سڌاري لاءِ تحريڪون شروع ڪرڻ جو ڪو ارادو نہ هو. اُهي مجيل مذهبي سرشتي کي بنيادي طور تي للڪارڻ لاءِ تيار هئا، پر سندنُ دليل ساڳيا دينياتي هئا تہ ڪيئن ڪيٿولڪ چرچ حضرت عيسيٰ ۽ راوين جي مذهبي تعليم، جيئن انجيل ۾ بيان ٿيل هئي، کي بگاڙيو ۽ خراب ڪيو آهي. هنن زور ڏنو تہ فرد جي 'ايمان' جي اهميت آهي، نہ ڪِ پادرين جي غور ويچار يا انهن 'سُنن ڪمن' جي، خاص طور تي اُهي ڪم جن لاءِ چرچ کي پيسا ڏيڻا ٿي پيا. هنن جو زور هو تہ ڪيٿولڪ بزرگن جو غلاف، جنهن جي مجسمن ۽ مزارن جي پوڄا ڪئي وڃي ٿي، انجيل جي پيغام ۾ بت پرستاڻي ملاوٽ آهي. ڪالوين اجان بہ قدم اڳتي نڪري ويو ۽ چيائين تہ اها ڳالهہ تہ مقدس ڪميونين جي مذهبي رسم دوران

عبادتگذار حضرت عيسيٰ جو گوشت کائين ٿا، سو ڪُفر آهي، انهيءَ ڳالهه لوٿر جي پيروڪارن کي هن جي ويجهو اچڻ کان روڪيو ۽ هن کي اڪيلو ڪري ڇڏيو. اهڙن ئي سوالن تي ابتدائي پروٽسٽنٽن کي وڏا ذاتي جوکم کڻڻا پيا ۽ اُنهن پنهنجن پيروڪارن کي ثابت قدم تي بيهڻ لاءِ زور ڀريو ڀلي پوءِ ٻي ديني جي سزا طور کين جيئرو ئي ڇو نه ساڙيو وڃي (جيڪو عمل يورپ جي شهرن ۾ کلي عام ڪيو پئي ويو.)

ان باوجود لوٿر ۽ ڪالوين ٻئي سماجي معاملن ۾ رجعت پرست هئا. 1521ع ۾ جڏهن شاهي اختيارين هن جي سِسيءَ جي گهُر تي ڪئي، تڏهن لوٿر زور ڏنو ته عوام کي اختيارين جي غير_ مذهبي معاملن جي بجا آوري ڪرڻي پوندي:

فساد جائز ناهي ڀلي پوءِ ان جا مقصد ڪيترائي معقول ۽ جائز ڇو نه هجن... مڪارن کي سزا ڏيڻ ۽ پرهيزگارن جي تحفظ ڪرڻ خاطر سيڪيولر اختياري ۽ تلوار جو فرمان جاري ڪيو ويو آهي... پر جڏهن عام ماڻهو بغاوت ڪري ٿو، جنهن ۾ نيڪي ۽ بديءَ ۾ تميز ڪرڻ جي صلاحيت ناهي، اُهي بغير ڪنهن لحاظ جي ڏک هڻن ٿا، اهو عمل ٻي رحم ناانصافيءَ کانسواءِ نه ٿي سگهندو. اِتي ڏيان ڏجي ۽ اختيارين جي پوئواري ڪجي.[45]

ساڳئي طرح ڪالوين جي خيالن کي 'مروج چالو فرمانبرداري' طور بيان ڪيو ويو آهي. هن لاءِ اهو 'خدا طرفان فرمايل' هو ته حاڪمن ۽ محڪومن جو هڪ سماجي نظام هجڻ گهرجي ۽ 'جيئن ته انسانذات اصل ۾ گناهگار هئي، تنهنڪري فرمانبرداريءَ لاءِ اهو نظام ضروري آهي'.[46]

بهرحال سندن اهڙين ڳالهين سماجي جدوجهدن کي نه روڪيو جن ۾ کين ڪو هڪ پاسو وٺڻو پيو.

راهب مان پروفيسر بڻيل لوٿر، جيڪو سڄي يورپ ۾ 'انسانيت پسند' نئين سجاڳيءَ جو حصو هو. تنهن انهيءَ ماحول ۾ ماڻهن کي قائل ڪيو. هن کي طاقتور شخصيتن، جهڙوڪ: سيڪسنيءَ جي چونڊيندڙ① فريڊرڪ[47] تحفظ مهيا ڪيو جنهن جا چرچ سان پنهنجا ذاتي تڪرار هئا، پر سڄي ڏکڻ جرمنيءَ ۾ 1520ع ڌاري سندس تعليم جي تيزيءَ سان پکيڙ جو اصل ڪارڻ ناخوش سماجي طبقن منجهه سندس اثر هو. جن تي لوٿر کي اعتبار نه هو. هڪ صديءَ چوٿائي بعد فرانس ۾ ڪالوين جي تعليم جي پکيڙ سان پڻ ساڳيو معاملو لاڳو ٿيو.

هاڻوڪا تاريخ نويس جرمن سڌار پسنديءَ جي مختلف مرحلن کي هڪٻئي کان منفرد مرحلو سمجهن ٿا. يعني، 'شهري (يا وچولي طبقي) جي سُڌار پسندي'، 'هاري سُڌار پسندي' ۽ 'شهزادن جي سُڌار پسندي'.[48] شهري سُڌار پسنديءَ ڏکڻ جرمن ۽ سئس شهرن

---

① ڪوبه جرمن شهزادو جنهن کي مقدس رومن سلطنت جي نئين شهنشاهه چونڊڻ لاءِ ووٽ جو حق حاصل هو.

ڪي ڀهاري ڇڏيو جڏهن 1521ع ۾ وارمس (Worms) وٽ سلطنت جي نمائنده اداري ڊائيٽ جي مشهور اجتماع ۾ شهنشاهه ڪي للڪاريندي لوٿر عوامي شخصيت ٿيو. شهرن ڪي پراڻن چند ماڻهن جون حڪومتون هلائينديون هيون، جن ۾ امير واپارين ۽ اشرافيا جون آکهون هونديون هيون. ڪائونسلن ۽ سينيٽ ۾ نسلن تائين سندن تسلط هو پلي ڪٿي ڪجهه جاين تي رسمي جمهوري ڍانچو ئي چو نه هجي. چند سيٺين وارين حڪومتن (oligarchies) مان اڪثر سيٺين ڪي چرچ خلاف ذاتي دشمنيون ۽ شڪايتون هيون. مثال طور، پادرين پنهنجو پاڻ ڪي ٽيڪس کان آجو ۽ ٻين کان وڌيڪ حصو ورتو پئي، ۽ سيٺين ڪي مقامي شهزادن جي طاقت کان ڊپ به هو پر سيٺين جا موجوده سماجي ۽ مذهبي نظام سان لاتعداد رشتا ۽ لاڳاپا پڻ هئا. سندن گذارو شهرن کان ٻاهر ٻنين مان ملندڙ جاگيرداري مسواڙن تي هو. سيٺ پنهنجن پُٽن لاءِ چرچ ۾ نفعي بخش عهدن جي تاڙ ۾ هوندا هئا ۽ چرچ جي ڏهين حصي مان پنهنجي لاءِ ڪجهه ڪيڻ جا ناجائز گس ڪيڍي ورتا هئن. تنهنڪري چرچ جي ’سُڌاري‘ واري سڏ، سيٺين ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪيو پئي. خاص طور تي اُنهن مرحليوار ۽ ٿوري ٿوري تبديلي چاهي پئي، جنهن سان ڪين شهر جي مذهبي زندگيءَ مٿان وڌيڪ اختيار هلائڻ ۽ ڪنهن وڏي اُٿل پٿل کانسواءِ چرچ جي چندن جي استعمال جي اجازت ملي.

انهيءَ سيٺين واري سماجي پرت هيٺان وڏي تعداد ۾ ننڍا واپاري ۽ ڪاريگر ۽ ڪٿي ڪٿي پادري، عيسائي راهبا عورتون ۽ راهب جيڪي ڪاريگر آکهن منجهان هئا، سي پاپائيت لاءِ ادائگيون ڪري بيزار ٿي چڪا هئا. جيڪا چرچ طرفان وعدو ڪيل مذهبي دلاسن ۽ آٿتون ڏيڻ لاءِ به موجود نه هئي. اها ننڍن واپارين ۽ ڪاريگرن جي جدوجهد هئي، جنهن سُڌار پسنديءَ ڪي هڪ شهر کان ٻئي شهر ۾ سوپارو ڪيو. ايرفرٽ ۾ ’شاگردن ۽ ڪاريگرين‘ ’پادرين تي حملن‘ ۾ حصو ورتو ۽ 1521ع ۾ مارٽن لوٿر طرفان شهر مان لنگهڻ کانپوءِ شاگردن ۽ ڪاريگرن ’ڪليسائي گهر ڪي تباهه ڪري ڇڏيو‘.[49] بيسل ۾ ڪورين (ڪپڙا اُڻيندڙ) مطالبو ڪيو ته انجيل ڪي ’نه صرف روح سان پر هٿن سان به سمجهڻاٽو پوندو‘، هنن زور پريو ته، ’اسان ڪي پاڻ جهڙن ٻين ماڻهن سان پيار ۽ سچي ايمان جو لحاظ ڪرڻ گهرجي‘، پنهنجا ڏوڪڙ چرچ ڪي سينگارڻ بدران ’غريب ماڻهن، جن وٽ سياري ۾ ڪاٺ، ڏيئا ۽ ٻين شين ضرورتن جي ڪوٽ هوندي آهي‘،[50] اُنهن تي خرچ ڪرڻ گهرجن. هيمبرگ، برانسچ ويگ، هين اوور، ليمگو ليوبيڪ، ميگڊي برگ، مل هاسين ۽ وسمار ۾ دستڪارن ۽ واپارين جي ڪميٽين شهر جي حڪمران ادارن ڪي مذهبي تبديليون آڻڻ تي مجبور ڪيو.[51] ان تڪرار وٽنبرگ پرڳٽي ’ڪي چيري ڦاڙي ڇڏيو ۽ علائقو بُت شڪن ماڻهن سان پرجي ويو‘. نيٺ شهري اختيارين لوٿر ڪي منظم طريقي سان تبديلي لاڳو ڪرڻ لاءِ چيو.[52] اسٽراس برگ ۾ ’مئجسٽريٽن، هيٺان کان ڪميون جي دٻاءَ سبب، مذهبي رسمن ۾ تبديليون ڪرڻ جي ابتدا ڪئي،

جيڪي واضح طور تي غيرقانوني هيون ۽ ساڳئي وقت کين اميد هئي تہ ڪو ماڻهو يعني شهنشاهہ، شاهي ڊائيٽ، يا چرچ جي جنرل ڪائونسل، کين ڏينهون ڏينهن وڌندڙ دٻاءَ کان نجات ڏياريندي'.[53] ائين 'شهري حڪومت نہ پر دستڪار انجمنن جي دٻاءَ هيٺان'،[54] جرمنيءَ جا ٻہ ٽياڱي تي شاهي شهر نئين مذهب ڏانهن هليا ويا. لوٿر پنهنجي مسلڪ جي سوڀ کي خدائي مرضيءَ سان منسوب ڪيو. هن لکيو تہ 'مقدس ڪتاب اهو سڀ ڪجهہ ڪيو جڏهن تہ آئون فلپ ۽ امسڊورف سان ويهي بيئر پي رهيو هئس، خدا تعاليٰ پاپائيت کي هڪ طاقتور ضرب لڳائي'.[55] اصل ۾ اهو اُن دور جي اقتصادي بحران جو طبقاتي احساس هو جنهن لوٿر جي تعليم لاءِ اهڙي موٽ پيدا ڪئي.

ان باوجود حڪمران ڪائونسلون ۽ سينيٽ ان قابل هئا تہ هيٺان کان پيدا ٿيل ڪاوڙ ۽ جدوجهد کي ٺڏو ڪرڻ لاءِ ڪجهہ تبديليون لاڳو ڪن: 'هڪ پيرو ڪائونسل جڏهن نئين عهدنامي جي چئن ڪتابن ① جي تعليم جو حڪم ڏنو تہ ان عمل پادرين کي شهري ادارن ۾ جذب ڪري ڇڏيو. ائين شهري چرچ جي زندگيءَ بابت فيصلي سازي کي گهٽين مان ڪائونسل چيمبر ڏانهن منتقل ڪيو ويو'.[56]

هاري جنگ

1524ع ۾ هڪ بي وڏيڪ پُرتشدد تحريڪ پڙڪي پئي. 'هاري جنگ' طور مشهور جدوجهد (جڏهن تہ ڪجهہ تاريخ نويس ان کي 'عام ماڻهوءَ جو انقلاب' سڏين ٿا) کي 'جديد يورپ کان اڳ واري سڀ کان اهم عوامي بغاوت'[57] طور بيان ڪيو وڃي ٿو. گذريل اڌ صديءَ دوران سڄيءَ ڏکڻ جرمنيءَ ۾ لڳاتار مقامي ڀهراڙيءَ جون بغاوتون ٿينديون رهيون. هاڻي شهرن ۾ مذهبي افراتفريءَ جي خبر، جنهن کي ڀهراڙيءَ جي وڌندڙ صنعتن ۾ دستڪارن ڦهلائيو، اُن دور جي عدم تحفظ جي ڪڙاڻ کي اظهاريو ۽ هڪ مذهبي ۽ سماجي بغاوت کي اُڀاريو.

ڪنهن بہ تياريءَ کانسواءِ هزارن جي تعداد ۾ فوج، شايد لکن جي تعداد ۾، تحريڪ کي هڪ پرڳڻي کان ٻئي پرڳڻي تائين ڪٽي هلي، ۽ سلطنت جي ڏاکڻي ۽ مرڪزي علائقن کي ٻهاري ڇڏيو. خانقاهن کي برطرف ڪندي، قلعن تي ڪاهون ڪندي ۽ شهرن کي پنهنجي پاسي ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون.[58] جاگيردار نواب ۽ پادري اچرج ۾ پئجي ويا ۽ باغين کي مقامي ڳالهين ذريعي ٺڏو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جڏهن تہ وڏن شهزادن کي مدد لاءِ التجائون ڪيائون. چند شهري حڪمران سيٺين جي حواسن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو تہ چا ڪريون. هڪ طرف اُنهن کي ڀهراڙيءَ جي نوابن، پادرين ۽ خانقاهن خلاف ذاتي شڪايتون هيون ۽ ساڳي وقت وري شهر جي غريب

---

① ميٿيو مارڪ، ليوڪ ۽ جان (نئين عهدنامي جا چار ڪتاب) جيڪي حضرت عيسيٰ جي زندگي ۽ تعليم بابت ٻڌائين ٿا.

شهرين طرفان بغاوت ۾ شامل ٿيڻ واري دٻاءَ هيٺ هئا. ٻئي طرف اُنهن ۾ اُهي ماڻهو هئا، جن جي زمينن کي بغاوت سبب خطرو هو. سخت ڏنل هئڻ سبب اُهي بغاوت کان پاسيرا ٿي بيٺا ۽ کين آسرو هو تہ ڪنهن نہ ڪنهن ريت امن ڳالهيون ٿين.[59]

بهرحال، باغين ڪجهہ شهرن تي قبضو ڪري ورتو ۽ ٻين کي پنهنجي پاسي ڪري ورتو. سالزبرگ ۾ 'ڪاٽيون ڪوٽيندڙ ڪاٽين جو ڪاروبار ڪندڙ ۽ هارين' بغاوت ۾ حصو ورتو.[60] 'هيل برون ۾ شهري مئجسٽريٽ، وچولي طبقي جي دٻاءَ هيٺ ۽ 'خاص ڪري عورتن' کي باغين لاءِ دروازا کولڻا پيا، جن سيني خانقاهن ۽ ڪاتن تي قبضو ڪري ورتو.[61] اهڙيءَ ريت باغين شهرن، جهڙوڪ: مينگن، ڪافبيرن، وينبرگ، برميٽنگن، نيستڊ، اسٽوگارٽ ۽ مل هاسين جو ڪنٽرول ماڻي ورتو.

هر هنڌ باغين شڪايتن جون فهرستون ٺاهيون ۽ اڪثر ڪري اُنهن کي مقامي ۽ علائقائي پروگرامن سان گڏائي ڇڏيائون. فهرستن مان هڪ ۾ 12 نقطا شامل هئا، جيڪي ميمنگين خطي جي هارين طرفان هڪ همدرد ڪاريگر ۽ هڪ باغي پادريءَ جي مدد سان ترتيب ڏنا ويا. اها فهرست ذري گهٽ بغاوت جي هڪ قومي پڌرنامي طور ظاهر ٿي، ان کي وري وري ڇپرايو ويو.[62]

اها باغي تحريڪ مذهبي مطالبن، جهڙوڪ: مقامي ڪميونٽيز ۾ پنهنجا ناظم پادري مقرر ڪرڻ ۽ ڏهين حصي کي ڪيئن استعمال ڪجي، اهو فيصلو ڪرڻ جهڙن حقن سان شروع ٿي، جيڪي عوام لاءِ انتهائي اهم هئا. پر هارين جي گذرسفر لاءِ انتهائي اهم مطالبن کي پڻ ڪنيو ويو جهڙوڪ: ٻانهپ جو خاتمو، جاگيردارن کي ادا ٿيندڙ مختلف قسم جي فين جو خاتمو عام زمين تي ٻيجا مداخلت جي پڄاڻي، هارين جي شڪار، مڇيون پڪڙڻ ۽ ڪاٺ ميڙڻ تي پابندين ۽ ڇڙواڳ انصاف جي انت جا مطالبا شامل هئا.

بهرحال، اهو ڪو انقلابي پروگرام نہ هو. باغي قوتن فرض ڪري ورتو هو تہ نوابن ۽ شهزادن کي هارين جا مطالبا مڃڻ تي آماده ڪري سگهجي ٿو. يقينن تحريڪ جي ابتدا ۾ اُن ۾ شريڪ ٿيندڙن جي اڪثريت کي لڳو پئي تہ جيڪڏهن فقط جاگيردارن کي پنهنجن طريقن ۾ سڌارا آڻڻ تي مجبور ڪري سگهجي، تہ ٻہ معاملا ٺيڪ ٿي ويندا. 'مجموعي طور تي هاري جاگيرداريت کي قبولڻ لاءِ تيار هئا، بشرطيڪ جاگيردار سندن ڪميونل انجمنن، تولن يا (باغين جي) عيسائي يونين آڏو آڻ مڃين'.[63] رجعت پرست تاريخ نويس جي آر ايلٽن ياد ڏياري ٿو تہ 'هارين... مجموعي طور تي انتهائي محتاط نموني ورتاءُ ڪيو'.[64] ان جي ابتڙ فريڊرڪ اينگلس لکيو تہ 'جاگيردارن ۽ حڪومتن ڏانهن... سندن رويي ۾ اٽل ۽ پڪي ارادي جي کوٽ هئي. اهڙي ثابت قدمي ۽ اٽل ارادي جو اظهار فقط جنگ ۾ ڏيکاريو ويو جڏهن هارين سندن دشمنن جي ورتاءَ جو تجربو ڪيو.'[65] هارين جي 'اعتدال پسندي' کين مسلسل انهن ماڻهن تي اعتماد ڪرائڻ

ڏانهن وٺي ٿي وئي، جن جي دعويٰ هئي تہ جاگيردارن سان سندن اختلافن کي دوستاڻي نموني اُڪلائي سگهجي ٿو.

تنهن جي باوجود هارين جي بلڪل ابتدائي مطالبن، ان سموري بنياد کي للڪاريو پئي، جنهن تي شهزادن ۽ جاگيردارن ماضيءَ ۾ حڪمرانيءَ ڪئي هئي. سندن مذهبي ٻوليءَ ۾ هاري چوڻ پيا تہ هاڻي عدالتن طرفان ناهيل قانون کان مٿانهون قانون آهي. جيئن هڪ ڳوٺاڻيءَ گڏجاڻيءَ ۾ ڳالهہ ڪئي وئي تہ 'ڪوبہ نہ، پر خدا ئي اسان جو خالق... ضامن هوندو'.[66] هارين جي مفادن جي نمائندگي ڪندڙ 'خدائي قانون' ان 'واجب التعظيم قانون' جي جاءِ والاري، جيڪو ڪين جاگيردارن ۽ چرچ جي تابع ڪيو ويندو هو.

جاگيردار طبقو اهڙيون رعايتون نہ پئي ڪري سگهيو جيڪي سندس طبقاتي حيثيت کي ڪاٽ هڻن. ساڳئي وقت رعايتن جي آڇ جو بهانو ڪندي، جاگيردارن پنهنجي پاڙيتو فوجن کي متحرڪ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. 1525ع جي اپريل ۾ اُنهن ڪارروائي شروع ڪئي. جيئن ايلٽن اعتراف ڪري ٿو:

حڪمران طبقا ڏڏي ويا هئا ۽ سندن ردعمل اُن خطري کان وڌيڪ وحشياڻو هو جنهن خلاف وڙهيا پئي... هزارين، ڪجهہ تخمينن مطابق لک جي لڳ ڀڳ هارين کي قتل ڪيو ويو. گهڻو ڪري نام نهاد لڙائين ڪانپوءِ ٿيل پاچ ۽ وٺ پڪڙ وقت، شهزادن جي هٿياربند ماڻهن پنتي هٽندڙ ۽ ڀڄندڙ جي پنيان ڊوڙندي راند ڪيڏيندي کين ماري ڇڏيو.[67]

لوٿر بغاوت کان خوفزده ٿي ويو. پهريائين تہ شهري سيئين وانگر هن کي جاگيردارن طرفان پڙڪايل بي اطميناني تي تشويش هئي، پر جڏهن هاري بغاوت سنجيده ڪاميابيون ماڻڻ شروع ڪيون تہ هي 100 سيڪڙو جاگيردارن جي پاسي ٿي پيو. هن 'هارين جي قاتل، چور ڌڙن خلاف' هڪ ڪتابچو لکيو جنهن ۾ هن نوابن تي زور پريو تہ باغين خلاف بدلي جا انتهائي سخت قدم کنيا وڃن: 'هر هڪ ماڻهو جيڪو ڪري سگهي، جيئن هڪ چريي ڪُتي کي مارڻ ضروري هوندو آهي، تيئن اُنهن کي ڳجهي نموني ۽ ظاهر ظهور ڦاهين تي لٽڪائي ۽ چاقو هڻي ڳيا ڳيا ڪيو وڃي'.[68] هن لکيو تہ شهزادن کي 'پنهنجا هٿ پري نہ رکڻ گهرجن ..... جن وٽ استعمال ڪرڻ لاءِ طاقت آهي، اهي هنن کي ماري پاڙان پٽي ڇڏين'.[69] هڪ خط ۾ هن زور پريو تہ 'شهزادن ۽ مئجسٽريٽن جي موت کان سيني هارين جو موت بهتر آهي'.[70]

ان موقف جي معاملي ۾ هي اڪيلو نہ هو:

جيئن جاگيردارن مزاحمت جي تشريح رياست خلاف غداريءَ طور ڪئي، تيئن سُڌارا پسندن ان جي انجيل خلاف غداريءَ طور تشريح ڪئي. 1515ع ۾ عام ماڻهوءَ خلاف موقف اختيار ڪرڻ ۾ مارٽن لوٿر، فلپ ميلانچٿون، جوهانز برينز اربانس ريجيس، زوئنگلي سميت ڪوبہ ناڪام نہ ٿيو.[71]

ڪجهہ پروٽسٽنٽ مبلغن پاڻ بغاوت جي تائيد ڪئي. ان جو بهترين مثال ٿامس

منتزير جيڪو يونيورسٽيءَ جو تربيت يافته هڪ ڪامياب پادري هو هن پوپ ۽ شهنشاهن سان ابتدائي تڪرار ۾ لوٿر جو پاسو ورتو. پر ٽن يا چار سالن اندر لوٿر طرفان رعايتون ڪرڻ تي هن مٿس تي تنقيد ڪئي. هن پنهنجي لڪٽين ۽ تبليغ ذريعي مذهبي معاملن کان اڳتي وڌي عوام سان ٿيندڙ ظلم کي للڪارڻ شروع ڪيو. هن جي نظر ۾ دنيا جي انقلابي تبديلي عيسائيت جي تڪميل هئي:

هن ڌرتيءَ تي سڀ کان وڌي حقارت آميز ڳالهه هيءَ آهي ته ڪو به غريبن کي سندن ضرورتن کان نجات نه ڏياريندو... سموري ڳري سُود، چوريءَ ۽ ڌاڙي جا ڏوهاري اسان جا حاڪم ۽ بادشاهه آهن... اُهي غريب هارين ۽ ڪاريگرين سان ظلم ڪن ٿا... جيڪڏهن اُنهن غريبن مان ڪو به ماٺهو ٿورڙي قانون جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو ته هن کي سزا ڀوڳڻي پوي ٿي. انهيءَ سموري معاملي تي ڊاڪٽر ڪُوڙو (لوٿر) چوي ٿو 'آمين'.[72]

اهڙن لفظن سبب منتزر کي اختيارين جي قهر کي ڀوڳڻو پيو ۽ هن 1524ع جو ڪجھ عرصو لڪندي هڪ علائقي کان ٻئي ڏانهن ڀڄندي حمايتن جا ننڍا ڳجها گروهه ٺاهيندي گذاريو. لوٿر شهزادن تي زور ڀريو ته منتزر خلاف ڪارروائي ڪن. ايتريقدر جو اڄ جا ڪيترائي تاريخ نويس هن سان چريي ماڻهوءَ طور سلوڪ ڪن ٿا. ايلٽن مطابق هي 'ابتدائي سُڌارا پسنديءَ جو ڏاهو شيطان هو'، 'هڪ بي قابو جنوني' ۽ 'هڪ خطرناڪ ديوانو' هو.[73] پر منتزر جي فقط هڪ ئي 'چريائپ' هئي ته هن انجيل جي ٻولي کي پنهنجي دور جي سيني مفڪرن وانگر طبقاتي حڪمرانيءَ جي تائيد ۾ نه پر ان جي خلاف جدوجهد لاءِ استعمال ڪيو.

جڏهن بغاوت ڀڙڪي ته منتزير ملهئاسين علائقي ڏانهن هليو ويو جتي ڪاٺيون ڪوٽيون ويندڙيون هيون. اُتي هن انقلاب جي قلعي طور شهر جو دفاع ڪرڻ خاطر پنهنجو پاڻ وچولي طبقي جي انقلابي حصي سان گڏ ڪم ڪيو جنهن جي اڳواڻي راهب Pfeiffer ڪئي. فرينڪن هاسين وٽ هيس جي لوٿرين شهزادي ۽ سيڪسنيءَ جي ڪيٿولڪ ڊيوڪ هٿان باغي فوج جي شڪست کانپوءِ هن کي پڪڙيو ويو. شڪنجي تي تشدد ڪري 28 سالن جي عمر ۾ سِرُ ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيائونس.

ان بغاوت کي ڪُچلي ڇڏڻ جا سموري جرمن سماج تي وڏا اثر ٿيا. ان سان شهزادن جي حيثيت وڌيڪ سگهاري ٿي وئي، ننڍا سردار جن کي شهزادن جي وڌندڙ طاقت تي ڪاوڙ هئي ۽ جن شهزادن کي گڏيل جرمن شهنشاهيت جي ماتحت بڻائڻ جا خواب پئي ڏٺا، تن مذهبي سوالن تي ڪڏهن ڪڏهن هٿيار به کنيا پئي، ايتريقدر جو بغاوت جي ابتدائي مرحلن ۾ ان سان همدرديءَ جو اظهار به ڪيائون.[74] پر هاڻي ننڍا سردار هارين جي استحصال جي معاملي تي شهزادن سان ٻٽ ٿي ويا. ساڳئي ريت شهري سيٺين، ابتدائي طور تي ٻُڌتر کانپوءِ، شهزادن کي بغاوت کان بچائيندڙ قوت طور ڏٺو. ايتريقدر جو هيٺين وچولي طبقي کي پنهنجو پاڻ فاتحن سان سرچاءِ ڪرڻ ۾ ڪا خاص ڏکيائي نه ٿي. اهي ماڻهو ايڏا بزدل هئا، جو بغاوت جي تائيد ئي نه ڪيائون.

پر نون شهزادن جي وڏيل طاقت کي قبوليندي مٿيان ۽ وچولا شهري طبقا اهو پڻ تسليم ڪري رهيا هئا تہ جرمن سماج جي مستقبل جي نقشي جو فيصلو سندن مفادن مطابق نہ ٿيندو. بحران جيڪو جاگيرداريءَ اندر اُسريل سرمائيداري عنصرن طور وڏيو تنهن هڪ انقلابي اُڀار کي جنم ڏنو پر بغاوت کي ڪُچليو ويو. ائين ئي جيئن چوڏهين صديءَ ۾ وڏن بحرانن واري دور ۾ ٿيل بغاوتن کي سڄي يورپ ۾ دٻايو ويو هو. شهري وچولا طبقا, توڙي جو پروٽسٽنٽ ازم جي نئين مذهبي نظريي کي قبولي چڪا هئا, پر سڀ کان وڏيڪ استحصال جي شڪار طبقن کي ساڻ کڻي پراڻي نظام تي هلان ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا. ائين هارين کي ڪچليو ويو ۽ شهري وچولن طبقن کي شهزادن جي وڌندڙ طاقت آڏو بي وس ۽ لاچار ڇڏيو ويو.

جرمن پروٽسٽنٽ ازم هڪ بزدليءَ جو شڪار ٿي وئي. لوٿرين ازم شهزادن کي اڳتي آڻي پنهنجو پاڻ کي تاريخي قيدي بڻائي ڇڏيو. لوٿر عبادت ۾ برابريءَ جي ڳالهہ ڪري ڪليسا جي حلقي ۾ رهندڙ ماڻهن مٿان چرچ جي تسلط کي ڪاٽ هڻي ڇڏيو. لوٿر جي سڀ کان ويجهن ساٿين مان هڪ ميلنچٿان (Melanchthon) 1525ع واري نتيجي کانپوءِ لکيو تہ 'جرمن جهڙن جنگلي ۽ جٽ ماڻهن لاءِ ضروري آهي تہ کين هاڻوڪي آزاديءَ کان گهٽ آزادي هجي'.[75] انتظام شهزادن هلايو پئي. بغاوت جي شڪست کانپوءِ لوٿرين ازم هنن جو پٺو هٿيار ٿي پيو. هڪ طرف اُن کي ڪيٿولڪ شهنشاهہ خلاف استعمال ڪري سگهيا, جيڪو سندن طاقت ڦباڻڻ چاهي پيو ۽ ٻئي طرف اُن کي استحصال ٿيندڙ طبقن مٿان نظرياتي تسلط قائم رکڻ لاءِ استعمال ڪيائون. ائين هي اهو مذهب ٿي پيو جيڪو جرمن جاگيرداريت جي بحران خلاف ردعمل طور اڀريو هو ۽ هاڻي اتر ۽ اوڀر جرمنيءَ جي علائقن ۾ سرڪاري مذهب ٿي پيو. جتي هارين کي واپس ٻانهپ ڏانهن ڌڪيو ويو. ائين ئي جيئن عيسائيت پاڻ رومن سلطنت جي بحرانن جي ردعمل ۾ ابري هئي, سا وري انهيءَ سلطنت جو نظريو بڻجي وئي هئي. ان دوران ڏکڻ ۽ اوڀر جرمنيءَ جي هارين کي هاڻي پروٽسٽنٽ ازم کي قبولڻ جو ڪوبہ جواز نظر نہ پئي آيو جيڪا 1525ع ۾ ظالمن سان گڏجي بيٺي هئي.

جنهنڪري شهنشاهہ ۽ علائقي جي ڪيٿولڪ شهزادن جي وڏيل دٻائن سبب ڏکڻ جرمنيءَ جي شهرن نئين مذهب کي ڦٽو ڪري ڇڏيو. شهري سيٺين پنهنجي تحفظ لاءِ پروٽسٽنٽ شهزادن ڏانهن نيهاريو پئي, پر ان عمل کين جاگيردار ۽ اهڙن شهزادن جي بادشاهي جنگين جي اوڙاهہ ڏانهن ڌڪي ڇڏيو. جڏهن انهيءَ اتحاد کي 1546ع ڌاري شهنشاهہ سان 'سمالڪالڊڪ' جنگ ۾ آزمائش ۾ وڌو ويو تہ پروٽسٽنٽ شهزادا سنجيدگيءَ سان وڙهڻ لاءِ تيار ئي نہ هئا ۽ اُنهن پروٽسٽنٽ شهرن کي فاتح ڪيٿولڪ فوجن جي قهر کي منهن ڏيڻ لاءِ ڇڏي ڏنو. انهيءَ مرحلي کان پروٽسٽنٽ ازم فقط ڏاکڻن شهرن جي قوت برداشت ۽ سهپ تحت سلامت رهيو ۽ پروٽسٽنٽ ازم جي زوال شهري وچولي طبقي جي آزاديءَ کي ڌڪ پهچايو.

مذهب جون فرانسيسي جنگيون

30 سالن کانپوءِ فرانس ۾ سُڌار پسنديءَ جو داستان جرمنيءَ ۾ ٿيل واقعن جو ورجاءُ هو. اقتصادي بحران هارين، ڪاريگرن ۽ ڏيهاڙي وارن پورهيتن کي مفلسيءَ، مسلسل ڏُڪار، پليگ جي ڦهلاءَ ۽ 1557ع ۾ رياستي ڏيوالپڻي ڏانهن ڌڪي ڇڏيو. سمورن سماجي طبقن جا فرد چرچ، وڏين ملڪيتن جي مالڪن ۽ چند اشرافيائي خاندانن جي پڪڙ خلاف ٿي پيا.[76] پروٽسٽنٽ ازم جي ڳالهه هر طبقي کي متاثر ڪيو پر جيئن هينري هيلر ظاهر ڪري ٿو ته 'جيسيتائين اها هڪ عوامي تحريڪ هئي ته ان جي رهنمائن ۾ عام صفن ۾ ننڍي پيماني جا ڪارخانيدار، ننڍا واپاري ۽ ڪاريگر شامل هئا'.[77] ساڳئي ڳالهه عظيم فرانسيسي ناول نگار بالزڪ ڏيڍ صدي اڳ ڪئي، جڏهن هن لکيو:

مذهبي سُڌاري .... جي ڳالهه هيٺين طبقن منجهه گهٽي قدر ڪاريگرن ۾ ٿي پئي، جن سوچڻ شروع ڪيو هو. وڏن نوابن تحريڪ کي همٿايو فقط ان لاءِ ته جيئن مذهبي سوال کان هٽي پنهنجا مفاد ماڻي سگهن... پر ڪاريگرين ۽ واپار ڪندڙ ماڻهن منجهه ايمان سچو پچو هو ۽ معقول مفادن تي ٻڌل هو.[78]

جين ڪالوين هڪ وچولي طبقي جي فرينچ خاندان مان هو اڻ ڪٿ ظلم ۽ جبر کان مجبور ٿي جنيوا ۾ رهيو پئي ۽ هن لوٿر کان وڌيڪ ان طبقي سان ٺهڪندڙ نقطہ نظر پيش ڪيو. لوٿر ابتدائي طور تي چرچ جي ضابطن خلاف تبليغ ڪئي هئي ۽ پوءِ شهزادن جي ضابطن اڳيان جهُڪي پيو هو. ان جي ابتڙ، ڪالوين چرچ جي هڪ نئين قسم جي ضابطي تي زور ڏنو جنهن کي خود شهري وچولو طبقو هلائي. هن پنهنجن پيروڪارن کي محسوس ڪرايو ته اُهي خدا جا چونڊيل ماڻهو آهن ۽ هنن پنهنجن ساٿين کان وڌيڪ سنجيده، پنهنجو پاڻ تي قابو رکندڙ ۽ اعتدال پسند ۽ پرهيز ڪندڙ ٿي، ان ڳالهه کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اهڙن روين معتبر ڪاريگرن يا دُڪاندار خاندانن کي متاثر ڪيو جيڪي اشرافيہ جي عياشيءَ واريءَ دنيا کان ڪٽيل هئا، پر اُهي پاڻ کان هيٺ 'سُجن' غريبن کان حقارت ڪندا ۽ ڊڄندا هئا.

جيئن هيلر ان بابت لکيو:

ڪجهه شهري ماڻهو.. ڏسي سگهيا ته انسانذات جي اڪثريت غربت ڏانهن ڌڪجي رهي آهي، جيڪا مادي هئي. بيشڪ هڪ صدي اڳ واريون ثقافتي اڳيرائيون وري خطري ۾ پئجي ويون. اُنهن بلڪل درست نموني اندازو لڳايو ته خرابي ڪليسا ۽ جاگيرداري نظام ۾ آهي جنهن سماج جي دولت کي جنگ، عياشيءَ ۽ شان شوڪت ۾ ضايع ڪري ڇڏيو. اها بغاوت پنهنجو پاڻ کي ٻنهي کان بچائڻ جي ڪوشش لاءِ هئي، جن نظام کي ڪنٽرول ڪيو پئي ۽ جن ان جي مخالفت ڪئي. ائين ڪرڻ جو هڪڙو طريقو ڪم، سادگي (ضبط نفس) ۽ ضابطي وارو نظريو هو.[79]

ڪالوين سماجي طور تي رجعت پرست هو ۽ هن سماج جي موجود نظام کي خدا

طرفان طئي ڪيل سرشتي طور ڏنو پئي، پر مذهبي سُڌار پسنديءَ واري سندس سڏ ۾ لازمي طور تي سماجي ور وڪڙ ۽ پيچيدگيون هيون. ان 'جي منطقي نتيجي طور شهري بورجوازيءَ لاءِ هڪ وڏي پيش رفت ٿيڻ لازم هئي، جنهن ۾ ڪين نہ صرف اقتصادي آزاديءَ جي سطح پر مذهبي دنيا ۾ بالادستيءَ جي منتقلي پڻ ٿئي'.[80] اهو ڪو رياست جي نئين سر انقلابي تعمير لاءِ سڏ نہ هو. شهري وچولا طبقا اڃان تائين ان قسم جي سڏ تي عمل ڪرڻ کان لاچار هئا، ڇو تہ اهي ڪمزور هئا. پر ڪالوين بنيادي سُڌارن جي ڳالهہ ڪئي، جيڪي سڌارا هڪ سماجي بحران منجهہ سندن مفادن جو تحفظ ڪن ها.

ايتريقدر جو جڏهن 1550ع ڌاري سماج ۾ بحران سخت شديد ٿي ويو تہ ڪالوين جي سماجي اعتدال پسندي اهي سُڌارا ماٺڻ ۾ ناڪام ٿي پئي. جاگيردارن جي هڪ حصي چرچ انتظاميا جي مراعتن تي حملو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ٻن وڏن اشرافيائي خاندانن، بارينس (Bourbons) ۽ مونٽمورنسي (Montmorencys)، تخت جي وارثيءَ جي مسئلي تي ٽئين وڏي خاندان جنوني ڪيٿولڪ گئيزس (Guises) سان سخت لڙائي ڪئي.

وچولن طبقن کي جاگيرداريءَ ۾ پيل ڏار جو فائدو ڪڻندي سُڌارن لاءِ جدوجهد ۾ هارين ۽ شهري غريبن سان اتحاد ڪرڻ جو موقعو مليو هو. هاري يقينن سخت ڪاوڙيل هئا ۽ اُنهن وٽ انحراف ۽ ملائيت سان دشمنيءَ جون پنهنجون روايتون هيون. پر ڪالوين جي صلاح تي وچولي طبقي جي انقلابي حصي پنهنجي نصيب کي اشرافيہ جي منحرف حصي سان ڳنڍي ڇڏيو. جڏهن 1550ع جي وچ ڌاري هارين شديد غربت خلاف مذهبي جلسن جي صورت ۾ ردعمل ڪيو، جنهن ۾ 'بزرگن جا نعرا' ۽ پاڻ کي ڪوڙا هنيا ويا، تڏهن شهري وچولن طبقن پنهنجي پُوريءَ ڪوشش سان هارين کي شهرن مان ڀڄاري ڇڏيو. 'ڪالوين جا پيروڪار ڀراڙيءَ جي عام ماڻهن جي جهالت، عقيدن ۽ نفس پرستيءَ کان خوفزده هئا'، جڏهن تہ 'ڪالوينسٽ نفس پرستيءَ' هارين کي پاڻ کان پري ڪري ڇڏيو ۽ هاري پنهنجن 'بزرگن، سندن ڪرامتن ۽ رقص، ميلن ۽ شراب سان چنبڙيل رهيا'.[81]

بحرانن جي نتيجي ۾ 1560ع ڌاري خونخوار مذهبي جنگين جو سلسلو شروع ٿيو جنهن ۾ پئرس ۾ پروٽسٽنٽ نامور شخصيتن جي قتل عام وارو مشهور ڏهاڙو بارٿولوميو واقع ٿيو.[82] نوابن تي ياڙڻ واري ڪالوينسٽ حڪمت عمليءَ جو مطلب هو تہ، 'نوابن هٿان جوڙيل ۽ سندن اڳواڻيءَ هيٺ فوجن'[83] لازمي طور تي جاگيردارانہ لائين تحت جنگيون وڙهيون، جڏهن تہ سماجي معاملا وساريا ويا. جيئن تہ جيترا ڪيٿولڪ نواب هئا، اوترا پروٽسٽنٽ جاگيردار هئا، تنهنڪري اها ويڙهہ پراڻي نظام جو دفاع ڪندڙن جي هٿن ۾ هلي وئي.

گهرو جنگين ۾ شريڪ ٿيندڙن لاءِ بنيادي معاملا جلدئي مبهم ۽ اڻچٽا ٿي ويا، ائين ئي جيئن ڪيترن تاريخ نويسن لاءِ اُهي ڏنڌلا رهندا آيا آهن، جن کي اُنهن ۾ ڪوبہ

طبقاتي ڇڪتاڻ جو عنصر ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي.[84] ڪالوينسٽ شهزادا جيڪي سندن رقيب ڪيٿولڪن وانگر ڏوڪڙ هڙپ ڪندڙ عياش، آواره ۽ 'بداخلاق' هئا، تنهنڪري سندن رويي وچولي طبقي جي انيڪ ڪالوينسٽ پيروڪارن کي بد دل ڪري ڇڏيو.[85] جڏهن تہ ڪالوينسٽن طرفان غريبن ڏانهن انتهائي حقارت واري رويي سبب ڪيٿولڪن کي پئرس ۾ فساد ڪرڻ جو وجهہ مليو. جيئن تاريخ ۾ اڪثر ٿيندو رهيو آهي تہ مخالف ڌر جي رهنمائن سمجهيو پئي تہ پراڻن حڪمرانن جي هڪ حصي تي اعتبار ڪرڻ 'عملي سياست' آهي، جنهنڪري بُري شڪست پوڳين.

ڪالوينسٽن طرفان چونڊيل چيمپين نواري (Navarre) پرڳڻي جي هينريءَ پروٽسٽنٽ ازم کان منهن موڙيندي آخرڪار تخت تي قبضو ڪري ورتو ۽ هڪ صديءَ بعد ملڪ مان تڙي ڪيڻ کان اڳ پروٽسٽنٽ مخصوص مضبوط قلعن وارن شهرن تائين محدود ٿي ويا. هتان جي وچولي طبقي جي شڪست جرمنيءَ جيتري تباهہ ڪن ۽ مڪمل نہ هئي. هتي اڃان تائين صنعت ۽ تجارت ۾ ڪجهہ ترقي ٿي پئي ۽ ڪامياب ڪاروباري ماڻهو وڏڻ ويجهڻ جي قابل هئا. اُنهن مان ڪجهہ هڪ نئين اشرافيہ (the noblesse de robe) جو حصو ٿي ويا يا وري پراڻي اشرافيا جي ڪنهن ميمبر سان پنهنجن ٻارن جي شادي ڪرائي ورتائون. پر ايڏي صدين تائين اُنهن کي هڪ اهڙي سماج ۾ رهڻو پيو جنهن ۾ دٻاءَ، ظلم، فضول خرچيءَ ۽ اشرافيا جي نمائش کي قبوليو ويو. جيئن تاريخ ۾ اڪثر ٿيندو رهيو تيئن هتي بہ 'اعتدال پسنديءَ'، 'معتبري' ۽ 'حقيقت پسندي' جي قيمت شڪست هئي.

باب ٽيون

هڪ نئين نظام جا ڄم سُور

ڪالوين ازم کي هر هنڌ شڪست ڪانہ ملي. جنيوا جي شهري رياست جي وچولي طبقي طرفان خود ڪالوين جي آجيان ڪئي وئي. هي شهر ۾ هڪ بااثر فڪري ۽ سياسي قوت بڻجي ويو ۽ هڪ نئين مذهبي عقيدي طور مڙهيو ويو. جنهن جي هر هڪ جُزي ۾ پراڻي جيترو ئي ڪٽرپڻو هو. 1547ع ۾ جيڪس گريوٽ کي 'ڪُفر' ۽ 'دهريت' جي الزام هيٺ ڦاهي ڏني وئي 1553ع ۾ هڪ اسپيني پناهگير سرويٽس کي 'بي دينيءَ' تي جيئرو ساڙيو ويو. ڪالوين ڪُلي عام ڦٽڪار لعنت، جلاوطني ۽ ڪوڙا هڻڻ جهڙين سخت سزائن ذريعي پنهنجو ضابطو مڙهيو. قانونن بدڪاري ۽ ڪفر تي بندش وڌي وئي ۽ اسڪول وڃڻ کي لازمي قرار ڏنو ويو. اها حڪومت وچولي طبقي جي انيڪ قابل احترام ماڻهن کي عذاب لڳي.

جنيوا جي مثال، يورپ ۾ ٻين کي متاثر ڪيو. ايتريقدر جو اسڪاٽ لينڊ جهڙي جاءِ تي، جتي معيشيت پسمانده هئي ۽ شهري وچولو طبقو نسبتن ڪمزور هو ڪالوين ازم اُنهن ماڻهن لاءِ فڪري ڪشش تي پئي، جن معاشري کي ڪنهن ريت اڳتي وڌي وڃڻ پئي چاهيو. مبلغ جان ناڪس، اشرافيا جي هڪ ٻي جوڙ گروهہ ۽ هڪ ڪمزور وچولي طبقي کي ڪيٿولڪ راڻي ميري اسٽورٽ جي مخالفت ۾ گڏائڻ ۾ ڪامياب ٿيو. اسپيني حڪمرانيءَ خلاف نيڊرلينڊ ۾ اُن جي ٻينر هيٺ شهرن جي خوشحال وچولي طبقي سان گڏ مقامي شهزادا انقلاب لاءِ اٿي کڙا ٿيا.

ڊچ بغاوت

15 صديءَ ۾ هاڻوڪي بيلجيم ۽ هالينڊ وارو پرڳڻو اسپيني تاج جي قبضي ۾ هو. ابتدا ۾ ان سان مقامي آباديءَ منجهہ ڪا خاص دشمني پيدا نہ ٿي. اها جديد قومپرستيءَ واري دور کان اڳ جي ڳالهہ هئي. 1555ع ڌاري فليمش ڄائي چارلس (پنج) تائين، جاگيردار نوابن کي عظيم شهنشاهہ جي خدمت عيوض ڪجهہ نہ ڪجهہ مليو پئي. شهري وچولي طبقي کي پڻ فائدو مليو جن اسپيني پشم کي پنهنجي ڪپڙي جي صنعت ۾ استعمال ڪيو ۽ نهيل شيون اسپين جي آمريڪي سلطنت ڏانهن موڪلي

منافعو ڪمايو. ڪالونيز کان چانديءَ ۽ سون اسپيني بادشاهي صندوقن ذريعي اچڻ لڳو ۽ اها دولت هيٺانهن علائقن (بيلجيم، نيدرلينڊ ۽ لڪسمبرگ) جي واپارين جي کيسن ۾ وئي. اسپين جي دل ڪاسٽلين 15 صديءَ ۾ امير ۽ طاقتور هئي سا صديءَ کن تائين اقتصادي جمود واري دور جو شڪار رهي. جڏهن ته نيدرلينڊ يورپ جو معاشي طور تي سڀ کان وڌيڪ متحرڪ علائقو ٿي پيو.

اسپيني تخت 1490ع کان وٺي مخالف ڌر تي پنهنجو تسلط مڙهڻ لاءِ ملڪ جي ڪيٿولڪ انتظاميہ (Catholic Hierarchy) جو ڪنٽرول ۽ خاص ڪري تحقيقات (انڪيوزيشن) کي استعمال ڪيو. فلپ ٻيو جيڪو 1550ع کان حاڪم ٿيو سو ان عمل کي ويتر بہ قدم اڳتي وٺي ويو هن بي ديني‌ءَ ۽ سڄي يورپ ۾ پروٽسٽنٽ ازم سان وڙهڻ کي پنهنجو مقصد بڻائيندي، هر هنڌ ڪيٿولڪ نظريي کي ٿاڦي ڇڏيو. جيڪو ڪاسٽائيل جي وڌندڙ پسمانده معيشيت سان نهڪندڙ هو. ان جي معنيٰ اسپين ۾ ڪاتالونيا جي خودمختياريءَ تي حملو ۽ بقايہ مورش اقليت کي دٻائڻ هو. هيٺانهن ملڪن ۾ ان جي معنيٰ مقامي اشرافيا ۽ وچولي طبقي منجهہ وڌندڙ پروٽسٽنٽ اقليتن تي هلان ڪرڻ هئي. ان سان گڏ اقتصادي بحران وقت عوام لاءِ ٽيڪس ۾ واڌ ۽ وڌندڙ سختيون ۽ تڪليفون بہ جاري رهيون.

جيئن ئي فرانس ۾ مذهبي جنگيون وڙهيون پئي ويون، تہ 1560ع ڌاري بغاوت جي ڀرين لهر آئي. 'بُت شڪنيءَ' مذهبي مجسمن جي تباهي ۽ گرجا گهرن جي ڦرلٽ جي لهر سان گڏ ڪالوين ازم ڏاکڻين کان اترئين شهرن ڏانهن ڦهلجڻ لڳو. اسپين جي ڊيوڪ آف البا بغاوت کي ڪچلي ڇڏيو برسلز ۾ ڏهہ هزار فوج سان گهڙي آيو ۽ هزارين ماڻهن کي ڦاهيون ڏئي ڇڏيائين، جنهن ۾ ايگمونٽ جو ڪيٿولڪ ڪائونٽ شامل هو جيڪو باقي مقامي اشرافيا وانگر، هٿياربند مزاحمت جي اجازت نہ ڏئي ها. هڪ ڏهاڪي کانپوءِ هڪ ٻي بغاوت ٿي، جيڪا اُتر ۾ ڪامياب ثابت ٿي، جتي اُن کي مخصوص نوابن جي ٽيڪ ملي، جن ۾ سڀ کان اهم اورينج جو شهزادو هو ۽ هڪ آزاد رياست، گڏيل صوبا (جن کي بعد ۾ ڊچ ريپبلڪ طور سڃاتو ويو) قائم ڪئي وئي. ان جا شهر ۽ ان جي تجارت زبردست نموني اُسري. هڪ صديءَ کان وڌيڪ عرصي تائين اهو پرڳڻو معاشي طور تي يورپ جو سڀ کان وڌيڪ متحرڪ علائقو هو جنهن پورچوگال کي اوير انڊيز[1] ڪالونيز ڏانهن منتقل ڪيو ۽ ايتريقدر جو پورچوگال جي برازيل تي ڪنٽرول کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو. ان جي ابتڙ ڏاکڻي علائقي جي نوابن جدوجهد ترڪ ڪندي، اسپيني فوج کي ٻيهر شهر فتح ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. گهينٽ، برجيس ۽ اينٽرپ جهڙيون جايون، جيڪي 300 سالن کان اقتصاديءَ ترقيءَ جون اڳواڻ رهنديون پئي آيون، سي هاڻي هڪ ڊگهي عرصي واري جمود ۾ داخل ٿي ويون.

---

[1] ايشيا ۽ آسٽريليا جي وچ ۾ انڊين ۽ پئسفڪ سمونڊ ۾ ٻيٽن جو گروهہ

ٽيهہ سالا جنگ

نيدرلينڊ ۽ اسپين جي وچ ۾ ويڙهہ 1609ع ۾ 12 سالن جي جنگ بنديءَ واري معاهدي سان رُڪجي وئي، پر ان کان اڳ جو جنگ بندي جو مدو پورو ٿئي ها، اوڀر طرف سوين ميل پري هڪ ٻي وڏي مذهبي جنگ ڦاٽ کاڌو. اها ايندڙ 30 سالن تائين رائين ۽ بالٽڪ جي وچ واري علائقي ۾ وڏي تباهي ڦهلائيندي ۽ زندگيءَ کي هاڃو رسائيندي رهي. ان جنگ جي ابتدا وقت جرمنيءَ جي جيتري آبادي هئي، سا جنگ جي پڄاڻيءَ تائين ٽي حصا گهٽجي وئي.

هن وقت ڪوبہ ماڻهو جيڪو هن جنگ بابت پڙهندو، سو ان جي مسلسل ۽ تيزيءَ سان بدلجندڙ ڪردار سبب مونجهاري جو شڪار ضرور ٿيندو. اتحاد ٺهندا ۽ ٽٽندا رهيا. هڪ ڏينهن ويڙهہ يورپ جي هڪ ڇيڙي تي هئي تہ ٻئي ڏينهن هزارين ميل پري. اڃان هڪڙو معاملو مس حل ٿي ٿيو تہ وري ٻيو پيدا پئي ٿيو. مڪمل فوجون پاسا بدلائينديون رهيون. هزارين ويڙهاڪن جنگ کي مذهبي اصولن تحت ڏٺو پئي ۽ انهن اصولن خاطر مرڻ لاءِ بہ تيار هئا. تنهن هوندي بہ پروٽسٽنٽ شهزادن هڪ مرحلي تي ڪيٿولڪ شهنشاهہ جي حمايت ڪئي، جڏهن تہ ٻئي مرحلي تي پوپ ۽ ڪيٿولڪ فرانس سئيڊن جي پروٽسٽنٽ بادشاهہ جي حمايت ڪئي. جنگ جي قابل ترين ڪمانڊر کي سندس ئي جنرلن حاڪم جي حڪم تي قتل ڪري ڇڏيو. فقط هڪڙي شيءِ مستقل لڳي پئي هئي، سي غضبناڪ ڀاڙيتو فوج، ڦرلٽ جو شڪار ڳوٺ، ٻُڪايل هاري ۽ سڙندڙ شهر هڪ اهڙي دنيا جنهن بابت بيرٽول بريچ (Bertolt Brecht) پنهنجي جنگ مخالف داستان واري شاندار ڊرامي ”امڙ جي همٿ“ ۾ منظرڪشي ڪئي. ان ۾ ڪا حيرت جهڙي ڳالهہ ناهي تہ تاريخ نويسن وٽ تاريخ ۾ ڪوبہ واقعو ايترو تڪراري نہ رهيو هوندو جيترو هي رهيو آهي،[86] تنهن باوجود واقعن جي ڏنڌ ۾ مخصوص خدوخال ڳولڻ ممڪن آهن.

1610ع ڌاري اسپين اڃان تائين يورپ جي سڀ کان وڏي طاقت هو. هيبس برگ خاندان جي هڪ شاخ سان جڙيل اسپيني حاڪمن، نہ صرف ڪاسٽائيل، پر آراگون جي پين آئبيرين بادشاهتن (خاص ڪري ڪاٽالونيا) ۽ پورچوگال (جنهن کي اُنهن ڪنهن ريت حاصل ڪري ورتو هو)، آمريڪائن (جتي چليءَ ۾ ’انڊين‘ جي طاقتور بغاوت هٽان عارضي طور تي دفاعي پوزيشن اختيار ڪئي هئي)، اٽليءَ جي ڪجھ علائقن (جن ۾ ڊچي ملن ۽ نيپلز جي بادشاهت شامل هئي) ۽ ڏاکڻي نيدرلينڊ سميت سمورن علائقن ۾ هڪ سلطنت هيٺ پنهنجي طاقت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ اڃان تائين ڪيٿولڪ مسلڪ جي بي رحم نفاذ کي هڪ طريقي طور ڏٺو پئي. اُهي اُترئينءَ نيدرلينڊ کي ٻيهر فتح ڪرڻ لاءِ جنگ جي تياري پڻ ڪري رهيا هئا.

اسپيني تخت سان جڙيل هبس برگ خاندان جي ٻي شاخ مان ’جرمن قوم جي مقدس رومن سلطنت‘ جا شهنشاهہ هئا. اُنهن جو خواب هو تہ ائٽلانٽڪ کان ٽُرڪ

عثمانيہ سلطنت جي سرحد تائين سڄي يورپ کي سلطنت هيٺ هڪ مرڪزي بادشاهت بڻائجي، پر اُن وقت سلطنت جي ڪجھ حصي کي طاقتور ۽ آزاد شهزادا هلائي رهيا هئا. شهنشاهن جي اصلي طاقت فقط سندن آسٽرين زمينن ۾ هئي ۽ اُتي بہ مضبوط نوابن، سردارن ۽ شهري سيٺين جي 'جاگيرن' جي گهيري هيٺ هئا. هنن پاليسيءَ بابت بنيادي سوالن جا فيصلا ڪرڻ واري پنهنجي حق تي زور ڏنو ۽ آسٽرين حڪومت جي ڪجھ علائقي، بوهيميا جي بادشاهت، ۾ پنهنجو بادشاهہ چونڊڻ جي اختيار جي دعوي ڪئي، جيڪو شايد هبس برگ خاندان مان نہ هجي. شاهي دربار اندر هڪ ڌڙي، اسپيني انداز سان زبردستيءَ مذهبي تقليد ٺاڦڻ واري عمل ڪي، شاهي طاقت خلاف اٿندڙ مزاحمت کي ڪچلڻ جي طريقي طور ڏٺو پئي.

1560ع ڌاري 'جوابي سُڌارا پسنديءَ' سبب ڪيٿولڪ عقيدو ۽ تنظيم وڌيڪ سخت ٿي ويا. نيٺ چرچ جي ٽرينٽ ڪائونسل هڪ عام مسلڪ تي اتفاق ڪيو جنهن مطابق سيني ڪيٿولڪ پادرين کي سکيا وٺڻ ۽ تعليم ڏيڻي هئي. بدعنواني ۽ لاپرواهي، جيڪا ماضيءَ ۾ چرچ جي سڃاڻپ بڻجي چڪي هئي، ان کان بلڪل مختلف ضابطي جي احساس، مذهبي جوش ۽ فڪري سختيءَ تي بِڌلُ هڪ نئون مذهبي نظام Jesuits (عيسائي فرقو) نمودار ٿيو. ان پروٽسٽنٽ ازم خلاف ويڙهہ ۾ هر اول دستي جو ڪردار ادا ڪندي، هر شهر ۾ خاص ڪري يورپي مٿئين طبقي جي صفن اندر اشرافيا منجهان پيروڪارن جا نيٺ ورڪ ٺاهيا.

جوابي سُڌاراپسند ڪيٿولڪ ازم قابل تحسين انداز ۾ اسپيني حاڪمن سان ٺهڪندڙ هئي. عيسائي فرقي (Jesuits) هٿان يورپ جي حڪمران طبقي جي نئين آبادڪاريءَ، اسپيني فوجي طاقت کي نظرياتي طاقت جي صورت ۾ اضافي مواد مهيا ڪري ڏنو. اهو عمل هڪ پيرو شروع ٿيڻ ڪانپوءِ پنهنجي ئي منطق سان هلندو رهيو. 16 صديءَ واري پاپائيت جي لاپرواهي ۽ غفلت، چرچ انتظاميا کي ايترو بدعنوان ڪري ڇڏيو جو ان جي ردعمل ۾ نئين سڃاڻپ واري سوچ ۽ فن جي اوسر ٿيڻ لڳي. عيسائي فرقي (Jesuits) جي پهرين نسل کي نئين سُجاڳيءَ جي روايت جو ڪجھ ورثو مليو. سندن تعليمي ڪردار، سخاوت ۽ نرم دليءَ لاءِ سندن فڪرمنديءَ کين عزت ۽ احترام ڏياريو.[87] تنهن هوندي بہ جوابي سُڌاراپسندي ۽ خاص ڪري عيسائي فرقي جلدئي نہ صرف 'بي دينيءَ' تي، پر ڪنهن بہ تنقيدي سوچ تي پابندي وجهي ڇڏي، پاپائيت طرفان عظيم مذهبي عالم اراسمس جي لکڻين ۽ انجيل جي زندهہ ٻولين ۾ ترجمن تي بندش وڌي وئي. ايتريقدر جو جلدئي توليدو جي آرڪ بُشپ جنهن ڪائونسل آف ٽرينٽ ۾ مکيہ ڪردار نڀايو هو اُن کي تحقيقات جي آڙ ۾ 'بي دينيءَ' ڪري اذيت ڏني وئي.[88] عيسائي فرقي وارا بدنام ٿي ويا. ڇاڪاڻ تہ اُنهن سندن اشرافيائي پيروڪارن جي هر پاليسيءَ کي ان بنياد تي جائز قرار ڏنو پئي تہ عوام کي نجات ڏياريندڙ 'مقصدن' جا ڪهڙا بہ 'ذريعا'

هجن اُهي جائز آهن. بدصورت ظالمانہ هستيءَ جي خدمت ۾ شخصيت جي ماتحتيءَ هيٺ "عيسيٰ جي سماج"[①] فرقي اندر هڪ غيرعقلي ۽ وحداني اختيار جي پوڄا حاوي ٿي وئي'.[89]

جوابي سُڌارا پسند ڪيٿولڪ ازم ۽ هيبس برگ شاهي خاندان جي ٻن شاخن جو هڪ گڏيل وڏو دشمن هو اهو هو آزاد، هيبس برگ دشمن ۽ پروٽسٽنٽ اتريون نيڊرلينڊ. جيئن چيڪ تاريخ نويس پولسينسڪي لکيو آهي ته 'يورپ پنهنجو پاڻ اندروني طور ورهائجي ويو... هڪ طرف آزاد نيڊرلينڊ، ٻئي طرف اسپين، فوجون ڪنٽيون ڪرڻ لاءِ ٻہ مرڪز ٺهجي پيا جن سڄي کنڊ کي متاثر ڪيو'.[90]

تنهن هوندي بہ جنگ نيڊرلينڊ جي سرحد تي نہ، پر 400 ميل پري بوهيميا ۾ ڀڙڪي پئي. بوهيما جي بادشاهت، جنهن ۾ هاڻوڪي چيڪ ريپبلڪ ۽ سليسيا شامل هئا، مقدس رومن سلطنت لاءِ مرڪزي اهميت رکندڙ هئي. بوهيميا بادشاهت 16 صديءَ جي ٻئي اڌ جي ڪجھ عرصي تائين سلطنت ۾ سڀ کان وڏي اڪيلي رياست ۽ شاهي درٻارن جو ڳڙهہ هئي، پر بادشاهي طاقت جي عظمت ۽ ڪنهن بہ قسم جي اختلاف جي خوف واري هڪ اهڙي سلطنت ۾ جتي تيزيءَ سان جوابي سُڌارا پسند نظريي جو اثر هر شيءِ کي ٻهاريندو رهيو هو، اُتي بوهيميا بادشاهت انوکي ۽ غيرمعمولي شيءِ هئي. بوهيميا جيڪا غير_بادشاهي جاگيرن جي طاقت جي ۽ مختلف مذهبي گروهن جي هجومن لاءِ سهپ جهڙين ٻنهي خاصيتن سان سجاتي پئي وئي، سا 170 سال اڳ هيسيتي (Hussite) جي ٺاهہ کان وٺي برقرار رهندي پئي آئي. ڪيٿولڪ، لوٿرين ۽ ڪالوينسٽ سميت اُتي `ultraquists`[91] پڻ هئا. اها جوابي سُڌارپسنديءَ جي سڄي نظريي جي کلي عام توهين هئي، ائين جيئن جاگيرداري طاقتن طرفان اسپيني طرز جي جرمن بادشاهت قائم ڪرڻ واري شاهي خواب جي توهين ٿي.

جنگ جو مقصد بادشاهت اندر مذهبي آزاديءَ تي يلغار ڪرڻ هو. شاهي اختيارين پروٽسٽنٽ گرجا گهرن کي ڪيرائڻ، ڪجھہ نامور پروٽسٽنٽ کي گرفتار ڪرڻ، ڇپيل مواد تي پابندي هٽڻ ۽ غير ڪيٿولڪن (جيڪي آباديءَ جو 90 سيڪڙو هئا) لاءِ سرڪاري ملازمتن تي بندش وجهڻ شروع ڪيو. جڏهن پروٽسٽنٽ جاگيرن (estates) جي نمائندن شڪايت ڪئي تہ شهنشاهہ سندن احتجاج کي رد ڪري ڇڏيو ۽ ايسٽيٽس جي گڏجاڻيءَ کي غيرقانوني قرار ڏئي ڇڏيو. جاگيرن سخت ڪاوڙ ۾ جوابي ڪارروائي ڪندي 1618ع جي مشهور 'پراگ جي دريءَ مان نيڪالي' وارو عمل ڪيو جڏهن اُنهن شاهي ملازمن کي 60 فٽ مٿي اوچائيءَ تان درين مان ٻاهر ڦٽو ڪيو (فقط هڪ ڀنل ڀاڻ جي ڍير کين سخت زخمي ٿيڻ کان بچائي ورتو) ۽ اُنهن بوهيميا جي

---

① ڪيٿوڪ ازم جي دفاع ۽ سُڌار پسنديءَ خلاف رومن ڪيٿولڪ فرقو جنهن جو بنياد سينٽ اگناٽس 1534ع ۾ وڌو

بادشاهه طور هيبس برگ فرڊيننڊ جي جاءِ تي جرمنيءَ جي پروٽسٽنٽ شهزادي فريڊرڪ آف پالٽينيٽ کي مقرر ڪيو.

هيبس برگ (Habsburgs) بوهيمين جاگيرن سان ٽڪراءَ کي اُترئين نيڌرلينڊ ۽ ان جي اتحادين سان وڏي لڙائي جي پهرين مرحلي طور ڏٺو پر ان جي پس پرده اڃان هڪ ٻي ويڙهه هئي. جيئن تہ مارڪيٽ پراڻي جاگيرداريت کي بدلائي ڇڏيو هو ۽ سڄي يورپ تبديلين جا تجربا ڪيا پئي، جنهنڪري اها ويڙهه اصل ۾ ردعمل جي ٻن مختلف طريقن جي وچ ۾ جدوجهد هئي.

ان جي اها معنيٰ نہ هئي تہ ڪو بوهيمين جاگيرون جاگيرداريت خلاف 'بورجوزاي' يا ابتدائي 'سرمائيداريت' لاءِ تيار بيٺيون هيون. جاگيرن (estates) سماج جي ٽن پرتن. نہ صرف وچولي طبقي پر (۽ ڪائن وڏيڪ اثر ۽ طاقت واري) وڏن نوابن جي ٻن جاگيرداري ٽولن ۽ سردارن جي پڻ نمائندگي ڪئي پئي. توڙي جو وچولي طبقي جا نمائنده مڪمل طور تي بورجوا نہ هئا، ڇاڪاڻ تہ اُنهن مان اڪثر وٽ زمين هئي، جنهن کي اُهي جاگيرداري ڍنگ سان ڪيڙيندا هئا، پر جيئن پولنسينسڪي ظاهر ڪيو آهي تہ جيڪي تبديليون ٿيون پئي، انهن بوهيميا جي علائقن ۾ ٻهراڙيءَ واري زندگيءَ جي جاگيرداري ڪردار کي ڪاٽ پئي هنيو. ڪيترن زميندارن، نوابن ۽ وچولي طبقي جي ماڻهن ٻانهپ واريءَ پورهئي يا ڏوڪڙن جي صورت ۾ ڍل مسواڙ جي جاءِ تي صنعتي فصلن جي واڌ تي زور ڏنو ۽ ننڍن شهرن جي ترقيءَ ۽ سندن ٻنين تي دستڪاري پيداوار جي صورتن کي همٿايو پئي. زراعت ۽ صنعت جي پيداواري طريقن کي بهتر ڪرڻ ۽ 'آزاد' اُجرتي پورهئي سان کين فائدو پئي ٿيو. مجموعي طور تي سڄي بوهيميا مان اڃان جاگيرداري ختم ٿيڻ کان ڪوهين ڏور هئي، پر جاگيرداراڻي ۽ نئين ابتدائي مرحلي واري سرمائيداراڻي پيداواري صورتن جي وچ ۾ مفاهمت ٿي. جيئن پولسينسڪي ڳالهه ڪئي تہ جاگيرداري نظام جي زوري ڪم ڪرائڻ واري سڄي عظيم عمارت مختلف دپائن هٿان ڪمزور ٿيڻ لڳي. ذاتي ۽ ڪاروباري حوالي سان انهن دپائن مختلف طريقن سان پيداوار کي جاگيرداري زنجيرن مان آزادي ڏياري پئي.'[92] نتيجي طور بوهيميا معاشي طور تي متحرڪ پرڳڻو رهيو ۽ گهٽ ۾ گهٽ 1590ع تائين اقتصادي جمود ۽ پرپاسي وارن جرمن علائقن وانگر هارين جي مفلسيءَ جهڙين تڪليفن کان بچيل رهيو.

جاگيرن (estates) جي حڪومتي سرشتي مختلف مفادن جي وچ ۾ توازن ۽ مذهبي سهپ ذريعي هڪ اهڙو ڍانچو مهيا ڪيو جنهن اندر اهڙي اقتصادي تبديلي آهستي آهستي ۽ پُرامن نموني ٿي سگهي. تنهي جاگيرن (estates) جي ميمبرن طرفان اهڙي ڍانچي جو دفاع ڪرڻ جا ڪارڻ اهي هئا تہ کين پُرامن نموني ۽ منافعي سان باهمي بقا طور گڏجي رهڻ جي گنجائش ملي. ايتريقدر جو ڪجهه امير جاگيردارن مزاحمت کي منهن ڏنو. ان مزاحمت جو مقصد سڄي يورپ کي جاگيرداريت ڏانهن واپس ڌڪڻ هو.

بهرحال، جنگ جي سلسلي مان ظاهر ٿيو پئي تہ ڪهاڻيءَ جو انت نہ ٿيو آهي. جنگ ڏانهن ٻوڙ ڪندي ڪجهہ انتهائي امير واپارين سلطنت ۽ سُڏارڪ مخالف تحريڪ جو پاسو ورتو ۽ عيسائي فرقي لاءِ پيروڪار پيدا ڪيا. ايتريقدر جو نواب جيڪي بوهيمين مقصد سان وفاداريءَ ۾ ثابت قدم رهيا، انهن هن جنگ کي پنهنجي طبقاتي لائين تصور ڪيو جنهنڪري وچولي طبقي منجهہ بيچيني پيدا ٿي ۽ ان جنگي ڪوشش کي ڪمزور ڪري ڇڏيو. پروٽسٽنٽ بادشاهہ جي دربار ۾ اهل نظر ماڻهو "بدحال ۽ مصيبت ماريل هارين" ڏانهن فريڊرڪ ۽ سندس ٽولي جي بي رحمي يا لاغرضائي ڏسي حيرت زده ٿي ويا.[93] فقط هڪ نامور شخصيت آسٽرين Tschernembi ڳالهہ ڪئي تہ، جيڪڏهن 'انهن کي آزاد ڪيو وڃي ۽ انهپ کي ختم ڪيو وڃي تہ عام ماڻهو پنهنجي وطن لاءِ وڙهڻ چاهيندو'.[94] پر هن جي ڳالهہ کي رد ڪيو ويو.

جيتوڻيڪ بوهيمين فوج ٻہ ڀيرا شاهي راڄڌاني ويانا ڏانهن پيش رفت ڪئي، پر اُن کي هر ڀيري پنٽي هٽڻ تي مجبور ڪيو ويو ڇاڪاڻ تہ دشمن فوج کي بوهيمين سرزمين مان لنگهي اڳتي وڌڻ ۾ ٿوري ڏکيائي ٿي پئي. 1620ع ۾ اڇي جبل واري لڙائي وقت بوهيمين فوج کي وڏي شڪست ڀوڳڻي پئي ۽ ان ڪانپوءِ پروٽسٽنٽ بادشاهہ ۽ نواب فوجي جنرل واپس پراگ وڃي مزاحمت کي وڌائڻ بدران ملڪ ڇڏي ڀڄي ـيا. جنگ هارائجي وئي ان ڪري نہ تہ ڪو بوهيمين ايسٽيٽس وٽ سلطنت کي هارائڻ لاءِ وسيلن جي کوٽ هئي، پر سندن رهنمائن جي طبقاتي مفادن کين اُهي ذريعا استعمال ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو.

بوهيميا جي رهنمائن يورپ ۾ ٻين هنڌن تي پنهنجو دفاع ڪندي پروٽسٽنٽ حاڪمن تي ڀاڙيو پئي. کين شديد مايوسي ۽ نااميدي ٿي. اڇي جبل واري لڙائي کان اڳ جرمن شهزادن جي پروٽسٽنٽ يونين جنگ مان نڪري وئي. ڊچ ۽ انگريز حڪومتن (بوهيمين بادشاهہ فريڊرڪ کي انگلينڊ جي جيمز پهرئين جي ڌيءَ سان پرڻايو ويو هو) اسپين خلاف دشمنيءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو. تيزي سان ڪامياب ٿيندڙ ڪاروباري طاقتن، مذهبي وابستگيءَ کان وڌيڪ تجارت لاءِ لڙائيون پئي ڪيون. بوهيمين جنگ کان ٻاهر هجڻ باوجود جرمن پروٽسٽنٽ شهزادن يا ڊچ کي ان جنگ جا نتيجا ڀوڳڻا پيا. اسپيني تاج، پنهنجي فتح تي فخر ڪندي، پالتينيٽ علائقن کي فتح ڪرڻ لاءِ نڪري پيو جيڪي سندس حدن ۽ سندس ايندڙ هدف نيدرلينڊ جي وچ ۾ واقع هئا. ان عمل ڊچ ۽ انگريزن کي پنهنجي طرفان ڪارروائي ڪرڻ تي مجبور ڪيو ۽ هنن پالتينيٽ ۾ وڙهڻ لاءِ ڏوڪڙ ۽ فوج مهيا ڪئي. ان جنگ جرمن شهزادن فرانس ۽ سئيڊن جي خانداني بادشاهتن، ٻنهي کي نقصان ڏيندي يورپ ۾ طاقت جي توازن کي بدلائي ڇڏڻ جو خطرو پڻ پيدا ڪيو. 1630ع جي ڇهاڙ تائين ڪيٿولڪ فرانس ۽ لوٿرين سئيڊن وري ڪالوينسٽ هالينڊ جا اتحادي ٿي ويا ۽ کين پوپ جي ٽيڪ هئي، جنهن کي اهو ڊپ هو تہ اٽليءَ ۾ وڌندڙ اسپيني اثر سندس ڪليسائي حدن کي خطري ۾ وجهي ڇڏي ها.

بوهيمين سيٺ والينسٽائين، جنهن ڪيٿولڪ ازم کي قبوليو هو ان جي ڪمانڊ ۾ فوجن کي ڏسي هڪ مرحلي تي لڳو پئي تہ سلطنت فتح جي ڪنڌيءَ تي آهي، پر والينسٽائين سان نہ فقط بوهيمين پروٽسٽنٽ نفرت ڪندا هئا، جن سان هن دغا ڪئي هئي، پر هن جرمنيءَ جي ڪيٿولڪ شهزادن کي پڻ ڊيڄاري ڇڏيو هو ڇاڪاڻ تہ لڳو پئي تہ هي هڪ سلطنت قائم ڪرڻ وڃي پيو جيڪا سندن (ڪيٿولڪ شهزادن جي) آزاد طاقت کي مٽائي ڇڏيندي ۽ ائين هن سڄي سلطنت کي مڪمل طور ڪيٿولڪ بنائيندڙ حامين کي دشمن بڻائي ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ هن 200 سال اڳ وارين سماجي حالتن ڏانهن واپسيءَ وارن سندن مطالبن جي مخالفت ڪئي هئي. هي بوهيميا ۾ ٻين علائقن ۾ وڏين جاگيرين ۾ انهن کي سنڀالڻ واري پنهنجي تجربي ۽ جزوي طور تي ڊچ قوميت واري هڪ پروٽسٽنٽ بئنڪار ڊي وٽ (De Witte) جي مدد سان[95] اقتصادي تنظيم جي نين صورتن جي اهميت ۾ انهن سان گڏ مخصوص سطح جي مذهبي سهنپ کان متاثر ٿيو.[96] بي دليو ئي سهي، پر هن انتهاپسندن جي مطالبن جي مزاحمت ڪئي. ڪيس ۾ پيرا فوج جي سربراهيءَ تان هٽايو ويو ۽ نيٺ شهنشاهہ جي چُرچ تي ڪيس قتل ڪيو ويو.[97] جيئن پولسينسڪيءَ نشاندهي ڪئي آهي تہ، 'آخري تجزيي ۾ والينسٽائين جي زوال پٺيان معاملو ذاتي نفرتن کان وڌيڪ ٻين عنصرن جو هٿ هو. بنيادي معاملو جاگيرداري مطلق العنانيت جي مقابلي ۾ هن جو اقتصادي نظام هو.'[98]

پر انتهاپسندن (ultras) جا طريقا ان جنگ ۾ فتح نہ ڏياري سگهيا. والينسٽائين (Wallenstein) جي موت ڪانپوءِ اهو سلسلو وڌيڪ 14 سالن تائين گهلبو ۽ اينگهجندو رهيو. اسپين ۽ فرانس جي رقيب مطلق العنان بادشاهتن جي چوگرد اتحاد مسلسل بدلجندا رهيا. جنگ جي پڇاڙيءَ تائين شريڪ ٿيندڙن مان فقط چند سرگرم ماڻهن کي جنگ جي ابتدا ياد هئي ۽ ايتريقدر جو اُنهن مان شايد ئي ڪو جنگ جي اصل معاملن جي باقيات کان واقف هو. جيڪو ڪجهہ بہ ظاهر نظر آيو پئي، سا هئي جرمنيءَ جي مڪمل بربادي ۽ ڪنهن بہ هنڌ اُن جي معاشي قيمت. نيٺ 1648ع ۾ ويسٽ فاليا جي معاهدي هيٺ امن تي اتفاق ڪيو ويو. توڙي جو ان جي پسمنظر ۾ ذري گهٽ سيني ويڙهاڪ ڌرين منجهہ سماجي ۽ سياسي بي چيني هئي، جهڙوڪ اسپيني سلطنت اندر پورچوگال ۽ ڪاتالونيا جي بغاوت، اورينج شهزادي ۽ اترئين نيدرلينڊ جي واپارين جي وچ ۾ ٽڪراءُ، فرانس ۾ 'فرونڊي' (Fronde) طور مشهور سياسي بغاوتن جي ابتدا.

جنگ پنهي شروعاتي ويڙهاڪن کي هاڃو رسايو. بوهيميا تي بي حس، بيزار ڪندڙ ۽ تباهہ ڪن جاگيردارانہ مطلق العنانيت جو غلبو هو. هاڻي اهو علائقو نوابن جي هٿن ۾ هليو ويو جن کي جيترو ممڪن ٿي سگهيو ٿي اوترو ڳڙڪائڻ ۾ دلچسپي هئي ۽ ڪين پيداوار جي پرواهہ نہ هئي. نون طريقن ۽ هنرن ۾ دلچسپي، جيڪا 16 صديءَ جي سڃاڻپ ۽ خاصيت هئي، سا مري چڪي هئي، ڇاڪاڻ تہ هارين کي مجبور ڪيو ويو تہ اُهي

پنهنجي ڪم جي وقت جو اڌ بغير اُجوري جي ارپي ڇڏين.[99] جنگين سبب شهر غير آباد ٿي ويا، قرضن ٽوڙي طبعي بربادي جي اثر هيٺ جمود جو شڪار ٿي ويا. جيڪي ڪنهن وقت ۾ يورپي ثقافت جا مرڪز هئا، سي صوبائي بيئل پاڻيءَ وانگر معاشي جمود جي ور چڙهي ويا. انهيءَ ناڪاري تبديليءَ جي هڪ علامت اها هئي ته چيڪ ٻوليءَ کي 200 سالن تائين گمنام ۽ مشڪل سان سمجهه ۾ ايندڙ بڻايو ويو. اها ٻولي ٿوري گهڻي ٻهراڙيءَ ۾ وڃي بچي هئي، جڏهن ته شهرن ۾ جرمن ٻوليءَ جو غلبو هو.[100] گذرسفر پيدا ڪرڻ جي نون طريقن ۽ سماجي لاڳاپن جي پراڻن ڍانچن جي وچ ۾ ٽڪراءَ کي بوهيميا ۾ پراڻي نظام هٿان نئين نظام جي جبري ۽ شديد خونريز تباهيءَ ذريعي حل ڪيو ويو. جنگ جي ابتدائي سالن ۾ انقلابي پيش قدميءَ جي ناڪاميءَ جي هڪ ڳري قيمت چُڪائڻي پئي.

اسپيني تخت گهڻو ڪجهه وڃائي ڇڏيو. ايتريقدر جو جنگ کان اڳ ڪاسٽائيل ۾ معاشي بگاڙ جون علامتون موجود هيون، پر لڳي ٿو ته فوجي طاقت اُن کي ڍڪي ڇڏيو هو. 1648ع تائين معاملو ائين نه رهيو. اسپيني تاج پورچوگال وڃائي ڇڏيو. اسپين فقط ڪاٽالونيا ۽ لاطيني آمريڪا، فلپائين، اٽليءَ جي علائقن ۽ ڏاکڻي نيدرليند ۾ پنهنجي سلطنت کي قائم رکي سگهيو پر سلطنت ج' فائدا تيزيءَ سان ڪنهن ٻئي پاسي وڃڻ لڳا. جڏهن ته آئبيرين ٻيٽ يورپ جي پسمانده ترين علائقن مان هڪ پرڳڻو بڻجي پيو.

جنگ جي فاتحن منجهه جرمن شهزادا شامل هئا، جيڪي جنگ جي ابتدا کان وڌيڪ ان جي پڄاڻيءَ تي آزاد طاقت استعمال ڪرڻ جي قابل هئا. پر جرمن عوام جي وڏيءَ اڪثريت کي جنگ جي قيمت ادا ڪرڻي پئي. جنگ سبب ٿيل سماجي ۽ اقتصادي بربادي کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ وکريل دنيا کي چٽيون هڻڻ سان ڪي بنياد نه پئي ملي سگهيا، جڏهن ته اهو علائقو ٽيڪس چوڪين سبب هڪٻئي کان ڪٽيل ۽ هڪٻئي خلاف مسلسل شاهي سازشن ۾ مصروف رهيو. ڏکڻ جرمني 16 صديءَ جي ابتدا ۾ يورپ جي سڀ کان وڌيڪ شهري ۽ معاشري طور تي سُڌريل علائقن مان هڪ هو سو 17 صديءَ جي پڄاڙ تائين يقينن ائين نه رهيو.[101]

فرانس ٽيهه سالا جنگ مان ائين ئي نمودار ٿيو جيئن اهو اڳينءَ صديءَ جي مذهبي جنگين منجهان ظاهر ٿيو هو. (فرونڊي جي مختصر افراتفريءَ باوجود) سندس بادشاهت وڌيڪ سگهاري ٿي وئي. انتهائي سست اقتصادي مرڪزيت ۽ پراڻن جاگيردارانه طريقن سان رشتو ٽوڙيندڙ اقتصادي تنظيم جون صورتون ريڙهيون پائيندڙ جيتن وانگر اڳتي وڌيون پئي. جنگ مان سندس حاڪمن کي ڪجهه مليو پر عوام کي ڪجهه به نه.

جنگ مان فقط هڪ ٻي حقيقي 'حاصلات' ٿي. يعني، آزاد ڊچ ريپبلڪ سلامت رهي ۽ سرمائيدارانه طريقي تي آڏاريل سندس نئين حڪمران طبقي ترقي ڪئي. سوا صديءَ جي سُڌار پسنديءَ جي دونهي ۽ مذهبي جنگين ۽ گهرو ويڙهن جي بربادي مان

لنگهندي يورپ جي هڪ ننڍڙي علائقي ۾ هڪ رياست جو قيام ٿيو، جيڪا اقتصادي زندگيءَ کي نئين انداز سان منظم ڪرڻ تي ٻڌل هئي. جڏهن ويسٽ فاليا جي امن معاهدي تي صحيح ڪئي وئي، تڏهن ساڳئي قسم جي تبديلي کي اتر سمونڊ جي آرپار ڏکو ڏنو پئي ويو، جيڪو پُرتشدد طريقن سان مڪمل ته ٿيو پر صفا گهٽ قيمت تي.

انگريز انقلاب

1649ع جي جنوريءَ ۾ هڪڙي جلاد جي ڪهاڙي انگلينڊ ۽ اسڪاٽ لينڊ جي بادشاهه چارلس پهرئين جو سِر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو. ان واقعي سڄي يورپ کي چرڪائي ڇڏيو.[102] سڄي ڪنڊ جي ڪيٿولڪ، لوٿرين ۽ ڪالوينسٽ حاڪمن، انگريز حڪومت سان سفارتي لاڳاپا ٽوڙي ڇڏيا.[103] اُنهيءَ عمل هڪ اصول جي بيحرمتي ڪئي، جنهن جي اُهي سڀ حاڪم پوئواري ڪندا هئا ته، هڪ اتفاقي جنم سبب هڪڙن کي ٻين مٿان حڪمراني ڪرڻ جو حق هو.

جن ماڻهن موت جي سزا جو حڪم ڏنو اُهي انتهاپسند ريپبلڪن (جمهوري) هجڻ کان گهڻو پري هئا. فقط 20 مهينا اڳ سندن رهنما اولائيور ڪراموِيل بادشاهت واري اصول جو دفاع ڪندي چيو هو ته 'بادشاهن وٽ پنهنجا حق هجڻ کانسواءِ ڪوبه ماڻهو پنهنجي زندگين ۽ جاگيرن مان مزو نه ٿو ماڻي سگهي.'[104] پر هاڻي هن کلي عام اعلان پئي ڪيو ته 'اسان هن (بادشاهه) جي مٿي تي تاج هوندي، سندس سِر قلم ڪري ڇڏينداسين'. هن هڪ نئين دور لاءِ دروازو کوليو پئي، جيڪو دور ان مفروضي تي سوال اٿاريندو ته ڪجهه انسانن کي خدا طرفان ٻين مٿان برتريءَ مليل هوندي آهي.

انگريز انقلاب بابت ڪيترائي انوکا داستان آهن، جيڪي ان کي رئيسن جي ٽولي اندر رقيبن جي وچ ۾ عهدا ماڻڻ جي ڊوڙ جي نتيجي طور ڏسن ٿا. اهڙا داستان حمايتن ۽ خانداني لاڳاپن جو نقشو چٽين ٿا، جيڪي هڪ مٿئين طبقي جي شخصيت کي ٻئيءَ سان جوڙين ٿا ۽ لڙائين ۽ سر قلم ڪرڻ وارن عملن جي سمجهاڻي سازشن ۽ جوابي سازشن جي سلسلي مان ڦٽندڙ واقعن طور ڏين ٿا.

اهڙيون تشريحون اهو ڏسڻ ۾ ناڪام ٿين ٿيون ته 1649ع جو سال ڪا تاريخي چالاڪي نه هئي. اهو سال ساڳين سماجي قوتن جي وچ ۾ ٽڪراءَ جو نتيجو هو جيڪي ڏيڍ صديءَ تائين يورپ جي ڪجھ حصي کي چيريندڙيون ڦاڙينديون رهيون ۽ اُنهن قوتن پراڻي جاگيردار سرشتي کي بدلائي ڇڏيو جيڪو پاڻ مارڪيٽ جي لاڳاپن منجهان ڦٽي نڪتو هو. اُن ۾ فقط مٿئين طبقي جا رقيب درباري ۽ سياستدان نه هئا، پر واپاري مفاد به هئا، جيڪي ڊچ بغاوت سان هڪجهڙائپ رکن پيا. ان ۾ ڪاريگر ۽ ننڍا واپاري به شامل هئا، اُنهن وانگر جيڪي ڏکڻ جرمنيءَ ۾ سُڌار پسنديءَ کي ڪٺي آيا، يا جن کي فرانس ۾ ساڙيو ويو ۽ ان ۾ هارين جو احتجاج ننڍي پيماني تي ئي سهي، پر 1525ع واري

جرمن هاري جنگ کان گهٽ مختلف نہ هو. يوربي سُڏار پسنديءَ طرفان ڦٽو ڪيل مذهبي تصورن انگريز گهرو جنگ ۾ ڊرين کي هڪٻئي سان ڳنڍي ڇڏيو.

پُرامن تمهيد

جرمنيءَ جي ڪجهہ علائقن ۾ 'شهزادن واري سڌارپسنديءَ' وانگر انگلينڊ ۾ سُڌارپسنديءَ کي شاهي فرمان ذريعي آندو ويو. هينري اٺين سفارتي ڪارڻن تحت رومن ڪيٿولڪ چرچ سان لاڳاپا ٽوڙي ڇڏيا هئا ۽ اڳوڻين خانقاهي زمينن کي سستن اگهن تي وڪڻي، انگريز حڪمران طبقي جي اڪثريت کي سندس پاليسيءَ تي پابند بڻايو هيائين.

پر انگلينڊ ۾ سُڌارپسندي فقط شهزادن جي مفادن ۽ مٿئين طبقي جي لالچ کان علاوه بہ ڪجهہ هئي. ان اُنهن سيني ۾، خاص ڪري واپاري ۽ ڪاريگر طبقن منجهہ، پر ڪجهہ زميندار رئيسن منجهہ پڻ پاڙون هنيون، جن نئين نقطہ نظر جي آجيان پئي ڪئي ۽ ڪين بدلجندڙ معاشري جو احساس بہ هو.

جنهن ڳالهہ انگلينڊ ۾ مٿان کان سُڌارپسنديءَ ۽ هيٺان کان سُڌارپسنديءَ کي جدا ڪيو سا 16 صديءَ جي پوئين اڌ ۾ مبهم ۽ ڊنڏلي ٿي وئي. ميري ٽيوڊر (Mary Tudor) (جنهن اسپين جي فلپ ٻئين سان شادي ڪئي) طرفان طاقت ذريعي پراڻي ڪيٿولڪ ازم کي ٻيهر مڙهڻ جي ڪڙي تجربي سبب نوابي نموني چرچ جون زمينون ماڻيندڙن کي ڪاوڙائي وڌو ۽ انهن ميري ٽيوڊر جي جانشين پروٽسٽنٽ راڻي ايلزبيٿ اول جي حمايت ۾ پيورٽن (Puritan) وچولي طبقي جو ساٿ ڏنو.

انهيءَ عمل آهستي آهستي، پر لڳاتار اقتصادي تبديليءَ کي زور وٺايو. توڙي جو انگلينڊ اڃان تائين يورپ جي معاشي طور تي پسمانده ملڪن مان هڪ هو. 1500ع ۽ 1650ع جي وچ ڌاري آبادي ٻيڻ کان وڌي وئي.[105] ان دور جي پڇاڙيءَ تائين 12 ماڻهن ۾ 1 کان وڌيڪ ماڻهو شهرن ۾ رهيا پئي. دستڪاري صنعتن جي پيداوار، خاص ڪري ڪپڙي جي صنعت تيزيءَ سان وڌڻ لڳي. اٺين ئي ڪاٺيون ڪوئلي ۽ لوهہ ٺاهڻ جي صنعت پڻ ترقي ڪئي. هزارين ماڻهو ٻهراڙين توڙي شهرن جي صنعتن ۾ ملازمت ڪرڻ آيا. ايتريقدر جو اردين جي ٻيلي ۾ 60 سيڪڙو گهر ڪپڙي جي پيداوار ۾ لڳل هئا ۽ هڪ لک ٻهراڙيءَ جا ماڻهو جورابن جي اُڻت ۾ مصروف هئا.[106] خوشحال آبادگارن جي هٿن ۾ زمين جو تناسب 'يومين' (آزاد ۽ زمين کيڙيندڙ) اُجرتي پورهئي کي استعمال ڪندي، خانداني پورهئي ۾ اضافو ڪيو ۽ اهو معقول حد تائين وڌيو ۽ رئيسن جي هڪ اقليت کي معلوم ٿيو تہ ڊگهي مدت واري آمدنيءَ جو بهتر ۽ وڌيڪ محفوظ طريقو ڊگهي عرصي لاءِ زمين يومين (آزاد ۽ زمين کيڙيندڙ) کي ڪرايي (Lease) تي ڏيڻ سان ملندو. يومين، ننڍين هارين کي سندن گُذاري جي سطح کي هيٺ ڌڪڻ بدران اُجرتي پورهئي کي ڪتب آڻيندو ۽ زمين کي سُڌاريندو.

سماج ۾ اڃان تائين اڻ ڳڻيون جاگيرداري خاصيتون هيون. ڪيترن ئي رئيسن ۽ نوابن هارين کي نيپوڙي ناس ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ ڪاري موت جي وقت ٻانهپ غائب ٿي وئي هئي، پر اُهي رئيس ۽ نواب اڃان تائين ڪيترين ئي جاگيرداراڻيون ادائگيون حاصل ڪري سگهيا پئي. زمين جي وڏي حصي کي اُجرتي پورهيو استعمال ڪندڙ سرمائيدار آبادگارن نہ، پر اڃان تائين ننڍن ۽ وچولن هارين ڪيڙيو پئي. اڪثر صنعتن ۾ اُجرتي پورهيتن بدران اڃان تائين ڪاريگرن جي اڪثريت هئي. رئيس اڃان تائين پنهنجي آمدنيءَ ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ شاهي دربار جي سرڪاري پڌراين ڏانهن واجهائيندا هئا، جن کي محصولن (ڍلن) مان آمدني حاصل ٿيندي هئي. سڀ کان طاقتور واپارين جو انحصار اجاره دارين (وکري جي سموري حق) تي هو، جيڪي بادشاهہ ڏنيون پئي، جنهن عمل ہين سيني لاءِ قيمتن کي وڌائي ڇڏيو ۽ ہين صنعتن جي حوصلي شڪني ڪئي. تنهن هوندي بہ 1550ع کان 1610ع تائين جي انتظامن، ٽيهہ سالا جنگ کان اڳ بوهيميا وانگر سست اقتصادي ترقيءَ ۽ ان سان گڏ نون سرمائيدار طريقن جي آهستي ڦُٽڻ جي اجازت ڏني.

ان عرصي دوران سياسي تفاوتن سان گڏ مذهبي جهيڙا بہ ٿيا. ايلزبيٿ جي حڪومت جي آخري دور ۾ ڪجهہ 'پيوريٽن' ڪالوينسٽ جي ايذا رسائي ۽ هجرت ٿي ۽ اسڪاٽ لينڊ جي جيمز ڇهين جي انگريز تخت تي آمد ٿي، ڇاڪاڻ تہ جيمز اول خلاف ناڪام سازش (بارود واري سازش) ٿي، جنهن ۾ وڏن ڪيٿولڪ زميندارن جي پلٽڻ شامل هئي، پر سدائين وانگر ان دور ۾ بہ بادشاهت، وڏن زميندارن، رئيسن، قومي چرچ جي انتظاميا ۽ واپارين جي وچ ۾ اعليٰ سطح جو اتفاق ڏٺو ويو. ان جو اظهار آئيني ڍانچي جي صورت ۾ ٿيو جنهن ۾ بادشاهہ پاليسيءَ بابت فيصلا ڪرڻ لاءِ وزير مقرر ڪندو پر اُنهن تي عملدرآمد ۽ مالي وسيلن لاءِ پارليامينٽ جي ٻن 'هائوسز'، هائوس آف لارڊز (نوابن جو ايوان) جنهن ۾ وڏا نواب ۽ پادري شامل هئا ۽ هائوس آف ڪامنس، جيڪو هر هڪ ڪائونٽي جي زميندارن، 'رئيسن' ۽ شهري تڪن جي وچولي طبقي جي نمائندن تي ٻڌل هو جي حمايت تي منحصر هو.

انگلينڊ جي رياستي مشين، فرانس يا ڪاسٽائيل کان وڌيڪ ڪمزور هئي. ڪا باقائده فوج نہ هئي، ڪو قومي پوليس جو ڍانچو نہ هو فقط هڪ ابتدائي قسم جي سرڪاري ملازمت هئي. هر هڪ علائقي ۾ اصل طاقت رئيسن وٽ هئي، جن قانون هلايو ٿي، پورهيت طبقن تي پابنديون مڙهيون پئي، اڪثر ڍلن جي اوڳاڙيءَ کي يقيني بڻايو پئي ۽ جڏهن ضرورت پئي ٿي تہ انهن ئي فوجن کي ڪٺو بہ ڪيو ٿي. بادشاهہ جي طاقت جو انحصار سندس ان قابليت تي هو تہ اُمرا کي راغب ڪري يا سندن چاپلوسي ڪري ڪائن اهو ڪم وٺي، جيڪو چاهي، پر اهو سلسلو آسانيءَ سان تيسيتائين ٿيندو رهيو جيسيتائين عمل ۾ ايندڙ پاليسين بابت وسيع پيماني تي اتفاق هو.

جنگ ڏانهن ويندڙ رستو

1610ع جي پوئين عرصي ۾ جيمز اول جي حڪومت هيٺ شيون وڪڻ لڳيون ۽ 1620ع ڌاري سندس پٽ چارلس اول جي حڪومت هيٺ وڏيڪ ڳنڀير ٿيڻ لڳيون. ڍلن ذريعي ڏوڪڙ مهيا ڪرڻ جي معاملي تي بادشاهت جي مطالبن ۽ پارلياماني اُمرا ۽ واپاري طبقي جي رضامنديءَ جي وچ ۾ ڏار پيدا ٿي پيو. بادشاهت پنهنجي ڪنٽرول کان ٻاهر ڍلن جا ذريعا، نوان ٽيڪس ۽ محصول ڊيوٽيون ۽ نوابي خطابن/اعزازن جو وڪرو ۽ تجارت جي مخصوص قسمن جي وڪري جا سمورا حق (اجاراداري) گهرندي، پارليامينٽ کي ويتر ڪاوڙائي ڇڏيو. پارليامينٽ اهڙن ٽيڪسن تي ڪنٽرول ماڻڻ تائين معمول واري فنڊنگ نہ ڏيڻ جي ڌمڪي ڏني ۽ انگريز تخت ان ڪانسواءِ حڪومت هلائڻ جي ڪوشش ڪئي، جن مزاحمت ڪئي، اُنهن کي سزا ڏيڻ لاءِ خاص درٻار جهڙوڪ: "استار چيمبر" استعمال ڪيو. موٽ ۾ ان بادشاهت يا گهٽ ۾ گهٽ 'صلاحڪارن'، جهڙوڪ: 1610ع ۽ 1620ع ۾ بڪنگهم ۽ 1630ع ۾ استرافورڊ جي شڪل ۽ بي اعتباريءَ ۾ واڌ ڪئي.

ان تڪرار تيزيءَ سان مذهبي رنگ وٺڻ شروع ڪيو. اُمرا ۽ واپارين شديد مذهبي احساسن ۽ معاشي عنصرن سبب پاڻ کي ٽيهہ سالا جنگ واري پروٽسٽنٽ قوت سان تشبيهہ ڏني. واپارين توقع ڪئي تہ اسپيني اثر جي ڪمزوريءَ سان آمريڪي ۽ اوير انڊين مارڪيٽن تائين رسائي آسان ٿي پوندي. جيمز ۽ چارلس وري ٻئي رُخ، عظيم ڪيٿولڪ بادشاهتن سان اتحاد ڏانهن ڇڪجي ويا. چارلس، فرينچ بادشاهہ جي ڌيءَ سان شادي ڪئي، جيڪو لا راڪلي جي شهر ۾ پروٽسٽنٽ ڌرين تي حملا ڪري رهيو هو. چارلس جي ڪينٽربري (Canterbury) واري پادريءَ لاڊ (Laud)، ڪالوينسٽ وزيرن کي ڪڍي ڇڏيو مذهبي منحرفن خلاف چرچ جي عدالتن کي استعمال ڪيو ۽ چرچ انتظاميا کي حڪم ڏنائين تہ بادشاهہ جي ڍلن جي عدم ادائيگي غيرمذهبي عمل آهي. عملي طور تي چرچ انتظاميا ائين عمل ڪرڻ شروع ڪيو ڇڻ تہ اها سرڪاري ملازمت جو حصو هجي، بلڪ هڪ 'اخلاقي' پوليس، جنهن بادشاهہ طرفان ڪم ڪيو پئي.

اُمرا ۽ واپارين جي حلقن ڊڄڻ شروع ڪيو تہ ڪين انيڪ يورپي پروٽسنٽ جهڙي مقدر کي پوڳڻو پوندو ۽ اهي سڄي ڪنڊ کي ٻهاريندڙ شاهي رد-سُڌارپسنديءَ جي لهر ۾ ٻڏي ويندا. 1620ع ڌاري بادشاهہ ۽ ڪامنس جي وچ ۾ هڪ تڪراءَ ڪانپوءِ اهو خوف وڌي ويو جڏهن هن پنجن سردارن کي ڍل ادا ڪرڻ کان انڪار تي قيد ڪري ڇڏيو ۽ ڪين پارليامينٽ مان ٻاهر ڪري ڇڏيو. بادشاهہ جي فرينچ زال ۽ سندس عيسائي (Jesuits) صلاحڪار جي چوگرد درٻار ۾ هڪ طاقتور ڪيٿولڪ گروهہ جو ظهور ٿيو ۽ بادشاهہ جي لاڏلي استرافورڊ ڪيٿولڪن جي هڪ مستقل آئرش فوج ٺاهي ورتي.

لڳو پئي تہ بادشاهہ جي سخت گير حڪمت عملي ڪم ڪندي. پوءِ 1637ع ۾ هن حد اورنگهي ڇڏي هن اسڪاٽ ليند ۾ هڪ نئون غير_ڪالوينسٽ دُعائن جو ڪتاب

مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. اسڪاٽ لينڊ جنهن تي هن حڪمراني پئي ڪئي، سو هڪ الڳ ملڪ هو اُن جا پنهنجا سياسي ادارا، قانوني ڍانچو ۽ چرچ هو. ردعمل ۾ اتان جي نوابن، وڪيلن، ڪالوينسٽ وزيرن ۽ وچولي طبقي گڏيل طور تي بڻدل هڪ اسڪاٽش 'اجتماع' باغي فوج ٺاهي ورتي. بادشاهه وڏي اعتماد سان اُنهن کي ڪچلڻ لاءِ نڪتو پر کيس معلوم ٿيو تہ وٽس گهربل پيسا ناهن. اسڪاٽش فوج اُتريئين انگليند ڏانهن وڌڻ لڳي ۽ بادشاهه مجبور ٿي 11 سالن ۾ پهرين پارليامينٽ (اجلاس) سڏائي ورتي.

اُمرا، تڪن جا نمائندا ۽ ايتريقدر جو ڪيئي جاگيردار جيڪي ويسٽمنسٽر وٽ ڪنا ٿيا، سي موٽ ۾ ڪجهه ماڻڻ يا حاصل ڪرڻ کانسواءِ بادشاهه جي درخواست کي قبولڻ جي مُوڊ ۾ ٿي نہ هئا. وڏي ڳالهه تہ اُهي پنهنجي سياسي رويي ۾ رجعت پرست هئا، پر اُنهن لاءِ رجعت پرستيءَ جي معنيٰ علائقن جي حاڪم طور پنهنجي حيثيت برقرار رکڻ هئي ۽ اُها حيثيت بادشاهه طرفان 11 سالن کان خطري هيٺ رهندي پئي آئي. اڪثريت کي جان پيم جهڙي شخصيت ۾ پنهنجو اڳواڻ ملي ويو جيڪو هڪ ڪمپنيءَ جو سيڪريٽري هو جنهن جو مقصد لاطيني آمريڪا ۽ ڪيريبين سان تجارت تي اسپيني اجاراداريءَ کي ٽوڙڻ هو. هنن پنهنجن اهنجن ۽ تڪليفن جي تدارڪ جو مطالبو ڪيو جنهن ۾ نون محصولن جو خاتمو ۽ عدم ادائيگيءَ ڪندڙن لاءِ عام ڇوٽ، خاص عدالتن جي تحليل، پارليامينٽ جي منظوريءَ کانسواءِ ان کي برطرف ڪرڻ واري بادشاهي اختيار جو انت، مک شاهي صلاحڪار اسٽرافورڊ تي مقدمو هلائڻ ۽ سزا ڏيڻ، هائوس آف لارڊس مان پادرين جي برطرفي ۽ اسڪاٽش ڪالوينسٽن سان دوستاڻو امن جا مطالبا شامل هئا.

بادشاهه ڪجهه رعايتون ڏنيون. مثال طور اسٽرافورڊ تي مقدمو هلايو ويو پر هي سڀ ساري ڳالهه قبول نہ پئي ڪري سگهيو. ان جي معنيٰ ٿئي ها تہ بادشاهت پنهنجن اڪثر اختيارن تان هٿ کڻي وڃي، جيڪي اُن سوين سالن ۾ حاصل ڪيا هئا. اُنهن اختيارن کانسواءِ بادشاهه اُن دور ۾ هڪ نالي ماتر سربراهه کان وڌيڪ ڪجهه بہ نہ هجي ها، جڏهن تہ سڄي يورپ ۾ سندس هممعصر بادشاهه پنهنجا اختيار گهٽائڻ بلڪہ نہ وڌائڻ ۾ لڳا پيا هئا.

جيئن وقت گذرندو ويو بادشاهه کي پنهنجي صورتحال سڌرندي محسوس ٿي. ڪامنس ۾ توڙي لارڊس جي اڪثريت هن خلاف ڪو سخت گير موقف رکڻ کان لنوايو پئي، ڇاڪاڻ تہ کين ڊپ هو تہ متان ان عمل سان هيا بہ سندن طاقت کي للڪاري نہ وجهن. اُمرا ۽ اشرافيا جي حلقي منجهه هڪ 'بادشاهي ٽولو' ٺهيو خاص ڪري اتر ۽ اولهہ جي علائقن ۾، جتي لنڊن جي مارڪيٽ جي اثر کان پري هجڻ ڪري ڪيترائي جاگيرداري محصول جيئن جو تيئن رهيا. ايتريقدر جو معاشي طور تي وڌيڪ ترقي يافتہ علائقن ۾ بادشاهه کي اُنهن رئيسن جي ٽيڪ حاصل هئي، جن مالياتي طور تي شاهي رعايتن مان فائده ماڻيا پئي، اُنهن ۾ وڏا واپاري بہ شامل هئا. جن شاهي اجارا دارين (مثال

طور اوڀر انڊيا ڪمپني) ۾ ڪيترين پيڙهين کان فرمانبرداريءَ جي عادتن جي سڪيا ورتل سمورن سماجي طبقن جي عوام مان فائدا ڪمايا پئي.

1642ع جي جنوريءَ ۾ بادشاهه ايتري طاقت محسوس ڪئي جو هن اوچتو غيرقانوني طور حڪومت بدلائي، سموري اختيار تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هي نامور ايم پيز مان پنجن چئن کي گرفتار ڪرڻ جي ارادي سان 400 هٿياربند حامين سان پارليامينٽ تي ڪڙڪيو پر اُهي اڳ ۾ ئي هڪ ميل پري پيچي ويا هئا. جن کي لنڊن شهر جي واپارين، دڪاندارن ۽ سيڪڙات ملازمن تحفظ مهيا ڪيو.

ٻئي ڏينهن جڏهن بادشاهه انهن جي ڳولا ۾ شهر ۾ داخل ٿيو ته هڪ اکين ڏٺي شاهد ٻڌايو ته 'لنڊن ۾ اهو ڏينهن شايد بادشاهه جو بدترين ڏينهن هو هزارين ماڻهن نعرا هنيا 'پارليامينٽ جو استحقاق...' پنهنجا سمورا دُڪان بند ڪري چڏيائون ۽ ماڻهو درن تي تلوارن ۽ نيزن سان بيهي رهيا'.[107] افواهون هليون ته بادشاهه پنهنجن هٿياربند گهوڙي سوارن سان گڏ شهر واپس پيو وڃي' 'عوامي هجوم هر قسم جا هٿيار کڻي گهٽين ۾ نڪري آيو عورتن حملي آورن مٿان گرم پاڻي هاريو "گهوڙن کي روڪڻ لاءِ" گهٽين ۾ خالي بالٽيون، ڪُرسيون ۽ ٻيون شيون ڦٽو ڪيون'.[108]

انهن واقعن کي ڏسي اندازو لڳائي سگهجي پيو ته ڪجهه ٿيڻ وارو آهي. بادشاهه فقط پوليس ڪارروائيءَ سان پنهنجو حتمي اختيار مڃائڻ ۾ ناڪام ويو. هي ان ارادي سان هڪ هفتي اندر لنڊن ڇڏي هليو ويو ته وري فوج ڪٺي ڪري شهر کي ٻيهر فتح ڪندو. ان وقت سياسي بحث مباحثو گهرو جنگ واري نقطي تائين پهچي ويو.

پهرين گهرو جنگ

بادشاهه پنهنجي چوڌاري اُتر جي جاگيردارن ۽ درباري اُمرا جي پُٽن ۽ نوڪرن، فوجي مهم جُوئن، بيروزگار ڀاڙيتو فوجن، شاهي اشرافيا جي نوجوان انجمنن ۽ بيرحم آواره غنڊن جي هڪ 'گهوڙي سوار' فوج ڪٺي ڪئي، جيڪا ان حوالي سان بدنام هئي ته جتان گذرندي هئي، اُتي ڦرلٽ ڪري تباهي ڦهلائي ڇڏيندي هئي. ان فوج سان گڏ اُهي سڀ ماڻهو آيا، جن جي خيال ۾ اسپين ۽ فرانس جون مطلق العنان بادشاهتون مثالي نمونا آهن ته سماج ڪيئن هلائڻ گهرجي. اُن ۾ رد-سُڌارپسنديءَ جي ڪيٿولڪ راوين جي اقليت به شامل هئي. هاڻي حڪمران طبقي جو پارلياماني ٽولو پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجي ملڪيتن کي فقط پنهنجون فوجون ناهڻ ذريعي ئي بچائي سگهيو پئي، پر ٿيندڙ واقعا هن تڪرار ۾ ماڻهن جي هجومن کي پڻ گهلي آيا، جيڪي حڪمران طبقي کان ٻاهر هئا.

شاهي اجارادار ٺيڪيدارن جي مخالفت ۾ واپارين عام دُڪاندارن ۽ ملازمن جي مظاهرن جي هڪ لهر اڀاري، لنڊن شهر جو ڪنٽرول ماڻي ورتو پر عوامي تحريڪ کي هلائڻ ۽ بند ڪرڻ سندن وس ۾ نه هو خاص ڪري تڏهن جڏهن گهوڙي سوار آفيسرن

شرڪت ڪندڙن تي حملو ڪيو. سيڪڙات ـ ملازمن سون ۾ هزارن جي تعداد ۾ مظاهرو ڪيو. 'ميڪنڪس (مسترين)، مبلغن تي الزام هنيو ويو ته اُنهن ماڻهن کي سندن ڪاروبار ۽ واپار کي هفتي ۾ ٻن يا ٽن ڏينهن لاءِ نظرانداز ڪرڻ لاءِ همٿايو آهي[109] ائين ٿيو ڇاڪاڻ ته هڙتالن ۾ پاڻي نيڪاليءَ جي مسئلن ۾ معاشي مشڪلاتن سبب ملڪ جي ڪُجھ علائقن ۾ گهٽ يا وڌ پاڻمرادو فساد ڪرڻا ٿيا. جنهنڪري اوپر اينگليا ۾ هاري گذرسفر جي ڪجھ حصي کان محروم ٿيا.

عوامي ڪاوڙ جي ڦاٽ ڦاٽڻ، حڪمران طبقي جي پارلياماني ڌڙي لاءِ ٻه ڌاري تلوار طور ڪم ڪيو. ان ڪري تخت تي غيرقانوني قبضي جي ڪوشش باوجود انهن پنهنجيون حياتيون بچائي ورتيون، پر ان تحريڪ مان کين خطرو پڻ ٿيو جيڪا جيڪڏهن هٿن مان نڪري وڃي ته سندن طبقاتي حڪمرانيءَ کي هاڃو رسائي سگهي پئي. شهري جدوجهد شهري حڪومت تي بادشاهه جي حامين جي قبضي کي اجان مس ٽوڙيو هو ته. پارليامينٽرين ان کي اُتي ئي پُورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اُنهن مان ڪيترن جو يقين هو ته فقط هڪ نئين مذهبي ضابطي جي صورت، جنهن کي اُهي پنهنجو پاڻ لاڳو ڪن ته ان سان هيٺين طبقن منجهه بغاوت کي گهوگهو ڏئي سگهجي ٿو. اُنهن چاهيو پئي ته بادشاهه کي سندن مطالبا مڃائڻ تي مجبور ڪجي، پر سندن شديد خواهش هئي ته جيترو جلد ٿي سگهي تڪرارن کي ختم ڪجي.

انهيءَ گروهه جلدئي هڪ وچٿرو (اعتدال پسند) پارلياماني ڌڙو ٺاهي ورتو. جن کي 'پريسباٽيرين' سڏيو ويو ڇاڪاڻ ته سندن خيال هو ته مذهبي عقيدن جو هڪڙو هم آهنگ ۽ هڪجهڙو نظام هجڻ گهرجي، جنهن کي چرچ جا بزرگ ۽ وڏڙا (presbyters) پنهنجي طبقي کان ٻين سيني مٿان لاڳو ڪن.

ان گهڙيءَ ته جنگ کي ٽارڻ جو ڪو امڪان نه هو. ايتريقدر جو اعتدال پسند پريسباٽيرين اُمرا کي لامحدود شاهي طاقت جي نتيجن مان خوف ٿيو ۽ کين مزاحمت ڪرڻي پئي، پر جنگ جي پهرين ٻن سالن تائين اُها مزاحمت رُڪيل رهي، جيئن 1619ع ۾ بوهيمين جاگيرن هيبس برگ سان ڪيو. ڇاڪاڻ ته اعتدال پسند پريسباٽيرين کي سچن انقلابي قدمن کان حقارت هئي.

ڪابه هڪڙي پارلياماني فوج نه هئي، جيڪا هم آهنگ قومي حڪمت عمليءَ جي پوئواري ڪرڻ جي اهل هجي، پر مقامي فوجن جو مجموعو هو جن مان هر هڪ وٽ جنرل طور هڪ نواب ۽ آفيسر طور مقامي رئيس هو. مک فوج ۾ جبري ڀرتي ٿيل هئي، جيڪا انقلابي جوش جذبي سان نه. پر پنهنجي مرضيءَ خلاف وڙهڻ تي مجبور هئي. رئيس پارلياماني جٿن جي اڳواٽيءَ ۾ فوجن جي کاڌ خوراڪ لاءِ سامان ڏيڻ ۾ خوش نه هئا. نتيجي طور شاهي گهوڙي سوارن وانگر، اُنهن پرپاسي جي ڦرلٽ تي گذارو ڪيو ۽ ائين ٻهراڙين جي هارين ۽ شهرن جي ڪاريگرن کي ويڳاڻو ۽ بيزار ڪري ڇڏيائون.

پارليامينٽرين کي ڪجھ ڪاميابيون مليون. 1642ع ۾ لنڊن جي واپاري ۽ ڪاريگر ٽولن شاهي فوج کي ٽرنهام گرين وٽ راڄڌانيءَ ڏانهن وڌڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ 1644ع ۾ پارليامينٽ ۽ اسڪاٽ لينڊ جي گڏيل فوجن مارسٽون مور وٽ اونهاري ۾ هڪ شاهي فوج کي شڪست ڏني، پر 44_1642ع جون اڪثر لڙائيون اڻ پوريون ۽ اڻ فيصلائتيون رهيون. 1654ع جي شروعات تائين صورتحال انتهائي پيمانڪ ٿي وئي. بادشاهه اڃان تائين لنڊن کان 50 ميل پري آڪسفورڊ وٽ مورچا بند ٿيو ويٺو هو. پارلياماني فوجون ٽڪل، سُجيون هيون ۽ سندن اخلاقي سگهه ڪِري پئي ۽ فوجن اندر اڪثر فساد ٿيندا رهيا. وڏي پيماني تي سپاهي دستبردار ٿي ويا ۽ اهو خطرو به پيدا ٿي پيو ته اسڪاٽش فوج الڳ نموني بادشاهه سان ٺاهه ڪري پئي. جيڪڏهن جلدئي ڪجھ نه ڪيو ويو ته هر شيءِ وڃائجي ويندي، جيڪا اڃي جبل واري لڙائيءَ جو ورجاءُ هوندي

انهيءَ نظاري ۾ روشنيءَ جو فقط هڪ ڪرڻو هو. پارلياماني فوجن مان هڪ گهوڙي سوار 'اوير انجمن' جي 'فولادي بهادر فوج' جنهن مارسٽون مور وٽ شاهي فوج کي شڪست ڏيڻ ۾ فيصلاڪن ڪردار نڀايو اها گهوڙي سوار فوج ٻي فوج کان بلڪل مختلف نموني ٺاهي وئي هئي. ان جي اڳواڻ زميندار ڪيمبرج شائر ۽ ايم پي اولائيور ڪراميل شعوري طور تي اشرافيا يا جبري طور تي ڀرتي ڪيل مفلس ماڻهن مان آفيسر نه چونڊيا هئا. ان بدران هن 'وچولن طبقن' مان رضاڪارن تي ڀاڙيو اُنهن مان گهڻا پورهيت آبادگارن جي خوشحال پرت 'يومين' منجهان هئا، جن وٽ پنهنجا ٿورڙا رکڻ جيتري دولت هئي، پر ايترا غريب هئا، جو سخت محنت ڪرڻ لاءِ مٿن وفاداري ۽ ذميواري هئي. هڪ اهل نظر بعد ۾ لکيو ته، 'انهن مان اڪثر ٻنين جا آزاد مالڪ ۽ آزاد مالڪن جا پُٽ هئا، جيڪي ضمير جي ڪري هن جهيڙي ۾ شامل ٿيا هئا'.[110] ڪراميل ڏنو ته اهڙين فوجن کي 'شريف شهرين جي پُٽن' ۽ بادشاهه لاءِ ڊوڙندڙ ڀاڙيتو فوجن جيترو هنرمند بڻائي سگهجي ٿو پر اُهي لڙائيءَ ۾ وڌيڪ ضابطي وارا هئا، چاڪاڻ ته اُهي پنهنجي ڀهرين سوڀ وقت مال غنيمت جي لالچ ۾ ڄميا ويٺا رهيا. هن چيو: 'مون وٽ هڪ سادو پوري رنگ جو ته ڇڙهيل ڪيپٽن آهي، جيڪو ڄاڻي ٿو ته هي ڇا لاءِ وڙهي پيو ۽ جيڪو ڪجھ ڄاڻي ٿو ته ان سان هن کي پيار آهي، ان کان وڌيڪ جنهن کي توهان هڪ 'شريف' سڏيو ٿا ۽ پيو ڪجھ به نه'.[111]

ڪراميل اهو پڻ ڏنو ته هي اهڙن ماڻهن کي تيسيتائين متاثر ڪري ۽ روڪي نه ٿو سگهي، جيسيتائين هي اُنهن کي اُمرا کان مختلف خيالن ۽ قدرن جو اظهار ڪرڻ نه ڏيندو. هي پريسباٽيرين پارليامينٽرين کي فوج مان مختلف مذهبي فرقن جي پيروڪارن کي ڪيڻ جي اجازت نه ڏيندو جن پيروڪارن هيٺين وچولن طبقن لاءِ ڇوٽڪاري ۽ نجات جو جهادي پيغام آندو. نئين پيغام جي پرچار ڪندڙ مبلغن، فوجن

سان گڏ سفر ڪيو پئي، جن ۾ مشهور هگ پيٽر 'هڪ اهڙي سماج جي ڳالهه ڪئي، جنهن ۾ غريبن ۽ بيمارن جو خيال رکيو ويجي ۽ هڪ سُڌريل قانوني نظام هجي..... قرض تي قيد ختم ڪئي وڃي'.[112] ايتريقدر جو ڪرامويل پنهنجي ڪمانڊنگ آفيسر ارل آف مانچسٽر جي خلاف هڪ غيرمذهبي انقلابي جان للبرن جو دفاع ڪيو. ارل اهي خبرون مسلسل ورجايون ته. ڪرامويل 'انگلينڊ ۾ هڪ به نواب ڏسڻ نه ٿو چاهي' ۽ ڪجهه ماڻهن سان ان ڪري پيار ڪري ٿو 'ڇاڪاڻ ته اُهي نوابن سان پيار نه ٿا ڪن'.[113] ان وقت ڪراموبل جا اهڙا خيال هئا به يا نه. پر هن ڪيمبرج شائر ۾ پنهنجي لاءِ چڱي حمايت ٺاهي ورتي هئي، ڇاڪاڻ ته ماضيءَ ۾ هن زمين ۾ پاڻي نيڪاليءَ واري معاملي تي آبادگارن جي حق ۾ ڳالهايو هو ۽ جيڪڏهن بادشاهه کي شڪست ڏيڻ لاءِ ائين ڪرڻ ضروري هو ته هي يقينن وچولن طبقن جي طبقاتي احساسن سان کيڏڻ لاءِ تيار هو. ان جي معنيٰ ته هي اهڙي ارادي جو ڏيک ڏيڻ لاءِ تيار هو جنهن جي سڄي يورپي کنڊ ۾ جدوجهد دوران ڪيترن ئي پروٽسٽنٽ اڳواڻن منجهه کوٽ رهي هئي.

نئين مثالي فوج

1645ع جي بهار ۾ ڪراموبل ايم پيز ۽ آفيسرن جي گروهه منجهه انتهائي اهم شخصيت هو جن کي شڪست ٽارڻ جو فقط هڪ ئي طريقو نظر آيو ته مرڪزيت تي ٻڌل هڪ سڄي فوج نئين سر ٺاهجي، جنهن تي اشرافيا، جيڪا سموري امڪاني قوت ۽ وسيلن هوندي، ڀرپور نموني جنگ ۾ حصو وٺڻ کان ڀوئتي رهي، يا شوقين امرا جي آفيسرن جي ڪمانڊ نه هجي. اُنهن هائوس آف ڪامنس ۾ سگهاري مزاحمت ۽ هائوس آف لارڊز جي مخالفت باوجود. لنڊن شهر ۾ اجاره دار دشمن واپارين ۽ نواڻ پسند ڪاريگرن جي پرت تي انحصار ڪندي، پنهنجو گس ٺاهيو. انقلابي فتح جو اوزار، 'نئين ماڊل فوج'، سڀ کان وڏي بحران واري گهڙيءَ ۾ ٺاهي وئي.

ان جي پياده سپاهين جي گهڻائي پراڻي طريقي سان ڀرتي ڪئي وئي. يعني، جبري طور تي ڀرتي ڪيل سپاهين مان جن کي هن مهل تائين جنگ جي معاملن ۾ ڪابه دلچسپي نه هئي. پر گهوڙي سوار فوج، جيئن ڪراموبل جا فولادي بهادر جٽا هئا، سياسي ۽ مذهبي جذبي سان سرشار رضاڪارن مان تيار ڪئي وئي. ايتريقدر جو پياده سپاهين منجهه جوشيلي اقليت هئي، جيڪا لڙائيءَ جي اهم گهڙين ۾ ٻين کي اتساهي سگهي پئي. نتيجي طور فوج جي انقلابي ريڙهه جي هڏي ۽ ان جي ڪوشش کي وڏيڪ اتسام هگ پيٽر جهڙن مبلغن، پمفليٽ (ڪتابچن) ۽ نيوز شيٽس جي گردش، غيررسمي انجيل بابت لڪتن ۽ انيڪ مذهبي ۽ سياسي بحث مباحثن مان مليو.

انقلابي حڪمت عمليءَ جي اثر جو ڊرامائي مظاهرو 1645ع جي جُون ۾ نسيبي جي لڙائيءَ ۾ ٿيو. شاهي گهوڙي سوار فوج جي شروعاتي ڪامياب حملي ڪانپوءِ پارلياماني

فوج گڏجي بيهڻ جي قابل ثابت ٿي ۽ پوءِ اڳتي وڌي دشمن جو صفايو ڪري ڇڏيائين. ڪجهہ ڏينهن اندر آڪسفورڊ وٽ بادشاهہ جو هيڊڪوارٽر پارلياماني فوج جي هٿن ۾ اچي ويو ۽ بادشاهہ نيوارڪ وٽ اسڪاٽش فوج اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري ڀڄي ويو.

هيءَ لڙائي گهرو جنگ جي فيصلاڪن لڙائي هئي، پر انقلاب جي پڄاڻي نہ هئي.

بادشاهہ جو خوف هٽڻ سبب اُمرا جي وڏي اڪثريت منجهہ غالب جذبو عوام کان خوف جو هو. اُنهن جلدئي نئين ماڊل فوج کي ختم ڪرڻ، مذهبي آزاديءَ کي گهٽائڻ ۽ منحرف مذهبي گروهن ۽ سيڪيولر انقلابين کي چيپاڻ لاءِ زور ڀريو.

پر هڪ ئي قوت پڻ ظاهر ٿي ۽ پارلياماني اُمرا لاءِ اُن کي منهن ڏيڻ آسان نہ هو. فوج جي مکيہ قوت ان ڳالهہ مان خوش نہ هئي تہ کين ڪا ادائگي ڪرڻ کانسواءِ ٽوڙيو وڃي يا وري آئرلينڊ ۾ مايوس جنگ وڙهڻ لاءِ موڪليو وڃي. گهوڙي سوارن جا 'وچيان ماڻهو'، جيڪي پنهنجن اصول خاطر وڙهيا هئا، سي پڙڪي پيا ۽ وڏيڪ انقلابي حڪمت عملي اپنائي ورتائون. جبري ڀرتي ٿيل فوجين کي ان ڳالهہ منجهائي ڇڏيو تہ هاڻي وٽن مستقبل جي ڪا بہ اميد نہ هئي، توڙي جو اُنهن ڪڏهن بادشاهي جذبن کي پنهنجو آواز ڏنو پئي، پر انهن منجهہ مخلص جوشيلي اقليت جي ڳالهين جلدئي کين پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو.

ائن گهوڙي سوار جٿن مان هر هڪ پنهنجن خيالن جي اظهار لاءِ بہ نمائندا چونديا، جن کي 'احتجاج ڪندڙ' طور سڃاتو ويو. ٻين جٿن جي سپاهين ساڳئي عمل جي پوئواري ڪئي. احتجاج ڪندڙن، فوج جي نالي ۾، مطالبا ڪرڻ شروع ڪيا، جن نہ صرف بادشاهہ جي اختيار کي پر اُمرا جي طاقت کي پڻ للڪاريو. هائوس آف ڪامنس ۾ هڪ پٽيشن ۾ اُمرا مٿان ملامت ڪندي چيو ويو تہ 'ڪجهہ ماڻهن جن اقتدار اعليٰ (خودمختياريءَ) جو مزو ورتو سي بدلجي آمر ٿي ويا'.[114] ريجمينٽل گڏجاڻين ذري گهٽ باغياڻو ڪردار اختيار ڪري ورتو انهن ڪامنس جي چونڊجڻ واري طريقي (قليل اقليت واري حق) جي مخالفت، ساليانى پارليامينٽن جي مطالبن، پريسباٽيرين وزيرن کان انتقام وٺڻ جي سڏن ۽ قانوني عدالتن جي ڳجهي ٻوليءَ تي حملا ڪري ڏنا.[115] احتجاج ڪندڙن جي گڏجاڻين فوج جي پاٺمرادين تنظيمن جي سرشتي جي صورت ورتي ۽ پنهنجا مطالبا پيش ڪرڻ شروع ڪيا. هنن پمفليٽ لکڻ لاءِ ليکڪن جي هڪ ٽيم ناهي. آفيسرن تي زور ڀريو تہ هڪ ڇپائي پريس حاصل ڪري ڏين. نئين مثالي فوج جي ٻين جٿن کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ وفد اماڻيا ۽ هنن سڄي ملڪ جي 'متاثر دوستن' (ٻين انقلابي عنصرن) سان رابطا ڪرڻ شروع ڪيا.

انقلابي ۽ هموار پسند[①]

رچرڊ اورٽن، جان ودمين، وليم والين ۽ جان للبرن جهڙن ماڻهن جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ سُڌار پسند جمهوري گروهہ، هموار پسند جو اثر وڌڻ لڳو. 1647ع جي آڪٽوبر ۾

[①] سماجي متييد جي خاتمي جا وڪيل

همواريسندن جي حمايت ان بلنديءَ تائين پهچي وئي جو ڪرامويل ۽ ٻيا فوجي اڳواڻ ڪائن متاثر ٿيل سپاهين سان پيوٽني ۾ بحث ڪرڻ تي مجبور ٿيا. اتي ئي هڪ سُڌارڪ پسند آفيسر رينبرو هڪ نقطهٔ نظر پيش ڪيو جنهن اُمرا ۽ واپاري طبقن جي حڪمرانيءَ جي سڄي بنياد کي للڪاريو: 'آئون سمجهان ٿو تہ انگليند ۾ سڀ کان وڌيڪ غريب اهو آهي، جنهن وٽ جيئڻ لاءِ فقط زندگي آهي، انگليند ۾ سڀ کان وڌيڪ غريب ماڻهو هر حوالي سان حڪومت سان ٻڌل ناهن، اُنهن وٽ پنهنجو آواز بہ ناهي'.[116] ان جي جواب ۾ ڪرامويل جي ويجهي ساٿي آئرٽن طبقاتي نقطهٔ نظر جو اظهار ان ريت ڪيو جنهن اجان تائين انڊيپينڊنٽ ماڻهن کي متحرڪ ڪيو پئي: 'ڪنهن کي بہ حق ناهي تہ... بادشاهت جي معاملن جا فيصلا ڪرڻ ۾... پائيداري ڪري.. بادشاهت وٽ سڀ زمينون آهن، ۽ اُهي جيڪي ڪارپوريشنن ۾ آهن، انهن وٽ سموري تجارت آهي'.[117]

اڪثر ڪري ٻُڌايو ويجي ٿو تہ همواريسندن سيني مردن کي ووٽ جو حق ڏيارڻ جي ڳالهہ نہ ڪئي. جڏهن مٿن زور پيو تہ اُهي 'نوڪرن' کي قبولڻ لاءِ تيار ٿيا، جيڪي ٻين وٽ ملازم هئا، وري انهن کي خارج ڪرڻ جي ڳالهہ ڪيائون. هڪ حوالي سان اهو ان ڪري ڪيائون، جو ڪين ڊپ لڳو تہ شاهي جاگيردار ۽ رئيس پنهنجن نوڪرن، پورهيتن ۽ مسواڙين کي پنهنجي حق ۾ ووٽ ڏيڻ لاءِ گهلي ايندا. ٻيو ان ڪري جو فوج ۾ سُڌاريسندن جو اثر جبري ڀرتي ٿيل غريبن منجهہ نہ، پر ٿوري ملڪيت رکندڙ رضاڪارن ۾ هو جن پنهنجو پاڻ کي پورهيتن يا رولاڪ ڪم ڪندڙن کان برتر سمجهيو پئي.

همواريسندن جي مک اڳواڻ للبرن چيو تہ ننڍين ملڪيتن جي مالڪن جي سياسي حقن جي ڳالهہ ڪرڻ، ذاتي ملڪيت جي نظام تي حملو ناهي. هن لکيو: 'اُهي آزاديءَ ۽ ملڪيت جا سڀ کان وڌيڪ سچا ۽ ثابت قدم داعي آهن' ۽ سندن لکڻين ۾ اهڙي ڪا ڳالهہ يا اعلان ناهي.

جيڪو بہ آزادي يا ملڪيت جو خاتمو يا عالمي پائپيءَ واري هموار يا ان جهڙي ڪابہ شيءِ چاهي ٿو... ملڪيت ۽ مئجسٽريٽي کي هموار ڪرڻ واري اهڙي وڏائي ۽ غرور صفا ڪل جوڳو ۽ بيوقوفاڻو رايو آهي. ڪوبہ سالم دماغ، عقلمند يا تخليقي سوچ رکندڙ اهڙي قسم جي اصول کي قائم ڪرڻ جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهي.[118]

تنهن باوجود، احتجاج ڪندڙن جي چونڊ (اليڪشن) ۽ وڏين ملڪيتن جي مالڪن جيترا حق ٿوري ملڪيت جي مالڪن کي ڏيڻ واري ڳالهہ، اڳيئي ڊنل پريسباٽيرين پارٽيءَ جي 'اعتدال پسندن' کي ڊيڄارڻ لاءِ ڪافي هئي. فوج ۾ ڀرتي ٿيل وچولن ۽ هيٺين طبقن جي هڪ نئين نمائنده اداري طرفان رئيس ۽ واپاري طبقن جي نمائنده ادارن جي طاقت کي للڪاريو پئي ويو. انهن ماڻهن ملڪ جي سڀ کان طاقتور هٿياربند تنظيم ٺاهي. حڪمران طبقي جي ٻنهي ڌرين ٽولي ۽ بادشاهہ وچ ۾ ٽڪراءُ هڪ انقلابي تڪرار ۾ بدلجڻ جو خطرو پيدا ٿي پيو.

پارلياماني اعتدال پسندن احتجاج ڪندڙن مان تن ڄڻن کي پنهنجي اڳيان پيش ٿيڻ لاءِ سڏايو ۽ کين سزا ڏيڻ بابت ڏاڙ به هٽي چڏي پريسباٽيرين اڳواڻ ڊينزل هالز بعد ۾ چيو ته. کين جرئت هجي ها ته هڪڙي کي لٽڪائين ها ته ٻيا خبردار ٿي وڃن ها. پر هنن کين وجهڻ ڏنو. جيسيتائين اُنهن وٽ پنهنجي هڪ پروسي جوڳي هٿياربند قوت نه هئي. تيسيتائين ان کان وڌيڪ ڪجهه نه پئي ڪري سگهيا. هاڻي هنن اُها فوج جمع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جا لنڊن جي شهر لاءِ چند ماڻهن جي حڪومت جو بندوبست ڪندي، ان جي لشڪر مان سُڌارپسندن کي صاف ڪرڻ. هڪ 'تحفظ واري ڪميٽي' ناهي هر هڪ ڪائونٽيءَ ۾ رئيس جي ڪنٽرول هيٺ فوجن کي منظم ڪرڻ. جنگي هٿيارن جا ذخيرا پنهنجن هٿن ۾ ڪرڻ کي يقيني بنائڻ ۽ پنهنجن ساٿي پريسباٽيرين. جن جي ڪنٽرول ۾ اسپيني فوج هئي. تن کي انگلينڊ ۾ آڻڻ لاءِ ساڻن ڳالهيون ڪرڻ جهڙا بندوبست ڪين. هي ان نتيجي تي پهتا ته کين پراڻي بادشاهت جي ٿوري سُڌريل نقل کي بحال ڪرڻ لاءِ شاهي رئيسن سان گڏجڻ گهرجي.

ڪراميل جي چوڌاري آزاد (Independents) ميمبر پارلياماني حوالي سان گهڻو ڪمزور هئا. پر هنن ڏٺو ته هي احتجاج ڪندڙن جي تحريڪ کي پنهنجي دفاع لاءِ استعمال ڪري سگهن ٿا. پر اها پڪ هجي ته تحريڪ سندن هٿن مان نڪري نه ويندي. هنن 'فوج جي ڪائونسل' ناهي. جنهن ۾ اڌ (فوجي عهديدار ۽ سپاهين جا) نمائنده ۽ اڌ آفيسر هئا. عهديدارن ۽ سپاهين مان گهڻن اجان تائين سندن 'سُنايِن' کي قبوليو پئي ۽ آفيسر سپاهين جي گهٽيءَ ڪرڙاڻ کي پنهنجي لاءِ فائديمند رُخن ۾ هلائڻ جي قابل هئا.

ابتدا ۾ آزاد ميمبرن جو مقصد بادشاهه کي ساڻن ڳالهيون ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ هو. ان حد تائين هنن بادشاهه کي پريسباٽيرين پارٽيءَ جي هٿن مان کسڻ لاءِ فوجن کي اجازت ڏني. ڪراميل ۽ سندس چوڌاري ماڻهن ان ڳالهه کي چٽو ڪرائڻ چاهيو پئي ته هنن گهرو جنگ ڪٽي ورتي آهي ۽ بادشاهه کي سندن شرط قبول ڪرڻا پوندا. جن ۾ ڪيترائي سُڌارا شامل هئا. جن جي بادشاهه مخالفت ڪئي هئي. پر سندن شرطن ۾ اجان تائين هڪ بادشاهت. اڻ چونڊيل هائوس آف لارڊز جي تسلسل ۽ پارلياماني ووٽ مٿئين طبقي تائين محدود هجڻ جي گنجائش موجود هئي.

ٻي گهرو ويڙهه ۽ وڏو موت

بهرحال. چارلس طرفان مطالبا تسليم ڪرڻ جو ڪو ارادو نه هو. جو هن انهن کي بادشاهي اصولن جي خلاف پئي سمجهيو. 1647ع جي نومبر ۾ قيد مان ڀڄڻ ڪانپوءِ هي هڪ نئين گهرو جنگ ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويٺو هو. هاڻي ته ڪراميل به مڃيو پئي ته بادشاهه سان ڳالهيون ڪرڻ جي ڪوشش غلطي هئي ۽ هن نئين ماڊل فوج کي استعمال ڪري پارليامينٽ تي دٻاءُ وڌو ته. اها جنگي پارٽيءَ جي مطالبن لاءِ ووٽ ڪري. جنهن کي 'ٻي گهرو ويڙهه' سڏيو وڃي ٿو. اها 1648ع جي اونهاري ۾ ٿي. پارليامينٽ جا اڳوڻا

حمايتي گهوڙي سوارن سان گڏ وڙهيا. ڏکڻ ويلز ڪينٽ ۽ ايسيڪس ۾ شاهي بغاوتون ٿيون ۽ اسڪاٽ لينڊ طرفان هڪ ڪاهه ٿي.

شاهه پرست دشمن فوج جي فتح ڪانپوءِ هن پيري رعايت يا بادشاهه سان ڳالهين واريءَ پاليسي تي عمل نه ڪيو ويو. ڪراموبل اعلان ڪيو ته 'اُهي جيڪي غير لچڪدار آهن ۽ ڏرتيءَ تي مصيبتون پيدا ڪرڻ نه ڇڏيندا، تن کي تيزيءَ سان تباهه ڪرڻ گهرجي،' ۽ نئين ماڊل فوج جي آفيسرن چارلس ۽ سندس صلاحڪارن لاءِ موت جي سزا جو مطالبو ڪيو. اهو چاهيندي ته، ايم پيز منجهه پريسباٽيرين اڪثريت ان لاءِ ڪڏهن به ووٽ نه ڪندي، فوج لنڊن تي قبضو ڪري ورتو. ڪرنل پرائيڊ جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ فوجي جٿي اهم پريسباٽيرين کي هائوس آف ڪامنس مان نڪرڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ پين فوجن لنڊن شهر جو ڪنٽرول چند مک سيئنين کان کسي ورتو. جنوريءَ جي پڇاڙ تائين وائيٽ هال ۾ هجوم اڳيان بيئل جلاد جي هٿ ۾ بادشاهه جو سِرُ هو.

انهيءَ قتل ڏانهن وٺي ويندڙ واقعن سان گڏوگڏ نئين ماڊل فوج اندر ۽ ان جي شهري حمايتن منجهه هلچل ۽ بيچيني به هئي. ڪراموبل ۽ آزاد ميمبر فوج اندر انقلابي تحريڪ ڪانسواءِ لنڊن جو ڪنٽرول حاصل ڪرڻ ۽ پريسباٽيرين ۽ بادشاهه ٻنهي کي پنتي هٽائڻ جي قابل نه ٿين ها. رد-انقلاب جي خطري کي ڏسندي ڪراموبل پريسباٽيرين جي ظلم خلاف همواريسندن جو دفاع ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو ويٺو هو. ايتريقدر جو ڪو ٿاهه ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هي قيد ٿيل للبرن سان ملڻ ٽاور آف لنڊن به ويو پر پي گهرو ويڙهه کي ويجهو ڏسندي، هن پيهر طاقت جو استعمال ڪيو. هن جنگ کي استعمال ڪندي، فوجي جٿن کي پيهر منظم ڪرڻ جي بهاني سان سُڌاريسندن کي اڪيلو ڪري ڇڏيو. فوج اندر بغاوت جي اڳواڻن مان هڪ رچرڊ ارنلڊ کي ماريائي، ان ڪوشش کي دبائي ڇڏيو ۽ لنڊن جي همواريسندن کي قيد ڪري ڇڏيائين. ساڳئي وقت بادشاهه جي قتل کان ترت پوءِ ۽ ان وقت تائين هن همواريسندن کان متاثر ٿيل فوج جي عهديدارن ۽ سپاهين تي ياڙيو پئي. فقط تڏهن ئي هن کي ايترو اعتماد مليو جو طبقاتي احساسن جو صاف اظهار ڪندڙن کي ڪچلي ڇڏيو ويو. ڪائونسل آف اسٽيٽ تي پنهنجن ساٿين کي دڙڪا ڏيندي ڪراموبل چيو: 'آئون توهان کي ٻڌايان ٿو ته انهن ماڻهن کي منهن ڏيڻ جو توهان وٽ بيو ڪو به گس ڪونهي يا ته انهن کي ختم ڪيو يا اُهي توهان کي ختم ڪن'.[119]

1649ع جي بهار ۾ همواريسندن جي اڳواڻن کي لنڊن جي ٽاور ۾ قيد ڪيو ويو ۽ مئي ۾ هڪ هزار فوجين جي بغاوت کي ٽوڙيو ويو ۽ اُنهن جي اڳواڻن مان ٽئن کي آڪسفورڊ شائر ۾ برفورڊ وٽ چرچ جي اڳڻ ۾ موت جي سزا ڏني وئي.

انگلينڊ ۾ بادشاهه ۽ پريسباٽيرين کي شڪست ڏيڻ لاءِ هاڻي نئين ماڊل فوج جي ڏي تعداد جي وڏيڪ ضرورت نه رهي. اُن کي، احتجاج ڪندڙن ڪانسواءِ، آئرلينڊ اماڻيو يو جڏهن ته هڪ همواريسند پمفليٽ ۾ سپاهين کي چيو:

ڇا توهان اڃان تائين ماڻهن کي مارڻ ۽ قتل ڪرڻ لاءِ ويندؤ ۽ (پنهنجن آفيسرن) کي آئرلينڊ مٿان آقا ۽ مطلق العنان نواب بڻائڻ ويندؤ جيئن توهان اُنهن کي انگلينڊ مٿان ٿاڦيو؟ يا ڇا توهان جو مقصد آئرش واسين کي ...... تجارت ۾ اجاره دارين، محصولن ۽ ڍلن واريءَ خوشيءَ جي ڏهين پتي تائين گهٽائڻو آهي؟ يا سندن جيلن کي غريب معذور قيدين سان پرڻ، سندن ٻنين کي فقيرن جي هجومن سان پرڻ آهي؟[120]

هي هڪ پيغمبرانو چتاءُ هو ته، انگريز حڪمران طبقو آئرلينڊ سان ڇا ڪرڻ وارو آهي، پر اهو پمفليٽ مفلس ماڻهن کي فوجي ضابطو قبولڻ کي نه روڪي سگهيو جن جي گذرسفر جو هڪڙو ئي ذريعو ڪليل هو ڇاڪاڻ ته سندن اڳواڻ مارجي چڪا هئا.

همواريسندن جي تحريڪ معاشري جي مفلس ماڻهن تي نه، پر 'وچين قسم' جي ڪاريگرين، ننڍن واپارين، خوشحال آبادگارن ۽ سپاهين تي ٻڌل هئي، جن کي انهن ئي گروهن منجهان پرتي ڪيو ويو هو. همواريسند تحريڪ هلائيندڙ گروهه انتهائي سُڌارپسند ۽ باهمت ڏڙو هو جيڪو انهن گروهن منجهان اُپريو هو ۽ ان هڪ پروگرام ڏنو جيڪڏهن ڪامياب ٿي وڃي ها ته جيڪا تبديلي آئي، ان کان وڌيڪ وڏي انقلابي تبديلي اچي ها. هنن اهو سڀ ڪجهه سماجي گروهن جي ان نقطه نظر هيٺ ڪيو جن کي پيداوار جي سرمائيداراڻين صورتن جي ترقيءَ مان خوشحال ٿيڻ جو آسرو هو. انهن ئي گروهن کي ايندڙ صديءَ ۾ تيزيءَ سان وڌندڙ باشعور 'وچولي طبقي' طور ٺوس ۽ چٽي صورت وٺڻي هئي. پر ائين ڪندي هنن ان روايت کي للڪارڻ شروع ڪيو ته، سماج جي هڪ حصي کي ٻين مٿان حاڪميت ڪرڻ جو خدائي حق مليل آهي. جرمن هاري جنگ ۾ منتزير ۽ سندس پيروڪارن وانگر اُنهن طبقاتي حڪمرانيءَ خلاف مزاحمت ڪرڻ لاءِ هڪ رقيب روايت قائم ڪئي.

همواريسندن جي شڪست جي معنيٰ اها نه هئي ته، گذريل سالن ۾ ٿيل احتجاج ۽ ويڙهه مان ڪجهه هڙ حاصل نه ٿيو. ڪراميل جي چؤڌير گروهه انقلابي قدم کڻي ئي کٽڻ جي قابل ٿيو هو. توڻي جو ان جو دائرو محدود هو. 1649ع کان انگلينڊ جي حڪومت ۽ جلدئي اسڪاٽ لينڊ جي حڪومت پڻ فوجي آفيسرن هلائي پئي، جن مان گهڻا 'وچولي قسم جي طبقي' مان آيا هئا.

ڪرستوفر هل لکي ٿو ته:

ٻي گهرو جنگ کانپوءِ جيڪي ماڻهو روزمره جي ڪاروهنوار جو ڪنٽرول هلائي رهيا هئا، سي همواريسند نه هئا، گهڻي قدر هيٺين سماجي طبقي منجهان هئا... ڪرنل ايور، هڪ اڳوڻو فوجي، ڪرنل ٿامس هيريسن... هڪ ڏناريا ڪاسائي جو پٽ... پرائيڊ... هٽ گاڏو هلائيندڙ يا شراب ٺاهيندڙ جو ملازم... ڪرنل اوڪي صابڻ ٺاهيندڙ هيوسن هڪ جتيون ٺاهيندڙ گوفي هڪ لوڻ ٺاهيندڙ ۽ وڪڻندڙ بارڪ اسٽيڊ هڪ سونارو يا ٿوٽي /انگشتري ٺاهيندڙ بيري هڪ منشي، ڪيلسي هڪ ٻيڙا (ٻٽڻ) ٺاهيندڙ... ماڻهو

جيڪي 1648ع جي ڊسمبر ۾ اقتدار ۾ آيا ۽ جيڪي چارلس اول جي موت جا ذميوار هئا، سي انگلينڊ جي روايتي حاڪمن جي عهديدارن کان به هيٺ هئا.[121]

اهڙن ماڻهن قانوني قدمن فيصلن جو هڪ سلسلو برپا ڪيو جنهن اُنهن ماڻهن جي پڪڙ کي ٽوڙي ڇڏيو جيڪي سدائين لاءِ انگريز سماج کي واپس هڪ جاگيرداري رُخ ڏانهن موڙي ڇڏين ها. ان طريقي سان انگريز انقلاب مارڪيٽ جي لاڳاپن ۽ استحصال جي سرمائيدارائين صورتن تي ٻڌل سماج جي واڌاري لاءِ ميدان صاف ڪيو.

ڪراميل پاڻ هڪ نئين استحصالي طبقي 'بورجوا' مان نه هو جيتوڻيڪ سندس خاندان جا ڪجهه واپارين سان لاڳاپا هئا، پر هي اُنهن، جن منجهان اهڙو طبقو جڙي رهيو هو تي ڀاڙڻ کانسواءِ ڪامياب نه ٿي سگهي ها. هن جي ڏاهپ، ان حقيقت کي سمجهڻ جي قابليت ۾ هئي ته انگريز سماج جو بحران نون طريقن ۽ نون ماڻهن ڏانهن مڙڻ کانسواءِ حل نه ٿو ٿي سگهي. فقط ان طريقي سان انگريز انقلاب کي فرينچ ڪالوينسٽ يا بوهيمين ايسٽيٽس جهڙو حشر ٿيڻ کان روڪي سگهجي پيو. هڪ رئيس خاندان جي ڀاتيءَ کي اهو انقلاب ڪٽي هلڻو هو جيڪو ان ڳالهه کي يقيني بڻائي ته سماج لازمي طور تي بورجوازي (وچولي طبقي واري) طرز سان هلايو ويندو.

ڪراميل انگلينڊ تي هڪ ڏهاڪي تائين هڪ آمر وانگر حڪمراني ڪئي. هن جي حڪومت فوجي طاقت تي آڌاريل هئي، پر اُها وسيع سماجي پُٺ ۽ ٽيڪ کانسواءِ گهڻي عرصي تائين قائم نه رهي سگهي ها. ڪراميل اهو سڀ ڪجهه سمجهيو پئي ۽ هن پارليامينٽ قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪا سندس پٺڀرائي ڪري، پر ڪيس خبر پئي ته اهي اختلاف، جن 1640ع جي وچ ڌاري پريسباٽيرين کي آزاد ميمبرن خلاف ڪري ڇڏيو هو سي لڳاتار ٻيهر نمودار ٿيندا رهيا. هر هڪ علائقي ۾ رئيسن انقلابي اٿل پٿل سان جُڙيل غيريقينيت کي ختم ڪرڻ پئي چاهيو ۽ وڏيڪ سُڌارا نه پئي چاهيا. جڏهن ته 'وچولي طبقي' جي حصن وڌيڪ بنيادي سُڌارا چاهيا پئي ۽ فوجي آفيسرن منجهه سندن سُٺي نمائندگي هئي، پر اُهي اهڙا سُڌارا آڻڻ لاءِ تيار نه هئا جن جي، معنيٰ ويتر سماجي بيچيني هجي. ائين هڪ ڏهاڪو گذري ويو. هنن تيزيءَ سان پنهنجو پاڻ کي رئيسن جي اُنهن حلقن سان اتحادي بڻائي ڇڏيو جيڪي گهرو جنگ دوران وڙهيا هئا. هي اُهي ماڻهو هئا، جن اجان تائين بادشاهت کي سماجي نظام نظم ضبط کي برقرار رکڻ لاءِ اولين شرط طور ڏٺو پئي. انهيءَ سلسلي جو انت 1660ع ۾ ڪراميل جي موت کانپوءِ ٿيو. فوج جو هڪ حلقو پارليامينٽ جي باقيات سان ان ڳالهه تي متفق ٿيو ته قتل ٿيل بادشاهه جي پُٽ کي بادشاهه طور وري دعوت ڏني وڃي.

جيتوڻيڪ انقلاب پُورو ٿي چڪو پر ڪيترين ئي تبديلين سلامت رهيون. هاڻي بادشاهت جو وجود پارليامينٽ معرفت اظهاريندڙ ملڪيتي طبقن جي مرضيءَ تي منحصر هو جيئن 1688ع ۾ ٿيو جڏهن 'بغير خونريزه' انقلاب ۾ اُنهن جيمز ٻئي کي

اچلائي ڇڏيو. ملڪيتي طبقي جي دولت جو انحصار مارڪيٽ جي قوتن سان منهن ڏيڻ ۾ ڪاميابيءَ تي هو. وڏن زميندارن زراعت جي سرمائيداراڻن طريقن کي پاڪر پائي ورتو. آباديءَ جو هڪ وڏندڙ حلقو جيڪو شهرن ۾ رهيو پئي، تنهن تيزيءَ سان يا تہ ٻين کي ملازم بڻايو يا ٻين لاءِ ڪم ڪرڻ لڳو. ڪاروباري انجمنون (گلڊ) پيداواري طريقن ۾ نواڻ کي روڪڻ لاءِ وڏيڪ اهل نہ رهيون هيون. 1689ع تائين انگريز شهرن جي ٽئين حصي ۾ ڪابہ انجمن (گلڊ) نہ هئي.[122] حڪومتي پاليسيون تجارت کي وڌائڻ ۾ ڦهلائڻ جي خواهش هيٺ طئي ٿيون پئي، نہ ڪي بادشاهن جي شاهي سازشن هٿان.

انهن سيني تبديلين گڏجي اهڙي صورتحال پيش ڪئي، جيڪا دنيا جي تاريخ ۾ بلڪل نئين هئي. ماڻهن جن ذريعن سان هڪ زندگي ڪمائي پئي، تن کي هاڻي يونٽ (اڪائيون) ڪٽي پئي هليون، جن جي بقا اُنهن جي قابليت تي منحصر هئي، جيڪي ٻين يونٽن (اڪائين) کان گهٽ لاڳت تي ڪين هلائين. وڏا آبادگار وچولي مقدار جي لوهہ جا مالڪ، ايتريقدر جو انفرادي طور تي هٿ سان ڪپڙا اُڻيندڙ فقط تڏهن ئي هڪ زندگيءَ جي ڪمائيءَ جي ضمانت ڏئي پئي سگهيا، جيڪڏهن اُهي ڪاروبار ۾ برقرار رهن ۾ ان جي معنيٰ پيداوار جا نوان طريقا جاري رکڻ هئي، جيڪي لاڳت کي گهٽائين.

غريب يا امير جي ضرورتن جي ٽُرت پُوراءَ بدران مقابلي خاطر مقابلو تيزيءَ سان اقتصادي سرگرميءَ جي ڌڪيندڙ قوت بڻجي ويو. جيڪا ترقي ٿي، سا گهڻي قدر پُرانتشار هئي. اڪثر اوچتا لاها چاڙها ٿيڻ لڳا. آباديءَ جي هڪ وڏندڙ حصي کي ٿورو فائدو پڻ ٿيو جن جي بقا سندن پورهئي جي قوت ٻين کي وڪڻڻ واري سندن صلاحيت تي هئي، پر ان انگريز معيشيت ۾ ان کي هلائيندڙن جي صورتحال کي بدلائي ڇڏيو. انگلينڊ جيڪو يورپ جي سڀ کان غريب ترين علائقن مان هڪ هو، سو تيزيءَ سان سڀ کان وڏيڪ سُڌريل ٿي پيو. ان نئين سرشتي حاڪمن کي هڪ عالمي سلطنت اڏڻ جا وسيلا مهيا ڪري ڏنا ۾ پيداوار جي نئي ن سرمائيدار صورت هٿان پراڻين صورتن کي ڊاهڻ ۾ مدد شروع ڪئي.

باب چوٿون

ايشيائي سلطنتن جو آخري اوج

جيڪڏهن پنتي ڏسجي تہ اج اسين ڏسي سگهون ٿا تہ 16 ۽ 17 صديءَ ۾ يورپ ۾ جيڪو ڪجهہ ٿيو ان کي دنيا بدلائڻي هئي. ان ڪجهہ يورپي طاقتن کي سلطنتون ٺاهڻ جي لائق بڻايو جن جي دائري ۾ ذري گهٽ سڄو ايشيا ۽ آفريقا هئا ۽ سڄي دنيا کي پيداوار جي هڪ نئين ڍنگ، صنعتي سرمائيداريءَ ڏانهن ڇڪي ورتو.

پر تاريخ اتي رُڪجي نہ وئي هئي، ڇاڪاڻ تہ انسانيت جو ڪُچ تعداد ڪٽي ٻئي هنڌ رهيو پئي. ميڪسيڪو ۽ پيرو جون سلطنتون ذري گهٽ راتو رات يورپي آبادڪارن جي اڳيان ڍير ٿي پيون، پر باقي آمريڪائن بابت اها ڳالهہ پڪ سچ نہ هئي. اُتر ۾ 17 صديءَ جي آخر تائين فقط هڪ سوڙهي ساحلي پٽيءَ کي ڪالوني بنايو ويو. جڏهن تہ آفريقي ۽ ايشيائي ڪنڊن ۾ يورپي ڪالونين جي اهميت ٽيهہ سالا جنگ جي وقت تائين تجارتي چوڪين کان وڌيڪ نہ هئي ۽ ان کانپوءِ بہ ڪُچ عرصي تائين صورتحال ائين ئي رهي. ڊچ آبادڪار آفريقا جي صفا ڏاکڻي ڪنڊ جي خوئسن شڪاري_چوندو ڪندڙ ماڻهن (جن کي `Hottentots` ۽ `Bushmen` سڏيو ويجي ٿو) کي فتح ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا، پر ذري گهٽ 200 سال پوءِ يورپي آبادڪار زرعي ماڻهن، جن جي اسٽيل ٺاهڻ بابت معلومات کين موثر هٿيار مهيا ڪري ڏنا، تن کي شڪست ڏئي اُتر طرف وڌڻ شروع ڪري سگهيا. 16 صديءَ ۾ پورچوگيزين، انڊيا جي ڏکڻ اولهہ تي واقع ساحلي دنيا کان ڪٽيل گووا تي قبضو ڪري هڪ شهر ٺاهيو[123] جيڪو ان وقت جي يورپي معيارن مطابق متاثر ڪندڙ هو ۽ ڏاکڻي چين جي ساحلي پٽيءَ تي واقع مڪائو جي ڀيٽ تي هڪ واپاري شهر بڏاياڻون، پر پرپاسي جي وڏين بادشاهتن ۽ سلطنتن جي ڀيٽ ۾ سندن ڪارناما وڌاءُ لڳن ٿا. ڏاکڻي انڊيا جي ڇئن بادشاهتن مان هڪ جي راڄڌاني وجيانگر[124] بابت پهرين پورچوگيزي سياحن 1522ع ۾ لکيو تہ 'اها روم جيتري ئي وڏي هئي، هڪ لک گهرن سان ۽ 'کاڌ خوراڪ جي رسد جي تنظيم جي حوالي سان دنيا جو سڀ کان وڌيڪ خوشحال شهر'[125] هو. يقينن شهر جون باقيات 16 صديءَ جي ڪنهن بہ يورپي شهر کان وڌيڪ وڏي ايراضيءَ تي ڦهليل هيون. وڌيڪ اُتر ۾ مغل شهنشاهہ، جن 1525ع ۾ ننڍي کنڊ کي مفتوح ڪرڻ شروع ڪيو تنڊ لاهور، دهلي، آگري جهڙن شهرن جي قطار ٺاهي. ان پيماني جا شهر يورپ ۾ نہ هئا. چيني شهنشاهيت جي حاڪمن ڏاکڻي

ساحلي پٽيءَ وٽ يورپين جي موجودگيءَ کي شايد ئي نظرانداز ڪيو هوندو. سندن وڏن شهرن کي فقط اتر کان ايندڙ ڏنارن مان خطرو هو. انهيءَ دوران عثمانيا تُرڪي اولهندي يورپ جي چائنٽ تي وڏي اڀرندڙ طاقت هئي. 1453ع ۾ قسطنطنيہ کي فتح ڪرڻ کانپوءِ تُرڪن 1517ع ۾ ڪائرو 1528ع ۾ الجير ۽ 1526ع ۾ هنگريءَ تي قبضو ڪري ورتو. 1529ع ۽ وري 1683ع ۾ ويانا جو گهيراءُ ڪيائون. عثمانيا سلطنت سُڌارپسند يورپ جي فوجي اتحادن ۽ سفارتي اتڪلن ۾اهم رانديگر طور ڪم ڪندي رهي، ان دور جي يورپي ادب ۾ سندس ثقافت جي ساراهہ ڪئي پئي وئي. عثمانيا سلطنت ۽ انڊيا ۾ مغل شهنشاهيت جي وچ ۾ ايراني صفوي سلطنت واقع هئي، جنهن جي نئين راڄڌاني اصفان هئي. ان جي شان شوڪت يورپي سياحن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو ۽ اوپر ايشيا جي ڪناري تي جاپان جي ٻيٽن، چيني ثقافت ۽ طريقن کان تمام گهڻيون شيون کڻي هڪ نسبتن ترقي يافتہ تهذيب قائم ڪري ورتي، جنهن جي ڪجهہ خاصيتن جي يورپي جاگيرداريت سان هڪجهڙائپ هئي. جتي اشرافيا جي نوابن جي وچ ۾ جنگين ۾ اسٽيل ۽ بارود استعمال ڪري هڪٻئي مٿان تسلط قائم ڪرڻ جون ڪوششون ٿيون پئي.[126] ايتريقدر جو يورپ ۾ نئين سجاڳي، سُڌارپسندي ۽ مذهبي جنگين کان ٻاهر رهندڙ هڪ وڏي طاقت اڀري. اوپر ۾ لڳاتار ايندڙ حاڪمن مسڪوي جي پراڻي جاگير کي بدلائي هڪ مرڪزي روسي رياست ۾ پوءِ هڪ سلطنت ٺاهڻ شروع ڪئي، جيڪا سڄي اُترئين ايشيا تي ڦهليل هئي. جڏهن تہ اولهہ ۾ پولينڊ ٻيجا مداخلت ڪيو ويٺي هئي.

يورپ جي پيٺ ۾ اهي سلطنتون ڪي اقتصادي پسماندگيءَ جي ورچڙهيل نہ هيون، جيڪا پسماندگي 19 صديءَ ۾ سندن خاصيت هئي. ڪجهہ ٽيڪنيڪل پيش رفتن ۽ ايجادن جن يورپ کي 10 صديءَ جي پراڻي جاگيرداريت مان ڏڪي 16 صديءَ جي بلڪل مختلف سماجن تائين آندو سي انهن سيني وٽ ملن ٿيون. اُنهن سيني آتشي هٿيار جهڙي شيءَ استعمال ڪئي، پهرين مغل شهنشاهہ بابر اعليٰ معياري گهوڙي سوار فوج سان گڏ توبخانو استعمال ڪندي 1526ع ۾ اُترين انڊيا جي وڏين فوجن کي شڪست ڏني. انهن سماجن تعميراتي طريقا ۽ دستڪاري هنر هڪٻئي کان اوڌارا ورتا هئا، مثال طور سڄي ايشيا ۽ يورپ جي ڪاريگرن مغل شهنشاهہ شاهجهان طرفان اڏايل مقبري تاج محل جي تعمير تي ڪم ڪيو. اُنهن سيني ۾ زراعت ۽ ڪاڌ خوراڪ (انڊيا ۾ ڪارن مرچن، ٽماٽن، تماڪ ۽ مڪائي، ۽ چين ۾ مٺا پٽاٽا، بوهي مگ، مڪائي ۽ تماڪ جي پوک) آمريڪائن کان آندل نون پالتو ٻوٽن جي پکيڙ سان تبديل ٿيڻ شروع ٿي.

شاندار چين جو زوال

چين اڳئي 15 صديءَ جي ابتدائي دور ۾ 14 صديءَ جي بحران مان نڪري رهيو هو. ان جو هڪڙو ثبوت بحري مهمن جي سفري داستانن تي ٻڌل ڏگهن نظمن جو هڪ

سلسلو هو. 20 هزار ڪان وڌيڪ ماڻهو ڪٺندڙ وڏن ٻيڙن انڊيا جي اولهه واري سامونڊي ڪناري ڏانهن سفر ڪيو. عدن (يمني بندرگاهه) ۽ اوپر آفريقا ڏانهن هڪ ڀيري 6 هزار ميل لاڳيتو (نان اسٽاپ) سفر ڪيو ويو. اهو سلسلو اسپيني يا پورچوگيز ٻيڙن جي سفري ڪوشش کان مُني صدي اڳ ٿيو.

گرنيٽ 16 صديءَ کي 'هڪ نئين دور جي ابتدا' سڏي ٿو.[127] هي ٻڌائي ٿو ته زراعت ۾ زمين جي ڪيڙ، پوک ڪرڻ، ٻج ڇٽڻ ۽ شين جي سنڀال لاءِ نه مشينن سان گڏوگڏ زمين کي سُڌارڻ جا نوان طريقا ۽ نئين فصل جي نسلن جي چونڊ تي پئي. صنعت ۾ ڪپهه جي آڏاڻي ۾ سُڌارن سان گڏ، ٽن يا چار شٽل-ونڊرس (shuttle-winders) سان ريشم-آڏاڻي جي ابتدا، ٽن يا چئن رنگن ۾ ڪاٺ جي بلاڪن سان ڇپائي واري ڪم ۾ ترقي ۽ کڄڻ جهڙين شين کي ڪٽڻ لاءِ پتلي شيهي جي گڏپ جي ايجاد ۽ اچي ۽ icing ڳڙ ناهڻ جي نون طريقن جي شروعات ٿي.[128] 17 صديءَ جي پهرين حصي ۾ 'سائنسي ۽ ٽيڪنيڪل نوعيت جي انيڪ لڪتن جي ڇپائي ڪئي وئي، جن ۾ زرعي هنرن، ڪپڙا اُڻڻ، سنگتراشي، لوهه، اسٽيل، دريائي آمدرفت، هيٽارن، مس ۽ ڪاغذ سان گڏوگڏ پاڻي ۽ تيل جي استعمال سان هلندڙ اوزارن بابت انيڪ سوالن بابت مواد هو.[129] يقينن اهو دور ٽيڪنالاجيڪل جمود جو نه هو. نه ئي اهو اهڙو دور هو جنهن ۾ فڪري حوالي سان فقط ماضيءَ جي حتمي ڳالهين کي رٽيو پئي ويو. گرنيٽ اهڙن مفڪرن بابت ٻڌائي ٿو. جهڙوڪ: پنهنجو پاڻ تعليم يافته اڳوٽو لوڻ جو ڪم ڪندڙ مزدور وانگ ڪين، جنهن تاريخي شخصيتن جي مڃيل خيالن تي سوال ڪيو ان دور جي منافقتن ۽ روايتي اخلاقيات کي للڪاريو ۽ 'هيٺين طبقن، عورتن، نسلي اقليتن' جو دفاع ڪيو.[130] گرنيٽ ٻڌائي ٿو ته:

16 صديءَ جي پڇاڙي ۽ 17 صديءَ جي پهرين اڌ ۾ ٿيٽر، مختصر ڪهاڻي ۽ ناول ۾ زبردست ترقي ٿي.... پڙهڻ جي مواد ۽ تفريح لاءِ نيم تعليم يافته، نيم مقبول ثقافت جي شوقين هڪ شهري وچولي طبقي زور ورتو. شايد ڪڏهن به ڪتابن جي صنعت ايتري خوشحال يا ان جي شين جو ايترو سُٺو معيار نه رهيو هوندو.[131]

'سستي ڇپائي جي تعداد ۾ تيزيءَ سان واڌ' ٿي، ادب 'هڪ اهڙي ٻوليءَ ۾ لکيو پئي ويو جيڪا ڪلاسيڪل چيني کان وڌيڪ عام طور تي ڳالهائي ويندڙ لهجي جي ويجهو هئي..... ادب تعليم يافته نه پر عام شهري ماڻهوءَ سان مخاطب، پر ڪلاسيڪل فڪري رنڊڪن کان آزاد هو'.[132] جيڪڏهن گرنيٽ جي ڳالهه دُرست آهي ته پوءِ چين هڪ ٽيڪنيڪل ۽ فڪري نئين سُجاڳيءَ جي دور مان گذري رهيو هو جنهن وقت اهڙي سجاڳيءَ جي لهر مان يورپ به گذري پئي.[133]

ڪجهه ساڳيون سماجي تبديليون ٿيون. رياست تيزيءَ سان هارين ۽ ڪاريگرن جي پراڻي پورهئي وارين ملازمتن (خدمتن) کي ڏوڪڙن واري ٽيڪس ۾ بدلائي رهي

هئي. زراعت کي ڪاروباري صورت ڏيڻ سان صنعتي فصلن، جهڙوڪ: ڪپهه، رنگ، ڀاڄين جا تيل ۽ تماڪ جي پيداوار زور ورتو. غريب هاري، جن کي جاگيردارن زمين تان بيدخل ڪري ڇڏيو هو، تن ٻين طريقن سان گذرسفر جي ڳولا ڪئي. اُنهن دستڪاري، تجارت، ڪاٽين وارن علائقن ڏانهن هجرت ۽ شهرن ۾ ڪم جي ڳولا ڪئي. تجارتي ۽ دستڪاري ڪاروبارن ترقي ڪئي، خاص ڪري ڏکڻ ۽ اوڀر جي ساحلي علائقن ۾. جيئن يورپ ۾ اڃان تائين گهڻي پيداوار دستڪاري ڪارخانن ۾ ٿي پئي، پر اُتي ڪٿي ڪٿي وڏي پيماني واري صنعتي سرمائيداريت سان ويجهڙائي رکندڙ مثال موجود هئا. ننڍن ڪاروبارن ترقي ڪري وڏن ڪاروبارن جي صورت اختيار ڪئي، اُنهن مان ڪجهه ڪاروبارن تہ سوين مزدورن کان ڪم پئي ورتو. شنگهائي جي ڏکڻ اولهه ۾ سنگچيانگ وٽ ڪپهه جي ڪارخاني ۾ هاري عورتن ڪم ٿي ڪيو.[134] 16 صديءَ جي پڇاڙي ۾ ڪيانگسي ۾ ڪاغذن جي 30 ڪارخانن ۾ 50 هزار پورهيت ڪم ڪري رهيا هئا.[135] ڪجهه چيني صنعتن فقط مقامي مارڪيٽ بدران وسيع پيماني تي شيون پيدا ڪرڻ شروع ڪيون. ريشم ۽ (ٽانون ٽاهڻ) سنگ تراشي ججهي تعداد ۾ جاپان اماڻيا ويندا هئا.[136] 'چيني ريشم ڪيوٽو ۽ ليما جي گهٽين ۾ پهري پئي وئي، چيني ڪپهه فلپينو ۽ ميڪسيڪن مارڪيٽن ۾ وڪامڻي پئي ۽ چيني ٽانو سڪائي کان لنڊن تائين خوش پوش گهرن ۾ استعمال پئي ٿيا'.[137]

هيٺين طبقن منجهه لڳاتار غربت باوجود اهو اقتصادي ترقيءَ جو دور هو. 14 صديءَ ۾ 70 ملين تائين آبادي گهٽجڻ کانپوءِ 16 صديءَ جي پڇاڙي ۾، هڪ ڪاٿي مطابق آبادي 130 ملين تائين وڌي وئي ۽ 1650ع ۾ اها 170 ملين تائين پهچي وئي.[138] پوءِ سلطنت هڪ تباهہ ڪن بحران ۾ ڦاسي پئي، جيڪو ڪيترن حوالن سان 4 ۽ 14 صديءَ وارن بحرانن جهڙو هو ۽ 17 صديءَ جي يورپ سان پڻ گهڻي هڪجهڙائي هيس. لڳاتار ڦهلجندڙ بيماريون، ٻوڏون، سوڪهڙا ۽ ٻيون آفتون ٿينديون رهيون. ڏُڪارن سڄن سارن علائقن کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. آبادي وڌڻ جو عمل رُڪجي ويو ۽ ڪجهه علائقن ۾ تہ آبادي موريو گهٽجي وئي.[139] ڪنهن وقت ۾ آباد رهندڙ صنعتون هاٿي بند ٿي ويون. 1640ع تائين اترئين چيڪيانگ (شنگهائي جو ڏورانهون پسمانده علائقو) مان رپورٽن مطابق 'ٻُکن وگهي ماڻهو مرڻ، فقيرن جا هجوم، ٻارن کي مارڻ ۽ آدم خوريءَ'[140] جون ڳالهيون ٻڌڻ ۾ آيون.

1642ع تائين (يانگزي جي هيٺاهين علائقي ۾) سُوچو جي عظيم شهر ۾ واضح لاٿ ٿي پئي، انيڪ گهر خالي ۽ برباد ٿي ويا. جڏهن تہ ڪنهن وقت ۾ امير رهندڙ ٻهراڙيءَ ۾ هڪ بہ ماڻهو باقي نہ رهيو جنهن ۾ فقط هٿياربند ماڻهو ئي داخل ٿيڻ جي همت ڪري سگهيا پئي.[141]

تاريخ نويسن اڪثر ڪري هن بحران جي وضاحت، پهرين سمجهاڻين وانگر، واڌو

آباديءَ يا عالمي آبهوائي تبديلين سبب فصل نہ لهڻ طور ڪئي.[142] پر 'يانگزي ڊيلٽا ۾ پيانڪ "ڏڪارن"، جن ملڪ کي 1640ع ڌاري وڪوڙي ورتو هو، دوران چانور موجود هو..... ماڻهن وٽ فقط ادا ڪرڻ لاءِ پيسن جي کوٽ هئي'.[143]

اصل ۾ بحران جون پاڙون چيني سماج جي انتظاميا ۾ کُتل هيون. رياست ۽ ڪامورا شاهي طبقي، جنهن اُن کي هلايو پئي، اُن 14 صديءَ واري بحران جي خراب نتيجي ڪانپوءِ اقتصادي ترقيءَ کي زور وٺايو پر جلدئي اُنهن کي ڪجھ ضمني اثرن کان ڊپ ٿيڻ شروع ٿيو خاص ڪري واپارين جي وڌندڙ اثر کان. 1433ع ڌاري اوچتوئي انڊيا ۽ آفريڪا ڏانهن ڊگهن بحري سفرن جو خاتمو ٿي ويو (جنهنڪري بعد ۾ ائين سمجهيو ويو تہ يورپ کان ايندڙ ٻيڙين چين کي 'دريافت' ڪيو).[144] منگ سلطنت ان جي زرعي معاشري جي سماجي زندگيءَ ۾ رخنو وجهڻ واري ڳڻتيءَ سبب سامونڊي تجارت جي اجازت نہ ڏني'.[145] ان جا حڪمران سموري سمونڊ پار واپار کي روڪي نہ سگهيا. جنهن کي اسين اڄڪلهہ 'ڪاري معيشيت' سڏيون ٿا، اُها ساحلي علائقن ۾ وڌي ويجهي ۽ اُتي ئي اهڙن علائقن تي ڪنٽرول ڪندڙ سامونڊي ڌاڙيلن سان هٿياربند ٽڪراءَ ٿيندا هئا. پر رياستي ڪسوٽين ۽ اُپائن، پيداوار جي نين صورتن جي ترقيءَ کي روڪي ڇڏيو.

انهيءَ دوران رياست جو سدائين وڌندڙ غيرپيداواري خرچ معيشيت تي وڏو بار ٿي پيو هو. مثال طور، شهنشاهہ وانلي جي حڪمرانيءَ هيٺ پهرين درجي جا 45 شهزادا هئا، هر هڪ کي هر سال 600 ٽن اناج برابر آمدني ملي پئي ۽ انهن کان گهٽ درجي وارا 23 هزار نواب هئا. شانسي ۽ هونان صوبن جي آمدنيءَ جو اڌ کان وڌيڪ حصو انهن وظيفن ۾ خرچ ٿي ويندو هو. ڪوريا تي ڪنٽرول ماٹڻ لاءِ جاپان سان ڪيل جنگ 'خزاني کي مڪمل طور تي خالي ڪري ڇڏيو'.[146]

سخت تڪليف سماجي بي اطمينانيءَ کي جنم ڏنو. 1596ع ۽ 1626ع جي وچ ۾، ذري گهٽ هر سال ملڪ جي معاشي طور تي سڀ کان وڌيڪ ترقي يافتہ علائقن ۾ 'پورهيتن' طرفان شهرن ۾ فساد ٿيندا رهيا.[147] 1603ع ۾ خانگي کاڻين ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن بيجنگ ڏانهن مارچ ڪيو. 1620ع ڌاري ڏکڻ اولهہ ۾ غيرچيني ماڻهن هٿان بغاوتون ڪيون، ۽ 1630ع ڌاري ملڪ جي اتر ۾ وڏيون هاري بغاوتون ٿيون. سماج ۾ مٿين سطح تي دانشورن ۽ اڳوڻن اعليٰ عملدارن منجھ هڪ قسم جي محاذ آرائي (حزب اختلاف) پڻ ابري، جنهن کي هڪ ڳجهي پوليس نيٽ ورڪ چيپائي ڇڏيو.[148]

1644ع ۾ سياسي زوال آيو. آخري منگ شهنشاهہ پنهنجو پاڻ کي ڦاهي ڏئي ڇڏي، چاڪاڻ تہ هڪ هاري فوج جي اڳوڻي ڏنار اڳواڻ، هڪ نئين بادشاهت جو اعلان ڪيو. هڪ مهينو پوءِ مانچو حملي آورن اتر کان ڪاهہ ڪري بيجنگ تي قبضو ڪري ورتو.

سياسي ۽ اقتصادي بحرانن جي حوالي سان چين جون ساڳئي دور واري يورپ سان ڪيتريون ئي هڪجهڙايون هيون، پر هڪ فرق اهو هو تہ واپاري ۽ ڪاريگري طبقن

پراڻي نظام جي متبادل طور پنهنجو پاڻ کي ڏاهڻ شروع نہ ڪيو. ايتريقدر جو اُنهن ائين نہ ڪيو جيئن فرانس ۾ ڪالوينسٽ واپارين ۽ وچولي طبقي وارن ڪيو جڏهن اُنهن اشرافيا جي منحرف ڌر تي اثرانداز ٿيڻ جي جستجو ڪئي. اُنهن يقينن پنهنجي تصور مطابق سڄي سماج کي نئين صورت نہ ڏني، جيئن اترئين نيڌرلينڊ جي بورجوازي واپارين ۽ انگلينڊ ۾ 'وچولن طبقن' ڪيو. چيني سماج ۾ اڀوڻن وڏن بحرانن وانگر واپاري ۽ ڪاريگر طبقن متبادل مهيا ڪرڻ لاءِ رياستي ڪامورا شاهيءَ تي تمام گهڻو پئي ڀاڙيو.

انتشار فقط چند سالن تائين هليو. مانچو گهڻو اڳي چيني تهذيب جي انيڪ پهلوئن کي جذب ڪري ورتو هو ۽ اندروني امن ۽ شاهي خزاني جي پائيداري بحال ڪندي، اُنهن هڪ عرصي تائين اقتصادي بحاليءَ لاءِ هڪ ڍانچو مهيا ڪيو. وڏيڪ زرعي ترقي ٿي، ڇاڪاڻ تہ آمريڪائن کان آندل فصلن پنهنجو مڪمل اثر ڏيکاريو ۽ صنعتي فصلن جي پکيڙ ٿي. هاري 'مجموعي طور تي فرانس جي لوئس (15) واري دور جي همعصرن کان بهتر ۽ خوشحال هئا'. ايتريقدر جو خوشحال هاري سندن ٻارن کي هڪ رسمي تعليم ڏيارڻ لاءِ رقم ادا ڪرڻ جي قابل هئا.[149] ڪنهن بہ ٻي شيءِ کان گهڻ ڪٿڻ کان اڳ تجارت ۽ دستڪاريءَ جي پيداوار ۾ نئين سر شروعات ٿي. شنگهائيءَ جي ڏکڻ اولهہ واري خطي ۾ ڪپڙي جي صنعت (تيڪسٽائيل) ۾ 2 لک ڪُل وقتي پورهيت هئا ۽ هزارين مزدورن چينيءَ جي ٿانون جي دستڪاريءَ کي درٻار ۽ يورپ تائين ٻاهر وڪري لاءِ شيون ٺاهيون. چانهہ جي پيداوار تيزيءَ سان وڌي، ڪارخانن ۾ سوين اُجرتي مزدور چانهہ جي پتيءَ جي پنن تي ڪم ڪندا هئا ۽ اُها سمونڊ ذريعي ٻاهر موڪلي پئي وئي. هڪ ڪاٿي مطابق 1571ع ۽ 1821ع جي وچ ۾ لاطيني آمريڪا کان يورپ تائين اڌ چاندي چين کان اينڊڙ شيون خريدڻ تي کپي ويندي هئي. آبادي ٽپ ڏئي وڌي ۽ 1812ع ڌاري شايد 260 ملين تائين پهتي.[150] چين 'دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ امير ۽ سڀ کان وڏي رياست هو'.[151]

سلطنت جي اٿاهہ سگهہ سندس حڪمران حلقن جي اطمينان ۽ خوشنودي تي خرچ ٿي وئي ۽ ان اطمينان فڪري جمود کي جنم ڏنو. ابتدائي مانچو سالن فڪري چنڊڇاڻ جي ترقي ڏٺي، 'آزاد سوچ ۽ مطلق العنان سلطنت جي فڪري بنيادن ۽ ادارن تي سوال ڪرڻ ۽ سخت تنقيد'[152] جي لهر جي اوسر ٿي. فن، ادب، فلسفي ۽ تاريخ سيني ۾ لڳو پئي تہ جوش ۽ ولولي جو روح پڙڪي پيو آهي.

ان دور جا داستان يورپ ۾ 'روشن خياليءَ' جي ياد ڏيارين ٿا،[153] پر تنقيدي روح گهٽجي ويو. ڇاڪاڻ تہ 'تعليم يافتہ طبقا نئين حڪومت ڏانهن ورڻ لڳا'.[154] شهري وچولن طبقن لاءِ عوامي ادب ۾ لاٿ تي[155] ۽ اُن هر شيءِ تي بندش پئي لڳي، جنهن مان حڪومت تي هلڪي ڦلڪي تنقيد جو مطلب نڪري ٿي سگهيو. 89_1774ع ڌاري 10

هزار ڪان وڌيڪ دستاويزن (لکتن) تي پابندي لڳي ۽ 2،320 دستاويز ختم ڪيا ويا. اختلاف ڪندڙ ليکڪن ۽ سندن مائٽن کي بيدخل، جبري پورهئي، ملڪيت جي ضبطگيءَ ۽ ايتريقدر جو موت جون سزائون ڏنيون ويون.[156] دانشور ترقي ڪري سگهيا پئي، پر فقط تڏهن جڏهن اُنهن اصل معاملن تي ڳالهائڻ کان ڪن لاتار ٿي ڪئي. ادب جيڪو وڌيو ويجهيو سو 'ڪلاسيڪل طرز ۾ لکيو ويو جنهن تائين رسائي حاصل ڪرڻ وڌيڪ مشڪل هئي، ادبي يادگيرين ۽ اشارن سان پُريل.... ناول سمجھ کان بالاتر نموني مزاحيا، نفسياتي.... يا دانشمندانا هئا'.[157]

17 صديءَ جي بحران جي بنيادي ڪارڻن کي ڪڏهن به منهن نہ ڏنو ويو ۽ پراڻيون علامتون جلدئي پيهر نمودار ٿي ويون.... شاهي دربار تي اڻاهہ خرچ، انتظاميا ذريعي بدعنواني ۽ رشوت جي پکيڙ، سرحدن تي مهانگيون جنگيون، مقامي انتظاميا ۽ ٽيڪس اوڳاڙيندڙن طرفان هارين مٿان وڌيل ظلم، بندن جي سارسنڀال ۽ پاڻي پيچرن جي هلائڻ ۾ ناڪامي ۽ پيانڪ ٻوڏن جو ورجاءُ وغيره.[158] 1795ع ۾ 'اڇي ڪنول' جي بغاوت سان هاري بغاوتن جي هڪ نئين لهر شروع ٿي ۽ اڌ صديءَ اندر چيني تاريخ ۾ سڀ کان وڏين بغاوتن مان هڪ ٿيٺي هئي.

مُغل انديا

مغل انديا چين کان بلڪل مختلف سماج هو. اُن وٽ وڏو ڪينال ۽ آبپاشي سرشتو نہ هو.[159] ذري گهٽ 2 هزار سال پراڻين روايتن سان تعليم يافتہ هڪ مرڪزي ڪامورا شاهي، زميندارن جو هڪ وڏو طبقو يا هڪ هاري طبقو هو جنهن مقامي مارڪيٽن مان شيون خريد توڙي وڪرو ڪيون پئي.

13 صديءَ کان مسلمان حڪمرانن لڳاتار اُترئين انديا جي ڪُجھ حصي تي وڏي تعداد ۾ ڪاهون ڪيون. انهن اندين وچولي زماني جي مقامي هاري معيشيتن مٿان مرڪزي ڍانچا مڙهيا. مغل شهنشاهن هڪ سرشتو ناهيو جنهن ۾ عملدارن جي هڪ درجي بنديءَ ذريعي حڪمراني ڪيائون، جن کي مخصوص علائقن ۾ زمين جون ڍلون اوڳاڙڻ جو حق ڏنو ويو جنهن سان کين رياست جي فوجي عملداريءَ لاءِ ضروري گهوڙي سوار فوج جي سارسنڀال ڪرڻي ٿي پئي. جيتوڻيڪ اُهي هارين جي استحصال مان امير ٿي ويا، پر اُهي زميندار نہ هئا. هر هڪ علائقي ۾ زمين سان جُڙيل هڪ ٻيو زميندارن جو طبقو هو. اُهي گهڻو ڪري مٿين ذات وارو هندو هو جيڪو مغلن کان اڳ واري استحصالي طبقي منجهان هو جن ڍلون اوڳاڙڻ ۾ مدد ڪئي ۽ پنهنجو پاڻ لاءِ هڪ حصو ٿي ورتائون.[160]

ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جو وڏو تعداد ذري گهٽ خود ڪفيل ڳوٺن ۾ رهيو پئي. هارين جي موروثي گروهن، ڳوٺ جي موروثي هنرمند گروهن لوهارن، واڍن، درزين ۽ حجمن لاءِ

خوارڪ پيدا ڪئي ٿي. پنهنجو پاڻ ۾ آزاد ۽ مڪمل اڪائي منجهه پورهئي جي ورڇ ٿي، جنهن ۾ روڪ ادائگيءَ نہ پئي ٿي. وچين دور واري ذات پات جي سرشتي جا سمورا عنصر جيئن جو تيئن برقرار رهيا.

پر هارين کي پنهنجون ڏلون ادا ڪرڻ لاءِ روڪ رقم جي ضرورت هئي ۽ کين اها رقم ماڻڻ لاءِ سندن فصلن جو اڌ ۽ ٽيون حصو وڪڻو ٿي پيو. 1620ع ۾ هڪ مشاهدو ڪندڙ لکيو تہ اُهي جيڪي ادائگي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيا، تن کي 'ڳرين زنجيرن ۾ ٻڌي مختلف مارڪيٽن ۽ ميلن ۾ غلامن طور وڪري لاءِ آندو ويو'. سندن غريب ۽ ناخوش زالون انهن پٺيان ڪڇ ۾ ننڍا ٻار کڻي، پنهنجي حالت تي رڙيون ۽ ماتم ڪنديون رهيون'.[161]

هارين کان ججهي مقدار ۾ واڌي کسي ٿي وئي، سا ان طريقي سان شاهي دربار، رياستي عملدارشاهي ۽ ان جي فوجن ڏانهن پئي وئي. جيئن عرفان حبيب سمجهائي ٿو تہ رياست 'نہ صرف استحصالي طبقي جي بچاءَ ڪندڙ ٻاهرين طور پر پنهنجو پاڻ استحصال جو مک ذريعو پڻ هئي'.[162] اُنهن مان ڪجهہ محصول شايد ٿي ڪڏهن ڳوٺن ڏانهن خرچ ٿيا هوندا. رياست اُنهن محصولن کي شهرن ۽ سلطنت جي قصبن تي استعمال ڪيو.

نتيجي طور تجارت ۽ شهري دستڪاري پيداوار ۽ هڪ نظام جيڪو اقتصادي طور تي جمود کان ڏور هو ۾ ترقي 'ٿي. مغل دور ۾ 'صنعتي ۽ ڪاروباري خوشحاليءَ جي بيمثال سطح جي حاصلات ٿي، جنهن جو اظهار شهرن جي واڌ ۾ ٿيو'.[163] ٻنهي، يعني اندروني ۽ بين الاقوامي تجارت ۽ 'دستڪاريءَ ۾ زبردست تيزي، وسعت ۽ واڌ' اچڻ لڳي. '120 وڏا شهر هئا'[164] ۽ 'لاهور، دهلي ۽ آگري ۾ ڳتيل آبادي، وڏي پيداوار ۽ کپت هئي، جڏهن تہ لکنئو بنارس ۽ الهہ آباد ۾ ٿورو گهٽ'.[165] هممعصر اهل نظر لاهور کي 'اوپر ۾ سڀ کان وڏو شهر'[166] سمجهن ٿا. هڪ يوربي سياح آگري جي آباديءَ جو ڪاٿو 6 لک 50 هزار لڳايو،[167] ۽ دهلي بابت چيو ويجي ٿو تہ يورپ جي سڀ کان وڏي شهر پئرس جيترو وڏو شهر هو.[168]

سڀ کان وڏي صنعت، يعني ڪپڙو 17 صديءَ تائين يورپ ڏانهن وڪرو ڪيو پئي ويو. 'وڏي مقدار ۾ ڪپهہ ڌاهڻ جا 32 شهري مرڪز هئا'؛[169] 'ڪو بہ شهر، قصبو يا ڳوٺ انهن صنعتن کان محروم نہ پئي لڳو'؛[170] ۽ 'ڳوٺن ۾ ذري گهٽ هر گهر ۾ آڏاڻا هئا.'[171] ساڳئي وقت 'ڪاروباري قرض، ويمو ڪاري ۽ ابتدائي بئنڪنگ اسان کي يوربي نئين سجاڳيءَ وارين حالتن جي ياد ڏياري ٿي'.[172]

پر ان اقتصادي ترقيءَ کي دائمي ۽ ڊگهي عرصي تائين برقرار رکڻ وارو عنصر غائب هو. شهرن ۾ صنعتي ترقيءَ کي ڳوٺن کان ڪا موٽ نہ پئي ملي. هڪ هممعصر اکين ڏٺي شاهد لکيو تہ 'هارين کي ايترو تہ نپوڙيو ويو جو کين پيٽ پرڻ لاءِ ڪا مُشڪل ماني بہ مس ملي ٿي'.[173] اُهي جديد اوزار بہ خريد نہ پئي ڪري سگهيا. 'اهڙي ڪا بہ ثابتي نہ ٿي

ملي ته ڳوٺن جو شهري صنعت تي ڪو انحصار هو'.[174] تنهنڪري شهري تجارت جي ترقيءَ سان گڏ ڳوٺن ۾ مفلسي ۾ ٻاڙائي موجود هئي. عام طور تي ڪو 'اهڙو شهر نه هو جيڪو سماج جي استعمال لاءِ شيون پيدا ڪري، پر شهر اهڙا هئا، جن ٻهراڙين کي برباد ڪندي مقامي پيداوار هڙپ ڪري ڇڏي'.[175]

ان جي ڊگهي عرصي تائين اثر سلطنت جي هارپ واري پيداواري بنياد کي کوکلو ڪري ڇڏيو.[176] ساڳئي وقت جيئن شاهه جهان لاهور، دهلي ۽ آگري کي شاندار ۽ پُرڪشش بنائڻ تي محصول آمدني استعمال ڪري رهيو هو ۽ هن تاج محل اڏايو هڪ تجزيي نگار رپورٽ ڪيو ته 'رشوت ۽ پوک مان ملندڙ آمدنيءَ تي ڳري محصول ذريعي هارين کي قريو ۽ لٽيو ويو'.[177] هاري ٻنيون ڇڏي ڀڄي ويا. حبيب ٻڌائي ٿو ته ڪيئن 'ڏُڪارن سڄيءَ ساريءَ آباديءَ جي منتقليءَ جو عمل شروع ڪيو..... پر اهو ماڻهوءَ جو ناهيل سرشتو هو جنهن، ڪنهن به ٻئي عنصر کان وڌيڪ، هارين جي دربدريءَ جون پاڙون رکيون'.[178]

شهر جزوي طور تي وڌيا ويجها، ڇاڪاڻ ته بي زمين پورهيتن روزگار جي ڳولا ۾ شهرن جو رُخ ڪيو پر ان سان ٻهراڙيءَ تي واڌو ٽيڪس واري اثر جو علاج نه ٿي سگهيو. لڳي ٿو ته جيئن ئي سلطنت پنهنجي عظيم الشان دور ۾ داخل ٿي، تيئن لاٿ شروع ٿي، جنهن سندس انت آندو.

شاهه جهان جي پُٽ (۽ قيدخاني جي جيلر) اورنگزيب جي راڄ دوران اهي اثر ظاهر ٿيڻ لڳا.[179] مغل دور بابت ڪيترا تاريخ نويس اورنگزيب جي اسلامي جنونيت، هندو دشمنيءَ وارين ڪارروائين ۽ اڻ کُٽ جنگين جي ابتڙ، هڪ صدي اڳ اڪبر جي حڪمرانيءَ کي بظاهر روشن خيال طور بيان ڪن ٿا جنهن جا بنياد مذهبي رواداريءَ ۾ مقامي عملدارن جي حرس ۽ حوس کي ڪنٽرول ڪرڻ تي ٻڌل هئا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اهي فرق ٻن شهنشاهن جي شخصيتن جي ڪري هئا، پر اُنهن فرقن ٻن دورن جي نمائندگي پئي ڪئي، هڪ جنهن ۾ سلطنت پنهنجي زرعي بنياد کي هاڃو رسائڻ کانسواءِ اجان تائين وڌي سگهي پئي ۽ ٻيو جنهن ۾ ائين ڪرڻ وڌيڪ ممڪن نه رهيو.

نيٺ شهري صنعت ۽ شهرن زرعي زوال جي نتيجن کي ڀوڳڻ شروع ڪيو سواءِ بنگال ۾. 1712ع ڌاري کانپوءِ آگري ۾ 'شهر جي هاٺوڪي تباهه ڪن حالت ۽ اڳ واري شان شوڪت بابت ڳالهيون پئي ٿيون'.[180]

ابتدا ۾ ڪجهه هارين مغل طاقت کي للڪارڻ جي همت ڪئي. هڪ يورپي سياح 1620ع رپورٽ ڪيو ته 'عوام صبر سان برداشت ڪندي چيو پئي ته ڪين ان کان بهتر جي ڪا خواهش ناهي'.[181]

ان دور جي بيچينيءَ کي نون مذهبي فرقن جي ايرڻ ۾ اظهار مليو. اُنهن مرده ٻولي سنسڪرت بدران عوامي لهجا استعمال ڪيا ۽ سندن پيامبر ۽ مبلغ هيٺين طبقن

منجهان آيا. جن ۾ هڪ درزي، هڪ غلام ۽ اناج جو دُڪاندار گُرو نانڪ. سک ازم جو بانيڪار هو.[182] نون فرقن برهمڻ پٽي تي ٻڌل روايتي مذهبي نظريي کي للڪاريو ۽ ’هڪ غير مصلحتي وحدانيت. عبادت جي رسمي صورتن کي ترڪ ڪرڻ. ذات پات جي رڪاوٽن ۽ برادري فرقن کان انڪار‘[183] جي وڪالت ڪئي. پر اُنهن واضح طور تي بغاوت جي ہوليءَ کان پرڻ لنوايو. اُنهن ’ويڙهه يا جسماني جدوجهد‘ نه پر ’عاجزي ۽ دستبرداري‘ سيکاري.[184]

ان سندن پيروڪارن جي بدترين حالتن کي بدلايو. ’فرقا سدائين پراڻن خولن اندر نه ٿا رهي سگهن..... اُنهن مغلن خلاف ٻن طاقتور بغاوتن لاءِ اتساهه مهيا ڪيو جن ۾ ستنام ۽ سک شامل آهن‘.[185] اورنگزيب جي راڄ جي پڇاڙيءَ تائين لاهور جي ڏور پسَمانده علائقن ۾ ’سِک باغين کي مڪمل طور نه ڪچلڻ‘ سبب اڳ ۾ ئي مسئلا هئا.[186] آگري ۽ دهليءَ جي وچ واري علائقي ۾ هارين جي جٽ برادريءَ جي بغاوت ٿي. (هڪ ليکڪ بغاوت کي دٻائڻ بابت ٻڌاڪ هٽندي لکيو ته. ’10 هزار انسانن جهڙن جانورن کي‘[187] ڳنو ويو‘ 1709ع ۾ هڪ وڏي سِک بغاوت ٿي.[188] ۽ مرائن جي هڪ بغاوت. ’جيڪا سلطنت جي زوال لاءِ اڪيلي سر سڀ کان وڏي قوت هئي‘.[189]

هارين جي ڪاوڙ ۽ نفرت سبب بغاوتن جي ويڙهه کي سگهه ملي، پر قيادت گهٽو ڪري زميندارن يا مقامي استحصالي طبقن منجهان هئي، جن کي مغل حڪمران طبقي ڏانهن ويندڙ واڌيءَ مان شينهن جي حصي تي ڪاوڙ هئي. ’مظلومن جون بغاوتون‘ ’ٻن استحصالي طبقن جي وچ ۾ جنگ‘ سان ملي هڪ ٿي ويون.[190]

واپارين ۽ ڪاريگرن بغاوتن ۾ مرڪزي ڪردار ادا نه ڪيو. اُنهن مغل حاڪمن جي عياشيءَ وارين مارڪيٽن تي ڀاڙيو ٿي ۽ مقامي مارڪيٽن جي نيٽ ورڪ جي ڪوٺ هئي، جنهن يورپ جي علائقن ۾ شهري طبقن کي هارين تي اثرانداز ٿيڻ جي اجازت ڏني. پراڻو سماج بحرانن جي ور چڙهيل هو. پر ’بورجوازي‘ (وچولو طبقو) ان کي بدلائڻ لاءِ ويڙهه ۾ آزاد ڪردار نڀائڻ لاءِ تيار نه هو.[191] جنهنڪري زميندار اڳواڻ سندن پنهنجن مقصدن لاءِ بغاوتن کي استعمال ڪرڻ لاءِ آزاد هئا. جيڪي معاشري کي اڳتي وٺي نه پئي وڃي سگهيا.

جيئن عرفان حبيب نتيجو اخذ ڪري ٿو:

اهڙي ريت مغل سلطنت تباهه ٿي. ان خلاف وڙهندڙ قوت هٿان ڪوبه نئون نظام تخليق نه ٿيو يا نه ٿي سگهيو..... اڻ کُٽ غارتگري، انتشار ۽ ٻاهرين فتحن لاءِ دروازا کُليل رهيا. پر مغل سلطنت پنهنجي قبر پاڻ کوٽيندي رهي.[192]

اولهه جي يورپي فوجن لاءِ پنهنجي سلطنت تعمير ڪرڻ لاءِ رستا کليل رهيا ۽ جڏهن اُنهن ائين ڪيو ته کين اندين واپاري بورجوازيءَ حصن جي پٺڀرائي حاصل هئي.

حوالا

[1] Bernal Diaz's description of the view as Cortes's troops arrived at Itztapalapa on the shores of the Lake of Mexico, quoted in F Katz, *Ancient American Civilisations* (London, 1989), p179

[2] Cortes's description of Tenochtitlan and its market at Tlatelolco, quoted in F Katz, *Ancient*, p180

[3] An account of the Inca capital Cuzco by one of the Spanish conquerors, quoted in J Hemmings, *The Conquest of Peru* (London, 1970), pp120-121

[4] Columbus's arguments are presented in *The Life of Admiral Christopher Columbus* by his Son Ferdinand, translated by Benjamin Keen (New Brunswick, 1992), pp15-28

[5] On Columbus's religious mysticism, see K Sale, *The Conquest of Paradise* (New York, 1991), p189

[6] A description of the first indigenous peoples encountered in the Caribbean by Christopher Columbus's sailors, from *The Life of Admiral Christopher Columbus*, pp60, 69

[7] Quoted in K Sale, *Paradise*, p181

[8] Letter's text in *The Life of Admiral Christopher Columbus*, p82

[9] The Life of Admiral Christopher Columbus, p71

[10] Quoted in K Sale, *Paradise*, p110

[11] On Columbus and the 'Caribs', see K Sale, *Paradise*, p130. There have been widespread doubts among anthropologists about the exact prevalence of cannibalism. The firm evidence seems to be that cannibalism as a generalway of getting food has never existed, except at times of mass starvation (when it has even occurred in 'advanced' 20th century societies). 'Ritual' eating of certain parts of dead people has been a feature very occasionally found among a few early societies based upon horticulture.

[12] *The Life of Admiral Christopher Columbus*, p109

[13] According to Las Casas, who lived on the island for several years as a colonist before becoming a priest, quoted in K Sale, *Paradise*, p155

[14] One estimate, by Sherburne Cook and Woodrow Borah, suggests it could have been eight million. See K Sale, *Paradise*, p161

[15] Quoted in K Sale, *Paradise*, p159

[16] K Sale, *Paradise*, p182

[17] See K Sale, *Paradise*, p180

[18] Quoted in F Katz, *Ancient*, p324

[19] R C Padden, *The Hummingbird and the Hawk: Conquest and Sovereignty in the Valley of Mexico 1503-1541* (New York, 1970), p74. See also the account of class divisions, imperial expansion and religion in F Katz, *Ancient*, pp134-243

[20] Now the Almeda palace in central Mexico City

[21] V Gordon Childe, 'The Bronze Age', in *Past and Present* (1956)

[22] J Diamond, *Guns, Germs and Steel.*

[23] Quoted in F Katz, *Ancient*, p334

[24] Quoted in W H Prescott, *The Conquest of Peru* (New York, 1961), p251

[25] According to W H Prescott, *Conquest*, p251. See also F Katz, *Ancient*, p334

[26] Description and figures given by W H Prescott, *Conquest*, p253

[27] According to the account of Pedro Pizarro, quoted in F Katz, *Ancient*, p335

[28] Quoted in J Hemmings, *Peru*, p178

[29] Decree quoted in J Hemmings, *Peru*, p129

[30] J Hemmings, *Peru*, p365

[31] J Hemmings, *Peru*, p113

[32] J Hemmings, *Peru*, p376
[33] Quoted in J Hemmings, *Peru*, p347
[34] Fernando de Almellones, quoted in J Hemmings, *Peru*, p348
[35] Details in J Hemmings, *Peru*, p407
[36] Marx and Engels described it variously as a 'balance between the nobility and the burghers' (F Engels, *The Origins of the Family* (London, 1998), p211); as 'an equilibrium between the landowning aristocracy and the bourgeoisie' (F Engels, *The Housing Questionin* K Marx and F Engels, Collected Works, vol 23 (London, 1988), p363); as 'serving nascent middle class society as a mighty weapon in its struggle against feudalism' (K Marx, *The Civil War in France* (London, 1996), p75); as 'a product of bourgeois development' (K Marx, *Capital*, vol 1 (Moscow, 1986), p672). By contrast, Perry Anderson describes it as 'a redeployed and recharged apparatus of feudal domination...the political carapace of a threatened nobility' (P Anderson, *Lineages of the Absolutist State* (London, 1974), p18). But if it was 'redeployed' or 'recharged' feudalism, it was through the monarchy relying on the market and leaning on the urban upper class—that is, by basing itself on elements of capitalism as well as elements of feudalism.
[37] The term is Marx's, in K Marx, *Capital*, vol 1, p686
[38] Statutes named and quoted in K Marx, *Capital*, vol 1, pp686-687
[39] For details, see H Heller, *The Conquest of Poverty: the Calvinist Revolt in 16th Century France* (London, 1986), p27
[40] A G Dickens, 'The Shape of Anti-Clericalism and the English Reformation', in E I Kouri and T Scott, *Politics and Society in Reformation Europe* (London, 1987), p381
[41] See, for instance, R S Duplessis, *Transitions to Capitalism in Early Modern Europe* (Cambridge, 1997), p93
[42] At points in his numerous writings, Weber attempts to produce such an explanation in terms of the interaction of multiple factors, but he never provided a coherent account. His writings are more like footnotes to history than an account of the real historical process.
[43] This is an argument even accepted by Perry Anderson in his P Anderson, *Lineages*.
[44] Witold Kula gives a brilliant exposition of the dynamic and contradictions of the economy which emerged in Poland and, by implication, in many other parts of Europe in this period, in W Kula, *Economics of the Feudal System* (London, 1987). Despite its title, this book is about what I call 'market feudalism', not the classic feudalism of the earlier Middle Ages. It shows how the drive of the lords to buy the new goods created in the advanced industries of Britain, Holland and elsewhere could lead to stagnation, and even undermine agriculture. I suspect these conclusions apply also, at least in part, to other societies with both 'use value' and 'exchange value' sectors—such as Sung China, Abbasid Mesopotamia and Mogul India.
[45] Quoted in G Mülder, 'Martin Luther and the Political World of his Time', in E I Kouri and T Scott, *Politics and Society in Restoration Europe*, p37
[46] H Heller,*Poverty*, p131
[47] That is, 'prince'.
[48] See especially, T A Brady, *The Politics of the Reformation in Germany* (New Jersey, 1997); P Blickle, *Communal Reformation* (London, 1992); J Abray, *The People's Reformation* (Oxford, 1985)
[49] P Blickle, *Communal*, p63
[50] P Blickle, *Communal*, p73
[51] P Blickle, *Communal*, p84
[52] G R Elton, *Reformation Europe* (Glasgow, 1963), pp53-54
[53] T A Brady, *The Politics*, p80
[54] G R Elton, *Reformation Europe*, p64

[55] Quoted in A G Dickens, *The Age of Humanism and Reformation* (London, 1977), p152
[56] P Blickle, *Communal*, p88
[57] P Blickle, *Communal*, p12
[58] P Blickle, *Communal*, p13 . For a full account, together with translations of documents, see T Scott and B Scribner (eds), *The German Peasants' War* (London, 1991
[59] For a full account of the typical response of a town oligarch, Jacob Sturm of Strasbourg, see T A Brady, *The Politics*, pp82-86
[60] P Blickle, *Communal*, p13
[61] T A Brady, *The Politics*, p83. Frederick Engels' 1850 account, The Peasant War in Germany contains a detailed description of the movement in different regions, in K Marx and F Engels, *Collected Works*, vol 10 (London, 1978), pp399-477. For a Marxist history which pays less attention to the details of battles, see E Belfort Bax, *The Peasants' War in Germany* (London, 1899)
[62] The 12 points are printed in T Scott and B Scribner (eds), *The German Peasants' War*, pp252-257
[63] P Blickle, *Communal*, p50
[64] G R Elton, *Reformation Europe*, p59
[65] F Engels, *The Peasant War*, p449
[66] Villagers in Shaffhausen, quoted in P Blickle, *Communal*, p48
[67] G R Elton, *Reformation Europe*, p59
[68] Quoted in F Engels, *The Peasant War*, p419
[69] Quoted in L Febvre, *Martin Luther* (London, 1930), p258
[70] Quoted in L Febvre, *Martin Luther*, p258
[71] P Blickle, *Communal*, p199
[72] Quoted in K Kautsky, *Communism in Central Europe in the Time of the Reformation* (New York, 1966), p136
[73] G R Elton, *Reformation Europe*, pp58, 94
[74] Most famously in the case of Goetz von Berlichingen
[75] Quoted in P Blickle, *Communal*, p200
[76] H Heller, *Poverty*, p137
[77] H Heller, *Poverty*, p70
[78] Honore de Balzac, *About Catherine de Medici* (London, 1910), p59
[79] H Heller, *Poverty*, p175
[80] H Heller, *Poverty*, p139
[81] H Heller, *Poverty*, p172
[82] The centrepiece of the recent much acclaimed film, *La Reine Margot*
[83] H Heller, *Poverty*, pp246-247
[84] G B Elton, in his standard work *Reformation Europe*, can claim, 'Nowhere did it [Calvinism] owe its original reception or its wider successes to...to any imagined advantages for middle class economic ambitions', p234
[85] This certainly happened to their 'foreign' allies. There was bitter opposition in Strasbourg—still then part of the empire—to an alliance with Calvinist nobles who wanted to buy the bishopric of the town for one of their juvenile kin. See J Abray, *The People's Reformation*
[86] For a very good selection of the contending interpretations, see T K Rabb (ed), *The Thirty Years War* (Boston, 1965)
[87] They also played an important part in the progress of science and technology by carrying knowledge of certain post-Renaissance European discoveries to China. See C A Ronan and L Needham, *The Shorter Science and Civilisation of China*, vol 4 (Cambridge, 1994), p220
[88] A G Dickens, *The Age of Humanism and Reformation in Europe* (London, 1977), p202
[89] H V Polisensky, *The Thirty Years War* (London, 1974), p28

[90] H V Polisensky, *Thirty*, p31

[91] Adherents to the Hussite belief that priests had no special part to play in the communion rites.

[92] H V Polisensky, *Thirty*, p47

[93] G Parker, *Europe in Crisis, 1598-1648* (London, 1984), p168

[94] Quoted in G Parker, *Europe in Crisis*, p168

[95] For details of this connection, see H V Polisensky, *Thirty*, pp141, 186-187

[96] See the comments of the German Marxist Franz Mehring, writing 90 years ago, in F Mehring, *Absolutism and Revolution in Germany, 1525-1848* (London, 1975), p28

[97] The assassination—and the way in which Wallenstein's own vacillations allowed it to happen—form the basis of two plays by the German Enlightenment writer Frederick Schiller, *The Piccolominiand The Death of Wallenstein*, in F Schiller, *Historical and Dramatic Works*, vol 2 (London, 1980)

[98] H V Polisensky, *Thirty*, p197

[99] See H V Polisensky, *Thirty*, p245

[100] See H V Polisensky, *Thirty*, pp245-247 for a full account of the deterioration in Bohemia's economic and cultural life

[101] For arguments over the degree of damage done by the war, see the pieces by G Pages, S H Steinberg, H V Polisensky and T K Rabb, in T K Rabb (ed), *The Thirty Years War*

[102] Although a good deal of the shock among the ruling classes was hypocritical since, as Voltaire later pointed out in his *Lettres Philosophiques*, several European monarchs had been executed previously.

[103] According to C Hill, 'The English Revolution and the Brotherhood of Man', in C Hill, *Puritanism and Revolution* (London, 1968), p126

[104] Quoted by C Hill, *God's Englishman* (Harmondsworth, 1973), p87

[105] R S Duplessis, *Transitions*, p68; see also G Parker, *Europe in Crisis*, table 1, p23

[106] See R S Duplessis, *Transitions*, pp113-115

[107] John Dillingham to Lord Montagu, quoted in A Fletcher, *The Outbreak of the English Civil War* (London, 1981), p182

[108] A Fletcher, *The Outbreak*, p182

[109] John Tailor in his New Preacher News tract, quoted in A Fletcher, *The Outbreak*, p175

[110] Quoted in C Hill, *God's Englishman*, p62

[111] Quoted in C Hill, *The Century of Revolution, 1603-1714* (London, 1969), p116

[112] This summary of one of his addresses is provided by I Gentles, *The New Model Army* (Oxford, 1992), p84

[113] C Hill, *God's Englishman*, pp68-69

[114] Quoted in I Gentles, New Model Army, p160

[115] See I Gentles, New Model Army, p161-163

[116] Quoted in I Gentles, New Model Army, p209

[117] Quoted in I Gentles, New Model Army, p209

[118] Quoted in B Manning, *The Crisis of the English Revolution* (London, 1992), p108

[119] Quoted in C Hill, *God's Englishman*, p105

[120] Quoted in I Gentles, *New Model Army*, p330

[121] C Hill, *God's Englishman*, p97

[122] According to C Hill, *The Century of Revolution*, p181

[123] The town known today known as 'Old Goa'

[124] Close to the present day town of Hampi.

[125] Quoted by V A Smith, *The Oxford History of India* (Oxford, 1985), p312

[126] These are the battles depicted in Kurasawa's film Ran.

[127] J Gernet, *A History of Chinese Civilisation* (Cambridge, 1996), p424. See also, 'Introduction' to F W Mote and D Twitchett (eds), *Cambridge History of China*, vol 7 (Cambridge, 1988), pp508-509

[128] J Gernet, *History*, p426

[129] J Gernet, *History*, p442. Just as medieval Europe had learnt from China, Chinese intellectuals and technicians were now acquiring, from a Jesuit mission in Beijing, advances in knowledge from post-Renaissance Europe. See C A Ronan and J Needham, *The Shorter Science and Civilisation of China*, vol 4 (Cambridge, 1994), pp220-221

[130] J Gernet, *History*, p440

[131] J Gernet, *History*, p437

[132] J Gernet, *History*, p446

[133] Although Ronan and Needham (see C A Ronan and J Needham, *Shorter Science*, pp1, 34) suggest the influence of the European Renaissance was of vital importance in 17th century China.

[134] J Gernet, *History*, p425

[135] J Gernet, *History*, p426

[136] J Gernet, *History*, p426

[137] F W Mote and D Twitchett, *Cambridge*, vol 7, p587

[138] Estimates given in J Gernet, *History*, p429, and F W Mote and D Twitchett, *Cambridge*, vol 7, p586

[139] F W Mote and D Twitchett, *Cambridge*, vol 7, p586

[140] Quoted in F Mote and D Twitchett, *Cambridge*, vol 7, p631

[141] F W Mote and D Twitchett, *Cambridge*, vol 7, p632

[142] This is the argument of Geoffrey Parker in G Parker, *Europe in Crisis*, pp17-22

[143] F W Mote and D Twitchett, *Cambridge*, vol 7, p587

[144] The reason for ending the voyages was not only resistance to the growth of merchant influence. The voyages were costly to the state and China had little need of the sorts of goods to be found in the Indian Ocean—or for that matter in Europe. The empire exported much more than it imported until the rise of the opium trade in the 19th century.

[145] F W Mote and D Twitchett, *Cambridge*, vol 7, p518

[146] J Gernet, *History*, p431

[147] According to J Gernet, *History*, p432

[148] For details, see J Gernet, *History*, p432-433

[149] J Gernet, *History*, p483

[150] Figures given in J Gernet, *History*, p489

[151] J Gernet, *History*, p464

[152] J Gernet, *History*, p497

[153] J Gernet, *History*, pp497-505—although Gernet himself, for some reason, uses the term 'enlightened' to describe the culture of the subsequent period of acceptance of Manchu rule.

[154] J Gernet, *History*, p505

[155] J Gernet, *History*, p507

[156] Details from J Gernet, *History*, p508

[157] J Gernet, *History*, p509

[158] See J Gernet, *History*, for a much fuller account of the symptoms of crisis.

[159] One mistake of Marx in his writings on India was to overemphasise the importance of these. Irfan Habib, who is otherwise complimentary about these writings, insists, 'Despite Marx, it is impossible to believe that the state's construction and control of irrigation works was a prominent feature of the agrarian life of Moghul India.' I Habib, *The Agrarian System of Mughal India* (London, 1963), p256

[160] For a more detailed account of the relation between the Mogul officials and the zamindars, see I Habib, *Agrarian*, pp66, 153-185
[161] Manriques, quoted in I Habib, *Agrarian*, pp322-323
[162] I Habib, *Agrarian*, p250. The state took much more of the surplus than did the zamindars. See I Habib, *Agrarian*, p153
[163] H K Naqvi, *Mughal Hindustan: Cities and Industries, 1556-1803* (Karachi, 1974)
[164] According to S Maqvi, 'Marx on Pre-British Indian Society', in D D Kosambi Commemoration Committee (eds), *Essays in Honour of D D Kosambi, Science and Human Progress* (Bombay, 1974)
[165] H K Naqvi, *Mughal*, p2
[166] According to H K Naqvi, *Mughal*, p18
[167] H K Naqvi, *Mughal*, p22: I Habib, *Agrarian*, p75
[168] I Habib, *Agrarian*, p76
[169] I Habib, 'Problems in Marxist Historical Analysis', in *D D Kosambi*, p73
[170] H K Naqvi, *Mughal*, p155
[171] H K Naqvi, *Mughal*, p171
[172] I Habib, 'Problems', p46
[173] Pelsaert, quoted in I Habib, *Agrarian*, p190
[174] I Habib, *Agrarian*, p77
[175] D D Kosambi, 'Introduction', in *D D Kosambi*, p387. Kosambi uses the term 'feudalism' to describe society in this period. Irfan Habib denies the validity of this after at least 1200 AD, given the absence of serfdom and of a real landlord class, with the great mass of the surplus being changed into money to pay taxes. See I Habib, 'Problems', p46
[176] I Habib, *Agrarian*, p320
[177] Quoted in I Habib, *Agrarian*, p321
[178] I Habib, *Agrarian*, p328
[179] Aurangzeb deposed his father and locked him in a tower in Agra's fort, from which he could see his magnificent monument (and folly), the Taj Mahal.
[180] A contemporary witness, quoted in H K Naqvi, *Mughal*, p23
[181] Quoted in I Habib, *Agrarian*, p330
[182] Details in I Habib, *Agrarian*, p333
[183] I Habib, *Agrarian*, p333
[184] I Habib, *Agrarian*, p333
[185] I Habib, *Agrarian*, p333
[186] H K Naqvi, *Mughal*, p18
[187] Quoted in I Habib, *Agrarian*, p339
[188] I Habib, *Agrarian*, pp344-345
[189] I Habib, *Agrarian*, p346
[190] I Habib, *Agrarian*, p333
[191] There are significant arguments among historians of India over the why the bourgeoisie did not assert itself. Some argue that it was simply too weak because of the economic stagnation. Others argue it did not fight independently because it saw the East India Company as a tool for achieving its goals. I am not knowledgeable enough to comment on this controversy. I do not think it alters the fundamental point—that it failed to act independently and then suffered because the East India Company acted according to goals arrived at in London, not India.
[192] I Habib, *Agrarian*, p351

ڀاڱو پنجون

نئين نظام جي پکيڙ

اهم واقعن جي ترتيبوار تاريخ

18 هين صدي

چيني زراعت ۽ صنعت اڙ صديءَ لاءِ بحال ٿي.
سکن ۽ مرائن جي بغاوتن انڊيا ۾ مغل سلطنت کي ٽوڙي ڇڏيو.
اوڀر ۽ ڏاکڻي يورپ جي ڪجھ حصي ۾ اقتصادي جمود
پيٽر اعظم 1703ع ۾ سينٽ پيٽرسبرگ جي اڏاوت شروع ڪري ٿو. اولھه يورپي سائنس ۽ هنر کي روس ۾ متعارف ڪرائي ٿو.
1707ع ۾ انگلينڊ ۽ اسڪاٽ لينڊ جو انضمام
1716ع اسٽوارٽ بحاليءَ واري ڪوشش جي ناڪامي. برطانيا ۾ زرعي انقلاب. ذري گھٽ سيني ٻنين تي لوڙها ڏيڻ.
برطانوي معيشيت فرانس ۽ پوءِ هالينڊ کان گوءِ کٽي وڃي ٿي.
والٽيئر پهريون فلسفياڻي لکت 1734ع ۾ شايع ڪرائي ٿو ۽ انگريز سرشتي جي ساراهه ڪري ٿو.
موسيقيءَ ۾ بيچ مختلف ۽ نوان سُر آڻي ٿو.
برطانيا ۾ اسٽوارٽ بحالي جي آخري ڪوشش، ڪلوڊين جي لڙائيءَ ۾ شڪست، 1746ع مٿانهن علائقن واري جاگيرداريت جي باقيات جي خونريز تباهي.
1751ع ۾ ڊڊروٽ 'روشن خيال' تصورن جي مشهوريءَ لاءِ انسائيڪلوپيڊيا شايع ڪرائي ٿو.
برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپني 1757ع ۾ بنگال جو ڪنٽرول ڪسي ٿي.
روسو 1755ع ۾ `Discourse on the Origins of Inequality` ۽ 1762ع ۾ `Social Contract` شايع ڪرائي ٿو.
والٽيئر طنزيه ناول ڪينڊڊ 1759 ۾ ڇپرائي ٿو. 1759ع ۾ انسائيڪلوپيڊيا تي بندش وڌي وڃي ٿي.
1761 ۽ 1766ع ۾ فرانس ۾ ٻن پروٽسٽنٽ پيروڪارن کي موت جي سزا ملي ٿي.
پرشيا، روس، پورچوگال ۽ آسٽريا ۾ 'روشن خيال آمريتي' بادشاهتون ناڪام نموني حڪمرانيءَ کي سُڌارڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون.
گلاسڪو جي هڪ وڏي تجارتي ۽ صنعتي شهر طور ترقي ٿئي ٿي.

ڊيوڊ هيوم، ايڊم فرگسان ۽ ايڊم سمٿ جي 'اسڪاٽش روشن خيالي
برطانيا 1763ع ۾ نين بڻنڪي زمينن جي ڪنٽرول تان فرانس کي شڪست ڏني ٿي.
غلامن جي تجارت ۾ واڌ. برسٽل، لورپول، بورديوڪس ۽ نانتيس جي ترقي.
1770ع ۾ اتر آمريڪا جي (ٽيهہ لک آباديءَ مان) غلام آبادي 4 لک تائين پهچي وڃي ٿي
آرڪ رائيٽ 1771ع ۾ ڪرامفورڊ وٽ پهرين چرخي ڪارخاني جو بنياد رکي ٿو.
نسل پرستيءَ لاءِ 'سائنسي' جواز پيش ڪرڻ جي ڪوشش، 1774ع ۾ لانگ 'جيميڪا جي تاريخ' لکي.
واٽ ۽ بولٽن 1775ع ۾ پهرين عام طور تي قابل عمل ٻاڦ واري انجڻ تيار ڪن ٿا.
1776ع ۾ ايڊم سمٿ 'قومن جي دولت' ذريعي 'آزاد محنت' ۽ 'آزاد تجارت' واري نظام جي تبليغ ڪري ٿو.
برطانوي راڄ خلاف اتر آمريڪي بڻنڪيتن جي بغاوت. ٿامس پيئني جو ڪتاب 'ڪامن سينس' عوامي سطح تي روشن خياليءَ وارن تصورن کي عام ڪري ٿو.
1776ع ۾ آزاديءَ جو پڌرنامو 'سڀ ماڻهو برابر تخليق ڪيا ويا آهن' جو اعلان ٿئي ٿو (پر غلاميءَ جي سوال تي خاموش)
1783ع ۾ هينري ڪورٽ ڪوئلي کي ~~استعمال ڪري لوهہ~~ کي ڳارڻ جو وڏيڪ جديد طريقو ايجاد ڪري ٿو.
برطانيا ۾ صنعتي انقلاب جي ابتدا. 40 سيڪڙو ماڻهن جو گذر هاڻي ٻنين تي نہ رهيو.
موزارٽ جا سنگيت ڊراما. 1786ع ۾ 'فگارو جي شادي' ۽ 1787ع ۾ 'ڊان گيواني'.

باب پهريون

سماجي امن جو دور

يورپ ۾ سوا صدي اڳ وارو دور، 1650ع کان سوا سئو سال پوءِ واري دور کان بلڪل مختلف هو. ان دور ۾ مذهبي جنگيون، هاري بغاوتون، گهرو جنگيون ۽ انقلاب ماضيءَ جو قصو پئي لڳا.

يورپي طاقتن جي وچ ۾ شديد ۽ دردناڪ جنگيون لڳيون. جهڙوڪ: 18 صديءَ جي ابتدا ۾ اسپيني جانشيني واري جنگ ۽ ان جي وچ ڌاري ست سالا جنگ. ڊينمارڪ، سئيڊن، پولينڊ ۽ پورچوگال جهڙن ملڪن ۾ سماج جي مٿين پرت بادشاهن ۽ اشرافيا جي وچ ۾ پڻ اقتدار جي ورڇ تي ڇڪتاڻون تيندڊيون رهيون. 1690ع، 1715ع ۽ 1745ع ۾ اسٽورٽ (Stuart) بادشاهت جي حامين هٽان برطانيا ۾ قائم آئيني نظام کي فوجي طريقن سان ڊاهڻ جون ڪوششون ڪيون ويون، پر جن جذبن اڳئين دور ۾ يورپ جي ڪجھ حصي کي ڏوڏي ۽ لوڏي وڌو هو سي هاڻي فقط ان جي ڪنارن تي سلامت رهيا. بربريت ۽ بيهودگين واري دور، جنهن کي والٽيئر پنهنجي طنزيہ ناول ڪينڊڊ ۾ شاندار نموني تصويرڪشي ڪئي، باوجود 1750ع جي وچ ڌاري دنيا بابت غور ڪري نتيجو اخذ ڪرڻ آسان هو تہ انقلاب جو زمانو ڪجھ عرصو اڳ گذري ويو.

تنهن هوندي بہ ان دور جي مکيہ خاصيت ايندڙ دور جي انقلابي اٿل پٿل جي پيداوار هئي. ڪنهن دور ۾ رد-سڌارپسنديءَ جو ڳڙهہ رهندڙ هبس برگ بادشاهت پنهنجي پراڻي وجود جو پاڇو وڃي بچي. اسپين پنهنجو تخت بوربون جي هڪ شاخ کان هارائي ڇڏيو. ان جي ابتڙ بہ رياستون ڊچ ريپبلڪ ۽ انگلينڊ، جن ۾ انقلابي قوتن وڏي پيش رفت ڪئي هئي، سي تيزيءَ سان اهميت اختيار ڪري ويون. هالينڊ پراڻي پورچوگيزي بئنڪي سلطنت جي ڪجھ حصي تي قبضو ڪرڻ لڳي ۽ پوءِ وري انگلينڊ ان کي للڪاريو.

17 صديءَ جي پڇاڙيءَ کي ڪڏهن ڪڏهن 'ڊچ سونهري دور' سڏيو وڃي ٿو. بيڪار زمين کي پوک لائق بڻائي، زمين جي بهتريءَ، نون ٻوٽن جي قبوليت ۽ کيڙڻ جي طريقن سان زراعت ترقي ڪئي.[1] صنعت پنهنجي 'خوشحاليءَ جي چوٽيءَ' تي پهتي، جڏهن 'اتر ايمسٽرڊم جي هموار پاڻيءَ سان پرپيل ضلعي زانسٽريڪ' 'سڄي يورپ ۾... سڀ کان وڏيڪ جديد صنعتي زون' طور اسريو جتي هوا سان هلندڙ ڇڪين وارين 128 صنعتن 'ڪاغذ ناهڻ کان وٺي ڇانور صاف ڪرڻ وارين انيڪ ڪمن کي مشيني بڻائي' ڇڏيو.[2]

انگلينڊ ۾ گهرو جنگ واري حادثي گذرڻ کانپوءِ هڪ 'زرعي انقلاب' جي شروعات ٿي. هارپ (ڪاشتڪاري) تيزيءَ سان تجارتي بڻجي وئي ۽ نوان فصل، گوگٽرن کان پٽاٽن ۽ مڪائي تائين، متعارف ڪرايا ويا. سرمائيدار هارپ جي پکيڙ ۽ سرمائيدار آبادگارن ۽ جاگيردارن هٿان پراڻين عام چراگاهن کي لوڙها ۽ جهنگلا ڏئي، غريب هارين کي اُجرتي پورهيت ٿيڻ تي مجبور ڪرڻ سان، لوڙها ڏيڻ جو هڪ پورو سلسلو شروع ٿيو.

صنعتي پيداوار پڻ وڌي، 1710ع کان 1760ع تائين هر سال اندازاً 0.7 سيڪڙو. 1760ع ۽ 1780ع جي وچ ۾ هر سال 1.3 سيڪڙو ۽ 1780ع کان 1800ع تائين 2 سيڪڙو. شهرن ۾ رهندڙ آباديءَ جو تناسب 1650ع ۾ اٽڪل 9 سيڪڙو ۽ 1800ع تائين 20 سيڪڙو تائين وڌيو.[3] اسڪاٽ لينڊ کي 1707ع ڌاري انگلينڊ سان گڏائڻ جي شديد مخالفت ٿي، پر ان جي نتيجي ۾ صنعت ۽ تجارت ۾ زبردست ۽ پائيدار ترقي ٿي. 15 سالن کانپوءِ گلاسگو گهمندي ڊينيل ڊيفو ڳالهه ڪري ٿو ته، هي 'ڪاروبار جو شهر' پرڏيهي ۽ گهرو تجارت جو شهر آهي... جيڪو هنهي تجارتي ذريعن رستي وڌيو ۽ سُڌريو آهي'.[4]

هاڻي متحده بادشاهت (يونائيٽيڊ ڪنگڊم) ۾ صنعتي نواڻ زور وٺڻ شروع ڪيو. اُن 18 صديءَ جي پوئين چوٿائي ۾ صنعتي انقلاب لاءِ بنياد رکيا. 1705ع ۾ پهرين ڪم ڪندڙ ٻاڦ واري انجڻ ناهي وئي (جيتوڻيڪ جيمز واٽ طرفان ڪنهن به جاءِ تي ڪم ڪرڻ لاءِ موثر بنائڻ کان اڳ، ان ۾ 60 سال ٻيا پڻ لڳا). 1709ع ۾ لوهه کي ڪاٺ جي ڪوئلي بدران ڪوڪ (ڪوئلو) استعمال ڪري ڳاريو ويو (جيتوڻيڪ ان کي عام استعمال لاءِ ڪافي معياري بنائڻ کان اڳ 40 سال ٻيا به لڳا). 1730ع کان 1760ع تائين جي ڏهاڪن ۾ لڳاتار ڪوجنا ڪندڙن، چرخي واري ڪم کي الڳ پرزن ۾ ورهائڻ ۽ اُنهن کي ميڪانيڪي (مشيني) بنائڻ شروع ڪيو. هارگريوز جي ڪتڻ جي ڪِل (سانچي) واري چرخي (Spinning Jenny) (1766ع)، آرڪ رائيٽ جي واٽر فريم (1769ع) ۽ ڪامپٽن جو چرخو (1779ع) ايجاد ٿيا.[5] اهڙين وڏين تبديلين سان گڏ ڪيترن پراڻين مشينن ۽ اوزارن ۾ ننڍيون ۽ ٿوريون ٿوريون تبديليون پڻ ٿيون. خاص ڪري دستڪاريءَ تي ٻڌل صنعتن ۾ جورابن واري فريم جي پکيڙ، گهٽ لاڳت سان 'نون پردن' وارن ڪپڙن جو نهڻ، اڏامندڙ شٽل (نالي، جنهن ذريعي شيءِ کي هڪ کان ٻئي نقطي ڏانهن حرڪت ڏجي) جي ابتدا، جنهن هٿ سان هلندڙ ڪپڙن واري مشين جي پيداوار ٻيڻي ڪري ڇڏي، وڏيڪ جديد اوزارن جي مدد سان اونهائيءَ ۾ ڪوئلي جون کاڻيون کوٽڻ آسان ٿي پيو. (1650ع ۾ ڪوئلي جي پيداوار پنج لک ٽن هئي، سا 1750ع ۾ پنج ملين ٽن ۽ 1800ع ۾ 15 ملين ٽن ٿي وئي).[6]

پرڏيهي تجارت لاءِ شديد مقابلي واري نئين ماحول ۾ ٽيڪنيڪل ايجاد آڏو وڏيڪ ڪا رڪاوٽ نه رهي، جنهن کي اڳ ۾ اتفاقي طور تي ڏهاڪن يا ايتريقدر جو صدين ۾ ميڄتا ملي ٿي، پر هاڻي جدت ۽ نواڻ ڪاميابيءَ لاءِ گهرج ٿي وئي.

هالينڊ ۽ برطانيا جديد صنعتي معاشرا نہ هئا. آباديءَ جي اڪثريت اڃان تائين ٻهراڙين ۾ رهي پئي ۽ رستن جي حالت سُٺي نہ هئي. مطلب تہ اڃان تائين صوبائي شهرن کان راڄڌاني شهرن ڏانهن سفر ڪرڻ ۾ ڪيترائي ڏينهن لڳا پئي. انهن پرڳڻن جا سياسي نظام پڻ جديد جمهوريتن وانگر نہ هئا. برطانوي حڪومتن تي وڏن جاگيردار رئيسن جو تسلط هو جيڪي گهٽي قدر اهو فيصلو ڪرڻ جي قابل هئا تہ گهٽ درجي وارا رئيس ۽ وچولي طبقي وارا، جيڪي هائوس آف ڪامنس کي چونڊيندا هئا، سي ووٽ ڪيئن ڪن. جڏهن تہ هالينڊ ۾ ساڳيو ڪم وڏن واپارين ڪيو پئي.

تنهن هوندي بہ ٻئي ملڪ هڪ صديءَ اڳ واري پنهنجي صورتحال کان معياري طور تي بلڪل مختلف هئا. فقط ٻن صدين ۾ پنهنجن يورپي پاڙيسرين کان معيار ۾ گهڻا مختلف ۽ اڳيرا ٿي چڪا هئا. هارين جي انفرادي جاگيردارن وٽ قانوني تابعداري مڪمل طور تي ختم ٿي چڪي هئي. اُتي اصلي قومي مارڪيٽون هيون. خسيس رياستن جي بيڪار ميڙن ڪانسواءِ، جيڪي جرمني ۽ اٽلي جي سڃاڻپ هيون، يا اندروني محصولاتي حدبنديون، جن فرانس کي لڪيرن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. ماڻهن جي تمام وڏي تعداد کي شهري زندگيءَ جو ڪجهہ تجربو هو. 17 صديءَ جي آخر تائين انگلينڊ جي آباديءَ جي هڪ ياڱي ڇهين حصي گهٽ ۾ گهٽ لنڊن ۾ ڪجهہ عرصو گذاريو هو. ٻهراڙيءَ وارين صنعتن، زرعي ضلعن ۾ انيڪ ماڻهن کي پورهئي ۾ جذب ڪري ڇڏيو هو ۽ ساموندي بندرگاهن ۽ بحريہ هيٺين طبقن جي وڏي انگ کي زراعت بدران تجارت تي ڀاڙيندڙ ڏنڌن سان لڳائي ڇڏيو هو. لنڊن، يورپ جي سڀ کان وڏي شهر پئرس کان گوءِ کٽي ويو. جيتوڻيڪ اڃان تائين گهڻي پيداوار انفرادي دستڪار مزدورن هٿان سندن گهرن يا ڪارخانن ۾ ٿيندي هئي. سندن ڪم تيزيءَ سان واپارين يا ٻين امير ڪاريگرن سان جڙڻ لڳو. اولهہ انگلينڊ ۾ 'لباس' جو ڪاروبار ڪندڙن 100، 400 يا وري 1000 درزين کان ڪم ورتو پئي ۽ سندن آمدني ڪيترن رئيسن کان وڌيڪ هئي.[7]

وڏا خاندان جن جو حڪومتن تي غلبو هو سي اهڙيون پاليسيون اپنائڻ لڳا، جيڪي 'وچولن' واپارين، ڪارخانيدارن ۽ سرمائيدار آبادگارن توڙي وڏن واپارين کي خوش رکن. 1760ع ۽ 1770ع ۾ لنڊن شهر جي وچولي طبقي جي ماڻهن، اشرافيا ۽ رئيسن جي مفادن خلاف سخت احتجاج ڪيو جن جي ڪنٽرول ۾ پارليامينٽ ۽ حڪومت هئي ۽ سندن ترجمان جان وڪيس جيل پڻ پوڳيو پر اُنهن کي ڪجهہ وڏن خاندانن جي ٽيڪ هئي ۽ آخر ۾ اُنهن ڪنهن انقلابي قدم کڻڻ جي ضرورت ڪانسواءِ پنهنجي مرضي ٻين مٿان مڙهي ورتي. 16 ۽ 17 صديءَ جي عظيم نظرياتي ۽ سياسي جدوجهدن جي معنيٰ اها هئي تہ اُنهن انتهائي اهم لڙائيون اڳ ۾ ئي کٽي ورتيون هيون.

يورپي ملڪن ۾ جتي انقلابي اٿل پٿلن کي روڪيو ويو هو اُتي شيون بلڪل مختلف هيون. اُنهن مان اڪثر لاءِ 17 صدي اقتصادي زوال جو دور هئي. آبادي گهٽجڻ

لڳي، ڇاڪاڻ تہ پيدائش جي ڀيٽ ۾ موت جي شرح وڌي وئي هئي. شهري دستڪار سُڪڙجڻ لڳي، زراعت ۾ سيڙپ گهٽجي وئي، ڇاڪاڻ تہ اُنهن جي وچ مان جاگيردار رياست سموري واڌي کٽي پئي ورتي ۽ هارين کي اڻ کٽ غربت جي ڏٻڻ ۾ ڏڪيو ويو (ڪجھ جاين تي هارين 'ٻانهپ جي ٻئي دور' کي ڀوڳيو پئي). 18 صديءَ جي پولينڊ سسلي يا ڪاسٽائل ۾ ڪُل زرعي پيداوار ٻہ صديون اڳ واريءَ سطح کان گهٽجي وئي بوهيميا ۾ 72_1770ع واري ڏڪار دوران ڏهن مان هڪ ماڻهو مري ويو ۽ اها قيمت هئي رد_انقلابي فتح جي.

فرانس، ڏکڻ اولھ جرمني ۽ اٽليءَ جو اتريون علائقو 'وچ ۾' (وچين دور ۾) ڦاٿل هئا اُنهن اقتصادي بدحاليءَ کي نہ ڀوڳيو جيڪا ڪاسٽائل، ڏاکڻي اٽلي ۽ اوڀر يورپ جي خاصيت هئي، پر سندن زراعت ۽ صنعت سرسري طور تي برطانيا ۽ هالينڊ کان وڌيڪ پسمانده هئي. وڏن شهرن جي ويجهو ڪجھ علائقن ۾ پوک جا نوان هنر ۽ سرمائيدارا لاڳاپا پکڙيا. دستڪاري پيداوار ۾ ڪجھ واڌ ٿي ۽ ايتريقدر جو ڪن جاين تي وڏيون ڪاٽيون کوٽڻ يا صنعتي ڪاروبار پڻ قائم ٿيا. ڪجھ بندرگاهون جن جو لاڙو اٽلانٽڪ تجارت ڏانهن هو سي خاص ڪري فرانس جي اولھ ڪناري تي وڏيون ويجهيون. 1780ع تائين فرانس جي 20 سيڪڙو آبادي گهٽو ڪري ننڍي پيماني جي صنعت ۾ لڳل هئي جڏهن تہ انگلينڊ ۾ اها 40 سيڪڙو هئي. يورپ جا ڪجھ علائقا ساڳئي رُخ ۾ صنعتي سرمائيداريءَ ڏانهن وڌيا پئي، پر بلڪل مختلف رفتارن سان.

ب پيون

اعتقاد کان سائنس تائين

يورپ جي مختلف علائقن جي تقابلي اقتصادي مُقدرن سان گڏوگڏ تقابلي فڪري ڪوششون ۽ جدوجهدون ٿينديون رهيون.
نئين سُجاڳيءَ ۽ سُڌارپسنديءَ، هر سطح تي وهمن ۾ وڪوڙيل دُنيا کي توڙي مروڙي ڇڏيو هو مذهبي فرقن ۽ پادرين جي جادوئي ٽوٽڪن تي اعتقادن، 'چالاڪ ماڻهن' طرفان لندڙ جادوئي دوائن ۽ تعويذن ۾ ايمان، آسيبي ۽ شيطاني قبضن ۽ بڇڙين قوتن کان خدائي نجات ۾ ايمان، موتمار جادوئي منتر ذريعي نجات ڏيارڻ واري 'ڏاڍڻ' جي قابليت بادشاهن جي ڇُهاءَ سان بيمارين جي علاج ۾ ايمان ڪجهڻ لڳو.[8] اهڙا وهم ۽ عقيدا فقط جاهل عوام منجهه نه هئا، اُهي حاڪمن توڙي هارين منجهه ايترا ئي غالب هئا. بادشاهه قدس يادگار جمع ڪندا هئا. مختلف علمن جا ماهر ماڻهو جهڙوڪ ڪرسٽوفر ڪولمبس، اولائيور ڪرامويل ۽ نيوٽن انجيل جي 'وحي واري ڪتاب' تي بڌل الهامي نڪتين کي سنجيدگيءَ سان ورتو پئي. ڪورنيس يا پزارو لڙائيءَ ۾ سوپ کي الهامي مداخلت سان منسوب ڪيو پئي ۽ هڪ بادشاهه (اسڪاٽ لينڊ جي جيمز ڇهين، جيڪو جلدئي انگلينڊ جو جيمز اول ٿيڻ وارو هو) ڪاري جادوءَ تي هڪ مقالو لکيو.
ماڻهن کي ايذائيندڙ بڇڙاين جي حقيقي ڪارڻن کان لاعلميءَ سان گڏ اهڙا عقيدا هلندا رهيا. اڪثر ماڻهن لاءِ زندگي مختصر هئي. اوچتو موت عام هو ۽ ان دور ۾ چاڻ جي سطح انهن لقائن جي سمجهاڻي ڏيڻ جي قابل نه هئي. طبيبن جي جهالت اها هئي، جو سندن دوائون ڪنهن بيماريءَ جو علاج ڪرڻ بدران ان کي ويتر خراب ڪري ڇڏينديون هيون. پليگ يا ماتا جي بيماريءَ هڪ شهر جي مُني يا ان کان وڌيڪ آباديءَ کي ڪُڙڪائي ورتو پئي. فصل نه لهڻ وارين تباهين ۽ اوچتين بُکن بابت ماڻهن هن ٿاهي ڇڏيو هو ته هڪ ڏهاڪي ۾ هڪ يا وڌيڪ ڀيرا اهڙيون قدرتي آفتون ٿي سگهن ٿيون. ٿوري باهه هجي گهٽيءَ کي ساڙي سگهي پئي يا وري سڄي شهر کي، جيئن 1666ع ۾ لنڊن ۾ ٿيو.
انهن مان ڪنهن به مسئلي ڏکئي عرصي وارو حل بظاهر غيرفطري واقعن ۽ لقائن بنيان فطري ڪارڻن کي سمجهڻ جي شروعات ۾ رکيل هو پر سائنس اجان تائين مڪمل طور تي وهمن ۽ بدعتن کان الڳ نه هئي. قدرتي مادن (ڪيمسٽري) کي ڪيئن الڳ

ڪجي ۾ ڪيئن گڏائجي واري ڄاڻ کي، ڌاتن جي بنياد کي سون ۾ تبديل ڪرڻ (الڪيمي) واري عقيدي سان گڏوچڙ ڪيو ويو هو. گرهن ۾ تارن جي چرپر (علم فلڪيات) جي معلومات، جيڪا تاريخون طئي ڪرڻ ۾ سامونڊي سفر جا نقشا ٺاهڻ لاءِ لازم هئي، سا اڃان تائين عقيدن جي نظام ۾ اڪثر واري علم (علم نجوم) سان ڳنڍيل هئي. رياضيءَ ۾ سنجيده دلچسپي اڃان تائين انگن جي جادوئي ترتيب ۾ ايمان سان جُڙيل هئي. انهن مان گهڻن مونجهارن کي رد ڪرڻ ممڪن هو پر اڃان تائين سائنسي معلومات فقط پراڻي يوناني، لاطيني يا عربي لکتن جي مطالعي مان حاصل ٿي سگهي پئي.

هڪ مسئلي جي حل لاءِ ٻيو ۽ ٻيو وري پهرين حل کي بگاڙي ڇڏيندڙ جي چڪر ۾ دائري ۾ قائل هو. سائنس جي ترقيءَ ڪانسواءِ جادوئي وهمن مان جان نه ڇٽي سگهي، پر سائنس وري جادوئي عقيدن جي نظام ۾ قائل هئي. ٻيو ته سائنسي وهمن جي هڪ نظام ۾ غيرسائنسي وهمن جي ٻئي نظام جي وچ ۾ فرق ايترو واضح نه هو جيترو اڄ نظر اچي ٿو.

مثال طور ان اعتقاد کي ئي وٺون ته، گرهه سج ۽ تارا ڌرتيءَ جي چوڌاري ڦرن ٿا. اهو اعتقاد ارسطوءَ جي خيال تي ٻڌل هو جنهن ۾ ٽولمي جي موت ڪانپوءِ ترميم ڪئي وئي.[9] گهڻي عرصي کان هڪ مختلف خيال موجود هو ته ڌرتي سج جي چوڌاري ڦري ٿي. اهو تصور قديم يوناني-رومن دنيا ۾ پونٽس جي هيراقلدس ۽ وچين دور ۾ نڪولي اوريسمي ۽ نڪولاس ڪسانس پيش ڪيو هو پر اڄ جي دور ۾ اهو سمجهڻ ڏکيو آهي ته تعليم يافته ۽ سائنسي طور تي کُليل ذهن وارن ماڻهن ان خيال کي رد ڪيو ته 'ڌرتي حرڪت ڪري ٿي'. ڇاڪاڻ ته ان تصور شين جي چرپر بابت ارسطو جي اصولن کي للڪاريو پئي. سج جي چوڌاري ڦرندڙ ڌرتي ۽ گرهن واري نئين ڳالهه پولش راهب ڪوپرنيڪس 1543ع ۾ پيش ڪئي، پر هُو ان اعتراض کي منهن نه ڏئي سگهيو. اڃان اها منزل پري هئي، جو سيني طرفان انهيءَ تصور کي مڃتا ملي، ايتريقدر جو انهن ماڻهن به ان ڳالهه کي تسليم نه پئي ڪيو جن مخصوص عملي مقصدن لاءِ ان جو استعمال ڪيو پئي. مثال طور فرانسس بيڪن جنهن تجرباتي مشاهدي جي ضرورت تي زور ڏنو ان بابت چيو وڃي ٿو ته سائنس کي وهمن کان آزاد ڪيائين، پر ان به ڪوپرنيڪس واري سرشتي کي رد ڪيو. ڇاڪاڻ ته 'جديد تجرباتي مڪتب فڪر جي استاد کي اهڙي قسم جي فتني خور تصورن جي ضرورت نظر نه پئي آئي'.[10] گرهن جي چرپر بابت ڪوپرنيڪس جي تخميني ۾ دريافت ٿيل غلطين سبب وري شڪ پرستي (Scepticism) زور ورتو. ان کان اڳ جو ڪيپلر حسابن ذريعي اهو مسئلو حل ڪري، تيسيتائين اڌ صدي گذري وئي. هن ڏيکاريو ته اهي تخمينا بلڪل صحيح ڪم ڪندا، جيڪڏهن گرهن کي گول دائرن بدران بيضوي شڪل ۾ حرڪت ڪندي ڏٺو وڃي، پر ڪيپلر جا پنهنجا اعتقاد اسان جن معيارن مطابق جادوئي هئا. هن جي خيال ۾ گرهن جا هڪٻئي کان ۽ سج کان

مفاصلا طبعي قوتن نہ پر عددي سلسلن جي فطري/ اندروني خاصيتن جو اظهار آهن. هن دنيا جي ارسطوئي تصوير کان مورڳو وڏيڪ پراڻي تصوير ڏانهن منهن ڪيو. يعني، افلاطوني يا ايتريقدر جو پيٿاگورين تصوير جنهن ۾ ڪائناتي نمونا حقيقت جي مختلف شعبن ۾ ڳولڻا هئا. اهڙو اعتقاد نجومي اڳڪٿين توڙي فلڪياتي ڳڻپن ۾ قياس آرائين کي جائز قرار ڏئي سگهيو پئي، ڇاڪاڻ تہ اهو سمجهيو پئي ويو تہ حقيقت جي هڪ حصي ۾ جيڪو ڪجهہ ٿيو سو وري ساڳئي نموني ڪٿي ٻئي هنڌ ٿيڻو آهي. ڪيپلر نجومياتي اڳڪٿيون ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار هو. 1618ع ۾ پراگ ۾ هن اڳڪٿي ڪئي تہ 'مئي جو مهينو وڏي مصيبت کانسواءِ نہ گذرندو.' اڳڪٿي بلڪل دُرست ثابت ٿي، ڇاڪاڻ تہ ٽيهہ سالا جنگ شروع ٿي، ۽ شايد ئي آسماني حرڪت جي ڪري

ڪجهہ شين طرفان ٻين شين تي پُراسرار اثر ۾ اعتقاد رکڻ جي حوالي سان ڪيپلر ڪو اڪيلو ماڻهو نہ هو. 17 صديءَ جي ٻئي اڌ تائين ڪيمبريج يونيورسٽيءَ تي 'نئين افلاطونيت' جو چڱو اثر رهيو. ماڻهن سمجهيو پئي تہ هڪ چاقو جيڪو ڪنهن کي وڍي سگهي ٿو سو زخم کي ٺيڪ ڪرڻ ۾ بہ مدد ڪندو اهين ئي جيئن چقمق ڪجهہ مفاصلي تي هڪ لوهہ جي ٽڪڙي تي اثر ڪري سگهي ٿو.[11]

گليلو وڏي ڪوشش ڪئي تہ ڪائنات بابت ڪوپرنيڪس واري تصور کي مڃتا ڏياري. 1609ع ۾ ٽيلي اسڪوپ ايجاد ڪري، هن چنڊ تي جبل ۽ آتش فشان وارا ڪڏا دريافت ڪيا. هن ڏيکاريو تہ چنڊ ڌرتيءَ کان بلڪل مختلف مادي جو ٺهيل نہ هو جيئن ارسطو ۽ ٽولمي (Ptolemy) بحث ڪيو هو. هن هڪ نئين طبعيات جي عنصرن بابت پڻ ٻُڌايو تہ جسم ڪيئن حرڪت ڪن ٿا. سندس ڳالهين ارسطوءَ جي تصورن کي للڪاريو پر هن جون ڳالهيون اجان تائين پراڻن تصورن جو مڪمل ٽوڙ نہ هيون.[12] مثال طور، گليلو مڃيو پئي تہ ڪائنات محدود آهي ۽ هن ڪيپلر جي خيال کي رد ڪيو تہ گرهہ بيضوي صورت ۾ حرڪت ڪن ٿا. ان حد تائين هي اجان تائين پراڻن خيالن جو قيدي هو. هي جلدئي هڪ ٻئي حوالي سان قيدي ڪيو ويو. مٿس تحقيقات لاءِ مقدمو هلايو ويو. نيٺ مجبور ٿي هن ڪوپرنيڪس واري سرشتي جي ملامت ڪئي ۽ پنهنجي موت تائين گهر ۾ نظربند رهيو.

طبعيات ۽ فلڪيات بابت بحث ان دور جي عام نظرياتي دليلن سان گڏوچڙ هئا. 1543ع ۾ ڪوپرنيڪس ڪيٿولڪ چرچ، جنهن سان هن جو تعلق هو هٿان ذليل ٿيڻ جي خوف کان بچندي، پنهنجا خيال شايع ڪرائي ورتا. بيشڪ سندس خيالن تي سڀ کان وڏيڪ سخت حملا لوٿر جي چيلي ميلانچٿون کان ٿيا، جڏهن تہ ڪيٿولڪ چرچ طرفان ٺاهيل جنتريءَ ۾ سڌار جو انحصار ڪوپرنيڪس جي ماڊل تي ٻڌل ڳڻپ تي هو.

پر رد-سڌارپسنديءَ سان صورتحال بدلجي وئي. سندس حمايتي ارسطوئي ماڊل پٺيان متحرڪ ٿيا، جنهن کي دينيات جي ڄاڻو ٿامس اقيانس 250 سال اڳ قبولي، 13

صديءَ جي فلسفياڻين دليلن کي حل ڪيو هو ۽ هڪ ماڊل نئين ڇاول تحقيقات وقت شڪ ڪندڙن مٿان مڙهيو ويو. ارسطو (۽ اڪيانس) سيکاريو هو ته. شين جي خاڪن (منصوبن) ۾ هر شيءِ ۽ هر ماڻهوءَ جي پنهنجي جاءِ آهي. آسماني جسمن جي هڪ مقرر درجي بندي آهي ۽ ساڳئي نموني ڌرتيءَ تي طئي ٿيل درجي بندي آهي. بادشاهن ۽ طبقن لاءِ اهو دنيا بابت ڪامل نقطه نظر هو جن نه صرف سُڌارپسنديءَ کي تباهه ڪرڻ، پر باغي وچين ۽ هيٺين طبقن کي پراڻي جاگيرداري نظام کي قبولڻ تي مجبور پڻ ڪيو. انهيءَ پسمنظر ۾ ڪوپرنيڪس جو نقطه نظر، لوٿر يا ڪالوين جيترو ئي باغياڻو هو. 1600ع ۾ برونو کي ساڙيو ويو ڇاڪاڻ ته هن جو خيال هو ته لامحدود دنيائون آهن. ڪيٿولڪ رياستن اندر نظرياتي ماحول سائنسي تحقيق خلاف ڪم ڪيو. گليلو خلاف مقدمي بابت ٻُڌندي فرينچ رياضيدان ۽ فلسفي ڊيڪارٽ پنهنجي هڪ ڪوجنا دٻائي ڇڏي، جنهن بعد وارين نيوٽن جي دريافتن جو اشارو ڏنو.[13] اها ڪا حيرت جهڙي ڳالهه نه هئي ته سائنسي جدت جو مرڪز ڊچ ريپبلڪ ۽ انقلاب کان بعد واري انگلينڊ ڏانهن منتقل ٿي ويو ۽ بائل، هوڪ، هائجينس ۽ سيني کان مٿي نيوٽن جي جن طبعيات جي نون قانونن مسئلا حل ڪيا، جن ڪوپرنيڪس، ڪيپلر ۽ گليلو جي ڪائنات بابت داستانن کي ٻوڙي ڇڏيو.

اهو سڀ ان ڪري نه ٿيو جو پروٽسٽنٽ رهنما پنهنجو پاڻ کي ڪيٿولڪ اڳواڻن کان وڌيڪ روشن خيال هئا. جيئن ڪيٿ ٿامس چوي ٿو ته 'سيني فرقن جي دينياتي عالمن' ڪاري جادوءَ واري حقيقت کي برقرار رکيو.[14] پر پروٽسٽنٽ ازم جو مقبول بنياد سماجي گروهن، ڪاريگرن ۽ ننڍن واپارين منجهه ڪتل هو جن معلومات وڌائڻ چاهي پئي، پلي پوءِ اها معلومات پڙهڻ ۽ لکڻ جي ڄاڻ هجي ته. جيئن انجيل تائين رسائي ماڻي سگهن. پروٽسٽنٽ ازم جي پکيڙ سان گڏ عام تعليم کي زور وٺائڻ جون ڪوشش به ٿيون ۽ هڪ پيرو جڏهن ماڻهو پڙهي ۽ لکي سگهيا ته سندن لاءِ نون خيالن جي دنيا کلي وئي. ٻيو ته پراڻي عقيدي پرستيءَ کي للڪار، ماڻهن جي دماغن کي وڌيڪ سوالن ۽ شڪن لاءِ کولي ڇڏيو ان جو چٽو اظهار انگريز انقلاب دوران ٿيو. پريسباٽيرين جن پادرين ۽ بادشاهه کي للڪاريو سي سينسرشپ جي اخلاقي طور ڪِرڻ کانسواءِ ائين نه پئي ڪري سگهيا، پر موٽ ۾ وري انهن ماڻهن کي، جن وٽ ٻيا مذهبي خيال هئا. تن کي آزاداڻي نموني اظهارڻ جي اجازت ملي. مذهبي الهامن ۽ انجيل جي تشريحن جي شور منجهه ماڻهن لاءِ ڦهريون پيرو اهو ممڪن ٿيو ته انهن سيني بابت پنهنجن شڪن جو کلي عام اظهار ڪن. نئين ماڊل فوج ۾ هڪ شرابي سپاهي پڇي سگهيو پئي ته. 'ميز تي پيل جست جو ٿانو خدا ڇو نه ٿيڻ گهرجي؟' رجعت پرست سياسي نظريدان ٿامس هابز مڪمل طور تي مادي پرست ڪتاب Leviathan شايع ڪرايو جنهن ۾ مذهبي معجزن تي حملا ٿيل هئا. نئين ماڊل فوج طرفان آڪسفورڊ کي شاهه پرستن جي چنبي مان آزاد

ڪرائڻ ڪانپوءِ، آزاد ماحول ۾ هم خيال سائنسدانن جي هڪ گروهہ سائنسي ترقيءَ لاءِ هڪ انجمن ٺاهي.

سُڌارپسنديءَ وقت هابز کي خوف هو تہ. ڪيس بي دينيءَ جي الزام ۾ ساڙيو نہ وڃي، پر اصل ۾ هن کي سرڪاري شاهي پينشن ملي پئي ۽ سائنسي ترقيءَ واري انجمن يا سوسائٽي 'رايل سوسائٽي' بڻجي وئي. سائنس فطري دنيا مٿان ڪنٽرول وڌائڻ طور سڃاپجڻ لڳي. سائنس فطري دنيا زراعت، صنعت، تجارت ۽ فوجي ڪارڪردگيءَ جي معاملن ۾ نفعا ڏيڻ شروع ڪيا.

ان جي معنيٰ اها نہ ٿي تہ اعتقاد خلاف لڙائيءَ ۾ سوڀ ملي وئي. ترقي يافتہ صنعتي ملڪن ۾ اڃان تائين وڏي تعداد ۾ ماڻهن جو نجومين ۽ جادوءَ ۾ ايمان آهي، پلي پوءِ اُهي ڳالهيون مذهبي هجن يا 'ديومالائي'. اها وهم پرستي فقط فرض ڪري ورتل 'اٽپڙهيل' ماڻهن منجهہ ناهي. 'عالمي اڳواڻ'، جهڙوڪ: رونالڊ ريگن، اندرا گانڌي ۽ اڳوڻو فرينچ وزيراعظم ايڊٿ ڪريسن (بينظير ڀٽو پڻ) نجومين سان صلاح مشورا ڪندا هئا. 18 صديءَ ۾ جادوءَ جو اثر ويتر وڌيڪ هو.

ڏائڻن ۽ ڪاري جادوءَ جي اثر بابت پيشيور ڳولائو ميٿيو هوپڪنس 1640ع جي وچ ڌاري اڻ اُڪلايل گهرو جنگ جي انتشار منجهہ انگلينڊ جي اوير وارين ڪائونٽيز ۾ ڏائڻن ۽ ڪاري جادوءَ جي اثرن بابت عدالتن ذريعي، اٽڪل 200 سزائن جا فرمان جاري ڪرايا. ايڏيون سزائون اڳ واري ڪنهن بہ دور کان گهٽيون هيون.[15] ان جي ابتڙ، نئين ماڊل فوج هٿان اسڪاٽ لينڊ تي قبضي سبب ڏائڻن ۽ ڪاري جادوءَ جي مقدمن ۾ عارضي طور تي ٺاپر آئي،[16] ۽ 1668ع ڌاري هڪ تبصري نگار لکيو تہ 'اڪثر رئيسن جو فلسفي ۽ ذهانت ڏانهن لاڙو هو ۽ ڏائڻن واري اعتقاد تي ٺٺوليون ڪندا هئا'.[17] برطانيا ۾ آخري ڀيرو ڏائڻ ۽ ڪاري جادوءَ تي موت جي سزا 1685ع ۾ ڏني وئي، جيتوڻيڪ قانون جي ڪتاب ۾ آئنده 50 سالن تائين اهو عمل ڏوهہ ٿي رهيو. عام 'ذهنيت' ۾ اهڙي تبديلي گذريل صدي جي اقتصادي، سماجي ۽ سياسي تبديلين جو نتيجو هئي.

باب ٽيون

روشن خيالي

طبقاتي معاشرن جي اپرڻ کان وٺي جن خيالن کي سچ سمجهي قبوليو ويندو هو انهن کي سڀ کان وڏيڪ انقلابي فڪري للڪار ڏچ ۾ انگريز انقلابن کانپوءِ ٿي. يورپ جي ٻين علائقن ۾ وچولي ۾ ايتريقدر جو مٿين طبقن جي فڪري طور تي وڏيڪ باشعور حلقن اهو محسوس ڪرڻ شروع ڪيو ته سندن معاشرن ۾ خاميون آهن ۾ هنن خيالن جي تبديليءَ ذريعي خيالن کي بدلائڻ چاهيو. تنهنڪري هاڻي تعصبن ۾ اعتقادن مٿان نئين سُجاڳي ۾ سُڌارپسنديءَ ۾ ٽيل حملن کان وڏيڪ ڏور رس حملو ٿيو. نتيجي طور خيالن جي ان وهڪري جنم ورتو جنهن کي روشن خيالي سڏيو وڃي ٿو.

انهيءَ روشن خياليءَ جي زمري ۾ مفڪر ۾ ليکڪ، فطري سائنسدان، فلسفي، طنزنگار، اقتصادي ماهر تاريخ نويس، مضمون نويس، ناول نگار، سياسي نظريدان ۾ ايتريقدر جو موزارٽ جهڙا موسيقار اچي وڃن ٿا. اُنهن سيني جا خيال ساڳيا نه هئا. ڪجهه جا ته وڏن ۾ اهم معاملن ۾ بلڪل ابتڙ رايا هئا.[18]

انهن ۾ هڪڙي شيءِ ساڳي هئي ته، تجرباتي چاڻ تي ٻڌل عقلي سمجهه جي طاقت ۾ سندن ايمان هو. ان معلومات کي دنيا تي لاڳو ٿيڻو هو پلي پوءِ ان جي معنيٰ موجوده ڏندڪٿائن ۾ مچيل عقيدن کي للڪار ئي ڇو نه هجي. اهڙي نقطہ نظر انيڪ ادارن ۾ موجود يورپي سماجن جي ڪُجهه نظريي کي جنجهوڙي وڌو.

فرانس ۾ ڊيڪارٽ، هالينڊ ۾ اسپائي نوزا ۾ ڏکڻ اولهه جرمنيءَ ۾ لبنيز جهڙن فلسفين پنهنجا اثر ڇڏيا. هنن کي يقين هو ته دنيا جي مڪمل سمجهه، عقل جي ڪجهه ناقابلِ للڪار اصولن مان اخذ ڪري سگهجي ٿي. ان يقين جا بنياد 18 صديءَ ۾ پيا، جڏهن نيوٽن طبعيات جا بنيادي قانون دريافت ڪيا.[19] اهي ’عقليت پسند‘ فلسفي، سياسي طور تي انقلابي نه هئا. ليبنز ته وڏي شان شوڪت سان اعلان ڪيو ته، ڪائنات اڳ ۾ طئي ٿيل هم آهنگيءَ مطابق هلي ٿي ۾ والٽيئر ڪينڊڊ ۾ شاندار نموني مزاحيہ تصويرڪشي ڪندي هڪ خيال پيش ڪيو ته، ’سڀ ڪجهه، سيني امڪاني دنيائن جي بهترين ۾ بهترين لاءِ‘. پر عقليت پسند نقطہ نظر ٻين جي هٿن ۾ ذري گهٽ انقلابي هٿيار ٿي سگهيو پئي، ڇاڪاڻ ته عقليت پسنديءَ اشارتن ڇيو پئي ته جيڪڏهن ڪنهن اداري يا عمل کي ابتدائي اصولن مان اخذ نه ڪري سگهجي ته ان کي رد ڪرڻ گهرجي.

هڪ ٻيو اثر جان لاڪ جو ٿيو جنهن برطانيا ۾ بلڪل مختلف روايت شروع

ڪئي. هن زور ڀريو تہ ڄاڻ عقليت پسندن جي ’پيدائشي خيالن‘ مان نہ، پر جيڪا شيءِ اڳئي وجود رکي، ان جي تجرباتي مشاهدي مان اچي ٿي. لاڪ سياسي طور تي اهڙوئي رجعت پرست هو جهڙو لبنيز. هن انگريز شريف جاگيردارن ۽ واپارين جي رويي جي عڪاسي ڪئي پئي. جڏهن انگريز بادشاهہ مٿين طبقي جي پارليامينٽ ذريعي حڪمراني ڪرڻ تي اتفاق ڪيو تڏهن سندن مقصد حاصل ٿي ويا. تنهن هوندي بہ 18 صدي جيئن جيئن آهستي آهستي گذرندي رهي، تيئن تيئن انگريز تجرباتي نقطہ نظر منجهان جرمني ۽ فرانس ۾ تيزيءَ سان انقلابي نتيجا اخذ ڪيا ويا. فرانس ۾ والٽيئر ۽ مونٽيسڪيو لاڪ جا وڏا مداح هئا. هن جي لکڻين مان نتيجا اخذ ڪيائون تہ يورپي کنڊ جي ملڪن کي انگريزي طرز سان سڌارا ڪرڻ گهرجن. انگلينڊ جو هڪ رجعت پرست نظريو خليج پار ڪري ٻين سماجن لاءِ هڪ ڌماڪيدار قوت ٿي پيو.

روشن خيال مفڪر انقلابي نہ هئا. اُهي منحرف دانشور هئا، جن مدد ۽ سرپرستيءَ لاءِ مٿين طبقي جي ماڻهن ڏانهن نهاريو پئي. اُنهن جون اميدون پراڻي رجعت پرست سماج کي اونڌو ڪرڻ نہ، پر ان جي سڌاري ۾ هيون. جيڪي خيالن جي لڙائي ۾ فتح ماڻڻ سان حاصل ٿي پونديون. ڊڊروٽ (Diderot) کي روسي راڻي ڪيٿرائين وٽ وڃڻ ۾ ڪو تضاد نظر نہ آيو نہ ئي والٽيئر کي پرشين بادشاهہ فريڊرڪ اعظم سان گڏجي ڪم ڪرڻ ۾ ڪو عيب محسوس ٿيو. سندن ماحول جو اظهار هفتي ۾ ٻہ ڀيرا ٿيندڙ اُنهن ’بيٺڪن‘ مان ٿيو پئي، جنهن ۾ هي باقائدگيءَ سان حاضري ڀريندا هئا ۽ ان جو انتظام هوئلباخ جي زال ڪندي هئي، جتي ڊڊروٽ، هيوم، روسو جهڙا مفڪر، مستقبل جي آمريڪي رهنما بينجمن فرينڪلن ۽ انقلابي ڪيميادان جوزف پريسٽلي سان گڏ نيپلز جو سفير لارڊ شيلبورن، مستقبل جو فرينچ شاهي وزير نيڪر ۽ برنسوڪ جو شهزادو ايندا هئا.[20] والٽيئر زور ڀريو تہ ’پورهيتن نہ، پر سٺن بورجوازي، واپارين کي تعليم ڏيڻ گهرجي.‘ ايتريقدر جو فرانس جا انسائيڪلوپيڊيا لکندڙ جيڪي نئين سوچ جي پرچار جا جذباتي شوقين هئا، تن پنهنجون ڪوششون ڪتابن تي ڌيان ڏيڻ تي لڳايون، جيڪي مالي طور تي آباديءَ جي وڏي حصي جي پهچ کان پري هئا (ڊڊروٽ ۽ ڊالمبرٽ جي انسائيڪلوپيڊيا، 17 ڀاڱن ۾، جون فقط 4 هزار ڪاپيون وڪرو ٿيون). دوستاڻن نوابن جي بيٺڪن يا Masonic Societies ذريعي جن جي ڳجهن نيم مذهبي رسمن، مٿين ۽ وچولي طبقي جي ’روشن خيال‘ حلقي کي گڏايو.

روشن خيال مفڪر موجوده ادارن ۽ خيالن تي، گهٽ ۾ گهٽ کلي عام تنقيد ڪرڻ لاءِ محدود حد تائين بلڪل تيار هئا. والٽيئر مذهبي اعتقاد خلاف شديد ڪاوڙ ڪري سگهيو (هن جو نعرو هو تہ ecraesz I'infame ___ ’بڇڙائي کي ڪچليو‘) ۽ معجزن بابت انجيل جي داستانن تي شديد تنقيدون ڪيائين، پر هي پريشان ٿي ويو جڏهن هوئلباخ (هڪ فرضي نالي سان) ’فطرت جو سرشتو‘ هڪ مڪمل دهريت تي ٻڌل ڪتاب، شايع ڪرايو. هن لکيو تہ ’ان ڪتاب فلسفي کي بادشاهہ ۽ درٻارن جي اکين ۾ لعنتي شيءِ بڻائي ڇڏيو‘[21]

انگلينڊ ۾ گبن هڪ پهل ڪندڙ ۽ نئين راهه ڏيکاريندڙ تاريخ 'رومن سلطنت جو زوال ۽ ناڪامي' لکي سگهيو جنهن عيسائي چرچ جي اثر تي سخت تنقيدي حملا ڪيا. پر ان جو ارادو عوام جي عقيدي کي ڏوڏڻ نه هو. اسڪاٽ ڊيوڊ هيوم پنهنجي حياتيءَ دوران مذهب تي ڪيل سندس حملن کي شايع نه ڪرايو. والٽيئر، روسو جي ڪتاب 'سماجي معاهدي' ۾ موجوده سماجي ادارن تي ڪيل ناڪاري تنقيد تي اعتراض ڪيو جڏهن ته روسو وري مذهب ڏانهن والٽيئر جي ناڪاري رويي تي تنقيد ڪئي.

توڙي جو هنن مفڪرن کي نه چاهيندي به انقلابي موقف اختيار ڪرڻو پيو روشن خيال مفڪرن انهن سماجن جي ڪجهه بنيادي سهارن ۽ ٽيڪن کي للڪاريو جن ۾ اهي پاڻ رهيا پئي. اُنهن سماجن کي سُڌارڻ ايترو آسان نه هو ڇاڪاڻ ته طاقتور مفادن ڪنهن به قسم جي سوال کي بغاوت طور ڏٺو پئي. نتيجي طور انيڪ مفڪرن تڪليفون پوڳيون. والٽيئر کي هڪ نواب جي ڪرائي جي غنڊن هٿان مار کارائي وئي، باسٽائيل ۾ قيد کي پوڳيائين ۽ پوءِ ڪيترائي سال پئرس کان پري رهڻ تي مجبور ٿيو. ڊِڊروٽ (Diderot) کي هڪ عرصي لاءِ پئرس پرسان ونسينز جي قلعي ۾ قيد ڪيو ويو. روسو پنهنجي زندگيءَ جو پويون حصو فرينچ اختيارين جي پهچ کان پري، سئس سرحد جي پار گذاريو ۽ بيمارچيس (Beaumarchais) (جنهن جي 'فگارو جي شادي' موزارٽ (Mozart) جي سنگيت ناٽڪ لاءِ بنياد رکيا) جي ڊرامن تي ڪيترن ملڪن ۾ بندش وڌي وئي، جنهن چيو هو ته هڪ غلام پنهنجي آقا جي ارادن کي روڪي سگهي ٿو.

مجيل خيالن تي ڪو به سوال ڪرڻ سان چرچ دشمن ٿي ٿي پيو. 18 صديءَ جي پٺي اڌ تائين ڏکڻ يورپ ۾ رد-سُڌارپسنديءَ سندس مخالف ڌرين مٿان تهمتون هنيون ۽ الزام مڙهيا. اسپين ۾ 1700ع ۽ 1746ع جي وچ ڌاري 700 ماڻهن کي 'بي دينيءَ' جي الزام ۾ جيئرو ساڙيو ويو.[22] فرانس ۾ پروٽسٽنٽ اجان تائين غلامن کي ٻيڙا هلائڻ جي سزا ڏئي سگهيا پئي ۽ ٻن پروٽسٽنٽ پيروڪارن کي 1761ع ۾ تولائز ۾ ۽ 1766ع ۾ ايبيوائيل ۾ ڦاهيءَ تي لٽڪائڻ کان اڳ سندن هڏن کي ٽوڙيو ويو.[23]

اهڙين شين کي للڪاريندي مفڪرن بنيادي سوال اُٿاريا ته سماج ڪيئن هلائڻ گهرجن. توڙي جو انهن مڪمل سوالن جا جواب ڏيڻ کان لنوايو پئي. والٽيئر جي ڪينڊ سمجهايو ته يورپ ۾ ڪا به رياست عوام جي ضرورت پوري نه ٿي ڪري سگهي. روسو انقلابي خيال سان پنهنجي 'سماجي معاهدي' جي ابتدا ڪئي ته 'انسان آزاد پيدا ٿيو آهي، پر هر هنڌ زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي،' توڙي جو لڳي ٿو ته هن جو عوام منجهه ڪو گهڻو ايمان نه هو. فلسفي هوئلباخ ۽ Helvetius فطرت ۽ سماج جو مادي نقطه نظر سان تجزيو ڪندي، خدا جي ڪنهن به خيال کي رد ڪري ڇڏيو.[24] فطرت پرست بفن (Buffon) جانورن جي نسلن بابت ذري گهٽ ارتقائي نظريو پيش ڪيو (۽ انساني مخلوق جي اتحاد تي زور ڏنو 'نسلن' جي وچ ۾ فرقن کي آبهوائي حالتن سان منسوب ڪيو).[25] اسڪاٽس ايڊم

فرگسان ۾ ايڊم سمٿ انساني سماج کي مختلف مرحلن، يعني: شڪاري، ڌنار ۽ زراعت جي مرحلن ذريعي ترقي ڪندي ڏٺو ۽ ائين هن سماجي واڌاري جي مادي پرست سمجهه لاءِ بنياد فراهم ڪيا. ان وچ ۾ انسانذات ۽ انساني ادارن جو معقول مطلب پيش ڪرڻ وارين ڪوششن ۾ روشن خيال مفڪر سندن کان اڳ وارن کان وڌيڪ اڳتي نڪري ويا.

هڪ حوالي سان سندن خيال 'بالادست' ٿي ويا. سڄي يورپ ۾ ٿيندڙ فڪري بحث تي سندن غلبو هو. هنن هر هنڌ معذرتي (پراڻن خيالن کي صحيح ثابت ڪندڙ) (apologists) مفڪرن کي دفاعي پوزيشن اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيو. ڪين اُنهن سيني، ايتريقدر جو معاشري ۾ اونچائيءَ تي ويٺل ماڻهن پڻ ٻُڌو جن يورپي ڪنڊ جي معاشي طور تي بيٺل 'پراڻن' نمونن جي ابتڙ، 'جديد' قسم جو انگلينڊ جهڙو اقتصادي طور تي ڪامياب سماج چاهيو پئي.

مختلف مرحلن تي آسٽريا، روس، پورچوگال ۽ پولينڊ ۾ حڪومتن روشن خيال فڪر سان جڙيل مخصوص سُڌارن ذريعي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي (۽ ائين ان دور کي تاريخ نويسن 'روشن خيال گودام' طور سڏيو). 1759ع ۽ 1765ع جي وچ ۾ پورچوگال، فرانس، اسپين، نيپلز ۽ پرما جي حڪمرانن مسيحائي فرقي (Jesuits) کي ڦٽو ڪري ڇڏيو ۽ ڪيٿولڪ بادشاهن جي دٻاءَ هيٺ پوپ، يورپ ۾ پنهنجي سرشتي کي ٽوڙي ڇڏيو.[26] فرانس ۾ جڳ مشهور 'فزيوڪريٽ' (Physiocrat) روشن خيال اقتصادي ماهر مان هڪ ترگوٽ (Turgot) 1774ع ۾ لوئس 16 جو وزير ٿيو پر هر هنڌ مٿان کان آيل سُڌارن کي ترڪ ڪيو ويو. ايتريقدر جو خود 'روشن خيال' بادشاهه به حڪمران طبقن جي مزاحمت آڏو اهڙن خيالن کي عمل ۾ آڻڻ جي قابل نه هو جن جي دولت جاگيردار استحصال جي ڪن صورتن تي منحصر هئي.

ڊبروٽ انسائيڪلوپيڊيا ۾ لکيو ته هن (انسائيڪلوپيڊيا) جو مقصد 'سوچ جو عام ڍنگ تبديل ڪرڻ آهي'.[27] روشن خيال مفڪرن، حڪمران طبقن جي دانشورن سميت ڏاهن جي خيالن کي ڪامياب نموني للڪاريو ۽ اها للڪار به صديون اڳ واري سُڌارپسنديءَ کان وڌيڪ ڏور رس هئي. 1780ع تائين والٽيئر ۽ روسو جون لکڻيون 'وڏي تعداد ۾ عوام سان مخاطب ٿيون'،[28] ۽ انسائيڪلوپيڊيا جا سستا ڇاپا (گهٽو ڪري نقل) ڊبروٽ (Diderot) جي پنهنجي تصور کان وڌيڪ وڪرو ٿيا. 'اهو علم قديم نظام حڪومت (ancien regime) جي بورجوازي دور ۾ ڦهليو' ۽ 'هڪ ترقي پسند نظريو ...... سماجي ڍانچي جي مدي خارج ۽ دقيانوسي حصن ۾ گهِڙي پيو'.[29] تنهن هوندي به روشن خيال مفڪر سماج کي سُڌارڻ واري سندن مقصد حاصل ڪرڻ ۾ مشڪل سان اثرائتا ٿيا. والٽيئر جڏهن 1778ع ۾ مرڻ ڪنديءَ تي هو ته بظاهر بد دل ۽ مايوس هو.[30] ڪانٽ ڇهن سالن کانپوءِ نوٽ ڪيو ته جيتوڻيڪ 'هي روشن خياليءَ جي دور ۾ رهيو پئي... پر خود اهو دور روشن خيال نه هيو'.[31]

بدلجندڙ خيالن جو مطلب بدلجندڙ سماج نه هو. ان لاءِ انقلابن ۾ گهرو جنگين جو هڪ پيو چڪر ۽ ڦيرو گهربل هو.

باب چوٿون

غلامي ۽ پگهاردار غلامي

روشن خياليءَ جي سوچ اتفاقي طور تي مخصوص مفڪرن جي دماغن ۾ ظاهر ڪانه ٿي هئي. اهي فڪري رجحان انسانذات جي وچ ۾ لاڳاپن منجهه ٿيندڙ تبديلين جو گهٽ ۾ گهٽ جزوي طور تي عڪس هئا. تبديلي جيڪا برطانيا ۽ هالينڊ ۾ گهڻو اڳتي نڪري وئي هئي.

16 ۽ 17 صدين جي اٿل پٿل دوران مک تبديلي اها ٿي هئي ته ماڻهن جي گذرسفر حاصل ڪرڻ واري طريقي ۾ مارڪيٽ ذريعي شين جي متاستا تيزيءَ سان غالب ڪردار ادا ڪرڻ لڳي. چرچ بي دين ڪافرن کي شايد ساڙي ڇڏي ها ۽ هيبس برگ فوج سندن مخالفت ڪندڙ شهري مرڪزن کي تباهه ڪري ڇڏي ها، پر پادري، شهنشاهه شهزادا ۽ جاگيردار سيني کي سندن ڪوشش لاءِ روڪ رقم جي ضرورت هئي ۽ ان جي معنيٰ ته ايتريقدر جو پراڻي نظام کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪندي، اُنهن مارڪيٽ جي قوتن کي ڦهلائڻ ۾ مدد ڪئي، جن نيٺ سندن ترا ڪيديا.

ان جو بلڪل صاف اظهار آمريڪاين جي فتح ڪانپوءِ ٿيو. آمريڪي ڪاڻين مان ملندڙ چانديءَ فوجن جا مالي معاملا هلائڻ ۾ مک ڪم ڪيو جن فوجن رد۔ سُڌارپسنديءَ کي ٽيڪو ڏنو. پر چانديءَ جو اهو وهڪرو ڪنڊن جي وچ ۾ هڪ نئين قسم جي مارڪيٽ لاڳاپن جو حصو هو. ان چانديءَ جو ڪجهه حصو عياشيءَ جو سامان خريدڻ لاءِ اُتر اولهه يورپ ۽ ان کان ٻاهر چين، ويسٽ انڊيز ۽ انڊيا تائين ويو. نوان بين الاقوامي سامونڊي رستا، منيلا کان اڪاپلڪو (Acapulco) تائين، ويرا ڪرز (Vera Curz) کان سيويلي (Seville) تائين، ايمسٽرڊم کان بٽاويا (Batavia) تائين[32] ۽ بٽاويا (Batavia) کان ڪينٽون تائين، دنيا جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين ماڻهن جون زندگيون ڳنڍڻ شروع ٿيون.

مارڪيٽ لاڳاپا ان مفروضي تي منحصر هوندا آهن ته عوام جي سماجي حيثيت پلي ڪيتري به اڻبرابر هجي، اُنهن کي هڪ مخصوص ڏيتي ليتي/ ڪاروهنوار قبولڻ يا رد ڪرڻ جو برابر حق آهي. خريدار ڪابه قيمت آڇڻ لاءِ آزاد آهي ۽ وڪڻندڙ آڇ رد ڪرڻ لاءِ آزاد آهي. ان معاملي ۾ وزير ۽ واپاري، نواب ۽ وچولي طبقي جو شهري، جاگيردار ۽ ڪڙميءَ هر هڪ کي برابر جا حق حاصل آهن، جن پرکڻ تائين مارڪيٽ

ڦهلي اتان جا تسلط ۽ فرمانبرداريءَ تي ٻڌل پراڻا تعصب. ڏوڪڙن جي ڳڻپ ۽ حسابن جي گهيري هيٺ اچي ويا.

تبديلي جيڪا حقيقت ۾ آئي پئي، ان جو سوچ جي دنيا ۾ اظهار روشن خياليءَ جي صورت ۾ ٿيو پئي. ماڻهن برابريءَ واري دنيا جي تصوير (جيتوڻيڪ ڪجهه روشن خيال مفڪرن عورتن لاءِ برابريءَ جي حقن جو سوال اٿاريو) هڪ اهڙي دنيا جي تجريد هئي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي شين کي وڪڻڻ ۽ خريدڻ جي معاملي ۾ راضي ٿيڻ يا نه ٿيڻ لاءِ هڪ جيترا اهل هئا. 'عقلي' رياست اها هئي جنهن ۾ اهو سڀ ڪجهه ڪنهن رڪاوٽ کانسواءِ ٿي سگهي.

تنهن هوندي به روشن خياليءَ واري تصوير، جنهن کي 18 صديءَ ۾ لاڳو ڪيو ويو ان ۾ به وڏا سوراخ هئا. نه صرف يورپ جي 'پسمانده' علائقن، جهڙوڪ: ڪاستائل، سسلي يا اوڀر يورپ، پر والٽيئر جهڙن ماڻهن لاءِ مثالي برطانيا ۾ به ائين ئي هو. هڪ آمريڪين جي مال متاع واري (chattel) غلامي ۽ ٻيو گهر ۾ هٿين خالي مزدورن جي پگهاردار غلامي هئي.

باب پنجون

غلامي ۽ نسل پرستي

18 صديءَ جي يورپ جي وڌندڙ دولت هڪ اداري مان آئي، جيڪو خريدار ۽ وڪڻندڙ جي وچ ۾ برابريءَ جي بلڪل ابتڙ حقن تي ٻڌل هو. يعني، جبري غلامي. يورپ جي ڪافي هائوسز ۾ فلسفين پلي ڪٽي برابريءَ جي حقن بابت ڳالهايو پئي، پر جيڪا مٺي ڪافي اُنهن پيتي پئي، سا اُنهن ماڻهن پيدا ڪئي هئي، جيڪي اولهه آفريڪا ۾ بندوق جي نوڪ تي ٻيڙن ۾ ڌڪن وانگر، انتهائي خراب حالتن ۾ ائٽلانٽڪ پار آندا ويا (ان سفر دوران ڏهن غلامن مان هڪ کان وڌيڪ مري ويندا هئا). تن کي ٻڙين ۾ وڪيو ويو ۽ پوءِ جيسيتائين مري وڃن، تيسيتائين کين ڪوڙا هڻي، هڪ ڏينهن ۾ 15، 16 يا ايتريقدر جو 18 ڪلاڪن تائين ڪم ورتو پئي ويو.

اٽڪل 12 ملين انسانن غلاميءَ جي عذاب کي پوڳيو.[33] انهيءَ عرصي دوران 15 لک غلام مري ويا. باغن جي پوکائيءَ دوران مرندڙن جو تعداد ڳنڀير هو ڇاڪاڻ تہ باغ مالڪن کي غلامن جي موت تائين انهن کان ڪم ڪرائڻ ۽ پوءِ سندن جاءِ تي ڪنهن ٻئي غلام کي خريدڻ منافعي بخش لڳو پئي. 18 صديءَ ۾ برطانوي ڪيريبين ٻيٽن ڏانهن 16 لک غلامن کي آندو ويو. تنهن هوندي بہ ان صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين غلامن جي آبادي ڇهہ لک هئي. اتر آمريڪا ۾ حالتن (هڪ وچٿري آبهوا ۽ تازي ڪاڏي تائين وڏي پهچ) غلام آباديءَ جي تيزيءَ سان پکيڙ جي اجازت ڏني پئي، پيدائش توڙي ٻاهران آڻڻ ذريعي. ائين اها آبادي صديءَ جي ابتدا ۾ پنج لکن کان شروع ٿي ۽ آخر تائين 30 لک ٿي وئي ۽ 1860ع تائين 60 لک. پر اڃان بہ غلامن جي موت جو تعداد ٻين ماڻهن کان گهڻو هو. جيئن پيٽرڪ مييننگ نشاندهي ڪري ٿو: '1820ع تائين هڪ ڪروڙ آفريقن نئين دنيا ڏانهن هجرت ڪئي جڏهن تہ انهن جي ڀيٽ ۾ 20 لک يورپي آيا. نئين دنيا جي اڇي رنگ وارن جي 1.2 ملين آباديءَ ٽلهي ليکي ڪاري رنگ وارن جي آباديءَ کان ڀيٽي هئي.'[34]

بيشڪ غلامي 17 ۽ 18 صدين ۾ ايجاد نہ ٿي هئي. اها يورپ جي مختلف ننڍن علائقن ۽ وچين دور دوران وچ اوڀر ۾ برقرار رهي، مثال طور ميڊيٽيرين رياستن جي بحري ٻيڙن کي هلائڻ وارن ماڻهن طور، پر ان وقت جڏهن استحصال جي مکيہ صورت ٻانهپ هئي، تڏهن غلامي ٿوري هئي ۽ غلامي جنهن جو وجود هو سا ڪنهن بہ ٻئي گروهہ کان وڌيڪ ڪاري رنگ جي ماڻهن سان جُڙيل هئي. اڇي رنگ وارا ٻيڙين ۾ ڪم ڪندڙ

ـلام تي سگهيا پئي ۽ لفظ غلام (Slave) `Slav` مان اخذ ڪيل آهي. جيئن پيٽرڪ ـيننگ لکي ٿو تہ 1500ع ۾ آفريقي يا آفريقي نسل جا ماڻهو دنيا جي غلام آباديءَ ۾ ـاضح اقليت ۾ هئا، پر 1700ع تائين اڪثريت ۾ ٿي ويا'.[35]

اها تبديلي آمريڪائن جي اسپيني فتح سان شروع ٿي. ڪرسٽوفر ڪولمبس ـڪجھ اراواڪس (Arawaks) اماڻيا، جن کي هن سيويلي ۾ غلامن طور وڪرو ڪيو ۽ ـڪيريبين ۾ آمريڪي انڊين کي غلامن طور استعمال ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ـيون، پر ڪوششون گهڻيون ڪامياب نہ رهيون. بيمارين ۽ وحشياڻي سلوڪ جي ـتيجي انڊين آبادي 90 سيڪڙو تائين هيٺ ڪري پئي، اسپيني فاتحن سڌوسئون ـلاميءَ کان ڏن وٺڻ ۽ جبري پورهيو ڪرائڻ کي وڌيڪ منافعي بخش سمجهيو. اسپيني ـخت کي اچي ڳڻتيءَ ورايو تہ انڊين آبادي بلڪل ختم ٿي ويندي ۽ ڀنين تي ڪم ـڪرڻ لاءِ ڪير نہ هوندو. پادرين انڊين کي عيسائي بنائڻ واري ڪم کي ترجيح ڏني ـئي، تنهنڪري هنن انڊين غلاميءَ تي تنقيد ڪئي.

اسپيني تخت ۽ آبادڪارن پورهئي جي هڪ مختلف ذريعي ڏانهن ڦيرو ڪاڏو. ـعني، اولهہ آفريقا جي ساحلي ڪناري تان غلامن جي خريداري ڪيائون. ڪورٽيس ـآفريقي غلامن هٿان باغن جي پوکائي شروع ڪئي ۽ ايٽريڪدر جو پادري لاس ڪاسس، ـجيڪو انڊينس سان اسپيني سلوڪ تي سخت تنقيد سبب مشهور ٿيو هو تنهن آفريقي ـغلاميءَ جي سفارش ڪئي (پوءِ ڪٿي هن اهڙي صلاح ڏيڻ تي پڇتايو هو).

جڏهن پورچوگال، هالينڊ، انگلينڊ ۽ فرانس پنهنجين بيٺڪيتن ۾ تماڪ ۽ ڪنڊ ـجي تجارتي پوک ڪرڻ شروع ڪئي، تڏهن غلاميءَ جي وڏي پيماني تي پکيڙ ٿيڻ لڳي. ـنهن فصلن لاءِ اٿاهہ پورهئي جي قوت جي گهرج هئي ۽ يورپ کان آيل آزاد مهاجر اهو ـڪم ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا.

ابتدا ۾ باغن جي مالڪن يورپ کان آيل غير آزاد محنت جي صورت کي ڪتب آندو. 'معاهدي تحت نوڪر' رکيا ويا، جيڪي اصل ۾ قرض تي آندل غلام هئا. ڪين ـاٽلانٽڪ سمونڊ پار ڪرائڻ عيوض ٽن، پنجن يا ستن سالن لاءِ اُجرت کانسواءِ ڪم ڪرڻ جو معاهدو ڪرڻو ٿي پيو. ڪن کي 'روحن' (spirits)، جيئن برطانيا ۾ ٺيڪيدارن ـلاءِ دلال طور ڪم ڪندڙ ماڻهو مشهور هئا، هٿان اغوا ڪيو ويو.[36] ٻيا يورپ ۾ گهرو ۽ مذهبي جنگين جا قيدي يا ڏوهاري هئا. 1638ع ۾ باربڊوس جي ڪمند جي پوکائي لاءِ 2 هزار معاهدي وارا نوڪر ۽ 200 آفريقي غلام ڪتب آندا ويا. ان ۾ معاهدي واري نوڪر تي 12 ۽ هڪ غلام تي 25 پائونڊ لاڳت آئي پئي.[37] جيئن تہ چئن يا پنجن سالن کان وڌيڪ نہ ڪو نوڪر ۽ نہ ئي غلام زندهہ رهي سگهيو پئي، تنهنڪري باغ مالڪن کي غلامن کان نوڪرن تي سيڙپ وڌيڪ 'بهتر' لڳو پئي.

واپارين ۽ حڪمرانن لاءِ ان ۾ ڪوبہ اخلاقي مسئلو نہ هو. برطانوي بحريہ 'سٽيل'

ماڻهن سان ٺمتار هئي، غريب ماڻهو جن کي گهٽين مان اغوا ڪيو ويو اهڙين حالتن ۾ 'قيد' ماڻهن جي صورتحال بندرگاهه ڇڏڻ کان اڳ ڪاري رنگ وارن غلامن کان ڪنهن بہ صورت ۾ بهتر نہ هئي'[38] ۽ سمونڊ وٽ موت جي قيمت ايتري ٿي هئي، جيتري غلامن جي بيڙيءَ جي انسان بردار سامان جي.[39] پارليامينٽ جي هڪ قانون، ڪيپٽن کي اهي اختيار ڏنا تہ هڪ آفيسر کي ڏڪ هڻڻ تي يا چوڪيداريءَ وقت سمهڻ تي موت جي سزا ڏئي ڇڏي.[40]

پر يورپ کان آندل جبري غلامي ڪافي نہ هئي، جا تماڪ ۽ کنڊ (sugar) جي مارڪيٽ لاءِ مالڪن کي گهربل پورهيت جي رسد پوري ڪري سگهي، تنهنڪري اُن لاءِ آفريقا جو رُخ ڪرڻو پيو. 1653ع تائين بارباڊوس ۾ معاهدي هيٺ آندل نوڪرن جي 8 هزار تعداد جي ڀيٽ ۾، غلامن جو انگ 20 هزار ٿي ويو.[41] 1700ع ۾ اتر آمريڪا جي ڏاکڻين آبادڪارين ۾، جتي فقط 22,400 ڪاريءَ چمڙيءَ وارا ماڻهو هئا، سي 1770ع تائين 409,500 ٿي ويا.

ابتدا ۾ باغن ۽ ٻني مالڪن معاهدي هيٺ آندل اڇيءَ چمڙيءَ وارن ۽ آفريقي غلامن سان هڪجهڙو ورتاءُ ڪيو. ورجينا ۾ نوڪر جيڪي ڀڄي ٿي ويا، تن کي ٻيڻو ڪم ڪرڻو ٿي پيو ۽ جيڪڏهن اُنهن ٻيهر ڏوهہ ڪيو تہ سندن ڳل تي R جو ٺپو هنيو ويندو هو. بارباڊوس ۾ ڪيترائي ئي اهڙا واقعا ٿيا، جن ۾ مالڪن نوڪرن کي ماري ڇڏيو چاڪاڻ تہ اُهي ڪم ڪرڻ جي حوالي سان تمام گهڻو ڪمزور ٿي چڪا هئا.[42] نوڪر ۽ غلام هڪٻئي سان گڏ ڪم ڪندا هئا ۽ گهٽ ۾ گهٽ ورجينا ۾ هڪٻئي سان شاديءَ جو واقعو ٿيو (هڪ اهڙو ڪم جيڪو ايندڙ 300 سالن تائين ناقابل تصور ٿي ويو).

نوڪر ۽ غلام جن گڏجي ڪم ڪيو سي گڏجي ئي وڙهي سگهيا پئي. نوڪرن ۽ غلامن طرفان ڀڄي وڃڻ ۾ هڪٻئي سان مدد ڪرڻ جا واقعا وڌي ويا، جنهنڪري مالڪن کي ڳڻتي ورائي وئي. سندن پريشاني 1676ع ۾ ورجينا ۾ 'بيڪن جي بغاوت' سان وڏيڪ نروار ٿي، جڏهن گورنر ۽ امير مالڪن جي مخالفن، معاهدي وارن نوڪرن ۽ غلامن کي آزاديءَ جي آڇ ڪئي، جيڪي ڪالونيءَ جو ڪنٽرول کسڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ تيار هئا. باغين جا مقصد گڏيل سڏيل هئا، انهن جي مطالبن مان هڪ مطالبو اهو هو تہ انڊين کان وڌيڪ زمين کسي وڃي.[43] پر سندن ڪارروائي ظاهر ڪيو تہ مالڪن خلاف اڇي چمڙيءَ وارا ۽ آفريقي ڪيڏو نہ خراب نموني متحد ٿيا. آبادڪار زميندارن ردعمل طور اهڙيون اٽڪلون ڪيون، جن ٻنهي گروهن کي ورهائي ڇڏيو.

جيئن روبن بليڪ برن "بئنڪي غلاميءَ جي تاريخ" ۾ لکي ٿو تہ انگريز شهرين واري ورجينيا هائوس، انگريز نوڪرن ۽ آفريقي غلامن جي وچ ۾ نسلي وٿيءَ کي سگهارو ڪرڻ چاهيو. 1680ع ۾ اُنهن طئي ڪيو تہ 'جيڪڏهن ڪو حبشي (آفريقي نيگرو) يا ٻيو غلام ڪنهن عيسائيءَ خلاف هٿ کڻي ٿو' تہ سندس اُگهاڙيءَ پُٺيءَ تي 30

ڪوڙا هنيا ويجن. 1691ع جي هڪ ورجينيا قانون 'مالڪن يا مالڪاڻين جي خدمت لاءِ غير قانوني طور تي غير حاضر رهندڙ' حبشين، مُلاتوس (ڪارن ۽ اڇن ماڻهن جي اولاد) ۽ ٻين غلامن کي نقصان رسائڻ ۽ مارڻ' واري عمل کي قانوني بڻائي ڇڏيو. اهو حڪم پڻ ڪيو ويو ته ڪو به اڇيءَ چمڙيءَ وارو مرد يا عورت جيڪا هڪ 'حبشي، ملاٽو يا انڊين' سان شادي ڪندي، تنهن کي ڪالونيءَ مان نيڪالي ڏيڻ گهرجي.[44] ٻين لفظن ۾ مالڪن اهو تسليم پئي ڪيو ته، اڇن ۽ ڪارن جي هڪٻئي سان پاڻمراديءَ نفرت ڪان هتي ڪري ڪجهه اڇن منجهه غلامن سان ويجها لاڳاپا رکڻ جو رجحان پڻ موجود هو ۽ ڪالونيل اختيارين ان عمل کي زبردستيءَ ختم ڪرڻ لاءِ غلام مالڪن کي سندن زندگيءَ ۽ موت جا اختيار ڏيڻ چاهيا. ائين نسل پرستي هڪ نظرييي طور وڌڻ لڳي.

اڄڪلهه نسل پرستيءَ جي ڦهلاءَ کي ڏسي ماڻهو سمجهن ٿا ته شايد اهو عمل سدائين ڪان رهيو آهي ۽ ڇيو وڃي ٿو ته هڪڙو نسلي پسمنظر رکندڙ ماڻهن سان ٻين جي نفرت پيدائشي طور ٿئي ٿي. پوءِ وري غلاميءَ کي نسل پرستيءَ جي ثانوي-پيداوار طور پيش ڪن ٿا.

قديم ۽ وچين دور وارين دنيائن ۾ ماڻهن چمڙيءَ جي رنگ کي، قد، وارن جي رنگ يا اکين جي رنگ کان وڌيڪ اهميت نه ڏني. قديم مصر جي مقبرن تي ٺهيل تصويرون پوري، هلڪي ۽ ڪاري رنگ جي صورتن جي هم آهنگ ميل کي ظاهر ڪن ٿيون. رومن تاريخ ۾ انيڪ اهم شخصيتون اتر آفريقا کان آيون هيون، جن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ شهنشاهه بابت ڪابه لکت انهن جي چمڙيءَ جي هلڪي يا ڪاري رنگ بابت ذڪر نه ٿي ڪري. سورهين صديءَ جي ڊچ تصويرن ۾ ڪاري ۽ اڇي چمڙيءَ وارن ماڻهن کي آزاداڻي نموني گڏ ڏيکاريو ويو. مثال طور، Jordaen جي تصوير `Moses & Zipproah` جنهن ۾ (حضرت) موسيٰ جي زال کي ڪاري چمڙيءَ طور ڏيکاريو ويو.[45]

وچين دور واري يورپ ۾ يهودين سان سخت دشمني عام هوندي هئي، پر اُها دشمني مذهبي بنيادن تي هئي، ڇاڪاڻ ته هڪ مڪمل عيسائي سماج ۾ فقط يهودي ئي غير ڪيٿولڪ گروهه هئا. نام نهاد موروثي جسماني يا ذهني خاصيتن جي بنيادن تي يهودين سان متڀيد ڪونه پئي ڪيو ويو. يهودين کي ايذائيندڙ شايد ڪين ڇڏي ڏين ها، جيڪڏهن اُهي پنهنجن مذهبي عقيدن جي قرباني ڏين ها. اها غير عقلي مذهبي نفرت هئي، نه ڪي غير عقلي حياتياتي نسل پرستي. نسل پرستي فقط غلامن جي تجارت سبب اڀري.

اوائلي غلامن جي واپارين ۽ غلام مالڪن پنهنجي ڪاروهنوار لاءِ نسلي فرقن تي نه پئي ڀاڙيو بلڪ ان بدران اُنهن قديم يوناني ۽ رومن لکتن ڏانهن پئي ڏٺو جن جنگ يا گهٽ ۾ گهٽ 'جائز جنگين' ۾ پڪڙيل ماڻهن جي غلاميءَ کي جائز قرار ڏنو هو ان شرط سان ته مالڪ پنهنجي غلامن کي جائز طريقن سان حاصل ڪيو هجي، غلام ذاتي ملڪيت هئا ۽ اُنهن سان ڪهڙي به قسم جو سلوڪ ڪري سگهجي پيو. انگريز فلسفي

جان لاڪ، جنهن کي والٽيئر تمام گهڻو ساراهيو ۽ اُن 1690ع ۾ غلاميءَ کي جائز قرار ڏنو ۽ رايل آفريقي ڪمپنيءَ ۾ پائيواريءَ جي مالڪيءَ ذريعي غلامن جي تجارت مان فائدو ماٺيو[46]، تنهن هوندي بہ لاڪ ان تصور کي رد ڪيو تہ آفريقي پيدائشي طور تي يورپين کان مختلف آهن.[47]

پر اهي پراڻا دليل 18 هين صديءَ جي وچ ڌاري، ائٽلانٽڪ سمونڊ پار وڏي پيماني تي ٿيندڙ غلامن واري معيشيت سان ٺهڪندڙ نہ هئا. اها دعويٰ ڪرڻ ڏکي ٿي پئي تہ سڀ غلام ’جائز جنگين‘ جا قيدي هجن. ماڻهن ڇاتو پئي تہ اُنهن کي آفريقا مان واپارين خريد ڪيو هو يا غلامن جي اولاد طور پيدا ٿيا هئا.[48] غلامن جي واپارين ۽ مالڪن کي ضرورت هئي تہ اڇي چمڙيءَ واري وڏي اڪثريت جن وٽ غلام نہ هئا، تن کي دليل ڏئي مطمعن ڪن. جهڙي نموني مالڪ بهترين زمين قبائي ۽ گهٽ لاڳت تي غلامن کي استعمال ڪري گهٽ قيمت تي شيون وڪرو ڪرايون پئي، ان عمل تي بئنڪيتن ۾ ننڍن آبادگارن کي سدائين ڪاوڙ هوندي هئي. لنڊن جهڙين بندرگاهن ڏانهن پڄي آيل غلام غريب ڪچين آبادين ۾ پناھ ڳوليندا هئا. ان صورتحال ۾ واپارين ۽ مالڪن کي هڪ اهڙي طريقي جي ضرورت هئي، جنهن سان ماڻهن ۾ غلامن بابت خوف، بي اعتباري ۽ حقارت پيدا ٿي سگهي. تڏهن اهو خيال تہ آفريقي نسل جا ماڻهو يورپي نسلن وارن کان پيدائشي طور تي ڪمتر آهن، واپارين ۽ مالڪن جي ضرورتن سان بلڪل ٺهڪندڙ هو.

غلاميءَ جي حامي عيسائين دعويٰ ڪئي تہ، ڪين انجيل ۾ (حضرت) نوح جي پُٽن مان هڪ، هام جي مقدر مان واجبي ثابتي ملي وئي آهي، پر آفريقين جي ’غيرانساني وحشانيت‘ جي حوالي سان نام نهاد ’سائنسي‘ جواز پيش ڪرڻ جون ڪوششون پڻ ٿيون. مثال طور، 1774ع ۾ ايڊورڊ لانگ ’جميڪا جي تاريخ‘ شايع ڪرائي. اهڙن دليلن، روشن خياليءَ کان متاثر ڪجھ مفڪرن کي غلاميءَ جي تائيد ڪرڻ جي لائق بنايو.[49] اُنهن اعلان ڪيو تہ ’سڀ انسان برابر پيدا ٿيا آهن‘ ۽ ان ڳالھ ۾ اهو اضافو ڪيائون تہ اڇيءَ چمڙيءَ وارن کان سواءِ ٻيا انسان ئي ناهن.

هڪ مڪمل نظريي طور نسل پرستي اوچتوئي ظاهر نہ ٿي، اها اتڪل ٽن صدين ۾ ٺهي. مثال طور، اتر آمريڪا جي اصلوڪن رهواسين ڏانهن ابتدائي رويو اهو تہ اُهي يورپين کان مختلف آهن، ڇاڪاڻ تہ سندن زندگيءَ جون حالتون مختلف آهن، پر هڪ مسئلو جيمز ٽائون (ورجينيا) جي گورنرن سان ٿيو تہ انڊين زندگي اڇي چمڙيءَ وارن آبادڪارن کي متاثر ڪرڻ لڳي ۽ ’جيڪي پڄي وڃي انڊين سان رهڻ لڳا، تن خلاف موت جي سزا جو اعلان ڪيو ويو‘.[50] ’هزارين يورپين‘ ’انڊين طرز زندگي‘ کي ترجيح ڏني، ’فطرت سان ويجھڙائي واري انهيءَ ڪيفيت‘ کي هاڪاري نقطہ نظر، روسو جهڙن ليکڪن پنهنجي موثر لکڻين ۾ پيش ڪيو.[51] ايتريقدر جو 18 صديءَ جي وچ ڌاري "ڳاڙهن ماڻهن‘ جو اصطلاح تخليق ڪيو ويو.... جنهن ۾ چمڙيءَ جي رنگ کي ڪا اهم

خاصيت نـ سمجهيو ويو.[52] 18 صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ رويا تبديل ٿيا. ڇاڪاڻ تـ زمين جي استعمال ۽ مالڪيءَ تي يورپي آبادڪارن جا انڊين آباديءَ سان ٽڪراءَ تيز ٿي ويا. ائين انڊين کي 'خون چوس وحشين' طور پيش ڪيو ويو. 'ڪين ڪڪا (ڪٽڪ رنگ) ڪافر، سانورا ڇٽ، جستي رنگ جهڙا ڪُٺا ۽ 18 هين صديءَ جي آخر تائين ڳاڙهيءَ چمڙيءَ وارن طور سڃاتو ويو.'[53] نسل پرستي، آفريقي غلاميءَ جي عُذر کان وڌي هڪ مڪمل نظريي جي صورت ورتي، جنهن ۾ ڌرتيءَ جي سيني ماڻهن کي 'اڇن'، 'ڪارن' 'پورن'، 'ڳاڙهن' يا 'ڦڪن' طور پيش ڪري پيو سگهجي. توڙي جو انيڪ يورپي گلابي ڳاڙها آهن، انيڪ آفريقي پُورا، انيڪ ڏکڻ ايشيائي يورپين وانگر اڇيءَ چمڙيءَ وارا آهن. اهڙي طرح اصلوڪا آمريڪي يقينن ڳاڙها ناهن ۽ چيني ۽ جاپاني ماڻهو يقينن ڦڪا ناهن!

60 يا ان کان وڌيڪ سال اڳ مارڪسوادي سي ايل آر جيمز ۽ ڪيريبين قومپرست ايرڪ وليم غلاميءَ جي اهميت ڏانهن ڌيان ڏياريو تـ، اُن ڪيئن نسل پرستيءَ ۽ اولهه يورپ جي ترقي پذير معيشيتن کي پيدا ڪيو. ائين ڪندي هنن نئين دنيا (يعني، آمريڪي کنڊ New World) ۾ جانورن جهڙي غلامي ۽ پراڻي سماج ۾ اُجرتي غلاميءَ جي وچ ۾ لاڳاپي بابت ڪارل مارڪس جي پيش ڪيل دليل کي بنياد بڻايو.

سندن دليل تي اڪثر تنقيد ٿيندي رهي آهي. بهرحال، تنقيد نگار چون ٿا تـ جديد صنعت ۾ غلاميءَ مان حاصل ٿيندڙ انيڪ منافعن جي سيڙپ نـ ڪئي وئي، پر اهي منافعا عياشين تي خرچ ڪيا ويا. جتي واپارين ۽ زمينن جي غيرحاضر مالڪن پراڻي اشرافيا واري طرز زندگي جا مزا ماڻيا ۽ اتر اولهه يورپي معيشيتن کي مليل فائدن کي تـ جنگين تي ٿيل خرچن ڳڙڪائي ڇڏيو. اهي جنگيون غلاميءَ تي هڏل بڻنڪي تجارت جي ڪنٽرول لاءِ وڙهيون ويون.[54] جيئن 1960ع ۾ اقتصادي تاريخ جو نصاب ٻڌائي ٿو:

مقدر ۾ لکيل صنعتي سيڙپ لاءِ پرڏيهي تجارت جي منافعن بچت ۾ ڪو نمايان حصو پيتي نـ ڏنو.... غلاميءَ جي منافعن جو ڪاٿو لڳائڻ وارين ڪوشش مان خبر پوي ٿي تـ، ڪُل تجارت ۽ سيڙپ جي وهڪرن جي حساب سان اُن (غلاميءَ) تمام ٿورو ڪردار ادا ڪيو.[55]

پر اهي ڳالهيون اصل ۾ 18 صديءَ ۾ اولهه يورپ ۽ خاص ڪري برطانيا جي اقتصادي زندگيءَ تي غلاميءَ جي حقيقي اثرن کي گهٽائي پيش ڪرڻ جون ڪوششون آهن، جنهن کي اڪثر ڪري 'ٽڪنڊي تجارت' سڏيو وڃي ٿو. جنهن غلاميءَ دستڪاريءَ ۽ putting-out صنعتن جي واڌ ويجهه لاءِ ٻاهر نڪرڻ جا گس مهيا ڪيا. يورپ کان ڌاتوءَ جا ٿهيل اوزار، بندوقون ۽ ڪپڙا آفريقي ڪنارن تي واپارين کي غلامن عيوض وڪرو ڪيا ويا. غلامن کي انتهائي بدترين حالتن ۾ (اصل ۾ انهيءَ سفر دوران جيڪڏهن ڏهه غلام مري بـ وڃن، تڏهن بـ ڪين بهتر حالتن ۾ پهچائڻ تي جيڪا رقم خرچ ٿي پئي، سا اُن نقصان کان

گهٽي هئي) آمريڪاين ڏانهن وڪيو ويو ۽ حاصل ٿيل رقم يورپ ۾ وڪري لاءِ تماڪ، ڪنڊ ۽ بعد ۾ ڪچي ڪپهه خريدڻ لاءِ استعمال ڪئي وئي.[56]

ڪمند جي پوک ۽ ان جي پيڙهائي ۽ صاف رس ڪڍڻ لاءِ نسبتن جديد اوزار گهربل هئا، جيڪي مشينون ٿاهيندڙ يورپين ڪان ورتا ويندا هئا. ان تجارت پيڙن ۽ پيڙيون ٿاهيندڙ صنعت کي زور وٺايو جنهن تيزيءَ سان هنرمند ۽ غير هنرمند محنت جي اهميت کي وڌائي ڇڏيو. منافعن مان ڪجهه جيڪي لورپول، برسٽل ۽ گلاسڪو جي تجارتي بندرگاهن مان مليا پئي، سي بئنڪي پيداوار سان ڳنڍيل صنعتي عمل ۾ سيڙپ ڪيا ويا، يا برطانيا جي اندروني مارڪيٽن سان ڳنڍيندڙ باربرداري ۽ آمدرفت جي رستن (ڪينال، شاهراهه) ۾ رقم لڳائي وئي.

غلاميءَ سرمائيداريءَ جي اُپار کي پيدا نہ ڪيو پر غلامي ان هٿان پيدا ڪئي وئي. انگريز صنعت ۽ زراعت 17 هين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ اڳئي متحرڪ ڏيک ڏنو پئي. هڪ اهڙي وقت جڏهن اولهہ انڊيز ۽ اتر آمريڪا ۾ باغن ۽ ٻنين جي پيداوار اجان فقط ابتدائي صورت ۾ هئي، انهيءَ تحرُڪ سبب غلامن جي تجارت زور ورتو. بئنڪي پيداوار جي طلب موجود هئي، ڇاڪاڻ تہ متحرڪ برطانوي معيشيت تماڪ ۽ کنڊ جي کپت کي مٿين طبقي جي شهري ۽ ايتريقدر جو ٻهراڙين تائين ڦهلائي ڇڏيو هو. نوآباداتي ڦرلٽ ۽ عوام جي غلامي ئي اهڙو تحرُڪ پيدا نہ پئي ڪري سگهيا. اسپيني ۽ پورچوگيزي معيشيتون سندن نوآبادياتي سلطنتن باوجود بيٺل رهيون، جڏهن تہ برطانوي معيشيت وڌي، ڇاڪاڻ تہ گهر ۾ آزاد محنت جي وڌندڙ استعمال اُن کي هڪ نئين طريقي سان، آمريڪي کنڊن ۾ غلام محنت جو استحصال ڪرڻ جي قابل بڻايو.

پگهاردار پورهئي تي ٻڌل ۽ تيزيءَ سان وڌندڙ گهرو معيشيت جو تحرُڪ پڻ هو جنهن انگريز (۽ هڪ حد تائين تائين فرينچ) غلام بنائيندڙن کي آفريقا ۾ انساني کيپون ماٽڻ جي قابل بڻايو. غلامن جي اڪثريت کي آفريقي ساحلي رياستن تائين خود مٿين طبقي جا آفريقي کٽي ايندا هئا، ڇاڪاڻ تہ خود غلامن جو واپار ڪندڙ آفريقا جي اندروني علائقن کان بلڪل اڻواقف هئا. تنهنڪري اندروني علائقن ۾ رهندڙ لکين ماڻهن کي اغوا ڪرڻ ۽ اُنهن کي ڏگهن مفاصلن تان کٽي، ساموندي ڪنارن تائين پهچائڻ ڏکيو ڪم هو. اُنهن يورپي ۽ آمريڪي واپارين اهو ڪم آفريقي واپارين ۽ حڪمرانن کان ڪرايو ۽ موٽ ۾ کين بهتر معيار واريون شيون ڏنيون پئي. پر نسل پرست ڏندڪٿا باوجود آفريقي 'جاهل وحشي' نہ هئا. اُهي نسبتن جديد، گهٽو ڪري پڙهيل لکيل معاشرن ۾ رهيا پئي، جن کي پوئين وچين دور واري يورپ جي سطح سان ڀيٽي سگهجي ٿو. آفريقين کي غلام بڻائڻ فقط ان ڪري ممڪن ٿيو جو سرمائيداريءَ ۾ اولين جدتون برطانوي معيشيت شروع ڪيون ۽ انگريز ان دور جي آفريقي سطح پار ڪري چڪا هئا. اهڙي ريت 18 هين صديءَ ۾ سوداگريءَ جي هڪ سفاڪ صورت

ممڪن ٿي پئي، جيڪا ليو آفريڪانس جي دور (16 هين صديءَ جي ابتدا) ۾ نہ ٿي سگهي ها. جڏهن اڪثر آفريقي ۽ اولهہ يورپي رياستون معاشي ترقيءَ جي ساڳيءَ سطح تي هيون.

نوآبادي (کيت) غلامي ان حقيقت جو نتيجو هئي تہ هالينڊ ۽ انگلينڊ اڳئي سرمائيداراڻي پکيڙ لاءِ قسمت آزمائي چڪا هئا. پر موٽ ۾ غلاميءَ سرمائيداريءَ کي پڙ ٽيڪ ڏني، ۽ ان کي طاقتور ٽيڙ ڏنو.

ائين ڪندي غلاميءَ دنيا جي هڪ اهڙي سرشتي جي صورتگيريءَ ۾ اهم ڪردار نڀايو جنهنڪري سرمائيداري وڏيڪ پختي ٿي پئي. غلاميءَ انگلينڊ کي گهربل اها سگهہ مهيا ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، جنهن سان ان اسڪاٽ لينڊ (اسڪاٽش حڪمران طبقي طرفان پاناما ۾ هڪ آبادڪاري قائم ڪرڻ واري پنهنجي ڪوشش، ڊيئرين رٽا، جي ناڪاميءَ ڪانپوءِ) کي هڙپ ڪري ورتو ۽ 18 هين صديءَ جي ٻئي اڌ ۾، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ذريعي بنگال جي فتح سان اوپر ۾ هڪ نئين سلطنت تخليق ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

ٻئي طرف برطانوي حڪمران طبقي جي اوج سان آفريقا جو ڪجھ حصو ڪمزور ٿي پيو. غلامن جي تجارت ساحلي علائقن ۾ حڪمرانن ۽ واپارين کي پنهنجون صنعتون پيدا ڪرڻ ڪانسواءِ نستبن جديد واهپي وارين شين ۽ هٿيارن تائين پهچ مهيا ڪئي، بيشڪ ٻاهران آندل شين 'آفريقي صنعت جي اهميت کي گهٽائي ڇڏيو'.[57] هڪ ڪامياب رياست اها هئي، جيڪا ٻين سان جنگ وڙهي سگهي ۽ سندن عوام کي غلام ڪري سگهي. حڪمران طبقن جو خيال هو تہ اُهي جنگجو بڻجي ئي امن ماڻي سگهن ٿا. جڏهن جولف، بينن ۽ ڪانگو جهڙين رياستن پنهنجي واپارين کي غلام مهيا ڪرڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي تہ، کين خبر پئي تہ ٻين رياستن جا حاڪم ساڳيو ڪم ڪندي دولت ۽ طاقت ماڻين پيا.[58] جڏهن تہ طبقن کان اڳ وارن معاشرن ۾، جيسيتائين نون جنگي حڪمران طبقن جو ظهور نہ ٿيو تيسين تباهيءَ جو منهن ڏسندا رهيا. آفريقا جي ساحلي علائقن ۾ رهندڙن، اندروني علائقن جي ڦرلٽ مان گهڻو ڪجھ ماڻيو.

ڪجھ تاريخ نويسن دعويٰ ڪئي آهي تہ، 'مرڪزي ادارتي ڍانچن وارين آفريقي رياستن' جي ترقي 'بهتر واڌاري' جي هڪ صورت جي نمائندگي پئي ڪئي، پر ان سان گڏ معاشري جا مادي بنياد ڪوکلا ٿيا پئي. آفريقا ۾ آباديءَ جي واڌ ويجھ ان وقت گهٽجڻ لڳي، جڏهن يورپ ۽ اتر آمريڪا ۾ تيزيءَ سان وڌي پئي.[59] اولهہ آفريقا ۾ 1750 ۽ 1850ع جي وچ ڌاري آباديءَ ۾ لاٿ ٿي،[60] جنهنڪري آفريقي رياستن کي 19 هين صديءَ جي آخر ۾ يورپي آبادڪاريءَ جي يلغار خلاف مزاحمت ڪرڻ لاءِ ذري گهٽ بي هٿيار ڇڏي ڏنو. اولهہ يورپ معاشي طور تي اڳتي وڌيو جڏهن تہ آفريقا پوئتي رهجي ويو.

باب ڇهون

’آزاد پورهئي‘ واريون معيشتون

1771ع ۾ هڪ اڱوٺي حجم ۾ مصنوعي وارن جي ٽوپي ٺاهيندڙ رچرڊ آرڪ رائيٽ ڊربائي شائر ۾ ڪرامفورڊ وٽ، دُنيا جي پهرين پاڻيءَ سان ڦرندڙ چڪي کولي. هن 00 مزدورن، گهڻو ڪري ٻارن، کي ڪم سان لڳايو جيڪي هٿ چرخين (مڪري) کان ڍهوڻ تي وڌيڪ ڪم ڪري سگهيا پئي. 1775ع ۾ هڪ اسڪاٽش رياضياتي اوزار ٺاهيندڙ جيمز واٽ، برمنگهم جي انجنيئر ميٿيو بولٽن سان گڏجي ٻاڦ واريون انجڻون ايجاد ڪيون، جيڪي مشينريءَ کي ڦيرائي، ڦِرن ٻارن کي گهلي ۾ آخرڪار ٻيڙين ۾ زميني گاڏين کي ان رفتار سان ڌڪي سگهيون جنهن جو ان کان اڳ ڪڏهن خواب ۾ بہ تصور نہ آيو هوندو. 84-1783ع ۾ هينري ڪورٽ، لوهہ کي ڳارڻ ۾ ان کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ هڪ رولنگ چڪيءَ جو برتر ’پاڻيءَ جي دبي‘ وارو طريقو ايجاد ڪيو.

انهن ايجادن ۾ ٻين کي ملائڻ ذريعي، پيداوار جو هڪ مڪمل نئون طريقو تيار ڪرڻ جو رستو کُلي پيو. ٻاڦ جي طاقت تي آڌاريل ڪارخانن سوين يا ايتريقدر جو هزارين ماڻهن کي ڪم سان لڳايو. صديءَ جي پڇاڙي تائين اڪيلي مانچسٽر ۾ اهڙا 50 ڪارخانا هئا. اجان گهڻو وقت نہ گذريو هو تہ يورپ ۾ ٻين هنڌ ۾ ائٽلانٽڪ پار ڪاروبار شروع ڪندڙن نون طريقن جو نقل ڪرڻ شروع ڪيو. شهري ڪاريگرن ۾ ٻهراڙين ۾ ڪم ڪندڙ سرشتي جي دنيا صنعتي شهر کي ڇڏي رهي هئي.

جيئن ئي اهي تبديليون کُلڻ شروع ٿيون، تڏهن هڪ اسڪاٽس پروفيسر جيڪي ڪجهہ ڏٺو پئي، تنهن کي هڪ نئين اقتصادي نظام جي بنيادي اصولن طور بيان ڪرڻ جي ابتدا ڪئي. اڄ ايڊم سمٿ جي ڪتاب ’قومن جي دولت‘ کي رجعت پرستيءَ جي انجيل طور مڃيو ويندو آهي، پر جڏهن اهو پڌرو ٿيو تڏهن ان يورپ ۾ تڏهوڪي غالب پراڻي نظام کي انقلابي للڪار ڪئي ۽ اُنهن کي، جيڪي اجان تائين برطانيا ۾ ان سرشتي کانپوءِ بہ ڦٽڪيا پئي.

ايڊم سمٿ ’اسڪاٽش روشن خياليءَ‘ جو حصو هو ۽ مفڪرن جي ان گروهہ ۾ ايڊم فرگسان ۽ ڊيوڊ هيوم بہ شامل هو. هنن کي اسٽوارٽس (Stuarts) جي ڪوشش ڊيڄاري ڇڏيو هو، جيڪي جاگيرداري اسڪاٽش علائقن کي استعمال ڪري، انگلينڊ مٿان ٻيهر مطلق العنان بادشاهت مڙهين پيا ۽ تعصب تي ٻڌل پراڻي نظام کي منتقل ڪرڻ لاءِ پختو ارادو هئڻ.

اُن ڪري هي ان دور جي اڪثر انگريز مفڪرن کان وڌيڪ يورپي روشن خياليءَ سان ويجهڙا ٿيا. ايڊم سمٿ انسائيڪلوپيڊيا جو قدردان هو ۽ والٽيئر، هوئلباخ، Helvetius ۽ روسو ڏانهن دوستاڻو رويو هئس.[61] "قومن جي دولت" جاگيرداري 'غيرعقليت' واريءَ دنيا کي صاف ڪرڻ جي روشن خيال ڪوشش جو حصو هئي.

عوام جون زندگيون ('قومن جي دولت') وڌائڻ لاءِ شيون ٺاهڻ جي جديد طريقن جي پراڻن ادارن ۽ طريقن سان ڀيٽ ڪئي، پراڻن طريقن ان کي عمل ۾ اچڻ کان روڪيو پئي. هڪڙن کي 'يورپ جي رئيس ملڪن' طور سڃاتو پئي ويو ۽ ٻين کي 'آڳاٽي نموني جي جاگيرداري حڪومت جي غلبي طور' سمجهايو.[62] جديد 'ڪارخاني' جي وضاحت سان شروع ڪندي هن ٻڌايو تہ ڪم جي تفصيلي ورڇ سان محنت جي پيداوار ۾ اٿاهہ واڌ ٿئي ٿي، جنهن ۾ هر هڪ مزدور کي فقط هڪ ۽ ٿورو ڪم ڪرڻو پوي ٿو.

ايڊم سمٿ دولت ڪٿان اچي ٿي، جهڙن روايتي خيالن کي اونڌو ڪري ڇڏيو. وچين دور جي ابتدا ۾ دولت کي زمين ۾ پيل شيءِ طور ڏٺو ويو. 1500ع کان اڳتي 'تجارتي' تصورن زور ورتو جن سون ۽ چانديءَ ۾ دولت کي ڏٺو.

ايڊم سمٿ ٻنهي تصورن کي للڪاريو ۽ دولت جو وسيلو انساني محنت کي سڏيو. هن لکيو تہ 'هر قوم جي سالياني محنت اُها جمع پونجي آهي، جيڪا اصل ۾ ان کي زندگيءَ جون ضرورتون ۽ سهولتون مهيا ڪري ٿي'. 'سڀني جنسن جي مٽاسٽا واري قدر (مُلهہ) جو حقيقي ماپو محنت آهي'.[63]

محنت ٻن طريقن سان استعمال ڪري سگهجي ٿي: 'پيداواري طور تي' يا 'غيرپيداواري طور تي'. 'پيداواري' محنت، پائيدار شيون ٺاهڻ ۾ مدد ڪري ٿي، جن کي وڪڻي سگهجي ٿو جنهن کي يا تہ اُهي جيڪي ٻين پورهين ۾ مصروف آهن، سي استعمال ڪن ٿا. يا وري 'سرمائي' طور اُن کي ٻيون شيون پيدا ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو. ٻنهي صورتن ۾ ان جو نتيجو وڌيڪ پيداوار پيدا ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. پيداواري محنت 'قوم' جي 'دولت' کي ٺاهيندي اڳتي وڌي ٿي.

محنت تڏهن 'غيرپيداواري' ٿئي ٿي، جڏهن اُن کي ڪجهہ نيون جنسون پيدا ڪرڻ کانسواءِ ترت استعمال ڪيو وڃي، جيئن اها محنت 'گهريلو نوڪرن' واري هجي ٿي، جيڪي ماڻهن جي خدمت ڪن ٿا. هڪ پيرو ڪم ٿيڻ سان سندن محنت غائب ٿي وڃي ٿي. هڪ ماڻهو گهڻا پيداواري پورهيت ڪم آڻيندي امير ٿي ويندو. 'هي گهريلو نوڪرن جا هجوم رکي غريب ٿي وڃي ٿو.' سمٿ وڌيڪ چيو تہ:

..... سماج ۾ انتهائي معتبر ادارن جي ڪجهہ محنت 'غيرپيداواري' هوندي آهي... مثال طور، خودمختيار حاڪم، جنهن جي هيٺان انصاف ۽ جنگ، ٻنهي شعبن جا سڀ عملدار هجن ٿا، سڄي فوج ۽ بحريہ غيرپيداواري پورهيت آهن. اُنهن کي ٻين ماڻهن جي ساليانيِ پيداوار سان برقرار رکيو وڃي ٿو.... ساڳئي دائري ۾ سڀ کان اهم ۽

سڀ کان غير سنجيده پيشا به اچي وڃن ٿا. جيئن پادري، وڪيل، طبيب، اديب، رانديگر، مسخرا، موسيقار.[64]

18 هين صديءَ ۾ سڄي يورپ جي رياستن سنهجيون نوڪريون (جنهن ۾ ڪو ڪم نه ڪرڻو پوي) مهيا ڪيون، جن کي پڳهارون سُڏيون. پر انهن جا ڪي فرض نه هئا، جنهنڪري عدالتن ۽ حڪومتن ۾ ماڻهو عياشيءَ واري واندڪائيءَ ۾ جيئڻ لڳا. سمٿ جو نظريو اُنهن مٿان يلغار هو. اهو زميندارن مٿان پڻ حملو هو جيڪي زراعت ۾ سيڙپ ڪرڻ کانسواءِ مسواڙن تي جيئرا رهيا پئي. سندس مطالبو اهو هو ته ترقي پذير مارڪيٽ سرشتي کي اُنهن بارن کان آجو ڪيو وڃي، جيڪي اُن کي روڪيو بيٺا آهن. ايڊم سمٿ جو فڪر برطانيا ۾ سُڌاري جي رٿا هو ۽ هڪ اهڙو تصور جنهن جي آسانيءَ سان يورپ ۾ انقلاب طور تشريح ڪري سگهجي پئي.

ٻيو ته سمٿ رياست طرفان تجارت کي ڪنٽرول ڪرڻ يا ٻيا علائقا فتح ڪرڻ وارين ڪوششن خلاف پڻ دليل ڏنا. هن چيو ته ماڻهن کي ڇڏي ڏيو ته اُهي پنهنجو پاڻ ٻين ماڻهن جي محنتن سان ٺهيل سڀ کان سستين ۽ بهترين شين جي چونڊ لاءِ، پنهنجي محنت سان پيدا ڪيل شين جي سدائين متاستا ڪندا رهندا. هر هڪ اُنهن ڪمن تي ڌيان ڏيندو جنهن ۾ ڪيس مهارت هوندي. اُنهن کي جيترو ممڪن ٿي سگهي، اوتر سهڻي نموني پورو ڪندو ۽ ڪوبه ماڻهو اهڙيون شيون ٺاهڻ ۾ دلچسپي نه وٺندو جيڪي ٻين کي نه ٺيون کپن. مارڪيٽ امڪاني بهترين طريقي سان ماڻهن جي سرگرمين کي مربوط ۽ منظم ڪندي.

حڪومتن طرفان پنهنجي پيداوار ڪندڙن کي فائدا ڏيڻ سان ماڻهو ضرورت کان وڌيڪ محنت ضايع ڪندا. اهڙو ڪنٽرول مخصوص گروهن کي فائدو رسائي ٿو پر سمٿ زور ڏئي ٿو ته ان سان 'قومي دولت' گهٽجندي. آزاد تجارت ئي اڳتي وڌڻ جو اڪيلو عقلي طريقو آهي.

ساڳئي طريقي سان هي 'آزاد' محنت جي گڏڻ لاءِ دليل ڏئي ٿو. غلامي منافعا ٺاهڻ جو آسان طريقو لڳي ٿي، پر جيئن ته اها غلامن کي سندن محنت ۾ پنهنجي پيش قدمي ڪرڻ کان روڪي ٿي، ڊگهي نظر ۾ ڏسجي ته غلامي آزاد محنت کان مهانگي آهي. سمٿ جو دليل هو ته 'هڪ انسان جيڪو ڪا ملڪيت نه ٿو ماڻي سگهي، اُن کي ڪا دلچسپي به نه ٿي ٿي سگهي، پر وڌ کان وڌ کائيندو ۽ جيترو ممڪن ٿي سگهي اوتري گهٽ محنت ڪندو.'[65]

هن جاگيردار ۽ مطلق العنان ادارن خلاف هڪ خالص مارڪيٽ واري سرشتي جي گڏڻ جي ساراهه ڪئي جن منجهان اهو نظام اُسريو پئي. جيئن ايرڪ رول سمجهائي ٿو. هن جي لکڻين 'هڪ طبقي جي مفادن جي نمائندگي ڪئي... هن جي مکيه يلغار انهن مراعت يافته ماڻهن خلاف هئي، جيڪي صنعتي سرمائيداريت جي وڌيڪ ترقيءَ آڏو سڀ کان وڏي رڪاوٽ هئا.'[66]

نئين نظام بابت سمٿ جو خيال هڪ طرفو هو. برطانوي سرمائيداري فقط پُرامن مارڪيٽ واري چٽاڀيٽي ذريعي باقي يورپ مٿان ٽپ ڏئي اڳتي نه وڌي هئي. ڪجهه سرمايو غلاميءَ مهيا ڪيو هو، جڏهن ته نوآبادياتي علائقن مارڪيٽون مهيا ڪيون هيون. سڄي صديءَ دوران رياستي خرچ تمام گهڻا هئا ۽ ان رياستي پنيرائي ڪانسواءِ نيون، منافعي بخش ۽ چٽاڀيٽيءَ واريون صنعتون ظاهر نه ٿين ها. صنعتي سرمائيداريت جي اپار لاءِ نوآباديات، غلامي ۽ تجارت جون تيڪون ضروري رهيون هيون. پلي پوءِ ابتدا ۾ ڪين ائين محسوس ٿيو هجي ته هاڻي انهن جي ڪا ضرورت ناهي.

جن ملڪن وٽ اهڙيون تيڪون مهيا ڪندڙ رياست نه هئي، تن پوڙهيو. آئرلينڊ جو معاملو يقينن اهوئي هو جڏهن ويسٽ منسٽر پارليامينٽ سندن تجارت تي پابنديون هنيون ته ان جي ديسي سرمائيدارن پوڙهيو. انڊيا جي معاملي ۾ اها ڳالهه بلڪل سچ هئي، چاڪاڻ ته برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي عملدارن بنگال کي ڦريو لٽيو پر موٽ ۾ ان کي ڪا شيءِ نه ڏني. جڏهن برطانوي سرمائيداريت هڪ پيرو طاقتور حيثيت قائم ڪري ورتي، پوءِ جيڪڏهن ابتدائي صنعتن کي پيدائش وقت گهُٽو ڏئي مارڻو نه هو ته به سرمائيدارن طبقن کي رياستي حمايت جي ضرورت پئي ٿي.

جڏهن صنعتي سرمائيداريت بانبڙا پائي رهي هئي، تڏهن ايڊم سمٿ لکندي نه ڏسي سگهيو ته، خالص مارڪيٽ وارا سرشتا پنهنجي غيرعقليت جو نماءُ پيا ڪن. پيداوار ڪندڙن جي هڪ ٻئي سان مقابلي واري ڊوڙ پيداوار کي طلب سان پاڻمرادو مطابقت نه پر پيداوار ۾ اوچتن زوردار وهڪرن ('معاشي ترقين') جي پٺيان وڌن لاهن ('پڪايڪ لاٽ') کي پڙ جنم ڏنو چاڪاڻ ته پيداوار ڪندڙن کي خوف ٿيو ته اُهي منافعي سان شيون کپائي نه ٿا سگهن. چاليهه سالن ڪانپوءِ، سمٿ جي انتهائي اهم جانشين ڊيوڊ رڪارڊو پنهنجي ڪتاب 'سياسي معيشيت جا اصول' ۾ هڪ باب جو اضافو ڪندي مڃيو ته، مشينريءَ جي اچڻ سان مزدورن جون حالتون ويتر بدتر ٿي سگهن ٿيون. سمٿ لاءِ ائين ڪرڻ پنهنجي دور کان اڳتي ٽُپ ڏيڻ ٿئي ها. بهرحال، اُهي اڄ جيڪي سمٿ جي لکڻين کي سرمائيداريت بابت آخري لفظن طور پيش ڪرڻ چاهين ٿا، تن وٽ ساڳيا عذر ناهن.

آخر ۾ محنت ۽ قدر بابت سمٿ جي دليل ۾ هڪ تضاد هو جنهن ۾ اهم وروڪڙ ۽ پيچيدگيون هيون. ذري گهٽ سڀني روشن خيال مفڪرن وانگر سمٿ فرض ڪري ورتو ته، ملڪيت ۾ اٽبرابر ماڻهو مارڪيٽ ۾ هڪٻئي سان مقابلو ڪرڻ ۾ به برابر هئا. پر سندس ڪجهه دليلن ان ڳالهه کي للڪارڻ شروع ڪيو ۽ سطح ۽ دائري تي سوال ڪڙو ڪيو ته، غلام محنت کان آزاد پورهيو ڪيترو 'آزاد' آهي.

سمٿ جي اها دعويٰ ته محنت سڀني قدرن (مُلهن) جي ذريعو آهي، اها ڪيس ان نتيجي ڏانهن وٺي وئي ته، مسواڙ ۽ منافعو محنت جون اهي صورتون آهن، جن کي پيدا ڪندڙ کان ترت جاگيردار يا ڪارخاني جو مالڪ کسي وٺي ٿو.

جيئن ٿي زمين ذاتي ملڪيت بڻجي ٿي، زميندار ذري گهٽ سموري پيداوار جي طلب ڪري ٿو ان (اُپت) منجهان پورهيت وڌائي يا جمع ڪري سگهي ٿو. هن جي مسوا محنت جي پيداوار مان پهرين ڪٽوتي آهي، جنهن کي زمين تي لڳايو وڃي ٿو... محنت جي ذري گهٽ سموري پيداوار منافعي جي ڪٽوتيءَ ۾ هلي وڃي ٿو. جيسيتائين اهو ڪم مڪمل ٿئي تيسيتائين پورهيت سمورين شين ۽ اوزارن لاءِ ۽ سندن ڪم جي سامان کي سڌارڻ ۽ سندس اُجرت ۽ سارسنڀال لاءِ مالڪ ڏانهن واجهائي ٿو. هي سندس محنت جي پيداوار ۾ ڀائيوار ٿئي ٿو... ۽ ان ڀائيواريءَ ۾ هن جو منافعو بہ شامل هجي ٿو.[67]

مفادن ۾ هم آهنگي نہ هئي، پر مالڪن جي مفادن ۽ مزدورن جي مفادن جي وچ ۾ ٽڪراءُ هو:

ٻن ڌرين جا مفاد ڪنهن بہ صورت ۾ ساڳيا ناهن. پورهيت جيترو ممڪن ٿي سگهي، اوترو حاصل ڪرڻ چاهي ٿو مالڪ جيترو گهٽ ٿي سگهي، اوتر ڏيئي ٿو. پورهيت پنهنجون اجرتون وڌائڻ لاءِ گڏجن ٿا ۽ مالڪ محنت جون اُجرتون گهٽائڻ لاءِ. اها اڳڪٿي ڪرڻ ڏکي ناهي تہ ٻنهي پارٽين مان ڪنهن کي تڪرار ۽ ٻي ڌر کي پنهنجن شرطن تي مجبور ڪرڻ ۾ فائدو آهي. مالڪ، تعداد ۾ ٿورا هوندي، آسانيءَ سان گڏجي سگهن ٿا، ۽ گڏوگڏ قانون کين اختيار ڏئي ٿو يا گهٽ ۾ گهٽ سندن گڏجڻ کي منع نہ ٿو ڪري، جڏهن تہ اهو قانون پورهيتن کي روڪي ٿو..... سيني تڪرارن ۾، مالڪ وڌيڪ عرصي تائين معاملي کي روڪي سگهي ٿو. هڪ جاگيردار، آبادگار، هڪ مالڪ ڪارخانيدار يا واپاري..... اڳئي جمع ڪيل ذخيرن ذريعي معمول مطابق هڪ يا ٻن سالن تائين گُذارو ڪري سگهي ٿو. انيڪ پورهيت هڪ هفتي تائين گذارو نہ ٿا ڪري سگهن.[68]

سمٿ جي دليل جي منطق 'جاگيرداريت' جي غيرپيداواري عنصر تي تنقيد کان اڳتي نڪري وڃي ٿي. هي اها تنقيد صنعتي سرمائيداري جي نقطہ نظر کان ڪري ٿو. خود سرمائيدارن تي بہ تنقيد ڪري ٿو. اُنهن کي مفت خور غيرپيداواري عنصرن طور ڏسي ٿو جيڪي پورهيتن جي محنت مان حاصل ٿيندڙ منافعن تي زندهہ رهن ٿا. اهائي منطق رڪارڊو جي لکڻين (جنهن صنعتي سرمائيداريت جي نقطہ نظر کان زميندارن تي حملو ڪيو) ذريعي 1820 ۽ 1830ع جي پهرين سوشلسٽ معيشيتدانن ۽ ڪارل مارڪس تائين منتقل ٿئي ٿي. هٿيار جن کي روشن خياليءَ جي وڏن سياسي معيشيتدانن پراڻي نظام سان وڙهڻ لاءِ استعمال ڪيو وري اُنهن کي نئين سان وڙهڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو.

سمٿ اهڙا نتيجا ڪيڻ کان لنوايو پئي. هي ائين ڪري سگهيو جو هن پنهنجي ان تصور تہ مُلهہ (قدر) محنت مان ڦٽي ٿو ان کي هڪ ٻئي ابتڙ خيال سان ملائي ڇڏيائين. ان ۾ هن چيو تہ هڪ جنس جو مُلهہ جاگيردار، سرمائيدار ۽ پورهيت جي گڏيل 'آمدني' جي حاصلات تي منحصر آهي. ان دليل جي گردش (ملندڙ آمدني مُلهہ

قدر) تي ياڙي ٿي، پر قدر آمدنيءَ جو مجموعو آهي). ان خيال کي مالٿس ڪنيو ۽ عوام جي وڏي هردلعزيز جين بپاٽسٽ سي ۽ رڪارڊو جي موت ڪانپوءِ اهو خيال مک ڌاري طور معيشيت ۾ عقيدو بڻجي ويو.

تنهن هوندي بہ سمٿ پهريون ماڻهو هو جنهن ايرنڊڙ نئين اقتصادي سرشتي جي مکيہ خاڪي جي تصوير پيش ڪئي. ان تصوير برطانوي سرمائيدارن کي ڪجهہ سمجهہ ڏني تہ اُهي ڪيڏانهن پيا وڃن ۽ ٻين ملڪن جي مستقبل جي سرمائيدارن کي ڪجهہ تصور ڏنو تہ، ڇا نقل ڪيو وڃي. اهو ڪتاب تڏهن شايع ڪيو ويو جڏهن سبتن سماجي امن جي سوا صديءَ وارو دور انقلابي اُٿل پٿل واري هڪ نئين دور کي جاءِ ڏئي رهيو هو. هن جي خيالن نئين دور جي مک ڪردارن جي روين کي گهڙيو ۽ ٺاهيو.

حوالا

See, for instance, G Rudé, *Europe in the Eighteenth Century* (Harvard, 1985), p23, and R S Duplessis, *Transitions to Capitalism in Early Modern Europe* (Cambridge, 1997), p174
-See, for instance, G Rudé, *Europe*, p23; and R S Duplessis, *Transitions*, p174
•Figures from R S Duplessis, *Transitions*, pp242, 248
•D Defoe, *A Tour Through the Whole Island of Great Britain* (London, 1912), quoted in G Rudé, Europe, p58
For a summary account of these inventions, see D Landes, *Wealth*, pp187-191
Figures in R S Duplessis, *Transitions*, pp38, 242
J de L Mann, *The Cloth Industry in the West of England* (Oxford, 1971), pp23, 90-91
Keith Thomas provides a lengthy but very accessible account of all these beliefs and how they fitted into people's experience of material life. See K Thomas, *Religion and the Decline of Magic* (Harmondsworth, 1978) and also C Ginsburg, *Night Battles* (Baltimore, 1983)
For a very accessible account of the development outlined in this paragraph, see I B Cohen, *The Birth of the New Physics* (London, 1961)
[0] Quoted in G de Santillana, *The Age of Adventure* (New York, 1956), p158
[1] See K Thomas, *Religion*
[2] For the limitations of Galileo's account—and for the problematic nature of some of his experiments—see I B Cohen, *Birth*, pp91-129
[3] I B Cohen, Birth, p158. Robert Munchenbled argues that the spread of witchcraft prosecutions was a result of attempts by the groups who controlled the state to establish their control over the rural population. See, for instance, R Munchenbled, *Sorcèries, Justice et Société* (Paris, 1987), pp9-10
[4] K Thomas, *Religion*, p598
[5] See K Thomas, *Religion*, pp533, 537
[6] According to C Hill, *A Century of Revolution*, p250
[7] Quoted in K Thomas, *Religion*, p692
[8] This can lead to differing accounts of what exactly constituted the Enlightenment. So, for example, Ernst Cassirer (E Cassirer, *The Philosophy of the Enlightenment* (Boston, 1955)) counts the rationalist philosophers from Descartes onwards as part of the Enlightenment; by contrast George Rudé (G Rudé, *Europe*) sees the Enlightenment as starting with a reaction, inspired by John Locke, against these philosophers.
[9] Leibniz accepted Newton's mathematical formulations, but rejected his overall model of the universe.
[0] For an account of the salons, see P Naville, *D'Holbach et la Philosophie Scientifique au XVIIIe Siècle* (Paris, 1967), pp46-48
[1] Quoted in P Naville, *Philosophie*, p118-119
[2] According to G Rudé, *Europe*, p131
[3] G Rudé, *Europe*, p132
[4] P Naville, *Philosophie*, p73
[5] D Outram, *The Enlightenment* (Cambridge, 1995), p75. By contrast the Swedish naturalist Linnaeus laid down a tight division into four races based on colour.
[6] G Rudé, *Europe*, pp135-136. The motive of the monarchies was to ensure their own control over the national churches. The effect, however, was to weaken a major institution propagating reactionary ideas.

[27] Quoted in P Gay, *The Enlightenment* (New York, 1977), p71
[28] R Darnton, *The Business of the Enlightenment* (Harvard, 1979), p528
[29] R Darnton, *Business*, p526
[30] According to G Rudé, *Europe*, p170
[31] I Kant, quoted in G Rudé, *Europe*, p171
[32] Jakarta
[33] This is Blackburn's estimate in R Blackburn, *The Making of New World Slavery* (London, 1997), p3. There are other estimates which are a little smaller or a little larger. For a long discussion of the numbers involved, see P Manning, *Slavery and African Life* (Cambridge, 1990), p104
[34] P Manning, *Slavery*, p35
[35] P Manning, *Slavery*, p30
[36] See A Calder, *Revolutionary Empire* (New York, 1981), pp257-258; Robert Louis Stephenson's novel *Kidnapped* begins with such a kidnapping in mid-18th century Scotland.
[37] R Blackburn, *Making*, p230
[38] A Calder, *Revolutionary*, p566
[39] Barry Unsworth's novel, *Sacred Hunger* (London, 1992), provides a very good feeling of what the slaves and the sailors had in common.
[40] A Calder, *Revolutionary*, p289
[41] .< Blackburn, *Making*, p231
[42] For details, see R Blackburn, *Making*, pp240-241
[43] So Blackburn's acount of the rebellion (in R Blackburn, *Making*, pp256-258) stresses the involvement of African slaves, while Calder (A Calder, *Revolutionary*, pp311-312) only refers to the anti-Indian dimension and does not mention the slave involvement.
[44] R Blackburn, *Making*, p264
[45] There is a black and white reproduction of this painting in R Blackburn, *Making*, p32
[46] See R Blackburn, *Making*, pp254-255, pp264-265
[47] J Locke, *An Essay Concerning Human Understanding* (Oxford, 1975), pp606-607 quoted in R Blackburn, *Making*, p329
[48] This, for instance, was the argument made by Francis Moore, a former factor for the Royal Africa Company in Gambia, in a work published in 1738. See A Calder, *Revolutionary*, p454
[49] Many of the best known Enlightenment figures, like Adam Smith, Condorcet and Benjamin Franklin, opposed slavery, even if some, like Hume, accepted the notion of the innate mental inferiority of Africans.
[50] W E Washburn and B Trigger, 'Native Peoples in Euro-American Historiography', in W E Washburn and B Trigger (eds), *Cambridge History of Native Peoples of the Americas*, vol 1, part 1 (Cambridge, 1996), p74
[51] W E Washburn and B Trigger, 'Native', p75
[52] W E Washburn and B Trigger, 'Native', p79
[53] W E Washburn and B Trigger, 'Native', p80
[54] P Manning, Slavery, p13. There is a very useful summary of the different arguments in R Blackburn, *Making*, ch 12
[55] P Matthias, *The First Industrial Nation* (London, 1983), p168
[56] The pattern of trade was, of course, more complicated than this. But it sums up certain essential features.

[57] P Manning, *Slavery*, p22
[58] P Manning, *Slavery*, p34
[59] P Manning, *Slavery*, p85
[60] P Manning, *Slavery*, p23
[61] For Smith's relations with the European Enlightenment, see I Simpson Ross, *The Life of Adam Smith* (Oxford, 1995)
[62] A Smith, *The Wealth of Nations* (Harmondsworth, 1982), p433
[63] A Smith, *Wealth*, pp104, 133
[64] A Smith, *Wealth*, p430-431
[65] A Smith, *Wealth*, p488
[66] E Roll, *History of Economic Thought* (London, 1962), p151
[67] A Smith, *Wealth*, p168
[68] A Smith, *Wealth*, p169

يانگو چهون

دنيا اونڌي ٿي پئي

اهم واقعن جي ترتيبوار تاريخ

1773ع:

’بوسٽن ٽي پارٽي.

1775ع:

ليڪسنگ ٽن ۽ بنڪر هل وٽ لڙائي.

1776ع:

آمريڪي آزاديءَ جو پڌرنامو.

1781ع:

يارڪ ٽائون وٽ برطانيا جي شڪست.

1780ع کان 1830ع:

برطانيا ۾ ڪارخاني ۾ ڪاٽين جي سرشتي جي پکيڙ.

1789ع:

فرينچ انقلاب جي ابتدا.

1791ع:

سينٽ ڊومنگيو ۾ غلام بغاوت.

1792ع:

فرينچ انقلابي جنگ، والميءَ واري لڙائي، بادشاهه جو قتل.

1793_94ع:

فرانس تي جيڪبن جو راڄ، جاگيرداري بقايائن جو خاتمو ’دهشت‘

1794ع:

جيڪبن جو زوال، ٿرميڊور

1793_98ع:

برطانيا طرفان سينٽ ڊومنگيو تي قبضو اڳوٽي غلام فوج هٿان شڪست.

1797ع:

برطانوي بحريا ۾ بغاوتون.

1798ع:

آئرلينڊ ۾ برطانوي راڄ خلاف بغاوت، ويڙهه لاءِ نارنگي نظام جو ٺهڻ.

1799ع:

برطانيا ۾ ٽريڊ يونين تي بندش. نيپولين فرانس ۾ اقتدار تي قابض.

1801_03ع:

نيپولين طرفان وري هيٽيءَ ۾ غلامي ٿاڦڻ جي ڪوشش. توسينٽ جي قيد ۾ موت. ڊيسالائينز طرفان اڳوڻي غلام فوج ڪي فتح ڏانهن وٺي وڃڻ.

1804ع:

بيٿوون Eroica سنگيت ناٽڪ.

1805ع:

نيپولين جو شهنشاهه ٿيڻ.

1807ع:

هيگل جو Phenomenology of Mind.

1810ع:

ميڪسيڪو ۽ وينزويلا ۾ اسپيني راڄ خلاف پهريون بغاوتون.

1810_16ع:

انگلينڊ جي اُتر ۾ Luddites طرفان مشين تي حملو

1814_15ع:

نيپولين کي شڪست. پراڻين بادشاهتن جي بحالي. واٽرلو.

1811_18ع:

جين آسٽن ۽ والٽر اسڪاٽ طرفان ناول ڇپائڻ.

1819ع:

پورهيتن جي مظاهرين جي 'پيٽرلو' رتوڇاڻ.

1830ع:

پئرس ۾ انقلاب، هڪ بادشاهه جي جاءِ تي ٻيو.

1830ع:

اسٽينڊال ۽ بالزڪ طرفان ناول.

1830ع:

دنيا جي پهرين مسافر ريل.

1831ع:

فراڊي برقي انڊڪشن دريافت ڪري ٿو.

1832ع:

برطانوي وچولي طبقي کي ووٽ جو حق ملي ٿو.

1834ع:
برطانيا ۾ قانوني ترميم ورڪ هائوس قائم ڪري ٿي.
1838_39ع:
چارٽسٽ تحريڪ پورهيتن لاءِ ووٽ جو حق گهري ٿي.
1839_42ع:
چين خلاف آفيم جنگ
1842ع:
لنڪاشائر ۾ عام هڙتال.
1860_1840ع:
ڊڪنس، جارج ايليٽ، برونٽس جا ناول.
1840ع جو وچ:
تائي پنگ بغاوت اڌ چين جو ڪنٽرول حاصل ڪري ٿي.
1848_49ع:
وڏو آئرش ڏُڪار.
1847ع:
ڪميونسٽ پڌرنامو.
1848ع جو بهار:
سڄي يورپ ۾ انقلاب، آئرليند ۾ ناڪام بغاوت، لنڊن ۾ آخري چارٽسٽ مظاهرو.
1848ع جُون:
فرينچ بورجوازيءَ طرفان پورهيت تحريڪ کي ڪچلڻ.
1848_49ع:
سڄي يورپ ۾ پراڻين بادشاهتن جي بحالي.
1850ع ۽ 1860ع:
جرمني ۽ فرانس ڏانهن صنعت جي پکيڙ.
1843_56ع:
برطانيا طرفان اتر انڊيا تي مڪمل قبضو.
1857ع:
انڊين بغاوت
1857_60ع:
ٻي آفيمي جنگ، چيني شهرن ۾ ٻئڻڪي 'رعايتون'.
1859ع:
ڊارون جو The Origin of Species.

1859_71ع؛
بادشاهہ هيٺ اٽلي متحد.
1861ع؛
آمريڪي گهرو جنگ شروع. زار روس ۾ ٻانهپ جو خاتمو ڪري ٿو.
1863ع؛
لنڪن غلاميءَ جي خاتمي جو اعلان ڪري ٿو.
1865ع؛
آمريڪي ڏکڻ جي شڪست.
1864ع؛
تائي پنگ باغي نيٺ برطانيا هارائين ٿا.
1866ع؛
نوبل ڊائنامائيٽ دريافت ڪري ٿو.
1867ع؛
جاپان ۾ ميجي انقلاب مٿان کان توڪوگاوا جو جاگيردار راڄ ختم ڪري ٿو.
1867ع؛
مارڪس 'سرمايو' شايع ڪرائي ٿو.
1870ع؛
فرانڪو_پرشين جنگ. لوئس بوناپارٽ جي شڪست.
1871ع؛
پئرس ڪميون, پورهيتن جي هٿ ۾ شهر جو ڪنٽرول. ريپبلڪن حڪومت طرفان شهر تي حملو هزارين ماڻهو قتل.
1871ع؛
بسمارڪ پرشين شاهي بادشاهت هيٺ جرمن سلطنت قائم ڪري ٿو.
1873ع؛
پهرين برقي مشين.
1870ع جو مئي؛
آمريڪا جي ڏاکڻين رياستن مان فوجون واپس

باب پهريون

آمريڪي تمهيد

1871ع ۾ جڏهن برطانوي فوج يارڪ ٽائون مان رواني ٿي ته فوجي بئنڊ راڳ ڳايو: "دنيا اونڌي ٿي وئي" ۽ اهو احساس برطانوي بادشاهه جارج جي وفادار هزارين 'ٽوريز' کي ضرور محسوس ٿيو هوندو، جيڪي فوج سان گڏ روانا ٿيا. سماج جي 'فطري' نظام بابت سمورا مفروضا هڪ سوپاري بغاوت سان ڍهي پٽ پيا. توڙي جو ان بغاوت کان فقط 8 سال اڳ خود باغين مان 99 سيڪڙو ماڻهن جا پڻ ساڳيا خيال هئا.

بغاوت جي نامور شخصيتن مان هڪ آزمايل ليکڪ ۽ سياستدان بينجمن فرينڪلن 1760ع ڊائري لکيو هو ته 'اسين دنيا جي بهترين بادشاهن مان هڪ بادشاهه جي راڄ هيٺ خوش آهيون'.[1] هزارين آمريڪي، جيڪي سندس اخبار جا مضمون پڙهندا هئا، سي 1774ع تائين ان ڳالهه سان متفق هئا. هن جي پنهنجي گهرو ڪالوني پيننسيلوينا ۾ 'ڪا باشعوري انقلابي روايت نه هئي'.[2] ورجينين رهنما ٿامس جيفرسن اجان تائين 1776ع جي ابتدا ۾ اها دعويٰ ڪري رهيو هو ته ڪو به آمريڪي رهواسي (برطانوي) بادشاهت کان 'الڳ ٿيڻ جي نه ڪا خواهش رکي ٿو.... نه ئي دلچسپي'.[3]

1776ع جي اونهاري ۾ اهو سڀ ڪجهه ڪيئن ٿيو 13 رياستن جا نمائندا 'ڪانٽينينٽل ڪانگريس' وٽ جمع ٿيا، اتي ئي ساڳئي ٿامس جيفرسن هٿان لکيل آزاديءَ جي پڌرنامي کي قبولي، اها دعويٰ ڪئي وئي ته 'سڀ انسان پيدائشي طور تي برابر هجن ٿا'؟ اها ڳالهه ان وقت اعلي اعلان انقلابي بيان هو جڏهن يورپ ۾ هر هنڌ بادشاهن ۽ اشرافيا جي تابعداري ڪئي پئي وئي.

نين آبادين جو بنياد ڏيڍ صدي اڳ برطانوي تخت جي پٺڀرائي سان وڌو ويو هو. هر هڪ آبادڪاريءَ وٽ لنڊن مان مقرر ٿيل گورنر جي صورت ۾ حتمي سياسي اختيار هو پر هر هڪ ڪالوني ۾ مختلف گروهن وٽ موثر اختيار هئا. ڀهراڙيءَ واري نئين انگلينڊ ۾ آزاد آبادگارن وٽ، ۽ ان جي ساحلي شهرن ۾ واپارين ۽ ڪاريگرن وٽ، نيويارڪ رياست ۾ رقيب وڏن جاگيردارن وٽ، جن پنهنجن هارين سان ذري گهٽ جاگيرداراڻي انداز سان سلوڪ ڪيو پئي ۽ نئين نيويارڪ شهر ۾ برطانوي ائٽلانٽڪ تجارت سان جڙيل واپارين وٽ، پين (Penn) خاندان (جنهن گورنر مقرر ڪيا) وٽ ۽ پيننسيلوانيا ۾ ڪجهه امير قواڪر (Quaker) خاندانن وٽ، ورجينيا ۽ اتر توڙي ڏکڻ ڪيرولينا ۾ غلام

مالڪن جي نؤآباد ٻني مالڪن وٽ، جتي اڇي چمڙيءَ وارن غريبن جي ڪا ٻه نه پئي هلي، اختيار هئا. آبادڪارين جي وچ ۾ شديد سماجي ٽڪراءُ پڻ هئا. جاگيردارن ۽ هارين جي وچ ۾ جيڪي 1766ع ۾ نيويارڪ جي هڊسن ماٿريءَ ۾ بغاوت لاءِ اُٿي کڙا ٿيا، پينسيلوانيا ۾ فلاڊيلفيا حڪمران ٽولي ۽ اولهندي آبادڪارن جي وچ ۾، ڪيرولينا س ۾ 'نگراني ڪندڙ' ننڍين آبادگارن ۽ 'وڏي مرتبي وارن نوابن (گرانڊي)' نؤآبادڪار ٻني مالڪن جي وچ ۾ ٽڪراءُ ٿيندا رهيا. اُنهن ۾ سڀ کان مٿي ڏاڪڻي ڪيت مالڪن لاءِ غلام بغاوتن جو براعظمي خوف هو جيئن 1739ع ۾ ڪيرولينا ۾ ٿيو. اهڙن تڪراري مفادن 1750ع ڌاري ڪالونيز جي وچ ۾ اتحاد قائم ڪرڻ واري ڪوشش کي وڏو ڌڪ رسايو.

هر هڪ ڪالونيءَ ۾ ماڻهن پنهنجو پاڻ کي 'آمريڪي' نه پر 'برطانوي' سمجهيو پئي. آبادڪاريون (colonies) برطانوي 'ائٽلانٽڪ' معيشيتن جي دائري اندر وڌيون ۽ خوشحال ٿيون. سندن گڏيل آبادي آهستي آهستي 30 لک تي وئي، جيڪا برطانيا جي آباديءَ جو ٽيون حصو هئي. سندن واپارين ۽ زميندارن ججهي ملڪيتن جا مزا ماڻيا ۽ سندن آبادگارن ۽ ڪاريگرن ائٽلانٽڪ سمونڊ پار پنهنجن ابن ڏاڏن کان وڌيڪ خوشحالي محسوس ڪئي. صوفن واري گاڏي (يعني برطانوي بادشاهي راڄ کان الڳ ٿيڻ) کي اونڌو ڪرڻ ڪنهن جي به مفادن ۾ نه پئي لڳو.

هڪ ڌار کان هڪ ڪڏ تائين

اقتصادي ڦهلاءَ جي حقيقت ائٽلانٽڪ سمونڊ جي ٻنهي پاسي واپارين، زميندارن ۽ ڪارخانيدارن کي مختلف مفادن نهڻ سان گڏ مختلف روين ڏانهن ڌڪي رهي هئي.[4] لنڊن ۾ اهو خوف وڌڻ لڳو ته ڪالونيون متان اهڙين پاليسين تي عمل ڪن جيڪي برطانيا جي تجارتي مفادن جي آڏو رڪاوٽ بڻجن. ڪالونين ۾ اهي شڪ پڻ وڌيا پئي ته برطانوي حڪومت سندن ضرورتن کي نظرانداز ڪري ٿي. 1770ع جي وچ تائين فرينڪلن، جنهن لنڊن ۾ ڪيترن ڪالونين جي نمائندي طور ڪم ڪيو وانگر بين ماڻهن به انهن خوفن ۽ شڪن کي غلط فهمي پئي سمجهيو پر اُهي شڪ ۽ خوف ٻنهي پاسي اجايا ۽ وهمي نه هئا. ڪنهن مرحلي تي ڪالونين ۽ برطانيا جي وچ ۾ ٽڪراءُ اٽل هو.

جيئن ايڊم سمٿ ۽ سندس پيروڪارن (۽ اڄان تائين ڪجهه ماڻهن) اشارتن سمجهيو پئي ته اُڀرندڙ عالمي مارڪيٽ سرشتو هڪ هوندو پر عالمي مارڪيٽ سرشتو هڪ هوندي به ان ۾ رياست جو الڳ اقتصادي ڪردار پڻ هو. تجارتي چارَ سڄي عالمي سرشتي ۾ ڦهليا، پر اُنهن جو مرڪز مخصوص شهرن جي چوڌاري رهيو. جتي واپاري، سيٺ ۽ ڪارخانيدارن نه فقط خريداري ۽ وڪرو ڪيو پئي، پر سماجي طور تي پڻ گهُلي ملي ويا ۽ سياسي اختيارين تي دٻاءُ پڻ وڌائون. رقيب قومي رياستن

جي ترقيءَ سان سندن مفاد حاصل پئي ٿيا. هر هڪ جو سياسي ڍانچو جاگيرداري دور واري سرشتي کان وڌيڪ سخت هو ۽ ان سان گڏ هڪ قومي ٻولي پڻ هلندي رهي. اها ڳالهه تہ تصور جوڳي ئي نہ هئي تہ برطانوي سرمائيدار رئيسن تي دٻاءُ نہ وجهندا. جن پنهنجن مفادن کي ماڻڻ ۽ آواز اٿارڻ لاءِ پارليامينٽ کي هلايو پئي ۽ گڏوگڏ اهو پڻ ناقابل تصور هو تہ آمريڪي ڪالونين جا سرمائيدار پنهنجن جوابي سياسي عملن سان ردعمل ڪرڻ ۾ ڪارگر نہ ٿيندا.

اقتصاديات ۽ سياست ٻنهي شعبن ۾ خاص واقعن ڊگهي مدي وارن رجحانن کي تيز ڪيو. 1760ع ۽ 1770ع ڌاري ائين ٿيو. برطانيا ۽ فرانس جي وچ ۾ 63_1756ع جي ست سالا جنگ جو مقصد ڪالونيز خاص ڪري اتر آمريڪا جو ڪنٽرول حاصل ڪرڻ ۽ اُنهن ڪالونين سان ٿيندڙ تجارت هو. برطانيا اولهہ انڊيز ۾ فرانس کي شڪست ڏني، بنگال تي قبضو ڪري ۽ ڪينيڊا کي فتح ڪندي، هڪ عالمي سلطنت جا بنياد رکيا. پر ائين ڪرڻ لاءِ کيس ڳري قيمت ادا ڪرڻي پئي.

برطانوي وزيرن چاهيو پئي تہ آمريڪي ڪالونيون جنگ جي ڪجهہ لاڳت ادا ڪن. اُنهن جو خيال هو تہ ميسيسپي ماٿريءَ جو ڪنٽرول ماڻڻ لاءِ فرينچ رٿا کان وٺي ڪالونين گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ حاصل ڪيو آهي ۽ هاڻي اولهہ طرف نين آبادڪارين جي پکيڙ بہ رڪجي وئي آهي.

تنهن ڪري، برطانيا ڪالونين مٿان ٽيڪسن جو هڪ پورو سلسلو لاڳو ڪري ڇڏيو. 1774ع ۾ ڳُڙ (هڪ قسم جو شراب ٺاهڻ لاءِ ڪم ايندڙ خام ڪنڊ) تي ٽيڪس، 1765ع ۾ ڪاروهنوار جي ڳچ ڪمن تي 'اسٽامپ ٽيڪس' ۽ چوٿين حصي وارو قانون جيڪو آمريڪا ۾ برطانوي فوجون مقرر ڪرڻ لاءِ ڪالونين کي ادا ڪرڻو ٿي پيو ۽ 1767ع ۾ شيون ٻاهران گهرائڻ تي ٽيڪس لڳايو ويو.

انهن مان هر هڪ ٽيڪس آبادڪارين ۾ شديد ڪاوڙ کي جنم ڏنو. اقتصادي ٻاڙائي جي وقت ۾ ماڻهن وٽ پيسن جي کوٽ ٿي پئي ۽ ٽيڪسن مخصوص صنعتن کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو. فرانس کان هاڻي ڪو جنگي خطرو نہ رهيو ۽ برطانوي حڪومت برطانيا ۾ وڏن زميندارن تي ٽيڪس گهٽائڻ لاءِ واڌو آمدنيءَ چاهي پئي. سڀ کان وڏي ڳالهہ اها هئي تہ نين بئنڪن ۾ رهندڙن کي اُنهن پاليسين لاءِ ٽيڪس ڏيڻا ٿي پيا، جن ۾ سندن ڪا راءِ شامل نہ هئي.

نين بئنڪن جي رهواسين ڳالهہ ڪئي تہ برطانيا ۾ ڪنهن بہ حڪومتي مالياتي تجويز کي هائوس آف ڪامنس طرفان رد ڪري سگهجي ٿو. تنهنڪري يقينن آمريڪائن جي مختلف بئنڪن ۾ اهو مطالبو زور وٺڻ لڳو تہ اسان کي بہ ساڳيا اختيار ملڻ گهرجن. ٻي صورت ۾ سمجهيو ويندو تہ سندن بنيادي 'آزادين' کي ڪچليو پيو وڃي. انهيءَ احتجاج جي ٻولي اڃان تائين انقلابي نہ هئي. ماڻهن پنهنجو پاڻ کي 'برطانوي

واسي' طور پنهنجي 'آزادي' جو دفاع ڪندڙ طور ڏنو پئي. پر اها صورتحال ڪين پهريون پيرو برطانيا خلاف متحد ٿيڻ ۾ متحرڪ ٿيڻ ڏانهن وٺي وئي.

سماج جي مختلف سطحن تي حرڪت ۾ اچڻ لاءِ تياريءَ جو عمل شروع ٿيو. مٿين سطح تي نين بئنڪن جا وفد هڪ براعظمي ڪانگريس لاءِ ڪٺا ٿيا ۾ جيسيتائين ٽيڪس واپس نہ ورتا ويندا تيسيتائين برطانيا سان تجارت جو بائيڪاٽ ڪرڻ جو سڏ ڏنائون. انهيءَ حڪمت عملي جي ڪارگر ٿيڻ جو انحصار واپارين جي ننڍين گروهن تي هو جن تجارت کي هلايو پئي.

پر ٻيا عنصر پڻ متحرڪ ٿيا. 1765ع ۾ 1766ع ۾ سيني بئنڪن ۾ مختلف گروهہ اڀري آيا. جن پنهنجو پاڻ کي 'آزاديءَ جا فرزند' طور سڏيو.[5] اهي ماڻهو امير آبادگارن، وڏن زميندارن يا ايتريقدر جو خوشحال واپارين منجهان نہ هئا. پر هنن ۾ گهٽي قدر اُهي ماڻهو هئا. جن جي حيثيت مراعت يافتہ چونڊ ۾ عام ماڻهن جي وچ واري، ۾ اختلاف ڪندڙ دانشور، ننڍيا براعظمي واپاري ۾ ڪاريگر' شامل هئا.[6] هنن جي حيثيت انگريز انقلاب ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪندڙ نئين ماڊل فوج جهڙي 'وچولي قسم واري' هئي. بئنڪي شهرن ۾ عوامي احتجاجن ۾ فسادن جي هڪ روايت هئي. آزاديءَ جي فرزندن 'برطانوي سوال تي روايتي هجومن واري ڪارروائي' جي رهنمائي ڪندي ۾ 'انيڪ آمريڪين منجهہ نئون سياسي شعور پيدا ڪري'[7] ذري گهٽ هڪ سياسي پارٽيءَ وانگر عمل ڪيو.

هجومن جون ڪارروائيون مانيٽي تجارتي بائيڪاٽ کان گهٽو اڳتي نڪري ويون. بوسٽن ۾ عوام هڪ عمارت کي مُهرون وڪڻندڙ آفيس سمجهي ڊاهي ڇڏيو ۾ هڪ اسٽامپ ورهائيندڙ جي گهر تي حملو ڪيو.[8] نيويارڪ ۾ جن ماڻهن کي غدار سمجهيو ويو تن جا گهر ڊاٺا ويا ۾ شهر ۾ مقرر برطانوي فوجين سان جهيڙو ڪيائون.[9] برطانيا خلاف ڪاوڙ سيئين خلاف نفرت سان گڏجي وئي، جن عام بحران جي وقت پنهنجي دولت کي وڌائي ڇڏيو. هجومن هڪ ٿيٽر تي حملو ڪيو جتي اُهڙا ماڻهو اڪثر ايندا هئا. 'نيويارڪ جي سڀ کان وڏيڪ انقلابي اخبار "نيويارڪ جرنل". برطانوي سوال کي ڊرامائي بڻايو پر اُن اخبار وڏين مسواڙن، وڌندڙ مهانگائيءَ ۾ روزگار جي کوٽ جهڙين بڇڙاين تي پڻ مضمون پٺيان مضمون لکيا'.[10]

ڪنهن بہ احتجاجي تحريڪ جي وڌڻ سان عوام جا خيال بہ تبديل ٿين ٿا ۾ خيالن ۾ تبديلي وڌيڪ ڪارروائين جو ڪارڻ بڻجي ٿي. 1760ع ڌاري بوسٽن ۾ نيويارڪ جي معاملي ۾ بلڪل ائين ئي ٿيو. نيويارڪ ۾ ماڻهن برطانوي ڪارروائين تي احتجاج ڪندي 'آزاديءَ جا ٿنيا' کڙا ڪري ڇڏيا. هر ڀيري سپاهين انهن کي ڊاٺو پئي، وري نوان ٿنيا اڏيا پئي ويا. برطانوي حڪومت ٽيڪس اوڳاڙڻ جو هڪ نئون ڍانچو قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ماڻهن جي احساسن کي وڌيڪ سگهارو ڪيو تہ مٿن ٻاهران کان ٽيڪس مڙهيا وڃن ٿا. بوسٽن ۾ 1770ع جي مارچ مهيني ۾ گوڙ وڌي ويو. جڏهن فوج

هڪ هجوم مٿان گولي هلائي، جن مٿن برف جا گولا اُڇلايا هئا ۽ ائين پنج ماڻهو مري پيا ان واقعي کي 'بوسٽن قتل عام' طور سڃاتو ويو.

برطانوي حڪومت پنهنجي گهر اندر لنڊن ۾ جان وڪيز جي پٺيان هجومن جي فسادن ۽ لنڊن شهر جي انيڪ واپارين جي دٻاءَ هيٺ عارضي طور تي پوئتي هٽي وئي. اُن چانهه پتيءَ تي لڳايل ٽيڪس ڪانسواءِ سمورا نوان ٽيڪس ڦٽا ڪيا ۽ ائين آمريڪي احتجاج گهٽجي ويو.

تنهن هوندي بہ معاملو اتي ئي ختم نہ ٿيو. ڪو بہ ٽيڪس مڙهڻ جي ڪوشش تي نفرت اڳ کان بہ وڌي ٿي وئي، جنهن نفرت جو تجربو بوسٽن ۽ ٻين جاين تي ٿيو هو. برطانوي حڪمران حلقن اندر خوف ويتر وڌي ويو تہ بئنڪيتون برطانيا کان هٽي ڪري پنهنجن مفادن جي پوئواري جو ارادو رکن ٿيون. جيڪڏهن اُنهن کي سبق نہ سيکاريو ويو تہ نافرمانيءَ کي ٽوڙي نہ سگهبو ۽ سڀ بئنڪيتون هٿن مان هليون وينديون.

برف جي گولن کان بندوقن جي گولين تائين

تاريخ ۾ اهڙا وقت بہ اچن ٿا، جڏهن هڪ ننڍڙو واقعو وڏو ڌماڪو ڪري سگهي ٿو ائين ئي جيئن هڪ سُئي ڦوڪڻي کي ڦاٽي ڇڏي ٿي. اُهو ننڍو واقعو 1773ع جي نومبر ۾ بوسٽن بندرگاهہ وٽ ٿيو. هڪ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ٻيڙي چانهہ- پتي کڻي پهتي، جنهن کي گورنر جي پُٺَ باقي رهيل ٽيڪس خلاف بائيڪاٽ کي ٽوڙڻ جي ارادي سان آندو هو. جڏهن تہ هزارين ماڻهن سمونڊ ڪناري احتجاج ڪيو، ديسي آمريڪين جهڙو لباس پهريل 100 ڪارڪن ٻيڙيءَ تي چڙهيا ۽ پتيءَ کي پاڻيءَ ۾ اُڇلائي ڇڏيائون.

براعظمي راءِ عامہ جا معتبر ۽ احترام لائق اڳواڻ ڏڪي ويا. انهيءَ 'بي عدل پُرتشدد عمل' بينجمن فرينڪلن کي لوڏي ڇڏيو.[11] پر ان واقعي کي اُنهن ماڻهن وٽان طاقتور پڙاڏو مليو جيڪي اڳ ئي برطانوي حڪومت تي ڪاوڙيل هئا ۽ حڪومت لاءِ اهو آخري ڪکُ هو. ميساچوسٽس لاءِ جنرل گاگ کي گورنر مقرر ڪري، ڪيس بئنڪيت کي آڻ مجائڻ جو اختيار ڏنو ويو بوسٽن ڏانهن فوج اماڻي وئي ۽ عدم برداشت وارو قانون (Intolerance Act) منظور ڪندي، اهو حڪم ڏنو ويو تہ قانون ٽوڙيندڙ بئنڪ واسين کي مقدمي لاءِ برطانيا گهليو ويندو.

هاڻي معاملو فقط ٽيڪس جو نہ رهيو. يا تہ بئنڪ واسين کي هلائيندڙ قانون ۾ اختيار ڏنو وڃي، جيئن جيفرسن ڳالهہ ڪئي پئي 'يا تہ عظيم برطانيا جي ٻيٽ ۾ 160،000 چونڊيندڙ آمريڪا جي رياستن ۾ رهندڙ چاليهہ لک ماڻهن مٿان قانون مڙهيندا رهن'[12] (اها الڳ ڳالهہ آهي تہ سندس پنهنجي رياست ورجينيا ۾ ڪاريءَ چمڙيءَ وارن غلامن ۽ انيڪ غريب اڇي چمڙيءَ وارن وٽ ڪي بہ اختيار نہ هئا). سيئي بئنڪون خطري ۾ پئجي ويون. اُنهن سيني ۾ نفرت ۽ ڪاوڙ جي هڪ شديد لهر اُيري ۽ ان جي

اظهار لاءِ ڪاميٽيون ٺهينديون رهيون. پٺيءَ کان شروع ٿيل بائيڪاٽ ڦهلجي ويو ۽ 13 بئنڪي اسيمبلين هڪ ٻي براعظمي ڪانگريس لاءِ وفد اماڻڻ تي اتفاق ڪيو.

انهيءَ ڪانگريس ۾ آيل ماڻهو گهٽي قدر ملڪيتن جا مالڪ هئا. هنن جو قدڪاٺ برطانوي سلطنت جي ڍانچي اندر رهندي وڌيو هو. سو منجهن اُن کي ڊاهڻ جي ڪابه خواهش نه هئي. جيڪڏهن کين موقعو ڏنو وڃي ها ته اُهي پراڻي ڍنگ ۾ رهڻ کي ترجيح ڏين ها، پر اهڙي ڪابه راهه ۾ چونڊ جو گس نه ڏنو ويو. هنن هڪ نئين تجارتي بائيڪاٽ جو سڏ ڏنو پر برطانوي حڪومت طرفان ڪنيل قدمن جي سختيءَ جي معنيٰ اها ٿي ته، اهو بائيڪاٽ فقط واپارين تائين محدود رهڻو نه هو. اِن کي عوامي مزاحمت جي صورت وٺڻي پيئي. هر 'ڪائونٽي، شهر ۽ قصبي' ۾ برطانوي شيون استعمال ڪرڻ يا خريدڻ خلاف احتجاج ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي ڪميٽيون چونڊڻيون پيون.[13]

توڙي جو اهو مسئلو ورجينيا جي آبادگارن جو نه هو پر هنن گڏجي ميساچوسٽس کي بائيڪاٽ لاءِ سگهه ڏني. گورنر کان هٿي ڪري بئنڪيت جا سيئي ڪنٽرول هنن وٽ هئا. اُهي ڪنهن به رخني ۾ رنڊڪ ڪانسواءِ پنهنجي مرضي مڙهي سگهيا پئي، پر بين جاين تي ان هڪ هزار سوالن کي اُڀاريو.

ميساچوسٽس ۾ برطانوي عملن خلاف ذري گهٽ متفقه عوامي راءِ هئي. پر ڪن جاين، جهڙوڪ: وورسيسٽر ڪائونٽيءَ ۾ ججن کي نوان قانون لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻو پيو. ڇا ڪرڻ گهرجي؟ نيويارڪ ۾ ڪيترن دولتمند واپارين برطانوي شاهي تجارت مان فائدا ماڻيا پئي، سو اُهي بائيڪاٽ ڪرڻ تي ناراض هئا. جڏهن ته طاقتور زميندار خاندانن برطانوي گورنر جي اڳواڻيءَ هيٺ هليا. وري ڇا ڪيو وڃي؟ پينسلوانيا ۾ ڪئاڪير (Quaker) واپاري سيٺين جي ڪُجھ حصي، سندن بئنڪ واسين جي سڏ کان برطانيا سان 'وفاداريءَ' کي مٿانهون رکيو. اتي ڇا ڪيو وڃي؟

بائيڪاٽ مڙهڻ لاءِ ڪميٽيون ٺاهڻ واري سڏ جي معنيٰ اها هئي ته براعظمي ڪانگريس نون ادارن هٿان پراڻن جي انقلابي ردوبدل واري حقيقت کي تسليم ڪري ٿي يا نه.

طبقو ۽ تڪرار

وورسيسٽر ڪائونٽيءَ ۾ هٿياربند آبادگارن کي عدالتن کي ڪم ڪرڻ کان روڪڻو پيو پلي پوءِ ان جي معنيٰ برطانوي عملدارن سان نه، پر مقامي ججن جي سامهون ٽيڪ ٿي ڇو نه هجي.[14] نيويارڪ شهر ۾ 'اهڙا فيصلا ڪرڻ جيڪي آزاديءَ ڏانهن وٺي وڃن، تنهن جي معنيٰ ته پراڻين اختيارين مان جان ڇڏائڻ سان گڏوگڏ پارليامينٽ ۽ بادشاهه سان به تعلق ٽوڙي ڇڏڻ هو'. ائين ڪرڻ جي توانائي ۽ جذبو "عوام" جي هجومن ۽ انقلابي ڪميٽين ٻنهي مان آيو. 'اِهي مستري (مڪينڪ) هئا، جن هر هفتي سيني جي ڀرپور موجودگي سان گڏجاڻيون ڪري، 'سرڪاري' ڪميٽيءَ جي قيام ۽ پوءِ شاهي ميمبرن جي جاءِ تي 'مسترين،

واپارين ۽ ننڍين پيشيور ماڻهن' کي مقرر ڪرڻ تي زور ڀريو.[15] فلاڊيلفيا ۾ 1،200 مسترين جي هڪ گڏجاڻيءَ هڪ ڪميٽي جوڙڻ لاءِ هزارين ماڻهن جي عوامي گڏجاڻيءَ جي ڪوٺ ڏيندي، واپاري سيٺين جي نوجوان ميمبرن کي اُڪسايو.

سڏي ريت هيٺان (عوام) کان ڪيل ڪارروائيءَ جي نتيجي ۾ جدوجهد 'پُرامن' بائيڪاٽ کان ڦري جنگ ڏانهن هلي وئي. ميساچوسٽس ۾ ليڪسنگٽن وٽ گشت ڪندڙ لشڪر تي برطانوي فوج طرفان گوليون هلائڻ ڪانپوءِ پال ريوير، جيڪو هڪ ڪاريگر هو اُن وچي مقامي آبادگارن کي خبردار ڪيو تہ برطانوي فوج جو هڪ جٿو بوسٽن ويجهو ڪانڪورڊ وٽ لڪل هٿيار کسڻ لاءِ اچي رهيو آهي. هي اُهي ئي آبادگار هئا، جن ليڪسنگٽن وٽ برطانوي فوج سان لڙائي ڪئي ۽ پوءِ بوسٽن مٿان ڪڙڪي بنڪر هِل وٽ برطانوي ڇانوڻيءَ جو گهيرو ڪيو. هر هنڌ وچولي ۽ هيٺين طبقن ٻڌتر ۾ منجهيل مٿئين طبقي جي ماڻهن کي ڌڪي هٽائي ڇڏيو جيڪي برطانوي انتظاميا سان ٻٽ هئا.

جيئن ايڊورڊ ڪنٽريمين انقلاب تي پنهنجن ٻن شاندار ڪتابن ۾ دُرست نموني زور ڀري ٿو تہ، جدوجهد فقط ان ڪري وڌي جو عوام پراڻن حاڪمن جي مخالفت ۾ نوان ادارا جوڙيا، '1774ع ۽ 1776ع جي اونهاري جي وچ ڌاري نيويارڪ ۾ هنن ڪميٽين اهوئي ڪم ڪيو جيڪو 1789ع ۽ 1792ع جي وچ ڌاري پئرس ۾ ۽ 1917ع روس ۾ ساڳين ادارن ڪم ڪيو.'[16]

1776ع جي واقعن ۾ انهيءَ تحريڪ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو. نيويارڪ ۾ برطانيا خلاف ڪنهن بہ قسم جي ڪارروائي تي ائٽلانٽڪ ساموندي تجارت سان ڳنڍيل امير واپارين ۽ ڪجهہ وڏن زميندارن طرفان سخت مخالفت ڪئي ويندي هئي، جڏهن تہ سرڪاري عملدار گورنر تي ڀاڙيندا هئا. فلاڊيلفيا ۾ پيننسيلوانيا اسيمبليءَ منجهہ اڪثريت آزاديءَ جي شديد مخالف هئي. برطانيا خلاف جنگ انهن ٻن شهرن جي مدد کانسواءِ ڪامياب نہ ٿي سگهي ها، پر اها حمايت فقط پراڻن اقتصادي ۽ سياسي ٽولن کي للڪارڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿي سگهي پئي. امير واپارين يا جاگيرداري پسمنظر رکندڙن بدران نون، وڌيڪ انقلابي ماڻهن، گهڻو ڪري ڪاريگرن يا ننڍين واپارين کي ڪميٽين جو ڪنٽرول حاصل ڪرڻو هو جن ذريعي اهو فيصلو ڪندي تہ ڇا (سامان) ٻاهر موڪلي سگهجي ٿو ۽ ڇا ٻاهران گهرائي سگهجي ٿو. جنهن جو شهرن جي زندگيءَ جي ڪاروهنوار تي وڏو اثر هو.

هٿيارن جو ڪم ڏيندڙ چوپڙيون

پراڻي مٿين طبقي جي سياسي بالادستي ائين ئي غائب نہ ٿي وئي. اُنهن پنهنجي حڪمرانيءَ جي لحاظ ۽ فرمانبرداري لاءِ ۽ برطانيا خلاف مزاحمت جي شدت گهٽائڻ لاءِ نسل در نسل ذهني عادتن ۽ سوچن تي ڀاڙيو پئي.

اُنهن عادتن ۽ فرمانبرداريءَ کي ٽوڙڻ لاءِ عوامي احتجاج ۽ عوامي پرچار ٻنهي کمن جي ضرورت هئي. بائيڪاٽ لاءِ عوامي احتجاج دليلن جي صورت ورتي، بائيڪاٽ ٽوڙيندڙن خلاف گشت ڪيا ويا. گورنرن ۽ برطانوي وزيرن جا پُتلا ساڙيا ۽ سرڪاري عمارتن کي ڦريو لٽيو ويو. پرچار جو بنيادي هدف پراڻي طرز جي سوچن کي ٽيڪ ڏيندڙ دليلن کي ٽوڙڻ هو. فقط 1776ع ۾ 400 کان وڌيڪ پمفليٽ ٽوڙي ڪيئي اخبارون ۽ رسالا پڻ شايع ٿيا. پر فيصلائتو ڪردار تازو برطانوي مهاجر ٿام پيئني طرفان 40 صفحن تي لکيل چوپڙيءَ ادا ڪيو.

ٿام پئني، بينجمين فرينڪلن جي سفارشي خط سان 1775ع ڌاري فلاڊيلفيا ۾ پهتو هو. هي 'وچولي' پرت وارن ڪاريگرن ۽ ننڍن واپارين جي منفرد پيداوار هو جنهن سياسي زندگيءَ ۾ مرڪزي ڪردار نڀائڻ شروع ڪيو. هي انگلينڊ ۾ عورتاڻيون سوڙهيون گنجيون ٺاهڻ، بيڙي هلائڻ، ٽيڪس اوڳاڙڻ ۽ مهمانخاني جي سنڀاليندڙ طور ڪوڙ سارن هنرن جو مالڪ هو. 40 سالن جي عمر ۾ جڏهن هي آمريڪا ۾ پهتو ته هن کي تازو شايع ٿيندڙ رسالي ۾ ملازمت ملي وئي جيڪو ساڳين ماڻهن منجهه گردش ڪندو هو. هن جي پڙهندڙن وانگر هي پڻ بائيڪاٽ جو پُرجوش حمايتي هو پر اڃان تائين انقلابي نه هو. بعد ۾ لکيائين ته 'برطانيا سان ڇُٽيو رهڻ هوڏ آهي ۽ اهو وقت هو جڏهن اُن خلاف ڳالهائڻ غداري هئي'.[17] 1775ع جي واقعن، خاص ڪري برطانيا طرفان ظلم جي وڌندڙ سختي ۽ شدت هن جو ذهن بدلائي ڇڏيو ويندي هي هڪ آزاد ريپبلڪ جو حامي ٿي پيو. هن اهو خيال 1776ع ۾ پنهنجي چوپڙيءَ 'عام شعور' (Common Sense) ۾ پيش ڪيو.

گورنرن ۽ اسيمبلي ميمبرن بدران عام ڪاريگر ۽ واپاريءَ جي ٻولي ڪتب آڻيندي، اهو پمفليٽ عوامي انداز ۾ لکيو ويو. پر اهو فقط احتجاجي ڪم نه هو. ان پمفليٽ ۾ احتجاجي مطالبن جو جواز مهيا ڪرڻ لاءِ عام دليل ڏنا ويا. ان لاءِ گذريل سوا صديءَ کان گردش هيٺ رهندڙ ۽ هابز لاڪ، والٽيئر ۽ روسو جهڙن مفڪرن طرفان رد ڪيل فڪري سوچن جو سهارو وٺندي، سندن خيالن کي اهڙي نموني پيش ڪيو جو عام ماڻهو سمجهي سگهي. ٿام پئني انگلينڊ ۾ عوامي سائنسي ليڪچرن ۽ بحث مباحثي وارن ڪلبن ۾ شريڪ ٿي روشن خياليءَ جي سوچن کان واقفيت ماڻي هئي. هاڻي هن اُنهن خيالن کي عام گهٽين ۽ ورڪشاپن جي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪندي ان ڳالهه تي زور ڀريو ته 'هڪ ايماندار ماڻهوءَ جي اهميت صدين کان رهندڙ بدمعاش تخت ۽ تاجن واري سماج کان وڌيڪ آهي.' هن جارج ٽئين جي 'حڪمرانيءَ واري حق' کي حقارت سان رد ڪيو جنهن کي رهزن 'ڌاڙيلن' جي ٽولي جي اڳواڻي ڪندڙ 'فرينچ حراميءَ' جي نسل سان منسوب ڪيو ويجي ٿو.

'عام شعور' جو حيران ڪندڙ اثر ٿيو. ان ڪتابچي جون اٽڪل 150000 ڪاپيون وڪرو ٿيون. پينسلوانيا جي سياستدان بينجمن رُس بعد ۾ ٻڌايو ته ڪيئن:

ان جو آمريڪي ذهن تي اوچتو ۽ وسيع پيماني تي اثر ٿيو. ان کي عام ماڻهوءَ پڙهيو ڪلبن ۾ ورجايو ويو اسڪولن ۾ زوردار آواز سان پڙهايو ويو ۽ ڪن جاين تي هڪ پادريءَ خطبي بدران ان بابت ڳالهايو.[18]

اهو تاريخ جي اُنهن موڙن منجهان هڪ هو جڏهن ماڻهو اوچتوئي شين کي مختلف نموني ڏسڻ لڳن ٿا. پيننسيلوانيا ۾ انقلابي تحريڪ کي سگهه ملي ۽ اُها انقلابي قدم کڻڻ لاءِ تيار هئي.

امير واپارين ۽ وڏن زميندارن مان ڪيترائي بادشاهت سان وفادار رهيا ۽ اجان تائين آباديءَ جي ڪجھ حصي تي اثرانداز ٿيا پئي جن کي گذريل ٻن سالن ۾ جدوجهد ۾ آندو ويو هو. هنن عام چونڊ ۾ چار مان ٽي نشستون ماڻيون. جيڪي اسيمبليءَ جي ڪنٽرول لاءِ انتهائي اهم هيون ۽ لڳو پئي ته آزاديءَ جي پڌرنامي لاءِ پيننسلوانيا جي پٺيرائي ماڻڻ واري رٿا ناڪام ٿي ويندي. انهيءَ پُٺيرائي ڪانسواءِ ٻين ٻئنڪن لاءِ ان ڪم کي جاري رکڻ ناممڪن ٿي پوي ها.

آزاديءَ جي پُرجوش ۽ سرگرم حامين کي فقط هڪ ئي گس کليل نظر آيو جيڪو انگريز انقلاب دوران نئين ماڊل فوج طرفان اپنايو ويو هو ۽ اهوئي گس وري 150 سالن کانپوءِ روسي انقلاب ۾ ورتو ويو. اُنهن کي اسيمبليءَ کان ٻاهر سنڌس فيصلن کي اونڌو ڪرڻ لاءِ هڪ سرگرم تحريڪ هلائڻي هئي. 4000 ماڻهن جي گڏجاڻيءَ ٻئنڪيت جي مستقبل بابت فيصلو ڪرڻ لاءِ وفدن جي ميڙاڪي جي ڪوٺ ڏني ۽ اُن سڏ کي ڪميٽي آف پرائيويٽس جي تائيد ملي، جيڪا ٻئنڪيت جي لشڪر جي نمائندن جي ٺهيل هئي. پراڻي اسيمبلي جلدئي بي وس ٿي وئي، جنهن وٽ سنڌس اختيار ۾ ڪا به هٿياربند قوت نه هئي. اُن جو اجلاس 14 جُون تائين ملتوي ڪيو ويو. جيڪو وري ڪڏهن به ڪنو نه ٿيو ۽ 18 جُون تي عوامي ڪنوينشن ڪنو ٿيو جتي سپ کان وڌيڪ انقلابي نوعيت جو آئين ناهيو ويو جيڪو هن مهل تائين ڪٿي به نه ڏنو ويو. اُن آئين 90 سيڪڙو مرد آباديءَ کي ووٽ جو حق ڏنو پر جيڪي ماڻهو بادشاهه سان وفاداريءَ تان هٿ نه کڻندا تن کي اهو حق نه ڏناٿون. ڪجهه ڏينهن پوءِ ٿيڻ واري براعظمي ڪانگريس طرفان آزاديءَ جو پڌرنامو جاري ڪرڻ لاءِ ميدان صاف ڪيو ويو.

نئين متحده رياستن جو بنياد فقط تڏهن پئجي سگهيو جو پيننسيلوانيا جي آباديءَ جي ڪجھ حصي آزاديءَ خاطر اُنهن 'آمراڻن' قدمن جي پٺيرائي ڪئي، جيڪي بادشاهت سان ڇُهنيل ٽولن جي ارادن خلاف هئا.

انقلاب اندر گهرو جنگ

آمريڪي انقلاب کي اڪثر ائين پيش ڪيو ويندو آهي ته اُهو خونريزيءَ کان سواءِ ٿيو فقط ٻن فوجن جي وچ ۾ ڪجهه لڙائيون ٿيون، پر حقيقت ۾ 'گهرو جنگ' ڪجهه

جاين تي بلڪل خونريزي واري صورت ورتي. نيويارڪ جي ٽرائين ماٿريءَ جو ڪنٽرول هڪ طاقتور شاهي زميندار خاندان جانسنس وٽ هو جنهن سموري مخالفت کي ڪچلڻ شروع ڪيو. 'وقت سان گڏ جنگ ختم ٿي وئي. ڪجهه ڪاٿن مطابق 700 عمارتون ساڙيون ويون، 12000 باغ ڦٽو ڪيا ويا، وڏي مقدار ۾ اناج تباهه ڪيو ويو اٽڪل 400 باغي عورتون بيواهه ٿيون ۽ انقلابين جا اٽڪل 2000 ٻار يتيم ٿيا.[19] جن علائقن ۾ باغي ڏر وڌيڪ مضبوط هئي ۽ اُتي جيڪڏهن شاهه پرستن کي برطانوي فوجن جي مدد ڪرڻ کان روڪيو ويو ته اهڙيون ڪارروائيون ڪيون ويون، جن ماڻهن جي عام 'حقن' جي پائمالي ڪئي. ائين ڪميٽين شاهه پرستن جي شايع ٿيندڙ موادن کي روڪي ڇڏيو جن شاهه پرست فوج جي ساٿ ڏنو تن جون زمينون ضبط ڪيون ۽ شاهه پرست واپارين ۽ سيٺين جا قرض رد ڪري ڇڏيا. هجومن شاهه پرست ججن کي ڏامر هڻي ۽ کنڀ لڳائي ۽ ٽوريز کي اُکهاڙو ڪري گهٽين مان گهليو. جنگ جي ڪجهه عرصي دوران نيويارڪ شهر برطانيا جي قبضي هيٺ رهيو ۽ جڏهن باغي واپس موٽيا ته اُنهن برطانيا جي مدد ڪندڙن خلاف عام نفرت پکيڙي 1783ع ۾ 20 هزار کان وڌيڪ شاهه پرست برطانوي ٻيڙن ۾ چڙهي شهر ڇڏي ويا.[20] جدوجهد شروع ٿي پارٽي وانگر ٿي هوندي پر اُن وانگر ختم نه ٿي.

جيئن جنگ ڏيگهه ڪئي ۽ کاڌ خوراڪ جي کوٽ ٿي ته ڪميٽين واپارين کي شيون شاهه پرست علائقن ڏانهن اماڻڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ انهن ماڻهن لاءِ خوراڪ کي يقيني بڻايو جن تحريڪ جو ساٿ پئي ڏنو. هنن خوشحال سيٺين تي ڳرا ٽيڪس هنيا، قيمتن کي ضابطي هيٺ رکيو ۽ غدارن جو زمينون ضبط ڪري ڇڏيون. جيڪڏهن جنگ کٽڻي هئي ته اهي لازمي اپاءَ هئا. پر اُنهن قدمن اميرن جي خرچ تي غريبن کي فائدو پڻ ڏنو. بغاوتَ سماجي توڙي قومي رُخ پڻ ورتو. ٻيءَ صورت ۾ اها سوڀاري نه ٿي سگهي ها. برطانوي حڪمت عملي نيويارڪ تي قبضو ڪري ٻين بئنڪن کي هڪٻئي کان الڳ ڪرڻ، سامونڊي تجارت کي روڪي ڏکيائي پيدا ڪرڻ ۽ پوءِ طاقتور فوجن سان اهم جاين ۽ شهرن تي قبضو ڪرڻ هئي. برطانيا کي توقع هئي ته سندن ياڙيتو سپاهي آسانيءَ سان غير تجربيڪار لشڪرن کي شڪست ڏئي ڇڏيندا ۽ پهريون ڌڪ لڳڻ سان بغاوت جو ابتدائي جوش جذبو ٿڌو ٿي ويندو. هنن کي اها توقع پڻ هئي ته واپاري ۽ زميندار بغاوت مان هٿ ڪڍي ويندا ۽ جيئن ئي برطانوي فوجن کي سوڀ ملندي ته برطانوي راڄ تسليم ڪندا.

حڪمت عملي مڪمل طور تي غلط نه هئي. جيئن ئي ڏکيائي وڌي ته باغي فوجن منجهه جوش ۽ ولولو گهٽجي ويو. نيويارڪ ۾ ڪيترائي ماڻهو برطانوي راڄ سان ساٿ ۾ هئا ۽ وري جڏهن اُنهن فلاڊيلفيا تي قبضو ڪيو تڏهن به ائين ٿيو. بهتر نموني هٿياربند ۽ بهتر تربيت يافته شاهه پرست فوجن آڏو باغي فوجون گهٽو ڪري پٺتي هٽنديون

رهيون. باغي فوج جي گهڻي تعداد کي قبضو ڪيل فلاڊيلفيا ٻاهران خيمن ۾ رهڻ دوران سخت سيءَ کي منهن ڏيڻو پيو. برطانوي حڪمت عملي نيٺ هڪ شيءِ سبب ناڪام ٿي. ڪميٽين ۾ احتجاجي جدوجهد عوام کي بغاوت جي مقصد سان جوڙي ڇڏيو هو. جيسيتائين عوامي مزاحمت برقرار رهي، تيستائين باغي فوجن شاهه پرست فوج جي پهچڻ کان اڳ پنهنجي هٿڻ ۾ وري پنهنجي چونڊ تحت هڪ اوچتي حملي سان شاهه پرست فوج کي ٿڪائي ڇڏيو.

جنگ جو دائرو فقط طبقاتي سوالن تائين محدود نہ هو. ورجينيا ۾ اميرترين آبادگارن خوشيءَ سان پنهنجو پاڻ کي جدوجهد ۾ شامل ڪيو. هڪ ڪيت مالڪ جارج واشنگٽن آمريڪي فوج جي سرواڻي ڪئي. هڪ ٻئي غلام-مالڪ جيفرسن آزاديءَ جو پڌرنامو لکيو. نيويارڪ ۾ ڪجهه زميندارن ۽ واپارين برطانيا جي حمايت ڪئي پر ٻين اُن خلاف جنگ جو ساٿ ڏنو. ايتريقدر جو پينسيلوانيا ۾ هڪ شاهوڪار ماڻهو بينجمن فرينڪلن نيٺ مقامي سياسي ادارن ۾ پنهنجي پراڻن دوستن سان تعلق ٽوڙي آزاديءَ جو متوالو بڻجي ويو.

پيو تہ جنگ ۾ عوام جي آخري سوڀ جو انحصار برطانيا خلاف فرينچ بادشاهت سان هڪ اتحاد ڪرڻ جي قابليت تي هو. فرينچ صلاحڪار باغي فوج کي هلائڻ ۾ جارج واشنگٽن جي مدد ڪئي ۽ فرينچ بحريہ باغين کي هٿيار پهچايا ۽ برطانوي ناڪابنديءَ جي پڪڙ کي ڪمزور ڪيو.

جيئن مٿين طبقي جي حلقن بغاوت جو ساٿ ڏنو تيئن هيٺين ۽ وچولي طبقي جي انيڪ ماڻهن آزاديءَ لاءِ جدوجهد کي نہ قبوليو. ڪڏهن ڪڏهن تہ ٽيڪس واري معاملي سندن مفادن ۾ ايڏو رُخنو نہ وڌو جو ڪين اُنهن وفادارين کي ٽوڙڻ جو احساس ٿئي جن کي اُنهن پنهنجي پرورش سبب مقدس پئي ڀانئيو. ڪٿي ڪٿي وري جدوجهد اُنهن مقامي شخصيتن سان سجاتي وئي، جن جي هٿان ماضيءَ ۾ ماڻهن تڪليفون ڀوڳيون هيون. ائين نيويارڪ رياست ۾ ڪيترن مسواڙي هارين برطانيا جي حمايت ڪئي، ڇاڪاڻ تہ هڪ ناپسند جاگيردار هنن خلاف هو. ساڳئي ريت، اتر ۽ ڏکڻ ڪيرولينا جي ڪجهه علائقن ۾ غريب آبادگارن ٽوري گوريلن وانگر هٿيار کنيا، ڇاڪاڻ تہ ڪين باغ مالڪن خلاف شديد نفرت ۽ ڪاوڙ هئي. اهي گوريلا آبادگار آزاديءَ جا متلاشي هئا نتيجي طور تي ٻنهي پاسي خونريزي ٿيندي رهي.

ايتريقدر جو اُتر آمريڪا ۾ ٻن انتهائي مظلومن ڌرين، ڪارن غلامن ۽ اصلوڪن آمريڪين، منجهان انقلابي فوجن کان وڌيڪ برطانيا کي حمايت ملي. ورجينيا جي شاهه پرست گورنر غلامن کي آزادي آڇي. جيڪي برطانيا لاءِ وڙهيا. ڪجهه ماڻهن ائين ڪيو پر جنگ جي پڇاڙيءَ تائين برطانوي فوجن کي ڇڏڻي ٺٿائون.[21] ان جي ابتڙ، جڏهن ڪانگريس 1779ع ۾ تجويز ڏني تہ ڪيرولينا ۽ جارجيا ۾ ڪارن کي باغي فوج جو ساٿ

ڏيڻ جي موٽ ۾ سندن آزاديءَ جي آڇ ڪئي ويئي تہ رياستي حڪومتن ان تي غور ئي نہ ڪيو.[22] ان جي معنيٰ اها نہ هئي تہ آزاديءَ واري سڄي تحريڪ غلاميءَ جي حامي هئي. نئين انگلينڊ ۾ ڪيترن انقلابين کي غلاميءَ سان نفرت هئي ۽ ڪيئي ڪارا انفرادي طور تي مقامي لشڪرن ۾ اڇن سان گڏ وڙهيا پئي. ميساچوسٽس ۽ ويرنمونٽ (رياستن) 1780ع ۾ غلاميءَ کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ فلاڊيلفيا آهستي آهستي متاثر ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. ميري لينڊ ۾ غريب اڇن ۽ ڪارن عام گڏيل مقصد جي ڳالهہ ڪئي ۽ ايتريقدر جو ورجينيا ۾ ڪجهہ باغ مالڪن سوچڻ شروع ڪيو تہ غلاميءَ کانسواءِ بہ ڪم هلي سگهي ٿو.[23]

برطانيا کي آبادڪارن کان وڌيڪ 'انڊين' اتحادين جي تائيد حاصل ڪرڻ آسان لڳي، ڇاڪاڻ تہ آبادڪارن اُنهن کان زمين کسڻ چاهي ٿي ۽ برطانيا خلاف وڙهندڙ انقلابين مان ڪجهہ ماڻهو اصولڪن رهواسين جا پڻ مخالف هئا.

تنهن هوندي بہ آمريڪي انقلاب جي اهميت برطانيا کان بئنڪي سياسي تعلق ٽوڙڻ کان وڌيڪ هئي. جنگ جي وٽ پڪڙ مان هڪ اهڙي معاشري جو ظهور ٿيو جنهن انهن خاصيتن کي ڌوڏي ڇڏيو جيڪي سرمائيداري کان اڳ واري ماضيءَ ڏانهن واپس وٺي وڃڻ چاهين پيون. نيويارڪ ۾ وڏن زميندارن جا جاگيرداري حق غائب ٿي ويا. 'عظيم خاندانن' لاءِ عوام جو لحاظ ۽ فرمانبرداري ڍير ٿي پئي. اترئين ۽ مرڪزي بئنڪن ۾ هزارين ماڻهن کي برابري ۽ ظلم کان نجات وارن خيالن موهي وڌو جيڪو ڪجهہ هي ڏسي سگهيا اُن کي ڪارن توڙي اڇن تي لاڳو ڪرڻ چاهيائون. يورپ ۾ روشن خياليءَ جي انيڪ پيروڪارن کي آزاديءَ جي پڌرنامي واري ٻولي پنهنجن آدرشن جي زندهہ ساڀيان لڳي.

انقلابي قوتن جن انقلاب کي مضبوط ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪيو هو تن ڪٿي بہ اقتدار پنهنجن هٿن ۾ نہ رکيو. ڪجهہ جاين تي جيئن پيننسيلوانيا ۾ اُهي عارضي طور تي اهڙا فيصلا لاڳو ڪرڻ جي قابل ٿيا، جن وچولي ۽ هيٺين طبقن کي حقيقي فائدو رسايو. رياستي آئينن سيني مردن کي ووٽ، ساليانيون اسيمبليون، قرضن کان آبادگارن کي بچائڻ لاءِ اُپاءَ ۽ قيمتن تي ضابطن جا حق ڏنا. پر وقت سان گڏ 1788ع ۾ رياستون هڪ وفاقي آئين تي مفتق ٿيون. مختلف قوتن گڏجي سڄي آمريڪا تي ٻڌل آزاد مارڪيٽ تخليق ڪري رياستي اسيمبلين جو ڪنٽرول حاصل ڪيو. ان عمل وڏي پيماني تي اقتصادي تبديليءَ لاءِ ميدان صاف ڪيو ۽ ان کان اڳ ايڏي وڏي پيماني تي چار وڃائڻ ناقابل تصور هو پر ان سان گڏ ظلم ۽ استحصال جي پراڻين ۽ نين صورتن جي شدت ۾ پکيڙ پڻ ٿي.

فرينچ انقلاب جا اهم واقعا

1787_88: وڏين جاگيرن تي ٽيڪس لڳائڻ خلاف اشرافيا جو ردعمل، بادشاهه ايسٽيٽ-جنرل سڏائڻ تي راضي

1789 اپريل: ورسلز ۾ ايسٽيٽ-جنرل جي گڏجاڻي.

1789 جون: ٽين ايسٽيٽ وفد پنهنجو پاڻ کي قومي اسيمبلي قرار ڏئي ڇڏيو.

1789 جولاءِ: پئرسي عوام طرفان باسٽائيل تي ڪاهه

1789 آڪٽوبر: عورتن جو ورسلز ڏانهن مارچ، بادشاهه کي گهلي پئرس آڻڻ، لافاييٽ جي قومي محافظن جو شهر تي قبضو آئيني بادشاهت

1790 جولاءِ: پئرس ۾ وفاق جو جشن، بادشاهه ۽ عوام جي وچ ۾ 'هم آهنگي' جو جشن.

1791 بهار: بادشاهه پئرس مان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

1791 جولاءِ: محافظن طرفان چيمپس دي مارس ۾ ماڻهن جو قتل عام.

1791 آگسٽ: سينٽ ڊومينگيو (هيٽي) ۾ غلام بغاوت جي ابتدا.

1791 سيپٽمبر: سخت ملڪيتي شرط وارو آئين.

1792 جنوري: پئرس ۾ کاڌي وارا فساد

1792 اپريل: گرونڊن حڪومت طرفان آسٽريا ۽ پرشيا سان اعلان جنگ، ڳڻپير فوجي شڪستون.

1792 آگسٽ: پئرس ۾ باغي جرني، بادشاهه جي گرفتاري، ڊانٽن حڪومت ۾ شامل.

1792 سيپٽمبر: والميءَ وٽ فتح، مرد ووٽرن هٿان ڪنوينشن جي چونڊ

1793 جنوري: بادشاهه کي موت جي سزا.

1793 فيبروري: برطانيا جنگ ۾ شامل.

1793 بهار: حملي آور فوجن طرفان پئرس ڏانهن پيش رفت، فرانس جي اولهه (وينڊيءَ) ۾ شاهه پرست بغاوتون.

1793 مئي-جون: پئرس ۾ فساد رابس پيري ۽ ڊانٽن جي اڳواڻيءَ ۾ جيڪبن حڪومت، گهرو جنگ

1793 اونهارو: مرات جو قتل، سمورين جاگيرداري بقايائن جو خاتمو شاهه پرستن طرفان تلون برطانيا جي حوالي.

1793 سيپٽمبر: پئرس ۾ Journee، ڳرن اگھن جي مقرريءَ لاءِ قانون، دهشت جي ابتدا.
1793 آڪٽوبر-ڊسمبر: شاهه پرستن جي شڪست ۽ گروندن وارن جون بغاوتون.
1794 فيبروري: جيڪبن طرفان سڄي فرينچ سلطنت ۾ غلاميءَ جو خاتمو.
1794 مارچ-اپريل: جيڪبن هٿان پهريائين هيبرٽ، پوءِ ڊانٽن کي موت جي سزا. سڀني محاذن تي انقلابي فوجن جي سوڀ.
1794 جُون-جولاءِ: 'وڏي دهشت'.
1794 جولاءِ: "ٿرميڊور"، رابس پيري ۽ ٻين جيڪبن کي موت جي سزا.
1794 نومبر-ڊسمبر: جيڪبن ڪلب بند، قيمتن لاءِ 'وڌ کان وڌ' قانون رد.
1795 مارچ-مئي: آخري عوامي بغاوت کي دٻائڻ، 1200 گرفتار 36 ڄڻن کي ڦاهيون.
1795 سيپٽمبر: محدود ووٽ سان نئون آئين، شاهه پرست بغاوت کي دٻائڻ لاءِ حڪومت طرفان بوناپارٽ تي ڀاڙڻ، پنجن ڄڻن جي ڊائريڪٽريءَ وٽ اصل طاقت.
1799 نومبر: بوناپارٽ طرفان اقتدار تي قبضو 'پهريون ڪائونسل' ٿئي ٿو.
1804: بوناپارٽ پاڻ کي شهنشاهه نيپولين پهريون بڻائي ڇڏيو.

باب ٻيون

فرينچ انقلاب

'هتي ۽ هيئنر دنيا جي تاريخ ۾ هڪ نئين دور جي ابتدا ٿئي ٿي،' اهي لفظ 1792ع جي اونهاري ۾ گوئٽي لکيا. جيڪو جرمنيءَ ۾ روشن خياليءَ جو صف اول جو نمائندو هو.

هڪ سال اڳ ڊچ رجعت پرست اشرافيا جي رُڪن وين هيگن ٻراپ ان وقت جي حالتن کي بلڪل ٺيڪ نموني ڏنو. هن لکيو ته 'سيني قومن ۾' ٻه وڏيون صفون جُڙيل رهيون آهن. چرچ ۽ رياست واري ڌر جي خيال ۾ عوام مٿان هڪ يا ڪجھ ماڻهن جي سچي حڪومت هلائي وڃي، حاڪم مذهبي پيشوا هجن ۽ اُنهن کي چرچ جي حمايت حاصل هجي'. ٻين حڪومت جي ڪنهن به حق کان انڪار ڪيو پئي، 'سواءِ اُن حق جي جيڪو سيني جي آزاد رضامنديءَ منجهان پيدا ٿئي ۽ اُهي اُن کي مڃين' ۽ 'حڪومتي ڪاروهنوار ۾ حصو وٺندڙ سيئي ماڻهو پنهنجن عملن لاءِ جوابدار هجن'.[24]

گوئٽي کي جنهن ڳالھ جنجهوڙيو سا اها هئي ته اُترئين فرانس ۾ والمي جي ميدان جنگ تي ٻه وڏيون 'ڌريون' هڪٻئي سان مدمقابل هيون ۽ ٻي ڌر سوڀاري ٿي هئي. يعني فرينچ انقلاب جي قوتن يورپي بادشاهتن جي اڌ فوجن کي شڪست ڏني هئي.

ڏھ سال اڳ فرانس ۾ هڪ انقلاب جو خيال ڪيترن سوچيندڙ ماڻهن کي بڪواس ۽ اجايو لڳو پئي. فقط هڪ واقعي سڄي يورپ ۾ باھ ڀڙڪائي ڇڏي. فرينچ بادشاهت 1000 سالن کان وڌيڪ حڪمراني ڪئي هئي ۽ 140 سالن تائين بغير ڪنهن للڪار جي طاقت جا مزا ماڻيا. لوئس (14)، 'سج بادشاھ' ۽ ورسلز وٽ سندس عظيم محل پائيدار 'مطلق العنانيت' جي مضبوطيءَ جي علامت هو جنهن فرانس کي يورپ ۾ سڀ کان وڏي طاقت بڻايو هو ساڳيو ورثو سندس جانشين لوئس (15) ۽ لوئس (16) کي مليو.

تنهن هوندي به 1789ع جي اونهاري ۾ اها طاقت اوچتوئي ڀُرڻ شروع ٿي. بادشاھ ٽنهي 'ايسٽيٽس'، جن تي فرينچ سماج ٻڌل هو ڪليسا، نوابن ۽ باقي ٻي آبادي يعني 'ٽين ايسٽيٽ' (Third Estate) جي نمائندن کي ٽيڪس وڌائڻ جي طريقن تي بحث ڪرڻ لاءِ سڏايو. پر ٽين ايسٽيٽ جي نمائندن نوابن آڏو جهڪڻ يا جيئن بادشاھ کين ٻڌائي ٿيئن ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. انهن پنهنجو پاڻ کي هڪ 'قومي اسيمبلي' قرار ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ بادشاھ طرفان ٻاهران کان سندن هال کي بند ڪرائڻ ڪانپوءِ اهي ٽينس کيڏڻ واري جاءِ تي ڪٺا ٿيا. قسم کنيائون ته جيسيتائين بادشاھ کين هڪ آئين نه ٿو ڏئي

تيسيتائين چڙوچڙ نہ ٿينداسين. بادشاھہ ردعمل طور 20 هزار فوج گهرائي ۽ پنھنجي وڏي وزير نيڪير کي هٽائي ڇڏيو جنهن کي سُڌارن واري مطالبي سان همدرد هئي.

ٽين ايسٽيٽ جا سيئي وفد معتبر وچولي طبقي ۽ ان جي بہ دولتمند حلقي منجهان هئا. اڌ وڪيل هئا، باقي بيا گهڻو ڪري واپاري، بئنڪار ڪاروباري ۽ وچولي طبقي جا زميندار شاهوڪار هئا. اُنهن مان هڪ بہ ڪاريگر يا هاري نہ هو. اُنهن سڀني جو خيال هو تہ بادشاهت ضروري آهي پر هنن 'آئيني' ۽ چونڊ نظام ۾ سخت ملڪيتي شرطن کي بہ ضروري سمجهيو پئي. پر اُهي آساني سان منتجڻ لاءِ تيار نہ هئا ۽ ورسلز ۾ ٿيندڙ ڳالهين پئرس ۾ وڏي تعداد ۾ ماڻهن منجهہ هڪ جوش پيدا ڪيو جن اڳ ۾ ڪڏهن بہ سياست بابت نہ سوچيو هو. ابتدا ۾ وچولي طبقي جي خوشحال ميمبرن منجهہ ڪلب ٺهيا، جتي ماڻهن بحث ڪيا تہ ڇا پيو ٿئي. خبرن جون شيٽون ۽ پمفليٽ ظاهر ٿيا. وچولي طبقي جي پئرس واسين جا اٽڪل 400 نمائندا شهر جي حال ۾ گڏ ٿيا ۽ اُنهن پنهنجو پاڻ کي سٽي ڪائونسل يا 'ڪميون' سڏائڻ جو اعلان ڪيو.

باسٽائيل جي شڪست ۽ ان ڪانپوءِ

فوج طرفان ٿيڻ واري بغاوت جي افواهن شهر جي ماڻهن ۾ اهڙي هلچل پيدا ڪري ڇڏي، جيڪا ان کان اڳ ڪڏهن نہ ٿي. 12 جُولاءِ تي شهر جي غريب آبادين مان هجومن جو مظاهرو ٿيو ۽ اُنهن هر اُها بندوق کسي ورتي جيڪا کين هٿ چڙهي. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ ماڻهن وڏي تعداد ۾ باسٽائيل (Bastille) قلعي ڏانهن مارچ ڪيو، جيڪو شهر مٿان شاهي حاڪميت جي علامت بڻيل هو ان جي اونچائي 100 فوٽ ۽ قلعي جي چوڌاري 80 فوٽ ويڪري خندق کوٽيل هئي. اهو مظاهرو فقط هڪ احتجاج نہ هو. بندوقن لاءِ بارود ان عمارت ۾ ذخيرو ٿيل هو ۽ ان ۾ حڪومت جا لاتعداد مخالف قيد ٿيل هئا. هجوم قلعي تي قبضو ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو. قلعي جو دفاع ڪندڙن توبن سان گولي باري ڪئي. ٽي ڪلاڪن تائين گولي بازي ٿيندي رهي، نتيجي طور 83 ماڻهو مارجي ويا. ماڻهن پنهنجي توب گهلي آندي، جيڪا اُنهن هوٽل ڊيس انواليڊس(hotel des invalids) کان کسي هئي. قلعي ۽ ان جي پسگرائي واري ضلعي کي ڌماڪي سان اڏائڻ جي ڌمڪيءَ ڪانپوءِ باسٽائيل جي ڪمانڊر عوام آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا. ائين انقلاب راڄڌانيءَ تي قبضو حاصل ڪري ورتو هو جلدئي سڄي ملڪ جي هڪ شهر کان ٻئي شهر ۾ ساڳي ڪارروائي ڪئي وئي.

باسٽائيل جي شڪست انقلاب جو پهريون وڏو موڙ هو. پئرس واسي عوام جي عمل قومي اسيمبليءَ کي همٿايو ۽ اُن جاگيرداريت جي خاتمي جو حڪم جاري ڪيو (جيتوڻيڪ ان کي توقع هئي تہ جاگيردارن جي بقايائن جي خاتمي لاءِ هاري ڪو عيوضو ادا ڪندا) ۽ آمريڪي آزاديءَ جي پڌرنامي جهڙي لهجي ۾ 'انسان جي حقن جو

پڌرنامو' منظور ڪيو. بادشاهه طرفان هڪ فوجي بغاوت ڪرائڻ واري ڪوشش کي عوامي ڪارروائيءَ روڪي ڇڏيو. پئرس جي غريب علائقن مان عورتن ورسلز ڏانهن مارچ ڪيو ۽ 20 هزار هٿياربند مرد سندن پٺيان هئا. اُهي محل ۾ گهڙي پيا ۽ بادشاهه کي زوريءَ واپس پئرس وٺي آيا، جتي کيس عوامي نگرانيءَ هيٺ رکيو ويو.

بادشاهي نظام کي اونڌو ڪرڻ لاءِ اڃان گهڻو پنڌ درڪار هو جن هجومن باسٽائيل تي حملو ڪيو ۽ جن عورتن ورسلز ڏانهن مارچ ڪيو تن پنهنجي پيش قدميءَ سان تمام ٿورو ڪم ڪيو هو اصل ۾ ڪاڌي جي کوٽ غريب علائقن کي سخت متاثر ڪيو هو ۽ بادشاهه جي نواب دوستن سان نفرت ان بغاوت لاءِ محرڪ پيدا ڪيو. پر هنن اڃان تائين ٽين ايسٽيٽ جي سرڪاري نمائندن واري قيادت کي مڃيو پئي، جنهن ۾ مٿئين وچولي طبقي جا ماڻهو هئا، جن فقط محدود تبديلي چاهي پئي. اُنهن پئرس ۾ هڪ نئين هٿياربند طاقت جمع ڪئي، يعني قومي گارڊ جنهن ۾ وچولي طبقي جي خوشحال ماڻهن کي ڀرتي ڪيو ويو. اِن جي صدارت لافاييٽ ڪئي جيڪو اڳوڻو جنرل ۽ نواب هو جنهن جي 'جمهوري' سند آمريڪي آزاديءَ واري جنگ ۾ فرينچ سرڪاري صلاحڪار طور ڪم ڪرڻ مان پيدا ٿي هئي. هن جي اڳواڻيءَ ۾ اسيمبلي قيادت هڪ آئين ٺاهڻ شروع ڪيو جنهن ۾ ملڪيتي شرطن ذريعي ووٽ کي نام نهاد سرگرم شهرين تائين محدود ڪيو ويو ۽ بادشاهه کي ٻن سالن تائين نون قانونن کي ملتوي رکڻ جا اختيار ڏنا ڇڏيا. عوام مان توقع ڪئي وئي ته اُهي بادشاهه ۽ اسيمبليءَ، اميرن ۽ غريبن جي 'اتحاد' ڇوڏاري ٿهندڙان نئين سرشتي تي خوشي محسوس ڪندا. ابتدا ۾ گهڻن کي سرهائي ٿي. اُن وقت آزادي ۽ بيخوديءَ جو عام طور تي احساس هو جڏهن بادشاهه، اڳوڻن نوابن، وچولن طبقن ۽ پئرس واسي عوام گڏجي 'وفاق جي عظيم ميلي' ۾ باسٽائيل جي شڪست جو پهريون ساليانو ڏهاڙو ملهايو.

اتحاد جو مقصد گهڻو عرصو جٽاءَ ڪري نه سگهيو. اشرافيا پنهنجين پراڻين مراعتن جي وڃائجڻ تي سخت ڪاوڙيل هئي. اُهي پنهنجي دولت سان ڇُهتيا رهيا، ڪيترائي پرڏيهه هليا ويا، جتان کان اُنهن پوئتي رهيل ماڻهن جي مدد سان انقلاب کي اونڌو ڪرڻ جون سازشون پئي ڪيون. بادشاهه ۽ راڻي ڳجهي نموني لکت ۾ ٻين بادشاهن کي ٻاهران ڪاهه ڪرڻ لاءِ زور ڀريو.

ساڳئي وقت، مادي حالتون نه سُڌرڻ واريءَ حقيقت تي ڀهراڙي ۽ شهر جي عوام منجهه ڪاوڙ وڌي رهي هئي. اڳئي 1789ع جي اونهاري دوران هارين منجهه بيچينيءَ جي لهر ڏني وئي هئي، 'ڀيانڪ خوف' جنهن دوران اشرافيا جي قلعن تي حملا ڪيا ويا ۽ جاگيردارن جي بقايائن وارن دستاويزن کي ساڙيو ويو. شهرن ۾ مارڪيٽن ۾ ڪاڌي جي کوٽ، قيمتن جي وڌڻ ۽ بيروزگاريءَ خلاف مسلسل احتجاج ٿيندو رهيو جيڪو اشرافيا خلاف نفرت سان ملي هڪ ٿي ويو. خيالن جو جوش ۽ ولولي کي اخبارن جي تيزيءَ سان

وڌندڙ رجحان وسيع ڪري ڇڏيو. فقط 1789ع جي پوئين ڇهن مهينن ۾ 250 اخبارون شايع ٿيون. ۽ سياسي ڪلبن جي اثر پڻ ان کي زور وٺايو جتي ماڻهو ملاقاتون ڪري بحث ڪيو پئي ته ڇا پيو ٿئي. انهن ۾ سڀ کان وڌيڪ مشهور پئرس ۾ جيڪبن ڪلب (Jacobin Club) هو جنهن تي اراس جي اُترين شهر کان آيل هڪ وڪيل رابس پيري جو غلبو هو ۽ ان سان گڏ سڄي ملڪ ۾ ڪيترائي ٻيا ڪلب ڪم ڪري رهيا هئا. هڪ ٻئي وڪيل ڊانٽن جنهن جي ڪورڊيلير ڪلب ۾ سڀ کان وڌيڪ اهميت هئي ان ڪلب ۾ شريڪ ٿيڻ وڌيڪ سستو هو ۽ اِهو ڪلب عوام جي ويجهو به هو. ان ڪلب جي رُڪنن تي ڏيهاڙي شايع ٿيندڙ نيوز شيٽ L'Ami du Peuple جو گهڻو اثر هو جيڪا جين پال مارات لکندو هو.

تنهن هوندي به ٻن سالن کان وڌيڪ عرصي تائين سياسي ماحول تي لافاييٽ جي 'اعتدال پسند' آئيني بادشاهت ڇانيل رهي. سرحد پار گڏ ٿيل رد-انقلابي فوجن جو ساٿ ڏيڻ لاءِ 1791ع جي جُون ۾ بادشاهه پئرس مان ڀڄي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي پر هڪ ٽپال آفيسر ترت مقامي لشڪر کي سڏائي ورتو جن کيس روڪي ورتو. اسيمبليءَ ۾ طاقتور ڌڙي بادشاهت خلاف ڪنهن به قسم جي للڪار کي رد ڪري ڇڏيو. اُنهن اعلان ڪيو ته 'انقلاب ختم ٿي ويو' ۽ اها ڳالهه عام ڪري ڇڏيائون ته بادشاهه کي اغوا ڪيو ويو آهي. هڪ اڳواڻ بارنيو چيو ته سڀ کان وڏو خطرو بادشاهت جي تباهيءَ سان ٿيندو' ڇاڪاڻ ته ان جي معنيٰ 'ملڪيت جي تصور جو خاتمو' هوندو.[25] تنهن ڪانپوءِ جين پال مارات لڪي ويو ۽ ڪجهه عرصي تائين برطانيا ۾ جلاوطن ٿي ويو. 'لي چيپليئر' قانون يونين ۽ هڙتالن تي بندش وجهي ڇڏي. قومي محافظن (National Guard) هزارين ماڻهن تي گوليون هلايون. جيڪي چيمپ ڊي مارس ۾ هڪ ريپبلڪن درخواست (پٽيشن) تي دستخط ڪرڻ لاءِ قطار ٺاهيو بيٺا هئا. 12 مهينا اڳ هيءَ وفاق جي ميلي واري جاءِ هئي. انهيءَ قتل عام ۾ پنجاهه ماڻهو مارجي ويا. جن بابت اُنهن طرفان گهڻو ڪري ذڪر نه ڪيو ويندو آهي جيڪي بعد ۾ راڻي ميري انتونيٽ جي قسمت تي رُنا پئي.

بهرحال. ظلم ۽ دٻاءُ عوامي احتجاج جي اُڀار کي روڪي نه سگهيو. ڪاڏي جي ڪوٽ. قيمتن جو وڌڻ ۽ بيروزگاريءَ ڪاريگرين ۽ واپاري ماڻهن (اهي Sans-culottes طور مشهور هئا. ڇاڪاڻ ته اُهي اميرن وارن نيڪرن بدران پتلون پهريندا هئا) توڙي مزدورن کي مايوسي ۽ نااميديءَ واري انتها تائين ڌڪي ڇڏيو هو. 1792ع جي جنوري ۽ فيبروري دوران پئرس ۾ خوراڪ جي مسئلي تي فساد ٿيا. جڏهن ته ٻهراڙين ۾ غريب هارين جي ٽولن مارڪيٽن تي ڪڙڪي ماني ۽ ٻاجهر جون قيمتون زبردستي گهٽائي ڇڏيون. جيڪبن ٽولي مان هڪ هيبرٽ Le Pere Duchesne نالي اخبار ڪڍي. ان جا پڙهندڙ گهڻو ڪري ڪاريگر ۽ واپاري ماڻهو (Sans-culottes) هئا. غريب ترين حلقن مان هڪ عوامي پادري جيڪس روئڪس (Jacques Roux) پنهنجي پيروڪارن جو هڪ گروهه

ناهيو جن کي سندن دشمن 'چريا' (enrages) ڪوٺيندا هئا. تن اشرافيا ۽ اميرن خلاف غريبن جي نفرت ۽ حقارت کي آواز ڏنو. ڪاريگر ۽ واپاري ماڻهن (Sans-culottes) جي وڌندڙ تعداد سياسي ڪلبن ۾ شموليت ڪئي ۽ پئرس جي هر علائقي ۾ ٿيندڙ باقائده گڏجاڻين ۾ اچڻ لڳا. اڳوڻي اداڪاره ڪلاري لاڪومبي (Claire Lacombe) جي اڳواڻيءَ ۾ عورتن جي انقلابي تنظيم اُنهن ماڻهن منجهه زبردست حمايت حاصل ڪري ورتي، هن خوراڪ جي مسئلي خلاف احتجاج ۽ ورسلز ڏانهن مارچ ۾ حصو ورتو هو.

طاقت سان دٻائڻ وارو عمل سماج جي مٿين حلقن ۾ موجود ڏارن ۽ ڦيٽاڙن کي ڍڪي نـه سگهيو. بادشاهه ۽ راڻي اجان تائين پرڏيهي رد۔انقلابي فوجن سان سازشون سٽي رهيا هئا. 'اعتدال پسند' جن حڪومت هلائي پئي تن منجهه ڏڦيڙ ٿي پيئي، هڪڙن کي سازشن جو خوف هيو تـه ٻين کي هيٺان کان عوام جو ڊپ هو. جيڪبن ڪلب اندر هڪ گروهه (پنهنجي هڪ اڳواڻ برسوٽ جي نالي پٺيان) برسوٽنس طور سڃاتو ويندڙ يا گروندنس (Girondins) جن پنهنجو پاڻ کي رابس پيري ۽ ڊانٽن کان گهڻ انقلابيءَ طور ڏنو پئي، تن حڪومت ۾ لافاييٽ (Lafayette) جي جاءِ والارڻ لاءِ اٽڪلون ڪرڻ شروع ڪيون.

هڪٻئي جي مخالف اِنهن گروهن مان هر هڪ سمجهيو پئي تـه سندن مسئلن جو فقط هڪ ئي حل آهي تـه فرانس جي اُترين سرحدن وٽ جمع ٿيل پرڏيهي فوجن خلاف جنگ ڪئي وڃي. بادشاهه جو خيال هو تـه جنگ جي نتيجي ۾ ٻاهرين فوج هٿان هنن کي شڪست ملندي ۽ سندس مڪمل اختيار وري بحال ٿيندا. لافاييٽ جو خيال هو تـه اها کين ذري گهٽ هڪ آمر بڻائڻ ۾ مددگار ٿيندي، گروندنس جي خيال ۾ کين هڪ قومپرست جذبي جي لهر مان فائدو ٿيندو. جنگ جي سڀ کان وڏيڪ سخت مخالفت رابس پيري طرفان ٿي، جنهن کي تاريخ نويسن ۽ مشهور ناول نگارن گهڻو ڪري هڪ رت چوسيندڙ وحشيءَ طور پيش ڪيو آهي. هن جيڪبن ڪلب ۾ دليل ڏنو تـه جنگ رد۔انقلاب لاءِ در کوليندي، پر هي گروندنس کي بادشاهه سان گڏجي هڪ حڪومت جوڙڻ تي اتفاق کان روڪي نـه سگهيو ۽ پوءِ 1792ع جي اپريل ۾ آسٽريا ۽ پرشيا سان اعلان جنگ ڪيو ويو.

انقلابي جنگ

جنگ غضب ناڪ انداز سان شروع ٿي. فرينچ فوج ڀڄيون شڪستون پوڳيون، جزوي طور تي ان ڪري جو هڪ تـه جنرلن ۾ دشمن جي فوجن بابت ڀوڳهو جائزو وٺڻ جو رجحان هو ۽ ٻيو تـه بادشاهه پيدا ٿيل انتشار جو فائدو وٺندي، گروندنس مان نجات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. برنس وڪ جي وڏي نواب (ڊيوڪ) حملي آور فوج پاران اعلان ڪيو تـه جيڪڏهن سوياري ٿي تـه اها هڪ 'مثالي بدلو' وٺندي ۽ 'پئرس جو شهر فوج جي حوالي ڪندي ۽ باغين کي سزائون ڏيندي'.[26]

رد-انقلاب جي خطري جو الٽو نتيجو نڪتو. ان هيٺان کان سرگرميءَ جي هڪ نئين جذبي، جوش ۽ ولولي جي لهر پيدا ڪئي. عوام جي اڪثريت منجهه اهو احساس هو تہ پرڏيهي حملو گذريل ٽن سالن دوران جيڪي ڪجهه حاصل ٿيو آهي اُن کي ٻهاري ڇڏيندو. هزارين ماڻهن، 'غيرمتحرڪ شهرين' جن کي ووٽ لاءِ سرڪاري طور تي ڪمزور سمجهيو پئي ويو سي ٻوڏ بڻجي نڪري آيا. پئرس جي هڪ علائقي ۾ باقائدگيءَ سان عوامي اسيمبليون لڳڻ شروع ٿيون. قومي اسيمبليءَ طرفان رد-انقلابي ڪاهہ خلاف ويڙهہ لاءِ رضاڪارن کي سڏ ڏنو ويو. فقط پئرس ۾ 15 هزار ماڻهن صحيحيون ڪيون. انقلاب لاءِ سرگرم پُرجوش فيڊريس (Federes) صوبائي شهرن کان پئرس ڏانهن مارچ ڪرڻ شروع ڪيو. گهڻو ڪري مارسيليس کان. جن جي مارچ جي ڌُن انقلاب جو ترانو بڻجي وئي. پئرس ۾ 48 سيڪشن گڏجاڻين مان هڪ ڪانسواءِ سيني رعيتي راڄ، جمهوريت (ريپبلڪ) جو مطالبو ڪيو. غريب علائقن ۾ مقامي قومي محافظ يونٽن تي انقلابي ماحول جو ڏاڍو اثر ٿيو.

فقط غريب نہ هئا، جن کي رد-انقلاب جي پوٽ ڊيڄاريو پئي، ساڳيو احساس رابس پيري، ڊانٽي ۽ مرات جي اڳواڻيءَ ۾ وچولي طبقي جي سرگرم حلقن ۾ بہ هو. اُنهن ڏٺو تہ جيسيتائين انقلاب کي اڃان اڳتي نہ وٺي وڃبو تہ شڪست سيني جو مقدر بڻبي. هنن 10 آگسٽ 1792ع تي اٿين ڪندي انقلاب جو پيو وڏو موڙ آندو. سيڪشنن مان هزارين ڪاريگر ۽ واپاري ماڻهن (Sans-culottes) فيڊريس سان گڏجي ٽيوليريز (Tuileries) محل ڏانهن مارچ ڪيو. قومي محافظ جن بادشاهہ جي حفاظت پئي ڪئي، تن بغاوت جو ساٿ ڏنو ۽ هڪ لڙائيءَ ڪانپوءِ اُن شاهي فوج کي شڪست ڏني جنهن ۾ 600 شاهہ پرست ۽ 370 باغي مارجي ويا.

هڪ ڀيرو وري شهر جو ڪنٽرول پئرس واسين جي هٿن ۾ هو. هڪ سال اڳ ملڪيتي شرطن هيٺ چونڊيل 'اعتدال پسند' نمائندن جي ناهيل اسيمبلي نئينءَ طاقت آڏو جهُڪي پئي. ان بادشاهہ کي معطل ڪرڻ لاءِ ووٽ ڏنو پئرسي سيڪشنن تي ٻڌل نئين انقلابي ڪميون کي تسليم ڪيو ۽ سيني مردن جي ووٽ تي ٻڌل نيون چونڊون ڪرائڻ جو انتظام ڪيو ويو. گروندنس حُڪومت کي هلايو پئي، پر ڪين ٽي عهدا جيڪبن کي ڏيڻا پيا. سڀ کان اهم ڊانٽن هو جيڪو انصاف جو وزير ٿيو.

فقط اهي تبديليون ٻاهرين خطري کي هارائڻ لاءِ ڪافي نہ هيون. جيئن ئي پرڏيهي فوجن لافاييٽ جهڙن ماڻهن سان گڏجي پئرس ڏانهن مارچ شروع ڪيو تہ فرينچ فوج مسلسل شڪست پوڳيندي رهي. راڄڌانيءَ ۾ نوابن ۽ شاهہ پرستن جا ڏڻ، اڪثر ڪري خستہ حال جيلن ۾ قيد هئا، سي تاڙ ۾ ويٺا هئا تہ جيئن گذريل ٽن سالن جي تذليل جو بدلو وٺي سگهن. فوج جو آفيسر حلقو ۽ حڪومتي انتظاميہ شاهہ پرست همدردن سان ڀريل هئي.

فقط ٻہ شيون انقلاب کي خطري مان ڪڍي سگهيون پئي. هڪ تہ وڏي تعداد ۾ پُرجوش رضاڪار انقلابين جو وڏو تعداد محاذ تي دشمن سان وڙهڻ لاءِ اُماڻيو وڃي ۽ پٺيان کان فيصلاڪن ڪارروائي ڪري، شاهي خاندانن ۽ اشرافيا طرفان ٿيندڙ بغاوتن کي وڏيڪ روڪيو وڃي. گروندنس جيڪي حڪومت ۾ اڪثريت ۾ هئا، سي اهي ٻئي ڪم ڪرڻ جي قابل نہ هئا. پر ڊانٽن اهڙي توانائي جو مظاهرو ڪيو جيڪا عوامي مزاج کي ڪڙڪائڻ لاءِ ضروري هئي. 'دليري، دليري ۽ اڃان وڌيڪ دليري' هن جو نعرو هو. هن پئرس جي غريب تر علائقن مان پُرجوش انقلابي رضاڪارن کي ڪتب آڻي محاذ وٽ فوجن ۾ هڪ نئون ساهہ وجهي ڇڏيو.

پئرس ۾ بہ عوام هڪ فيصلاڪن پيش قدمي ڪئي. مرات هٿان پڙڪايل ۽ اتساهيل ماڻهن رد-انقلاب کي ڪچلي ڇڏڻ جو ڪم پنهنجن هٿن ۾ ڪنيو. اُنهن جيلن تي حملا ڪيا ۽ تڪڙا مختصر فيصلا ٻڌائيندي، اُنهن ماڻهن کي سزائون ڏنيون جن بابت سمجهيو ويو تہ اُهي شاهہ پرست آهن. انهيءَ واقعي کي 'سيپٽمبر قتل عام' طور سڃاتو ويندو آهي.

هجومن طرفان اها ڪارروائي هڪ ردعمل هئي. هنن ڄاتو پئي تہ جيڪڏهن دشمن پئرس تي قبضو ڪري ورتو تہ ڪين ڪُلي عام ڦاهيون ڏنيون وينديون يا گلوٽين ذريعي سندن سِرن کي ڌڙن کان ڌار ڪيو ويندو ۽ هنن کي اها بہ خبر هئي تہ اعليٰ عهدن تي مقرر ڪيترائي ماڻهو دشمن جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار ويٺا هئا. هنن چيمپ ڊِي مارس وٽ ٿيل قتل عام ۾ اڳئي دوستن ۽ پاڙيسرين کي پوڳيندي ڏٺو هو جڏهن محاذ تي آفيسر دشمن سان ملي ويا ۽ ڪوس ڪيو ويو ۽ مانيءَ جي کوٽ سخت بُک کي آندو هو. هنن کي ڪجهہ ڪرڻو پوندو. بدقسمتيءَ سان خوف ۾ ورتل هئا ۽ سندن ڪا تنظيم نہ هئي جيڪا سندن رهنمائي ڪري، ها. نتيجي طور تي هجومن بغير ڪنهن تميز جي جيل ۾ قيد ماڻهن کي ماري ڇڏيو جنهنڪري انقلاب جي ڪٽر مخالفن سان گڏ عام قيدي بہ مارجي ويا. تنهن هوندي انهيءَ ڪارروائيءَ جي نتيجي ۾ شهر ۾ شاهہ پرست پنجين جٿي آڻ مڃي.

20 سيپٽمبر تي انقلابي فوج حملي آور قوتن کي والميءَ وٽ روڪي ڇڏيو. ٻئي ڏينهن نئون ڪنوينشن، تاريخ ۾ ڪنهن بہ ملڪ جي پهريون قانونساز اداري جيڪو سموري مرد آباديءَ جي ووٽ سان چونڊيو ويو بادشاهت کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ اعلان ڪيو تہ فرانس 'رعيتي راڄ (جمهوريہ)، هڪ ۽ ناقابل ورهاست پرڳڻو هوندو.'

نہ صرف بادشاهہ ويو پر انيڪ ٻيون شيون بہ ختم ٿي ويون جيڪي فقط ٽي سال اڳ ڪڏهن بہ نہ مٽجڻ جهڙيون لڳيون پئي. جاگيرداريت جون باقيات عملي توڙي لفظي طور تي ڊوبجي ويون، ڏهون حصو پڻ ختم ڪيو ويو جيڪو عام ماڻهو پادرين جي عياشين لاءِ ڏيڻ تي مجبور هوندا هئا. ڪليسا جي عقيدن کي هاڻي رياست جي طاقت

جي ٽيڪ نہ هئي. تعليم کي هٿي وٺرائڻ ۽ سائنسي معلومات کي وڌائڻ، روشن خياليءَ جي فڪرن کي روزانہ زندگيءَ ۾ ڪتب آڻڻ جون رٿائون جوڙيون ويون. محصولاتي چوڪيون، جن مقامي نوابن جي فائدن لاءِ تجارتي لنگهن کي روڪي ڇڏيو هو سي غائب ٿي ويون. محاذ وٽ رضاڪار لشڪر يونٽن ۾ عام سپاهين پنهنجن ساٿين کي آفيسر بنائڻ لاءِ ووٽ ڏنو.

ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ گوئٽي جنهن نئين دور جي ڳالهہ ڪئي، سو شروع ٿي چڪو هو.

تنهن هوندي بہ انقلاب پُورو ٿيڻ کان اجان گهڻو پري هو. ايندڙ ٻن سالن، حڪومت ۽ سماج جي بنياد ۾ ويتر انقلابي عمل ڏٺو. پوءِ 1794ع جي اونهاري ۾ انقلابي لهر جي اوچتي پٺتي هٽڻ واري عمل نين اٿبرابرين کي جنم ڏنو ۽ ڪجهہ پراڻيون مراعتون ٻيهر نمودار ٿيون جن هڪ نئين بادشاهت جي صورت ورتي. انهيءَ عمل دوران مشهور 'دهشت' جو واقعو ٿيو جنهن ڪيترن ماڻهن جي انقلاب بابت سمجهہ ۽ همدرديءَ کي موڳو ڪري ڇڏيو. بادشاهہ کي سزا ڏيڻ لاءِ ڪنوينشن ۾ اڪثريت طرفان محدود اتفاق هيٺ بادشاهہ کي سزا ڏيڻ کانپوءِ راڻيءَ ۽ ڪيترن نوابن کي سزائون ڏنيون ويون. پوءِ جيڪبنس (Jacobins) گروندن (Girondins) اڳواڻن کي گڏرٽين ۾ وڌو، رابس پيري ۽ سينٽ جسٽ (Saint-Just) دانتن ۽ هيبرٽ کي گلوٽين ۾ وڌو ۽ نيٺ رابس پيري ۽ سينٽ جسٽ کي 'ٿرميڊورين' (Thermidorians) هٿان گلوٽين ۾ وڌو ويو. ٿرميڊورين هڪ اتحاد هو. جنهن ۾ اڳوڻا گرودنس، ڊانٽن ۽ هيبرٽ جا حمايتي شامل هئا. انهن چرڪائيندڙ ۽ ڀيانڪ واقعن کانپوءِ اها ڳالهہ عام چئي وئي تہ 'انقلاب سدائين پنهنجن ئي ٻارن کي ڳڙڪائي ٿو'[27] ۽ ان سان گڏ اهو تاثر پڻ پيدا ٿيو تہ انقلاب سدائين فضول ۽ خونخوار هجن ٿا. اهو غلط نتيجو اخذ ڪيو ويو. انگلش انقلاب پنهنجن اڳواڻن کي نہ ڳڙڪايو. اهو ڪم بحاليت پسندن لاءِ ڇڏيو ويو ۽ آمريڪي انقلاب ۾ بہ ائين نہ ٿيو. اهو تجزيو ظاهر ڪري ٿو تہ فرانس ۾ ڪم ڪندڙ اصل قوتن کي مڪمل ريت نہ سمجهيو ويو هو.

انقلاب جون پاڙون

ڪن بہ انقلابي واقعن جو مختصر جائزو وٺڻ سان لازمي طور تي اڏامندڙ نظر ۾ آيل واقعا ۽ مشهور شخصيتن جي خبر پوي ٿي، پر هڪ انقلاب سدائين انهن بظاهر واقعن ۽ شخصيتن کان وڌيڪ گهڻو ڪجهہ هجي ٿو. اُن ۾ اوچتو سماجي قوتن جي توازن ۾ تبديليون ٿين ٿيون، جيڪي آهستي آهستي، گهڻو ڪري ناقابل محسوس واڌارن جي ڊگهي عرصي تي ٻڌل هونديون آهن. فقط انهن واڌارن کي ڏسڻ سان ئي انقلاب کي سمجهي سگهجي ٿو.

پراڻي سماج جي سڀ کان مٿين پرت، جنهن کي قديم حڪومت طور سڃاتو ويو،

ان ۾ بادشاهت ۾ نوابي هئي. فرانس ۾ اشرافيا جي تلوار (noblesse d'epee) جي روايتي جاگيردار رئيسن جي مراعت يافته حيثيت هئي، جيڪا برطانيا ۾ گهڻو عرصو اڳ غائب ٿي چڪي هئي. فرينچ بادشاهت صدين جي سفر دوران وڏن رئيسن جي آزاد اختيار مان ڪجهه اختيار گهٽائي ڇڏيا هئا. ائين ڪرڻ لاءِ شهرن ۾ نون، ڏوڪڙن وارن 'بورجوازي' طبقن کي وڏن رئيسن جي مدمقابل استعمال ڪيو ويو. 16 ۽ 17 هين صديءَ جي خانداني بادشاهن رياستي انتظاميا ۽ عدالتن جا عهدا ڏوڪڙن وارن طبقن جي پٽن کي وڪرو ڪري ڏيڻ کي ادارتي صورت ڏئي ڇڏي هئي جيڪي جلدئي هڪ نئين موروثي اشرافيہ noblesse de robe (لبادو پهريل نواب) بڻجي پيا. انهيءَ گروهہ جي قانوني عدالتن (انگريزي ڳالهائيندڙن لاءِ پارليامينٽس طور مشهور هيون) ۾ اڪثريت هئي، جيڪي شاهي فرمانن کي عمل ۾ آڻيندڙيون هيون.

اشرافيا جي هڪ ٻي صورت بہ هئي، جنهن ۾ ڪليسا جا وڏا 'شهزادا'، بشپ ۽ اعليٰ مرتبي وارا راهب شامل هئا. هنن ايتري ئي دولت جا مزا ماڻيا جيتري وڏن نوابن وٽ هئي، جڏهن تہ پادرين جي هيٺين هجومن جي زندگيءَ جي حالت هارين ڪا مشڪل سان مختلف هئي. ڪليسا جي مٿين پرت شاهي حمايت سان عهدا ماڻيا پئي، ۽ وري سندن انحصار دربار ۾ سندن اثررسوخ تي هو. تنهنڪري منجهن (حضرت عيسيٰ جي) 'حوارين جهڙا ڪي بہ گڻ نہ هئڻ'[28] ۽ ايتريقدر جو مقدس درجي بندي بہ مڪمل نہ هئڻ باوجود پراڻي نواب خاندانن مان هڪ جي ياتيءَ چارلس ماريس ڊي ٽيليراںڊ (Charles Maurice de Talleyrand) لاءِ 21 سالن جي عمر ۾ اهو ممڪن هو تہ ڪيس اهم عيسائي راهبن جو اڳواڻ عهدو ڏنو ويجي. نوابن وانگر، مٿين پرت واري ڪليسا ڪي بہ ٽيڪس ادا نہ ڪندي هئي، موروثي وسيع ايراضين وارين جاگيرداري بقاياڻن ۾ مسواڙن توڙي چرچ جو ڏهون حصو وصول ڪندي هئي.

اشرافيا جي ڪنهن بہ وڏي حلقي پنهنجي مراعتن تان هٿ کڻڻ جو ڪوبہ اشارو نہ پئي ڏنو. جيئن ئي سندن عياش پرست زندگي کي برقرار رکڻ وڏيڪ مهانگو ٿيندو ويو تہ هنن جاگيرداري واجبات جي جبري وصولي وڌائيندي هاري ڳوٺن جي برادراڻين ملڪيتن جي حصن تي قبضا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ رياست، فوج ۽ چرچ ۾ نفعي بخش عهدن تي هڪ هٽي قائم ڪري ورتي. ائين 'اشرافيا طرفان پُرتشدد ردعمل' ٿيو.[29]

اهو تڏهن ٿيو جڏهن فرانس چڱي خاصي صنعتي ترقيءَ جو تجربو ڪري رهيو هو خاص ڪري ڀهراڙيءَ جي دستڪاري پيداوار ۾. تازن تخمين مطابق سڄي 18 هين صديءَ جي هر سال اقتصادي ترقي 1.9 سيڪڙو وڌي،[30] ڪپڙي جي صنعت جي پيداوار 250 سيڪڙو وڌي، ڪوئلي جي پيداوار سٺوڻ يا اٺوڻ تي وڌي ۽ لوهہ جي پيداوار 40 هزار ٽن کان 140،000 ٽن تائين پهتي. 1789ع تائين فرانس جي آباديءَ جو پنجون حصو صنعت يا دستڪاريءَ ۾ لڳل هو.[31]

ڏوڪڙن واري طبقي جي وڏن واپارين (خاص ڪري اولهه اندين ڪمند وارين آبادڪارين سان ڳنڍيل ائٽلانٽڪ سامونڊي بندرگاهن ۾) `putters out` ۽ ڪڏهن ڪڏهن شيون ٺاهيندڙ ڪارخانيدار (ڪجهه اجارادارن وانگر جن ڇپائي واري صنعت کي ڪنٽرول ڪيو پئي) دولت ۽ پنهنجي سائيز ۾ وڌيا. امير بورجوازيءَ جي انوکي ۽ نرالي صورتحال هئي. رسمي طور تي ۽ قانوني حوالي سان اُهي اشرافيا جي ڪنهن بہ رُڪن کان ڪمتر هئا, پر گهڻو ڪري وڏيڪ شاهوڪار هئا ۽ خانداني بادشاهت مٿان چڱو ڀلو اثر رسوخ ڪتب آڻڻ جي قابل هئا. ٻيو تہ اُهي زمين خريد ڪري سگهيا پئي جنهن ڪين هارين کان جاگيرداري اداڻگيون ڏياريون ۽ بادشاهت لاءِ ٽيڪس 'آبادگار' طور ڪم ڪندي منافعو ماڻي سگهيا پئي. هنن جي هيٺان هيٺين درجي واري بورجوازيءَ جو ڪوبہ اثر رُسوخ نہ هو. پر اُنهن تجارت, دُڪانداري يا اميرانين شين لاءِ پنين ۾ سيڙپن يا مخصوص قانوني دفترن جي خريداريءَ ذريعي پنهنجن ڪُٽنبن لاءِ ڏوڪڙ ڪمايا پئي. بورجوازيءَ جي ٻنهي گروهن کي اشرافيا هٿان ٽيندڙ متيبد خلاف ڪاوڙ هئي, پر اُهي ڪنهن بہ ريت مطلق العنان بادشاهت جي پاڻمرادو انقلابي مخالفت ۾ اُٿي نہ بيٺا. هنن تہ اشرافيا کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ اجان تائين بادشاهت ڏانهن پئي نيهاريو.

بورجوازي ۽ شهري غريبن جي وچ ۾ وڏي تعداد ۾ ننڍا واپاري ۽ ڪاريگر ڦاٿل هئا. هنن قيمتن جو تعين ڪرڻ ۽ پنهنجين آمدنين جي تحفظ لاءِ روايتي طور تي رياستي پٺڀرائي وارين انجمن تي ڀاڙيو پئي, پر مارڪيٽ جي ڦهلاءَ ڪين تحفظ مهيا ڪرڻ واري انهيءَ طريقي کي گهٽ کان گهٽ اثرائتو ڪري ڇڏيو. مارڪيٽ جي حالتن ۾ اوچتيءَ تبديليءَ ڪين ان آمدنيءَ کان بہ محروم ڪري پئي ڇڏيو جڏهن تہ 1780ع ۽ وري 1790ع ڏاري لاٻارن جي ناڪاميءَ ڪانپوءِ مانيءَ جي قيمت ۾ واڌ, ڪين بُکون ڪاٺڻ ڏانهن ڌڪي ڇڏيو. ٻيو تہ ڪاريگرن ۽ ننڍن واپارين طور ڪم ڪندڙن جو ڳچ تعداد رولاڪ ڪاروبارين جو هو جن کي ڪڏهن بہ اها توقع نہ هئي تہ سندن هڪ هنڌ ٽڪاڻي وارا ڪاروبار بہ ٿي سگهن ٿا. هنن ۾ اُنهن ڪاريگرين ۽ واپارين جيڪي رجعت پرست ۽ انجمن ذهنيت وارا رهيا, تن ۾ تمام ٿورڙي هڪجهڙائي هئي.

ڳچ تعداد اُنهن ماڻهن جو بہ هو جيڪي اڳتي وڌڻ لاءِ ڪنهن موقعي جي تاڙ لاءِ تيار ويٺا هئا: ڪا منافعي بخش تجارتي خريداري ۽ وڪرو ڪنهن سياسي خدمت عيوض مالي انعام, يا نون پيداواري هنرن ۾ پيش رفت ڪرڻ ذريعي 'پنهنجو پاڻ کي ناهڻ' ۾ لڳا پيا هئا. توڻي جو اهڙا ماڻهو پراڻي نظام جي 'غيرعقليت' تي ڪاوڙ ڪري سگهيا ٿي, پر هنن اڪثر ڪري روشن خيال سوچ جي عوامي صورتن کي ڳڙڪائي ڇڏيو هي انقلابي نہ هئا.

فرينچ سماج ۾ ڳچ تعداد هارين جو هو. هنن جي صورتحال هر هڪ علائقي ۾ مختلف هئي. ڪجهه علائقا انگلينڊ جهڙين تبديلين جي عمل مان گذري چڪا هئا

جتي نوان طريقا ڪتب آڻيندڙ سرمائيدار آبادگارن جي ظهور ٿيو. هارين جو وڏو تعداد اهڙو هو جيڪو مارڪيٽ لاءِ شيون ٺاهڻ (انگور جي ول جي پوک يا فصل سان گڏ ڪپڙا ٺاهڻ) ۾ مصروف هو پر وٽن ملڪيتون ٿوريون هيون. چڱو تعداد اُنهن ماڻهن جو هو جن زميندارن سان فصل ۾ ڀائيواري ڪئي يا ڪائن زمين مسواڙ تي ورتي، پلي پوءِ اُهي پورهيتن جي ڪجهه تعداد کي استعمال ڪرڻ جي قابل هئا پر وٽن زرعي جدت لاءِ ڪي بہ ڏوڪڙ نہ هئا. آخر ۾ رسمي ڀانهپ جي غيرحاضريءَ کان هٽي، اهڙا بہ ڪيئي ماڻهو هئا جن جون حالتون وچين دور وارن کان مشڪل سان مختلف هونديون. تنهن هوندي بہ سيني ڪڙمين ۾ ڪي خاصيتون ساڳيون هيون. اُنهن محسوس ڪيو پئي تہ زمين سچ پچ سندن آهي، توڻي جو ڪين زميندارن کي ادائگي، ڏهون حصو (فصل جو 9 سيڪڙو) چرچ کي ۽ مسواڙ ڏيڻي ٿي پئي. پيو تہ ڪين ڳرا ٽيڪس ادا ڪرڻا ٿي پيا، جن کان اشرافيا ۽ ڪليسا آجا هئا. ان بار جي معنيٰ جيڪڏهن فصل نہ لهن يا خريد ڪرڻ وارين شين جون قيمتون وڌي وڃن تہ ڪين بدتر حالتون پوڳڻيون ٿي پيون.

بادشاهت، اشرافيا، مختلف بورجوازي گروهن ۽ هارين جي قسمين قسمين حلقن جي پيچيده باهمي لاڳاپن سبب 'ترميم پرست' تاريخ نويسن دعويٰ ڪئي تہ انقلاب کي طبقاتي بنيادن تي سمجهائي نہ ٿو سگهجي.[32] اُهي چون ٿا تہ بورجوازيءَ جديد صنعت کان وڌيڪ آمدني پنهنجن قانوني دفترن، زمين جي مالڪيءَ يا ايتريقدر جو جاگيرداري ادائگين مان حاصل ڪئي پئي، تنهنڪري اها جاگيرداريت تي ٻڌل خانداني بادشاهت ۽ اشرافيا جي مخالفت ۾ پيداوار جي هڪ نئين سرمائيداراڻي طريقي لاءِ طبقاتي موقف نہ پئي رکي سگهي. انهن تاريخ نويسن جو دليل آهي تہ سندن دعويٰ جي ثابتي ان ڳالهہ مان ملي ٿي تہ وڌن صنعتڪارن جو ٿورڙو تعداد انقلابي پاسي هو جڏهن تہ واپارين جو ڪجھ تعداد بادشاهہ جي پاسي هو.

حقيقت بابت سندن ڪجهہ ڳالهيون بيشڪ سچيون آهن. بورجوازيت هڪ طبقي طور يقينن پراڻي نظام جي مخالفت ۾ لڳاتار انقلابي طور نہ بيٺي. اها صدين جي سفر ۾ انهيءَ نظام اندر وڌي ويجهي هئي ۽ لاتعداد ڍنگن ۾ نظرياتي طور تي ۽ مالياتي طور تي ان سان چُهٽيل هئي. رهنما انقلابي شخصيتون صنعتي سرمائيدار يا سيٺيون نہ هئا. پر ڊانٽن ۽ رابس پيري جهڙا وڪيل، ديسمولنس جهڙا صحافي ۽ ايتريقدر جو مرات جي صورت ۾ هڪ اڳوڻو ڊاڪٽر بہ شامل هو پر ترميم پرستن طرفان اخذ ڪيل نتيجا بنيادي طور تي غلط آهن. اشرافيا ۽ بورجوازيءَ جي هڪبئي سان جڙيل مفادن ڪين فرينچ سماج جي ابتڙ تصورن ڏانهن متوجهہ ٿيڻ کان نہ روڪيو. هڪڙن سموري تبديليءَ خلاف ماضيءَ ڏانهن ڏسندي، اشرافيائي مراعت ۽ جاگيرداري ادائگين جو دفاع ڪيو ٻين هڪ اهڙي سماج ڏانهن نيهاريو جيڪو مارڪيٽ جي رسمي برابريءَ جي چوڌاري اڏيل هو جتي فقط اعليٰ نسلي حيثيت 'ماڻهوءَ کي ٺاهڻ' لاءِ ڪافي نہ هئي.

بورجوازين جي وڏي اڪثريت اهڙي سماج جي نموني (ماڊل) ڏانهن پيش رفت ڪرڻ لاءِ گهربل قدم کڻڻ کان مسلسل گهبرايو پئي، پر جڏهن اُها سوپاري ٿي تہ هنن يقينن بچاءَ ۾ ملڪ بدري نہ ڪئي، جيئن ڪجھ اشرافيا ڪيو.

اول تہ فرينچ سماج جو انهن رقيب حلقن جي چوڌاري ورهائجڻ وارو ڪم بورجوازيءَ نہ پر اشرافيا جي ردعمل ڪيو جيئن انگلش ۽ آمريڪي انقلابن سان ٿيو عوام جي اڪثريت طرفان ڪنهن نئين شي جي مطالبي نہ پر پراڻي نظام طرفان شين کي پنهنجي ڏکڻ جي ڪوشش شروعاتي اُپار ۽ اٿل پٿل کي پيدا ڪيو.

1780ع ۾ فرينچ بادشاهت جي ذهن ۾ ڏوکڙ اڳواڻ ٿي مرڪزي حيثيت ماڻي چڪا هئا. ان برطانيا ۽ پرشيا سان ست سالا جنگ تي وڏو خرچ ڪيو هو ۽ وري برطانيا سان آمريڪي جنگ دوران اُن کان بہ وڌيڪ خرچ ٿيو. جيڪڏهن بادشاهت پنهنجي ٽيڪس آمدني وڌائڻ جا گس نہ ڳولي ها تہ ڏيواليپڻي جو شڪار ٿئي ها، پر اهو عمل ذري گهٽ ناممڪن لڳس. نوابن ۽ پادرين جي ٽيڪس مان ڇوٽ جي معنيٰ هيٺين طبقن تي بار وجهڻ هئي ۽ صورتحال ان نهج تي پهچي وئي جو اُنهن جي اڪثريت وڌيڪ ادائگي نہ پئي ڪري سگهي. پهراڙيءَ ۾ سرسري معيار زندگي ڪِري پيئي، جڏهن تہ شهرن ۾ پگهارون 65 سيڪڙو مهانگائي جي پيٽ ۾ فقط 22 سيڪڙو وڌيون هيون.[33] پيو تہ ٽيڪس وڌائڻ جو طريقو ناڪاره هو اوڳاڙيل ٽيڪس جو ڪجھ حصو تہ اوڳاڙي ڪندڙ 'ٽيڪس آبادگار' کڻي ويندا هئا.

بادشاهہ کي معلوم ٿيو تہ صورتحال ڪيتري ڳنڀير ٿي چڪي آهي. هن 1788ع ۾ 'سڌارڪ' (reforming) وزارت مقرر ڪئي، جنهن ٽيڪس سرشتي کي عقلي بنيادن تي بيهارڻ جي رٿا پيش ڪئي ۽ اُن کي وڏين جاگيرن واري اشرافيا ۾ چرچ تائين وڌائي ڇڏيو. اشرافيا ڪاوڙجي پئي. جڏهن وڌيڪ سُڌارا اڳيان پيش ڪيا ويا تہ صوبائي پارليامينٽن ۾ لبادو پهريل نوابن (noblesse de robe) انهن کي لاڳو ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ان باوجود جڏهن وزيرن اُن کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هنن عوامي احتجاج ڪيا، جيڪي ڪن جاين تي فسادن ۾ بدلجي ويا. انهن احتجاجن ۾ اشرافيا کي اجان تائين ممڪن لڳو پئي تہ پيين طبقن جي گهٽن ماڻهن جي حمايت کٽي وٺندي، ڪجھ بورجوازي ۽ هارين کي وڌن ٽيڪسن جي ڳالهين مان خطرو محسوس ٿيو.

پنهنجو پاڻ کي سماج جي فطري اڳواڻن طور ڏسندڙ اشرافيا کي وهم هو تہ اُهي حڪومت کي پنهنجي مرضي مطابق جهڪائڻ لاءِ عوامي تائيد کي استعمال ڪري سگهندا. سندن مرڪزي مطالبو هڪ ايسٽيٽ جنرل (Estates General) هو هڪ اسيمبلي جيڪا 1614ع ڌاري سڏائي وئي هئي. 1789ع جي مئي ۾ بادشاهہ بورجوازي يا هيٺين طبقن جي ترقي پسند تحريڪ جي ڪجھ مطالبن نہ پر اشرافيا جي رجعتي مطالبن کي تسليم ڪرڻ تي اتفاق ڪرڻ وارو هو.

اشرافيا کي رعايت ڏيڻ واري عمل ٻين طبقن کي جبراً گڏائي ڇڏيو. ڪائن 'ٽين ايسٽيٽ' جي نمائندن جي چونڊ ڪرڻ جي گهرج ڪئي وئي. ان جي معنيٰ شهرن ۾ اسيمبليون 'چونڊيندڙن' جي چونڊ ڪن. جيڪي وري وفدن لاءِ ووٽ ڏين. ٻهراڙين ۾ ان جي معنيٰ ڳوٺاڻا فيصلو ڪن ته ڪنهن کي علائقي جي گڏجاڻيءَ ۾ اماڻين جيڪا فيصلا ڪندي عوام جي هجوم کي اهڙين شين جو تجربو نه هو ۽ هنن گهٽو ڪري اُنهن ماڻهن تي اعتماد ڪيو جيڪي ڳالهائڻ جا پڙهيا. نتيجو اهو نڪتو ته ٽين ايسٽيٽ جي اسيمبليءَ ۾ وڪيلن ۽ وچولي طبقي جي موچارن ماڻهن جي گهڻائي ٿي وئي. پر وفدن جي چونڊ واري عمل پهريون ڀيرو لکين ماڻهن کي 'ان بابت سوچڻ لاءِ همٿايو ته اُهي سماج مان ڇا ٿا چاهين. سڄي فرانس جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ اُنهن مطالبن جون فهرستون (doleances) ٺاهيون ويون. جن تي ايسٽيٽ جنرل کان عمل ڪرائڻ چاهيائون پئي. اُنهن بحثن پئرس جي غريب علائقن ۾ واضح صورت ورتي شروع ڪئي جن کي جولاءِ ۾ باسٽائيل کي شڪست ڏيڻ ۽ آڪٽوبر ۾ ورسلز ڏانهن مارچ ڪرڻو هو. ان هارين منجهه پڻ جوش جذبي کي هٿي وٺرائي، جنهن 1789ع جي اونهاري ۾ مقامي نوابن خلاف بغاوت کي پڙڪايو.

اشرافيا جي رجعت پرست حملي وچولي طبقي کي پڙڪايو ۽ بيدار ڪيو ۽ جيئن ئي ايسٽيٽ جنرل جمع ٿي ته، ان جي نمائندن منجهه خود اعتماديءَ واري ڪيفيت پيدا ٿي پئي. اُهي پنهنجي ارادي ۾ انقلابي نه هئا. هنن بادشاهت کي ختم ڪرڻ بدران اجان تائين اُن کي پسند ڪيو پئي، پر فقط اشرافيا جي قد کي گهٽائڻ چاهيائون ٿي ته جيئن اشرافيا جي ڇڙواڳي ۾ دٻاءُ جو انت آندو وڃي، پر اُهي ان ڳالهه لاءِ تيار نه هئا ته ڪين ڪو ٻيو حڪم ڏئي ۽ سماج ۾ آيل جوش ۽ ولولي سندن حوصلي کي وڌائي ڇڏيو. اِتان کان سندن گستاج ۽ نافرمان حرڪتون، 'انساني حقن' جي سندن دعويٰ ۽ جاگيرداريت جي خاتمي بابت پڌرنامن، جي پنيان هڪ مفاهمت تي سگهي پئي جيڪا بادشاهه وٽ ڪجهه طاقت ۽ اشرافيا وٽ سندن ملڪيت کي ڇڏي ڏئي ها.

پر اشرافيا جو ردعمل ايترو جلد ختم ٿيڻ وارو نه هو جيسيتائين اشرافيا وٽ پنهنجي مال دولت، سندن ٻهراڙين وارين جاگيرن ۽ فوجي آفيسرن جي جماعت جو ڪنٽرول هو. تيسيتائين هنن پنهنجي پراڻي مراعت يافته حيثيت ٻيهر قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

سڏارڪ، انقلابي ۽ ڪاريگر - واپاري

عوامي تحريڪن جن 1789ع جي اونهاري ۾ وچولي طبقي جي اسيمبليءَ جي ڀيرائي ڪئي، تن پهريون ڀيرو هيٺين طبقن کي سندن اذيتناڪ حالت کي للڪارڻ لاءِ پڙڪايو. هنن ڏسڻ شروع ڪيو ته چند ماڻهن جي دولت ۽ گهڻن جي غربت ساڳئي سڪي جا ٻه پاسا آهن. پهريائين ته اُنهن دولت کي اشرافيا جي خاصيت طور سڃاتو پئي، ٻر اجان گهڻو عرصو نه گذريو هو ته هنن جو ڌيان بورجوازيءَ جي اُنهن حلقن ڏانهن ٿيو

جن اشرافيا جو نقل ڪيو يا جنہ پنهنجو پاڻ کي 'تيڪس آبادگار'، زميندارن طو
شاهوڪار ٻڌايو هو.

1789ع جي احتجاجي تحريڪ هزارين نون سياسي ڪارڪنن کي وچولن طبقر
منجهہ آندو. هي اُهي هئا جيڪي سياسي ڪلبن ۾ شريڪ ٿيندا هئا. پمفليٽ ۽
اخبارون پڙهندا هئا ۽ چونڊن بابت گڏجاڻين ۾ حصو وٺندا هئا. ابتدا ۾ اُهي انتهائي
خوش هئا. لڳو پئي تہ تاريخ ڪين روشن خياليءَ وارن خوابن کي سچ ڪرڻ، والٽيئر
طرفان ڊڪاريل غلط ڪمن کي دُرست ڪرڻ، روسو جي تصور ڪيل سماج متعارف
ڪرائڻ جو موقعو آڇي رهي هجي. هنن مجاهدانا انداز اختيار ڪري ورتا، پنهنجو پاڻ
کي قديم روم جي بروٽس جهڙن شخصيتن جو اوتار سمجهائيون. پر ڪين هڪ طرف
اشرافيا جي ردعمل ۽ ٻئي طرف عوامي جوش ۽ ولولي جي وچ ۾ ڦاسجي پوڻ جو خطرو ٿي
پيو. جيتوڻيڪ 1789ع جي واقعن ڏيکاريو هو تہ عوامي بيچيني اشرافيا کي هارائي
سگهي ٿي، جيڪڏهن زميندار بورجوازي منجهان هجن ۽ هاري زميندارن جي ملڪيتي
دستاويزن کي ساڙڻ بند نہ ڪن. شهري ماڻهو خوراڪ تي سٽو هڻندڙن مٿان حملا ڪرڻ
بند نہ ڪن، جن وٽ بورجوازي سندون هجن.

اهوئي معاملو هو جنهن وچولي طبقي جي سياسي ڪارڪنن جي صفن اند
مسلسل ڏڦيڙن کي جنم ڏنو. وڏي ڳالهہ تہ سندن اڪثريت تحفظ، ملڪيت ۽ بادشاهت
اشرافيا سان سرچاءَ کي ترجيح پئي ڏني. فقط هڪ انقلابي اقليت عوام کي اپارڻ جـ
جوکم کڻڻ لاءِ تيار هئي، پر پوءِ رعايتون ملڻ ڪري جڏهن ردعمل جي طاقت مڇي مو
ٿئي ٿي تہ اڪثريت کي خطرو محسوس ٿئي ٿو جنهنڪري اُها انقلابين پٺيا-
ڇڪجي ويجي ٿي، توڻي جو سندن هڪ حصو الڳ ٿي رد-انقلاب جو ساٿ ڏئي ٿو.

1791ع ۽ 1792ع ۾ اهوئي ٿيو. وري 1793ع ۾ ائين ئي ٿيڻو هو.

1792ع جي بحران جو ڇيهہ جمهوريہ جي اعلان ۽ بادشاهہ کي سزا ڏيڻ سان ٿيـ
انهيءَ دوران جيڪبنس هٿان لافاييٽ کي هٽايو ويو ۽ پئرس واسي عوام سيڪشنـ
(Sections) ذريعي منظم ٿيو. گروندنس انهيءَ ڪارروائي سان گڏ هلندا رهيا، پر اڄ
اڳتي ويڙ ۽ بادشاهہ جي سزا تي راضي ٿيڻ تي ناراض هئا. گروندنس کي 'هُجوم' ک
خوف هو جيئن برسوٽ (Brissot) ان کي 'انتشار جا گهٽا مٽا' سڏيو هو.[34] ٻهراڙيءَ ۽ ش
۾ وڌندڙ بُک واري پسمنظر کي ڏسندي، هنن قيمتن کي ڪنٽرول ڪرڻ، عوام کي ڪارا■
لاءِ اناج جي رسد جي طلب ۽ 'ذخيرو ڪندڙن ۽ سٽي بازن' خلاف مثالي قدم کڻڻ وا-
پئرسي سيڪشنن جي مطالبن جي مخالفت ڪئي.

اُن بدران هنن پراڻيءَ حڪومت وانگر ساڳئي نموني عوام تي حملو ڪيو. اپر
مهيني ۾ سندن هڪ اڳواڻ دولتمند بورجوازيءَ کي خبردار ڪيو تہ 'توهان جي ملڪـ
خطري هيٺ آهي' 'ء توهان خطرو هوندي اکيون ٻوٽي ويٺا آهيو...... اِنهن زهريا■

مخلوقن جو پيڇو ڪري ڪين سندن چرن ڏانهن موٽائي ڇڏيو.[35] ڪنوينشن مرات (Marat) ڪي بغاوت جي الزام هيٺ انقلابي عدالت آڏو موڪلڻ لاءِ وڏيءَ اڪثريت سان ووٽ ڏنو هو پر هي آزاد ٿي ويو. هيبرٽ کي گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪنوينشن جي صدر ڊيوڪ آف برنسوڪ بدنام زمانہ بيان واري ساڳيءَ ٻوليءَ ۾ اعلان ڪيو تہ جيسيتائين شهر ۾ 'وري وري ٿيندڙ بغاوتون' بند نہ ٿينديون تيسين 'پئرس تباهہ ٿي ويندو'.[36] فوج کي شڪستن جو هڪ نئون پورو سلسلو ڀوڳڻو پيو. چاڪاڻ تہ سندن ڪمانڊر Dumouriez دشمن سان ملي ويو. فرانس جي اولهہ ۾ ويندي خطي اندر حڪومت کان مايوس ۽ بد دل هارين هڪ خونخوار شاهي بغاوت جو ساٿ ڏنو.

نيٺ, 29 مئي تي 'اعتدال پسند' ۽ شاهہ پرستن گڏجي ليونس تي قبضو ڪيو ۽ جيڪبن ميئر چاليئر کي جُولاءِ ۾ مارڻ کان اڳ قيد ڪيو.

رابس پيري وارا جيڪبنس ايترا ئي وچولي طبقا جا ماڻهو هئا, جيترا گروندنس, توڙي جو ڪيترا تاريخ نويس دليل ڏين ٿا تہ اُهي وچولي طبقي جي هيٺين پرت مان آيا هئا. اُهي ملڪيت جي 'حقن' سان ايترا ئي سچا هئا, جيترا پيرا ڪلي عام بيانن ۾ اُنهن اعلان ڪيا. رابس پيري ذاتي طور تي بدعنوان نہ هو پر سندس ڪيترن حمايتن کي انقلاب مان مالي طور تي فائدا ماڻڻ جون ڪوششون ڪرڻ تي ڪا ندامت ۽ پڇتاءُ نہ پئي ٿيو هوئن بہ اُهي بورجوازي طبقي منجهان هئا, يا ٿيڻ پئي چاهيائون. ڊانٽن ذاتي طور تي پنهنجو پاڻ کي شاهوڪار بڻايو, هڪ مرحلي تي بادشاهہ کان ڏوڪڙ بہ ورتائين. مرات ۽ هيبرٽ (Marat & Hebert) پئرس واسين منجهہ احتجاج ۽ پرچار ڪيو پر ننڍن ڪاريگرن يا واپارين جي نقطہ نظر کان, جن کي منافعي تي ڪي بہ اعتراض نہ هئا, پر 1793ع جي اونهاري جي ابتدا ۾ هنن ڏٺو تہ انقلاب جي متبادل گس ڏانهن اڳتي وڌڻ سان ردعمل جو ڏهاڙو شروع ٿيندو جنهن سان نہ ڪو اُهي, نہ ئي گڏريل چئن سالن جون حاصلات سلامت رهنديون. هي انقلاب کي اڳتي ڌڪڻ جو فقط اهو ئي گس ڏسي سگهيا, تہ پئرس واسين سان هڪ پيرو وري اتحاد ڪجي ۽ هارين سان رعايتون ڪجن, ڀلي پوءِ اُنهن قدمن جي معنيٰ بورجوا مفادن سان ٽڪراءُ ئي ڇو نہ هجي. رابس پيري پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو تہ, 'خطرا وچولي طبقي مان آهن ۽ اُنهن کي شڪست ڏيڻ لاءِ اسان کي عوام سان گڏجڻو پوندو'.[37] ٻين لفظن ۾ اعتدال پسند گروندن بوجوازيءَ خلاف جيڪبن ڪلب ۾ سُڌارڪ بورجوازيءَ کي پئرس جي سيڪشنن جي انقلابي ڪاريگرن ۽ ننڍن واپارين (san-culottes) سان متحد ٿيڻو پوندو.

انقلاب جو ٽيون وڏو موڙ

26 مئي 1793ع تي رابس پيري عوام کي بغاوت جو سڏ ڏنو. 29 مئي تي پئرس جا 33 سيڪشن پاڻ ۾ مليا ۽ هڪ نئين بغاوت کي منظم ڪرڻ لاءِ نو (9) رُڪني باغي

ڪميٽيءَ جي چونڊ ڪيائون. 31 مئي ۽ 2 جون تي ٽاڪسن (گهنٽ) جي وڄڻ ۽ توبن جي فائرنگ عوام کي گهٽين ۾ نڪري اچڻ جو سڏ ڏنو. هنن 80 هزار هٿياربند ماڻهن سان ڪنوينشن جو گهيرو ڪيو ۽ کين 29 گروندن ڊپٽيز جي گرفتاريءَ جا حڪم جاري ڪرڻ تي مجبور ڪيائون. پئرسي سيڪشن هاڻي راڄڌانيءَ جي طاقت جو مرڪز هئا ۽ جيڪبن قيادت عملي طور تي فرانس جي حڪومت هئي.

هارايل گروندنس شهر مان ڀڄي وڃي صوبن ۾ بغاوت ڪرائي. فوج جي آفيسر جماعت ۾ سندن دوست هئا، وڏن واپارين ۾ اتحادي هئن. ڀهراڙيءَ جي بغاوت کان ڊنل وچولي زميندار طبقي جي همدردي حاصل هئن، اُنهن سيني جي وفاداري هئن جن ڪنهن بہ 'هُجوم' کي خطرو سمجهيو ۽ بيشڪ اشرافيا جي تائيد حاصل هئن. جنهن کي انقلاب خلاف فتح سان خوشي ٿئي ها. هفتن اندر ملڪ جي اولهہ ۽ ڏکڻ جو ڪجھ حصو گروندنس جي هٿن ۾ هليو ويو. وينديءَ تي شاهہ پرستن جو قبضو هو جيڪبن مخالف قوتن تولن جو ڏاکڻو بندرگاهہ ۽ ميڊيٽيرين بحريہ جون ٻيڙيون برطانيا جي حوالي ڪري ڇڏيون جڏهن تہ پرڏيهي فوجون اچان تائين پئرس ڏانهن مارچ ڪري رهيون هيون. رد۔انقلابي قوتن اهو پڻ ڏيکاريو تہ اهي راڄڌانيءَ تي وار ڪري سگهن ٿيون. جڏهن گروندن واري ڪائين شهر جي هڪ نوجوان عورت چارلوٽ ڪورڊي (Charlotte Corday) مدد جي ڳالهہ ڪري مرات تائين رسائي حاصل ڪئي ۽ جڏهن هي پنهنجي وهنجڻ جاءِ ۾ ويٺو هو تہ هن کيس خنجر هڻي ماري ڇڏيو.

پئرسي ڪاريگرن ۽ ننڍين واپارين (sans-culottes) جيڪبن اڳواڻن تي زور ڀريو تہ انهيءَ خرابيءَ کي روڪڻ لاءِ وڏيڪ انقلابي قدم کنيا وڃن ۽ جلدئي سندن قيادت بہ ڏٺو تہ وٽن ڪو ٻيو گس نہ هو. هڪ عوامي تحفظ جي ڪميٽي (Committee of Public Safety) جنهن کي هفتي ۾ هڪ ڀيرو ڪنوينشن کي رپورٽ ڏيڻي هئي ۽ هر مهيني ٻيهر چونڊجڻي هئي، اها جيڪي بہ مناسب سمجهي، سي هنگامي قدم کڻڻ جو کيس اختيار ڏنو ويو. 'وڌ کان وڌ جي قانون' مانيءَ جي قيمت کي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ ماڻهن جي بُکايل هوندي ذخيري اندوزي ڪرڻ کي ڏوهہ قرار ڏئي ڇڏيو. اميرن کي چيو ويو تہ جنگ لاءِ قرض ادا ڪن ۽ هڪ وڌندڙ ٽيڪس، 10 سيڪڙو کان ٽيندو 50 سيڪڙو تائين، سيني آمدنيءَ وارن تي لڳايو ويو جڏهن تہ کين هڪ آڪهہ جي خرچن لاءِ گهربل گهٽ کان گهٽ جي اجازت ڏني وئي.[38] ائين معيشيت تيزيءَ سان مرڪزي اختيار هيٺ اچي وئي ۽ جنگ جي رسد پيدا ڪندڙ شعبي کي قومي ملڪيت ۾ ورتو ويو. مهاجرن کان زمين کسي وئي ۽ هارين جي ڪاوڙ کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ چرچ کي ننڍين پلاٽن ۾ ورهايو ويو. رضاڪار انقلابي يونٽن ۽ پراڻن فوجي يونٽن کي محاذ تي ضم ڪيو ويو تہ جيئن رضاڪار سپاهين کي جوش ڏياري سگهن جڏهن تہ پاڻ فوجين کان هنر سکن ۽ اُهي گڏجي پنهنجا آفيسر چونڊين. شڪي آفيسرن کي سرڪاري ڪاٽن مان ڪڍيو ويو.

انقلابي ڪمشنرن ڪي ٻهراڙين ۾ رد-انقلابي بغاوتن کي ڪچلڻ لاءِ مڪمل اختيارن سان اماڻيو ويو. 18 ۽ 25 سال عمر وارن سڀني نوجوانن کي فوجي خدمتون سرانجام ڏيڻ لاءِ چيو ويو. جڏهن ته پراڻيون رعايتون ختم ڪيون ويون جن تحت خوشحال ماڻهن کي سندن عيوض ٻين کان ڪم ورتو ويندو هو. نيٺ، سيپٽمبر ۾ وڏيڪ بغاوت ڪانپوءِ ڪنوينشن ۽ پبلڪ سيفٽي ڪميٽيءَ طاقت جي سخت استعمال، يعني، دهشت واري پاليسيءَ تي اتفاق ڪيو.

جيڪبنس ۽ دهشت

دهشت کي سگهه هيٺان کان، عوام وٽان ملي جن پراڻيءَ حڪومت ۾ تڪليفون پوڳيون هيون، جن کي خبر هئي ته جيڪڏهن اُها واپس آئي ته ڪين اجان وڌيڪ عذاب پوڳڻو پوندو ۽ غداري ۽ بدعنوان منافعي خوريءَ جي نتيجي ۾ سندن دوست ۽ مائٽ اڳئي محاذ تي ڏيهاڙي مئا پئي. ان ۾ بدلي جي جذباتي خواهش سان گڏ عقلي سمجهه گڏجي پئي، گهرو جنگ جي حالتن هيٺ، انقلابي حڪومت جي مخالفن ان کي نقصان رسائڻ جي هر موقعي جو فائدو پئي ورتو. جيل ڪين نہ تي روڪي سگهيا، ڇاڪاڻ ته اُنهن کي توقع هئي ته جيڪڏهن هڪ ٻيرو سندن سازشون ڪامياب ٿي وينديون ته اُهي آزاد ٿي وينداا. جيڪبن جي 'دهشتگرد' انتها خلاف، هيبرٽ جهڙن ماڻهن اهڙن جذبن کي پڙڪايو پر مُک جيڪبن اڳواڻن انهيءَ سڏ تي آهستي آهستي عمل ڪيو. 'سفاڪ ڪاسائي' طور مشهور رابس پيري انقلاب جي ابتدائي ڏينهن ۾ اڪيلو ڄڻو هو جنهن موت جي سزا جي خاتمي جي ڳالهه ڪئي. ان جي ابتڙ. گروندنس هيٺين طبقن جي عام 'ڏوهارين' لاءِ ان جي استعمال جي حمايت ڪئي، پر جڏهن بادشاهه جو وارو آيو ته ڪين بدهضمي ٿي پئي.

1793ع جي سيپٽمبر کان اڳ تائين انقلابي عدالت آڏو پيش ڪيل 260 ماڻهن مان فقط 66 ڄڻن کي موت جي سزا ڏني وئي. آڪٽوبر ۾ ان رفتار زور ورتو. راڻيءَ ميري انٽونيٽ کي سزا ڏيڻ ڪانپوءِ گروندنس ۽ ڊيوڪ آف اورلينس (جنهن پنهنجي مقصد کي اڳتي وڌائڻ لاءِ جيڪبن طور ڏيک ڏنو) کي سزا ڏني وئي. 1793ع جي آخري ٽن مهينن ۾ 395 جوابدارن مان 177 ڄڻن کي موت جي سزا ڏني وئي ۽ ڊسمبر تائين پئرس جي جيلن ۾ قيد ماڻهن جو انگ وڌي 4،525 ٿي ويو. جڏهن ته آگسٽ ۾ فقط 1،500 هئا. تنهن هوندي بہ هن مرحلي تي موت جي سزائن جو تعداد گهٽ هو جيترو ناولن ۽ فلمن جي مشهور داستانن ۾ ٻڌايو ويجي ٿو تہ ڏيهاڙي ڪيئي ماڻهن کي گلوٽين ۾ وڌو ويندو هو.

اشرافيا ۽ شاهه پرستن جي موتن بابت 200 سالن وارين شڪايتن کي ضرور پسمنظر ۾ رکيو وڃي. پراڻي حڪومت هيٺ موت جي سزائن تي مسلسل عمل ٿيندو رهيو. غريب ماڻهن کي ڪپڙي جو ٽڪرو چوري ڪرڻ تي ڦاهين تي لٽڪائي سگهبو

هو. جيئن مارڪ ٽوائن هڪ پيرو ڳالهه ڪئي، 'دهشت جا ٻه راڄ هئا. هڪڙو ڪجهه مهينن تائين هليو ٻيو هڪ هزار سالن تائين.' اُتر ڪان پئرس ڏانهن مارچ ڪندڙ فوج جيڪڏهن شهر تي قبضو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ها ته جيڪبن کان وڌيڪ پنهنجي دهشت لاڳو ڪري ها، ۽ اها اشرافيا ۽ شاهه پرستن جي اشارن تي 'مُک اڳواڻن' کي ترت ڦاهين تي لٽڪائي ها. 'اعتدال پسند' ۽ 'شاهه پرست' جن ليونس، مارسلز ۽ تولن تي قبضا ڪيا، اُتي عدالتون قائم ڪري 'وطن پرستن کي گلوٽين ۾ وجهڻ يا ڦاهي ڏيڻ جو حڪم ڏنو'.

نتيجا 'قابل افسوس هئا'[39]، چيو وڃي ٿو ته ليونس ۾ 800 ماڻهن کي ماريو ويو.[40] ويندِيءَ ۾ هڪ شاهه پرست پادريءَ رپورٽ ڪيو ته، ريپبلڪن همدردن خلاف 'هر روز خونخوار مهمون هلايون ويون'. ايتريقدر جو هڪ ڪليسا جنهن جمهوريه کي قبوليو هو ان جي صدارت هيٺ ٽيل هڪ ميڙاڪي جي بنياد تي ماڻهن کي 'قيد ڪيو ويو ۽ پوءِ جيلن ڀرجي وڃڻ جي بهاني هيٺ، انهن کي ماريو يا گوليون هڻي قتل ڪيو ويو'.[41] ميچڪول (Machecoul) وٽ 524 ريپبلڪن کي گوليون هنيون ويون.[42] ان کان مٿي، شاهه پرست ۽ گروندنس طرفان شروع ڪيل جنگ ۽ ملڪ اندر ۽ ٻاهر انقلاب جي سيني دشمنن جي ساڻ سان فرانس جي اُترين سرحدن وٽ لڙائين ۾ ڪيئي ماڻهو مارجي ويا. هڪ جنگ، جنهن ۾ فرينچ آفيسرن جي ٻي ڌر سان همدردي هئي ۽ اُنهن ڄاڻي ٻجهي هزارين سپاهي موت جي منهن ۾ ڌڪي ڇڏيا.

ڊيڇاريندڙ داستانن، مشهور ناول نگارن يا ايتريقدر جو چارلس ڊڪنس جي A Tale of Two Cities ۾ انقلاب بابت بيان ڪيل داستانن ۾ رد-انقلاب ۽ جنگ ۾ موت جو ڪاڄ ٿيندڙ عوام جي انگن اکرن جو ذڪر نه ٿو ڪيو وڃي. اهڙن ليکڪن لاءِ هڪ معتبر ماڻهوءَ يا عورت جو موت الميو آهي، پر ريپبلڪن ڪاريگر يا درزيءَ جو موت خير جهڙي ڳالهه آهي.

1793ع جي سيپٽمبر جي آخر ۾ رابس پيري ڪنوينشن ۾ اهوئي دليل ڏنو. هي ريپبلڪ جي جنرلن مان هڪ هوچارڊ خلاف سخت قدم کڻڻ کي جائز قرار ڏئي رهيو هو جن جي غيرضروري طور تي پٺتي هٽڻ سبب جنگي تباهي ٿي. هن چيو ته 'ٻن سالن ۾ غداريءَ ۽ ڪمزوريءَ سبب هڪ لک ماڻهن کي ڪُٺو ويو آهي. اها غدارن جي ڪمزوري آهي جيڪا اسان کي برباد ڪري رهي آهي.'[43] انهيءَ دليل ڪيترن ڊپٽيز کي ان ڳڻتر واريءَ ڪيفيت مان ڪڍيو ته جيڪبن قدمن جي پٺڀرائي ڪجي يا نه.

انقلاب دوران بدترين خونريزي پئرس ۾ ٿي، جتي انقلابين ڪڏهن به ڪنٽرول نه وڃايو پر سندن مخالفن جي قبضي هيٺ آيل علائقن کي ٻيهر فتح ڪرڻ لاءِ ويڙهه ڪندا رهيا. ڪجهه واقعا اهڙا ٿيا، جتي ريپبلڪن فوجن خونخوار بدلو ورتو. ليونس ۾ هڪ انقلابي ڪميشن 1،667 موت جا پروانا منظور ڪيا. ويندِيءَ ۾ قيد ڪيل باغين تي

مختصر مقدما هلائي سزائون ڏنيون ويون. نانتيس ۾ بغاوت جي 2 کان 3 هزار حامين کي لوئير دريا ۾ ٻوڙيو ويو. تولن ۾ وڏي تعداد ۾ ماڻهن کي اهو شهر برطانيا حوالي ڪرڻ جي الزام هيٺ ماريو ويو.[44]

دهشت جو هڪ ٻيو پهلو ٻه آهي، جنهن جو جائزو وٺڻو پوندو. هيءَ اها دهشت آهي، جنهن کي 94_1793ع دوران انقلابي اڳواڻن هڪٻئي خلاف استعمال ڪيو. ان جي ابتدا گروندنس ۽ جيڪبنس جي وچ ۾ دشمنيءَ سان ٿي. جڏهن گروندنس مرات خلاف الزام لڳايا هئا، تڏهن هنن پاڻ طاقت جي استعمال تي راضپو ڏيکاريو هو. تنهن هوندي ٻه جيڪبن حڪومت جي قيام کانپوءِ پهرين گروندنس اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو. تن کي فقط گهر ۾ نظربندي هيٺ رکيو ويو هو. پوءِ وري اُنهن پيرس ڇڏي صوبن ۾ بغاوت ڀڙڪائي، تڏهن ثابت ٿيو ته هي اهڙو تضاد هو جيڪو فقط لفظن سان حل نه پئي ٿي سگهيو. رابس پيري ۽ ڊانٽن محسوس ڪيو ته ڪنهن ٻه گروندن کي آزاد ڇڏڻ جي معنيٰ ساڳيو ورتاءُ ڪرڻ ٿيندو. سخت طاقت جي زور تي ۽ گهرو جنگ جي حالتن ۾ فقط موت جي سزا ذريعي ئي، اُنهن کي ائين ڪرڻ کان روڪڻ جو گس هو پر وچولي طبقي وارن جيڪبنس، جيڪا منطق گروندنس تي لاڳو ڪئي، سا وري گهرو جنگ جي حالتن ۾، ساڳي منطق ٻين مخصوص ريپبلڪن تي ٻه لاڳو ڪئي. جيتريقدر رابس پيري جو تعلق هو ته هن جا پنهنجا اتحادي، پيرس جا ڪاريگر ۽ ننڍا واپاري (sans-culottes)، مسئلو بڻجڻ لڳا. اُنهن گهڻين ۾ انقلاب لاءِ عوامي حمايت مهيا ڪري حيران ڪندڙ ڪم ڪيا هئا. پر انهن ان سماجي گروهه جي مخالفت پڻ ڪئي، جتان کان رابس پيري ۽ ٻيا جيڪبن اڳواڻ آيا. جنهنڪري هي ملڪيتن وارا ماڻهو ٻُڌتر ۾ رهيا ته جمهوريه لاءِ وڙهون يا نه. رابس پيري جڏهن دهشت جي استعمال لاءِ ڪاريگرن ۽ واپارين جي سڏ کي قبوليو تڏهن ئي هن سندن تنظيمن خلاف وٺ پڪڙ شروع ڪري ڏني، سيپٽمبر جي وچ ڌاري جيڪس روڪس کي گرفتار ڪيو ويو آڪٽوبر ۾ ڪلائري لاڪومبي جي عورتن جي انقلابي ريپبلڪن سوسائٽيءَ کي برطرف ڪيو ويو ۽ آخر ۾ مارچ ڌاري هيبرٽ ۽ ٻين ڪيترن اڳواڻن کي گلوٽين ۾ وڌو ويو.

'انتهاپسندن' اهڙا مطالبا پيش ڪيا، جن نه فقط رابس پيري لاءِ مسئلو ڪيو پر معتبر ملڪيتي وچولي طبقي کي پڻ ڏيڄاري ڇڏيو. رابس پيريءَ کي ٻه ڏپ ٿيو ته، اهي جيڪي پنهنجن ذاتي مفادن ۽ جهُڪائن کي وقت جي ضرورتن کان مٿانهون رکن ٿا، سي انقلاب کي تباهه ڪري سگهن ٿا. اها ڳالهه خاص طور تي ڊانٽن جي چوڌاري ڪجهه حلقن تي لاڳو ٿي ٿي. ڊانٽن وٽ اٿاهه انقلابي جرئت ۽ جوش ولولي جي صلاحيت هئي، پر شڪي دولتمند شخصيتن طرفان موجود انعام پڻ پُرڪشش هئا. اهو ڪو اتفاق نه هو ته هن جا دوست فرينچ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ سان واسطيدار بدعنوانيءَ جي وڏي مقدمي ۾ ملوث هئا. جڏهن 1794ع جي جنوري ۽ فيبروريءَ ۾ ڊانٽن جي چوڌاري

غيررسمي 'لاڏلي' ڏڙي گڏجڻ شروع ڪيو ته. رابس پيريءَ ڪي ڌڪ ٿيو ته هي نوَ(9) مهينا اڳ گروندنس طرفان اختيار ڪيل گس جي پوئواري ڪري رهيو آهي. هيبرٽ جي موت جي سزا کان پنج ڏينهن پوءِ ڊانتن، ڊيسولن ۽ ٻين اڳواڻن جي گرفتار ٿيڻ جو وارو آيو اُنهن کي عدالت آڏيان آندو ويو ۽ کين سزائون ڏنيون ويون.

رابس پيري ۽ سندس ويجهن اتحادين پاڻ کي گهيري هيٺ محسوس ڪيو. سندن پنهنجو طبقو رد_انقلاب جي قوتن ڏانهن ڇڪجڻ لڳو. هڪ طبقو جيڪو منافعو ٺاهڻ تي ٻڌل هجي، ان جا ميمبر مسلسل رشوت ۽ بدعنوانيءَ جي لالچ جو شڪار رهيا. فقط سخت قدمن سان ئي وچولي طبقي کي فتح جي رستي تي قائم رکي سگهجي پيو رابس پيري جي خيال ۾ هي سماج جي هڪ نئين صورت لاءِ وڙهيو پئي، جنهن ۾ وچولي طبقي جي لازم قدرن کي حقيقي جامو پهرائڻو هو. هن انهيءَ احساس کي 'نيڪي' واري پنهنجي مقصد جي صورت ۾ اظهاريو پر هي اهو مقصد خود وچولي طبقي کي ضابطي هيٺ آڻڻ ۾ ڪڍهن ڪڍهن سختيءَ سان منهن ڏيڻ کانسواءِ حاصل نه پئي ڪري سگهيو. جيئن هن 1794ع جي فيبروريءَ ۾ ڳالهه ڪئي ته 'نيڪيءَ کانسواءِ دهشت بيڪار آهي، دهشت کانسواءِ نيڪي بي وس آهي.'

هيو ته دهشت رياست کي انقلابي احساس ۽ عمل جو مرڪز بڻايو. رياست ڪاريگر ۽ واپاري عوام کي ان رستي تان ٿيڙي ڇڏيو جيڪو وچولي طبقي لاءِ خطرن سان پريل هو. اهو گس انقلاب جون واڳون تيزيءَ سان هيٺين طبقي جي هٿن ۾ ڏيڻ پئي ويو. جيڪڏهن ڪاريگر ۽ ننڍا واپاري پنهنجو پاڻ خاطر ڳالهائڻ ۽ عمل ڪرڻ بدران رياستي گلوٽين کي ڪم ڪندي ڏسي، ڪارمارنول تي جهوميا پئي ته اهو عمل وچولي طبقي جي سياستدانن لاءِ وڌيڪ بهتر هو. دهشت فقط انقلاب جو دفاع ڪرڻ لاءِ ڪم نه آئي، پر اُها هڪ طريقي جي علامت بڻجي وئي، جنهن ۾ هڪ سياسي گروهه عوام ۽ بورجوازي مفاهمتي عنصرن جي وچ ۾ توازن رکندي، رياست جي مرڪزيت کي سگهارو ڪري رهيو هو.

1794ع جي بهار تائين رابس پيري جي چوڌاري فقط جيڪبنس جو راج هو. هنن پئرس ۾ عوامي تنظيمن جي تڏا ويڙهه. ڪميون مان ماڻهن کي نيڪالي ڏئي ڇڏي، سيڪشنن کي برطرف ڪري ڇڏيو. ڪمشنرن، جيڪي کاڌي جي ذخيري اندوزي جي جاچ پڙتال ڪندا هئا، تن جو خاتمو ڪري ڇڏيو. حڪومتي اختيار ڪڏهن به بظاهر چند ماڻهن جي هڪ متحد گروهه جي هٿن ۾ مرڪزي صورت ۾ ائين نه رهيو هوندو. جنهن کي هاڻي ڪاٻا ۽ ساڃا ڏڙا وڪوڙي نه پئي سگهيا. پر اهڙو مرڪزيت تي ٻڌل اختيار فقط وڌيڪ طاقت جي زور تي پنهنجو گس ٺاهي سگهيو پئي. جيئن سوبول (Soboul) سمجهاڻي ڏئي ٿو.

هن مهل تائين دهشت...... انقلاب جي دشمنن خلاف استعمال ٿيندي رهي، پر هاڻي

ان جي دائري کي وڌائي انهن ماڻهن کي شامل ڪيو ويو جن حڪومتي ڪميٽين جي مخالفت ڪئي. ان طريقي سان ڪميٽين سياسي زندگيءَ تي پنهنجي گرفت مضبوط ڪرڻ لاءِ دهشت کي استعمال ڪيو.[45]

دهشت جي مرڪزيت اُن جي پنهنجي متحرڪ سگهه کي پيدا ڪيو. جيڪبن جي مرڪزي حصي محسوس ڪرڻ شروع ڪيو تہ جيڪو بہ ساڻن گڏ ناهي، اهو سندن دشمن آهي. سندن اهو احساس جزوي طور تي واجبي هو. سندن پنهنجي وچولي طبقي منجهہ هنن ڏانهن دشمني وڌڻ لڳي، ڇاڪاڻ تہ هنن اُن جي آزادين تي پابنديون نرم ڪري ڇڏيون ۽ روڪس ۽ هيبرٽ جي sans-culottes پوئلڳن مان گهڻا دشمن ٿي پيا. ان دشمنيءَ کي دهشت سان منهن ڏيڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو جيڪبن مرڪز ويتر اڪيلو ٿي پيو پر دهشت کي روڪڻ جي معنيٰ جيڪبن کان بدلو وٺڻ جي خواهشمندن کي ڇوٽ ڏيڻ هئي.

رابس پيري ان ڳالهہ تي ٻڌتر ۾ هو تہ ٿا ڪجي. هن مخصوص صوبن ۾ دهشت کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. مثال طور هن اُن ماڻهوءَ کي واپس پئرس ڏانهن سڏايو جيڪو نانتيس ۾ ماڻهن کي ٻوڙڻ واري واقعي جو ذميوار هو پر پوءِ 1794ع جي مئي ۾ هن پئرس ۾ وڏي پيماني تي دهشت جي استعمال جي اجازت ڏني. جنهنڪري ايندڙ ٽن مهينن ۾ اٽڪل 1400ماڻهو ماريا ويا. جيترا گذريل سال موت جي منهن ۾ وڌا ويا هئا. پهرين پيرو جوابدارن کي دفاع جو حق ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويو. جج 'اخلاقي گناهہ' تي پڻ سزائون ڏئي سگهيا پئي ۽ جن ماڻهن جا هڪبئي سان ڪي بہ لاڳاپا نہ هئا، تن مٿان ٽولن جي صورت ۾ مقدما هلايا ويا. جواز اهو پيش ڪيو ويو تہ مٿان اُنهن گڏجي جيلن ۾ 'سازش' ڪئي هجي. انهيءَ وقت آمريڪي انقلاب جو عظيم رسالي نويس ۽ برطانوي عوامي سُڌارپسنديءَ جي خيالن پرچار ڪندڙ ٿام پيني ذري گهٽ موت جي سزا کان بچي ويو. هن جو ڏوهہ اهو هو تہ هي هڪ 'پرڏيهي' هو جنهن جا ڪجهہ گروندنس سان دوستاڻا لاڳاپا هئا (جيئن ساڳئي معاملي ۾ ماضيءَ ۾ جيڪبن قيادت جي اڪثريت جا هئا).

ٿرميدور ۽ پوءِ

جيڪبن طريقا ڪامياب ٿيا. 1794ع جي اونهاري تائين انقلابي فوج پنهنجو پاڻ کي بهترين ويڙهاڪ قوت طور ظاهر ڪيو جيڪا شايد ئي ڪڏهن يورپ ڏٺي هجي. صوبن ۾ بغاوتن کي ڪچليو ويو برسلز تي فرينچ فوج جو قبضو هو ۽ اُها اتر طرف پئي وڌي ۽ جمهوريہ بيشڪ 'هڪ ۽ ناقابل ورڇ' قوت طور ٿي لڳي. تنهن هوندي بہ انهن سوبن جيڪبنس لاءِ ناقابل عبور وِس کان ٻاهر مسئلو پيدا ڪيو. اُنهن ڪاهي ۽ ساڃي ڏر کي توازن ۾ رکي، پنهنجو پاڻ کي مٿي چاڙهيو هو. انهيءَ عمل دوران هنن پنهنجي طبقي

جي سيڪشنن خلاف انتهائي سخت قدم کنيا. چاڪاڻ تہ ڪجھ مهينا اڳ وچولي طبقي جي وڏن حلقن کي ڪو بہ متبادل نظر نہ پئي آيو. اهوئي ڪارڻ هو جو هر مهيني ڪانپوءِ ڪنوينشن ڪميٽي آف پبلڪ سيفٽيءَ جي اختيارين کي وري تازو ڪرڻ لاءِ ووٽ ڏنو هو پر ملندڙ سوين ان احساس کي زور وٺايو تہ هاڻي آمراڻي راج جي وڌيڪ ضرورت ناهي رهي.

رابس پيري گذريل مهينن ۾ ڪيترائي دشمن ناهيا هئا. جن ۾ ڊانٽن جا 'دادلا' همدرد، قاصد (emissaries) جن کي طاقت جي استعمال لاءِ صوبن مان واپس گهرايو ويو هو هيبرٽ جا اڳوڻا اتحادي ۽ اُهي جن ڪڏهن بہ گروندنس سان سچ پچ تعلق نہ ٽوڙيو هو پر اها ڳالھ چوڻ کان ڊنا پئي، سي رابس پيري جي دشمنن جي فهرست ۾ شامل هئا. 1794ع جي 27 جولاءِ تي ڪنوينشن ۾ هڪ بحث دوران هنن گڏجي رابس پيريءَ تي حملو ڪيو. هڪ وفد اها ڳالھ ڪئي تہ هن ۽ سندس اتحادين خلاف گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ڪيا وڃن ۽ ڪنوينشن متفقہ طور تي ان جي حق ۾ ووٽ ڏنو.

جيڪبنس پنهنجو پاڻ کي بچائڻ جي آخري ڪوشش ڪندي، عوام کي انقلابي journee ۾ اٿي ڪڙو ٿيڻ جو سڏ ڏنو پر هنن پنهنجو پاڻ ڪميٽين کي برطرف ڪري ڇڏيو هو ۽ سينس ڪلوٽيس اخبارن تي بندش وجهي ڇڏي هئي، جيڪي اهڙيءَ بغاوت کي منظم ڪري سگهيون پئي. هنن (جيڪبنس) ڪاڏ خوراڪ ۾ ذخيري اندوزيءَ تان بندش هٽائي ڇڏي هئي ۽ فقط چار ڏينهن اڳ وڏ ۾ وڏ اُجرتي اگھ شايع ڪيا هئا. جنهن جي معنيٰ ڪيترن ڪاريگرن لاءِ آمدنيءَ ۾ ڪٽوتي هئي. پئرس جي 48 سيڪشنن مان فقط 16 بغاوت جي ڪوشش جو ساٿ ڏيڻ لاءِ فوج اماڻي ۽ اُهي بہ ڪيترن ڪلاڪن تائين بغير ڪنهن قيادت جي بيٺا رهيا ۽ پوءِ ڇڙوڇڙ ٿي ويا. رابس پيري ۽ سندس 21 اتحادين کي 28 جولاءِ تي موت جي سزا ڏني وئي ۽ ٻئي ڏينهن تي 71 ڄڻن بين کي. اهو انقلاب جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏو تعداد هو.

رابس پيري ڪنوينشن ۾ وڏي آواز سان رڙ ڪئي تہ 'جمهوريہ وڃايل مقصد آهي- هاڻي رهزن فاتح ٿيا آهن.' ان حوالي سان هي بلڪل دُرست هو تہ گذريل پنجن سالن جي عظيم تحريڪ پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهچي چڪي هئي. جمهوريہ جي انقلابي ڪيلينڊر جي مهيني ٿرميڊور ۾ رابس پيريءَ کي هٽايو ويو. مهيني جو اهو نالو اندروني رد_انقلاب جي سڃاڻپ بڻجي ويو.

هن کي هٽائيندڙ اتحادي گهڻو وقت اقتدار ۾ نہ رهي سگهيا. پوين مهينن ۾ ڏنو ويو تہ جن انقلاب سان نفرت ڪئي پئي، تن کي نئون اعتماد مليو. امير بدمعاش نوجوانن جي گروهن "سونهري نوجوان" پئرس جي گهٽين ۾ قبضا ڪرڻ شروع ڪيا. هر اُن ماڻهوءَ تي حملا ڪيائون، جن انقلابي آدرشن جو دفاع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي يا سندن 'معززن' لاءِ احترام جو اظهار نہ ڪيو. سندن هجوم جيڪبن ڪلب کي زبردستي

بند ڪرائي ڇڏيو. ووٽ لاءِ نون ملڪيتي شرطن ۾ هڪ آئيني ترميم آندي وئي. 'اڇي دهشت' اگوڻن انقلابين کي موت جون سزائون ڏيارڻ جو هڪ سلسلو شروع ڪيو ۽ ٻين ڪيترن ماڻهن کي ايذايو. 1795ع جي اپريل ۽ مئي ۾ ڪاريگرن ۽ واپارين جي ٻن مختصر بغاوتن ڏيکاريو ته غريبن کي موقعو ملي ته اُهي ڪنهن jeunesse doree (سونهري نوجوانن جي ٽولي) کان وڌيڪ آهن. پر هنن کي ٿرميڊورين جي وفادار فوجن ڪچلي ڇڏيو. مهاجرن پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽڻ شروع ڪيو ۽ ٻاڙون هنيون ته خانداني بادشاهت جلدئي واپس ايندي. تخت جي ننڍي دعويدار مستقبل جي لوئس ارڙهين جلاوطنيءَ ۾ هوندي چيو ته پراڻي حڪومت، ٽن ايسٽيٽس سان، واپس آڻڻ چاهي ٿو ۽ ٿرميڊورين سميت اُنهن سڀني کي سزا ڏيندو جن انقلاب ۾ حصو ورتو. پوءِ 1795ع جي آڪٽوبر ۾ شاهه پرستن پئرس ۾ بغاوت ڪئي. ڊنل ٿرميڊورين جيڪبنس کي ٻيهر هٿياربند ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڪاريگرن ۽ واپارين کي مدد لاءِ سڏايو. ان کان اڳ جو فوج ۽ خاص طور تي ايرنڊڙ آفيسر ڪنهن دور جو جيڪبن نيپولين بوناپارٽ مدد لاءِ اچي، مڪمل خونريزه بادشاهت جي بحاليءَ کان ڊنل ٿرميڊورين پنجن ڄڻن جي ڊائريڪٽريءَ جي هٿن ۾ اختيار ڏيڻ تي راضي ٿيا. چئن سالن تائين ڊائريڪٽري ڪڏهن هيڏانهن ته ڪڏهن هوڏانهن ڏڪجندي رهي ۽ ائين سمورو وقت نيپولين کي وڌ کان وڌ اختيار ملندا رهيا. نيپولين جا بنياد فوج ۾ هئا، ان ڪري ڪيس شاهه پرستن ۽ ٻي عوامي جيڪبن ازم جي ٻيهر جنم خلاف هڪ مضبوط قلعو ملي ويو. 1799ع ۾ نيپولين اقتدار تي قبضو ڪري ورتو. جنهن هن کي عملي طور تي آمراڻي طاقت ڏني. 1804ع ۾ پوپ هن کي شهنشاهه جو تاج پهرايو. هن ڪجهه اگوڻن جيڪبنس ۽ ڪجهه اشرافيا، جيڪا جلاوطنيءَ مان واپس آئي هئي، ٻنهي جي مدد سان حڪمراني ڪئي. نيٺ 1814ع ۽ 1815ع ۾ هن جي فوجن کي شڪست ملي ۽ ٻين يورپي طاقتن کي فرانس جي شاهي خاندان بوربن جي بادشاهت کي ٻيهر بحال ڪرڻ جي اجازت ملي. ائين رابس پيري جو ڏنل آخري چتاءُ درست ثابت ٿيو.

تنهن هوندي به رابس پيري ٻن حوالن کان غلط هو. 1794ع ۾ ٿرميڊور کانپوءِ انقلاب پڄاڻيءَ تي پهتو پر انقلاب جون آندل ڪيتريون تبديليون برقرار رهيون. نيپولين جي حاڪميت انهن تبديلين مان گهڻن کي مضبوط ڪرڻ وارن بنيادن تي اڏي وئي: جاگيرداري ادائگين جو خاتمو ٿيو آزاد هارپ پيدا ٿي، اندروني محصول چوڪيون ختم ٿيون، هڪجهڙي قومي انتظاميا جي تخليق ٿي، سڀني کان وڌي ڳالهه ته حڪومتي پاليسي شاهي يا اشرافيا جي مقصدن بدران بورجوازي مقصدن جي روشنيءَ ۾ تعين ڪئي وئي. نيپولين جي فوج ڪجهه وقت لاءِ ڳچ يورپ کي فتح ڪري سگهي ٿي چاڪاڻ ته اها پراڻي حڪومتي سرشتي واري فوج نه هئي، پر اها فوج انقلاب، خاص طور تي جيڪبن عرصي دوران منظم ڪئي وئي هئي. ان جا بهترين جنرل انقلابي دور ۾ صلاحيت

جي بنياد تي وڏن عهدن تائين پهتا هئا. ايتريقدر جو نيپولين پنهنجي پوليس هلائڻ لاءِ هڪ اڳوڻي جيڪبن 'دهشتگرد' تي ڀاڙيو.

هن ڪان اڳ ڏج، انگلش ۽ آمريڪي انقلابن وانگر فرينچ انقلاب کي مڪمل طور تي مارڪيٽ تي ٻڌل معاشري ڏانهن وڌڻ لاءِ ماضيءَ طرفان ورثي ۾ مليل وڏين رڪاٽن کي عبور ڪرڻو هو. 94_1792ع جي واقعن ڪانپوءِ اهڙو ڪوبه گس نه هو جنهن سان اشرافيا ردعمل ڪري، اُن کي ٻيهر ٺاهي سگهي.

20 سالن ڪانپوءِ انقلاب ڏانهن پوئتي نيهاريندي ناول نگار اسٽينڌهال تجزيو ڪيو ته 'دُنيا جي تاريخ جي 2 هزار سالن دوران روايتن، خيالن ۽ عقيدن ۾ ايترو تڪو انقلاب اڳ ۾ ڪڏهن نه ٿيو.'[46] انقلابي شايد هارائجي ويا پر انقلاب جو ڪجھ ورثو جديد دنيا کي صورت ڏيڻ لاءِ سلامت رهيو.

هڪ ٻئي حوالي سان به رابس پيري غلط هو. ڇاڪاڻ ته انقلاب ۾ فقط وچولي طبقي جي سياسي گروهن جو اُپار شامل نه هو. هر هڪ ڏر پاڻ کان اڳ واري کان وڌيڪ انقلابي هئي. يقينن انقلاب شهرن ۽ ٻهراڙيءَ ۾ لکين ماڻهن کي سياسي زندگيءَ جو حصو بڻايو. جن کي ان کان اڳ ڪڏهن به تاريخ کي ٺاهڻ جو موقعو نه مليو هو. اُنهن پنهنجن مفادن لاءِ وڙهڻ سکيو هو ۽ هڪٻئي کي دليل ڏنا هئا ته اُهي مفاد ڪهڙا آهن. هارين جن 1789ع ۽ 1792ع ۾ نوابن جا خوبصورت قلعا ساڙي ڇڏيا هئا. تن وري بعد واري حڪومت کي پنهنجون زمينون موٽائي نه ڏنيون. پئرس ۽ ٻين شهرن ۾ هيٺيان طبقا پنهنجن مفادن لاءِ اُٿي وڙهيا هئا. ان پيماني تي ان کان اڳ تاريخ ۾ ڪڏهن به نه ٿيو ۽ وري 1830ع، 1848ع ۽ 1871ع توڙي 1936ع ۽ 1968ع ۾ ساڳيو ڪم ٿيو.

انقلاب بابت لکيل تاريخي داستان جيڪي بلڪل درست نمونې ڏسن ٿا ته دنيا جي تاريخ تي انقلاب جا مجموعي اثر ڪهڙا ٿيا. پر جڏهن بنيادي حقيقتن، سوڙهين گهٽين ۽ پئرس جي غريب ترين علائقن ۾ هڪٻئي مٿان سٽيلن عوام سان ڇا ٿيو جهڙا معاملا اچن ٿا ته انهن جي اهميت کي سدائين گهٽايو وڃي ٿو. اِتي ئي ماڻهن مرات ۽ هيبرٽ جون لکيون پڙهيون ۽ هڪٻئي کي دليل ڏنا. اِتي ئي ماڻهن پنهنجي سيڪشن گڏجاڻين ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ گذاريا. اِتي ئي اناج جو ذخيرو ڪندڙن کي پڪڙيو ويو ۽ شاهي ايجنٽن جي ڳولا ڪئي وئي. اِتي ئي نيزا تڪا ڪيا ويا ۽ باسٽائيل ڏانهن مارچ ٿيو. اِتي ئي بغاوتون ڪيون ويون، جن گرونڊنس هٿان آئيني بادشاهت ۽ جيڪبنس هٿان گرونڊنس جي جاءِ والاري. ۽ هزارن جي تعداد ۾ رضاڪار محاذ تي ويا يا ٻهراڙيءَ ۾ انقلاب پکيڙڻ لاءِ ويا.

شهرن ۾ عوامي تحريڪن جون حدون ٿينديون آهن. اُهي ان وقت جي فرينچ سماج جي ڍانچي مان اُسريون. شهري عوام جي وڏي اڪثريت اڃان تائين ننڍن ڪارخانن ۾ ڪم ڪيو پئي، جتي مالڪ ۽ سندس خاندان سان گڏوگڏ ڪجھ ملازمن ڪم پئي

ڪيو جن جي معيار زندگي اُنهن کان گهٽي مختلف نہ هئي. اُهي گهڻين ۾ گڏجي نڪتا يا سيڪشن اسيمبلين ۽ ڪلبن ۾ گڏجي آيا، پر اُهي هڪبئي سان پيداواري عمل ۾ هڪ جسم وانگر ڳنڍيل نہ هئا جتي سندن گهڻو وقت خرچ ٿيندو هو. سندن آدرش پيءُ جي ماتحت انفرادي خانداني ايڪي کي قائم رکڻ هو نہ ڪي سماج جي اجتماعي طور تي نئين سر تنظيم سازي هئي. اُهي نوابن خلاف اٿي کڙا ٿيا، جن ماضيءَ ۾ سندن تذليل ڪئي هئي ۽ ذخيرو ڪندڙ جن کين بُکن ۾ پاهہ ٿيندي ڏٺو پئي، انهن خلاف اٿاهہ جرئت ۽ جدت جو مظاهرو ڪيائون. جيئن انقلاب جي تاريخ نويسن ڪروپاٽڪن ۽ گورين[47] (Guerin) ڏيکاريو آهي. جڏهن هنن بغاوت ڪئي تہ ڪيترائي پنهنجا تعصب اڇلائڻ شروع ڪيائون، جيئن ڪيترن احتجاجن ۾ عورتن طرفان ادا ڪيل مهڙ واري ڪردار ڪجهہ انقلابين طرفان عورتن کي ووٽ جي اهل بنائڻ واري سڏ ۽ انقلابي عورتن جي ڪلبن ٺهڻ سان ظاهر ٿيو تنهن هوندي بہ 94_1793ع ڌاري انقلاب جي عظيم بحران دوران کين پنهنجو پروگرام اڳيان آڻڻ ڏکيو پئي لڳو جيڪو فتح ڏانهن وٺي وڃي سگهي.

جيئن البرٽ سوبئل ڏيکاريو آهي تہ سندن زندگيءَ جي حالت اهڙي هئي جو اُهي جيڪبنس کي ضروري انقلابي قدم کڻڻ لاءِ زور پري سگهيا، پر اُهي پنهنجو طبقاتي ردعمل ۽ هڪ اجتماعي پروگرام ترتيب نہ ڏئي سگهيا جيڪو سندن انقلاب جي مسئلن کي حل ڪري سگهي. اُهي وڏ کان وڏ قيمتن لاءِ وڙهي سگهيا، پر سندن حالت اهڙي نہ هئي، جو فيصلاڪن پيداواري عمل هٿن ۾ کڻن. ايتريقدر جو دهشت لاءِ سندن تيزي ۽ آرزو سندن ڪمزوريءَ جي علامت هئي. هنن کي ان ڳالهہ تي ڌيان ڏيڻو پيو تہ، بين ماڻهن هٿان انقلاب کي نقصان پهچائڻ کان روڪين، چاڪاڻ تہ اُهي سڌيءَ ريت پنهنجي تقدير مٿان اجتماعي ڪنٽرول نہ پئي ماڻي سگهيا.

تنهن هوندي بہ جيترو ڪم ڊانٽن جي اتساهيندڙ لفظن يا رابس پيري جي فولادي قوت ارادي ڪيو اوترو ئي سندن عمل ۽ پيش قدمي هئي جنهن فرانس ۾ پراڻي نظام کي اونڌو ڪري ڇڏيو سڄي يورپ ۽ اُن کان ٻاهر دنيا جهان کي ايندڙ صدي تائين جوش ڏياريو يا ڊيڄاريو. عوامي تحريڪ کي ڪچلڻ کانپوءِ ٻابيوف (جنهن کي 1796ع ۾ موت جي سزا ڏني وئي) جي چوڌاري انهن منجهان انقلابين جو هڪ گروهہ `Gracchus` پيدا ٿيو ان طرفان سماجي ۽ اقتصادي برابريءَ تي ڏنل زور 19 ۽ 20 هين صديءَ جي سماجواد تحريڪن لاءِ بنياد رکڻ ۾ مدد ڪئي.

باب ٽيون

فرانس کان ٻاهر جيڪبن ازم

1792ع جي گروندن جي اڳواڻيءَ واري ڪنوينشن ۾ اهو واعدو ڪيو ويو ته ’انهن سڀني ماڻهن جي مدد ۾ خدمت ڪئي ويندي، جيڪي پنهنجي آزاديءَ جي بحالي چاهين ٿا.‘ جنگ جنهن لاءِ برسوٽ يورپ جي خانداني بادشاهتن خلاف هجڻ جو اعلان ڪيو سا هن جي دعويٰ مطابق فتح ڪرڻ واري پراڻي طرز جي جنگ نه، پر آزاديءَ جي ويڙهه هئي. يقينن فرانس کان ٻاهر ڪيترائي ماڻهو ڪنهن به انقلابي پيش رفت لاءِ خوشي سان تيار ٿيو ويٺا هئا:

هيءَ هڪ شاندار ذهني صبح هو. سڀني سوچيندڙ وجودن انهيءَ دور کي جشن طور پئي ملهايو. اعليٰ ڪردار وارن جذبن ماڻهن جي دماغن ۾ هلچل پيدا ڪئي، هڪ روحاني احساس سڄيءَ دنيا ۾ ٿرٿلو وجهي ڇڏيو.[48]

انهن لفظن ۾ جهوني جرمن فلسفي هيگل فرانس ۾ ٿيل واقعن جو سڄي دنيا تي ٿيل اثر کي بيان ڪيو. هن جي يادگيري ساڻس اتڪلون نه پئي ڪيون. انقلاب جي پيغام کي هر هنڌ پڙاڏو مليو ۽ روشن خياليءَ ماڻهن تي پنهنجو اثر ڇڏيو.

باسٽائيل جي قلعي کي فتح ڪرڻ واري واقعي انگريز شاعر ورڊس ورٿ، سوٿي ۽ ڪالريج ۾ ولولو پيدا ڪيو. ڪالريج لکيو ته ’انسانذات جي دل منجهان، هڪ مڪمل خدائي وانگر اميد جو جنم ٿيو.‘ شاعر وليم بليڪ هڪ سپاهيءَ سان انقلابي اصولن جي دفاع ۾ دليل ڏيندي ذري گهٽ گرفتار ٿيڻ وارو هو. بانيڪار ڪميادان جوزف پريسٽليءَ جي گهر تي شاهه پرست هجوم هٿان حملو ڪيو ويو. جرمن فلسفي ڪانٽ ۽ Fitche، نوجوان هيگل جيترا ئي پُرجوش هئا. ايتريقدر جو ٿرميڊور کانپوءِ ڪانٽ چئي سگهيو ته ’جيڪبنس جون غلطيون ماضيءَ جي ظالمن جي پيٽ ۾ ڪجهه به ناهن.‘[49]

بيٿوين انقلابي گيتن جي ڌُنن کي پنهنجي موسيقيءَ ۾ سمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي ٽئين عظيم سُرَ جي ميلاپ، اروئڪا ۾ انقلابي فوج جي جذبي کي صورت ڏنائين (جيتوڻيڪ هن نيپولين ڏانهن پنهنجي ارپنا کي ختم ڪري ڇڏيو جڏهن اُن پنهنجو پاڻ کي شهنشاهه سڏايو). آئرلينڊ کان، بيلفاسٽ وچولي طبقي جي وولف ٽون ۽ لارڊ ايڊورڊ فزگرالڊ، هڪ پراڻي اشرافيا خاندان جو ڀاتي، انقلابي حڪومت سان رابطو ڪرڻ لاءِ پئرس ويو. لاطيني آمريڪا ۾ ڪاراڪس کان 16 سالن جي سائمن بوليور پڻ هڪ

اشرافيا خاندان مان هو. تنهن 1799ع ۾ پاناما ۾ اسپيني وائسراءِ کي انقلاب جي دفاع ۾ دليل ڏنا. جڏهن تہ هڪ ميڪسيڪن پادري مگيول هڊالگو تنهن جوز ماريا مورلوس جهڙن شاگردن کي انقلاب جي آدرش جا سبق ڏنا.

انقلاب بندوق جي نوڪ تي

انهيءَ جوش ۽ ولولي جي معنيٰ تہ اڳتي وڌندڙ فرينچ فوجون، جڏهن سرحدون پار ڪري بيلجيم، هالينڊ، اترئين اٽليءَ ۽ ڏاکڻي جرمنيءَ ۾ داخل ٿيون تہ کين ڪيترائي مقامي اتحادي مليا. بادشاهي يا چند سيٺين جي حڪومتن جي مخالف وچولي طبقي پنهنجو پاڻ کي ’جيڪبنس‘ سڏيو ۽ ايتريقدر جو جيڪبنس جي شڪست کانپوءِ اهوئي اصطلاح انقلابي قوتن جي حمايتن لاءِ عام نالو بڻجي پيو. جڏهن بہ فرينچ فوج اڳتي وڌي، انهن قوتن ان سان گڏجي ڪم ڪري اُهي ئي سُڌارا مٿان کان لاڳو ڪيا جيڪي فرانس ۾ هنن هيٺان کان عمل ۾ آندا هئا. مثال طور پانهپ ۽ جاگيرداري ادائگين جو خاتمو چرچ ۽ رياست جي عليحدگي، چرچ جي زمين جي ضبطگي، اندروني محصولي چوڪين جو خاتمو ۽ گهٽ يا وڌ جمهوري اسيمبلين جو قيام وغيره. پر جلدئي مسئلا پيدا ٿيڻ شروع ٿيا.

بروسٽ خلاف رابس پيريءَ جي دليلن مان هڪ دليل اهو هو تہ ٻين ملڪن جو عوام پرڏيهي حملي آورن جي آجيان نہ ڪندو پلي پوءِ اُن جا ارادا ڪيڏا بہ ڀلا چو نہ هجن. ڪيترن دانشورن ۽ وچولي طبقي جي ڪجهہ حلقن جي ابتدائي جوش جذبي باوجود هن جي ڳالهہ جلدئي دُرست ثابت ٿي. فاتح فرينچ فوج پنهنجو پاڻ کي ڦرلٽ ۽ مفتوح علائقن مٿان ڏن مڙهڻ ذريعي ئي برقرار رکي سگهي. جنگ جيڪا آزاديءَ لاءِ شروع ٿي سا هڪ سخت ڇڪتاڻ واري دور مان لنگهي، انقلابي دفاع جي جنگ ۽ پوءِ آخر ۾ سامراجي فتح جي جنگ ٿي پيئي. نيپولين بيلجيم، سيواءِ ۽ رائن جي ڏکڻ ۾ جرمن ننڍڙين رياستن کي پنهنجي حڪومت سان گڏائي ۽ اٽليءَ، ويسٽ فاليا، هالينڊ ۽ اسپين ۾ بادشاهن جي جمهوري اسيمبلين جي جاءِ تي پنهنجن پائرن کي بادشاهہ طور ٿاڦي، پنهنجي منطقي انجام تي پهتو.

ايتريقدر جو نيپولين جي اڳواڻيءَ هيٺ فرينچ فوج جاگيرداريت جي باقيات کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو ۽ ڪن جاين تي گهٽ ۾ گهٽ سرمائيداري پيداوار جي ترقيءَ لاءِ ميدان تيار ڪيو پر ڪاريگرن ۽ ننڍن واپارين ۽ هارين جي بغاوتن جن فرانس ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪيو تن ڪانسواءِ مقامي اتحادين جا عوام جي اڪثريت منجهہ ڪي ٺوس بنياد نہ هئا. هارين ۽ شهري هيٺين طبقن کي فرينچ قبضي مان ڪجهہ حاصل نہ ٿيو نہ ئي کين نيئن نظام کان واقف ڪرايو ويو موڙهو فرانس کي ڏن ادا ڪرڻ ۽ فرينچ فوج جي سارسنڀال لاءِ گهربل خرچن، پراڻين جاگيرداري ادائگين جيترو بار

وڏائي ڇڏيو. جڏهن بہ فرينچ فوج واپس ٿيڻ تي مجبور ٿي تہ اُتي مقامي 'جيڪبنس' جي حالت بدتر ٿي وئي.

14_1812ع ۾ هر هنڌ ائين ئي ٿيو. نيپولين پنهنجي ڀاءُ کي اسپيني تخت تي ويهارڻ ۽ اتر يورپي صاف ميدان پار ڪري ماسڪو ڏانهن مارچ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، ٻن محاذن تي پنهنجي سلطنت کي سهپ کان وڌيڪ ڪشادو ڪري ڇڏيو. اها تباهہ ڪندڙ حڪمت عملي هئي. هن جي فوجن ميڊرڊ ۾ هڪ عوامي بغاوت کي دٻائي ورتو پر تڏهن کان وٺي گوريلا ويڙهاڪن سندن متيون منجهائي ڇڏيون. ڇاڪاڻ تہ کين ويلنگٽن جي اڳواڻيءَ ۾ برطانوي فوجن جي حمايت حاصل هئي. ان دوران خالي ماسڪو تي ڪيل قبضي هڪ بربادي آندي، ڇاڪاڻ تہ دشمن فوجن ۽ سخت سياري جي حالتن هن جي هڪ هزار ميل ڊگهي رسد وارين قطارن کي تباهہ ڪري ڇڏيو. قبضي هيٺ آيل علائقن ۾ فرينچ فوجون ايتريون تہ غيرمقبول هيون جو اسپيني ۽ پرشين آزاد خيال ماڻهن بادشاهي فوجن سان اتحاد ڪري، اُنهن کي تڙي ڪڍي ڇڏيو. انهيءَ ويڙهہ کي 'قومي آزاديءَ' جون جنگيون چيو وڃي ٿو. جن سان بعد ۾ فاتح بادشاهن دغا ڪئي ۽ ماڻهن جي زندگيءَ کي ظلم ۽ زيادتيءَ جي گهاڻي ۾ وجهي ڇڏيو جنهن جو اظهار گويا جي 'اونداهي دور' وارين تصويرن ۾ ٿيو.

نيپولين جي شڪست (يا هن جي ٻن شڪستن، واٽرلو وٽ هارائڻ کان اڳ هن 1815ع ۾ حيران ڪندڙ نموني 100 ڏينهن ۾ ماسڪو کان واپسي ڪئي) بادشاهن، شهزادن ۽ نوابن کي واپس موٽڻ جي اجازت ڏني. هنن هڪ عجيب پُراسرار اڌ_دُنيا تخليق ڪئي، جنهن ۾ 18 هين صديءَ جا پراڻا مٿيان ڍانچا سماجي ڍانچن تي مڙهيا ويا جيڪي گهٽ ۾ گهٽ فرانس، اتر اٽليءَ ۽ اولهہ جرمنيءَ ۾ بدلجي چڪا هئا. انهيءَ دنيا جي صورتحال کي (نيپولين جي فوج ۾ رسد جي اڳوڻي منتظم) اسٽينڌال جي The Red & the Black ۽ The Charterhouse of Parma ناولن توڙي اليگزينڊر ڊوماس (جنهن جو پيءُ، هڪ ڪاري چمڙيءَ واري غلام جو پُٽ، نيپولين جي اڳواڻيءَ هيٺ فوج ۾ جنرل هو) جي ناول The Count of Monte Cristo ۾ ڏاڍو سُهڻي نموني چٽيو ويو آهي.

برطانيا، هڪ روايت جو جنم

اهو فقط يورپ کنڊ نہ هو جنهن جي سياسي زندگيءَ تي انتهائي گهرا اثر ٿيا. ان جو برطانيا تي ڏاڍو اثر ٿيو. بورجوازيءَ جي سڀ کان اهم حلقن 1789ع کان اڳ سياسي معاملن ۾ نمايان ڪردار حاصل ڪري ورتو هو ۽ هنن کي انقلاب آڻڻ جو ڪو جواز نہ نظر آيو پر فرانس جي واقعن شهرن ۽ قصبن ۾ تيزيءَ سان وڌندڙ ڪاريگرن، دستڪارن ۽ ننڍن دُڪاندارن ۽ انهن سان گڏ ڪارخانن جي نون صنعتي مزدورن، عوام جي وڏن حلقن ۾ ولولو پيدا ڪيو ۽ کين متحرڪ ڪيو.

ٿامر پيني طرفان انقلاب جي دفاع ۾ برطانيا ۾ ساڳين آئيني اصولن جي ڳالهه ڪندڙ ’انسانن جا حق‘ جون هڪ لک ڪاپيون وڪرو ٿيون. 1791ع جي پڇاڙيءَ ۾ شيفيلڊ ۾ ’پنج يا ڇهه مستري ...... شين جي وڌيل قيمتن‘ توڙي حڪومت ۾ بدعنوانيءَ بابت گفتگو ڪن پيا. انهن سڀني لاءِ ووٽ ۽ ساليانى پارليامينٽ جي مقصد خاطر شيفيلڊ آئيني سوسائٽي جوڙي. 1792ع جي مارچ تائين ان جا 2 هزار مضبوط ميمبر هئا ۽ سرءَ ۾ والميءَ وٽ انقلابي فتح ڪانپوءِ گهٽيءَ ۾ ڇهه هزار ماڻهو گڏ ڪري جشن ملهايائون.[50] مانچسٽر، برمنگهم، ڪوينٽري ۽ نوروچ ۾ مختلف سطحن جي ڪاميابيءَ سان ساڳيون سوسائٽيز قائم ڪيون ويون.[51] 1792ع جي ابتدا ۾ موچي ٿامس هارڊي طرفان ٺاهيل لنڊن ڪرسپانڊنگ سوسائٽي وڏي ويجهي ۾ 48 ’ڊويزنن‘ (شاخن) ۾ پنج هزار ميمبر منظم ڪيا[52] ۽ صوبائي سوسائٽيز سان هڪ قومي ڄار قائم ڪيو.

تحريڪ ايڏي وڏي ٿي وئي، جو برطانوي حڪومت کي ڳڻتيءَ ورايو ڇاڪاڻ ته برطانيا 1792ع جي آخر ۾ فرينچ انقلاب خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ تياري ڪيو ويٺي هئي. برمنگهم ۾ مقامي شخصيتن اڳئي 1791ع ۾ باسٽائيل جي شڪست جو ڏهاڙو ملهائيندڙ سُڌارڪ پسندن جي دعوت تي حملي لاءِ هجوم کي پڙڪايو هو گهرن جي ڦرلٽ ڪين، گڏجاڻيءَ واريون جايون ساڙي ڇڏيون ۽ ماڻهن کي ڪيميادان جوزف پريسٽلي وانگر شهر مان ڌڪي ڇڏيائون.[53] هاڻي حڪومت قومي سطح تي جيڪبن-مخالف تحريڪ کي هٿي وٺرائي. جنگ جي قومپرست بخار کي تيزيءَ سان تيار ڪرڻ لاءِ هر هڪ علائقي ۾ وفادار سوسائٽيز ٺاهيون ويون.

جمهوري خيالن جي پرچار ڪرڻ جي ڪنهن به ڪوشش خلاف سخت وٺ پڪڙ پڻ ڪئي وئي. ٿامر پيني تي ’ماڻهوءَ جا حق‘ لاءِ غداريءَ جو الزام هنيو ويو ۽ ڪيس ملڪ ڇڏي ڀڄي وڃڻ تي مجبور ڪيو ويو. اسڪاٽش فرينڊز آف پيپل جي ٻن اڳواڻن نوجوان وڪيل ٿامس ميور ۽ انگريز وحدت پسنديءَ① جي پرچارڪ ٿامس پالمير کي هڪ بدنام زمانه هڪ طرفي مقدمي ڪانپوءِ ملڪ بدريءَ جي سزا ڏني وئي،[54] ڇاڪاڻ ته ’اسڪاٽش آئيني ڪنوينشن‘ لاءِ ٿي وفد هئا. ٿامس هارڊي ۽ ڊزن ٻين لنڊن جي اڳواڻن تي غداريءَ جو مقدمو هلايو ويو ۽ هارڊيءَ جي زال مري وئي، ڇاڪاڻ ته هڪ هجوم سندس گهر تي حملو ڪيو. جڏهن هڪ همدرد پنچات (جُوريءَ) جوابدارن کي آزاد ڪري ڇڏيو ته پارليامينٽ حبس بيجا واري قانون کي معطل ڪري ڇڏيو ته جيئن ڪارڪنن کي هڪ پنچات اڳيان پيش ٿيڻ کانسواءِ ٿي قيد ڪري سگهجي.

هڪ مخصوص مرحلي تي انگريز ۽ اسڪاٽش جيڪبنس جي تحريڪ کي شهري طبقن منجهه وڏي موٽ ملي. اُهي کلي عام گڏجاڻين ۾ هزارين ماڻهو ڪٺا ڪري

---

① ته مورتيءَ کي رد ڪندڙ ۽ عقيدي جي انفرادي آزاديءَ تي زور ڏيندڙ عيسائي اصول

سگهيا پئي ۽ بحريہ بغاوتن جي ڪجهہ اڳواڻن جن 1797ع ۾ برطانوي بحرّيہ کي ڏوڏي ڇڏيو سي واضح طور تي سندن خيالن جي اثر هيٺ اچي ويا هئا، پر وچولي طبقي جي اڪثريت موجوده منافعي بخش صورتحال جو دفاع ڪندي زميندار طبقي سان گڏجڻ لاءِ تيار هئي ۽ حڪومت کي تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ ڇوٽ ڏئي ڇڏيائون. 1790ع جي آخر تائين ڪنهن بہ ماڻهوءَ لاءِ انقلابي آدرشن لاءِ همدرديءَ جو اظهار ڪرڻ مشڪل ٿي چڪو هو.

تنهن هوندي بہ شيفيلڊ آئيني سوسائٽي، لنڊن ڪرسپانڊنگ سوسائٽي، اسڪاٽش فرينڊز آف پيپل ۽ ٻين جي تحريڪ جو هڪ اهم اثر ٿيو جيئن ايڊورڊ ٿامپسن پنهنجي ڪتاب The Making of the English Working Class ۾ ڏيکاريو ان هڪ روايت تخليق ڪرڻ ۾ مدد ڪئي جنهن جو 1815-48ع ۾ ڏاڍو اثر ٿيو.

آئرلينڊ جي جمهوري بغاوت

فرانس جي مثال جو سڌي ريت آئرلينڊ تي گهڻو اثر ٿيو جيڪا برطانيا جي سڀ کان پراڻي ڪالوني هئي، اُن هڪ انقلابي قومپرست روايت کي جنم ڏنو جيڪا اڄ ڏينهن تائين قائم آهي.

انگريز حڪومتن السٽير صوبي ۾ اصلوڪن ڪيٿولڪن کان کسيل زمين ۾ پروٽسٽنٽ هارين (گهڻو ڪري اسڪاٽ لينڊ جي) کي آباد ڪندي 1650ع ۾ مزاحمت کي دٻائڻ ڪانپوءِ هن بيٺ تي پنهنجي پڪڙ مضبوط ڪئي. انهن هاري آبادڪارن جا نسل مسلسل انهيءَ خوف هيٺ رهيا تہ هڪ ڪيٿولڪ بغاوت هٿان کين زمين مان تڙي ڪڍيو ويندو، جنهنڪري سندن ۽ اينگلو-آئرش وڏن زميندارن جا مفاد هڪجهڙا ٿي پيا. جيڪي پڻ پروٽسٽنٽ هئا. هنن کي برطانوي حڪومتن طرفان مڙهيل پاليسين کي للڪارڻ کان ديچاريو ويو تہ ان عمل سان بي زمين ڪيٿولڪن کي هٿي ملندي، 1770ع تائين ڊُبلن ۾ پروٽسٽنٽ پارليامينٽ هڪ ربڙ جي ٺپي طور ڪم ڪيو جنهن جون پاليسيون لنڊن ۾ ٺاهيون ويندڙيون رهيون.

ارڙهين صديءَ جي آخري حصي ۾ رويا بدلجڻ شروع ٿيا. آمريڪي آزاديءَ واري جنگ ڊُبلن پارليامينٽ کي اختيار وڌائڻ لاءِ طاقت ڏني، ڇاڪاڻ تہ برطانوي حڪومتن کي ڪنهن بہ فرينچ حملي کي روڪڻ لاءِ آئرش رضاڪار لشڪرن جي ضرورت هئي. هڪ عرصي لاءِ ائين پئي لڳو تہ آئرش پارليامينٽ آئرش زميندارن ۽ ڪاروباري ماڻهن جي مفادن ۾ ڪم ڪري سگهي ٿي، پر اِهي اُميدون جنگ جي ختم ٿيڻ سان ڌهي پيون ۽ خاص طور تي بيلفاسٽ جي وچولي طبقي جي ڪاروباري پروٽسٽنٽ حلقي منجهہ برطانيا خلاف ڪاوڙ ۽ نفرت ويتر وڌي وئي.

اِنهن جذبن ۾ فرينچ انقلاب جي ولولي ردعمل کي گڏائي ڇڏيو. رضاڪارن فوجي تربيت وٺڻ شروع ڪئي ۽ هڪ آئيني ڪنوينشن جو مطالبو ڪيائون. 1792ع ۾ 'بيلفاسٽ جو شهر، جمهوريت لاءِ ويڙهه ۾ سڀ کان اڳيان هو اُتي فرينچ انقلاب جي سالگرهه ملهائڻ لاءِ وڏو جلسه عام ڪيو ويو... جمهوري جذبو ۾ روح سچي ماحول تي غالب هو.' پوسٽرن ۾ مذهبي فرقيواريت تي حملو ڪيو ويو. 'مذهبي فرقيوار ساڙ ۽ تعصب، آئرش باسٽائيل جو ڪارڻ آهي، اڇو تہ متحد ٿيون ۽ ان کي تباهہ ڪريون'.[55] انهيءَ واقعي کي منظم ڪندڙن مان هڪ نوجوان پروٽسٽنٽ وڪيل وولف ٽوني بيلفاسٽ ۾ ڊزن کن ماڻهن، جن ۾ گهڻو ڪري ڪاروباري ماڻهو شامل هئا (هڪ ڪپڙا وڪرو ڪندڙ هڪ لينن ٺاهيندڙ هڪ چمڙو رنگيندڙ هڪ منشي، هڪ دوا ساز هڪ گهڙي ساز ۽ ٽن واپارين) سان گڏجي هڪ نئين سُڌارڪ پسند تنظيم 'متحده آئرش مين' قائم ڪئي.[56]

برطانيا وانگر آئرلينڊ ۾ نئين جيڪبن ازم کي طاقت سان دبائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. انگريز حاڪمن جي حڪم تي آئرش مٿين طبقي هٿيار کڻڻ تي بندش وجهڻ ۽ متحده آئرش مين کي غيرقانوني تنظيم قرار ڏيڻ جا قانون منظور ڪيا. جبري طور تي زير زمين ٿيڻ تي تنظيم وڌيڪ انقلابي ٿي وئي. اُن جو مقصد برطانوي راڄ جو خاتمو آڻڻ ٿي ويو. جنهن آئرلينڊ کي معاشي طور تي پٺتي رکيو ۽ اُن کي مذهبي تفريقن ۾ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو هو. فرانس وانگر هڪ جديد قوم ٺاهڻ لاءِ هڪ انقلابي بغاوت ڪرڻي هئي. متحده آئرش مين ان ڳالهہ کي قبوليو تہ هيءَ هڪ سرمائيدار قوم ٿيندي، پر اُها جيڪا پرڏيهي راڄ جي بار ۽ ڏيهي اشرافيا کي اجلائي ڦٽو ڪري. ٽونيءَ ڏٺو تہ اهو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ وچولي طبقي تي ڀاڙڻو پوندو. پروٽسٽنٽ متحده آئرش مين ڪيٿولڪ هارين کي اُڀاريو پئي، جيڪي هٿياربند جدوجهد توڙي زير زمين 'دفاعي' گروهن جي صورتن ۾ جاگيردار مخالف ڊگهي جدوجهد ڪندا رهيا هئا.

بغاوت جي پنيرائي ڪرڻ لاءِ تيار ماڻهن جو تعداد برطانوي حڪومت جي اختيار هيٺ موجود ماڻهن کان گهڻو هو. يعني، هڪ پاسي هڪ لک تہ ٻئي پاسي 65 هزار.[57] پر سندن فوجي تربيت ۽ وٽن هٿيار گهٽ هئا. ڪاميابيءَ جو انحصار فرانس کان فوجي مدد حاصل ڪرڻ تي هو.

1798ع ۾ بغاوت ٿي، پر فرينچ مدد تمام ٿوري تي ۽ ڏاڍي دير سان آئي. آگسٽ ۾ مايو ۾ 1.100 سپاهي لٿا. ٽيسيتائين اختياريون تحريڪ جي مکيہ اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ جي قابل ٿي ويون هيون ۽ هٿياربند باغين کي وقت کان اڳ ڪارروائي ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو. ويڪسفورڊ ۽ اينٽرم ۾ بغاوتن کي ڪچليو ويو. بعد ۾ طاقت جو اهڙي نموني استعمال ڪيو ويو. جو فرينچ انقلاب جي دهشت ٻارڙي راند لڳي ٿي. بغاوت جي مدد ڪرڻ جي شڪ هيٺ اٽڪل 30 هزار ماڻهن خلاف انتقامي ڪارروائي ڪئي وئي.[58]

اهو داستان اتي ئي ختم نہ ٿيو جيئن تہ بغاوت کان ٽي سال اڳ ئي ڇڪتاڻ شديد ٿي چڪي هئي، جنهنڪري اختيارين ڄاڻي ٻجهي پروٽسٽنٽ گروهن کي ڪيٿولڪن خلاف نفرت واريون مهمون هلائڻ لاءِ هٿي ڏني هئي. 1795ع جي سرءُ ۾ اينٽرم ۾ ڊائمنڊ جي ڳوٺ ۾، ڪيٿولڪ ۽ پروٽسٽنٽ هارين جي وچ ۾ مقامي ٽڪرائن کانپوءِ نيم ڳجهي پروٽسٽنٽ تنظيم نارنگي نظام (Orange Order) جو بنياد پيو. اينگلو-آئرش جاگيردارن ڪنهن بہ قسم جي هارين کان حقارت ۽ نفرت پٽئي ڪئي ۽ شروعات ۾ نئين تنظيم کان پاسيرا رهيا، پر اُنهن جلدئي بغاوت جي خطري کي ٽرندي قيمتي عمل طور ڏٺو.

1796 ۽ 1797ع دوران آهستي آهستي..... نارنگي تنظيم هڪ ننڍي، ڇڙوڇڙ ۽ سماجي طور تي ناقابل قبول اداري مان بدلجي، هڪ صوبائي سطح جي طاقتور تنظيم بڻجي پيئي جنهن سان حڪمران طبقي کي نفرت هئي. جڏهن تہ برطانيا ۽ آئرلينڊ ۾ ڪجهہ اعليٰ مرتبي وارن فردن طرفان سرگرم تائيد ۽ منظوري پڻ مليس.[59]

هٿياربند فوج جي ڪمانڊر جنرل ليڪ نارنگي جلسن جي صدارت ڪئي ۽ هٿياربند نارنگي گروهن حڪومتي فوجن ۽ لشڪرن سان گڏجي ڪم ڪري متحده آئرش مين حمايتن کي سزا ڏني. اُنهن پروٽسٽنٽ باغين کي هڪ چونڊ جي پيش ڪش ڪئي يا تہ ڪوڙا کائين ۽ مٿن تشدد ڪيو وڃي يا وري نارنگي تنظيم ۾ شامل ٿي ٻين باغين کي ڪوڙا هڻن ۽ تشدد ڪن.[60] اهڙن طريقن سان برطانوي اختيارين ۽ اينگلو_آئرش زميندارن نہ صرف بغاوت کي ڪچلي ڇڏيو پر مذهبي فرقيوارائڻ جذبن کي پڻ زور وٺايو.

ہہ سياسي روايتون، جيڪي گذريل 200 سالن کان آئرش سياست تي اثرانداز رهيون، سي ريپبلڪن ازم ۽ اورينج ازم آهن. اِهي يورپ جي انقلابن ۽ رد انقلابن وارين جدوجهدن جو نتيجو آهن، پر برطانوي حڪومت جي 'مهذب' سياستدانن کي آئرلينڊ جي ڪا ڳڻتي ئي نہ هئي. متحده آئرش ۾ ورهايو ۽ حڪومت ڪريو واري پاليسيءَ تي ڪاميابيءَ سان عمل ڪندي، ٻن سالن کانپوءِ اُنهن آئرش پارليامينٽ کي پنهنجو وجود ميسارڻ لاءِ ووٽ ڏيڻ تي آماده ڪري ورتو. برطانوي ڪنٽرول هيٺ مارڪيٽن مان نيڪاليءَ جي نتيجي ۾ آئرش زراعت ۽ صنعت کي ماضيءَ ۾ سخت هاجو پهتو هو هاڻي کين پنهنجو بچاءُ ڪرڻ جي سياسي ذريعن کان محروم ڪيو ويو جڏهن تہ اينگلو-آئرش زميندارن مسواڙن مان اٿاهہ آمدني حاصل ڪئي ۽ انگلينڊ ۾ فضول غيرپيداواري شين تي خرچ ڪري ڇڏي، برطانوي حڪومت جو خيال هو تہ اُن 'آئرش سوال' کي حل ڪري ڇڏيو. اهو هڪ اهڙو خيال آهي، جيڪو هر 30 يا 40 سالن کانپوءِ اڄ ڏينهن تائين اُٿندو رهي ٿو.

هيٽيءَ جا ڪارا جيڪبن

هر هنڌ رد-انقلاب ڪامياب نہ ٿيو. 3 هزار ميل پري ائٽلانٽڪ سمونڊ پار هڪ ٻيٽ هيٽيءَ ۾، آئرلينڊ کان بلڪل مختلف قسم جو نتيجو نڪتو پر اُن ۾ هڪ ڏهاڪي تائين بغاوتون، جنگيون ۽ گهرو جنگيون لڳنديون رهيون.

هسپانيولا جي ٻيٽ جو اولهندو حصو سينٽ ڊومينگيو فرينچ بادشاهي بڻتڪي سلطنت جو سڀ کان وڏيڪ شاهوڪار انعام هو. ان جي زمينن مان يورپ جي ٻين سيني ڪيريبين ۽ آمريڪن بڻتڪن جي گڏيل پيداوار کان وڏيڪ ڪمند پيدا پئي ٿيو ۽ اٿاهہ دولت ٻني مالڪن ۽ فرينچ بندرگاهن، جهڙوڪ: نينٽس ۽ بورڊيڪس جي تجارتي سرمائيدارن، ٻنهي جي کيسن ۾ وينديي رهي. انهيءَ دولت جو وسيلو پنج لک ڪارن غلامن جي اڻ کُٽ محنت ۾ سمايل هو. سندن ڪم جي حالتن ايترو تہ سندن زندگين کي برباد ڪري ڇڏيو ٿي جو آفريقا کان ايندڙ نون غلامن جو مسلسل وهڪرو ٿي ان تعداد کي برقرار رکي پئي سگهيو. انهن مٿان نظر رکڻ لاءِ 30 هزار اڇيءَ چمڙيءَ وارا مقرر هئا. اهو تعداد ڪنهن بہ اتر آمريڪي رياست جي آباديءَ کان گهٽ هو ۽ انهن سان گڏوگڏ ايتروئي تعداد آزاد ملاوٽي نسل جي `mulattos` جو بہ هو جن مان ڪجهہ دولتمند ٿي ويا ۽ ڪجهہ تہ پاڻ غلام-مالڪ بڻجي پيا.

اڇيءَ چمڙيءَ واري آباديءَ جي ٿوري تعداد کين وڏا بهانا ڪرڻ کان روڪيو نہ پئي. عوام محسوس ڪيو پئي تہ بڻتڪيت جي دولت سندن ڪوشش جو نتيجو آهي ۽ هي 'بنا شراڪتي' تجارت هٿان مڙهيل قائدن تي سخت ناراض هئا. مثال طور، فرانس جو تجارتي سرشتو. ساڳئي وقت 1789ع جي اونهاري ۽ بهار ۾ خوشحال وچولي طبقي جي جدوجهد، 'پنهنجو وطن' جي حصي طور، هنن 'آزاديءَ' لاءِ پنهنجا مطالبا اڳيان آندا. باسٽائيل تي قبضي واري خبر تي شاهي گورنر خلاف هٿياربند بغاوت ڪئي وئي، توڙي جو باغين 'آزاديءَ' ۽ 'برابريءَ' وارن انقلابي نعرن هيٺ جدوجهد ڪئي، پر انهن نعرن کي ڪارن غلامن يا ايتريقدر آزاد پورهيتن تي لاڳو ڪرڻ جو ڪوبہ ارادو نہ هئن.

جيتوڻيڪ اڇيءَ چمڙيءَ وارا آباديءَ جو فقط 7 سيڪڙو هئا، پر گهڻو ورهايل هئا. جيئن فرينچ وچولي طبقي کي اشرافيا تي ڪاوڙ هئي، تيئن هتي 'ننڍين اڇن'، جن مان هر هڪ وٽ ٽي يا چار غلام هئا، کي 'وڏن اڇن' باغ مالڪن هٿان زيادتيون برداشت ڪرڻيون پيون، جنهنڪري اُهي شديد تذليل محسوس ڪندا هئا. وڏا آبادگار جن چاهيو پئي تہ جنهن سان وڻين تنهن سان تجارت ڪن، سي ڪنهن بہ ريت 'ننڍين اڇن' کي سياسي ڪنٽرول ڏيڻ نہ پيا چاهين. ۽ ٻنهي گروهن کي ڌڪو لڳو جڏهن فرينچ اسيمبليءَ، پنهنجي انقلابي جوش ۾، سيني آزاد، جنهن ۾ اڇي ۽ ڪاري چمڙيءَ وارن سميت، انسانن لاءِ برابر حقن جو قانون منظور ڪيو توڙي جو اُن طرفان غلاميءَ جو ذڪر نہ ڪيو ويو. جلدئي آزاد آباديءَ جو حصو ٽئن گروهن، يعني: گورنر، مٿئين طبقي

وارن اچن، نندين اچن ۽ ڪاري-اڇي نسل وارن مائٽن جي اولاد جي حمايتن جي بدلجندڙن اتحادن جي وچ ۾ گهرو جنگ واري صورتحال پيدا ٿي پيئي.

انهن سڀني کي توقع هئي تہ ڪارن غلامن جي ڪم ڪرڻ، تڪليفون سهڻ، سزائون ڀوڳڻ ۽ مرڻ وارو سلسلو ائين ئي جاري رهندو ۽ ڪجهہ بدليو ئي نہ هجي. اُهي بلڪل غلط سوچي رهيا هئا. غلامن موقعي جو فائدو وٺندي بغاوت ڪئي، باغن ۽ ٻنين کي باهيون ڏنيون، غلام-آقائن کي ماريائون، اڇي چمڙيءَ وارن لشڪرن سان وڙهڻ لاءِ هٿياربند ٽولا جوڙيائون ۽ بغاوت کي پکيڙي پنهنجن ئي اڳواڻن کي اڳلائي چڙهيائون. سڀ کان وڌيڪ مشهور (اڳ ۾ مال متاع پاليندڙ) Toussaint L'Ouverture جلدئي وڏيءَ چالاڪيءَ سان رقيب اچن گروهن، ڪاري-اڇي نسل وارن مائٽن جي اولاد، ٻيٺ جي ٻئي اڌ کان حملي آور اسپيني فوج ۽ فرانس ۾ گروندنس جي لڳاتار نمائندن جي وچ ۾ اٽڪلون ڪري راهہ ڏيکاري، پوءِ هڪ برطانوي فوج سينٽ ڊومنگيو ۾ لٿي.

ان ڪانپوءِ ڇا ٿيو ان جا فقط سينٽ ڊومنگيو جي مستقبل تي نہ، پر چوطرف وڌيڪ ڪشادا نتيجا نڪتا. ايڊم سمٿ جي دليلن کان متاثر ٿيل برطانوي حڪمران طبقي جا اهم حلقا ان نتيجي تي پهتا تہ غلاميءَ جو وقت ختم ٿي ويو. ٻيو تہ اُنهن اڳ ۾ ئي اتر آمريڪا ۾ سندن اولهہ انڊين ڪمند واريون زمينون وڃائي ڇڏيون هيون، جيڪي فرانس کان گهٽ اهميت واريون هيون. وليم پٽ جي حڪومت، وليم ولبرفورس جي غلاميءَ مخالف مهم جي ٿوري پذيرائي ڪئي هئي، پر سينٽ ڊومينگيو تي قبضي واري ڳالهہ، سڀني غلام معيشيتن کان وڌيڪ اهم، سندس ذهن بدلائي ڇڏيو ۽ هيءَ غلاميءَ کي قبولڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ان ڪوشش ۾ فتح ملڻ سان سڄيءَ دُنيا ۾ غلامي وري زور وٺي ها.

فرانس ۾ انقلاب جي اونچي لهر، جنهن جيڪبنس کي اقتدار تائين آندو هو اُن غلام بغاوت لاءِ پڻ پيچيدگيون پيدا ڪيون. ڪيترائي گروندنس اڳواڻ ذاتي طور تي غلاميءَ جي مخالف هئا ۽ 1788ع ۾ ٺهيل فرينڊز آف بليڪس سوسائٽي جا ميمبر هئا. روشن خياليءَ جي فڪرن کان متاثر ٿيل اُهي گهڻو ڪري صحافي يا وڪيل هئا، پر سندن سڀ کان اهم سياسي بنياد اولهندي فرينچ بندرگاهن جي تجارتي بورجوازي ۾ هئا ۽ اُهي اهڙي ڪنهن بہ قدم جي سخت خلاف هئا، جيڪو سندن منافعن کي ڌڪ رسائي. غلاميءَ مخالف دليلن جو پرچار ڪندي، گروندنس ان کي عملي صورت ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئا. ان جي ابتڙ عوامي قوتن جن جيڪبنس کي اڳتي آندو تن جا غلاميءَ ۾ ڪي بہ مادي مفاد نہ هئا ۽ غلامن جي ڀوڳنائن کي پنهنجين پيڙائن سان ڳنڍيائون پئي. ساڳئي وقت، برطانيا سميت ڪنهن بہ اتحاد هٿان جنگي شڪست کان ڊنل وچولي طبقي جي جيڪبن اڳواڻن ڪريبين جي برطانوي ٻيٽن ۾ غلام بغاوتن کي زور وٺائڻ ۾ فائدو ڏٺو پئي، ڇاڪاڻ تہ ان سان برطانيا کي ڌڪ لڳي ها.

1794ع جي 4 فيبروريءَ تي، جيڪبن جي اڪثريت واري ڪنوينشن سڀني فرينچ

علائقن ۾ غلاميءَ جي خاتمي جو قانون منظور ڪيو ۽ اُن جي صدر سينٽ ڊومينگيو ڪان آيل ڪاري ۽ اڇي-ڪاري نسل جي ماڻهوءَ کي دوستاڻي ڇُمي ڏني. ٻن انقلابن جي وچ ۾ هڪ اتحاد جوڙيو ويو ته. جيئن پِٽ (Pitt) طرفان غلاميءَ جي ڪاروبار ۾ برطانوي سرمائيداريت کي وڏائڻ واري اميدن کي پورا پورا ڪري سگهجي. 60 هزارن سپاهين تي ٻڌل برطانوي حملي آور فوج کي ڏهاڪو سال بعد ويلنگٽن جي فوج کي مليل شڪست کان وڌيڪ انساني نقصان پوڳڻو پيو. برطانوي پارليامينٽ ۾ مادي حساب ڪتاب جو توازن ٻيهر منتقل ٿي ويو. ان شڪست غلام-تجارت جي مخالفن کي هڪ نئون آواز ڏنو ۽ 1807ع ۾ انهيءَ تجارت تي بندش لاءِ ووٽ ڏنو.

بدقسمتيءَ سان سينٽ ڊومينگيو جي پراڻن غلامن جي معاملي ۾ اها پڇاڻي نه هئي. فرانس ۾ ٿرميڊور ڪانپوءِ آيل تبديليءَ پراڻن غلام-مالڪن ۽ سندن واپاري اتحادين ۾ نئون ساهه وڌو جيئن نيپولين پنهنجو پاڻ کي شهنشاهه جو تاج پهرائڻ لاءِ تيار هو تيئن هي بئنڪي سلطنت ۾ غلاميءَ کي ٻيهر ٿاڦڻ لاءِ پڻ سوچيو وينو هو. هن Toussaint L'Ouverture جي فوج کان سينٽ ڊومينگيو جو ڪنٽرول کسڻ لاءِ 12 هزار فوج اماڻي. اها جنگ ايتري ئي سخت هئي، جيتري برطانيا خلاف. هڪ مرحلي تي لڳو پئي ته فرينچ فوج کٽيندي، جڏهن Toussaint غلطيءَ سان دشمن سان سرچاءَ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر کيس اغوا ڪيو ويو ۽ هُو هڪ فرينچ جيل ۾ مري ويو. بعد ۾ سندس اڳوڻي ليفٽيننٽ ڊيسالائينز ڪارن جي مزاحمت کي ڪنو ڪيو ۽ جيئن توسانٽ برطانوي فوج کي هارايو هو تيئن نيپولين جي فوج کي شڪست ڏني وئي.

سينٽ ڊومينگيو هيٽي جي صورت ۾ ڪارن جي آزاد رياست بڻي. اها هڪ غريب رياست هئي ڇاڪاڻ ته 15 سالن جي مسلسل جنگ اُن کي تباهه ڪري ڇڏيو هو. ڪمند واري معيشيت جنهن ٿورڙن ماڻهن لاءِ اٿاهه دولت پيدا ڪئي هئي اُن کي غلاميءَ ڪانسواءِ بحال نه پيو ڪري سگهجي ۽ توڙي جو ڊيسالائينز جي جانشين ڪرسٽوفيءَ غلاميءَ کي ٻيهر ٿاڦڻ جي ڪوشش ڪئي پر ماڻهن وٽ اها هئي ئي ڪونه. عوام غريب هو پر جيميڪا، ڪيوبا، برازيل يا اتر آمريڪا ۾ پاڻ جهڙن ڪارن کان وڌيڪ آزاد هو.

لاطيني آمريڪا جا پهريان انقلاب

هيٽيءَ جي آزاديءَ هڪ وينزويلن کي متاثر ڪيو. جنهن 1815ع ۾ 16 سالن جي عمر ۾ انقلاب جي اصولن لاءِ ڪنن جا پردا ڦاڙي ڇڏيندڙ آواز سان ڳالهيون ڪيون هيون، سو هو بوليور (Bolivar). هاڻي هي هڪ بغاوت جي اڳواڻن مان هڪ هو جنهن سڄي لاطيني آمريڪا ۾ اسپيني راڄ کي للڪاريو.

هيٽيءَ وانگر هن بغاوت کي يورپ ۾ ٿيل واقعن پڙڪايو. 1808ع ۾ ڪمزور بوربن بادشاهه چارلس (4) جي دستبرداريءَ ڪانپوءِ نيپولين پنهنجي ڀاءُ جوزف کي اسپين جي

بادشاهہ طور مقرر ڪيو. ان عمل ميڊرڊ ۾ هڪ بغاوت کي جنم ڏنو ۽ ڀراڙيءَ ۾ گوريلا ڪارروائي شروع ٿي ۽ برطانوي حمايت سان اسپيني فوج جي باقيات طرفان لڙائيون ڪيون ويون. بغاوت کي تحرڪ پادرين جي اڳواڻيءَ هيٺ شديد مذهبي هارين طرفان مليو ۽ اُنهن چارلس جي پُٽ فرڊيننڊ هيٺ مطلق العنان بادشاهت کي ٻيهر مڙهڻ چاهيو پئي، پر عارضي طور تي ڪيڊز (Cadiz) جي آزاد خيال بورجوازيءَ جي هڪ جنتا (ڪائونسل) بغاوت لاءِ قومي مرڪز طور ڪم ڪيو. توڙي جو ان جا خيال انهن قوتن لاءِ پاراتو هئا، جيڪي ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ وڙهي رهيا هئا.

نتيجو اهو نڪتو جو نہ صرف اسپين، پر ان جي سڄي سلطنت ڇهن سالن تائين هڪ هم آهنگ ۽ مربوط حڪومت کانسواءِ هلندي رهي. آمريڪائن ۾ ڪيليفورنيا کان وٺي ڪيپ هارن تائين هر هنڌ طاقت جو اوچتو خال پيدا ٿي پيو. مختلف قسم جي سياسي قوتن ان خال کي پرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ائين ڪندي هڪٻئي کي شديد جنگين ۾ تباهہ ڪري ڇڏيائون.

اُتر آمريڪا ۾ برطانيا ۽ سينٽ ڊومينگيو ۾ فرينچ وانگر گڏريل 300 سالن کان اصل اسپيني آبادڪارن جا پنهنجا مفاد نهڻ شروع ٿيا هئا، جيڪي اسپيني سلطنت جي حاڪمن سان ٽڪراءَ ۾ هئا. لڳو پئي تہ اسپين ۾ سياسي بحران انهن مفادن کي ميڙائڻ جو موقعو مهيا ڪندو.

ڪالونيل وائسراءِ، جيڪي اسپيني بادشاهت جي مقصد سان وفادار هئا، تن اهڙن مطالبن جي مخالفت ڪئي. هنن جي اختيار ۾ فوجون هيون ۽ وڏيڪ ٽيڪ لاءِ چرچ تي ياڙي سگهيا پئي. وائسرائن کي وڏيڪ مسئلن کي منهن ڏيڻو ٿي پيو. ڪالونيل سماج اندر ڏقيڙ اُتر آمريڪا ۾ رهندڙن ڦيتاڙن کان وڏيڪ وڏا هئا. لاطيني آمريڪا جي ڪشادن علائقن تي وڏن زميندارن جي حاڪميت هئي، جن اصلوڪن ماڻهن مٿان ڪنٽرول لاءِ جاگيرداري صورتون قائم ڪيون هيون. ان دوران شهرن ۾ مختلف سماجي پرت جڙي چڪا هئا، جن ۾ واپاري، جن کي مال دولت لاطيني آمريڪا جي ٻين علائقن بدران اسپين مان ملي پئي. هڪ وچولو جنهن سمجهيو پئي تہ اسپيني تخت ۽ زميندار ٻئي اقتصاديءَ ترقيءَ آڏو رنڊڪ آهن، جڏهن تہ ڪاريگر، مزدور ۽ ڪن علائقن ۾ ڪارا غلام هئا.

اها صورتحال هئي جڏهن بوليور، جيڪو پاڻ هڪ وڏي زميندار گهراڻي مان هو تنهن 1810ع ۾ اسپيني راڄ خلاف وينزويلا ۾ پهرين بغاوت ۾ حصو ورتو. ٽيئن 2000 ميل پري انقلابي پادري هدالگو ميڪسيڪو جي گڊالاجارا شهر ۾ بغاوت جي اڳواڻي ڪئي پئي. بغاوتن کي ابتدائي طور تي سوڀ ملي ۽ پوءِ اُنهن کي ڪچليو ويو. هدالگو کي ماريو ويو ۽ بوليور کي ڀڄڻ تي مجبور ڪيو ويو. ساڳيو عمل ورجايو ويو. ڇاڪاڻ تہ بوليور ڪاراڪس ۾ هڪ ٻي بغاوت کي پڙڪايو وري شڪست کاڌائين (۽ هيٺيءَ ۾

مدد چاهيائين پئي)، جڏهن تہ مورلوس، هدالگو جو بينر کنيو ۽ موت ۾ ڪيس بہ ماريو ويو. بوليور پنهنجي ٽين ڪوشش ۾ ڪامياب ٿيو هن وينزويلا کان نيوا گرانڊا (هاڻوڪو ڪولمبيا) کان ٿيندي، بوليويا ڏانهن مارچ ڪيو ۽ پيرو مان اسپيني تخت کي ڏڪي ڪيڻ لاءِ چليءَ کي 'آزادي ڏيارينڌڙ' اوهگنس جو ساٿ ڏيڻ خاطر وڃڻ کان اڳ ارجنٽينا کي 'آزادي ڏيارينڌڙ' سين مارٽن سان مليو. ان دوران ميڪسيڪو ۾ هڪ ٽين بغاوت نيٺ اسپين کي مجبور ڪيو تہ آزاديءَ کي تسليم ڪري. تنهن هوندي بہ بوليور ۽ هلدگو جي آدرشن کان متاثر ماڻهن لاءِ اهي فتحون کَٽيون ۽ رُڪيون هيون. اُنهن کي تہ فرينچ انقلاب جي قدرن متاثر ڪيو هو ۽ اُنهن نہ صرف اسپيني تخت مان جان ڇڏائڻ چاهي پئي، پر جاگيرداريت جو خاتمو غلامن جي آزادي ۽ هڪ مڪمل بورجوا جمهوريہ قائم ڪرڻ پئي چاهي. هلدگو تہ ايترو اڳتي نڪري ويو جو هن زمين ورهائڻ جي ڳالهہ سان هارين کي بغاوت لاءِ تيار ڪيو جڏهن تہ بوليور هن جي فتحن جي پويان پاناما ۾ هڪ 'براعظمي ڪانگريس' گهرائي لاطيني آمريڪا جي 'متحده رياستون' قائم ڪرڻ جو سڏ ڏنو.

وڏن زميندارن، جن هن ڪنڌ تي حاڪميت پئي ڪئي، تن جي ان ڳالهہ ۾ دلچسپي نہ هئي. اهڙين انقلابي ڳالهين جي مخالفت ئي ڪيائون جنهنڪري بوليور کي ابتدائي شڪستون ۽ هلدگو جو موت ٿيو. جيتوڻيڪ آخرڪار اُنهن 'نجات ڏيارينڌڙ' طور بوليور ۽ هلدگو جي جانشينن جي آجيان ڪئي. اُنهن اها بہ خاطري ڪرائي تہ آزادي سندن شرطن تحت ٿيندي زميني سُڌارا ڪڏهن بہ نہ ٿيا. طاقت چند علائقائي حاڪمن جي هٿن ۾ رهي ۽ متحده رياستن جي مدمقابل هڪڙي لاطيني آمريڪي جمهوريہ قائم ڪرڻ واريون رٿائون پيدا ٿيندي ئي مري ويون. هن جي سوين ۽ سندس مجسمن جيڪي وينزويلا جي هر شهر ۾ سجايا ويا، باوجود بوليور نااُميد ماڻهوءَ طور مري ويو.

لاطيني آمريڪا گهڻي قدر ائين ئي رهيو جيئن آزاديءَ کان اڳ هو. 17 ۽ 18 هين صديءَ جي شان شوڪت سان ڪجهہ غيرمعمولي نوآبادياتي شهرن جو هڪ ڪنڌ ۽ اُنهن شهرن جي چوڌاري ڪشادين ايراضين ۾ ڏورانهيون پسمانده جاگيرون، جتي ذري گهٽ پانهپ ڪم پئي ڪيو. اِن جون 'قومون' اسپيني راڄ کان آزاد ٿيون، پر اجان تائين گهٽ يا وڌ پرڏيهي طاقتن جون محتاج هيون. 19 صديءَ ۾ ميڪسيڪو تي آمريڪا ۽ فرانس ڪاهہ ڪئي، جڏهن تہ ارجنٽينا ۽ چليءَ وانگر ڪيترن ملڪن تي برطانيا جو وڏو اثر رسوخ رهيو. هر هڪ لاطيني آمريڪي ملڪ ۾ چند حاڪم ٽولن هڪٻئي خلاف سازشون ڪيون، تختن تي قبضا ڪيا. رقيب 'آزاد خيال' ۽ 'رجعت پرست' پارٽيون هلايون ۽ هڪ طرف انتهائي مراعت ۽ ٻئي طرف ڪشادي آباديءَ منجهہ انتهائي غربت جي خاصيتن وارا سماجي ڍانچا سلامت رکيا.

باب چوٿون

عقل جو پنتي هنڻ

1789ع ۾ انقلابي جوش ۽ ولولي، روشن خياليءَ کان متاثر انيڪ فڪري حلقن کي پنهنجي پاسي ڪري چڙهيو پر احساس هر هنڌ ساڳيا نہ هئا. جلدئي هر هنڌ اهي آواز بلند ٿيڻ لڳا تہ جيڪو ڪجهہ ٿئي پيو اهو تهذيب تي حملو آهي. سندن شڪايت دهشت بابت نہ هئي، جيڪا ٿن سالن کان بند هئي، پئرس جو سخت ڪنٽرول اجان تائين لافاييٽ جي قومي محافظن وٽ هو اجان تائين بادشاهہ حڪومتون مقرر پئي ڪيون. پلي پوءِ اُهي اسيمبليءَ آڏو جوابدار ئي چو نہ هجن ۽ رابس پيري اجان تائين موت جي سزا تي تنقيد ڪري رهيو هو. اها مخالفت ٻڌائي پيئي تہ عوام کي رياستي معاملن ۾ ڪو اختيار هجڻ گهرجي.

برطانيا ۾ ايڊمنڊ بروڪ جنهن جي لکت رد-انقلاب جي انجيل ٿي پيئي ۽ اجان تائين آهي، ان مطابق 'جٽ هجوم' تهذيب جي بنياد کي کوکلو ڪن پيا.

يورپ جي عظمت سدائين لاءِ ميسارجي وئي آهي. اسان ڪڏهن بہ سماجي درجي بنديءَ ۽ جنس ڏانهن ايڏيءَ وڏيءَ دل سان وفاداري نہ ڪنداسين. معتبر فرمانبرداري آڏو فخريہ تابعداري، دل جي ماتحتي، باوقار ۽ عظيم آزاديءَ جو روح، جنهن ايتريقدر جو غلاميءَ ۾ بہ پنهنجو پاڻ کي زندهہ رکيو [61].

بروڪ آمريڪا ۾ برطانيا جي پاليسيءَ جي مخالفت ڪئي هئي ۽ بنگال جي انگريز فاتحن جي چال چلت تي سخت تنقيد ڪئي هئي. ٽام پيني، 1780ع ۾ آمريڪا کان لنڊن ڏانهن موٽندي، هن کي هڪ دوست سمجهيو پئي، پر سياسي زندگيءَ ۾ عوام جي هجوم جي شموليت هن لاءِ ڪافي هئي. هن جي اعلانيہ الزام تراشي 1790ع ۾ Reflections on the Revolution in France (فرانس ۾ انقلاب بابت غور ويچار) ۾ پڌري ٿي پئي ۽ اِن ۾ هن ڪاريگرن ۽ آبادگارن، 'نوڪرن' ۽ مزدورن کي حڪومت ڪرڻ گهرجي واري خيال خلاف، زميندارن، سيٺين ۽ 'آباد طبقن' کي متحد ڪرڻ واري مقصد کي سامهون رکندي مناظرو ڪيو هو. ان جي معنيٰ آزاد خيال فڪرن کي ڪابہ رعايت ڏيڻ کي رد ڪرڻ هو. ڪنهن وقت غلاميءَ جي خاتمي جو همدرد بروڪ، هاڻي خاتمو ڪرڻ واري عمل کي 'جيڪبن ازم جي لعنتي چار جو حصو'[62] ڪوٺي ملامت ڪري رهيو هو. بعد ۾ هڪ لکت ۾ هن زور پريو تہ ٽام پيني 'فوجداري انصاف کي غلط ثابت ڪرڻ' جو ڏوهاري آهي.[63]

"فرانس ۾ انقلابِ بابت غور ويچار" کي مٿين طبقن ۾ تيزيءَ سان ڪاميابي ملي. انگلينڊ ۾ اٽڪل 50 هزار ڪاپيون وڪرو ٿيون ۽ ان ڪتاب جا ٻن سالن اندر ڪيترين پرڏيهي ٻولين ۾ ترجما ڪيا ويا. جارج ٽئين کي ان ڪتاب سان پيار هو ڪيٿرائين اعظم انتهائي پُرجوش هئي، پولينڊ جي آخري بادشاهه اسٽانسليف ان جي ساراهه جا ڏِڪ پئي پريا. بيشڪ انهن مان ڪنهن کي بہ 'غلاميءَ' جو ڪوبہ تجربو نہ هو يا نہ ئي وري 'عظيم آزاديءَ جي روح' کي زور وٺائڻ لاءِ انهن ڪڏهن بہ ڪجهہ ڪيو.

انگلينڊ ۾ بُروڪ جون لکيون جلدئي ڊي مئسٽري (de Maistre) جي لکڻين جي برابر اچي بيٺيون. هن نہ صرف ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ حڪمرانن کي 'پيدائشي طور تي يا دولت جي حوالي سان عوام کان جدا هجڻ گهرجي. جيڪڏهن هڪ پيرو عوام مان اختياري لاءِ احترام نڪري وڃي ٿو تہ سموريون حڪومتون ختم ٿي وڃن ٿيون،'[64] پر هن پنهنجي دليلن کي ايترو وڌايو جو روشن خياليءَ جي سموري بنياد تي حملو ڪيائين. هن لکيو تہ 'هڪ معتبر ماڻهو جو سڀ کان وڏو ڏوهہ عيسائي عقيدن تي حملو ڪرڻ ٿي سگهي ٿو'.[65]

ان معاملي ۾ هي ڪو اڪيلو نہ هو جنهن اهو چتاءُ ڏنو پئي تہ پراڻن عقيدن کي للڪارڻ جو عمل استحصال جو شڪار طبقن طرفان پنهنجن آقائن کي للڪارڻ ڏانهن وٺي ويندو. هاڻي گبن بي معنيٰ عيسائي عقيدن لاءِ جاءِ ڳولي ورتي، جن تي هن پنهنجي ڪتاب 'رومن سلطنت جو زوال ۽ ناڪامي' ۾ سخت تنقيد ڪئي هئي. هن لکيو تہ 'انڌن ۽ چٽ هجومن هٿان پراڻن اعتقادن کي خطرو آهي'.[66]

نہ صرف انقلاب، پر روشن خياليءَ جا بڻ بنياد حملي هيٺ اچي ويا ۽ اهو عمل وڌيڪ شديد ٿيو جڏهن انقلابي فوجن پيش رفت ڪري يورپ جي سيني تختن ۽ تاجن ۽ اشرافيا کي ڏڪائي ڇڏيو. يورپي حاڪمن عوام منجهہ عقل جي پکيڙ خلاف وهم پرستاڻن عقيدن ڏانهن ڦيرو ڪاڌو ۽ جن ماڻهن روشن خيال روايت کي جاري رکڻ جي ڪوشش ڪئي، تن خلاف سخت ڪارروائيون ڪيون.

بي عقليءَ جي اُپار وڌيڪ زور تڏهن ورتو جڏهن 1789ع جي اُميدن کي دهشت جي ہي لهر ڏک رسايو وري ٿرميڊور ۽ آخر ۾ نيپولين جي تخت تي ويهڻ سان ماڻهن جون اميدون ڍير ٿي ويون. سنڌن سوچ مايوسيءَ واري يا ايتريقدر جو رجعتي ٿي پئي. 1797ع ڪالريج لکيو تہ 'سمورن دورن ۾ حڪومت جي سمورين صورتن هيٺ حاڪم سدائين ساڳيا ئي رهن ٿا.' جرمن شاعر هولڊرلن تجويز ڏني تہ هڪ بهتر دنيا جي اميد پنهنجو پاڻ هڪ بُڇڙي ڳالهہ آهي، 'رياست کي اُنهن ماڻهن دوزخ بڻايو جن اُن کي جنت ۾ بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي'.[67] ايتريقدر جو اُهي جن 1789ع جي اميدن سان دغا ڪرڻ کان انڪار ڪيو تن پراڻي نظام سان سڌيءَ ريت ٽڪرائڻ کان پاسو ڪري ورتو. ائين اُنهن ڏرين لاءِ ميدان صاف ٿي ويو جن مذهبي ڏند ڪٿائن ۽ بادشاهي فريبن ۾ انڌي ايمان جي تبليغ ڪئي.

جڏهن تہ 50 سال اڳ ڊيوڊ هيوم، شڪي خيالن جو کُلي عام اظهار ڪري سگهيو.

دهريت جو دفاع ڪرڻ تي شيلي کي 18 سالن جي عمر ۾ آڪسفورڊ مان خارج ڪيو ويو والٽيئر پراڻي عهدنامي جي بي ٽڪين ڳالهين جو پردو چاڪ ڪيو پر ويندي 1840ع تائين ڊيوڊ اسٽراس جهڙن ماڻهن انجيل تي تنقيد ڪئي. فرانس ۾ لمارڪ ۽ بُفن ۽ 18 هين صديءَ ۾ انگلينڊ ۾ اراسمس ڊارون اهو خيال اڳيان آڻڻ جي قابل هو ته، جاندار شايد ارتقا ڪن ٿا. پر 1830ع ۽ 1840ع ۾ برطانيا جو ماحول اهڙو هو جو اراسمس جي پوٽي چارلس دنيا آڏو پنهنجو خيال پڌرو ڪرڻ لاءِ 20 سال انتظار ڪيو هن ڊاڙس واري خيال کي مجيو پئي ۽ هڪ نئون نظريو پڻ پيش ڪيو ته، اها ارتقا ڪيئن ٿي.[68]

اسڪاٽش روشن خيال مفڪر ايڊم سمٿ ۽ ايڊم فرگسان انهن خيالن جي تفصيل سان سمجهاڻي ڏني هئي ته، ڪيئن انساني سماج شڪار-چونڊي کان ترقي ڪري هاڻوڪي دور تائين پهتو آهي، پر ان کي اُنهن ماڻهن وساري ڇڏيو جن فقط 'قومن جي دولت' مان جملا رٽيا پئي، جڏهن ته سماج کي خدا جي ڏنل شيءِ طور ڏسڻ لڳا. ان وقت ائين پئي لڳو ڄڻ ته هڪ صديءَ جي اڌ جي بهترين دور لاءِ ماڻهن جي سوچ کي مفلوج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

روشن خياليءَ کان جهل پسندي ڏانهن ڦيرو ڪُلي طور تي نه ٿيو هو. رياضي، طبعيات ۽ ڪيمسٽريءَ ۾ ڪيتريون ئي پيش رفتون جاري رهيون، جن کي صنعت جي پکيڙ ۽ جنگ جي ضرورتن ويتر زور وٺايو. منافعن جي لالچي صنعتڪارن ۽ وڏين مسواڙن ۾ دلچسپي رکندڙ زميندار جي وچ ۾ پاليسي ٽڪراءَ ٿيندا رهيا، جن انگلينڊ ۾ سمٿ جي سرمائيداريءَ بابت ڊيوڊ رڪارڊ جي سمجهه کي وڌايو. جرمن فلسفي هيگل ڪيترن روشن خيال فڪرن کي گڏائي انساني سمجهه جي واڌاري جو عمومي جائزو پيش ڪيو. توڙي جو هڪ اهڙي انداز سان جنهن انهيءَ واڌاري کي مادي بنيادن کان الڳ ڪري پئي ڏٺو. والٽر اسڪاٽ، هونري ڊي بالزڪ، اسٽينڊال ۽ جين آسٽن، ناول جي صورت ۾ ابرندڙ سرمائيدار دنيا ۾ وچولي طبقي جي مسئلن کي ادبي اظهار ۾ پيش ڪيو. ادب، موسيقي ۽ فن ۾ 'رومانويت'، عقل بدران جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪئي. اهو عمل اڪثر ڪري جهل پسند 'سونهري' ماضيءَ جي عظمت بيان ڪرڻ ڏانهن وٺي ويو پر اُنهن سماجن ۾ جن جاگيرداريت جي باقيات کي ختم نه ڪيو هو اُتي انهيءَ عمل ظلم ۽ جبر جي مخالفت ۾ عوامي روايتن جي عظمت بيان ڪئي. سينٽ سائمن، فوريئر ۽ برطانيا ۾ ڪامياب صنعتي مينيجر رابرٽ اوون جهڙن ڪجهه 'يوٽوپيين' مفڪرن اهي خاڪا پيش ڪيا ته سماج کي ڪيئن بهتر نموني ٺاهي سگهجي ٿو جتيوڻيڪ اُهي انهن خيالن کي حقيقت جي صورت ڏيڻ واري قوت جي نشاندهي ڪرڻ جي قابل نه هئا. ان لاءِ هڪ نئي نسل جي گهرج هئي، جنهن نسل روشن خياليءَ ۽ ابتدائي انقلابي سالن جي ورثي تي اڏيل 1810ع ۽ 1820ع ڌاري جنم ورتو. 18 هين صديءَ جي طرز زندگيءَ کي ٻيهر ٿاڦڻ لاءِ بادشاهتن جي سمورين ڪوششن باوجود، دنيا ڊرامائي انداز سان تبديل ٿي رهي هئي.

باب پنجون

صنعتي انقلاب

1815ع ۾ مستقبل جي سوشلسٽ ۽ صنعتڪار رابرٽ اوون مطابق 'نيو لنارڪ ۾ منهنجي اداري ۾ مڪينيڪل پاور ۽ آپريشن جي سارسنڀال اٽڪل 2 هزار نوجوان ماڻهن ڪئي پئي، هاڻي ايترو ڪم ٿئي ٿو جو 60 سال اڳ اهو ڪم ڪرائڻ لاءِ اسڪاٽ لينڊ جي سموري پورهيت آبادي گهرجي ها.'[69]

هي شايد ڪجهه وڌاءُ ڪندو هجي، پر هن هڪ اهم سچ بيان پئي ڪيو. تبديليون اهڙي ڍنگ سان ٿيون پئي، جو انسانذات جنهن پيماني تي شيون پيدا ڪري رهي هئي ايتريون 10 هزار سال اڳ شڪار-چونڊو ڪندڙن طرفان زراعت کي اپنائڻ کان وٺي ڪڏهن به نه ٿيون هونديون. ابتدا ۾ انهن تبديلين جو مرڪز اُتر انگلينڊ، اسڪاٽ لينڊ جا هيٺانهان علائقا ۽ بيلجيم جا حصا هئا، پر انهن جلدئي هر هنڌ واڌارا ڪيا.

انهيءَ عمل ۾ هڪٻئي سان ڳنڍيل جدتن ۽ ايجادن جو هڪ پورو سلسلو شامل هو. پيچيده مشينن جو استعمال، آسانيءَ سان ٺٺڻ يا آسانيءَ سان مُڏي ٿيندڙ لوهه ۽ ڪاٽ بدران سخت اسٽيل مان اوزار ٺاهڻ، ڪاٺ جي ڪوئلي، جيڪو مقامي ٻيلن کي ڪٽڻ سان حاصل ٿيندو هو، بجاءِ ڪوئلي جي بٺيءَ ۾ اسٽيل کي ڳارڻ، ۽ ڪوئلي جي استعمال سان، ٻاڦ واري انجڻ ذريعي، ڌڪيندڙ قوت جي هڪ نئين وسيلي سان مشين کي پئي هلايو.

نين مشينن جي گڏپ، ڌاتن جي نئين حرفت ۽ توانائيءَ جي نون وسيلن پيداوار ۾ بيشمار واڌ ڪئي. شيون هيڏانهن کان هوڏانهن کڻي وڃڻ ۾ خرچ ٿيندڙ انساني وقت جي پڻ بچت ٿيڻ لڳي.

18 هين صديءَ جي آخر ۾ بوسٽن کان فلاڊيلفيا تائين سفر ڪرڻ ۾ به هفتا لڳندا هئا. هڪ ٻيڙي ٻن هفتن يا ان کان وڌيڪ عرصي تائين بندرگاهه تي هوا جو رُخ بدلجڻ جو انتظار ڪندي رهندي هئي ۽ مسلسل ڌڪار ٿيندا رهيا. چاڪاڻ ته شيون هيڏانهن کان هوڏانهن کڻي وڃڻ ۾ گهڻو وقت لڳندو هو. يوريشيا ۽ آفريڪا ۾ ڦيٿن وارين گاڏيون 3000 سالن کان وڌيڪ عرصي کان موجود هيون، پر اُهي غيرهموار يا ڌٻڻ وارن ميدانن ۾ استعمال نه پئي ٿي سگهيون. سامان جي نقل ۽ حرڪت لاءِ گاڏن کان خچرن جو ڪاروان وڌيڪ اهميت وارو هو. يورپ ۾ ڪچن رستن جي وچ ۾ گهڻو ڪري پٿر وڇايا

ويندا هئا. جنهنڪري گهوڙن يا خچرن کي چرپر ۾ آساني ٿي ٿي، پر گاڏين کي نہ. مغل انڊيا ۾ شين جي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ نيڻ لاءِ ڍڳن جي ڌڻن تي ڀاڙيو ويندو هو هر هڪ جي پُٺ تي سامان ٻڌل هوندو هو.[70]

هاڻي مزدورن جي وڏين فوجن، سستا اسٽيل جا ٽيڪم ۽ بيلچا استعمال ڪري واهہ تعمير ڪيا ۽ پهريان ٺوس هموار رستا ٺاهي وڏن شهر کي پاڻ ۾ ڳنڍي ڇڏيائون. کاڻيون کوٽيندڙن دريافت ڪيو تہ اُهي پٽڙيءَ تي ڪانچي وارين گاڏين کي استعمال ڪري ڪوئلي جي چرپر کي تيز ڪري سگهن ٿا. پهريائين اُهي ڪاٺ جون هيون پوءِ جلدئي لوهہ جون ٺاهيون ويون. انجنيئرن ٻيڙين، پٽڙين تي هلندڙ گاڏين توڙي ڪارخانن کي هلائڻ لاءِ ٻاڦ واري انجڻ ڪتب آندي 1830ع ۾ پهرين مسافر ٽرين مانچسٽر کان لورپول تائين هلائي وئي.[71] انسانذات اوچتوئي ان رفتار سان حرڪت ڪري سگهي ٿي، جنهن بابت اُن شايد ئي ڪڏهن تصور ڪيو هجي. هڪ شهر ۾ ٺهندڙ شيون ٻن ٽن ڏينهن بدران ڪلاڪن اندر ٻئي شهر ۾ موجود ٿي سگهيون پئي. فوجن لاءِ ملڪ جي هڪ ڪنڊ کان ٻئي تائين رات وچ ۾ پهچڻ جو امڪان پيدا ٿي پيو.

زراعت ۾ پڻ تيزيءَ سان تبديلي پئي آئي . برطانيا ۾ لوڙهن ذريعي هارپ جو نيٺ خاتمو آندو ويو ۽ هر هنڌ اڳينءَ صديءَ جا نوان فصل (پٽاٽا، گوگڙو جَوَن بجاءِ ڪٽڪ، نوان گاهہ) ۽ پوک جون نيون صورتون، وڏيڪ اثرائتي ڪيڙ ۽ فصلن جي چڪرن ۾ سُڌار عام ٿي ويا. نتيجي طور کاڌ خوراڪ جي پيداوار ۾ واڌ ٿي، پر ان ڪري لاتعداد ماڻهو مجبور ٿي سرمائيدار باغن يا نين صنعتن ۾ پگهاردار مزدور طور ڪم جي ڳولا ڪرڻ لڳا.

هڪ نئين قسم جو طبقو

لکين ماڻهن جي ڪم ۽ زندگيءَ جي حالتن ۾ تبديلي آئي. اُنهن شهرن ۾ وڏن هجومن جي صورت ۾ گڏجڻ شروع ڪيو. ان پيماني تي ماڻهن جي گڏجي رهڻ جو مثال تاريخ ۾ اڻلڀ آهي. جيسيتائين صنعت ٻارڻ لاءِ ڪاٺ جي ڪوئلي ۽ طاقت لاءِ پاڻي ۽ هوا تي ڀاڙيو ٿي، تيسيائين اُها ٻهراڙيءَ تائين محدود رهي. ڪوئلي ۽ ٻاڦ ان کي يڪسر بدلائي ڇڏيو. جديد ڪارخاني پنهنجين وڏين چمينن سان لنڪاشائر ۾ مانچسٽر ۽ اسڪاٽ لينڊ ۾ گلاسگو جي پرپاسي جو نظارو بدلائڻ شروع ڪيو. 1830ع تائين برطانيہ سڀ کان وڏيڪ شهري سماج ٿي چڪو هو. 1750ع ۾ فقط ٻن شهرن، لنڊن ۽ ايڊنبرگ ۾ رهواسين جو انگ 50 هزار کان وڌيڪ هو. 1851ع تائين اهڙا 29 شهر هئا ۽ ماڻهن جي وڏي اڪثريت شهرن ۾ رهي ٿي.[72]

جديد صنعتي پيداوار ڏانهن تبديلي اوچتو نہ ٿي هئي، جيئن اڄ جي ٽين دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ وڏي صنعت جي ترقيءَ سان گڏ 'اڻ ٽڪ محنت' تي ٻڌل ننڍي صنعت پڻ وڏي پيماني تي ترقي ڪئي. انگلينڊ ۾ صنعتي انقلاب پهريائين ڪپڙي ۽ ڪاٽيون

ڪوتڻ واريءَ صنعت ۾ پنهنجون پاڙون هنيون، پر ڪپڙي جي صنعت ۾ ڪپهه کي ڪتڻ جو چرخو هوندو هو جنهن تي گهڻو ڪري عورتون ۽ ٻار ڪم ڪندا هئا، جڏهن تہ سُبڻ جو ڪم اڃان تائين ٻهراڙيءَ ۾ هٿ سان ڪيو ويندو هو. جيئن صنعت ڪان اڳ وارن ڪيترين شهري تجارتن ۾ ماڻهن جو تعداد وڌيو تيئن انهن جي تعداد ۾ پڻ تمام گهڻي تيزي آئي. ڪاٽيون ڪوتيندڙ مزدورن جي تعداد ۾ وڏو اضافو ٿيو جيڪي گهڻو ڪري شهرن بدران ڳوٺن تي آڌاريل هيون. ڳوٺ وري دريائن، واهن يا ريلوي پٽڙين جي ويجهو هوندا هئا.

جيئن ئي ماڻهو گذرسفر لاءِ سرمائيدار طبقي سان ڏوڪڙن جي لاڳاپي جا محتاج ٿيا، تيئن سندن زندگيون بدلجي ويون. 1790ع ۾ آزاد هٿ آڏاڻن جو تعداد وڌيو پر 1840ع ۾ نون ڪارخانن طرفان پاور لوم (power-loom) جي استعمال سان چٽاپيٽيءَ سبب هنن لاءِ پنهنجو گذرسفر ڪرڻ انتهائي مشڪل ٿي پيو.

’معيار زندگيءَ‘ جي سوال تي اقتصادي تاريخ نويسن منجهہ ڊگها بحث ٿيندا رهيا تہ صنعت ۽ شهر جي اچڻ سان ماڻهن جون زندگيون تباهہ ٿيون يا نہ. ماڻهن شهرن جو رُخ ڪيو جيئن اُنهن تين دنيا جي هاڻوڪن ممبئي يا جڪارتا جهڙن شهرن ڏانهن رُخ ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اُنهن کي ٻهراڙيءَ جي عذاب مان نجات جو اهوئي متبادل نظر پئي آيو پر شهرُ هڪ محفوظ ۽ آرامده مستقبل مهيا نہ ڪري سگهيو. ماڻهن هڪڙي ڏينهن پنهنجن هنرن سبب پنهنجي قوت محنت وڪڻڻ جي قابل هئا، تہ وري ٻئي ڏينهن (مشينن جي اچڻ ۽ پيداوار جي نون طريقن سان) سندن هنرن جي اهميت ئي نہ ٿي رهي. ارڙهينءَ صديءَ جي ابتدا ۾ ٻهراڙيءَ جي معيشيت ٽوٽي جو دردناڪ هئي، پر آهستي آهستي تبديلي ٿيندڙ هئي، اوڻويهين صديءَ جي شهري معيشيت انتهائي تيزيءَ سان ۽ پراڻين شين کي ڊاهندي رهي. پيداوار مارڪيٽ لاءِ هئي ۽ مارڪيٽون انتهائي تيز رفتاريءَ سان پکڙيون. معاشي ترقيءَ دوران شهرن ۾ بظاهر ’آسان ڏوڪڙن‘ جي لالچ ۾ ماڻهن پراڻا دنڌا ۽ ڳوٺاڻا گهر ڦٽو ڪيا. معاشي ٻاڙائين دوران اهي پنهنجو پاڻ ڦاسي ٿي پيا، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن سندن ملازمت کسجي ٿي وئي تہ هاڻي وٽن خوراڪ جي رسد مهيا ڪرڻ لاءِ زمين جو ٽڪرو بہ نہ هو.

نون مزدور حلقن عارضي طور تي پنهنجي صورتحال کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ هنر سکيا. پر تنهن هوندي بہ اُنهن کي سخت جدوجهد ڪرڻي پيئي، مالڪن طرفان سندن حالتن کي ويتر خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي خاص طور تي جڏهن تجارت ڪِري ٿي پيئي يا نيون ٽيڪنالاجيز وجود ۾ آيون پئي. شهري آباديءَ جو ڪجهہ تعداد سدائين ’ڪنگال پٽي‘ ۾ رهندو هو صفا بيمار بلڪل ڪمزور يا صفا غيرهنرمند پورهيتن کي نيم مستقل ڪم جي دنيا ۾ ڌڪي ڇڏيو.

هيءَ نئين پورهئي جي طاقت اٿاهہ دولت جو وسيلو هئي. پر اها دولت ٻين لاءِ هئي.

ايتريقدر جو ماهر شماريات جيڪي پورهيت آباديءَ جي اڪثريت جي معيار زندگيءَ ۾ بهتري ڏيکارڻ جي دعويٰ ڪن ٿا سي به اهو ظاهر ڪن ٿا ته اُنهن پيداوار ۾ ٿيل جدتن کي ماپيو آهي. جڏهن ته نئين پورهيت طبقي مڙئي زنده رهڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن ريت گذارو ڪيو. 1815ع کانپوءِ ٻڪن وارن سالن ۾ قومي پيداوار جو 12 سيڪڙو قومي قرض ڏيندڙ جي وياج جي ور چڙهي پئي ويو.

اُهي جيڪي پورهيتن جي پگهر تي زنده رهيا ٿي، تن ڏٺو ته نئين پورهيت قوت کان جهڙي نموني چاهيون تيئن ڪم وٺڻ مسلسل مسئلو بڻجندو پيو وڃي. مزدورن کي ٻهراڙين ۾ آندو ويو ۽ هڪ موسم ۾ شديد محنت ڪرائي، ڪين آرام لاءِ ڏگهن وقفن تي ڇڏي ڏيندا هئا. اُهي نه صرف آچر جي ڏينهن موڪل وٺي پئي سگهيا، پر جيڪڏهن ڪري سگهن ته سومر واري ڏينهن (انگلينڊ ۾ 'سينٽ سومر' ۽ جرمنيءَ ۾ 'نيرو سومر' طور سڃاتو ويندو هو) به موڪل ڪري پئي سگهيا. ڪارخاني مالڪن لاءِ اهڙين عادتن کي ٽوڙڻ مجبوري ٿي پيئي. مشينن کي سڄ اڀرڻ کان سڄ لهڻ تائين ڪم ڪرڻو پوندو هو ۽ جڏهن گئس روشنيءَ جي ايجاد ٿي ته رات جو ڪم ڪرڻ پڻ ممڪن ٿي پيو. ڪارخانن ۾ لڳايل گهڙيال اهو ٻڌائي رهيا هئا ته، 'وقت معنيٰ ڏوڪڙ'.[73] انساني فطرت کي پڻ بدلجڻو پيو ته، جيئن ماڻهن کي اهو سوچڻ عجيب نه لڳي ته سڄو ڏينهن سڄ، وڻ ۽ گُل ڏسڻ يا پکين جو ٻوليون ٻڌڻ کانسواءِ هڪ بند ڪمري ۾ سمورو وقت خرچ ڪري سگهجي ٿو.

ملڪيتي طبقن جي خيال ۾ غربت جي شدت گهٽائڻ جي ڪوشش نئين ضابطي کي ڪمزور ڪندي، جيڪڏهن غريب ماڻهو ڪم ڪرڻ کانسواءِ ڪنهن قسم جي آمدني ماڻي سگهندا ته پوءِ اُهي 'سُست، واندا، نڳ ۽ بيڪار' ٿي ويندا، ۽ 'دانائي، احترام ۽ پنهنجو پاڻ تي ضابطو' وڃائي ويهندا ۽ 'سستيءَ ۽ منجهن نافرمانيءَ جو جذبو' پيدا ٿيندو.[74]

ٿامس مالٿس مناسبت سان هڪ 'ثبوت' مهيا ڪيو ته غريب جي معيار زندگيءَ کي سُڌاري نه ٿو سگهجي. هن چيو ته جيڪڏهن اُهي خوشحال ٿيندا ته وڌيڪ ٻار ڄڻيندا ۽ وري ساڳي صورتحال ڏانهن موٽي ويندا. ايڊم سمٿ جي خيالن جو وڏو پرچارڪ جين Baptiste پڻ 'ثابت' ڪيو هو ته اصل آزاد مارڪيٽ ۾ بيروزگاري ناممڪن آهي. جيڪڏهن ماڻهو ڪم نه ٿا ڳولي سگهن ته ان ڪري جو مارڪيٽ جي سهپ کان وڌيڪ پگهارن جو مطالبو ڪن ٿا. مفلسيءَ جي روڪ لاءِ سهاري جي آڇ غريبن ۾ ويتر تباهه ڪن عمل کي هٿي وٺرائيندي، غربت کي منهن ڏيڻ جو فقط هڪڙو ئي طريقو آهي ته غريب کي وڌيڪ غريب ڪجي. حالتون اهڙيون ڪيون وڃن جو 'سالم جسم'، بيروزگار آجپي بدران ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن. 1834ع ۾ برطانيا ۾ "غريبن بابت قانوني ترميمي ايڪٽ" The Poor Law Amendment Act منظور ڪندي، اهو طئي ڪيو ويو ته

اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن، جو ڪم ڪرڻ وارا جيلن جهڙن ڪارخانن ۾ قيدي بڻجڻ لاءِ تيار ٿي وڃن.

صنعتڪاريءَ سان فقط ماڻهن جون طبعي زندگيون نه بدليون هيون، پر اُنهن جي ذهنيت ۾ پڻ تبديلي آئي. پُرهجوم شهرن چڙوچڙ ۾ ڪنيل ڳوٺن جي طرز زندگيءَ کان بلڪل مختلف ورتاءَ کي جنم ڏنو. اهو عمل اڪيلائپ ۾ مايوسي، توڙي غربت ڏانهن وٺي وڃي سگهيو پئي، پر اهو هڪ طبقي جي نون احساسن ڏانهن پڻ وٺي ويو. چاڪاڻ ته ماڻهن پنهنجو پاڻ کي لاتعداد ٻين ماڻهن کي ساڳين مسئلن سان ۽ ساڳين حالتن ۾ گڏ ڪم ڪندي ۽ جيئندي ڏٺو. ٻيو ته صنعتڪاريءَ ماڻهن کي ٻهراڙين جي منفرد چاڻ کان وڌيڪ وسيع دنيا بابت آگاهي ڏني. مزدور پنهنجن وڏڙن هارين کان وڌيڪ پڙهڻ ۽ لکڻ جي قابل ٿي پيا ۽ پڙهڻ ۽ لکڻ ذريعي ڏورانهن علائقن ۽ واقعن بابت باخبر ٿيا.

پورهئي جي نئين دنيا پاڻ سان گڏ خاندان جي هڪ نئين صورت ۽ عورت جي حيثيت ۾ انقلابي تبديلي آندي. هاريءَ جي زال سدائين هڪ پيداواري ڪردار ادا ڪيو پر اُها اڪثر پنهنجي مڙس جي ماتحت ۽ محتاج رهي، جڏهن ته مرد خاندان کان ٻاهر سماج سان ڪاروهنوار لاءِ ذميوار هوندو هو. ان جي ابتڙ، صنعتي انقلاب جي پهرين ٻوڏ ۾ اهي عورتون (۽ ٻار) هئا، جيڪي سون ۽ هزارن جي تعداد ۾ ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ لڳا. حالتون انتهائي خراب هيون. ايتريون بدتر جو اُهي هڪ اهڙي مرد جو خواب ڏسنديون هيون، جيڪو کين پگهر واري پورهئي ۽ ٻار جي پالنا واري ٻٽي عذاب مان نجات ڏياري سگهي، پر پهريون ڀيرو عورت وٽ پڻ پنهنجا ڏوڪڙ هئا ۽ مڙسن يا چاهيندڙن کان هڪ سطح جي آزادي هئن. لنڪاشائر جي ’ڪارخانن وارين ڇوڪرين‘ پنهنجي پيرن تي بيهڻ ڪري مشهوري ماڻي، جيئن پئرس جي اوپر پاسي جي grisettes گرسيٽيس پوليس کي هراسان ڪرڻ ۽ سپاهين کي للڪارڻ جي ڪري مشهور هيون. پيداوار کي انقلابي صورت ڏيندي سرمائيداريت اُنهن روين کي پڻ اونڌو ڪرڻ شروع ڪيو جيڪي هزارين سالن کان عورتن جي ظلم کي برقرار رکڻ ۾ مددگار هئا.

بالادست ۽ زيردست

صنعتي مزدورن جي نئين طبقي فقط تڪليف نه پوڳي. ان جلدئي ڏيکاريو ته اهو واپس وڙهي سگهي ٿو. 17 ۽ 18 هين صدين ۾ مخصوص دستڪاري تجارتن جو شهرن ۽ قصبن ۾ هڪ هنڌ گڏپ جو اظهارُ. انگلش انقلاب ۾ ماهر ڪاريگرن ۽ سيڪڙاتن، آمريڪي انقلاب ۾ نيويارڪ ۽ پيننسيلوانيا جي ’مسترين‘ ۽ فرينچ انقلاب ۾ ڪاريگرن ۽ واپارين طرفان ادا ڪيل ڪردار ۾ ٿيندو رهيو. هاڻي ماڻهو اجان وڏي پيماني تي بيمثال وڏن ڪارخانن جي ميڙ ۾ ڪٺا ٿيڻ شروع ٿيا. ان سان کين مزاحمت جا وڏا امڪان مهيا ٿيا. جيڪي ان کان اڳ ڪنهن به استحصال جو شڪار ٿيندڙ

طبقي کي نہ مليا ۽ اها مزاحمت اهڙي هئي، جنهن موجوده سماج جي ڪُلي طور تي مخالفت وارن خيالن جي ترقيءَ کي زور وتايو.

1796ع ۾ انقلابي پرچارڪ جان ٿيويل تجزيو ڪيو هو تہ مستقبل ڪهڙو هوندو:

ڪجهہ ماڻهن جي هٿن ۾ هڪ هنڌ ۾ سرمائي جو لڪل ڍير.... پنهنجي ئي بداخلاقي ۾ علاج جا ٻج کڻي هلي ٿو.... ماڻهن کي ڪنو ڪرڻ تي پلي ڪهڙو بہ دٻاءُ چو نہ هجي.... پلي پوءِ اهو عمل ڪجهہ بچڙاين کي چو نہ جڻي، پر اها معلومات جي پکيڙ جي حق ۾ آهي ۽ نيٺ انساني آزاديءَ کي هٿي ڏياريندي. هتان کان هر دستڪاري ۽ ڪارخانو هڪڙي قسم جو سياسي معاشرو آهي، جنهن کي پارليامينٽ جو ڪوبہ عمل ماٺ نہ ٿو ڪرائي سگهي ۽ ڪوبہ مئجسٽريٽ ڇڙوڇڙ نہ ٿو ڪري سگهي.[75]

هن جي اڳڪٿي ٻن ڏهاڪن اندر سچي ثابت ٿي. نيپوليني جنگين جي پڇاڙيءَ تي برطانيا ۾ جدوجهد جي هڪ نئين لهر شروع ٿي. ان وڌيڪ وسعت حاصل ڪئي ۽ ان کان اڳ ٿيل احتجاجن جي ڪنهن بہ لهر کان وڌيڪ عرصي تائين برقرار رهي. اها جدوجهد مختلف وهڪرن مان اُڀري، جن ۾ لنڊن جا انقلابي ڪاريگر، جيڪي 1790ع واري تحريڪ جا وارث هئا. جوراب ٺاهيندڙ ۽ درزي، جن جون اُجرتون مشينن جي متعارف ٿيڻ سان زبردستي گهٽايون ويون؛ ۽ هنرمند مزدورن، ڪپهہ ڪتڻ وارا ۽ باغن جا مزدور (جن جي اڳواڻن `Tolpuddle Martyr` کي آسٽريليا اماڻيو ويو) جون غيرقانوني تجارتي يونينون شامل هيون. جدوجهد مختلف مرحلن ۾ هلندي رهي، مشين ٽوڙڻ، عوامي مظاهرا جن مٿان 1819ع ۾ مانچسٽر ۾ 'پيٽرولو' وٽ لشڪرن هٿان حملو ڪرايو ويو وڏيون هڙتالون، 32_1830ع ۾ وچولي طبقي سان گڏ ووٽ لاءِ احتجاج، 1834ع کانپوءِ ڪم وارين جاين تي حملا ڪرڻ، پوليس جي نڪاڻن تي احتجاج وغيره. انهن جدوجهدن لڳاتار اڳواڻ پيدا ڪيا، جن تنظيم سازي ڪئي، احتجاج ڪيو خيالن جو پرچار ۽ ڪن جاين تي سرمائيدارن خلاف ايڊم سمٿ ۽ ڊيوڊ رڪاردو جي ڪجهہ خيالن کي ڦيرائڻ شروع ڪيو. انهيءَ تحريڪ وٽ پنهنجون اخبارون، جهڙوڪ: "بليڪ ڊراف" ۽ "غريب ماڻهوءَ جي محافظ" هيون ۽ اُنهن اخبارن جي مالڪن کي اڪثر ڪري گرفتار ڪيو ويندو هو ڇاڪاڻ تہ اُهي احتجاج جي رپورٽنگ پيا ڪن ۽ سرمائيدارن ۽ زميندارن کي للڪارين پيا.

چارٽسٽ

1830ع جي آخر ۾ احتجاجن جي مختلف وهڪرن گڏجي چارٽسٽ تحريڪ کي اُڀاريو. انهيءَ وقت اهو ڪجهہ ٿيو جيڪو تاريخ ۾ اڳ ۾ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو ويو. عوام جي هڪ تحريڪ جنهن جي محنت سماج کي چلتو رکيو فقط ڪنهن فساد يا بغاوت لاءِ نہ، پر جمهوري ڍانچن سان هڪ مستقل تنظيم هيٺان کان منظم ڪئي وئي. 1837ع ۾

ليڊس ۾ ان جي مُک اخبار ’اُتريون تارو‘ جو بنياد وڌو ويو. جلدئي ان جي گردشي ڪاپين جو تعداد حڪمران طبقي جي اخبار ”ٽائمز“ جيترو ٿي ويو ۽ ان جا مضمون هر هڪ صنعتي علائقي ۾ عوامي جاين ۽ ڪارخانن ۾ اٿپڙهيل ماڻهن لاءِ زور سان پڙهيا ويندا هئا.

برطانوي اسڪولن ۾ تاريخ سيکارڻ وقت چارٽ ازم سان هڪ ننڍڙي تحريڪ طور سلوڪ ڪيو وڃي ٿو تہ اها ناڪام ٿي، پر اها 19 هين صديءَ ۾ برطانيا جي سڀ کان وڏي عوامي تحريڪ هئي. ان تحريڪ ٿي پيرا حڪمران طبقي کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو. 39_1838ع ۾ هزارين مزدورن عوامي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪئي، جتي چارٽسٽ پروگرام جا نقطا پيش ڪيا ويا ۽ بحث ڪيو ويو. هزارين ماڻهن هڪ عوامي بغاوت جي اميد ۾ تربيت وٺڻ شروع ڪئي، حڪومت کي ايتري ڳڻتي ورائي وئي، جو اُن صنعتي علائقن ۾ فوج اماڻي، ۽ ڏکڻ ويلز جي نيوپورٽ ۾ هٿياربند بغاوت جي ڪوشش ٿي.[76] وري 1842ع ۾ تاريخ جي پهرين عام هڙتال لنڪاشائر ۾ ٿي، مزدورن هڪ ڪارخاني کان ٻئي تائين مارچ ڪيو چمنيون بند ڪيون ۽ پنهنجي جدوجهد کي ڦهلايو.[77] نيٺ، 1848ع ۾ برطانيا ۾ صنعتي ٻاڙائي، آئرلينڊ ۾ ڏڪار ۽ يورپ ۾ انقلابن جي هڪ لهر وري هڪ نئين ڪارروائيءَ کي پڙڪايو. مزدور عوام هڪ ڀيرو ٻيهر ٽڪراءَ لاءِ تيار ٿيو. سندن اميدون مايوسيءَ ۾ بدلجي ويون. رياست ڄمي بيهي رهي، ان جي پٺيان هيٺون وچون طبقو هو. چارٽسٽ اڳواڻ ٻڏتر ۾ هئا، ۽ ڪاوڙ جنهن ڏکڻ لنڊن جي ڪيننگٽن ۾ هڪ لک ماڻهو ڪٺا ڪيا، سي منتشر ٿي ويا. پر اهو سڀ ڪجهه تڏهن ٿيو جڏهن حڪومت اڌ لنڊن کي هڪ هٿياربند ڪيمپ ۾ بدلائي ڇڏيو هو.[78]

هر جاندار تحريڪ وانگر چارٽ ازم ۾ مختلف خيال رکندڙ مختلف گروهن جي ملاوٽ شامل هئي. ان جو رسمي پروگرام، چارٽر جا نقطا، معيشيت جي نئين سر سوشلسٽ اڏاوت بدران ساليانې پارليامينٽ ۽ سڀني مردن کي ووٽ ڏيڻ جي حق تي ٻڌل جمهوري سُڌارن تي آڌاريل هو. ان تحريڪ جا اڳواڻ، هڪڙا ’اخلاقي قوت‘ جا حامي، جن جو خيال هو تہ موجوده حڪمران کي پنهنجي پاسي ڪرڻ گهرجي ۽ ٻيا ’جسماني طاقت‘ جا حامي، جن جي خيال ۾ موجوده حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ گهرجي، جي وچ ۾ ورهايل هئا. ايتريقدر جو جسماني طاقت جي ڳالهہ ڪندڙ ڏر وٽ پنهنجو مقصد ماڻڻ جو ڪو حقيقي خاڪو نہ هو. تنهن هوندي بہ ان جي وجود جي ٻڌن کن سالن ۾ چارٽ ازم بلڪل ڊرامائي شيءِ ڏيکاري. بورجوازي ڳچ يورپ مان جاگيرداريت جي ملبي کي صاف ڪرڻ وارين لڙائين ۾ اڃان تائين پنهنجي ويڙهہ پُوري نہ ڪئي هئي، پر بورجوازي ان سان گڏوگڏ اڳئي هڪ نئون استحصال جو شڪار ٿيندڙ طبقو پيدا ڪري رهي هئي، جنهن ۾ خود بورجوازيءَ خلاف فرينچ انقلاب جي انقلابي ٻوليءَ سان سماج کي بدلائڻ جي صلاحيت هئي.

دنيا جي تاريخ ۾ ان جي اوتري ئي اهميت آهي، جيتري اهميت فرينچ انقلاب ۽ صنعتي انقلاب جي رهي آهي. برطانوي سرمائيدارن جي صنعتڪاريءَ ۾ ڪاميابي ٻين کي نقل ڪرڻ جي ڪوشش لاءِ همٿائي رهي هئي. 1789ع کان اڳ فرانس ۽ ڏاکڻي جرمنيءَ جي ڪجهه علائقن ۾ اڪيئي ڪجهه ڪارخانا هئا. هاڻي صنعت جا ٻيٽ نہ صرف انهن ملڪن، پر اترئين اٽليءَ، ڪيٽالونيا، بوهيميا، اترئين متحده رياستن ۽ ايتريقدر جو روسي اُرل ۽ نيل تي بہ نمودار ٿيڻ لڳا. هر هنڌ نون ڪارخانن جو ٻنهون هو ۽ انهن ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن ۾ پاڻمرادي ڪاوڙ ۽ غصو پڻ پيدا ٿيو پئي. 1795ع کان پوءِ پهرين ڀيرو 1830ع ۾ پئرسي عوام گهٽين ۾ نڪري آيو. بوربن بادشاهہ چارلس ڏهين جي صلاحڪارن ڏٺو تہ انقلاب کي روڪڻ ۾ ئي ڀلائي آهي، هنن بادشاهہ کي سمجهايو تہ جلاوطن ٿي وڃي ۽ پنهنجي جاءِ تي 'بورجوا بادشاهہ' لوئس فلپ آف اورلينس (Orleans) کي مقرر ڪري، اها اٽڪل سوپاري ٿي، پر هيٺين طبقي جي طاقت جي نمائش يورپ جي ٻين علائقن ۾ بغاوتون اڀارڻ لاءِ اتساهہ جو ڪم ڪيو. هڪ جدوجهد کان هٽي ڪري سيئي ناڪام ٿيون، جنهن بيلجيم کي هالينڊ کان ڌار ڪري، برطانوي تحفظ هيٺ آزاد رياست ٺاهڻ جو ڪم ڪيو.

فرينچ شاعر ۽ تاريخ نويس لمارٽن (Lamartine) تبصرو ڪيو تہ، 'جيڪڏهن معاشرو ۽ حڪومتون پورهيت سوال جي گهرائي کي ماپڻ ۽ ان کي حل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيون تہ اهو معاملو هاڻوڪي سماج ۾ هڪ خطرناڪ ڌماڪو ڪندو'.[79] 18 سالن کانپوءِ هن جي اڳڪٿي بلڪل سچ ثابت ٿي، جڏهن سمورو يورپ انقلاب هٿان لُڏي ويو ۽ لمارٽن پنهنجو پاڻ ان عظمت ۽ روشنيءَ جي ڪرٽي جو مختصر گهڙيءَ لاءِ مزو ورتو.

باب ڇھون

مارڪسز جو جنم

”ھڪ ڀوت يورپ مٿان لامارو ڏئي پيو ڪميونزم جو ڀوت“. دنيا جي سڀ کان وڌيڪ اثرائتن پمفليٽن مان ھڪ جو تعارف انھن لفظن سان شروع ٿئي ٿو. 1847ع جي آخر ۾ پئرس ۾ جلاوطن ٻن جرمن مفڪرن ان پمفليٽ کي مڪمل ڪيو. ان ۾ ترت انقلاب جي اڳڪٿي ڪئي وئي ۽ اجان پھرين شايع ٿيل ڪاپين تان ھُس ئي نہ سُڪي ھوندي تہ، انقلاب ڦاٽ ڪاڏو پر فقط اھو ان لکت جي اٿاھ اثر جي سمجھاڻي نہ ٿو ڏئي، جنھن کي جلدئي ھر يورپي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو. جنھن ڳالھ پڙھندڙن کي، تڏھن بہ ۽ ھاڻي بہ، موھي ڇڏيو سا فقط 40 يا پنجاھ صفحن ۾ انساني تاريخ جي سموري داستان ۾ نئين صنعتي سرمائيدار سماج جي ظھور جي نشاندھي ڪرڻ واري سندس قابليت ھئي. ان ۾ اھو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ، سرمائيدار سماج پاڻ کان اڳ واري سماج وانگر ھڪ عبوري صورت آھي ۽ ان ۾ نھايت وسيع طبقاتي ٽڪرارن جي سمجھاڻي ڏني وئي، جيڪي انھن سماج کي پڙ وکوڙين پيا، جتي سماج اجان تائين مڪمل طور تي پراڻي جاگيردار نظام مان جان آجي نہ ڪرائي ھئي.

ان جا ليکڪ فريڊرڪ اينگلس ۽ ڪارل مارڪس اٿاھ قابليت وارا ماڻھو ھئا، پر اھا ڪا فقط ذاتي ڏاھپ نہ ھئي، جنھن ان ڳالھ کي يقيني بڻايو تہ ان جو ايڏو وڏو اثر ٿيندو اھي بہ افلاطون يا ارسطو ڪنفيوشس يا ٻُڌ، ٻارنس جي سال يا پيغمبر محمد (ﷺ)، والٽيئر يا روسو جھڙي ذاتي ڏاھپ جا مالڪ ھئا. جن کين تاريخ ۾ جاءِ ڏياري اُھي ھڪ اھڙي ھنڌ ۽ اھڙي وقت ۾ رھيا پئي، جڏھن ان دور جا سمورا تضاد ھڪ جاءِ تي کٺا ٿيا ۽ اُنھن وٽ ڪجھ ھو جيڪو ٻين وٽ نہ ھو. يعني، فڪري روايتن ۽ سائنسي جدتن تائين پھچ، جنھن کين نہ صرف انھن تضادن کي محسوس ڪرڻ، پر انھن جي سمجھاڻي ڏيڻ جي قابل بڻايو.

اھي ٻئي پرشين (ھاڻوڪي جرمن) رائنلينڊ ۾ وچولي طبقي جي خاندانن مان ھئا.

مارڪس جو پيءُ اھم سرڪاري عملدار ھو جيڪو ابتدا ۾ يھودي ۽ سندن وڏڙا پڻ يھودي ھئا، پر ھي بعد ۾ پروٽسٽنٽ مذھب جو ٿي ويو. اينگلس جو پيءُ ھڪ خوشحال ڪارخانيدار ھو جنھن وٽ رائنلينڊ ۽ مانچسٽر ۾ ڪارخانا ھئا. 1830ع ۽ 1840ع واري رائنلينڊ جھڙو پسمنظر ضروري ناھي تہ، ماڻھوءَ کي مطابقت يا تقليد ڏانھن وٺي وڃي.

جرمنيءَ جي ڪنهن بہ ٻئي علائقي کان وڌيڪ هتي سرمائيداري ترقي يافتہ هئي ۽ فقط ڪجهہ سال اڳ فرينچ قبضي جاگيرداري سماج جي باقيات کي ڀاري ڇڏيو هو پر هتي اڃان تائين پرشين خانداني بادشاهت بالادست هئي جنهن علائقي تي حڪمراني پئي ڪئي. ايتريقدر جو پراڻن وچولي طبقي وارن منجهہ 'سڌارن' لاءِ هڪ خواهش هئي جيڪا ڪين انهيءَ بار کان آزاد ڪرائي ۽ نوجوان نسل منجهہ انهيءَ خواهش هڪ انقلابي روح جي صورت ورتي.

باقي يورپ جي اڪثر علائقن وانگر جرمني مجموعي طور تي صديءَ جي ابتدائي ڏهاڪن ۾ فڪري ردعمل جي دور منجهان لنگهيو هو. ملڪ جي سڀ کان وڌيڪ مشهور فلسفي هيگل انساني روح جي ترقيءَ واري پنهنجي پراڻي تصور کي مذهبي ۽ ڏندڪٿائي لباس جي تاريخ ۾ ويڙهي پيش ڪيو ۽ پرشين رياست جي گڻن جي ساراهہ ڪئي (يا گهٽ ۾ گهٽ ان جي 'ايسنيٽس'، جيڪي 1820ع جي آئين تي ٻڌل هيون). پر 1830ع ۽ 1840ع ڌاري يونيورسٽين ۾ داخل ٿيل پيڙهيءَ منجهہ روشن خياليءَ ۽ ايتريقدر جو فرينچ انقلاب جي ابتدائي سالن ڏانهن موٽ جو رجحان پيدا ٿيڻ لڳو. 'هيگل جي نوجوان پيروڪارن'، جهڙوڪ: برونو بائر هيگل جي ان خيال تہ هر شيءِ تضادن ذريعي بدلجي ٿي ان کي هڪ آزاد خيال نقطہ نظر سان هاٺوڪي جرمن سماج جي تنقيد ۾ بدلائي ڇڏيو. ڊيوڊ اسٽراس پراڻي عهدنامي تي والٽيئر جي حملي کي وڌائيندي نئين عهدنامي تي سوال ڪرڻ شروع ڪيا. لڊگ فيوئرباخ 80 سال اڳ هوئلباخ ۽ Helvetius طرفان وضاحت ڪيلماديت پسند فلسفي کي ڪنيو. ڪارل گرن طرفان جاگيرداريت يا سرمائيداريت کان وڌيڪ بهتر سماج اڏڻ لاءِ سيني طبقن جي روشن خيال ماڻهن کي ڪٺو ٿيڻ لاءِ ڏنل سندس 'سچي سوشلسٽ' سڏ کي وڏي موٽ ملي.

مارڪس ۽ اينگلس انهيءَ پيڙهيءَ جا اڻٽٽ حصو هئا. جن ماضيءَ ۽ حال جي وچ ۾ قائل سماج کي ٺيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هنن هيگل جو مطالعو ڪيو فيوئرباخ جا دليل ڪنيا، هوئلباخ ۽ Helvetius جي خيالن کي کوٽيو ۽ مذهب تي اسٽراس جي تنقيد جي پوئواري ڪئي، پر هنن ان کان وڌيڪ گهڻو ڪجهہ ڪيو. هنن نئين صنعتي سرمائيداريت جو مقابلو پڻ ڪيو جيڪا پنهنجا پهريان محدود حملا ڪري رهي هئي. اينگلس کي پنهنجي پيءُ سندس مانچسٽر واري ڪارخاني کي سنڀالڻ لاءِ اُماڻيو ۽ جتي هن جرمنيءَ ۾ آزاد خيال نظرين طرفان روشن مستقبل جي وعدن ۽ برطانوي صنعتي انقلاب ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن جي مصيبت ڀريل زندگيءَ جي تلخ حقيقت جي وچ ۾ ٽڪراءَ جو تجربو ڪيو. انهن تجربن کي هن 'انگلينڊ ۾ پورهيت طبقي جي حالت' ۾ بيان ڪيو. هن انهن مزدورن جي صورتحال جو جائزو پڻ ورتو جيڪي انهيءَ تلخ حقيقت خلاف وڙهن پيا. 1842ع جي عام هڙتال ڪانپوءِ مانچسٽر پهچڻ تي هن چارٽسٽ تحريڪ جو ساٿ ڏنو.[80] موٽ ۾ ڪيس سرمائيداريءَ تي تنقيد ڪندڙ 'يوٽوپين

سوشلستن'، جنهن جو اظهار رابرٽ اوون جي لکڻين ۾ هو۽ 'سياسي معيشيت' جي هڪ تنقيدي مطالعي جنهن کي موجوده نظام کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو انهن بابت خبر پيس.[81]

يوناني مادي (ايٽمي) فلسفي تي پنهنجي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ مارڪس 24 سالن جي عمر ۾ تازو شايع ٿيندڙ آزاد خيال اخبار Rheinische Zeitung جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. پرشين سينسرشپ سان ٽڪراءُ ٿي پيس. جنهنڪري ڇهن مهينن ڪانپوءِ اخبار تي بندش لڳائي وئي ۽ مارڪس بعد ۾ وضاحت ڪئي ته ڪيس پهريون ڀيرو 'مادي سوالن' کي منهن ڏيڻو پيو. هن هيلن مان هارين جي ڪاٺ ميڙڻ واري روايت کي نوابن طرفان 'چوريءَ' طور سلوڪ ڪرڻ وارين ڪوششن بابت لکيو ۽ ان ڳالهه تي غور ڪرڻ شروع ڪيو ته ملڪيت ڇا آهي ۽ ڪٿان ڪان اچي ٿي. هن کي پئرس ڏانهن بيدخل ڪيو ويو جتي هن هيگل جي 'حق بابت فلسفي' جو تنقيدي مطالعو ڪيو جنهن ۾ هيگل بادشاهي جبر جو دفاع ڪندي لکيو ته 'منتشر سماج کي ڳنڍي رکڻ جو اهوئي طريقو آهي'، ان لکت مارڪس کي قائل ڪيو ته فقط آزاد خيال آئينُ عوام لاءِ حقيقي آزادي پيدا نه ٿو ڪري سگهي. هن سياسي معيشيتدان، خاص ڪري سمٿ ۽ رڪارڊو جو سنجيده مطالعو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ هڪ اڻ ڇپيل مسودي ۾ سرمائيداريت جي فطرت بابت پنهنجا نتيجا لکيا.[82]

ويڳاڻپ

مارڪس ٻڌايو ته سمٿ، رڪاردو ۽ سندن پيروڪارن طرفان بيان ڪيل نظام عوام جي زندگيءَ کي مارڪيٽ جي ڪاروهنوار جو محتاج ڪري ٿو. پر بذات خود مارڪيٽ ماڻهن جي پورهئي جي پيداوار جي باهمي عمل کان وڌيڪ ڪجهه به ناهي. ٻين لفظن ۾ ماڻهو پنهنجيءَ ماضيءَ جي سرگرميءَ جا قيدي بڻجي وڃن ٿا. فيوئرباخ انهن خدائن، جن کي ماڻهن پاڻ ٺاهيو هو تن جي پوڄا ڪرڻ کي 'ويڳاڻپ' طور بيان ڪيو. هاڻي مارڪس ان ساڳئي اصطلاح کي سرمائيدار مارڪيٽ تي لاڳو ڪيو.

شيءِ جنهن کي محنت پيدا ڪري ٿي، اهائي شيءِ پيدا ڪندڙ کان آزاد هڪ ڌاري قوت طور سامهون ٽڪر کائي ٿي. محنت جي پيداوار اهو پورهيو آهي جنهن ان شيءِ منجهه ٺوس صورت ورتي آهي، پنهنجو پاڻ کي هڪ شيءِ بڻايو آهي، يعني، محنت جي معروضيت..... سياسي معيشيت ۾ ان محنت جو عملي روپ مزدور لاءِ حقيقت جي وڃائجڻ وانگر ظاهر ٿئي ٿو يعني، معروضيت جو مطلب شيءِ جو نقصان يا ان جي غلاميءَ ۾ ٿئي ٿو....

مزدور جيترو وڌيڪ پيدا ڪري ٿو اوترو گهٽ خرچ ڪرڻو پويس ٿو. جيتري قيمت هي پيدا ڪري ٿو اوتر هي بي ملهه، بي قدر ٿي وڃي ٿو..... (سرشتو) مشينن

هٿان محنت جي جاءِ والاري ٿو پر اهو مزدورن جي هڪ حلقي کي وحشي طرز واري محنت ڏانهن واپس اچلائي ٿو ۽ ٻئي حصي کي مشين بڻائي ٿو..... اها محنت ڏاهپ کي پيدا ڪري ٿي، پر مزدور لاءِ رڳو موڳائپ..... اهو سچ آهي تہ محنت اميرن لاءِ خوبصورت شيون پيدا ڪري ٿي، پر مزدور لاءِ مفلسيءَ کي جنمي ٿي. اها محنت محل اڏي ٿي، پر پورهيت لاءِ ڪکاوان گهر. اها خوبصورتي پيدا ڪري ٿي، پر پورهيت لاءِ بدصورتي...... مزدور پنهنجو پاڻ کي پنهنجي ڪم کان ٻاهر ئي محسوس ڪري ٿو ۽ پنهنجي ڪم ۾ پنهنجو پاڻ کي ٻاهر محسوس ڪري ٿو. جڏهن هو ڪم نہ ٿو ڪري، تڏهن پاڻ کي گهر ۾ محسوس ڪري ٿو جڏهن هو ڪم ڪري ٿو تڏهن هو پاڻ کي گهر ۾ محسوس نہ ٿو ڪري.[83]

مارڪس ان نتيجي تي پهتو تہ پورهيت ان وحشيانيت کي 'ڪميونزم' هٿان اجتماعي طور تي پيداواري عمل جو ڪنٽرول حاصل ڪندي شڪست ڏئي سگهي ٿو. انساني نجات، جيئن آزاد خيال جمهوريت پسند چون ٿا، فقط سياسي انقلاب سان جاگيرداريت جي باقيات کي ڊاهڻ سان حاصل نہ ٿيندي، پر هڪ 'ڪميونسٽ' سماج قائم لاءِ سماجي انقلاب آڻڻ سان ٿيندي.

مارڪس ۽ اينگلس پئرس ۽ برسلز ۾ جرمن سوشلسٽن جي جلاوطن گروهن جي شرڪت سان پنهنجن نون خيالن کي عملي مواد ڏيڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪيو. انهيءَ جي نتيجي ۾ جلاوطن ڪاريگرن جي تنظيم، ليگ آف جسٽس، ۾ شموليت ڪيائون، جنهن کي جلدئي ڪميونسٽ ليگ جو نالو ڏنو ويو ۽ هنن کي "ڪميونسٽ پڌرنامو" لکڻ جو ڪم سونپيو ويو.

ان دوران هنن (مارڪس ۽ اينگلس) پنهنجن خيالن کي مرتب ڪيو. 'مقدس خاندان' جي ڪتاب ۽ هڪ اڻ ڇپيل مسودي 'جرمن نظريو' ۾ هنن هيگل جي ڪاڀن پيروڪارن تي تنقيد ڪئي ۽ روشن خياليءَ کان ورثي ۾ مليل تصور تي پڻ تنقيد ڪئي، جنهن مطابق اعتقاد خلاف عقل جي جدوجهد سان ئي سماج کي بدلائي سگهجي ٿو. اُنهن اهو ڪم ڪرڻ لاءِ فيوئرباخ جيماديت کي استعمال ڪيو پر انهيءَ عمل دوران هي فيوئرباخ کان اڳتي نڪري ويا. فيوئرباخ انسانيت جي 'ويڳاڻپ' اظهار طور مذهب کي ڏٺو هو پر هن اهو نہ ٻڌايو تہ اهڙي ويڳاڻپ ٿئي ڇو ٿي. مارڪس ۽ اينگلس پيرا ڪڻندي اهو ٻڌايو تہ فطرت کان هڪ گذرسفر ماڻڻ لاءِ جهيڙيندڙ انسانذات جي لڳاتار نسلن جي ڪوشش ۽ اهڙيءَ طرح ماڻهن جي لاڳاپن جي وچ ۾ ويڇن سبب ويڳاڻپ جنم ورتو. هنن ٻڌايو تہ فيوئرباخ جي ماديت ٻاهرين دنيا کي بدلائڻ تورڙي ان هٿان بدلجڻ ۾ انسانذات جي ڪردار کي نظرانداز ڪيو. هنن دليل ڏنو تہ ان 'جدلياتي' ٻاهمي عمل تاريخ جي مادي تشريح کي ممڪن بڻايو. هنن اُن کي سياسي معيشيت بابت سندن تنقيد سان گڏائي 'ڪميونسٽ پڌرنامي' ۾ سماج ۽ تاريخ جو ٿلهي ليکي جائزو مهيا ڪيو.

انهيءَ نقطہ نظر جي تفصيلن ۾ وڃڻ جي هيءَ جاءِ ناهي، هوئن بہ هن سڄي ڪتاب ۾ انهيءَ مادي نقطہ نظر کي سامهون رکي تاريخ جي تشريح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، پر ڪجھ مخصوص نقطن جي وضاحت ضروري آهي.

نئون عالمي نظام

مارڪس جي خيالن کي اڪثر ڪري مدي خارج چئي رد ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ هُنن اهي ڳالهيون ڏيڍ صدي اڳ لکيون. خاص ڪري تنقيد وري اُنهن طرفان ٿئي ٿي، جيڪي پاڻ ايڊم سمٿ جي 'قومن جي دولت' جي سادي لکت تي ڀاڙين ٿا. جيڪو پڻ مارڪس جي پيدا ٿيڻ کان 40 سال اڳ شايع ٿيو هو. پيو تہ جنهن وقت اهو ڪتاب لکيو ويو تڏهن صنعتي سرمائيداري يوريشيا جي اولهندي ڪناري جي ننڍڙي علائقي تائين محدود هئي، جڏهن تہ ڪميونسٽ پڌرنامو دنيا کي سرمائيداريءَ سان ڀريندڙ دور جنهن کي اڄ اسين 'عالمگيريت' سڏيون ٿا، ان جي پيغمبراڻي اڳڪٿي پيش ڪري ٿو:

مسلسل ڦهلجندڙ مارڪيٽ لاءِ شين جي ضرورت بورجوازيءَ کي ڌرتيءَ جي سڄي گولي جي مٿاڇري ۾ وٺي وڃي ٿي. اها هر هنڌ آکيرا ٺاهي، هر هنڌ آباد ٿئي ٿي.... بورجوازي عالمي مارڪيٽ جي استحصال ذريعي هر ملڪ ۾ پيداوار ۽ کپت کي هڪ عالمگير خاصيت ڏئي ٿي. رجعت پرستن جي وڏي بيحيائي، ان صنعت جي پيرن هيٺان قومي ميدان کسڪائي ڇڏيا آهن، جن تي اها بيٺل هئي.... پراڻي مقامي ۽ قومي اڪيلائي ۽ خودڪفيليءَ جي جاءِ تي اسان هر رُخ ۾ باهمي ربط قومن جو هڪٻئي تي عالمي انحصار ڏسون ٿا....

بورجوازي پيداوار جي سڀني اوزارن جي تيز رفتار جدت سان، رابطي جي وسيلن جي اٿاھ سهولتن، سڀني قومن کي تهذيب ڏانهن ڇڪي ورتو آهي. پنهنجي سستي اگھہ وارين شين جي ڳري توبخاني سان سيئي چيني ڀتيون ڊاهي ٿي.... اها سڀني قومن کي، فنا ٿيڻ جي درد تي، بورجوازي پيداواري صورت کي قبولڻ تي مجبور ڪري ٿي..... هڪ جملي ۾، اها پنهنجي نموني جي هڪ دنيا تخليق ڪري ٿي.

جيڪڏهن هنن لفظن تي تنقيد ڪئي وڃي ٿي تہ اها ان بنياد تي نہ ٿي ڪري سگهجي تہ اهي مدي خارج آهن پر جيئن تہ مارڪس جڏهن اهي سٽون لکيون تڏهن سرمائيداري اڃان پنهنجي ابتدائي صورت ۾ هئي. جڏهن تہ هاڻوڪي دنيا 1847ع جي دنيا کان وڌيڪ مارڪس جي تصوير سان ٺهڪندڙ آهي.

مارڪس ۽ اينگلس ويڳاڻپ جي نقطي کي ڪنيوءِ وڌيڪ سادي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو:

بورجوا سماج ۾ زندھ پورهيو (Living labour) هجي ٿو پر اهو ڍير ٿيل محنت (accumulated/dead labour) کي وڌائڻ جو ذريعو هجي ٿو.... ائين ماضي حال تي حاڪميت ڪري ٿو..... سرمايو آزاد هجي ٿو ۽ ان جي انفراديت هوندي آهي، جڏهن تہ زندھ انسان محتاج هوندو آهي ۽ ان جي ڪا انفراديت نہ هوندي آهي.

هيءَ لعنتي بورجوا سماج پنهنجو پاڻ: بورجوا سماج..... جادوءَ سان پيداوار ۽ مٽاسٽا جا اهڙا اٿاهه وسيلا گڏ ڪيا آهن. جو ان جي حالت ان جادوگر وانگر آهي، جيڪو هاڻي دنيا تي ڪو اختيار هلائڻ جي قابل ناهي جنهن شيءِ کي هن پنهنجي آواز سان گهرايو.... (ان لقاءَ کي سمجهڻ لاءِ) وڏن تجارتي بحرانن کي ياد ڪرڻ ڪافي آهي، جيڪي پنهنجي وقفي وقفي سان موٽ ڪائيندي سڄي بورجوا سماج جي وجود کي آزمائش ۽ مصيبت ۾ وجهن ٿا. ۽ هر ڀيري وڌيڪ خطرناڪ نموني..... انهن بحرانن ۾ هڪ وبائي مرض ڦاٽ کائي ٿو اڳين دورن ۾ اها غيرمعقول ۽ بيوقوفيءَ واري ڳالهه لڳي ها. يعني واڌو-پيداوار جي وبائي بيماري.... اها ائين ظاهر ٿئي ٿي ڄڻ تہ هڪ ڏڪار هڪ جنگ جي بربادي، گذرسفر جي هر ذريعي جي رسد کي ڪٽي ڇڏيو هجي. صنعت ۽ تجارت ڄڻ تہ تباهہ ڪيا ويا هجن. ۽ ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ گذرسفر جا اٿاهه وسيلا، تمام گهڻي صنعت، زبرست تجارت آهي.... ۽ بورجوازي انهن بحرانن مان ڪيئن نڪري؟ هڪ طرف پيداواري قوتن جي جبري تباهيءَ سان تہ، ٻئي طرف نين مارڪيٽن جي فتح ۽ پراڻن علائقن جي سڄي ساري استحصال سان. چوڻ جو مطلب تہ، وڌيڪ وسيع ۽ ڪشادي پيماني تي برباد ڪندڙ بحرانن لاءِ رستو تيار ڪرڻ ۽ انهن وسيلن کي گهٽائڻ جن سان اهڙن بحرانن کي روڪيو وڃي.

مارڪس ۽ اينگلس پڌرنامي ۾ بحران ۽ سرمائيداريت جي ڊگهي مدي واري قسمت جو سرسري جائزو پيش ڪيو. مارڪس زندگيءَ جو باقي ڪجھ حصو بورجوا سياسي معيشيت جي دستاويزن کي پڙهڻ ۽ دنيا جي پهرين صنعتي سرمائيداريت، برطانيا، جو عملي مطالعو ڪرڻ ۽ ويهاڻي پورهئي جي گردش ۽ ان جي انبار تي اڏيل هڪ دنيا، سرمائيداريءَ جي منطق ڪيئن پنهنجو پاڻ کي تيار ڪري ٿي، ان جا تفصيل بيان ڪرڻ کي ارپي ڇڏيو.[84]

مارڪس ۽ اينگلس سرمائيداري ۽ طبقاتي سماج جي اڳوڻين صورتن جي وچ ۾ اهم تضاد بابت ٻڌايو. اڳوڻن حڪمران طبقن پنهنجي حاڪميت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ قدامت پسنديءَ کي لاڳو ڪرڻ چاهيو پئي. پر ڪجھ سرمائيدارن ان ڏانهن هڪ سياسي ۽ نظرياتي گس طور ڏٺو جڏهن تہ سندن سماج جو اقتصادي تحرڪ مسلسل ان جا ترا ڪيندو رهيو.

پيداوار جي اوزارن ۽ پيداوار جي لاڳاپن ۽ انهن سان گڏ سماج جي مجموعي لاڳاپن ۾ مسلسل انقلابي تبديليءَ آڻڻ کانسواءِ بورجوازي وجود نہ ٿي رکي سگهي..... پيداوار ۾ لڳاتار انقلابي تبديلي، سمورين سماجي حالتن ۾ مسلسل وڳوڙ ۽ خلل، دائمي غيريقينيت ۽ احتجاج بورجوازي دور کي ان کان اڳ وارن دورن کان منفرد بڻائين ٿا. سمورا جامد، سخت جميل لاڳاپا، سندن قديم ۽ باعزت تعصبن ۽ راين جي سلسلي سان ٻهارجي وڃن ٿا، نون جُڙيل سمورن لاڳاپن جا هڏا ڳرڻ کان اڳ اهي قديم ٿي سگهن ٿا. جيڪي شيون ٺوس آهن، سي سيئي ڳري هوا ٿي وڃن، سڀ مقدس شيون ناپاڪ ٿي

وجن. ۽ نيٺ انسان[85] باهوش حواسن سان پنهنجي زندگيءَ جي حقيقي حالتن کي ۽ پاڻ جهڙن ٻين انسانن سان سندن لاڳاپن کي منهن ڏيڻ تي مجبور ڪيا وڃن.

پورهيت ۽ نئون نظام

"ڪميونسٽ پڌرنامو" سرمائيداريءَ بابت ۽ ان منجهان پيدا ٿيندڙ پورهيت طبقي بابت ڪنهن ٻيءَ ڳالهه تي زور ڏئي ٿو:

جيترو بورجوازي سرمايو ٿهيو ساڳي نسبت سان پورهيت جديد محنت ڪندڙ طبقو ٿهيو پورهيتن جو هڪ اهڙو طبقو جيڪو تيستائين زنده رهي سگهي ٿو، جيسين ڪو روزگار ڳولي سگهي ۽ جيستائين پنهنجي محنت سان سرمائي ۾ واڌ ڪري سگهي تيسين ڪم ڳولي سگهي ٿو. اهي پورهيت، جيڪي پنهنجو پاڻ کي ذرو ذرو ڪري وڪڻن ٿا، ٻين تجارتي شين وانگر هڪ جنس (وڪري جي شيءِ) آهن ۽ نتيجي طور مارڪيٽ ۾ چٽاڀيٽيءَ جي سمورن لاهن چاڙهن کان واقف ٿين ٿا.

پورهيت طبقو سرمائيداري جي ترقي سان هڪ هنڌ ڪٺو ٿي پنهنجو پاڻ کي اهڙي طاقت ۾ بدلائي سگهي ٿو جيڪا سرمائيداريءَ خلاف واپس وڙهي سگهي:

صنعت جي ترقيءَ سان پورهيت نه صرف تعداد ۾ وڌي ٿو پر اهو وڏي تعداد ۾ هڪ هنڌ ڪٺو ٿئي ٿو ان جي سگهه وڌي ٿي ۽ ان کي وڌيڪ طاقت جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. پورهيتن جي صفن اندر طرحين طرحين مفاد ۽ زندگيءَ جون حالتون وڌ کان وڌ برابر ٿينديون وڃن ٿيون. مشينريءَ جي نسبت سان پورهئي جا سمورا فرق ختم ٿي وڃن ٿا ۽ ذري گهٽ هر هنڌ اُجرتون ساڳيءَ هيٺينءَ سطح تي آنديون وڃن ٿيون..... تجارتي بحران پورهيتن جي اُجرتن کي هيٺ مٿي ڪندا رهن ٿا. مشينري ۾ لڳاتار ۽ تيز تر سڌارو سندن گذرسفر کي وڌ کان وڌ غيريقيني ۽ بي ڪاٿو ڪري ٿو.

انهيءَ صورتحال منجهان 'گڏپ'، يعني مزدور جماعتون (ٽريڊ يونين) ٺهن ٿيون، جيڪي پورهيتن کي هڪ طبقي ۾ منظم ڪرڻ شروع ڪن ٿيون. پلي پوءِ اهي،

پورهيت پنهنجو پاڻ منجهه چٽاڀيٽيءَ سبب مسلسل پريشان ۽ بيقرار ٿيندا رهن ٿا..... بورجوا طبقي جي وجود ۽ اثر لاءِ لازم شرط سرمائي جو ٺهڻ ۽ وڌڻ آهي. سرمائي لاءِ اُجرتي محنت شرط آهي. صنعت جي ترقي، جنهن کي غيررضاڪارانه طور تي بورجوازي هٿي وٺرائي ٿي، سا چٽاڀيٽيءَ ذريعي پورهيتن کي هڪٻئي کان ڇني ڌار ڪري ٿي، جڏهن ته جماعت ذريعي انقلابي گڏپ جي جاءِ والاري ٿي. ائين جديد صنعت جي ترقي انهيءَ بڻ بنياد جا ترا ڪڍي ٿي، جنهن تي بورجوازي شيون پيدا ڪرائي ٿي ۽ انهن تي قبضو ڪري ٿي، ائين بورجوازي پنهنجي قبر کوٽيندڙن کي پيدا ڪري ٿي.

وڏي پيماني واري صنعت ۽ عالمي مارڪيٽ جي ترقيءَ وانگر مارڪس جون هي ڳالهيون 1847ع ۾ يورپ جي تجرباتي طور تي ٿڙ احوال ۽ ليکي بدران مستقبل جي ترقي پذير

رجحانن بابت ماضيءَ جي بنياد تي ڪيل اڳڪٿيون آهن. فرانس ۽ جرمنيءَ ۾ صنعتي پورهيت طبقو اڃان تائين آباديءَ جو تمام ٿورڙو حصو هو نه ڪي ’وڏي اڪثريت جي مفادن ۾ ڪم ڪندڙ وڏي اڪثريت‘ هو (جيئن هڪ ٻئي هنڌ مارڪس بيان ڪري ٿو). ايتريقدر جو 1870ع ۾ جرمنيءَ ۾ ڪارخاني جا مزدور ڪُل افرادي قوت جو فقط 10 سيڪڙو هئا. ۽ ٽوٽي جو 1848ع ۾ برطانيا ۾ ان کان وڌيڪ مزدور هئا. اُتي به اڃان تائين وڏو تعداد ٻينن تي، ننڍن ڪارخانن يا نوڪرن طور ڪم ڪري رهيو هو. جيڪا شيءِ مارڪس ۽ اينگلس چٽي ريت ڏٺي سا اها هئي ته جيئن سرمايو ڏرتيءَ کي فتح ڪندو ويندو تيئن هي (پورهيت) طبقو وڌندو.

سندن پيش ڪيل تصوير تي ڪڏهن ڪڏهن تنقيد ڪئي وڃي ٿي، چاڪاڻ ته فرض ڪيو ويو هو ته وڏي صنعت ۾ ساڳئي قسم جي ’پورهيتن‘ جي ترقي ٿيندي. آئون هن نقطي تي بعد ۾ ايندس جڏهن 20 صديءَ جي آخري حصي جي تاريخ جو ذڪر ڪندس. هتي اهو چئي سگهجي ٿو ته اهو سندن مفروضو هوندو جيڪو اينگلس جي مانچسٽر ۽ چارٽ ازم واري تجربي تي ٻڌل هوندو جڏهن ته اها ڳالهه سندن دليل جي منطق مان نهيل نه هئي. هارپ يا ڪاريگريءَ تي ٻڌل پيداوار ۾ پگهاردار پورهئي جي ترقيءَ پنهنجو پاڻ اُجرتي پورهئي جي هڪ مخصوص صورت جي ترقيءَ کي ضروري نه ٿي بڻائي. هن سڄي ڳالهه جو تت هي آهي ته، سماجي افرادي قوت جو وڏو تعداد پنهنجي گذرسفر لاءِ پنهنجي ڪم ڪرڻ جي گنجائش ۽ صلاحيت کي وڪڻڻ تي ڀاڙيندو (جنهن کي مارڪس بعد ۾ سندن ’پورهئي جي طاقت‘ سڏيو). ٻيو ته سندن ڪم جون اجرتون ۽ حالتون هڪ طرف سرمائي جي چٽاڀيٽيءَ واري ڏکي هٿان ۽ ٻئي طرف سرمائي خلاف واپس وڙهڻ جي سندن سطح هٿان طئي ٿينديون. ڀلي پوءِ اُهي ڪارخانن، دفترن يا ڪال مرڪزن ۾ ڪم ڪن يا ڀلي پوءِ اُهي اڇي پوشاڪ پهرين يا جينز. انهن رُخن سان ڏٺو وڃي ته مارڪس ۽ اينگلس جي دليلن جي منطق ۾ خامي ڳولڻ مشڪل آهي، هڪ اهڙي وقت جڏهن سيني قسمن جي پورهيتن کي ٻُڌايو وڃي ٿو ته سندن گذرسفر ’عالمي چٽاڀيٽيءَ‘ ۾ ادارن يا ملڪن جي ڪاميابيءَ تي منحصر آهي.

مارڪس ۽ اينگلس جي ’پڌرنامي‘ جي آخر ۾ اها ڳالهه اڳ تسليم ٿيل آهي ته عالمي طور تي سرمائيداريءَ جي نوعيت اڃان تائين غيرترقي يافته آهي. هنن لکيو ته ’ڪميونسٽ پنهنجو ڌيان جرمنيءَ ڏانهن ڏين چاڪاڻ ته اهو ملڪ بورجوا انقلاب جي ڪنڌي تي آهي.‘ هنن وڌيڪ چيو ته ’اهو (انقلاب) يورپي تهذيب جي وڌيڪ سُڌريل حالتن هيٺ ۽ 17 صديءَ ۾ انگلينڊ ۽ 18 صديءَ ۾ فرانس جي پورهيتن کان وڌيڪ ترقي يافته پورهيتن هٿان اچڻو آهي‘ ۽ ’پر (اهو) ترت ايندڙ پورهيت انقلاب جي تمهيد هوندو‘.

مٿان لامارا ڏيندڙ انقلاب بابت اُهي مڪمل طور تي دُرست ثابت ٿيا. چاڪاڻ ته انهيءَ (انقلاب) ۾ ئي مزدورن اڳ وارن انقلابن کان وڌيڪ وڏو ڪردار ادا ڪيو جيڪا ڳالهه هي اڳواڻ نه ڏسي سگهيا. سا اها هئي ته بورجوازي ان کان وڌيڪ وڏي ڪردار طور ردعمل ڪندي

باب ستون

1848

مون سچو ڏينهن پئرس ۾ رُلندي گذاريو ۽ ٻه ڳالهيون ڏٺم. هڪ تہ تازي انقلاب جو بيمثال ۽ نرالو عوامي ڪردار ۽ ان انقلاب عوام مطلب تہ اُهي طبقا جيڪي پنهنجن هٿن سان ڪم ڪن ٿا، تن کي ٻين طبقن مٿان جيڪا اٿاهہ طاقت ڏني هئي. ٻيو تہ فتح جي ابتدائي گهڙين ۾ هنن نمائن ماڻهن ڪيڏي نہ ٿوري نفرت ظاهر ڪئي جيڪي اوچتو ئي طاقت جا اڪيلا گُرو ٿي پيا هئا.

سچو ڏينهن پئرس ۾ مون اڳوڻيءَ اختياريءَ جي هڪ بہ نمائندي کي نہ ڏٺو نہ ڪو سپاهي، نہ ئي پوليس وارو ايتريقدر جو قومي محافظ ئي غائب ٿي ويا هئا. عوام وٽ ئي هٿيار هئا. جيڪي عمارتن جي چوڪيداري ڪن پيا، اختيار هلائين ۽ سزا ڏين پيا. اهو لقاءُ بلڪل غيرمعمولي ۽ حيران ڪندڙ هو تہ هيڏو وڏو شهر اُنهن ماڻهن جي هٿن ۾ هو جن وٽ ڪجهہ بہ ناهي.[86]

اهي لفظ آهن تاريخ نويس اليڪسس دي Tocqueville جا، جنهن سال 1848ع جي 25 فيبروري بابت لکيا. تازو ئي فرينچ بادشاهہ لوئس فلپ تخت ڇڏي ۽ ملڪ ڇڏي ڀڄي ويو هو. پرڏيهي وزارت جي دفتر ٻاهران جمهوريت پسند شاگردن ۽ وچولي طبقي جي حلقن طرفان هڪ احتجاجي مارچ سان پوليس جو ٽڪراءُ ٿيو هو. ائين پئرس جي اوڀر واري حصي ۾ غريبن منجهہ پاڻمرادو بغاوت جي باهہ ڀڙڪي پئي، اهوئي علائقو اڏ صدي اڳ ڪاريگرن ۽ ننڍن واپارين جي انقلابي احتجاج جو مرڪز رهيو هو. هجوم زوردار نعرا `Viva la reforme` هڻي فوجن جي صفن کي ٽوڙيندي محلن ۽ اسيمبلي عمارتن ۾ گهڙي پيا. مخالف ڌر جي سياستدانن گڏجي لمارتن جي سربراهيءَ واري حڪومت کي اچلائي ڇڏيو. عوام جي تائيد کي يقيني بنائڻ لاءِ هنن هڪ سوشلسٽ سڌارڪ لوئس بلانڪ ۽ تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هڪ پورهيت البرٽ کي حڪومت ۾ شامل ڪيو.

فرانس ۾ آيل انقلاب يورپ جي هر تخت ۽ تاج جي هيٺان بم رکي ڇڏيو. سئزلينڊ ۾ اڳ ئي گذريل ڊسمبر ۽ جنوريءَ ۾ سسليءَ ۾ هڪ مختصر گهرو جنگ ٿي چڪي هئي. تنهن کانپوءِ ويانا، ملن، وينس، پراگ، برلن ۽ ذري گهٽ هر جرمن پرنسپلٽيءَ جي رياستي راڄڌاني ۽ صنعتي شهر ۾ ڪامياب بغاوتون ٿيون.

هر شهر ۾ آزاد خيال وچولي طبقي جي اڳواڻيءَ ۾ ٿيل احتجاج ۾ وڏا هجوم شامل

ٿيا. جن فوج ۽ پوليس هٿان ٿيل حملن کي شڪستون ڏنيون ۽ محلن ۽ حڪومتي عمارتن تي قبضا ڪيا. ميٽرنچ، 1814ع ۽ 1815ع واري رد_انقلاب جي معمار، جهڙا رجعتي سياستدان پنهنجيون حياتيون بچائڻ لاءِ ڀڄي ويا. شاهي خاندان ۽ اشرافيا پٺيان رهي پنهنجي حيثيت برقرار رکڻ لاءِ آزاد خيال آئين تي راضپي جي هام ڀري، لڳو پئي تہ مطلق العنانيت ذري گهٽ هر هنڌ مري وئي. لڳو پئي تہ بنيادي جمهوري سُڌارا حاصل ٿي چڪا، جهڙوڪ: سيني مردن لاءِ ووٽ جو حق، پريس جي آزادي، جيوريءَ هٿان مقدمي جو حق، اشرافيائي مراعتن ۽ جاگيرداري ادائگين جو خاتمو.

پر ائين نہ هو. اونهاري تائين شاهي خاندان ۽ اشرافيا پنهنجو اعتماد وري بحال ڪري ورتو. هنن جمهوري تحريڪن آڏو جهڪڻ بدران اُنهن تي حملا شروع ڪيا ۽ بعد ۾ سرءَ ڏاري برلن، ويانا ۽ ملن جهڙن مُک مرڪزن ۾ تحريڪ کي ڪچلي ڇڏيو. 1849ع جي اونهاري تائين سڄي يورپ ۾ رد_انقلاب هڪ ڀيرو وري سوڀارو ٿي ويو.

فيبروري ۽ مارچ دوران انقلاب ڪامياب ٿي ويا هئا، ڇاڪاڻ تہ اُنهن ۾ ننڍن واپارين، ڪاريگرن ۽ مزدورن جي وڏي تعداد شاهي خاندانن ۽ اشرافيا آفيسر وارين فوجن ۽ پوليس کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو هو پر اُنهن طرفان بادشاهن ۽ اشرافيا جي جاءِ تي آندل حڪومتن ۽ پارليامينٽن ۾ گهڻو ڪري ملڪيتي وچولي طبقي جا ماڻهو هئا. تنهنڪري (جرمن ڳالهائيندڙ آسٽريا سميت) سڄي جرمنيءَ لاءِ چونڊيل پارليامينٽ مئي مهيني ۾ فرينڪفرٽ ۾ ملي، جنهن ۾ 436 کن سرڪاري ملازم (جن جي اڪثريت انتظامي ۽ عدالتي عملدارن ڪئي)، 100 ڪاروباري ماڻهو ۽ زميندار، 100 وڪيل ۽ 50 پادري شامل هئا.[87] اهڙا ماڻهو پراڻين اختيارين خلاف انقلابي ڪارروائي ڪندي، پنهنجين زندگين جو جوکم کڻڻ يا ايتريقدر جو پنهنجو روزگار وڃائڻ لاءِ تيار نہ هئا. ڀيو تہ هنن عوام، جنهن کين اقتدار تائين آندو هو کي 'غيرمنظم هجوم' سمجهيو جيئن پراڻي حڪمران طبقي ساڻن سلوڪ ڪيو هو.

نين حڪومتن ۽ پارليامينٽيرين کي ساڳيو خوف ورائي ويو جيئن انگلش انقلاب ۾ 'پريسبائٽيرين' (ڪالوين ازم جي پيروڪارن)، آمريڪي انقلاب ۾ نيويارڪ ۽ پيننسيلوانيا جي 'اعتدال پسندن' ۽ فرينچ انقلاب گروندن وارن کي ڊپ لڳو هو. پر اهو وڏي پيماني جو هو. ڪابہ انقلابي وچولي طبقي جي قوت 'آزاد' يا جيڪبن جيتري نہ هئي، جن ڀين مٿان پنهنجي مرضي مڙهي.

سڄي اولهندي يورپ ۾ صنعت جي وڌندڙ ڦيٽن جي معنيٰ تہ هاڻي سرمائيدار طبقو فرينچ انقلاب واري دور کان 1848ع ۾ وڌيڪ وڏو ۽ طاقتور ٿي چڪو هو. ان سان گڏوگڏ وچولي طبقي جي دانشورن، استادن، پروفيسرن ۽ سرڪاري ملازمن جو تعداد پڻ وڌي رهيو هو جن انگلينڊ ڏانهن سنڌن اقتصادي ماڊل طور ۽ فرينچ انقلاب هٿان متحده قومي رياست جي قيام ڏانهن سنڌن سياسي ماڊل طور نيهاريو پئي. هنگري ۽ پولينڊ ۾ ايتريقدر جو نوابن جي حلقن آسٽريا ۽ روس کان قومي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪئي.

پر آئيني ذهنيت يا جمهوريت پسند وچولي طبقي جي ترقيءَ سان گڏ ٻئي پاسي پورهيت طبقي ۾ واڌ ٿي. اڪثر پيداوار اڃان تائين ننڍن ڪارخانن ۾ ٿي پئي، جتي ڪجھ دستڪارن کي يا درزين جي گهرن ۾ ۽ ٺيڪيدار واپارين لاءِ ڪتڻ وارو ڪم ڪندڙن کي لڳايو ويو هو. حالتون تيزيءَ سان سرمائيدار مارڪيٽ جي متحد ڪندڙ ۽ ڪمزور ڪندڙ اثر جي تابع هيون. مثال طور، پئرس ۾:

دستڪاري ڪارخانن جي ڪجھ حصن ۾ پيداوار جو موثر انتظام واپارين ڏانهن منتقل ٿيڻ لڳو جن وڪري جو بندوبست ڪيو ۽ اوڊر کي ڪنٽرول ڪيو. اِنهن تجارتن ۾ مزدور ۽ ايتريقدر جو مالڪ ڪاريگر جن کين ڪم سان لڳائيو توڙي ڪارخاني جي پورهيتن، جيڪي سندن زندگين کي هلائيندڙ ٻاهرين قوتن بابت وڌ کان وڌ باخبر ٿيا پئي، سيني انهن کي هر قيمت تي وڌيڪ موثر ڪرڻ چاهيو پئي. انهن قوتن کي عام طور تي 'سرمائيداري' يا 'مالياتي جاگيرداري' طور سڃاتو ويو.[88]

برلن، ويانا ۽ رائنليند جي صنعتي شهرن ۾ گهٽ يا وڌ ساڳيون حالتون هيون. 1845ع کانپوءِ نفرت شديد ٿي وئي جاچاڻ تہ فصل نہ لٿا. جنهنڪري مارڪيٽ واري معيشيت ۾ لاها چاڙهن اولهہ ۾ آئرليند، جتي ڏهہ لک ماڻهو بُک وگهي مري ويا. چاڪاڻ تہ اناج مسواڙون ادا ڪرڻ لاءِ ٻاهر اماڻيو ويو، کان وٺي اوڀر ۾ پرشيا تائين هڪ وڏي اقتصادي بحران کي پيدا ڪيو. بُک، وڌندڙ قيمتن ۽ بيروزگاريءَ جي وڏي شرح ان نفرت جي باھہ لاءِ تيل جو ڪم ڪيو جنهن 1848ع جي مارچ ۽ فيبروري ۾ انقلابن جي شعلن جي صورت ورتي. وچولي طبقي جي آئينيت پسندن ۽ جمهوريت پسندن طرفان منظم ڪيل احتجاجن کي ڪاريگرن ۽ مزدورن شامل ٿي گهٽين ۾ آندو. بليڪ فاريسٽ (ڪاري ٻيلي) جهڙن علائقن ۾ هاري جاگيرداري بقاياائن ۽ اشرافيائي زميندارن خلاف اُٿي ڪڙا ٿيا، اهڙو ڪم هنن 1525ع جي هاري جنگ کان وٺي نہ ڪيو هو.

ڪاوڙ ۽ بيزاريءَ جي سطح کي ڏسي هر ننڍي يا وڏي سرمائيدار کي خوف وچان ڏڪڻي وٺي وئي. مزدورن ۽ هارين کي جمهوري آئينن يا جاگيرداري مراعتن سان ڪو واسطو نہ هو. هي تہ معيار زندگيءَ ۽ بهتر حالتن جو مطالبو ڪن پيا. انهن مطالبن سرمائيدار منافعن ۽ سرمائيدار ملڪيت کي للڪاريو. لبرل ملڪيت وارن پنهنجن روايتي مخالفن، ملڪيتي اشرافيا ۽ بادشاهن سان، گڏجي ان جي مقابلي ۽ مخالفت ڪئي.

مارچ جي ويڙھہ وارو رت خشڪ ٿيڻ کان اڳ جرمنيءَ ۽ آسٽريا ۾ اڳئي ان جون علامتون ظاهر ٿيڻ لڳيون. نين حڪومتن قومي محافظن جي رُڪنيت وچولي طبقي تائين محدود ڪري ڇڏي، پراڻين فوجن جي آفيسر ڪور کي ڪجھ نہ ڪيو پراڻي بادشاهي رياستي نوڪرشاهيءَ سان مفاهمت ڪئي ۽ جاگيرداري بقاياائن خلاف هارين جي بغاوتن کي روڪڻ جو حڪم ڏنو. برلن ۾ پرشين پارليامينٽ پنهنجو گهڻو وقت پرشين بادشاھہ سان آئيني راضپو ترتيب ڏيڻ تي خرچ ڪيو ۽ فرينڪفرٽ ۾ آل جرمن

پارليامينٽ پنهنجي ڪاروهنوار جي اصولن تي دليل ڏيڻ تي ٿورو وڌيڪ وقت خرچ ڪيو. ڪنهن بہ پارليامينٽ عوامي انقلابي اميدن تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو يا نوابي ردعمل، جنهن پنهنجي قوتن کي ٻيهر هٿياربند ڪرڻ ۽ نئين سرمنظم ڪرڻ جي شروعات پئي ڪئي تنهن کي روڪڻ لاءِ ڪجھ نہ ڪيو.

جُون واري ويڙهہ

بهرحال، اهو پئرس هو جتي فيصلاڪن واقعا ٿيا. مزدورن ۽ ڪاريگرن جن فيبروريءَ ۾ پراڻي نظام کي اونڌو ڪرڻ ۾ فيصلاڪن ڪردار ادا ڪيو هو تن وٽ پنهنجا اقتصادي ۽ سماجي اهنج هئا، جيڪي حڪومت جي آزاد خيال (لبرل)_جمهوري پروگرام کان گهڻو اڳتي نڪري ويا. خاص طور تي هنن ڪم جي عيوض زندگي جيئڻ جيتري اُجوري جو مطالبو ڪيو.

هي بي شڪل هجوم نہ هئا. 1830ع کان وٺي ڪلب سماجي سُڌاري سان ڇهتيل هئا (جن جي اڳواڻي لوئس بلانڪ جهڙن ماڻهن ڪئي) ۽ ڳجهيون تنظيمون جن سماجي مطالبن کي جيڪبن بغاوت سان ڳنڍائي ڇڏيو (جن جي اڳواڻي آگسٽ بلانڪوءَ جهڙن ماڻهن ڪئي)، تن کي چڱي خاص موٽ ملي. سندن خيالن بابت هوٽلن ۽ ننڍن ڪارخانن ۾ بحث ڪيا ويا. 'جمهوري ۽ سوشلسٽ اخبارن، جن عدم تحفظ ۽ غربت جي خاتمي جي ذريعي طور نمائنده حڪومت جي ضرورت تي زور ڏنو اهو خيال متاثر ڪندڙ هو ڇاڪاڻ تہ 1840ع جي ابتدائي سالن جي خوشحاليءَ هلندي هلندي شديد بحران جي دور ۾ بدلجي وئي'.[89]

حڪومت 24 ۽ 25 فيبروريءَ جي هٿياربند هجومن منجهان ٿهي تنهنڪري انهن جي اُٿاريل مطالبن کي نظرانداز نہ پئي ڪري سگهي. لڳاتار 'جلسن، وفدن، نمائندن، مظاهرن'، 'عوام طرفان دباءَ ۽ سندن اڪين اڳيان حڪومت هلي پئي'.[90] اهڙي ريت، حڪومت ڪم واري وقت ۾ ڏيڍ ڪلاڪ گهٽائي جو قانون منظور ڪيو ۽ سيني شهرين لاءِ روزگار جو واعدو ڪيو. حڪومت طرفان بيروزگارن کي ڪم مهيا ڪرڻ لاءِ 'قومي ورڪشاپ' قائم ڪيا ۽ لوئس بلانڪ، محنت واري وزير طور، لڪسمبرگ محل ۾ 'پورهيت ڪميشن' قائم ڪئي جتي 'ملازمت ڏيندڙن جي نمائندن، پورهيتن جي نمائندن، هر مڪتب فڪر جي معيشيتدان سميت 600 ۽ 800 ميمبرن جي وچ ۾ 'هڪ اصلي پارليامينٽ' ٿهي.[91]

پهريائين تہ ملڪيتي طبقن ان بابت ڪا شڪايت اٿارڻ جي همت نہ ڪئي، پر 24 ۽ 25 فيبروري جي اوچتي ڇرڪ جي گذري وڃڻ ڪانپوءِ سُر بدلجي ويو. سيئن، واپارين ۽ صنعتڪارن طئي ڪيو تہ 'سماجي جمهوريہ' خلاف وچولي طبقي جي راءِ کي بدلائجي. هنن شديد ٿيندڙ بحرانن جو الزام مزدورن ۽ قومي ورڪشاپن کي مليل رعايتن تي هنيو (توڙي جو اهي ورڪشاپ انگريز ورڪ هائوسز کان ٿورو بهتر هئا).

بورجوازي جمهوري حڪومت سان پٽ تي ويا. اُنهن ٻوڙي سيٽين کي ٽڏو ڪرڻ لاءِ پراڻي حڪومت جي قرضن کي تسليم ڪيو ۽ بجيٽ ۾ توازن پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هارين تي ٽيڪس مڙهيو. هنن ان ڳالهه کي يقيني بڻايو ته قومي محافظن ۾ وڏي اڪثريت وچولن طبقن جي هوندي، ۽ هزارين بيروزگار نوجوانن کي هٿياربند فوج، Gardes mobiles، ۾ پرتي ڪيو جيڪا سندن ڪنٽرول هيٺ هجي. هنن اپريل جي آخر ۾ هڪ آئين ساز اسيمبليءَ لاءِ چونڊون ڪرائڻ جو پڪ سڏ ڏنو. چونڊون تڪڙ ۾ ڪرائڻ سبب پئرسي ڪاريگرن ۽ مزدورن کي پنهنجو پيغام راڄڌانيءَ کان ٻاهر ڦهلائڻ جو وقت ئي نه مليو ۽ راڄڌانيءَ کان ٻاهر رهندڙ هارين منجهه فقط زميندار، وڪيل ۽ پادري ئي اليڪشني مهم هلائي جن نين ڍلن جو الزام 'ڳاڙهي' پئرس تي هنيو. نئين اسيمبليءَ منجهه حريف شاهي خاندانن جي ويس پهريل حمايتن جي اڪثريت هئي[92] ۽ جلدئي ٻن سوشلسٽ وزيرن کي هٽايو ويو.

پوءِ 21 جون تي حڪومت قومي ورڪشاپن کي بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ بيروزگارن کي صوبن ڏانهن منتشر ٿيڻ ۽ فوج ۾ پرتي ٿيڻ جي وچ مان ڪنهن هڪ جي چونڊ جو اختيار ڏنو.

فيبروريءَ ۾ مزدورن ۽ ڪاريگرن جيڪي حاصلاتون ماڻيون هيون سي کائڻ کسيون ويون. هنن پيو ڪو گس نه ڏسي وري هٿيار کنيا. ٻئي ڏينهن تي هنن پئرس جي اوڀر مان مورچا هٽائي ڇڏيا ۽ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي مرڪز ڏانهن وڌيا. جمهوري حڪومت پنهنجي پوري طاقت سان هٿياربند فوجن کي استعمال ڪري مٿن ڪڙڪي پئي، جنهن ۾ اٽڪل 30 هزار سپاهي، 60 ۽ 80 هزار جي وچ ۾ قومي محافظ ۽ 25 هزارن تائين Gardes mobiles[93] سيئي جنرل Cavaignac جي ڪمانڊ هيٺ هئا. گهرو جنگ چار ڏينهن تائين شهر جي ڳچ حصي کي تباهه ڪري ڇڏيو.

هڪ طرف، ٻنهي سلطنتن جي شاهي خاندانن، زميندارن، واپارين، بئنڪارن، وڪيلن ۽ وچولي طبقي جي ريبپلڪن شاگردن 'ريپبلڪن حڪومت' جي حمايت ڪئي پئي.[94]

ٻئي طرف اٽڪل 40 هزار باغي هئا، 'جيڪي گهڻو ڪري شهر جي ننڍي پيماني واري تجارت، عمارت سازي، ڌاتن جي ڪمن، ڪپڙن، جُتين ۽ ڪاٺ جي فرنيچر ناهڻ لاءِ محنت ڪندا هئا. انهن سان گڏ ڪجهه جديد صنعتي ادارن جهڙوڪ: ريلوي انجنيئرنگ ورڪشاپن ۾ ڪم ڪندڙ مزدور، توڙي وڏي تعداد ۾ غيرهنرمند پورهيت ۽ ننڍو ڪاروبار ڪندڙ ماڻهو' شامل هئا.[95] مزاحمت جي هر مرڪز تي هڪ مخصوص ڌنڌي سان واڳيل ماڻهن، هڪ جاءِ تي گاڏي وارن، ٻئي هنڌ بندرگاهه ۾ سامان لاهيندڙ ۽ چاڙهيندڙ مزدورن، ٽئين هنڌ واڍن ۽ ٻڪڻن حڪم هلايو پئي. جيئن فريڊرڪ اينگلس ٻڌايو ته فقط مرد نه هئا جيڪي وڙهيا. ريو دي ڪليري تي هڪ

مورچي وٽ سٽن دفاع ڪندڙن ۾ ’ٻه خوبصورت نوجوان (غريب پئرس جون عورتون‘ شامل هيون. اُنهن مان هڪ کي گولي لڳي، ڇاڪاڻ ته اُها اڪيلي سر قومي محافظ ڏانهن ڳاڙهو جهنڊو کڻي وڌي.[96]

بغاوت کي سخت رتوڇاڻ ۽ خونريزي سان ڪچليو ويو. قومي محافظ فوج جي آفيسر نقاش ميسونئير رپورٽ ڪيو:

جڏهن ريو دي لا مارتيليري ۾ مورچي تي قبضو ڪيو ويو تڏهن مون ان جنگ جون سڀ دهشتون ڏٺيون. مون ڏٺو دفاع ڪندڙن کي گوليون هنيون ويون، درين مان ڦٽو ڪيو ويو ميدان لاشن سان ستجي ويو. ڌرتي رت سان ڳاڙهي ٿي وئي.[97]

مارجي ويلن جو تعداد ته معلوم ناهي، پر 12 هزار ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ هزارين ماڻهن کي فرينچ گيانا ڏانهن ملڪ بدر ڪيو ويو.

پراڻي نظام جي واپسي

پئرس جي پورهيتن جي شڪست هر هنڌ انقلاب جي مخالفن جي دل وڌي ڪري ڇڏي. جرمن سردار بسمارڪ پرشين قومي اسيمبليءَ کي ٻڌايو ته ’هي واقعو سڄي يورپ ۾ سڀ کان وڌيڪ ڀاڳ وارن واقعن مان هڪ آهي‘.[98] جرمن بادشاهتن ۽ پرنسپلٽين ۾ اختيارين ڪابي ڌر ۽ ريپبلڪن ڪلبن کي برطرف ڪرڻ شروع ڪيو اخبارن تي مقدما هلايا ۽ احتجاج ڪندڙن کي گرفتار ڪيو. اٽليءَ ۾ آسٽرين پيڊمونٽ فوج کي شڪست ڏني ۽ ٻيهر ملن جو ڪنٽرول ماڻيو جڏهن ته نيپلز جي بادشاهه فوجي راڄ قائم ڪيو. آسٽرين جنرل ونڊسشگريٽ چيڪ پنجن ڏينهن تائين وچولي طبقي، شاگردن ۽ مزدورن سان لڙائي ڪانپوءِ پراگ شهر کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو. هن آڪٽوبر جي آخر تائين سخت عوامي مزاحمت کي منهن ڏيندي ويانا تي قبضو ڪيو. 2 هزار ماڻهو موت جو ڪاج بڻايا ۽ پوءِ هنگريءَ ڏانهن وڌيو. هڪ هفتو پوءِ پرشين بادشاهه برلن ۾ آئيني اسيمبليءَ کي برطرف ڪري ڇڏيو. ردعمل ۾ فرينڪفرٽ پارليامينٽ ۾ ’اعتدال پسند‘ اڪثريت ڪُلي عام رد-انقلابي قدم کڻندي ڪيس مارچ ۾ جرمنيءَ جو شهنشاهه بنائڻ جي آڇ ڪئي، هن وڌيڪ انقلابي ڪارروائين کي ڪچلڻ لاءِ ڏکڻ جرمنيءَ ڏانهن پنهنجي فوج اماڻڻ کان اڳ ۾ به ان آڇ کي رد ڪيو هو.

1848ع جي بهار جي وڏين اميدن 1849ع جي ابتدا ۾ شديد مايوسيءَ کي جنم ڏنو پر انقلاب جي لهر اڃان تائين ختم نه ٿي هئي. جمهوري انجمنن ۽ مزدورن جي ڪلبن وٽ رجعت پرست ۽ ’اعتدال پسند‘ تنظيمن کان وڌيڪ سرگرم رُڪنيت هئي. بهار جي موسم رائنليند جي ڪجھ حصي، پيلٽينيٽ، ڊريسڊن، بيڊن ۽ ورٽمبرگ ۾ ڪامياب بغاوتون ڏٺيون ۽ حاڪم اڳوڻي مارچ وانگر پڄندا رهيا، پر ڪيترن ماڻهن اڃان تائين رهنمائيءَ لاءِ فرينڪفرٽ پارليامينٽ ڏانهن واجهائيو پئي جيڪا اهو عمل ڪرڻ لاءِ

تيار نہ هئي. انقلابي فوج جيڪا ذڪرڻ ۾ نٿاهي وئي (جنهن جي صلاحڪارن ۾ فريڊرڪ اينگلس بہ شامل هو) دفاعي پوزيشن وٺڻ تي مجبور ٿي. لڙائي ۾ شڪست کاڌائين ۽ اڳتي وڌندڙ پرشين فوج جي دٻاءَ ۾ سرحد پار ڪري سئزرلينڊ ڏانهن ڀڄي وئي. جڏهن آسٽرين شهنشاهہ کي روسي زار کان فوجي مدد ملي، تڏهن ڪوسٽ جي اڳواڻيءَ ۾ نيٺ هنگرين کي ڪچليو ويو. نيپلز جي بادشاهہ مئي ۾ سسليءَ کي ٻيهر فتح ڪيو ۽ انقلابي قومپرستن جن روم تي قبضو ڪري ورتو هو ۽ پوپ کي تڙي ڪڍي ڇڏيو هو سي فرينچ ريپبلڪ جي هٿياربند فوج هٿان ٽن مهينن جي گهيراءَ ڪانپوءِ مجبور ٿي شهر ڇڏي ڪري ويا.

فرانس ۾ جتان سڄو انقلابي سلسلو شروع ٿيو هو وچولي طبقي جي جمهوريت پسندن، مزدورن کي هارائي، ڏنو تہ هاڻي شاهي اڳرائيءَ خلاف کين بچائڻ لاءِ ڪير بہ نہ هو. بهرحال، شاهي خاندان بوربن جي وارثن ۽ لوئس فلپ جي وارثن جي وچ ۾ ورهائجي ويو ۽ اهو فيصلو ڪرڻ جي قابل نہ رهيا تہ ڪنهن کي بادشاهہ طور ٿاڦيو وڃي. انهيءَ وقت ۾ نيپولين جي ڀائيٽي لوئس بوناپارٽ ٽپ ڏنو. هن کي 1848ع ۾ صدارت لاءِ 55 لک ووٽ مليا، جڏهن تہ هن خلاف وچولي طبقي جي جمهوري اڳواڻ ليڊرو رولن کي فقط چار لک ۽ ڪاٻي ڌر جي انقلابي راسپيل کي 40 هزار ووٽ مليا. 1851ع ۾ هن کي ڊپ لڳو تہ ٻي اليڪشن ۾ هي هارائي ويندو تنهنڪري هن تخت تي غيرقانوني طور تي قبضو ڪري ورتو. ٻئي سال هن پنهنجو پاڻ کي شهنشاهہ بنائڻ جو اعلان ڪيو.

ڪارل مارڪس سال جي آخر ۾ نتيجو ڪڍيو:

مارچ کان ڊسمبر تائين جرمن بورجوازيءَ جي سڄي تاريخ ..... ظاهر ڪري ٿي ..... تہ جرمنيءَ ۾ خالص بورجوا انقلاب ناممڪن آهي.... يا تہ جاگيردار ۽ مطلق العنان رد-انقلاب يا سماجي جمهوري انقلاب ممڪن آهي.[99]

چور دروازي واري بورجوازيت

بهرحال، ائين نہ هو تہ انقلابن يورپ ۾ ڪا تبديلي نہ آندي. جرمني ۽ آسٽريا ۾ اُنهن جاگيرداري اداڱين ۽ ٻانهپ جو آخري انت آندو. توڙي جو ان عمل زميندار نوابن کي زرعي سرمائيدارن ۾ بدلائي ڇڏيو ۽ هارين جي فائدي ۾ ٿورڙو ڪم ڪيو. اڪثر جرمن رياستن جي بادشاهن آئينن کي تسليم ڪيو جن کين حڪومتون مقرر ڪرڻ جا اختيار ڏنا. پر ڏوڪڙن وارن طبقن ۽ ايتريقدر جو مزدورن ۽ هارين لاءِ ڇڊڙي صورت ۾ ئي سهي، پارلياماني نمائندگي مهيا ڪئي. سرمائيداري ترقيءَ لاءِ ميدان صاف ٿي ويو پلي پوءِ اها سرمائيداري ترقي بادشاهتن هيٺ ئي ڇو نہ ٿئي، جن (بادشاهن) خود بورجوازيءَ کي رياست مٿان سڌي ريت ڪنٽرول هلائڻ کان روڪيو.

جرمنيءَ ۾ صنعتي انقلاب شروع ٿيو. صنعت ساليانو 4.8 سيڪڙو ۽ ريلوي 14

سيڪڙو جي شرح سان وڌي. 1850ع واري جنگ کانپوءِ 30 سالن ۾ سيڙپ چئوڻ تي وڌي. پرشيا اندر 25 سالن ۾ ڪوئلي جي پيداوار چئوڻ تي اضافو ڪيو. خام لوهہ جي پيداوار چوڏهوڻ، اسٽيل 54 هوڻ تي ترقي ڪئي. ٻاڦ جي طاقت سان هلندڙ مشينن جي تعداد ۾ 1,800 سيڪڙو واڌ ٿي. الفرڊ ڪرپ 1836ع ۾ فقط 60 مزدورن کان ورتو پئي. 1873ع تائين هن 16 هزار ماڻهن کي ڪم سان لڳايو. جيتوڻيڪ جرمنيءَ جي صنعتڪاري برطانيا کان 60 سال پوءِ ٿي، پر جلدئي ان جي برابري ڪرڻ لڳي.[100] رُهر جي ڪوئلي جي کاڻين کوٽڻ واري صنعت ڏکڻ ويلز کان وڌي هئي. جرمن ڪيميائي صنعت برطانيا کان گهڻو اڳ ترقي ڪئي.

انهن سالن دوران فرانس ۾ پڻ وڏي پيماني تي صنعتن جي ترقيءَ ۾ تيزيءَ ڏٺي وئي جڏهن تہ آسٽرو-هنگرين سلطنت جي علائقن ۾ سست رفتاري سان ٿي. بورجوازي، 1860ع ڌانهن پنهنجي نيهارينديءَ اهو محسوس ڪري سگهي پئي تہ هنن 1848ع ۾ سياسي جدوجهد هارائي، پر اقتصادي لڙائي ۾ سوڀ ماڻي. فرانس ۾ هنن لوئس بوناپارٽ تي اعتبار ڪيو. جرمنيءَ ۾ هنن بسمارڪ جي صورت ۾ خوشيءَ جو اظهار ڪيو جنهن پرشين بادشاهت اندر آمرانا اختيار استعمال ڪندي ڊينمارڪ، آسٽريا ۽ فرانس خلاف جنگيون ڪيون تہ جيئن اولهہ يورپ ۾ سڀ کان وڏيڪ طاقتور رياست طور هڪ نئين متحده جرمن سلطنت اڏي سگهي.

اٽليءَ ۽ هنگريءَ جي بورجوازيءَ پڻ 49-1848ع ۾ قومي تحريڪن جي شڪست مان بحال ٿيڻ شروع ڪيو. پهريائين تہ آسٽرين تخت ملن، وينس ۽ بداپسٽ توڙي پراگ، ڪراڪو ۽ زيگريب پرڳڻن مٿان حاڪميت جاري رکي، پر قومي تحريڪون اڃان مڪمل طور تي تباهہ نہ ٿيون هيون. اٽليءَ جي وچولي طبقي جي حلقن منجهہ قومي اتحاد لاءِ جوش ۽ ولولو اڃان تائين برقرار هو هارين ۽ شهري غريبن جي ڪجهہ تعداد جا جذبا پڻ ساڳيا هئا (مشڪل سان آباديءَ جو 4 سيڪڙو ٽسڪن لهجو ڳالهائيندو هو جنهن کي اٽليءَ جي سرڪاري ٻولي بڻايو ويو). نيپلز جي بادشاهہ ۽ لومبارڊي جي آسٽرين حڪمرانن خلاف اٿاهہ نفرت هئي. 1850ع ۾ پيڊمونٽ جي بادشاهہ جي وزير ڪيوور انهن جذبن جو فائدو وٺڻ چاهيو. هن هڪ طرف سُڌارڪ قومپرست مازيني ۽ جمهوري انقلابي گاريالڊي سان ۽ ٻئي طرف برطانيا ۽ فرانس جي حڪومتن سان معاهدا ڪيا. گاريالڊي هڪ هزار انقلابي 'ڳاڙهي شرٽ' وارن سان سسليءَ ۾ لٿوءِ نيپلز جي بادشاهہ خلاف بيٺ ۾ بغاوت کي ڀڙڪايو[101] ۽ پوءِ هن اتر ڏانهن مارچ ڪيو. پيڊمونٽ جي بادشاهہ ڏکڻ ڏانهن هڪ فوج اماڻي ۽ هنن نيپلز جي شاهي فوج کي ڪچلي ڇڏيو. جڏهن تہ ان دوران فرينچ فوجن لومبارڊيءَ مان آسٽرين جي نيڪاليءَ کي يقيني بڻايو. پوءِ ڪوير ۽ پيڊمونٽ جي بادشاهہ اتڪل ڪندي گاريالڊي جي انقلابي فوجن کي بي هٿيار ڪيو هن کي جبري طور تي جلاوطن ڪري ڏاکڻي اٽليءَ جي ناراض اشرافيا جي

ٿيڪ حاصل ڪئي جن مڃيو تہ 'جيڪڏهن ڪين ساڳي صورتحال ۾ رهڻو آهي تہ شيون تبديل ڪرڻون پونديون'.[102] پيڊمونٽ جا بادشاهہ سڄي اٽليءَ جا بادشاهہ ٿيا. جيتوڻيڪ متحد اٽلي ملڪ گهڻي عرصي کان ڦيٽاڙي جو شڪار هو اتر طرف جديد سرمائيدار ۽ هڪ مفلس ڏکڻ جتي زميندارن هارين سان جاگيردارن جهڙوئي سلوڪ جاري رکيو ۽ غنڊن طرفان ڌاڙا هنيا ويا پئي.

ساڳئي ريت، هنگريءَ هيٺيان کان باغي قوتن کي پاڻ ۾ شامل ڪري، مٿان کان اٿڪلون ڪري قوميت ماٺي ورتي. 1860ع ۾ آسٽرين بادشاهت فرانس ۽ پوءِ پرشيا سان ٽيل ٽڪرارن کانپوءِ پنهنجو پاڻ کي نئين سر منظم ڪيو. هنگريءَ گڏوگڏ بہ انتظامي ڍانچا قائم ڪيا. پهرئين کي جرمن ٻولي ڳالهائيندڙ حڪومتي ڍانچي هلايو پئي، جيڪو جزوي طور تي ويانا ۾ هڪ پارليامينٽ اڳيان جوابدار هو ۽ آسٽريا، چيڪ علائقن، ڪراڪو جي چوڌاري ۽ سلووينيا جي Slav ٻولي ڳالهائيندڙ صوبي مٿان حاڪميت ڪئي. ٻئي حڪومتي حصي کي بداپيسٽ ۾ هنگرين ٻولي ڳالهائيندڙن هلايو پئي ۽ هنگري، سلوواڪيا، جزوي طور تي ٽرانسيلوانيا جي رومانين ٻولي ڳالهائيندڙ خطي ۽ ڪروشيا جي سربو-ڪروٽ ۽ (ترڪيءَ سان تڪرار کانپوءِ) بوسينيا مٿان حاڪميت ڪئي. انهن بندوبستن اڌ صديءَ لاءِ سندس حاڪميت کي مستحڪم رکيو.

بهرحال، يورپ اندر بہ پراڻيون قومي تحريڪون مڪمل طور تي غيرمطمعن رهيون. 1840ع ڌاري آئرلينڊ ۾ قومپرستيءَ جي هڪ نئين سجاڳي ڏٺي وئي، جنهن جو جنم فرينچ انقلاب وقت ٿيو ۽ ان کي 1789ع ۾ ڪچليو ويو هو. برطانوي حڪمران طبقي جي خدمت گذاري هيٺ اِنهن سالن جي وڏي ڏُڪار انساني زندگيءَ ۽ آئرش اقتصاديات کي وڏو هاڃو رسايو. ڏهہ لک ماڻهو مري ويا، ٻيا ڏهہ لک هجرت ڪرڻ تي مجبور ٿيا ۽ ائين آئرش آبادي اڌ تي وئي. ايتريقدر جو بااثر آئيني سياستدان ڊينئل او ڪونيل جنهن 'متحده بادشاهت' (United Kingdom) اندر رهندي آئرش ڪيٿولڪ حقن لاءِ سڄي زندگي ڪم ڪيو هو تنهن مجبور ٿي آزاديءَ جو سوال اٿاريو جڏهن تہ وچولي طبقي جي انقلابين جي نئين نسل وڌيڪ اڳتي وڃڻ، هڪ جمهوري راڄ لاءِ وڙهڻ جي ضرورت تي زور ڏنو.' 1848ع ڌاري بغاوت لاءِ ڪيل سندن ڪوشش کي دٻايو ويو پر هتان کان برطانوي سياسي زندگيءَ ۾ 'آئرش سوال' مرڪزي حيثيت اختيار ڪري ورتي.

يورپ جي هڪ ڇيڙي وٽ آئرش معاملي کي حل ڪرڻ ۾ ناڪامي سان گڏ ٻئي ڇيڙي تي پولش قومپرستيءَ جي جدوجهد جاري رهي. پولش اشرافيا 1790ع ڌاري روس، پرشيا ۽ آسٽريا جي وچ ۾ پولينڊ جي بادشاهت جي ورهاڱي کي ڪڏهن بہ تسليم نہ ڪيو هو ۽ هنن 1830ع ۽ وري 1860ع ۾ روسي حاڪميت خلاف بغاوتن جي اڳواڻي ڪئي. پولش نواب جاگيردار زميندار هئا، جن نہ صرف پولش پر بيلورشين، يوڪرينين

۽ يهودي هيٺين طبقن تي پڻ حاڪميت ڪئي. تنهن هوندي بہ روسي زار خلاف سندن ويڙهہ ڪين 1814ع ۽ وري 1848ع ڪانپوءِ يورپ تي مڙهيل رد-انقلابي ڍانچي سان ٽڪراءَ ڏانهن وٺي وئي ۽ ڪين سڄي يورپ جي جمهوريت پسندن ۽ انقلابين جي مقصدن سان هڪجهڙائپ ملي. برطانوي چارٽسٽ، فرينچ جمهوريت پسندن ۽ جرمن ڪميونسٽن لاءِ پولش جدوجهد سندن پنهنجي جدوجهد هئي ۽ پولش نواب خاندانن جا جلاوطن فرد اٽليءَ، ڏکڻ جرمنيءَ، هنگري ۽ پئرس ۾ وڙهندا رهيا.

باب ائون

آمريڪي گهرو جنگ

12 اپريل 1861ع تي ڏکڻ ڪيرولينا رضاڪار سپاهين سُمٽير قلعي ۾ متحده رياستن جي وفاقي فوجن تي گوليون هلايون. رضاڪار انتهائي ڊرامائي انداز ۾ غلام ڏاکڻين رياستن طرفان ابراهام لنڪن جي صدارت ۾ تازو ٺهيل ريپبلڪن پارٽيءَ کي مڃڻ کان انڪار جو اظهار ڪري رهيا هئا.

ان گهڙي تائين ٿورن ماڻهن کي توقع هوندي ته اهو اختلاف ۾ ناراضپو ويڙهه ڏانهن وٺي ويندو. لنڪن ته هڪ مهينو اڳ صدارت سنڀالي هئي ۽ مسلسل چوندو رهيو ته هن جو هڪڙو ئي ڪم آهي ته اُتر اولهه ۾ نوان ڪوليل علائقا 'آزاد پورهئي' لاءِ محفوظ بڻائي. هن طرفان ذاتي طور تي غلاميءَ کي ناپسند ڪرڻ جي معنيٰ اها نه هئي ته هي ڏاکڻين رياستن ۾ غلاميءَ تي بندش جي حق ۾ هو. 1858ع ڌاري هڪ بحث ۾ هن زور ڀريو ته 'منهنجو انهن علائقن ۾ جتي غلامي وجود رکي ٿي اُتي غلاميءَ جي اداري ۾ مداخلت ڪرڻ جو ڪو به مقصد ناهي'.[103] هن انهيءَ نقطي کي 1861ع واري پنهنجي چونڊ مهم دوران ٻيهر ورجايو.[104] جڏهن ته ڏاکڻين رياستن آمريڪا کان جدا ٿيڻ جي تياري پئي ڪئي، ڪانگريس ان معاملي تي ڪا مفاهمت ڪرائڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي جيڪا ڏکڻ ۾ غلاميءَ کي ڇُهي به نه ها. ڪانگريس ۾ اُتر جي وڏي آباديءَ ۾ هنهيءَ منجهه غلاميءَ جا مخالف حريت پسند اقليت ۾ هئا. ايتريقدر جو بوسٽن، جنهن کي سندن ڳڙهه سمجهيو ويندو هو اُتي به دشمن هجومن هٿان اڪثر ڪري سندن گڏجاڻين کي هلڻ نه ڏنو ويندو هو.

فورٽ سُمٽير جي بمباريءَ کان ٿي ڏينهن اڳ غلاميءَ جي مخالفن کي پڪ ٿي ته گهرو جنگ ناممڪن آهي ۽ حڪومت غلاميءَ جي حامي رياستن جي مطالبن کي قبوليندي. ڪاريءَ چمڙيءَ واري غلام-مخالف فريڊرڪ ڊوگلس لکيو ته 'بغاوتن ۽ غداريءَ کي طاقت سان دٻائڻ واريون ڳالهيون هڪ ڪڏ ۾ پيل شرابي عورت جي لفظن جيترين ٻي ملهه ۽ بيڪار آهن. غلاميءَ اسان جي حڪومت کي ڇُهيو آهي'.[105] تنهن هوندي به فورٽ سُمٽير وٽ گوليون هلائڻ سان آمريڪا جي تاريخ جي سڀ کان وڌيڪ رتوڇاڻ واري جنگ شروع ٿي پئي. آمريڪين جي جاني نقصان جي حوالي سان هيءَ خونريزي آزاديءَ واري جنگ، پهرين عالمي جنگ، ٻي عالمي جنگ، ڪورين جنگ ۽ ويٽنامي جنگ ۾ گڏيل طور تي ٿيل نقصان کان وڌيڪ ڳري هئي.

نہ پرجڻ جوڳي وٿي

هڪ سادي غلط فهميءَ کان ڳالهہ چڙهيل هئي. بنيادي طور تي سماج کي هلائڻ وارن مختلف طريقن جي وچ ۾ هڪ ٽڪراءُ هو.[106]

آمريڪا ۾ مختلف اقتصادي نظامن جي صورتن سان برطانوي راڄ خلاف پنهنجي انقلاب مان جنم ورتو هو هر هڪ وڌندڙ عالمي مارڪيٽ لاءِ ڪاڏو مهيا ڪيو پئي. اُتر ۾ ننڍين آبادگارن، ڪاريگرن ۽ ننڍين ڪارخانن ۾ پگهاردار مزدورن جي 'آزاد محنت' جو غلبو هو. ڏکڻ مثان غلام-مالڪ آبادگارن جي حاڪميت هئي، توڻي جو اُن جي اڃي چمڙيءَ واريءَ آباديءَ جي ننڍين آبادگارن، ڪاريگرن يا مزدورن جي اڪثريت وٽ پنهنجا غلام نہ هئا.

ابتدائي سياسي اڳواڻن کي 'غلام' ۽ 'آزاد' علائقن جي وچ ۾ تضاد ڪو ناقابل عبور معاملو نہ پئي لڳو. اهي علائقا جاگرافيائي طور تي بہ جدا خطا هئا ۽ ايتريقدر جو جيفرسن جهڙا ڏکڻ واسي پاڻ غلام-مالڪ هئا جنهن آزاديءَ جو پڌرنامو ٺاهيو هو ۽ 1800ع ۾ صدر ٿيو هن جو خيال هو تہ غلاميءَ پاڻهي ختم ٿيڻ ڏانهن پئي وڃي. بهرحال، ايڊم سمٿ ثابت ڪيو هو تہ غلام پورهئي کان 'آزاد' محنت سدائين وڌيڪ موثر ۽ منافعي بخش آهي.

بهرحال، اهو معاملو لنڪاشائر ڪارخانن جي ڪڏهن بہ پُوري نہ ٿيندڙ لالچ ۽ هيچ جي خوراڪ لاءِ وڏي پيماني جي ڪپهہ جي پوکيءَ کان اڳ جو هو. 1790ع ۾ ڏکڻ هڪ سال ۾ فقط 1 هزار ٽن ڪپهہ پيدا ڪئي. 1860ع تائين انگ ڏهہ لک ٽنن تائين پهچي ويو هو. غلامن جا ٽولا چهبڪ وارن مالڪن جي ٽولن جي ضابطي هيٺ وڏي پيماني تي پوک پوکڻ ۽ لُڻن جا ڪارائتا وسيلا هئا. 1860ع تائين چاليهہ لک غلام هئا.

پر ٻنين جي مالڪن کي فقط غلام نہ ٿي کپيا. هنن کي ڪپهہ لاءِ پرڏيهي طلب جو پُوراءُ ڪرڻ لاءِ وڌيڪ زمين پڻ کپي پئي. ڪين ڪجهہ مليو جڏهن آمريڪي حڪومت اسپين کان فلوريڊا ۽ فرانس کان ليوزيانا خريد ڪيا. هنن انڊين قومن کي مليل مخصوص زمين کسي ورتي (جن کي انتهائي ڏکين حالتن ۾ وڌيڪ هڪ هزار ميل پري ڌِڪو ڪيو ويو) ۽ ميڪسيڪو سان جنگ ذريعي وڏي زمين ڦٻائي ورتائون. پر اها بہ ڪافي نہ هئي. هاڻي هنن جي اک مِسيسيپي ۽ پئسفڪ جي وچ ۾ واقع غير آباد علائقن ۾ هئي، اها ايراضي موجوده رياستن جي گڏيل ايراضيءَ کان گهٽي هئي.

19 هين صديءَ جي وچ تائين اُترين رياستن ۾ پڻ وڏي تبديلي آئي. يورپ جي مفلس علائقن مان آيل پناهگيرن جي لڳاتار لهرن سان سندن آبادي وڌندي رهي. مهاجر ننڍن آبادگارن يا سُنين اجرتن وارن پورهيتن طور ڪامياب ٿيڻ جي اميد ڪٽي آيا. موٽ ۾، وڌندڙ آباديءَ ڪارخانيدارن ۽ واپارين لاءِ وڌندڙ مارڪيٽ کي پيدا ڪيو. نيو انگلينڊ ڪپڙي جي صنعتي پيداوار 1817ع ۾ چاليهہ لک وال کان وڌي 1837ع ۾ 308 ملين تي

وئي. هن ملڪ 1860ع تائين برطانيا کان پوءِ دنيا ۾ ٻئي نمبر تي سڀ کان وڏيڪ صنعتي پيداوار تي ڪئي. اُتر جي آزاد آباديءَ پاڻ وٽ زمين هجڻ جي خوابن جي ساپيان طور اولهہ جي علائقي ڏانهن ڏٺو جڏهن تہ اُترئين سرمائيدارن ان کي منافعو ناهڻ لاءِ امڪاني طور تي وڏي علائقي طور ڏٺو.

’ٽرانسپورٽ انقلاب‘ غيرمعمولي اثر ڪيو. واهن نيويارڪ کي عظيم ڍنڍن ۽ مڊويسٽ سان ڳنڍيو. وري مڊويسٽ کي اوهيو مِسيسيپي ۽ ميسوري ۾ هلندڙ ٻاڦ وارين ٻيڙين هٿان، ميڪسڪو جي نار سان ڳنڍيو ويو. 1860ع تائين 30 هزار ميل ريل رستو هو جيڪو باقي سڄي دنيا کان وڌيڪ هو. هر هنڌ برادريون جيڪي اڳ ۾ گذاري طور پوک ڪنديون هيون سي تيزيءَ سان مارڪيٽ سان جڙڻ لڳيون. رياست کان رياست ۽ ڏکڻ جي اُتر کان پراڻي عليحدگي ماضيءَ جو قصو بڻجي وئي.

ميسيسپي جي اولهہ واري زمين تي حاڪميت ڪير ڪندو ان سوال کي گهڻو عرصو ٽاري نہ پيو سگهجي جڏهن تہ ٻيا سوال ان سان جُڙيل هئا. اترين صنعتي سرمائيداري جي اهم حلقن برطانوي سرمائيدارن کان پنهنجين شين ۽ مارڪيٽن کي بچائڻ لاءِ مال تي محصول جو نرخ نامو لڳائڻ چاهيو پئي، پر ڏکڻ واري ڪپهہ جي معيشيت ابتدائي طور تي برطانيا جي ڪپهہ صنعت سان ڳنڍيل هئي ۽ آزاد تجارت کي خطري ۾ وجهڻ تي ڏاکڻي معيشيت کي ڪاوڙ لڳي پئي. مسئلو هي ٿيو تہ وفاقي حڪومت پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ هيٺ ڪنهن جي مفادن مطابق عمل ڪندي؟

ڪيٽ مالڪ اڌ صديءَ تائين پنهنجي نموني هلندا رهيا. 1820ع ۾ ميسوري ۽ 1840ع ۾ ٽيڪساس غلام رياستن طور يونين ۾ شامل ٿيون. ڀڄي ويندڙ غلامن خلاف 1850 ڌاري وفاقي سپاهين هڪ نئون قانون لاڳو ڪيو اترين شهرن جهڙوڪ بوسٽن مان ڀڄي آيل ماڻهو پڪڙي ڏکڻ ۾ سندن مالڪن ڏانهن واپس اماڻيا. وري 1854ع ۾ ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي صدر ۽ ڪانگريس فيصلو ڪيو تہ جيڪڏهن اچن آبادڪارن جي اڪثريت غلاميءَ جي حق ۾ ووٽ ڏئي ٿي تہ ڪناسس ۽ ٻين اولهندن علائقن ۾ غلامي رهندي ٻين لفظن ۾ جيڪڏهن ڏکڻ کان غلاميءَ جي حمايتي، اتر اوڀر کان آزاد آبادڪارن جي پهچڻ کان اڳ، هنن علائقن ۾ هڪ اڏو قائم ڪرڻ لاءِ سندن دولت استعمال ڪري سگهيا.

انڪري نہ صرف انسان دوست اچن ۽ آزاد ڪارن طرفان غلاميءَ مخالف تحريڪ اندر شديد ڪاوڙ پڙڪي پئي، پر نيو انگلينڊ جتي ڪڏهن بہ غلامي نہ رهي، ۾ بہ اقليت حمايت ڪئي. ان عمل اتر وارن کي مشتعل ڪيو يلي پوءِ منجهن نسل پرست خيال هئا، سي ’آزاد زمين‘ لاءِ اٿي کڙا ٿيا. ٻنهي گروهن کي ڊپ هو تہ ڪيٽ مالڪ (plantation owner) جن وٽ صدارت، ڪانگريس ۽ سپريم ڪورٽ جو اختيار هو سي سڄي اولهہ کي هڙپ ڪري ڇڏيندا. ان سان امڪاني طور تي ٿيندڙ آبادگارن جون اميدون تباهہ ٿي

ويندي‌يون، صنعتي سرمايو فقط چند اتر اوڀر واري رياستن جي حاڪميت هيٺ رهندو ۽ آئنده مستقبل ۾ ڪيت مالڪن کي حڪومت جو ڪنٽرول ملندو.

ڪنساس (Kansas) 'آزاد محنت' وارن آبادڪارن ۽ ميسوري ۾ سرحد پار کان آيل غلاميءَ جي وڪالت ڪندڙن جي وچ ۾ هڪ شديد ننڍي گهرو جنگ جو ميدان بڻيو. سڄي ملڪ ۾ راءِ عامہ ٻن رُخن ۾ ورهائجي وئي. اُتر ۾ ان هڪ نئين سياسي پارٽيءَ. ريپبلڪن، کي جنم ڏنو 1860ع واري صدارتي چونڊ ۾ ان جو اميدوار ابراهام لنڪن هو.

پارٽيءَ کي سيني طبقن جي حمايت حاصل هئي. آزاد پورهئي لاءِ اولهندي علائقن کي محفوظ بنائڻ جي ارادي سان وڏا ڪاروباري حلقا، آبادگار، ڪاريگر ۽ مزدور گڏجي پيا. ان جي معنيٰ نسل پرستيءَ جي عام مخالفت نہ هئي. غلاميءَ جي مخالفن جن ۾ جان براڻون جا ڪلي عام مداح بہ شامل هئا جنهن کي 1859ع جي ڊسمبر ۾ سزا ڏني وئي، ڇاڪاڻ تہ هن مقامي غلامن کي آزاد ڪرڻ جي مقصد سان ورجينيا ۾ هارپر فيريءَ وٽ هڪ وفاقي اسحلي خاني تي قبضو ڪرڻ لاءِ اڇن ۽ ڪارن جي گڏيل گروهہ جي اڳواڻي ڪئي هئي. پر ڪيترائي اهڙا ماڻهو بہ هئا، جن نسل پرستيءَ کي مڃيو پئي. 'آزاد پورهئي وارين رياستن' مان ڪجهہ رياستن ڪارن کي ووٽ کان محروم رکيو ۽ ٻين رياستن تہ ڪارن کي اُتي زندهہ رهڻ جو حق ڏيڻ ک ن بہ انڪار ڪيو. 1860ع ۾ نيويارڪ جنهن لنڪن لاءِ وڏي اڪثريت سان ووٽ ڏنو وري ان ئي ڪارن کي اڇن برابر ووٽ جو حق ڏيڻ خلاف ريفرنڊم ۾ ٻيڻا ووٽ پڻ ڏنا.

اُتر ۾ ريپبلڪن پارٽيءَ جي ڪاميابي نسل پرستيءَ يا غلاميءَ بدران آزاد پورهئي کي مرڪزي معاملو ٺاهڻ جي سندس قابليت مان ڦٽي. انهيءَ نقطہ نظر جي سڃاڻپ لنڪن جي شخصيت ۾ ٿيڻ لڳي. انهيءَ بنياد تي هن اترين رياستن ۾ 54 سيڪڙو ۽ سڄي ملڪ مان 40 سيڪڙو ووٽ کنيا. ڪنساس جي سوال تي ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي اترئين ۽ ڏاکڻي ڌڙن جي وچ ۾ ڦوٽ جي ڪري، لنڪن صدارتي عهدو ماڻڻ جي قابل ٿيو.

لنڪن جو موقف پلي ڪيترو بہ اعتدال پسند ڇو نہ هجي، ڪيت مالڪن هن جي چونڊ کي هڪ خطري طور ڏٺو جنهن جو ڪين جوابي ردعمل ڪرڻو هو. سندن سڄو سماج خطري هيٺ هو جيڪڏهن اهو سماج نہ ٿو ڦلهجي تہ سندن انت هوندو ۽ لنڪن جي صدارت پڪيڙ جو انت آندو. ڪجهہ ماڻهن کي ڊپ ورايو تہ جيسيتائين اُهي ويڙهہ نہ ڪندا تہ ڏکڻ تان مجموعي طور تي سندن ڪنٽرول ڪمزور ٿي ويندو، ڇاڪاڻ تہ بہ ٻاڱي تي اڇن وٽ غلام نہ هئا ۽ اُنهن خيالن ڏانهن ڇڪجي ويندا جن کي اُتر ۾ موٽ ملي پئي.

ڪپهہ پيدا ڪندڙ ست ڏاکڻين رياستن، جتي آباديءَ جو اڌ غلام هئا، تن متحده رياستن کان پنهنجي عليحدگيءَ ۽ هٿيار کڻڻ جو اعلان ڪيو. اپريل ۾ هنن پيش قدمي ڪئي ۽ سُمٽير قلعي تي حملو ڪري ڏنو. هنن درست طور تي سمجهيو پئي تہ ويڙهہ ۽ دشمني ٻين غلاميءَ وارين رياستن کي سندن ساٿ ڏيڻ ڏانهن وٺي ويندي (ائين سٽن

رياستن مان چئن ڪيو)، پر سندن اهو اندازو غلط هو تہ لنڪن حڪومت، جنهن وٽ فقط 16 هزار سپاهي آهن، سا سندن مطالبن آڏو آڻ مڃيندي.

ڏگهو تعطل

گهرو جنگين جي هڪ عادت آهي تہ اُهي چاپي مار فوجن جي وچ ۾ ننڍي پيماني جي جهيڙن سان شروع ٿين ٿيون ۽ هڪ وڏي تڪرار ۾ وڌي وڃن ٿيون. هي آمريڪي جنگ ڪا استثنيٰ نہ هئي.

فورٽ سُمٽير تي حملي ڪانپوءِ ترت 'ان واقعي اُتر ۾ حب الوطنيءَ جي جنون کي متحرڪ ڪيو.....هر اُتر واسي ڳونڊڙي هڪ جنگي گڏجاڻي ڪئي.'[107] رياستن وفاقي حڪومت کي لشڪرن جي آڇ ڪرڻ ۽ نئين فوج لاءِ رضاڪار موڪلڻ لاءِ جستجو ڪئي. غلاميءَ جي مخالفن ڏٺو تہ سندن گڏجاڻيون پُرجوش هجومن سان ڀرجي ويون. هڪ بوسٽن واسي غلاميءَ مخالف رپورٽ ڪيو تہ 'سڄو اُتر هڪ ٽي ويو آهي. نوجوانن ۽ پوڙهن، مردن ۽ عورتن، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين منجهہ هڪ مقدس ولولو پيدا ٿي پيو آهي..... ڪنفيڊريٽ رياستن ۾ آزادي ڏياريندڙ فوج جي مارچ جو وقت پڄي راس ٿئي پيو.'[108] انقلابن ۾ نون خيالن ۾ اوچتيءَ دلچسپيءَ جو احساس ڏٺو ويو آهي. غلاميءَ مخالف مهم هلائيندڙ وينڊيل فلپ جي بيان واري اخبار جون 2 لک ڪاپيون وڪرو ٿيون.[109] فريڊرڪ ڊوگلس جهڙا مقرر جيڏانهن ويا پئي، کين زبردست موٽ ملي.[110] ٻُڌندڙن جا هجوم، جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو اهڙا هئا جن ان کان اڳ سياست ۾ عورتن جي شموليت کي عيب سمجهيو پئي، تن 19 سالن جي غلاميءَ مخالف اينا ڊڪنسن جون مدهوش ڪندڙ تقريرون ٻُڌيون.[111]

تنهن هوندي اُتر طرفان 18 مهينن تائين ٿيندڙ جنگ انهيءَ ذري گهٽ انقلابي ڪيفيت سان متضاد هئي. لنڪن جي خيال ۾، غلط يا صحيح، جنگ پنيان اُتر کي ڳنڍي رکڻ جو فقط هڪڙو ئي طريقو آهي تہ اعتدال پسند موقف سان مفاهمت ڪرڻي پوندي. اترئين ڊيموڪريٽس، جن کي غلاميءَ تي ڪو بہ اعتراض نہ هو پر اُنهن کي هڪ گڏيل ملڪ کپيو ٿي، ۽ ٽن سرحدي رياستن، ميري لينڊ، ڊيلويئر ۽ ڪينٽڪي جتي غلام-مالڪيءَ جي سطح گهٽ هئي ۽ جن رياستن يونين ۾ رهڻ جي چونڊ ڪئي هئي، انهن جي اڳواڻن سان لنڪن مفاهمت ڪئي. هن حڪومت جي اهم عهدن تي اعتدال پسندن کي مقرر ڪيو. لنڪن، اُونهاري ۾ (بل رن واري لڙائي) ۾ ڳري شڪست پوڻ ڪانپوءِ اُترئين فوج جي ڪمانڊ هڪ ڊيموڪريٽ ۽ ڏاڪڻي غلاميءَ جي حمايتي ميڪ ڪليلن کي ڏني. هن اولهندي محاذ جي ڪمانڊر فريمونٽ طرفان ميسوريءَ ۾ سيني غلامن کي آزاد ڪرڻ واري حڪم کي واپس وٺي ڇڏيو. ايتريقدر جو هن اهو اشارو بہ ڏنو تہ غلام جيڪي يونينسٽ (Unionist) فوجن (جن کي ناجائز مال جي

تجارت ڪارو ڏنڌو ڪندڙن طور سڃاتو ويندو هو) مان پڇي ويا تن کي سندن ڪانفيڊريٽ (Confederate) مالڪن ڏانهن موٽائڻ گهرجي، ان شرط سان تہ اُهي ڪنهن فوجي پورهئي ۾ ملوث تہ رهيا هجن.

صورتحال جلدئي چٽي ٿي وئي تہ هڪ وچٿري پاليسيءَ سان جنگ ۾ سوڀ نہ ٿيندي. ميڪ ڪليلن انتهائي محتاط پاليسيءَ تي عمل ڪندي واشنگٽن واري علائقن ۾ هڪ وڏي فوج ٺاهڻ تي ڏيان ڏنو ۽ پوءِ رچمونڊ جي ڪنفيڊريٽ راڄڌانيءَ جي ويجهو رڪاوٽ ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. اهو عمل اُنهن ماڻهن جي سياست سان ٺهڪيو پئي جيڪي عليحدگي پسند رياستن جي سماجي نظام کي بدلائڻ کانسواءِ کين وري واپس يونين ڏانهن ڏڪڻ چاهين پيا. پر جنگي پاليسيءَ جي حوالي سان اهو عمل مڪمل طور تي ناڪام رهيو. 18 مهينن جي جنگ ۾ مِسيسيپي سان لڳولڳ اترين فتحن کانسواءِ لڙائيءَ جا ميدان ۽ صفون جتي شروع ۾ هيون ساڳيون ئي رهيون، ۽ ڏکڻ اڃان تائين فرانس جي ماپ جيتري هڪ علائقي جي ڪنٽرول ۾ رهيو. اُتر ۾ عام اخلاقي سگهہ ڪمزور ٿيندي وئي، چاڪاڻ تہ پُرجوش حامين مان ڪجهہ محسوس ڪيو تہ فتح ناممڪن آهي.[112]

پر ان احساس تہ جنگ ڪيڏانهن بہ نہ پئي وڃي، وچي، غلامي دشمني جي موقف کي پڌرڻ لاءِ نوان پُڏنڌڙپڻ پيدا ڪيا. انهن نشاندهي ڪئي تہ ڏکڻ وٽ پنهنجي جسماني ڪم ڪرائڻ لاءِ چاليهہ لک غلام آهن ۽ تنهنڪري آزاد مرد آباديءَ کي جنگ لاءِ متحرڪ ڪري سگهجي ٿو. ان جي ابتڙ اتر کي پنهنجي فوج جون صفون پرڻ ۾ ڏکيائون ٿين پيون. اُنهن دليل ڏنو تہ لنڪن غلامن لاءِ آزاديءَ جو اعلان ڪندي، ڏکڻ جي معيشيت کي سستو ڪري ۽ ڪارن سپاهين کي پرتي ڪري اُتر جي فوج کي سگهارو ڪري.

غلاميءَ-مخالف وينڊيل فلپ پنهنجي مشهور تقرير ۾ لنڪن جي پاليسيءَ تي شديد تنقيد ڪئي:

آئون نہ ٿو چوان تہ ميڪ ڪليلن هڪ غدار آهي، پر آئون چوان ٿو تہ جيڪڏهن هي غدار هجي ها تہ بلڪل ائين ئي ورتاءُ ڪري ها. جيئن هن ڪيو هو. رچمونڊ لاءِ ڪوبہ خوف ناهي، ميڪ ڪليلن ان تي قبضو نہ ڪندو. جيڪڏهن جنگ ان انداز سان جاري رهي، بغير ڪنهن عقلي مقصد جي، تہ پوءِ اها رت ۽ سون جي فضول لُٽ ۽ زيان آهي.... لنڪن ..... هڪ اول درجي جو ٻئي درجي وارو ماڻهو آهي.[113]

ناراض انقلابي

ان تقرير اوچتو هنگامو برپا ڪيو ۽ فلپ تي سخت تنقيد ٿيڻ لڳي، پر اهو احساس وڌيڪ صاف ٿيندو ويو تہ فقط انقلابي طريقا ئي ڪم ڪندا. ميڪ ڪليلن جي رجعت پرستيءَ باوجود سُڌارپسند فوجي ڪمانڊر اڳئي انهن طريقن تي عمل ڪرڻ شروع

ڪري ڇڏيو پنهنجين ڪيمپن ۾ پهچي نڪتل غلامن جي آجيان ڪيائون ۽ اترين فوجن طرفان قبضو ڪيل علائقن ۾ 'باغين' جي ملڪيت (غلامن سميت) کي ڪٽي ويا. پوءِ هڪ فيصلاڪن گهڙيءَ ۾ لنڪن پنهنجو پاڻ بنيادي سُڌارن جو هڪ پورو سلسلو آندو هن ميڪ ڪليلن کي برطرف ڪندي پهرين ڪاريءَ چمڙيءَ وارن جي ريجمنٽ ناهي ۽ جتي اجان تائين بغاوت هلندڙ هئي، اُتي غلامن جي آزاديءَ جو اعلان ڪيائين.

هڪ نئين حڪمت عمليءَ لاءِ ميدان صاف ڪيو ويو جيڪا فتح ڏانهن وٺي ويندي، توڙي جو اها به ايندڙ ٻن سالن تائين حاصل نہ ٿي. 1863ع جي اونهاري ۾ گيٽسبرگ وٽ ڪنفيڊريٽ فوج جي شڪست باوجود ڏکڻ وٽ اجان تائين وڏي ايراضي هئي. گرانٽ ۽ شيرمن جهڙا يونينسٽ جنرل ڏسي سگهيا تہ نہ صرف ان جي فوجن خلاف پر انهن فوجن کي برقرار رکندڙ سماجي ڍانچي خلاف هڪ مڪمل جنگ ڪرڻ کانسواءِ مقصد حاصل نہ ڪري سگهبو. ڦرلٽ، کيت ساڙڻ ۽ غلامن کي آزاد ڪندي شيرمن جي فوجن طرفان جارجيا مان مشهور مارچ ڪرڻ کانپوءِ ڪنفيڊرسيءَ جي آخري شڪست ٿي.

جنگ جي پهرين سال اڌ ۾ ميڪ ڪليلن جي حڪمت عملي کان سال جي آخر ۾ گرانٽ ۽ شيرمن جي حڪمت عمليءَ ڏانهن منتقلي ايتري ئي وڏي هئي، جيتري جيڪبن کان گروندن جي طريقن ڏانهن منتقلي. لنڪن پنهنجو پاڻ رابس پيريءَ جي انداز ۽ ڪردار کان بلڪل مختلف هو ۽ گرانٽ ۽ شيرمن رجعتي ذهنيت وارا پيشيور سپاهي هئا. بهرحال، اُنهن ڏنو تہ جيڪڏهن اُتر واري مروج سماج کي لاڳو ڪرڻو آهي تہ انقلاب کي ڏکڻ مٿان مڙهڻو پوندو.

ڪارل مارڪس ٻڌايو تہ ڪيئن لنڪن انقلابي قدمن کان واقف هجڻ کانسواءِ انهن ڏانهن ڌڪجي ويو:

لنڪن تاريخ جي صفحن ۾ بيمثال شخصيت آهي. هن وٽ ڪا پيش قدمي ناهي، ڪو آدرشي ٻلهہ ناهي، ڪي تاريخي سازسامان نہ اٿس. هي پنهنجي سڀ کان اهم ترين ڳالهين کي عام صورت ڏئي ٿو. ٻيا ماڻهو 'هڪ خيال لاءِ ويڙهہ' جي دعويٰ ڪن ٿا جڏهن اُنهن لاءِ ان ويڙهہ جو مقصد چورس فٽ زمين جو ٽڪرو هجي ٿو. لنڪن، ايتريقدر جو جڏهن هي هڪ آدرش سان پُرجوش هجي ٿو چورس فٽ زمين جي ٽڪري جي ڳالهہ ڪري ٿو... لنڪن هڪ عوامي انقلاب جي پيداوار نہ آهي. هن .... سرسري خير خواهہ ماڻهوءَ کي سيني ماڻهن لاءِ ووٽ وارين قوتن جي گڏيل راند مٿي آندو جن کي اها خبر بہ نہ هئي تہ ڪيڏا وڏا جوکم آهن. نئين دنيا هن مظهر کان وڌيڪ ڪڏهن بہ ايڏي وڏي فتح نہ ماڻي آهي، ان جي سماجي ۽ سياسي نظام هوندي، عام ماڻهو ايڏيون وڏيون حاصلاتون ماڻي سگهن ٿا، جيڪي پراڻي دنيا ۾ فقط هيروز ئي ماڻي سگهندا هئا.[114]

نئين سر تعمير ۽ دغا

تنهن هوندي بہ ڏکڻ مٿان انقلابي تبديلي مڙهنديءَ اتر جي بورجوا سماج ۾ ان جي پنهنجين گهرين طبقاتي دشمنين سان، هڪ تضاد هو. ان جو ترت اظهار اتر جي فتح ڪانپوءِ ۽ 1865ع جي بهار ۾ لنڪن جي قتل سان ٿيو. سياسي ادارن اندر هڪ ڦوٽ پيدا ٿي پئي. لنڪن جو نائب صدر ۽ جانشين انڊريو جانسن هارايل رياستن سان مفاهمتي پاليسيءَ تي عمل ڪيو. هن اُنهن کي يونين ۾ واپس ٿيڻ جي اجازت ڏني ۽ ڪانگريس ۾ وڏي بااثر حيثييت ڏني. جڏهن تہ سندن سماجي ڍانچي ۾ غلاميءَ جي رسمي خاتمي کان هٽي ڪري، ڪا تبديلي نہ ڪئي وئي. پيو تہ ڪيت مالڪن وٽ وڏي دولت هئي ۽ اڪثر اڳوڻن غلامن وٽ ڪابہ زمين نہ هئي، نتيجو اهو نڪتو جو ذري گهٽ جنگ کان اڳ واري صورتحال ڏانهن واپسي ٿي.

جانسن کي جلدئي اتر وارن ڪارن ۽ غلاميءَ مخالفن، جنگ هٿان پيدا ٿيل انقلابي جمهوري جذبن جي لهر کان متاثر ريپبلڪن سڌارپسند ڪانگريسين ۽ ڏکڻ تي قبضو ڪندڙ ڪجهہ فوجي آفيسرن جي مخالفت کي منهن ڏيڻو پيو. مخالف ڌر ۾ جلدئي مک ڌارا وارا ريپبلڪن سياستدان بہ شامل ٿي ويا، جن ڪانگريس ۾ 100 سيڪڙو ڊيموڪريٽڪ رياستن جي واپسي نہ پئي چاهي. صنعتي سرمائيدار اچان تائين اولهندي علائقن مٿان تسلط جو ارادو ڪيو ويٺا هئا ۽ 'جلد امير ٿيڻ' وارا ڪاروباري ماڻهو جيڪي اترين فوجن کي ڏسندي ڏکڻ مٿان نازل ٿيا هئا. هي اتحاد ايترو مضبوط هو جو جانسن جي رٿائن کي شڪست ڏيڻ (ڪانگريس ۾ هن جو مواخذو ڪرڻ لاءِ فقط هڪ ووٽ کُٽي پيو)، 1868ع ۾ ريپبلڪن اميدوار گرانٽ لاءِ صدارتي چونڊ کٽڻ ۽ هڪ ڏهاڪي جي بهترين حصي تائين ڏکڻ مٿان 'نئين سر تعمير' کي لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪافي هو.

انهن سالن ۾ اترئين حصي، رياست يا مقامي حڪومتن جي پراڻن آبادگارن هٿان ڪنٽرول کي برقرار رکيو. ڏاکڻن ريپبلڪن، ڪارن توڙي اڇن، پنهنجي جاءِ والاري آزاد ٿيل غلامن کي ووٽ جو حق ڏنو ويو ۽ هنن اهو حق استعمال ڪيو. ڪارن وٽ منصفن ۽ رياستي حڪومتن جا عهدا هئا. 20 ڪارا وفاقي ڪانگريسي ۽ 2 ڪارا سينيٽر هئا. پهريون ڀيرو ڏاکڻن قانونسازن تعليم کي سنجيدگيءَ سان ورتو غريب اڇن ۽ ڪارن ٻارن لاءِ اسڪولن جا ڄار وڇايو. پلانٽوڪريسي (plantocracy) واپس وڙهنديءَ ڪو ڪلس ڪلين (Ku Klux Klan) کي ڪارن کي ڊيڄارڻ لاءِ همٿايو جن پنهنجن نون حقن جو فائدو ورتو ۽ اڇن سندن مدد ڪئي. 1866ع جي مئي ۾ رتوڇاڻ ٿي، جنهن ۾ 46 ڪارن ۽ ٻن اڇن کي ميمفس، ٽينيسي، ۾ ماريو ويو پر جيسيتائين اترئين فوج ڏکڻ تي قبضو ڪري ٽيسيتائين دهشت اُنهن حاصلاتن کي تباهہ نہ ڪري سگهي، جن تان ڪارن طرفان دستبردار ٿيڻ جو ڪوبہ ارادو نہ هو. بهرحال، 2 لک ڪارا يونين فوج ۾ هئا ۽ ڪين ڄاڻ هئي تہ ڪيئن وڙهجي.

بهرحال، جيئن تہ اها قبضي واري بورجوا فوج هئي تنهنڪري هڪڙو ڪم اها فوج

نہ ڪري سگهي، زمين کي ضبط ڪري آزاد ٿيل غلامن کي مهيا ڪري، ڪين پراڻن مالڪن کان آزاد جيئڻ جو موقعو پيدا ڪري ڏئي پئي سگهي. شيرمن 40 هزار اڳوڻن غلامن کي زمين ڏيندي مختصر اهڙو هڪ قدم کنيو پر جانسن ان کي الٽو ڪري ڇڏيو. تڏهن کان وٺي، اڳوڻن غلامن لاءِ موجود زمين فقط سرڪاري زمين ئي هئي جنهن جو معيار گهٽ ڪري ڪمتر هو. اڪثر آزاد ٿيل غلامن کي اڳوڻن غلامن-مالڪن تي پاڙيندي فصل ۾ ڀاڱيواري يا انهن لاءِ پورهيو ڪندڙ طور ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪيو. جيڪو اڳ ۾ مظلوم غلام طبقو هو سو هاڻي گهٽ ڪري مظلوم هاري ۽ پورهيت طبقو بڻجي پيو.

بدترين صورت اها نہ هئي. 1870 جي وچ تائين اترين سرمائيدارن محسوس ڪيو تہ هنن ڏکڻ ۾ پنهنجا مقصد ماڻي ورتا هئا. سڌارڪ تعمير نو آبادگارن جي ڪنهن بہ قسم جي نئين سجاڳيءَ کي روڪي ورتو هو. سندن صنعتون ان رفتار سان ڦهليون جو جلدئي برطانيا کان گوءِ کٽي وڃن ها. هاڻي سندن ريلوي رستو پکڙجي پئسفڪ سمونڊ جي ڪناري تائين پهتو. ڏکڻ هٿان اولهندي علائقن تي غلبي جو ڪوبہ امڪان نہ هو ۽ نہ ئي وري هنن کي قبضي جي فوج جي ڪابہ ضرورت نظر آئي پئي ڇاڪاڻ تہ جيڪو بہ ڏکڻ کي هلائيندو سو سندن نندي ڀائيوار طور ئي ڪم ڪندو.

اترين فوج جي ڏکڻ مان واپسيءَ ڪلين (Klan) ۽ ٻين نسل پرست قوتن کي ڇوٽ ڏئي ڇڏي، هڪ طرف نسل پرست دهشت ۽ ٻئي طرف اقتصادي طاقت وڏن زميندارن کي ٻيهر سندن سياسي ڪنٽرول قائم ڪرڻ جي اجازت ڏني. هنن ڀريائين ڪارن (۽ غريب اڇن کي پڻ) کي ڪچ ڏکڻ ۾ ووٽ ڏيڻ کان روڪيو ۽ پوءِ ان جو خاتمو ڪري ڇڏيائون، سماجي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ڪين رسمي طور تي هڪٻئي کان الڳ ڪيو ويو ۽ نسلي دشمنيءَ جو ماحول پيدا ڪيو ويو جنهن غريب اڇن (جيڪي اڇي آباديءَ جي اڪثريت هئا) کي ڪارن سان گڏيل اقتصادي، سماجي يا سياسي جدوجهد کان روڪيو. ڪڏهن ڪڏهن شديد ظلمن سبب غريب اڇن نسل پرست نظرياتي رڪاوٽ کي ٽوڙي پئي ڇڏيو مثال طور 1880ع ۽ 1890ع جي 'مقبول عوامي' تحريڪ ۽ 1930ع ۽ 1940ع ڌاري ٽريڊ يونين ازم جي جدوجهد. پر هر هڪ موقعي تي اڇن حاڪمن چڱي ريت ڄاتيو پئي تہ ڪيئن نسلي نفرت کي ڀڙڪائجي ۽ ورهاڱي کي وري مضبوط ڪجي. 1863ع ۾ جنوريءَ واري ڇوٽڪاري جي باضابطہ اعلان کان 90 سال پوءِ ڪارن کي اڃان تائين پنهنجن شهري حقن تي عمل ڪرڻ کان روڪيو ويو ۽ واشنگٽن ۾ وفاقي حڪومت اڃان تائين ان معاملي ۾ ڪا دلچسپي نہ ڏيکاري.

اُترئين راڄڌانيءَ گهرو جنگ مان طاقت جي زور تي گهڻو ڪجهہ ماڻيو. ٿوري عرصيءَ لاءِ ائين لڳو پئي تہ اڳوڻن غلامن کي پڻ فائدو ملندو پر ظلم جي هڪ صورت کي تباهہ ڪرڻ ۾ مدد ڪندڙ جديد صنعتي سرمائيداريءَ هڪ ٻئي ظلم ۾ دلچسپي ڏيکاري، نسل پرستي ان جي ڪاروهنوار جو اٽٽ حصو رهي گڏوگڏ پراڻا غلام مالڪ ۽ صنعتي سرمائي جي مُک ڌر ريپبلڪن پارٽي، جنهن جلدئي 1860ع وارا پنهنجا نعرا وساري ڇڏيا.

باب نائون

اوڀر جي فتح

جڏهن ايڊم سمٿ پنهنجو ڪتاب 'قومن جي دولت' شايع ڪيو تڏهن 1776ع ۾ اولهه يورپين وٽ اوڀر جي شان شوڪت لاءِ اجان تائين لالچ ۽ ڪشش هئي. اولهه ۾ چين ۽ انڊيا کان ڪپڙو چينيءَ جا ٿانو ۽ پٽي گهرائي ويندي هئي ۽ والٽيئر[115] جهڙن مفڪرن اوڀر جي تهذيبن کي برطانيا، فرانس ۽ جرمنيءَ وانگر سمجهيو پئي. ايڊم سمٿ چين کي 'دنيا جي سڀ کان امير ترين مان هڪ.... بهترين زرخيز.... سڀ کان وڏيڪ خوشحال.... قوم سڏيو.... توڙي جو اها اجان تائين بيٺل ۽ جامد هئي پر واپس نه پئي وئي'.[116] هڪ صدي بعد صورتحال بلڪل مختلف هئي. نسل پرست سوچ جيڪا آفريقا ۽ اتر آمريڪا جي اصلوڪن ماڻهن تي لاڳو ڪئي، سا انڊيا، چين ۽ اوڀر تي به ڪتب آندي وئي.[117] مداخلتي دور ۾ برطانيا ذري گهٽ سڄي انڊيا تي هڪ ڪالونيءَ طور قبضو ڪيو ۽ چين جي ٻن جنگين ۾ تذليل ڪئي، فرانس الجيريا تي قبضو ڪيو ۽ روس ۽ آسٽريا-هنگري عثمانيه سلطنت جي ٽڪرا ٽڪرا ڪري هڙپي ڇڏيو. سرمائيداري جي ترقي جنهن اولهه يورپي ۽ آمريڪي سماجن کي اونڌو ڪري ڇڏيو هو تن هاڻي انهن معاشرن جي حڪمرانن کي باقي دنيا جو ڪنٽرول قبائڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي.

برطانوي انڊين سلطنت

انڊيا پهرين وڏي سلطنت هئي، جيڪا اولهه وارن جي هٿ چڙهي. پر اهو ڪم ائين رات وچ ۾ نه ٿيو هو هڪ ڊگهي جنگي قبضي جي نتيجو هو نه ڪي فقط ٽيڪنالاجيڪل برتريءَ جو.

19 هين صديءَ جي وچ ڌاري اولهه جي شارحن (مارڪس سوڌو) اهو سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي ته انڊيا 'پراڻي' جمود جو شڪار سماج هو. ايتريقدر جو مغل سلطنت جي ڍير ٽيڻ کانپوءِ 'واپارين، ٻئنڪارن ۽ ٽيڪس آبادگارن جي وڌندڙ دولت' سان اقتصادي ترقيءَ جو ڪجهه تسلسل باقي رهيو.[118] پر اُهي (واپاري، ٻئنڪار، آبادگار) ڇهن جهيڙيندڙ بادشاهتن جي پاڇي ۾ زنده رهيا، انهن بادشاهتن مان ڪنهن به ڪين سندن پاليسين ۾ هڪ فيصلاڪن حيثيت نه ڏني، يا سندن ملڪيت لاءِ حقيقي تحفظ مهيا نه ڪيو. ان عمل برطانوي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ، پنهنجي فوج ۽ پنهنجن هٿيارن سان، لاءِ

مداخلت جو دروازو کوليو. ڪيترن واپارين انڊين حڪمرانن کي نہ، پر ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي پنهنجن مفادن جو تحفظ ڪندڙ قوت طور ڏٺو.

18 صديءَ جي ابتدا ۾ نندي ڪنڌ ۾ ڪمپني اڃان تائين هڪ ڪناري واري قوت هئي. سمونڊ ڪناري تجارتي چونڪين لاءِ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو انحصار انڊين حڪمران طرفان ملندڙ رعايتن تي هو. پر وقت سان هلندي ڪمپنيءَ انڊين واپارين سان مضبوط لاڳاپا قائم ڪيا جن ملڪ جي اندران ڪپڙا ۽ ٻيو سامان ڪين وڪرو ڪيو. پوءِ 1750ع ۾ ڪمپني عملدار رابرٽ ڪلائيو بنگال ۾ پنهنجي رقيب فرينچ طاقت کي هارائي، صوبي جو ڪنٽرول حاصل ڪيو جيڪو پراڻي مغل سلطنت جو سڀ کان وڌيڪ امير علائقو هو. ڪمپنيءَ ٽيڪس اوڳاڙيا ۽ حڪومتي انتظاميا هلايو جڏهن تہ انڊين نوابن وٽ شاهي علامت طور رسمي اختيار هئا. برطانيا جڏهن اُتر آمريڪا ۾ پنهنجي پراڻي سلطنت مان پنهنجا ٽپڙ ويڙهيا پئي، تڏهن انگريزن انڊيا ۾ هڪ نئين سلطنت جون پاڙون پئي هنيون ۽ اهو ڪم تمام ٿوري خرچ تي ڪين. ڪمپنيءَ جو مقصد انڊين آباديءَ مان ٽيڪس اوڳاڙي پنهنجيون سموريون لاڳتون وصول ڪرڻ هو ۽ ان لاءِ هنن انڊين سپاهين جي اڪثريت مان ٺهيل هڪ فوج تي ياڙيو.

بنگال ۾ سوڀ انگريزن کي ٻين علائقن ۾ فتح ڏياري، ٻين انڊين حڪمرانن ڪمپنيءَ کي هڪ ڪارائتي اتحاديءَ طور ڏٺو ۽ اُن کي پنهنجن سپاهين جي تربيت ۽ پنهنجي انتظاميا کي باقاعده بڻائڻ لاءِ استعمال ڪيو. انڊين واپارين ان جي وڌندڙ اثر جي آجيان ڪئي، چاڪاڻ تہ ان ڪائن ڪپڙن جي وڌندڙ مقدار کي خريد ڪيو ۽ انڊين حڪمرانن طرفان سندن ملڪيتن تي ٿيندڙ حملن کان ضمانت ۾ مدد ڪئي. ڪمپنيءَ پراڻن زميندارن جي حلقن مان وڏي پيماني جي جاگيردارن جو هڪ نئون طبقو پيدا ڪري، پنهنجي طاقت کي ويتر سگهارو ڪيو.

ائين انگريزن کي جڏهن ضرورت پوي تہ ضدي مقامي حاڪمن کي ترڪ ڪري ڇڏين ۽ برطانيا لاءِ ڪمپنيءَ جو سڌو راڄ قائم ڪري، پنهنجي حيثيت کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ مشڪل نہ رهيو.

1850ع تائين ڪجهہ حاڪمن کي مفتوح بنائڻ ۽ ٻين کي خريد ڪرڻ واري پاليسيءَ برطانوي حاڪميت جي دائري کي سڄي نندي ڪنڌ تائين وڌائي ڇڏيو هو. مرائن کي 1818ع ۾، سنڌ کي 1843ع ۾، سکن کي 1849ع ۾ اوڌ کي 1856ع ۾ فتح ڪيو ويو. برطانوي وزيرن ڀاڙون هنيون تہ ڪمپنيءَ جي حڪمت عملي 'ورهايو ۽ حڪمرانيءَ ڪريو' واري رومن اصول تي ٻڌل آهي. ڪجهہ جاين تي رشوت ۽ ڪجهہ هنڌن تي طاقت کي استعمال ڪندي، ان حاڪمن کي حاڪمن خلاف، بادشاهتن کي بادشاهتن خلاف، مراعت يافتہ طبقي کي مراعت يافتہ طبقي خلاف، ذات کي ذات خلاف ۽ مذهب کي مذهب خلاف ورهايو ۽ جيڏانهن اها وڌندي رهي، ڪيس مقامي اتحادي ملندا رهيا.

انهيءَ عمل کين 'انگريز آفيسرن ۽ فقط 40 هزار انگريز فوج ذريعي 2 لک سپاهين واري مقامي فوج سان'[119] 200 ملين ماڻهن جي سلطنت کي فتح ڪرڻ جي قابل بڻايو.

ڪمپنيءَ جي دلالن ڏانهن اٿاهه دولت منتقل ٿي. ڪلائيو 234،000 پائونڊ جي ڦرلٽ سان انڊيا ڇڏي ويو اها رقم اڄ جي ملين برابر ٿيندي ۽ گورنر جنرل ويرن هيسٽنگس وڏيون رشوتون وٺڻ ۾ بدنام هو اها دولت هاري عوام پيدا ڪئي. بنگال ۽ بهار جي کيڙيندڙن هڪ سال ۾ محصول طور 2 ملين پائونڊ ادا ڪيا. ڪمپنيءَ پنهنجن عملدارن کي 'اوڳاڙيندڙ' (ڪليڪٽر) سڏيو ۽ جيئن مغلن ڪيو هو تيئن ساڳئي طريقي وارو ڀتو (زوري وصولي) لاڳو ڪيو پر وڌيڪ موثر نموني ۽ وڌيڪ تباهه ڪندڙ نتيجن سان.

انهيءَ عمل ان ڳالهه کي يقيني بڻايو ته غربت، جنهن پوئين مغل دور ۾ عوام کي ايذايو هو سا هاڻي وڌيڪ بدتر ٿي وئي. 1769ع ۾ فصلن جي ناڪاميءَ ڪانپوءِ ڏڪار ۽ بيماريون ڦهليون، جنهنڪري اٽڪل هڪ ڪروڙ حياتيون متاثر ٿيون. هڪ خطو جنهن فقط اڌ صدي اڳ يورپين کي پنهنجي دولت سان حيران ڪري ڇڏيو هو سو هاڻي دنيا ۾ سڀ کان غريب ترين علائقو ٿيندو پئي ويو

انهيءَ بدترين صورتحال نوابن، مهاراجائن، واپارين يا زميندارن کي پريشان نه ڪيو جيڪي ڪمپنيءَ جي مال دولت واري ميز تان پيٽ ڀري کائين پيا. جيئن جيئن اها دولت وڌندي رهي، تيئن تيئن اُهي ٿلها موٽا ٿيندا ويا. پر اُنهن کي جلدئي خبر پئجي وئي ته برطانيا سان سندن ڀائيواري برابريءَ واري نه آهي. ڪمپني جنهن مقامي حڪمرانن کي مٿي آندو سا به لمحا سوچڻ ڪانسواءِ اُنهن کي ڦٽو ڪري ٿي سگهي.

ڪمپنيءَ جو ڪنٽرول برطانيا وٽ هو ڪجھ انڊين واپارين ان سان تجارتي لاڳاپن سبب فائدا ماڻيا هوندا. ان جو اظهار 19 هين صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي ۾ ڊرمائي انداز سان ٿيو. لنڪاشائر جي ڪپهه واري صنعت جي مشيني ٿيڻ ڪانپوءِ اُن اوچتوئي انڊيا جي دستڪار صنعت کان وڌيڪ سستي اگهه تي ڪپڙو پيدا ڪيو. برطانوي مارڪيٽن ۾ انڊين پيداوار طرفان هڪ مرڪزي ڪردار ادا ڪرڻ بدران، برطانوي ڪپڙي انڊيا جي مارڪيٽن تي قبضو ڪري ورتو ۽ ڪجھ انڊين ڪپڙي واري صنعت کي تباهه ڪندي، لکين مزدورن جي حياتين کي برباد ڪري ڇڏيو ۽ انڊين واپارين جي منافعن کي هاڃو رسايو. هنن وٽ پنهنجي حڪومت ڪانسواءِ انهن مفادن جو تحفظ ڪرڻ جو ڪو ذريعو نه هو چاڪاڻ ته ملڪ ۾ صنعتي عمل پٺتي پير ڪيا ۽ برطانوي سرمائيدارن اُنهن کي منافعو ڪمائيندڙ شعبن مان هٽائي ڇڏيو. هو جهڙوڪ: هيٺيون ناهڻ ۽ بئنڪاري ان دوران انتهائي مراعت يافته ٿورا برطانوي عملدار وڌيڪ جارح، وڌيڪ ظالم، وڌيڪ متڪبر، وڌيڪ شڪاري ۽ لالچي ۽ وڌيڪ نسل پرست ٿي ويا.

انگريزن پنهنجي چال چلت جي فصل جا نتيجا 1857ع ۾ لُٽيا. ڪمپنيءَ جي انڊين سپاهين پنهنجي بندوقن جا منهن پنهنجن آفيسرن ڏانهن ڪري ڇڏيا، چاڪاڻ ته اُنهن

سپاهين جي مذهبي تصورن جو لحاظ نہ ڪندي ڪارتوسن ۾ ڳئونءَ جي گوشت جي چربي (اهو عمل هندُن لاءِ لعنتي هو) ۽ سوئر جي چربي (مسلمانن لاءِ بدعت) استعمال ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اڃن صاحبن جي چال چلت خلاف انهيءَ معاملي تي سڄيءَ انڊيا ۾ ڪاوڙ پيڙڪي اُٿي. هفتن اندر باغين اترئين انڊيا جو ڪنٽرول کسي ورتو. هنن انگريز آفيسرن ۽ عملدارن کي ماري ڇڏيو جيڪي سندن هٿ چڙهيا ۽ باقي بين کي چند چڙوچڙ مضبوط چونڪين ۾ گهيري هيٺ آڻي ڇڏيائون. هندو ۽ سِکن، مسلمانن سان ڪنهن بہ قسم جي دشمنيءَ کي وساري مغلن جي هڪ وارث کي دهليءَ جي تاريخي راڄڌانيءَ ۾ شهنشاهہ طور مقرر ڪيو.

آخرڪار بغاوت کي ڪچليو ويو. خوف ۾ ورتل حڪومت ننڍي ڪنڊ ڏانهن انگريز فوج اماڻي ۽ انگريز آفيسر اُتر ۾ باغين کي دٻائڻ لاءِ مدراس ۽ بمبئيءَ ۾ انڊين سپاهين کي قائل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. بعد ۾ مستقبل جي ڪنهن بہ بغاوت جي خطري کي روڪڻ لاءِ انتهائي وحشي اپاءَ ورتا ويا.

بهرحال، حڪومت ڏٺو تہ فقط طاقت جو استعمال انڊيا کي تڏهن نہ ٿو ڪري سگهي، جيڪڏهن اِها سونا بيضا ڏيندڙ هنج کي مارڻ نہ ٿي چاهي تہ. انگريز ڪاروبار جي وحشت تي ڪجهہ ضابطو آڻڻو پوندو ۽ 'ورهايو ۽ حڪومت ڪريو' واري پاليسيءَ تي وڌيڪ زور ڏيڻو پوندو. هنن فرقيوار ۽ مذهبي فرقن کي ادارتي صورت ڏني، پلي پوءِ ان سان انڊين سماجي چال چلت کي بورجوا اصولن سان ٺهڪندڙ بنائڻ وارين ڪوشش کي ڦٽو ڪرڻو ئي پيو نہ پيو. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي جاءِ برطانيا ڪان سڌي حڪمرانيءَ والاري، راڻي وڪٽوريا کي انڊيا جي مهاراڻي قرار ڏنو ويو ۽ مقامي انڊين حاڪمن ۽ زميندارن کي شاهي نظام ۾ ڳنڍڻ جي هر ڪوشش ڪئي وئي.

ٺوٺي جو انتظاميا کي قانون مطابق هلايو ويو تڏهن بہ عوام جي اڪثريت جي مفلسي جاري رهي. زراعت تي ڀاڙيندڙ آباديءَ جو تناسب 50 سيڪڙو کان وڌي 75 سيڪڙو تي ويو.[120] جڏهن تہ ٽيڪس آمدنيءَ جو 25 سيڪڙو فوج تي خرچ پئي ٿيو جيڪا انڊين واسين کي هيٺ دٻائي رکڻ لاءِ برقرار رکي وئي، تعليم، عام صحت ۽ زراعت کي مڙئي هڪ سيڪڙو ئي مليو.[121] ڏڪارن ملڪ کي ڀهاري ڇڏيو. 1860ع ڌاري اٽڪل ڏهہ لک ماڻهو مري ويا، 1870ع ڌاري 35 لک ۽ 1890ع ۾ هڪ ڪروڙ تائين ماڻهو موت جو کاڄ بڻيا.[122]

ان دوران هارين کان وصول ٿيل ٽيڪس کي برطانوي مٿين وچولي طبقي جي پٽن لاءِ انڊين فوج ۽ تازي ٺاهيل سول سروس جي اهم عهدن تي محفوظ روزگار ڏيڻ لاءِ خرچ ڪيو ويو. اُنهن آفيسرن پنهنجين زالن کي آندو ۽ غريبن سان حقارت ڪندڙ نسل پرست چوڌاري بند ۽ پرپاسي کان منفرد ڪالونيون ٺاهيون، جن جو عڪس ڪپلنگ جي 'ٽڪرين جا سادا داستان'، فارسٽر جي 'انڊيا ڏانهن سفر'، اورويل جي 'برمي ڏينهن' ۽ پال اسڪاٽ جي 'بادشاهي زيور' ۾ نظر اچي ٿو.

انگريز صاحبن اُنهن کي حقير سمجهيو جن کي هنن ’ديسي‘ سڏيو پر هنن وسيع آباديءَ مٿان ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ اجان تائين ڪجهه انڊين تي انحصار پئي ڪيو. پراڻا راجا يا مهاراجا پنهنجين لاتعداد زالن، نوڪرن، گهوڙن، هاٿين ۽ شڪاري ڪُتن سان گڏ محلن ۾ رهيا. ڪڏهن ته نالي ماتر حڪمراني به هئن (خاص ڪري حيدرآباد ۾). پر عملن انگريز ’صلاحڪارن‘ کان حڪم وصول پئي ڪيائون. اتر جي ڀيرا ڙيءَ ۾ هر هنڌ زميندارن به اهڙي ئي عياشيءَ واري زندگي گذاري پئي، هي هارين مٿان حاڪم ۽ انگريزن جا محتاج هئا. ايتريقدر جو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي حالت تي ماتم به ڪندا هئا. انهن کان پوءِ ڳوٺن جا برهمڻ ۽ مُکي جيڪي انگريز کي سندن ٽيڪس ۽ زميندار کي پنهنجون مسواڙون اوڳاڙڻ ۾ مدد ڪندا هئا. انهن سڀني پراڻي ذات پات (يا مذهبي) جي فرق کي پنهنجي فائدي ۾ استعمال ڪيو ته جيئن پاڻ کان مٿين سان ڳالهين ٻولهين ۾ پاڻ لاءِ رعايتون ۽ هيٺين جي استحصال لاءِ سندن مدد وٺي سگهن. تنهنڪري 19 هين صديءَ جي ابتدا کان وڌيڪ آخر ۾ ذات پات وارن لاڳاپن کي وڌيڪ منظم صورت ڏني وئي. ساڳئي وقت هڪ نئون وچولو طبقو پئي ٺهيو جن کي وڪيل، ڪلارڪ يا برطانوي راڄ جي انتظامي ڍانچن اندر سرڪاري ملازم طور اڳتي وڌڻ جي اميد هئي، پر نسلي رنڊڪن هٿان ڪين مسلسل مايوسي پلئه پوندي رهي.

چين جي محڪومي

چين انڊيا وانگر هڪ يورپي سلطنت هٿان هڙپ ٿيڻ کان لنوائي ويو ان باوجود چيني عوام جي قسمت ڏاڍي ڏکوئيندڙ هئي.

چين جي دولت 13 هين صديءَ ۾ مارڪوپولو جي زماني کان وٺي اولهه جي واپارين جي لالچ کي ڀڙڪايو هو. چين ڪيترين ئي شيون ٺاهيون ٿي جيڪي يورپين کي گهربل هيون، جڏهن ته يورپ اهڙيون شيون پيدا ئي نه پئي ڪيون، جن جي چينن کي طلب هجي. برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ان کي ٺيڪ ڪندي تازو مفتوح ڪيل انڊيا جي علائقن کان هڪڙي شيءِ جي پوک ڪرائي جنهن جي طلب هجي، يعني آفيم. 1810ع تائين برطانيا ڪينٽن معرفت ساليانو 325،000 ڪلو نشي آور شيون پئي کپايون ۽ ائين جلدئي چين جي صديون پراڻي تجارتي واڌيءَ کي خساري ۾ بدلائي ڇڏيائون. جڏهن چيني عملدارن آفيم جي وهڪري کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته، برطانيا نشو پيدا ڪرڻ واري حق لاءِ 1839ع ۾ جنگ تي لهي آيو.

چيني عملدارن دنيا جي سڀ کان وڌيڪ آباديءَ واري ۽ پراڻي سلطنت تي حڪمراني پئي ڪئي. ملڪ کي اتر کان ايندڙ خانه بدوش ڌُتن هٿان ئي فتح ڪيو ويو هو. ان جي حاڪمن کي توقع هئي ته اُهي 7 هزار ميلن کان وڌيڪ ڏورانهين ملڪ طرفان سمونڊ رستي للڪار کي آساني سان هارائڻ جي قابل ٿي ويندا. هي اهو نه سمجهي

سگھيا تہ يوريشيا جي ٻئي ڇيڙي تي اقتصادي ترقيءَ. اها ترقي جيڪا صديون پراڻين چيني جدتن جي قرضي هئي، هڪ ملڪ کي اُها طاقت ڏني هئي، جنهن بابت ڪو شايد ئي تصور ڪري سگھي.

هڪ چيني اڳواڻ عملدار شهنشاهہ ڏانهن اماڻيل يادداشت ۾ آسان فتح جي اڳڪٿي ڪئي:

انگريز وحشي هڪ خسيس ۽ نفرت جوڳو نسل آهن، جيڪي پنهنجي مضبوط ٻيڙين ۽ وڏين بندوقن تي ڀاڙين ٿا: تمام ڊگھي مفاصلي تان موسمي رسد ناممڪن ٿي ويندي ۽ سندن سپاهي، هڪ شڪست کانپوءِ، بد دل ٿي پوندا ۽ هارائيندا.[123]

پر ٽن سالن جي وقفن وقفن سان ٿيندڙ ويڙهہ ۾ ڳالهين کانپوءِ چيني هئا، جن انگريزن جي شرطن کي تسليم ڪندي، ڪيترين ئي بندرگاهون آفيم جي تجارت لاءِ کوليون، ڏنڊ ادا ڪيو هانگ ڪانگ جو ٻيٽ سندن حوالي ڪري ڇڏيائون ۽ برطانوي ماڻهن کي جاگرافيائي حدن کان مٿانهان حق ڏنا. اجان گھڻو عرصو نہ گذريو هو تہ برطانيا فيصلو ڪيو تہ اهي رعايتون ناڪافي آهن. اُنهن 1857ع ۾ هڪ ٻي جنگ شروع ڪئي، جڏهن 5 هزار سپاهين ڪينٽن جو گھيرو ڪري وڏيڪ تجارتي لنگھہ کولڻ لاءِ زور ڀريو. ان باوجود ڊوءَ نہ ٿيڻ پوءِ وري فرينچ سان گڏجي 20 هزار فوج ساڻ ڪري بيجنگ ڏانهن مارچ ڪيو ۽ سمرمحل کي ساڙي ڇڏيائون.

چيني عالم برطانيا جي آسان فتحن بابت ڪارٽن سان اتفاق نہ ٿا ڪن. ڪجھہ ان کي برتر هٿيارن ۽ جنگي هنر، جيڪي صنعتي ترقيءَ جي پيداوار هئا، تن کي قرار ڏين ٿا.[124] ٻيا مانچو رياست جي اندروني ڪمزورين تي زور ڏين ٿا ۽ چون ٿا تہ ٻن ملڪن جي وچ ۾ صنعتي سطحن جي وچ ۾ فرق فتح جي سمجھاڻيءَ لاءِ ڪافي ناهي.[125] پر نتيجي بابت ڪوبہ تڪرار ناهي. برطانيا جي ماڻيل رعايتن چيني رياست طرفان تجارت کي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ ناڻي لاءِ استعمال ٿيندڙ چانديءَ جي ملڪ کان ٻاهر وڃڻ کي روڪڻ واري قابليت ڪمزور ڪري ڇڏي. صنعت ۽ زراعت ۾ هيٺائي کي تيز ڪري ڇڏيو. شڪستن ٻين طاقتن طرفان ساڳيون رعايتون گھرڻ لاءِ در پڻ کولي ڇڏيا، ايتريقدر جو سموري چيني ساموندي پٽي ۾ (عملي طور تي ننڍڙيون ڪالونيون) 'رعايتون' يا ڇوڏاري بند نين آبادين يوربي رياستن کي علائقائي حدبندين کان بالاتر حيثيت ماڻي.

مانچو سلطنت جي زوال سبب هارين سان ٿيندڙ ٻوڳنا کي پرڏيهي مداخلتن وڌيڪ شديد ڪري ڇڏيو. حالتون ناقابل برداشت ٿي ويون، خاص ڪري صوبن جي وچ ۾ سرحدن وٽ گھٽ زرخيز جابلو علائقن ۾. چيني هارين ردعمل ڪيو جيئن اُنهن ماضيءَ ۾ اهڙين حالتن اندر سدائين کان ڪيو هو. اُهي منحرف مذهبي فرقن سان گڏجي ٻيا ۽ پنهنجن آقائن خلاف اُٿي پيا. جنهن کانپوءِ 'تائي پنگ بغاوت' ٿي. اصل ۾ اها بغاوت رياست جي طاقت تي مڪمل خونريزه انقلابي ڪاهہ هئي.

1840ع ڌاري ڏاکڻي چين ۾ هارين، مزدورن ۽ ڪجهه مفلس دانشورن منجهه تحريڪ شروع ٿي. ان جو اڳواڻ هنگ هسو چئان، هڪ هاري خاندان مان اسڪول ماستر هو جنهن پنهنجو پاڻ کي حضرت عيسيٰ ؑ جي ڀاءُ طور ڏنو جنهن کي خدا طرفان ڌرتيءَ تان شيطانن کي تباهه ڪرڻ ۽ 'عظيم امن' (چينيءَ ۾ تائي پنگ) جي 'بهشتي بادشاهت' قائم ڪرڻ جو حڪم مليو هجي. هن عوام جي وچ ۾ برابريءَ، زمين جي برابر ورڇ، شين جي گڏيل مالڪي، ۽ پراڻن سماجي فرقن، عورتن جي مردن آڏو تابعداريءَ جي خاتمي جي تبليغ ڪئي. هن جي پيروڪارن وٽ هڪ مقصد ۽ ضابطي جو احساس هو جنهن ڪين ماڻهن جي اٿاهه ڪشش ۽ چڪ پيدا ڪرڻ ۽ سندن خلاف موڪليل فوجن کي هارائڻ جي قابل بڻايو. 1853ع تائين تحريڪ ۾ 20 لک ماڻهو شريڪ هئا ۽ اڳوڻي شاهي راڄڌاني نيڪنگ تي قبضو ڪرڻ ۽ ملڪ جي 40 سيڪڙو حصي کي پنهنجي رياست طور هلائڻ جي قابل ٿيا.

تحريڪ جا برابريءَ وارا آدرش ختم نه ٿيا. اعليٰ ڪمانڊ جلدئي هڪ نئين شاهي دربار وانگر ورتاءُ ڪرڻ لڳي، چاڪاڻ ته هُنگ 'انتهائي عياش زندگي جيئڻ ۽ ڪيترين ئي سُريتون رکڻ' شروع ڪيون.[126] ٻهراڙيءَ ۾ مفلس اڌ ٻُڪايل هارين کي اڃان تائين ٽيڪس ڏيڻا ٿي پيا، ڀلي پوءِ اڳ کان ٿورو گهٽ ئي سهي.

تائي پنگ قيادت طرفان پنهنجن آدرشن تان دستبردار ٿيڻ ڪانپوءِ چين ۾ اڳوڻي انداز واريون هاري بغاوتون ٿيڻ لڳيون. اٽيڙهيل هاري وسيع ايراضيءَ تي ڦهليل ڇڙوڇڙ ٻنين تي ڪم ڪندي ايترا منظم گروهه جوڙي نه سگهيا، جو فوج ۽ ان جي اڳواڻن مٿان ڪنٽرول ماڻي سگهن. ڪين جلدئي معلوم ٿي ويو ته سيني ماڻهن لاءِ تصوراتي آدرشن جو پُوراءُ ڪرڻ لاءِ مادي وسيلا ڪافي نه هئا. نتيجو اهو نڪتو ته حڪمرانيءَ جو روايتي طريقو ۽ روايتي مراعتن جو گس ورتو ويو.

پر بغاوت جي آخري مرحلي ۾ ڪجهه نواڻ جون علامتون ظاهر ٿيون. موثر قيادت هنگ جي سوٽ ڏانهن منتقل ٿي جنهن هڪ پروگرام رٿيو جنهن فقط روايتي طريقن سان رشتو ٽوڙڻ جي ڳالهه ڪئي نه ڪي برابريءَ وارن آدرشن ڏانهن موٽڻ جي. هن اولهه جي حرفتن کي اپنائيندي چيني معيشيت کي 'جديد بنائڻ' تي زور ڏنو بئنڪون کوليون، ريل رستا ۽ ٻاڦ واريون ٻيڙيون تعمير ڪرايون، ڪاٺيون کوٽڻ کي هٿي وٺرائي ۽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ لاءِ همٿايو. ان مان لڳو ته تائي پنگ بغاوت اندر اهڙيون قوتون هيون جن ماضيءَ جي هاري بغاوتن واري طريقي کي ٽوڙڻ ۽ ملڪ جي غربت پنيان ڪارفرما سماجي رڪاوٽن کي ٻُهارڻ چاهيو پئي. نئين سر منظم ڪيل شاهي فوج، جنهن لاءِ رقم چيني واپارين ڏني، برطانيا ۽ فرانس جديد هٿيار مهيا ڪيا ۽ هڪ ميجر گورڊن جي اڳواڻيءَ هيٺ پرڏيهي فوجن جي مدد سان يانگزيءَ ڏانهن پنهنجي پيش رفت شروع ڪئي. نيٺ 1864ع ۾ هڪ لک ماڻهن جي موت سان نينڪنگ شڪست کاڌي[127]

اولهہ جي سرمائيدار رياستن چين ۾ پراڻي سرمائيداريءَ کان اڳ واري نظام کي مضبوط ڪرڻ ۾ مدد ڪئي هئي، جنهنڪري اهو نظام وڌيڪ 50 سال سلامت رهيو. ائين ڪندي چين کي پسماندگيءَ ڏانهن ڌڪڻ کي يقيني بڻايو جڏهن تہ اولهہ يورپي ۽ اُتر آمريڪين اقتصادي طور تي ترقي ڪئي.

اوپر جو سوال

اوپر جي ٽين عظيم طاقت، عثمانيہ سلطنت، ۾ ساڳيو انداز اختيار ڪيو ويو. ان وسيع گهڻ قومي سلطنت 400 سالن تائين وڏي ايراضيءَ تي حاڪميت ڪئي، جنهن ۾ اُتر آفريقا، مصر ۽ هاڻوڪو سوڊان، عربي ٻيٽ، فلسطين، شام ۽ عراق، ايشيا مائنر ۽ يورپ جو ڪجهہ حصو جنهن ۾ بالڪن، هنگري ۽ سلوواڪيا شامل هئا. ان تي تُرڪ شهنشاهن استنبول مان حڪومت پئي هلائي ۽ ايشيا مائنر ۽ بالڪن جي علائقن ۾ هڪ تُرڪ زميندار طبقو هو. پر ڪجهہ سلطنت کي مفتوح غير تُرڪ ماڻهن، بالڪن ۾ يونانين، وچ اوپر ۾ عربن ۽ مصر ۾ عثمانيہ کان اڳ وارن مملوڪ حاڪمن جي نسل جي مٿين طبقن پئي هلايو. استنبول ۾ مختلف مذهبي گروهن، آرٿوڊڪس عيسائي، شامي عيسائي، يهودي ۽ ٻين وٽ پنهنجي حڪومت جا ڍانچا هئا جيڪي سڀ سلطان جي راڄ سان تعاون جي تابع هئا. ايتريقدر جو فوج خالص تُرڪ نہ هئي. ان جو ڳر ۽ مرڪز جانثارن جو ٿهيل هو جيڪي اصل ۾ بالڪن عيسائي خاندانن جا ٻار هئا جن کي غلامن وانگر ننڍيءَ عمر ۾ استنبول آڻي سخت ويڙهاڪن طور تربيت ڏني وئي.

سلطنت جي دولت جو وڏو حصو ان دور جي سڀني معاشرن وانگر، زرعي هارپ کان آيو پئي، پر عثمانيہ سلطنت اولهہ يورپ (ڪاري سمونڊ ۽ ڪيسپين سمونڊ ۾ جوڙ ڪندڙ دريائن ذريعي روس ۽ اسڪنداوينيا ۽ وينس ۽ جينوئا سان واپار ذريعي ڏکڻ يورپ) ۽ انڊيا ۽ چين (افغانستان مان لنگهندڙ 'ريشمي روڊ' طور مشهور زميني رستي ۽ ڳاڙهي سمونڊ ۽ ايراني نار تي بندرگاهن ذريعي) سان ڊگهي تجارت تي ڪئي. گهٽ ۾ گهٽ 18 صديءَ جي وچ تائين زراعت (ڪافي ۽ ڪپهہ جهڙن نون فصلن جي پکيڙ) ۽ دستڪاري صنعت ۾ آهستي آهستي، پر مضبوط ترقي ٿيندي رهي.

بهرحال، 19 هين صديءَ جي ابتدا تائين عثمانيہ سلطنت ٻاهران کان گهڻن دٻائن جو شڪار ٿيڻ لڳي. نيپولين مصر کي فتح ڪيو هو جنهن کي برطانيا تڙي ڪڍي ڇڏيو ۽ 1830ع ڌاري فرينچ بادشاهت سخت مقامي مزاحمت هوندي الجيريا تي قبضو ڪري ورتو. روسي فوجن ڪاڪاسس ۽ ڪاري سمونڊ جي ڪجهہ پٽيءَ کي فتح ڪيو ۽ خود استنبول ۾ اڪيون هئن. سربن تُرڪ حڪمرانيءَ خلاف بغاوت ڪئي ۽ 1815ع ۾ هڪ خودمختيار بادشاهت قائم ڪيائون ۽ يونانين 1820ع ڌاري برطانوي ۽ روسي مدد سان هڪ رياست ٺاهي ورتي. روسي زار ساڳيون ٻوليون ڳالهائيندڙ نسلن ۽ عيسائيت جي

آرٿوڊڪس شاخ سان تعلق رکندڙ گروهن وٽ پاڻ کي 'محافظ' طور پيش ڪري ساڳين تحريڪن کي زور وٺايو.

روسي پيش رفت اولهہ يورپ جي حڪمرانن کي ڏيڄارڻ شروع ڪيو ايتريقدر جو ان دور تائين بہ اُهي، جيئن آسٽريا ۽ پرشيا ڪيو پنهنجن علائقن ۾ ٿيندڙ انقلاب کي ڪچلڻ لاءِ روسي فوج تي ڀاڙيندا هئا. يورپي حڪمرانن جي خواهش هئي تہ روسي پکيڙ کي روڪڻ لاءِ عثمانيہ سلطنت کي هڪ روڪ طور برقرار رکجي ۽ ان لاءِ 'اوڀر واري سوال' طور مشهور پاليسي 1914ع ۾ پهرين عالمي جنگ تائين يورپي سفارتڪاريءَ ۾ غالب رهي.

انهن ڪوششن ۾ برطانوي حڪومتون مهڙ ۾ رهيون. عثماني حڪمرانن کي ٽيڪ ڏيڻ سان انگريزن نہ صرف روسي طاقت کي روڪيو جنهن کي انهن اتر انڊيا ۾ پنهنجي راڄ خلاف خطري طور ڏٺو پئي، پر ان سان عثمانيہ سلطنت بالڪل ۽ وچ اوڀر جي مارڪيٽن ۾ برطانوي سامان جي آزاد پهچ جي اجازت کي پڻ يقيني بڻايو.

ان جي اهميت جو اظهار مصر ۾ ٿيو. ملڪ جو اقتدار (شام، لبنان ۽ فلسطني جي پرپاسي سميت) 1805ع ڌاري البانين نسل جي 'پاشا' محمد علي ڏانهن منتقل ڪيو ويو هو. هن عثمانيہ سلطان جي نالي ۾ حڪمراني ڪئي پر عملي طور تي 1840ع تائين پنهنجو پاڻ حڪومت ڪندو رهيو. هن ڏٺو تہ صنعت تيزيءَ سان اقتدار لاءِ مک ڪنجي بڻجندي پئي وڃي ۽ هن رياست کي استعمال ڪري مصر ۾ هڪ صنعتي انقلاب جي شروعات ڪئي. هن رياستي اجاره داريون قائم ڪيون، يورپ کان ڪپڙي جي صنعت واري جديد مشينري خريد ڪئي ۽ هنرمند يورپين کي ڪم سان لڳائي، مصرين کي سيکاريو تہ اهي مشينون ڪيئن استعمال ڪجن. هن لوهہ ۽ اسٽيل جون بٽيون پڻ تعمير ڪرايون، مملوڪ زميندارن کان زمين کسي ورتي ۽ ملڪ کان ٻاهر وڪري لاءِ نقدي فصل پوکرايا. نتيجو اهو نڪتو جو 1830ع تائين دنيا ۾ في ماڻهو ڪپهہ وٽڻي جي سڀ کان وڏيڪ تعداد ۾ ملڪ کي پنجين نمبر تي پهچايو ۽ جديد ڪارخانن ۾ اٽڪل 70 هزار ماڻهو ڪم ڪن پيا.[128]

پر محمد عليءَ جو تجربو اوچتو 1840ع ڌاري رُڪجي ويو. برطانيا پنهنجي بحريہ اماڻي مصر مٿان عثمانيا سلطنت جو ڪنٽرول ٻيهر مڙهڻ ۾ مدد ڪندي، لُبناني سامونڊي ڪناري وٽ موجود مصري ڪنٽرول وارين بندرگاهن تي بمباري ڪئي ۽ شام ۾ فوج لاٿي. محمد علي مجبور ٿي، پنهنجي فوج (جنهن سندس ڪپڙي جي ڪارخانن لاءِ هڪ محفوظ مارڪيٽ مهيا ڪئي هئي) کي گهٽايو. پنهنجين اجاره دارين کي ختم ڪيو ۽ برطانيہ طرفان مڙهيل 'آزاد تجارتي پاليسيءَ' کي تسليم ڪيو. ان صورتحال کي ڏسندي لارڊ پالميرسٽون اهو مڃيو تہ "محمد عليءَ کي عظيم برطانيا جي تابع ڪرڻ غلط ۽ غيرمنصفاڻو عمل ٿي سگهي ٿو پر اسين جانبدار آهيون. يورپ جا اهم مفاد گهرج

ڪن ٿا تہ اسين ائين هُجون'.[129] يورپ جي انتهائي ترقي يافتہ صنعتي طاقت جا حڪمران اهڙيون پاليسيون ٺاهڻ تي خوش هئا جن ہئي هندَ صنعتي سرمائيداريءَ جي ترقيءَ کي روڪيو. مصر ايندڙ ڏهاڪي تائين صنعت جي پنتي ٽيڻ واري عمل جو تجربو ڪيو ائين ئي جيئن چين ۽ انديا ڪيو ۽ پوءِ جڏهن محمد عليءَ جا جانشين سندن قرض ادا نہ ڪري سگهيا تہ، برطانوي فوج هتان قبضي کي پوڳيائيون.

مصر گهٽ ۾ گهٽ صنعتي ٽيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. جڏهن تہ عثمانيا سلطنت ۾ اهڙيون ٿوريون ڪوششون ٿيون ۽ سندن مارڪيٽن ڏانهن سستين شين جي بي روڪ پهچ انهن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو. ساڳئي قسم جون ڪوششون ايراني سلطنت تي پڻ لاڳو ڪيون ويون. جيڪو عثمانيا، برطانوي انديا ۽ روسي زار جي وچ ۾ سنبوسو تي وئي.

باب ڏهون

جاپاني نرالپ

اوڻويهين صديءَ ۾ غير-يورپي دنيا جو هڪ ئي فقط هڪ ئي حصو باقي ايشيا، آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا ۾ ڪجھ اوير يورپ کي وڪوڙيل جمود يا زوال جو شڪار ٿيڻ کان بچي ويو اهو هو جاپان.

گذريل هزارين سالن کان چين جي ڪجھ پراڻي تهذيب، اُن جي ٽيڪنالاجي، ان جي الف ب وار صورتخطي، ان جو ادب ۽ ان جي مُک مذهبن مان هڪ، جاپان کي ڏاڍو متاثر ڪيو هو پر هڪ اهم حوالي سان جاپان چين کان مختلف هو. اُن وٽ نہ ڪو چين جهڙا وڏا واهہ ۽ آبپاشيءَ جا نظام هئا ۽ نہ ئي مرڪزيت واري مضبوط رياست. اٽڪل 1600ع تائين جاپان جو اقتصادي ۽ سياسي سرشتو گهڻي قدر وچين دور واري يورپ جهڙو هو. اُتي هڪ ڪمزور شهنشاهہ هو پر اصل طاقت علائقائي سردارن وٽ هئي، جنهن مان هر هڪ هٿياربند سمورائين جو اڳواڻ هو (جيڪي ٿُلهي ليکي وچين دور وارن يورپي سردارن جي برابر هئا) جن سڏي ريت هارين جو استحصال ڪيو ۽ ٻين سمورائين خلاف پنهنجي سردار جي فوج ۾ سپاهي طور ويڙهہ ڪئي.

17 هين صديءَ جي ابتدا ۾ وڏن نواب خاندانن مان هڪ، ٽوڪوگاوا، ٻين کي هارائڻ ۽ تابع ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. اُن جو سربراهہ 'شوگن' ملڪ جو اصل حاڪم هو جڏهن تہ شهنشاهہ نمائشي شخصيت طور قائم رهيو. ٻين سردارن کي، پنهنجن خاندانن کي اُتي ئي يرغمالي طور ڇڏي، پنهنجو ڪجھ وقت شوگن جي راڄڌاني ايدو (هاڻوڪي ٽوڪيو) ۾ گذارڻ تي مجبور ڪيو ويو. شوگن بندوقن تي بندش وجهي ڇڏي، جن اڳوڻي دور جي گذريل وڏين جنگين ۾ تباهہ ڪن ڪردار نڀايو هو (جيتوڻيڪ سمورائين جو وجود قائم رهيو ۽ هنن وٽ هٿيار بہ هئا، پر اهوئي حق هارين، ڪاريگرن ۽ واپارين کي نہ ڏنو ويو). هنن سندس حڪمرانيءَ کي ڪاٽ هڻندڙ ڪنهن بہ پرڏيهي اثر کي جاپان ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي. هنن ڊچ ۽ چيني ٻيڙين کانسواءِ سموري پرڏيهي تجارت منع ڪري ڇڏي، جڏهن تہ ڊچ ۽ چينن کي بہ سخت نگرانيءَ هيٺ هڪ بندرگاهہ تي لهڻ جي اجازت هئي. هنن سمورن پرڏيهي ڪتابن تي بندش وجهي ڇڏي ۽ ڪيٿولڪ عيسائيت کي قبوليندڙ هزارين ماڻهن خلاف سخت طاقت جو استعمال ڪيو.

انهن قدمن اڳوڻي دور جي خونخوار جنگين جو انت آڻڻ ۾ ڪردار نڀايو. پر شُوگن

سندن هيٺان مسلسل بدلجندڙ معاشري کي روڪي نہ سگهيا. سردارن ۽ سندن خاندانن جو ايڏو ۾ جمع ٿيڻ سان کين ڪارائڻ لاءِ چانورن جي تجارت ۾ واڌ ٿي ۽ سندن ضرورتن جو پوراءُ ڪندڙ شهري دستڪارن ۽ واپارين جو انگ تيزيءَ سان وڌيو. جاپان جا شهر دنيا ۾ سڀ کان وڌن شهرن مان ڪجهہ ۾ شمار ٿيڻ جهڙا هئا. واپاري طبقو جيتوڻيڪ ان جي حيثيت صفا هيٺاهين هئي، تيزيءَ سان اهم ٿيندو رهيو ۽ رياست جي سرڪاري ثقافت کان ڪيترن حوالن کان مختلف عوامي شاعري، ڊرامن ۽ ناولن واري هڪ نئين شهري ثقافت وڌي ويجهي. 1720ع ڌاري اولهہ جي ڪتابن تان بندش ۾ نرميءَ ڪانپوءِ ڪجهہ دانشورن اولهہ جي فڪرن ۾ دلچسپي ڏيکاري ۽ 'ڊچ سکيا جي اسڪول' ۾ سائنس، زراعت ۽ ڪوپرنيڪن علم فلڪيات جو مطالعو شروع ڪيو ويو. جيئن ئي ڏوڪڙ وڌيڪ اهم ٿيڻ لڳا تہ ڪيترائي سمورائي غريب ٿي ويا، جن مجبور ٿي پنهنجي هٿيار وڪڻي ڇڏيا ۽ پنهنجا قرض چُڪائڻ لاءِ زراعت يا دستڪاريءَ جو ڪم ڪيائون. ان دوران لڳاتار ڏُڪارن هارين کي نقصان رسايو 1732ع ۾ (26 ملين آباديءَ منجهان) اٽڪل ڏهہ لک، 1775ع ۾ ٻہ لک ۽ 1780ع ۾ ڪيئي هزارين ماڻهو مري ويا ۽ مسلسل هاري بغاوتون ٿينديون رهيون.[130] توڪوگاوا سياسي ڍانچو مڪمل طور تي جيئن جو تيئن رهيو پر ان جي هيٺان نئين سجاڳيءَ واري دور دوران اولهہ يورپ ۾ پروان چڙهيل سماجي قوتون وڌي رهيون هيون.

1853ع ۾ اهو پسمنظر هو جڏهن آمريڪي بحريہ جو هڪ ڪمانڊر پيري چار جنگي ٻيڙين سان سمونڊ ڪناري پهتو ۽ مطالبو ڪيائين تہ جاپاني حڪومت پرڏيهي تجارت لاءِ در کولي. جاپاني سماج جي سڄي حڪمران پرت ۾ انتشار ڦهلجي ويو. توڪوگاوا حڪومت جنگي هٿيارن جي توازن جو جائزو ورتو ۽ فيصلو ڪيو تہ هاڻي پراڻو طريقو گهڻو وقت نہ جٽاءُ ڪندو. جيڪڏهن اها آفيم جنگين ۾ چين طرفان پوڳيل شڪستن کي ٽارڻ چاهي ٿي تہ ڪجهہ رعايتون ڪرڻيون پونديون، پر حڪمران طبقي جي ٻين حلقن لاءِ پراڻا طريقا پاڪ ۽ واجب العمل هئا ۽ پرڏيهين کي ڪابہ رعايت ڏيڻ جي معنيٰ اعليٰ آدرشن سان دغا هئي. انهن جي وچ ۾ قاتل هيٺين سمورائي گروهن ويڙهہ ايتريقدر جو انقلابي طريقن سان، 'شهنشاهہ سان وفا ۽ وحشين کي پوئتي ڌڪڻ'[131] لاءِ هڪ تنظيم جوڙي. هڪ سطح تي سندن مطالبا بلڪل روايتي هئا. هنن شهنشاهہ جي طاقت کي بحال ڪرائڻ چاهيو پئي جيڪا هن کان اڳ وارن هزار سالن تائين ڪتب نہ آندي هئي، پر ڪجهہ سمورائين سمجهيو تہ جيڪڏهن اُهي 'وحشين' جي فوجي ۽ اقتصادي سگهہ جي برابر صلاحيت ماڻڻ چاهين ٿا تہ کين جاپاني سماج ۾ وڏيون ۽ بنيادي تبديليون آڻيون پونديون.

سندن مقصد ماڻڻ جو موقعو 1860ع جي 'ميجي انقلاب' سان آيو جڏهن سمورائي تائيد سان ٻن وڏن جاگيردار سردارن توڪوگاوا شوگن تي حملو ڪيو ۽ شهنشاهہ جي نالي ۾ هڪ نئين حڪومت جوڙي.

اهو مثان ڪان انقلاب هو. ان جا نعرا روايتي هئا ۽ انهيءَ تبديليءَ سان عوام جي حالت ۾ ترِ جيترو بہ فرق نہ ٿيو پر اُهي جن اڳواٽي ڪئي تن سمجهيو پئي تہ جيڪڏهن اُهي ماضيءَ جهڙي ڪا شيءِ برقرار رکڻ چاهين ٿا تہ کين سرمائيداريءَ ڏانهن وڌڻو پوندو. اُنهن رقيب سرداري نوابن جي طاقت کي ختم ڪري، کين پنهنجين مراعتن لاءِ رياست جو محتاج ڪيو. اُنهن سمورائي، هارين، واپارين ۽ ڪاريگرن جا پراڻا فرق مٽائي ڇڏيا. هارين جي استحصال مان ملندڙ آمدنيءَ جنهن کي سمورائي استعمال ڪندا هئا، سا هاڻي سڌو رياست ڏانهن وئي. ڪوبہ سمورائي جنهن فقط گذرسفر ڪان وڌيڪ جي خواهش ڪئي، تنهن کي رياست يا خانگي اداري ۾ ملازمت لاءِ ڳولا ڪرڻي پئي. وڏي اهم ڳالهہ تہ حڪومت نيون صنعتون اڏڻ جو فيصلو ڪري، انهن کي پنهنجي ڪنٽرول هيٺ رکيو ۽ ٽيڪسن کان ڇوٽ ڏني. جڏهن اُهي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جهڙيون ٿي ويون تہ اُنهن کي واپارين يا بئنڪار خاندان جي حوالي ڪيو ويو. جن جا رياست سان ويجها لاڳاپا هئا.

ميجي انقلاب نہ صرف جاپان، پر بين الاقوامي طور تي سرمائيداريءَ جي مستقبل لاءِ بيحد معنيٰ خيز هو. ان ثابت ڪيو تہ سماج کي رت ۾ ٻُڏل پيداوار جي سرمائيدار لاڳاپن ڏانهن وٺي وڃڻ جي پيش قدمي فقط بورجوازيءَ مان ناهي اچڻي. انگلش انقلاب ۾ جيڪا شيءِ 'وچولن عنصرن' حاصل ڪئي هئي يا فرينچ انقلاب ۾ بورجوازيءَ جي جيڪبن ڏڙي ماڻي، هئي تنهن کي جاپان ۾ پراڻن استحصالي طبقن جي حلقن اڳتي آندو.

اهو پڻ ثابت ٿيو تہ رياست جڏهن صنعت ٺاهڻ ۾ ڪم جي نين سرمائيدار صورتن کي لاڳو ڪرڻ تي اچي ٿي تہ هڪ غيرموجود صنعتي سرمائيدار طبقي جو متبادل ٿي سگهي ٿي. جاپان ۾ صنعتي سرمائيدارن جي مڪمل طور تي تيار ٿيل طبقي جو ظهور ٿيو پر فقط تڏهن جڏهن رياست جديد ڪارخانن ۾ پگهاردار محنت جي استحصال ذريعي صنعت کي ترقي وٺرائڻ ۾ سوڀاري ٿي. برطانوي يا فرينچ بدران سرمائيداريءَ ڏانهن جاپاني رستو ڳچ دنيا لاءِ اهڙي علامت ٿي پيو. جنهن جي ايندڙ صديءَ ۾ پوئواري ڪئي وئي.

انهيءَ دوران، ميجي انقلاب کان 27 سال پوءِ تازي ڄاول جاپاني سرمائيداريت چين خلاف جنگ ڪندي، پنهنجي طاقت ڏيکاري، پرڏيهي مداخلتن جو شڪار رهندڙ ملڪ جاپان جارح ۽ ظالم قومن منجهان هڪ ٿي چڪو هو.

باب يارهون

طوفاني بهشت، پئرس ڪميون (پنچائت)

1870ع جي ابتدا تائين نئون سرمائيداري نظام عالمي تسلط لاءِ پنهنجي گس تي هلندو رهيو. آمريڪا ۽ ڪجھ اولھ يورپ ۾ ان جي حاڪميت هئي ۽ موٽ ۾ وري اُهي باقي دنيا تي اثرانداز ٿي رهيا هئا. ايتريقدر جو روسي زار مجبور ٿي 1861ع ۾ ٻانهپ جو خاتمو آندو جيتوڻيڪ هن اڌ زمين پراڻي جاگيردار طبقي کي ڏني ۽ هارين کي انهن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو. هر هنڌ دنيا اُبتي سُبتي ڪئي پئي وئي، پر جلدئي پئرس ۾ ٿيل واقعن ظاهر ڪيو تہ هڪ ڀيرو سرمائيداريءَ جي اوج ڪانپوءِ تاريخ ۾ ٿيندڙ موڙ بند نہ ٿا ٿين. مارڪس ۽ اينگلس ’ڪميونسٽ پڌرنامي‘ ۾ لکيو هو تہ ’بورجوازي سندس قبر کوٽيندڙ پاڻ پيدا ڪري ٿي‘. 1871ع جي 18 مارچ تي فرينچ بورجوازيءَ کي معلوم ٿيو تہ اها ڳالھ ڪيتري نہ سچي هئي.

چار سال اڳ لوئس نيپولين يورپ جي بادشاهن کي پنهنجي سلطنت جي شان شوڪت جو ڏيک ڏيڻ لاءِ هڪ ’عظيم نمائش‘ ۾ 482 ميٽر ڊگهي بيضوي صورت ۾ شيشي جي وڏي عمارت، جنهن جو گنبذ ايترو مٿي هو جو ’ان تائين پهچڻ لاءِ مشين جو استعمال ڪرڻو ٿي پيو‘ نهرائي.[132]

هن کي لڳو ڪجھ تہ جشن ملهائجي. 1851ع ۾ جڏهن کان هن ريپبلڪ جو تختو اونڌو ڪيو هو تڏهن کان فرانس ۾ وڏي سرمائيدار ترقي ٿي هئي، جيئن جديد صنعتون وڌيون هيون تيئن صنعتي پيداوار ٻيڻي ٿي وئي هئي ۽ پراڻي دستڪاري پيداوار ٺيڪيدار سرمائيدارن جي ڪنٽرول هيٺ ٿيندي وئي جن مزدورن سان ڪارخانن ۾ ٿيندڙ سلوڪ وانگر ورتاءُ ڪيو.

پر شهنشاھ جي پنهنجي طاقت ايتري محفوظ نہ هئي، جيترو ڏيک ڏنائين پئي. ان لاءِ متوازن عمل جي گهرج هئي. هن حڪمران طبقي ۾ رقيب گروهن کي هڪٻئي خلاف ويڙهايو ۽ پنهنجي حيثيت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ اٽليءَ ۽ ميڪسيڪو (جتي هن هڪ فرينچ مهم جُو ميگزيملين کي شهنشاھ طور ٿاڦڻ جي ڪوشش ڪئي) ۾ جنگي جوکمن ذريعي ٻهرين نيپولين جي ڪارنامن جو نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اهي سڀ اٽڪلون هن جي اقتدار خلاف مخالفت کي روڪي نہ سگهيون. بورجوازيءَ جا حلقا ڪاوڙجي پيا هئا، ڇاڪاڻ تہ داءُ تي لڳل سيڙپ کين نقصان رسايو ۽ شهنشاھ جي

ويجهن سيٽين جي ٽولي جا ڪيسا پريا. ميڪسيڪو جي مهم ذلت آميز ناڪاميءَ ۾ بدلجي وئي، چاڪاڻ تہ گولي بازي ڪندڙ فوجي جٿي هٿان ميگزيملين کي قتل ڪيو ويو. حڪومت سان نفرت ڪندڙ پئرسي مزدورن، جن کي 1848ع جي رتوڇاڻ ياد هئي، کي سندن اُجرتن کان وڌيڪ زنده رهڻ جي قيمت چڪائڻي ٿي پئي. لوئس بوناپارٽ جي پنهنجي اهم اڳواڻ هاسمن لکيو تہ جيتوڻيڪ پئرس جي اڌ کان وڌيڪ آبادي ڏيهاڙي 11 ڪلاڪ ڪم ڪندي هئي، تڏهن بہ 'غربت، مفلسي ۽ محتاجيءَ واري زندگي' گهارڻ تي مجبور هئي.[133] 1869ع تائين ريپبلڪن اپوزيشن پئرس ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ بورڊ جي اليڪشن ۾ سوپ ماٽي. پوءِ 1870ع جولاءِ ۾ لوئس بوناپارٽ پرشين اڳواڻ بسمارڪ کي جنگ جو اعلان ڪرڻ لاءِ پڙڪايو.

فرينچ فوجن کي سيڊان جي لڙائيءَ ۾ بُري شڪست ملي. لوئس بوناپارٽ مڪمل طور تي خوار ٿيو ۽ پڇي ويو. اقتدار حزب اختلاف بورجوازي ريپبلڪن جي هٿن ۾ هليو ويو پر پرشين فوج جلدئي پئرس جو گهيرو ڪيو ۽ بسمارڪ ڏنڊ پرڻ تي زور پريو هڪ وڏي رقم جي ادائگي ۽ فرينچ الساڪ لورين جو علائقو پرشيا کي ڏيڻ جهڙا شرط رکيا.

پئرس پنجن مهينن تائين انتهائي ڏکين حالتن هيٺ ٻڙي گرمي پد جي موسم ۾، سندن گهرن کي گرم ڪندڙ ٻارڻ کانسواءِ گهيراءَ ۾ رهي، ماڻهن مجبور ٿي جيئرو رهڻ لاءِ ڪُتا ۽ ڪُئا کاڌا. جيئن ئي شين جون قيمتون وڌيون تہ مزدورن، ڪاريگرن ۽ سندن ڪٽنبن سخت پوڳيو.[134] هنن ئي شهر جي دفاع جي باهہ کي برداشت ڪيو. اُهي قومي محافظ (فوج) ۾ ڀرتي ٿيا، جنهن ۾ اٽڪل 3 لک 50 هزار ماڻهو هئا. جن پنهنجا آفيسر پاڻ چونڊيا. هنن وچولي طبقي جي ڪردار کي هٽائي ڇڏيو. سندن مزاحمت جلدئي ريپبلڪن حڪومت توڙي پرشين کي ڳڻتيءَ ۾ وجهي ڇڏيو. 1792ع جي ڪاريگرن ۽ ننڍين واپارين جي نسل ۽ 1848ع جي ويڙهاڪن جي ٻارن ٻيهر هٿيار کنيا. 'ڳاڙها' ڪلب نهيا ۽ انقلابي اخبارون شايع ٿيون، جن مزدورن ۽ ڪاريگرن کي ياد ڏياريو تہ 1848ع ۾ ڪيئن بورجوا ريپبلڪن ساڻن ڪهڙو سلوڪ ڪيو هو. جيئن ڪارل مارڪس لکيو تہ 'پئرس هٿيار بند تہ انقلاب هٿيار بند.'

ريپبلڪن حڪومت 31 آڪٽوبر تي هڪ ڪاپي ڌر طرفان تختو اونڌو ڪرڻ واري ڪوشش کي دٻائڻ ۾ ڪامياب ٿي هئي. وري 22 جنوريءَ تي ٻي بغاوت کي ڪچلڻ لاءِ برٽني کان فوج کي ڪتب آڻيندي، بيليوائل (علائقي) جي پورهيت طبقي جي هڪ هجوم تي گوليون هلايون. هاڻي حڪومت کي ڊپ لڳو تہ وري ڪامياب نہ ٿيندي. نائب صدر فاوري 'گهرو جنگ کي ڪجهہ وال پري ۽ ڏُڪار کي ڪجهہ ڪلاڪ پرتي'[135] ڏٺو پئي ۽ فيصلو ڪيائين تہ پنهنجي حڪومت کي بچائڻ جو هڪڙو ئي گس آهي. 23 جنوريءَ جي رات هن ڳجهي نموني پرشين لائين پار ڪري هٿيار ڦٽا ڪرڻ لاءِ شرطن بابت بحث ڪيو.

ان خبر پئرس جي غريبن منجھ سخت ڪاوڙ پيدا ڪئي. هنن پنجن مهينن کان جيڪو ٻوڙيو سو سڀ پاڻيءَ ۾. پوءِ هٿيار ڏنا ڪرڻ جي فيصلي جي توثيق لاءِ ريپبلڪن حڪومت. فقط انهن ڏينهن جي نوٽيس تي، چونڊن جو سڏ ڏنو. جيئن 1848ع ۾ پئرس کي ٻهراڙين وارن تڪن ۾ مهم هلائڻ لاءِ ڪوبہ وقت نہ ڏنو ويو جتي اڃان تائين وڏي تعداد ۾ ووٽر رهيا پئي ۽ پادرين ۽ امير زميندار ووٽ تي هڪ فيصلاڪن اثر وجهڻ جي قابل ٿي ويا. هن ڀيري بہ ساڳيو ڪم ٿيو. 675 ڊپٽين مان 400 شاهہ پرست آيا. پئرس ۾ ويتر ڪاوڙ وڌي وئي. گهيري واري دغا کانپوءِ ريپبلڪ طرفان دغا ڪئي وئي، پوءِ وري ٽئين دوکي جو وارو آيو. يعني، 71 سالن جي آگسٽ ٿيئر کي حڪومت جو سربراهہ مقرر ڪيو ويو. هن 'اعتدال پسند جمهوري' ماڻهو هجڻ جي دعويٰ ڪئي پر هن سڀ کان پهرياڻين 1834ع ۾ هڪ جمهوري (ريپبلڪن) بغاوت کي ڪچلڻ سان نالو ڪمايو.

جڏهن پئرسي عوام جي هٿن ۾ هٿيار هئا. تڏهن فرينچ مستقل فوج کي پرشين سان ٺاهہ جي شرطن هيٺ ٽوڙيو ويو. ٻيو تہ وڏي تعداد ۾ شاهوڪار وچولا طبقا موقعي جو فائدو وٺندي پئرس مان ڀڄي ويا ۽ نيشنل گارڊ کي هڪ پورهيت طبقي جي اداري طور ڇڏي ويا.

ٿائير کي خبر هئي تہ پئرسي عوام سان ٽڪراءُ اٽل آهي. هن کي ڄاڻ هئي تہ هنن وٽ نيشنل گارڊ جا هٿيار آهن جنهن ۾ 200 توبون بہ شامل آهن ۽ اُنهن کي مونٽمارٽري جي اونچائين تان کسڻ لاءِ فوج اماڻي. جڏهن سپاهي اُنهن بندوقن کي ڪٽڻ لاءِ گهوڙن جو انتظار ڪيو پئي تہ مقامي ماڻهن ساڻن بحث شروع ڪيو. جيئن لساگاري ياد ڏياري ٿو تہ 'عورتن .... مردن لاءِ انتظار نہ ڪيو. هنن عورتن اهو چئي بندوقن جو گهيرو ڪيو تہ "شرم جهڙي ڳالهہ آهي، توهان ڇا پيا ڪريو؟"[136] جڏهن تہ سپاهي بيٺا رهيا. ان ڳالهہ کان بي خبر تہ هاڻي ڇا ڪريون، نيشنل گارڊ جو 300 ڄڻن جو گروهہ اُتان گذرندي نغارا وڄائيندي آباديءَ کي مزاحمت لاءِ ڀڙڪائي پيو. جيئن نيشنل گارڊن، عورتن ۽ ٻارڙن سپاهين جو گهيرو تنگ ڪيو تہ جنرلن مان هڪ ليڪامٽ تي ڀيرا هجوم تي گوليون هلائڻ جو حڪم ڏنو. 'هن جا سپاهي خاموشي بيٺا رهيا. هجوم اڳتي وڌيو انهن سان دوستاڻي نموني مليو ۽ ليڪامٽ ۽ سندس آفيسرن کي گرفتار ڪيو ويو.'[137]

18 مارچ جي منجهند جو تي وڳي ٿائير ۽ سندس حڪومت راڄڌاني مان ڀڄي وئي. دنيا جي وڏن شهرن مان هڪ، يعني پئرس هٿياربند مزدورن جي هٿن ۾ هو ۽ هن ڀيري اُهي شهر کي وچولي طبقي جي سياستدانن جي گروهہ جي حوالي ڪرڻ وارا نہ هئا.

هڪ نئين قسم جي طاقت

هٿياربند عوام پهريائين نيشنل گارڊ جي چونڊيل اڳواڻن، ان جي 'مرڪزي ڪميٽي' ذريعي اختيار هلايا، پر اهڙو ڪوبہ عمل ڪرڻ جو ارادو نہ هئن جنهن کي آمريت ڏانهن وڌڻ سمجهيو وڃي. هنن هر هڪ علائقي ۾ سيني مردن جي ووٽن تي ٻڌل،

هڪ نئين چونڊيل اداري، ڪميون لاءِ چونڊون ڪرايون. عام پارلياماني عيوضين کان مختلف جيڪي چونڊيل هئا، سي سندن ئي چونڊيندڙ هٿان ترت واپس ٿيڻ جا پابند به هئا ۽ کين هڪ هنرمند مزدور جيتري اُجرت کان وڌيڪ نه پئي مليو. پيو ته چونڊيل عيوضين فقط قانون منظور نه پئي ڪيا جن کي وڏيون پگهارون کڻندڙ اعليٰ عملدارن جي انتظاميا کي عمل ۾ آڻڻو هو. هنن وري ان ڳالهه کي يقيني بڻايو ته سندن پنهنجن اپائن کي عمل ۾ آندو وڃي.

عملي طور تي، جيئن ڪارل مارڪس 'فرانس ۾ گهرو جنگ' ۾ ڪميون جو دفاع ڪندي نشاندهي ڪئي ته هنن پراڻي رياست کي ڊاهي ۽ ان جي جاءِ تي پنهنجو هڪ نئون ڍانچو آندو. طبقاتي معاشرن جي پيدا ٿيڻ کان وٺي ان جهڙو جمهوري سرشتو ڪڏهن به نه رهيو هوندو:

بجاءِ ان جي ته ٽن يا ڇهن سالن ۾ هڪڙو ڀيرو اهو فيصلو ٿئي ته حڪمران طبقي جو ڪهڙو ماڻهو پارليامينٽ ۾ عوام جي غلط نمائندگي ڪندو عام ووٽن جو ڪم ڪميون ۾ منظم عوام جي خدمت ڪرڻ هجي..... ڪميونل آئين سماجي اداري کي ٻيهر بحال ڪري ها، جنهن کي هن مهل تائين رياستي مفت خور قوتن هڙپ ڪري ڇڏيو هو ۽ ائين سماج جي آزاد چرپر کي روڪيو ويو هو.....

ان جو اصل ڳجهه هي آهي. اها لازمي طور تي هڪ پورهيت طبقي جي حڪومت هئي، جيڪا استحصالي طبقي خلاف جدوجهد جي پيداوار هئي، نيٺ اها سياسي صورت دريافت ڪئي وئي، جنهن هيٺ پورهئي جو سياسي ڇوٽڪارو ٿيڻو هو.[138]

مارڪس غور ڪيو ته شهر جي پورهيت عوام جي نمائندي طور ڪميون سندن مفادن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيا. بيڪرين ۾ رات جي ڪم ۽ مالڪ طرفان ملازمن تي ڏنڊ وجهڻ تي بندش؛ مالڪن طرفان بند ڪيل ڪارخانا يا ورڪشاپ مزدورن جي انجمن حوالي ڪرڻ، بيواهن لاءِ ماهوار وظيفو (پينشن) ۽ هر ٻار لاءِ مفت تعليم مهيا ڪرڻ ۽ گهيري دوران کنيل قرضن جي اوڳاڙي ۽ مسواڙ جي عدم ادائگيءَ تي بيدخليءَ کي بند ڪيو ويو. ڪميون هڪ جرمن مزدور کي محنت جو وزير مقرر ڪري ۽ جنگي جنونيت جي يادگارن کي ڊاهي پٽ ڪري، پنهنجي بين الاقواميت پسنديءَ جو اظهار ڪيو.[139]

هڪ پورهيت حڪومت طرفان وڌيڪ ڪهڙا قدم کنيا وڃن، ان جو اظهار ڪرڻ جو موقعو نه مليو. ڇاڪاڻ ته ريپبلڪن حڪومت جلدئي پورهيتن کي دٻائڻ لاءِ هٿياربند قوتن کي منظم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ائين ڪرڻ لاءِ پرشين 'دشمن' سان گڏجي ڪم ڪيو. ان بسمارڪ کي جنگ جا فرينچ قيدي آزاد ڪرڻ تي قائل ڪيو جن کي سرءَ دوران پڪڙيو ويو هو جن کي پئرس ۾ پيدا ٿيل نئين سوچ بابت آگاهي نه هئي. اُنهن کي ٻهروپي شاهه پرست همدرد آفيسرن جي اڳواڻيءَ هيٺ، ٻهراڙين مان نئين ڀرتيءَ سان گڏ، ورسلز ۾ ڪٺو ڪيو. اپريل جي آخر تائين ٿائيرس هڪ فوج سان پئرس جو

گهيرو ڪري ڪميون کي تباهه ڪرڻ چاهيو ۽ هڪ ٺاهه هيٺ بسمارڪ ان فوج کي پرشين حدن کان لنگهڻ جي اجازت ڏني. ڪميون عجيب بي مثل حالتن کي منهن ڏنو. ان کي هڪ ٻئي مسئلي ورايو. ان جا چونڊيل نمائندا پنهنجي مقصد لاءِ مرڻ مارائڻ تائين ارپنا لاءِ تيار هئا. پر سندن خلاف جمع ٿيل قوتن کي جواب ڪيئن ڏجي اُن جي سياسي سمجهه جي کوٽ هئن.

1830ع کان وٺي فرانس ۾ مزدورن جي تحريڪ اندر ٻه وڏا سياسي وهڪرا پيدا ٿيا هئا. پهرين وهڪري جو تعلق آگسٽ بلانڪئي سان هو. ان مزدورن جي جدوجهد کي وڏيڪ انقلابي ۽ 1793ع واري جيڪبن ازم جو سماجي طور تي وڌيڪ باشعور نقل سمجهيو پئي. هن پورهيت طبقي پاران اعليٰ منظم سازشي اقليت جي ڪردار تي زور ڏنو. تنهنڪري جڏهن پورهيت عوام بغاوت لاءِ تيار نه هو تڏهن بلانڪئي جي زندگي لڳاتار باغي دليراڻين ڪوشش سان پريل هئي، جنهن ڪانپوءِ ڊگها عرصا جيل ۾ گهاريائين جڏهن ته مزدور هن ڪانسواءِ ڪارروائيون ڪندا رهيا. ٻيو وهڪرو پروڌن جي سماجي تعليمات منجهان ڦٽي نڪتو. جيڪبن ازم جي تجربي خلاف ردعمل طور سندس پيروڪارن ۾ سخت ڪاوڙ هئي ۽ اُنهن سياسي عمل کي رد ڪيو پئي. هنن جا دليل هئا ته پورهيت رياست بابت ڳڻتي ڪرڻ ڪانسواءِ پنهنجا مسئلا 'باهمي تعاون ۽ انحصار'، يعني انجمنن ذريعي حل ڪري سگهن ٿا جيڪي گڏيل سهڪاري ڪاروبار (ميمبرن جي گڏيل ملڪيت جنهن جي نفعي ۾ ڀائيوار هجن) هلائي سگهن ٿيون.

مارڪس ٻنهي نقطه نظرن کي انتهائي اڻپورن موقفن طور ڏٺو. هن کي ڪو به شڪ نه هو ته مزدورن کي عظيم فرينچ انقلاب جي تجربي مان سکڻ گهرجي پر هن جي خيال ۾ اُنهن کي اڃان اڳتي وڃڻ کپندو هو. جيئن بلانڪسٽ هڪ فيصلاڪن سياسي ڪارروائي ڪرڻ جي ڳالهه ڪن ٿا، پر اُها ننڍن گروهن جي دليراڻين ڪارروائين نه پر منظم عوامي سرگرمي تي ٻڌل هجڻي. جيئن پروڌن وارا چون ٿا ته پيداوار جي نئين سر اقتصادي جوڙجڪ ڪرڻي پوندي، پر اهو ڪم سياسي انقلاب ڪانسواءِ نه ٿي سگهندو. بهرحال، مارڪس پئرس ۾ ٿيندڙ واقعن تي اثرانداز ٿيڻ جي پوزيشن ۾ نه هو. ڪميون ۾ ڪجهه ماڻهو مارڪس سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هئا. جهڙوڪ: بلانڪسٽ ويلنٽ، پر اُتي هڪڙو به نه هو جيڪو هن جي خيالن کي مڪمل طور تي قبول ڪري. نيشنل گارڊ جي مرڪزي ڪميٽي ۽ ڪميون ٻنهي ۾ مارڪسوادي نه پر بلانڪسٽ ۽ پروڌنسٽ هئا ۽ سندن فيصلي سازيءَ واري عمل ٻنهي روايتن جي اڻپوراين سبب نقصان ڪاڌو.

18 مارچ تي پئرس مان ڀڄڻ وقت ريپبلڪن حڪومت وٽ پنهنجي اختيار ۾ ذري گهٽ ڪي به قوتون نه هيون. نيشنل گارڊ لاءِ اهو ممڪن هو ته ان مرحلي تي ورسلز ڏانهن مارچ ڪن ها ۽ هڪ گولي هلائڻ ڪانسواءِ ان کي ذري گهٽ ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏين ها.

پر 'غير سياسي' پروڌنسٽ روايت ڪميون جو گهڻو وقت سُئيون قراردادون منظور ڪرڻ تي خرچ ڪرايو ۽ ٿائيرس کي فوجون گڏ ڪرڻ لاءِ آزاد ڇڏي ڏنو. جڏهن 2 اپريل تي پئرس مٿان بمباري شروع ڪندي ٿائيرس پنهنجي جارح ارادي جو مظاهرو ڪيو تڏهن اُنهن ورسلز ڏانهن مارچ جو سڏ ڏنو. پر اُنهن ڪا سنجيده تياري نہ ڪئي هئي. نيشنل گارڊ کي مناسب انتظام ڪانسواءِ اماڻيو ۽ مخالف قوت کان آرٽلري حملن جو جواب ڏيڻ لاءِ هنن وٽ توبن جي کوٽ بہ هئي. ائين هنن ورسلز ۾ اچان ٿائين ڪمزور قوت کي غيرضروري فتح ڏياري ڇڏي ۽ انهن کي آسانيءَ سان ڇڙوڇڙ ڪرڻ جا سڀئي موقعا ختم ڪري ڇڏيا.

گڏوگڏ اُنهن خود پئرس اندر هڪ غلطي ڪئي. سڄي ملڪ جو سون بئنڪ آف فرانس جي تهہ خاني ۾ هو. ڪميون ان کي ڪسي، ٿائيرس کي پينگيو ۽ ملڪ جي معيشيت تي دسترس کي يقيني ڪري سگهي پئي، پر نہ ڪو بلانڪسٽ، نہ ئي پروڌنسٽ روايت 'ملڪيت جي حقن' تي اهڙي حملي جي اجازت ڏني. نتيجي طور، ٿائيرس لاءِ معاملا وڏيڪ آسان ٿي پيا.

بورجوازيءَ جو بدلو

ٿائيرس موقعي جو فائدو ورتي هڪ وڏي فوج ٺاهي ورتي. ان پسگردائي جي قلعن تان شهر مٿان منظم طريقي سان بمباري شروع ڪري، ڪميونارڊ قوتن کي معمولي جهيڙن جي هڪ پوري سلسلي ۾ هارائي ڇڏيو ۽ پوءِ 21 مئي تي خود شهر ۾ گهڙي پيو. جيڪڏهن ٿائيرس کي هڪ آسان فتح جي توقع هجي ها تہ هن کي نااميدي ٿئي ها. پئرس جا پورهيت گهٽيءَ گهٽيءَ ۾، رستي رستي تي، هڪ هڪ عمارت لاءِ وڙهيا. ٿائيرس جي فوج کي شهر جي اولهندي امير علائقي مان ڪين پوئتي ڌڪڻ ۾ هڪ هفتو لڳي ويو. ائين شهر جي مرڪز کان ٿيندا ڪميون جي مضبوط ڳڙهہ اوير ۾ پهتا. جتي اچي آچر جي صبح ۾ آخري مزاحمت کي ڪچليو ويو.

ڪميون جي شڪست ڪانپوءِ ايترو بدمست تشدد ڪيو ويو جنهن جو مثال جديد دور ۾ ورلي ملي. بورجوازي اخبار لي فگارو فخر سان ڏيڪاريو تہ 'پئرس کي ان لاش ۽ گند مان صاف ڪرڻ جو اهڙو موقعو ڪڏهن نہ مليو هوندو جيڪو شهر کي گذريل 25 سالن کان کائي رهيو هو'.[140] ورسلز جي فوجي فاتح ڪمانڊرن موقعي جو فائدو ورتو.

ڪوبہ ماڻهو جيڪو ڪميون لاءِ وڙهيو تنهن کي موقعي تي گولي هڻي وئي، فقط اچي آچر جي صبح ۽ اچي سومر جي صبح وچ ۾ 1900 ماڻهن کي موت جو ڪاج بڻايو ويو (94_1793ع جي 'عظيم دهشت' جي سڄي عرصي کان وڌيڪ پئرس ۾ هڪ ڏينهن اندر ايڏي رتوڇاڻ ٿي). فوجن گهٽين ۾ گشت ڪندي غريبن کي پنهنجي مرضي سان ڪنيو پئي ۽ ڪيترن کي فقط 30 سيڪنڊن جي جاچ پڙتال ڪانپوءِ ماري ڇڏيائون ڇاڪاڻ تہ

ڪميونارڊ جهڙا پئي لڳا. هڪ اکين ڏٺي شاهد مبلغ ٻڌايو ته 25 عورتن کي ان الزام هيٺ ماريو ويو ته اُنهن فوج مٿان گرم پاڻي هاريو هو.

لنڊن ٽائمز تبصرو ڪيو:

.... بدلي جا غيرانساني قانون، جن هيٺ ورسلز جون فوجون قيدين، عورتن ۽ ٻارن کي گوليون، ڇُرا هڻي ۽ چيريندي قاڙيندي رهيون آهن.... جيسيتائين اسين ياد ڪري سگهون ٿا ته تاريخ ۾ اهڙين ڪڏهن به نه ٿيو آهي.... ورسلز جي فوج مٿان اجتماعي قتل عام روح کي بيماري ڪري ڇڏيو.[141]

هاڻوڪن فرينچ تاريخ نويسن جي ڳڻپ مطابق 20 ۽ 30 هزار جي وچ جيترا ماڻهو ماريا ويا.[142] اهڙا ٻيا 40 هزار ماڻهو جيل ۾ واڙيا ويا، جن مان 5 هزار ڄڻن کي ملڪ بدر ڪيو ويو ۽ ٻين 5 هزار ماڻهن کي گهٽ سزائون ڏنيون ويون.

ملڪ نيڪاليءَ جي سزا ڀوڳيندڙن مان هڪ عورتن لاءِ ويڙهه طور مشهور لوئس مشل هئي. هُن عدالت کي ٻڌايو ته 'آئون پنهنجو دفاع نه ڪنديس، منهنجو دفاع نه ڪيو ويندو. آئون مڪمل طور تي سماجي انقلاب سان تعلق رکان ٿي. جيڪڏهن توهان مون کي زنده ڇڏيو ته آئون انتقام لاءِ ٻاڏائڻ بند نه ڪنديس'.[143] ڪميون پنهنجي دور جي تعصبن جو شڪار هجڻ ڪري عورتن کي ووٽ ڏيڻ کان روڪيو هو پر ان باوجود پورهيت عورتن، ڪميون کي ڪچلڻ جي معنيٰ پاڻ کي ڪچلڻ سمجهيو.

طاقت سان دٻائڻ واري عمل جو پئرس جي پورهيت طبقي تي خطرناڪ اثر ٿيو. جيئن السٽر هارن تبصرو ڪري ٿو ته 'ڪيترن سالن تائين پئرس جو مهانڊو بدلجي ويو. گهرن کي رنگ ڪندڙ پورهيتن جي اڌ آبادي، نلن جو ڪم ڪندڙ مزدورن جو اڌ، فرش وجهندڙ موچي ۽ جست جو ڪم ڪندڙ غائب ٿي ويا هئا'.[144] ذري گهٽ ٻن ڏهاڪن کانپوءِ فرينچ پورهيتن جي هڪ نئين نسل جنم ورتو جن کي 'ريپبلڪن' (جمهوري) حڪومت هٿان ڪميون سان ٿيل ظلم ياد هو پر اُنهن وٽ هڪ بهتر دنيا لاءِ پيهر جدوجهد ڪرڻ جو ارادو به هو.

تنهن هوندي به ڪارل مارڪس ڪميون بابت فيصلاڪن ڳالهه ڪئي هئي. هن ڏٺو ته ڪميون سرمائي جي نئين دنيا کي سڀ کان وڏي للڪار ڪئي ۽ انهيءَ سرمائي هٿان پيدا ٿيل نئين طبقي کي ان جي مخالفت ۾ سڀ کان وڏو اتساهه ڏنو. هن پنهنجي دوست ڪگلمن (Kugelmann) کي لکيو ته ڪميون (پنچائت) 'طوفاني بهشت' رهي هئي'،[145] ۽ اُن 'عالمگير اهميت واريءَ روانگيءَ جو هڪ نئون نقطو'[146] مهيا ڪيو هو.

حوالا

[1] See E Wright, *Benjamin Franklin and the American Revolution*, pp71, 90
[2] R A Ryerson, *The Revolution Has Now Begun; the Radical Committees in Philadelphia, 1765-76* (Pennsylvania, 1978), pp3-4
[3] E Countryman, *The American Revolution* (London, 1986), p71
[4] Theodore Draper has documented this at length in his *A Struggle for Power* (London, 1996)
[5] E Countryman, *American Revolution*, p97
[6] E Countryman, *American Revolution*, pp98-100
[7] E Countryman, *American Revolution*, p100
[8] E Countryman, *American Revolution*, p103
[9] E Countryman, *American Revolution*, p103 and E Countryman, *A People in Revolution* (Baltimore, 1981), p30
[10] E Countryman, *American Revolution*, p103
[11] Quoted in E Wright, *Benjamin Franklin*, p116
[12] E Countryman, *American Revolution*, pp70-71
[13] E Countryman, *American Revolution*, p4
[14] E Countryman, *American Revolution*, pp113-114
[15] E Countryman, *A people*, pp102, 125-126
[16] E Countryman, *A people*, p102. See also his account of Massachusetts in E Countryman, *American Revolution*, p118, and R A Ryerson's account of Philadelphia in *The Revolution*
[17] Quoted in J Keane, *Tom Paine, a Political Life* (London, 1995)
[18] Quoted in J Keane, *Tom Paine*, p125
[19] E Countryman, *A People*, p150
[20] Figure given in E Countryman, *A People*, p221
[21] E Countryman, *American Revolution*, p162
[22] E Countryman, *American Revolution*, p71
[23] So in Jefferson's first draft of the Declaration of Independence there was a garbled attack on the monarchy for encouraging slavery and then urging the slaves to rebel. See E Countryman, *American Revolution*, p71
[24] R R Palmer, 'Social and Psychological Foundation of the Revolutionary Era', in A Goodwin (ed), *Cambridge New Modern History*, vol VIII (Cambridge, 1965), p422
[25] Quoted in P McGarr, 'The Great French Revolution', in *Marxism and the Great French Revolution, International Socialism* 43 (June 1989), p40.
[26] Quoted, among other places, in P McGarr, 'The Great French Revolution', p48
[27] The saying is famously credited to Danton in Georg Buechner's 1835 play *Danton's Death*. In fact it seems to have originated with the Girondin Vergninaud a year before the break between Danton and Robespierre, arguing for harsh punishment for bread rioters.
[28] L Madelin, *Talleyrand* (London, 1948), p12
[29] A Soboul, *The French Revolution 1787-99* (London, 1989), p37
[30] R S Duplessis, *Transitions to Capitalism in Early Modern Europe* (Cambridge, 1997), p242
[31] R S Duplessis, *Transitions*, p237
[32] The most notable of the recent 'revisionists' is F Furet, *Interpreting the French Revolution* (Cambridge, 1981)

[33] A Soboul, *French Revolution*, p99
[34] Quoted in A Soboul, *French Revolution*, p255
[35] Quoted in A Soboul, *French Revolution*, p307
[36] A Soboul, *French Revolution*, p309
[37] Quoted in A Soboul, *French Revolution*, p325
[38] For details of the loans and taxes, see P Kropotkin, *The Great French Revolution* (London, 1971), pp410-411
[39] G Lefebvre, *The French Revolution*, vol II (New York, 1964), p57
[40] According to P Kropotkin, *The Great*, p404
[41] Quoted in P Kropotkin, *The Great*, p387
[42] According to P Kropotkin, *The Great*, p387
[43] A Soboul, *French Revolution*, p339
[44] For details, see A Soboul, *French Revolution*, p342
[45] A Soboul, *French Revolution*, p386
[46] Quoted in H G Schenk, 'Revolutionary Influences and Conservatism in Literature and Thought', in C W Crawley (ed), *Cambridge New Modern History*, vol IX (Cambridge, 1965), p91
[47] See his *Class Struggle in the First French Republic* (London, 1977)
[48] G W F Hegel, *The Philosophy of History* (New York, 1956), p447
[49] Quoted in H G Schenk, 'Revolutionary Influences', p100
[50] G Williams, *Artisans and Sans-culottes* (London, 1981), p58
[51] G Williams, Artisans, pp59, 62-66. 'Planting the Liberty Tree', in E P Thompson's classic *The Making of the English Working Class*, ch 5 (New York, 1966), contains a comprehensive account of all these developments.
[52] According to G Williams, *Artisans*, p78
[53] For a full account see E P Thompson's *The Making*, pp73-74
[54] See the account in J D Mackie, *A History of Scotland* (Harmondsworth, 1973), pp311-313
[55] T Moore, *The Life and Death of Lord Edward Fitzgerald*, vol 1 (London, 1831), p204
[56] According to F Campbell, *The Dissenting Voice, Protestant Democracy in Ulster* (Belfast, 1991), p51
[57] F Campbell, *The Dissenting Voice*, p98
[58] The figure is given in T Gray, *The Orange Order* (London, 1972), p69. T Packenham gives the number killed in the rebellion as between 30,000 and 70,000—see *The Year of Liberty* (London, 1978), p392
[59] F Campbell, *The Dissenting Voice*, p83
[60] C Fitzgibbon, quoted in T Gray, *The Orange Order*, p68
[61] Quoted in H G Schenk, 'Revolutionary Influences', p100
[62] Quoted in H G Schenk, 'Revolutionary Influences', p98
[63] Quoted in J Keane, *Tom Paine*, p323
[64] Quoted in H G Schenk, 'Revolutionary Influences', p106
[65] Quoted in H G Schenk, 'Revolutionary Influences', p105
[66] E Gibbon, Autobiography, quoted in P Gray, *Voltaire's Politics* (New Jersey, 1959), p259
[67] Both Coleridge and Hölderlin are quoted in H G Schenk, 'Revolutionary Influences', p100
[68] See A Desmond and J Moore, *Darwin* (London, 1992)
[69] Quoted in R M Hartwell, 'Economic Change in England and Europe 1780-1830', in *Cambridge New Modern History*, vol IX, p42
[70] Such facts suggest that the pre-Columbian civilisations of the Americas may not have been as irrational or as impeded by their failure to use the wheel, since nature did not provide them with potentially domesticable draft animals to pull wheeled vehicles.

[71] The first railway ran from Stockport to Darlington and opened in 1825, but most of its motive power came from stationary engines, not locomotives. See P Mathias, *The First Industrial Nation* (London, 1983), p255

[72] Figures from E Hobsbawm, *Industry and Empire* (Harmondsworth, 1971), p86

[73] For a full account of this transformation in attitudes to time, see E P Thompson, 'Time, Work and Industrial Capitalism', in *Customs in Common* (London, 1992), pp352-403

[74] Evidence to Poor Law Report of 1832, quoted in D McNally, *Against the Market* (London, 1993), p101

[75] J Thelwall, *The Rights of Nature* (London, 1796), pp21, 24, quoted in E P Thompson, *Making*, p185

[76] See, for instance, D Williams, *John Frost*, a *Study in Chartism* (New York, 1969

[77] See M Jenkins, The General Strike of 1842(London, 1980); for a contemporary account, see *The Trial of Fergus O'Connor and Fifty Eight Others* (Manchester, 1843, reprinted New York 1970)

[78] For a full account, see J Saville, *1848* (Cambridge, 1987)

[79] Quoted in *Cambridge New Modern History*, vol IX, p59

[80] According to G Mayer, *Frederick Engels* (London, 1936), p44

[81] For Engels' interest in and admiration for Owen, see G Mayer, Frederick Engels, p45. For his view of the influence of political economy, *The Condition of the English Working Class*, translated in K Marx and F Engels, *Collected Works*, vol 4 (London, 1975), p527, and for his first critique of it, a year after arriving in Manchester, see his 'Outlines of a Critique of Political Economy', in K Marx and F Engels, *Collected Works*, vol 3 (London, 1975), p418

[82] Published today in various editions as the Paris Manuscripts, *The 1844 Manuscripts or sometimes simply as The Early Writings.*

[83] All the quotes are from K Marx, *1844 Manuscripts*, in K Marx and F Engels, *Collected Works*, vol 3

[84] This Marx does in the three volumes of *Capital.* For more in-depth accounts of his ideas, see my book *The Economics of the Madhouse* (London, 1995), the first chapter of my Explaining the Crisis, *a Marxist Reappraisal* (London, 1999) and A Callinicos's *The Revolutionary Ideas of Karl Marx* (London, 1999)

[85] Most English translations use the word 'man' here and follow it up with the pronoun 'he'. But Marx in fact uses the German word 'Menschen' (humans) not 'Mann' (man).

[86] Quoted in R Price (ed), *Documents on the French Revolution of 1848* (London, 1996), p46-47

[87] D Blackbourn, *The Fontana History of Germany, 1780-1918* (London, 1997), p147

[88] R Price (ed), Documents, p9. For the German Rhineland, see J Sperber, *Rhineland Radicals* (New Jersey, 1993), pp54-59

[89] R Price (ed), *Documents*, p11

[90] C Pouthas, 'The Revolutions of 1848', in *Cambridge New Modern History*, vol X, p393

[91] C Pouthas, 'The Revolutions of 1848', p394

[92] R Price (ed), *Documents*, p17

[93] These are the figure given by Frederick Engels writing at the time in Neue Rheinische Zeitung, 2 July 1848, translated in K Marx and F Engels, *Collected Works*, vol 7 (London, 1977), p161

[94] Flaubert's novel Sentimental Education includes a sympathetic account of their attitudes, as well as caricatures of the meetings of the revolutionary clubs.

[95] R Price (ed), *Documents*

[96] F Engels, *Neue Rheinische Zeitung*, 27 June 1848, translated in K Marx and F Engels, *Collected Works*, vol 7 (London, 1977), p131
[97] Quoted in R Price (ed), *Documents*, p20
[98] Quoted in F Mehring, *Absolutism and Revolution in Germany, 1525-1848* (London, 1975), p214
[99] *Neue Rheinische Zeitung*, 31 December 1848, translated in *Collected Works*, vol 7
[100] All the figures here come from D Blackbourn, *Fontana History of Germany*, p180
[101] It is this revolt which features in the film *The Leopard.*
[102] The words used by the prince in the film *The Leopard.*
[103] Speech in debate with Douglass, quoted in J M McPherson, *The Struggle for Equality* (New Jersey, 1992), p11
[104] See for instance his speech of 4 July 1861, quoted in J M McPherson, *Battle Cry of Freedom* (London, 1988), p312
[105] Quoted in J M McPherson, *Battle Cry*, p46
[106] Marx noted this at the time. See his article for the paper *Die Presse* of 7 November 1861, translated in K Marx and F Engels, *Collected Works*, vol 19 (London, 1984), p50
[107] J M McPherson, *The Struggle for Equality*, p47
[108] Quoted in J M McPherson, *The Struggle for Equality*, p47
[109] J M McPherson, *The Struggle for Equality*, p51
[110] J M McPherson, *The Struggle for Equality*, p82
[111] J M McPherson, *The Struggle for Equality*, pp128-129
[112] Even Frederick Engels could write to Marx (30 July 1862) that he expected the North to get a 'thrashing' and expressed doubts about the North's ability to 'suppress the rebellion' (9 September 1862). Marx by contrast was 'prepared to bet my life...these fellows [the South] will come off worst... You allow yourself to be influenced by the military aspect of things a little too much' (10 September 1862). K Marx and F Engels, *Collected Works*, vol 41 (Moscow, 1985), pp414-416
[113] Marx quotes the speech at length in his article for *Die Presse* of 22 August 1862, in K Marx and F Engels, *Collected Works*, vol 19, p234-235. Parts are also quoted in J M McPherson, *The Struggle for Equality*, p113
[114] K Marx, article in *Die Presse*, 12 October 1862, translated in K Marx and F Engels, *Collected Works*, vol 19, p250
[115] See, for instance, his satirical novels *Zadig* and *The Princess of Babylon*
[116] A Smith, *The Wealth of Nations* (London, 1986), pp174-175
[117] 'Niggers' is the common expression for the 'natives' used by the characters in Kipling's short stories. 'Wogs' was a convenient catch-all insult for anyone unlucky enough to be colonised by the British Empire.
[118] B Stein, *A History of India* (Oxford, 1998), p202, even goes so far as to speak of 'the development of an indigenous capitalist class in India well before the onset of formal colonisation'. I am not knowledgeable enough to judge whether the characterisation is correct. I suspect, however, that what is being described is merchant and finance capital, such as that which characterized Europe from the middle of the feudal period onwards, rather than industrial or agrarian capitalism, except in the most embryonic of forms. Some historians also argue that the religious and peasant revolts could have opened the way for full capitalist development; others deny it vehemently. Again, I am in no position to make a judgement.
[119] K Marx, 'The Revolt in the Indian Army', *New York Daily Tribune*, 15 July 1857, contained in K Marx and F Engels, *Collected Works*, vol 15 (Moscow, 1986), p297

[120] According to B Stein, *A History*, p248
[121] Figures for the early years of direct imperial rule and for the years after the 1890s are given in B Stein, *A History*, pp257, 263
[122] These are the figures given by B Stein, *A History*, p262
[123] A 'Censor', 'Memorial to the Emperor', translated in F Schurmann and O Scholl, *Imperial China* (Harmondsworth, 1977), p139
[124] These are the explanations both of the editors and of Tsiang Ting-fu in F Schurmann and O Scholl, *Imperial China*, pp126, 133, 139
[125] This is the argument put very strongly by J Gernet, *A History of Chinese Civilisation* (Cambridge, 1996), pp539-54
[126] W Franke, 'The T'ai-p'ing Rebellion', extract in F Schurmann and O Scholl, *Imperial China*, pp170-183
[127] The figure is given in P A Kuhn, 'The T'ai-p'ing Rebellion', in J R Fairbank (ed), *Cambridge History of China*, vol 10 (Cambridge, 1978), p309
[128] J Batou, 'Muhammed Ali's Egypt, 1805-48', in J Batou (ed), *Between Development and Underdevelopment* (Geneva, 1991), p183-207. Some economic historians (for instance, D Landes in *The Wealth and Poverty of Nations* (London, 1998)) challenge this picture of advance. They point to inefficiencies, high real cost and the low quality of output. But similar points can be made about early industrialisation in other countries, like Japan in the 1880s, that later experienced international competitive success. One big difference between them and Egypt was that they were more insulated from direct foreign competition and were more easily able to evade direct western dictation of their trade policies.
[129] Quoted in J Batou, 'Muhammed Ali's Egypt', p205
[130] M Hane, *Modern Japan* (Boulder, 1992), p52-53
[131] M Hane, *Modern Japan*, p71
[132] T Gautier, quoted in A Horne, *The Fall of Paris* (London, 1968), p26
[133] A Horne, *The Fall of Paris*, p53
[134] See, for instance, the list of prices given by A Horne, *The Fall of Paris*, p254
[135] Quoted in A Horne, *The Fall of Paris*, p328
[136] P O Lissagaray, *History of the Paris Commune*, translated by E Marx (London, 1976), p65
[137] P O Lissagaray, *History of the Paris Commune*, p65
[138] K Marx, 'The Civil War in France', in K Marx and F Engels, *Collected Works*, vol 22 (London, 1986), pp333-334
[139] K Marx, 'The Civil War in France', p339
[140] Quoted in A Horne, *The Fall of Paris*, p551
[141] *The Times*, 29 May and 1 June 1871, quoted in A Horne, *The Fall of Paris*, p555
[142] A Horne, *The Fall of Paris*, p556
[143] Louise Michel's trial is described in many places. See, for instance, P O Lissagaray, *History of the Paris Commune*, pp343-344
[144] A Horne, *The Fall of Paris*, p363
[145] K Marx, letter to Kugelmann of 12 April 1871, in K Marx and F Engels, *On the Paris Commune* (Moscow, 1976), p284
[146] K Marx, letter to Kugelmann of 17 April 1871, in K Marx and F Engels, *On the Paris Commune*, p285

پاڳو ستون

اُميد ۽ خوف جي صدي

اهم واقعن جي ترتيبوار تاريخ

1880ع:

برطانيا طرفان مصر تي قبضو. آفريقا کي ٽڪرن ۾ ورهائڻ. ٽيليفون، فونوگراف، برقي پيداوار ۽ روشنيءَ جي ڪاروباري ترقي.

1890_1900ع:

جاپان طرفان چين تي حملو ۽ تائيوان تي قبضو اسپيني آمريڪي جنگ موٽر ڪار ۽ فلمن جي ايجاد.

1899_1902ع:

بوئر جنگ، برطانيا طرفان پهريون حراستي ڪيمپون قائم.

1900ع:

مينڊيل جي موت جي 16 سالن ڪانپوءِ سندس جينيٽڪ نظريي جي عوامي مقبوليت.

1903ع:

پهريون هوائي جهاز.

1904ع:

جاپان هٿان روس کي جنگي شڪست.

1905ع:

روس ۾ انقلاب. انڊسٽريل ورڪرز آف ورلڊ جو بنياد. آئن اسٽائين جو نسبتي نظريو.

10_1914ع:

برطانيا ۾ 'وڏي بيچيني'، آئرلينڊ ۾ نارنگي ويڙهاڪ هٿياربند.

1911ع:

چين جي جمهوريا ٿيڻ جو اعلان. ميڪسيڪو جو انقلاب.

1912_14ع:

روس ۾ هڙتالون ۽ ناڪابنديون. ڊبلن ۾ ڪم روڪ، 'ماني ۽ گلاب' هڙتال.

1912_13ع:

بالڪن جنگيون.

1913ع:

فورڊ ڪار ڪارخاني طرفان وڏي پيداوار.

1914ع:

پهرين عالمي جنگ شروع. ٻي انٽرنيشنل ختم.

1916ع:

ڊبلن ۾ 'ايسٽر بغاوت'.

1917ع:

فيبروري ۽ آڪٽوبر ۾ روسي انقلاب.فرينچ فوج ۽ جرمن بحريا ۾ بغاوتون. آمريڪا طرفان جنگ ۾ شموليت.

1918ع:

جرمن ۽ آسٽرو _ هنگرين سلطنتن ۾ انقلاب.

1919ع:

ڪميونسٽ انٽرنيشنل جو بنياد پوڻ. روزا لڪسمبرگ جو قتل. جرمنيءَ ۾ گهرو جنگ. بويرين ۽ هنگرين سوويت جمهوريائون. آئرلينڊ ۾ گوريلا جنگ. انڊيا ۾ امرتسر رتوڇاڻ. چين ۾ 4 مئي واري تحريڪ. ورسلز ٺاهه.

1920ع:

جرمن پورهيتن طرفان ڪيپ حڪومت تي قبضي جي ڪوشش. اٽليءَ ۾ ڪارخانن تي قبضا.

1921ع:

برطانيا طرفان آئرلينڊ سان عليحدگي. روس ۾ Kronstadt بغاوت.

1922ع:

اٽليءَ جي فاشسٽن کي اقتدار ملڻ.

1923ع:

رُهر تي فرينچ قبضو وڏي مهانگائي. ڪميونسٽن طرفان بغاوت منسوخ. نازي قبضو.

1925ع:

هيزنبرگ جو ڪوانٽم نظريو.

1926ع:

برطانيا ۾ عام هڙتال جي شڪست.

1927ع:

شنگهائيءَ ۾ پورهيتن جو قتل عام. ليون ٽراٽسڪي جلاوطن

1928_29ع:

اسٽالن طرفان سڀ اختيار پاڻ وٽ رکڻ. پهريون پنج سالا منصوبو. زراعت کي 'اجتماعي ملڪيت جي صورت ڏيڻ'. وڏي تعداد ۾ گرفتاريون.

1929ع:

وال اسٽريٽ بحران.

1931ع:

اسپين ۾ انقلاب.

1933ع:

هٽلر طرفان جرمنيءَ ۾ اقتدار ماڻڻ. يوڪرائين ۽ قازقستان ۾ ڏڪار.

1934ع:

ويانا ۾ فاشسٽ دشمن بغاوت. فرانس ۾ فاشسٽ مخالف احتجاج. اسپين ۾ آسٽرياس بغاوت. آمريڪا ۾ هڙتالون.

1936ع:

فرانس ۽ اسپين ۾ پاپولر فرنٽ جون چونڊ سويون. فرانس ۾ ڪارخانن تي قبضا. اسپين ۾ اقتدار تي فوجي قبضو ۽ انقلابي بغاوت. آمريڪا ۾ سي آءِ او جو ٺهڻ. جنرل موٽرس جا ڌرڻا. ماسڪو مقدما.

1938ع:

هٽلر طرفان آسٽريا تي قبضو ميونخ معاهدو.

1939ع:

اسپيني فاشسٽن جي فتح. پولينڊ تي جرمن قبضو ٻي عالمي جنگ شروع.

1940ع:

فرانس جي شڪست. اٽليءَ طرفان جنگ ۾ شموليت

1941ع:

هٽلر روس تي حملو ڪري ٿو. جاپان طرفان آمريڪي بحري اڏي تي حملو.

1942ع:

يهودين جي نسل ڪشيءَ لاءِ نازي منصوبو اسٽالن گراڊ وٽ جرمن فوج کي شڪست بنگال ۾ ڏڪار 'انڊيا ڇڏي وڃو' تحريڪ

1943ع:

تورن ۾ هڙتالون. اتحادي فوجون ڏاکڻي اٽليءَ ۾ لهن ٿيون

1944ع:

نارمنڊيءَ ۾ اتحادي فوج جو لهڻ. بغاوت ذريعي پئرس آزاد. وارسا بغاوت. برطانيا طرفان يوناني مزاحمت تي حملو.

1945ع:

مزاحمت اترين اٽليءَ جي شهرن کي نجات ڏياري ٿي. آمريڪي ۽ برطانوي اولهه جرمني ۽ روس اوڀر جرمني تي قبضو ڪن ٿا. هيروشيما ۽ ناگاساڪي. برطانيا ويتنام ۾ ٻيهر فرينچ راڄ قائم ڪرائي ٿو. اوڀر يورپ ۾ ڪميونسٽن جي اڳواڻيءَ واريون حڪومتون.

1947ع:

برطانيا، انڊيا ڇڏي ٿو. ورهاڱي جي نتيجي ۾ رتوڇاڻ. گڏيل قومون فلسطين ۾ اسرائيلي رياست جي حمايت ڪن ٿيون. پهريون ڪمپيوٽر.

1947_49ع:

سرد جنگ جي ابتدا. مارشل پلان. پراگ ۾ اقتدار تي فوجي قبضو برلن هوائي رسد. يوگوسلاويا روس کان ڌار. آمريڪا ۾ ميڪارٿ ازم. چيني عوامي لبريشن فوج بيجنگ ۾ داخل.

1950ع:

ڪوريائي جنگ. ڊچ کان انڊونيشيا جي آزادي

1952_57ع:

ڪينيا ۾ برطانيا خلاف ما ما بغاوت

1953ع:

ناصر طرفان مصري بادشاهت جو خاتمو. اسٽالن فوت. آمريڪا طرفان هائيڊروجن بم ڌماڪو

1954ع:

جنيوا معاهدو ڪوريا ۾ جنگ ختم ۽ ويٽنام جو ورهاڱو. سي آءِ اي گوئيٽي مالا حڪومت کي هٽائي ٿي. الجيريا ۾ فرينچ حاڪميت خلاف بغاوت

1955_56ع:

مونٽگوميري بس بائيڪاٽ سان آمريڪا ۾ شهري حقن جي تحريڪ شروع.

1956ع:

مصر سئز ڪينال کي قومي ملڪيت ۾ وٺي ٿو برطانيا. فرانس ۽ اسرائيل طرفان حملو. خروشچيف اسٽالن تي تنقيد ڪري ٿو. هنگري انقلاب.

1957ع:

گهانا آزاد.

1958ع:

عراق ۾ قومپرست انقلاب. چين ۾ 'عظيم ڇال'. فرانس ۾ ڊي گال اقتدار ماٺي ٿو.

1959ع:

ڪاسترو ۽ مندس باغي هوانا تي قبضو ڪن ٿا.

1960ع:

نائجيريا آزاد.

1961ع:

ڪيوبا مٿان سي آءِ اي جو ناڪام حملو. روس ۽ چين ۾ ڏڦيڙ. ويٽنام ۾ آمريڪي 'صلاحڪار'.

1962ع:

ڪيوبن ميزائل بحران.

1964ع:

الجيريا لاءِ آزادي. ڊومنيڪن جمهوريا ۾ آمريڪا جي فوج.

1965ع:

انڊونيشيا ۾ فوجي قبضو پنج لک ماڻهو قتل.

1967ع:

'ڇهن ڏينهن جي جنگ' کانپوءِ اسرائيل طرفان اولهه ڪناري تي قبضو. ڊيٽرائيٽ ۾ ڪاري چمڙيءَ وارن جي بغاوت. بليڪ پينٿرس جو بنياد. يونان ۾ ساڄي ڌر جي ڪرنل جو اقتدار تي قبضو.

1968ع:

ويٽنام ۾ ٽيٽ حملو سڄي يورپ ۾ شاگردن جا مظاهرا. فرانس ۾ مئي وارا واقعا. 'پراگ بهار'.

1969ع:

اٽليءَ ۾ 'گرم سرءُ'. ارجنٽائين ۾ ڪوردوبا بغاوت. اترئين آئرليند ۾ 'ٽربلز'.

1970ع:

پولينڊ ۾ هڙتالون گوملڪا کي ڪيرائي وجهن ٿيون. چليءَ ۾ الانديءَ جي چونڊ ڪمبوڊيا تي آمريڪي حملو ڪينٽ اسٽيٽ يونيورسٽيءَ وٽ شاگردن مٿان گوليون هلايون وڃن ٿيون

1973ع:

چليءَ ۾ اقتدار تي قبضو وچ اوڀر ۾ جنگ. يونان ۾ پوليٽيڪنڪ احتجاج.

1974ع:

عالمي اقتصادي ٻاڙائي. برطانيا ۾ کاڻين جي هڙتال ۽ هيلٿ حڪومت جو ڪِرڻ. پورچوگال ۾ انقلاب. يوناني ڪرنل جو ڏيرُ ٿيڻ.

1975ع:

اٽليءَ ۾ 'تاريخي مفاهمت'. پورچوگيز ڪالونين لاءِ آزادي. پورچوگال ۾ کاٻي انقلابي ڌر جي شڪست. روڊيشيا ۾ گوريلا جدوجهد.

1976ع:

اسپين ۾ مخالف ڌر جي قانوني حيثيت. ڏکڻ آفريقا ۾ شاگرد بغاوت. انگولا ۾ سي آءِ اي طرفان گهرو جنگ ڪرائڻ.

1976_77ع:

مائو جي موت کانپوءِ چين ۾ هلچل. ابتدائي مارڪيٽ سُڌارا.

1979ع:

ايراني انقلاب. 'اسلامي جمهوريا'. نڪاراگوا ۾ Sandinistas اقتدار ۾. برطانيا ۾ ٿيچر حڪومت. روس طرفان افغانستان تي ڪاهه.

1980ع:

پولش ٻيڙين جي ڪارخانن تي قبضو يڪجهتي پورهيت تحريڪ. ترڪيءَ ۾ اقتدار تي فوجي قبضو. ايران خلاف آمريڪي ٽيڪ سان عراق جي جنگ. زمبابوي ۾ اڇي چمڙيءَ وارن جي راڄ جو انت. پهرين پرسنل ڪمپيوٽر سليڪون چپ جو استعمال.

1981ع:

يورپ ۾ ڪروز ميزائل. 'ٻي سرد جنگ'. ايل سلوادور ۾ گهرو جنگ. نڪاراگوا خلاف آمريڪي ڪونٽرا دهشتگردي. پولش فوج يڪجهتي تحريڪ کي ڪچلي ٿي.

1982ع:

فاڪلينڊ جنگ.

1983ع:

گرينڊا مٿان آمريڪي ڪاهه.

1984_85ع:

سوويت يونين ۾ گلانوسٽ سان پهرين آزاد بحث جي اجازت.

1988ع:

سوويت يونين جي غير روسي جمهوريائن ۾ مظاهرا. پولينڊ ۾ ڪاٽيون ڪوئنيندڙن جون هڙتالون. يوگوسلاويا ۽ ڏکڻ ڪوريا ۾ هڙتالن جي لهر. الجيريا ۾ ذري گهٽ بغاوت.

1989ع:

پولينڊ ۾ غير ڪميونسٽ حڪومت. چين ۾ تيانِنمين چونڪ وٽ احتجاج، روس ۾ ڪاٽيون ڪوئنيندڙن جي هڙتال، سڄي اوڀر يورپ ۾ سياسي انقلاب. سربيا ۾ ملوسوڪ. پاناما مٿان آمريڪي ڪاهه. سائنسدانن 'ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ' جي ناڪاري اثرن بابت خبردار ڪيو.

1991ع:

عراق خلاف آمريڪا جي اڳواڻيءَ ۾ جنگ. روس ۾ اقتدار تي ناڪام قبضي جي ڪوشش، سوويت يونين جو ٽٽڻ. يوگوسلاويا ۽ الجيريا ۾ گهرو جنگ.

1992ع:

صوماليا ۾ گهرو جنگ ۽ ڏڪار. تاجڪستان ۾ گهرو جنگ. روسي معيشيت ۾ بحران.

1994ع:

ڏکڻ ڪوريا ۾ ڪاري چمڙيءَ وارن جو راڄ

1995ع:

هڙتالن فرينچ حڪومت کي لوڏي ڇڏيو.

1998ع:

سڄي اوڀر ايشيا ۾ اقتصادي بحران، انڊونيشيا ۾ سهارتو جو ڪيرَ ٽيڻ.

1999ع:

سربيا خلاف آمريڪي اڳواڻيءَ هيٺ جنگ.

باب پهريون

سرمائي جي دنيا

1900ع تائين دنيا ۾ هر هنڌ سرمائي پنهنجي ڇاپ ڇڏي هئي. شايد ئي اهڙو ڪو سماج هجي جتان جي ماڻهن جي حياتين کي سرمائي نه بدلايو هجي، فقط انٽارڪٽيڪا جي بنجر برف، اميزون جا انتهائي ڏورانهان ٻيلا ۽ نيو گنائي جون مٿانهيون ماٿريون اڃان تائين سرمائيداريءَ جي حوارين، سندن مستين شين سان گڏ يورپي کوجنا ڪندڙن، انجيل، اڻ ڪمايل دولتن جي اميدن ۽ جراثيمن جي انتظار ۾ هيون.

سرمائي جو اثر هر هنڌ ساڳيو نه ٿيو. دنيا جي انيڪ حصن ۾ اڃان تائين ان جي معنيٰ پراڻي زماني وارو جسماني پورهيو ۽ پگهر هو. هاڻي مقامي ڪپت بدران ڏورانهن سرمائيدارن لاءِ منافعي ڏاهڻ جو رجحان وڌندو رهيو پر اولهه يورپ ۽ اُتر آمريڪا ۾ مشيني عمل صنعت، ٽرانسپورٽ ۽ ايتريقدر جو زراعت ۾ وسيع پيماني تي ڦهلجڻ لڳو.

هڪ صدي اڳ برطانيا ۾ صنعتي انقلاب ڪپڙي واري صنعت جي هڪ شاخ تائين محدود هو. هاڻي شيون ٺاهڻ جي تصور ۾ انقلاب آيو ۽ وري انقلاب آيو صابڻ ٺاهڻ، ڇپائي، رنگ، بيئريون ٺاهڻ، جوتا ۽ جتيون ٺاهڻ ۽ ڪاغذ ٺاهڻ وغيره. بجلي جي دريافت ۽ تار واري بلب جي ترقيءَ هٿرادو روشني پيدا ڪرڻ ۽ ڪم جي وقت کي وڌائڻ جو هڪ نئون طريقو تخليق ڪيو (بمبئي جي پهرين ڪپڙي جي صنعت ۾ هڙتال ان جو ردعمل هئي). برقي (بجلي) موٽر جي ايجاد سان مشينريءَ کي ڪجهه مفاصلي تائين کڻي وڃڻ ممڪن ٿي پيو. ٽائيپ رائيٽر ڪاروباري لکپڙهه جي طريقي ڪار ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو ۽ آفيس جي ڪم ۾ سالن جي ڏکهو تجربو رکندڙ مرد منشي (ڪلارڪ) جي هڪ هٽيءَ کي ٽوڙي ڇڏيو. ٽيليگراف جي ايجاد ۽ 1880ع جي آخر ۾ ٽيليفون، پيداوار ۽ جنگ ٻنهي کي ڏگهن مفاصلن تان آسانيءَ سان مربوط ڪرڻ ٽوڙي ماڻهن جي هڪٻئي سان رابطي کي آسان بڻائي ڇڏيو (1895ع ۾ فوت ٿيڻ کان اڳ ٿوري وقت لاءِ اينگلس وٽ سندس لنڊن واري گهر ۾ هڪ ٽيليفون هئي). ڪارخاني جي اوسر سان گڏ ريلوي لڳاتار پکڙجندي رهي، ڏورانهن علائقن کي شهرن سان ويجهي رابطي ۾ آندو ويو. ڪوئلي جي ڪاٺين تيزي سان ريلوي، ڪارخانن ۽ ٻاڦ وارين ٻيڙين جي ٻارڻ جي وڌندڙ طلب جو پُوراءُ ڪيو. لوهه ۽ اسٽيل جي ڪمن سان جڙيل پنهنجن مزدورن لاءِ شهرن سان گڏ ننڍين شهرن جو قد وڌڻ لڳو.

هڪڙي صنعت جي ترقيءَ، ٻي صنعت جي ترقيءَ کي هٿي وٺرائي. شهرن جي ماڻهن کي، ڪاٽيون ڪوٽيندڙ ڳوٺن ۽ اسٽيل وارن قصبن کي ڪارائتو ۽ پارائتو هو. جيئن وچ اولهه آمريڪا جي اڳ ۾ 'اڻ ڪليل' گاهه جي ڪشادن ميدانن مان اناج، ارجنتائيني واڙن مان گوشت ۽ آسٽريليا مان پشم هزارين ميلن جي مفاصلن تان آندي وئي، تيئن ٻهرين زرعي - صنعت ترقي ڪئي. موٽ ۾ ان شيون محفوظ ڪرڻ ۽ ذخيرو ڪرڻ جي نون طريقن کي هٿي وٺرائي. وڌندڙ شهرن کي اهڙن وسيلن جي ضرورت پئي، جنهن سان ماڻهن کي سندن رهائشي علائقن کان ڪم وارن جاين تائين پهچايو وڃي. سرمائيدار جن جو خيال هو تہ اُهي گهوڙن واريون 'مسافر لاريون' (جيڪي مسافرن کي ڪٽڻ لاءِ هنڌ هنڌ بيهن) هلائي ڏوڪڙ ڪمائي سگهن ٿا، تن ٽرام گاڏين جا سرشتا تعمير ڪري، يا زير زمين ريل رستا کوٽي ائين ڪيو ۽ جتي اُنهن اهڙا ڪم نہ ڪيا، اُتي مقامي ميونسپلٽين ائين ڪيو. 19 هين صديءَ جي وچ ڌاري وچولن طبقن گندگيءَ ۽ غلاظت سان اٽاهه هجوم واري مسڪينيءَ واري زندگي ۽ بيماري يا بُک وگهي مرڻ کي برداشت ڪيو پئي، پر 19 هين صديءَ جي پوئين حصي تائين سرمائيدارن سمجهيو تہ ڪيئن بيماريون غريبن کان امير پاڙيسرين ڏانهن ڦهلجي سگهن ٿيون، ۽ مجبور ٿي نيڪالي سرشتن جي اڏاوت، پُرهجوم شهري مرڪزن جي صفائي، صاف پاڻيءَ جي رسد ۽ گهٽين ۾ روشنيءَ ۽ گهرن ۾ گرمائش لاءِ گيس مهيا ڪرڻ تي زور ڏنائون. سرمائيدارن جي گروهن انهن خدمتن مان منافعا ٺاهڻ شروع ڪيا ۽ انهن جي رسد لاءِ مزدورن جا نوان گروهہ ڪم سان لڳايا.

شهرن جي وڌڻ وارو عمل تيز ٿيو. 1880ع ۾ لنڊن جي آباديءَ جو ٽيون حصو شهر ۾ آيل نون ماڻهن تي ٻڌل هو.[1] 1900ع تائين برطانيا جي آباديءَ جا ٽي پاڱا وڏين وسندين (قصبا) يا شهرن ۾ رهيا ۽ فقط ڏهن مان هڪ ماڻهوءَ ٻنيءَ تي ڪم ڪيو پئي.[2] برطانيا ان دور جي انتها جو مثال هو. جرمنيءَ ۾ آباديءَ جي ٽئين حصي اڃان تائين ٻنين تي ڪم ڪيو پئي ۽ صديءَ جي ابتدا ۾ وڏن شهرن بدران ڪيترائي صنعتي مزدور ننڍين وستين يا صنعتي ڳوٺن ۾ رهيا پئي. فرانس ۾ ماڻهن جو 30 سيڪڙو اڃان تائين ٻنيءَ تي ڪم ڪري پيو ۽ جاپان ۾ 38 سيڪڙو.[3] ايتريقدر جو آمريڪا ۾ آباديءَ جو وڏو حصو آبادگار هئا، (جيتوڻيڪ مشيني عمل گاهن جي ميدانن کي بدلائڻ شروع ڪيو پئي) ۽ 1940ع تائين وڏن شهرن کان وڌيڪ ماڻهو ننڍين وستين ۾ رهيا پئي، تنهن هوندي بہ انهن سڀني ملڪن جي رجحان برطانوي مثال جي پوئواري ڪئي پئي. ڳوٺ، ان جو چرچ، مبلغ، زميندار ۽ شايد اسڪول ماستر، ماضيءَ جو قصو بڻجي پيا. جنهن نموني ماڻهو رهيا ٿي سو سڄو سارو نظارو بدليو پئي.

ان تبديليءَ سرمائي لاءِ موقعا ۽ مسئلا ٻئي پيدا ڪيا. نہ صرف مادي شين، پر غيرمادي شين جي دستيابي ۾ سندن واڌ ويجهہ جا موقعا رکيل هئا. ماڻهن جي مادي

ضرورتن کان علاوه ٻيون خواهشون بہ هيون. ماڻهن کي آرام ڪرڻ، سماجي لاڳاپا وڌائڻ ۽ جسماني ٿڪاوٽ ۽ ڪم جي هڪجهڙائپ. ٻنهي مان بحال ٿيڻ جي ضرورت هئي. ڪارخاني جي پيداوار ۽ شهري زندگيءَ اهڙي قسم جي ضرورتن جي پوراءَ تي گهٽو ڪري پراڻي طرز جي ڇاپ هئي، جيڪا ڳوٺاڻي زندگيءَ جي موسمي رنگن ۽ غير رسمي ميلن ملاڪڙن جي موقعن تي آڌاريل هئي. سرمائي منافعو ڪمائڻ لاءِ سماجي ميل ميلاپ جا نوان ڍنگ مهيا ڪيا. شراب ٺاهيندڙن وٽ پنهنجن منافعي بخش شرابخانن جا چار هئا. پهرئين اخباري سيٽ ڪي، تفريح ۽ ڪل پوڳ لاءِ وڏي تعداد ۾ پڙهندڙ مليا (انگريز اخباري سيٽ هارمس ورٿ پهرين هڪ هفتيوار Titbits "مزيدار ٿورو ڪاڌو" ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيو). تفريحي ڪاروبار پنهنجون پهريون ڪوششون ڪندي، موسيقيءَ جا هال کوليا ۽ ٻيو وري 1890ع ڌاري فونوگراف (رڪارڊ پليئر جو پيش رو) ۽ 'متحرڪ تصويرن' جي ايجاد ٿي.

سرمائيدار صنعت جي نئين دنيا منجهان راند جو منظم طريقي ڪار پڻ وجود ۾ آيو. ٻالن (ڪينهي) سان ٿيندڙ غير رسمي رانديون هزارين سال پراڻيون آهن. پر اصولن مطابق کيڏندڙ ٽيمن جو انتظام، جيڪو 19 هين صديءَ جي برطانيا جي خاصيتن مان هڪ سرمائيداري صنعت جي ڇتاپيتيءَ وارن قائدن جو عڪس هو اهڙيون رانديون جلد ئي سڄيءَ دنيا ۾ ڦهلجي ويون. ڪارخانن وارين وسنديون ۽ ايتريقدر جو ڪارخانا ڪيترين ٽيمن جي ڄمر جي جاءِ هئا. جن جي صدارت مقامي ڪاروباري ماڻهن ڪئي، انهن گڏيل راندين کين طبقاتي فرقن کان بالاتر مقامي سڃاڻپ ڏني پئي.

سرمائيداريءَ پاڻ کان اڳ واري سماج جي طرحين طرحين صورتن مان جنم ورتل ماڻهن سان ابتدا ڪندي، سندن زندگي جو هڪ حصو ڪتب آندو اهو حصو ڪارخاني يا ورڪشاپ ۾ ڏيهاڙي 12، 14 يا 16 ڪلاڪ خرچ ٿيو پئي، پر هاڻي سرمائيداري سندن سڄي زندگيءَ، سمهڻ وارن بسترن ۽ ڍڪڻ لاءِ ڇتين، کائڻ لاءِ خوراڪ، سندن ڪم وارين جاين تائين پهچائڻ ۽ تفريحن جن کانئن محنت جي دنيا وسارائي ڇڏي پئي، تن جو بندوبست ڪرڻ شروع ڪيو. ائين سرمائيداري هڪ مڪمل نظام بڻجي وئي.

بهرحال، ان سان هڪ مسئلو پيدا ڪيو. هاڻي سرمائيداري تازي قوت، محنت جي رسد لاءِ پنهنجي نظام کان ٻاهر نہ پئي نهاري سگهي، ان کي رسد جي موجودگيءَ کي يقيني بنائڻ لاءِ قدم کڻڻا پيا ۽ ان جي معنيٰ ماڻهن جي نئين نسل جي واڌ ويجهہ واري معاملي کي مخاطب ٿيڻ هو. سرمائيدارن برطانيا ۾ صنعتي انقلاب جي ابتدائي ڏينهن ۾ اهڙيون ڪي ڳڻتيون ڪونہ ڏيکاريون هيون ۽ ٻين ملڪن جي صنعتي سرمائيدارن بہ ساڳئي لاغرضي ڪئي. ڪارخانن لاءِ عورتن ۽ ٻارن جي، صورت ۾ سڀ کان سستي ۽ لچڪدار محنت مهيا ٿي پئي ۽ اُنهن عورتن کي سندن صحت ۽ ننڍن ٻارن جو ڌيان رکڻ

ڪانسواءِ سٽيو ويو. سرمائي جي ڍڳ، پورهيت طبقي جي ڪٽنب جي تباهيءَ کي ضروري بڻايو تہ پوءِ ائين ئي ٿيو!

1850ع تائين وڏيڪ دورانديش سرمائيدارن کي اهو خوف ٿيڻ لڳو تہ، مستقبل جي محنت جا ذخيرا ٿڪايا پيا وڃن. برطانيا ۾ 1871ع ڌاري غريبن بابت قانون جي جاچ ڪندڙن رپورٽ ڪيو تہ، 'اها ڳالھ سچ آهي تہ ڪنهن بہ شهر ۾ غريب طبقن جي ڇوڪرن، خاص ڪري جن جي پرورش لنڊن ۾ ٿي، تن جو قد چار فٽ ۽ ساڍا ڏھ انچ يا 15 سالن جي ڄمار ۾ 29 انچن کان وڌيڪ نہ هو. ننڍو قد ڪاٺ سڄي نسل جي خاصيت بڻجي ويو.'[4] 1893ع جي مينشن هائوس ڪميٽيءَ نتيجو ڪڍيو تہ، 'ان جو علاج لنڊن جي پورهيت طبقي جي جسماني ۽ اخلاقي ست کي سڌارڻ آهي.'[5]

ائين لڳاتار قانونن ذريعي ٻارن جي ڪم جي وقت کي محدود ڪرڻ ۽ ڪارخانن ۾ عورتن جي ملازمت، جنهن سان ڪامياب حمل جي موقعن کي هاڃو رسي، تي بندش وڌي وئي. ڪجھ سرمائيدارن 'مثالي ڳوٺ' تعمير ڪرايا، جھڙوڪ: صابڻ ٺاهيندڙ ڪاخانيدار ليور جو پورٽ سنلائيٽ ۽ برمنگھم ويجهو چاڪليٽ ٺاهيندڙ ڪيڊبيري بورنوائيل، جتي اُنهن ان کي يقيني بڻايو تہ سندن ڪم ڪندڙ ملازمن کي اهڙن گهرن ۾ رهايو وڃي، جنهن سان سندن ڊگهي مدي واري پيداواري عمل کي هٿي ملي (انهيءَ سلسلي ۾ شراب تي سخت بندش وڌي وئي). پر حڪومت طرفان مزدورن جي 'جسماني قوت برداشت' وڌائڻ لاءِ ڪوششن کي 20 هين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي تائين انتظار ڪرڻو پيو. 'جسماني ڪمزوريءَ بابت ڪميٽيءَ' طرفان 1899-1902ع جي بوئر جنگ خاطر ڀرتيءَ لاءِ گھربل جسماني قد ڪاٺ ۾ گهٽتائي بابت جاچ ڪئي وئي، جنهن ۾ برطانيا جي مستقبل ۾ جنگ وڙهڻ جي قابليت تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو ويو ۽ هڪ لبرل حڪومت ردعمل طور اسڪول ۾ مفت مانيءَ ڏيڻ شروع ڪئي، اهو پهريون محدود قدم هو جنهن بعد واري فلاحي رياست جي صورت ورتي. ان کان هٽي ڪري، پورهيت طبقي جي 'اخلاقي سَتَ' کي سُڌارڻ ۽ 'غفلت'، 'عياشي'، 'نشي' ۽ 'بنا امتياز جي خيرات هٿان پيدا ٿيندڙ بداخلاقي'[6] خلاف هڪ اخلاقي حملي تي گهڻو زور ڏنو ويو.

انهن مبينا خرابين کي منهن ڏيندي، خلق دوستن، چرچ ۽ پارليامينٽرين طرفان مهمون هلايون ويون، جنهن وچولي طبقي جي مثالي ڪٽنب، ڪم ڪندڙ مڙس، وفادار گهريلو زال ۽ باضابطا ٻار واري مستقل هڪ جُدا خاندان جي ساراھ ڪئي وئي. اها دعويٰ ڪئي وئي تہ فقط اهڙو ئي خاندان ٻارن کي فرمانبردار ۽ فرض شناس ڪري سگهي ٿو. 'انساني فطرت' سان ٺهڪندڙ عورت جي جاءِ گھر ۾ هجڻ کي سُٺو سمجهيو ويو. اهي عمل جيڪي ماضيءَ ۾ پلي ڪيڏي وڏي پيماني تي ٿيندا هئا ۽ هاڻي مثالي خاندان لاءِ للڪار ٿي پون ها، تن کي 'غيراخلاقي' يا 'غيرفطري' ڪوٺيو ويو. سرڪاري ڪٽر عيسائيت جي نئين ماحول ۾ شادي کان اڳ ۽ شاديءَ کان ٻاهر جنسي عمل، طلاق،

حمل روڪ ۽ جنسي تندرستيءَ ۽ جنسي تفريح بابت گفتگو جي تنبيهه ڪئي وئي. برطانيا ۾ پهريون ڀيرو مردن جي هم جنس پرستي هڪ ڏوهه بڻجي وئي.

خاندان جي انهيءَ نموني سان جڙيل تصور 'خانداني اُجرت'، يعني: گهر ۾ رهندڙ هڪ زال ۽ ٻارن جي پالنا لاءِ مرد جي ڪيل ڪمائي. پورهيتن جي هڪ قليل اقليت ڪانسواءِ ڪنهن به ماڻهوءَ لاءِ اها ڳالهه حيقيت نه بڻجي سگهي. ڪارخانيدار اقتصادي ترقيءَ جي دور دوران پورهيتن جون پگهارون وڌايون پئي، وري ٻاڙائيءَ جي وقتن ۾ جڏهن هڙتالن ۽ پورهيتن جي ڪوٽ ڪين نقصان پهچايو پئي ته. جلدئي اُهي اُجرتون واپس کسڻ لاءِ به تيار ٿيو وينا هئا. ڪيتريون ئي عورتون، جن شادي ڪرڻ ۽ ٻار ڄڻڻ ڪانپوءِ پنهنجون ملازمتون ڇڏي گهريلو زالون ٿي ويون، سي اُجرتن لاءِ قسمين قسمين ڪم ڪارين (گهريلو ڪمن يا صفائي) ۾ جنبي ويون. اهو تصور عام ٿيڻ ڪري ته عورتن جو ڪم مرد جيترو اهم ناهي، مالڪن لاءِ گهٽ اُجرتن تي عورتن کان ڪم وٺڻ آسان ٿي پيو.

پورهيتن جي 'اخلاقيات' بابت پريشانيءَ سان گڏوگڏ لياقت ۽ قابليت جي جبر ۾ پڻ واڌ ٿيندي رهي. ابتدائي صنعتي انقلاب جي سرمائيدارن ماڻهن کان جيترو ممڪن ٿي سگهي، ڏيهاڙي ڪم وٺڻ ۾ ئي منافعي جو طريقو ڪڍيو جنهن کي ڪارل مارڪس 'قطعي واڌي قدر' ڪوٺيو. پر ڪان تن شفٽن وارن شرستن سان ذري گهٽ لڳاتار پيداوار ٿيڻ جي امڪان سان محنت کي شديد بڻائڻ ۽ اُن وچ ۾ ڪنهن به وقفي کي گهٽائڻ بابت غورفڪر ٿيڻ شروع ٿيو. هڪ آمريڪي فريڊرڪ ٽيلر 'سائنسي انتظام' متعارف ڪرايو معائنو ڪندڙ رکيا ويا. جيڪي هڪ پورهيت طرفان سڄي ڏينهن ۾ مخصوص ڪم جي ڪارڪردگيءَ جو حساب رکن پيا ۽ ان مطابق کين پگهار ڏني وئي. هاڻي مشين پورهيت جي معاون ۽ مددگار نه رهي، پر مزدور مشين جو معاون ٿي پيو.

آخرڪار پيداوار جي گهرجن کي سامهون رکندي تعليم جي ضرورت پڻ محسوس ٿي. صنعتي سماجن کان اڳ باغن ۾ ڪم ڪندڙ ۽ هارين لاءِ پڙهڻ، لکڻ ۽ حساب اختياري مضمون هئا. اهوئي ڪارڻ هو ته سرمائيداريءَ کان اڳ يا ابتدائي سرمائيداريءَ وقت ادب بابت گفتگو ۾ مٿئين ۽ وچولي طبقن جي ادب جي ڳالهه ٿيندي هئي، پر سرمائيداري پيداوار جي پيچيده باهمي عملن کي سرانجام ڏيڻ لاءِ هاڻي پڙهي لکئي پورهيت قوت گهربل هئي، فقط ان لاءِ ته مشينن تي لکيل تعارف ۽ شين جي پيڪنگ تي ليبل پڙهي سگهن، عددن جي بنيادي سطح، ۽ ان سان گڏوگڏ وقت جي ضابطي ۽ فرمانبرداريءَ جون عادتون وڌڻ لڳيون. ايتريقدر جو برطانوي سرمائيداري، جنهن ان عام تعليم کانسواءِ پنهنجي صنعتي انقلاب جو بندوبست ڪيو هو اها به 1870ع ۾ پنهنجي مستقبل جي پورهيتن لاءِ ڏهن سالن جي عمر تائين لازمي اسڪولي تعليم متعارف ڪرائڻ تي مجبور ٿي، جيتوڻيڪ اُن وچولن ۽ مٿين طبقن جي تعليم خانگي 'گرامر' ۽

(غلط نالو ڏنل) 'پبلڪ' اسڪولن تي ڇڏي ڏني. بعد ۾ آيل سرمائيدارين کي ضرورت پئي تہ مارڪيٽ تي برطانيا جي پڪڙ ۽ قبضي کي للڪارڻ لاءِ ان کان وڌيڪ قابل پورهيت قوت هجي، جنهنڪري اُنهن مجبور ٿي عوامي تعليمي پروگرام شروع ڪيا، جن جو مقصد فقط مستقبل جي پورهيتن جي تربيت ڪرڻ نہ هو پر وچولي طبقي کي ٽيڪنيڪلي مسلح ڪرڻ پڻ هو.

جاگيرداري ۽ مطلق العنان پوئين دورن جي ڪيرپياڪ ۽ نابالغ سرمائيداري 18 هين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۽ 19 هين صديءَ جي ابتدا ۾ جواني ماڻي. 20 هين صديءَ جي ابتدا تائين اولهہ يورپ ۽ اتر آمريڪا ۾ اها بلوغت ۾ داخل ٿي پئي. ان ڪيترين اهڙين خاصيتون ظاهر ڪيون، جن منجهہ اسين اڄ رهون ٿا. هڪڙو نتيجو اهو نڪتو تہ ماڻهن انهن خاصيتن کي سدائين کان قائم دائم سمجهي قبولي ورتو. ابتدائي صنعتي انقلاب دوران ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ کان صنعتي پورهئي ڏانهن عبور، ماڻهن کي ڇرڪائي ڇڏيو هو. اُهي پنهنجي زندگيءَ جي بچڙاين جي علاج لاءِ ماضيءَ ڏانهن نيهاريندا هئا، جيئن چارٽسٽن نئديون ٻنيون ٺاهڻ جي رٿا ٺاهي، پر 20 هين صديءَ جي شروعات سان اهو ابتدائي ڇرڪ وارو احساس غائب ٿي چڪو هو. ماڻهو اجان تائين انفرادي ايجادن، جهڙوڪ: موٽر ڪار يا برقي روشنيءَ تي حيران ٿيا پئي، پر هاڻي چٽاپيٽيءَ، وقت جي پابندي ۽ لالچ تي اڏيل سماج منجهہ ڪين اهڙا ڇرڪ نہ پئي ٿيا. سرمائيدار سماج اهو ئي هو جنهن بابت ماڻهو واقف هئا. ان جي چال چلت جون امتيازي صورتون 'انساني فطرت' وانگر لڳيون پئي. هاڻي ماڻهن کي اهو محسوس نہ پئي ٿيو تہ، سندن هاڻوڪي چال چلت سندن وڏڙن کي ڪيڏي نہ انوکي ۽ عجيب لڳي ها.

ترقيءَ وارو نظريو

صنعتي سرمائيداريءَ جي نئين دنيا کي صحيح ثابت ڪندڙن جي خيال ۾ اهي سيني انسانن جي مسئلن جي حل تي پهچڻ وارا آهن. ساڳي اميد پرستيءَ جو رجحان ڳچ فڪري زندگيءَ ۾ بہ داخل ڪيو ويو. هر سال انساني جدت ۽ ايجادن جا نوان معجزا ڏنا. بورجوازي ۽ وچولن طبقن لاءِ زندگيءَ اڳ کان وڌيڪ آرامده ٿيڻ لڳي ۽ ايتريقدر جو پورهيتن جي ڪجهہ حلقن جي زندگيءَ جي حالتن ۾ سڌارو ٿيڻ لڳو. لڳو پئي تہ معاملا جيئن هلن ٿا، فقط انهن کي جاري رکڻو پوندو ۽ ماضيءَ جي نسلن جي خوابن جو پوراءَ ٿيندو رهندو.

اهڙن عقيدن کي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۾ ٿيندڙ واڌارن سان ٻيهر قوت ملي پئي. طبعياتدان ٿامسن (لارڊ ڪيلون) سڀ کان ننڍڙي ائٽم کان وٺي ڪشادي ترين ڪهڪشان تائين سڄي ڪائنات جو هڪ مشيني (ميڪانيڪي) نمونو مهيا ڪرڻ لاءِ نيوٽن جي علم حرڪيات (mechanics) کي استعمال ڪيو ۽ جيمز ڪلرڪ ميڪسويل

برقيات ۽ چقمقي ڇڪ بابت مائيڪل فراڊي جي تجرباتي دريافتن سان ملائڻ جي ڪوشش ڪئي.[7] هڪ ئي وقت فطرت پسند ڊارون ۽ والس تفصيل مهيا ڪيا هئا ته، ڪيئن چونڊ جي فطري عمل ذريعي مختلف نسلن ارتقا ڪئي ۽ ڊارون به وڪون اڳتي وڌي اهو ڏيکاريو هو ته، خود انسانذات باندر جهڙي ٽڙڻ وارن جاندارن جي نسل مان آهي. ڪيميادان غيرنامياتي شين منجهان جاندار شين ۾ ڪجهه نامياتي مادا معلوم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

مذهب ۽ اعتقاد جي پراڻين قوتن معلومات ۾ انهن جدتن جي مخالفت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سائنس ۽ منافعو ڪمائيندڙ صنعت ۾ لاڳاپي جي معنيٰ هئي ته اُهي فقط پنيان ئي رهڻا آهن. آڪسفورڊ جي انگليڪن پادريءَ ڊارون جي چيلي هڪسلي تي اعلانيا ملامت ڪئي، ائين ئي جيئن ڪنهن وقت پاپائيت گليلو جي تذليل ڪئي هئي، پر ڪليسا ماڻهن جي دماغن کي ڪنٽرول ڪرڻ واري قابليت وڃائي چڪي هئي، جڻ ته روشن خيالي نيٺ بي عقلائيءَ جي قوتن سان لڙائيءَ ۾ سوياري ٿي هئي.

ترقيءَ جي بي روڪ پيش رفت ۾ نئين عقيدي کي ’عقليت پسندي‘ (positivism) (انهن خيالن کي فرينچ مفڪر ڪامٽي Comte طرفان اهو نالو ڏنو ويو) يا ’سائنسيت‘ سڏيو ويو. ان ايملي زولا جي ناول لاءِ عقليت مهيا ڪئي، جنهن ناول ۾ انساني چال چلت کي مادي حالتن ۽ موروثي جذبن جي انڌي گڏيل عمل طور پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٿيوڊور ڊرئيزر وڏي ڪاروبار بابت پنهنجي ناول ۾ سرمائيدار چال چلت کي ’سڀ کان وڌيڪ ٺهڪندڙ جي بقا‘ جي تشريح طور ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي. چنڊ تي پير رکڻ واري انساني ڪاميابيءَ جي تصور سان ايچ جي ويلز جي ابتدائي سائنسي افساني ۾، يا وري جارج برنارڊ شا جي ’ماڻهو ۽ سُپرمين‘ ۽ ’ميجر باربرا‘ جهڙن ڊرامن ۾ انهيءَ اُميد پرستيءَ جو عڪس هو. اهائي ڪوشش سگمنڊ فرائيڊ جي ڪوششن ۾ موجود هئي، جڏهن هن ڪيلون جي ڪائنات جي حصن وانگر غيرعقلي احساسن ۽ روين جي وضاحت انساني دماغ اندر قوتن، انا، مها انا ۽ اِڊ (جبلتن) جي باهمي عمل طور ڪئي.[8] برٽرينڊ رسل جي فلسفي جي پسمنظر ۽ سڊني ۽ بيٽرائس ويب ۽ برطانيا ۾ سندن فيبين سوسائٽي جهڙن ماڻهن جو پس پرده رهنما اصول هو جن جو خيال هو ته سخي سرڪاري نوڪرن هٿان سماج کي ذرو ذرو سُڌارن ذريعي بهتر بڻائي سگهجي ٿو.

ايتريقدر جو رجعتي قوتن، جن ڪالهه تائين مذهبي غيبن تي ياڙيو پئي، تن پڻ هڪ سائنسي انداز کي اپنائڻ جي دعويٰ ڪئي. ڊارون جي فطرت بابت سائنسي بصيرت ۽ سمجهه کي ٿوڙي مروڙي ’سماجي ڊارون ازم‘ جي نظرين ۾ ڦيرايو ويو جنهن دعويٰ ڪئي ته طبقا، قومون يا نسل جن پين راڄ ڪيو اهو ان ڪري ٿيو، ڇاڪاڻ ته سندن ’پيدائشي برتري‘ کين بهترين جي بقا واري لڙائيءَ ۾ سويارو ڪيو هو. ’بهتر رت‘ يا ’برتر افزائش نسل‘ بابت پراڻن تعصبن کي هڪ جديد، بظاهر سائنسي، اصطلاح

۾ پيش ڪيو ويو. ساڳئي ريت، بڇڙائي کي روڪڻ لاءِ هڪ مضبوط رياستي طاقت جي ضرورت بابت سينٽ آگسٽائين (۽ لوٿر ۽ ڪالوين) جي پراڻي دليل وانگر جنهن ۾ بڇڙائي کي 'آدم جي بددعا'، يعني: 'اصل گناهہ' مان ڦٽي نڪتل تصور طور پيش ڪيو ويو. تنهن کي هاڻي ماڻهن جي 'وحشي جبلتن' کي ضابطي هيٺ رکڻ جي ضرورت جي حوالي سان ٻيهر بيان ڪيو ويو. جيئن چرچ ماڻهن جي چال چلت جي نگراني ڪرڻ واري حق جو مطالبو ڪيو هو. تيئن 'چونڊ جينياتي افزائش نسل' جي حمايتن مطالبو ڪيو تہ رياست 'پيدائشي' ذهانت جي سائنسي ماپ ڪري ۽ 'ڏوهاري عنصر' کي روڪڻ لاءِ ڪجھہ ماڻهن جي پيدائشي عمل جي صلاحيت کي محدود ڪري. گڏوگڏ 'نسل' جي مقدر بابت پڻ ڳڻتي وڌڻ لڳي ڇاڪاڻ تہ اميرن کان غريبن جون آڪهون وڌيون هجن ٿيون. انهيءَ مسئلي بابت وچولي طبقي جي سڌارپسند. جهڙوڪ: نوجوان جان مينارڊ ڪينز توڙي مٿين طبقي جي رجعت پرستن ۾ پريشاني نظر آئي.

تنهن هوندي بہ، عام طور تي 'سائنسيت' ۽ 'عقليت پسندي' ان خيال سان جُڙيل هيون تہ حال کان مستقبل ئي بهتر ٿي سگهي ٿو جديديت جي معنيٰ پنهنجو پاڻ انساني سُڌارو آهي. 1914ع تائين مستقبل ۾ ايمان، خدا ۾ ايمان جي جاءِ والارڻ لڳو جيتوڻيڪ اڃان تائين ڪيترائي ماڻهو اهڙا هئا، جن ٻنهي کي گڏائڻ جي ڪوشش ڪئي.

سرمائيدار جمهوريت جي اوسر

19 هين صديءَ جي حڪمران طبقن لاءِ جمهوريت جو لفظ لعنت هو. اُنهن اڃان تائين جمهوريت کي بروڪ جي 'ڇٽ اجتماع' واري 'هجوم جي راڄ' طور ملامت ڪئي پئي. انگريز وگ (Whig) پارٽيءَ جو ميمبر تاريخ نويس مڪئالي ڪنهن بہ ٽوري (Tory) جيترو ئي سخت ٿي سگهيو پئي. هن چيو تہ 'سيني کي ووٽ جو حق ڏيڻ انهن سيني مقصدن لاءِ خطرناڪ ٿيندو جن لاءِ حڪومت وجود رکي ٿي' ۽ 'تهذيب جي وجود سان ڪنهن بہ ريت نهڪندڙ نہ ٿيندو'.[9] ايتريقدر جو جڏهن حڪمران طبقن هيٺان عوام کان دٻاءَ کان مجبور ٿي ووٽ جو حق تسليم ڪيو تہ اُنهن ملڪيتي شرط ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن هيٺين طبقن کي خارج ڪري ڇڏيو. برطانيا جي 1832ع واري رفارم بل ووٽ جي حق کي ہہ کان ڏهن لک مردن تائين وڌائي ڇڏيو اهو تعداد بالغ مردن جي هڪ پاڱي پنجين حصي کان وڌيڪ نہ هو. 1867ع جو ايڪٽ، وڏي عوامي احتجاج جي وچ ۾ آندو ويو.[10] ان ووٽرن جو تعداد وڌايو پر اڃان تائين مرد آباديءَ جو اڌ حصو ووٽ جي حق کان محروم هو ۽ 'نہ لبرل، نہ ئي رجعت پرست اڳواڻن توقع ڪئي پئي تہ اهو قانون هڪ جمهوري آئين کي لاڳو ڪندو'.[11] پرشيا ۽ ٻين ڪيترن جرمن رياستن ۾ ٽن طبقن جي ووٽ واري سرشتي وڏي دولت رکندڙ اقليت کي اڪثر پارلياماني سيٽون ڏنيون. ان جي مٿان، ذري گهٽ سيني حڪمران طبقن هڪ اڻ چونڊيل ٻئي چيمبر، يعني نوابن جو

ادارو (هائوس آف لارڊس) يا نامور ماڻهن جي هڪ سينيٽ تي زور ڏنو جنهن کي فيصلي سازيءَ کي وويٽو ڪرڻ جو اختيار هجي ۽ حڪومت جو اڳواڻ مقرر ڪرڻ جي اختيار سان هڪ بادشاهه هجي. ان ۾ ڪا حيرت ناهي ته مارڪس پئرس ڪميون جي وقت ان خيال جو اظهار ڪيو ته لوئس بوناپارٽ جي آمريت هڪ جمهوري ريپبلڪ کان وڌيڪ سرمائيدار حڪمران طبقن جي خواهشن سان ٺهڪي ٿي، 'گهٽ ۾ گهٽ يورپي کنڊ ۾ اها جديد طبقاتي حڪمرانيءَ جي رياستي صورت آهي'.[12]

تنهن هوندي به صديءَ جو سفر جيئن اڳتي وڌندو رهيو تيئن ڪجهه حڪمران طبقي جي شخصيتن ڏٺو ته جمهوريت هنن لاءِ خطرو ناهي، شرط اهو آهي ته اُهي اصول ۽ قائده ناهڻ جي قابل هجن، جن تحت اها ڪاروهنوار هلائي. لوئس بوناپارٽ جڏهن 1851ع ۾ اقتدار تي قبضو ڪرڻ واري عمل جي تصديق ۽ توثيق ڪرائي، هن پاڻ دريافت ڪيو ته ڪيئن سيني (مردن) جي ووٽن تي ٻڌل سرشتي کي پنهنجي فائدي ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو. فرينچ چوندبيندڙن جي ميڙ جي اڪثريت هارين تي ٻڌل هئي، جيڪي سياسي واقعن بابت پنهنجي معلومات لاءِ ڳوٺ جي پادرين ۽ اسڪول ماسترن جا محتاج هئا. بوناپارٽ معلومات جي وهڪري کي پنهنجي اختيار ۾ رکي، اُنهن کي شهرن ۾ ڇا پيو ٿئي بابت ڊيڄاري سگهيو پئي ۽ سندن ووٽ ماڻي سگهيو ۽ ظاهر ڪيائين ته هي ريپبلڪن کان 'وڌيڪ جمهوري' آهي. اهو هڪ اهڙو مثال هو جنهن جي جرمنيءَ جي بسمارڪ خوشيءَ سان پوئواري ڪئي، جڏهن هن پرشيا جي بادشاهه کي جرمنيءَ جو شهنشاهه ٺاهيو شاهي پارليامينٽ ۾ چوندجي ايندڙن وٽ اختيار تمام محدود هئا. جڏهن ته رياستي چونڊن ۾ ملڪيتي شرط تي ٻڌل سرشتو اڃان تائين عمل ۾ آندو پئي ويو.

برطانيا جي حڪمران طبقي دريافت ڪيو ته ووٽ جي حق کي ٿورو ٿورو وڌائڻ سان رياست جون پاليسيون طئي ڪرڻ واري سندن اختيار کي ڪاٽ نه ٿو لڳي، ڇاڪاڻ ته رياستي اختيار جو گهڻو حصو پارلياماني ڪنٽرول کان ٻاهر وجود رکيو پئي. اهو اختيار اڻ چونڊيل فوج، پوليس، عدليا ۽ سرڪاري ڪاتن جي درجي بند انتظاميا وٽ هو. انهن ئي اُهي پيمانا ۽ حدبنديون طئي ڪيون ٿي، جن اندر پارليامينٽ عمل ڪري سگهي پئي ۽ پارليامينٽ ڪنهن به قدم کي رد ڪيو پئي، جنهن کي هنن 'غير آئيني' سڏي ناپسند ڪيو (جيئن 1912ع ۾ آئرلينڊ ۾ جڏهن 'داخلي خودمختياري' (Home Rule) لاءِ برطانيا جي هيٺين اداري هائوس آف ڪامنس ووٽ ڏنو). اهڙين حالتن هيٺ ان حڪمران طبقي خلاف عوامي دٻاءَ هٿان هڪ ميڪنزم (سرشتي) طور عمل ڪرڻ بدران پارليامينٽ عوامي احساسن جي نمائندن جي فرمانبرداريءَ لاءِ هڪ اهڙي ميڪنزم ۾ بدلجي وئي، جنهن کين حڪمران طبقي طرفان ملي سوڙهي گنجائش اندر پنهنجا مطالبا گهٽائڻ تي مجبور ڪيو. برطانيا جي مُک سرمائيدار پارٽيءَ لبرل جي اڳواڻ گليڊ اسٽون

اڳئي 1867ع ۾ سمجهي ورتو ته 'آباديءَ جي وڏي ڀاڱي کي محسوس ڪرائجي ته سندن سياسي ڏيان جو مرڪز پارليامينٽ هجڻ گهرجي'.[13] جيئن رالف مليبينڊ لکيو آهي:

سياستدانن طرفان 'جمهوريت' کي مناسب ۽ موزون سمجهڻ جي معنيٰ ان جي مڪمل طور قبوليت نه هئي. ان بدران جمهوريت جي اثرن مان ڇِن ڪيڏڻ جي ڪوشش هئي... محدود ڪيل ۽ مناسب طور تي ڪنٽرول هيٺ جمهوريت قبولڻ جوڳي هئي ۽ ايتريقدر جو ڪجهه حوالن سان دلپسند ۽ مناسب هئي. پر ان کان وڌيڪ ڪجهه به نه. سموري سياسي سرشتي کي اهڙن جذبن تائين ڏڪيو ويو.[14]

هر هنڌ ووٽن جو دائرو وڌڻ سان گڏ حڪمران طبقي جي سياسيتدانن طرفان هڪ شعوري ڪوشش سان هيٺين طبقن جي دلين ۽ دماغن کي متاثر ڪيو ويو. برطانيا ۾ رفارم ايڪٽ 1867ع ۾ ڪنزرويٽو پارٽيءَ جي پهرين ڪوشش تحت پارليامينٽ کان ٻاهران ميمبرشپ سان هڪ 'نيشنل يونين' ٺاهي. ان جو مقصد مقامي تنظيمن ۽ شراب خانن جي هڪ ڄار ذريعي 'بنيادي طور تي ڪنزرويٽو پورهيتن کي گڏائڻ هو'.[15] 'نيشنل يونين جي ابتدائي ڪم جي اهم خاصيت پورهيت طبقن لاءِ سڌو سئون ۽ هنگامي ڪنزرويٽو اپيل هئي'.[16] اها اپيل پورهيت حلقن جي فرمانبرداري ۽ لحاظ، ڪجهه پورهيتن جي ٻين ڌانهن مذهبي يا نسلي دشمنين (اترئين انگلينڊ ۽ اسڪاٽ لينڊ جي مخصوص شهرن ۾ ڪنزرويٽو ۽ آئرش مهاجرن جي اورينج پروٽسٽنٽ جا حمايتي هئا)، برطانيا جي سامراجي پکيڙ جي عظمت ۽ اليڪشن وقت غريبن کي خيراتي لٽو ڪپڙو ۽ ڪاڏو ڏيڻ تي ٻڌل هئي.[17] هيٺين وچولي ۽ پورهيت طبقن تي اثرانداز ٿيڻ وارين ڪنزرويٽو ڪوششن سان گڏ لبرل ڌرين پڻ مقامي تنظيمن جا پنهنجا قومي نيٽ ورڪ جوڙيا. 1905ع کانپوءِ ئي ڪجهه 'آزاد' ليبر اميدوارن کي ٻن سرمائيدار پارٽين، جيڪي 40 سالن تائين پورهيت طبقي منجهه سياست تي بالادست رهيون، خلاف ڪجهه ڪاميابي ملي ۽ هي (ليبر اميدوار) به موجوده نظام سان ايترائي ڇهتيل هئا جيترا سندن رقيب.

ٻين علائقن ۾ به ساڳي ريت عمل ٿيڻ لڳو. آمريڪا ۾ پورهيت طبقو ريپبلڪن ۽ ڊيموڪريٽس جي وچ ۾ خاص ڪري آمريڪا ڄاون اصلوڪن لوڪن ۽ مهاجرن جي فرقن (ٻيو ته ڊيموڪريٽس ڏکڻ جا حمايتي هئا) سان، ورهائجي ويو. فرانس ۾ رجعت پرست ڪيٿولڪن، يهودي مخالف جذبن کي همٿايو ڇاڪاڻ ته اُنهن ريپبلڪن ملائيت مخالف وچولي طبقي جي ريپبلڪن سان ويڙهه ڪئي. جرمنيءَ ۾ اوڀر جي جنڪر زميندارن کي جيئن وٽي تيئن ٻهراڙيءَ جي پورهيتن کان ووٽ وٺڻ نسبتن آسان لڳو: بسمارڪ جي حامي صنعتڪارن پنهنجي پارٽي 'قومي لبرل' ٺاهي ۽ ڏکڻ ۾ ڪيٿولڪ چرچ عوام جي سياسي سوچ تي غالب ٿيڻ جي قابل بڻيو.

مٿين طبقن جي پارٽين جي ڪوششن کي وڏي تعداد ۾ پريس جي ڇپائي جي ترقيءَ

مدد ڪئي. 1820ع ۽ 1830ع ڌاري برطانوي حڪمران طبقي نئين پورهيت طبقي منجهه باغياڻين خيالن جي ڦهلاءَ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندي، اخبارن تي ٽيڪس لڳائي، پورهيتن جي سهپ کان وڌيڪ مهانگيون ڪري ڇڏيون. 1850ع کان هڪ نئون سرمائيداري ڪاروبار شروع ڪندڙن عوامي اخبارن منجهان پيسا ڪمائڻ جو امڪان ڏٺو. 20 هين صديءَ جي ابتدا تائين الفرڊهارمس ورٿ (جلدئي لارڊ نارٿ ڪلف سڏجندڙ) ۽ ميڪس ايٽڪن (بعد ۾ لارڊ بيوربروڪ) جهڙن ماڻهن اخبارن کي سياسي هٿيار طور ڪتب آندو. اهڙا ماڻهو بوئر جنگ جي هڪ ننڍڙي قسط، ميفڪنگ جي گهيراءَ کي سيني طبقن جي ماڻهن لاءِ ڌيان جو مرڪز بڻائڻ جي قابل ٿيا. ساڳئي ريت، فرينچ اخبارون ڪيپٽن ڊريفس، جنهن کي هڪ جرمن جاسوس طور غلطيءَ سان قيد ڪيو ويو، جي معاملي ۾ يهودي مخالف جنونيت کي تيزيءَ سان تيار ڪرڻ جي قابل ٿيون ۽ جرمن پريس 1907ع واري اليڪشن ۾ سوشلسٽن کي پوئتي ڌڪڻ لاءِ هڪ جنگ جي خوف کي استعمال ڪيو.

هڪ نئين قسم جي قومپرستيءَ جي پوک سرمائيدار جمهوريت کي ضابطي هيٺ آڻڻ واري عمل جو حصو هئي. 19 هين صديءَ جي وچ واري قومپرستي انهن ماڻهن منجهه هئي جن کي 15-1814ع ۾ پراڻي نظام جي بحاليءَ سان يورپ مٿان مڙهيل رياستي سرشتي هٿان ظلم ڪيو ويو يا کين ورهايو ويو. جيڪي ماڻهو آزاديءَ لاءِ وڙهيا، تن لاءِ قومپرستي هڪ نعرو هئي ۽ اها جمهوريت ۽ ريپبلڪن ازم لاءِ مطالبن سان جڙيل هئي. اهڙي هيئان کان قومپرستي اڃان تائين صديءَ جي پڇاڙي ۾ روسي، آسٽرو - هنگرين ۽ عثمانيا سلطنتن هٿان ظلم جو شڪار گروهن منجهه وڏي پيماني تي هئي. ان کي مارڪيٽ جي ڦهلاءَ زور ونايو. مقامي ٻوليون ڳالهائيندڙ وچولن طبقن هارپ مان جنم ورتو ۽ اُنهن قومي رياستن يا موجوده رياستن اندر گهٽ ۾ گهٽ خودمختيار قومي ڍانچا ٺاهڻ جي جدوجهد شروع ڪئي ته جيئن پنهنجن مفادن کي اڳتي وٺي وڃن.

قومپرستيءَ جي پراڻي نقل جي ابتڙ ۽ ان سان گڏوگڏ قومپرستيءَ جو مختلف قسم اڀريو جنهن جو پرچار پراڻين بادشاهتن ۽ نون سرمائيدار حاڪمن ٻنهي طرفان مٿان کان ڪيو ويو. ائين بسمارڪ جرمن قومپرستيءَ جي هڪ صورت کي ڀاڪر پاتو روسي زار سندس فنش، يوڪرينين، پولش ۽ تُرڪ ڳالهائيندڙ ماڻهن کي ’روسي‘ بنائڻ جي ڪوشش ڪئي، فرينچ مٿين طبقن عوام جي توانائيءَ کي جرمنيءَ خلاف ’بدلي‘ ڏانهن رخ ڏنو ۽ اتر آفريقا ۽ انڊوچائنا جي فتح لاءِ جوش ۽ ولولو پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ برطانيا جي حاڪمن ’لهرن تي راڄ‘ ۽ ’ديسين کي مهذب بنائڻ‘ واري پنهنجي مقصد جو اعلان ڪيو.[18] حڪومتن، اخبارن، صنعتڪارن ۽ سينين اهڙي قسم جي قومپرستيءَ جي پرچار پٺيان پنهنجو زور لڳايو ۽ هر هڪ ملڪ جي مظلوم ۽ حاڪم طبقن جي ساڳي سڃاڻپ جو اعلان ڪندي زور ڀريو ته اُهي ’مائٽ ۽ دوست‘ آهن، پلي

پوءِ هڪڙو عياش زندگي جيئي ۽ ٻئي جو پگھر ڳڙي يا پلي ٻُڪ مري. سلطنتن جا انتظام هلائيندي وچولي طبقي جي حلقن کي روزگار جا موقعا مليا. جنهنڪري اُهي نئين قومپرستيءَ سان مادي طور تي بہ ڳنڍجي پيا. کين همٿايو ويو تہ پورهيتن جي تهن منجھ ان جي پکيڙ ڪئي وڃي. مثال طور، وچولي طبقي ۽ پورهيت طبقن ٻنهي جي نوجوانن لاءِ نگران (Scouts) طور وڏي هجوم جون نيم فوجي تنظيمون هلايون ويون. انهن تنظيمن بابت چيو ويو تہ اهي 'غير سياسي' آهن، پر بادشاهہ 'ملڪ' ۽ 'سلطنت' واري حڪمران طبقي جي نظريي سان سندن وابستگي تي ڪڏهن بہ شڪ نہ هو.

اهڙن قدمن جو مجموعي نتيجو اهو نڪتو جو ان سيني جي ووٽن واري حق، جنهن کي 1840ع ۾ حڪمران طبقن موتمار خطري طور ڏٺو هو، اُن کي 1900ع تائين پورهيتن جي نمائندن جي هڪ پرت کي پالتو بنائڻ واري ذريعي ۾ بدلايو ويو. اها تبديلي رات وچ ۾ نہ آئي يا ڪنهن جهيڙي ۽ تڪرار ڪانسواءِ ڪانہ ٿي. مٿئين طبقي طرفان اڪثر مزاحمت ڪئي وئي. برطانيا جتي حڪمران طبقي 1832ع ۾ مڃيو تہ وچولن طبقن کي ووٽ جو حق هجڻ گهرجي، اُتي سيني بالغن جي ووٽ واري حق کي تسليم ڪرڻ ۾ 95 سال لڳي ويا. بيلجيم ۾ ووٽ جي حق جو دائرو وڌائڻ لاءِ ٻن عام هڙتالن جي گھرج هئي. 1900ع ۾ ان معاملي تي جرمنيءَ جي گھٽين ۾ سخت ڇڪتاڻ ٿيندي رهي ۽ ويندي 1918ع ۾ هڪ انقلابي اُڀار حڪمران طبقي کي سيني جي ووٽ واري حق کي تسليم ڪرڻ تي مجبور ڪيو.

پورهيتن کي ووٽ جو حق ملڻ تي جيڪا مزاحمت ٿي، اوترئي عورتن جي معاملي ۾ بہ ٿي. مارڪيٽ جي لاڳاپن جي پکيڙ جو مطلب تہ وڌ کان وڌ وچولي توڙي پورهيت طبقي جون عورتون اُجرتي محنت جي ڪم ۾ داخل ٿيون، پر مثالي خاندان جي اخلاقيات پرستن، ايندڙ نسل جي 'مناسب' پرورش تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي، عورت جي ڪردار کي گھر تائين محدود ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي ۽ ان کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ زناني صلاحيت ۽ زنانن 'قدرن' جو پرچار ڪيو. اهڙن خيالن ۾ وچين دور واري هاري عورت لاءِ ڪا بہ معنيٰ نہ هئي، جيڪا ڳرو پورهيو ڪندي هئي ۽ اُهي خيال لنڪاشائر جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ مزدور سان مشڪل سان ٺهڪيا پئي. اخبارن هٿان متاثر ٿيندڙ 20 هين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي جي وچولي طبقي ۽ پورهيت طبقي عورتن لاءِ ووٽن جي مطالبي کي ڪل جوڳي غير معقول ڳالهہ سمجھيو.

عجيب ڳالهہ آهي تہ ووٽ جي حق کان انڪار بہ ماڻهن کي سرمائيداري جمهوريت جي سرشتي سان ڳنڍيو. اڪثر احتجاج اُنهيءَ سرشتي جو حصو هو نہ ڪي ان جي حدن کان ٻاهر هو. 1914ع کان اڳ ووٽ لاءِ مهم مٿئين ۽ وچولي طبقي جي عورتن کي ملڪيت ۽ رياست خلاف سڌي ڪارروائي ڏانهن وٺي وئي، پر جڏهن جنگ آئي تہ برطانيا ۾ عورتن جي ووٽن واري حق لاءِ تحريڪ جي مشهور اڳواڻ، ايميلائين ۽

ڪرسٽابل پنخرسٽ، پارٽ ڪي اولهہ واري محاذ تي ڪوس لاءِ ماڻهو ڀرتي ڪرڻ جي مهم ۾ ڦٽو ڪيو. سيلويا پنخرسٽ، جنهن قتل عام جي مخالفت ڪئي، تنهن خود پارليامينٽ ڪي ترقيءَ آڏو هڪ رڪاوٽ طور ڏٺو.

سماجي جمهوريت (Social Democracy)

صنعت ۾ صنعتي پورهيت طبقي جي تيز رفتار پکيڙ سوشلسٽ (سماجواد) تنظيمن جي خيالن جا نوان ٻُڏڻ وارا پيدا ڪيا. جن 1848ع ۾ 1871ع جي شڪستن هٿان بار بار ڏک ڪاڏا هئا. پر اهي تنظيمون ڪٿي بہ ايتريون طاقتور نہ هيون، جو سڄيءَ رياست کي انقلابي للڪار ڏيڻ لاءِ اڳتي اچن ها. ان بدران اُنهن جرمن سوشلسٽن جي ٺاهيل حڪمت عمليءَ جي پوئواري ڪئي. اُنهن چونڊبن جي نون نظامن (electoral systems) هٿان مهيا ڪيل گنجائش جو فائدو ورتو جيڪو توڻي جو محدود ۾ مٿين طبقن ڏانهن مائل هو ۾ مزدورن جون قانوني تنظيمون، جهڙوڪ: ٽريڊ يونين (مزدور انجمن)، فلاحي تنظيمون، راندين جون ٽيمون ۾ ايتريقدر جو ڳائڻن جا ڪلب ٺاهيا.

جرمنيءَ جي سوشل ڊيموڪريٽ پارٽي (ايس. پي. ڊي) وڏي ڪاميابي ماڻي. هر اليڪشن ۾ ان جا ووٽ وڌندا رهيا ۾ وڏن جاگيردارن يا صنعتڪارن جي پارٽيءَ ڪان وڌيڪ هئس. ان ’سوشلسٽ دشمن‘ قانونن هيٺ 12 سالن تائين غيرقانوني دور ۾ پنهنجو پارٽ کي سلامت رکيو. ڏهہ لک ميمبرسازي ماڻي ۾ 90 مقامي ڏيهاڙي اخبارون هلايون. ڪيترن صنعتي ضلعن ۾ ان جي مددگاري ۾ معاون تنظيمن جو ڄار (يونين، فلاحي سوسائٽيز ۾ پيو گهٽو ڪجها) عوام جي زندگيءَ جي اُٿيل تاجي پيٽيءَ جو حصو بڻجي ويو. اخباري ايڊيٽرن، تنظيم هلائيندڙن ۾ پارلياماني عيوضين جي لڳاتار گرفتارين باوجود اُن (پارٽيءَ) اهو سڀ ڪجهہ ڪيو. ان مان لڳو پئي تہ سرمائيدار جمهوريت سرمائيداريءَ خلاف موڙي سگهجي ٿي، اهو سبق فريڊرڪ اينگلس پنهنجن ڪيترن مضمونن ۾ ورجائيندو رهيو.

ٻين پارٽين جلدئي جرمن مثال جي پوئواري ڪئي. اهوئي نمونو هو جنهن لاءِ اينگلس، جيولس گيسڊي ۾ پال لافارگ جي فرينچ ورڪرز پارٽيءَ تي زور ڏنو. اسپين ۾ ميڊرڊ جي مزدور پابلو اگليسياس ساڳئي انداز سان هڪ سماجواد پارٽي PSOE ٺاهڻ شروع ڪئي. ساڳئي نموني اٽليءَ جي ڪارڪنن ڪيو. ايتريقدر جو برطانيا ۾ جتي 20 سالن جي وڌندڙ معيار زندگيءَ هنرمند پورهيتن کي گلڊ اسٽون جي لبرل پارٽيءَ جي پيغام ڏانهن ڇڪيو اُتي 1883ع ۾ هڪ سڌارڪ جمهوريت پسندن جي گروهہ کاٻي ڌر ڏانهن لاڙو ڪيو ۾ جرمن پارٽيءَ جي ننڍي نقل طور سوشل ڊيموڪريٽڪ فيڊريشن ٺاهڻ شروع ڪئي. جڏهن 1889ع ۾ مزدور تنظيمن جي هڪ بين الاقوامي فيڊريشن، عام طور تي ٻي انٽرنيشنل طور مشهور، جوڙي وئي، تڏهن جرمن پارٽيءَ ان اندر رهنما ڪردار نڀايو.

پر سرمائيداري نظام کي اونڌو واري انقلابي تبديليءَ ۽ ڏيهاڙي عملي سرگرمي، جنهن ۾ سرمائيداريءَ اندر سُڌارن لاءِ دٻاءَ پيدا ڪرڻ شامل هو سان گڏوگڏ اُنهن پارٽين جي نظريي جي وچ ۾ هڪ تضاد هو. اهو تضاد 1890ع ڌاري نروار ٿيو.

جرمن پارٽيءَ جي مک دانشورن مان هڪ ايڊورڊ برنشٽائين هو. هي اينگلس جو دوست هو ۽ پارٽيءَ تي بندش واري عرصي دوران جلاوطنيءَ ۾ رهندي هن پارٽيءَ کي چلتو رکڻ ۾ اهم ڪردار نڀايو هو. 1890ع ڌاري هن اعلان ڪيو ته مارڪس ۽ اينگلس جا بنيادي نظرياتي مفروضا غلط رهيا آهن. هن دليل ڏنو ته عمومي اقتصادي بحران هاڻي سرمائيداريءَ جو اٽٽ حصو نه رهيو آهي ۽ چيائين ته طبقن جي وچ ۾ وڌندڙ وڇوٽي واري اڳڪٿيءَ جي معاملي ۾ (مارڪس ۽ اينگلس) پڻ غلط هئا:

سيني ترقي يافته ملڪن ۾ اسين ڏسون ٿا ته سرمائيدار بورجوازيءَ جون مراعتون، مرحليوار جمهوري تنظيمن آڏو هٿيار ڦٽا ڪندي هار مڃين پيون.... ذاتي مفادن جي ابتڙ اقتدار ۾ عام مفادن جون حاصلاتون وڌن پيون ۽ اقتصادي قوتن جا بنيادي لوڏا بند ٿي ويا آهن.[19]

برنشٽائين دليل ڏنو ته 'جديد رياست جي تحليل'[20] جيئن مارڪس پئرس ڪميون بابت پنهنجي لکڻين ۾ مطالبو ڪيو ڪانسواءِ به هي عمل قلدائڪ ٿي سگهي ٿو ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته پارلياماني سرشتي جي وڌيڪ پکيڙ ڪئي وڃي، سوشلسٽن کي 'لبرل ازم'[21] کي اپنائڻ گهرجي ۽ موجوده نظام اندر ذرو ذرو سُڌاري جي پاليسيءَ تي عمل ڪيو وڃي.

ڪارل ڪائوتسڪيءَ، ايس پي ڊيءَ جي مک نظريدان، برنشٽائين جي دليل کي رد ڪيو. هن زور ڀريو ته سرمائيداريءَ کي ڪنهن به وجود کان ٻاهر سُڌاري نه ٿو سگهجي، ڪنهن مرحلي تي 'اقتدار لاءِ جدوجهد' ۽ هڪ 'سماجي انقلاب' آڻڻو پوندو. پر هن جا عملي نتيجا برنشٽائين کان گهڻو مختلف نه هئا. هن دليل ڏنو ته سوشلسٽ انقلاب، سوشلسٽ ووٽ جي اٽتر ترقيءَ ذريعي ايندو. نيٺ پارٽيءَ وٽ اليڪٽورل اڪثريت هوندي ۽ سرمائيداري قوتن هٿان هڪ سوشلسٽ حڪومت کي هٽائڻ واري ڪوشش کي جائز حيثيت سان دٻايو ويندو تيسيتائين اُن کي اهڙي ڪارروائي کان پاسو ڪرڻو پوندو جيڪا انتقامي عمل کي ڀڙڪائي. برنشٽائين جي ابتڙ، ڪائوتسڪيءَ چيو ته ڏوارنهون مقصد سماجي تبديلي رهندو پر ڏيهاڙيءَ جي سوشلسٽ سرگرميءَ لاءِ هن جو نسخو ڪو گهڻو مختلف نه هو.

ٻنهي وٽ وچولي طبقي جي دانشور حلقي جي پُراميد 'سائنسيت' يا 'عقليت پسندي' هئي ۽ هنن کي به ترقيءَ جي اٽتر ميڪانڪي عمل ۾ ايمان هو. برنشٽائين جي خيال ۾ سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ وڌندڙ جمهوري عمل سرمائيداريءَ کي سوشلزم جي صورت ڏيئن پيون. جڏهن ته ڪائوتسڪيءَ انهيءَ عمل کي حال ۾ نه، پر مستقبل ۾ ٿيندي ڏٺو پئي، پر ڪيس ان جي ناگزيريءَ بابت پڪ هئي. هن چيو ته سڄي تاريخ ۾ پيداواري

قوتن ۾ تبديلين، پيداوار جي رشتن ۾ تبديليون آنديون ۽ هاڻي بہ ائين ئي ٿيندو پر جيڪڏهن ماڻهو فقط انتظار ڪن. اهڙي قسم جي اطمينان ۽ آسودگي ڪي فقط 27 سالن جي پولش جرمن انقلابڻ روزا لڪسمبرگ للڪاريو.

جرمن سوشل ڊيموڪريٽ پارٽيءَ (SPD) جي بانين، جن پنهنجون سموريون توانائيون ووٽ جو حق حاصل ڪرڻ ۽ مددگار تنظيمن تي خرچ ڪري ڇڏيون، تن سڄو بار برنشٽائين جي خيالن جي رسمي ملامت ڪرڻ پنيان لڳائي ڇڏيو پر انهيءَ نظام اندر اعتدال پسند ڪم واري رستي جي پوئواري جاري رکي. ٽريڊ يونين اڳواڻن بہ ائين ئي ڪيو جن جي مکيہ ڳڻتي مالڪن سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ ڪوشش هئي، برنشٽائين پارٽيءَ اندر پنهنجو ووٽ وڃائي ڇڏيو پر هن جي ڳالهين جي سوچ ٿي.

تنهن هوندي بہ سرمائيداريءَ اندر سوشلسٽ پارٽين جو اثر پکيڙڻ جي قابليت توڙ ۾ خود سرمائيداريت جي پائيداري ۽ مضبوطيءَ تي منحصر هئي. برنشٽائين اها ڳالهہ مڃي، جڏهن هن سرمائيداري نظام ڪي بحرانن کان آزاد ڪردار طور فرض ڪرڻ ڪي پنهنجي دليل جو مرڪزي حصو بڻايو. 1890ع ۾ جرمن سرمائيداري جو هڪ دور اهڙو هو جنهن ۾ لڳو پئي تہ سرمائيداريءَ بحران ڏانهن وڃڻ واري رجحان ڪي مات ڏئي ڇڏي آهي ۽ ان صورتحال ڪي برنشٽائين مستقبل جي عمومي حالت ڪري پيش ڪيو.

ان جي ابتڙ روزا لڪسمبرگ زور ڀريو تہ 1890ع ڏاري پائيدار سرمائيداريءَ جو جٽادار عمل بعد ۾ اچان وڏي ناپائيداريءَ ڏانهن وٺي ويندو.[22] هن ٿورو گهڻو اهو بہ سمجهي ورتو جنهن ڪي انگريز لبرل معيشتدان هابسن اڳ ئي اڌ تسليم ڪيو هو ۽ وري انهيءَ ڳالهہ ڪي 1916ع ۾ روسي انقلابي نڪولائي بُخارين ۽ ولاديمير لينن اظهاريو. يعني، سرمائيداري جي تيز رفتار ترقيءَ وڏين طاقتن جي سامراجي پکيڙ سان ڳنڍيل آهي.

سامراجيت

1876ع ۾ 10 سيڪڙو کان وڌيڪ آفريقي کنڊ يورپي طاقتن جي قبضي هيٺ هو. جڏهن تہ 1900ع تائين آفريقي کنڊ جو 90 سيڪڙو کان وڌيڪ حصو بڻنکيت ۾ بدلجي ويو. جرمني ۽ اٽليءَ لاءِ ٿورا ٽڪرا ڇڏي باقي برطانيا، فرانس ۽ بيلجيم سڄي کنڊ کي پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيو هو. ساڳئي عرصي ۾ برطانيا، فرانس، روس ۽ جرمنيءَ چين ۾ ڪالونيل آبادين تائين پنهنجا حلقہ اثر وڌائي ڇڏيا. جاپان ڪوريا ۽ تائيوان تي قبضو ڪيو فرانس سڄي انڊوچائنا کي مفتوح بڻايو آمريڪا اسپين کان پيورٽو ريڪو ۽ فلپائين کسي ورتو ۽ برطانيا ۽ روس ايران جي غيررسمي ورهاڱي تي راضي ٿيا. ايتريقدر جو پئسفڪ ۽ انڊين سمونڊ جا ننڍا ٻيٽ لنڊن ۽ پئرس جي اشارن جا تابع هئا. يورپ ۽ آمريڪائن کان ٻاهر سڄ پڇ آزاد رياستن جو تعداد آڱرين تي ڳڻڻ جيترو هو جنهن ۾ عثمانيہ سلطنت جون باقيات، ٿائيلينڊ، ايٿوپيا ۽ افغانستان شامل هئا.

ٻارن جي ڪهاڻين ۾ سندن ماڻتن لاءِ ناولن جي صورت ۾ انهن علائقن جي ماڻهن بابت ڏندڪٿائون گهڙيون ويون، جنهن ۾ ڪوجنا ڪندڙن اُتان جي اصلوڪن ماڻهن کي تابع بڻايو ۽ پوءِ وري کين 'ديسي' سڏيو اهي ماڻهو جيڪي 'اڌ شيطان ۽ اڌ ٻار' هئا. ڪپلنگ جي هڪ نظم مطابق جنهن ۾ هي آمريڪين کي برطانوي بڻڪي نظام جي عظمتن جي نقل لاءِ زور پري ٿو انهن ڏندڪٿائن ۾ آفريقا ۽ انڊين پئسفڪ سمونڊ جي ٻيٽ واسين کي 'اوائلي' ماڻهو جن جون خاصيتون آدم خوري ۽ جن پوت هئا طور پيش ڪيو ويو.

اصل ۾ يورپي 'ڳولائو ۽ مهم جُو' جهڙوڪ، 1790ع ۽ 1800ع ۾ منگو پارڪ ۽ 1850ع ۽ 1860ع ۾ لونگ ٽون ۽ اسٽينلي، آفريقا ۾ پنهنجا مشهور سفرناما ڪرڻ جي قابل ٿيا ئي تڏهن، جڏهن اُتي اڳٽي منظم ۽ مجيل رياستن جو وجود هو. اهي رياستون آسانيءَ سان پهرين يورپي قبضي وارين ڪوشش کي منهن ڏيڻ جي قابل هيون. 1880ع ۾ ياد ڪرڻ جهڙي ڳالهه آهي تہ اولهہ يورپ واسي اٽڪل 400 سالن تائين آفريقي ساموندي علائقن سان باقائده بحري رابطن ۾ رهيا هئا ۽ انڊين، عرب ۽ ترڪ ان کان بہ وڌيڪ عرصي کان وٺي آفريقا جي اندرين علائقن سان رابطي ۾ رهيا هئا. تنهن هوندي بہ يورپين سڏي ريت فقط چند ڪٽيل، خاص ڪري ساموندي ڪنارن جي ويجهو علائقن کي ڪنٽرول ڪيو پئي. جيئن بروس وينبرورٿ لکيو آهي تہ 'سمونڊ ۾ برتريءَ ڪانسواءِ، يورپ جي ٽيڪنالاجيڪل برتري گهٽ ۾ گهٽ ابتدائي جديد دور ۾ شايد ئي وڌيڪ هجي يا اهم هجي. ديسي ماڻهو تڪڙ ۾ يورپي جدتن جي برابري ڪرڻ لڳا'.[23]

آفريقا ۾ بڻڪيتون ئاهڻ جون پهرين يورپي ڪوشش ۾ خونريزه لڙائيون ٿيون، جيڪي گهڻو ڪري هارايائون. فرانس کي الجيريا ۽ سينيگال فتح ڪرڻ لاءِ ڏکيون ۽ سخت جنگيون ڪرڻيون پيون. برطانيا کي 1870ع ۾ اشانتي فوج هٿان شڪست پوڳڻي پئي، 1884ع ۾ خورتم وٽ مهديءَ جي سوڊاني فوج هٿان هارائڻو پيو (تڏهن ساڳئي چارلس جارج گورڊن، جنهن چين ۾ تائي پنگ بغاوت کي ڪچلڻ ۾ مدد ڪئي هئي، کي حق بجانب موت نصيب ٿيو)، ۽ 1879ع ۾ آسنڊوانا وٽ زولوس کان هارايائون. اٽليءَ وارن کي 1896ع ۾ ادوا وٽ ايٿوپين فوج هٿان بري شڪست پوڳڻي پئي، جڏهن 'اڇي چمڙيءَ وارن جي سڄي ساري متڪبر ثقافت ذرو ذرو ٿي وئي'.[24]

پر 1880ع تائين اولهہ يورپ جي تيزيءَ سان صنعتڪاريءَ طاقت جي توازن کي فيصلاڪن انداز ۾ مستقبل جي يورپي آبادڪارن ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيو. نوان هٿيار، رائفلن، اسٽيل چڙهيل ٻاڦ سان هلندڙ ٻيڙيون، جيڪي دريائن جي مٿئين رُخ ڏانهن وڃي سگهن ۽ بدنام زمانہ گيٽلنگ مشين گن. يورپي فوجن کي پهريون ڀيرو اڪثر لڙائين ۾ فيصلاڪن حيثيت ڏياري، پيو تہ صنعت مان پيدا ٿيندڙ اڻ کٽ شين جو وهڪري، يورپين لاءِ آفريقي اتحادين کي رشوت ڏئي پنهنجي پاسي ويڙهائڻ آسا

ڪري ڇڏيو. ايڊوا وٽ 'اٽليءَ' جي فوجن ۾ اڌ کان وڌيڪ اريٽريرين يا ٽگراين هئا ۽ سوڊان ۾ 'انگريز' فوج ۾ ڪيترائي مصري ۽ سوڊاني هئا. 'ورهايو ۽ حڪومت ڪريو' واري حڪمت عملي جنهن انڊيا ۾ انگريز حاڪمن لاءِ بهتر نموني ڪم ڪيو هو تنهن کي هاڻي آفريقا ۾ وڏي پيماني تي لاڳو ڪرڻ شروع ڪيو ويو.

ان سموري قبضي واري ويڙهه دوران يورپين دعويٰ ڪئي ته 'وحشانيت ۽ سفاڪيءَ' خلاف وڙهن پيا، پر سندن طريقا حيواني ۽ وحشياڻا هئا. جڏهن لارڊ ڪچينير جي برطانوي فوج نيٺ 1898ع ۾ اومدرمن جي لڙائيءَ ۾ سوڊان کي مفتوح بڻايو هن جي مشين گن 48 ماڻهن جي نقصان سان 10 هزار سوڊاني فوجي ماري ڇڏيا. 'ڪيترائي هزارين مهدي فوجي مرٽينگ ۽ زخمي حالت ۾ ميدان جنگ تي پيا هئا، پر کين برطانيا طرفان ڪا به مدد نه ملي. انگريز پُٺي ڏئي اڳتي هليا ويا'.[25] هڪ انگريز فوجيءَ پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو ته 'اُنهن پاڻي گهريو ۽ مدد لاءِ سڏ ڪيو پر اسان جي آفيسرن نفرت سان ڪن لاٽار ڪئي'. ڪچينير انهن جي اڳواڻ مهديءَ جي کوپريءَ کي مس ڪُپڙيءَ ۾ بدلائي ڇڏيو.[26] جيئن نائيجيريا ۾ ساترو جي باغي ڳوٺ خلاف لارڊ لُگارڊ جي مهم وحشياڻي هئي. هن ڪاٿو لڳايو ته سندس ماڻهن پنهنجي نقصان کانسواءِ 2 هزار باغي ماريا. قيدين جا سِرَ ڌڙ کان ڌار ڪيا ويا ۽ سندن سِرَ نيزن تي چاڙهيا ويا.[27] بيلجين بادشاهه ليوپولڊ آفريقا ۾ اولهه جي جهاد واري ويڙهه ۾ سڀ کان اڳيان هو تنهن دعويٰ ڪئي ته ان ويڙهه سان 'تهذيب' ٻندي ۽ غلاميءَ جو انت ٿيندو. هن ڪانگو جي وڏي علائقي کي هڪ ذاتي سلطنت بڻائي ڏيو ۽ ٻين يئنڪي طاقتن وانگر ساڳيا بدنام زمانه طريقا ڪتب آندا. برطانيا جي ڏيهي دفتر ڏانهن هڪ سرڪاري رپورٽ ۾ روجر ڪيسمينٽ هڪ ربڙ پيدا ڪندڙ ٿقي جي دوري بابت ٻڌايو جتي 'سچا ڳوٺ ۽ ضلعا جيڪي مون گهميا هئا، سي شحال هئا ...... هاڻي اُتي انساني آباديءَ ئي نه هئي.' هن لکيو ته بيلجين سپاهين جن ڪئي ۽ ڳوٺن کي باهه ڏني ۽ پوءِ اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ته ان جنگ ۾ بارود ضايع نه ٿيو ، هنن ماڻهن جي ڪٽيل هٿن جا ٽوڪرا ڀري جمع ڪيا.[28]

سرمائيدار طاقتن يقينن باقي دنيا کي خدمت خلق ڪارڻ مفتوح بنائڻ جون ششون ۾ پيسا خرچ نه ڪيا، نه ئي وري کين اهو عمل ڪرائڻ ۾ نسل پرستي ڪم يلي پوءِ انهن پنهنجي ڪم کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ ان کي استعمال ڪيو هجي، پر مقصد منافعو هئڻ.

ريخ نويسن منجهه اهو دليل ڏنو ويندو رهيو آهي ته ڇا يئنڪي طاقتن جو اهو ست هو ته سلطنتون کين وڌيڪ امير بڻائينديون، پر 18 هين صديءَ ۾ غلامن جي واري اقتصاديات بابت ساڳئي دليل وانگر هن معاملي کي به غلط نموني ڏنو ويجي . طاقتن سوچيو ته سلطنتون کين وڌيڪ امير بڻائينديون. سامراجي پکيڙ واري مهڙ ۾ ڪم ڪندڙن چڱي ريت سمجهيو پئي ته سڄيءَ دنيا جا چڪر لڳائڻ

سان دولت ملندي. بادشاهہ ليوپولڊ يا برطانوي مهم جُو سسل روڊز جهڙن ماڻهن متان پنهنجو پاڻ کي خيال پرست سمجهيو هجي، پر اُهي پنهنجو پاڻ کي امير بنائڻ لاءِ ٻاهر نڪتا هئا. جيئن ليوپولڊ لنڊن ۾ بيلجين سفارتڪار کي لکيو تہ، 'آئون عاليشان آفريقي ڪيڪ جو ٽڪرو ماڻڻ جو موقعو نہ ٿو وڃائڻ چاهيان'.[29]

ان دور ۾ اولهہ جي سرمائيداريءَ ۾ چا پئي ٿيو ان ڏانهن نيهارڻ کانسواءِ سڄيءَ دنيا کي ڳيا ڳيا ڪرڻ ۽ قبضا ڪرڻ واري عمل کي سمجهي نہ سگهبو. 1870ع ۽ 1880ع هڪ اهڙو دور هو جنهن کي گهڻو ڪري 'وڏي لاٽ' سڏيو وڃي ٿو جنهن دوران، خاص ڪري برطانيا ۾ مارڪيٽن جي ٻاڙائي، ڪِرندڙ قيمتون ۽ گهٽ منافعا ۽ ونڊٽي نفعن جي صورت ۾ معاشي لاٽ ٿي. برطانوي سيڙپڪارن کي پنهنجيون آمدنيون برقرار رکڻ جو هڪڙو ئي گس نظر آيو يعني: پرڏيهہ ۾ سيڙپ. پرڏيهي موڙي جيڪا 1883ع ۾ 95 ملين پائونڊ هئي، سا 1889ع ۾ وڌي 393 ملين پائونڊ ٿي وئي. اها جلدئي برطانيا جي ڪُل قومي پيداوار جي 8 سيڪڙو برابر ٿي وئي ۽ ڪفايتي بچت (جمع پونجيءَ) جو 50 سيڪڙو چُوسي ورتو.[30] ڏوڪڙ گهڻي قدر طئي ٿيل وياج وارين سيڙپن جهڙوڪ: ريلويہ، پُلين، بندرگاهن ۽ پاڻيءَ لنگهہ ٺاهڻ يا حڪومتي ادارن جي خرچن ۾ لڳايا ويا. ڪهڙي بہ قسم جون سيڙپ ڪاريون چو نہ هجن، اُنهن منجهان حاصل ٿيندڙ منافعي جي سطح گهر اندر ڪاروبار کان مٿي هئي. اُنهن گهرو صنعتي پيداوار (جهڙوڪ اسٽيل ريل، انجڻون ۽ پُلين جي لوهي ڪامن) لاءِ هڪ مارڪيٽ مهيا ڪئي ۽ سستي خام مال جو وڏيڪ مقدار حاصل ڪيو. ان طريقي سان اُنهن برطانوي صنعت کي هڪ نئين پکيڙ جي دور ڏانهن ڌڪو ڏيڻ ۾ مدد ڪئي.[31] اهڙيون سيڙپون پرڏيهي قرضين کي سندن ادائگين جي عدم پيروي کي روڪڻ لاءِ گهربل هيون. رياست جي هٿيارېند قوت ذريعي استعماري بڻتڪيت اهو سڀ ڪجهہ مهيا ڪيو.

ائين برطانيا ۽ فرانس گڏجي، مصر جي مالياتي معاملن جو انتظام سنڀاليو ۽ جڏهن مصر جا حڪمران 1876ع ۾ سندن قرض نہ ڏئي سگهيا تہ 1880ع جي ابتدا ۾ برطانوي حڪومت پنهنجي هٿيارېند قوت کي 'تابعدار حڪومت' قائم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ۽ سئز ڪينال ڪمپنيءَ جي نفي جي ضمانت ڏيندي ۽ انڊيا ۾ برطانيا جي ويتر وڏين سيڙپن جي رستي جي حفاظت ڪندي، عملي طور تي مصر کي برطانوي سلطنت ۾ جذب ڪري ڇڏيو.

ساڳئيءَ ريت برطانوي فوجن سون ۽ هيرن جي خزانن جي دريافت کانپوءِ ڏاکڻي آفريقا جي ٽرانسوال علائقي جو ڪنٽرول، جنهن تي ڊچ ڳالهائيندڙ بوئر جي حڪمرا· هئي، کسڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪ سخت جنگ ڏکڻ آفريقا کي برطانوي ڪاروبار مفادن جو مضبوط نگران ۽ محافظ بڻائي ڇڏيو.

سڀ سيڙپون بڻتڪيتن ۾ نہ ٿيون. برطانوي سيڙپ جو ڳچ حصو آمريڪا ڏانهن ۽ گهڻو ڪجهہ لاطيني آمريڪي ملڪن، جهڙوڪ: ارجنٽائين ڏانهن ويو. ان کي ڏسند

ڪجهہ ماٺهو دعويٰ ڪن ٿا تہ پرڏيهي سيڙپ ۾ سامراجيت جي وچ ۾ ڪو لاڳاپو نہ هو. بهرحال، ڳالهہ هيءَ آهي تہ استعماري طاقت جي سرمائيدارن کي سيڙپ لاءِ بئنڪيتن ٻاهر نڪرڻ جي محفوظ آڇ ڪئي. انهن ٻين علائقن ۾ سيڙپ وارن رستن جي تحفظ لاءِ فوجي اڏا پڻ مهيا ڪيا. مالٽا، سائپرس، مصر، ڏکڻ يمن ۽ ڪيپ جهڙا برطانوي قبضا، نہ صرف منافعي جي وسيلن طور، پر انڊيا ڏانهن ويندڙ واري گس تي ترسڻ لاءِ پڻ ڪم پئي آيا. جڏهن تہ خود انڊيا، 'تخت جي تاج' سنگاپور ڏانهن ويندڙ واري گس تي ترسڻ جي جاءِ هو. سنگاپور جتان ڪان ملايا جي ربڙ ۽ ٽين، تازو چين جون ڪليل مارڪيٽون، ۽ آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ جون شاهوڪار حڪومتون هيون. برطانوي سلطنت هڪ سُبيل پوشاڪ وانگر هئي، جنهن برطانوي سرمائيداريءَ کي ٿڌ لڳڻ کان بچايو. اهڙي پوشاڪ ۾ هڪڙي ڌاڳي جي بہ اهميت هئي پر جيڪڏهن ان کي ڇڪ پيو هٽجي تہ باقي سڄو اڌڙڻ شروع ٿيڻ جو خطرو هو. گهٽ ۾ گهٽ جن سلطنت هلائي پئي يا، لنڊن شهر ۾ سندن همراهن ۽ برطانوي صنعت ۾ سندن دوستن، شين کي ائين ڏٺو پئي.

برطانيا اڪيلي سامراجي طاقت نہ هئي. فرانس وٽ بہ ڳچ دنيا جو قبضو هو. هالينڊ وٽ ڪيترا ٻيٽ هئا، جن کي هاڻي انڊونيشيا سڏجي ٿو. بيلجيم جي قبضي ۾ مرڪزي آفريقا جو اهم حصو ۽ زار وٽ روس جي اوڀر، اولهہ ۽ ڏکڻ ڏانهن وڏو علائقو هو جيڪو انڊين سرحد ۽ ولاڊيووسٽڪ جي پئسفڪ بندرگاهہ تائين ڦهليل هو.

پر تيز ترين صنعتي ترقيءَ واري يورپي طاقت، يعني: جرمنيءَ وٽ ذري گهٽ ڪا سلطنت نہ هئي. ان جي ڳري صنعت تيزيءَ سان ڪمپنين جي اتحاد (ٽرسٽ) ذريعي منظم ٿي پئي، انهن ڪاروباري اتحادن خام مال ڪيرائڻ کان وٺي شين جي آخري شڪل تائين سموري پيداواري عمل کي ڪنٽرول پئي ڪيو. اهي رياست سان گڏوگڏ .ڊيا ويجهيا ۾ اُنهن کي رياستي طاقت بابت پراڻي ننڍي سرمائيدار واري بي اعتمادي نہ ئي، جيڪا اجان تائين ڪيترن برطانوي سرمائيدارن جي خاصيت هئي. اُنهن پنهنجي هرو مارڪيٽ جي تحفظ لاءِ حڪومتي ٽيڪس (ٻاهران شيون گهرائڻ تي محصول) يعي رياست ڏانهن نيهاريو پئي ۽ پرڏيهي مارڪيٽ ناهڻ لاءِ مدد ٿي چاهي.

اُنهن چئني رخن ڏانهن ڳولا ڪئي: چين ڏانهن، جتي جرمنيءَ تجارتي بندرگاهہ ائي، آفريقا ڏانهن، جتي اُها ٽنگانييڪا، روانڊا ـ برونڊي ۽ ڏکڻ اولهہ آفريقا کسڻ جي ل هئي: مغريب ڏانهن، جتي جرمنيءَ موراڪو جي ڪنٽرول لاءِ فرانس ۽ اسپين کي ـــڪاريو ۽ ڏکڻ اوڀر يورپ ۽ ترڪيءَ کان عراق ۽ ايراني نار تائين برلن ـ بغداد ريلوي ٻڏل هڪ لنگهہ قائم ڪرڻ جا جتن ڪيا. پر جنهن بہ رُخ ۾ جرمنيءَ جا سرمائيدار ۽ ـــلطنت اڏيندڙ ويا، اُنهن اڳواٽ مستحڪم ۽ مجيل سلطنت هٿان هلندڙ ڪالونين، اڏن ريدار رياستن جي چار خلاف، بالڪن ۾ روسين خلاف، اتر آفريقا ۾ فرانس، وچ اوڀر ۾ آفريقا ۾ برطانيا سان ۽ چين ۾ هر ڪنهن سان ٽڪر کاڌو.

’وڏي لاٽ‘ مان بحالي، ڪانپوءِ منافعي خوريءَ ۾ واڌ ۽ سرمائيداري طرفان پنهنجن پورهيتن جي معيار زندگيءَ ۾ ڪجهه بهترين ۽ سُڌارن جو انحصار سلطنتن جي پکيڙ تي هو. پر جيئن سلطنتون ڦهليون اُنهن هڪبئي سان ٽڪرائڻ شروع ڪيو.

جن سلطنتون هلايون پئي تن کي ڄاڻ هئي تہ اهڙن ٽڪرائن جو نتيجو سندن هٿياربند قوتن جي سگهہ تي آڌاريل آهي، تنهنڪري جرمنيءَ سمونڊن ۾ برطانوي تسلط کي للڪارڻ لاءِ جنگي بيڙيون ٺاهڻ شروع ڪيون ۽ ان جي موٽ ۾ برطانيا وڏين بندوقن وارا بيڙا ٺاهيا. فرينچ فوج پنهنجي عام جبري ڀرتيءَ واري ڪم کي ٻن کان ٽي سال ڪري ڇڏيو تہ جيئن جرمن فوج جي برابري ڪري سگهي. روسي زار هٿيار ٺاهڻ جا رياستي ڪارخانا لڳايا ۽ پنهنجي جنگي سرشتي کي جرمني، آسٽرو - هنگرين سلطنت ۽ عثمانيا سلطنت سان امڪاني طور تي جنگين کي ذهن ۾ رکي جوڙيائين. جنگين ڏانهن ڌڪجڻ ان پائيداريت جي وهم جو ٻيو پاسو هو جنهن (جٽاداريءَ) کي سامراجيت سرمائيداريءَ ڏانهن آندو ۽ جنهن برنشٽائين جهڙن سڌارپسند سوشلسٽن کي تمام گهڻو متاثر ڪيو.

سينڊيڪلسٽ[1] (Syndicalist) ۽ انقلابي

طبقن جي وچ ۾ جدوجهد ان دور ۾ بند نہ ٿي. ڪجهہ جاين ۽ مرحلن ۾ ان جي شدت گهٽجي وئي يا وري خالص اليڪٽورل دائري ڏانهن ٽڙي وئي. اها ڳالهہ جرمنيءَ لاءِ بلڪل سچ هئي، جتي سوشلسٽ پارٽي سڀ کان وڌيڪ طاقتور هئي، پر ٻين جاين تي سخت تڪرار ٿيا. 1880ع ڌاري آمريڪا ۾ ڪم جي وقت جي معاملي تي سخت احتجاج جي لهر اُڀري ۽ اسٽيل (1892ع ۾ هوم اسٽيڊ جي تالابندي) جي ڪارخانن، ريل رستن تي (1894ع جي پُلمن هڙتال) ۽ ڪاٽين واري صنعت (1902ع جي پينسلوانيا ۾ معدني ڪوئلي واري هڙتال) ۾ سخت جدوجهد هلي. آمريڪي مالڪن، هٿياربند پوليس ۽ هڙتالن کي تيزيءَ سان روڪڻ لاءِ خانگي جاسوسن کي استعمال ڪري، انهن تحريڪن کي دٻائي ڇڏيو.

برطانيا ۾ 1880ع ڌاري اقتصادي بحاليءَ سان گڏ 1889ع جي بندرگاهہ واري هڙتال ۽ لنڊن جي اوڀر ۾ مشهور ’چوڪرين وارين هڙتال‘ سان شروع ٿيندي هڙتالن جي هڪ لهر ۽ غيرهنرمند مزدورن منجهہ يونين سازي ٿيڻ لڳي. مالڪن 1890ع ۾ نئين سر اقتصادي ٻاڙائي جو فائدو وٺندي، هڙتالون ٽوڙڻ ذريعي ڪيترن نين يونينن کي (هُل Hull ۾ هڙتال ۾ بہ ڪم ڪندڙ پيشيورن جي استعمال سان) تباهہ ڪري ڇڏيو ماٺهن

[1] هڪ تحريڪ جنهن مزدور جماعتن جي جدوجهدن وارن طريقن ذريعي پورهيت انقلاب آڻڻ جي ڳالهہ ڪئي ۽ ڪنهن بہ قسم جي پارلياماني سياست ۾ شموليت کي رد پئي ڪيو. صنعت ۽ حڪومت کي مزدور جماعتن جي ڪنٽرول هيٺ آڻڻ جي وڪالت ڪئي.

ڪي ٻُڪن وگهي ڪم ڏانهن موٽرائڻ (جيئن براڊفورڊ ۾ ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙن عورتن جي ڊگهي هڙتال ۾ ٿيو)، تالا بندين ۽ يونين فنڊ کسڻ لاءِ قانوني ڪارروائي (جيئن ٽيف ويل ريلوي هڙتال جي معاملي ۾ ٿيو). فرانس ۾ 1880ع ۽ 1890ع ڌاري ڪجهه سخت هڙتالون ٿيون. 1886ع ۾ ڊيڪزيوائيل ۾ ڪاٺيون ڪوٽيندڙ 2 هزار مزدورن طرفان ڇهن مهينن جي هڙتال جي نتيجي ۾ فوج مقرر ڪئي وئي ۽ ڪيترائي مزدور گرفتار ڪيا ويا ۽ 1 مئي 1891ع تي اترئين فرانس ۾ فورميز وٽ هڪ ڪپڙي واري صنعت جي هڙتالي مزدورن تي گوليون هلايون ويون، جنهن ۾ ڏهه ماڻهو مري ويا ۽ 30 کان وڌيڪ زخمي ٿيا، جن ۾ ٻار به شامل هئا.[32]

دعوائون اهي به آهن ته سامراجيت اولهه يورپ ۽ اتر آمريڪا ۾ بئنڪيتن مان حاصل ٿيندڙ ’اڻاهه استحصال‘ جي منافعن مان پنهنجن مزدورن کي ’رشوتون‘ ڏنيون يا گهٽ ۾ گهٽ هنرمند مزدورن جي مراعت يافته ’پورهيت اشرافيا‘ کي ’رشوت‘ ڏني ۽ اهو لقاءُ برنشٽائين جهڙي سڌار پسند سوشلزم جي اثر جي سمجهاڻي ڏئي ٿو. مزدورن جي ڪيترن گروهن کي بئنڪيت جي چوٽيءَ وارن سالن ۾ ڪجهه مليو جڏهن سيڙپ جو وهڪرو اولهه يورپ کان ٻاهر وهڻ لڳو. ڪنهن به صورت ۾ سيئي غيرهنرمند مزدور نه هئا. ان دور جي سڀ کان وڌيڪ سامراجي طاقت برطانيا ۾ ڪيتريون ئي هڙتالون ۽ 1890ع ۾ تالا بنديون ٿيون، جنهن ۾ هنرمند انجنيئر، ڇپائي ڪندڙ ۽ جتيون توڙي جوتا ٺاهيندڙ مزدورن اُجرتن ۽ بدتر حالتن تي مزاحمت ڪئي. 1900ع جي ابتدا بابت رابرٽ ٽريسيل جو پورهيت طبقي جو ڪلاسڪ ناول The Ragged Trousered Philanthropists هنرمند رنگسازن ۽ سينگاريندڙن بابت لکيو. اولهه يورپ ۽ اتر آمريڪا ۾ سرمائيداريءَ پورهيت گروهن کي رشوت ڏئي پائيداري جا مزا نه پئي ماڻيا، بلڪ ان طريقي مان حاصل ڪيا، جنهن ۾ سامراجيت سرشتي اندر بحرانن جي رجحانن کي گهٽائي، اهڙو ماحول پيدا ڪيو جنهن ۾ سُڌار ممڪن ۽ ’عملي‘ لڳو پئي.

نئين صديءَ جي شروعات سان نسبتي طبقاتي امن واري دور جي پڄاڻي ٿيڻ شروع ٿي. سرمائيدار لاڳاپن جي پکيڙ سان پورهيت طبقي ۾ واڌ ۽ تبديلي آئي. پراڻيون دستڪار صنعتون، جهڙوڪ: جُتيون ٺاهڻ، ڇپائي، ٽائيپنگ، بيڙيون ٺاهڻ ۽ انجنيئرنگ کي صفا جديد سرمائيداري طريقن سان مطابقت ۾ ٻيهر ٺاهيو ويو. ڪاٺيون ڪوٽڻ ۽ لوهه ۽ اسٽيل جي پيداوار هر هنڌ ڦهلي، ڪيميڪل ۽ برقي شيون ٺاهڻ جهڙيون نيون صنعتون ظاهر ٿيون. ڪارخانن ۾ ڪپڙي جو ڪم ڪندڙن جيڪي برطانوي صنعتي انقلاب جي علامت هئا، سان گڏ هاڻي سڄيءَ دنيا ۾ ڳري صنعت ۾ لکين مزدور ڪم ڪن پيا. وسيع پيداوار ڏانهن ڦيريون وکون پڻ کنيون ويون جيڪا نيم هنرمند مزدورن جي وڏي تعداد تي آڌاريل هئي. 1909ع ۾ هينري فورڊ وسيع مارڪيٽ ۾ ڦيرين موٽر ڪار مشهور ماڊل ٽي (يا ’ٽن لزي‘) وڪڻڻ شروع ڪئي. 1913ع ۾ هن ڊيٽرائيٽ ۾ هزارين مزدورن سان

پنهنجو هاءِ لينڊ پارڪ وارو ڪارخانو کوليو. ٻن ڏهاڪن اندر لکين مزدور هڪ ٻِئي ملڪن ۾ ساڳين جاين ۾ ڪم ڪندي نظر آيا. ان دوران سرمائيداري نظام مجموعي طور تي نئين اقتصادي ناپائيداريءَ جون علامتون ظاهر ڪيون. 1900ع جي ابتدا ۾ اڪثر صنعتي ملڪن ۾ حقيقي اُجرتون گهٽجڻ شروع ٿيون. اقتصادي بحران، جن بابت برنشتائين دعوي ڪئي هئي تہ ماضيءَ جو قصو ٿي چڪا آهن، سي وري انتقام وٺڻ لاءِ موٽي آيا.

اڪثر ملڪن ۾ هڙتالن سان پورهيت جدوجهدن جي هڪ بين الاقوامي لهر اُڀري. ڪارڪنن جي نون گروهن پارلياماني رجحان رکندڙ مختلف سوشلسٽ پارٽين جي صف بندين سان گڏ منظم ٿيڻ شروع ڪيو ۽ مالڪن سان ڳالهيون ڪندڙ يونين اڳواڻن پاڙ ميڄايو.

آمريڪا ۾ 1905ع ڌاري "دنيا جي صنعتي مزدور" تنظيم ٺاهي وئي، جنهن ڪاٺيون ڪوٽڻ، ڪاٻاڙي، بندرگاهہ ۽ ڪپڙي جي صنعتن ۾ زبردست هڙتالون ڪرايون ۽ ڪاري چمڙي وارن، عورتن ۽ غيرهنرمند پورهيتن کي منظم ڪيو جن کي 'اعتدال پسند' آمريڪي فيڊريشن آف ليبر نظرانداز ڪيو هو. فرانس ۾ The Confederation General de Travail (CGT) ساڳيو ويڙهاڪ طريقو اختيار ڪيو ۽ زور ڀريو تہ مزدور جماعتن جي جدوجهدن وارن طريقن ذريعي پورهيت انقلاب اچي سگهي ٿو ۽ ڪنهن بہ قسم جي پارلياماني سياست ۾ شموليت کي رد ڪيو. ان جي حڪمت عمليءَ کي بين الاقوامي طور تي، فرينچ ٽريڊ يونين سينڊيڪيٽ جي نالي پٺيان، 'سينڊيڪل ازم' طور سڃاتو ويو. اسپين ۾ انارڪسٽن طرفان The Confederation Nacional de Trabajo (CNT) جو بنياد وڌو ويو جنهن کي Union General de Trabaiadores (UGT) جي سوشلسٽ پارٽي قيادت جو متبادل سمجهيو ويو. آئرلينڊ ۾ برطانيا جي بندرگاهي مزدورن جي يونين ٺاهيندڙ مان هڪ جم لارڪن 1907ع ۾ بيلفاسٽ ۾ وڏي هڙتال ڪرائي، جنهن ڪيٿولڪن پروٽسٽنٽ کي گڏائي ڇڏيو ۽ ايتريقدر جو پوليس منجهہ ڪاوڙ کي اُڀاريو. پوءِ لارڪ هڪ نئين يونين، آئرش ٽرانسپورٽ ۽ جنرل ورڪرز يونين جو بنياد وڌو. برطانيا موٽندي هن IWW جون شاخون ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٽام من هڪ انجنيئرنڊ مزدور، جنهن 1889ع جي بندرگاهي هڙتال ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪيو هو ان آسٽريليہ ڏکڻ آفريقا مان واپس اچي سينڊيڪل ازم بابت پنهنجي موقف تحت موجوده يونيہ اندر اتحاد جي تبليغ ڪئي.

روس ۾ 1905ع واري انقلاب ڪانپوءِ مزدورن کي پارلياماني حڪمت عمليءَ جو ه متبادل گس مليو. روسي زار شاهي جيڪا اولهہ يورپ جي 15-1814ع واري دور ۾ پر انداز حڪومت جي بحاليءَ کي ٽاڪڻ ۾ پنهنجي ڪردار ڪان وٺي رد - انقلاب جو مر رهندي آئي هئي. ايتريقدر جو اعتدال پسند لبرل ان کي هڪ قابل نفرت شيءِ سمج

هئا. زار شاهي 1905ع ۾ ڍير ٽيڻ جي ويجهو پهتي. سينٽ پيٽرسبرگ جي راڄڌانيءَ ۾ مزدورن جي مظاهري تي فوج طرفان گوليون هلائڻ ڪانپوءِ هڙتالن جي لڳاتار لهرن سڄي روس کي ٻهاري ڇڏيو. انهيءَ مظاهري جي اڳواٽي هڪ پادريءَ فادر گيپن ڪئي هئي جيڪو رياستي ٽيڪ ۽ ڳجهي پوليس سان جڙيل هڪ يونين هلائيندو هو ۽ احتجاج ۾ گڏ ٿيل اهي مزدور پنهنجي 'ننڍي پيءُ' (زار) کي فقط اهو ٻڌائڻ آيا هئا تہ پنهنجن 'خراب صلاحڪارن' جون صلاحون ٻڌڻ بند ڪري، پر گوليون هلائڻ ڪانپوءِ هڙتالن جي ڪيفيت انقلابي تي وئي. سوشلسٽن کلي عام انقلابي اخبارون ڪڍيون. جنگي ٻيڙي Potemkin جي اڳواٽيءَ ۾ ڪاري سمونڊ واري جنگي جهازن جي ٻيڙي ۾ بغاوت ٿي پئي. ڊسمبر ڌاري ماسڪو ۾ سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي ويڙهاڪ 'بالشويڪ' ڌڙي، جنهن جو اڳواڻ ولاديمير لينن هو، بغاوت جي ڪوشش ڪئي. هيءَ هڪڙي نئين قسم جي تنظيم هئي، جيڪا وڏن ڪارخانن وارين جاين تان چونڊيل وفدن تي ٻڌل هئي ۽ ان جي صدارت 26 سالن جي ليون ٽراٽسڪيءَ وٽ هئي. اها سينٽ پيٽرسبرگ ۾ انقلابي قوتن جو مرڪز بڻجي وئي. ان جو نالو 'سوويت'، يعني: 'ڪائونسل' هو. توڙي جو ان وقت ان جي حقيقي معنيٰ ۽ اهميت کي نہ پروڙيو ويو پر ان فرينچ انقلاب جي گهٽين ۾ ٿيندڙ بغاوتن واري جرمنيءَ کان يا وري پئرس ڪميون کان مختلف انقلابي قوتن کي هڪ نئين ڍنگ سان منظم ڪرڻ جي نمائندگي ڪئي. ڪميون پورهيت طبقي جي رهائشي ضلعن مان وفدن تي ٻڌل هئي، هڪ تنظيمي صورت جيڪا اڃان تائين ننڍن ورڪشاپن سان سٽيل شهر سان ٺهڪندڙ هئي. جڏهن تہ سوويت هڪ اهڙي شهر سان ٺهڪي پئي، جيڪو گذريل 30 سالن جي صنعتڪاريءَ هٿان بدلجي چڪو هو ۽ جتي وڏا ڪارخانا هئا.

سينٽ پيٽرسبرگ ئي اهڙو شهر هو جڏهن تہ باقي سڄو روس گهڻي حد تائين اڃان پسمانده هو. عوام جي وڏي آبادي هارين جي هئي، جن اڃان تائين وچين دور وارن طريقن سان زمين کيڙي پئي. زار شاهي اشرافيا تي ٻڌل هئي، نہ کي روسي سرمائيدارن جي طبقي تي، تنهنڪري 1905ع واري روسي انقلاب جا ڪيترائي مقصد هئا، جيئن 17 هين صديءَ جي انگلش انقلاب ۽ 18 صديءَ جي فرينچ انقلاب جا هئا. پر زار شاهي هٿيار ۽ ريلوي جو سامان ٺاهڻ خاطر مختلف علائقن ۾ وڏي پيماني جي سرمائيداريءَ جي ترقيءَ کي هٿي وٺرائڻ تي مجبور ٿيندي رهي ۽ ان ويهارو لک ماڻهن کي صنعتي مزدورن ۾ بدلائي ڇڏيو هو. سندن موجودگيءَ فرينچ طرز واري بورجوا انقلاب جي نوعيت کي بدلائي ڇڏيو. روس ۾ اڪثر سوشلسٽن ان حقيقت کي نہ سمجهيو. ڪجھ ماڻهن جي خيال ۾ روس سرمائيداري عمل مان لنگهڻ واري عمل کي ٽاري سگهي ٿو ۽ هاري ڳوٺن تي ٻڌل سوشلزم جي صورت ڏانهن سڌو وڃي سگهي ٿو. ضرورت فقط ان ڳالھ جي هئي تہ رياست جي طاقت کي ٽوڙڻ لاءِ هٿياربند ڪارروائي ڪئي وڃي. انهن سوشلسٽن کي نرودنڪس (عوام جا دوست) طور سڃاتو ويو ۽ اُنهن 'سماجي انقلابي پارٽي' ٺاهي. مارڪسوادين ڏنو تہ

سرمائيداري وڌي پئي، پر هنن مان گهڻن جو تعلق سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي 'منشوڪ' رجحان سان هو جنهن جي خيال ۾ مزدورن کي فقط بورجوازيءَ کي پنهنجو انقلاب آڻڻ ۾ مدد ڪرڻي آهي. ايتريقدر جو لينن جي بالشويڪن هڪ 'بورجوا جمهوري انقلاب' جي ڳالهه ڪئي، پر ليون ٽراٽسڪي ٻه قدم اڳتي ڳالهه ڪئي. هن چيو ته، مزدورن جي شرڪت انقلاب کي 'مستقل' بڻائي سگهي ٿي. اهو اصطلاح جنهن کي پهريون ڀيرو مارڪس 1848ع کانپوءِ ڪتب آندو. اُنهن انقلابي تحريڪ کي فقط جمهوري مطالبن کان وڌائي سوشلسٽ مطالبن ڏانهن منتقل ڪيو.[33]

اولهه يورپ ۾ اها روزا لڪسمبرگ هئي، جنهن 1905ع واري روسي انقلاب جي اهميت کي چڱي ريت سمجهيو. ڇاڪاڻ ته ڪيس روس جي قبضي هيٺ وارسا ۾ پهريون ڀيرو اهو تجربو ٿيو هو. هن پنهنجي پفليٽ 'عوامي هڙتال'[34] ۾ دليل ڏنو ته ڪيئن هڙتالي تحريڪون پاڻمرادو سياسي سوالن کي اٿاري، تبديليءَ لاءِ هڪ غيرپارلياماني حڪمت عمليءَ لاءِ گس کولين ٿيون. هن جي ڳالهه کي جرمنيءَ جي سوشلسٽن ۾ تمام ٿورڙي موٽ ملي ۽ زار شاهي هٿان انقلاب کي ڪچلڻ کانپوءِ ان جي اهميت گهٽجي وئي.

تنهن هوندي به 1910ع کانپوءِ وارن سالن دوران اتر آمريڪا ۽ اولهه يورپ ۾ تازيون، وڏيون ۽ وڏيڪ سخت هڙتالون ڏٺيون ويون. آمريڪا ۾ ماسچيوسٽس ۾ مشهور لارينس هڙتال، جتي IWW جي ويڙهاڪ ايلزبيٿ گرلي فلين ۽ بگ بل هيووڊ جي اڳواڻيءَ ۾ ٻڙن کن قومي پسمنظر رکندڙ 20 هزار عورت پورهيتن احتجاج ڪيو. برطانيا ۾ 'وڏي بيچيني'، جيڪا ريلوي، بندرگاهن ۽ ڪاٽين وارين صنعتن سميت ٻڙن کن ٻين صنعتن تائين ڦهلجي وئي، ان هڙتال ۾ گهٽو ڪري غيرهنرمند، غير - يونين مزودر شامل هئا. آئرلينڊ ۾ 1913ع ڌاري پنجن مهينن جي ٽرانسپورٽ ۽ ٻين مزدورن طرفان ڊبلن ۾ تالابندي ٿي. اٽليءَ ۾ اناڪونا واري 'ڳاڙهي هفتي' ۾ جنگ مخالف مظاهري کانپوءِ پوليس ۽ مزدورن جي وچ ۾ خونخوار جهيڙا ٿيا. ان ۾ ٽُرن (علائقي) جي 50 هزار ڌاتوءَ جو ڪم ڪندڙ مزدورن هڙتال ڪئي (جتي سپاهين هٿان ٻه مزدور مارجي ويا)، ۽ سڄي اترئينءَ اٽليءَ ۾ احتجاج جي لهر اُڀري، جنهن کي دٻائڻ لاءِ هڪ لک فوج لاٿي وئي.[5] ايتريقدر جو جرمنيءَ ۾ جتي جدوجهد جي عام سطح يورپي سرسري سطح کان به هيٺ هئي، اُتي رُهر ۾ ڪاٽيون کوٽيندڙن طرفان هڙتال ڪئي وئي. نيٺ روس ۾ لينا ۾ 1912ع ڌاري سون کوٽيندڙن جي قتل عام سان پورهيتن جي جدوجهد ٻيهر زور ورتو جنهن سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي ٻن رقيب ڌڙن کي نيم قانوني اخبارون ڪڍڻ جي اجازت ڏني ۽ 1914ع جي اونهاري ۾ سينٽ پيٽرسبرگ ۾ مورچي بندي ۽ رستا روڪ احتجاج ڪيو ويو.

جڏهن بئنڪيتن ۾ سامراجيت جون خونخوار مهمون هليون پئي، تڏهن پنهنجي مرڪز ۾ اهو سرشتو پائيدار ٿي سگهيو پئي، پر وقت گذرندو پئي ويو. پر ان کان اڳ ·

ڪو ماڻهو اهو ڏسي سگهي ها تہ اهو معاملو ڪيڏانهن وٺي ويندو. تيسيتائين سڄي يورپ ۾ وڏي پيماني تي رت وهي چڪو هو.

جنگ ڏانهن ويندڙ رستو

سامراجيت جي معنيٰ بئنڪي طاقتن جي وچ ۾ جنگيون توڙي نوآبادياتي ماڻهن جي غلاميءَ آهي، ان حقيقت جو اظهار 1904ع ۾ ٿيو جڏهن روس پئسفڪ ڏانهن اڳرائي ڪندي اترئين چين ۾ جاپان سان سڌو ٽڪر کاڌو جيڪو ڪوريا کان اولهہ طرف وڌي رهيو هو. جنگ ۾ روس جي شڪست 1905ع واري انقلاب کي ٽڪڙو ٿيڻ ۾ مدد ڏني. 1906ع ۽ 1911ع ۾ جرمني ۽ فرانس جي وچ ۾ بہ پيرا ائين پئي لڳو ڄڻ تہ ماراڪو جي معاملي تي ساڳئي قسم جو ٽڪراءُ جنگ ڏانهن وٺي ويندو.

پر اصل خطرناڪ علائقو تہ ڏکڻ اوڀر يورپ، يعني: بالڪن هو جتي هر هڪ وڏي طاقت مخصوص مقامي رياست کي پنهنجو گراهڪ پئي پائنيو. انهن رياستن جي وچ ۾ 1912ع ۽ 1913ع ڌاري جنگيون بہ ٿيون. پهرين سربيا، يونان، مونٽينيگرو ۽ بلغاريا، ترڪيءَ وٽ فقط استنبول ۽ ٿراس جي اوڀر واري سوڙهي پٽي ڇڏي، مقدونيا ۽ ٿراس جي باقي بچيل ترڪ علائقن مٿان ڪڙڪي پيا. پوءِ يونان، سربيا ۽ رومانيا، وڏين طاقتن طرفان همٿائڻ سبب بلغاريا مٿان ڪڙڪي پيا. انهن جنگين ۾ سيني پاسن کان ظلم جا داستان رقم ڪيا ويا. شهري وچولن طبقن 'جديد' ٻوليءَ جي بنياد تي هڪجهڙيون قومي رياستون ٺاهڻ ۽ پکيڙڻ پئي چاهيون، پر ٻهراڙيءَ واري آباديءَ ۾ ذري گهٽ هر هنڌ گڏوچڙ نسلي گروهہ هئا، جيڪي مختلف ٻولين ۽ لهجا ڳالهائيندا هئا. نسلي طور تي 'خالص محفوظ قومي رياستون' ٺاهڻ جو هڪڙو ئي گس هو يعني: جنگين ذريعي اُنهن ماڻهن کي بيدخل ڪرڻ، جيڪي انهيءَ معيار ۽ پرک تي پورا نہ لهن. پهرين جنگ جي پڄاڻي لنڊن معاهدي تي پهتي ۽ ٻيءَ جنگ جو انت بيچاريسٽ معاهدي تي ٿيو پر اُنهن هيٺان کان جنگ ڏانهن وٺي ويندڙ دٻائن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو ۽ اڳوڻن عثمانيا علائقن اِنگر آسترو ـ هنگرين اوڀر يورپ ۾ ساڳيا دٻاءَ موجود رهيا. سڄو خطو هڪ خطرناڪ ڌماڪيدار مادو بڻجي ويو.

انهيءَ ڌماڪي جو نظارو 1914ع جي جولاءِ ۾ ڏيکاريو ويو جڏهن آسترين آرچڊيوڪ فرينز فيرڊيننڊ، آستريا جي صوبي بوسينيا جي راڄڌاني سراجيوو جو سرڪاري دورو ڪيو. هن کي هڪ قومپرست طرفان قتل ڪيو ويو جيڪو آسترين کي ڪالي ڏيڻ ۽ صوبي کي پاڙيسري سربيا سان هڪ ڪرڻ لاءِ وڙهيو پئي.

ان کانپوءِ ڇا ٿيو سا سيني کي خبر آهي. آسترين حڪومت سربيا خلاف اعلان جنگ ڪري ڇڏيو روسي حڪومت کي سندس حيثيت خطري ۾ پوڻ جو ڀپ ٿيو ۽ ان آستريا خلاف اعلان جنگ ڪيو. جرمنيءَ پنهنجن مفادن کي آستريا سان ڳنڍي روس

خلاف چرپر ڪئي. فرانس محسوس ڪيو تہ روس کي شڪست ڏيڻ ڪانپوءِ جرمنيءَ کي پنجو ڏيڻ ۾ اُن کي بااثر يورپي طاقت ٿيڻ کان روڪڻو پوندو. برطانيا جرمن فوج جي بيليجيم مان لنگهڻ واري عمل کي بهاني طور استعمال ڪندي فرانس جو ساٿ ڏنو ۾ جرمنيءَ خلاف جنگ لاءِ وڌيو. هڪ هفتي اندر اولهہ يورپ جي 44 سالن جو پُرامن دور شايد سڀ کان ڊگهو پُرامن دور هو سيني وڏين رياستن کي جنگ ڏانهن ڌڪي ڇڏيو.

ڏنو وڃي تہ انقلابن وانگر جنگيون اڪثر ڪري ننڍڙن واقعن مان پيڙڪنديون آهن. جنهنڪري ڪجهہ ماڻهن کي اهو عمل اتفاقي، غلط فهمين ۾ غلط فيصلن جي اوچتن واقعن جي نتيجي طور نظر ايندو آهي، پر حقيقت ۾ ننڍڙا واقعا معنيٰ خيز هجن ٿا، ڇاڪاڻ تہ اُهي وڏين سماجي يا سياسي قوتن جي وچ ۾ توازن جي علامت بڻجي وڃن ٿا. هڪ موٽر ڪار ۾ سڀ کان هلڪن حصن مان هڪ چٽنگ هوندي آهي ۾ اُها بہ پنهنج پاڻ چرپر نہ ٿي ڪري سگهي، پر اها پيٽرول جي ٻاڦ جي ڌماڪيدار قوت سان انج اندر ٻاهہ ٻاري سگهي ٿي. ساڳئي ريت، هڪ قتل يا هڪ ٽيڪس وڌائڻ وارو عم پنهنجو پاڻ گهٽ اهميت وارو ٿي سگهي ٿو پر رياستن يا وڏين سماجي قوتن جي وچ ٽڪراءُ پيدا ڪري سگهي ٿو.

1914ع جي اونهاري ۾ سفارتي سرگرميءَ جي ڊگهي سلسلي پٺيان هڪ سا حقيقت رکيل هئي. رقيب سامراجيتن مان هر هڪ قوت سرمائيداريءَ طرفان پنهن مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رياستي حدون اورانگهي پيدا ٿي ۾ پکيڙ ڪ سي هاڻي سڄيءَ دنيا ۾ هڪٻئي سان ٽڪرائجڻ لڳيون. اقتصادي ڇتاپيتي علائقن قبضا ڪرڻ واريءَ ڇتاپيتيءَ ۾ بدلجي وئي ۾ نتيجي جو دارومدار هٿياربند طاقت تي سراجيوو قتل ڪانپوءِ پيڙڪيل ٽڪرارن جي سلسلي کي ڪابہ رياست پوئتي هٽائ پئي سگهي، ڇاڪاڻ تہ ڪابہ رياست پنهنجي عالمي طاقت کي ڪمزور ڪرڻ جوکم نہ پئي کڻي سگهي. ساڳي سامراجيت جنهن اقتصادي واڌاري ۾ ترقيءَ جي ڪردار ۾ ايمان کي زور وڌايو هو سا هاڻي يورپ جي دل کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ لڳي.

باب ڇهون

مهاڀاري جنگ ۽ عالمي انقلاب

4 آگسٽ 1914ع

ذري گهٽ هر هڪ اهو سوچي جنگ ۾ شامل ٿيو ته اها مختصر ٿيندي. جرمن شهزادي ’روشن ۽ ڪل مُڪ جنگ‘ جي ڳالهه ڪئي. هن کي 1870ع واري فرانڪو - پرشين جنگ جي ورجاءَ جي توقع هئي، جڏهن فرينچ فوج کي هفتن اندر هارايو ويو هو. هن جنگ بابت برطانيا ۾ عام ڳالهه هئي ته ’اها ڪرسمس تائين ختم ٿي ويندي.‘

ابتدا ۾ ته جنگ عوامي هئي. روزا لڪسمبرگ اُن وقت جي برلن ۾ اکين ڏٺي نظاري جي ڳالهه ڪئي ته ’چريو ذهني خلفشار..... گهٽين ۾ محب وطن مظاهرا.... هجوم ڳائين پيا، ڪافي دُڪانن تي محب وطن گيت وڄن پيا... پُرتشدد هجوم پنهنجو پاڻ کي هر جهنگلي افواهه تي چرين ديوانن وانگر پٽڻ لاءِ تيار... خوشيءَ وارين رڙين سان ..... بڇت فوج سان پريل ريلون‘.[36] ٽراٽسڪي لکيو ته ’آسٽريا - هنگري ۾ عوام جو محبت وطن جذبو حيران ڪندڙ هو... آئون ويانا جي معروف مُکيه گهٽين ۾ هلندو رهيس ۽ هڪ انوکو شور ۽ گوڙ ڪندڙ پُرجوش هجوم ڏٺو..... جنهن ۾ حمالي، ڌوٻي، موچي، سيڪڙات ۽ پرپاسي جا نوجوان هئا‘.[37] لنڊن ۾ 4 آگسٽ تي ’بڪنگهم محل ٻاهران ’اٿاهه پرجوش هجوم ڪٺو ٿيو‘.[38] هڪ فرينچ جيل ۾ قيد وڪٽر سرگي بيان ڪيو ته ڪيئن ٽرين ۾ سوار ٿيندڙ فوجين کي ويندي ڏسي هجوم جوشيلا گيت ڳائين پيا. اسان اُنهن جون رڙيون ٻُڌي سگهياسين، ”برلن ڏانهن، برلن ڏانهن!“[39]

ايتريقدر جو سينٽ پيٽرسبرگ ۾ لڳو پئي ته ڪجهه ڏينهن اڳ ٿيل هڙتالون ۽ مورچابنديون وسارجي ويون هجن. برطانوي سفير بچانن بعد ۾ ’انهن خوبصورت آگسٽ وارن ڏينهن‘ جي ڳالهه ڪئي، جڏهن ’روس مڪمل طور تي تبديل ٿيل لڳو پئي‘.[40]

جنگ جي مقبوليت ضروري ناهي ته عوام منجهه ايتري گهري هجي، جيترو ان جو اظهار پُرجوش مظاهرن ۽ محب وطن گيتن مان لڳو پئي. تاريخ نويس ڊيوڊ بليڪ بارن جرمنيءَ بابت لکي ٿو: ’جولاءِ ۾ ٿيل محب وطن مظاهرن ۾ شاگردن ۽ شيون کپائيندڙ نوجوانن سان گڏ ننڍا گروهه شامل هئا. پورهيت طبقي جي اڪثريت وارا علائقا، ڇهڙوڪ: زُهر ماٺ هئا... جهونن تجزيي نگارن 1870ع جي جوش ۽ ولولي جي ابتڙ ڪيفيت جي ڳالهه ٻُڌائي‘.[41] سينٽ پيٽرسبرگ ۾ هڪ انقلابي پورهيت شليايونيڪوف

وچولي ۽ مٿئين طبقي منجهہ جنگي جذبي کي ڪارخانن ۾ وڏيڪ ٿڌي ماحول سان پيٽيو:

سينٽ پيٽرسبرگ پريس (اخبارن) مقبول عوامي ڪٽر قومپرستيءَ کي پڙڪائڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪيو. اُنهن اٽڪل سان جرمنيءَ ۾ رهيل روسي عورتن ۽ پوڙهن خلاف 'جرمن' ظلمن جي ڳالهين کي زور وٺايو پر ان باوجود ان دشمناڻي ماحول پورهيتن کي قومپرستيءَ جي انتها ڏانهن نہ ڌڪيو.[42]

رالف فاڪس ٻڌايو تہ ڪيئن، لنڊن ۾ هڪ نوجوان پورهيت طور فنسبري پارڪ ۾ جنگ مخالف هفتيوار گڏجاڻيون ڪرڻ ممڪن هو.[43]

ٽراٽسڪيءَ عوام جي ڪيفيت کي ڪنهن گهري قومپرستيءَ واري جذبي ڪار وڌيڪ معمولي بي لطف زندگي جي ردعمل طور وضاحت ڪئي:

انيڪ ماڻهن جون حياتيون، ڏينهون ڏينهن، نااميديءَ جي عام ساڳيائپ ۾ گذرر ٿيون، اُهي جديد سماج جي ڪرنگهي جي هڏي آهن. جنگ لاءِ متحرڪ ٿيڻ وار گهنٽيءَ سندن زندگين کي هڪ واعدي وانگر ٿوڙي چڏيو ساڳيائپ ۽ ڊگهي مدي وارءِ نفرت ڦٽو ڪئي وئي ۽ ان جي جاءِ نئين ۽ عجيب ڪيفيت والاري. سندن لاءِ مستقبل اجان ڪيتريون ناقابل يقين تبديليون ذخيري طور پيون آهن. بهتر يا بدتر؟ بيش بهتر.... 'روايتي' حالتن کان وڌيڪ بدتر ڇا ٿي سگهيو پئي؟ ... جنگ هر هڪ ماڻهوءَ متاثر ڪيو ۽ اُهي جن کي زندگيءَ هٿان ظلم ۽ دوکو ڏنو ويو اُنهن نيٺ محسوس ڪيو اُهي هاڻي اميرن ۽ طاقتورن سان برابريءَ ۾ بيٺا آهن.[44]

مختلف سماجي طبقا ڪڏهن بہ مڪمل طور تي هڪٻئي کان جدا ناهن ٿيا. مٿ طبقن جي مزاج سندن هيٺان وارن کي متاثر ڪيو ۽ وچ وارن جي ڪيفيتن تري ۾ ۽ ماڻهن کي اثرانداز پئي ڪيو. هڪٻئي سان جنگ ڪرڻ وارو يورپي حڪمران طب جو ارادو هزارين طريقن سان وچولن طبقن ۽ پورهيت طبقي جي حلقن ڏانهن منت ڪيو ويو، محب وطن تقريرن ۽ 'دشمن جي ظلمن' بابت اخباري ڪهاڻين ذريعي، ما ڪنڌڙجٽن ۽ عوامي گيتن ذريعي ۽ ناول نگارن، شاعرن ۽ فلسفين طرفان اعلانن ذريع جرمن تاريخ نويس مينيڪي بيان ڪيو تہ، جنگ جي اعلان سندن اندر ۾ 'سڀ وڏيڪ خوشي' پيري ڇڏي. سڌارڪ پسند فرينچ ناول نگار انتولي فرانس (شرم احساس سان) 'سپاهين سان ڪيل ننڊيون تقريرون' ياد ڪيون. فلسفي برگسان، ج کي 'بربريت خلاف تهذيب' طور بيان ڪيو. انگريز شاعر روپرٽ بروڪ لکيو تہ، 'ا جي طريقن ۾ وري شرافت سمائجي وئي'،[45] ۽ ناول نگار ايڇ. جي. ويلز 'جنگ کي ڪرڻ لاءِ جنگ' بابت پُرجوش هو. اسڪول ماستر پنهنجن بالغ شاگردن کي جنگ وڃڻ ۽ وڙهڻ لاءِ زور پريندي اهڙا بيان ورجايا پئي: جنهن بہ اختلاف ڪيو ٿي، سو ' جي چوڪرن جي پٺ ۾ خنجر هڻڻ' جو ڏوهاري هو.

پورهيتن جا اجان ڪيئي گروهہ هئا، جن مان اهڙن دٻائن سان ٽڪرائڻ جي

ڪري سگهجي پئي. سوشلسٽ تحريڪون ۽ ٽريڊ يونين جا ويڙهاڪ گروهہ اخبارن ۾ ڪُوڙن ۽ سندن اصولن تي ٽيندڙ حملن جا عادي هئا. جنگ جي شام وقت امن لاءِ سندن اڳواڻن جي سڏ ۾ سڏ ڏيندي ڪيترائي سوشلسٽ ۽ مزدور لنڊن، پئرس ۽ برلن ۾ هزارن جي تعداد ۾ ريلين ۾ نڪتا. پر هڪ ڀيرو جنگ ڀڙڪڻ سان ساڳيا ئي اڳواڻ ان جي حمايت لاءِ ڊوڙيا. جرمن ۽ آسٽرين سوشل ڊيموڪريٽس، برٽش ليبر پارٽي ۽ ٽي يو سي، ـرينچ سوشلسٽ Guesde ۽ سينڊيڪلسٽ جوهاڪس، تجربيڪار روسي مارڪسوادي ـليخانوف ۽ آزمودگار روسي انارڪسٽ ڪروپاٽڪن، سڀ جو سڀ پنهنجن حاڪمن ـجي پنيرائي ڪرڻ لاءِ گڏجي پيا. اُهي جن کي شڪ هئا، مثال طور: جرمنيءَ ۾ ـڪائوتسڪي ۽ هيس، برطانيا ۾ ڪيئر هارڊي، سي وري 'پارٽي اتحاد' قائم رکڻ خاطر ـاموش رهيا ۽ 'قوم' سان دغا جي الزام کان نتائڻ لڳا. هارڊي لکيو تہ 'حالت جنگ ۾ ـڪ قوم کي متحد ٿيڻ کپي. ڇوڪرا جيڪي پنهنجي ملڪ جون لڙائيون وڙهڻ لاءِ ويا ـهن تن کي ڪو تبصرو ڪري بدظن نہ ڪيو وڃي'.[46]

ڏهاڪن کان سرمائيداري جمهوريت جي اصولن جي پاسداري ڪرڻ جا اثر بہ ـا. سرمائيدار رياست جي ڍانچن اندر سُڌاري جي جستجو ڪين رياست جي جنگي ـڪرارن کي تسليم ڪرڻ ڏانهن وٺي وئي. جهيڙيندڙ ملڪن ۾ فقط سربين ـشلسٽ ۽ روسي بالشوڪ ئي جنگ جي لڳاتار مخالفت ۾ نروار رهيا. اٽليءَ جي ـشلسٽن پڻ جنگ جي مخالفت ڪئي، جڏهن اٽليءَ نيٺ پاڻ برطانيا، فرانس ۽ ـ سان اتحاد ڪيو. پر سندن اهو رويو خود اٽليءَ جي حڪمران طبقي ـر 'ڪهڙيءَ ڌر جي حمايت ڪجي' واري سوال تي پيدا ٿيل ڏڦيڙ جي ڪري هو ۽ ـٽيءَ جي روزاني اخبار جي ساڄي ڌر واري ايڊيٽر بينٽو مسوليني الڳ ٿي، جنگ ـ حمايت ۾ زهر آلوده جدوجهد ڪئي.

تڪڙيءَ فتح ۾ ايمان مڪمل طور تي غلط ثابت ٿيو. جنگ جي پهرئين مهيني ۾ ـن فوج ڪنهن نہ ڪنهن ريت بيلجيم ۽ اترئين فرانس مان لنگهي پئرس کان 50 ـپوئتي تائين ڌڪجي وئي ۽ روسي فوج جرمن اوڀر پرشيا اندر ڪجھ حصي تائين ـ آئي، پر بعد ۾ ٻئي ڌريون پٺتي هٽڻ تي مجبور ٿيون. ميرين جي لڙائي وٽ اٽڪل ـل پوئتي خندقون کوٽي، هڪ دفاعي لائين ناهڻ لاءِ جرمن فوج فرينچ ۽ برطانوي جي پهچڻ کان اڳ پنتي هٽي. روسين کي ٽيننبر گسپچي لڙائيءَ ۾ سخت نقصان جرمن علائقي مان تڙيا ويا. 'متحرڪ جنگ' (تڪڙ ۾ فوجن جي چرپر) سست ۽ ـتي پئي، هر هڪ ڌر ٻي ڌر جي مضبوطيءَ سان خندقي جاءِ کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ـ ڳرا نقصان پوڳيا. ڇئن مهينن جون متوقع دشمنيون ڇئن سالن کان ۾ بدلجي ـ جنگ اوڀر ۽ اولهہ جي محاذن کان ترڪي، عراق، اٽلي ـ آسٽرين سرحد ۽ ـــ يونان تائين ڦهلجي وئي.

هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو موت جو کاڄ بڻائيندي، هيءَ جنگ انساني تاريخ جي سڀ کان وڌيڪ رتوڇاڻ واري ويڙهه ثابت ٿي، جنهن ۾ جرمنيءَ ۾ 18 لک، روس ۾ 17 لک، فرانس ۾ 14 لک، آسٽريا هنگريءَ ۾ 13 لک، برطانيا ۾ 7 لک 40 هزار ۽ اٽليءَ ۾ 6 لک 15 هزار ماڻهو جنگ جو کاڄ بڻجي ويا. فرانس پنهنجي آباديءَ جي ويڙهه واري عمر جي پنجن مان هڪ ماڻهو وڃائي ڇڏيو ۽ جرمنيءَ 8 مان هڪ. وردن واري لڙائيءَ ۾ پنجن مهينن دوران 2 ڪروڙ 30 لک شيل فائر ڪيا ويا. 20 لک ماڻهن حصو ورتو ۽ انهن مان اڌ مري ويا. تنهن هوندي به ڪنهن به ڌر کي ڪا سوڀ نه ملي. 1916ع ۾ سومي واري لڙائيءَ جي چئن مهينن ۾ 10 لک ماڻهو مري ويا. جنهن ۾ برطانيا جا 20 هزار ماڻهو پهرين ڏينهن موت جو کاڄ بڻيا.

جنگ ۾ مجموعي طور تي سڄو سماج درهم برهم ٿي ويو. 1915ع ۽ 1916ع تائين سڀني جهيڙيندڙ طاقتن محسوس ڪيو ته اُهي مڪمل تباهه ڪندڙ جنگ ۾ ڦاسي پيا آهن. نتيجي جو انحصار ان ڳالهه تي هو ته سمورا قومي وسيلا جنگي محاذ ڏانهن اماڻيا وڃن. جنهنڪري معيارِ زندگي صفا بدتر ٿي ويو. عام واهپي جون شيون ٺاهيندڙ صنعتن کي بارود ٺاهڻ لاءِ ڪتب آندو ويو. ڪاڏ خوراڪ ۽ خام مال جي ڳولا ڪرڻي پيئي، جيڪي اڳ ۾ دشمن ملڪن مان گهرايا ويندا هئا. پورهيتن کي هڪ صنعت کان ٻي تائين منتقل ڪيو ويو ۽ محاذ تي موڪليا ويندڙ ماڻهن جي جاءِ تي تازي پورهئي جي رسد ڳولڻي پئي. زرعي پورهيتن کي فوجن ۾ ڀرتي ڪيو ويو ۽ پلي پوءِ ان سان ڪاڏ خوراڪ جي شديد کوٽ ئي پيدا ڇو نه ٿي پئي. جرمنيءَ ۾ 1917ع واري سياري کي 'سبزين وارو سياري' طور سڃاتو ويو. ڇاڪاڻ ته ٻين شين جي جاءِ ۽ پاچين والاري. جرمن پورهيت جي سرسري خوراڪ فقط 1313 ڪيلريز ڏهاڙي تائين پهتي ۽ خوراڪ پُوري نه هجڻ سبب اٽڪل 7 لک 50 هزار ماڻهو مري ويا.[47] هر هنڌ حڪومتون نوٽ ڇاپي فقط پنهنجا جنگي خرچ ئي پوري سگهيون. خوراڪ ۽ بنيادي شين جي کوٽ قيمتن کي وڌائي ڇڏيو ۽ عام ماڻهن منجهه شڪايتون ۽ دانهون وڌي ويون.

جنرلن ۽ سياستدانن آڏو اها ڳالهه چٽي ٿي وئي ته جنگ ۾ ڪاميابيءَ جو انحص ڳچ معيشيت کي رياست جي ڪنٽرول ۾ وٺڻ تي آهي. ان وقت انهن کان 'آ مارڪيٽ' وارو اقتصادي عقيدو وسري ويو. هڪ هٽيءَ واري صنعت ۽ رياست کي ملائ هڪ ڪرڻ ڏانهن رجحان ۾ تيزي ٿيڻ لڳي، اهو عمل جنگ کان اڳ ۾ ئي ڪجهه ملڪ ۾ نظر آيو پئي. 1917ع تائين هڪ برطانوي ڪابينا جي رپورٽ قبوليو ته رياست ڪنٽرول کي نه صرف جنگ سان سڌي ريت لاڳاپو رکندڙ قومي سرگرمين، بلڪ صنعت جي هر حصي تائين'[48] وڌايو ويو هو. جنگ جي خاتمي تائين حڪومت اند 90 سيڪڙو ٻاهران آيل مال خريد ڪيو ملڪ اندر استعمال ٿيل خوراڪ جو سيڪڙو کان وڌيڪ جو ڪاروبار ڪيو ۽ اڪثر قيمتن کي ڪنٽرول ڪيو.[49] جرمن

۾ وڏن اجاره دار ادارن (ٽرسٽ) جي نگرانن ذريعي ڪم ڪندي جنرل هڊنبرگ ۽ لڊنڊروف جنگ جي پوئين مرحلي ۾ ڪجھ معيشيت تي ذري گهٽ آمريت پئي هلائي.[50]

ٻئي جنرل ۽ صنعتڪار ڏسي سگهيا ته وڌيڪ ايراضي حاصل ڪرڻ سان اقتصادي وسيلا وڌي ويندا. جنگ جي مقصدن جي نئين سر وصف ڪئي وئي جنهن ۾ فقط ايشيا يا آفريقا ۾ بئنڪيتن جو دفاع يا قبضو ڪرڻ نه، پر يورپ ۾ علائقا، خاص ڪري صنعتي يا نيم صنعتي، کسڻ پڻ شامل هو. جرمنيءَ لاءِ ان جي معنيٰ ڪچو لوهه پيدا ڪندڙ فرينچ لورين کي زوريءَ ڳنڍڻ، بيلجيم، مرڪزي يورپ ۽ رومانيا مٿان جرمن ڪنٽرول قائم ڪرڻ ۽ برلن بغداد ريلوي جي چوڌاري ترڪي ۽ وچ اوڀر ۾ جرمن حلقهءِ اثر ٺاهڻ.[51] فرانس لاءِ ان جي معنيٰ الساس لورين جي ٻيهر فتح ۽ جرمنيءَ جي علائقي رائن لينڊ مٿان ڪنٽرول قائم ڪرڻ هئي. روس لاءِ ان جي معنيٰ استنبول کي زبردستيءَ ڳنڍڻ هو (برطانيا طرفان هڪ ڳجهي معاهدي ۾ واعدو ڪيو ويو). ائين ئي انفرادي سرمائيدارن، اقتصادي ڇتاپيٽيءَ ذريعي پنهنجي سرمائي کي ڦهلائڻ لاءِ واجهايو پئي. سرمائيدارن جا گروهه جيڪي قومي رياستن سان جڙيل هئا، تن فوجي مقابلي ۽ جنگ ريعي پنهنجو سرمايو وڌائڻ لاءِ جتن پئي ڪيا. جيتوڻيڪ بئنڪيتون اهم هيون، پر اڻي سامراجيت فقط بئنڪيتن تائين محدود نه رهي. هاڻي ته اها هڪ مڪمل نظام جي پئي، جنهن ۾ ڪابه سرمائيداري ٻين جي قيمت تي ڦهلجڻ ۽ وڌڻ جي ڪوشش نسواءِ سلامت نه پئي رهي سگهي. هڪ نظام، جنهن جي منطق مڪمل فوجي عمل ۽ ڪمل تباهه ڪن جنگ هئي، ڀلي پوءِ ان سان سماجي بربادي ڪيتري به ڇو نه ٿئي.

سماجي ڀيج ڏاهه جا پورهيت طبقي، روايتي پيٽي بورجوازي ۽ هارين تي اثر ٿيا. چتي ۽ ڪڏهن برباد ڪندڙ حد تائين معيار زندگيءَ ۾ گهٽتائي ٿي. جرمنيءَ ۾ 19ع تائين جنگي صنعتن ۾ ماڻهن جون 'حقيقي' اُجرتون صفا گهٽجي ويون ۽ ٻين متن ۾ ذري گهٽ اڌ ٿي ويون.[52] پنهنجي اجرت جو دفاع ڪرڻ وارا پراڻا طريقا ۽ تون غائب ٿي ويون ڇاڪاڻ ته ٽريڊ يونين اڳواڻن پنهنجو سڄو زور جنگي ڪوشش ان لڳائي ڇڏيو ۽ سيني هڙتالن جي مخالفت ڪئي ۽ جيڪڏهن ڪنهن 'عارضي ح بندي' کي ٽوڙيو پئي ته ان خلاف سخت ڏنڊ ۽ سزائون متعارف ڪرايون ويون. انيا ۾ هڙتالي اڳواڻن کي Realm Act جي دفاع هيٺ قيد ڪيو ويو. جرمنيءَ ۾ جاج ڪندڙن کي زبردستي فوج ۾ ڀرتي ڪري محاذ ڏانهن اماڻيو ويو.

پورهيت طبقي جي زندگيءَ جي ڍنگن ۾ پڻ اٿاهه ڀيج ڏاهه ٿي. پورهيت طبقي جي ڏ ماڻهن کي سندن پراڻن ڪمن مان ڪڍيو ويو ۽ ڪميونٽيز کي محاذ ڏانهن اماڻيو ، انهن جي جاءِ تي وڏي تعداد ۾ عورتون آنديون ويون. جرمنيءَ ۾ صنعتي ڪاروبارن لک عورتن ڪم ڪيو پئي.[53] برطانيا ۾ فقط اسلحي جي صنعت ۾ عورتن جو تعداد 8 لک ٿي ويو.[54] سرمائيداريءَ جي جنگ ڏانهن ڏڪي خانداني سرشتي کي ٽوڙي

ڇڏيو جنهن کي انهيءَ نظام سخت محنت سان ٽاڙڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڏکي نظر ۾ ڏسجي ته انڪري گروهي روين جي خاصيتن پورهيت عورتن ۾ مردن سان برابريءَ جو هڪ نئون احساس ڏنو پر ان جو ترت نتيجو عورتن مٿان ٻيڻو بار هو جنهن کي منهن ڏيڻو پئجي ويو. اُنهن کي ٻارن جي پالنا سان گڏ ڪيئي ڪلاڪ ڪارخاني ۾ سخت محنت ڪرڻي پئي.

ڏکيائي، مونجهارو، بدحواسي ۽ روايتي طريقن سان ڪم ۽ جيئڻ جي ڍنگ جي دفاع ۾ نااهليت. جنگ جي ابتدائي سالن ۾ پورهيت طبقن جي علائقن ۾ اهڙيون حالتون هيون. جيئڻ معيار زندگي ڪِري پيو ڪم جو وقت وڌايو ويو ڪارخانن ۾ حالتون وڌيڪ خطرناڪ ٿي ويون ۽ هڙتالن جو تعداد تيزيءَ سان گهٽجي ويو پر 1915ع ۽ 1916ع تائين نااميدي ۽ مايوسي پڻ مزاحمت کي پالي رهي هئي. پورهيت طبقي جي حلقن، خاص ڪري عورتن، جن تڪليفون ڀوڳيون پئي، تن پاڻمرادو احتجاج ڪيا. 1915ع ۾ گلاسگو ۾ وڏي مسواڙ واري هڙتال يا 1916ع ۽ 1917ع جي سيارن ۾ اڪثر جرمن شهرن ۾ کاڌي جي کوٽ تي مقامي احتجاج ٿيا. مرد پورهيتن منجهه هڙتالن جو تعداد پڻ وڌڻ لڳو جيڪي هٿياربند فوج ۾ شريڪ ٿيڻ سان بلڪل گهٽ متاثر ٿيا هئا ۽ هنرمند ذات ـ مزدورن جن کي جنگ جي ڪوشش لاءِ لازمي سمجهيو ويو. سي پڻ هڙتال ۾ شامل ٿيڻ لڳا. يونين ڪارڪنن جا سنڌن نيٽ ورڪ، گلاسگو شيفلڊ، برلن، بڊاپيسٽ ۽ ويانا جهڙن شهرن ۾ سرگرم رهي. دُڪاندار يونين جيئن جو تيئن رهي. جيئن تڪليف وڌي ته ٻن قسمن جي احتجاجن هڪٻئي سان ڳنڍجڻ شروع ڪيو ۽ جنگ بابت سوال ٿيڻ لڳا. هڙتالن جا اڳواڻ گهڻو ڪري سوشلسٽ هئا، جن جنگ جي مخالفت پئي ڪئي، توڻي جو اڪثر هڙتالين اڃان تائين محسوس ڪيو پئي ته کين 'پنهنجي ڌر' (پنهنجي وطن ۽ پنهنجي فوج) جي حمايت ڪرڻي پوندي.

ان دوران مختلف محاذن تي لکين ماڻهو اهڙن تجربن مان گذرن پيا. جن لاءِ اُنهن ڪڏهن به تياري نه ڪئي هئي. کين جلدئي معلوم ٿي ويو ته جنگ برلن يا پئرس ڏانهن ويندڙ ڪو تفريحي ۽ وڻندڙ سفر نه هو يا ڪا جوکم واري راند نه هئي، اُتي ته گپ، بوريت، خراب کاڌو ۽ سندن چوڌاري هر پاسي کان موت جو واسو هو. پورهيت طبقي کي خبر پئي ته جنرلن ۽ ٻين آفيسرن جي زندگي بلڪل مختلف هئي، اُنهن لاءِ سُٺا کاڌا ۽ شراب، آرامده قيام ۽ سندن انتظار ۾ بيٺل فوجي موجود هوندا هئا. فقط اهي ئي فرق کين پاڻمرادو بغاوت ڏانهن وٺي نه ويا. بلڪ پرتي ٿيلن مان ڪيترن جي پسمنظر ۾ مٿان کان حڪمن خلاف مزاحمت جي روايت نه هئي، ننڍپڻ کان سندن ذهنن ۾ فرمانبرداريءَ ۽ لحاظ جون عادتون پيل هيون، جنهنڪري اُنهن پنهنجي قسمت کي قبوليو ۽ ائين سمجهائيون ته اهو هڪ ٻيو اڻوڻندڙ ۽ بيزار ڪندڙ ڪم آهي، جيڪو کين ڪرڻو هو ڇاڪاڻ ته مزاحمت جي ڪنهن به عمل جي موٽ ۾ ساڻن فوجي 'انصاف' ڪيو ويجي ها

برطانوي آفيسر ۽ جنگي شاعر ولفرڊ اوون لکيو تہ، جيڪي ماڻهو محاذ ڏانهن واپس وڃڻ لاءِ انتظار پيا ڪن، تن 'سيني جي چهرن تي عجيب ڪيفيت هئي، نااميدي يا دهشت نہ هئي، پر دهشت کان وڌيڪ پوائتي ڪيفيت هئي، جا ڪنهن بہ اظهار کانسواءِ هڪ مرده خرگوش وانگر هئي'.[55]

تنهن باوجود بغاوت جو امڪان سدائين موجود رهيو. جنرلن اهو نظارو ڏٺو جنهن جو اظهار 1914ع جي ڪرسمس واري ڏينهن ٿيو جڏهن برطانيا ۽ جرمن سپاهين خندقن مان نڪري هڪٻئي سان ڀاڪر پاتا. 1916ع جي ڪرسمس دوران هڪٻئي سان ڀاڪر پائڻ لاءِ خندق مان ٻاهر نڪرڻ تي، جرمن سپاهين کي ڌسندي انگريز آفيسرن طرفان گولي هڻڻ جو حڪم ڏنو ويو[56] پر اهڙا احتياط بغاوتن جي اوچتن ڌماڪن کي روڪي نہ سگهيا. 1917ع جي اپريل ۾ فرانس ۾ اولهندي محاذ وٽ ڀڃريون وڌو ڌماڪو ٿيو. هڪ حملي جنهن ۾ 2 لک 50 هزار ماڻهو موت جو ڪاڄ بڻيا. ان ڪانپوءِ اندازن 68 ڊويزنون، يعني: اڌ فرينچ فوج واپس محاذ ڏانهن وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. رعايتن ۽ طاقت جي استعمال سان 500 ڄڻن کي موت جي سزا ڏني وئي ۽ 49 ماڻهن کي ڦاهين تي چاڙهيو ويو تڏهن وڃي ضابطو بحال ٿيو پر اهو بہ تڏهن جڏهن ڪجھ يونٽن ڳاڙهو جهنڊو کنيو هو ۽ انقلابي گيت انٽرنيشنل ڳايو. اولهہ جي ٻين علائقن ۾ جيئن فرانس منجھ بغاوتون ٿيون، تيئن ساڳئي پيماني جون بغاوتون نہ ٿيون، پر 1917ع ڌاري اٽليءَ ۾ 50 هزار سپاهين جي بغاوت ڪئي ۽ بولوني ويجهو ايٽپلز وٽ برطانوي فوجي اڏي ۾ هڪ لک سپاهين پنجن ڏينهن تائين خوني بغاوت ڪئي. برطانوي جنرلن ڪجھ رعايتون ۽ اُنهن جي اڳواڻن کي موت جون سزائون ڏئي، ان احتجاج کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ سڄو معاملو ڳجهو رکيو ويو.[57]

فوجي بغاوتون سڄي يورپ ۾ مونجهاري ۽ بيزاريءَ جي وڌندڙ ڪيفيت جو حصو هيون. اها ڪيفيت فقط صنعتي مزدورن تائين هرگز محدود نہ هئي، ان وچولي طبقي جي ڪيترن ماڻهن کي متاثر ڪيو جن وٽ فوج ۾ اهم عهدا هئا. ان جو ڪجھ اندازو برطانوي جنگي شاعرن جي لکڻين مان لڳائي سگهجي ٿو ۽ ريمارڪيو جي "اولهہ واري محاذ تي بلڪل ماٺ" All Quiet on the Western Front، هيمنگوي جي "اسلحي کان موڪلائي" A Farewell to Arms، باربوسي جي "گولين هيٺ" Under Fire، يا ميريوليس جي "قبر ۾ زندگي" Life in Tomb جهڙين لکڻين ۾ ان مايوسيءَ ۽ بيزاريءَ جو اظهار ٿيو جيڪي جنگ ڪانپوءِ لکيون ويون. اهڙا جذبا ماڻهن کي انقلابي کاٻي ڌر ڏانهن وٺي وڃي سگهيا پئي، جيئن جرمن ڊراما نويس ارنسٽ ٽالر سان ٿيو پر اهو ساڄي ڌر واري قومپرستيءَ جي صورتن ڏانهن بہ وٺي وڃي سگهيو پئي، جن جنگ جي سوڀاري اميد کي ٻاهر ڪرڻ جو الزام 'ڌارين' قوتن جي اثر، دغا ۽ بدعنوانيءَ تي لڳايو.

آخرڪار جنگ فرينچ، اٽلي، آسٽرو - هنگرين ۽ روسي فوجن ۾ پرتي ڪيل

هارين کي پنهنجن ڇڙوڇڙ ڳوٺن مان ڪڍي ۽ مشيني جنگ جي خوف ۾ افراتفري ۾ گهلي آندو. ان کان اڳ جو وسيع پيماني تي جديد عوامي رابطن جا نظام يورپي ٻهراڙين ۾ داخل ٿين ها، فوج ۾ ڀرتي ٿيل هارين کي زبردستيءَ اهڙا تجربا ۽ خيال ڏيکاريا ويا، جيڪي اُنهن ان کان اڳ ڪڏهن به نه ڏٺا هئا. ڪيترن کي زبردستي ڀهريون پيرو قومي رنگ سان رنڱيو ويو ڇاڪاڻ ته هنن (هارين) پنهنجو پاڻ کي گهڻ قومي فوجن جي وچ ۾ مقامي لهجن سان ڳالهائيندڙ فردن طور محسوس ڪيو. جڏهن هنن اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڇا پيو ٿئي، ته کين متضاد رُخن ڏانهن ڌڪيو ويو. هڪڙن پادرين روايتي ريتن رسمن ذريعي، ٻين ساڻن ساڳئي لهجي ۾ ڳالهائيندڙ وچولي طبقي جي قومپرستن، يا وري خندقن ۾ ساڻن گڏ رهندڙ پورهيتن سوشلسٽ ڳالهيون ڪري هنن جي اندر ۾ اميرن خلاف سندن پراڻيءَ ڪاوڙ کي تيزيءَ موافق بڻايو.

جڏهن يورپي رياستون هڪٻئي جو ماس پٽي رهيون هيون، تڏهن خندقن ۾ ڇانوٽين ۾ هٿياربند عوام جي ڪاوڙيل ۽ پريشان هجومن جا جذبا اهڙا ٿي هئا.

فيبروري 1917ع

’اسان جي پيڙهي شايد ايندڙ انقلاب جون فيصلاڪن لڙائيون ڏسڻ لاءِ زنده نه رهي،‘ اهي لفظ لينن جا هئا. جيڪي هن 1917ع جنوريءَ تي زورخ ۾ جرمن ڳالهائيندڙ نوجوان پورهيتن جي گڏجاڻيءَ کي ٻڌايا. هن اهي لفظ اهو دليل ڏيڻ کانپوءِ چيا ته انقلاب اٽڙ آهي. هن چيو ته ’يورپ انقلاب جي پيٽ سان آهي. يورپ ۾ ايندڙ سال، خاص طور تي قُرلٽ ڪندڙ جنگ سبب، پورهيت قيادت هيٺ عوامي بغاوتن ڏانهن وٺي ويندا‘.[58]

پهرين بغاوت فقط ڇهن هفتن کانپوءِ روسي سلطنت جي راڄڌاني پيٽروگراڊ ۾ ٿي.[59] زار جنهن جي طاقت 23 فيبروريءَ جي صبح تائين ناقابل للڪار لڳي پئي،[60] تنهن 2 مارچ جي صبح تي تخت ڇڏي ڏنو. انهيءَ سال جي نومبر تائين لينن جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ انقلابي حڪومت ملڪ کي هلائي رهي هئي.

ڪنهن کي به 23 فيبروريءَ تي انقلاب جي توقع نه هئي. ان ڏينهن کي سوشلسٽن ’عورتن جي بين الاقوامي ڏهاڙي‘ طور ملهايو اها روايت 1910ع ۾ جرمن سوشلسٽ عورت اڳواڻ ڪلارا Clara Zetkin طرفان ڏنل سڏ جي موٽ ۾ طئي ڪئي وئي هئي. پيٽروگراڊ ۾ زيرزمين سوشلسٽ گروهن پمفليٽن، تقريرن ۽ گڏجاڻين ذريعي اهو ڏهاڙو ملهايو ڪين اهو ڌپ هو ته سڌي ويڙهه لاءِ هي وقت مناسب ناهي.[61] پر ڪپڙي جي صنعت ۾ ڪم ڪندڙ عورت مزدورن، جن جا مڙس فوج ۾ هئا، منجهه ڪاڌي جي کوٽ سخت ڪاوڙ ۽ نفرت اهڙي هئي، جو اُهي هر حال ۾ هڙتال تي هليون ويون ۽ ڪارخاني وارن علائقن مارچ ڪيائون. بعد ۾ نوبل انجنيئرنگ ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ هڪ مزدور يادگيرير مان ٻڌايو:

اسان عورتن جا آواز ٻڌا. ’ڳريون قيمتون نامنظور!‘ ’بُک ختم ڪريو!‘ ’مزدورن لاءِ ماني ڏيو!‘.... جنگجو انداز ۾ عورت مزدورن جي هجوم قطار ناهي. اُهي جيڪي اسان کي ڏسي سگهيون، تن پنهنجا هٿ مٿي لوڏي نعرا هنيا: ’ٻاهر اچو!‘ ۽ ’ڪم بند ڪريو!‘ برف جا گولا درين مان اڇلايائون. اسان انقلاب جو ساٿ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو.[62]

ٻئي ڏينهن ان تحريڪ وڌي اڌ شهر جي چار لک مزدورن کي پاڻ سان شامل ڪري ڇڏيو ڪارخانن کان شهر جي مرڪز تائين جلوس ڪڍيا ويا ۽ نعرا ’ماني!‘ کان بدلجي ’آپيشاهي نامنظور!‘ ۽ ’جنگ نامنظور‘ تي ويا. هٿياربند پوليس احتجاج ڪندڙن تي حملو ڪيو ۽ حڪومت انهن کي ٽوڙڻ ڇڙوڇڙ ڪرڻ لاءِ شهري ڇانوڻين ۾ موجود هزارين فوجين کي استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪي محاذ تي وڃڻ لاءِ انتظار ۾ هئا. پر هڙتال ۽ مظاهرن جي چوٿين ڏينهن فوجي بغاوتن جي هڪ لهر ڇانوڻين کي ٻهاري ڇڏيو. مزدور ۽ سپاهين جا هجوم پاڻ ۾ گڏجي پيا ۽ بندوقن ۽ ڳاڙهن جهنڊن سان شهر جي گهٽين ۾ نڪري، هنن پوليس ۽ حڪومتي عملدارن کي گرفتار ڪري ورتو. صورتحال کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ ٽرين ذريعي هڪ رجمينٽ اماڻي وئي، جيڪا شهر ۾ داخل ٿيڻ سان ئي انقلاب جي پاسي ٿي وئي. زار طرفان شهر ڏانهن موٽڻ جي ڪوشش کي ريلوي مزدورن روڪي ڇڏيو. ساڳيون تحريڪون ماسڪو ۽ ٻين روسي شهرن ۾ هليون. زار جي جنرل کيس ٻڌايو ته جيسيتائين هي دستبردار نه ٿيندو تيسين ڪو به ضابطو نه ٿو اچي سگهي.

زار جي جاءِ تي ڪير اچي؟ گڏوگڏ ٻن ادارن حڪومتي ڪاروهنوار هلائڻ شروع ڪيو جيڪي پيٽروگراڊ ۾ توراڊي محل جي مختلف حصن ۾ هڪ ٻئي سان گڏ ڪم پيا ڪن. هڪ طرف زار شاهي اندر سرڪاري مخالف ڌر پراڻي رياستي دوما جا بورجوا سياستدان، جن طبقاتي بنيادن تي ٺهيل چونڊ سرشتي ذريعي ڪاروهنوار هلايو پئي ويو، جنهن نظام ملڪيتي طبقن کي اڪثريتي سيٽون ڏنيون. ٻئي طرف مزدورن جا وفد هئا، جيڪي 1905ع واري مزدور ڪائونسل يا سوويت ۾ گڏ ٿيا هئا. اهم سوال اهو هو ته انهن ٻنهي ادارن مان ڪهڙو اقتدار پنهنجي هٿن ۾ وٺندو. فيبروريءَ ڌاري دوما (Duma) ۾ موجود ميمبر، سوويتن جي رضامنديءَ سان هڪ عبوري حڪومت ناهڻ جي قابل ٿيا. آڪٽوبر ۾ سوويت اڪثريت کي پنهنجي حڪومت ناهڻي پئي.

دوما ۾ موجود اهم شخصيتون جنگ شروع ٿيڻ کان وٺي زار شاهي جون ساٿاري رهيون هيون، جن جنگي صنعتون هلائي منافعا پئي ڪمايا. پر اهي زارينا جي چوڌاري بدعنوان درٻاري ٽولي ۽ سندن تازوئي قتل ڪيل پسنديده ماڻهوءَ راسپوٽن جي اثر رسوخ تي ناراض هئا. اُنهن زار شاهيءَ جي سرشتي اندر ڪجهه ننڍا سُڌارا چاهيا پئي، پر ان تي مڪمل طور تي هٿائڻ نه پئي چاهيائون. جيئن انهن مان هڪ اهم شخصيت ودزيانڪو بعد ۾ ٻڌايو:

اعتدال پسند پارٽيون نہ صرف انقلاب نہ پئي چاهيو پر انقلاب کان ڊنل بہ هئا. خاص طور تي عوامي آزاديءَ واري پارٽي، 'ڪيڊٽ' هڪ پارٽيءَ طور اعتدال پسند گروهہ جي ڪاٻي پاسي بيٺي هئي، تنهنڪري باقي ٻين پارٽين کان وڌيڪ ملڪ جي انقلابي پارٽين سان هن جو هڪڙو نقطو ساڳيو هو سا وڌندڙ بربادي سبب باقي ٻين کان وڌيڪ پريشان هئي.[63]

انگلش، آمريڪين ۽ فرينچ انقلابن ۽ وري 1848ع ۾ جڏهن هنن تحريڪن انقلابي رستو ورتو تڏهن انهن جي ملڪيتي طبقن جا وڏا حلقا اٿل پٿلن خلاف تي بيٺا. توڙي جو انهن تحريڪن ۾ هنن ڪجهہ ابتدائي ڪردار ادا ڪيو هو. روس ۾ 1917ع ڌاري صنعتي مزدورن جي خوف، ملڪيتي طبقن کي اهو ڪم ڪرڻ کان بہ روڪي ڇڏيو. جيئن انقلاب جي منشويڪ تاريخ نويس سُخانوف لکيو تہ 'اسان جي بورجوازيءَ، ٻين جي ابتڙ، انقلاب کان هڪ ڏينهن پوءِ نہ، پر ان جي ٿيڻ کان هڪ ڏينهن اڳ عوام سان دغا ڪئي'.[64]

روڊزيانڪو ۽ مليوڪوف جهڙن دوما اڳواڻن زار جي دستبرداريءَ واري گهڙيءَ تائين خانداني بادشاهت کي سُڌارڻ جون ڳالهيون ڪيون پئي، تنهن هوندي بہ اُنهن حڪومت نامزد ڪئي، جنهن زار جي جاءِ والاري، هڪ اُها حڪومت جنهن جي اڳواڻي هڪ شهزادي ليوف ڪئي ۽ اُن ۾ وڏن زميندارن ۽ صنعتڪارن جي بالادستي هئي. اُنهن ۾ شامل فقط هڪ شخصيت جي ڪا انقلابي سڃاڻپ هئي، اهو هڪ وڪيل هو جنهن سياسي قيدين جو دفاع ڪندي نالو ڪمايو. يعني: ڪيرينسڪي.

سوويت جا مزدور وفد ابتدائي طور تي مليا. ڇاڪاڻ تہ کين پورهيتن جي مختلف حلقن جي سرگرمين جي وچ ۾ باهمي ربط قائم ڪرڻ جي ضرورت هئي. هڪ دفعو جڏهن باغي فوجي جٿن پورهيت اسيمبليءَ ۾ شرڪت لاءِ پنهنجا وفد اماڻيا تہ اها سڄي انقلابي تحريڪ جو مرڪز بڻجي وئي. اُن جي چونڊيل نميوار اداري کي شهر جو گهڻو ڪاروهنوار پنهنجن هٿن ۾ کڻڻو هو بغاوت ڪندڙ سپاهين کي کاڌ خوراڪ جي رسد مهيا ڪرڻي هئي، پراڻن پوليس ۽ سرڪاري عملدارن جي گرفتاريءَ جي نگراني، انقلابي ضابطي کي برقرار رکڻ لاءِ لشڪرن ۾ هر ڪارخاني جي ڏهن مان هڪ پورهيت کي اماڻڻ جو بندوبست ڪرڻ هڪ اخبار هلائڻ، جيڪا ماڻهن کي ٻڌائي تہ اُن وقت ڇا پئي ٿيو جڏهن سڄي پريس هڙتال تي هئي. پورهيتن ۽ سپاهين جا گروهہ بغاوت لاءِ سوويت ڏانهن مڙيا ۽ سمورو وقت سوويتون، جيڪي ملڪ جي ٻين علائقن ۾ اُسريون، تن پيٽروگراڊ سوويت سان ڳانڍاپو ڪيو پئي. عملي طور تي اها انقلاب جي حڪومت ٿي پئي، پر اها هڪ اهڙي حڪومت هئي، جنهن رسمي طاقت وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ دوما جي اڳواڻن هٿان ائين ڪرڻ لاءِ انتظار ڪيو.

سوويتن ۾ پورهيتن جي وفدن تي گهٽ يا وڌ زير زمين سوشلسٽ پارٽين جو اثر هو.

جنگ واري دور ۾ سوشلسٽن خلاف طاقت جي استعمال سان سڀ ڪجهه ڪيو ويو سندن تنظيمي ڍانچا ڍاٺا ويا، پر انهن جي خيالن جو اثر ۽ سندن قيد، جلاوطن يا زير زمين اڳواڻن جو قد ڪاٺ قائم رهيو. بهرحال انقلاب جي ابتدائي ڏينهن ۾ هنن پارٽين پنهنجي اثر رسوخ کي سوويت خلاف دليل ڏيڻ لاءِ ڪتب نہ آندو. جنهن دوما اڳواڻن هٿان چونڊيل حڪومت کي قبول ڪيو. مارڪسوادي پارٽيون، بالشوڪ ۽ منشوڪ، حڪمت عمليءَ ۽ سياسي رمزن تي لڳاتار اختلاف ڪنديون رهيون. 1905ع ۾ منشوڪن بورجوازيءَ طرفان پيش قدمي ڪرڻ لاءِ انتظار جي پاليسيءَ تي عمل ڪيو هو. جڏهن تہ بالشوڪن زور ڀريو هو تہ پورهيتن کي بورجوا انقلاب کي اڳتي ڌڪو ڏيڻو پوندو. جنگ دوران ڪيترن منشوڪن، جرمني ۽ آسٽريا خلاف روس جي دفاع لاءِ دليل ڏنا هئا، جڏهن تہ بالشوڪن ۽ 'بين الاقواميت پسند' منشوڪن جنگ لاءِ ڪنهن بہ قسم جي حمايت جي مخالفت ڪئي هئي، پر هي ٻئي ڌريون ايندڙ انقلاب جي ڪردار تي متفق هيون تہ اهو هڪ بورجوا انقلاب هوندو.

ائين پهريائين مک بالشوڪ شخصيتون استالن ۽ مولوتوف پيٽروگراڊ ۾ پهتا ۽ دوما طرفان چونڊيل عبوري بورجوا حڪومت کي قبول ڪيو. ان مان اهو پڻ لڳي ٿو تہ، اُهي جنگ جي ترت خاتمي جو سڏ بہ نہ ڏئي سگهيا. ڇاڪاڻ تہ اها هاڻي زار شاهي جي طرفان وڙهي ويندڙ جنگ نہ، پر 'انقلابي دفاع' جي جنگ ٿي پئي هئي. فقط هڪ مشهور انقلابي، جنهن انقلاب جي ڪردار بابت مختلف نقطہ نظر پيش ڪندي زور ڀريو تہ اهو هڪ پورهيت انقلاب ٿي سگهي ٿو اهو هو ليون ٽراٽسڪي. پر فيبروري ۾ هي آمريڪا ۾ جلاوطن هو ۽ سندس ڪا پارٽي نہ هئي، ان بدران هن منشوڪن ۽ بالشوڪن جي وچ ۾ هڪ ڍري سوشلسٽ گروپ سان تعلق رکيو پئي.

سوويت ڏانهن آيل پورهيت وفد نئين حڪومت جي جوڙجڪ مان خوش نہ هئا. هنن کي شهزادي ليووف ۽ ان جي چوڌاري زميندارن ۽ صنعتڪارن جي ٽولي تي ڀروسو نہ هو پر هنن ۾ اهو اعتماد بہ نہ هو تہ تجربيڪار سياسي اڳواڻن کي مارڪسزم جي واضح ۽ صاف معلومات سان ٻُڌائين تہ اُهي غلط آهن.

حڪومت لاءِ حمايت ماڻڻ جي معاملي ۾ پورهيت وفدن کان وڌيڪ سپاهين جا وفد آسان هئا. هنن جي اڪثريت اڳ ۾ ڪڏهن بہ سياسي ڪم نہ ڪيو هو. هنن جي تربيت ۽ پرورش ئي ان بنياد تي ڪئي وئي هئي تہ پاڻ کان 'برتر' جو لحاظ ڪن ۽ ٽوٽي جو سخت ڪاوڙ ۽ نفرت ڪين زار ۽ سينيئر آفيسرن جو مخالف بڻائي ڇڏيو هو پر هنن اڃان تائين پاڻ کان مٿين جي فرمانبرداري ڪئي پئي، جيڪي ڪين پاڻ وانگر ساڳئي پاسي بيٺل لڳا پئي، يعني: ڪيترائي ريجمينٽل جونيئر آفيسر ۽ عبوري حڪومت، جنهن هنن پنيان فقط هڪ بہ ڏينهن اڳ انقلاب جي ٻولي استعمال ڪرڻ سکي هئي.

عبوري حڪومت جي ناڪامي

هڪ پئي انقلاب هٿان اونڌي ٿيڻ کان اڳ عبوري حڪومت ڪي، هڪ يا ٻي صورت ۾ فقط اٺ مهينا ئي هلٽو هو. ان واقعي کانپوءِ ان جي ناڪاميءَ کي سندس حمايتين طرفان لينن جي جوڙ توڙ ۽ سازشن سان منسوب ڪيو ويو. هنن دعويٰ ڪئي تہ روس پارلياماني جمهوريت جي هڪ صورت ڏانهن وڌي سگهيو پئي ۽ بغير ڪنهن تڪيلف جي صنعتي ملڪ ٿي پوي ها، جيڪڏهن اُن کي هڪ موقعو ڏنو وڃي ها. سندن موقف کي سوويت يونين جي ڊير ٿيڻ کانپوءِ واري ڏهاڪي ۾ نئين مقبوليت ملي هئي، تنهن هوندي بہ اها ڳالهہ 1917ع ۾ اصل واقعن سان ٺهڪندڙ ناهي.

زار جي ناڪاميءَ کانپوءِ عبوري حڪومت پنيان بورجوازي قوتن هڪ رخ ۾ ڌڪ پئي ڏنو جڏهن تہ عوام جنهن انقلاب آندو تن ابتڙ رُخ ۾ ڌڪو ڏنو پئي. هر گذرندڙ هفتي سان هنن جي وچ ۾ وٿي وڌيڪ وسيع ٿيندي پئي وئي.

روسي سرمائيدارن هر ان پاليسيءَ کي جاري رکڻ جو ارادو ڪيو جنهن پيٽروگراڊ جي پورهيتن کي اپرڻ ۽ سپاهين طرفان بغاوت کي ٽيڪ ڏيڻ لاءِ سگهہ ڏني هئي. زار شاهي پنتي هٿي وئي هئي، نيم وچين دور وارو روس جرمنيءَ سان جنگ ۾ هو جيڪا دنيا جي ٻيون نمبر ترقي يافتہ سرمائيدار ملڪ هو. نتيجو وڏي پيماني تي اقتصادي اُکيڙ، محاذ وٽ اٿاهہ نقصان، شهرن کي کاڌ خوراڪ جي رسد ۾ گڙٻڙ ۽ شهري پورهيت قوت جي مفلسيءَ جنم ورتو تنهن هوندي بہ نئين حڪومت اڳ وانگر جنگ جاري رکڻ جو ارادو ڪيو. چاڪاڻ تہ روسي سرمائيدارن ڪنهن زار شاهي جنرل وانگر سلطنت کي ڪاري سمونڊ کان استنبول ۽ ميڊيٽيرين تائين پکيڙيڻ چاهيو پئي. سندن وڏيون صنعتون اجاراداري هيون، جن کي رياست جي ربط سان هلايو ويو. سندن قومي مارڪيٽ زراعت جي پسماندگي ۽ هارين جي غربت هٿان محدود ڪيا ويا هئا. تنهنڪري سندن خيال ۾ رياستي سرحدون وڌائڻ سان مارڪيٽن جي ڦهلاءَ جو ٻيو بهتر طريقو ڪهڙو هوندو؟ ڪين ٻي ڪابہ منطق نہ، پر سامراجي جنگ جي منطق نظر آئي، پلي پوءِ ان سان ڪيڏي وڏي پيماني جي تباهي ڇو نہ ٿئي. ايتريقدر جو جڏهن 'اعتدال پسند' سوشلسٽ پارٽين کي، وزيراعظم طور ڪيرنسڪيءَ سان گڏ، وزارتي عهدا ڏنا ويا، تڏهن بہ عبوري حڪومت ان عمل کي جاري رکيو. 'ايتريقدر جو عبوري حڪومت جي ڪابي ڌر جي ميمبرن ڳجهي نموني، Dardanelles ۽ اوير يورپ ۾ 'نوڪر رياستن' طور هڪ نئي سلطنت ناهڻ جي مقصدن سان اتفاق ڪيو.'[65]

فوجي پاليسيءَ ۾ تسلسل سان گڏ سلطنت جي غير روسي ڳالهائيندڙ ماڻهن ڏانهن ساڳئي پاليسي اختيار ڪئي وئي، جن جي آبادي اڌ کان وڌيڪ هئي. پولينڊ، فن ليہ ڪاڪاسس جي حصن ۽ گهٽ حد تائين يوڪراين ۾ بغاوت جون روايتون رهيون هيون. زار شاهيءَ طاقت جو استعمال ڪيو ۽ خودمختياري لاءِ ڪنهن بہ قسم

تحريڪ کي ڪچلي، انهن کي زبردستي روسي بڻايو هو. نئين حڪومت، مارڪيٽ ۾ خام مال جي رسد جي وچائجڻ واري خوف کان انهيءَ حڪمت عمليءَ کي جاري رکيو.

زار شاهيءَ ملڪ جي اڌ زمين وڏن جاگيردارن کي ڏئي ڇڏي هئي ۽ پراڻي حڪومت وڏين جاگيرن جي ورهاڱي جي ڪنهن بہ ڪوشش خلاف رياست جي سموري طاقت جو زور لڳايو. نئين حڪومت سان سرمائيدارانہ مفاد آڏاريل هئا. وزيرن سُڌارن بابت تقريرون ڪيون، پر هنن ان ڳالهہ تي زور ڀريو تہ ان وچ ۾ هارين کي انتظار ڪرڻو پوندو.

بالشوڪن سان يا انهن ڪانسواءِ سنڌن پاليسين جي معنيٰ ڪاوڙ کي وڌائڻ هو. ڪنهن بہ فيبروريءَ جي بغاوت لاءِ حڪم نہ ڏنو هو. ساڳئي ريت سڄي اونهاري ۾ ڪنهن بہ هارين کي وڏن جاگيردارن جي گهرن تي حملا ڪرڻ ۽ ٻنيون ورهائڻ جو حڪم نہ ڏنو هو. ڪنهن بہ فن لينڊ واسين، يوڪرنين يا ڪاڪاسس ۽ بالٽڪ رياستن جي عوام کي پنهنجي رياستن جا مطالبا ڪرڻ لاءِ حڪم نہ ڏنا هئا. جن ماڻهن 500 سالہ پراڻي بادشاهت کي احتجاجن هٿان ڀهندي ڏٺو، تن کي اهو ٻڌائڻ جي ضرورت نہ هئي تہ اُنهن کي بہ پنهنجين پيڙائن مان نجات ماڻڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي، خاص ڪري جڏهن انهن مان گهڻن وٽ بندوقون هجن ۽ استعمال ڪرڻ جي تربيت ٿيل هجين.

عبوري حڪومت پنهنجو پاڻ باهہ کي پڙڪايو. هن جُون مهيني ۾ پنهنجن اصل مقصدن جو ڏيک ڏنو جڏهن ان آسترين سيليسيا ۾ هڪ فوجي حملي جي ڪوشش ڪئي. هٿياربند فوجن ۾ ڪاوڙ پڙڪي پئي، خاص ڪري جڏهن ڪيرينسڪي پيهر زار شاهي ضابطو ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ حملي معيشيت ۾ انتشار کي پڻ وڌايو. قيمتون اڳئي 1914ع ۽ 1917ع جي وچ ڏاري چوٽيون تي چڪيون هيون. آڪٽوبر تائين اُهي وري پيٽيون تي ويون. شهرن ڏانهن کاڌ خوراڪ جي رسد گهٽجي وئي ۽ بُک وڌي وئي. جيئن ساڃي ڏر جي تاريخ نويس نارمن استون نشاندهي ڪئي:

روس ان ڪري بالشوڪ ڪونہ ٿيو تہ ڪو انقلاب جي ابتدا کان عوام بالشوڪ هو يا وري ان ڪري جو سوويت يا بالشوڪ اڳواڻن سازشون ڪيون. روس بالشوڪ انڪري ٿيو جو پراڻو نظام گهٽ يا وڌ اچي ڍير ٿيو جيئن لينن، بيمثال نموني، اڳڪٿي ڪئي هئي. سرءُ تائين شهرن ۾ بُک ۽ بيمارين جو راڄ هو مهانگائيءَ اجرتن جي واڌ کي روڪي ڇڏيو بيشڪ ملڪ جي سڄي معاشي زندگي بيهي رهي، جنگي شين جي پيداوار ڪِري پيئي، جنهن ڪري فوج پلي ڪٽي چاهي بہ. تہ بہ وڙهي نہ ٿي سگهي. ڪاٽيون، ريلوي، ڪارخانا کسجي ويا... اقتصادي انتشار روس کي بالشوازم ڏانهن ڌڪي ڇڏيو.

جيڪڏهن ڪو متبادل هجي ها تہ بالشوازم کي ٺاري سگهجي پيو پر سرمائيداريءَ جي ناڪاميءَ کي سيني ڏنو.[66]

پارٽيون ۽ انقلاب

بهرحال، آڪٽوبر انقلاب فقط غيرانساني قوتن جي مشيني واڌاري جو نتيجو نہ هو. انهن قوتن جي موٽ ۾ عوام، يعني: مزدورن، هارين ۽ سپاهين مخصوص ڍنگ سان ردعمل ڏيکاريو ۽ . اتي بالشوڪن ۽ لينن فيصلائتو ڪردار نڀايو. انهن ڪانسواءِ هڙتالون، احتجاج، مزدورن هٿان ڪارخانن تي قبضا، هارين طرفان جاگيردارن جي ملڪيتن تي حملا، فوجي بغاوتون ۽ غير روسي قوميتن منجهہ بغاوتون ٿين ها. پر اُهي سيئي پاٽمرادو طور تي سماج جي شعوري تبديليءَ جي ڪوشش واري اڪيليءَ تحريڪ ۾ نہ سمائجن ها.

ان بدران اُهي آساني سان هڪ ٻئي رُخ ڏانهن مُڙي وڃن ها. بيروزگار مزدورن، مايوس سپاهين ۽ منجهيل هارين کي يهودي مخالف ۽ روسي قومپرستيءَ واريءَ تحريڪ جي لهر جو شڪار ٿي وڃن ها، جن کي پراڻي نظام جي باقيات هٿي وٺرائي هئي. اهڙين حالتن هيٺ جنرل ڪارنيلوف جهڙن لاءِ يقينن ڪاميابي ممڪن هئي، جنهن آگسٽ ۾ پيٽروگراڊ ڏانهن مارچ ڪري فوجي آمريت مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. 1917ع جي روس ۾ سرمائيدار جمهوريت جي بقا جو ڪوبہ موقعو نہ هو پر ٻُکن ماريل، مايوس آبادي جي پريشانيءَ جو فائدو هڪ ساڄي ڌر طرفان آمريت مڙهڻ واري امڪان کي رد نہ ٿو ڪري سگهجي. جيئن ٽراٽسڪي هڪ ييرو تجزيو ڪيو. 1922ع ڌاري اٽليءَ ۾ جنم ورتل فاشزم آسانيءَ سان 1917ع يا 1918ع ڌاري روس ۾ ٻئي نالي سان پيدا ٿي سگهيو پئي.

فرق اهو هو تہ هڪ انقلابي سوشلسٽ پارٽيءَ انقلاب کان ڏهاڪو سال اڳ روسي مزدورن جي اهم اقليت جي وفاداري ۽ پروسو کٽي ورتو هو. ملڪ جي مجموعي پسمانده صورتحال باوجود پيٽروگراڊ ۽ ڪجهہ ٻين شهرن ۾ وڏا ڪارخانا نهي چڪا هئا. 1914ع ۾ پيٽروگراڊ جي آباديءَ جو اڌ، يعني 2 لک 50 هزار صنعتي مزدور هو. جيڪو ان وقت جي اولهہ جي ترقي يافتہ سرمائيدار ملڪن کان وڌيڪ هو.[67] انهن 1890ع کان وٺي سوشلسٽ پرچار ۽ جدوجهد لاءِ زرخيز ميدان مهيا ڪيو.

لينن (انقلاب وقت 47 سالن جو هو) پنهنجي نسل جي اڪثر سوشلسٽ اڳواڻن کان اختلاف ڪندي زور ڀريو تہ جدوجهد جو مقصد ڪاٻي ڌر جي دانشورن يا ٽريڊ يونين قسم جي تنظيمن لاءِ ٻي حرڪت حمايت کٽڻ نہ هجڻ گهرجي، پر زار شاهيءَ خلاف بغاوت جي ارادي سان پورهيت طبقي اندر ڪارڪنن جو هڪ نيٽ ورڪ ٺاهيو وڃي. ان موقف سبب لينن کي پنهنجن اڳوڻن ساٿين، جهڙوڪ: مارتوف، ڊين ۽ Axelrod سان رشتو ٽوڙڻو پيو. ٽوٽي جو انهن جي وچ ۾ متوقع انقلاب جي بورجوا ڪردار تي بظاهر اتفاق بہ هو. بالشوڪن کي ٻن مارڪسوادي پارٽين جي 'سخت گير' ماڻهن طور ڏٺو ويو جن جو گهڻو زور انقلابي پارٽيءَ کي وچولي طبقي جي دانشور يا ٽريڊ يونين ڪاروهنوار کان الڳ لڪير ڪيڍي نظرياتي معاملن تي چٽو ٿيڻ گهرجي، تہ جيئن مقصد جي چٽائيءَ تي

پهچي سگهجي. 1914ع جي اونهاري تائين بالشوڪ پيٽروگراڊ جي پورهيتن منجهہ سڀ کان وڏي پارٽي هئي، هڪ قانوني اخبار پراودا ڪيندا هئا ۽ دوما ۾ پورهيتن جي نمائندن لاءِ سڀ کان وڌيڪ ووٽ کنيائون.[68] جنگ پارٽين منجهہ اختلافن کي وڌيڪ چٽو ڪيو. بالشوڪ مضبوط نموني جنگ خلاف نڪري آيا (جيتوڻيڪ ڪيترائي لينن جي 'انقلابي شڪست پٽي' جي پٺڀرائيءَ لاءِ نہ نڪتا) ۽ سندن دوما ڊپٽيز کي جيلن ۾ واڙيو ويو. ڪيترن منشوڪن جنگ جي حمايت ڪئي، مارتوف سان جڙيل هڪ اقليت 'منشوڪ بين الاقواميت پسندن' جنگ جي مخالفت ڪئي، پر هنن اڪثريت سان لاڳاپا برقرار رکيا.[69]

1917ع جي ابتدائي مهينن ۾ پيٽروگراڊ جي پورهيتن ۽ سپاهين منجهہ بالشوڪن يا منشوڪن کان وڌيڪ اثر ٽين ڌر سماجي انقلابين (Social Revolutionaries) جو هو. اها مارڪسوادي پارٽي نہ هئي، پر روسي 'عوامي' روايت منجهان ڦٽي نڪتي هئي، جنهن هڪ طرف هارين جي مطالبن ۽ ٻئي طرف مثالي ڪارروائين هٿان انقلابي بغاوت پڙڪائڻ لاءِ دليراڻي هٿياربند اقليت جي ڪردار تي زور ڏنو (مثال طور غيرمقبول پوليس چيف جي قتل). ان جا مشهور اڳواڻ وچولي طبقي مان آيا هئا ۽ 1917ع ۾ هنن جنگ ۽ عبوري حڪومت جي حمايت ڪئي، پر ايتريقدر جو زميني سُڌارن واري پنهنجي پروگرام تي عمل ڪرائڻ ۾ ناڪام رهيا. سرءَ تائين گهٽ مشهور اڳواڻن جو هڪ تعداد 'ليفٽ سوشل رووليشنريز' حڪومت سان وڙهندڙ ڪاوڙ جي اثر هيٺ ڌار ٿي ويو هئن.

فيبروريءَ ڌاري پيٽروگراڊ سوويت ۾ بالشوڪن کان وڌيڪ سماجي انقلابين (social revolutionaries) جي وڏي طاقت هئي. بالشوڪن زار شاهيءَ جي ظلمن سبب گهٽو پوڳيو ىو. جنهنڪري ڪيترن مزدورن ۽ سپاهين نئين صورتحال ۾ پارٽيءَ جي پراڻي منفرد ڳاپي کي نہ پٽي ڏنو. ڪيترن بالشوڪ پورهيتن انفرادي طور تي فيبروريءَ واري بغاوت نمايان ڪردار نڀايو ۽ پارٽيءَ وٽ ڪارخانن ۽ پورهيت طبقن جي علائقن ۾ ڪجھ تعداد :. پٽيلوف پلانٽ ۾ 100 ڪارڪن، ويبورگ صنعتي ضلعي ۾ 500. مارچ جي ابتدا وقت مجموعي طور تي سڄي شهر ۾ 2 هزار ميمبر هئا. انقلاب دوران ان جو تعداد تيزيءَ سان يو. ائين اپريل تائين شهر ۾ سندن رُڪنيت 16 هزار تي وئي.[70] هر ٽيهن مان هڪ ھيت جي رُڪنيت بالشوڪ پارٽيءَ سان هئي. بالشوڪ جدوجهد ۽ پرچار شهر جي ڪثر ڪارخانن جي حلقن تائين پهتو. مئي جي آخر تائين بالشوڪ پارٽي پيٽروگراڊ مي حڪومت جي چونڊن ۾ 20 سيڪڙو ووٽ ماڻي سگهي (جڏهن تہ منشوڪن 3.4 سيڪڙو ۽ سماجي انقلابين 50 سيڪڙو ووٽ کنيا).[71]

پارٽيءَ جا ميمبر فيبروري ۽ مارچ ۾ عبوري حڪومت لاءِ بالشوڪ حمايت تي تهيل هئا. صورتحال فقط تڏهن چٽي ٿي جڏهن لينن اپريل ڌاري جلاوطنيءَ مان موٽي

آيو ۽ هي ڏسي سگهيو تہ روسي سرمائيداري ملڪ جو ڪوبہ مسئلو حل نہ ٿي ڪري سگهي ۽ ان جون پاليسيون مزدورن، هارين ۽ سپاهين جي حالتن کي ويتر بدتر ڪري ڇڏينديون. هن جيڪو جواب ڏنو سو ٽراٽسڪي جي موقف سان ويجهو هو جنهن کي اڳ ۾ 'آرٿوڊڪس' بالشوڪن رد ڪري ڇڏيو هو. هن نشاندهي ڪئي تہ زارشاهيءَ جو تختو انڌو ڪرڻ ۾ پورهيت طبقي فيصلاڪن ڪردار ادا ڪيو ۽ سوويت سرشتي ڪنهن بہ موجوده بورجوا حڪمرانيءَ کان وڌيڪ فيصلي سازيءَ ۾ جمهوري انداز تخليق ڪيو هو. پورهيت طبقي لاءِ سڌي ريت اڳتي وڌي پنهنجي ۽ غريب هارين جي مفادن مطابق پاليسيون مڙهڻ ممڪن هو پر ان لاءِ اولين شرط اهو هو تہ سوويتون مڪمل اختيار حاصل ڪن، پراڻي فوج ۽ پوليس جي جاءِ پورهيت لشڪر والارين، بئنڪن کي قومي مليڪت ۾ وٺن ۽ زمين غريب هارين کي ڏين.

بالشوڪ پارٽيءَ هڪ آمريت طور عمل نہ ڪيو ۽ شهر ۾ ابتدا ۾ ڪيترن پراڻ بالشوڪن لينن جي دليلن جي سخت مخالفت ڪئي. پر اُنهن ڏٺو تہ صنعتي ضلعن جهڙوڪ: ويبورگ جي ميمبرن ۾ کين جلدئي پڙاڏو مليو. هن ان ڳالهہ جي چٽيءَ ريت وضاحت ڪئي، جيڪا اُنهن اڳ ئي منجهيل انداز ۾ محسوس ڪئي پئي. هن روسي پورهيتن جي ويڙهاڪ حصن لاءِ اهوئي ڪم ڪيو جيڪو 1776ع جي ابتدا ۾ آمريڪي ڪالونين ۾ عوام لاءِ ٽام پيني جي ڪامن سينس ڪيو يا 93-1792ع ۾ پئرس واسين لاءِ مرات جي L'Ami du Peuple ڪيو هو جن دنيا جو هڪ جائزو مهيا ڪنديءَ سيني پراڻ عقيدن سان ٽڪرائيندڙ صورتحال ۾ ڪا معنيٰ پيدا ڪئي. هن عوام کي حالتن ج شڪار ڪاوڙيل وجود کان تاريخ جي سرگرم فردن طور اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪئي.

لينن کي پارٽيءَ جي وڏي تعداد کي پنهنجي پاسي ڪرڻ ۾ فقط بہ هفتا لڳا، مزدورن، سپاهين ۽ هارين کي آماده ڪرڻ ۾ وڌيڪ وقت لڳس. پهريائين تہ ڪيس پارٽ ساٿين کي عبوري حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ ۽ جنگ جي خاتمي جي ضرور بابت 'ٿڌي نموني سمجهائڻ' ڏيڻي پئي. بالشوڪ اهي مقصد اقليت طور نہ پئي ما سگهيا، جيڪي اڃان تائين پورهيتن جي اڪثريت کي پنهنجي پاسي نہ ڪري سگ هئا. عبوري حڪومت جي ورتاءَ ۽ مزدورن، هارين ۽ سپاهين جي پاڻمرادو جهدوجه يقيني بڻايو تہ 'سمجهائڻ' ڪارگر رهي. ميونسپل ۽ پارليامينٽري چونڊن ۾ پيٽروگرا بالشوڪن جو ووٽ مئي ڌاري 20 سيڪڙو کان آگسٽ ۾ 33 سيڪڙو تائين وڌيو ۽ نومبر تائين 45 سيڪڙو ٿي ويو. ماسڪو ۾ اهو جُون ڌاري 11.5 سيڪڙو هو سو سيپٽمبر تائين 51 سيڪڙو ٿي ويو. جُون جي ابتدا ۾ سڄي روسي سوويت ڪانگريہ پهريائين بالشوڪن جا 13 سيڪڙو وفد هئا. جڏهن تہ 25 آڪٽوبر تائين ٻي ڪانگ وقت اُنهن وٽ 53 سيڪڙو ۽ ٻيا 21 سيڪڙو کاٻي ڌر وارا سماجي انقلابي social revolutionaries) ڌري هنن جا اتحادي ٿي ويا.[72]

بالشوڪن هر پورهيت جدوجهد ۾ شموليت ڪئي، اجرتن ڪي مهانگائيءَ جي حساب سان وڌائڻ، بدتر حالتن کي بهتر ڪرڻ ۽ انتظاميا کي ڪارخانا بند ڪري اقتصادي انتشار ڦهلائڻ کان روڪڻ جي مسئلن تي آواز اٿاريو.[73] هنن سپاهين کي پنهنجن آفيسرن جي اختيار کي للڪارڻ ۽ هارين کي زمينون ورهائڻ لاءِ همٿايو. بالشوڪن ابتدا ڪندي ثابت ڪيو تہ مظلوم ۽ استحصال جو شڪار ماڻهن وٽ طاقت آهي ۽ سوويتن ذريعي پنهنجن مفادن مطابق سماج جي هلائڻ جي قابليت اٿن.

هر وڏو انقلاب لاهن چاڙهن ذريعي اڳتي وڌي ٿو متبادل رستن ذريعي، جن ۾ عوام سڀ ڪجهہ وچائجي وڃڻ جو جوکم کڻي ٿو. 1917ع ۾ روس ڪو استثنيٰ نہ هو. عبوري حڪومت ۽ جنرلن جي چال چلت جولاءِ ۾ پيٽروگراڊ مزدورن ۽ چانوٽيءَ ۾ شديد ڪاوڙ کي ڀڙڪايو ۽ عبوري حڪومت کي هٽائڻ لاءِ پاڻمرادو قدم کنيا ويا. پر بالشوڪ اڳواڻن (ٽراٽسڪي سميت جنهن تازو پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي هئي) درست نموني اندازو لڳايو تہ هن وقت پيٽروگراڊ ۾ اقتدار تي قبضي کي ٻين علائقن مان گهٽ حمايت ملندي ۽ ردعمل جون قوتون انهيءَ کي بهانو بڻائي شهر ۾ انقلابي تحريڪ کي اڪيلو ڪري، پوءِ تباهہ ڪرڻ لاءِ استعمال ڪنديون. هنن تحريڪ سان صاف يڪجهتي جو اظهار ڪندي، ڪنهن بہ ريت ان کي ٽيڪ ڏيڻي ۽ قابو ۾ رکڻو پوندو.

نتيجو جلدئي مثبت نہ پئي لڳو. بالشوڪن طرفان تحريڪ کي جهل يا ٽيڪ ڏيڻ انقلابي پورهيتن ۽ سپاهين منجهہ مايوسي پيدا ڪئي، جڏهن تہ ان سان بالشوڪ يڪجهتيءَ سبب عبوري حڪومت ڪيترن اڳواڻن کي گرفتار ڪري ورتو ۽ ٻين، خاص ڪري لينن، کي لڪڻ تي مجبور ڪيو. تحريڪ مٿان يلغار ڪندي عبوري حڪومت خود پنهنجي وجود سميت اُنهن قوتن لاءِ در کولي ڇڏيو جن انقلاب جي هر علامت کي تباهہ ڪرڻ چاهيو پئي ۽ جنرل ڪارنيلوف شهر ڏانهن مارچ جي ڪوشش ڪئي. اقتدار تي بالشوڪ قبضي لاءِ آخري وکن طور عجيب نموني بالشوڪن کي شهر جو انقلابي دفاع بہ ڪرڻو هو ۽ دشمنن طرفان اقتدار تي قبضي جي ڪوشش خلاف ويڙهہ ۾ عبوري حڪومت جي حمايتن سان گڏجي ڪم بہ ڪرڻو هئن. پر اهو ڪم اهڙي طريقي سان ڪرڻو هو جو حڪومت طرفان ڪنهن بہ آخري اينگهہ کي ڪوڪلو ڪري سگهجي.

تنهن ڪانپوءِ بہ 25 آڪٽوبر تي سوويت اقتدار جو قيام ڪو آخري ڪم نہ هو اها ڳالهہ چٽي هئي تہ سوويتن جي سڄي روسي ڪانگريس جي اڪثريت جنهن کي ان ڏينهن ڪوٺايو ويو سا اقتدار تي قبضي جي تائيد ڪندي، پر مُک بالشوڪ اڳواڻ، جهڙوڪ: زنوويف ۽ ڪامنيف جي مخالفت ڪئي وئي، ان بدران منشوڪ ۽ سوشل انقلابي اڳواڻن سان ڳالهين لاءِ دليل ڏنو ويو. ان جي ابتڙ، لينن ۽ ٽراٽسڪي کي يقين هو تہ دير ڪرڻ خطرناڪ ٿيندي. عوام جي وڏي تعداد کي اعتماد مليو هو تہ اُهي شيون بدلائي سگهن ٿا. هزارين سالن جي طبقاتي حڪمرانيءَ هٿان ذهن نشين ڪرايل

فرمانبرداري، لحاظ ۾ مروت جي عادتن کي شڪست ڏئي سگهن ٿا. پارٽيءَ طرفان ڪنهن بہ دير جو مطلب ٿيندو تہ اها ان اعتماد ۾ پائيوار ناهي ۽ ائين پارٽي ان اعتماد کي تباهہ ڪري ڇڏيندي. ڏينهون ڏينهن اقتصادي بحران گهرو پيو ٿئي ۽ اميد جي نااميدي ۽ مايوسيءَ ۾ تبديلي ٿيڻ جو خطرو وڌيو پئي. جيڪڏهن صورتحال ائين رهي ۽ ائين ٿيڻ ڏنو ويو تہ هاري، سپاهي ۽ ڪجهہ پورهيت متان هڪ فوجي مهم جُوءَ جي جهنڊي ڏانهن ڇڪجي نہ وڃن.

آڪٽوبر 1917ع

هڪ حوالي سان پيٽروگراڊ جي ساڳئي شهر ۾ آڪٽوبر انقلاب فيبروري انقلاب کان بلڪل مختلف هو يعني هي وڌيڪ پرامن هو. گوليون گهٽ هليون ۽ انتشار گهٽ ٿيو جنهنڪري ساڄي ڌر جا ڪجهہ تاريخ نويس ان کي 'بغاوت سان حڪومت بدلائڻ' طور بيان ڪن ٿا. بالشوڪ اڳواڻن طرفان هڪ اقليتي ڪارروائي ڪئي وئي. اصل ۾ اها ڪارروائي منظم ۽ پرامن هئي، ڇاڪاڻ تہ اها تختو اونڌو ڪرڻ (فقط انتظامي تبديلي) نہ هئي. اهو ڪو چند شخصيتن طرفان مٿان کان نہ، پر ڊانچن ذريعي منظم ٿيل عوام جي اڪثريت جنهن پنهنجين - ڀاوشن ۽ امنگن جو اظهار ڪيو انهن طرفان ڪيل ڪارروائي هئي. بالشوڪ رهبريءَ واري پيٽروگراڊ سوويت جي فوجي انقلابي ڪميٽي فيصلا ڪري سگهي پئي، جنهن کي پورهيتن ۽ سپاهين مڃيو پئي، ڇاڪاڻ تہ اها هڪ اهڙي سوويت جو حصو هئي، جنهن کي هنن پاڻ چونڊيو هو ۽ جنهن جي ميمبرن کي اُهي بدلائي سگهيا پئي. عوام ڪميٽيءَ کي اهو اختيار ڏنو جنهن جي عبوري حڪومت وٽ ڪوٺ هئي ۽ شهر ۾ چند فوجين کان ان جي حڪمن جي بجا آوري ڪرائي، ڪرينسڪي ۽ هن جي وزيرن کي ڀڄڻ لاءِ ڇڏي ڏنو.

ٽراٽسڪي 25 آڪٽوبر تي سوويت کي رپورٽ ڪيو تہ 'عبوري حڪومت جو ڪوبہ وجود نہ رهيو آهي'

اسان کي ٻڌايو ويو تہ بغاوت هڪ رتوڇاڻ کي پڙڪائيندي ۽ انقلاب کي رت جي تيز برسات ۾ ٻوڙي ڇڏيندي. هن مهل تائين هر شيءِ بنا ڪنهن رتوڇاڻ جي ٿي آهي. اسان کي هڪ بہ نقصان جي خبر نہ ملي آهي. مون کي هڪ انقلابي تحريڪ جي تاريخ ۾ اهڙو ڪو بہ مثال نہ ٿو ملي، جنهن ايڏي تعداد ۾ عوام حصو ورتو هجي ۽ جيڪو بنا رت وهائڻ جي ٿيو هجي.[74]

تنهن کان جلد پوءِ، لينن ٽن مهينن جي لِڪَ (پوشيدگي) مان ٻيهر ظاهر ٿيندي چيو تہ:

هاڻي روس جي تاريخ ۾ هڪ نئين دور جي ابتدا ٿئي ٿي... اسان جي روزمرهہ جي ڪمن مان هڪ جنگ جو جلد خاتمو آڻڻ آهي. پر جنگ کي ختم ڪرڻ خاطر... اسان جي سرمائيداريءَ کي پنهنجو پاڻ فتح ڪيو وڃي. ان ڪم ۾ سڄيءَ دنيا جي پورهيت طبقي جي

تحريڪ اسان جي مدد ڪندي، جيڪا اڳ اٽلي، جرمني ۽ انگلينڊ ۾ ٿيڻ شروع ٿي آهي.... اسان وٽ عوامي تنظيمي سگهه آهي، جيڪا هر شيءِ کي فتح ڪندي ۽ پورهيتن کي عالمي انقلاب ڏانهن آڻيندي. روس ۾ اسان کي جلدئي اڳتي وڌي هڪ پورهيت سوشلسٽ رياست جي تعمير ڪرڻ گهرجي- عالمي سوشلسٽ انقلاب زندهه باد. [75]

جيڪو ڪجهه ٿيو پئي، سي يادگار لمحا هئا. 93_1792ع ۾ پئرس جي پورهيت عوام وچولي طبقي جي سڌار پسند حلقي کي اقتدار ڏياريو هو پر بعد ۾ ڏنائون ته اهائي طاقت سندن خلاف ٿي پئي ۽ پوءِ کين رجعتي قوتن نيڪالي ڏئي ڇڏي. 1848ع ۾ انهيءَ عوام جي نسل مان پيدا ٿيل ٻارن فيبروريءَ ۾ پنهنجن ڪجهه نمائندن کي زوري حڪومت ۾ آندو پر جُون مهيني ۾ سندن ڪوس ڪيو ويو. وري 1871ع ۾ عوامي قوتون اڳتي وڌيون ۽ مختصر وقت لاءِ اقتدار ورتائون، پر فقط هڪ شهر ۾ سو به فقط ٻن مهينن لاءِ. پر هن ڀيري مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي هڪ ڪانگريس 160 ملين آباديءَ واري ملڪ ۾ رياستي اقتدار ماٿيو هو جيڪو پئسفڪ ساموندي ڪناري کان بالٽڪ تائين ڦهليل هو. بيشڪ سندن ايجنڊا عالمي سوشلزم هئي.

انقلاب گهيري هيٺ

انقلاب جي اڳواڻن کي چڱيءَ ريت خبر هئي ته جيڪڏهن انقلاب فقط روسي سلطنت جي سرحدن تائين محدود رهيو ته کين وڏن مسئلن کي منهن ڏيڻو پوندو. انقلاب ڪامياب ٿيو جو پيٽروگراڊ ۽ ڪجهه ٻين شهرن جو پورهيت طبقو دنيا جي سڀ کان وڏن ڪارخانن مان ڪجهه ۾ سرگرم ۽ يڪجا هو جتي انتظامي ۽ رابطن جا مرڪز هئا. پر تنهن هوندي به اها آباديءَ جي ننڍي اقليت هئي. هارين جي وڏي تعداد انقلاب جي حمايت ڪئي، ان ڪري نه جو اهي سوشلسٽ هئا، پر اِن لاءِ ته اُن کين ڪلاسڪ بورجوا انقلاب وانگر ساڳيون حاصلاتون آڇيو يعني زمين جي ورهاست. جنگ هٿان پيدا ٿيل اقتصادي بحران، صنعت کي اڳئي لولو لنگڙو ڪري ڇڏيو ۽ شهرن ۾ ٻُڪ پيدا ڪئي. مانيءَ وارو راشن 300 گرامن تائين گهٽجي ويو ۽ عوام لاءِ سرسري طور تي ڏهاڙي توانائي فقط 1500 ڪيلريز تائين پهتي. [76] صنعتي پيداوار کي نئين سر منظم ڪري شيون ٺاهڻ جيڪي هارين کي آماده ڪن ته اُهي شهرن لاءِ کاڌو مهيا ڪن. ۽ پورهيتن جي ڪميٽين طرفان هر هڪ ڪارخاني جي انتظاميا جي نگراني واري مسئلي کي منهن ڏيڻ جهڙا جبل جيڏا ڪم ڪرڻا پين. اهو فقط تڏهن ٿي سگهيو پئي، جڏهن انقلاب کي صنعتي طور تي ترقي يافته ملڪن جي ٻين انقلابن جي مدد ملي.

اهوئي خيال هو ته جنگ اهڙن انقلابن کي جنم ڏيندي، جنهن ڳالهه لينن کي پنهنجي پراڻي موقف کي ڦٽو ڪرڻ تي آماده ڪيو ته روس ۾ انقلاب فقط هڪ بورجوا انقلاب ئي ٿي سگهي ٿو. 1906ع ۾ هن تنبيهه ڪئي هئي:

هڪ سوشلسٽ انقلاب لاءِ اقتدار تي قبضو ڪرڻ جو خيال بيهودو ۽ نيم انارڪي آهي. روس جي اقتصادي واڌاري جي سطح ۽ پورهيتن جي وسيع تنظيم پورهيت جي ترت ۽ مڪمل نجات ڪي ناممڪن بڻائي ڇڏيو آهي.... ڪوبہ ماڻهو جيڪو سياسي جمهوريت کان هٽي سوشلزم تائين ڪنهن ٻئي رستي سان پهچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو سو لازمي طور تي اهڙن نتيجن تي پهچندو جيڪي اجايا ۽ رجعت پسندانہ آهن.[77]

هن پنهنجو خيال بدلائي ڇڏيو هو ڇاڪاڻ تہ جنگ جنهن سڄي روس کي بغاوت ڏانهن ڌڪي ڇڏيو هو تنهن (جنگ) جا يورپ جي ٻين علائقن ۾ بہ ساڳيا اثر ٿيا. جيئن لينن 1918ع جي جنوريءَ ۾ زور ڀريو هو تہ 'جرمن انقلاب ڪانسواءِ اسين برباد ٿي وينداسين'.[78] بين الاقوامي انقلاب ۾ ايمان هڪ خواب يا خوشفهمي نہ هئي. جنگ اڳ ئي روس جهڙيون بغاوت اپاري ڇڏيون هيون. توڙي جو انهن جو پيمانو ننڍو هو فرانس ۽ برطانيا جي فوجن ۾ ۽ جرمن بحريا ۾ 1917ع جون بغاوتون. خوراڪ گهٽائڻ خلاف بہ لک جرمن ڏات ـ مزدورن طرفان هڙتال. 1917ع جي آگسٽ ۾ تورن (شهر) ۾ پورهيتن ۽ سپاهين جي وچ ۾ پنجن ڏينهن جي ويڙهہ[79] برطانيا ۾ غيرقانوني انجنيئرنگ ۽ ڪاٽيون ڪوٽيندڙن جي هڙتالن ۽ 1916ع جي عيسائي مذهبي ڏهاڙي دوران ڊبلن ۾ ريپبلڪن جي بغاوت سميت وڏي هلچل پيدا ٿي.

جنگ جي مخالفت هاڻي سڄي يورپ ڪنڌ ۾ ٿيڻ لڳي. جرمنيءَ ۾ جنگ جي حامي سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي (ايس پي ڊي) امن جي جذبن جو اظهار ڪرڻ تي پنهنجي پارلياماني پارٽيءَ جي ڪجھ حصي کي خارج ڪري ڇڏيو هو جن پنهنجي هڪ الڳ پارٽي 'آزاد سماجي جمهوريت پسند' (Independent Social Democrats) ٺاهي. برطانيا ۾ مستقبل جي ليبر پارٽي اڳواڻ رامسي ميڪ ڊونالڊ ليڊس ۾ پورهيتن جي وفدن جي ڪنوينشن جي صدارت ڪئي، جن امن چاهيو پئي.

پر انقلاب هڪ ئي وقت تائيم ٽيبل مطابق نہ ٿيا. بحرانن ۾ قاتل هڪ نظام جي عام دٻائن مختلف علائقن ۾ ساڳي ڪاوڙ ۽ نفرت کي پيدا ڪيو. بهرحال، انهن جون نوسر صورتون ۽ سندن وقت جو انحصار مقامي حالتن ۽ روايتن تي هو. روس جي پسماند هاري معيشيت ۽ ان جو دقيانوسي رياستي ڍانچو ان جي وڏي سلطنت کي 1917ع ۾ اولهہ ۽ مرڪزي يورپي رياستن کان اڳ ڊاهي وڌو. جڏهن تہ يورپ جا ٻيا ملڪ اڳئي 1649 کان 1848ع تائين گهٽ ۾ گهٽ جزوي طور تي انقلابن جي سلسلن جي نتيجي طور جديد ۽ صنعتي ٿي چڪا هئا. انهن سيني وٽ مختلف سطحن تائين مجيل پارلياماني سوشلسٽ پارٽيون ۽ ٽريڊ يونين ڪامورا شاهيون هيون، جيڪي موجوده سماجي ڍانچي ۾ جڪڙيل هيون، پر وڏي پيماني تي پورهيتن جي پرتن ۾ ساک هئن. جڏهن تہ روس ۾ ا جي کوٽ هئي.

1918ع جي جنوريءَ ۾ هڙتالن جي هڪ لهر آسٽريا ـ هنگريءَ ۽ جرمنيءَ کي ٻهار

چڏيو جنهن ۾ ويانا ۽ برلن (شهرن) جي ڏهه لک ڏاتوءَ جي مزدورن شرڪت ڪئي. انهن هڙتالن کي وڏي حد تائين روسي انقلاب متاثر ڪيو ۽ مٿن پوليس طرفان سخت حملا ڪيا ويا. تنهن هوندي به برلن جي پورهيتن کي اڃان تائين جنگ جي حامي ايس پي ڊي جي اڳواڻن ايبرٽ ۽ شيڊمن مان ڪافي خوش فهميون هيون، جن کي هڙتالي ڪميٽيءَ ۾ جاءِ ڏني وئي. هنن پنهنجي اثر رسوخ کي استعمال ڪري هڙتال کي کوکلو ڪيو ۽ ان جي شڪست کي يقيني بڻايو.

بريسلائو جي جيل ۾ قيد روزا لڪسمبرگ ڪارل ڪائوتسڪيءَ جي زال لوئز ڏانهن 24 نومبر تي هڪ خط ۾ روس کي پيش ايندڙ خطرن بابت اڳڪٿي ڪئي هئي:

چا توهان روسين بابت خوش آهيو؟ بيشڪ اُهي پنهنجو پاڻ کي هنن جادوگرن جي وچ ۾ سنڀالڻ جي قابل نه ٿيندا. ان ڪري نه ته ڪو روس ۾ اقتصادي ترقيءَ بابت انگ اکر ان جي پسماندگيءَ کي ظاهر ڪن ٿا، جيئن تنهنجو ذهين مڙس پُڌائيندو آهي، پر ڇاڪاڻ ته انتهائي ترقي يافته اولهه ۾ موجود سوشل ڊيموڪريسيءَ ۾ قابل افسوس ۽ خسته حال هجوم آهن. جيڪي خاموشيءَ سان ڏسندا ۽ روسين کي رت ڳاڙي مرڻ ڏيندا.[80]

جنوريءَ ۾ جرمن سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي ورتاءَ هن جي خدشن کي سچو ثابت ڪيو. جرمن هاءِ ڪمانڊ پولش سرحدي شهر بريسٽ لتوسڪ وٽ ڳالهين ۾ انقلابي حڪومت کي چتاءُ ڏنو هو ته، جيڪڏهن اها جرمنيءَ کي روسي يوڪرائين جون وسيع ايراضيون نه ڏيندي، ته جرمن فوج روس ڏانهن وڌيڪ اڳرائي ڪندي. روسي انقلابي حڪومت جرمنيءَ جي پورهيتن ۽ سپاهين کي اپيل ڪندي محاذ وٽ سڄيءَ جرمنيءَ ۾ لکين ليفليٽ ورهايا، پر هڙتالي تحريڪ جي شڪست سان جرمن فوج جي نرت انقلابي ٽوڙ جو موقعو ختم ٿي ويو ۽ ان جون فوجون سوين ميل اڳتي نڪري آيون. الشوڪ پارٽيءَ اندر ۽ سوويتن ۾ سخت بحث ٿيندو رهيو ته ڇا ڪيو وڃي. بخارين ۽ کاٻي سماجي انقلابين (left social revolutionaries) ۾ بنهي جرمنيءَ خلاف انقلابي جنگ ۽ دليل ڏنا. لينن جرمنيءَ طرفان ڏنل چتاءَ کي مڃڻ لاءِ دليل ڏنا، ڇاڪاڻ ته بالشوڪن ٽ فوجون ئي نه هيون، جن سان هڪ انقلابي جنگ وڙهن. ٽراٽسڪيءَ انقلابي جنگ ۽ تاءَ کي قبولڻ خلاف دليل ڏنا ان اميد سان ته جرمنيءَ ۾ ٿيندڙ واقعا مسئلي کي حل ڪندا. آخر ۾ لينن اڪثر بين بالشوڪن کي قائل ڪيو ته چتاءَ کي تسليم ڪرڻ ئي يقت پسندانو گس آهي. کاٻيءَ ڌر جي سماجي انقلابين حڪومت تان استيعفيٰ ڏئي ي ۽ بالشوڪن کي حڪومت هلائڻ لاءِ اڪيلو ڇڏي ڏنائون.

امن جي موٽ ۾ جرمنيءَ طرفان سخت شرط مڙهي روس کي تباهه ڪيو ويو. ڪرائين ۾ روس جي ڪوئلي جو وڏو ذخيرو هو ۽ اهوئي اناج جو وڏو وسيلو هو. روس ۾ ڻ جي کوٽ سبب صنعتي پيداوار ڪِري پيئي ۽ شهرن ۾ خوراڪ جي کوٽ اڳ کان

ويتر خراب ٿي وئي. پيٽروگراڊ ۾ 27 جنوريءَ تي خوراڪ 150 گرام تائين گهٽائي وئي ۽ 28 فيبروريءَ تي فقط 50 گرام ڏني وئي. پيٽروگراڊ جي پورهيت طبقي جن انقلاب آندو هو تن مٿان اُن جو اثر تباهه ڪن ٿيو. اپريل تائين شهر جي ڪارخانن جي پورهيت قوت 1917ع جي جنوريءَ جي 40 سيڪڙو سطح تائين گهٽجي وئي. وڏا ڏاتن وارا ڪارخانا، جيڪي 1905ع کان وٺي پورهيت تحريڪ جي ريڙهه جي هڏي رهيا هئا، تن سڀ کان وڌيڪ پوڳيو. 1918ع جي پهرين ڇهن مهينن ۾ ڏهه لک کان وڌيڪ ماڻهن کاڌ خوراڪ جي ڳولا ۾ هجرت ڪئي، 'مهينن اندر سُرخ پيٽروگراڊ جا پورهيت، جن انقلاب لاءِ سڄي روس کان وڌيڪ نمايان ڪردار نڀايو هو سي وڏي تعداد ۾ قتل ڪيا ويا'.[81]

پورهيت جيڪي باقي روس کي انقلاب ڏانهن وٺي وڃڻ جي قابل ٿي سگهيا پئي، ڇاڪاڻ ته پيداواري عمل ۾ سندن اسٽريٽجڪ ڪردار هو پر هاڻي هنن جو اهو ڪردار ئي نه رهيو. جن ادارن کي هنن پلٽي ڇڏيو هو يعني سوويتون سي اڃان تائين موجود هيون، پر سوويتن ڪارخانن سان پنهنجن رشتن کي وڃائي ڇڏيو.

انقلاب لاءِ جوش جذبو قائم رهيو مزدورن، سپاهين ۽ هارين جا هجوم بالشوڪ پارٽيءَ ۾ اچڻ لڳا. جتي ڪين پورهيت طبقي جي سوشلسٽ آدرشن دليراڻن ڪمن لاءِ اتساهيو. انهيءَ ولولي ٽراٽسڪيءَ کي جادوءَ ذريعي هڪ نئين ڏهه لک سرخ فوج گڏ ڪرڻ جي قابل بڻايو جنهن جو مرڪزي حصو 1917ع جي پورهيت لشڪرن مهيا ڪيو پر سوويتون، پارٽي ۽ سرخ فوج هاڻي وڌيڪ هڪ جاندار پورهيت طبقي جو حصو نه رهيا. ان بدران اُهي جيڪبن ازم جو جديد نمونو بڻجي پيا. 1790ع واري فرينچ انقلاب کي بورجوا انقلابين جي آدرشن ڏڪيو جڏهن ته روسي انقلاب جي نئين نموني کي پورهيت طبقي جي سوشلزم ۽ عالمي انقلاب جي آدرشن ڏڪيو پئي.

جيئن سال 1918ع اڳتي وڌيو تيئن انهن آدرشن لاءِ ويڙهه ڏکي ٿي پئي. جرمني طرفان يوڪرائين کسڻ کانپوءِ جُون ۽ جولاءِ ۾ برطانوي ۽ فرينچ حڪومتن طرفان روس مٿان حملن جي رٿابندي ڪئي وئي. اٽڪل 30 هزار چيڪوسلاويڪ فوجون (آسٽرو - هنگرين فوج جا قيدي جن کي چيڪ قومپرستن اينگلو - فرينچ - روسي پاسي وڙهڻ لا منظم ڪيو هو) تن ٽرانس - سائبرين ريلوي سان گڏ شهرن جو ڪنٽرول کسي روس کي اڌواڌ ڪٽي ڇڏيو. انهن جي تحفظ هيٺ ساڄي ڌر وارن سوشل انقلابين ۽ منشوڪ ساراتوف (شهر) ۾ هڪ حڪومت جوڙي، جنهن گهٽيءَ ۾ گهمنڊڙ ڪنهن به مشڪو بالشوڪ کي قتل ڪري پئي ڇڏيو.[82] ٻئي پاسي جاپاني قوتن پئسفڪ سمونڊ ڪنا تي ولاديوستوڪ جو ڪنٽرول کسي ورتو. برطانوي فوجون مرمنسڪ ۾ اتر پاسي لٿيو ۽ ڏکڻ ۾ باڪوءَ جو ڪنٽرول پڻ حاصل ڪري ورتائون. ساڳين مهينن ۾ کاٻيءَ ڌر وا سوشل انقلابين بريسٽ - لٽوسڪ جي امن معاهدي کي تباهه ڪرڻ ۽ طاقت جي زور ت اقتدار کسڻ جي ڪوشش طور پيٽروگراڊ ۾ جرمن سفير کي قتل ڪري ڇڏيو جڏهن

ساجيءَ ڏر وارن سوشل انقلابين بالشوڪ مقرر وولوڊرسڪي کي قتل ۽ لينن کي زخمي ڪري وڌو.

هڪ طرف ٻاهريون گهيرو ۽ ٻئي طرف اندروني دهشتگردي ۾ رد ـ انقلاب جي ڪوشش، انقلابي حڪومت جي ڪردار ۾ تبديلي آندي هڪ انارڪسٽ مان بالشوڪ بڻيل وڪٽر سيرگي 1928ع ۾ لکيل پنهنجي ڪتاب "روسي انقلاب جو پهريون سال" ۾ انهيءَ تبديلي جو ذڪر ڪيو آهي. هن لکيو ته:

ريپبلڪ ۾ اندروني جمهوريت جو هڪ پورو نظام آهي. پورهيتن جي آمريت اڃان تائين هڪ پارٽيءَ يا هڪ مرڪزي ڪميٽيءَ يا چند فردن جي آمريت ۾ تبديل نه ٿي آهي، ان جو ڍانچو پيچيده آهي. هر هڪ سوويت، هر هڪ انقلابي ڪميٽي، هر هڪ بالشوڪ پارٽيءَ يا کاٻي ڏر وارن سوشل انقلابين جي ڪميٽيءَ پاڻ وٽ ڪجهه حصو رکيو ۽ ان کي پنهنجي انداز ۾ هلايو پئي.... (سڄي روسي سوويت ايگزيڪيوٽو جي) گڏجاڻين دوران سيني قانونن تي بحث ڪيو ويجي ٿو، جن ۾ تمام گهڻي دلچسپي ورتي ويجي ٿي. هتي حڪومت جا دشمن آزاد اظهار جو مزو ماڻين ٿا. اهو عمل پارلياماني آزاديءَ کان وڌيڪ آهي.[83]

هاڻي اهو سڀ بدلجڻ شروع ٿئي ٿو:

ڪولاڪس (امير هارين) جي بغاوت ۾ (کاٻن سوشل انقلابين سان) سوويت اتحاد جي ڌهڻ سان گڏوگڏ اتحادين جي مداخلت ريپبلڪ جي سلامتيءَ لاءِ خطرو پيدا ڪري ڇڏيو. پورهيت آمريت مجبور ٿي پنهنجي جمهوري سازسامان کي فوري طور تي ڦٽو ڪيو. ڏڪار ۾ مقامي انتشار هٿان مجبور ڪميسارين جي هٿن ۾ طاقت جمع ٿيڻ لڳي..... سازشن هڪ اندروني دفاع جو طاقتور ڍانچو اڏڻ تي مجبور ڪيو. قتلن، هاري بغاوتن ۾ موتمار خطري دهشت جي استعمال تي مجبور ڪيو. رد ـ انقلاب جي سوشلسٽن کي غيرقانوني قرار ڏيڻ ۾ انارڪسٽن ۾ کاٻي ڏر جي سماجي انقلابين کان عليحدگي ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سياسي هڪ هٽي پيدا ٿي پئي..... انهيءَ خال ۾ سوويت ادارن، مقامي سوويتن کان ويندي Vee-Tsik (سڄي روسي ايگزيڪيوٽو) تائين ۾ عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل ڪاروهنوار هلايو پئي.[84]

انهيءَ مرحلي تي انقلابي حڪومت پهرين ڀيرو منظم طريقي سان دهشت جي استعمال لاءِ ڦيرو ڪاڌو. 'سفيد' رد ـ انقلابين ڏيکاريو هو ته ڪنهن به مشڪوڪ انقلابيءَ ڏسندي گولي هڻي ڇڏڻي آهي. آڪٽوبر ۾ جڏهن اُهي ماسڪو تي قبضو ڪرڻ لاءِ ميا ته ائين ئي ڪيائون ۽ فن لينڊ ۾ جنوريءَ ڌاري هڪ سوشل ڊيموڪريٽڪ بغاوت ، دٻائڻ کانپوءِ 23 هزار 'سُرخن' کي قتل ڪيو ويو.[85] هاڻي انقلابين محسوس ڪيو ته ءَ جو جواب ڏيڻ کانسواءِ وٽن ڪو گس ناهي. مشڪوڪ رد ـ انقلابين کي گوليون ڻ ۽ بورجوا کي يرغمال ڪرڻ جهڙا طريقا استعمال ڪيا ويا، جو انقلاب جي هر

مخالف جي دل ۾ خوف پيدا ڪري سگهجي. اهڙيون سرگرميون هاڻي انقلابي ڪم جو مجيل حصو ٿي چڪيون هيون، تنهن باوجود Solzhenitsyn جي Gulag Archipelago جهڙين لکڻين ذريعي جيڪو تاثر پيدا ڪيو ويو سو 1929ع کان اڳتي اسٽالن طرفان استعمال ڪيل دهشت کان بلڪل مختلف هو. اهو رد ـ انقلاب جو حقيقي، نه ڪي تصوراتي ڪارروائي جو ردعمل هو ۽ هڪ ڀيرو گهرو جنگ ختم ٿيڻ کانپوءِ 1921ع ۾ اهو سلسلو ختم ٿي ويو.

انقلابي حڪومت سڀني مصيبتن سامهون ڄمي بيٺي رهي ۽ خطرناڪ ڏکيائين باوجود، سڄي روسي سلطنت جي غريب طبقن مان حمايت حاصل ڪرڻ جي اهل هئي. ان اڪيلي سر پورهيتن کي اميد ڏني، غريب هارين کي زمين جي ضمانت ڏني، سفيد فوجن سان گڏ ڪم ڪندڙ يهودي مخالف ٽولن خلاف مزاحمت ڪئي ۽ ان کي غير روسي قوميتن لاءِ خودمختياري ڏيڻ ۾ ڪو ڊپ نه ٿيو.

تنهن هوندي به سمورو وقت اُهي جن انقلابي حڪومت جي سرواڻي ڪئي ۽ هزارين رضاڪار جن ان جي پيغام کي ڦهلائڻ لاءِ زندگيون جوکم ۾ وڌيون، تن گهربل مدد جي اميد ۾ اولهه يورپ جي صنعتي ملڪن ڏانهن نيهاريو پئي.

باب ٽيون

يورپ ۾ افراتفري

جرمن نومبر

اولهہ ۾ انقلابي اُڀار کي اچڻ ۾ ڪو گهڻو عرصو نہ لڳو. روسي آڪٽوبر کان فقط 12 مهينا پوءِ اهو سلسلو شروع ٿيو. توڙي جو ٻُبک ۽ جنگ ۾ بدحال روس لاءِ اهو بہ ڏکهو عرصو هو.

بريسٽ ـ لٽوسڪ معاهدي هيٺ جرمن سلطنت طرفان تمام ڳرن شرطن روس جي حاڪمن کي ساهي پٽڻ جي گنجائش ڏني، پر سا بہ مختصر. 1918ع جي مارچ ۾ هڪ وڏو ۽ خونخوار حملو جرمن فوجن کي فرانس ۾ 1914ع واري قبضي کان وڌيڪ اڳتي وٺي ويو پر پوءِ اُها بيهي رهي. وري آگسٽ ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ هڪ ٻي ڪوشش ڪئي وئي، پر ناڪام ٿي ۽ پوءِ وري جرمن فوج جي پٺتي هٽڻ جو وارو آيو. اُن وٽ بچت ۾ افرادي قوت جي کوٽ ٿي پيئي، جڏهن تہ جنگ ۾ سال اڳ آمريڪا جي داخل ٿيڻ سان اينگلو ـ فرينچ ڌر کي تازي فوج ۽ سامان جي وڏي رسد ملي وئي. جرمن هاءِ ڪمانڊ خوفزده ٿي وئي ۽ لڊنڊورف کي نفسياتي طور تي وڏو ڌڪڪو لڳو.[86] سيپٽمبر جي آخر ۾ هن فيصلو ڪيو تہ تڪڙي جنگ بندي ڪرڻي پوندي ۽ انهيءَ ذميواريءَ کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ قيصر (جرمن بادشاهہ) کي قائل ڪيائين تہ هڪ بہ سوشل ڊيموڪريٽ وزيرن کي شامل ڪندي، هڪ نئين حڪومت مقرر ڪري، پر جنگ کي بند ڪرڻ ايترو آسان نہ هو. جنهن گڏيل چار سالن تائين سڄي يورپ کي برباد ڪري ڇڏيو هو. رقيب سامراجين، خاص طور تي فرانس جي، کي ڪجهہ ماس کپيو ٿي، جيئن سال اڳ جرمن سامراجيت روس کان مطالبو ڪيو هو. هڪ مهيني تائين جرمن حڪومت اهڙي قيمت چڪائڻ کان لنوائڻ جي ڪوشش ڪندي ۽ ساڳئي رتوڇاڻ سان جنگ جاري رکي. برطانوي، فرينچ ۽ آمريڪي فوجون فرانس ۽ بيلجيم ۾ جرمنيءَ جي قبضي هيٺ آيل علائقي ۾ گهڙي آيون. بالڪن ۾ هڪ گڏيل برطانوي، فرينچ، سربين، يوناني ۽ اٽليءَ جي فوج آسٽرين فوج جي تڏا ويڙهہ ڪري ڇڏي.

1200 سال اڳ جنم ورتل رومن سلطنت جي وارث پڳل ٽٽل آسٽرو ـ هنگرين گهڻ قومي بادشاهت جي سهپ کان دباءُ تمام گهڻو هو. ان جي فوج ڍير ٿي پئي ۽ قومي اقليتن جي وچولي طبقي جي اڳواڻن وڏن شهرن جو ڪنٽرول ڪسي ورتو. چيڪ ۽ سلوويڪ پراگ، برنو ۽ براٽسلاوا تي قبضو ڪيو. متحد 'يوگوسلاو' ڏکڻ سلاف جي حمايتن

زگريب ۾ سراجيوو تي قبضو ڪيو. لبرل نواب مائيڪل ڪيرولي جي سرواڻي هيٺ هنگرين بڊاپيسٽ تي قبضو ڪيو. ۾ پولش واسين ڪراڪو جو ڪنٽرول حاصل ڪيو. ويانا جي گهٽين ۾ وڏن هجومن هڪ ريپبلڪ جو مطالبو ڪندي، سامراجي علامتن کي ڊاهي ڇڏيو.[87] آسٽريا جي جرمن ڳالهائيندڙ علائقي ۾ اقتدار بورجوا پارٽين سان گڏ هڪ سوشل ڊيموڪريٽ اتحاد جي هٿن ۾ هليو ويو.

جرمنيءَ جي پنهنجي هاءِ ڪمانڊ (اعليٰ قيادت)، ذلت واري ناڪاميءَ کان بچڻ لاءِ پنهنجي بحري فوج کي برطانيا خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ان اميد سان ته اوچتو نقصانن جو ازالو ڪندي کين بحري فتح ملي پوندي، پر ان جي بحري فوج اهڙي يقيني موت لاءِ تيار نه هئي. سال اڳ سندن بغاوت کي ڪچليو ويو هو ۾ انهن جي اڳواڻن کي موت جون سزائون ڏنيون ويون هيون، ڇاڪاڻ ته هي غيرمتحرڪ ٿي پيا ۾ فقط هڙتال ڪئي هيائون. جنهنڪري آفيسرن ۾ فوجي پوليس کين واپس ڏڪ هٽڻ جي قابل ٿي پئي. هن پيري هنن ساڳي غلطي نه ڪئي. ڪِيل (علائقي جو نالو) ۾ سپاهين پنهنجو پاڻ کي هٿياربند ڪري، بندرگاهي هڙتالن سان گڏ شهر جو مارچ ڪيو پنهنجن مخالف کي بي هٿيار ڪري، هڪ سپاهي ڪائونسل قائم ڪئي. ائين ڪندي هنن سڄي جرمنيءَ لاءِ روشنيءَ جو هڪ ڏيئو ٻاريو.

مزدورن ۾ سپاهين جي وڏن هجومن بريمين، هيمبر گ، هين اوور، ڪالونگ، ليپزگ، ڊريسڊن ۾ ٻين ڪيترن شهرن جو ڪنٽرول ماڻي ورتو. ميونخ ۾ هنن شاهي محل تي قبضو ڪيو ۾ هڪ جنگ مخالف سڌارپسند سماجواد ڪرٽ ايزنر کي ’آزاد بويرين رياست‘ جو وزيراعظم ڪري ڇڏيو. 9 نومبر تي برلن جو وارو آيو. بندوقن ۾ ڳاڙهن جهنڊن سان مزدورن ۾ سپاهين جي جلوسن راڄڌانيءَ کي ٻهاري ڇڏيو. تازوئي آزاد ٿيل جنگ مخالف انقلابي ڪارل لبنخيت شاهي محل جي بالڪنيءَ مان هڪ ’سوشلسٽ ريپبلڪ‘ ۾ ’عالمي انقلاب‘ جو اعلان ڪيو. ٻين کان پٺتي رهجڻ کان بچندي قيصر جي گذريل حڪومت ۾ جنگ جو حمايتي رهندڙ ايس پي ڊي وزير شيڊمن شاهي پارليامينٽ جي بالڪنيءَ مان هڪ ’ريپبلڪ‘ جو اعلان ڪيو. قيصر هالينڊ ڀڄي ويو ۾ ٻن سوشل ڊيموڪريٽ پارٽين ’عوامي ڪميسارن‘[1] جي ’انقلابي حڪومت‘ جي تجويز 1500 مزدورن ۾ سپاهي وفدن جي هڪ اسيمبليءَ کان منظوريءَ لاءِ پيش ڪئي. اهو عمل ان حقيقت جي علامت هو ته هاڻي جرمنيءَ ۾ جرمنيءَ جي قبضي هيٺ آيل بيلجيم، ۾ هر هنڌ سياسي طاقت، سپاهين ۾ مزدور ڪائونسلن وٽ آهي. انقلاب جي قوتن اهڙين ڪائونسلن، يا سوويتن ۾ پاڻ کي مجسم ڪيو جن کي ڏسي لڳو پئي ته انهن سڄي اترئين يوريشيا کي اتر سمونڊ کان اتر پئسفڪ تائين لوڏي ڇڏيو آهي.

---

[1] ڪميونسٽ پارٽيءَ جو عملدار جيڪو فوجي يونٽ ۾ پارٽي اصولن جي سکيا لاءِ ذميوار هوندو هو

پر جرمن ڪائونسلن انقلابي اختيار اهڙن ماڻهن کي ڏنا. جن جو انهن اختيارن کي انقلابي مقصدن لاءِ ڪتب آڻڻ جو ارادو ئي نہ هو. نئين وزيراعظم ايبرٽ کي 24 ڪلاڪن اندر فوجي اعليٰ قيادت جي جنرل گرونير طرفان فون ٿي، ٻنهي هنڊينبرگ (جيڪو جنگي 'آمر' هو) جي حمايت سان ان ڳالھ تي اتفاق ڪيو تہ. فوج ۾ ضابطو بحال ڪجي، تہ جيئن فوج سماج ۾ مجموعي طور تي نظم و ضبط بحال ڪرائي سگھي.[88]

سوشل ڊيموڪريٽ سياستدان جيڪي سرمائيدار رياست معرفت سڌارن لاءِ وڙهندا رهيا هئا تن لازمي طور تي رياست جي حمايت ڪئي جڏهن اها 1914ع ڌاري جنگ ڪرڻ وئي پئي. هاڻي ساڳئي طرح هنن انقلاب کي ڏسندي رياست جي طاقت کي ٻيهر قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هنن جي نظر ۾ زبردستي فرمانبرداري ۽ طبقاتي طاقت جا پراڻا ڍانچا 'نظم ۽ ضبط'، هئا جڏهن تہ استحصال جو شڪار ۽ مظلومن طرفان انهن ڍانچن کي للڪار جي معنيٰ هنن 'انتشار' ۽ 'بغاوت' طور پيش ڪئي.

انهيءَ للڪار جا مشهور ڪردار ۽ جنگ مخالف روزا لڪسمبرگ ۽ ڪارل لبنخيت هئا. ڪارل لبنخيت کي برلن جي سپاهين ۽ مزدورن منجهہ وڏي حمايت حاصل هئي. سوشل ڊيموڪريٽ اڳواڻن اعليٰ فوجي قيادت سان سازباز ڪري ان کي تباھ ڪري ڇڏيو. اُن کي ٻاهران فوج گهرائي ڪچلڻ لاءِ شهر ۾ هڪ بغاوت کي ڀڙڪايو ويو ۽ انهيءَ رتوڇاڻ جو الزام لبنخيت ۽ لڪسمبرگ تي هنيو ويو. ٻنهي کي فوجي آفيسرن هٿان پڪڙايو ويو. لبنخيت کي ڏڪ هڻي بيهوش ڪري، گولي هنئي وئي. لڪسمبرگ جي مٿي کي رائيفل جي ٻٽن سان ڏڪ هڻي ٽڪرا ڪيو ويو. ڪيس مٿي ۾ گولي هنئي وئي ۽ پوءِ سندس لاش کي ڪينال ۾ اڇلايو ويو. سوشل ڊيموڪريٽ پريس رپورٽ ڪيو تہ لبنخيت کي 'ڀڄڻ دوران' گولي هنئي وئي ۽ لڪسمبرگ کي 'ڪاوڙيل هجوم' هٿان ماريو ويو. جڏهن وچولي طبقي جي معتبر ماڻهن اها خبر پڙهي تہ 'خوشي مان ٽُپ ڏنائون'.[89] گراشس (Gracchus) ڀائرن ۽ اسپارٽيڪس جي ڏينهن کان وٺي 'مهذب' اميرن کي جن بہ للڪاريو تن ڏانهن سندن رويي ۾ ڪابہ تبديلي نہ آئي هئي.

بهرحال، سوشل ڊيموڪريٽن ۽ فوج جي وچ ۾ ڳٺ جوڙ طرفان انقلابي جذبي کي دٻائڻ ايترو آسان ڪم نہ هو. تاريخ نويسن اڪثر ڪري تاثر ڏنو آهي تہ جرمن انقلاب ننڍڙو واقعو هو جيڪو آسانيءَ ۽ تيزيءَ سان ختم ٿي ويو. ايتريقدر جو ارڪ هوبسبوام (Eric Hobsbawm) 20 هين صديءَ جي قائل ڪندڙ تاريخ 'انتهائن جو دور' ۾ پهچايل پيغام ۾ لکي ٿو تہ نومبر ۾ ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ 'پراڻي ريپبلڪن حڪومت کي سوشلسٽن هٿان ڪا سنجيده ڏکيائي نہ رهي... (۽) ايتريقدر جو نئين مفلس ڪميونسٽ پارٽيءَ طرفان بہ'.[90] اصل ۾ پهرين وڏي انقلابي لهر 1920ع تائين ختم نہ ٿي ۽ وري 1923ع ۾ ٻي لهر اڀري.

جيئن تاريخ ۾ هر وڏي انقلاب سان ٿيندو آهي، تيئن نومبر 1918ع جي انقلاب وڏي

تعداد ۾ عوام کي پهريون ڀيرو سياست ۾ دلچسپي پيدا ڪرائي. انقلاب ۽ اشتراڪيت جي ڳالهه ٻولهه هاڻي فقط مزدورن جي وچ تائين محدود نہ رهي، جن 1914ع کان اڳ سوشلسٽ ووٽ ڏنو. اها ڳالهه لکين مزدورن ۽ وچولي طبقي جي ماڻهن تائين ڦهلجي وئي، جن اڳ ۾ ڪيٿولڪ سينٽرل پارٽي، لبرل پرگريسوز غير لبرل 'نيشنل لبرل' يا ايتريقدر جو پرشين زميندارن جي زرعي پارٽي لاءِ ووٽ ڏنو هو. جنگ جي هلندي ڪيترن پراڻن سوشل ڊيموڪريٽ ڪارڪنن پنهنجو پارٽ کي جنگ جي حامي اڳواڻن جي مخالفت ۾ ڪاٻي ڌر سان سلهاڙڻ شروع ڪيو هو. پراڻي ايس پي ڊي جا اڌ ڪارڪن ڪاٻي ڌر واري آزاد سوشل ڊيموڪريٽ ڏانهن هليا ويا، پر ڪيترائي ٻيا ماڻهو بہ هئا، جيڪي بورجوا پارٽين مان ڦري کاٻا ٿي ويا هئا ۽ اچان تائين سوشل ڊيموڪريٽس کي سماجواد طور ڏٺائون پئي. جڏهن تہ ماضيءَ ۾ اُنهن سوشل ڊيموڪريٽس جي مخالفت ڪئي هئي، هاڻي اُنهن هنن جي حمايت ڪئي.

سوشل ڊيموڪريٽ اڳواڻ انهن جذبن سان کيڏندي ڪاٻي ڌر جو تاثر ڏيندڙ تقريرون ڪرڻ جاري رکيون، پر زور ڏنائون تہ نظم و ضبط برقرار رکندي ۽ انقلابي 'انتهائن' جي مزاحمت ڪندي کاٻي ڌر جي پاليسين کي آهستي آهستي متعارف ڪرائي سگهجي ٿو. اُنهن دعوي ڪئي تہ اهي لڪسمبرگ ۽ لبنخيت هئا، جن انقلاب کي خطري ۾ وڌو، جڏهن تہ ڳجهي نموني جنرلن سان سازباز ڪري، ساڻن اختلاف ڪندڙن کي مارياٿون.

اها ڳالهه عام ڪرڻ ۾ آزاد سوشل ڊيموڪريٽ اڳواڻن سندن مدد ڪئي. اهي جنگ مان خوش نہ هئا، پر سرمائيداريءَ کي سُڌارڻ جي اِرادي سان ڇهتيل هئا. انهن جي صفن ۾ ڪائوتسڪي، برنشٽائين، ۽ هلفيرڊنگ، جيڪو ايندڙ ڏهاڪي ۾ بورجوا پارٽين سان اتحادي حڪومت ۾ ٻہ ڀيرا معيشيت جو وزير بہ ٿيو شامل هئا. انقلاب جي پهرين ٻن اهم مهينن تائين پارٽيءَ وفاداريءَ سان حڪومت هلائي، جنهن جي اڳواڻي ايس پي ڊي اڪثريت ڪئي پئي ۽ اُن جي پاليسين پورهيتن ۽ سپاهين کي وڪٽڻ ۾ مدد ڪئي.

پر جيئن هفتا گذريا، ماڻهو جيڪي سوشل ڊيموڪريٽ اڳواڻن جا جوشيلا حمايتي هئا، سي سندن خلاف ٿيڻ شروع ٿيا. فوجون جن کي نومبر ۾ حڪومتي ڪنٽرول جي مدد ڪرڻ لاءِ برلن اماڻيو ويو سي جنوريءَ جي پهرين هفتي ۾ ان خلاف اٿي پيا ۽ ڪيترائي مزدور ۽ سپاهي، جن جنوريءَ جي بغاوت کي دٻائڻ ۾ مدد ڪئي هئي، تن مارچ تائين راڄڌانيءَ ۾ پاڻ بغاوت ڪري ڏني. وچ جنوريءَ ۾ چونڊن ايس پي ڊيءَ کي 11.5 ملين ووٽ ڏياريا ۽ آزاد سوشل ڊيموڪريٽس کي 2.3 ملين ووٽ مليا. تنهن هوندي بہ ايندڙ چند هفتن ۾ پورهيتن جن رُهر، مرڪزي جرمني، بريمين، همبرگ، برلن ۽ ميونخ ۾ سوشل ڊيموڪريٽس لاءِ ووٽ ڏنا هئا، سي عام هڙتال تي هليا ويا ۽ حڪومتي پاليسين خلاف هٿيار کڻي ورتائون. 1920ع جي جُون تائين ايس پي ڊيءَ جو ووٽ آزاد سوشل ڊيموڪريٽس کان فقط 6 لک مٿي هو.

سوشل ڊيموڪريٽ اڳواڻن کي جلدئي معلوم ٿيو تہ اُهي فقط پنهنجي مقبوليت جي بنياد تي 'نظام بحال' نہ ٿا ڪري سگهن. 1918ع جي ڊسمبر ۾ سوشل ڊيموڪريٽ جي گهرو وزير نوسڪي پٽاڪ هنئي تہ, 'ڪنهن کي تہ خوار ٿيڻو پوندو' ۽ هڪ خاص پاڙيتو فوج فري ڪور (Freecorps) ٺاهڻ لاءِ جنرلن سان اتفاق ڪيائين. جنهن کي پراڻي فوج جي آفيسرن ۽ 'طوفاني بٽالين (فوجي جٿي)' مان ڀرتي ڪيو ويو جيڪا مڪمل طور تي رجعتي هئي. هڪ رجعت پرست تاريخ نويس مينيڪي تجزيو ڪيو تہ, 'لڳو پيو چڻ تہ پراڻو نظام ٻيهر پيدا ٿيو آهي'. فري ڪور (Free Corps) جي ٻولي بلڪل قومپرستاڻي ۽ گهڻو ڪري يهودي دشمنيءَ واري هئي. ان جي بينرن تي قديم هندو ياڳ جي علامت سواستيڪا (swastika) ٺهيل هئي ۽ ان جا ڪيئي ميمبر نازي پارٽيءَ جي ڪيڊر ٺاهڻ ۾ ڪم آيا.

1919ع جي پهرين اڌ ۾ جرمنيءَ جي تاريخ فري ڪور جي مارچ جي تاريخ آهي, جنهن سڄي ملڪ ۾ هر ان ماڻهوءَ تي حملو ڪيو جنهن نومبر انقلاب آندو ۽ جنوريءَ واري اليڪشن ۾ سوشل ڊيموڪريٽ کي ووٽ ڏنو هو. ان جي ٽڪر ۾ هٿياربند مزاحمتون ٿينديون رهيون, جنهن جو ڳڌيل اظهار اپريل ڌاري ٿيو جڏهن 15 هزار سُرخ فوج سان مختصر عرصي واري بويرين سوويت ريپبلڪ جو اعلان ڪيو ويو هو.

'انقلاب جو روح'

جرمنيءَ ۾ گهرو جنگ جا مهينا باقي ڳچ يورپ ۾ پڻ بيچينيءَ وارا رهيا. مارچ ۾ برطانوي وزيراعظم لائيڊ جارج پنهنجي فرينچ هم منصب Clemeneau کي لکيو:

سڄو يورپ انقلاب جي روح سان ڀريل آهي.... سڄو موجوده نظام پنهنجي سياسي, سماجي ۽ اقتصادي پاسن کان يورپ جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي تائين عوام طرفان سواليہ بڻيل آهي.[91]

پئرس ۾ آمريڪي نمائندي هائوس (House) پنهنجي ڊائريءَ ۾ ساڳئي قسم جي خوفن جو اظهار ڪيو. 'بالشوازم هر هنڌ ميدان ماريو پئي.... اسين هڪ کليل بارود جي ڍير تي ويٺا آهيون ۽ ڪا هڪ چڻنگ ان باهہ کي ڀڙڪائي وجهندي'[92]

سندن ڳڻتيءَ جو ترت ڪارڻ روس ۾ اڳوڻي هنگرين جنگي قيديءَ بيلا ڪون جي سرواڻيءَ هيٺ هنگريءَ ۾ هڪ سوويت حڪومت طرفان اقتدار تي قبضو ڪرڻ هو. 1918ع جي آخر ۾ قائم ڪيل لبرل قومپرست حڪومت ڍير ٿي پئي, جيڪا زيڪوسلاويڪا ۽ رومانيا کي ملڪ جا علائقا کسڻ کان روڪي نہ سگهي ۽ هڪ ڪميونسٽ - سوشل ڊيموڪريٽ حڪومت پرامن اقتدار تي قبضو ڪري ورتو هو. ان ملڪ اندر سُڌارا ۽ ملڪيتن کي قوميائڻ لاءِ زور لڳايو ۽ زيڪوسلاويڪا ۽ رومانيا خلاف انقلابي جنگ وڙهڻ جي ڪوشش ڪئي, ان اميد سان تہ اوير کان روسي فوج ۽ اُن جي اولهہ ۾ آسٽرين پورهيتن جي بغاوت سان ڪيس ٽيڪ ملندي

ٿئي هنڌ ڪٿي به انقلابي حڪومتن اقتدار نہ ماٺيو پر نہ ئي وري ڪٿي صورتحال پائيدار رهي. مرڪزي ۽ اوڀر يورپ جي نين ٺهيل سيني قومپرست جمهوريائن ۾ نسلي اقليتون هيون جيڪي نئين نظام تي ناراض هيون. زيڪوسلاويڪا ۾ جرمن ڳالهائيندڙ ڪجهہ علائقن ۾ اڪثريت ۾ هئا ۽ ٻين ۾ هنگري ڳالهائيندڙ. رومانيا ۽ يوگوسلاويا ۾ وڏي تعداد ۾ هنگري ٻولي ڳالهائيندڙ اقليتون هيون. يوگوسلاويا ۽ آسٽريا جا اٽليءَ سان سرحدي تڪرار هئا ۽ وري بلغاريا جا رومانيا سان. سيليسيا ۾ جرمن ۽ پولش فوجن جي وچ ۾ لڳاتار ويڙهہ هلندي رهي ۽ ترڪي ۽ يونان جي وچ ۾ تہ باقائده جنگ لڳي، جنهنڪري وڏي پيماني تي ٻنهي پاسي نسل ڪشي ڪئي وئي. زيڪوسلاويڪا ۽ بلغاريا ۾ وڏي تعداد ۾ انقلابي جذبن سان سرشار پورهيت هئا. جن پنهنجن حڪومتن جي وچولي طبقي جي قومپرستيءَ جي مخالفت ڪئي.

1919ع جي اپريل ۾ انقلابين بيروزگار پورهيتن کي وٺي آسٽرين پارليامينٽ تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان وقت اوڀر طرف روس سان ۽ آسٽريا معرفت اولهہ ڏانهن سوويت ٻويريا سان ڳنڍيندڙ هنگريءَ ۾ انقلاب جو تصور اجايو نہ هو جيڪو اڳوڻي جرمن ۽ آسٽرو - هنگرين سلطنتن جي سموري نظام کي اونڌو ڪري ڇڏي ها.

پر ائين نہ ٿيو. آسٽرين سوشل ڊيموڪريٽس اهڙي ٻولي استعمال ڪئي جيڪا جرمنيءَ ۾ ڪاٻن جهڙي هئي، پر اُهي ائين ئي انقلاب کي اڳتي وڌائڻ جا سخت مخالف هئا. انهن ويانيز پورهيت ڪائونسلن کي قائل ڪري، احتجاجن کي ڪچلڻ جي اجازت ورتي ۽ آسٽرين سرمائيداريءَ جي سلامتيءَ کي يقيني بڻايو. ان دوران بداپيسٽ ۾ ڪميونسٽ سوشل ڊيموڪريٽ حڪومت، حقيقي پورهيت ڪائونسلون نہ ٺاهيون. ان پنهنجي فوج هلائڻ لاءِ پراڻن آفيسرن تي ڀاڙيو ۽ وڏين جاگيرن، جيڪي ٻهراڙين ۾ بالادست هيون، کي ورهائڻ ۾ ناڪاميءَ هارين کي ويڳاڻو بڻايو جيڪا ان جي بنيادي غلطي ڪئي. جڏهن سوشل ڊيموڪريٽس ان کي ڦٽو ڪيو تڏهن 133 ڏينهن ڪانپوءِ حڪومت ڊهي پئي ۽ ايڊمرل هورٿيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ ساڄي ڌر جي آمريت لاءِ دروازو کلي پيو.

1919ع جو جوش ۽ ولولو جنگ هارايل سلطنتن تائين محدود نہ هو ان فاتحن کي پڻ متاثر ڪيو جيتوڻيڪ ساڳي سطح تي نہ ئي ڪٿي سپاهين منجهہ بغاوتن برطانوي ۽ فرينچ فوجن کي ڏوڙي ڇڏيو. روسي انقلاب خلاف موڪليل فوجون اُتي ترت ڪان بچيل نہ هيون، آرچنگل (Archangel) ۾ برطانوي، فرينچ ۽ آمريڪي فوجن لڙائي ۾ وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جڏهن تہ هڪ فوجي بغاوت ڪانپوءِ فرينچ فوجن کي اوڊيسا ۽ ڪاري سمونڊ جي ٻين بندرگاهن کي خالي ڪرڻو پيو.[93]

ساڳئي وقت خود برطانيا ۾ صنعتي بيچينيءَ جي هڪ لهر پيدا ٿي. سال جي ابتدا ۾ انجنيئرنگ هڙتالن ڇڪتاڻ کي جنم ڏنو. گلاسگو ۾ پوليس سان جهيڙا ٿيا ۽

بيلفاسٽ ۾ ڪيٿولڪن ۽ پروٽسٽنٽن کي متحد ڪندي ذري گهٽ عام هڙتال ٿي. لورپول ۽ لنڊن ۾ پوليس جون هڙتالون ٿيون. حڪومت واعدا ڪري کاڻيون کوٽيندڙن جي هڙتال ذري تان ٽاري ڇڏي، بعد ۾ وعدا ٽوڙي ڇڏيائين. پر اها ريلوي نيٽ ورڪ جي نون ڏينهن جي ڪم ـ بند احتجاج کي ٽاري نہ سگهي. کاڻيون کوٽيندڙن، ٽرانسپورٽ ۽ ريلوي يونين جي وچ ۾ 'ٽہ ڌري اتحاد' جي جوڙجڪ 1920ع جي جنوريءَ ۾ حڪومت کي ڊيڄاري ڇڏيو. ڪابينا سيڪريٽيريٽ جي اڳواڻ لکيو تہ 'لڳو پئي تہ وزيرن کي غير معمولي حد تائين ڇاپي ملي وئي آهي'.[94]

اسپين جنگ ۾ حصو نہ ورتو هو ڇاڪاڻ تہ اُن جا حاڪم جرمنيءَ جي حامي جذبن واري دربار ۽ اينگلو ـ فرينچ حامي جذبن واري بورجوازيءَ (۽ پبلو Iglesias جي سوشلسٽ پارٽي) جي وچ ۾ ورهايل هئا. پر وڌندڙ قيمتن اسپين جي صنعتي ۽ زرعي پورهيتن جي معيار زندگيءَ کي تباهہ ڪري ڇڏيو هو. 1917ع جي اونهاري ۾ وڏي پيماني تي، پر ناڪام هڙتال ٿي ۽ وري 1918ع ڌاري ويڙهہ جي هڪ نئين لهر ڦاٽ ڪاڏو.

ڏاکڻي اسپين جتي ڏيهاڙي پورهيتن هٿان وڏيون جاگيرون آباد ٿينديون هيون، ان ۾ 1918ـ20ع وارا سال Trienio Bolchevista (ٽي بالشوڪ سال) طور سڃاتا وڃن ٿا. اُتي 'تنظيمي سرگرمي، هڙتالن، تڪرارن ۽ گڏجاڻين جي لهر پيدا ٿي'،[95] جنهن کي ان خبر همٿايو تہ روس ۾ بالشوڪن وڏيون جاگيرون غريب هارين منجهہ ورهائين پيا. هڪ آمريڪي ناول نگار ڊاس پاسوس لکيو تہ 'هر هنڌ وانگر هتان جي عوام لاءِ بہ روس روشن مينار هو'.[96] ٽن وڏين هڙتالن علائقي کي ٻهاري ڇڏيو. پورهيتن زمينن تي قبضا ڪيا، غير حاضر جاگيردارن جي گهرن کي ساڙي ڇڏيائون ۽ ڪٿي ڪٿي تہ ٻنين کي بہ باهہ ڏنائون. ڪجهہ شهرن ۾ 'بالشوڪ طرز جي جمهوريا' جو اعلان ڪيو ويو ۽ انهيءَ تحريڪ کي ٽوڙڻ لاءِ 20 هزار فوج اماڻي وئي.[97] احتجاج فقط ڏکڻ اسپين تائين محدود نہ هو. والينشيا ۾ هڪ هفتي جي ڊگهي هڙتال دوران مزدورن ڪيترن گهٽين جا نالا بدلائي 'لينن'، 'سوويت' ۽ 'آڪٽوبر انقلاب' رکي ڇڏيا ۽ ميڊرڊ ۾ مانيءَ وارن فسادن ۾ 200 دُڪانن کي ڦريو ويو.[98] 1919ع جي ابتدا ۾ ڪيٽالونيا ۾ سڀ کان وڏيڪ سنجيده جدوجهد ٿي. پورهيتن La Canadiense صنعتي ڪارخاني تي قبضو ڪري ورتو جنهن بارسلونا کي اڪثر طاقت مهيا ڪئي پئي، ائين پبلڪ ٽرانسپورٽ مفلوج ٿي وئي ۽ شهر اونداهيءَ جي ور چڙهي ويو. گئس ۽ پاڻيءَ جي شعبن ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن وانگر اٽڪل شهر جي ڪپڙي واري صنعت جو 70 سيڪڙو هڙتال تي هليو ويو جڏهن تہ ڇاپي واري يونين 'سرخ سينسرشپ' تي عمل ڪيو. حڪومت هنگامي حالت لاڳو ڪري ڇڏي ۽ 3 هزار هڙتالين کي نظربند ڪري ڇڏيو. مالڪن طرفان آڻ مڃڻ تي بہ اهو عمل نہ ڪيو. ٿوري وقت لاءِ مزدور ڪم ڏانهن موٽيا. وري حڪومت ڪجهہ قيدي هڙتالين کي آزاد ڪرڻ کان انڪار ڪندي، هڪ نئين هڙتال کي پڙڪايو. ان مشين گن سان فوج

کي شهر ۾ آندو. 8 هزار بورجوا رضاڪارن کي مسلح ڪيو. يونين کي بند ڪري ڇڏيو ۽ ٻن هفتن اندر هڪ عام هڙتال کي چٽي ڇڏيو. ڪيٽالونيا ۾ پورهيت تحريڪ جي پُٺ کي ٽوڙيو ويو ڇاڪاڻ تہ مالڪن جي پگهار تي بندوقن وارن يونين ڪارڪنن کي ماري ڇڏيو. انارڪسٽ سي اين ٽي ميمبرن. جهڙوڪ: گارشيا اولائيور، فرانسسڪو اسڪاسو ۽ بيوناوينچر ڊُروتي بدلو ورتو. حڪمران طبقي جي اهم شخصيتن کي قتل ڪري ڇڏيو. سندن سرگرمين فقط پورهيت قوتن کي وڌيڪ ڇڙوڇڙ ڪرڻ جو ڪم ڪيو پر ڪيٽالن پورهيت طبقي اندر انتهائي گهري طبقاتي ڪاوڙ هئي جيڪا ايندڙ 17 سالن تائين وقفن وقفن سان ڌماڪا ڪندي رهي.[99]

1919ع ۾ پورهيت جدوجهد ۾ آيل اپار يورپ تائين محدود نہ هو. آمريڪا جي غيرمنظم صنعتن ۾ مزدور يونين ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، 2 لک 50 هزار اسٽيل مزدورن هڙتال ڪئي. 1919ع ۾ آسٽريليا ۾ 'هڙتالن جو سڀ کان وڌيڪ مهانگو سلسلو شروع ٿيو ائين اڳ ۾ ڪڏهن نہ ٿيو هو.'[100] ڪينيڊا ۾ ونيپيگ ۾ هڪ عام هڙتال ٿي، جيڪا سڄي اولهہ ڪينيڊا ۽ آمريڪا جي اتر اولهہ ساموندي ڪناري ۾ ٿيل هڪ احتجاجي لهر جو حصو هئي.

1920 ڌاري جرمنيءَ ۽ اٽليءَ ۾ فيصلاڪن جدوجهدن سان اولهہ يورپ ۾ انقلابي اٿل پٿل جو اوج هو.

جرمنيءَ ۾ علائقائي گهرو جنگين جي سلسلي سبب پورهيتن کي ڳرا نقصان پوڳڻا پيا، ڇاڪاڻ تہ اُنهن پارلياماني رستي کان انقلابي نقطہ نظر ڏانهن ڦيرو ڪاڏو هو ۽ هڪ اندازي مطابق اٽڪل 20 هزار ماڻهو موت جو شڪار ٿيا. پر ملڪ جا روايتي حاڪم اڃان تائين خوش نہ هئا ۽ ڪيترن ئي محسوس ڪيو تہ سوشل ڊيموڪريٽس سان تعلق ترڪ ڪري پنهنجو پاڻ اقتدار تي قبضو ڪرڻ گهرجي. 13 مارچ تي فوج برلن ڏانهن مارچ ڪيو. حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جو اعلان ٿيو ۽ هڪ سينيئر سرڪاري ملازم ڪيپ کي مقرر ڪيو ويو.

سوشل ڊيموڪريٽ اڳواڻن هٿان هٿياربند ڪيل غنڊن ڪاهي ڊر کان ڦري هاڻي ساڳين اڳواڻن تي حملا ڪري ڏنا هئا. اهو عمل ڪين دائري کان ٻاهر ڪيڊي ويو جنهنڪري پورهيتن جي صفن منجهہ سخت ڪاوڙ پيدا ٿي پئي، جن جنرلن سان ڪم ڪرڻ لاءِ سوشل ڊيموڪريٽس جي ماضيءَ وارن بهانن کي قبول ڪيو هو. مک ٽريڊ يونين فيڊريشن جي اڳواڻ Legien هڪ عام هڙتال جو سڏ ڏنو ۽ سڄي جرمنيءَ ۾ پورهيتن موٽ ڏني.

بهرحال، مُک علائقن ۾ ردعمل فقط ڪم بند ڪرڻ تائين محدود نہ هو عوام نيون پورهيت ڪائونسل پڻ ٺاهيون، هٿيار کنيا ۽ اقتدار تي قبضي سان همدردي رکندڙ فوجي جٿن تي حملا ڪيا. رُهر ۾ هزارين مزدورن، جن کي فوجي تجربو هو، گڏجي هڪ سُرخ

فوج ٺاهي ورتي، جنهن قومي فوج Reichswehr کي ملڪ جي سڀ کان وڏي صنعتي خطي مان تڙي ڪڍي ڇڏيو. ڪجهه ڏينهن اندر اقتدار تي فوجي قبضو ڍير ٿي پيو. سوشل ڊيموڪريٽ وزير برلن ڏانهن موٽيا ۽ ڪاپي ڌر جو ڏيک ڏيڻ لاءِ ٿورو گهڻو گوڙ ڪيو پوءِ قومي فوج Reichswehr اڳيان آڻ مڃي، جنهن رُهر ۾ 'نظم ۽ ضبط' بحال ڪرڻ جا روايتي خونخوار طريقا ڪتب آندا.[101]

اٽليءَ ۾ 1919ع ۽ 1920ع جي سالن کي 'ٻن ڳاڙهن سالن' طور سڃاتو وڃي ٿو. مزدورن هڙتال جو پورو سلسلو شروع ڪيو ۽ سوشلسٽ پارٽيءَ جي رُڪنيت 50 هزار کان وڌي 2 لک ٿي وئي ۽ يونينن ۾ شامل ٿيا. هڪ هڙتال پٺيان ٻي هڙتال ٿيندي رهي. 1919ع جي اونهاري ۾ انقلابي روس سان همدرديءَ طور ٽن ڏينهن جي عام هڙتال ٿي. 1920ع جي بهار ۾ ٿورن ڏات ـ مزدورن هڪ سخت، پر ناڪام هڙتال ڪئي ته جيئن مالڪ ڪارخانن جي ڪائونسل کي تسليم ڪن جن کي انتونيو گرامچيءَ جي جرنل Ordine Nuovo جي چوڌاري گڏيل ٿيل انقلابين سوويتن جي ابتدا طور سمجهيو پئي.

آگسٽ ۾ ويڙهه پنهنجي اوج تي پهتي. ملن (شهر) ۾ انجنيئرنگ پورهيتن ردعمل طور تالابندي ڪري ڪارخانن تي قبضو ڪيو. چئن ڏينهن اندر تحريڪ سڄي ملڪ جي ڌاتو جي صنعت تائين ڦهلجي ويئي ۽ اٽڪل چار لک مزدورن ان ۾ حصو ورتو. 'جتي به هڪ ڪارخانو ٻيڙين جي صنعت، اسٽيل جو ڪارخانو ٻئي، ڌاتو واري ڪم سميت ڪوبه ادارو هو هر هنڌ نئون قبضو ڪيو ويو'.[102] هڪ ڪاٽي موجب ٻين صنعتن ۾ هڪ لک پورهيتن ڌاتوءَ جو ڪم ڪندڙ مزدورن جي مثال جي پوئواري ڪئي. ماڻهن ان کي فقط هڪ اقتصادي جدوجهد طور نه پئي ورتو. هنن ڪارخانن ۾ هٿيار ٺاهڻ ۽ گڏ ڪرڻ شروع ڪيا. هنن پيداوار جاري رکي ڇاڪاڻ ته هنن سمجهيو پئي ته اُهي پورهيتن جي ڪنٽرول تي ٻڌل هڪ نئين سماج جو مهورت پيا ڪن. 'اهي هٿيارن سان يا انهن کانسواءِ سوين هزارين مزدور، جن ڪم ڪيو ۽ آرام ڪيو ۽ ڪارخانن جي نگراني ڪئي، هنن سوچيو ته اُهي غيرمعمولي ڏينهن ۾ پيا، جيئن هڏهن "انقلاب عمل ۾ آهي".[103]

حڪومت مفلوج ٿي وئي. ڏکڻ ۾ جنگ تان موٽندڙ هارين پاڻمرادو زمين ورهائڻ شروع ڪري ڇڏي هئي. اناڪونا ۾ سپاهين بغاوت ڪري البانيا ڏانهن وڙهڻ لاءِ وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. وزيراعظم گيولٽي (Geiolitti) کي ڊپ ٿيو ته هڪ گهرو جنگ نه ٿي پوي، جنهن ۾ هو کٽي نه سگهي ها. هن سينيٽ کي ٻڌايو:

قبضن کي روڪڻ لاءِ آئون ڌاتوءَ واريءَ صنعت جي 600 ڪارخانن مان هر هڪ ۾ هڪ چانوٽي ٺاهيندس.... ننڍن ڪارخانن ۾ 100 ماڻهو وڏن ۾ هزارين. ڪارخانن تي قبضا ڪرڻ لاءِ مون کي منهنجي اختيار هيٺ سيني فوجن کي مقرر ڪرڻو پوندو! ۽ پوءِ ڪارخانن کان ٻاهر 5 لک پورهيتن جي نگراني ڪير ڪندو؟ اها ته گهرو جنگ ٿي پوندي.[104]

ان بدران هن ان مفروضي تحت عمل ڪيو تہ ڏاتوءَ جو ڪم ڪندڙ پورهيتن جا يونين اڳواڻ تڪرار جي هڪ پرامن نتيجي کي تسليم ڪندا ۽ سوشلسٽ پارٽي رهنما يونين اڳواڻن جي فيصلي کي نہ للڪاريندا. ان سان مالڪن کي وڙهڻ لاءِ هڪ ٻئي ڏينهن جي چوٽ ملي ويندي هن جو اندازو بلڪل درست ثابت ٿيو. سوشلسٽ پارٽيءَ رسمي طور تي فيصلو ڪيو تہ ڪارخانن تي قبضن لاءِ يونين قيادت ذميوار آهي ۽ مڪ يونين فيڊريشن جي هڪ خاص ڪنوينشن ٻن جي مقابلي ۾ ٽن ووٽن سان انقلاب جي سڏ کي رد ڪري ڇڏيو ۽ مالڪن سان هڪ ٺاهہ ڪيو. تحريڪ جو مرڪز يعني وڏن ڪارخانن ۾ ڏات مزدورن مايوسي ۽ هار محسوس ڪئي. اهي هڪ انقلاب لاءِ وڙهيا هئا ۽ ڪين ڪم جي حالتن ۽ اُجرت ۾ ڪجهہ ننڍيون ۽ عارضي بهتريون ئي نصيب ٿيون.

اولهہ ۾ انقلاب؟

رُهر سُرخ فوج ۽ اٽليءَ ۾ ڪارخانن تي قبضا انهيءَ ڪوڙ کي غلط ثابت ڪن ٿا تہ اولهہ يورپ ۾ انقلاب جو امڪان ڪڏهن بہ نہ رهيو هو اهو فقط روسي بالشوڪن جي ذهنن جو پُور ۽ خواب هو. 1920ع جي بهار ۽ اونهاري ۾ وڏي انگ ۾ پورهيتن، جيڪي سرمائيداري سماج کي پاليندا رهيا هئا ۽ ان کي آخري سچ سمجهيو ويٺا هئا، تن جدوجهدون ڪيون ۽ اٿين ڪندي هڪ انقلابي سماجواد نقطہ نظر کي قبوليائون تہ سماج کي ڪيئن هلائڻ گهرجي. 1920ع جي آگسٽ ۾ عالمي انقلاب خواب نہ هو روسي سرخ فوج وارسا جي ويجهو پهچڻ واري هئي، هر جرمن پورهيت جي ذهن ۾ `Kapp Putsch` جي شڪست ياد رهي ۽ اٽليءَ جي ڪارخانن تي مڪمل قبضو ٿيڻ وارو هو.

پر انقلاب نہ آيا ۽ اٿين نہ ٿيو ۽ اشتراڪيت جا تاريخ نويس تڏهن کان وٺي بحث ڪندا پيا اچن تہ روس ۾ آيل انقلاب جو ورجاءُ ڇو نہ ٿيو. ان جو هڪڙو جواز تہ روس ۽ اولهہ جي وچ ۾ معروضي فرق واضح ڪن ٿا. اولهہ جي اڪثر ملڪن ۾ سرمائيداري روس کان وڌيڪ هڪ ڊگهي تاريخي عرصي تائين وڌي ويجهي هئي، جتي اُن کي سماجي ڍانچا ٺاهڻ جا وڌيڪ موقعا مليا، جيڪي ماٺهن کي ان جي حاڪميت سان ملائي هڪ ڪن. اڪثر اولهہ يورپي ملڪن ۾ روس جي ابتڙ هارين کي يا تہ زمين ڏني وئي هئي (جيئن ڏاکڻي جرمنيءَ يا فرانس ۾) يا هڪ طبقي طور ڌهي چڪا هئا (جيئن برطانيا ۾) ۽ تنهنڪري اُتي پراڻي نظام کي للڪارڻ لاءِ ڪا امڪاني سگهہ رکندڙ طاقت نہ هئي. اڪثر اولهہ يورپي رياستون زار شاهيءَ جي ڦٽل ڀٽل پراڻي رياستي ڍانچي کان وڌيڪ موثر ۽ ڪارگر پڻ هيون ۽ تنهنڪري اُنهن جنگ جي صدمي مان پاڻ کي سنڀالي ورتو.

پر اهڙا معروضي عنصر هر شيءِ جي سمجهاڻي نہ ٿا ڏئي سگهن. جيئن اسان ڏٺو آهي، اولهہ ۾ لکين پورهيت انقلابي ڪارروائين ۽ روين ڏانهن وڌيا. توڙي جو اهي تبديليون روس ۾ ٿيل ساڳئي تبديليءَ کان فقط ٻہ سال پوءِ ٿيون، پر هڪ انقلابي رويي يا

انقلابي ڪارروائي ۾ مصروف ٿيڻ هڪ انقلاب آڻڻ وانگر ناهي. اُن لاءِ تبديليءَ جي خواهش کان وڌيڪ ٻين شين جي بہ گهرج هوندي آهي. ان لاءِ ماڻهن جو ادارو گهرجي، جيڪو ارادي ۽ سمجهہ کي ۽ انهيءَ خواهش کي حقيقت ۾ بدلائي، جيڪو ارادو ۽ سمجهہ ڪراموبل جي نئين ماڊل فوج يا رابس پيري جي جيڪبن هٽان آيل عظيم بورجوا انقلابن مهيا ڪيو. جرمنيءَ ۽ اٽليءَ ۾ 1920ع جي اهم ترين مهينن ۾ اهڙن ادارن جو وجود نہ هو.

يورپ ۾ سوشلسٽ تحريڪون 1871ع ۽ 1900ع جي وچ ۾ نستبن سماجي سڪون ۽ امن وارن سالن دوران وڌيون ويجهيون. اُنهن کي حمايت بہ ملي هئي، ڇاڪاڻ تہ سماج ۾ طبقاتي فرقن ماڻهن منجهہ ڪاوڙ ۽ نفرت کي جنم ڏنو هو پر اها تائيد گهڻو ڪري غيرمتحرڪ هئي. اُنهن ادارن جو هڪ پورو نظام ٺاهيو هو جهڙوڪ: ٽريڊ يونين، فلاحي ادارا، سهڪاري انجمنون، پورهيتن جا ڪلب، جيڪي اصولي طور تي موجوده سماج جا مخالف هئا، پر عملي طور تي ان سان باهمي بقا طور قائم رهيا. انهن ادارن کي هلائيندي هنن هڪ محفوظ گذرسفر جا مزا ماڻيا ۽ ايتريقدر جو چونديل عيوضي طور حڪمران طبقي جي وڌيڪ لبرل ماڻهن طرفان کين هڪ حد تائين قبوليت پڻ ملي. انهن جي حيثيت ٿوري گهڻي پوئين وچولي دور جي واپارين ۽ وچولي طبقي جي شهرين وانگر هئي، جن جاگيردار نوابن خلاف ڪاوڙ کي گڏائي، سندن چال چلت ۽ سندن خيالن جو نقل ڪيو. هيٺين جاگيردار طبقن مان ڪيترن اهڙيءَ چال چلت کي برداشت ڪيو ڇاڪاڻ تہ اُنهن موجوده درجي بندين کي سچ سمجهي قبوليو. ائين ئي پورهيت تحريڪن جا عام ڪارڪن سندن اڳواڻن جي چال چلت کي برداشت ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪري تيار هئا.

جنگ کان اڳ وارن ويجهر وارن سالن جي عوامي هڙتالن، ويڙهاڪ ۽ انقلابي رجحانن کي جنم ڏنو هو جن انهن روين کي للڪاريو ۽ جنگ ويتر ڏار پيدا ڪيا هئا. جيتوڻيڪ برنشتائين ۽ ڪُرٽ ايزنر جهڙن سُڌارپسندن جنگ کي ناپسند ڪيو پر عام سُڌارپسنديءَ سان دشمنيءَ ۽ جنگ سان دشمنيءَ کي هڪٻئي سان ڳڪيو ويو. ان جي ڇڪتاڻ تائين ٽن منفرد وهڪرن جو ظهور ٿيو.

هڪ، جنگ جو حامي سوشل ڊيموڪريٽ، ايبرٽ شيڊمن نوسڪي وارو قسم هو جن لاءِ جنگ جي حمايت ڪرڻ سرمائيداري جي سندن قبوليت جو لازم حصو هئي. ٻيا انقلابي هئا، جن جنگ کي سرمائيداري جي بربريت جي انتها جي اظهار طور مخالفت ڪئي ۽ جن ڏنو تہ جنگ کي هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ جو واحد حل انقلاب ئي آهي. ٽيون ڏو تعداد 'وچين' قسم جي ماڻهن جو هو. ان جي اڪثر اڳواڻن جنگ کان اڳ واري ڪنتراڪيت جي نظريي ۽ عمل کي قبول ڪيو ۽ پنهنجو مستقبل سرمائيداري اندر پارليامينٽيرين يا ٽريڊ يونينسٽ طور ڏٺائون.

جنگ دوران وچ وارو موقف رکندڙ ڌرين (centrist) موجوده حڪومتن جي جنگي ڪوشش ۾ رخنو وجهڻ لاءِ عوامي احتجاج بدران امن- ڳالهيون ڪرائڻ جو سڏ ڏنو. جنگ ڪانپوءِ هنن ڪڏهن ڪڏهن ڪاٻيءَ ڌر جا اصطلاح ڪتب آندا، پر سدائين زور ڏنائون ته اشتراڪي مقصد فقط 'منظم انداز' سان ئي حاصل ڪري سگهجن ٿا. خاص طور تي جرمنيءَ ۾ هلفرڊنگ جي آزاد سوشل ڊيموڪريٽس هڪ آئيني ڍانچو تجويز ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪو پارليامينٽ ۽ سوويتن کي گڏائي. هنن پرامن مصلحت لاءِ مسلسل تجويزون ڏنيون، جيڪي ٻئي پاسي جي فائدي ۾ پورهيتن جي سرگرميءَ جي اپار کي روڪين. جيئن انقلابي سماجوادي يوگين ليوائن (Eugen Levine) عدالت کي ٻڌايو جنهن هن کي بويرين سوويت جي اڳواٽي ڪرڻ تي سزا ڏني ته 'سوشل ڊيموڪريٽن شروعات ڪئي، پوءِ ڀڄي ويا ۽ اسان سان دغا ڪين. انڊيپينڊينٽ وارا لالچ ۾ ڦاٿا، اسان سان گڏيا ۽ پوءِ اسان کي مايوس ڪين ۽ پوءِ اسان ڪميونسٽن جو ڀت سان ٽڪر لڳو. اسان سڀ ڪميونسٽ all dead men on leave تي ويا آهيون'.[105]

جنگ ڪانپوءِ وچين رجحان واريون (centerist) تنظيمون تيزي سان وڌيون. هنن وٽ مشهور پارلياماني اڳواڻ ۽ وڏي پريس هئي ۽ هنن وڏي تعداد ۾ ويڙهاڪ پورهيتن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. جرمن انڊيپينڊنٽ سوشل ڊيموڪريٽ وٽ 1918ع جي نومبر ڏاري روزا لڪسمبرگ جي اسپارٽيڪس ليگ کان ڏهوڻ تي وڌيڪ ميمبر هئا.

اٽليءَ جي سوشلسٽ پارٽي، جرمن انڊيپينڊنٽ سوشل ڊيموڪريٽس جهڙي هئي. ان جي اڳواڻن جو سياست ڏانهن نقطہ نظر پارلياماني هو توڙي جو انهن انقلابي ٻولي ڪتب آندي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه ماڻهن سماج جي تبديلي چاهي پئي. اُن ۾ ڪلي عام سُڌار پسند عنصر پڻ شامل هئا خاص ڪري مشهور پارليامينٽيرين فلپو توراتي (Filippo Turati). جيئن جدوجهد جو عروج ٿيو ان وڏي سگهه ماڻي، پر اهڙي قيادت ڏيڻ ۾ پڻ ناڪام رهي جيڪا پورهيتن جي ڪاوڙ ۽ ويڙهه کي رياست خلاف انقلابي حملي جو رخ ڏئي. پارٽيءَ جي مشهور رهنما Serrati ڪارخانن تي قبضي کان 8 مهينا پوءِ اعتراف ڪيو ته 'جڏهن هر ڪنهن انقلاب بابت ڳالهيو پئي (پر انقلاب) لاءِ ڪوبہ تيار نہ هو'.[106] پيئٽرو نيني (Pietro Nenni) جيڪو ايندڙ 60 سالن تائين سوشلسٽ پارٽيءَ جي اهم شخصيت رهيو، تنهن اعتراف ڪيو ته 'پارٽي ڪجهه بہ نہ هئي، پر هڪ وڏي اليڪشني مشين هئي جيڪا فقط (پارلياماني) جدوجهد سان ليس هئي، جنهن نظريي کي لاتعلق ڪري ر... ڪري ڇڏيو'.[107] انگيلو تسڪا (Angelo Tasca) هڪ تورن ڪارڪن ياد ڪيو ته 'پورهيت ۽ سوشلسٽ تنظيمن جو طريقي ڪار.... پُرجوش عوام کي ٿڏو ڪرڻ هو.... اُنهن سان انقلاب جو واعدو ڪيو'.[108] 'اٽليءَ ۾ سياسي زندگي هڪ ڊگهي گڏجاڻي ٿ... وئي، جنهن ۾ "ايندڙ انقلاب" بابت لفظن جي شاهي ۽ فضول خرچي ڪئي وئي'.[109]

روسي انقلاب جي رهنمائن 'مرڪز' توڙي ساڄي ڌر جي پارلياماني سماجوادين ج...

اٽيوراين کي ڏنو هو ۽ هر هڪ ملڪ ۾ نيون ڪميونسٽ پارٽيون ٺاهڻ جو سڏ ڏنو هو جيڪي هڪ نئين ڪميونسٽ انٽرنيشنل سان ڳنڍيل هجن. پر جنگ دوران طاقت جي استعمال ۽ پيچ ڏاهه سبب انٽرنيشنل جي پهرين ڪانفرنس 1919ع جي مارچ تائين نہ ٿي سگهي ۽ ان ۾ بہ باقي دنيا کان هٿي ڪري، سڄي يورپ جي نمائندگي قليل ۽ ناڪافي هئي. 1920ع جي جولاءِ ۽ آگسٽ ۾ ٻي ڪانگريس سچ پچ پهرين نمائنده گڏجاڻي هئي.

سڄي يورپ جي پورهيتن منجهہ انقلابي جذبي جي طاقت جو ڏيک پارٽين (جن پنهنجا وفد اماڻيا) مان نظر آيو پئي. مک ڌارا وارين اشتراڪي پارٽين اٽليءَ، فرانس ۽ ناروي ۾ بہ ائين ئي ڪيو. جرمنيءَ مان انڊيپينڊنٽ سوشل ڊيموڪريٽ، اسپين مان سي اين ٽي، ايٽريقدر جو برطانيا ۾ انڊيپينڊنٽ ليبر پارٽي ۽ آمريڪا ۾ سوشلسٽ پارٽي موجود هيون. ڪانگريس جي اهم پيغامن مان هڪ، انٽرنيشنل جي رُڪنيت لاءِ '21 شرطن' جو بنياد رکڻ هو. اهي پارٽيون فقط تڏهن ئي سچيون انقلابي ٿي سگهن ٿيون جڏهن اُهي پنهنجي ڪم ڪار جي ڍنگ ۽ پنهنجي قيادت کي بدلائينديون. مطلب تہ اُهي جرمنيءَ ۾ ڪائوتسڪي، اٽليءَ ۾ توراتي ۽ برطانيا ۾ ميڪڊونالڊ جهڙن ميمبرن جي رُڪنيت جاري نہ ٿيون رکي سگهن.

انهن شرطن سبب وڏو گوڙ ٿيو ڪيترن وچ رستي وارن رهنمائن اهي شرط قبولڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. انهيءَ معاملي تي پارٽين اندر ٽيل عليحدگين ڪانپوءِ ئي جرمن انڊيپينڊنٽ سوشل ڊيموڪريٽس ۽ فرينچ سوشلسٽ پارٽي جي اڪثريت، اٽليءَ ۾ اقليت سان گڏجي، 'هڪ نئين قسم جي' ڪميونسٽ پارٽي ٺهڻ لاءِ ووٽ ڏنو.

پر ان رُخ ۾ وڃڻ لاءِ وکون دير سان کنيون ويون. جنهن ڪري 1920ع ڌاري جرمني ۽ اٽليءَ ۾ ٿيل وڏين جدوجهدن کي فائدو نہ ٿيو. جرمنيءَ ۾ 1923ع ۾ فرينچ فوج طرفان رُهر تي قبضي سبب هڪ نئون بحران پيدا ٿيو مهانگائي آسمان تائين پهچي وئي، سڄو ملڪ ڪابيءَ ۽ ساڄيءَ ڌر ۾ ورهائجي ويو هٽلر جي نازين جي پهرين واڌ ٿي ۽ رجعت پرست ڪُنو (Cuno) حڪومت خلاف هڪ ڪامياب عام هڙتال ٿي. تنهن باوجود بہ جنگ کان اڳ واري سوشلزم جي رجعتي پارلياماني روايت جو اجان تائين ڪجهہ ويڙهاڪ انقلابين تي اثر ۽ گرفت مضبوط هئي. ڪميونسٽ رهنمائن سوشل ڊيموڪريٽس سان گڏجي ٻن رياستن Thuringia ۽ Saxony (سيڪسني) ۾ پارلياماني 'پورهيت حڪومتون' جوڙيون ۽ کين اميد هئي تہ انهن رياستن کي انقلابي بغاوت لاءِ اڏي طور استعمال ڪبو پر هنن بغاوت واري رٿا کي منسوخ ڪري ڇڏيو. توڻي جو لڳو پئي تہ پورهيت طبقي جي اڪثريت ان جي حمايت ڪري ٿي.[110]

سڏار پسند سوشلسٽ جن انقلاب کي رد ڪيو تن سمجهيو تہ هڪ پيرو انقلاب جو خطرو ٽري وڃڻ سان سندن زندگي سرمائيداريءَ جي پرامن پکيڙ ۽ جمهوريت جي ڦهلاءَ سان اڳ وانگر جاري رهندي اٽلي ۾ ٿيندڙ واقعن ظاهر ڪيو تہ اُهي ڪيڏا نہ ڀُليل هئا.

دردناڪ قيمت ـ پهرين فاشزم

1920ع ڌاري ڪارخانن تي قبضي وقت اٽليءَ ۾ مسوليني قومي سطح تي هڪ مشهور شخصيت هو. هي هجومن کي بغاوت لاءِ پڙڪائيندڙ طور مشهور سوشلسٽ ايڊيٽر هو جنهن جنگ جي حمايت ۾ پنهنجي پارٽيءَ سان لاڳاپو ٽوڙي ڇڏيو هو. پر هن جا ذاتي سياسي پيروڪار ٿورا هئا. سي بہ اڳوڻن انقلابين جي هڪ گروهہ تائين محدود هئا، جيڪي هاڻي ڪٽر قومپرست ٿي ويا هئا. جن جو خيال هو تہ اٽليءَ کي آسٽريا جي علائقي ۾ يوگوسلاويا سان لڳولڳ ساموندي ڪناري جو حق ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويو آهي. هنن مان ڪجهہ ماڻهن 1919ع جي مارچ ۾ پهريون فاشسٽ ويڙهاڪ يونٽ (fascio de combattimento) ناهيو پر انهيءَ سال واري چونڊ ۾ ڪين بلڪل گهٽ ووٽ مليا ۽ جڏهن اٽليءَ جي پورهيتن، مالڪن ۽ حڪومت سان ٽڪر کاڌو تڏهن پاسيرا رهيا.

ڪارخانن تي قبضي واري ناڪامي اقتدار ماڻڻ جي هڪ انقلابي جدوجهد ۾ بدلجي وئي، جنهن مسوليني‌ءَ جا ڀاڳ کوليا: پورهيت مايوس ٿي ويا، ڇاڪاڻ تہ وڌندڙ بيروزگاريءَ جلدئي ڪائن 'ٻن سُرخ سالن' دوران حاصل ٿيل مادي ڪاميابيون کسي ورتيون. مالڪن پورهيت تحريڪ کي سبق سيکارڻ جو پڪو ارادو ڪيو. جيڪو ڪائن نہ وسريو ۽ 'لبرل' وزيراعظم Giolitti کاٻي ڌر خلاف پنهنجو وزن وڌائي، توازن ٺيڪ ڪرڻ چاهيو پئي. مسوليني‌ءَ پنهنجون خدمتون آڇيون. وڏن ڪاروباري ماڻهن جي حلقن ۽ Giolitti حڪومت ڳجهي نموني هن کي فنڊ مهيا ڪيا. جنگ جي وزير اشتهار جاري ڪيو تہ جيڪڏهن 60 هزار اڳوڻا فوجي آفيسر فاشي (Fasci) جو ساٿ ڏيندا تہ ڪين سندن فوجي پگهارن جو 80 سيڪڙو ڏنو ويندو.[111] وزيراعظم Giolitti هڪ 'ساڄي ڌر ـ مرڪز ' جو چونڊ معاهدو ڪيو جنهن 1921ع جي مارچ ۾ مسوليني‌ءَ کي 35 پارلياماني سيٽون ڏياريون. موٽ ۾ مسوليني‌ءَ جي هٿياربند گروهن منظم طريقي سان کاٻي ڌر ۽ يونين جي مقامي مرڪزن تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا. ان جي ابتدا پو ماٿري کان ڪئي وئي، جتي پورهيتن ۽ فصل ۾ ڀائيوار جاگيردارن خلاف سخت هڙتالون ڪيون هيون.

.50 يا 60 فاشسٽن جا گروهہ ڳوٺن ۽ وستين ۾ ٽرڪن ۾ سوار ٿي پهتا. سوشلسٽ 'عوامي گهر' هالن کي باهيون ڏنيون، هڙتالي قطارون ٽوڙيون، ويڙهاڪن کي سزائون ڏنيون ۽ انهن جي نڙين ۾ ارنڊيءَ جو تيل وڌائون ۽ پوءِ ڇڏي ويا. پوليس بہ ڪين ڇڏي ڏيڻ لاءِ ڪافي وقت ڏيندي هئي. سوشلسٽ ۽ ٽريڊ يونين تنظيمن جا رُڪن پنهنجن ڏنڊن سان جڙيل رهيا ۽ جدا جدا ڳوٺن ۾ ٽڙوپکڙ هئا. سي اهڙن حملن جو ٽڪر ۾ جواب نہ پئي ڏئي سگهيا. فاشسٽن پنهنجو پاڻ کي مڪمل طور تي محفوظ محسوس پئي ڪيو ڪين اها ڄاڻ هئي تہ سندن وچڻ کانپوءِ پوليس سدائين ثابت ڪندي تہ اها 'قتل کي هڪ راند طور ڏسي ٿي'.[112]

فاشسٽن کي ڪاميابيءَ پٺيان ڪاميابيون ڏنيون ويون. اُهي شهرن مان پنهنجي

ـمن لاءِ 'زميندارن، چانوٺي آفيسرن، يونيورسٽي شاگردن، عملدارن، مسواڙين، پيشيورن ۽ ڪاروباري ماڻهن'[113] کي ڀهراڙين ڏانهن متحرڪ ڪرڻ جي قابل هئا. 1920ع جي آڪٽوبر ۾ فاشسٽ ٽولن جو تعداد 190 هو جيڪو 1921ع جي فيبروريءَ تائين هڪ هزار ۽ انهيءَ سال جي نومبر تائين 2،300 تي ويو.[114]

تنهن هوندي به سمورو اختيار انهن وٽ نه هو. گيولٽيءَ (Giolitti) جي حڪومت فاشسٽن کي استعمال ڪرڻ چاهيو پر انهن هٿان استعمال ٿيڻ نه پئي چاهيو ۽ اُن وٽ اجان تائين فاشسٽن کي رستي آڻڻ لاءِ اختيار هئا. جڏهن 1921ع جي جولاءِ ۾ سارزانا ۾ 500 فاشسٽن جي گروهه هٿان 11 سپاهين گوليون هلايون ته اُهي ڀڄي ويا.[115] ان وقت پورهيت پنهنجن نيم فوج جٿن (arditi del popolo) کي ترڪ ڪري فاشسٽن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿيا. هڪ فاشسٽ اڳواڻ بينچيليءَ اعتراف ڪيو ته دستن کي ڄاڻ نه هئي، ته جڏهن ماڻهو واپس وڙهن ته 'پنهنجو دفاع ڪيئن ڪجي'.[116] فاشسٽ تحريڪ اندر مختصر بحران جنم ورتو جڏهن ته مسوليني‌ءَ فاشسٽ ايگزيڪيوٽو تان استيعفا ڏئي ڇڏي، ڇاڪاڻ ته هي 'اُداس' ٿي ويو.[117]

هن کي پورهيت تحريڪ جي رهنمائن جي رويي بچائي ورتو. توراتيءَ جي سُڌارپسند سوشلسٽن ۽ مک سي جي ايل ٽريڊ يونين فيڊريشن، فاشسٽن سان هڪ امن معاهدي تي صحيح ڪئي. مُک سوشلسٽ پارٽيءَ جي ڪابي ڌر وارا اڳواڻ (جن توراتي سان نيٺ تعلق ٽوڙي ڇڏيو هو) غيرمتحرڪ رهيا ۽ نيم فوجي جٿن arditi del popolo تي ملامت ڪئي. ان وقت جي ڪميونسٽ رهنما اماڊيو بورڊيگا (Amadeo Bordiga) فاشسٽ ۽ ٻين بورجوا پارٽين جي وچ ۾ ڪو به فرق نه ڪري سگهيو هن پاڻ کي جدوجهد کان پاسيرو رکيو ۽ نيم فوجي جٿن تي ملامت ڪئي.

جيسيتائين جاگيردارن ۽ وڏن ڪاروباري ماڻهن حڪومت تي ڪافي دٻاءُ وڌو ته اُها پنهنجي رويي ۾ تبديلي آڻي، تيسين مسوليني انتظار ڪيو پوءِ هن صلح بندي کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ پنهنجي چونڊيل وقت تي پورهيت تنظيمن تي ڀيهر حملا شروع ڪيا. هاڻي حملا فقط ڳوٺن ۽ وستين تي نه پر وڏن شهرن ۾ ڪابي ڌر جي گهرن، اخباري دفترن ۽ يونين هالن تي به ڪيا ويا.

پورهيت تحريڪ جي رهنمائن نيٺ 1922ع ۾ حملن تي ردعمل ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي. اُنهن سيني يونين جو هڪ 'ليبر الائنس' جوڙيو ۽ روينا (شهر) ۾ سندن گهرن تي حملن کانپوءِ جولاءِ ۾ ٽن ڏينهن جي عام هڙتال جو سڏ ڏنو پر اقتصادي ٻاڙائي وقت بيروزگاريءَ جي بلند سطح سبب ٽن ڏينهن جي هڙتال مشڪل سان وڏن ڪاروباري حلقن کي مسوليني‌ءَ جي مالي مدد جاري رکڻ کان روڪي سگهي ۽ ٻيو ته گهٽين جي ڪنٽرول لاءِ فاشسٽن سان وڙهڻ خاطر پورهيت گروهن جي منظم تحريڪ نه هئي، ـجنهنڪري مسوليني اڳ کان وڌيڪ طاقتور ٿي رهيو.

هڙتال جي ناڪاميءَ ڪانپوءِ پيدا ٿيل مايوسيءَ مسوليني کي پنهنجو ڪنٽرول ملن، انڪونا ۽ گينوئا جهڙن شهرن تائين وڌائڻ جي اجازت ڏني. توڙي جو نيم جتن ڪامياب مزاحمت جي امڪان جو مظاهرو پڻ ڪيو جڏهن نيم فوجي جتن پارما ۾ فاشسٽن کي پٺتي هٽايو.[118] 1922ع جي آڪٽوبر تائين مسوليني ايترو طاقتور ٿي ويو جو گيوليٽي ۽ بورجوا لبرل جي اهميت نہ رهي. جڏهن اُنهن مسوليني کي سندن حڪومت ۾ هڪ عهدي جي آڇ ڪئي تہ هن ڌمڪي ڏني: جيڪڏهن حڪومت هن جي ڪنٽرول هيٺ نہ ڏني ويندي تہ سندس فاشست جٿا روم ڏانهن مارچ ڪندا. اها تہ هن طرفان پيڪي ۽ ٻٽاڪ هئي، جيڪڏهن رياست هن کي روڪڻ چاهي ها تہ آسانيءَ سان روڪي سگهي پئي، پر جنرلن ۽ وڏن ڪاروبارين هن کي روڪڻ نہ چاهيو. بادشاهہ هن کي وزيراعظم مقرر ڪري ڇڏيو ۽ مسوليني، ملن (علائقي جو نالو) کان ٽرين ذريعي پهتو.

جڏهن لبرل پارٽيءَ مسوليني جي مدد ڪندي، کيس پارلياماني اڪثريت ڏني ۽ هن جي پهرين حڪومت ۾ وزيرن طور عهدا ورتا، تڏهن اٽليءَ جي بورجوازيءَ ڏيکاريو تہ اها مراعت ۽ منافعي کي جمهوري اصولن کان وڌيڪ اهميت ڏئي ٿي.

فقط بورجوازي نہ هئا، جنهن سمجهيو پئي تہ مسوليني 'نظام' ۽ ملڪ ۾ پائيداري آڻيندو جيئن اٽليءَ جي هڪ فاشزم جي هڪ تاريخ ياد ڏياري ٿي:

ڪميونسٽن کي ڇڏي، ذري گهٽ سڀني سوشلسٽن، سڄي پارليامينٽ، جنهن ۾ جمهوري فاشست دشمن ۽ سي جي ايل جا سوشلسٽ شامل هئا، تن هڪ ڊيڄاريندڙ خواب جي پڄاڻيءَ طور سُڪون جو ساهہ کڻندي، مسوليني جي حڪومت جي آجيان ڪئي. ماڻهن چيو تہ گهرو جنگ ختم ٿي وئي، اميد ڪئي وئي تہ فاشزم قانوني طور سلوڪ ڪندي.[119]

اصل ۾ ڊيڄاريندڙ خواب جي تہ هاڻ ابتدا ٿي. مسوليني حڪومت ۾ هاڻي پوليس ۽ فاشسٽن گڏجي ڪارروائيون ڪيون. گڏجي اُنهن منظم طريقي سان پورهيت طبقي جي تنظيمن کي برباد ڪيو. لبرل سياستدانن ۽ دانشورن کي اهڙي حالت ۾ ڇڏيو جو اُهي ناشست تشدد لاءِ خطرو نہ ٿين. ڪجهہ وقت لاءِ جمهوريت جيئن جو تيئن برقرار رهي، ايتريقدر جو ڪاٻي ڌر وارا اشتراڪي ۽ ڪميونسٽ ڊپٽي پارليامينٽ ۾ آزاديءَ سان راءِ ڏيندا هئا، پر ان کان ٻاهر نہ، پر اصل طاقت مسوليني وٽ هئي، نہ ڪي آئيني ادارن وٽ.

ان جو ڊرامائي اظهار 1924ع ۾ ٿيو. مسوليني جي چارٽي، هڪ مشهور سڌار پسند اشتراڪي پارليامينٽيرين ميٽيوٽ (Mattcotti) کي قتل ڪري ڇڏيو. فاشسٽن مختصر عرصي ۾ پنهنجي اڳوڻي تائيد وڃائي ڇڏي ۽ اهي ڳالهيون بہ ٿيڻ لڳيون تہ 'ايندڙ هفتي ۾ حڪومت کي آسانيءَ سان اونڌو ڪيو ويندو.'[120] پر پارلياماني اپوزيشن پاڻ کي محدود رکيو ۽ احتجاجن چيمبر کان ٻاهر مارچ نہ ڪيو. اها حڪومت خلاف عوامي ڪارروائي جو سڏ ڏيندي، سماجي اُٿل پٿل جي جوکم کڻڻ لاءِ تيار نہ هئي ۽ اڪثر

ڊپٽين کي پالي نپائي پوءِ فاشسٽن کي ڏنو ويو هو ۽ ائين 1925ع جي ابتدا تائين پارليامينٽ ۾ سندن جايون بحال رکيون ويون.

هاڻي مسوليني کي چاڻ هئي تہ ڪيس ڪاب ڏاڍائي ڦبي ويندي ۽ هن اٽليءَ کي هڪ آمراڻي حڪومت ۾ بدلائي پنهنجو پاڻ کي سمورن اختيارن وارو رهنما Duce بڻائي ڇڏيو. مسوليني جي ڪاميابي يورپ جي ٻين علائقن جي حڪمران طبقن کي اتساهيو. برطانوي ڪنزرويٽو ونسٽن چرچل خوش ٿي، هن جي ساراهہ ڪئي[121] ۽ جلدئي ڪيترائي ماڻهو هن جي طريقن جو نقل ڪرڻ لڳا. انهن منجهہ ميونخ ۾ يهودي مخالف ڪٽر قومپرست حلقن ۾ هڪ شخصيت ايرڻ لڳي، ۽ اهو هو اڊولف هٽلر.

ڪَڙي قيمت، اسٽالن ازم جا ٻج

انقلاب کي ملڪ کان ٻاهر ڦهلائڻ ۾ ناڪاميءَ روس کي اڪيلو ڪري ڇڏيو ۽ ان کي نہ صرف مادي ناڪابندي ڀوڳڻي پئي، پر اٽڪل 16 غيرملڪي فوجن هٿان پرڏيهي ڪاهن جون سيئي دهشتون، گهرو جنگ، بربادي، بيماري ۽ بُک جي مصيبتن کي پڻ ڀوڳڻو پيو. صنعتي پيداوار سندس 1916ع جي انگن اکرن کان 18 سيڪڙو تائين گهٽجي وئي ۽ پورهيت طبقي جا ڪجهہ ماڻهو جيڪي شهرن ۾ بچيا، سي پنهنجو پاڻ ٻهراڙين ڏانهن سفر ڪري هارين سان شين جي مٽاسٽا ڪري، پاڻ کي جيئرو رکي سگهيا. وچڙندڙ بُخار (typhus) پکڙيو ۽ ايتريقدر جو آدم خوري بہ ظاهر ٿي. بالشوڪ پورهيت طبقي جي ذري گهٽ سڌي نمائندگيءَ بدران هڪ پارٽي حڪومت ذريعي اقتدار ۾ باقي رهيا. پورهيت جيڪي اڃان تائين پارٽيءَ ۾ ڪُجهہ تعداد ۾ هئا، تن جي انقلابي همت ۽ سهپ کين بچائي ورتو پر سلامتي لاءِ کين هڪ سياسي قيمت ادا ڪرڻي پئي.

ان جو اظهار 1920ع جي مارچ ۾ ٿيو جڏهن Kronstadt پيٽروگراڊ (سينٽ پيٽرسبرگ) ٻاهران بحري قلعي ۾ ملاحن غربت جي حيرت انگيز سطح جو الزام انقلابي حڪومت تي هڻندي بغاوت ڪري ڏني. 1917ع ۾ بالشوڪ طاقت جي وڏن مرڪزن مان هڪ Kronstadt بہ رهيو هو پر ان جي ترتيب بدلجي چڪي هئي چاڪاڻ تہ پراڻا ويڙهاڪ وڙهڻ لاءِ سُرخ فوج ۾ هليا ويا هئا ۽ سندن جاءِ ٻهراڙين مان نون آيلن والاري هئي. اها بغاوت غربت کي ختم ڪرڻ جو ڪو پروگرام پيش نہ ڪري سگهي، چاڪاڻ تہ اهو ڪو سرمائيدارانو بحران نہ هو جتي غربت سان گڏ دولت هوندي آهي، پر گهرو جنگ، پرڏيهي حملي ۽ ناڪابنديءَ هٿان مفلس بڻيل ملڪ جو مسئلو هو. اُتي ائين نہ هو تہ ڪو هڪڙو طبقو خوشحال هو ۽ ٻيو بُکن ۾ پاهہ هو، بلڪ بُک جون مختلف سطحون هيون. ڪجهہ مهينا اڳ هڪ گهرو جنگ ۾ هارايل پراڻي حڪومت جا جنرل واپس قبضو ڪرڻ جي تاڙ ۾ ويٺا هئا ۽ نيٺ انهن Kronstadt باغين مان ڪجهہ ماڻهن سان دوستاڻا لاڳاپا پڻ قائم ڪري ورتا. وقت هاڻ انقلابي حڪومت جي هٿن مان نڪتو پئي

ويو. قلعي جي چوڏاري برف تيزي سان ڳرڻ لڳي ۽ ٿوري وقت کانپوءِ اُن تي ڀيهر قبضو ڪرڻ مشڪل ٿي پوي ها.[122] انهن سيني عنصرن بالشوڪن کي بغاوت دٻائڻ کان علاوه ٻي ڪا واهه نه ڏني، ان حقيقت کي بالشوڪ پارٽيءَ اندر 'ورڪز اپوزيشن' وارن پڻ تسليم ڪيو جيڪي ملاحن کي هارائڻ لاءِ برف پار ڪرڻ وقت مهڙ وارو دستو هئا. اهو قلعو اڄان تائين انهن بچڙين حالتن جي هڪ علامت هو جيڪي اڪيلائپ ۽ پرڏيهي مداخلت پيدا ڪيون هيون. اهو 1917ع جي بالشوازم کان وڌيڪ جيڪبن ازم جي طريقن سان ٿي بچي سگهيو پئي.

انهن طريقن جا لازمي اثر بالشوڪ پارٽيءَ جي رُڪنن تي ٿيا. گهرو جنگ وارن سالن گهٽن ماڻهن کي آمراڻن طريقن جي تربيت ۽ سکيا ڏني، جيڪا پورهيت جمهوريت واري ڳالهه سان بلڪل نه پئي ٺهڪي. لينن مڃيو هو جڏهن 21_1920ع جي سياسي ۽ اندروني پارٽي بحثن ۾ هن دليل ڏنو ته 'اسان جي پورهيت رياست جو جهڪاءُ نوڪرشاهاڻو آهي'.[123] هن سوويت رياستي ڍانچي کي 'زار شاهي کان اوڌارو ورتل ۽ سوويت دنيا کي مشڪل سان ڇُهيل .... هڪ بورجوا ۽ زارشاهي ڍانچي' طور بيان ڪيو.[124] ان حالت ڪيترن پارٽي ساٿين جي روين کي متاثر ڪيو 'ماسڪو ڏانهن ڏسجي ته عملدارن جو هجوم آهي، ڪير ڪنهن جي اڳواڻي پيو ڪري؟ 4،700 ذميوار ڪميونسٽ عملدارن جو هجوم يا ڪي ٻيا؟'[125]

ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي ٽين ڪانگريس 1921ع جي اونهاري ۾ ٿي. اهو پهريون پيرو هو جو گهٽ يا وڌ ڪُل انقلابي وفد گڏ ٿيا. ڪيترن وفدن جي وجداني ڪيفيت هئي، ته اهي انقلاب جي سرزمين روس ۾ موجود هئا ۽ ڪيئي بالشوڪ پنهنجن آدرشن سان ڇهٽيل رهيا. پر پارٽي مجموعي طور تي اڪيلائپ، آمريت ۽ پراڻي ڪامورا شاهيءَ انحصار جي اثرن کان بچي نه سگهي. مارڪس 1851ع ۾ لکيو هو ته 'انسانذات تاريخ ٺاهي ٿي'، پر 'پنهنجي چونڊ وارين حالتن هيٺ' نه. اهي حالتون موٽ ۾ انسانذات کي بدلائين ٿيون. واقعن جي دٻاءَ هيٺ بالشوازم آهستي آهستي پنهنجو پاڻ کان هٽي ٻي ڪا شيءِ ٿيڻ لڳي، ڪميونسٽ انٽرنيشنل هڪ هم آهنگ تنظيم ۾ اهو واضح ڪيو ۽ اهائي شيءِ هئي جنهن کي اسٽالن ازم سڏيو ويو. توڙي جو 1923ع يا 1924ع تائين جوزف اسٽالن وٽ اصل اختيار نه هو ۽ فقط 29_1928ع ۾ ڪيس حتمي اختيار حاصل ٿيا.

باب چوٿون

بئنڪي دنيا ۾ بغاوت

20 هين صديءَ جي شروعات ۾ آڳرين تي ڳڻڻ جيترن حڪمرانن دنيا تي راڄ ڪيو پئي. انساني تاريخ جي وسيع ڏارا هڪ سوڙهي واهه مان لنگهي پئي، جنهن کي چند يورپي ملڪن هلايو ٿي. پهرين مهاڀاري جنگ پنهنجو پاڻ ان جو اظهار هئي. هڪ عالمي جنگ. لازمي طور تي برطانيا، جرمني ۽ فرانس جي حاڪمن جي سامراجي مقصدن جو نتيجو هئي.

جنگ جي خاتمي تائين بغاوتن جي لهرن بئنڪي دنيا کي ڀاري ڇڏيو ۽ انهن حاڪمن جي بالادستي کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو. 1916ع ۾ ڊُبلن ۾ ٿيل هٿياربند بغاوت جي پٺيان وري 21_1918ع ۾ سڄي آئرلينڊ ۾ گوريلا جنگ ڪئي وئي. انڊيا ۾ برطانوي راڄ خلاف مظاهرن ۽ هڙتالن جو سلسلو هليو. مصر ۾ برطانوي قبضي خلاف ذري گهٽ انقلاب اچڻ وارو هو ۽ چين ۾ قومپرست جدوجهد جنهن جي ابتدا 1919ع ۾ شاگردن جي احتجاج سان ٿي، تنهن 27_1926ع ۾ هڪ گهرو جنگ جي صورت اختيار ڪري ورتي.

اولهه جي تسلط خلاف مزاحمت جنگ کان اڳ ٿي پئي. لڳاتار سخت جنگين وڙهڻ ذريعي ئي آفريقا جي بئنڪيت ممڪن ٿي سگهي هئي. انڊيا ۾ 1857ع جي بغاوت هٿان، برطانوي حاڪميت لرزجي وئي ۽ صديءَ جي ڦيري وقت 'باڪسر بغاوت' اولهه جي مفادن ۽ عملن تي حملن واريءَ لهر چين کي ڀاري ڇڏيو هو.

بهرحال، اهڙي مزاحمت جي نتيجي ۾ انهن پراڻن سماجن کي ٻيهر ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جيڪي اڳئي پرڏيهي قبضن آڏو ڍير ٿي چڪا هئا.

پر 20 هين صديءَ جي ابتدا کان مزاحمتي نون وهڪرن اولهه جي سرمائيداري طريقن مان سکڻ ۽ ان جو نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، توڻي جو انهن وهڪرن روايتي صورتون اختيار ڪيون. انهن جدوجهدن جو مرڪز شاگرد، وڪيل، استاد ۽ صحافي هئا. هنن گروهن جو ڳچ تعداد بئنڪي حڪمرانن جي ٻوليءَ ۾ پڙهيو هو هنن يورپي انداز جو لباس پهريو ۽ يورپي سرمائيداري قدرن کي قبوليو. هنن جي خواهشن کي لڳاتار بئنڪي حاڪمن جي پاليسين هٿان ڪچليو ويو. هر بئنڪي شهر ۾ اهڙا هزارين فرد هئا ۽ سندن مظاهرن ۽ احتجاجن گهڻين کي پيري ڇڏيو ۽ روايتي انداز سان وڏي تعداد ۾ ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتائون.

برطانيا جي سڀ کان اهم بئنڪيت انڊيا ۾ 1900ع جي وچ ڌاري ملڪي سطح جي هڪ مزاحمتي مهم هلي، جڏهن سامراجي اختيارين 'ورهايو ۽ حڪومت ڪريو' واري حڪمت عملي جي پيروي ڪندي نئين ڪنڊ جي سڀ کان وڏي صوبي بنگال کي مسلمان ۽ هندو علائقن ۾ ورهائي ڇڏيو. انهيءَ مهم ۾ 'سوديشي' (پنهنجو ملڪ) نعري هيٺ برطانوي شين جو بائيڪاٽ ڪيو ويو. مظاهرا ۽ برطانوي آفيسرن واريءَ فوج سان سخت ٽڪراءَ بہ ٿيا. ان جدوجهد انگريزي ڳالهائيندڙ پيشيور وچولي طبقي تي ٻڌل اڳوڻي اعتدال پسند تنظيم انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ بي جي تلڪ جهڙن ماڻهن کي گڏائي ڇڏيو. تِلڪ هندو ازم کي 'مستند' هندو روايت قرار ڏيندي، مٿين ذات وارن هندن جي مسلمانن دشمنيءَ هيٺ 'دهشتگرد' طريقن کي زور وٺايو. پر انڊيا جي مراعت يافتہ طبقن جا وڏا حلقا اڃان تائين برطانيا سان ڇهتيل رهيا. جڏهن پهرين عالمي جنگ لڳي تہ تلڪ ۽ مهاتما گانڌي (جيڪو 1915ع ۾ ڏکڻ آفريقا کان انڊيا ڏانهن موٽيو هو) ٻنهي برطانوي جنگي ڪوشش جي پٺڀرائي ڪئي. برطانوي اختيارين کي انڊين فوج کي وڌائڻ لاءِ وڏي تعداد ۾ ماڻهو مليا. جنهنڪري برطانوي فوج جو تعداد هاڻي 20 لکن تائين پهچي ويو ۽ اُنهن مان گهڻن فوجين کي يورپ ۾ ٿيندڙ ڪوس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اماڻيو ويو.

چين ۾ نئين صورتحال مانچو سلطنت جي زوال ڏانهن وٺي وئي. پراڻن ۽ نون ٻاهران پڙهي آيل وچولن طبقن جو سلطنت ۾ ويساهہ نہ رهيو جيڪا اولهہ جي طاقتن کي روڪي نہ سگهي ۽ جاپان هٿان 'وڏيون رعايتون' وٺڻ ۽ 'اڻبرابريءَ وارا معاهدا' مڙهڻ کي روڪي نہ سگهي. 1911ع جي آڪٽوبر ۾ هڪ فوجي بغاوت هيٺ چيني جمهوريا جو اعلان ڪيو ويو. تازو جلاوطني مان موٽي آيل سن يات سين کي ان جو صدر چونڊيو ويو. سن يات سين 20 سالن کان قسمين قسمين ڳجهين تنظيمن کي منظم ڪندو رهيو هو جيڪي قومي آزادي ۽ لبرل جمهوريت جي مقصدن سان واڳيل هيون. پر اقتدار تي هن جي پڪڙ ڪمزور ٿي پئي ۽ هڪ مهيني اندر هن صدارت هڪ پراڻي شاهي جنرل ڏانهن منتقل ڪئي، جنهن پنهنجو پاڻ کي هڪ آمر طور مقرر ڪري، پارليامينٽ کي برطرف ڪري ڇڏيو.

صديءَ جي پهرين ڏهاڪي دوران مصر ۾ برطانيا مخالف قومپرستيءَ جي هڪ لهر ايري، ان کي اختيارين اخبارن تي بندش لڳائي، اڳواڻن مان هڪ کي قيد ڪري ۽ ٻين کي جلاوطن ڪري دٻائي ڇڏيو.

آئرش بغاوت

جيڪڏهن انڊيا برطانيا جي سڀ کان وڏي ڪالوني هئي تہ آئرلينڊ ان جي سڀ کان پراڻي ڪالوني هئي ۽ 19 هين صديءَ جي وچ ڌاري اُن بہ ايترو ئي ڀوڳيو جيترو ايشيا يا آفريقا جي ڪنهن علائقي ڀوڳيو هو. هتي ئي 1916ع ڌاري بئنڪي سلطنتن خلاف پهرين جديد بغاوت ٿي.

آئرليند ۾ برطانيا جي مخالفت ۾ هڪ صديءَ کان بہ روايتون رهنديون پئي آيون. هڪڙي آئيني قومپرستي هئي، جنهن جو مقصد برطانوي پارليامينٽ ۾ سيٽون کٽي، برطانيا کي مجبور ڪري محدود خودمختياري (Home Rule) تسليم ڪرائڻ هو. ٻيءَ جو مقصد ريپبلڪن ازم هو. آئرش ريپبلڪن پارٽي يا 'فينين' جھڙين زير زمين ڳجهين تنظيمن هٿياربند بغاوت لاءِ تياري ڪئي.

جنگ کان اڳ ٽائين ئي طريقا ڪامياب نہ ٿيا هئا. ڪيترين ئي فينين سازشن ۾ بغاوتن کي برطانوي رياست آساني سان ٽوڙي ڇڏيو هو ۽ سندن قيادت کي قيد ڪيو. آئيني قومپرست گهٽ ڪامياب نہ ٿيا هئا. 1880ع ۾ کين 'گهرو خودمختياري' لاءِ برطانوي حڪمران طبقي جي لبرل ونگ مان ناليِ ماتر حمايت ملي هئي. ٽوٽي جو 14-1912ع ۾ برطانوي هائوس آف ڪامنس هڪ گهرو خودمختياري قانون منظور ڪيو پر ان پنهنجا واعدا نہ پاڙيا. ان بدران لبرل ونگ مختلف ڊرين سان گڏجي معاملي کي اينگهائي ڇڏيو تن ۾ ڪنزرويٽو اپوزيشن، جنهن 'برطانوي آئين' کي خطري هيٺ هجڻ جي ڳالهہ ڪئي، گهرو راڄ جي مخالف 'اورينج' وفادارن، جن ڪُلي عام جرمنيءَ مان هٿيار گهرايا ۽ سينيئر فوجي آفيسرن جن 'ڪُراگهہ (Curagh) بغاوت' ذريعي اها ڳالهہ چٽي ڪري ڇڏي تہ اُهي گهرو راڄ جو قانون لاڳو نہ ڪندا. تنهن هوندي بہ جڏهن 1914ع ۾ جنگ لڳي تہ آئيني قومپرستن ڊوڙي وڃي برطانوي جنگي ڪوشش جي حمايت ڪئي ۽ هزارين آئرش واسين کي برطانوي فوج ۾ رضاڪار ٿيڻ لاءِ قائل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

پوءِ 1916ع ايسٽر دوران اٽڪل 800 هٿياربند باغين ڊُبلن (شهر) جي مرڪز ۾ سرڪاري عمارتن، خاص ڪري جنرل پوسٽ آفيس، تي قبضو ڪري ورتو. ان بغاوت ۾ شريڪ ٿيندڙ اڪثر ريپبلڪن هئا، جن جي اڳواٽي شاعر ۽ اسڪول ماستر پيڊرائڪ پيرس ڪئي پئي. پر انهن سان گڏ هڪ هٿياربند لشڪر، يعني آئرش شهري فوج سان تعلق رکندڙ ڪجهہ ماڻهو پڻ وڙهيا. 'آئرش شهري فوج' جنهن کي ڊُبلن تالابند جدوجهد جي نون مهينن کانپوءِ آئرش سوشلزم جي باني ۽ پورهيت تنظيم 'دنيا جا صنعتي پورهيت آمريڪا' جو بنياد وجهندڙ جيمز ڪانولي ٺاهيو هو.

بغاوت جو انتظام اٿپورو هو. هڪ گروهہ جي ڪمانڊر جنگ لاءِ ماڻهن کي متحرڪ ٿيڻ واري حڪم کي منسوخ ڪري، شريڪ ٿيندڙن جي تعداد کي بہ پاڱي تي ٽائين گهٽائي ڇڏيو ۽ جرمن فوج جي اچڻ وارين ڪوششن کي برطانوي فوج روڪي ڇڏيو پر سيني کان وڌي ڳالهہ تہ ڊُبلن جي آباديءَ بغاوت جي معاملي ۾ لاپرواهي ۽ بي غرضي ڪئي. ان ڪري جلاوطن پولش انقلابي ڪارل رادڪ ان سڄي معاملي کي ناڪام بغاوت سان حڪومت بدلائڻ طور بيان ڪري ٿو. ان جي ابتڙ لينن، جيڪو پڻ جلاوطن هو ڳالهہ ڪئي تہ ان عمل بئنڪي راڄ خلاف بغاوتن جي سلسلي جي شروعات جي نمائندگي ڪئي، جيڪو يورپي طاقتن کي ڌوڏي ڇڏيندو.

آخرڪار آئرلينڊ ۾ ٿيل بغاوت برطانوي راڄ کي لوڏي ڇڏيو. پريشان برطانوي حڪمران طبقي بغاوت کي ڪچلڻ لاءِ ڊبلن جي مرڪز مٿان جنگي ٻيڙين مان بمباري ڪرائي ۽ باغي اڳواڻن کي موت جون سزائون ڏنيون. جڏهن اُنهن هڪ اڃي جهنڊي هيٺ هٿيار ڦٽا ڪيا هئا. جنهنڪري برطانوي راڄ خلاف دشمني ويتر وڌي وئي. اها دشمني 1918ع ۾ وڏيڪ گهري ٿي وئي جڏهن برطانوي حڪومت آئرلينڊ ۾ زبردستي ماڻهن کي فوج ۾ ڀرتي ڪرڻ لاءِ تياري ڪئي. برطانوي پارليامينٽ جو بائيڪاٽ ڪندڙ سن فين (Sinn Fein) اميدوارن 1918ع جي عام چونڊن ۾ حصو وٺي بورڊ ۾ ڪاميابي ماڻي. برطانيا جي حامي يونينسٽ اميدوارن اُلسٽر جي اترئين صوبي مان اڌ کان وڏيڪ سيٽون وچايون. سن فين نمائندن ڊبلن ۾ ملاقات ڪئي ۽ پنهنجو پاڻ آئرش ريپبلڪ جي نئين ڊيل (پارليامينٽ Dail) جو اعلان ڪيائون ۽ 1916ع جي ڪمانڊرن مان هڪ ايمن ڊي واليرا کي صدر مقرر ڪيو ويو. ان دوران هٿياربند باغي وري هڪ گوريلا قوت آئرش ريپبلڪن فوج ۾ ڪٺا ٿيا. جنهن جي سرواڻي اڳوڻي ڪلارڪ مائيڪل ڪالنس ڪئي ۽ اُن ڊيل (Dail) سان وفاداريءَ جو واعدو ڪيو هو. هنن گڏجي برطانوي عدالتن ۽ ٽيڪس اوڳاڙيندڙن جو بائيڪاٽ ڪري، برطانوي فوج جي چرپر خلاف هڙتالون ۽ هٿياربند ڪارروائين ذريعي آئرلينڊ کي هڪ ناقابل حڪومت علائقو بڻائي ڇڏيو.

برطانيا پنهنجي 300 سال پراڻي سلطنت واري بربريت سان ردعمل ڪندي چونڊيل آئرش اڳواڻن کي قيد ڪيو. مبينا باغين کي ڦاهيون ڏنيون. مشڪوڪ ريپبلڪن کي مارائڻ لاءِ قاتل ٽولن کي استعمال ڪيو. فٽ بال ميدان ۾ هجوم مٿان مشين گن جا فائر ڪيا ۽ هڪ ڀاڙيتو 'بليڪ ۽ ٽين' (Black & Tain) قوت قائم ڪئي. جنهن ڪارڪ (Cork) مرڪز کي ساڙي شهرين خلاف ڏاڍا ڪيس ڪيا. سموري تشدد جو ڪو فائدو نہ ٿيو سواءِ اتر اوڀر جي جتي برطانيا طرفان هٿياربند فرقيوار پروٽسٽنٽ هجومن ڪيٿولڪن کي سندن ڪاروبارن ۽ گهرن ۾ شڪار ڪيو ۽ نيٺ قومپرست آباديءَ خلاف دهشتگرد ڪارروائيون ڪري ان کي پنهنجو تابع ڪيو.

برطانوي ڪابينا جي گڏجاڻيءَ جا تفصيل[126] ظاهر ڪن ٿا تہ حڪمران طبقي وٽ ڪابہ سمجهہ نہ هئي تہ ڇا ڪجي. آئرش معاملي کين بين الاقوامي طور تي خوار ڪيو پئي، خاص ڪري آمريڪي سياستدانن کي اهو موقعو ملي ويو هو جنهن ذريعي اُهي برطانوي سلطنت کي ڪوڪلو ڪرڻ چاهين پيا. ان خود برطانيا ۾ وڏا سياسي مسئلا پيدا ڪيا، جتي ٻورهيت طبقي جو چڱو حصو آئرش نسل منجهان هو. ايتريقدر جو ان سان سلطنت جي ٻين علائقن ۾ بہ مسئلا پيدا ٿيا. جڏهن برطانيا جي ڪوناٽ رينجرس ريجمنٽ جي آئرش سپاهين انڊيا ۾ بغاوت ڪري وڌي، تنهن هوندي بہ ڪابينا جي وزيرن جي اڪثريت آئرش قومپرستيءَ کي ڪابہ رعايت ڏيڻ کي برطانوي سلطنت سان دغا ۽ ٻين علائقن ۾ بغنتڪي راڄ خلاف بغاوتن کي هٿي ڏيارڻ طور ڏٺو پئي.

نيٺ 1921ع ۾ برطانوي وزيراعظم لائيڊ جارج هڪ غلط گس ڪڍيو. مائيڪل ڪالنس جي سرواڻيءَ هيٺ آئرش وفد سان ڳالهين دوران هن ڌمڪي ڏني ته، جيڪڏهن آئرش، اترئين آئرلينڊ ۾ ڇهه ڪائونٽيز کي برطانوي راڄ هيٺ ڇڏڻ، ڪجهه آئرش بندرگاهن ۾ برطانيا کي فوجي اڏا مهيا ڪرڻ ۽ برطانوي تاج سان وفاداريءَ جو قسم کڻڻ تي راضي نه ٿا ٿين ته سڄي ڌرتي تامو ٻڻائي ڇڏيندا سين. وچولي طبقي جي حلقن، جن کي ڊپ هو ته مڪمل جنگ سندن ملڪيت کي تباهه ڪري ڇڏيندي، طرفان دٻاءَ هيٺ ڪالنس مصلحت قبول ڪئي ۽ ڊيل ۾ معمولي اڪثريت ماڻيائين. آئرش ريپبلڪن آرميءَ وانگر ڊي وليرا به ان کي رد ڪيو جن ان عمل کي هڪ دغا طور ڏٺو. ڪالنس طرفان برطانوي دٻاءَ هيٺ آڻ مڃڻ ڪانپوءِ ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ هڪ گهرو جنگ لڳي، ڪيس برطانوي هٿيار مليا ۽ آئرش ريپبلڪ آرميءَ جي ماڻهن کي ڊبلن جي عمارتن کان تڙي ڪڍيو ويو. 1923ع ۾ جڏهن ريپبلڪن پنهنجون بندوقون پُوري ڇڏيون، تڏهن لائڊ جارج جي حڪمت عمليءَ ڪمال سان ڪم ڪيو.

آئرلينڊ ۾ هڪڙي قسم جي آزاد حڪومت نهي، پر تيسيتائين آئرلينڊ هڪ ڪنگال ملڪ ٿي چڪو هو جيڪو بيلفاسٽ جي چوڌاري صنعتي علائقي کان ڪٽيل هو ۽ برطانوي سامراجيت جي سوين سالن جي بربادي‌ءَ کي منهن ڏيڻ جي ٿورڙي اميد هئس. ايتريقدر جو 1930ع ڌاري جڏهن ڊي واليرا چونڊ ذريعي اقتدار ۾ آيو تڏهن به ڪا بنيادي تبديلي نه آئي، سواءِ ڪجهه برطانوي حاڪميت وارين علامتن جي غائب ٿيڻ جي. اڌ صديءَ تائين اڪثر آئرش نوجوانن لاءِ محفوظ مستقبل جو هڪ ئي گس هو ته برطانيا يا آمريڪا ڏانهن هجرت ڪري وڃن. انهن جي زندگي هڪ طرف مسلسل غربت هيٺ رهي ۽ ٻئي طرف آئرش چرچ هٿان بنجر ڪيٿولڪ ازم جي تبليغ جو غلبو غالب رهيو.

ان دوران آئرلينڊ جو اُترين حصو 1972ع تائين يونينسٽ پارٽيءَ جي جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جي حاڪميت هيٺ رهيو جن اورينج ڪٽرپڻي کي استعمال ڪري، پورهيتن ۽ آبادگارن جي پروٽسٽنٽ اڪثريت جو رُخ ڪيٿولڪ اقليت خلاف موڙي ڇڏيو. جيمز ڪانولي کي 1916ع جي بغاوت ڪانپوءِ موت جي سزا ڏني وئي، جنهن اڳڪٿي ڪئي هئي ته ورهاڱي جي نتيجي ۾ ’سرحد جي ٻنهي پاسي ردعمل جو تماشو‘ ٿيندو. بعد وارن واقعن هن جي ڳالهه کي سچ ثابت ڪيو. برطانوي سامراجيت، آئرلينڊ جي ملڪيتي طبقن جي خوف سان کيڏندي رهي ۽ سندس طاقت کي ٽيل پهرين وڏي للڪار مان ذري گهٽ بنا ڪنهن زخم جي پار پئجي وئي. برطانيا اهو ئي سبق ٻئي هنڌ لاڳو ڪيو.

اڀرندين قومي تحريڪ

ٻرين عالمي جنگ جي ابتدا وقت انڊيا، چين ۽ مصر ۾ قومي تحريڪون مفلوج

ٿي ويون هيون، پر جنگ جي خاتمي تائين اُهي وڌيون ۽ وڌيڪ شديد ٿي ويون. جنگ لکين ايشيائي ۽ اتر آفريقي ماڻهن کي جديد سرمائيداريءَ سان سڌو رابطو ڪرايو. پهرين عالمي جنگ دوران انڊين سپاهي اولهہ واري محاذ، عراق ۽ گاليپولي ۾ وڙهيا. سوين هزارين چيني، ويتنامي ۽ مصري ماڻهن کي مختلف محاذن تي مددگار پورهيت جي ڪردار طور استعمال ڪيو ويو. جنگ مقامي صنعتن کي پڻ زور وٺايو ڇاڪاڻ تہ جنگي دشمنين ٻاهران کان شين جي وهڪري کي روڪي ڇڏيو جنهنڪري جنگي رسد لاءِ نوان وڏا مارڪيٽ ٺهيا.

نين صنعتن پاڻ سان گڏ طبقاتي ڍانچن ۾ ساڳي تبديليءَ جي ابتدا ڪئي، جيڪا يورپ ۾ صنعتي انقلاب سان ٿي هئي. اڳوڻن هارين، ڪاريگرن ۽ ڏيهاڙي مزدورن جديد پورهيت طبقي جي صورت ورتي، توڙي جو اهو طبقو اڃان تائين مجموعي پورهيت آباديءَ جو تمام ٿورو حصو هو چين جي معاملي ۾ اڌ سيڪڙو کان بہ گهٽ، تنهن هوندي بہ اهو وڏو تعداد هو. انڊيا ۾ اٽڪل 2.6 ملين پورهيت هئا،[127] ۽ چين ۾ اٽڪل 1.5 ملين.[128] اهي پورهيت شهرن ۾ ڳتيل هئا، جيڪي رابطن ۽ انتظامي ڍانچن جا مرڪز هئا. جهڙوڪ: بمبئي، ڪلڪتا، ڪينٽون ۽ شنگهائي جتي اڳ ئي آباديءَ جو پنجون ڀاڱو پورهيت طبقو هو ۽ چيني پورهيت تحريڪ بابت پنهنجي تاريخ ۾ چسنيڪس Chesneaux مطابق 'مجموعي آباديءَ جي ڀيٽ ۾ اها وڌيڪ زور وجهڻ جي قابل هئي'.[129]

شاگرد، دانشور ۽ پيشيور وچولن طبقن وٽ سامراجي طاقتن ۽ سندن مقامي ساٿارين کي للڪارڻ لاءِ بہ امڪاني اتحادي هئا. ديسي سرمائيدار، جن هڪ رياست چاهي پئي، جيڪا پرڏيهن خلاف سندن پنهنجن مفادن جو دفاع ڪري ۽ ٻيا مزدور، جن کي پرڏيهي پوليس، انتظاميا ۽ نگرانن کان تڪليف هئي.

اهي تبديليون ساڳئي وقت ٿيون، جڏهن تہ جنگ جي بار عوام جي وڏي آباديءَ کي نپوڙي ڇڏيو جن جي زندگي ڏُک ۽ بيماريءَ خلاف مسلسل جُهدَ مثل هئي. جنگي محصول ۽ قرضن جي صورت ۾ 100 ملين (پائونڊ) انڊيا کان ٻاهر سامراجين جو پيٽ ڀرڻ لاءِ ادا ڪيا ويا، جنهنڪري مزدورن ۽ غريب هارين ڀوڳيو.[130]

انڊيا ۾ انهيءَ ڪاوڙ ۽ نفرت جو اظهار 20_1918ع ڌاري سڄي ننڍي کنڊ ۾ ٽيل احتجاج جي هڪ لهر ۾ ٿيو. بمبئي جي صنعت ۾ هڙتال دوران 125،000 مزدورن حصو ورتو. بمبئي، مدراس ۽ بنگال ۾ ڪاڏي جي کوٽ تي فساد ٿيا ۽ ڪلڪتي ۾ سينين خلاف قرضين طرفان احتجاج ڪيا ويا. عوامي مظاهرا، هڙتالون ۽ فساد انڊيا جي ڪيترن علائقن تائين ڦهلجي ويا.[131] جنرل ڊائر پنهنجن سپاهين کي امرتسر ۾ چوڌاري بند جليانوالا باغ وٽ، هزارين ماڻهن جي مظاهري مٿان گوليون هلائڻ جو حڪم ڏنو. جنهن جي نتيجي ۾ 379 ماڻهو مارجي ويا ۽ 1،200 ڄڻا زخمي ٿي پيا. ان قتل عام کانپوءِ وڏا مظاهرا ٿيا ۽ حڪومتي عمارتن ۽ ٽيليگراف لائين تي حملا ڪيا ويا. 1920ع جي ۾

ڇهن مهينن ۾ 200 کان وڌيڪ هڙتالون ٿيون، جن ۾ 1.5 ملين پورهيتن حصو ورتو. هڪ حڪومتي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو:

.... هندُن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ بيمثال اخوت ۽ ڀائيچارو آهي..... ايتريقدر جو هيٺين طبقن پنهنجا اختلاف وساري ڇڏيا آهن. ڀائيچاري جو غيرمعمولي ماحول پيدا ٿيو آهي. هندو کلي عام مسلمانن جي هٿن سان پاڻي پيئڻ تا ۽ هُو بہ موٽ ۾ ائين ئي ڪن ٿا.[132]

تنهن هوندي بہ احتجاجي ويڙهہ قومپرست تحريڪ جي سرواڻن کي پريشان ڪري ڇڏيو جن ۾ سڀ کان وڌيڪ بااثر شخصيت مهاتما گانڌي هو. هيءُ هڪڙيءَ ننڍڙي رياست جي حڪومتي وزير جو پُٽ هو جنهن لنڊن مان بئرسٽر جي تعليم ورتي هئي، پر هن عام هارين واري پوشاڪ پهري ۽ هندو مذهبي ڳالهين تي زور ڀريندي انگريزي ڳالهائيندڙ پيشيور طبقن ۽ ڳوٺن ۾ رهندڙ انڊين آباديءَ جي وچ ۾ لساني ۽ ثقافتي وٿيءَ کي ڀريو. اهڙي ڍنگ سا جو Harrow مان پڙهيل نوجوان جواهر لعل نهرو جنهن کي هندي ٻوليءَ جي سمجهہ نہ هئي، ائين نہ ڪري سگهي ها. ساڳئي وقت گانڌي انڊيا جي هڪ سرمائيدار گروهہ جي ويجهو هو جن محفوظ مارڪيٽن لاءِ پنهنجي ڳالهہ کي ڌڪو ڏيندي انڊين ڪانگريس ڏانهن نيهاريو پئي.

مختلف مفادن جي هڪ اتحاد کي ڳنڍي رکڻ جي معنيٰ مايوس ڪندڙ احتجاج ۾ نڪري ها جيڪو برطانوي سرمائيدارن سان انڊين سرمائيدارن کي ويڙهائي وجهي ها. ان ڪري گانڌيءَ پرامن ۽ ضابطي واري جدوجهد، انتظاميا سان عدم تعاون جهڙن طريقن تي زور ڏنو. جنهن ماڻهوءَ فقط چار سال اڳ جرمنيءَ خلاف برطانوي سامراجي جنگ لاءِ حمايت تي زور ڀريو هو، تنهن هاڻي عدم تشدد (اهنسا) کي پنهنجو اصول بڻائي ڇڏيو. انهيءَ پرامن عدم تعاون واري جدوجهد جون حدون بنديون طئي ٿيل هيون تہ ڪٿي اها طبقاتي جدوجهد ۾ نہ بدلجي وڃي. گانڌيءَ عام محصول جي عدم ادائگيءَ واري سڏ کان انڪار ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ ان سان هاري زميندارن کي پنهنجيون ادائگيون نہ ڪن ها.

پر هڪ اهڙي تحريڪ جنهن 21-1918ع ۾ انڊيا کي ٻهاري ڇڏيو سا جيئن گانڌيءَ چاهيو پئي، تيئن ضابطي هيٺ نہ پئي رهي سگهي. هڪ طرف برطانوي پوليس ۽ فوج طرفان طاقت جي استعمال ۽ ٻئي طرف هارين، مزدورن ۽ شهري غريبن منجهہ ڪاوڙ جي سطح، ان ڳالهہ کي يقيني بڻايو تہ پرامن احتجاج مسلسل پرتشدد تڪرار جي صورت وٺندا رهن، جيئن احمد آباد، ورامگم، کيدا، امرتسر ۽ بمبئي ۾ ٿيو. 1922ع جي فيبروريءَ ڌاري ٻهار جي هڪ ڳوٺ چاري چورا جو وارو آيو. پوليس طرفان هڪ مظاهري مٿان گولين هلائڻ ڪانپوءِ ماڻهن پوليس اسٽيشن کي ساڙي ڇڏيو بدلي ۾ 22 ڪانسٽيبل ۽ 172 هاري ماريا ويا.[133] ڪانگريسي قيادت ۾ ڪنهن سان بہ صلاح مصلحت ڪرڻ

کانسواءِ گانڌيءَ جلدئي اختجاجي تحريڪ کي منسوخ ڪري ڇڏيو ۽ برطانوي اختيارين کي ساهي پٽڻ جي گنجائش ڏني، جنهن جي کين شديد ضرورت هئي. بمبئي جي گورنر لارڊ لائڊ بعد ۾ اعتراف ڪيو ته ان مهم 'اسان کي ڊيڄاري ڇڏيو' ۽ 'ذري تي ڪامياب ٿيڻ واري هئي'.[134] هاڻي کين تحريڪ کي ڪچلڻ ۽ گانڌيءَ کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇوٽ ملي وئي هئي. تحريڪ ڏهن سالن تائين پٺتي هلي وئي. ويتر بدتر اهو ٿيو ته مذهبي فرق اڳيان اچي ويا. هاڻي هر هڪ گروهه برطانيا جي طاقت کي سامهون رکندي، پاڻ ڏانهن نيهارڻ لڳو. 1920ع ڌاري سڄي ننڍي کنڊ ۾ هندو ۽ مسلمانن جي وچ ۾ سخت جهيڙا ٿيا.

پهريون چيني انقلاب

انڊيا کان وڌيڪ چين ۾ قومي تحريڪ جو اڀار وڌو هو جتي تازو ٿهيل صنعتي پورهيت طبقي اهم ڪردار نڀايو ۽ آخر ۾ وڏي شڪست پڻ پوڳي.

4 مئي 1919ع تي چين ۾ اها خبر پهتي ته آمريڪي صدر وڊرو ولسن جي 'قومن جي حق خوداراديت واري حق' جي واعدي باوجود فاتح طاقتن ورسلز ۾ گڏجاڻي ۾ چين ۾ اڳوڻا جرمن علائقا جاپان کي ڏئي ڇڏيا آهن. جاپاني، برطانوي ۽ فرينچ قبضاگيرن وٽ اڳئي چيني ريلوي، بندرگاهن، دريائن ۽ پاڻيءَ رستن جو ڪنٽرول هو ۽ محصولن ۽ ٽيڪسن جو حصو ڪنيائون پئي، جڏهن ته پرڏيهي طاقتن جي پوليس ۽ سپاهين وڏن شهرن جي 'مخصوص علائقن' ۾ 'نظم ۽ ضبط' کي برقرار رکيو پئي. شنگهائيءَ ۾ بدنام زمانه تختيون لڳايون ويو ته 'ڪتن يا چينين جي داخلا تي بندش آهي.' ان دوران مختلف طاقتن جي پٺڀرائي سان رقيب چيني جنرلن جنگي سردارن طور عمل ڪندي باقي ملڪ کي پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيو. ڪيترن دانشورن انهيءَ صورتحال کي ختم ڪرڻ لاءِ آمريڪي لبرل ازم کي درست سمجهيو پئي، پر کين هاڻي محسوس ٿيو ته ساڻن دغا ڪئي وئي آهي.

شاگرد مظاهرن لکين ماڻهن جي احساسن کي جنجهوڙي ڇڏڻ جو ڪم ڪيو. اُنهن قراردادون منظور ڪيون، گڏجاڻين ۽ مظاهرن ۾ هجوم ڪٺا ٿيا. جاپاني شين جو بائيڪاٽ ڪيو ويو ۽ شنگهائيءَ ۾ شاگردن جي اڳواڻيءَ هيٺ عام هڙتال ٿي. شاگردن، پيشيور وچولن طبقن ۽ صنعتي پورهيتن جي وڌندڙ تعداد کي يقين ٿي ويو ته ملڪ کي سامراجي طاقتن ۽ ڀهراڙيءَ جي معاشي زوال جي وچ ۾ ٽڪرا ٽيڻ کي روڪڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو پوندو.

شاگردن ۽ دانشورن جي گروهن منجهه اڳئي 'نئين سجاڳيءَ جي تحريڪ' هلندڙ هئي. سندن خيال هو ته چين جي ماضيءَ ۾ اهڙا دور رهيا آهن، جڏهن اولهه جي روشن خياليءَ جهڙا خيال ٺهڻ شروع ٿيا هئا، جن کي ڪنفوشنس عقيدي پرستيءَ گهُٽو ڏئي

ڇڏيو. اُنهن متبادل روايتون اڏڻ شروع ڪيون. سندن مُک سرواڻ شخصيت ’هُو شِهه‘ جي لفظن ۾ ’ماڻهن جي ذهنن ۾ زندگيءَ جو نئون نقطه نظر وجهڻو پوندو، جيڪو کين روايت جي زنجيرن مان نجات ڏياريندو ۽ کين هڪ نئين دنيا ۽ ان جي نئين تهذيب ۾ هجڻ جو احساس ڏيندو‘.[135] انهيءَ ڪيفيت چين جي ’نئين طرز‘ وارن تعليمي ادارن ۾ هزارين شاگردن ۽ استادن کي موهي وڌو.[136] انهن کي ڪجهه ٿيڪ چيني سرمائيدارن کان ملي ۽ اهي گهٽو ڪري سن يات سين جي ڪومنتانگ سان جڙيل هئا. پر ساڳئي وقت ڪجهه دانشورن ۽ شاگردن تي روسي انقلاب جو وڏو اثر ٿيو جن اهو پڇڻ شروع ڪيو ته سندن ملڪ ۾ جيڪو ڪجهه ٿئي پيو ان ۾ ڇا مارڪسزم جي ڪا معنيٰ بيهي ٿي. مارڪسزم ۾ دلچسپي وڌڻ لڳي، ڇاڪاڻ ته چين جو نئون پورهيت طبقو هڙتالن ۽ بائيڪاٽن ۾ حصو وٺڻ لڳو جن جي شدت وڏي ’سيني خطن ۽ صنعت جي سيني شاخن کي متاثر ڪيو‘.[137]

1922ع ۾ هڙتالن جي هڪ سلسلي نئين تحريڪ جي امڪاني سگهه جو مظاهرو ڪيو. مارشل لا جي لاڳو ٿيڻ باوجود هانگ ڪانگ ۾ 2،000 ملاحن جي هڙتال ڦهلجي 120،000 ماڻهن جي عام هڙتال ٿي وئي، جنهن مالڪن کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪيو. اُترئين چين ۾ برطانيا جي ڪاٺيون کوٽيندڙ اداري KMAS ۾ 50 هزار مزدورن هڙتال ڪئي، پر اها ڪامياب نه ٿي. ڪاڻ جي خانگي پوليس، برطانوي بحري فوج ۽ جنگي سردارن جي فوجن هڙتالين مٿان حملو ڪيو ۽ سندن يونين اڳواڻن کي گرفتار ڪيو. تنهن هوندي به مزدورن، دانشورن ۽ ايتريقدر جو بورجوازي گروهن طرفان هڙتال جي حمايت، هڙتالين کي ڊگهي عرصي تائين بيهڻ ۽ اُجرت ۾ ٿوري واڌ ماڻڻ جي اهل بڻايو. چيني پوليس ريشم جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ 20 هزار عورت پورهيتن جي پهرين وڏي هڙتال کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ سندن اڳواڻن کي فوجي عدالت آڏو پيش ڪيو. برطانوي پوليس ۽ پورهيتن جي وچ ۾ جهيڙا هانڪو جي برطانوي ڪارخانن ۾ انتها تي پهتا. جتي جنگي سردارن گوليون هلائي 35 هڙتالي مزدورن کي ماري ڇڏيو ۽ يونين جي شاخ جي سيڪريٽريءَ کي ڦاهي ڏني، جنهن ڪم تي واپس اچڻ لاءِ سڏ ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. اهڙين شڪستن پورهيت تحريڪ جي پيش رفت کي ڪٽي وقتي طور ته روڪيو پر مزاحمت جي روح کي تباهه نه ڪيو. ان بدران طبقاتي شعور وڌيڪ پختو ٿيو ۽ جدوجهد کي اڳتي وٺي وڃڻ جو ارادو وڌيو جڏهن به موقعو پيدا ٿئي.

اهو موقعو 27-1924ع جي سالن ۾ مليو. ڏکڻ ۾ ڪينٽون شهر قومپرست دانشورن جو مرڪز بڻيو هو. سن يات سين اُتي هڪ آئيني حڪومت قائم ڪئي هئي، پر اقتدار تي سندس پڪڙ مضبوط نه هئي ۽ هن وڌيڪ حمايت لاءِ واجهايو پئي. هن سوويت روس مان پنهنجي ڪومنتانگ کي منظم ڪرڻ لاءِ مدد گهري ۽ چين جي نئين جوڙيل ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪارڪنن کي ساٿ ڏيڻ لاءِ دعوت ڏني. انهيءَ حمايت جي

اهميت تڏهن ظاهر ٿي، جڏهن برطانوي مفادن سان جڙيل ’ڪمپرادور‘ سرمائيدارن هن خلاف هڪ لک مضبوط واپاري رضاڪارن واري پنهنجي هٿياربند فوج کي استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪميونسٽن جي اڳواٽيءَ واري پورهيت وفد ڪانفرنس هن کي بچايو. اُن جي ليبر آرگنائيزيشن، آرمي واپاري رضاڪارن جي طاقت کي ٽوڙڻ ۾ مدد ڪئي جڏهن تہ پورهيتن سندن تائيد ڪندڙ اخبارن جي ڇپائي روڪي ڇڏي.

پورهيتن جي احتجاجن ۾ قومي مطالبن کي گڏائڻ جي طاقت جو اظهار وري 1925ع ڌاري ڪينٽون پاهران ٿيو. جاپاني ڪنٽرول وارن ڪپهہ جي ڪارخانن ۾ هڙتال جي حمايت ۾ ٿيل هڪ مظاهري تي، پوليس جي فائرنگ ڪانپوءِ شنگهائي ۾ عام هڙتال ٿي. هڪ مهيني تائين ڏنڊا بردار يونين پهريدارن، شين جي چرپر کي ڪنٽرول ڪيو ۽ هڙتال ٽوڙيندڙن کي قيدي بڻايو جڏهن تہ ٻڙن کن ٻين شهرن ۾ يڪجهتيءَ طور هڙتالون ۽ مظاهرا ٿيا. هڪ ٻي وڏي هڙتال 13 مهينن تائين هانگ ڪانگ کي مفلوج ڪري ڇڏيو. قومپرست مطالبا (چينين ۽ يورپين سان برابريءَ جو سلوڪ وغيره) ٽوڙي اقتصادي مطالبا ڪيا ويا. هزارين هانگ ڪانگ واسي هڙتالين کي ڪينٽون ۾ ڪاڏو ۽ رهائش ڏني وئي، جتي:

هڙتالي ڪميٽيءَ جون ذميواريون هڪ يونين تنظيم جي سرگرميءَ جي دائري کان وڌيڪ هيون.... 1925ع جي اونهاري دوران ڪميٽي اصل ۾، پورهيت حڪومت جهڙو ادارو بڻجي وئي ۽ بيشڪ ان وقت ان کي ’حڪومت نمبر 2‘ جو نالو ڏنو ويو. ڪميٽيءَ جي اختيار ۾ هزارين ماڻهن جي هٿياربند قوت هئي.[138]

هڙتال هڪ اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، جنهن ۾ ڪينٽون ۾ قومپرست قوتن محسوس ڪيو تہ اُهي ايترا طاقتور آهن، جو اُتر طرف جنگي سردارن خلاف مارچ ڪري سگهن ٿا. ملڪ جو باقي حصو انهن سردارن جي قبضي هيٺ هو. انهيءَ مارچ کي ’اترئين مهم‘ طور سڃاتو وڃي ٿو جيڪا 1926ع جي اونهاري ۾ شروع ٿي، جنهن جي اڳواڻي جنرل چيانگ ڪائي شيڪ ڪئي، جڏهن تہ ان جي مرڪزي قيادت ۾ فوجي آفيسرن جو هڪ گروهہ هو جيڪي روس طرفان هلندڙ تربيتي اڪيڊميءَ مان آيا هئا. هانگ ڪانگ هڙتال مان پيدا ٿيل پورهيت فوج جا ميمبر رضاڪار طور اوڏانهن ويا.

اُتر ڏانهن مارچ جنگي حوالي سان هڪ سوپ هئي. جنگي سردارن جون فوجون جيڪي مختصر مدي وارن پاڙيتو فائدن لاءِ ڳنڊيل هيون، سي ان جي انقلابي جذبي ۽ ولولي آڏو نہ بيهي سگهيون. جيئن ئي اترين مهم ويجهي پهتي تہ جنگي سردارن جي ڪنٽرول وارن شهرن ۾، پورهيتن هڙتال ڪري ڇڏي. هُوبئي ۽ هونان ۾ مزدور يونينن پاڻ کي هٿياربند ڪيو ۽ ’پورهيت حڪومتون‘ بڻجي ويون. ايتريقدر جو اهي حڪومتون هانگ ڪانگ هڙتال دوران ڪينٽون ۾ ٺهيل حڪومت کان بہ وڌيون هيون.[139] 1927ع جي مارچ تائين مهم شنگهائي تائين پهچڻ واري هئي. 6 لک پورهيتن جي شموليت سان،

هڪ عام هڙتال ٿي ۽ چيانگ ڪائي شيڪ جي پهچڻ کان اڳ مزدور يونين جي لشڪرن بغاوت ڪري، شهر جو ڪنٽرول حاصل ڪيو.[140] شهر جو اقتدار پورهيت اڳواڻن هٿان ڪنٽرول ٿيندڙ حڪومت جي هٿن ۾ هليو ويو، توڙي جو ان ۾ وڏا بورجوازيءَ قومپرست ميمبر شامل هئا. ڪجهه ڏينهن لاءِ تہ ائين پئي لڳو ڄڻ تہ جنگي سردارن جي طاقت کي تباهہ ڪرڻ، پرڏيهي طاقتن جي پڪڙ کي ٽوڙڻ ۽ ملڪ جي مفلسي، بدعنواني ۽ ٽڪرا ٿيڻ واري عمل جي خاتمي لاءِ انقلابي قومپرستيءَ جي پيش رفت کي ڪير بہ روڪي نہ سگهندو.

پر اهي اميدون سراب ثابت ٿيون، ائين ئي جيئن آئرلينڊ ۽ انڊيا ۾ ساڳيون اميدون، ساڳين ڪارڻن سبب ختم ٿيون. اترئين مهم جي فتحن جو انحصار سندس پيش رفت هٿان زور ورتل انقلابي ڪيفيت تي هو پر فوج جا آفيسر هڪ سماجي پرت مان پرتي ڪيل هئا، جيڪا انهيءَ ڪيفيت کان ڊنل هئي. اُهي واپاري ۽ زميندار خاندانن مان آيا هئا، جن کي پورهيتن جي استحصال مان فائدو ملندو هو ۽ هارين جي رحم جوڳي حالت مان اجان وڌيڪ. اُهي پورهيتن جي تحريڪ کي طاقت لاءِ پنهنجين اٽڪلن جي مُهري طور استعمال ڪرڻ لاءِ تيار هيون ۽ شطرنج ۾ نقصان کڻڻ وانگر اُهي ان جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هئا. چيانگ ڪائي شيڪ اڳئي ڪينٽون ۾ پورهيت تحريڪ کي ڪچلڻ ۾ لڳو پيو هو ۽ هن ڪيترن ڪميونسٽ ويڙهاڪن کي گرفتار ڪيو ۽ يونين کي هراسان ڪيو.[141] هاڻي هي شنگهائيءَ ۾ وڌيڪ بي رحماڻا قدم کڻڻ لاءِ تيار ويٺو هو. هن فاتح باغي قوتن کي شهر سندس حوالي ڪرڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ دولتمند چيني واپارين ۽ سيٺين، پرڏيهي طاقتن جي نمائندن ۽ شهر جي غنڊن سان مليو. هن مُک ڪاپي ڌر جي يونين دفترن تي حملا ڪرڻ لاءِ غنڊن جو بندوبست ڪيو. پورهيت پهريدارن کي بي هٿيار ڪيو ۽ سندن اڳواڻن کي گرفتار ڪيو. مظاهرو ڪندڙن تي مشين گنن سان فائر ڪيا ويا ۽ دهشت جي راڄ ۾ هزارين سرگرم ڪارڪن مارجي ويا. ڪجهه ڏينهن اڳ پورهيت تنظيمون جن جي ڪنٽرول هيٺ شهر هو سي تباهہ ڪيون ويون.[142]

چيانگ ڪائي شيڪ کي ڪاپي ڌر مٿان فتح حاصل ٿي، پر پرڏيهي تسلط يا جنگي سردارن جي ڪنٽرول کي ختم ڪرڻ جي امڪان کي ڦٽو ڪرڻ جي قيمت تي. انقلابي جوش ۽ ولولي ڪانسواءِ جيڪو ڪنٽون کان شنگهائي تائين مارچ جي خاصيت هو چيني قومي خواهشن جي مخالفت ڪندڙن کي رعايتون ڏنيون، هاڻي هي سڄي ملڪ جو نالي ماتر حاڪم ٿي پيو. ايندڙ 18 سالن تائين سندس حڪومت پنهنجي بدعنوانيءَ، غنڊاگرديءَ ۽ پرڏيهي حملي آورن سان مقابلو ڪرڻ جي نااهليت سبب بدنام رهي.

اهو دور ان ڳالهہ جي ثابتي آهي تہ جيڪڏهن مزدورن ۽ هارين کي جيئن جو تيئن ساڳئي هنڌ رکيو وڃي تہ وچولي طبقي وارا قومپرست اڳواڻ پنهنجي ئي تحريڪ سان دغا ڪندا. اهو عمل هڪ ٻي شيءِ جي بہ علامت هو تہ اُهي جن روس کي هلايو پئي، تن

انقلابي اصولن کي ترڪ ڪري ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪينٽون ۾ چيانگ جي کهري ڪارروائين ڪانپوءِ اُنهن چيني پورهيتن کي چيانگ مٿان اعتبار ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي.

مصر ۾ قومپرست انقلاب جو تجربو پڻ ڇين. انڊيا ۽ آئرلينڊ جهڙو ئي ٿيو. اُتي جنگ ڪانپوءِ ساڳئي قسم جو جوش ۽ جذبو پيدا ٿيو ۽ 1919ع ۾ قومپرست وچولي طبقي ۽ ريلوي ۽ ٽرام جهڙين صنعتن ۾ هڙتالي گروهن جي وچ ۾ اتحاد ٿيو. جدوجهد ۾ لڳاتار اُڀارن سبب برطانيا ڪان محدود رعايتون مليون. هڪ بادشاهي حڪومت ٺاهي وئي، جنهن مُک فيصلا برطانوي هٿن ۾ ڇڏي ڏنا. تنهن هوندي بہ مُک قومپرست وفد پارٽيءَ (Wafd Party) پورهيت جدوجهد کي پُٺي ڏئي ڇڏي ۽ انهيءَ مصلحت جي شرطن هيٺ هڪ حڪومت ٺاهي، جنهن کي فقط برطانوي ساٿارين سان هلائي سگهجي پيو ڇاڪاڻ تہ اُن وٽ پنهنجو دفاع ڪرڻ لاءِ ڪافي قوتون نہ هيون.

ميڪسيڪو جو انقلاب

يورپ ۾ جيئن ئي عالمي جنگ ڀڙڪي پئي تہ ائٽلانٽڪ سمونڊ پار ميڪسيڪو ۾ ساڳي اُٿل پٿل جو تجربو ٿيو. 1820ع ۾ اسپيني راڄ جي خاتمي کان وٺي ميڪسيڪو نالي ماتر آزاد ملڪ هو. انڊين واسين ۽ گڏيل نسل ميسٽزوس مٿان آبادڪار خاندانن جي ڪريولوس حڪمران ٽولي ۽ 33 سالن کان پورفريو ڊيز جي آمرانہ صدارت جو غلبو رهيو پر هنن پرڏيهي سرمائي، گهڻو ڪري آمريڪي سرمائي، هٿان معاشي حاڪميت کي وڌندي ڏٺو. 20 هين صديءَ جي ابتدائي سالن دوران اقتصادي واڌ جي شرح بلند رهي، جنهنڪري ڪجهہ ماڻهن ميڪسيڪن 'معجزي' جي ڳالهہ ڪئي،[143] توڻي جو انڊين جي وڏي تعداد کي سندن روايتي گڏيل زمينن مان تڙي ڪڍيو ويو ۽ پورهيتن (جيڪي 1910ع ڌاري مجموعي محنت واري آباديءَ مان 5.2 ملين منجهہ 8 لک هئا[144]) تن جو معيار زندگي بلڪل ابتر ٿي ويو.[145] انهن سالن ۾ ميڪسيڪن سرمائيدار ننڍي پائيوار طور خوشحال ٿيا ۽ ڪڏهن ڪڏهن پرڏيهي ساٿين سان ڪاوڙيا بہ پر پوءِ 1907ع ۾ عالمي مالياتي بحران ميڪسيڪو کي ڌڪ رسايو ۽ ترقي يافتہ ملڪن جي ڪلب جو حصو ٿيڻ واري سندس خواب کي ڇڪنا چور ڪري ڇڏيو.

هڪ دولتمند کيت مالڪ، ڪپڙي جي ڪارخاني ۽ کاڻ مالڪ جي پُٽ فرانسسڪو مادرو آمر کي تڙي ڪڍڻ لاءِ مهم ۾ وچولي طبقي جي حمايت ڪئي ڪري ورتي ۽ عوامي ڪاوڙ ۽ احتجاج لاءِ هڪ مرڪز مهيا ڪيو. اڳوڻي مال متاع چاريندڙ فرانسسڪو ولا جي اڳواڻيءَ هيٺ، مُلڪ جي اُتر ۾ ۽ اڳوڻي ننڍي آبادگار ايميليانو زپاٽا جي اڳواڻيءَ هيٺ ڏکڻ ۾ هٿياربند بغاوتون ڀڙڪي پيون. آمر ملڪ ڇڏي ڀڄي ويو ۽ مادرو کي صدر چونڊيو ويو.

پر زپاٽا جي هاري فوج طرفان وڏين جاگيرن جي ورڇ جي مطالبي، مادِرو جي دولتمند حامين ۽ آمريڪي حڪومت کي، نيڪالي ڏنل آمر جي ورثاءَ کان وڌيڪ پريشان ڪري ڇڏيو. نتيجي طور هڪ ڏکوئيندڙ ۽ لڳاتار خونخوار لڙائين جو سلسلو هلي پيو. آمريڪي سفير جي ٺيڪ سان سندس ئي هڪ جنرل هٿان مادِرو جي قتل کان اڳ، مادِرو جي فوج سان اُتر ۽ ڏکڻ جي هاري فوجن ويڙهون ڪيون. وچولي طبقي جي ٻن دولتمند ڪارانزا ۽ اوبريگون هڪ 'آئين پسند' فوج، ٺاهي مادِرو جي انداز کي قائم رکيو. زپاٽا ۽ ولا هيورٽا کي شڪست ملي ۽ ميڪسيڪو شهر تي قبضو ڪيو ويو.

1914ع جي نومبر واري مشهور تصوير ۾ زپاٽا ۽ ولا کي صدارتي محل ۾ گڏ ويٺي ڏيکاريو ويو آهي، اهو انقلاب جو نقطہ عروج هو ۽ ان جي پڄاڻي به. هاري فوجن جي اڳواڻن منجهه قومي سطح جو اقتدار قائم ڪرڻ جي صلاحيت نه هئي، اُنهن وٽ هارين ۽ مزدورن کي گڏائڻ لاءِ ڪو اهڙو پروگرام نه هو جيڪو ملڪ ۾ انقلابي تبديلي آڻي. توڙي جو زپاٽا بعد ۾ انهيءَ جي ٿورو ويجهو پهتو هو. هنن راڄڌاني خالي ڪري ڇڏي ۽ اُتر ۽ ڏکڻ ڏانهن پنهنجن مقامي اڏن ڏانهن واپس موٽي آئين پسند جنرلن خلاف غيرموثر مزاحمت ڪندا رهيا. جن زميني سُڌارن کي لاڳو ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

نتيجو ترت رد انقلاب نه هو جيئن 12 سالن کانپوءِ چين ۾ ٿيو. ڪارانزا ۽ اوبريگون آمريڪا جي دٻاءَ سان مزاحمت ڪرڻ ۽ عوام کي رعايتون ڏيڻ جي واعدي سان انقلاب جي ٻولي استعمال ڪندا رهيا. 1919ع جي اپريل ۾ زپاٽا جي قتل ٿيڻ تائين ائين ٿيندو رهيو. پوءِ ميڪسيڪو جي سرمائيدارن وري پنهنجو پاڻ کي محفوظ محسوس ڪيو. ايتريقدر جو وچولي طبقي جي سياستدانن پنهنجن ذاتي مقصدن لاءِ انقلاب جي اپاريل جذبن جو فائدو ورتو ملڪ کي ادارتي انقلابي پارٽي (Institutionalised Revolutionary Party) ذري گهٽ هڪ پارٽي سرشتي واري رياست طور هلايو پئي، تنهن هوندي به ميڪسيڪو سرمائيداريءَ لاءِ محفوظ ٺڪاڻو رهيو.

1927ع ۾ ماسڪو ۾ لکندي ليون ٽراٽسڪيءَ انهن بغاوتن مان سبق اخذ ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي، جن کي هاڻي اسين ٽِين دنيا سڏيون ٿا. هن 1848ع کانپوءِ جرمنيءَ بابت مارڪس جي تبصرن ۽ 1905ع کانپوءِ روس بابت پنهنجي تجزيي جي بنياد تي نتيجا ڪڍيا. هن کان اڳ وارن مفڪرن سرمائيداريءَ جي 'غيرمتوازن' واڌاري جي نشاندهي ڪئي، جڏهن ته هن 'گڏيل ۽ غيرمتوازن ترقيءَ' تي زور ڏنو.[146]

ٽراٽسڪيءَ جو دليل اهو هو ته سرمائيداريءَ جي اپار هڪ عالمي سرشتو تخليق ڪيو جنهن جا انتهائي پسمانده علائقن تي اثر پيا. ان روايتي حڪمران طبقن کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ روايتي وچولن طبقن کي ڪوڪلو ڪري ڇڏيو. بئنڪي حڪمران طبقن، پرڏيهي سرمائي ۽ اڳ ۾ ترقي يافته ملڪن جي صنعتن طرفان چٽاڀيٽيءَ ڏيهي سرمائيدار طبقن جي واڌاري آڏو رڪاوٽ وڌي، وچولي طبقي انهيءَ رنڊڪ کي ٽوڙڻ لاءِ هڪ مڪمل آزاد

رياست لاءِ ويڙهه ڪئي، پر ائين ڪندي اُنهن اهڙن طبقن کي حرڪت ۾ آڻڻ جو جوکم کنيو جن کان اُهي ڊنا پئي. جديد ٽرانسپورٽ سرشتي ۽ جديد صنعتي علائقن ويڙهاڪ ۽ پڙهيل لکيل پورهيت طبقن کي تخليق ڪيو ۽ لکين ماڻهن کي ڇڙوڇڙ ڳوٺن مان ڪڍيو. انهن طبقن جي خوف 'قومي سرمائيدارن' ۽ وچولن طبقن کي پراڻي حڪمران طبقن يا ٻئنڪي طاقتن سان سندن دشمنيءَ کي وساري ڇڏيو. فقط 'مستقل' انقلاب، جنهن ۾ پورهيت طبقو پيش قدمي ڪري ۽ پنهنجي پنيان ڪاوڙيل هارين کي آڻي، سو ئي قومي ۽ جمهوري مطالبن کي پورو ڪري سگهو ٿو جنهن لاءِ قومي بورجوازي زباني خرچي ڪئي پئي.

1917ع ۾ روس ۾ ائين ٿيو هو پر ٽين دنيا ۾ ڪٿي به ائين نه ٿيو. دنيا جي سڀ کان وڏيڪ طاقتور سامراجيت برطانيا جنگ جي آخر ۾ آئرلينڊ، انڊيا، چين ۽ مصر ۾ بغاوتن کي ڊيڄاري ڇڏيو جيڪي اُن وقت خود برطانيا ۾ وڏي صنعتي بيچيني ۽ سڄي يورپ ۾ انقلابي اٿل پٿل وقت ٿيون پئي، تنهن هوندي به برطانوي سامراجيت هڪ ٻئنڪي سلطنت قائم رکي، جيڪا آفريقا ۾ جرمنيءَ جي ڪالونين ۽ عثمانيا سلطنت جي عرب علائقن تائين وڌي هئي. فرينچ، بيلجين، ڊچ، جاپاني ۽ آمريڪي سامراجيتون برقرار رهيون. ائين سرمائيداري پنهنجي پائيداريءَ کي ٻيهر قائم ڪرڻ جي اهليت ۾ واڌ ڪئي.

باب پنجون

’سونهري پيون ڏهاڪو‘

’نئون دور‘، ’جيز جو زمانو‘، ’سونهري پيون ڏهاڪو‘ انهن ئي اصطلاحن ۾ ميڊيا ۽ مک ڌارا جي سياستدانن 1920ع واري دور جي آمريڪا جي ساراهه ڪئي. آمريڪا پهرين عالمي جنگ مان دنيا جي سڀ کان وڏي معيشيت تي اُڀريو جڏهن ته برطانيا ۽ جرمني هڪٻئي کي چيري ڦاڙي ڇڏيو. آمريڪا برطانيا جون پرڏيهي سيڙپون خريد ڪيون ۽ 1928ع تائين هن جي اُپت 1914ع جي ڀيٽ ۾ ٻيڻي تي وئي.

ترقيءَ سان گڏ وڏي تعداد ۾ ماڻهن جي زندگين ۾ جادوئي تبديلي آئي. 1890ع ۽ 1900ع جون ايجادون، جيڪي اڳ ۾ اميرن جي ٿوري اقليت تائين محدود رهيون هيون، هاڻي وسيع عوام تائين پوڌ وانگر ڪڙڪي پيون. برقي بجلي، گراموفون، ريڊيو سينيما، صفائي ڪرڻ وارو اوزار، ريفريجريٽر، ٽيلفون وغيره. هينري فورڊ جي ڪارخانن اڻاهه تعداد ۾ ڪارون، ماڊل ٽي، ٺاهيون ۽ جيڪا شيءِ ڪنهن وقت ۾ امير ماڻهوءَ جو رانديڪو هئي، سا هاڻي وچولي طبقي جي گهڻين ۾ ۽ ايتريقدر جو پورهيتن جي حلقن منجهه نظر اچڻ لڳي. ماڻهن جي مٿان ايئرڪرافٽ وڏيڪ تيز رفتاريءَ سان اڏامڻ لڳا ۽ انهن جهازن براعظمي سفر کي ڏينهن کان گهٽائي ڪلاڪن تائين آڻي ڇڏيو. ائين پئي لڳو جڻ ته ماڻهن کي رات وچ ۾ اونداهه، خاموشي ۽ محدود چرپر جي دنيا مان ڪڍي تيز رفتار بجلي، لڳاتار آوازن ۽ تيز چرپر ۾ آندو ويو هجي.

انهيءَ تبديليءَ کي ’جيز واري زماني‘ جي اصطلاح اظهاريو. صدائين کان موسيقيءَ جون عوامي صورتون رهنديون پئي آيون، پر اُهي ڪنهن مخصوص علائقي ۽ مخصوص ثقافت سان جڙيل هيون، جاڪاڻ ته دنيا جي عوام نسبتن هڪٻئي کان ڪٽيل زندگي گهاري پئي. موسيقيءَ جون بين الاقوامي يا بين الاعلائقائي صورتون ’ڪلاسيڪل‘ صورتن ۾ رهنديون آيون، جن نستبن متحرڪ استحصالي طبقن ۽ ڪڏهن ڪڏهن مذهبي صورتون ورتيون. 18 ۽ 19 هين صدين ۾ موسيقي ۽ رقص جي هالن، ڳائڻ جي ڪلبن ۽ ڇپيل پني تي موسيقيءَ جي ترقيءَ سان شهر جي واڌاري انهيءَ کي تبديل ڪرڻ شروع ڪيو. بهرحال، گراموفون ۽ ريڊيو هڪ قسم جي نئين ثقافتي ميدان کي تخليق ڪيو. جن صنعتي دنيا جي سُرن، شهري زندگيءَ جي تال ۽ مارڪيٽ جي ڇوڏاري اڏيل دنيا ۾ ماڻهن جي شديد ذهني ڪوفت کي اظهاريو. جيز نئين عوامي موسيقيءَ جا بنياد رکيا،

جيڪو ڏکڻ آمريڪا جي اڳوڻن غلامن هٿان ڪيترن آفريقي ۽ يورپي 'لوڪ' سُرن جو ميلاپ هو. ان کي اُتر ڏانهن ڪيپهه ۽ تماڪ جي ميدانن مان آيل مهاجرن جي لهر ڪٺي آئي، جيڪي دنيا جي سڀ کان طاقتور سرمائيداريءَ جي شهرن ڏانهن لڏي آيا. اِتان کان اِن سُر مختلف نسلي پسمنظر رکندڙ لکين ماڻهن ۽ سمورن ملڪن کي متاثر ڪرڻ شروع ڪيو جنهن کي سرمائي جي انبار جي چاڙهه سان اڳتي وڌايو ويو.

اهو سڀ ڪجهه تڏهن ٿيو جڏهن اقتصادي ٻاڙائي ۽ بيروزگاري ماضيءَ جو قصو بڻجي ويا ۽ ماڻهن 'خوشحاليءَ' کي دائمي سچ سمجهيو. آمريڪي معيشتدان ايلون. ايچ. هينسن ان دور جي ڏاهپ جو اظهار ڪندي 1927ع ۾ لکيو ته سرمائيداريءَ جي 'ٻاراڻين بيمارين' جو جوانيءَ ۾ 'نقل ڪيو پيو وڃي' ۽ 'ڪاروباري چڪر جو ڪردار بدلجي پيو'.[147] هڪ ٻئي معيشيتدان برنارڊ بارچ 1929ع ۾ آمريڪي ميگزين لاءِ انٽرويو ڏيندي ٻڌايو ته 'دنيا جي اقتصادي حالت مان لڳي ٿو ته گهڻو اڳتي نڪري وڃڻ جي ڪناري تي آهيون'.[148]

ماضيءَ جا تڪرار پڻ وچولن طبقن کان وسري ويا هئا. 1919ع ۾ اسٽيل هڙتال جي شڪست آمريڪي فيڊريشن آف ليبر جي ان ارادي کي تباهه ڪري ڇڏيو ته يونين جي تنظيم کي هنرمند مزدورن جي دائري کان ٻاهر ڦهلايو وڃي. اٽارني جنرل پامر ۽ مستقبل جي ايف. بي. آءِ سربراهه جي ايڊگر هوور جي حڪمن سان لڳاتار پوليس ڪارروائين IWW جي پراڻن ويڙهاڪن ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي نون جنگجوئن کي چٽي ڇڏيو هو. مزدور جن پنهنجي حالت کي سُڌارڻ چاهيو پئي تن کي تمام گهٽ اميد نظر آئي، تنهنڪري اُنهن انفرادي ڪاميابيءَ واري 'آمريڪي خواب' ۾ ايمان آندو. جيئن مستقبل جي ٽرانسڪائيٽ هڙتالي اڳواڻ فيرل ڊوبس ڪيو جڏهن هن ريپبلڪن لاءِ ووٽ ڏنو ته سندس خواهش هئي ته هڪ دُڪان کوليان ۽ هڪ جج ٿيان.[149] مُک معيشتدان، ڪاروباري ۽ سياسي شخصيتون، جهڙوڪ: جان جي رسڪوب، ڊيموڪريٽڪ نيشنل ڪميٽيءَ جي صدر ۽ جنرل موٽرس جي ڊائريڪٽر اعلان ڪيو ته 'هر ماڻهوءَ کي شاهوڪار ٿيڻ کپي' ۽ دعوي ڪئي ته ها اهي ٿي سگهن ٿا، جيڪڏهن هفتي ۾ هڪ پيرو فقط 15 ڊالر اسٽاڪ ۽ شيئرز ۾ وجهن.[150]

آمريڪي سماج ۾ غريب ترين گروهن لاءِ پڻ اميد نظر آئي. اپالاچيا جي اڇي چمڙيءَ وارن 'گندن ۽ ميرن آبادگارن' ۽ ڏکڻ کان فصلن ۾ ڀائيوار ڪاري چمڙيءَ وارن، ڪم جي ڳولا ۾ ڊيٽروٽ، شڪاگو ۽ نيويارڪ ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي. اهي سال Harlem` نئين سجاڳي' جا سال هئا. جڏهن اتر جي انتهائي پسمانده علائقي ۾ غلامن جي ڏوهٽن ۽ پوٽن کي اميد جو ڪرڻو نظر پئي آيو. اجان تائين ڪاريءَ چمڙيءَ وارن ۾ سخت ڪاوڙ ۽ نفرت هئي، پر ان کي مارڪيوز گاروي جي تحريڪ ذريعي هڪ رُخ ڏنو ويو جنهن ڪارن جي عليحدگيءَ واري پروگرام ڪاري سرمائيداري ۽ 'آفريقا ڏانهن واپسيءَ' جي

تبليغ ڪئي، جنهن سان آمريڪي سرشتي سان سڌي ٽڪراءَ کان پاسو ڪري سگهجي پيو. اهي جيڪي مٿاڇري جي هيٺان ٿيندڙ واقعن کي ڏسي نہ سگهيا، تن هر هنڌ هڪ يا ٻي صورت ۾ 'آمريڪي خواب' کي قبوليندي، اسٽاڪ ۾ شيئرز خريد ۽ وڪرو ڪيا.

نئين دور جي آمد ۽ جيز جي زماني يورپ ۾ پهچڻ ۾ دير ڪئي. جرمنيءَ ۾ 1923ع جي بحران، جڏهن لڳو پئي يا تہ اشتراڪي انقلاب يا فاشسٽ راڄ اچڻ وارا آهن، دوران سرمائيداريءَ مان هوا نڪري وئي. پر پوءِ آمريڪا (ڊيوس پلان تحت) سرمائيداريءَ کي هڪ نئين اُڌاري زندگي ڏيندي، قرض ڏنا. صنعتي پيداوار 1914ع واري سطح کان وڌي وئي ۽ سياسي پائيداري بحال ٿيڻ لڳي. 1928ع جي چونڊن ۾ سوشل ڊيموڪريٽڪ اتحادي حڪومت واپس آئي، جڏهن تہ هٽلر جي نازي پارٽيءَ کي فقط 2 سيڪڙو ووٽ مليا ۽ ڪميونسٽن کي 10.6 سيڪڙو. 1928ع جي اونهاري ۾ هيرمن مُلر، جرمنيءَ جي سوشل ڊيموڪريٽس جي اڳواڻ چيو تہ، 'اسان جي معيشيت مضبوط آهي، اسان جو سماجي ڀلائي وارو سرشتو مستحڪم آهي ۽ توهان ڏسندا تہ ڪميونسٽ توڙي نازي روايتي پارٽين ۾ جذب ٿي ويندا'.[151]

جرمنيءَ کان ٻہ اڍائي سال پوءِ برطانيا هڪ وڏي سماجي بحران مان لنگهيو. خزاني جي وزير ونسٽن چرچل ڊالر جي مقابلي ۾ پائونڊ جي قدر کي جنگ کان اڳ واري سطح تائين آڻي برطانوي طاقت جي بحاليءَ جي ارادي جو اظهار ڪيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ برطانيا طرفان ٻاهر وڪرو ٿيندڙ شين جي لاڳت وڌي وئي ۽ مُک صنعتن ۾ بيروزگاريءَ پيدا ٿي پئي. حڪومت ڪاٺيون ڪوئلي واري صنعت کان ابتدا ڪندي، واڌو لاڳت کي گهٽائڻ لاءِ پگهارن ۾ ڪٽوتي ڪئي ۽ ڪم جي وقت کي وڌايو. ڪاٺيون ڪوٽيندڙ مزدورن جي يونين ان کي قبولڻ کان انڪار ڪيو ۽ 1926ع جي مئي ۾ مزدورن تالابندي ڪري ڇڏي ٻين يونين اڳواڻن انهن جي حمايت ۾ عام هڙتال جو سڏ ڏنو انهيءَ ڪارروائي جي ڪارائتي نتيجي باوجود آڻ مڃيندي نون ڏينهن کانپوءِ سڏ واپس ورتو ويو، جنهنڪري مالڪن ڪارڪنن کي تنگ ڪرڻ ۽ هڪ صنعت کانپوءِ ٻيءَ ۾ بنيادي يونين تنظيم کي تباهہ ڪرڻ شروع ڪيو.

رُهر (جرمن علائقو) بحران ۽ برطانيا ۾ عام هڙتال هڪ پيرو رستي تان هٽي وئي، جنهنڪري يورپ ۾ مُک ڌارا سوچ کي آمريڪا ۾ شروع ٿيل نئين دور متاثر ڪرڻ شروع ڪيو. وچولا طبقا واهپي وارين شين جي وڏي پيماني تي پيداوار مان فائدو ماڻيندي ڏسي سگهيا پئي ۽ لڳو پئي تہ ڪجهہ وقت کانپوءِ پورهيتن جا ڪجهہ حلقا بہ انهيءَ مان مزا ماڻيندا ۽ جيڪڏهن آمريڪا اقتصادي بحران مان بچي سگهي ٿو تہ پوءِ يورپ بہ. جرمنيءَ ۾ وارنر سومبارٽ هينسن جي ڳالهہ جو پڙاڏو ڪندي چيو تہ 'هڪٻئي کي متوازن ڪندڙ دشمناڻن رجحانن لاءِ يورپي اقتصادي زندگيءَ ۾ واضح رجحان آهي، گهٽ پيدا ڪرڻ ۽ نيٺ غائب ٿي وڃڻ'.[152] ايڊورڊ برنشٽائين دليل ڏنو تہ، سرمائيداريءَ

کان اشتراڪيت ڏانهن پرامن عبور بابت سندس اڳڪٿيون پوريون ٿين پيون. هن لکيو ته، جرمن ريپبلڪ (Weimar Republic) کي هڪ 'سرمائيدار ريپبلڪ' سڏڻ غلط ٿيندو'. 'ڪارٽيل (تجارتي اتحاد) ۽ هڪ هٿين جي واڌاري عوامي ڪنٽرول ۾ واڌ آندي آهي ۽ اهو عمل نيٺ عوامي ڪارپوريشنن ۾ تبديليءَ ڏانهن وٺي ويندو'.[153] ايتريقدر جو برطانيا ۾، جتي بيروزگاري پراڻن صنعتي علائقن کي تباهه ڪري رهي هئي، اُتي ٽريڊ يونين ڪانگريس ڪاٽيون ڪوٽيندڙن جي ناڪاميءَ جو پهريون ڏهاڙو ملهائيو پئي جڏهن وڏن مالڪن سان ڳالهين جو سلسلو شروع ڪيو ويو هو جيڪو موند ـ ٽرنر ڳالهين طور سڃاتو وڃي ٿو. انهن جو مقصد تڪرار جي جاءِ تي 'باهمي تعاون.... ذريعي صنعت جي صلاحيت کي سُڌارڻ ۽ مزدورن جو معيار زندگي وڌائڻ هو'.[154] 1929ع ۾ لبرل ڌر جي حمايت سان هڪ اقليتي ليبر گورنمينٽ وجود ۾ آئي.

ان ڳالهه ته سرمائيداريءَ ڊگهي مدي جي پائيداري حاصل ڪري ورتي آهي، ان ڳالهه روس اندر حڪمران گروهه کي متاثر ڪيو. 1925ع ۾ روس جي ٻن اهم شخصيتن پارٽيءَ جي جنرل سيڪريٽري جوزف اسٽالن ۽ نظريدان نڪولائي بُخارين انهيءَ ڳالهه کي پنهنجي نئين نظريي جو جواز مهيا ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو ته هڪ ملڪ ۾ اشتراڪيت حاصل ڪري سگهجي ٿي. انهن دعويٰ ڪئي ته، سرمائيداريءَ پنهنجو پاڻ کي مستحڪم ڪري انقلاب کي اڻ ٽيٽي ڪري ڇڏيو آهي.[155] جرمن سوشل ڊيموڪريٽ هلفرڊنگ جي اصطلاحن کي ڪٽندي بخارين دليل ڏنو ته اولهه 'منظم سرمائيداريءَ' جي دور ۾ داخل ٿيو آهي، جنهن تيز رفتار اقتصادي ترقيءَ کي ممڪن بڻائي ۽ بحرانن جي ٿيڻ کي گهٽائي ڇڏيو آهي.[156]

نئين جو جنم

1920ع ڌاري جيڪڏهن وچولي طبقي جي راءِ ۾ عوامي ثقافت مان لڳو پئي ته جنگ کان اڳ واري اميد پرستيءَ کي بحال ڪري سگهجي ٿو ته اها خطرن سان ڀريل بحالي هئي. يورپ ۾ نوجوان ماڻهن جي هڪ پيڙهيءَ فليندرس جي گپ ۾ پنهنجن وهمن کي ڊهندي پرندي ڏٺو هو ۽ ان کي وسارڻ آسان نه هو. نئين اميد جي پيدا ٿيڻ کان وڌيڪ ماحول خودغرضيءَ جي ويجهو پهچي ويو هو.

ان جو عڪس ان دور جي 'اعليٰ فن'، تصويرن، سنجيده موسيقي ۽ ادب ۾ ٿيڻ لڳو. ايتريقدر جو جنگ کان اڳ متوازن ۽ لاڳيتي ترقيءَ جي خيال کي هڪ اقليت للڪاريو. دنيا جي مشيني ٿيڻ واري عمل ٻنو ڪم ڪيو هڪ طرف بيمثال طاقت ۽ متحرڪ سگهه جو نماءُ ٿيو پئي ۽ ٻئي طرف اهڙي ڪنهن به خيال جا بکيا ادڙيا پئي ويا ته انسانذات پنهنجي زندگيءَ کي پاڻ ناهي سگهي ٿي. فلسفياڻن ۽ ثقافتي فڪرن جو ظهور ٿيو جن ترقيءَ جي تصور تي سوال اٿاريا ۽ غيرعقليت کي مرڪزي اهميت ڏني. انهن

رجحانن کي نظرياتي طبعيات جي ترقيءَ هٿي وٺرائي (1905ع ۾ خاص نسبتي نظريو 1915ع ۾ عام نسبتي نظريو ۽ 1920ع ۾ هيزنبرگ جي ڪوانٽم طبعيات جي 'غيريقينيت واري اصول') جنهن ڪائنات جي پراڻي مشيني نموني کي کوکلو ڪري ڇڏيو. ساڳئي وقت نفيساتي ڇنڊڇاڻ جي مقبوليت عقل ۾ ايمان کي تباهہ ڪرڻ لڳي، ڪنهن وقت ۾ اهو نظريو خود فرائيڊ لاءِ انتهائي اهم هو.[157]

فنڪارانہ ۽ ادبي صورتن ۾ آيل انقلاب فنڪارن ۽ ليکڪن کي سندن چوڌاري دنيا جي نواڻ سان هم آهنگ ڪرڻ لڳو. 'انقلاب' ذهنن ۾ گهريون پاڙون رکندڙ ابهام تي ٻڌل هو جنهن ۾ مشيني دنيا جي دهشت ۽ ساراهہ ٻئي شامل هيون ۽ ائين 'جديديت' جو جنم ٿيو. گهڻو زور فارمل ازم (formalism) ۽ رياضياتي مطابقت (ڪامليت)، ۽ ٽڪراءَ ۾ ايندڙ تصويرن ۽ آواز جي بي سُرن/ اٽوٽندڙ ۽ انفرادي ۽ سماجي وجود جي وکريل صورتحال تي پڻ زور ڏنو. 19 هين صديءَ جي وچ ڌاري (هنگري واسي مارڪسي تنقيدنگار جارج لوڪاچ دليل ڏنو تہ 1848ع وارو سال اهم تاريخ آهي) وچولي طبقي جي دليرن جون ڪوششون، سندن چوڌاري دنيا تي دسترس حاصل ڪرڻ تي مرڪوز هيون، پلي پوءِ اهي ڪوششون اڪثر ڪري المناڪ انداز سان ناڪام ٿيون.[158] پهرين عالمي جنگ ڪانپوءِ ان دور جي اعليٰ ثقافت جو مرڪز فردن جو بدلجي رانديڪا ٿيڻ ۽ سندن طاقت ۽ وس کان ٻاهر هجڻ هو. مثال طور، ان جو اظهار ڪافڪا جي ناولن The Trial ۽ The Castle ۾، بيرگ جي سنگيت ناٽڪ Lulu، ٽي ايس ايليٽ جي نظم The Wasteland ۾، ڊاس پاسوس جي USA، Bertolt Brecht جي ابتدائي ڊرامن ۾ ۽ پڪاسو جي تصويرن ۾ ٿيڻ لڳو.

ادب ۽ فن جي اندروني پيچ ڏاهہ پنهنجي چوڌاري موجود وکريل وجود جو عڪس هئي، جنهن بهترين فنڪارن ۽ ليکڪن کي بي اطمينان ڪري ڇڏيو ۽ اُنهن ڪوشش ڪري ٽڪرن کي جوڙي هڪ نئين قسم جو طريقو ڳوليو جنهن هڪ مشيني دنيا ۾ انسانذات لاءِ هڪ جاءِ بحال ڪئي. هڪ حقيقت جيڪا پنهنجو پاڻ وکريل ۽ غيرانساني ٿيل هئي، ان اندر ائين ٿيڻ مشڪل هو. اها صورتحال ڪجهہ ماڻهن کي سياسي نتيجا اخذ ڪرڻ ڏانهن وٺي وئي. 1920ع جي اٽليءَ جي 'مستقبل پسندن' اڳئي فاشزم جي انڌي غيرعلقيت ۽ روسي مستقبل پرستن، روسي انقلاب طرفان دنيا کي نئين صورت ڏيڻ جي عقلي ڪوشش ڪئي.

دنيا جنگ، انقلاب ۽ ٻئنڪيتي بغاوتن جي ڊزن کن سالن مان لنگهي چڪي هئي، پر 1927ع تائين بين الاقوامي حڪمران طبقي جي حلقن ۾ اهو اتفاق هو تہ زخم پرجي ويا آهن ۽ صدمو ختم ٿي ويو. ان وقت گهڻا اختلاف ڪندڙ نہ هئا. جڏهن آمريڪي صدر ڪوليج 1928ع جي ڊسمبر ۾ اعلان ڪيو تہ 'آمريڪا جي ڪنهن بہ ڪانگريس اهڙو وٺندڙ نظارو نہ ڏٺو هوندو جهڙو هن وقت نظر اچي پيو.' اُن وقت تمام ٿورڙن ماڻهن کي ايندڙ دور جي وحشت جو اندازو ٿيو پئي.

باب ڇهون

وڏي گپ ۾ ڪِرڻ

24 آڪٽوبر 1929ع تي ’سياهہ خميس واري ڏينهن‘ جيز (Jazz) واري زماني جون اميدون ڊهي پيون. انهيءَ ڏينهن آمريڪي واپارين جو اسٽاڪ ايڪسچينج ذري گهٽ ٽيون حصو ڪِري پيو. رقم داءَ تي لڳائيندڙ اميرن سڀ ڪجهہ وڃائي ڇڏيو ۽ اخبار رپورٽ ڪيو تہ 11 ’وال اسٽريٽ‘ خودڪشي ڪري ڇڏي. وڏي تعداد ۾ ماڻهن پنهنجي زندگيءَ جي جمع پونجي وڃائي ڇڏي اها انهن سيني لاءِ هڪ دور جي پڄاڻي هئي، جن کي ميٺو پيو تہ ’ڏوڪڙ ڪجهہ بہ ناهن‘.

اهو جهٽڪو نظام ۾ اونهين کوٽن ۽ عيبن جو هڪ اظهار هو. جڏهن ائين ٿيو تہ ان کان اڳ ئي جرمن، آمريڪي ۽ برطانوي معيشتن لاٽ شروع ڪئي.[159] هاڻي سندن پيداوار غوطا کائڻ لڳي. 1930ع جي آخر تائين سندن پيداوار جنگ کانپوءِ وارين اقتصادي ٻاڙاين کان بہ گهٽ ٿي وئي. نئين آمريڪي صدر هربرٽ هوور دعويٰ ڪئي تہ خوشحالي ’ٺورو پرپرو ڪنڊ تي آهي‘، پر گپ ۾ ڪِرڻ جو اهو عمل وڌيڪ گهرو ٿي ويو. جيڪڏهن 1930ع وارو سال خراب هو تہ پوءِ 1931 ۽ 1932ع جا سال تہ بدتر هئا. آمريڪا ۾ پنج هزار مقامي بئنڪون، جرمنيءَ ۽ آسٽريا ۾ ٻہ وڏيون بئنڪون ڪنگال ٿي ويون. 1932ع جي آخر تائين صنعتي پيداوار ٽيڻ تي ڪِري پئي ۽ آمريڪا ۾ 46 سيڪڙو گهٽجي وئي.

ايترو گهرو يا ايترو ڊگهو عرصو معاشي زوال ڪڏهن بہ نہ ٿيو. ان جي شروع ٿيڻ کان ٽن سالن تائين بحاليءَ جي ڪابہ علامت نظر نہ پئي آئي. آمريڪا ۽ جرمنيءَ ۾ افرادي قوت جو ٽيون حصو بيروزگار هو جڏهن تہ برطانيا ۾ هڪ ياڳي پنجون حصو. فقط صنعتي مزدور نہ هو جن کي جرمني ۽ آمريڪا ۾ ڏک رسيو سفيد پوش مزدور، جيڪي پنهنجو پاڻ کي وچولو طبقو سمجهن پيا. تن کي ڪاٻاڙيءَ جي ڍير تي اڇلايو ويو ۽ آبادگارن لاءِ بئنڪن طرفان مسئلا وڌي ويا. چاڪاڻ تہ سندن فصلن جون قيمتون ڪِري پيون.

ائين ئي جيئن يورپ ۾ چڙيل جنگ پاڻمرادو هڪ عالمي جنگ بڻجي وئي تئين آمريڪا ۽ اولهہ يورپ ۾ آيل اقتصادي بحران عالمي بحران ٿي پيو. ان ٽين دنيا جي ملڪن کي برباد ڪري ڇڏيو جن جون معيشتون ڪاڌو ۽ خام مال پيدا ڪرڻ لاءِ ناهيون

ويون هيون. اوچتوئي سندن پيداوار لاءِ ڪا مارڪيٽ نہ رهي. ماڻهو جن کي تازوئي ڏوڪڙن جي دنيا ڏانهن ڇڪيو ويو، تن کي ان تائين پهچ کان محروم ڪيو ويو. هاڻي اُنهن وٽ پنهنجي گذرسفر ماڻڻ جو ڪوبہ ٻيو وسيلو نہ رهيو هو.

ان بحران فقط استحصال جو شڪار طبقن کي متاثر نہ ڪيو. ان بدلو وئندي حڪمران طبقن اندر بربادي ڪري ڇڏي. چاڪاڻ تہ گهٽي عرصي کان قائم ادارا ڍهي پيا. سيئين کي ڌپ ورايو تہ اُهي بہ ڏيوالپڻي جو شڪار ماڻهن جي قطار ۾ وڃي بيهندا ۽ صنعتڪارن سندن مارڪيٽن سان گڏ پنهنجا منافعا غائب ٿيندي ڏٺا. اُنهن پرڏيهي مقابلي کي روڪڻ ۾ مدد لاءِ رياست ڏانهن واجهايو ۽ لڳاتار قومي ناٽي جو مُلهہ ڪِرندو رهيو. چاڪاڻ تہ هر ملڪ جي سرمائيدار مخالف ۽ رقيب سرمائيدارن جي قيمتن کان پنهنجين شين جون قيمتون گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪ ملڪ. پوءِ ٻئي ملڪ حڪومتي محصول ۾ ڪوتا. ٽيڪس ۽ ٻاهران شيون گهرائڻ تي سختي مڙهي. ايتريقدر جو 1846ع کان وٺي آزاد تجارت جو اڏو رهندڙ برطانيا اهڙن طريقن کي عمل ۾ آندو. عالمي تجارت 1928ع جي انگن اکرن جي ٽئين حصي تائين ڪِري پيئي. پر ڪجهہ سياستدانن ۽ معيشتدانن طرفان ڦهلايل ڏندڪٿائن باوجود ثابت ٿيو تہ اهو تجارت مٿان ڪنٽرول ناهي، جيڪو زوال پيدا ڪري ٿو. اهو عمل تہ ان کان اڳ بہ ٿيندو رهندو هو پر اهو زوال ٿي آهي، جيڪو معيشيت تي ڪنٽرول ڏانهن وٺي وڃي ٿو.

انهيءَ اقتصادي بحران اُنهن ماڻهن کي چيري ڦاڙي ڇڏيو جيڪي 'سونهري ٻئي ڏهاڪي' جا مفلس تجزيي نگار هئا. اُهي ڪمزور، ٻُڪايل، ٽڪل مهاندن ۽ ڦاٽل ڪوٽن سان، ڪڪڙ جي رس واري دڪان ڏانهن ويندي يا اتان کان ايندي، اولهہ جي سيني وڏن شهرن جي گهٽين ۾ ريڙهيون پائيندي نظر آيا. باقي دنيا ۾ اُهي هاري ملڪيتن، سندن ٻنيون وڃائجڻ جي خوف ڪري، ڳٽين ۾ ڳرندي، تہ سندن فصلن جون قيمتون ڪڍهن بہ ايتريون نہ وڌنديون جو هو مسواڙون ۽ ٽيڪس ادا ڪري سگهن ۽ جيڪو ڪجهہ پيدا ڪري سگهيا، ان تي پنهنجو پاڻ کي زندهہ رکڻ جي ڪوشش ڪندي نظر آيا. اُهي جيڪي سرمائيداري اصطلاحن مطابق گهٽ 'ترقي يافتہ' هئا، گذارو ڪندڙ آبادگار، جيڪي روڪ رقم واريءَ اقتصاديات سان مشڪل سان هڪ ٿيا هئا، بهتر نموني سلامت رهيا. اُهي جن پنهنجي پورهئي جي قوت وڪڻڻ تي ڀاڙيو پئي، تن وٽ ڪجهہ هو ٿي ڪونہ جو وڌيڪ پنتي پون. ايتريقدر جو تمام گهٽي بيروزگاريءَ سبب آمريڪائن ڏانهن پچڻ جو پراڻو رستو بند ٿي ويو.

لنڊن، شڪاگو برلن ۽ پيرس ۾، گلاسگو مارسيلز ۽ بارسلونا ۾، ڪلڪتي، شنگهائي، ريو ڊبلن، ڪائرو ۽ هوانا ۾ هر هنڌ ساڳي بربادي هئي، هر هنڌ ڪاوڙ ۽ نفرت هئي، جيڪا هڪ نئين اميد جي باهہ ٻاري سگهي پئي يا جنوني نااميديءَ ۽ مايوسيءَ جي ور چڙهي سگهي پئي.

1930ع وارو ڏهاڪو جنهن ۾ اميد ۽ مايوسيءَ جون قوتون هر شهر جي گهٽيءَ ۾ وڙهيون پئي، اهو ڏهاڪو هو جڏهن انقلاب ۽ ردانقلاب هڪٻئي جي نڙين ۾ هٿ وجهيو بيٺا هئا. ان جي پڄاڻي ردانقلاب جي فتح سان ٿي جنهن دنيا کي هڪ ٻي عالمي جنگ ۾ غرق ڪري ڇڏيو اهڙيون بربريتون ٿيون، جن 18-1914ع جي ڪوس کي پنتي ڌڪي ڇڏيو.

روس، انقلاب اُلٽو

اولهه ۽ ٽين دنيا ۾ انهيءَ بحران جو فائدو ڪميونزم کي ٿيو. سرمائيداريءَ جي ڍهي پوڻ انقلابي سوشلسٽن جي ڳالهه کي ثابت ڪيو جيڪي ڏيڍ ڏهاڪي کان دليل ڏيندا رهيا ۽ اُهي ڪميونسٽ جيڪي بحران جي اثرن خلاف ڀرپور توانائي سان وڙهيا. انهن بيروزگارن جي مظاهرن جي اڳواڻي ڪئي، جن تي نيويارڪ، شڪاگو لنڊن، برڪن هيڊ، برلن ۽ پئرس ۾ پوليس لاٺي چارج ڪئي. انهن ڏکڻ ويلز ۽ فيفي جي ڪاٽين، ڪيلفورنيا جي ميون جي ميدانن ۽ پئرس جي ڪارن جي ڪارخانن ۾ پگهارون گهٽائڻ خلاف دليراڻي دفاعي جدوجهد ڪئي. برطانيا جي قبضي واري انڊيا ۾ مٿن يونين ٽاهڻ، چين ۾ گوريلا هاري فوجون ٽاهڻ جي ڏوهه ۾ مقدما هلايا ويا، ڏکڻ آفريقا جي اڇن جي راڄ وارن شهرن ۾ جهوپڙيون ٽاهڻ ۽ ڏکڻ آمريڪا ۾ نسل پرستيءَ خلاف وڙهندي محڪومن پنهنجي حياتن کي جوکم ۾ وڌو.

1930ع جي ڏهاڪي کي ڪڏهن ڪڏهن 'سُرخ ڏهاڪو' سڏيو ويجي ٿو ڇاڪاڻ ته ان دور جي دانشورن کي ڪميونزم تمام گهڻو متاثر ڪيو. 1933ع تائين ان ڪيترن ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو هو جن ۾ آمريڪي ناول نگار جان استينبيڪ، جان ڊاس پاسوس، ٿيوڊور ڊرائزر، جيمز ٽي فيرل، رچرڊ رائيٽ ۽ ڊيشل هيمٽ، اسڪاٽش ناول نگار لوئس گراسڪ گبن، انگريز ليکڪ ڊبيلو ايچ آڊن ۽ ڪرسٽوفر اشروڊ، فرينچ ناول نگار انڊري گڊ ۽ جرمن ڊراما نويس برٽول بريخت شامل هئا. انهن سان گڏوگڏ گهٽ مشهور ماڻهن جي قطار هئي، جيڪي 'پورهيت' ناول لکڻ جي ڪوشش ڪن پيا، عوامي سطح تي 'پرچار ۽ احتجاج' ڪن پيا ۽ جن پنهنجو پاڻ کي ننڍن ادبي ميگزينن ۾ اظهاريو پئي. دانشورن جي پيٽ ۾ عام ماڻهن منجهه جيڪي اقتصادي بحران جي بچڙاين جي متبادل جي ڳولا ۾ هئا، ڪارخانن ۾ مزدورن منجهه هر هنڌ قطارون لڳيون پيون هيون. انهن مان اڪثريت ڪڏهن به ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شموليت نه ڪئي، پر اُنهن ڪميونزم کي متبادل طور ڏٺو پلي پوءِ اُهي ان کي مڪمل طور تي اپنائي نه سگهيا.

اڪثر ماڻهن لاءِ 1930ع ڌاري ڪميونزم جي سڃاڻپ سوويت يونين کان الڳ نه هئي ۽ ان جي معنيٰ ٻين علائقن ۾ انقلاب جو نقل ڪرڻ هئي. توڙي جو وال اسٽريٽ بحران جي وقت روس ۾ 1917ع جي انقلاب صورتحال نه هئي.

جيئن اسان ڏٺو آهي، لينن پنهنجي موت 1924ع، کان اڳ ئي پورهيت رياست جي ڪامورا

شاهيءَ ۾ ان جي ”تڙي وڃڻ“ بابت تبصرو ڪيو هو. 1920ع ڌاري اهي بچڙايون پوائنٽيون ٿي ويون. انقلابي حڪومت نيئن اقتصادي پاليسيءَ (NEP) هيٺ اندروني سرمائيداريءَ کي رعايتون ڏنيون، جسماني بربادي ۽ گهرو جنگ جي سخت مشڪلات مان بحال ٿي هئي. عوام جي معيار زندگيءَ ۾ آهستي آهستي بهتري آئي پئي، پر آباديءَ جي ٻين پرتن جو اثر پڻ وڌڻ لڳو جيڪي 1917ع جي انقلابي جذبي ۽ روح جا مخالف هئا. يعني: ننڍا سرمائيدار، ننڍا ’نئين اقتصادي پاليسيءَ وارا‘ واپاري ۽ خوشحال هاري، جيڪي ٻين مزدورن کان اجرت تحت ڪم ڪرائيندا هئا. صنعت، رياست جي هٿن ۾ رهي، پر اها مارڪيٽ جي دٻائن جي تابع رهي ۽ بيروزگاريءَ جي نسبتن بلند سطح سان گڏ صنعتي پيداوار جي بحالي ٿي. جڏهن ته 1922ع ۾ صنعت ۾ سرڪاري طور تي انتظاميا منجهه اٽڪل 65 سيڪڙو پورهيتن جو هجڻ طئي ڪيو ويو پر 1923ع تائين فقط 36 سيڪڙو پورهيت رهيا.[160]

لينن جي موت وقت جيڪڏهن حڪومت توري گهٽي سوشلسٽ هئي ته ان جو پنهنجو سماجي بنياد نه هو توڙي جو مٿي فيصلا ڪندڙن منجهه سوشلسٽ خواهشون هيون. جيئن لينن لکيو ته، ’هن وقت پارٽيءَ جي پورهيت پاليسي، ان جا عهديدار ۽ ميمبر طئي نه پيا ڪن، پر جن کي پارٽيءَ جا ”پراڻا محافظ“ سڏيو وڃي ٿو انهن جي قليل حصي جي اڻ ورهايل اختيار هٿان طئي ٿئي ٿي.‘[161] پر جيئن ئي لينن مرڻ ڪنڌيءَ تي ته پارٽيءَ جي باقي اثرن ’پراڻن محافظن‘ کي ڳڙڪائڻ شروع ڪيو. لينن جو آخري سياسي ڪم هڪ وصيعت لکڻ هو جنهن ۾ هن اسٽالن جي پارٽي سيڪريٽري طور هٽائڻ لاءِ دليل ڏنو، چاڪاڻ ته هن پارٽيءَ جي ٻين ميمبرن سان ڪاموڪو سلوڪ ڪيو پئي. پارٽي قيادت جي بااثر گروهه زنوويف، ڪامنيف ۽ بخارين ۽ اسٽالن انهيءَ وصيعت نامي کي نظرانداز ڪري، ان کي ڳجهو رکيو.[162]

هنن پنهنجو پاڻ کي جن حالتون ۾ ڏٺو پئي، سي ڪين 1917ع جي اصولن کي پري وٺي وڃي رهيون هيون. هنن ملڪ کي هلائڻ لاءِ ڪامورا شاهي ڍانچي تي ڀاڙيو ۽ انهيءَ ڍانچي جي ڪامورن، موٽ ۾، خوشحال آبادگارن، نئين اقتصادي پاليسيءَ جي پيدا ڪيل ماڻهن ۽ ’ڳاڙهن‘ صنعتڪارن جي نئين پرت کي رعايتون ڏنيون. هنن کي انهن گروهن جي وڌيڪ ڳڻتي هئي،م نه ڪي اُنهن پورهيتن جي مفادن جي، جن انقلاب آندو هو.

انهيءَ عمل پارٽيءَ اندر اختلاف پيدا ڪيو ۽ خود پارٽي قيادت اندر به. 1920-21ع ۾ هڪ گروهه، جنهن پنهنجو پاڻ کي ’ورڪرز اپوزيشن‘ سڏيو، تن ڪانفرنسن، پارٽي اخبارن (جيڪي اڃان تائين هنن لاءِ کليل هيون) ۽ هڪ پمفليٽ جي 2 لک 50 هزار ڪاپين (جيڪي پارٽيءَ جي اجازت نامن سان شايع ڪرايون ويون) ۾ اڳئي دليل ڏنا هئا ته پورهيت هارائين ۽ وڃائين پيا. پر اهو گروهه ملڪ جي عام مفلسيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪي عملي تجويزون پيش ڪرڻ جي قابل نه هو. 1923-24ع ۾ وڏي پيماني تي اختلاف پيدا ٿيو پراڻن 46 بالشوڪن هڪ کُليل خط لکي، پارٽي جي ڪامورا شاهي عمل تي

تنقيد ڪئي. اها ’ڪابي اختلافي ڌر‘ ٽراٽسڪيءَ جي ڇوڏاري ڪني ٿي، جيڪو 1905ع ۾ سينٽ پيٽرسبرگ سوويت جو صدر آڪٽوبر بغاوت جو انتظام ڪندڙ ۽ ڳاڙهي فوج جو بانيڪار هو. هن دليل ڏنو تہ اڳتي وڌڻ جو گس فقط هڪبئي سان جڙيل ٽن ڪمن ۾ آهي: هڪ صنعت جي پکيڙ ڪئي وڃي تہ جيئن پورهيت طبقي جي سماجي وزن کي وڌائجي، بيو پورهيت جمهوريت ۾ واڌ ۽ ٽيون پارٽيءَ ۾ رياست اندر ڪاموراشاهي رجحانن جو خاتمو آندو وڃي. فقط انهن ٽي طريقن سان پورهيت رياست جي صحت کي بچائي سگهجي ٿو جيسيتائين بين الاقوامي طور تي انقلاب ڦهلجي.

ان اپوزيشن خلاف گارگند جو ايترو مينهن وسايو ويو جيڪو پارٽيءَ ان کان اڳ ڪڏهن نہ ڏٺو هوندو. پارٽي پريس ۾ جيڪو بہ مضمون ڇپيو تنهن ۾ ڪابي اختلافي ڌر جي نقطہ نظر تي سخت تنقيد ڪئي وئي. ’ٽراٽسڪي ازم‘ خلاف شديد تنقيد ڪئي وئي ۽ خود ٽراٽسڪيءَ کي ڳاڙهي فوج جي اهم سربراهي عهدي تان هٽائي، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي وزارت ڏني وئي، جڏهن تہ اسٽالن اختيار پنهنجن هٿن ۾ ڪري ورتا.

پارٽي ڪيترو ڪامورا شاهيءَ جي ور چڙهي وئي هئي، ان جو مظاهرو 1926ع ۾ ٿيو جڏهن اسٽالن ۽ بخارين، زنويف جي پنيان پئجي ويا. پيٽروگراڊ ضلعي تنظيم جنهن ذري گهٽ متفقہ طور تي زنوويف جي پٺڀرائي ڪئي هئي، سا هاڻي متفقہ طور تي ڪيس ننديي رهي هئي. زنوويف ۽ سندس حمايتن تي ساڳئي قسم جا حملا ڪيا ويا، جيڪي ان کان اڳ ٽراٽسڪيءَ ۽ ڪابيءَ اختلافي ڌر تي ڪيا ويندا رهيا هئا.

انهيءَ مرحلي تي اسٽالن ۽ بخارين مڪمل طور تي هڪ نئين اصول ’هڪ ملڪ ۾ اشتراڪيت‘ پيش ڪري، نوڪرشاهاڻي رجعت پرستيءَ جو اظهار ڪيو. اڳ ۾ بالشوازم جا سيئي رهنما متفق هئا تہ پورهيت هڪ ملڪ ۾ پنهنجي رياست قائم ڪري سگهن ٿا، پر ان بنياد تي مڪمل اشتراڪيت ڏانهن نہ ٿا وڌي سگهن. 5 هزار سالن جي پراڻي طبقاتي سماج جي ورثي کي مات ڏيڻ تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندو، جڏهن جديد صنعتي سرمائيداري هٿان پيداوار جا سمورا ذريعا ڪتب آندا وڃن ۽ اُهي فقط هڪ ملڪ ۾ نہ، پر پوريءَ دنيا ۾ وجود رکن ٿا ۽ يقينن روس جهڙي پسمانده ملڪ ۾ تہ نہ. جيڪڏهن ائين ڪيو ويو تہ انقلاب يا تہ ڦهلجندو يا مري ويندو.

نہ صرف لينن ڪيترن ئي موقعن تي ان ڳالهہ کي ورجايو هو پر اسٽالن پاڻ پنهنجي ڪتاب ’لينن ۽ لينن ازم‘ ۾ ان ڳالهہ تي زور ڏنو هو جيڪو 1924ع ۾ ڇپيو:

اشتراڪيت جو مُک ڪم، اشتراڪي پيداوار جو انتظام اجان اڳتي آهي. ڇا اهو ڪري سگهجي ٿو؟ ڇا گهٽ ترقي يافتہ ملڪن جي پورهيتن جي گڏيل ڪوشش کانسواءِ هڪ ملڪ ۾ اشتراڪيت جي آخري فتح ٿي سگهندي؟ نہ، اهو ممڪن ناهي..... اشتراڪيت جي آخري فتح لاءِ، سماجواد پيداوار جي انتظام لاءِ، هڪ ملڪ جون ڪوششون، خاص ڪري روس جهڙي هڪ هاري ملڪ جون، ناڪافي آهن.[163]

مارڪسي نظريي ۾ سائنسي درستگيءَ ڪي اسٽالن اهڙي اهميت ڏني جو ڪتاب جي ايندڙ ڇاپي ۾، هن فقط 'نہ' ۽ 'ناڪافي' جا لفظ هٽائي ڇڏيا.

ان وقت جي روسي قيادت، روسي حڪمران گروهہ جي نمائندگي ڪئي، جيڪو ڊنل هو ۽ هر ان شيءِ سان وڙهيو پئي، جنهن سندن ڪاموڙڪي مراعت يافتہ حيثيت ۾ رخنو پئي وڌو. ان جون مُکيہ خاصيتون سُستي ۽ آسودگي هيون. اهو تصور تہ روس ٻاهرين دنيا کي نظرانداز ڪري سگهي ٿو، ان جو انحصار ان جي وسيلن ۽ ٻخارين چوائي، 'سوشلزم سُست (جيت) جي وکن وانگر آهستي اُڏڙَ' واريءَ صورتحال سان ٺهڪي پيو. اهوئي ڪارڻ هو جو پارٽيءَ جو هر انتظام هلائيندڙ ڏيهاڙي صنعتي منتظمن، خوشحال آبادگارن يا ٽڪڙ ۾ امير ٿيندڙ واپارين سان مصلحتن ۾ مشغول رهيو ۽ روسي قيادت طرفان ٿيندڙ حملن ۾ سندن حمايت ڪئي، اُنهن مٿن خلاف حملا ڪيا ويا. جن پورهيت جمهوريت ۽ عالمي انقلاب جي ياد ڏياري پئي. انهيءَ ڪري حڪمران گروهہ اختلاف ڪندڙن خلاف طاقت استعمال ڪئي. آڪٽوبر انقلاب جي ڏهين جنم ڏينهن جي موقعي تي پيٽروگراڊ مزدورن طرفان اختلافي ڌر جي حمايت ۾ ٿيل هڪ مظاهري کي ٽوڙڻ لاءِ پوليس کي استعمال ڪيو ويو[164] روسي قيادت پارٽيءَ سان اختلاف ڪندڙن کي خارج ڪري ڇڏيو ڪين ڏورانهن علائقن ڏانهن جلاوطن ڪيو ۽ نيٺ ٽراٽسڪيءَ کي سوويت يونين مان نيڪالي ڏني وئي.

1928ع تائين روس جو ماحول 1930ع واري ڏهاڪي کان گهڻو مختلف هو. ڪيترين لکتن ۾ ان دور جي گُلاگ حراستي مرڪزن جي ذڪر کي نظرانداز ڪيو ويو. گهرو جنگ ڪانپوءِ سرخ ـ دهشت روسي سماج کي زخم رسايا. 1928ع ۾ حراستي مرڪزن ۾ فقط 30 هزار قيدي هئا ۽ اُنهن کي ڪم لاءِ مجبور نہ ڪيو ويندو هو. بهرحال اها اڃان تائين هڪ آمراڻي حڪومت نہ هئي.

جيئن مائيڪل ريمن ان دور جي دستاويزن جي مطالعي جي بنياد تي لکيو آهي:

جيتوڻيڪ طاقت جو استعمال خاص ڪري سياسي دٻاءُ جاري رهيو پر وسيع سطح تي دهشتگرديءَ کي روڪڻ وارا طريقا ترڪ ڪيا ويا. هڪ پرامن قانوني ڍانچي ۽ قانوني طريقي ڪار جي عملداري قائم ڪئي وئي. هر روز شهري زندگيءَ جي نئين سر اوسر ٿي پئي. نئين اقتصادي پاليسيءَ (نيپ) پنهنجن هوٽلن، شين ۽ تفريحي ماڳن سان ان دور جي منفرد ثقافت پيدا ڪئي. هڪ شاهوڪار فنڪاراڻي ۽ نظرياتي زندگيءَ پڻ ترقي ڪئي..... نين ٽريڊ يونين قانونن جي مثبت پاسن، محنت جي نون حقن ۽ ڪارخاني ۾ آزاد نگرانيءَ جون حالتون..... ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ بهتر نموني هليو پئي، اسٽالن جو اختيار اڃان تائين محدود هو توڻي جو هن جي طاقت تمام گهڻي هئي، پر لامحدود نہ هئي.[165]

پر انهيءَ سڄي ڍانچي ۾ ڪجهہ اندروني ڪمزوريون هيون، جيڪي تڏهن نروار ٿيون، جڏهن اختلافي ڌر کي نيڪالي ڏني وئي. ان نظام جي پائيداريت هارين تي

منحصر هئي، جن لڳاتار شهر کي اناج مهيا ڪيو پئي، توڻي جو صنعتي پيداوار جي سطح سندن ضرورتن جو پورائُ ڪرڻ لاءِ ڪافي نہ هئي، بيو ان ڳالهہ تي منحصر هئي تہ اولهہ جي سرمائيدار طاقتن فوجي طاقت ذريعي انقلاب کي واپس ڪرڻ جا خواب ڏسڻ ڇڏي ڏنا. اهي ٻئي حالتون گهڻو عرصو برقرار نہ رهيون. جيئن ئي هارين جا ڪجهہ حلقا وڏيڪ شاهوڪار ٿيا تہ اُنهن رياست کان وڌيڪ مطالبا ڪيا ۽ اُهي حاصل ڪرڻ لاءِ قدم کنيا. وڏيون سرمائيدار طاقتون، جيڪي اڃان تائين دنيا کي پاڻ ۾ ورهائڻ لاءِ تاڙ ۾ ويٺيون هيون، تن روس کي اڪيڙڻ جي خواهش ختم نہ ڪئي هئي.

1928ع جي وچ ڌاري انهن ٻنهي معاملن ڳر کنيو. هارين شهرن کي پنهنجو اناج وڪڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ برطانيا جيڪو ان وقت تائين روس جو سڀ کان وڏو تجارتي ڀائيوار هو ان روس سان سفارتي لاڳاپا ٽوڙي ڇڏيا ۽ تجارت تي ذري گهٽ بندش مڙهي ڇڏيائين. هڪ سياسي بحران روس کي جهنجهوڙي ڇڏيو. جيئن ريمن سمجهائي ڏني ٿو:

بدليل بين الاقوامي صورتحال سوويت يونين جي اندروني لاڳاپن کي متاثر ڪيو. پارٽي قيادت جو اختيار ڪوڪلو ٿي ويو.... سياسي حلقن ۾ مونجهارو ۽ بدحواسي محسوس ڪئي وئي. پارٽي قيادت پريشانيءَ ۽ بيچينيءَ ۾ وڪوڙجي وئي.[166]

حڪمران گروهہ ورهائجي ويو. بخارين اڳ وانگر ڪم کي هلائڻ چاهيو پئي، پر ان جي معنيٰ اها ٿئي ها تہ هارين کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ ڪامورا شاهي پنهنجي ڪجهہ طاقت تان هٿ کڻي. اسٽالن کي پهريائين اهو ڄاڻڻ ۾ ڏکيائي ٿي تہ ڇا ڪجي، پر پوءِ ان پاليسيءَ ڏانهن وڌيو جنهن ڪامورا شاهيءَ کي ملڪ اندر ۽ ٻاهر پنهنجو پاڻ کي مضبوط ۽ سگهارو ٿيڻ جو امڪان آڇيو يعني، جبري صنعتڪاري هارين کان زبردستي اناج کسيو ويو. اهڙي پاليسي صنعت کي هلائيندڙن لاءِ مناسب هئي. ان دور جي هڪ رپورٽ مطابق، 'وڌيڪ پکيڙ لاءِ آفيسرن ۽ انتظام هلائيندڙ ڌڪو ڏنو جن جي اڪثريت هاڻي پارٽي ميمبر هئي ۽ اوترو ئي ڌڪو پارٽي رهنمائن کان آيو.'[167] ان سان روس کي اولهہ جي رياستن جيتريون ٽينڪون، جنگي ٻيڙا، جهاز ۽ مشين گنون ٺاهڻ ۽ پرڏيهي حملن جي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ وسيلا مهيا ٿيا. اسٽالن زور ڀريو:

صنعتڪاريءَ واري عمل کي سُست ڪرڻ جي معنيٰ پٺتي رهجي وڃڻ ٿيندي ۽ اُهي جيڪي پٺتي رهجي ويندا آهن، سي هارائيندا آهن... اسان ترقي يافتہ ملڪن کان 50 کان 100 سال پٺتي آهيون. يا تہ اسان ڏهن سالن اندر اها کوٽ پوري ڪريون يا اُهي اسان کي تباهہ ڪن.[168]

اولهہ جي فوجي طاقتن سان برابري ڪرڻ خاطر روسي ڪامورا شاهيءَ جبري صنعتڪاريءَ وارو رستو ورتو پر ان واٽ جي پنهنجي منطق هئي. وڏن ڪارخانن، مشينن ۽ خام مال جي پيداوار تي زور ڏنو ويو جن ذريعي ٻيا ڪارخانا، مشيون ۽ خام مال

پيدا ڪري سگهجي، ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ عام واهپي جي شين جي پيداوار جي قيمت وڌي وئي. 28-1927ع ۾ پيداوار جا ذريعا ڻاهڻ تي 32.8 سيڪڙو سيڙپ ڪئي وئي، سا 1932ع ۾ 53.3 سيڪڙو ۽ 1950ع ۾ 68.8 سيڪڙو تائين وڌائي وئي،[169] پر ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ، صنعتي پورهيتن جي وڌندڙ تعداد لاءِ هارين جيڪي شيون پيدا ڪيون پئي تن لاءِ هارين کي موٽ ۾ جيڪي شيون گهربل هيون سي پيدا نہ ڪيون ويون، جنهنڪري هارين پنهنجي ڪم ۾ گهٽي دلچسپي نہ ورتي.

ان صورت ۾ حڪومت وٽ کاڌ خوراڪ جي ضرورت پُوري ڪرڻ لاءِ هارين خلاف طاقت جي استعمال کي وڌايو. انهيءَ منطق تي عمل ڪندي اناج کسڻ کان زمين کسڻ ڏانهن پيش رفت ڪئي وئي. جبري صنعتڪاريءَ سان گڏ ٻئي پاسي زمين کي اجتماعي ملڪيت (Collectivisation of land) بڻائڻ جو عمل شروع ڪيو ويو. ان عمل جو مطلب رياست طرفان هارين کي ٻنين تان بيدخل ڪرڻ هو. زمين کي اجتماعي ملڪيت ۾ وٺڻ سان شهرن کي کارائڻ ۽ پرڏيهي مشينريءَ گهرائڻ لاءِ ٻاهر وڪرو ڪرڻ خاطر چڱي خاصي واڌ ٿي، پر ان سان اهو بہ ٿيو تہ ڪُل زرعي اپت ڪِري پئي.

زمين کي اجتماعي ملڪيت بڻائڻ سان هارين منجهہ شديد مسئلا پيدا ٿي پيا. لکين ننڍن ۽ وچولن هارين کي ڪُلاڪس (زميندار) سمجهي ذليل ڪيو ويو ۽ کين مال جي ترڪن ۾ پيري بيدخل ڪيو ويو. لکين ماڻهو بُکون ڪاٽڻ لڳا، ڇاڪاڻ تہ سندن اناج کسجي ويو. پورهيتن جي معيار زندگي ۾ پڻ لاٽ آئي، جيڪا ڇهن سالن ۾ 50 سيڪڙو تائين گهٽجي وئي.[170] ايڏيءَ وڏيءَ آباديءَ مٿان اهڙو دٻاءُ هڪ بيمثال پوليس راج کانسواءِ مڙهي نہ پيو سگهجي. هر احتجاج کي بيرحميءَ سان چٿيو ويو. هر وسيلي جنهن ذريعي پورهيت يا هاري پنهنجو پاڻ کي اظهاري سگهيا پئي، تنهن کي بند ڪيو ويو. ٽريڊ يونين کي مڪمل طور تي رياست جي تابع ڪيو ويو. ڪيترن ماڻهن کي گهلي ليبر ڪيمپن ۾ آندو ويو. جيترو تعداد اُتي 1928ع ۾ هو سو 1930ع تائين ويهوڻ تي وڌي ويو.[171] ڪامورا شاهي ڍانچي جو ڪوبہ حصو جنهن مزدورن ۽ هارين سان همدردي ڏيکاري پئي، تنهن کي پڻ سزا ڏني وئي، هر ان دانشور جنهن لاشعوري يا اتفاقي طور تي ناول ۽ نظم لکيا، يا موسيقي ٺاهي، جيڪا ان بيچينيءَ کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪري سگهي، تنهن کي ستايو ويو. پارٽيءَ اندر بحث غائب ٿي ويو ۽ ان جي جاءِ 'انحراف' تي لعنت ملامت والاري. 1920ع جي فنڪارانہ اظهار جي جاءِ 'اشتراڪي حقيقت پسنديءَ' والاري، جيڪا اصل ۾ تقليد پسندي هئي. 1928ع ۾ گهرو جنگ جي وچ ۾ موت جي سزا تي مشڪل سان عمل ٿيندو هو سا هاڻي عام ٿي وئي. 1930ع ۾ 20،201 موت جون سزائون ڏنيون ويون، جيڪي 1921ع ۾ گهرو جنگ جي آخر کان ٻيڻ تي وڌيڪ هيون. 1937ع ۾ ڪُل تعداد 353،074 تائين پهتو، جيڪو 1921ع جي انگن اکرن کان چاليهوڻ تي وڌيڪ هو.[172]

مقدمن ذريعي ماڻهن کي موت يا ليبر ڪيمپن ۾ زنده موت جون سزائون ڏنيون، سي ٻين کي روڪڻ لاءِ ڪافي نہ هيون. تنهنڪري جوابدارن تي ’ٽراٽسڪائيٽ پرڏيهي جاسوس‘ جون تهمتون هنيون ويون تہ جيئن عوام جي ڪاوڙ کي حڪومت کان ٽيڙي سگهجي. 37_1936ع جي سالن ۾ دهشت جو نقطہ عُروج هو. جڏهن سواءِ اسٽالن جي 1917ع ۾ لينن سان گڏ ڪم ڪندڙ مرڪزي ڪميٽيءَ جا سمورا ميمبر موت جو شڪار ٿي چڪا هئا. اليگزنڊرا ڪولنتائي، سوئيڊن ۾ اسٽالن جي سفارتڪار ۽ ليون ٽراٽسڪي جيڪو جلاوطن هجڻ ڪري بچي ويو. تنهن کي بہ 1940ع ۾ ايجنٽ هٿان قتل ڪرايو ويو.

ڏهاڪن تائين اسٽالن جا حمايتي دعويٰ ڪندا رهيا تہ هي لينن جو وارث آهي، جيڪو 1917ع جي خوابن کي پورو ڪندو. اڄ جي اولهہ واري سرمائيداريءَ جا ڪيترائي حمايتي، مثبت بدران ناڪاري انداز سان ئي، انهيءَ دعويٰ کي ورجائين ٿا. 1930ع جي وچ واري دهشت ۾ اول 1917ع جي بالشوڪن ئي پوڙهيو. 1917ع جي بالشوڪ پارٽي جي 14 ميمبرن مان فقط هڪ ۽ 1920ع وارن ڇهن مان هڪ 1939ع ۾ سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو اڃان تائين ميمبر هو.[173] باقي اڪثر ماڻهن کي يا تہ موت جي ننڊ سمهاريو ويو يا ڪين ڪيمپن ڏانهن اماڻيو ويو. جيئن ليون ٽراٽسڪي مسلسل زور ڀريندو رهيو تہ اسٽالن ازم لينن ازم جي تسلسل کان ڪوهين ڏور آهي ۽ ٻنهي جي وچ ۾ رت جو دريا وهي ٿو.

ان وقت جي روسي حڪمرانن جي منطق ڪنهن بہ سرمائيدار جهڙي هئي. جنهن کي پاڻ کان وڏي رقيب سان ڇتاپيٽيءَ جي دٻاءَ کي منهن ڏيڻو هوندو آهي. اهو سرمائيدار پنهنجن مزدورن کي ٻُڏائيندو آهي تہ مقابلي خاطر هر ’قرباني‘ ڏيڻي پوندي. روس طرفان اولهہ سان برابري ڪرڻ جو طريقو ’اوائلي انبار ڪٺا‘ ڪرڻ وارن سمورن طريقن جو نقل هو. برطانوي صنعتي انقلاب هارين کي ٻنين تان بيدخل ڪرڻ تي ٻڌل هو روس زمين کي ’اجتماعي ملڪيت‘ ۾ وٺي هارين کي ڇتي ڇڏيو جنهنڪري لکين ماڻهو مجبور ٿي شهرن ڏانهن لڏي ويا. برطانوي سرمائيداريءَ ڪيريبين ۽ اتر آمريڪا ۾ غلاميءَ جي ڪاروبار ذريعي دولت جا انبار لڳايا. روس لکين ماڻهن کي گلاگ جي غلام ڪيمپن ڏانهن منتقل ڪيو. برطانيا آئرلينڊ، انڊيا آفريقا کي قبضو لٽيو روس سوويت يونين جي غير روسي علائقن جا حق کسي ورتا ۽ سڄي سارين آبادين کي هزارين ميلن تائين ملڪ نيڪالي ڏئي ڇڏي. برطانوي صنعتي انقلاب پورهيتن کي انتهائي بنيادي حقن کان محروم ڪيو ۽ مردن، عورتن ۽ ٻارن کان 14 يا 16 ڪلاڪ ڏيهاڙي ڪم ڪرايو تہ روس، يونين جي آزاديءَ کي ختم ڪري ۽ هڙتالين کي مارائي انهيءَ جي پيروي ڪئي. ٿورو فرق اهو هو تہ اولهہ جي سرمائيداريءَ کي دولت ڪٺي ڪرڻ لاءِ سوين سال لڳا، روس ٻن ڏهاڪن ۾ ائين ڪري ڏيکاريو.

روسي ڪامورا شاهي صنعتي انقلاب دوران انگلينڊ جي ننڍي پيماني جي ’مارڪيٽ‘

واري سرمائيداري جي نقل سان برابري نہ پئي ڪري سگھي. اها فوجي حوالي سان تڏهن ئي سوياري ٿي سگھي پئي، جيڪڏهن ان جون صنعتون، اولهہ جي صنعتن جيتريون ئي وڏيون هجن. پر خانگي ادارن جي وڌڻ لاءِ انتظار ڪرڻ جو وقت نہ هو ڇاڪاڻ تہ اُنهن هڪبئي کي ڳرڪائي ڇڏيو. پيداوار جي ضروري سطح آڻڻ لاءِ رياست کي مداخلت ڪرڻي پئي. ان لاءِ ننڍا خانگي ادارا نہ، پر رياستي سرمائيدارانہ هڪ هٽي ضروري هئي ۽ رياست طرفان سڄيءَ معيشيت کي نئين سر ترتيب ڏيڻي ۽ مربوط ڪرڻو پيو.

اڪثر ماڻهن ان مان جنم وٺندڙ سرشتي کي سوشلزم سمجهيو ۽ اڄان تائين ڪيترائي ماڻهو ائين سمجهن ٿا. روس ۾ خانگي سرمائيداريءَ جي ڇيلهہ ڇِني ڪئي وئي ۽ بعد ۾ وري اوڀر يورپ ۽ چين ۾ ائين ئي ڪيو ويو پر ان جا طريقا اولهہ جي جنگي معيشيتن جهڙا هئا. جيئن بين يورپي طاقتن جنگي نموني عمل ڪيو. تيئن ان رٿابندي ڪئي تہ جيئن عوام جي کپت کي گھٽائي سگهجي ۽ ڳري صنعت اڏي ۽ هٿيارن جي پيداوار ڪري سگھجي.

جن اولهہ واسين 1930ع ۾ ان عمل کي اکين سان ڏٺو تن کي سوويت يونين جي اقتصادي ڪاميابيءَ موهي وڌو ۽ ائين ئي ٽين دنيا جي ڪيترن تجزيي نگارن بہ 1950ع ۽ 1960ع ۾ سوويت يونين جي تيز رفتار صنعتي ترقي ڏٺي. لڳو پئي تہ پلي خرابيون هونديون، پر روسين بحرانن کان بچڻ جو حل ڳولي ورتو هو جيڪي بحران باقي دنيا جي مارڪيٽ سرمائيداريءَ کي وڪوڙي ويٺل هئا. برطانوي فيبين سڊني ۽ بيٽرڪ ويب، سڄي زندگي انقلاب جي مخالف رهندڙن 1930ع ۾ روس جو دورو ڪيو. اُهي ايترو متاثر ٿيا، جو اُنهن "سوويت يونين، هڪ نئين تهذيب؟" جي عنوان سان ڪتاب لکيو ان جي پئي ڇاپي تائين اڃان وڌيڪ متاثر ٿيا، جو اُنهن سواليا نشان ئي هٽائي ڇڏيو.

تنهن هوندي بہ سوويت يونين دنيا کان نہ بچي سگھي، جنهن منجھہ اها 1930ع ڌاري موجود هئي. رياستي اختيارن ان جي صنعتن کي وڌائڻ جي قابل بڻايو جڏهن تہ باقي دنيا سُڪڙجي وئي، پر اها ترقي پنهنجي عوام جي ڳري قيمت تي ٿي. ايتريقدر جو عالمي اقتصادي پاڙائيءَ جو سڌو اثر ٿيو. روس، يوڪرائين ۽ قازقستان مان اناج وڪڻي ٻاهران مشينون گھرايون. جڏهن 1929ع کانپوءِ قيمتون ڪِري پيون، تڏهن روس کي پيٽ تي شيون وڪڻيون پيون ۽ گھٽ ۾ گھٽ 30 لک هاري ٻُکن وگھي مري ويا، ڇاڪاڻ تہ رياست کائن اناج کسي ورتو هو.

عالمي انقلاب تان دستبرداري

روسي نظام فقط انهيءَ اڪيلائپ جو ردعمل نہ هو پر هن انهيءَ اڪيلائپ کي قائم پڻ رکيو. 'هڪ ملڪ ۾ سوشلزم' جي نظريي واري پاليسيءَ کي باقي دنيا جي ڪميونسٽ پارٽين مٿان مڙهڻ سان پڻ انقلاب جي موقعن کي هاڃو رسيو.

پهرين مرحلي دوران روسي قيادت اولهہ ۾ معتبر اتحادين جي ڳولا ڪئي، ان لاءِ 'اينگلو ـ سوويت تجارتي يونين معاهدو' ٿيو جنهن جي معنيٰ برطانوي TUC سان پيار هو جنهن تي يو سي عام هڙتال سان دغا ڪئي هئي. برطانوي ٽريڊ يونينسٽن 'سمورو اختيار ٽي يو سي جي جنرل ڪائونسل کي ڏيڻ' جا نعرا بلند ڪيا. جيتوڻيڪ برطانوي ٽريڊ يونين رهنمائن جي سرسري رڪارڊ جو جائزو وٺڻ سان ئي خبر پئجي ويندي تہ اُهي ڪيترو ان اختيار کي استعمال ڪن ها.

ساڳين مهينن ۾ اوير ۾ اتحادين جي ڳولا جي معنيٰ چيانگ ڪائي شيڪ جي ساراهہ هئي، ايتريقدر جو هن ڪينٽون ۾ پورهيتن جي تنظيمن تي حملو ڪيو هو. استالن ۽ بخارين شنگهائيءَ ۽ ٻين علائقن ۾ چيني ڪميونسٽن کي ٻڌايو تہ هن تي اعتماد ڪن.[174]

جڏهن 'هڪ ملڪ ۾ سوشلزم' کي 'ٻليءَ پيير سوشلزم' ڪان منتقل ڪري، جبري صنعتڪاريءَ ۾ بدلايو ويو تڏهن پرڏيهي ڪميونسٽ پارٽين جي پاليسين ۾ تبديليءَ جي توقع ڪئي وئي. 1928ع ۾ اوچتوئي ٻڌايو ويو تہ هاڻي اُهي هڪ انقلابي پيش رفت جي هڪ نئين 'ٽئين دور' ۾ آهن. هاڻي مُک دشمن ساڄي ڪاٻي ڏر آهي، جيڪا سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽين ۽ ٽريڊ يونين اندر موجود آهي، جنهن بابت روسي قيادت ڪجهہ مهينا اڳ ساراهہ ڪندي نہ پئي ڍاپي. روسي قيادت اعلان ڪيو تہ اهي ماڻهو هاڻي 'سوشل شاونسٽ' آهن ۽ ساڄي ڌر جيترا ئي خطرناڪ آهن. ڪميونسٽن هر هنڌ پنهنجي گهٽي باهہ انهن خلاف استعمال ڪئي، انهن سان ڪنهن بہ حالت ۾ اتحاد ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائون تہ جيڪڏهن ضروري هجي تہ ٽريڊ يونين سان تعلق ٽوڙي ڇڏجي.

نوان اڳواڻ جيڪي اهڙين پاليسين کي قبولين. تن کي پرڏيهي ڪميونسٽ پارٽين مٿان ٿاڦيو ويو ۽ ذري گهٽ هر هنڌ آزمايل قيادت کي خارج ڪيو ويو جيڪي انهن سان گڏ نہ هليا. 180 ڊگريءَ جو ڦيرو ڪاٹڻ پٺيان روسي قيادت جو اصل مقصد ڪهڙو هو؟ هڪ تہ برطانيا ۽ چين ۾ ڪيل غلطين کي ڍڪڻ. مارچ 1927ع ۾ چيني ڪميونسٽن کي چيانگ ڪائي شيڪ تي تنقيد ڪرڻ کان روڪيو هو جيڪو سندن ڪوس ڪرڻ لاءِ تيار هو پوءِ استالن ۽ بخارين ڪميونسٽن کي نومبر ڏاري ڪينٽون ۾ اقتدار کسڻ لاءِ زور ڀريو. تڏهن طاقت جو توازن مڪمل طور تي سندن خلاف هو ۽ نتيجو رتوڇاڻ نڪتو پر ان هڪ ماحول پيدا ڪيو جنهن ۾ استالن ۽ بخارين تي تنقيد ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو. انهيءَ ڦيري هڪ ٻيو ڪم پڻ ڪيو. بين الاقوامي طور تي هڪ دليراڻي ۽ ٻي ڊپي جدوجهد جي ڳالهہ روس کي تڪڙ ۾ صنعتي بڻائڻ لاءِ (پلي پوءِ ان جو روس جي ماڻهن تي ڪهڙو بہ اثر ڇو نہ ٿيو هجي) ڪيل دليراڻيءَ جدوجهد سان ٺهڪندڙ هئي. انهيءَ ڦيري روسي قيادت کي ان قابل بڻايو تہ بين الاقوامي تحريڪ ۾ ڪنهن بہ ماڻهو جيڪو

روس ۾ ڇا پيو ٿئي، ان تي تنقيد ڪري، تنهن کي غيرضروري شيءِ وانگر ڪيڏي سگهجي. ان ڦيري نيٺ پرڏيهي ڪميونسٽ پارٽين کي روس جي پرڏيهي پاليسيءَ جي ادارن ۾ بدلائڻ کي يقيني بڻايو.

'ٽيون دور' پرڏيهي پارٽين لاءِ تباهه ڪن ثابت ٿيو. 1929ع ۾ ڦاٽ ڪاڏل بحران، پورهيت جي هڪ موچاري اقليت کي انقلابي ڪري ڇڏيو ۽ سرمائيداريءَ جي بڇڙاين بابت ڪميونسٽ پروپيگنڊا سان همدردي وڌڻ لڳي، پر ان سان اڪثر پورهيت اڳوات قائم سوشل ڊيموڪريٽ پارٽين ۽ يونين سان چنبڙي پيا. گهڻو ڪري نوجوان پورهيت ۽ بيروزگار ماڻهن انقلابي رخ ورتو. پوليس جي ظلم خلاف مظاهرا ڪرڻ ئي اثرائتو ذريعو هو جنهن سان بيروزگارن پنهنجي ڪاوڙ کي اظهاريو پئي. ان جي ابتڙ روزگار سان لڳل پورهيت گهڻو ڪري روزگار وڃائڻ جي خوف کان ڊنل هئا. تنهنڪري اُنهن پارليامينٽري ۽ ٽريڊ يونين اڳواڻن جي 'اعتدال پسندي' جي سڏ کي ٻُڌو.

اهي مزدور پڻ ڪاوڙيل هئا. جڏهن مالڪن کين ٿوري گنجائش ڏني، پر هڙتال سان ئي اُهي پنهنجي ويڙهه ڪري سگهيا پئي، پر اڪثر ڪري سندن ڪاوڙ ۾ نفرت دٻيل رهي، جيسيتائين کين اهو محسوس نه ٿيو ته اُنهن ڪاميابيءَ سان وڙهڻ جو موقعو ماڻي ورتو آهي. بحران هٿان پيدا ٿيل حڪمران طبقي ۾ ڏار پورهيت جدوجهد لاءِ اوچتوئي نوان امڪان کولي ڇڏيا. معيشيت ۾ چاڙهه ٿيا، پر مختصر مدي لاءِ، جنهنڪري ادارن جي مالڪن وڏيڪ پورهيتن کي ڪم سان لڳايو. 1929ع ڪانپوءِ وارن سالن جدوجهد جي ويڙهاڪ صورتن جا اوچتا اُپار ڏنا. اسپيني بادشاهت جو انقلابي تختو اونڌو ۽ پورهيت تحريڪ جي وڏي پيماني تي بحالي، ڪيوبا ۾ انقلابي اُٿل، فرينچ ڪابي ڏر جو چاڙهه، جيڪو 'پاپولر فرنٽ' حڪومت ٺاهڻ ۽ وڏن ڪارخانن تي قبضي ڏانهن وٺي ويو ۽ آمريڪا ۾ وسيع پيماني جي ٽريڊ يونين ازم جو جنم، جنهن جي انتها، دنيا جي سڀ کان وڏي ڪار ٺاهيندڙ ڪارخاني، جنرل موٽرس تي قبضي سان ٿي.

پر ڪٿي به بحران جي ابتدا سان اوچتو ئي ائين نه ٿيو ڪٿي به، چار يا ڇهه سالن جو وقت به لڳو ۽ ڪٿي به ان عمل پراڻي سوشل ڊيموڪريٽڪ ۽ يونين تنظيمن جي اثر کي رات وچ ۾ ختم نه ڪيو. ڪجهه عرصي لاءِ اڳ کان وڏيڪ ڪابي ڏر جي ٻوليءَ کي اپنائيندي، سوشل ڊيموڪريٽڪ قيادت پنهنجو اثر رسوخ برقرار رکيو ۽ وڌايو. اُهي جن اهڙن اڳواڻن کي 'سوشل فاشسٽ' سڏي ملامت ڪئي، پورهيت ڪائن ڪٽجي ويا، جن سندن پوئلڳي پئي ڪئي.

روسي قيادت جي اثر هيٺ ذري گهٽ ڇهن سالن تائين ڪميونسٽ پارٽين اها غلطي ڪئي. اُنهن بحرانن هٿان انقلابي بڻيل ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو پر پوءِ اُنهن، ٽريڊ يونين ۽ سوشل ڊيموڪريٽڪ تنظيمن هٿان متاثر پورهيتن جي وسيع پرت کان پاڻ کي ڪٽي، کين لڙائين ۾ ڏکي ڇڏيو جيڪي اُهي کٽي نه سگهيا. لڙائين ۾ آزمايل

پارٽي ميمبرن جي اقليت سخت ڏکيائين باوجود قائم رهي ۽ وڌهي پر ڪيترائي ماڻهو گهٽو ڪري اڪثريت تباهه ٿي وئي، سختين، بُک ۽ مالڪن هٿان ظلم جو شڪار ماڻهن مجبور ٿي آڻ مڃي ورتي. ڪميونسٽ پارٽين جي رُڪنيت بابت انگ اکر ڏيکارين ٿا ته، زيڪوسلاويڪين پارٽيءَ جي رُڪنيت 1928ع ۾ 91 هزار هئي، سا 1931ع ۾ 35 هزار ٿي وئي. فرينچ پارٽي 52 هزار کان 36 هزار، آمريڪي پارٽي 14 هزار کان 8 هزار ۽ برطانوي پارٽي 5،500 کان 2،500 تائين گهٽجي وئي.[175]

ڪميونسٽ پارٽي فقط هڪ ملڪ ۾ وڌي، يعني جرمنيءَ ۾ بحران جا اثر آمريڪا کان وڌيڪ هتي ٿيا. ڇاڪاڻ ته ڪيترائي ماڻهو جن وڏي بحران دوران پنهنجا روزگار وڃايا، تن فقط ست سال اڳ مهانگائي سبب پنهنجون بچتيون پڻ وڃايون هيون. جڏهن ته وياج جي وڏي شرح وچولي طبقي، ننڍي ڪاروباري ماڻهو ۽ آبادگارن کي سخت نقصان رسايو. ناقابل عبور اقتصادي ۽ سماجي بحرانن جي احساس سڄي معاشري کي وڪوڙي ڇڏيو. پارٽي رُڪنيت 1928ع ۾ 1 لک 24 هزار هئي سا 1931ع ۾ 2 لک 6 هزار ٿي وئي ۽ ڪميونسٽن جو ووٽ 1928ع ۾ 32 لک هو سو 1930ع ۾ 46 لک ۽ 1932ع جي نومبر ۾ 59 لک ٿي ويو.

پر پارٽي رُڪنيت جو وڏو تعداد بيروزگار هو. 1930ع ۾ برلن جي پارٽي ميمبرن جو 51 سيڪڙو بيروزگار هو جڏهن ته 40 سيڪڙو ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ ۽ 1931ع ۾ قومي پارٽي رُڪنيت جو فقط 17 سيڪڙو پنهنجين ڪم جي جاين وٽ پارٽي سرگرمي ڪرڻ جي پوزيشن ۾ هو.[176] بيو ته پارٽي رُڪنيت جو ٽرن اوور ڏاڍو بلند هو برلن ۾ اٽڪل 40 سيڪڙو هو.[177] انهيءَ دوران ٽوٽي جو سوشل ڊيموڪريٽس ووٽ وڃايو. پر 1932ع جي نومبر ۾ ڪين اڃان تائين 7.2 ملين ووٽ مليو ۽ ڪارخانن جي ڪميٽين ۾ 84 سيڪڙو سيٽون کنيون، جڏهن ته ڪميونسٽن وٽ فقط 4 سيڪڙو هيون.[178]

سوشل ڊيموڪريٽس (Social Democrats) کي سوشل فاشسٽ (Social Fascist) طور ملامت ڪندي، ڪميونسٽن پنهنجو پاڻ کي پورهيتن جي وڏي تعداد کان ڪٽي ڇڏيو، جيڪي منجهيل هئا، پر اقتصادي بحران ۽ هٽلري نازين خلاف مزاحمت ڪرڻ چاهيائون پئي. روسي قيادت جي هدايتن جي پوئواري ڪرڻ جي نتيجي نه فقط پارٽيءَ کي پر پوري انسانذات کي هاڃو پهچايو.

هٽلر جو اقتدار تائين پهچڻ

1929ع جي آڪٽوبر ۾ وال اسٽريٽ بحران وقت ليبر طرز جي سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽين (Social Democratic Parties) جو يورپ جي سڀ کان وڏن ٻن ملڪن جي حڪومتن مٿان غلبو هو. برطانيا ۾ رامسي ميڪ ڊونالڊ جي ليبر لبرل جي حمايت تي ياڙيندڙ هڪ اقليتي حڪومت ٺاهي وئي. جڏهن ته جرمن سوشل ڊيموڪريٽ مُلر سال اڳ 'اعتدال پسند' بورجوا پارٽين سان گڏ 'وڏي اتحاد' طور حڪومت جوڙي هئي.

ٻنهي حڪومتن وٽ اهڙو ڪو خاڪو نہ هو تہ بحران کي ڪيئن منهن ڏجي، جنهن 1930ع ڌاري ڪين وڪوڙي ڇڏيو. وڌيل بيروزگاريءَ جي معنيٰ منافعن تي وڌيل خرچ هو. گهٽايل صنعتي پيداوار جي معنيٰ گهٽ ٽيڪس اوڳاڙي هئي. حڪومتي بجيٽون خساري ۾ وڃڻ لڳيون. مالياتي غيرپائيداريءَ ٻنهي ملڪن کي ڌڪ هنيو. آمريڪي بئنڪارن 'ڊيوس رٿا' وارن قرضن جي ادائگيءَ جو مطالبو ڪيو جنهن 1920ع جي وچ ڌاري جرمن معيشيت کي ترقي ڏياري ۽ سيئين اسٽيرلنگ جي بين الاقوامي متاسٿا واري مُلهہ خلاف جوا کيڏڻ شروع ڪئي. قومي بئنڪن جي سربراهن، جرمنيءَ ۾ Sachacht (جنهن کي پنج سال اڳ حڪمران طبقي جي لبرل ڌر جي نمائندي طور مقرر ڪيو ويو) ۽ برطانيا ۾ مونتاگ نارمن (بيرنگ بئنڪار خاندان جو ڀاتي) سندن حڪومتن کي انشورنس فنڊ (بيروزگاري فائدن کي مهيا ٽيندڙ) جي لاڳت گهٽائڻ لاءِ چيو. حڪومتون دٻاءَ هيٺ ورهائجي ويون. جرمنيءَ ۾ مالياتي وزير، ڪنهن وقت 'آسٽرو - مارڪسوادي' معيشتدان ۽ اڳوڻو آزاد سوشل ڊيموڪريٽ رڊولف هلفرڊنگ منهن ڏئي نہ سگهيو ۽ 1930ع ڌاري حڪومت ڍير ٿي پئي. برطانيا ۾ ميڪ ڊونالڊ ۽ سندس خزانچي فلپ سنوڊن ليبر پارٽيءَ کي ڇڏڻ ۽ قومي حڪومت ۾ ڪنزرويٽو جو ساٿ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو.

برطانيا ۾ اقتصادي بحران جرمني ۽ آمريڪا کان گهٽ شدت وارو هو. برطانوي صنعت کي سندس سلطنت سبب اجان تائين وسيع مارڪيٽن تائين مراعت يافتہ پهچ حاصل هئي. اُجرتن ۽ پگهارن کان وڌيڪ تيزيءَ سان قيمتون ڪِري پيون ۽ وچولو طبقو خوشحال رهيو جڏهن تہ اتر، اسڪاٽ لينڊ ۽ ڏکڻ ويلز جي پراڻن صنعتي علائقن ۾ بيروزگار پورهيتن گهڻو پوڳيو. قومي حڪومتن سرڪاري ڪاتن ۾ امداد ۽ پگهارون گهٽائي ڇڏيون، بيروزگارن منجهہ فساد پڙڪي پيا. بحري فوج ۾ هڪ مختصر بغاوت ٿي ۽ اسڪول جي ماسترن منجهہ ڪاوڙ جي لهر پيدا ٿي، پر اها بحران مان آسانيءَ سان بچي وئي، 1931ع ۽ 1935ع جي عام چونڊن ۾ خوار ٿيل ليبر پارٽيءَ کي بُري شڪست ملي ۽ برطانوي سرمائيداريءَ جي وڏي حلقي کي يقين ٿيو تہ بحران مان نڪرڻ جو گس آهي. حڪمران طبقي جا ميمبر جيڪي 1933ع ۽ 1934ع ۾ آسوالڊ موسلي جي برطانوي فاشزم جي تائيد ڪرڻ لاءِ تيار هئا (مثال طور رُٿرميري خاندان، جنهن جي 'ڊيلي ميل' بدنام زمانہ 'ڪارين شرٽن وارن لاءِ نعرن' جو اعلان ڪيو) تن 1938ع تائين ان کي ترڪ ڪري ڇڏيو.

جرمنيءَ ۾ صورتحال بلڪل مختلف هئي. برطانيا کان 50 سيڪڙو وڌيڪ بيروزگاري هئي ۽ وچولي طبقي جي ڳچ حصي سخت مفلسيءَ واري زندگي گهاري پئي. ان بحران اڊولف هٽلر جي قومي سوشلسٽ (يا نازي) پارٽي لاءِ حمايت ۾ اضافو ڪيو. ان جو ووٽ 810000 کان وڌي 1930ع ۾ سٽ لک ٿي ويو ۽ پوءِ 1932ع جي جولاءِ ۾ مجموعي

ووٽ جو 37.3 سيڪڙو يعني ٻيٽو ٿي ويو. پر نازي اڪيلي (يا مُک) اليڪشني پارٽي نہ هئي، ان جي مرڪزي حصي ۾ نيم فوجي ويڙهاڪ تنظيم هئي يعني، ايس اي (SA). ان جو تعداد 1930ع جي آخر ۾ هڪ لک هو ۽ 1932ع جي وچ ڌاري چار لک ٿي ويو. انهن هٿياربند غنڊن جو ڪم سماجي بحران لاءِ ذميوار ماڻهن خلاف ويڙهہ ڪرڻ هو اُنهن هڪ طرف 'يهودي' سرمائي ۽ ٻئي طرف فرض ڪري ورتل 'يهودي'، 'مارڪسوادي' پورهيت طبقي جي تحريڪ تي حملا ڪيا. انهيءَ هٿياربند قوت جي وجود، جيڪو گهٽين کي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ ٻين سيني سماجي تنظيمن تي قبضا ڪرڻ خاطر ويڙهہ لاءِ تيار هو تنهن نازي ازم ۽ فاشزم کي اڳواٽ قائم بورجوا پارٽين کان منفرد بڻايو.

اهڙي قسم جي پهرين ڪامياب تنظيم، هن کان اڳ 1920ع ڌاري اٽليءَ ۾ مسوليني جي ناهي هئي. ان پارٽيءَ جا رُڪن يهودي دشمن بدران شديد قومپرستيءَ سبب هڪٻئي سان ڳنڊيل هئا (ڪجهہ مُک فاشسٽ، جهڙوڪ: 1920ع ڌاري روم جو ميئر يهودي هو ۽ ويندي 1930ع تائين هٽلر سان اتحاد ڪرڻ کانپوءِ فاشسٽ نظريي ۾ يهودي دشمن عنصر شامل نہ هو). پر ٻين حوالن سان هٽلر، مسوليني جي نقش قدم تي پئي هليو.

رُهر (جرمن صنعتي علائقي) تي فرينچ قبضي ۽ وڏي مهانگائيءَ سان 1923ع جي بحراني سال ۾ پهريون ڀيرو هٽلر جي پارٽيءَ مشهوري ماڻي هئي. اها ساڄيءَ ڌر جي دهشتگرد تنظيمن، يهودي دشمن گروهن ۽ اڳوڻن فري ڪور (Free Corp) ميمبرن جي دائري جو مرڪز هئي، جيڪا ميونخ جي بويرين شهر ۾ ڪٺي ٿي، پر 1923ع جي نومبر ڌاري شهر جي اقتدار تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ بُري طرح ناڪام ٿي ۽ جيئن ئي بحراني حالتون غائب ٿي ويون، پارٽي لاٿ ۾ هلي وئي. 28-1927ع تائين هٽلر جي پارٽي اليڪشن جي حوالي سان ننڍڙي قوت هئي. ان جي رُڪنيت ڪجهہ هزار هئي ۽ سندس قيادت سدائين پاڻ ۾ وڙهندي رهي. پوءِ عالمي اقتصادي بحران جي ڦاٽ ان کي ڏاڍي طاقت ڏني.

'اعتدالي' بورجوا پارٽين منجهان نڪري ماڻهو هٽلر ڏانهن ڏٺن جي صورت ۾ ويا. ڇاڪاڻ تہ اُنهن جنهن حڪومت جي حمايت ڪئي هئي، تنهن جي هوندي بحران آيو هو جنهن نہ صرف پورهيتن کي، پر خود وچولي طبقي جي حمايتن کي غربت ۽ ڏيواليٽي ڏانهن ڌڪي ڇڏيو. مثال طور، ٿالبرگ جي ننڍڙي شهر ۾ نازي ووٽ ٻين بورجوا پارٽين جي خرچ تي ٽن سالن ۾ 123 کان وڌي 4200 ٿي ويو.[179]

اٽليءَ جي فاشسٽن وانگر نازي وچولن طبقن جي پارٽي هئي. هٽلر جي اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ پارٽيءَ جي رُڪنيت جي وڏي تعداد (17.3 سيڪڙو) وٽ پنهنجو ڪاروبار هو مڇي مانيءَ وارا ملازم (20.6 سيڪڙو) يا سرڪاري نوڪر (6.5 سيڪڙو) هئا. نازي پارٽيءَ ۾ انهن سيني گروهن جي نمائندگي 50 کان 80 سيڪڙو جي وچ ۾ هئي، جيڪا مجموعي آباديءَ جي ڀيٽ ۾ گهٽي هئي ۽ سيئي هاٺوڪين حالتن کان وڌيڪ سماجي

طور تي مراعت يافتہ هئا. پورهيت جن نازي پارٽيءَ ۾ شموليت ڪئي، پر سندن تعداد آباديءَ جي مجموعي تناسب جي ڀيٽ ۾ 50 سيڪڙو کان گهٽ هو.[180] نازي پارٽيءَ کي پورهيت طبقي جا ڪجهہ ووٽ ضرور مليا، پر اُنهن جي اڪثريت زرعي پورهيتن جي هئي جيڪي اوڀر پرشيا جهڙن علائقن ۾ رهيا پئي، جتي جنگ کان ترت پوءِ يونين سازيءَ جون ڪوششون ڪيون ويون ۽ اُتي پورهيت طبقي جي سياست جي روايت جو مشڪل سان ڪو وجود هو. ننڍين شهرن ۾ پورهيتن جو ووٽ هئن، جتي وچولن طبقن جو سڀ کان وڏو اثر هو يا بيروزگارن جا ووٽ ملين. جيڪي وڪريل هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪين نازي فائدن پاڻ ڏانهن ڇڪيو پئي ۽ خاص طور تي اسٽارم ٽروپس (Storm Troops) جي رُڪنيت جا ووٽ هئن.[181] تنهنڪري نازي ازم جي وچولي طبقي واري ڪردار کان انڪار ڪرڻ بيوقوفي ٿيندي، جيئن مائيڪل مين ڪيو. مثال طور جڏهن هي دعويٰ ڪري ٿو تہ 'تحقيق ثابت ڪري ٿي تہ نازي ووٽ ۽ طبقي جي وچ ۾ لاڳاپو تمام گهٽ هو'.[182]

پر وچولا طبقا ڪاهي ڏر بدران نازي پارٽيءَ ڏانهن ڇو ڇڪجي ويا؟ جزوي طور تي ان جو هڪ ڪارڻ ڪيترن ڏهاڪن کان سوشلسٽ دشمن پرچار هو. پنهنجو پاڻ روزگار ڪندڙن ۽ مڇي ماني وارن پورهيتن سمجهيو پئي تہ اُهي جسماني پورهيو ڪندڙن کان برتر آهن ۽ جيئن ئي بحران گهرو ٿيو اُنهن پنهنجو پاڻ کي پورهيتن کان الڳ ڪري، ڪنهن بہ شيءِ سان چنبڙڻ جي ڪوشش ڪئي. حڪومتن ۽ سيٺين خلاف سندن ڪاوڙ سان گڏوگڏ ڪين هيٺان کان پورهيتن جي مٿي اچڻ جو خوف بہ هو. تنهن هوندي بہ ڪيترائي ماڻهو انهن خيالن کان واقف ٿيا تہ 20-1918ع جي انقلابي دور ۾ ڪجهہ سوشلسٽ تبديلي اٽتر آهي.

انهيءَ صورتحال ۾ ٻيو عنصر خود ڪاهيءَ ڏر جو رويو هو. جرمن سوشل ڊيموڪريٽڪ پاڻ کان اڳ واري اٽلي واسيءَ جي تجربي مان گهٽو ڪجهہ نہ سکيو. ان بدران هنن اها ڳالهہ ورجائي تہ 'جرمني اٽلي ناهي'. ڪائوتسڪيءَ 1927ع ۾ ان ڳالهہ تي زور ڏيندي دعويٰ ڪئي تہ: هڪ سُڌريل صنعتي ملڪ ۾ فاشزم جو ورجاءُ نہ ٿو ٿي سگهي، جيئن اٽليءَ ۾ فاشزم سوپاري ٿي. ڇاڪاڻ تہ اُتي 'ڇرين (lumpen) جو وڏو تعداد سرمائيداري مقصدن جي خدمت ڪرڻ لاءِ تيار هو.'[183] 1933ع جي جنوريءَ ۾ هٽلر جي اقتدار تائين پهچڻ کان هڪ بہ ڏينهن اڳ تائين هلفرڊنگ ساڳيو پيغام ورجايو پئي. هن چيو تہ، جرمن آئين سان ڇُهنديءَ سوشل ڊيموڪريٽس (Social Democrats) نازين کي 'قانوني' ميدان تي لهڻ تي مجبور ڪيو جيڪا ڪين شڪست ڏيندي، جيئن صدر هنڊنبرگ هٽلر جي درخواست کي رد ڪندي ظاهر ڪيو جڏهن هُن گڏريل اونهاري ۾ حڪومت ٺاهڻ جي درخواست ڏني هئي. هن دليل ڏنو تہ 'اٽليءَ جي الميي کانپوءِ جرمن مزاحيہ ناٽڪ اچي پيو... اهو فاشزم جي زوال جي علامت بڻجندو.'[184]

آئين پسنديءَ تي زور ڏيڻ سوشل ڊيموڪريٽڪ اڳواڻن کي لڳاتار حڪومتن ڏانهن ’سهپ‘ جي پاليسيءَ ڏانهن وٺي ويو. انهن حڪومتن جي اڳواٽي پهريائين برننگ، پوءِ وون پاپن ۽ آخر ۾ وون شلچر. پارلياماني حمايت ۾ اڪثريت کانسواءِ حڪومت هلائي، جيڪي حڪمن ۽ قانونسازيءَ لاءِ صدر جي منظوريءَ جا محتاج هئا. مزدورن ۽ هيٺين وچولن طبقن جي حالتن تي حملا ٿيندا رهيا. برننگ هڪ قانون هيٺ اُجرتن ۾ 10 سيڪڙو گهٽتائي ڪري ڇڏي، پر پوءِ معيشيت جي بگڙجندڙ صورتحال کي روڪي نہ سگهيا. توڻي جو سندن ’سهپ ۽ برادشت‘ واري پاليسي عملي طور تي ڪين بُک ۽ بدحاليءَ کانسواءِ ڪجهہ نہ ڏئي سگهي. اُنهن نازين لاءِ ميدان خالي ڇڏي ڏنو جن اُنهن ماڻهن جي حمايت حاصل ڪئي، جن پراڻين بورجوا پارٽين کي ڇڏي ڏنو هو.

لڳو پئي تہ سوشل ڊيموڪريٽ پنهنجي رستي تان ٽڙي ويا آهن ۽ ائين هنن هٽلر لاءِ صورتحال کي آسان بڻائي ڇڏيو. هنن پنهنجي دفاع لاءِ تنظيم ريچس بينر ٺاهي، جنهن ۾ راندين جي سوشلسٽ تنظيمن ۽ نوجوانن جي تنظيمن جا ميمبر ۽ ويڙهاڪ شامل هئا. ان منجهہ هزارين ماڻهن کي متحرڪ ڪرڻ جي صلاحيت هئي، تنهن هوندي بہ هنن (سوشل ڊيموڪريٽس) جو سڄو زور فقط دفاعي مقصدن تي رهيو اهو بہ تڏهن استعمال ٿيندو جيڪڏهن نازي آئين ٽوڙين. اها گهڙي ڪڏهن بہ نہ آئي. هنن وٽ پرشين رياستي حڪومت جو ڪنٽرول پڻ هو ۽ ان سان گڏ بهتر نموني هٿياربند پوليس فورس پڻ هئن. هنن (سوشل ڊيموڪريٽس) 1929ع ۾ برلن ۾ مئي ڏهاڙي تي ڪميونسٽن جي اڳواٽيءَ ۾ ٿيل مظاهرو ڪندڙن مٿان گوليون هلائڻ لاءِ پوليس کي استعمال ڪيو نتيجي طور 25 ڄڻا مارجي ويا ۽ هنن 1930ع ۽ 1931ع ۾ سڄي پرشيا ۾ نازي مظاهرن تي بندش وجهي ڇڏي پر سندن آئين پسنديءَ ڪين ان هٿيار کي ترڪ ڪرڻ ڏانهن وٺي وئي، جڏهن 1932ع جي اونهاري ۾ نازي خطرو پنهنجي انتها تي پهچي چڪو هو انهيءَ سال جي صدارتي چونڊن ۾ هنن (سوشل ڊيموڪريٽس) پنهنجو اميدوار نہ بيهاريو پر پنهنجن حمايتن کي پوڙهي هنڊنبرگ لاءِ ووٽ ڏيڻ لاءِ زور ڀريو جيڪو موٽ ۾ وون پاپن، جنهن ڳجهي نموني هٽلر سان ڳالهيون ڪيون پئي، تنهن سان پرشيا ۾ سوشل ڊيموڪريٽڪ حڪومت کي هٽائڻ لاءِ فرمان جاري ڪرڻ تي متفق هو. سوشل ڊيموڪريٽس نماڻي نموني مڃي ورتو هن نازي ازم خلاف سندن دعوي موجب سڀ کان مضبوط دفاعي مورچي کي ترڪ ڪري ڇڏي ڏنو. ايس اي (اسٽارم ٽروپرس) هاڻي کلي عام گشت ڪرڻ لاءِ آزاد هئا. جن لامحدود طاقت جي مالڪ طور تاثر پيدا ڪيو جيڪي شايد انهن حالتن مان نجات ڏيارين، جن ماڻهن جي زندگي ايتري مشڪل بڻائي ڇڏي ۽ مخالفن کي گهٽين مان ٽڙي ڪڍين. بدترين بحران کي منهن ڏيڻ وقت سوشل ڊيموڪريٽ مفلوج ٿي ويا.

سوشل ڊيموڪريٽ ڪارڪنن منجهہ پريشاني ۽ مونجهارو حيرت جهڙي ڳالهہ نہ

هئي، جيئن 1933ع جي ابتدا ۾ ٿلبرگ شهر ۾ نازي ازم جي اڀار بابت تاريخ نويس سوشل ڊيموڪريٽس بابت لکي ٿو:

..... گهٽن کي نازي قبضي جي توقع هئي. سوشل ڊيموڪريٽس وڙهڻ جي رٿابندي ڪئي، پر اجان اها ڳالهه چٽي نه هئي ته اُهي ڇا لاءِ پيا وڙهن. جنرل وون شلچير يا وون پاپن جي جمهوريه لاءِ؟ صدارتي فرمان هيٺ جمهوري راڄ لاءِ؟ 1933ع جي جنوريءَ دوران ٿلبرگ ايس پي ڊي ڪي به گڏجاڻيون نه ڪيون، ڪي به تقريرون نه ڪيون. ڇا ڇون؟[185]

سوشل ڊيموڪريٽس جي غيرمتحرڪ صورتحال نازين لاءِ ميدان صاف ڇڏي ڏنو پر نازي فقط پنهنجي اليڪشني حمايت جي ٽيڪ تي اقتدار تائين نه پئي پهچي سگهيا. آزاد چونڊن ۾ سندن سڀ کان گهٽو ووٽ 37.1 سيڪڙو هو ۽ هنن 1932ع جي جولاءِ ۽ نومبر وچ ڏاري 20 لک ووٽ وڃايا. ايتريقدر جو هٽلر خلاف چانسلر ۽ وڏي پيماني تي مخالفت هوندي 1933ع جي مارچ ۾ نازين کي فقط 43.9 سيڪڙو ووٽ مليو. 1932ع ۾ گوئبل پنهنجي ڊائريءَ ۾ شڪايت لکي ته اقتدار ماڻڻ ۾ نازي ناڪاميءَ سبب تنظيم اندر مايوسي وڌي وئي آهي، هزارين ماڻهو ڇڏيندا پيا وڃن.

نازين کي اقتدار جرمن حڪمران طبقي جي مُک نمائندن جي فيصلي سان مليو. اُنهن پنهنجن هٿن سان اهو سونپيو. وڏن ڪاروباري حلقن نازين کي ڪاپي ڊر ۽ يونينن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪارائتو سمجهي ڏوڪڙ ڏنا. وڏي امير اخباري واپاريءَ هيگنبرگ 'هٽلر کي سندس ابتدائي مالياتي مسئلن مان نجات ڏياري'.[186] 1931ع تائين هڪ صنعتڪار فرٽ ٿائيسن 'نازين جو وڏو حمايتي هو'[187] ۽ اڳوڻو قومي بئنڪ جو چيف Schacht تيزي سان سندن همدرد پئي ٿيو.[188]

1932ع تائين جرمن سرمائيداريءَ جي مُک حلقن گهٽ يا وڌ پنهنجي سڌي ڪنٽرول هيٺ ٻن پارٽين جي حمايت ڪئي هئي، وڏن صنعتڪارن جرمن پيپلز پارٽيءَ جي پنيرائي ڪئي (جيڪا جنگ کان اڳ واري نيشنل لبرل پارٽيءَ جي جانشين هئي) ۽ هيگنبرگ ۽ وڏن زميندارن جرمن نيشنل پارٽيءَ کي ٽيڪ ڏني. ڪين نازي پارٽيءَ تي اعتماد نه هو ڇاڪاڻ ته ڪيترائي مفلس وچولي طبقي جا ماڻهو نازي تنظيم جو حصو هئا ۽ ڪجهه ته ان جا اڳواڻ هئا. هنن نه صرف 'مارڪسوادي' پورهيت تنظيمن تي حملو ڪيو پر وڏن زميندارن خلاف 'قومي انقلاب' لاءِ پڻ سڏ ڏنو.

جيئن ته عالمي بحران سندن منافعن کي ڌڪ رسايو، جنهنڪري سرمائيدار حلقن جا خيال بدلجڻ شروع ٿيا. ايتريقدر جو صنعتڪارن جي اڪثريت جنهن هٽلر جي مالياتي مدد نه ڪئي ۽ هڪ تحريڪ تي اعتبار نه ڪيو جيڪا اُنهن کان آزاداڻي نموني مفلس وچولي طبقي منجهه وڌي هئي، تن اهو محسوس ڪرڻ شروع ڪيو ته، اُهي پنهنجن مقصدن لاءِ نازين کي استعمال ڪري سگهن ٿا. جيئن هڪ مطالعي نتيجو اخذ ڪيو:

اقتصادي ٻاڙائي جي وڌندڙ شدت سبب مٿئين طبقي جي اڪثر اڳواڻن کي يقين ٿيو ته، ورسلز معاهدي کي ختم ڪرڻو پوندو، جنگي ڏنڊ کي منسوخ ڪرڻو پوندو ۽ اقتصادي بحران کي شڪست ڏيڻ کان اڳ پورهيتن جي طاقت کي ٽوڙڻو پوندو.... 1931ع جي اونهاري ۾ وڏن ڪاروباري اڳواڻن جرمن جمهوريہ جي حڪومت کي ’بيعزتي جي نظام‘ طور پيش ڪيو ۽ هڪ ’قومي آمريت‘ جو سڏ ڏنو.[189]

ساڳيا خيال رُهر جي صنعتڪارن، وڏن زميندارن ۽ هٿياربند فوج جي آفيسرن جا بہ هئا. اُنهن جا خيال پڻ ڪيترن حوالن سان هٽلر جي پاليسيءَ سان ويجهڙا هئا. هٽلر جي قربت وڌي وئي، جڏهن هن آٽو اسٽراسر کي ڪڍي ڇڏيو. جيڪو ’قومي انقلاب‘ جي حڪمت عمليءَ جو سڀ کان وڏيڪ مخالف هو هن نيشنل پارٽي، پيپلز پارٽي، صنعتڪارن ۽ زميندارن سان 1931ع جي سيپٽمبر ۾ هرزبرگ وٽ گڏيل ڪانفرنس ۾ حصو ورتو ۽ پوءِ 1932ع جي جنوريءَ ۾ ’رُهر صنعت جي ڪپتانن سان مخاطب ٿيو‘.[190]

صنفتڪارن کي وري پڪ ٿي تہ هٽلر سندن مفادن کي هاڃو نہ رسائيندو. جڏهن تہ ڪجهہ ماڻهن پورهيت تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ ايس اي جٿن کي ڪارائتي اوزار طور ڏٺو. 1932ع جي سرءَ تائين اڪثر صنعتڪارن سمجهيو پئي تہ نازين کي حڪومت ۾ هجڻ گهرجي، جيڪڏهن ان وٽ سندن پاليسين تي عمل ڪرائڻ ۽ پورهيت طبقي جي مزاحمت کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪافي طاقت هجي. اُهي اڃان تائين ان ڳالهہ تي ورهايل هئا تہ نازي موجودگي ڪيتري اهميت واري آهي. اڪثريت چاهيو پئي تہ مُک عهدا اُنهن سياستدانن جي هٿن ۾ هجن، جن تي پراڻي بورجوا پارٽين، جهڙوڪ: وون پاپن، جو اعتماد هجي. اُن وقت فقط هڪڙي اقليت هٽلر کي اختيار ڏيڻ لاءِ زور پري رهي هئي، سندن رويو اهو هو تہ ڪين محافظ ڪُتي طور هٽلر جي ضرورت آهي، جيڪو سندن ملڪيت جو تحفظ ڪري ۽ ڪنهن بہ محافظ ڪتي وانگر ان کي مضبوط زنجيرن ۾ رکيو وڃي، پر هٽلر ان کي نہ مڃيو ۽ وڏن ڪاروباري ماڻهن حڪومت جي فوجي چيف وون سچليچيئر ڏانهن نيهاريو. جيڪو سندن گهرجون پوريون ڪرڻ جي اهل ثابت نہ ٿيو. وون پاپن پاڻ هڪ بئنڪار جي گهر ۾ هٽلر سان ملاقات ڪئي. هن ڪجهہ ڏينهن اڳ هڪ برطانوي سفير کي ٻُڌايو تہ، ’جيڪڏهن هٽلري تحريڪ ڍير ٿي پئي يا ان کي دٻايو ويو تہ پوءِ وڏي تباهي ٿيندي. ڇاڪاڻ تہ ڪميونزم خلاف آخري مضبوط قلعو نازي آهن‘.[191]

وڏن زميندارن، هٽلر کي ٽيڪ ڏياريندڙ وڏن ڪاروباري ماڻهن، جهڙوڪ: Schacht ۽ ٿائيسن ۽ فوجي اعليٰ قيادت جي حلقن طرفان اڳئي صدر هنڊنبرگ مٿان دٻاءُ هو تہ هٽلر کي چانسلر مقرر ڪري، سياسي بحرانن کي حل ڪري. وون پاپن پڻ زور لڳايو ۽ وڏا صنعتي مفاد جن جو هن تي انحصار هو تن پڻ هن پنيان دٻاءُ وڌو. صنعت جي اهم حلقن وٽ اڃان تائين پنهنجا شڪ هئا. پر اُنهن ان حل تي ڪا بہ مزاحمت نہ ڪئي ۽ هڪ

پيرو هٽلر اقتدار ۾ اچي ويو پوءِ اُهي هن جي اليڪشن لاءِ ڏوڪڙ ڏيڻ تي بلڪل راضي هئا (اليڪشن سان هٽلر پنهنجي پارلياماني طاقت کي وڌائڻ ۽ نازي صفن اندر بحران کي مات ڏيڻ چاهي پئي).[192] جرمنيءَ جي وڏن ڪاروباري حلقن جي ترت سياسي ترجيحن جي مخالفت ۾ هڪ حد تائين هٽلر ڪجهه به نه ڪري سگهي ها. جيڪڏهن هي وچولي طبقي جي وڏي تحريڪ منظم ڪرڻ جي قابل نه هجي ها. پر آخر ۾ هنن لڳاتار سياسي غيرپائيداريءَ کان وڌيڪ هٽلر جي اقتدار ۾ اچڻ کي بهتر سمجهيو ۽ يقينن هن جي شڪست کان بهتر هو ڇاڪاڻ ان سان جرمن سياست ڪابي پاسي هلي وڃي ها.

هٽلر 31 جنوري 1933ع تي قسم کنيو توڻي جو ڪيترن سوشل ڊيموڪريٽڪ حامين وڙهڻ چاهيو پئي. برانٽل ٻڌائي ٿو:

.... سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪندڙ جرمن پورهيتن طرفان مزاحمت ڪرڻ جو ارادو هو. 30 جنوري جي منجهند ۽ شام تي جرمن شهرن ۾ پاڻمرادو پورهيتن جا پرتشدد عوامي مظاهرا ٿيا. ساڳئي ڏينهن تي برلن ۾ لڙائي جي توقع هيٺ سڄي ملڪ جي ڪارخانن مان وفد برلن پهتا.[193]

تنهن هوندي به سوشل ڊيموڪريٽ پارٽي اڳواڻن فيصلو ڪيو ته هٽلر 'آئيني طور تي' اقتدار ۾ پهتو آهي ۽ سندن ڪارڪنن کي ڪجهه نه ڪرڻ گهرجي! ان جي روزاني اخبار "ووروارٽس" ٻڌاڪ هنئي ته. 'حڪومت ۽ ان جو تختو اونڌو ٿيڻ واري صورتحال کي ڏسندي سوشل ڊيموڪريٽ ۽ آئرن فرنٽ آئين ۽ قانون جي بنيادي اصولن جي پوئواري ڪندا'.[194] پارٽيءَ پنهنجون ڪوششون نئين حڪومت خلاف 'وقت کان اڳ' مزاحمت کي روڪڻ تي لڳائي ڇڏيون.

سوشل ڊيموڪريٽ عهديدارن ۽ ميمبرن طرفان مزاحمت جي خواهش جو فائدو ڪميونسٽ پارٽي وٺي سگهي پئي. پر ان جي اڳواڻن اها طلب ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو ته. سوشل ڊيموڪريٽڪس کي 1929ع کان وٺي 1933ع تائين نازين کي روڪڻ لاءِ هڪ گڏيل محاذ جو ساٿ ڏيڻ گهرجي. ان جو سبب بيوقوفي يا روس جي فرمانبرداري ڪرڻ هو. ڪجهه فرد. جن انهيءَ پاليسيءَ تي شڪ ڪرڻ شروع ڪيو تن کي اهم عهدن تان هٽايو ويو. آخري بيهودگي 1931ع جي اونهاري ۾ ڪئي وئي. نازين پرشيا ۾ سوشل ڊيموڪريٽڪ حڪومت کي هٽائڻ لاءِ هڪ رفرينڊم ڪرايو ۽ روس جي حڪمن هيٺ ڪميونسٽ اڳواڻن ان کي هڪ 'سرخ رفرينڊم' قرار ڏنو ۽ پنهنجن ميمبرن کي 'ها' ۾ ووٽ ڏيڻ لاءِ چيو!

ان جي معنيٰ اها نه هئي ته ڪميونسٽ نازين جا اتحادي آهن. جيئن ڪجهه ماڻهو دعويٰ ڪن ٿا. ڪجهه جاين تي، جهڙوڪ: برلن ۾ ڪميونسٽ گروهه نازين کي پٺتي ڌڪڻ لاءِ ڏيهاڙي گهٽين ۾ وڙهندا رهيا.[195] پر سندن وسيع پيماني جو حمايتي بنياد ڪٽجي ويو.

سوشل ڊيموڪريٽس جي بزدليءَ وانگر ڪميونسٽ اڳواڻن جي بيوقوفي هٽلر جي اقتدار ۾ اچڻ کانپوءِ بہ برقرار رهي. اُنهن اٽليءَ جي فاشزم مان سبق نہ سکيو ۽ هنن سمجهيو پئي تہ نازي ڪنهن بہ ٻي بورجوا حڪومت وانگر ورتاءُ ڪندا. هنن جو زور هو تہ نازي آمريت بنيادي طور تي غيرمستحڪم آهي ۽ مختصر عرصو هلندي[196] سندن نعرو هو: "هٽلر کانپوءِ، اسان". ماسڪو ۾ پارٽي اخبار پراودا 'جرمن ڪميونسٽ پارٽيءَ جي وڏندڙ ڪاميابيءَ' جي ڳالهہ ڪئي، جڏهن تہ اڳوڻو ڪاٻي اختلافي ڌر جو حامي رادڪ Izvestia ۾ نازين جي شڪست بابت لکيو.[197]

انهيءَ نقطہ نظر هيٺ جرمنيءَ ۾ ڪميونسٽ ڪارڪنن کي نئين حڪومت خلاف ليفليٽن ۽ درخواستن سان حملو جاري رکڻ لاءِ چيو ويو. پر هٽلر ازم ٻين بورجوا حڪومتن کان مختلف هئي، ڇاڪاڻ تہ اُن وٽ حمايتن جو وڏو تعداد هو جيڪي پورهيت طبقي جي ڪنهن بہ مزاحمتي عنصر کي چٿڻ لاءِ تيار هئا. تن پورهيت ويڙهاڪن جو شڪار ڪيو ۽ ڳجهي پوليس سان گڏجي حڪومت مخالف مرڪزن کي چٿيو. ڪوبہ ماڻهو جنهن حڪومت خلاف پٽيشن داخل ڪئي پئي، تنهن کي ايس اي وارا ڪٽيندا هئا ۽ پوليس ڪنيي ويندي هئي.

ڪجهہ ڏينهن اندر نازين جي نيم فوجي فوتن کي رياستي مشين سان ملائي هڪ ڪيو ويو. ايس اي ۽ پوليس گڏجي پورهيت طبقي جي پارٽين کي هراسان ڪيو. پوءِ 27 فيبروريءَ تي نازين جرمن پارليامينٽ (Reichstag) کي باهہ ڏني، ڪميونسٽ پارٽيءَ تي بندش وجهڻ، ان جي پريس کي دٻائڻ ۽ ان جي 10 هزار ڪارڪنن کي حراستي ڪيمپن ڏانهن گهلڻ لاءِ بهاني طور استعمال ڪيو.

سوشل ڊيموڪريٽ اڳواڻن جي بزدلاڻي بي عقلائي آخر تائين قائم رهي. سندن خيال ۾ ڪميونسٽن خلاف استعمال ٿيندڙ طاقتون کين ڇهنديون بہ ڪونہ. ۽ اُنهن ميمبرن کي نيڪالي ڏئي ڇڏيائون، جن زير زمين مزاحمت جي ڳالهہ ڪئي. ايتريقدر جو ٽريڊ يونين اڳواڻن نازين سان تعاون ڪندي پهرين مئي جي ڏهاڙي کي 'پورهئي جي قومي ڏهاڙي' ۾ بدلائڻ جو واعدو ڪيو. 2 مئي تي نازين انهن اڳواڻن کي پڻ حراستي ڪيمپن ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيو.

هٽلر جي اقتدار تائين پهچڻ ۽ 1939ع واري جنگ لڳڻ جي وچ ۾ اٽڪل 2 لک 25 هزار ماڻهن کي سياسي ڏوهن سبب جيلن ۾ اماڻيو ويو ۽ هڪ اندازي موجب 'ڏهہ لک جرمن ماڻهن ٿوري يا گهڻي مدي لاءِ حراستي ڪيمپن جي تشدد ۽ ذلتن کي پوڳيو'.[198]

فقط پورهيت تنظيمون نہ هيون جن تڪليفون پوڳيون. وڏن ڪاروباري ماڻهن جي پارٽين، نيشنل پارٽي ۽ پيپلز پارٽي جي حمايت ماڻڻ کانپوءِ هٽلر ڪميونسٽن، سوشل ڊيموڪريٽس ۽ يونين تي هلان ڪئي، پوءِ وري انهن ئي مٿان ڪڙڪيو ۽ کين مجبور ڪيائين تہ پنهنجو پاڻ کي ختم ڪري، هڪ نازي پارٽيءَ واري رياست کي قبولين. هن

سيني قسمن جي تنظيمن جي آزاديءَ کي تباهہ ڪرڻ لاءِ رياستي طاقت کي استعمال ڪيو. وچولو طبقو وڪيل، پيشيور انجمنون، ايتريقدر جو رضاڪار چوڪرن پڻ پوڳيو. جيڪڏهن ڪنهن مزاحمت ڪئي پئي تہ سياسي پوليس، گيستاپو (Gestapo)، سندن سرگرم ميمبرن کي گهلي حراستي ڪيمپن ڏانهن پئي اماڻيو. آمراڻي پوليس سان ڪنهن بہ قسم جي اختلاف کي خوف ماٺ ڪرائي ڇڏي.

بهرحال، نازي راڄ وڏن ڪاروباري ماڻهن ۽ فوج جي آفيسرن جي ڳٽ جوڙ تي ٻڌل هو. انهن کي نازي تشدد نسبتن گهٽ ڇهيو اُهي پنهنجا منافعا ثاهڻ يا پنهنجي جنگي صلاحيت وڌائڻ لاءِ آزاد هئا. جڏهن تہ نازين کي طاقت جي وسيلن ۽ سڄي سياسي زندگيءَ تي ڪنٽرول ڏنو ويو. هڪ سال بعد رت سان اهو اتحاد پڪو ٿي ويو جڏهن پنهنجن محافظن ايس ايس (SS) وارن کي ايس اي (SA) اڳواڻن کي قتل ڪرڻ لاءِ اماڻيو جن هڪ 'ٻئي انقلاب' جي ڳالهہ ڪئي، جنهنڪري جنرل ۽ صنعتڪار پريشان هئا. موٽ ۾ انهن هٽلر کي صدارت ڏني ۽ سمورو سياسي اختيار سندس هٿن ۾ ڏئي ڇڏيائون.

باب ستون

گھٽيل اميد: 36_1934ع

جرمنيءَ ۾ نازي فتح سڄي يورپ ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو. ان رات وچ ۾ دنيا جي سڀ کان وڏيڪ طاقتور پورهيت طبقي جي تحريڪ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. هر هنڌ ساڄي ڌر وارن ٽڪڙ ۾ اهو سبق سکي ورتو ۽ خود پورهيت تنظيمن پڻ سڪڻ ۽ هضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، خاص ڪري انهن، جن ناقابل يڇڪڙي آئين پسنديءَ يا هڪ ترت ڪميونسٽ فتح تي زور ڏنو پئي.

ويانا 1934ع

ساڄي ڌر طرفان هٽلر جي طريقن جو نقل ڪرڻ لاءِ پهريان تجربا 1934ع ۾ آسٽريا، فرانس ۽ اسپين ۾ ڪيا ويا. آسٽريا جي حڪمران طبقي 19_1918ع ۾ سندن سلطنت ڍهڻ کان ترت پوءِ اتحادي حڪومتن ۾ سوشل ڊيموڪريٽس کي برداشت ڪيو هو. چاڪاڻ تہ پاڙيسري رياستن ۾ لڳاتار انقلابي اٿلون پٿلون ٿيون پئي ۽ خود آسٽريا ۾ پورهيتن ۽ سپاهين جون ڪائونسلون بہ هيون، جن کي فقط سوشل ڊيموڪريٽس ئي اقتدار کان پوئتي رکيو ويٺا هئا. جيئن هڪ آسٽرين سوشل ڊيموڪريٽ بعد ۾ لکيو تہ 'آسٽرين وچولي طبقي جون پارٽيون ذري گهٽ نامرد هيون ۽ آسٽرين جمهوريت جي دفاع جو ذمو سوشل ڊيموڪريٽس کي کڻڻو پيو.'[199] هڪ ڀيرو جڏهن اُهي چاڙهہ ٽڏا ٿي ويا تہ سوشل ڊيموڪريٽن حڪومت ڇڏي ڏني ۽ اُنهن ويانا ۾ پورهيتن جي معيارِ زندگي سُڌارڻ لاءِ شهري ڪائونسل جو ڪنٽرول حاصل ڪرڻ تي زور ڏنو. ويانا پارٽيءَ جو اڌو هو جتي اُن وٽ 6 لک ميمبر هئا. هڪ اهڙي ملڪ ۾ جتي نوجوان شهري آبادي فقط 30 لک هجي ۽ قومي چونڊن جي ووٽن ۾ ڪيس 42 سيڪڙو مليا.

پر ساڄي ڌر جي ڪيٿولڪ سياستدانن جو ٻهراڙيءَ تي غلبو هو ۽ پارليامينٽ ۾ اڪثريت هئن. اٽليءَ ۾ مسوليني‌ءَ جي ڪاميابي کان اتساهہ وٺندي 1920ع ڌاري اُنهن هڪ نيم فوجي قوت Heimwehr قائم ڪئي هئي، جنهن جو سوشل ڊيموڪريٽس جي دفاعي قوت، Republikanischer Schutzbnd سان ٽڪراءُ ٿيو.

جرمنيءَ ۾ هٽلر جي سوڀ آسٽريا جي فاشسٽن جي دل وڏي ڪري ڇڏي، پوءِ ڪٽي انهيءَ ڪري سندن وچ ۾ ڏار پئجي ويا. هڪڙا جن جرمنيءَ سان ضم ٿيڻ چاهيو ۽ ٻين اٽليءَ سان اتحاد ۾ ڪيٿولڪ رياست چاهي پئي. ٻئي گروهہ جي اڳواڻ ڊولفس 1933ع

جي مارچ ۾ صورتحال جو فائدو وٺندي، پارليامينٽ مان جان ڇڏائي ۽ هنگامي حالتن جي فرمان سان راڄ ڪيائين.

ڊولفس جرمن حامي نازين خلاف علامتي ڪارروائي ڪئي، پر هن جو مُک هدف پورهيت تحريڪ هئي:

سوشلسٽ دفاعي فوج کي برطرف ڪيو ويو. سوشلسٽ راڄ واري ويانا کي جبري طور تي سندس آمدنيءَ جي ڪجھ حصي کان محروم ڪيو ويو. سوشلسٽ پورهيتن کي سندن نوڪريون وڃائڻ جو ڊپ ڏئي ڊولفس جي نئين پارٽيءَ، محب وطن محاذ ۾ شامل ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو..... ڊولفس پارلياماني جمهوريت کي سدائين لاءِ ختم ڪرڻ ۽ آسٽريا کي هڪ عيسائي، ڪارپوريٽ ۽ وفاقي رياست طور پيهر اڏڻ جي رٿا جو سرڪاري طور تي اعلان ڪيو.[200]

1919ع کانپوءِ آسٽرين سوشل ڊيموڪريٽس ٻڌاڪ هنئي هئي ته اُهي جرمن سوشل ڊيموڪريٽس کان وڌيڪ ڪاهي ڏر وارا ۽ ساڄيءَ ڏر سان وڙهڻ جا خواهشمند آهن. اُنهن اها هام پڻ هنئي ته انهيءَ ڪري آسٽريا ۾ ڪميونسٽ وڌڻ جي قابل نه ٿيا ۽ جرمنيءَ وانگر ملڪ جي پورهيت طبقاتي تحريڪ ورهائجي ڪمزور ٿي وئي، پر ڊولفس طرفان تختو اونڌو ڪرڻ جي موٽ ۾ هنن ڪجھ نه ڪيو.

سندن حيثيت سگهاري هئي. پورهيت طبقي جي سگهه جو مظاهرو فقط ڪجھ ڏينهن ڪيو ويو جڏهن ريلوي مزدورن هڪ مڪمل هڙتال ۾ سوڀ ماڻي هئي. ان بدران سوشل ڊيموڪريٽس توقع ڪئي ته ڊولفس هنن سان نازي ـ دشمن محاذ جوڙيندو. اُنهن پنهنجن ميمبرن کي ٻُڌايو ته ڪارروائي لاءِ تيار رهو پر 'وقت کان اڳ' ڪجھ نه ڪجو.

صورتحال کي 11 مهينن تائين اينگهايو ويو ان دوران ڊولفس ٿورو ٿورو پر منظم انداز سان حملا ڪندو رهيو ۽ سوشل ڊيموڪريٽس لڳاتار پنهنجن حامين کي صبر ڪرڻ لاءِ چوندا رهيا. ويانا ۾ ڪارخاني جي هڪ هزار وفدن واري گڏجاڻيءَ ۾ هڪ سوشل ڊيموڪريٽ اڳواڻ ترت ڪارروائي لاءِ سڏ کي رد ڪندي چيو ته 'گهرو جنگ کي ٽارڻ جو جيسيتائين ٿورڙو به موقعو آهي، تيسين اسين پنهنجي ضمير کي آڏو رکندي ان جو فائدو وٺون'.[201] جيئن سوشل ڊيموڪريٽ برانٽل ياد ڏياري ٿو:

آسٽرين پورهيتن شديد مايوسي ۽ نااميدي محسوس ڪئي. آسٽرين فاشزم جي وڌندڙ ايار ڏانهن پارٽي قيادت جي نتائڻ وارن طريقن انهيءَ احساس جي گهرائيءَ کي وڌيڪ شديد ڪري ڇڏيو.[202]

ڊولفس کي پنهنجي مرضيءَ سان سوشلسٽن خلاف فيصلاڪن ڪارروائي ڪرڻ لاءِ ڇوٽ ملي وئي. جڏهن سندس ڊپٽيءَ اعلان ڪيو هو ته 'اسان آسٽريا کي صاف ڪرڻ وڃون پيا. اسين اهو ڪم مڪمل ڪنداسين'.[203] ان کانپوءِ هن 1934ع جي 12 فيبروريءَ تي ائين ڪيو.

هٿيارن جي ڳولا ۾ Linz ۾ سوشلسٽ هيڊڪوارٽر ۾ صبح جو سوير پوليس جاچ ڪئي. هائوس ۾ موجود پورهيتن مزاحمت ڪئي ۽ فائرنگ شروع ٿي. ٽن ڪلاڪن کانپوءِ ويانا جي اليڪٽريڪل پورهيتن هڙتال ڪئي. هڪ عام هڙتال لاءِ اڳئي سنگل جو بندوبست ڪئي ويو هو..... پوءِ ويانا ۾ فائرنگ ٿي. گهرو جنگ ڇڙي پئي.

اها چار ڏينهن تائين هلي. لڳو پئي ته پورهيتن مٿان مصيبتن جا پهاڙ ڪيرايا ويندا. سوشلسٽ پورهيتن جي هڪ ننڍي اقليت، ريپبلڪن ڊفينس ڪور (Schutzbund) جي ميمبرن هٿيار کنيا، جيترا موجود هئا..... هڪ عام هڙتال لاءِ ڪو به سرڪاري سڏ نه پيو اماڻي سگهجي، ڇاڪاڻ ته اها ڳالهه وسارجي چڪي هئي ته سوشلسٽ پرنٽنگ پريس جي استعمال لاءِ اليڪٽريڪل پورهيتن سان ڪي بندوبست ڪرڻا آهن. ريپبلڪن ڊفينس ڪور جي ويڙهاڪ ميمبرن سان پورهيتن جون همدرديون وڏي ويون، پر اُنهن هڙتال نه ڪئي. مايوس، پريشان هوندي به انهن ڪم ڪيو جڏهن ته ويجهوئي ننڍن سوشلسٽ گروهن مٿان توبون ۽ مشينون هلايون ويون پئي..... 16 فيبروريءَ تائين ويڙهه ختم ٿي وئي. 11 ماڻهن کي ڦاهي ڏني وئي.... آسٽرين پورهيت تحريڪ زير زمين هلي وئي.[204]

شڪست باوجود، اهو سچ آهي ته آسٽرين پورهيت تحريڪ فاشزم خلاف ويڙهه ڪئي ۽ ان جيئن جرمنيءَ ۾ ڪيو ويو تيئن هٿيار ڦٽا نه ڪيا. ان ڪري ٻين ملڪن ۾ فاشسٽ دشمن قوتن کي اتساهه مليو. 'برلن کان ويانا بهتر'، اهو اڪثر سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽين جو نعرو بڻجي ويو.

خود آسٽريا ۾ ڊولفس جا پيروڪار جيڪي چئن سالن تائين حڪومت سان چنبڙيل رهيا، تن ان کي 'فاشسٽ - ملان' طور بيان ڪيو. پوءِ 1938ع ۾ مسولينيءَ هٽلر سان معاهدو ڪيو ۽ جرمن فوجن ملڪ تي قبضو ڪري، وچولي طبقي جي هجومن کي خوش ڪندي، مڪمل نازي راڄ قائم ڪيو. جرمنيءَ ۾ ٿيل واقعن ڏيکاريو هو ته پورهيت تحريڪ فاشزم کي روڪي نه ٿي سگهي، جيستائين اها متحد نموني وڙهڻ لاءِ تيار نه ٿي ٿئي. آسٽريا ثابت ڪيو ته فقط اتحاد ڪافي ناهي، وڙهڻ لاءِ تياري به ضروري آهي.

فرانس ۾ پاپولر فرنٽ

1934ع جي فيبروريءَ ۾ پئرس پڻ گهرو جنگ جي ويجهو لڳو پئي. ريڊيڪل پارٽيءَ (Radical Party) جي لڳاتار حڪومتن عالمي اقتصادي بحران جي موٽ ۾ قيمتون گهٽائڻ جي پاليسيءَ تي عمل ڪيو جنهن ملازمن جي پگهارن ۽ هارين جي آمدنيءَ کي گهٽائي ڇڏيو جيڪي اڃان تائين آباديءَ جي اڪثريت هئا. ساڳئي وقت بئنڪاري بدنامين جي سلسلي حڪمران پارٽيءَ جي مک شخصيتن کي ڦاسائي ڇڏيو هو.

سرڪاري ملازمن جي احتجاجن، ننڍن دڪاندارن ۽ ننڍو ڪاروبار ڪندڙن جي مظاهرن ۽ هارين طرفان پرتشدد ڪارروائين سان عوامي ڪاوڙ بدنظميءَ ۽ بيچينيءَ وارو

ماحول پيدا ڪيو. ساڄي ڌر جيڪا نيم فوجي 'ليگن' جي چوڌاري منظم هئي، تنهن ان جو فائدو وٺي گهٽين ۾ گشت ڪيا ۽ قومپرستي، الٽرا - ڪيٿولڪ ازم، 'بدعنوان' سينين تي لعنت ملامت ۽ يهودي دشمنيءَ جي فڪرن کي گڏائي، وڏندڙ وچولي طبقي جي حمايت کي ڇڪي ورتو.

1934ع جي ابتدا تائين ساڄيءَ ڌر کي سال اڳ هٽلر جي فتح جهڙو نقل ڪرڻ جون اميدون هيون. تازو ايڊورڊ ڊالڊيئر جي ريڊيڪل پارٽيءَ جي 'مرڪز واري کاٻي ڌر' واري ٺهيل حڪومت خلاف 6 فيبروريءَ تي ان جي تنظيمن پيرس ۾ هڪ وڏي مظاهري جو سڏ ڏنو. سندن مقصد چيمبر آف ڊپٽيز تي حملو ڪرڻ ۽ ڊالڊيئر جي جاءِ تي هڪ ساڄي ڌر جي حڪومت آڻڻ هئا، تہ جيئن سندن لاءِ اقتدار جو در کلي.

جنهن ڪانپوءِ وحشتناڪ ويڙهہ جي رات آئي، ڇاڪاڻ تہ مظاهرو ڪندڙن ۽ پوليس هڪٻئي تي گوليون هلايون. نتيجي طور 15 ڄڻا مارجي ويا ۽ 1435 ماڻهو زخمي ٿيا. ٻئي ڏينهن ڊالڊيئر استيعفا ڏئي ڇڏي. ڪيس ڊپ ٿيو تہ هاڻي هو صورتحال کي سنڀالي نہ سگهندو ۽ سندس جاءِ تي ريڊيڪل 'مرڪزي ساڄيءَ ڌر' والاري. ساڄي ڌر ڏيکاريو هو تہ اُن وٽ ايتري طاقت آهي تہ اُها زور سان حڪومت کي هٽائي سگهي ٿي ۽ لڳو پئي تہ فرانس بہ اٽليءَ ۽ جرمنيءَ وارو گس وٺندو.

فرينچ کاٻي ڌر ۾ ٻين علائقن جي کاٻي ڌر وانگر جواب ڏيڻ جي صلاحيت نہ هئي. سوشلسٽ پارٽي (SFIO) ريڊيڪل پارٽيءَ کي حڪومت ۾ برداشت ڪيو ائين ئي جيئن جرمن سوشل ڊيموڪريٽس برننگ کي برداشت ڪيو هو. ڪميونسٽن 'ٽئين دور' واري بيوقوفيءَ جو ورجاءُ ڪيو تہ سوشلسٽ پارٽي 'سوشل فاشسٽ' آهي. 3 فيبروري تي جيئن ئي ساڄي ڌر جي چرپر وڌيڪ پرتشدد ٿي تہ ڪميونسٽ اخبار L'Humanite جي سُرخي اها هئي تہ 'ڪو ڊپ ناهي'. جڏهن تہ 5 فيبروريءَ تي ان اعلان ڪيو تہ فاشسٽن ۽ حڪومت وچ مان ڪنهن هڪ جي چونڊ 'پليگ ۽ ڪالرا' جي وچ ۾ چونڊ آهي.[205] اُن جڏهن 9 فيبروريءَ تي هڪ احتجاج جو سڏ ڏنو جنهنڪري پوليس سان جهيڙي ۾ 9 ماڻهو مري پيا. ۽ دعوي ڪئي تہ مظاهرو فاشسٽن ۽ ڊالڊيئر جي ڪِريل حڪومت ۾ 'قاتلن' ٻنهي خلاف هو.[206]

وڏي يونين فيڊريشن CCGT 12 فيبروريءَ تي عام هڙتال جو سڏ ڏنو ۽ سوشلسٽ پارٽيءَ الڳ نموني مظاهري جو سڏ ڏنو. فقط آخري گهڙين ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ پڻ مظاهرو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو پر ٻين تنظيمن کان الڳ ڪا خبر نہ هئي تہ جڏهن اهي مظاهرا گڏبا تہ ڇا ٿيندو. ماڻهن کي ڊپ هو تہ اهي پاڻ ۾ وڙهي پوندا. جيئن ماضيءَ ۾ ٿيو هو. ان بدران جيئن ئي اهي ويجها ٿيا تہ ماڻهن ساڳيا فاشسٽ مخالف نعرا هڻڻ شروع ڪيا ۽ هي پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٿي پيا. هڪ لکت موجب انهيءَ ٽڪراءَ زبردست جوش ۽ ولولو پيدا ڪيو ۽ خوشيءَ ۾ ماڻهن طرفان "اتحاد! اتحاد" جا اپ ڏاريندڙ نعرا لڳا.[207]

عام هڙتال ۽ متحد مظاهري جي ڪاميابيءَ ساڄي ڌر جي پيش رفت کي روڪي ڇڏيو. ڪميونسٽن ۽ سوشلسٽن ۾ هڪ رسمي راضپي جي نتيجي ۾ ٻنهي کي اليڪشن منجهه سيٽون مليون. ساڳئي وقت سي جي ٽي ۽ هڪ ڪميونسٽ ڌڙي جي وچ ۾ انضمام جي نتيجي ۾ يونين رُڪنيت ۾ واڌ ٿي. فاشسٽ مخالف ڪميٽيون سڄي ملڪ ۾ ٺهڻ لڳيون، جن گهٽين جي ڪنٽرول لاءِ ساڄي ڌر کي للڪاريو.

پوءِ ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي پاليسي ۾ تبديلي آڻيندي ٻه وکون اڳتي نڪري آئي، ان نہ صرف سوشلسٽن پر ريڊيڪل پارٽيءَ سان بہ معاهدو ڪرڻ جي دعوت ڏني، توڙي جو اها هڪ بورجوا پارٽي هئي، پر جمهوريہ کي قائم رکڻ لاءِ بيٺي هئي. جڏهن سوشلسٽن، ڪميونسٽن ۽ ريڊيڪلس جي 'پاپولر فرنٽ' (Popular Front) 1936ع جي مئي وارين چونڊن ۾ واضح اڪثريت ماڻي تہ دعوي ڪئي وئي تہ ثابت ٿي ويو تہ اها درست حڪمت عملي هئي. يقينن کاٻي ڌر چونڊن ۾ زبردست ڪم ڪيو. ڦيريون ڦيرو سوشلسٽ اسيمبليءَ ۾ سڀ کان وڏي پارٽي ٿي پيا، جڏهن تہ ڪميونسٽ نمائندگي 10 کان 76 تائين ٽپ ڏنو. سوشلسٽ ليڊر ليون بلم هڪ حڪومت ٺاهي ورتي، جنهن ۾ 18 سوشلسٽ ۽ 13 ريڊيڪل هئا. ڪميونسٽ حڪومت ۾ نہ هئا، پر اسيمبليءَ ۾ ان لاءِ ووٽ ڏنائون.

بهرحال، گهٽين ۽ ڪم وارين جاين جو ماحول سوشلسٽ ـ ريڊيڪل حڪومت کان وڌيڪ متاثرڪن هو. هوئن بہ ٻن پارٽين وٽ پارليامينٽ ۾ ڪافي سيٽون هيون، جو هڪ اهڙي حڪومت چار سال اڳ ٺاهي سگهيا پئي. کاٻيءَ ڌر جي مظاهرن جي سلسلي پئرس ڪميون جي يادگار طور جلسي ۾ 6 لک ماڻهو گڏ ٿيا. ايتريقدر جو بلم طرفان حڪومتي اختيار سنڀالڻ کان اڳ ئي فرانس ۾ هڙتالن جي سڀ کان وڏي لهر شروع ٿي. فرانس جي مختلف علائقن، Le Havre Toulouse, Courbevoie ۾ مختصر ۽ الڳ الڳ پر فاتح هڙتالون اوچتوئي 26 مئي تي هڪ طاقتور تحريڪ ۾ بدلجي ويون، جڏهن پئرس جي پرپاسي انجنيئرنگ ڪارخانن جي پورهيتن پنهنجن ڪارخانن تي قبضو ڪري ورتو. 28 مئي تي پئرس ۾ بلانڪورٽ وٽ وڏي رينالٽ ڪارخاني تي قبضو ٿيو ۽ هفتي جي آخر تائين 70 هزار پورهيت ان جدوجهد ۾ شريڪ ٿيا. وتسن بئنڪ جي موڪل کي ڇڏي، قبضن جو سلسلو انجنيئرنگ کان وڏي سمورين صنعتن ۽ ذري گهٽ ملڪ جي هر هڪ علائقي تائين ڦهلجي ويو. يعني، چاڪليٽ ڪارخانن، ڇپائي خانن، عمارتن، لوهارن، ايتريقدر جو پئرس ۾ ڊپارٽمينٽ اسٽورن، تائين جتي ڪابہ يونين نہ هئي ۽ اُتي پورهيت هڪٻئي سان ڳالهائيندي بہ ڊڄندا هئا. فقط نورڊ ڊپارٽمينٽ ۾ 1144 جاين تي قبضو ڪيو ويو جنهن ۾ 2 لک 54 هزار مزدورن حصو ورتو. برطانوي سفير صورتحال کي 1917ع واري روس ۽ بلم (Blum) کي ڪيرينسڪيءَ سان ڀيٽيو.[208]

ڪارخانن جا مالڪ جيڪي فقط ٻہ سال اڳ ساڄي ڌر جي پيش رفت لاءِ واجهائي

رهيا هئا. سي هاڻي بيچينيءَ سان بلم ڏانهن ڏسن پيا تہ هڙتالن جي معاملي کي حل ڪري ڀلي پوءِ پورهيتن کي وڏيون رعايتون ئي ڇو نہ ڏيڻيون پون. 7 جون تي وزيراعظم جي رهائش گاهہ تي هڪ خاص گڏجاڻيءَ ۾ اُنهن پورهيتن جي ڪانٽريڪٽ، اجرتن ۾ واڌ ۽ ڏهن ڪان وڌيڪ ڪم ڪندڙ مزدورن وارن سڀني ڪارخانن ۾ پورهيتن جي وفدن جي چونڊ لاءِ هڪ معاهدي تي صحيحيون ڪيون. ٽن هفتن کانپوءِ حڪومت ٻن هفتن جي پگهار سان موڪل ۽ هفتي ۾ 40 ڪلاڪ ڪم جو قانون پارليامينٽ ۾ پيش ڪيو. اهي بل ستن ڏينهن اندر منظور ڪيا ويا. ايتريقدر جو سينيٽ، جيڪو غيرجمهوري انداز سان چونڊيل هو تنهن مخالفت جي جرئت نہ ڪئي.

ڪيترن پورهيتن منجهہ اهو احساس هو تہ، اُهي فقط اجرتن ۾ واڌ، هفتي جي ڪم جي مختصر وقت ۽ موڪلن کان وڌيڪ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ چاهين ٿا. اُنهن ڪنهن نہ ڪنهن ريت سڄي سماج کي بدلائڻ چاهيو پئي. 11 جون تائين هڙتالون جاري رهيون، جڏهن ڪميونسٽ پارٽيءَ پنهنجي اڳواڻ مارس ٿوريز جي تقرير سان مداخلت ڪئي. هن دعويٰ ڪئي تہ، 'هن وقت اقتدار کسڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي'. تنهنڪري پنهنجن ڪمن ڏانهن واپس وڃجي. هن چيو تہ، 'اهو ڄاڻڻ ضروري آهي تہ هڙتال ڪيئن ختم ڪجي'.[209]

سڀ کان وڌيڪ ويڙهاڪ هڙتالي، جن ڪميونسٽن کي صفا ڪاٻي ڌر سمجهيو پئي، تن آڇيل شرطن تي ڪم ڏانهن واپس وڃڻ کي ناخوشيءَ سان قبول ڪيو. ان ڪين مادي فائدا ڏنا، توڙي جو مهانگائي جلدئي سندن اُجرتن ۾ واڌ کي کائي وڃڻ واري هئي، پر اختيار پراڻي پوليس، جنرلن ۽ ڪامورا شاهي وٽ رهيا. جن گذريل سالن ۾ ساڄي ڌر سان پنهنجي همدرديءَ جو اظهار ڪيو هو. ان صنعت ۽ ناڻي مٿان سرمائيدارن جي ڪنٽرول کي ڇڏي ڏنو جيڪي جُون ۾ ڏنل رعايتون واپس ڦپائڻ جي ڪوشش ڪن ها، جڏهن بہ طاقت جو توازن بدلجي ها.

ٿوريز درست هو تہ اقتدار تي قبضو ڪرڻ لاءِ اجان حالتون پڇي راس نہ ٿيون هيون، پر اهڙيون ضرور هيون جو ڪميونسٽ اهو نعرو هٽي سگهيا پئي، جيڪو نعرو هُنن بہ سال اڳ هنيو هو سوويتون ٺاهڻ. يعني، پورهيت وفدن جا ادارا جيڪي رياست جي طاقت ۽ وڏن ڪاروباري ماڻهن جي للڪار کي منهن ڏين ۽ نگراني ڪري سگهن. بهرحال، ٿوريز تہ ان جو ذڪر ئي نہ ڪيو توڙي جو پورهيتن جو مزاج اهڙي قسم جي سڏ جي آجيان ڪري ها.

غلطي، اتفاق يا حادثو نہ هئي. 'ٽئين دور' جي پاليسيءَ کي ترڪ ڪرڻ جو انحصار ڪمنٽيرن (ڪميونسٽ انٽرنيشنل) ۾ تبديلين تي هو جيڪا ماسڪو ۾ سوچي پئي وئي، جيئن پاپولر فرنٽ طرفان هڪ بورجوا سرمائيدار حامي پارٽيءَ سان اتحاد جي پاليسي هئي. اسٽالن پرڏيهي پاليسي اتحادين سان سوويت دفاعي معاهدو ڪرڻ چاهيو

پئي، جنهن تي 1935ع ۾ ليول (Laval) جي مرڪز واري ساڄي حڪومت طرفان دستخط ڪيو ويو. هڪ 'لبرل' سرمائيدار حڪومت لاءِ ڪميونسٽ حمايت اهڙي اتحاد کي آسان بڻايو. ڪمنٽيرن دليل ڏنو تہ فاشزم جي رستا روڪ ڪرڻ جو اهوئي 'عملي' رستو آهي، جيتوڻيڪ ان جا مرڪزي نقطا اُنهن ماڻهن کان مختلف نہ هئا، جيڪي 40 سال اڳ برنشٽائين جهڙا ماڻهو استعمال ڪندا هئا.

عالمي سرشتي کي ڏک هڻندڙ بحران جي نوس انقلابي متبادل کي ڦٽو ڪرڻ ڪانسواءِ، ڪميونسٽ ريڊيڪل (Radicals) جهڙين پارٽين سان اتحاد نہ پئي ڪري سگهيا. انقلابي تبديليءَ جي ڳالهہ ڏورانهين مستقبل طور پيش ڪئي وئي، جڏهن تہ انهن سرمائيداريءَ کي جيئڻ جو تيئن رکڻ سان ڇهٽيل حڪومتن کي ان اميد سان 'برداشت' ڪيو تہ ان سان سرمائيدارن کي ساڄي پاسي ڏانهن ڇڪجي وڃڻ کان روڪي سگهبو پر برداشت جي معنيٰ پورهيت تحريڪ کي روڪي رکڻ هو ويندي اها مايوس ٿي وڃي ۽ سرمائيدارن کي ڪافي اعتماد ملي وڃي، جو اُهي جوابي حملو ڪري سگهن.

فرانس ۾ 4 جولاءِ 1936ع تي پاپولر فرنٽ تحريڪ جو جشن ملهايو ويو. ڏهہ لک ماڻهن جي اجتماع پئرس ۾ فرينچ انقلاب جي ورسيءَ واري ڏهاڙي مظاهرو ڪيو جڏهن تہ سڄي فرانس جي شهرن ۾ هزارين ماڻهن مظاهرا ڪيا. ماڻهن کي فرينچ انقلابي سالن واري پوشاڪ پهريل هئي. انقلابي ۽ روشن خياليءَ جي مشهور ڪردارن، رابس پيري، والٽيئر، مراٽ ۽ وڪٽر هوگو جون تصويرون هٿن ۾ هئن. ريڊيڪل پارٽي اڳواڻ ڊالڊيئر، پئرس ۾ مقررن جي پليٽ فارم تي ٿوريز ۽ بلم سان گڏ بيٺو هو. رينالٽ ڪارخاني جي پورهيتن جي هٿن ۾ هڪ بينر، جنهن تي ريڊيڪل پارٽيءَ جي علامتن سان گڏ سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ پارٽين جون علامتون هيون. ڏيک اهڙو ڏنو ويو ڄڻ تہ اُهي پارٽيءَ يا طبقي کان هٽي ڪري گڏ بيٺا هئا ۽ پاڻ کي هڪ ئي فرينچ جمهوري روايت طور پيش ڪيائون پوءِ فاشزم جو ڊيڄاريندڙ خواب هليو ويندو. اها هئي پاپولر فرنٽ اتحاد جي 'عملي' سياست

ٿن ڏينهن کانپوءِ سڄي پيرينيس (Pyrenees) ۾ واقعا ٿيا، جن انهيءَ 'عملي' سياست کي آزمائش ۾ وڌو. اٽلي، جرمني ۽ آسٽريا ۾ فاشسٽن جي سوين کان اتساهہ وٺي جنرلن اسپين جي جمهوري حڪومت خلاف بغاوت ڪري ڇڏي، جنهن پنهنجو دفاع ڪرڻ لاءِ ترت فرانس کان هٿيارن جي گذارش ڪئي. ليون بلم هٿيار مهيا ڪرڻ چاهيا پئي، پر ڪي ريڊيڪل سياستدانن سخت مخالفت ڪئي. 30 جولاءِ تي بلم چيمبر آف ڊپٽيز (Chamber of Deputies) کي خاطري ڪرائي تہ ڪي بہ هٿيار نہ پيا اماڻيا وڃن ۽ جلدئي هڪ 'غير مداخلتي' پاليسيءَ تي اتفاق ڪيو ويو پلي پوءِ ان جي معنيٰ چونڊيل جمهوري حڪومتن کي جرمني ۽ اٽليءَ طرفان هٿياربند فاشسٽن کي حملا ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏجي. فرانس ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ بلم جي موقف تي سخت اعتراض واريا. 1936ع جي ڊسمبر

۾ چيمبر ۾ عدم اعتماد جي ووٽ وجهڻ کان پرهيز ڪيائون. توڙي جو ڪميونسٽ پارٽيءَ ووٽ آڇڻ لاءِ ڪو متبادل نہ هو چاڪاڻ تہ ان فرينچ سرمائيداريءَ سان وڙهڻ لاءِ هڪ تحريڪ اڏڻ خاطر لبرل سان اتحاد کي ترجيح ڏني هئي.

اها پاليسي گهرو صورتحال توڙي بين الاقوامي معاملن ۾ وڌيڪ ڪم نہ ڪري سگهي. ريڊيڪل پارٽي فقط پورهيتن جي حق ۾ سُڌارا آڻڻ لاءِ ايسيتائين تيار رهي، جيسين هڙتالن جي لهر جاري رهي، جيئن ان 1936ع جي پوئين اڌ ۾ ڪيو توڙي جو مئي ۾ جون کان وڌيڪ تابعداري واري انداز سان ائين ڪيو ويو. جيئن ئي سوشلسٽ پارٽي، ڪميونسٽ پارٽيءَ ۽ سي جي ٽي اڳواڻ صورتحال کي ٿڌو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا تہ ريڊيڪل پارٽيءَ اقتصادي بحران جي علامتن کي منهن ڏيڻ لاءِ وري ساڳين پاليسين ڏانهن موٽڻ شروع ڪيو. ملازمتون پيدا ڪرڻ لاءِ 'مهانگائي' واري پاليسي، جهڙوڪ: هفتي ۾ ڪم جو وقت مختصر ڪرڻ جي تجربي ڪانپوءِ، بلم پنهنجي پروگرام ۾ پکيڙ ۽ سُڌارن ۾ 'روڪ' جو اعلان ڪندي، 1937ع ۾ ريڊيڪل پارٽيءَ سان هڪ ٿيڻ شروع ڪيو.

سرمائي جي ٻاهر نڪري وڃڻ سبب پيدا ٿيل هڪ مالياتي بحران دوران پيش ڪيل سندس مالياتي بل کي، سينيٽ طرفان رد ڪرڻ ڪانپوءِ، 1937ع جي جولاءِ ۾ هن استيعفا ڏئي ڇڏي. ان دوران رياست ظاهر ڪيو تہ پاپولر فرنٽ حڪومت جي ڊپ کان اها ڪيترو تبديل ٿي هئي، 1937ع جي مارچ ۾ پئرس جي ڀرپاسي پوليس فاشسٽ مخالف مظاهري مٿان فائرنگ ڪري ڏني، جنهنڪري 6 مظاهرو ڪندڙ مارجي ويا.

ريڊيڪل پارٽيءَ، سوشلسٽ پارٽيءَ سان گڏجي ايندڙ 9 مهينن تائين فرانس مٿان راڄ ڪيو. آمريڪا ۾ پراڻي بحران جي ختم ٿيڻ کان اڳ دنيا ۾ هڪ ٻيو بحران شروع ٿيو حڪومت پراڻي ريڊيڪل پاليسيءَ تي عمل ڪندي خرچ گهٽائي ڇڏيا. ان پاليسيءَ انهن ماڻهن کي مايوس ڪيو جيڪي پاپولر فرنٽ ۾ اميدون رکيو ويٺا هئا. هٽلر طرفان آسٽريا ڏانهن مارچ سبب پيدا ٿيل بحران ۽ اوڀر يورپ ۾ فرينچ پرڏيهي پاليسيءَ جي ناڪاميءَ بلم کي فقط 26 ڏينهن لاءِ وري واپس اقتدار ۾ آندو پر ترت ئي سندس جاءِ ڊالديئر والاري، ڪارخانن جي مالڪن پنهنجو پاڻ کي ايترو طاقتور محسوس ڪيو تہ هاڻي پورهيتن کي منهن ڏئي سگهن ٿا ۽ ڊالديئر حڪومت ٻہ سال اڳ جي اهم ترين سُڌارن کي واپس ورائڻ شروع ڪيو. يعني، هفتي ۾ 40 ڪلاڪ ڪم. جنهن ڪانپوءِ ٿيل هڙتالن ۽ قبضن کي دٻائڻ لاءِ پوليس مداخلت ڪئي. رينالٽ ڪارخاني وٽ 1500 هٿياربند پوليس طرفان ڪارخاني تي حملو ڪرڻ ڪانپوءِ 20 ڪلاڪن تائين لڙائي ٿيندي رهي.[210] پوليس هارايل مزدورن کي فاشسٽ سلامي ۽ 'پوليس زنده باد' جا نعرا هڻائيندي، زبردستي ڪارخاني مان ٻاهر نڪرڻ تي مجبور ڪيو.[211] جيئن جولين جيڪسن ان دور جي پنهنجي تاريخ ۾ تجزيو ڪري ٿو:

پاپولر فرنٽ، جنهن 1934ع جي 12 فيبروريءَ واري هڙتال مان جنم ورتو نيٺ 30 نومبر 1938ع تي مري ويو. 12 فيبروري واري هڙتال اصل ۾ ڊالڊيئر جي جبري استيعفا خلاف احتجاج سمجهي ڪئي وئي ۽ 30 نومبر جي هڙتال ساڳئي ڊالڊيئر جي پورهيت پاليسين خلاف احتجاج جو سڏ هئي.[212]

پاپولر فرنٽ جي پهرئين مرحلي ۾ ماڻهن کي اميدون نظر آيون ۽ ڪاهي ڏر جون پارٽيون ۽ يونينون تيزيءَ سان وڌيون. ڪميونسٽ پارٽيءَ جي رُڪنيت 1933ع ۾ 29 هزار هئي، سا 1936ع جي فيبروريءَ ۾ 90 هزار ۽ 1936ع جي ڊسمبر ۾ 2 لک 88 هزار ۽ وري ڪميونسٽ يوٿ جي رُڪنيت 3500 کان 25 هزار ۽ پوءِ هڪ لک ٿي وئي. سوشلسٽ پارٽي 1933ع ۾ 1 لک 31 هزار هئي، سا 1936ع ۾ 2 لک 2 هزار، ينگ سوشلسٽ جي رُڪنيت 1934ع ۾ 11 هزار 320 ۽ 1937ع ۾ 56 هزار 640 ٿي وئي ۽ سي جي ٽي يونين فيڊريشن جي رُڪنيت 1935ع ۾ 7 لک 85 هزار هئي، سا 1937ع ۾ چاليهه لک ٿي وئي.[213] پر 1938ع تائين پاپولر فرنٽ مان بيزاريءَ جو الٽو اثر ٿيو ڪاهي ڏر جي پارٽين پنهنجي رُڪنيت ۽ حمايت وڃائڻ شروع ڪئي. 1938ع جي هارايل هڙتال ڪانپوءِ هزارين ماڻهن جي برطرفي ۽ مٿن ظلمن پارٽين ۽ يونينن کي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ سندن رُڪنيت ڪِري پئي.[214]

ٻي عالمي جنگ جي باهه ڀڙڪڻ سان فرينچ حڪمران طبقي ساڳي پارليامينٽ ۾ ڪافي طاقت ماڻي ورتي ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ کي غيرقانوني قرار ڏئي، ان جي ڊپٽيز کي بيدخل ڪري ڇڏيو. نون مهينن ڪانپوءِ سوشلسٽ پارٽيءَ جي ڊپٽين جي اڪثريت سميت ساڳي پارليامينٽ مارشل پيٽن کي آمرانا اختيار ڏيڻ لاءِ ووٽ ڏنو جنهن هڪ حڪومت ٺاهي، جنهن ۾ فرينچ فاشسٽن ملڪ جي اترئين اڌ جي قبضي ۾ جرمن نازين جو ساٿ ڏنو.

اهڙا تاريخ نويس به آهن، جهڙوڪ: ايرڪ هابسبام (Hobsbawm) جنهن پاپولر فرنٽ کي هڪ مثال طور پيش ڪيو ته ڪيئن ڪاهي ڏر ساڄي ڏر جي حملي جو مقابلو ڪري سگهي ٿي. فرينچ تجربو يقينن ان ڳالهه کي ثابت نه ٿو ڪري. 1934ع ۾ فرينچ مزدورن جي ويڙهاڪ اتحاد يقينن ساڄي ڏر کي دفاعي صورتحال ۾ وجهي ڇڏيو پر 1936ع ۾ مک ڌارا جي سرمائيدار حامي پارٽيءَ سان اتحاد قائم ڪرڻ جي ڪوشش جو اهو ئي نتيجو نڪتو جيڪو جرمنيءَ ۾ سوشل ڊيموڪريٽس جي 'سهپ' ۽ مفاهمت واري پاليسيءَ جو نڪتو. يعني، ٿوري وقفي ڪان پوءِ ساڄي ڏر کي نئين سر پيش قدمي ڪرڻ جي لائق بڻايائون. افسوس سان اهڙي ئي ٽئين وڏي تجربي جو مثال اسپين ۾ 1930ع ڌاري ٿيو.

اسپين، فاشزم، انقلاب ۽ گهرو جنگ

انگريز ليکڪ جارج اورويل 1936ع جي نومبر ۾ بارسلونا بابت لکيو:

پهريون ڀيرو آئون ڪنهن اهڙي شهر ۾ هئس، جتي لغام پورهيت طبقي وٽ هئا. عملي طور تي هر عمارت پورهيتن ڪسي ورتي هئي. هر دُڪان ۽ هوٽل تي لکيل هو تہ اها اجتماعي ملڪيت آهي. ايتريقدر جو جوتا پالش ڪندڙ پڻ اجتماعي ملڪيت ۾ ورتا ويا ۽ سندن صندوق تي ڳاڙهو ۽ ڪارو رنگ ٿيل هو.

بيرا ۽ ريڙهن وارا توهان جي اکين ۾ اکيون ملائي سگهيا پئي ۽ توهان سان برابريءَ جو سلوڪ ڪرڻ لڳا. ٻچاپڙائپ ۽ ايتريقدر جو رسمي گفتگو جون صورتون عارضي طور تي غائب ٿي ويون هيون. اُتي ڪي بہ ذاتي ڪارون نہ هيون. انهن سيني تي قبضو هو.

هجوم سڀ کان وڌيڪ انوکا هئا. بظاهر ڏيک ۾ اهو هڪ شهر هو جنهن ۾ دولتمند طبقن جو عملي طور تي ڪوبہ وجود نہ رهيو هو.

سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ ڪين انقلاب ۽ مستقبل ۾ ايمان هو ۽ اوچتوئي برابريءَ ۽ آزاديءَ جي دور ۾ هجڻ جو احساس هو. انسانذات هاڻي سرمائيدار مشين جي پرزن وانگر نہ پر انسانذات وانگر ورتاءُ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي.[215]

چار مهينا مس ٿيا هوندا جو اسپين جي فوج، جنرل فرانڪو جي سرواڻيءَ هيٺ، اقتدار تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اڌ کان وڌيڪ ملڪ ۾ سندن ڪوشش کي پورهيت بغاوتن روڪيو. ڇهن سالن جي سخت طبقاتي جدوجهد ۽ گهرو جنگ ڇڙي پئي.

1920ع ڌاري پورهيت تحريڪ جي شڪست هڪ آمر پرمو ڊي رويرا کي اسپين مٿان هڪ ڏهاڪي تائين راج ڪرڻ ڏنو. هن مخالف ڌر کي ڪچلڻ لاءِ فوج تي ڀاڙيو ۽ جنگجو پورهيتن کي منظم ٿيڻ نہ ڏنائين. اڪثر انارڪو ـ سينڊيڪلسٽ (Anarcho-Syndicalist) ۽ ڪميونسٽ اڳواڻ جلاوطن ٿي ويا. پر ڊي ريورا وٽ پنهنجو وڏو سماجي بنياد نہ هو ۽ ڪيس مختلف سماجي حلقن جي وچ ۾ توازن ڪرڻو ٿي پيو ايتريقدر جو سوشلسٽ ٽريڊ يونين اڳواڻ لارگو ڪيبليرو کي ساٿاري بڻايائين. هن جي ڪمزور آمريت 1930ع ۾ ڊهي پئي، جيڪا عالمي بحران جي اثرن کي منهن نہ ڏئي سگهي. ڪجهہ مهينن کانپوءِ کاٻي ڌر مقامي چونڊن ۾ وڏي اڪثريت ماڻي، بادشاهہ ڀڄي ويو ۽ پُرجوش هجومن جمهوريہ جو اعلان ڪيو. پهرين بارسلونا ۾ ۽ پوءِ ميڊرڊ ۾.

ايندڙ ٻن سالن تائين هڪ بورجوا جمهوري حڪومت ڪيبليرو کي محنت جو وزير مقرر ڪري راج ڪيو. ان حڪومت واعدا گهڻا ڪيا، پر پاڙيائين کي ٿورا. مثال طور، ان جي زميني سُڌارن 20 لک هارين مان فقط 2 هزار هارين کي فائدو ڏنو. مايوسي ۽ بيزاري گهڻي هئي، چاڪاڻ تہ ڏکڻ ۾ ڪساس ويجاس جي ڳوٺ ۾ هارين طرفان زمين تي قبضو ڪرڻ تي، پوليس مٿن گوليون هلايون ۽ بارسلونا جهڙن شهرن ۾ هڙتالن کي ٽوڙيو.

بهرحال، مٿين طبقن کي دشمن بنائڻ لاءِ فقط سُڌارن جي ڳالهه ڪافي نہ هئي، بورجوازي جمهوريت پسندن جي هڪ حلقي الڳ ٿي، هڪ نئين اتحادي پارٽي CEDA، ٺاهي، جنهن کي وڏن زميندارن، وڏن ڪاروباري ماڻهن، مُک فوجي ڪامورن، شاهي خاندان، مسولينيءَ جي چاهيندڙن ۽ ڪيٿولڪ چرچ جي بُشپ جي ٽيڪ حاصل هئي. سي اِي ڊي اي اڳواڻ گل رابلز ڪيٿولڪ عقيدي ۾ فاشسٽ طريقا رائج ڪرڻ چاهيا، جيئن آسٽريا ۾ ڊولفس ڪيو پئي ۽ هٽلر ۽ مسولينيءَ وانگر ريليون ڪيون. ساڄي ڌر لاءِ اليڪشني فتح جي معنيٰ CEDA حڪومت کي اڳيان آڻڻ هو. ايتريقدر جو سوشلسٽ پارٽي ۽ ان جي يو جي ٽي يونين ان کي وڏي خطري طور ڏٺو ان جي مخالفت ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ۽ پورهيت طبقي جي ڪجهہ ننڍين تنظيمن سان گڏجي هڪ متحد 'پورهيت الائنس' ٺاهيو.

وڏن شهرن جي صنعتي پورهيتن ۽ ڏکڻ جي وڏين جاگيرن جي ڀهراڙيءَ وارن نيم روزگار سان لڳل پورهيتن وٽان CEDA جي مخالفت ٿي. ساڳئي طرح وچولي طبقي جي هڪ حلقي سندن تائيد ڪئي، خاص ڪري ڪيٽالونيا ۾، جتي کين ڊپ هو تہ ساڄي ڌر سندن خودمختيار حڪومت ۽ ٻوليءَ مٿان حملو ڪندي. تنهن هوندي بہ جڏهن CEDA 1934ع جي آڪٽوبر ۾ اقتدار سنڀاليو تڏهن ملڪ جي اُتر مان آسٽرياس جي کاڻيون کوٽيندڙن احتجاج ڪيو اُنهن پنهنجو پاڻ کي ڊائنامائيٽ سان مسلح ڪري، علائقي جو ڪنٽرول کسي ورتو. انارڪو ـ سينڊيڪلسٽ (anarcho—syndicalist) جن جو پورهيت طبقي جي تحريڪ تي چڱو اثر هو تن سيني سياستدانن تي اعتبار نہ هجڻ ڪري، قومي بغاوت ۾ حصو وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. آخري گهڙيءَ ۾ ڪيٽالن قومپرست پاسيرا ٿي ويا ۽ سوشلسٽ پارٽي ۽ يونين اڳواڻن پاڻ کي ميڊرڊ ۾ هڪ مختصر عام هڙتال تائين محدود رکيو. حڪومت جنرل فرانڪو جي ڪمانڊ هيٺ اسپيني ماراڪو جي فوجن کي استعمال ڪندي، آسترين کاڻيون کوٽيندڙن کي چٿيو ۽ علائقي ۾ دهشت جو راڄ مڙهي ڇڏيو. اسپين ۾ ٻين علائقن اندر سوشلسٽ پارٽيءَ جي ميمبرن (ڪيبليرو سميت) ۽ ٽريڊ يونين اڳواڻن کي جيلن ۾ واڙيو ويو. ان ڪانپوءِ وارن ٻن سالن کي کاٻي ڌر 'اونداها سال' سڏيو پر 1934ع ۾ اسپين ۾ پورهيت تحريڪ جي شڪست ساڳئي سال ۾ آسٽريا جهڙي نہ هئي. ساڄي ڌر جي حڪومت سياسي بحران کي حل نہ ڪري سگهي ۽ ٽٽي پئي. 1936ع ۾ وڌندڙ طبقاتي ۽ سياسي ڇڪتاڻ واري ماحول ۾ ٻيهر چونڊ ڪرائي وئي.

انهيءَ دوران فرانس ۾ ساڳين 'پاپولر فرنٽ' جي خيالن کاٻيءَ ڌر کي اثرانداز ڪيو پئي. ننڍي ڪميونسٽ پارٽي، جنهن 1934ع جي آڪٽوبر کان اڳ سوشلسٽن ۽ انارڪو ـ سينڊيڪلسٽ قوتن سان اتحاد ڪرڻ جي مخالفت ڪئي هئي، تنهن هاڻي سيني کي بورجوا جمهوريت پسندن سان متحد ٿيڻ لاءِ مهم هلائي. سوشلسٽ پارٽيءَ

جي ساڳي ڏر جوش ۽ ولولي سان اهڙن خيالن کي قبوليو ۽ سوشلسٽ، ڪميونسٽ ۽ بورجوا جمهوريت پسندن جي اميدوارن جي هڪ گڏيل فهرست طور چونڊن ۾ مقابلو ڪيو. ايتريقدر جو انارڪو-سينڊيڪلسٽ قوتن ان اميد سان تہ سندن ڪارڪنن کي جيل مان آزادي ملندي، هنن پنهنجن حمايتن کي ان لاءِ ووٽ ڏيڻ تي زور ڀريو.

چونڊ سرشتي جي معنيٰ تہ پاپولر فرنٽ اُن هڪ ووٽ تي وڏي اڪثريت ماٺي، جيڪو 1933ع ۾ ٿورڙو هو. نئين حڪومت ۾ ساڳيا ريپبلڪن سياستدان شامل هئا، جن 1931-33ع ۾ عوام کي مايوس ڪيو هو پر هيٺان کان دٻاءَ کين مجبور ڪيو تہ ڪاٻي ڌر جي سياسي قيدين کي آزاد ڪن ۽ ڪاٻي ڌر ۾ هڪ خوشي جي لهر هئي. پورهيتن جي وڌيل اعتماد جي نتيجي ۾ وڏيڪ هڙتالون ۽ مظاهرا ٿيا. ماڻهن جا هجوم انارڪو-سينڊيڪلسٽ سي اين ٽي ۽ سوشلسٽ يو جي ٽي يونين ۾ ڏانهن اچڻ لڳا، جڏهن تہ سوشلسٽ پارٽي تيزيءَ سان ڪاٻي پاسي تي وئي. ڪيبليرو دعويٰ ڪئي تہ جيل ۾ هن کي مارڪسزم موهي وڌو ۽ اعلان ڪيائين تہ 'جيڪو انقلاب اسين چاهيون ٿا، سو فقط تشدد سان ايندو.'[216] سوشلسٽ يوٿ جيئن ئي پنهنجن مُڪ هوا ۾ لوڏيون ۽ 'پورهيت حڪومت' ۽ هڪ 'ڳاڙهي فوج' لاءِ زوردار نعرا هنيا تہ هن کي 'اسپيني لينن' سڏيائون.[217]

ملڪ جي رجعت پرست قوتن منجهہ خوف جو احساس وڌڻ لڳو. سي اي ڊي اي ڪارڪنن کلي عام فاشسٽ تنظيم فالانج (Falange) ڏانهن وڃڻ شروع ڪيو ۽ مٿئين طبقي جي غنڊن ڪاٻي ڌر مٿان پرتشدد حملا ڪيا. رپورٽن موجب سينيئر فوجي آفيسر اقتدار تي قبضي جي رٿا سٽين پيا. پر حڪومت ڪجهہ نہ ڪيو. فقط چار مهينن ۾ گهٽين ۾ ويڙهہ دوران 269 ماڻهن کي قتل ڪيو ويو ۽ 1287 ماڻهن کي زخمي ڪيو ويو 381 عمارتن تي حملا ڪيا ويا ۽ انهن کي نقصان پهچايو ويو 43 اخبارن جي پيچ ڊاهہ ۽ 146 بم ڌماڪا ڪيا ويا.[218]

ساڄي ڌر نيٺ 17 ۽ 18 جولاءِ تي ڪارروائي ڪئي. جنرلن اسپين ۽ اسپيني ماراڪو ٻجي هر شهر جو ڪنٽرول ڪسڻ جي ڪوشش ڪئي. جمهوري حڪومت ڪجهہ ڪرڻ کان پڙ ڊنل هئي ۽ ايتريقدر جو ان هڪ بيان جاري ڪندي، اقتدار تي قبضي جي خبر کان انڪار ڪيو. وزيراعظم استيعفا ڏئي ڇڏي. هن جي جاءِ تي باريو بغاوت کي منهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پوءِ مزدورن جي مظاهرن کي ڏسندي استيعفا ڏئي ڇڏيائين.

فوج کي توقع هئي تہ ڪجهہ ڪلاڪن اندر اقتدار کسي وٺندا. پاپولر فرنٽ ريپبلڪن سياستدانن جي بزدلي ۽ مونجهاري کين موقعو ڏنو. کين فقط پورهيتن جي ردعمل پريشان ڪري ڇڏيو. يو جي ٽي ۽ سي اين ٽي يونين هڪ عام هڙتال جو سڏ ڏنو پر پورهيتن فقط غيرمتحرڪ انداز ۾ ڪم ڇڏ احتجاج نہ ڪيو بلڪ انهن اسپين جي اڪثر شهرن ۾ ڇانوڻين جو ڪنٽرول ڪسڻ ۽ فوج کي بي هٿيار ڪرڻ جا ڪم پڻ ڪيا.

سي اين ٽي، يو جي ٽي ۽ پورهيت پارٽين جي ويڙهاڪن کي جتان بہ موقعو مليو اتان بندوقون کسي ورتائون. ڪٿي ڪٿي تہ اُنهن ريپبلڪن حملي آور گارڊ جي حلقن جي حمايت ۽ ايتريقدر جو بارسلونا ۾ روايتي طور تي پورهيتن جي مخالف سول گارڊ جون همدرديون ماٺي ورتيون. پر مسئلو سندن پيش قدمي هئي، جتي بہ اُهي بنا ڪنهن هٻڪ يا ساڃي ڊر جي فوجي آفيسرن ڏانهن مفاهمتي رويي جي، فيصلاڪن انداز سان وڌيا، اُتي کين ڪاميابي ملي.

فوجي قبضو گهڻو ڪري شهرن ۾ ڪامياب ٿيو جتي پورهيت اڳواڻن فوجي آفيسرن طرفان ريپبلڪ جي حمايت جي دعوائن کي قبوليو. سيوائل، ڪيڊز، ساراگوسا ۽ اوويڊو جهڙن علائقن ۾ فوجي آفيسرن تيسين انتظار ڪيو جيسيتائين هٿياربند پورهيت چڙوچڙ ٿي وڃن ۽ ان کانپوءِ حڪومت تي قبضي ۽ ڪنهن بہ مزاحمت ڪندڙ مٿان گوليون هلائڻ جو اعلان ڪيائون.[219] روايتي حڪمران ٽولن تي اعتبار ڪندڙ پورهيتن کي اهڙي قيمت ادا ڪرڻي پئي. انهيءَ اعتبار جي ڪري ئي فرانڪو جي فوجن 1936ع جي جولاءِ ۾ سڄي ملڪ بدران اڌ کان وڌيڪ اسپين جو ڪنٽرول ماٺي ورتو.

جتي بغاوت کي ڪچليو ويو اُتي فقط فرانڪو جي پوئلڳن شڪست نہ پوڳي. 'رياست، پنهنجي باغي فوج ۽ هٿياربند عوام جي وچ ۾ قاتل، ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي.'[220] جيتوڻيڪ، ميڊرڊ ۾ اڃان تائين سرڪاري حڪومت دفتر ۾ موجود هئي، پر اصل اختيار علائقن ۾ انقلابي ڪميٽين جي هٿن ۾ هئا. جتي پورهيتن وٽ اختيار هو اُنهن پنهنجن مفادن لاءِ استعمال ڪيو. ڪارخانن تي قبضو ڪري، انهن کي اجتماعي ملڪيت بڻايو ويو هارين زمينون ورهائڻ شروع ڪيون. کين اها خبر هئي تہ پورهيت لشڪر سندن تحفظ ڪندا، هٿياربند پورهيتن اُنهن مقامي وڏيرن کي گرفتار ڪيو جن سندن مطالبن جي مخالفت ڪئي هئي. فوج جي ٽٽڻ سان لڳو پئي تہ بورجوازي اڪثر ريپبلڪن علائقن ۾ ختم ٿي وئي. موثر طاقت پورهيت تنظيمن جي هٿن ۾ هئي، جڏهن تہ سرڪاري ريپبلڪن حڪومت وٽ عملي اختيار نہ هئا. سڀ کان اهم صنعتي علائقي ڪيٽالونيا جي خودمختيار حڪومت بابت پڻ اها ڳالهہ سچ هئي. ان جي صدر ڪمپنيس سڀ کان وڌيڪ طاقتور پورهيت تنظيمن جي اڳواڻن کي ڪيٽالونيا ۾ دعوت ڏني. هڪ گڏجاڻي جنهن ۾ هن کين ٻڌايو:

توهان شهر ۽ ڪيٽالونيا جا مالڪ آهيو ڇاڪاڻ تہ توهان فاشسٽ سپاهين کي هارايو آهي..... توهان ڪٿيو ۽ هر شيءِ توهان جي اختيار ۾ آهي. جيڪڏهن توهان کي منهنجي ضرورت ناهي، جيڪڏهن توهان مون کي صدر طور نہ ٿا چاهيو تہ پوءِ هاڻي ئي چئو ۽ آئون فاشسٽ دشمن جدوجهد ۾ فقط هڪ سپاهي ٿي رهندس.[221]

هتي بہ 1917ع جي روسي انقلاب وانگر ۽ 20_1918ع ڌاري جرمن انقلاب دوران 'ٻٽي اختيار' جهڙي صورتحال هئي. هڪ سرڪاري حڪومت جيڪا ڪاروهنوار هلائڻ لاءِ

انقلابي ڪميٽين ۾ تنظيمن جي محتاج هئي. بهرحال، ريپبلڪن حڪومت کي انقلابي ڪميٽين مٿان هڪ برتري هئي. ان وٽ هڪ مرڪزي ڍانچو هو. جيڪو انقلابي ڪميٽين وٽ نہ هو ۽ اهو اهم عنصر هو. فاشسٽ فوجون منظم هيون، تنهنڪري انهن سڄي ملڪ ۾ هڪ ئي حڪمت عملي جي پوئواري ڪئي. ساڳئي نموني فاشسٽ مخالف قوتن کي پڻ منظم ٿيڻو هو ۽ صورت ۾ فاشسٽ پنهنجن فوجن کي محاذ جي ڪجھ هنڌن ڏانهن ڦيرڻ سان جنگ ڪٿي سگهيا پئي، جتي مخالف قوتون (يعني انقلابي قوتون) سڀ کان وڌيڪ ڪمزور هيون، جتي ڪين چاڙهي هئي تہ فاشسٽ دشمن قوتون پنهنجون فوجون ڪٿيون نہ ڪري سگهنديون.

اها فاشسٽ دشمن مرڪزيت ڪميٽين کي گڏائڻ سان ماٽي سگهجي پئي. ڪيترن علائقن ۾ فاشسٽ مخالف لشڪرن جون ڪميٽيون هڪٻئي سان باهمي لاڳاپي ۾ هيون، پر لشڪرن پورهيت وفدن جي ڪابہ سڄي اسپيني ڪميٽي نہ هئي، جيڪا 1917ع جي روسي سوويتن جهڙي هجي.

انهيءَ ناڪاميءَ جو ڪارڻ پورهيت تنظيمن جي سياست منجهہ هو. سڀ کان وڌيڪ طاقتور انارڪو- سينڊيڪلسٽ سدائين زور ڏنو تہ طاقت جي مرڪزيت سان هڪ نئين رياست هٿان پورهيتن جي اختيار کي ختم ڪيو ويندو پر هنن چيو تہ هاٽي اهو رستو وٺڻ غلط ٿيندو. سندن هڪ اڳواڻ سانتلن جي لفظن ۾ ’آمريت جي معنيٰ آزاد ڪميونزم جو خاتمو آهي، جيڪا (ڪميونزم) فقط عوام جي پاٽمرادي عمل ۾ آزاديءَ مان ماٽي سگهجي ٿي.‘[222] ان بدران ٻيو رستو وٺجي. هنن دليل ڏنو تہ ڪمپينس (Companys) جي حڪومت کي جيئن جو تيئن ڇڏي ڏجي ۽ ان جو ساٿ ڏجي. ايتريقدر جو سڀ کان وڌيڪ قابل ۽ سڀ کان وڌيڪ ويڙهاڪ سي اين ٽي اڳواڻ بيناوينچرا ڊُروتي (Buenaventura Durutti)، جيڪو ريپبلڪن حڪومتن خلاف ٻن ناڪام بغاوتن ۾ حصو وٺي چڪو هو تنهن انهيءَ منطق جي مخالفت نہ ڪئي. بارسلونا ۾ فاشسٽن کي ڪچلڻ ۾ هن فيصلاڪن ڪردار نڀايو هو شهر جي پورهيتن جو هيرو هو ۽ هزارن جي تعداد ۾ پورهيت فوج جي سرواڻي ڪئي هئائين، جنهن ڪيٽالن جي سرحد پار ڪري اراگون ۾ ۽ فاشسٽن جي قبضي واري شهر ساراگوسا ڏانهن پيش رفت ڪئي هئي، پر هي اقتدار جي سوال تي جهيڙو ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو ۽ پنهنجن سي اين ٽي ساٿين کي ڪمپنيس (Companys) جي بورجوا حڪومت سان پائيوار ٿيڻ لاءِ آزاد ڇڏي ڏنائين.

ڪيٽالن واري سي اين ٽي جزوي طور تي حڪومت جي ’مدمقابل طاقت‘ تخليق ڪئي. اُن پنهنجو پاڻ، يو جي ٽي يونين، سوشلسٽ پارٽي، ڪميونسٽ پارٽي، POUM پارٽيءَ جي ڪميونسٽ اختلاف ڪندڙن، رابسيريز هاري تنظيم ۽ ڪمپنيس پارٽيءَ جي نمائندن مان هڪ مرڪزي لشڪري ڪميٽي ناهي. اُن خطي ۾ فوجي جدوجهد کي مربوط ڪيو ۽ پورهيتن جي خواهشن ۽ اميدن جو مرڪز بڻي، پر جيئن تہ اها پورهيتن،

سپاهين ۽ هاري وفدن بدران پارٽين جي ٺهيل هئي. تنهنڪري اها اُنهن خواهشن جو اڻپورو اظهار هئي. ان شعوري طور تي ڪمپنيس جي حڪومت سان ڀين اهم سوالن تي فيصلا ڇڏي ڏنا. خاص طور تي مالياتي ۽ بئنڪن جي معاملي تي.

سوشلسٽ پارٽي ۽ يو جي ٽي اڳواڻن جو ميڊرڊ ۾ پورهيت تحريڪ تي مُک اثر هو ۽ هٿياربند لشڪر جي انهن سان وفاداري هئي. اُن وٽ شهر جو ايترو ئي ڪنٽرول هو جيئن سي اين ٽي کي بارسلونا ۾ هو پر ڪيبليرو (Caballero) بابت 'اسپيني لينن' جي سمورين ڳالهين باوجود هن جي حمايتن پورهيت اقتدار جو ڍانچو قائم ڪرڻ لاءِ ڪجهه به نه ڪيو. سنڌن تنظيم جي سموري تاريخ موجوده سماج جي ادارن اندر دٻاءُ وجهڻ تي ڪم ڪندي رهي. اُهي ڪنهن چونڊيل وفدن تي ٻڌل ڍانچي کان ڊنل رهيا. جيڪو سنڌن تنظيمن جي عهديدارن ۽ ميمبرن تي دٻاءُ وجهي. سوشلسٽ پارٽيءَ اندر موجود ساڄي ڌر بورجوا ريپبلڪن سان ترت مفاهمت تي زور ڏنو. ڪيبليرو جي اڳواڻيءَ ۾ کاٻي ڌر ان بابت خوش نه هئي. ڪين ماضيءَ ۾ ريپبلڪن سان ڏنل ساٿ ڪيترو ناڪام رهيو سو ياد هو پر کاٻي ڌر وٽ ميڊرڊ ڏانهن پيش رفت ڪندڙ فاشسٽ فوجن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ هڪ مرڪزيت تي ٻڌل طاقت ڪيئن تخليق ڪجي واري سوال جو ڪو جواب نه هو.

انارڪو سينڊيڪلسٽ جي سياست جي کوٽ ۽ سوشلسٽ پارٽيءَ جي سُڌارپسنديءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڏيڍ ڏهاڪو اڳ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو بنياد وڌو ويو هو پر جنهن به ماڻهوءَ ماسڪو کان ملندڙ لائين تي سوال اٿاريو پئي، تن کي مسلسل پارٽيءَ مان خارج ڪندا رهيا. ان لائين هاڻي بورجوا ريپبلڪن سان پاپولر فرنٽ کي زور وٺائڻ چاهيو پئي. جڏهن ته سي اين ٽي ۽ سوشلسٽ پارٽي حڪومت بابت ڇا ڪجي جي سوال تي مونجهاري جو شڪار رهي. ڪميونسٽ پارٽي ۽ روسي سفير مٿن زور ڀريو ته هڪ اتحادي حڪومت ۾ شامل ٿين. انقلاب جي ڳالهه کان پاسو ڪن ۽ پنهنجو پاڻ کي فاشسٽ مخالف پاليسين تائين محدود رکن. هنن دليل ڏنو ته ان سان وچولن طبقن جي حمايت ماڻي سگهبي، ڀين سرمائيدارن ۽ زميندارن کي فاشسٽن ڏانهن وڃڻ کان روڪي سگهبو ۽ ڪين فرينچ ۽ برطانوي حڪومتون سُٺيءَ نظر سان ڏسنديون. اها مختلف لشڪرن جي ميمبرن کي هڪ مرڪزي ڪمانڊ هيٺ فوج ۾ متحد ڪرڻ جي قابل پڻ ٿي ويندي، جيڪا پيشيور آفيسرن جي اڳواڻي ۾ هوندي.

نيٺ سيپٽمبر جي ابتدا ۾ اهڙي حڪومت ٺاهي وئي. ڪيبليرو وزيراعظم ٿيو پر ان جي ميمبرن ۾ اڪثريت ريپبلڪن يا ساڄي ڌر جي سوشلسٽن جي هئي. ان جو نعرو هو 'پهريائين جنگ کٽو پوءِ انقلاب جي ڳالهه ڪريو.' سي اين ٽي اڳواڻ کاٻي ڌر جي سوشلسٽن سان گهٽي عرصي تائين انهيءَ حڪمت عمليءَ جي مخالفت نه ڪري سگهيا. جلدئي ڪيٽالونيا ۾ اُنهن مان ٽن ڪمپنيس جي حڪومت ۾ شموليت ڪئي، بعد ۾ چئن کي ميڊرڊ ۾ وزارتون به ڏنيون ويون.

ڪاپي ڏر جي سوشلسٽن ۽ انارڪو سينڊيڪلسٽن سمجهيو پئي تہ انقلاب جي مڪمل ٽيڙ ڪي ملتوي ڪرڻ سان اُهي پورهيتن ڪي مليل حاصلاتن ڪي برقرار رکي سگهندا ۽ وچٿرن ريپبلڪن جي حمايت ماڻي جنگ کٽي سگهندا. پر ائين ممڪن نہ هو. ڇاڪاڻ تہ اعتدال پسند ريپبلڪن، ڪنهن بہ انقلابي جذبي کانسواءِ سڀ کان وڏيڪ ذاتي ملڪيت لاءِ احترام ۽ ريپبلڪ جي فائدي واري رياستي مشين جي ادارن جي برقراري چاهي پئي. اُنهن سماجي انقلاب خلاف سندن آخري بچاءَ طور 'ريپبلڪن' فوجي آفيسرن ۽ پوليس چيف جي نئين سر اڏاوت ڪرڻ چاهي ٿي.

بهرحال، 1936ع جي سرءَ واري اسپين ۾ ذاتي ملڪيت لاءِ احترام ۽ پراڻي رياستي مشينريءَ کي برقرار رکڻ جي معنيٰ فقط پورهيتن کي جدوجهد کان پري رکڻ نہ هئي. ان جي معنيٰ، دليل يا طاقت جي زور تي، پورهيتن کان اُهي حاصلاتون واپس وٺڻ هيون، جيڪي ڪين اڳ ۾ مليون هيون ۽ ڪارخانن ۽ جاگيرن جي ڪنٽرول تان دستبردار ٿيڻ جن تي اُنهن جولاءِ ۾ قبضا ڪيا هئا. ان جو مطلب پورهيتن کان هٿيار وٺڻ هئي، جيڪي اُنهن جولاءِ ۾ ڇانوٽين مان کنيا هئا ۽ اُهي هٿيار فوجي آفيسرن کي واپس ڪرڻ هئا.

ڪميونسٽ پارٽيءَ جي عهديدارن ۽ ساڄي ڏر جي سوشلسٽن جو دليل هو تہ پورهيتن طرفان سماجي انقلاب برپا ڪرڻ جي ڪنهن بہ ڪوشش جي معنيٰ ريپبلڪن اندر هڪ ٻي گهرو جنگ هوندي، اجان تائين سندن ڪوشش هيون تہ پورهيتن کي سندن سماجي فتحن تان دستبردار ڪرائين ڇاڪاڻ تہ اهي عنصر هڪ گهرو جنگ کي جنم ڏيندا.

نہ ڪي انارڪسٽ يا POUM جا ڪٽر ڪاپيءَ ڏر وارا پر اهي (سوشلسٽ ۽ انارڪو سينڊيڪلسٽ) ئي هئا جن سپاهين ۽ هٿيارن کي محاذ کان اندروني استعمال لاءِ واپس گهرايو. هنن ئي ويڙهہ شروع ڪرائي، جڏهن پورهيت اجتماعي ملڪيت ۾ ورتل ملڪيتون نہ ڇڏيون يا بورجوا رياست جي حڪمن جي بجا آوريءَ کان انڪار ڪيو. هنن ئي هٿياربند جهيڙا شروع ڪيا، جنهنڪري 1937ع جي مئي ۾ بارسلونا ۾ سوين ماڻهو مري ويا. جڏهن هنن شهر جي ٽيليفون عمارت تي قبضو ڪرڻ لاءِ زور ڀريو جنهن کي نوَ مهينا اڳ سي اين ٽي لشڪر فاشسٽن کان فتح ڪيو هو. اهي ئي هئا، جن ڪاپيءَ ڏر خلاف پوليس دهشت کي کلي ڇوٽ ڏني، جنهنڪري اينڊرس نن جهڙن اڳواڻن کي قتل ڪيو ويو ۽ هزارين فاشسٽ دشمن ويڙهاڪن کي قيد ڪيو ويو. هڪ ويڙهاڪ پورهيت طبقي کي پنهنجي انقلاب تان دستبردار ڪرائڻ ۽ 'جنگ جي خاتمي' جو انتظار ڪرائڻ جو ٻيو ڪو بہ گس نہ هو.

هتي پورهيتن مٿان مڙهيل قربانيون جرمني، آسٽريا يا فرانس ۾ فاشزم جي پيش رفت کي روڪڻ لاءِ سوشل ڊيموڪريٽڪ حڪومتن طرفان مڙهيل قربانين کان وڌيڪ هجڻ باوجود جنگ ۾ سوڀ نہ ملي. جمهوريہ اسپين ۾ بورجوا پارٽين سان ڪيل هر رعايت فرانڪو جي فائدي ۾ رهي.

جڏهن ريپبلڪن شهرن تي دٻاءُ وڌو ويو تہ هڪ منفرد صورتحال پيدا ٿي. پورهيت جن کان فرانڪو طرفان شهرن تي قبضو ڪرڻ سان هر شيءِ وڃائجي وڃي ها، سي آخر تائين وڙهڻ لاءِ تيار هئا، پر ملڪيتي وچولن طبقن سمجهيو پئي تہ جيڪڏهن هي فاشسٽ فتح جي مثبت نموني آجيان ڪن تہ پنهنجو پاڻ لاءِ مفاهمت جو بندوبست ڪري وٺندا. اهڙيءَ ريت جڏهن باسڪيو (Basque) بورجوازيءَ سين سيبسٽن (San Sebastian) کي ڦٽو ڪيو تہ اها ڳالهہ يقيني ٿي وئي تہ سي اين ٿيءَ سان سلهاڙيل ويڙهاڪ جدوجهد جاري نہ رکي سگهندا. ان هڪ گهرو جنگ اندر هڪ گهرو جنگ وڙهي، ملڪيت جو تحفظ ڪندي 'باهيون ڏيندڙن' ۽ 'ڦورن' کي گوليون هنيون ۽ هٿياربند محافظن کي شهر جي گهٽين ۾ گشت لاءِ ڇڏي ڏنو تہ جيئن شهر کي جيئن جو تيئن فرانڪو جي حوالي ڪيو وڃي. ساڳيو انداز بلبائو سانتندر ۾ گجون ۾ ورجايو ويو.[223] ٻين هنڌ آفيسر جن کي حڪومت طرفان ڪمانڊ جي عهدن تائين ترقيون ڏنيون ويون هيون، سي اهم گهڙين ۾ فاشسٽن جي پاسي ٿي ويا. جنگ جي آخري ڏينهن ۾ ان اميد سان تہ فرانڪو سان 'پرامن هٿيار ڦٽا ڪرڻ' بابت ڳالهائي سگهجي، ريپبلڪن جنرلن جي ٽولي ميڊرڊ ۾ اقتدار تي قبضو ڪري ورتو ۽ ويڙهہ ۾ 2 هزار ماڻهو مارجي ويا.

بورجوا کي مليل رعايتن جا نتيجا ٻين صورتن ۾ ظاهر ٿيا. ذري گهٽ سڄي اسپيني جنگي ٻيڙيءَ پنهنجن آفيسرن کي قيد ڪري ڇڏيو ۽ 1936ع جي جولاءِ ۾ فاشسٽ بغاوت جي مخالفت ڪئي. ان فرانڪو لاءِ مسئلو پيدا ڪيو جيڪو ماراڪو کان اسپيني سرزمين تي پنهنجي فوج آڻڻ جي ڪوشش ڪري پيو. پر اينگلو- فرينچ حمايت جي خواهش ۾ ڳولا ۾ گرال ۾ ڪيبليرو جي حڪومتن جنگي ٻيڙي کي Tangiers کان هٽڻ جو حڪم ڏنو ۽ ائين فرانڪو جي رابطي وارين قطارن تان مداخلت ختم ٿي وئي. ساڳين دليلن هيٺ ماراڪو کي آزاديءَ جي ضمانت ڏيندي فرانڪو جي پٺيان بغاوت جي ڪوشش کي روڪيو ويو. اسپيني فوج کي 1920ع ۾ ڪالونيل مخالف بغاوت هٿان سخت ڌڪ رسيا هئا ۽ هڪ نئين جدوجهد جي اسرڻ جا امڪان چوٽ تي هئا. ان بدران پاپولر فرنٽ حڪومتن اينگلو- فرينچ کان مدد وٺڻ کي ترجيح ڏني، انهن طاقتن کي اسپيني راڄ واري ماراڪو ۾ رعايتون آڇيون ويون.

وڏين طاقتن کي خوش ڪرڻ مان ڪجهہ نہ وريو. برطانيا ۽ فرانس اسپيني ريپبلڪ کي هٿيارن جي رسد کان انڪار ڪري ڇڏيو توڙي جو جرمني ۽ اٽلي اسپيني آمر فرانڪو جي وڏي پٺڀرائي ڪئي پئي.

اسپيني ريپبلڪ وٽ نندن هارين کي آڇڻ لاءِ گهٽو نہ هو جنهنڪري انهن کي گمراهہ ڪري فرانڪو لاءِ وڙهندڙ رضاڪار طور ڀرتي ڪيو ويو ۽ پورهيتن جو وڏو تعداد هن جي زون ۾ قاتل هو روايتي جنگجو علائقا. جهڙوڪ: سيوائل، اوويڊو ۽ ساراگوسا بہ شامل هئا. جنگ جي سڀ کان وڌيڪ حيران ڪندڙ ڳالهہ هيءَ هئي تہ، فرانڪو جنهن

آباديءَ کي تابع بڻايو ان طرفان ٿوري ئي ڏکيائي پيش آيس. اهو لقاءُ روسي گهرو جنگ ۾ اچين فوجن جي مهڙ وارين قطارن پنيان، جيڪو ڪجهه ٿيو ان جي بلڪل ابتڙ هو.

ڪابيءَ ڌر جي ڪيمپ ۾ سڀ کان وڏيڪ پرجوش قوت. يعني ڪميونسٽ پارٽيءَ انقلاب مخالف پاليسيءَ تي زور ڀئي لڳايو. ان جي مرڪزي ميمبرشپ ان خواهش هيٺ ائين نہ ڪيو تہ موجوده حالت ۾ اڳتي وڌجي، توڙي جو پارٽيءَ وڏي تعداد ۾ وچولي طبقي جا ماڻهو ڀرتي ڪيا. جيڪي ان طريقي سان تيار ڪيل هئا. پارٽيءَ جو مرڪزي حصو اُنهن باهمت ۾ اربيل ماڻهن جو هو جن پنهنجو پاڻ کي روس سان تعلق طور سچاتو پئي ۽ روسي دليل کي قبوليو پئي تہ هن وقت انقلاب لاءِ زور ڏيڻ 'غيرعملي' ڳالهہ ٿيندي. تنهنڪري، انقلابي مطالبن جي مخالفت ڪندي، اُهي 1936ع جي سرءَ ۾ ميڊرڊ جي دفاع لاءِ انقلابي جوش ۽ ولولي سان وڙهيا. طبقاتي ٻولي استعمال ڪري پورهيتن کي متحرڪ ڪيو. پر سندن جوش ۽ ولولو ۽ ٻولي اچان تائين اهڙي ئي موتمار پاليسيءَ سان ڳنڍيل هئا، جنهن تي يورپ ۾ ٻئي هنڌ سوشل ڊيموڪريٽن پوئواري ڪئي پئي. 1937ع مئي ۾ انقلاب جي سڀ کان مضبوط ڳڙهہ بارسلونا کي چٽي، اُنهن فاشزم خلاف وڙهڻ کي وڏيڪ مشڪل پڻ بڻائي ڇڏيو. انهن قيمت چڪائي جڏهن فرانڪو 1939ع جنوريءَ ۾ بارسلونا ڏانهن بنا رنڊڪ جي مارچ ڪئي ۽ ڪجهہ هفتن کانپوءِ ميڊرڊ ۾ ريپبلڪن جنرل ڪميونسٽن جي خلاف ٿي پيا.

ڪجهہ ماڻهو فرانڪو جي فوج جو ذڪر ڪندي 'فاشسٽ' اصطلاح ڪتب آڻڻ تي سوال اٿارين ٿا. ايتريقدر جو ايرڪ هابسوام دعويٰ ڪري ٿو تہ 'جنرل فرانڪو کي فاشسٽ طور بيان نہ ٿو ڪري سگهجي.' اُهي هن جي 'تحريڪ' ۽ اٽليءَ جي فاشسٽ ۽ جرمن نازين جي وچ ۾ فرق تي ڌيان ڏين ٿا. انهن جي خيال ۾ فاشسٽ لائين تحت هڪ آمراڻي عوامي پارٽي ٺاهڻ جي ڪوشش ئي هڪڙو عنصر آهي. هن تحريڪ ۾ پراڻي طرز جا شاهہ پرست هئا، گڏوگڏ جنرل جن فقط هڪ قسم جو اقتدار تي قبضو چاهيو پئي، جيڪو عمل صدين کان ٿيندو رهيو پئي، رجعت پرست زميندار، پادري ۽ 'ڪارلسٽ' (Carlist) نيواريءَ جا ننڍا آبادگار شامل هئا. جن جو مقصد سماج کي تحقيقات (Inquisition) جي ڏينهن ڏانهن موٽائڻ هو.

اهو دليل ناڪاره آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو ٽراٽسڪيءَ طرفان پيش ڪيل 'گڏيل ۽ غيرمتوازن ترقيءَ' جي عمل کي نظرانداز ڪري ٿو. 1930ع ۾ اسپين هڪ پسمانده جاگيردار طبقي، پسمانده سرمائيدار طبقي، هڪ پسمانده فوج ۽ هڪ پسمانده چرچ سان هڪ پسمانده ملڪ هو پر اهو جديد عالمي سرمائيدار دنيا جو اڻٽٽ حصو هو جتي ترقي يافتہ صنعت جا مرڪز ۽ هڪ طاقتور پلي پوءِ ٿورو پورهيت طبقو جيڪو جدوجهد جون جديد ۽ انقلابي صورتون استعمال ڪرڻ جي قابل هو. دقيانوسي حڪمران طبقي ۽ وچولي طبقي رد ـ انقلابي جدوجهد جون جديد صورتن کي اپنائيندي

ردعمل ڪيو. 1934ع ۾ ان جي معنيٰ ڊولفس جي ’مُلان – فاشزم‘ جي نقل ڪرڻ جي ڪوشش ۽ 1936ع جي انقلابي سال ۾ ان جي معنيٰ مڪمل طور تي مسوليني ۽ هٽلر جي فاشزم ڏانهن پيش رفت ڪرڻ هئي. نقل بلڪل ساڳيو نہ هو ان ۾ مختلف روايتون ۽ مختلف نندا ۽ وڏا ملڪيتي طبقا گڏ هئا. پر نتيجو چا نڪتو هڪ سچي پچي عوامي تحريڪ جيڪا اهو ڪجهہ ڪرڻ جي قابل هئي، جيئن ڪنهن بہ فوجي قبضي نہ ڪيو هوندو نہ صرف مخالف ڌر کي هارائڻ پر پورهيت تحريڪ جي بنيادي تنظيمي ڍانچي کي تباهہ ڪرڻ جي قابل هئي. فرانڪو جي فتح جي نتيجي ۾ اندازن 5 لک ماڻهن کي موت جي سزا ڏني وئي، ماڻهن جو وڏو تعداد جلاوطن ٿي ويو. ايندڙ ڏهاڪن تائين لبرل خيالن جو کلي عام اظهار ممڪن نہ رهيو. ويندي 1960ع ڌاري پورهيت تحريڪ جي بحالي ٿي. اُهي جن 1936ع جي 19–18 جولاءِ تي رڪاوٽون هٽائي اچلائي ڇڏيون، سي فاشزم سان وڙهندا رهيا. وچولي طبقي جي سياستدانن جن جي خيال ۾ مفاهمت ممڪن هئي، جيئن ماضيءَ ۾ شاهہ پرست حڪومتن ۽ فوجي جنرلن سان مفاهمت ٿيندي هئي، تن بنيادي غلطي ڪئي.

باب ائون

صديءَ جي اڌ رات

وڪٽر سرگي طرفان 1939ع ۾ شايع ڪرايل ناول جو عنوان "صديءَ جي اڌ رات" هو. ان ۾ هن پنهنجي زندگيءَ جي اميدن ۽ مجموعي طور تي سموري انسانذات سان جيڪو ڪجهہ ٿيندي ڏٺو انهن احساسن جو اظهار ڪيو.

سرگيءَ کي پهرين عالمي جنگ کان اڳ فرانس ۾ هڪ انارڪسٽ (Anarchist) طور قيد ڪيو ويو هو. هن بارسلونا ۾ پورهيتن جي تحريڪ ۾ حصو ورتو ۽ پوءِ انقلابي حڪومت لاءِ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيڻ لاءِ روس هليو ويو. 1923ع ۾ جرمنيءَ ۾ ڪميونسٽ انٽرنيشنل لاءِ ڪم ڪيائين. 1920ع ڌاري روس ڏانهن موٽنديءَ هن اسٽالن ازم جي مخالف ڌر جو ساٿ ڏنو هو ۽ نتيجي طور روسي گلاگ ۾ ٽي سال گهاريائين. 1930ع ڌاري ٿيل خونريزيءَ کان ٿورو اڳ فرانس ۾ اندريس مالراڪس جهڙن ڪاهيءَ ڌر جي دانشورن جي ڪوشش سان روس مان بچي نڪري ويو پر ڪيترائي دوست ۽ ڪامريڊ پوئتي رهجي ويا, جن مٿان تشدد ڪيو ويو ۽ موت جون سزائن ڏنيون ويون. ٻيا دوست وري هٽلر جي گيسٽاپو جي هٿ چڙهيا جن تشدد ۽ ظلم برداشت ڪيا. اسپين ۾ سرگيءَ جي دوست جوڪين مارن, فرانڪو جي جيل ۾ 20 سالن جي سزا ڪٽي پئي ۽ هڪ ٻئي ايندريس نن جيڪو POUM پارٽيءَ جو ميمبر پڻ هو ان کي بارسلونا ۾ روسي ايجنٽن ماري ڇڏيو. هڪ ياٻي صورت ۾ آمريت سڄي يورپ ۾ ڦهلجي وئي.

فقط سرگي نہ هو جنهن انهيءَ ڀيانڪ حقيقت کي منهن ڏنو هزارين ماڻهو جيڪي بهتر دنيا لاءِ وڙهيا هئا تن پنهنجو پاڻ کي مخالف رياستن جي مشينريءَ جي وچ ۾ ڦاٿل ڏٺو. 1940ع ۾ روسي پوليس هٽان جرمن ڪميونسٽن کي گيسٽاپو حوالي ڪيو ويو پولش يهودي 1939ع ۾ جرمن فوجن جي پيش رفت سبب اوڀر طرف ڀڄي ويا, پر ڪين روس جي گلاگ ۾ قيد ڪيو ويو. نازي جرمنيءَ جي مهاجرن کي برطانيا ۾ جاسوس طور نظر بند ڪيو ويو. ريپبلڪن اسپين مان بچي نڪتل سپاهين کي ريپبلڪن فرانس حراستي ڪيمپن ۾ ڦٽو ڪيو اسپيني ريپبلڪ جي روسي صلاحڪارن کي ماسڪو ڏانهن موٽنديءَ 'فاشسٽ ايجنٽ' سڏي موت جي ننڊ سمهاريو ويو.

1917ع جي زنده يادگار طور ليون ٽراٽسڪي هر شي کي تلمبند ڪيو جنهن سان هر قسم جي حڪومتن نفرت پئي ڪئي. هي ترڪيءَ ڏانهن جلاوطن ٿيو, فرانس ۾

ريڊيڪل حڪومت ۽ ناروي مان هڪ سوشل ڊيموڪريٽڪ حڪومت طرفان بيدخل ڪيو ويو. نازي حڪومت طرفان قبضي کان ڪجهه وقت اڳ برل ۾ سندس ڌيءُ کي خودڪشيءَ ڏانهن ڌڪيو ويو. هڪ پُٽ گلاگ ۾ مري ويس ۽ هڪ کي پئرس ۾ روسي ايجنٽ هٿان زهر ڏنو ويو. ٽراٽسڪيءَ کي پاڻ 1940ع ۾ ميڪسيڪو ۾ ايجنٽ هٿان قتل ڪرايو ويو. هن جي نظر ۾ نازي ازم ۽ اسٽالن ازم جي وچ ۾ 'پيٽ' واضح هئي. ٻنهي ۾ وڏي حڪمران پارٽي، مقدما، ڳجهي پوليس، حراستي ڪيمپون ۽ آزاد سوچ يا آزاد فني اظهار لاءِ گنجائش کان انڪار ساڳيا هئا.

تنهن هوندي بہ هاٽوڪي روايتي نقطہ نظر تہ اسٽالن ازم ۽ نازي ازم هڪجهڙا هئا، ان کان هن جي راءِ بلڪل مختلف هئي. اهو نقطہ نظر نازين جي ظلمن کي آسانيءَ سان ڍڪي ڇڏي ٿو.[224] هن جي خيال ۾ سوويت يونين اجان ٿوري گهٽي 'پورهيت رياست' هئي، توڙي جو 'ڪامورا شاهيءَ جو راڄ' هو پر صنعت قومي ملڪيت هئي. سندس ان دليل ۾ ڪو وزن نہ هو جيڪڏهن سياسي ڍانچن تي پورهيتن جو ڪنٽرول نہ هو ۽ ٽراٽسڪي بلڪل درست نموني زور ڏنو تہ وري انهن ڍانچن هٿان هلندڙ صنعتن جا 'مالڪ' اُهي نہ هئا. اُهي ائين ئي استحصال جو شڪار ٿيندڙ پورهيت هئا، جيئن ئي دنيا ۾. 1917ع جي انقلاب کي سياسي ۽ اقتصادي طور تي قتل ڪيو ويو.

بهرحال، ان جي معنيٰ اها ناهي تہ هن طرفان اسٽالن ازم ۽ نازي ازم جي وچ ۾ فرق تي زور ڏيڻ ڪو غلط هو. هڪ پسمانده ملڪ ۾ هڪ نئين حڪمران طبقي طرفان روسي رياستي سرمائيداري ٺاهي وئي، جنهن وڌيڪ ترقي يافتہ مخالفن سان اقتصادي ۽ فوجي حوالي سان برابري پئي ڪئي. انهيءَ ڪري ماڻهن کي غلامي، موت، جيلن، ملڪ نيڪاليون ۽ بُکون پوڳڻيون پيون.

ان جي ابتڙ نازي ازم اڳئي تيار صنعتي سرمائيداريءَ جي پيداوار هو. جرمن حڪمران طبقي هڪ گهري اقتصادي بحران مان جان ڇڏائڻ جو فقط هڪڙو ئي طريقو ڏٺو تہ سياسي اختيار هڪ آمراڻي تحريڪ جي حوالي ڪجي، جيڪا بحران هٿان چريو ڪيل وچولي طبقي جي غيرعقلي خوابن تي ٻڌل هجي. انهيءَ عمل جي انتها ئي عالمي جنگ جي صورت ۾ ظاهر ٿي، ترقي يافتہ صنعتي طريقن سان منظم نموني لکين ماڻهن کي ڌرتيءَ تان ميساري ڇڏڻ، ڇاڪاڻ تہ انهن جي هڪ مخصوص نسلي سڃاڻپ هئي. روس ۾ لکين ماڻهن کي ليبر ڪيمپن ۾ رکيو ويو جتي ڏهن مان هڪ ڪم ڪندي مري ويو. هٽلر وٽ ساڳيون ڪيمپون هيون، پر انهن سان گڏ وڏي پيماني تي هن موت جون ڪيمپون پڻ ٺاهيون، جن ۾ لکين ماڻهن کي گئس ڏئي ماريو ويو. ٻنهي ظلم کان ڪم ورتو پر بربريتون مختلف قسم جون هيون، جيڪي سرمائيداريءَ جي مختلف مرحلن واري ترقيءَ سان ٺهڪندڙ هيون. قومي شاونزم ۽ يهودي دشمنيءَ ۾ لکين ماڻهن پوڳيو. فقط ڪجهه لک يهودي ۽ جپسي بچيا، جن هٽلر جي حڪومت هيٺ پوڳنا پوڳي ۽ سلامت رهيا انهيءَ لاءِ لفظ 'نسل ڪشي' ٺهڪي ٿو پر روس لاءِ نہ.

بيشڪ اهي جيڪي مري ويا، تن لاءِ انهيءَ فرق جي ڪا معنيٰ ناهي. نازي تحريڪ جي مرڪز ۾ اهي ماڻهو هئا، جن جون خاصيتون بربريت، نسل پرستي ۽ نسل ڪشي، 'رت ۽ وقار' جون پوڄاري هيون. اولهه ۽ ٽين دنيا ۾ روسي تحريڪن جو مرڪز اهي ماڻهو جن پنهنجو پاڻ کي آمريتي نظام تي پاڙڻ کان لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ شاونزم ۽ يهودي دشمنيءَ تي ماٺ رهيا. اُنهن پاڻ کي روس سان سلهاڙيو چاڪاڻ تہ اُهي سرمائيداريءَ جي وحشت کان بهتر نظام پيا چاهين ۽ ڪين يقين هو تہ اهي شيون روس ۾ وجود رکن ٿيون.

اولهه ۽ ٽين دنيا ۾ اُسريل مختلف نازي تحريڪن جو مقصد پورهيت طبقي جي تنظيمن کي ٽوڙڻ هو ان جي ابتڙ ڪميونسٽ تحريڪن، پورهيتن جي مفادن لاءِ ويڙهه کي گڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهنڪري ڪين سوويت يونين جي حڪمرانن جي گهرجن مطابق هلڻو پيو. ڪيترين ئي جدوجهدون ناڪام ٿيون، ائين ئي جيئن سوشل ڊيموڪريٽڪ اڳواڻن جي ورتاءَ سبب ٿيو پر اهو سڀ ڪجهہ نازين طرفان پورهيت تحريڪن کي منظم نموني چٿڻ وانگر نہ هو.

آمريڪي خواب جو بحران

لبرل ڏرين کي 1930ع ڌاري اميد جي هڪ علامت نظر پئي آئي ۽ اها آمريڪا ۾ هئي. 1932ع جي آخر ۾ وڏي بحران جي سڀ کان ڳنڀير دور ۾ چونڊن هڪ نئين ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي ڪانگريس پيدا ڪئي هئي ۽ هڪ نئون صدر فرينڪلن ڊي روزويلٽ اهي ماڻهو يقينن انقلابي نہ هئا ۽ ايتريقدر جو يورپي قسم جا سوشل ڊيموڪريٽڪ سُڌار پسند بہ نہ هئا. ڊيموڪريٽڪ پارٽي غلام مالڪن جي هئي ۽ ڏکڻ واسي عليحدگي پسند اچن، ڏکڻ واسي سياسي آقائن ۽ چند وڏن سرمائيدارن جو اتحاد تي آڌاريل هئي.

پر 1932ع جي آخر ۾ آمريڪي سرمائيداريءَ ۽ عوام جي ڪيفيت مايوسيءَ جوڳي هئي. ان جو اظهار ان احساس ۾ ٿيو تہ معيشيت کي هلائڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻو پوندو. ڪانگريس هفتي ۾ ڪم جو وقت 30 ڪلاڪ تائين ڪرڻ جي بل تي سنجيده غور ويچار ڪيو تہ جيئن وڌيڪ ملازمتون پيدا ڪري سگهجن. آخر ۾ روزويلٽ هنگامي اختيارن هيٺ زور لڳايو جن سرمائيداريءَ جي ڪاروهنوار تي رياستي ڪنٽرول کي وڌايو. انهن ۾ وفاقي بچت بئنڪ ذريعي بئنڪن جي فنڊن جون ضمانتون، شين جون قيمتون وڌائڻ لاءِ حڪومتي پيسن سان فصل خريدڻ ۽ انهن کي تباهہ ڪرڻ، 23 لک بيروزگار نوجوانن لاءِ ڪم مهيا ڪرڻ خاطر هڪ سرڪاري تعميراتي ڪور (Corp) ناهڻ، ڪارٽيلن ذريعي قيمتن ۽ پيداوار جي سطح کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ صنعت کي اصولن مطابق هلائڻ جي محدود صورت، Tennessee Valley Authority ذريعي محدود سڌي رياستي پيداوار ۾ اهڙا قدم کڻڻ، جيڪي پورهيتن کي يونين ناهڻ ۽

اجرتون وڌائڻ ۾ آساني ڪن، ائين گراهڪن جي طلب کي وڌائڻ پڻ شامل هئا. جنهن رفتار ۽ بهادريءَ سان انهن قدمن کي عمل ۾ آندو ويو، تنهن اقتصادي بحران جون تڪليفون پوڳيندڙن ۾ جوش پيدا ڪيو ۽ سياسي لبرل جن فاشزم يا سوشلسٽ انقلاب جو متبادل چاهيو پئي اهي اڳوڻين انتظاميائن جي بلڪل ابتڙ بيٺي نظر پئي آيا. گهٽ ۾ گهٽ روزويلٽ مان لڳو پئي ته ڪجهه ملازمتون مهيا ڪندو پلي پوءِ اجرتون ڪٽي معمولي ۽ حالتون ابتر ئي ڇو نه هجن.

بهرحال، روزويلٽ طرفان ڪيل ڪم نه ڪو جديد هئا، نه ئي ايترا موثر جيئن اڪثر ماڻهن سوچيو پئي. روزويلٽ هڪ حوالي سان انتهائي ڪٽر رهيو هن بحران کي ٽوڙڻ لاءِ سرڪاري خرچ استعمال نه ڪيا. اصل ۾ هن ملازمن جي پينشن ۽ سرڪاري ملازمتن کي گهٽائي ڇڏيو. جيئن ڪنڊلبرگر لکي ٿو ته، 'ملازمتون وڌائڻ لاءِ مالياتي وسيلا محدود رهيا، ڇاڪاڻ ته روزويلٽ حڪومت هيٺ ڊيموڪريٽڪ انتظاميا هڪ متوازن بجيٽ سان چهٽيل رهي'.[225] هن اها تجويز پڻ ڏني ته سيڙپ صفا هيٺين سطح کان شروع ڪرڻي پوندي، جيڪا (1929ع ۾ 16 ارب ڊالرن کان 1932ع ۾ 1 ارب ڊالرن تائين) ڪِري پيئي هئي ۽ هڪ پيرو بئنڪن جي ناڪامين جي سطح چوٽيءَ تي پهتي هئي، تڏهن هن ائين ڪرڻ شروع ڪيو.

بهرحال، روزويلٽ پيداوار کي 1920ع واري 59 سيڪڙو جي سطح کان 1933ع جي مارچ کان جولاءِ تائين 100 سيڪڙو تائين وڌايو ۽ بيروزگاريءَ ۾ گهٽتائي 1933ع ۾ 13.7 ملين هئي، سا 1934ع ۾ 12.4 ملين ۽ 1935ع ۾ 12 ملين ٿي وئي. گهڻن ماڻهن جي خيال ۾ سندس 'نئين ڊيل' (New Deal) معجزا ڪري ڏيکاريا. اها ڏندڪٿا اڄان تائين غالب آهي. جيتوڻيڪ 1937ع ۾ سٽن مان هڪ ماڻهو اڃان تائين بيروزگار هو، جڏهن ته پيداوار اٺ سال اڳ واري سطح تائين پهتي.

پوءِ 1937ع جي آگسٽ ۾ 'آمريڪا جي تاريخ جي سڀ کان وڏي اقتصادي لاٽ' تي جنهن '1932ع کان حاصل ٿيل اڌ ميدان' وڃائي ڇڏيو.[226] چار مهينن ۾ اسٽيل جي پيداوار ٻه ڀاڱي ٽي کان وڌيڪ ڪِري پئي ۽ ڪپڙي جي صنعت جي پيداوار اٽڪل 40 سيڪڙو.

اقتصادي بحاليءَ ٿورو عرصو جٽاءُ ڪيو پر مزدور يونينن جي حقن ۾ ٿوريءَ بهتريءَ سان گڏ ان جو هڪ انتهائي اهم فائدو ٿيو. ان پورهيتن جي حلقن منجهه سندن ويڙهه جي صلاحيت بابت اعتماد جو نئين احساس پيدا ڪيو. مزدور يونينن ۾ گهڻا ماڻهو ڀرتي ٿيا. توڙي جو ڪارخانيدارن ۽ پوليس طرفان اڃان تائين مٿن حملا ٿيندا هئا. روزويلٽ جي نئين ڊيل جي پهرين ڇهن مهينن ۾ 15 کان وڌيڪ هڙتالين کي ماريو ويو 200 کي زخمي ڪيو ويو جڏهن ته سوين ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو.[227] پر 1934ع ۾ ٽن هڙتالن ڏيکاريو ته اهو اعتماد اقتصادي بحران سبب پيدا ٿيل ڪاوڙ ۽ نفرت سان گڏجي، ڪيئين ڏماڪو ڪري سگهي ٿو جنهن جو اظهار 1919ع ۾ اسٽيل هڙتال جي شڪست

ڪان پوءِ نہ ٿيو هو. ٽوليڊو وٽ آٽولائيٽ ڪار ڪمپونٽ پورهيتن، مينيپوليس (Mineapoliss) ۾ ٽرڪون هلائيندڙ ۽ سين فرانسسڪو ۾ پاٽيءَ جو ڪم ڪندڙ پورهيتن جنگجو انداز ۾ عدالتي حڪمن کي ٽوڙي، هڙتال ٽوڙيندڙن ۽ پوليس خلاف پنهنجو دفاع ڪيو ۽ زبردست فتحون ماڻيون. پيو تہ اهي جنگجو سوشلسٽ هئا، جن انهن جدوجهدن مان هرهڪ جي سرواڻي ڪئي، مينيپولس ۾ ٽراٽسڪائيٽ، سين فرانسسڪو ۾ ڪميونسٽن ۽ ٽوليڊو ۾ اڳوٽي ريڊيڪل مبلغ اي. جي. مسٽ اڳواڻي ڪئي. انهن جهيڙن کانپوءِ ٽريڊ يونينن اهم آٽو صنعت ۾ پڙتيون شروع ڪيون.

مزدور يونينون ڪيترن سالن کان پنهنجي رُڪنيت وڃائي رهيون هيون، 1920ع ۾ چاليهہ لک رُڪنيت 1933ع ۾ 20 لک ٿي وئي ۽ انهيءَ زوال سان حڪومت ۽ حڪمران طبقي جي حلقن اندر سندن اثر پڻ گهٽجي ويو. هاڻي اُنهن پيهر پنهنجو اثر بحال ڪيو. ڪاٽيون ڪوٽيندڙن جي يونين اڳواڻ جان ايل لوئس جي رهنمائي هيٺ سندن هڪ گروهہ هڪ آرگنائيزنگ ڪميٽي سي. آءِ. او ٺاهي، جنهن جو مقصد ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ لکين پورهيتن کي صنعتي يونين ۾ پڙتي ڪرڻ هو.

ڪيترن علائقن ۾ نئين تنظيم جي نهڻ، پورهيتن کي ويڙهہ جا طريقا نقل ڪرڻ لاءِ اتساهيو جن 1934ع ۾ ڪين سوڀون ڏياريون. اڪرون، اوهيو ۾ گُڊييئر ۽ فائراسٽون ربڙ جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن ڌرڻو هڻي 1935ع جي ڊسمبر ۽ 1936ع جي جنوريءَ ۾ انتظاميا کي هڙتالون ٽوڙڻ کان روڪيو. گڊييئر ڪارخاني جي چوڌاري چونڪيون قائم ڪري هڙتال ٽوڙڻ لاءِ ايندڙ پوليس کي اچڻ کان روڪيو ويو.[228] انهيءَ سال 40 کان وڌيڪ ڌرڻا لڳا. سڀ کان وڏو ۽ سڀ کان اهم ڌرڻو ڊسمبر ڌاري مچيگن، فلنٽ ۾ جنرل موٽرس ڪارخانن ۾ شروع ٿيو. هڙتال جي آخر تائين ڪمپنيءَ جي 1 لک 50 هزار مزدورن مان هڪ لک چاليهہ هزار يا تہ ڌرڻن ۾ ويٺا يا چونڪيون ڏنائون. ان وقت جيئن بين هڙتالن ۾ ٿيو ڪين عدالتي حڪمن جي خطرن ۽ هٿياربند پوليس جي حملن سان مقابلو ڪرڻو پيو. پر آخر ۾ آمريڪا جي سڀ کان وڏي شيون ٺاهيندڙ ڪمپنيءَ کي يونين جي وجود کي تسليم ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو. جيئن ان دور جو هڪ يونين ڪارڪن آرٽ پريس ياد ڏياري ٿو:

طبقاتي جدوجهد جي ٻوڏ وارا دروازا کوليا ويا. ’ڌرڻا هڻي ويهي رهو‘ واري آواز جا ملڪ جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين پڙاڏا ٿيڻ لڳا. جنرل موٽرس جي هڙتال جي پڄاڻيءَ کان مهينو پوءِ اٽڪل هڪ لک 93 هزار پورهيتن 247 ڌرڻن ۾ شموليت ڪئي، 1937ع جي پڄاڻيءَ تائين اٽڪل پنج لک پورهيتن اهو هٿيار ڪنيو... ڌرڻا هر قسم جي صنعت ۽ تجارت تائين پکڙجي ويا.... چرسلر آٽو مزدورن، ويسٽرن يونين پيغام رسائيندڙن، هوٽلن ۽ ريسٽورانٽ جي ملازمن، ٽوپي ٺاهيندڙن ۽ وڪڻندڙن، اسٽور سيلز وومين، جُلدساز پورهيتن، گند ڪچرو ميڙيندڙن، شيشو ٺاهيندڙن ۽ ٽائر ٺاهيندڙ مزدورن.[229]

اٽڪل 18 لک پورهيتن هڙتالن ۾ حصو ورتو جن کي حمايتي ڪميٽين، جهڙوڪ: ’عورتن جي مددگار ادارن‘، جن ڏرڙن کي کاڌ خوراڪ پهچائي ۽ ڳائڻن جي ٽولن کين تفريح مهيا ڪئي. 1937ع جي آخر تائين ڪُل يونين رُڪنيت 70 لک کان وڌيڪ هئي. يعني، چار سال اڳ کان 50 لک وڌيڪ.

هڙتالن ۾ ايتري سگهه هئي، جو اُنهن آمريڪي سرمائيداريت جي سڄي ثقافت کي بدلائي غالب انفراديت پسنديءَ، جنهن ’آمريڪي خواب‘ جي ڏندڪٿا هيٺ دعويٰ ڪئي پئي تہ ڪوبہ فرد اڪيلي وڏي ترقي ڪري سگهي ٿو ۽ نسل پرستيءَ کي يونين سازيءَ کي للڪاريو ۽ ٻنهي عنصرن کي بدلائي ڇڏيو. جتي مزدور يونينون ڪامياب ٿيون، اُتي پورهيتن منجهہ هڪ نئين قسم جي اجتماعي عمل واري نئين ثقافت جنم ورتو جنهن جو اظهار ’سدائين لاءِ يڪجهتي‘ واري گيت ۾ ٿيو جيڪو ڏرڙن ۾ ڳايو ويو ۽ ڊيٽروٽ جهڙن شهرن ۾ نسل پرستيءَ کي مرحليوار ختم ڪرڻ لڳو. آمريڪي سماج ۾ سي. آءِ. او ئي فقط وڏي پيماني جو ادارو هو جتي اڇي چمڙيءَ وارن سان گڏ ڪاري چمڙيءَ وارن کي ’سچي پچي شموليت‘ جو موقعو هو.[230]

هڪ اهم مسئلي يونين سازيءَ جي امڪاني سگهہ کي مڪمل صورت وٺڻ کان روڪيو اها هئي سياست جيڪا يونين تحريڪ سان گڏ وڌي پئي. 1936ع کان اڳ وارن سالن جي يونين سازي ’غيرسياسي‘ هئي. يونين اڳواڻن جي اڪثريت سمجهيو تہ آمريڪي سرمائيداري سماج کي بهتر نموني منظم ڪرڻ ۾ انتظام هلائڻ جي قابل آهي ۽ انهن مُک ڌارا جي سياسي پارٽيءَ جي مقامي سياستدانن سان ناتہ ڪيا. مثال طور، جان ايل لوئس ’سياست ۾ هڪ ريپبلڪن هو اقتصاديات ۾ ايڊم سمٿ جو پيروڪار ۽ پنهنجي يونين ۾ هڪ مطلق العنان‘.[231] نون سي. آءِ. او اڳواڻن جي خيال ۾ روزويلٽ ۽ ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ سان اتحاد سندن مقصد کي اڳتي وڌائڻ جو گس آهي.

روزويلٽ اليڪشن ۾ سي. آءِ. او طرفان سندس حق ۾ مهم هلائڻ واري خيال کي پسند ڪيو پر هي سرمائيدارن کي پريشان ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو جيڪي پڻ هن جي حمايت ڪن پيا. 1937ع جي آخر ۾ ان جو ڊرامائي اظهار ٿيو جڏهن جان ايل لوئس اسٽيل صنعت ۾ سڀ کان وڏي تنظيم ساز تحريڪ جي ذميواري کنئي. سي. آءِ. او (مزدور يونين) 433 ڪُل وقتي ۽ جزوي وقتي انتظام هلائيندڙ مقرر ڪيا، جيڪي 35 علائقائي آفيسن مان ڪم کي هلائين پيا. جنرل موٽرس جي هڙتال کانپوءِ، ڪيترن اسٽيل ڪمپنين اسٽيل آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ کي هڪ يونين طور نئين سر منظم ڪيو پر وڏن ادارن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ مئي ۾ آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ هڙتال جو سڏ ڏنو جنهن ۾ 75 هزار مزدورن حصو ورتو. ڪمپنين طرفان سخت ردعمل ٿيو جهڙو انهن 1919ع جي اسٽيل هڙتال وقت ڏيکاريو هو. اُنهن ’ڪمپنين جي غنڊن، ڊپٽين، پوليس ۽ نيشنل گارڊ سان‘ چونڪين تي حملا ڪيا.... 18 هڙتالين کي ڪُٺو ويو.

ڪيترائي زخمي ٿيا، سوين ميمبرن کي گرفتار ڪيو ويو.[232] آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ مزدورن کي اهڙي قسم جي هلان کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار نہ ڪيو هو ڇاڪاڻ تہ اُن کي ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي حڪومت ۽ ميئر ۾ اعتماد هو جن ساڻن تنظيم سازيءَ وقت همدردي ڪئي هئي. ان 'پورهيتن کي ٻڌايو تہ "نئين ڊيل" وارا سيئي سرڪاري ڪامورا "پورهيت دوست" آهن ۽ هڙتالين کي گهرجي تہ "امن جي قيام" لاءِ موڪلي ويندڙ نيشنل گارڊ، رياستي فوجن ۽ پوليس جي "آجيان ڪن".[233] پورهيت مڪمل مايوس ٿيا، جڏهن انهن 'دوستن' مٿن ڏنڊن ۽ گولين سان حملا ڪيا. پينسيلوانيا ۾ ٻهرين جمهوري گورنر طرفان جان استون اسٽيل ٽائون ۾ 44 ڏينهن لاءِ مارشل لا نافذ ڪئي وئي. رياستي فوجن ڪارخانو ٻيهر کوليو چونڪين جو تعداد ڇهن تائين محدود ڪري ڇڏيو ويو ڪارخاني ۾ ڪيترائي هڙتال ٽوڙيندڙ اماڻيائون. ينگس ٽائون، اوهيو ۾ جتي پڻ هڪ ڊيموڪريٽڪ گورنر هو، ڊپٽين ٻن چونڪين تي گوليون هلايون. شڪاگو ۾ ڊيموڪريٽڪ ميئر طرفان موڪليل پوليس ڏهن هڙتالين کي ماري ڇڏيو. جڏهن سي. آءِ. او اڳواڻن روزويلٽ ڏانهن مدد لاءِ واجهايو تہ هن ڦٽڪار ڪندي اعلان ڪيو تہ 'توهان جي ٻنهي گهرن تي پليگ'.[234] تنظيم سازيءَ جي سڀ کان وڏي مهم کي تڏهن ٽوڙيو ويو جڏهن معيشيت ٻڏڻ شروع ٿي ۽ هڪ نئين بحران ڏانهن وڌڻ لڳي.

ايندڙ ٻن سالن ۾ سي. آءِ. او ٻنهنجن ابتدائي 22 مهينن دوران منظم ڪيل ميمبرن ۾ ڇٽن لک جو اضافو ڪيو. 1939ع ۾ 1937ع جيترين اڌ هڙتالون ٿيون. ٻيو تہ يونين اڳواڻ گهٽو ڪري ڪارخانن جي مالڪن جا ساٿاري بڻجي ويا ۽ ميمبرسازيءَ کي محدود ڪري، احتجاج کي محدود ڪري ڇڏيائون. آٽو يونين ۾ قيادت جي منظوريءَ کانسواءِ ڪنهن بہ اخبار يا ڇپائي، تي بندش وڌي وئي، جڏهن تہ ايندڙ پنجن سالن تائين نئين ٺاهيل اسٽيل يونين ۾ ڪابہ چونڊ نہ ڪرائي وئي. 36-1934ع جي هيٺين سطح جي پاڻمرادي جدوجهد بدران مٿان کان سخت ڪنٽرول جاءِ والاري.

ڪيترن ڪارڪنن انهيءَ رجحان جي مزاحمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جيئن فرانس ۽ اسپين ۾ ٿيو سندن ڪوششن کي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي رويي وڏيڪ ڏکيو بڻائي ڇڏيو. ان 37-1934ع جي جدوجهد ۾ مُک ڪردار ادا ڪيو هو سي. آءِ. او جي يونين سازيءَ جي مهم ۾ ڪميونسٽ ڪارڪنن وٽ انتظام هلائيندڙ طور اهم عهدا هئا ۽ سندن همت ۽ بهادريءَ وڏي تعداد ۾ نين ڀرتين کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو هو. 1935ع تائين ڪميونسٽ پارٽيءَ زور ڏنو تہ روزويلٽ هڪ سرمائيدار سياستدان آهي ۽ نئين ڊيل هڪ دوکو آهي. پوءِ ڪميونسٽ پارٽيءَ ڦيرو (يو ٽرن) ڪاڌو ۽ 'پاپولر فرنٽ' واري سياست جي ٻنهنجي فڪر سان روزويلٽ ۽ نئين ڊيل جي ڊيموڪريٽن جي آجيان ڪئي. پارٽيءَ، يونين اڳواڻن سان گڏجي انهن سياستدانن جي ڪردار بابت خوشفهميون پکيڙڻ ۽ ٽريڊ يونين عهديدارن ۽ ڪارڪنن جي ضابطي، جيڪي شايد ڊيموڪريٽن

سان لاڳاپن ۾ رخنو وجهڻ لاءِ ڪم ڪيو. ٻي عالمي جنگ جي ابتدا وقت هٽلر- اسٽالن معاهدي دوران هڪ مختصر وقفي ڪانسواءِ اهو سلسلو ايندڙ ڏهن سالن تائين هلندو رهيو. ان يونين اڳواڻن کي اڪثر يونين مٿان ڪامورڪو اختيار قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، هڪ اختيار جيڪو اُنهن 1940ع ۾ ڪنهن به قسم جي ڪميونسٽ اثر کي تباهه ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو.

اهڙي رويي جا اهم نظرياتي نتيجا نڪتا. ليڪن، فنڪارن، فلمون ٺاهيندڙن ۽ موسيقارن اوچتوئي پنهنجو پاڻ کي هڪ اهڙي سماج ۾ ڏٺو جنهن کي وال اسٽريٽ جي ڊير ٿيڻ ۽ بحران لوڏي وڌو. سمورن پراڻن قدرن تي سوال اٿاريا ويا، ڇاڪاڻ ته حڪمران طبقي عارضي طور تي پنهنجي رُخ جو احساس وڃائي ڇڏيو ۽ عوام وچولي طبقي جي وسيع حلقن سميت حڪمران طبقي ۾ پنهنجو اعتماد وڃائي ڇڏيو. 1934ع کان اڳتي نون قدرن جي هڪ پوري سلسلي کي هڙتالي تحريڪ ۽ ٽريڊ يونين ازم جي اڀار هٿان ڦٽو ڪيو ويو. ان جو اثر نه صرف اعليٰ فن ۽ ادب تي پيو پر عوامي موسيقي ۽ هالي ووڊ خوابن جي ڪارخاني تي پڻ ٿيو ۽ ائين ئي اُهي عالمي غلبي جي ابتدا ڪري رهيا هئا.

ان جو عڪس لکيڪن، جهڙوڪ: ڊان پاسوس، رچرڊ رائيٽ، رالف ايلسن، ڊشيل هيمٽ ۽ جان اسٽين بيڪ، فلمسازن، جهڙوڪ: چارلي چپلن، جوزف لوسي، نڪولس ري، ايليا ڪزن ۽ نوجوان اورسن ويلز ۽ موسيقارن، جهڙوڪ: آرون ڪاپلينڊ، ووڊي گٿري، پال رابسن، ڊزي گليسپي ۽ ايتريقدر جو نوجوان فرينڪ سناترا جي ڪمن ۾ پڻ ظاهر ٿيو. پر نئين ڊيل جي اچڻ سان اهڙن منحرف وهڪرن لاءِ وري مُک ڌارا ڏانهن واپسيءَ جا در کليا. نئين ڊيل وفاقي منصوبن ۾ نيون ملازمتون مهيا ڪيون، نون ميگزينن ۽ ريڊيو پروگرامن ۾ گنجائش پيدا ٿي ۽ هالي ووڊ جا دروازا کليا. 'نئين ڊيل' وارن ڊيموڪريٽن جيئن نئين سي. آءِ. او يونينن کي هلائيندڙ ڪامورن کي ڏٺو تيئن دانشورن کي هڪ پرت طور ڏٺائون، جيڪا سماج تي مجموعي طور تي استحصال جو هڪ نئون انداز مڙهڻ ۾ مدد ڪري سگهي.

1936ع تائين دانشوراڻي ڪابي ڌر اهڙن رجحانن جي مزاحمت ڪئي، پنهنجن ۽ روزويلٽ جي مقصدن ۾ چٽو فرق ڏيکاريو 'پورهيت فن' تي زور ڏنو جنهن نظريي ۽ عمل ۾ پنهنجين سمورين خامين هوندي پورهيت طبقاتي جدوجهد ۽ پورهيت طبقي جي ٻُڌندڙن ۾ لاڳاپو قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جڏهن ڪميونسٽ پارٽيءَ روزويلٽ جي پٺڀرائي ڪئي ته اهو رجحان بدلجي ويو. ان فن دانشورن جي پاڻمرادي انقلابي ڪوشش کي هاڻي سماج کي اونڌو ڪرڻ طرف نه، پر سماج اندر رهندي دٻاءَ پيدا ڪرڻ تي زور ڏنو. ان جو هڪڙو پاسو ساڄيءَ ڌر طرفان استعمال ٿيندڙ 'آمريڪن ازم' جي ٻوليءَ کي اپنائڻ هو. '20 هين صديءَ جو آمريڪن ازم، ڪميونزم آهي' پارٽيءَ جو نعرو بڻجي ويو. پيو ته همدردي رکندڙ ليکڪن ۽ فلمسازن وچٽرو موقف قبوليندي، هالي ووڊ

اسٽوڊيوز اندر پنهنجي اثر ۾ ڪيريئر کي وڌايو. انهيءَ عمل ڪيترن انقلابي فنڪارن جي ڪاپي ڌر ڏانهن لاڙي کي ڪمزور ڪيو. ان کين مک ڌارا واري هالي ووڊ يا ٽن پين الائي (Tin Pan Alley) سان رعايتون ڪرڻ جو آسان گس ونڻ لاءِ همٿايو.

1930ع جي سڀ کان وڌيڪ قابل ترين ناول نگارن مان هڪ جيمز ٽي فيرل نشاندهي ڪئي:

نئين ڊيل جي ثقافتي ماحول، جيڪو 1930ع دوران وڌيو ويجهو ان جو عڪس ڪيترن موشن پڪچرز ريڊيو ڊرامن ۽ جنگي دور جي ناولن ۾ ظاهر ٿيو. عام ماڻهوءَ جي نام نهاد عوامي ادب پيدا ڪرڻ ۾ مدد ملي. ان نئين عوامي (neo-populist) فن ۽ ادب سيني نسلن، عقيدن ۽ طبقن کي ڳنڍڻ جي ذريعي طور آمريڪن ازم جي تصور تي زور ڏنو. هڪ ادب جنهن طبقاتي فرقن جي ڳالهه ڪئي پئي، ان بدران هن نئين ادب عام طور تي انهيءَ تصور کي زور ونايو ته عام ماڻهو انسان آهي، اهو تصور پڻ ڪتب آندو ويو ته شاهوڪار به آمريڪي ئي آهن ۽ اهي عام ماڻهن وانگر آهن.[235]

ڪميونسٽ پارٽيءَ طرفان روزويلٽ کي قبولڻ وارو عمل، رالف ايلسن جي ناول 'نه ڏسڻ ۾ ايندڙ ماڻهو' جي ڪاري چمڙيءَ واري هيرو وانگر اهڙن ردعمل ڏانهن پڻ وٺي ويو جڏهن هن کي پارٽي ("پاڻپي" طور) هارليم ۾ ڪارن جي جدوجهد کي روڪي رکڻ لاءِ چيو ته هي سوشلزم مان مايوس ٿيو 'اسان ٻين سياسي گروهن سان عارضي اتحاد ڪريون ٿا ۽ پاڻن جي هڪ گروهه جي مفادن کي سموري سماج لاءِ قربان ڪريون ٿا'.[236] ايلسن ۽ رچرڊ رائيٽ جهڙن ليکڪن جي بيزاريءَ ڪيترن ٻين ڪاريءَ چمڙيءَ وارن ڪارڪنن کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪيو ته سوشلسٽ اڇي چمڙيءَ وارن جو هڪ ٻيو گروهه آهن، جيڪي کين استعمال ڪرڻ چاهين ٿا. ان دوران اڇيءَ چمڙيءَ وارن دانشورن، جن کي پنهنجا مايوسيءَ وارا تجربا هئا، تن جو پڻ اهو ئي خيال هو ته سوشلسٽ ٻين سياسي گروهن وانگر ناجائز فائدو وٺن ٿا. ڪجهه ته ايترو بدلجي ويا جو 1940ع ۽ 1950ع ۾ ڪميونسٽ دشمن حملن جي حمايت ڪرڻ لڳا.

بهرحال، ڪنهن به نظرياتي لاڙي جنهن آمريڪي خواب جي ڏندڪٿا کي للڪاريو پئي، جيئن ئي ان خواب عوامي موسيقي ۽ فلم ذريعي دنيا کي موهڻ جي شروعات ڪئي ته ان سان به ساڳيو حشر ڪيو ويو. جيئن آمريڪي پورهيت تحريڪ جي ترقيءَ کي ڪٽي مختصر ڪيو ويو هو.

بحران کان جنگ تائين

معاشي بحران رياستن توڙي طبقن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ کي جنم ڏنو. هر هڪ ملڪ جي حڪمرانن ٻاهران مخالفن جي خرچ تي پنهنجو پاڻ تان دٻاءُ هلڪو ڪرڻ چاهيو پئي. هڪ کان پوءِ ٻئي پنهنجي ناڻي جي مُلهه کي گهٽائيندي ۽ محصولاتي حدبنديون

وڌائيندي، ملڪ اندر پيدا ٿيل شين جي وڪري کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي. وسيع پيماني تي 'اقتصادي خود ڪفيلي' جو رجحان وڌڻ لڳو. يعني، قومي رياست جي حدن اندر جيترو ممڪن ٿي سگهي شيون پيدا ڪرڻ.

(پهرين عالمي جنگ کي ڇڏي ڪري) خود رياست اڳ کان وڌيڪ اقتصادي سرگرمين ۾ سڌي ريت شامل ٿيڻ لڳي، غيرموثر ادارن کي جبري طور تي بند ڪندي ڪجهه صنعتن کي عقلي بنيادن تي بيهاريو ۽ ڪجهه شعبن تي سڌي رياستي مالڪي قائم ڪئي ته جيئن ٻين جي ڪاميابيءَ جي امڪان کي وڌائجي. ايتريقدر جو برطانيا ۾ ڪنزرويٽو 'قومي' حڪومت بجليءَ جي رسد، قومي هوائي اڏن ۽ ڪوئلي جون کاڻيون کوٽڻ وارن حقن کي قومي ملڪيت ۾ وٺي ڇڏيو. (جڏهن ته سرمائيدار ملڪ سدائين سوشلسٽ رٿابنديءَ ۽ معيشيت مٿان رياستي ڪنٽرول کي ننديندا رهيا هئا.)

لاطيني آمريڪا ۽ يورپ جا ڪجهه ملڪ جيڪي صنعتي طور تي گهٽ ترقي يافته هئا، سي ان معاملي ۾ به وڪون اڳتي نڪري ويا. برازيل ۾ ورگاس ۽ ارجنٽائين ۾ پيرون جهڙين 'عوامي' حڪومتن وڏي پيماني تي رياستي ملڪيت وارا شعبا قائم ڪيا. پولينڊ ۾ هڪ ساڄيءَ ڌر جي حڪومت، ڊگهي مدي جي اقتصادي رٿا جو بنياد رکيو ۽ اٽليءَ ۾ مسولينيءَ عالمي اقتصادي بحران جي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ رياست طرفان هلندڙ ڪمپنيون ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي.

بهرحال، سرمائيدارن جي هرهڪ قومي گروهه کي ترقي ڏيارڻ لاءِ رياست جي استعمال ۽ انفرادي رياست جي محدود سرحدن کان ٻاهر وسيلن تائين پهچ لاءِ سيني سرمائيدارن جي خواهشن جي وچ ۾ هڪ تضاد هو. انهيءَ تضاد کي هم آهنگ ڪرڻ جو هڪڙو ئي طريقو هو ته، رياستي ڪنٽرول هيٺ ملڪ جي ايراضيءَ کي وڌايو وڃي. جنهن ڪري رسمي سلطنتون ۽ غيررسمي 'حلقه اثر' اهم بڻجي ويا. اقتصادي خودڪفيليءَ جي معنيٰ وڏين طاقتن جي غلبي هيٺ 'ناڻي وارا بلاڪ' يعني، ڊالر بلاڪ، اسٽرلنگ بلاڪ، سون وارو بلاڪ (فرانس ۽ ان جي سلطنت تي ٻڌل)، مارڪ بلاڪ ۽ سوويت يونين هئا. جيئن 1932ع ۾ معيشيتدان ايلون هينسن نشاندهي ڪئي:

هر هڪ ملڪ پنهنجو حلقه اثر ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان حلقه اثر ۾ ٻين قومن جي سرمائيدارن جي داخلا تي پهرين طاقت کي ڪاوڙ لڳي پئي. آمريڪا يورپي طاقتن کي لاطيني آمريڪا مان پنهنجا قرض وصول ڪرڻ کان بحري ناڪابندين ذريعي روڪي ڇڏيو.... ساڳئي ريت، پرڏيهي سرمائي جي گهڙڻ ڪانپوءِ جو داستان آفريقا، ويجهي اوڀر مٿان غلبي لاءِ يورپي طاقتن وچ ۾ ڊگهي جدوجهد (جيڪا اڃان تائين ختم نه ٿي آهي) ۽ بالڪن (Balkan) رياستن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ اڻسڌيءَ ريت اقتصادي، مالياتي ۽ فوجي حمايت ۽ گراهڪي، بين الاقوامي تڪرارن ۽ ڇڪتاڻ جي داستانن ڀريل آهي.[237]

حلقہ اثر هر هنڌ ساڳيا نہ هئا. برطانيا، فرانس، آمريڪا ۽ سوويت يونين جي حاڪمن وسيع ايراضين مٿان راڄ ڪيو پئي. يورپي ڪنڌ ۾ سڀ کان وڏي صنعتي طاقت، يعني: جرمني وٽ ڪا بہ ڪالوني نہ هئي ۽ پهرين عالمي جنگ جي پڄاڻيءَ وقت جرمني ورسلز معاهدي هيٺ ٻين طاقتن طرفان مڙهيل تنگ سرحدن اندر قيد ٿيل هئي. جيئن اسان مٿي ذڪر ڪيو بحران جي اثر سبب وڏن جرمن ڪاروباري ماڻهن ورسلز معاهدي هيٺ مڙهيل حدبندين کي ٽوڙڻ لاءِ مهم پئي هلائي. جرمنيءَ جنگ پهرين عالمي جي آخر ۾ پولينڊ ڏانهن وڃايل جرمن علائقن جي بحالي، جرمن ڳالهائيندڙ آسٽرين رياست ۽ چيڪ سرحدي زمينون (سوڊٽنلينڊ) ۽ ڏکڻ اوڀر يورپ ڏانهن پنهنجي بالادستيءَ لاءِ زور ڏيڻ چاهيو پئي. هٽلر جي فتح فقط پورهيتن مٿان سرمائي جي سوڀ نہ هئي، اها اُنهن قوتن جي سوڀ پڻ هئي، جن جرمن سرمائيداريءَ جي بحران کي حل ڪرڻ لاءِ ٻين وڏين طاقتن جي خرچ تي فوجي پکيڙ جي پاليسيءَ تي عمل ڪرڻ چاهيو پئي.

جرمنيءَ جو وڏو صنعتي گروهہ، گهٽ يا وڌ خوشيءَ سان، پنهنجين ڪوششن کي هم آهنگ ڪرڻ لاءِ راضي هو ۽ اُن سيڙپ جي مرڪزي ورڇ، پرڏيهي تجارت مٿان رياستي ڪنٽرول ۽ خام مال جي رياستي ورڇ کي قبول ڪيو. هڪ وڏي سرمائيدار ٿائيسن سخت اعتراض ڪيو جيڪو هٽلر جي مالياتي مدد ڪندڙ پهرين ماڻهن منجهان هو پر بعد ۾ هن کان نازي پارٽيءَ ملڪيت کسي ورتي ۽ هي پرڏيهہ ڀڄي وڃڻ تي مجبور ٿيو. جڏهن تہ 1945ع ۾ جرمنيءَ جي جنگي شڪست تائين ٻين جرمن سرمائيدارن نازين سان گڏجي انتهائي وڏا منافعا ڪمايا.

فوجي رياستي سرمائيداريت تي ٻڌل هڪ خود ڪفيل معيشيت جي قيام کي هٿي ملي، جنهنڪري هٿياربند پکيڙ زور ورتو. هٿيارن جي صنعتن کي خام مال ۽ وسيلن جي ضرورت هئي. نازي حڪومت 20_1918ع جي انقلابي اُڀار وارين يادگيرن سبب جرمن پورهيتن کي گهٽو دٻائڻ تي خوش نہ هئي. نازي حڪومت ڪم جي وقت کي وڌائي ڇڏيو ۽ ڪم جو وزن شديد ڪري ڇڏيو پر ان عام شين جي پيداوار وڌائڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي تہ جئين پورهيتن ۽ هيٺين وچولن طبقن منجهہ ڪاوڙ جي سطح کي محدود ڪري سگهجي.[238] وسيلن حاصل ڪرڻ جو فقط هڪڙو ئي گس هو تہ وڏيڪ ايراضيءَ تي قبضو ڪجي. آسٽريا جي زرعي اپت، چيڪ جي هٿيارن واري صنعت، السڪ- لورين جو لوهہ ۽ اسٽيل جي گنجائش، پولينڊ جي ڪوئلي ۽ رومانيا جو تيل جرمن معيشيت جي وٿين کي پري سگهيو پئي، ڇاڪاڻ تہ انهن علائقن جي پورهيتن کان جرمن پورهيتن کان گهٽ اُجرت ۽ اڪثر ڪري غلامڻين حالتن هيٺ ڪم وٺي سگهجي پيو. ائين سرمائيدارن جي گهرجن ۽ 'رهڻ جي جاءِ' (Lebensraum) ۽ غير جرمن ماڻهن کي 'نيم انسان' سمجهڻ واري نازي نظريي جي وچ ۾ هڪجهڙائپ پيدا ٿي پئي.

جرمن حڪمت عمليءَ تي اوڀر ايشيا ۾ جاپان عمل ڪيو پئي. جاپان اڳئي تائيوان

۽ ڪوريا کي پنهنجيون ڪالونيون بڻائي چڪو هو ۽ اترين چين ۾ ڪجھ علائقي تي قبضو ڪري ورتو هيائين. 1931ع ۾ عالمي اقتصادي بحران جي ردعمل ۾ جاپان اُتر چين جو منچوريا علائقو کسي ورتو. پوءِ 1930ع ۾ ٽوڪيو ۾ اقتدار تي فوجي قبضي ڪانپوءِ ڻاهيل حڪومت چين تي ڪاهه ڪئي ۽ جاپان ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ اولهه جي سلطنتن جي ذرڙن، يعني: ڊچ ايسٽ انڊيز ملايا، بورنيو ۽ سنگاپور ۾ برطانوي ڪالونين، انڊوچائنا ۾ فرينچ ڪالونين ۽ آمريڪا جي انتظام هيٺ فلپائين ۾ اکيون وجهڻ شروع ڪيون.

ننڍي پيماني تي مسوليني جي اٽليءَ صومالي لينڊ، ايريٽيريا ۽ لبيا سان گڏ ايٿوپيا کي هڙپ ڪري، پنهنجي بڻنڪي سلطنت کي پکيڙڻ چاهيو پئي ۽ مسوليني يوگوسلاويا جي ساموندي ڪناري تي ايڊريٽڪ ۽ البانيا کي قبائڻ جي موقعي تي تاڙ ۾ هو.

مستحڪم سامراجي طاقتون برطانيا، فرانس، هالينڊ، بيلجيم ۽ آمريڪا ردعمل جي حوالي سان منجهيل هيون. انهن جا مختلف مفاد هئا. برطانيا ۽ فرانس وچ اوير ۾ بالادستي لاءِ هڪٻئي کي ٽيلها پئي ڏنا. آمريڪي حڪمران طبقي جي هڪ حلقي برطانيا کي بالادست بين الاقوامي طاقت تان هٽائڻ چاهيو پئي ۽ آمريڪا اڳئي تيل سان مالامال سعودي عرب تي فيصلاڪن اثر قائم ڪري ورتو جڏهن ته فرانس کي اوير يورپ ۾ اتحادين کي ڳنڍي رکڻ جي ڳڻتي هئي ته ج.ئن جرمنيءَ کي سندس سرحد ڏانهن حرڪت ڪرڻ کان ٽيڙي سگهجي. انهن سيني سامراجي ملڪن ۽ سلطنتن ۾ اهڙا طاقتور گروهه هئا، جن پورهيت طبقي جي تنظيمن ۽ ڪاٻي ڌر تي بين الاقوامي ڪاهه ڪرڻ لاءِ نازي ازم کي هاڪاري اتحادي پئي سمجهيو. جڏهن ته ڪين پنهنجي پرڏيهي دشمن جي صورت ۾ جرمني، اٽلي يا جاپان بدران روس نظر پئي آيو. ان جو چٽو اظهار اسپيني گهرو جنگ دوران ٿيو جڏهن اولهه جا 'جمهوري' حڪمران هٽلر ۽ مسوليني مان خوش هئا، جن 'عدم مداخلت' واري معاهدي تي ٽوڪون پئي ڪيون ڇاڪاڻ ته فرانڪو سندن سلطنتن لاءِ خطرو نه هو.

اٽلي انهن سامراجي طاقتن جي جذبن جو فائدو کڻڻ جي قابل هئي، جڏهن ان 1935ع ۾ ايٿوپيا تي حملو ڪيو ۽ ساڳئي نموني جاپان منچوريا تي قبضو ۽ چين تي حملو ڪيو. پوءِ 1938ع ۾ هٽلر جو وارو آيو جڏهن هن مارچ ۾ آسٽريا کي زبردستي جرمنيءَ سان ڳنڍي ڇڏيو ۽ پوءِ اونهاري ۾ چيڪوسلاويڪا (Czechoslovakia) جي جرمن ڳالهائيندڙ سرحدي علائقن جو مطالبو ڪيائين. برطانوي ۽ فرينچ حڪمران طبقن جي غالب حلقن کي هٽلر جي مخالفت ڪندي جنگ جو جوکم کڻڻ ۾ ڪا عقلي ڳالهه نظر نه آئي.

هٽلر نسل پرست نفسياتي بيماريءَ ۾ ورتل هو جنهن جرمنيءَ کي غيرجرمن نسلن کان نسلي طور تي 'صاف' ڪندي، يورپ ۾ مرڪزي قوت ۽ عالمي طاقت ۾ غالب حيثيت ڏيارڻ پئي چاهي. جڏهن ته 1930ع ۾ جرمن سرمائيداريءَ جي نقطه نظر کان به اها

حڪمت عملي عقلي هئي. هٽلر عملي طور تي هڪ حد تائين آزمايو تہ ٻيون سامراجي طاقتون ڪيس جرمن حلقہ اثر کي ڪيستائين وڌائڻ ڏينديون.

هٽلر ساڳي عقليت جو اظهار ڪيو جڏهن مالتوف-ربن ٽراپ معاهدي هيٺ، اسٽالن سان پولينڊ کي ورهائڻ تي اتفاق ڪرڻ ڪانپوءِ هن 1939ع جي اونهاري ۾ پولينڊ کي ڌمڪي ڏني. هن کي خبر هئي تہ جرمنيءَ وٽ هڪ جنگي مهم هلائڻ لاءِ ٻن مهينن کان وڌيڪ وسيلا ناهن، پر هٽلر اندازو لڳائي ورتو تہ جيتري برطانيا ۽ فرانس طرفان چيڪ جي مدد ڪئي وئي هئي، سي (برطانيا ۽ فرانس) بہ هاڻي پولينڊ جي حمايت نہ ڪندا. بهرحال، 1938ع جي ڊسمبر ۾ برطانوي حڪومت مڃيو هو تہ، پولينڊ، جرمني جي هڪ مريد رياست هجڻ گهرجي ۽ برطانوي جنرل اسٽاف تسليم ڪيو هو تہ (جنگ جي صورت ۾) پولينڊ جو دفاع نہ ٿو ڪري سگهجي. هٽلر کي خبر هئي تہ ڪجهہ ڏينهن اندر پولينڊ کي فتح ڪري سگهجي ٿو. هن کي اها بہ پڪ هئي تہ جيڪڏهن فرانس ۽ برطانيا مداخلت نہ ڪئي تہ هي جلدي ئي فرانس کي هارائڻ جي قابل ٿي ويندو ۽ پوءِ ان جا ۽ برطانيا جا حاڪم هن سان ڳالهيون ڪرڻ تي راضي ٿيندا. ان واعدي هيٺ تہ هي سندن سلطنت کي نہ ڇُهندو.

هڪڙي ڳالهہ بابت هن کان غلطي ٿي وئي. برطانوي حڪمران طبقي ۾ ٻن سخت گير سامراجين، ونسٽن چرچل ۽ اينٿني ايڊن جي چوڌاري هڪ گروهہ ٺهيو جن جي خيال ۾ يورپي کنڊ ۾ جرمن حاڪميت برطانوي سلطنت لاءِ خطرو ٿي پوندي. مثال طور، جرمنيءَ جو پراڻو خواب هو تہ بالڪن ذريعي وچ اوير ڏانهن پکيڙ ڪري، برطانيا کي سندس انڊين سلطنت سان ڳنڍيندڙ تيل جي مالا مال ميدانن ۽ سئز ڪينال کي خطري ۾ وجهي. هٽلر جي ڪارروائين ٻين ماڻهن ۾ بہ خوف کي جنم ڏنو. هنن ايترو دٻاءُ پيدا ڪيو جو پولينڊ تي جرمن حملي ڪانپوءِ برطانيا ۽ فرانس کي اعلان جنگ ڪرڻو پيو ۽ نون مهينن ڪانپوءِ برطانوي حڪومت يورپ ۾ جرمنيءَ کي قبضن کان روڪيو.

هٽلر جا ٻيا اندازا درست ثابت ٿيا. فرينچ ۽ برطانوي حڪمران طبقي جو هڪ اهم حلقو ناخوشيءَ سان جنگ ۾ داخل ٿيو. هنن پولش واسين جي مدد ڪرڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو توڙي جو بعد وارن مقصدن جي پوراءِ لاءِ هنن پولش فوج جي هڪ حصي کي ڪڍي ورتو. پوءِ روس خلاف جنگ ۾ جرمنيءَ جي حمايت يافتہ فنش حڪومت جي پٺڀرائي ڪندي برطانيا 40-1939ع جو اهم سيارو گذاري ڇڏيو. هٽلر انهيءَ 'نقلي جنگ' کي استعمال ڪندي، ان کان اڳ جو جرمنيءَ جا پنهنجا محدود وسيلا خرچ ٿي وڃن، فرانس جي فوج کي شڪست ڏيڻ جي مقصد سان هالينڊ ۽ بيلجيم ذريعي فرانس مٿان وچ جي تيزيءَ وارو حملو ڪرڻ لاءِ تياري ڪئي.

فرانس خلاف هڪ تڪڙي فتح جي توقع بابت پڻ هٽلر جو اندازو دُرست هو. هڪ جرمن حملي 1940ع جي مئي ۾ ٻن هفتن اندر بيلجيم ۽ اترئين فرانس ۾ 'اتحادي' فوجن

جي چيلهه ڇڀي ڪري ڇڏي، مهيني جي آخر تائين برطانوي فوج کي ڊنڪرڪ تان پٺتي وڃڻ تي مجبور ڪيو ۽ 14 جون تي جرمن فوج پئرس ۾ داخل ٿي.

ان فتح مسوليني کي حوصلو ڏنو تہ جرمنيءَ جو پاسو وٺي جنگ ۾ داخل ٿئي ۽ هٽلر کي اولهہ ۽ مرڪزي يورپ جو غير تڪراري ڪنٽرول ملي ويو. هن کي ٻي ڪارروائيءَ بابت فيصلو ڪرڻ کان اڳ وقت ملي ويو پيلي پوءِ (برطانيا واري لڙائي ۾) ڏاکڻي انگلينڊ مٿان هوائي ويڙهہ ۾ هٽلري هوائي فوج جي ڪارڪردگي بهتر نہ هئي. فرانس مٿان فتح کان هڪ سال پوءِ هن هڪ پئي رخ ڏانهن وڌڻ جو فيصلو ڪيو. سياري کان اڳ هڪ آسان فتح جي توقع هيٺ اٿاهہ قوت سان روس خلاف وڄ جي تيزيءَ وانگر حملو ڪيو.

جنگ جي نوعيت

يورپ ۽ اتر آمريڪا ۾ ڪاٻي ڌر ۽ لبرل راءِ عامہ جنگ کي جمهوريت ۽ فاشزم جي وچ ۾ جنگ طور ڏٺو پئي. برطانيا ۾ ڊيلي ميل (جنهن جي اڌ مالڪي ٽريڊ يونين جي هئي)، ڊيلي مرر، ايوننگ اسٽنڊرڊ (سامراج پرست بيوربروڪ جي اخبار جنهن جي ايڊٽنگ ليبر جي ڪاٻي ڌر واري مائيڪل فٽ پئي ڪئي)، ڪاٻي ڌر ۽ لبرل نيوز ڪرانيڪل (Chronicle) ۽ سڀ کان وڌيڪ مقبول تصويري ميگزين پڪچر پوسٽ جهڙين اخبارن طرفان انهيءَ نقطہ نظر جو پرچار ڪيو ويو. اصل ۾ اهو عقيدي پرستاڻو نقطہ نظر آهي. مثال طور ايرڪ هابسبوام پنهنجي 20 هين صديءَ جي تاريخ ۾ ان جنگ کي ائين ئي سڏيو جيئن 19 هين صديءَ ۾ ان کي "ترقي ۽ واپسيءَ"[239] جي وچ ۾ جنگ سمجهيو ويندو هو.

تنهن هوندي بہ اها ڳالهہ اهڙي نہ هئي جو جنگ جي اتحادي پاسي وارين اهم شخصيتن کي آماده ڪري سگهي. برطانيا جو ونسٽن چرچل، جنهن جنگ جي معاملي ۾ روڪ جي مخالفت ڪئي، سو ساڳيو چرچل هو جيڪو اومڊرمن وٽ ٽيل ڪوس دوران موجود هو جنهن 1910ع ۾ ڪاٽيون ڪوٽينڊڙن جي هڙتالين مٿان گوليون هلائڻ لاءِ فوج اماڻي، برطانيا جي قبضي واري عراق ۾ ڪُرد باغين خلاف زهريلي گيس استعمال ڪرڻ لاءِ هوائي فوج کي حڪم ڏنو ۽ مسوليني جي ساراهہ ڪئي هئي. هن 1930ع ۾ انڊيا کي ڪجهہ مقامي اختيار ڏيڻ تي هڪ ڪنزرويٽو حڪومت تي تنقيد ڪئي ۽ سڄيءَ جنگ دوران هي سختيءَ سان ان ڳالهہ تي قائم رهيو تہ برطانيا جي بئنڪيتن ۾ ڪالونيل دشمن تحريڪن سان ڪي بہ رعايتون نہ ڪيون وڃن، توڙي جو ان سان جنگ جي ڪوشش ۾ مدد ملي پئي سگهي. هن اعلان ڪيو تہ 'آئون بادشاهہ جو پهريون وزير ناهيان، جيڪو برطانوي سلطنت کي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ جي اڳڪٿي ڪري ٿو.' هن پيلنا وٽ روزويلٽ ۽ اسٽالن کي ٻڌايو تہ 'جيستائين منهنجي جسم ۾ ساهہ آهي، برطانوي راڄ کي منتقل ڪرڻ جي اجازت نہ ملندي.'[240]

ہي وڏي طاقت جو اڳواڻ جوزف اسٽالن هو جيڪو 'فاشسٽ دشمن' اتحاد ۾ شامل ٿيو سو بہ چرچل کان گھٽ مختلف نہ هو. هن جي هوندي اجتماعي ملڪيت جي دهشت ٿي، يوڪرائين ۽ قازقستان ۾ ڏُڪار ٿيا. 1939ع ۾ هن پولينڊ کي ورهائڻ لاءِ هٽلر سان ٺاهہ ڪيو ۽ بالٽڪ جمهوريائن جو ڪنٽرول ٻيهر حاصل ڪيو. هٽلر جي ارادن بابت جاسوسن ۽ برلن ۾ سفارتخاني طرفان مليل چتائن کي نظرانداز ڪرڻ ڪانپوءِ اسٽالن کي 1941ع جي جون ۾ جرمن حملي هٿان جنگ ۾ زبردستيءَ آندو ويو. حملي جي پهرين هفتن جي ملندڙ ناڪامين جي ردعمل ۾ دهشت جو استعمال ڪيو ويو ۽ پوءِ 1917ع کان اڳ واري دور جي عظيم روسي قومپرستيءَ ڏانهن واپسي ڪندي اسٽالن پنهنجي نظرياتي حيثيت کي مضبوط ڪيو. هن پراڻن روسي جنرلن جي ساراهہ ڪئي، جن زار شاهي سلطنت لاءِ فتحون ڪيون هيون ۽ هٽلر خلاف جنگ کي 'عظيم فاشسٽ دشمن جنگ' نہ پر 'عظيم محب وطن جنگ' سڏيو. هن طرفان قومپرستيءَ ڏانهن ڦيري سبب ڪيترين غير روسي قوميتن تڪليف ڀوڳي. اسٽالن ڪرائمن تاتارن، چيچن ۽ وولگا جرمن کي هزارين ميل پري مرڪزي ۽ اوڀر ايشيا ڏانهن ملڪ نيڪالي ڏئي ڇڏي

'فاشسٽ مخالف' اڳواڻن ۾ ٽيون ماڻهو روزويلٽ هو. جنگ ۾ شامل ٿيڻ کان اڳ آمريڪي انتظاميا رسمي يورپي سلطنتن جي جاءِ تي هڪ 'غير رسمي' آمريڪي سلطنت اڏڻ جي موقعي کي استعمال ڪرڻ جي پاليسيءَ تي عمل ڪيو. جيئن تاريخ نويس اي جي پي ٽيلر سمجهائي ٿو:

1941ع جي مارچ ۾ روزويلٽ گڏيل مقصد طور اتحادي ڌر کي شيون ۽ خدمتون آڇي، جنگ جو سڀ کان وڏيڪ ڊرامائي سياسي ڏڪ هنيو. آمريڪا 'جمهوريت جو اسلحي خانو' بڻجي وئي (هنن ٻين ملڪن کي هٿيار مهيا ڪيا) ۽ پيسا بہ نہ گهريائون، پر دنيا کي ان جي انتهائي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پيئي. آمريڪي اختيارين عظيم برطانيا جي سون جا سمورا خزانا ۽ سندس پرڏيهي سيڙپ ڦٻائي ورتي. هنن برطانيا طرفان ملڪ کان ٻاهر شيون وڪرو ڪرڻ جي گنجائش کي محدود ڪري ڇڏيو ۽ ان جي جاءِ تي آمريڪي ڪاروباري ماڻهو انهن مارڪيٽن ۾ گهڙي پيو جتي هن مهل تائين برطانوي هئا.[241]

برطانوي پرڏيهي وزير اينٿني ايڊن بعد ۾ شڪايت ڪئي تہ روزويلٽ کي توقع هئي تہ اڳوڻا بئنڪي علائقا 'هڪ ڀيرو پنهنجن مالڪن کان آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ سياسي ۽ معاشي طور تي آمريڪا جا محتاج ٿي ويندا'.[242]

ڏور اوڀر ۾ ڪالونيل سلطنتن وچ ۾ معمولي ڳالهين تي جهيڙو هو جنهن آمريڪا کي سڌيءَ ريت جنگ ۾ آندو. جاپان ٻين ڪالونيل طاقتن جي خرچ تي پنهنجي سلطنت پکيڙڻ چاهي پئي، جيڪي جنگ هٿان صفا ڪمزور ٿي چڪا هئا ۽ جاپان ڏکڻ کان چين ۽ اتان کي فرينچ انڊو چائنا ڏانهن پيش رفت شروع ڪئي، پر ان خطي ۾ آمريڪا جا پنهنجا مفاد هئا. آمريڪا فلپائين تي ڪنٽرول ڪيو پئي ۽ چين ۾ چيانگ

ڪائي شيڪ ڏانهن نيهاريو پئي، جيڪو اڃان تائين اولهندي چين ۾ جاپان خلاف ميدان تي بيٺو هو سو آمريڪي سرمائي جو منظورِ نظر هو. جاپان سان هڪ دلاليءَ واري معاهدي جي ڪوشش ۾ ناڪاميءَ ڪانپوءِ، آمريڪا جاپان جي ناڪابندي ڪري ڇڏي، جنهن کي خام مال جي شديد ضرورت هئي. جاپان ردعمل طور آمريڪا جي بحري اڏي پرل هاربر تي حملو ڪري ڏنو ۽ ائين ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ فرينچ، ڊچ ۽ برطانوي ڪالونين کي هڙپ ڪرڻ آڏو وڏي رڪاوٽ کي هٽائي ڇڏيو.

گهڻن عام ماڻهن کي لڳي ٿو تہ نازي ازم خلاف ويڙهہ چرچل، اسٽالن ۽ روزويلٽ جي مقصدن کان بلڪل مختلف هئي. سچ پچ فاشزم خلاف نفرت هئي، خاص ڪري عوامي ميڊيا جي حلقن سمجهايو پئي تہ ان جي حقيقت ڇا هئي. انهيءَ مقبول راءِ عامہ کان 'ٽئي وڏا' اڳواڻ نٽائي نہ سگهيا. حڪمران طبقي جو چرچل ٽولو 1940ع جي اونهاري ۾ مايوس هو. برطانوي فوج پنهنجو اڪثر فوجي سامان وڃائي چڪي هئي، ان کي (غلطي سان) هڪ حملي جي توقع هئي، جنهن جي مزاحمت ڪرڻ ڏکي هوندي ۽ حڪمران طبقي جو ڳچ حصو هٽلر سان انهن شرطن تي هڪ راضپي جي حق ۾ هو جن کي چرچل ٽولي بيعزتيءَ طور ڏٺو پئي. چرچل واري ٽولي وٽ سياسي طور تي بچڻ جو هڪڙو ئي گس هو تہ اهو ليبر پارٽيءَ ۽ ٽريڊ يونين تحريڪ جي ڪامورن ڏانهن جهڪي. ان ليبر اڳواڻ ڪليمنٽ ايٽليءَ کي ڊپٽي وزيراعظم طور آندو ۽ سڀ کان اهم ٽريڊ يونين رهنما ايرنسٽ بيون کي جنگي معيشيت جي پورهئي وارين گهرجن جي نگرانيءَ جي ذميواري ڏني. ٽوري (Tory) پارٽيءَ جي جنگ کان اڳ واري سامراجي طبقي جي جنگي لفاظيءَ کي ترڪ ڪرڻ کانسواءِ اهڙي حڪومت کي ڳنڍي نہ پيو سگهجي. ان بدران ونسٽن چرچل 'آزادي'، 'جمهوريت' ۽ 'قومن جي حق خوداراديت' جون ڳالهيون ڪيون. اِن راشن سرشتي ذريعي ڪاڏي جي ڪوٽ جي پائيواري ڪئي (جنهن سان غريب پورهيت جي حصن لاءِ خوراڪ ۾ بهتري آئي، ٿوڙي جو شاهوڪار اڃان تائين عياشيءَ سان ڪائي پي سگهيا ٿي) ۽ جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ هڪ سُڌريل فلاحي سرشتي جو واعدو ڪيو. جيئن ايرنڊڙ ڪنزرويٽو تارو ڪيونٽن هوگ (بعد ۾ لارڊ هيلشم) مڃيو تہ، جيڪڏهن حڪومت ماڻهن لاءِ 'سُڌارو' نہ آڻي ها تہ 'انقلاب' جو جوکو هو.

آمريڪا ۾ ساڳي صورتحال هئي، جتي حڪومت فاشزم دشمنيءَ ۽ سامراج دشمنيءَ واري ٻولي ڪتب آندي، ايلينور روزويلٽ هر قسم جي لبرل مقصدن سان جهيڙيندي ۽ هالي ووڊ جنگ کان نٽائڻ لاءِ جنگ کان اڳ وارين نازي دشمن فلمن، جهڙوڪ: چپلن جي "عظيم آمر" کي وساري ڇڏيو.

ايتريقدر جو سوويت يونين ۾ قومي اقليتن جي وڏي دربدريءَ باوجود جنگ جي سالن ۾ دهشت ۾ ٿوري نرمي ٿي. گهٽ ۾ گهٽ دانشور حلقن ۾ مختصر عرصي لاءِ اهو احساس هو تہ جنگ ڪانپوءِ وارا سال مختلف هوندا، انهيءَ احساس جو عڪس اسٽالن

گراڊ ۾ هٽلر جي موتمار ڪيمپن بابت ويسلي گراسمين جي شاندار ناول "زندگي ۽ قسمت" ۾ نظر اچي ٿو.

تنهن هوندي بہ حڪمرانن جا مقصد سندن عوام کان بلڪل مختلف هئا. ان جو اظهار جنگ وقت ٿيو. 1940ع جي بهار ۾ فرانس جي شڪست ۽ 1943ع ۾ ڏاکڻي اٽليءَ ۾ اتحادي فوجن لهڻ وچ ۾ اڪثر برطانوي فوجن جي ويڙهہ اترئين آفريقا ۾ پئي ٿي. ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ چرچل سئز ڪينال ۽ تيل ذخيرن وارن علائقن سان ڇهتيل رهيو. هن کي نہ صرف جرمنيءَ بابت، پر آمريڪا بابت پڻ ڳڻتي هئي، جيئن سعودي عرب جي معاملي تي هن ۽ روزويلٽ جي وچ ۾ تيل هڪ سخت سفارتي تڪرار بابت ان جو اظهار ٿيو.

خود اٽليءَ مٿان حملو چرچل جي مٿي تي سوار ميڊيٽيرين ۾ برطانوي بالادستيءَ کي ٻيهر رائج ڪرڻ جو نتيجو هو. هن روس ۽ آمريڪا، ٻنهي طرفان دليلن کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ هن وقت فرانس ۾ هڪ ٻيو محاذ کوليو وڃي. جڏهن جنگ جون سڀ کان اهم لڙائيون اولهندي روس ۾ وڙهيون پئي ويون. ان بدران هن دعويٰ ڪئي تہ اٽلي ۽ بالڪن 'يورپ جو نرم غيرمحفوظ علائقو' آهي، توڙي جو جابلو علائقو هو معنيٰ تہ خونخوار لڙائيون ۽ تمام سست پيش رفت ٿي.

1942ع ۾ چرچل انڊيا لاءِ آزاديءَ جي اصول کي تسليم ڪرڻ انڪار ڪيو جڏهن اسٽالن گراڊ جي فيصلاڪن لڙائي هلي پئي تڏهن هزارين برطانوي فوجي نازين سان وڙهڻ بدران انڊيا ۾ مظاهرن کي بيرحميءَ سان ڪچلڻ ۾ مصروف هئا ۽ هڪ انڊين 'لبريشن فوج' ٺاهي وئي، جيڪا جاپان جو پاسو وٺي وڙهي پئي. ان ڪري انڊيا ۾ ڏُڪار پڻ جنم ورتو جنهن ڪري بنگال ۾ 30 لک ماڻهو مري ويا.

اسٽالن جي خواهش هئي تہ هٽلر سان اوير يورپ کي ورهائي، پر انهيءَ خواهش هيٺ سوويت يونين جرمن خطري کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. تنهنڪري جڏهن 1941ع ۾ مٿن ڪاهہ ڪئي وئي، تڏهن روس جون فوجون بلڪل تيار نہ هيون. ساڳئي ريت 1944ع ۾ روسي حلقہ اثر ۾ اضافو ڪرڻ جي نيت سان روسي فوجن کي پنتي روڪي رکيو ويو. جڏهن جرمن فوجون وارسا ۾ پولش مزاحمت هٿان ٿيل بغاوت کي ڪچليو پئي. شهر تباهہ ٿيڻ ڪانپوءِ روسي فوجن وستولا ندي پار ڪري شهر جو ڪنٽرول حاصل ڪيو.

ساڳئي نموني، جاپاني حڪومت طرفان هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي اشارن باوجود جنگ جي آخري ڏينهن ۾ آمريڪي حڪومت هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ مٿان ايٽم بم ڪيريا. آمريڪا ان عمل ذريعي روسي فوج جي پهچڻ کان اڳ جاپان طرفان هٿيار ڦٽا ڪرڻ کي يقيني بڻايو ڇاڪاڻ تہ سوويت فوجون جاپان جي قبضي واري منچوريا کي پار ڪري تيزيءَ سان وڌيون پئي ۽ ان سان جنگ ڪانپوءِ واري جاپان ۾ روس جي اهميت وڌي وڃي ها. هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ڪيرايل بمن مان اهو بہ ظاهر ٿيو تہ آمريڪا عالمي تسلط لاءِ ڪيڏو نہ پوائنتو طريقو استعمال ڪري سگهي ٿو.

تنهي وڏين طاقتن هٽلر لاءِ آسان بڻايو ته اهو جرمنيءَ مٿان پنهنجي پڪڙ کي قائم رکي. هنن طاقتن فقط نازين سان نه، پر سيني جرمن واسين سان دشمن وانگر سلوڪ ڪيو. هڪ سينيئر برطانوي سرڪاري ملازم وينسٽارٽ جرمنيءَ جي سموريءَ صنعت کي تباهه ڪرڻ ۽ ان کي هڪ زرعي ملڪ ۾ بدلائڻ جو خاڪو تيار ڪيو. برطانوي ۽ آمريڪي هوائي فوجن شهري آبادين مٿان بمباري ڪرڻ جي پاليسيءَ تي عمل ڪيو جنهنڪري هيمبرگ، ڪالنگي ۽ ڊريسڊن جيڪو فوجي حوالي سان اهم ئي نه هو مٿان بمباريءَ سبب هڪ لک عام شهري موت جو ڪاج بڻيا. روس ۾ ناول نگار ايليا اهرينبرگ ماڻهن کي سڏ ڏنو ته، 'جرمن کي ماريو جرمن کي ماريو جرمن کي ماريو'. اهڙيءَ حڪمت عمليءَ جرمن پورهيتن کي ڪا ترغيب مهيا نه ڪئي ته اهي پنهنجن حاڪمن خلاف ثي پون ۽ ائين هٽلر لاءِ آسان ٿي پيو ته آخر تائين پنهنجين فوجن کي ڳنڍي رکي.

قطعي بربريت

جرمنيءَ جي حڪمرانن جي بربريت تي ڪي به سوال ناهن. اولهه يورپ تي سندن قبضو وحشياڻو هو مقبوضه پولينڊ ۽ روس ۾ سندن چال چلت بربريت واري هئي ۽ يورپ جي يهودين سان سندن سلوڪ 20 هين صديءَ جي دهشت جي انتها هو پر اڃان به اهو سمجهڻ جي ضرورت آهي ته اهو ڪيئن ٿيو؟

اولهه ۽ ڪجھ اوير يورپ ۾ نازي پاليسيءَ پٺيان به محرڪ هئا. هڪ ته جيترو ممڪن ٿي سگهي گهٽ فوجن سان قبضو ڪيل ملڪن جو ڪنٽرول قائم رکڻ ۽ وڌ کان وڌ خوراڪ ۽ خام مال جرمنيءَ ڏانهن اماڻڻ. انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ جو سڀ کان آسان طريقو مقامي حڪومتن جو ساٿ هو جيڪي جرمنيءَ هيٺ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هيون ۽ مخالفن جون پاڙون پٽڻ ۽ خوراڪ ۽ سامان جي روانگيءَ جي نگراني ڪرڻ لاءِ مقامي پوليس کي استعمال ڪيو. اهو حاصل ڪرڻ ڏکيو نه هو چاڪاڻ ته سڄي يورپ جي ڪجھ حڪمران طبقي جرمن قبضي کي لڳاتار جنگ مٿان ملڪيتن جي تباهيءَ يا انقلاب کان گهٽ بڇڙو سمجهيو پئي. ايتريقدر جو اُهي حلقا جن اصولي طور تي جرمنيءَ جي مخالفت ڪئي، تن انهن لاءِ ڪم ڪندي منافعا ڪمائڻ جا عملي فائدا ڏٺا پئي.

قبضي هيٺ آيل ملڪن جي ڦرلٽ جرمن سرمائيداريءَ کي ڪجھ يورپ جي پورهيت قوت جو استحصال ڪرڻ ۽ پنهنجا جنگي خرچ ۽ ان جا منافعا برقرار رکڻ جي قابل بڻايو. ان سان پنهنجن جرمن پورهيتن کي سخت تڪليف ڏيڻ کان بچاءُ ٿي پيو جن کان نازي حڪمران سڀ کان گهڻو ڊنا پئي. جرمن پورهيت طبقي جنهن 23-1918ع ۾ هڪ انقلاب جو خطرو پيدا ڪيو (جيتوڻيڪ جرمن پورهيتن کي مشڪل سان 'مراعت يافته' حلقي طور بيان ڪري سگهجي، چاڪاڻ ته جنگ دوران سندن

معيار زندگي صفا ڪِري پيو ۽ اُنهن کي روسي محاذ ڏانهن موڪلي سگهجي پيو جتي مرڻ جو تعداد تمام گهڻو هو). جرمن سرمائيداري، مهانگي جرمن پوليس جي ضرورت ڪانسواءِ قبضو ڪيل علائقن جي پورهيتن کي دٻائي رکي سگهي، ان لاءِ ساٿاري سياستدانن ۽ ڪاروباري ماڻهن تي ڀاڙيو ورهايو ۽ حڪومت ڪريو جي زبردست حڪمت عملي اها هئي تہ 'جرمن کي تڏو ڪرڻ لاءِ ائين ڪريو يا تہ اُهي اچي ويندا يا تہ معاملا ويتر خراب ٿي ويندا.'

پر وقت سان گڏ مسئلا وڌندا رهيا. جرمنيءَ کي شيون مهيا ڪرڻ جو گهڻو بار قبضو ڪيل ملڪن جي پورهيت تي پئجي ويو. آخر ۾ اُهي فقط ايترو حاصل ڪري سگهيا، جو سندن ڏيهاڙي جي خوراڪ جو اڌ مهيا ڪري سگهن. انهن منجهہ سخت ڪاوڙ جنم ورتو ڪين جبري طور پرتي ڪري جرمنيءَ ۾ غلام پورهئي طور استعمال ڪرڻ جو جوکم پڻ هو جڏهن تہ سندن حاڪم قبضاگير قوتن سان گڏ رهيا پئي. قبضي جي ٽئين سال تائين هڙتالون ٿيڻ لڳيون، جبري ڀرتين ڪان نتائڻ لاءِ پورهيت ڏورانهن علائقن ڏانهن ڀڄي ويا ۽ منظم مزاحمت وڌڻ لڳي. جرمنيءَ ردعمل طور انهن جاين تي فوج کي مقرر ڪيو جنهن ۾ مخلص نازي گهٽ هئا. جڏهن تہ نازي تنظيمن ۾ گيستاپو هئي، جيڪا دهشت جي استعمال کان ڪيپائيندي ڪانہ هئي. فرانس، سلوواڪيا، ڪروشيا ۽ هنگريءَ جهڙن ملڪن ۾ هٽلر وڏ کان وڏ مقامي فاشسٽ ۽ نازي گروهن تي ڀاڙيو جن يهودين کي بيدخل ڪرڻ جهڙين پاليسين جي پوئواري ڪئي. مقامي يهودي دشمنيءَ جي روايتن سان ڪيڏندي، نازي ٽولن ماڻهن جي ڪاوڙ کي ٽيڙي ڇڏيو ۽ مقامي ساٿارين کي يهودين جا گهر ۽ سامان آڇيا.

پولينڊ تي قبضي ڪانپوءِ هڪ مختلف ۽ وڌيڪ غليظ گس ورتو ويو. نازي مقصد هيٺ ملڪ کي صفا چٽ ڪري، سليسيا واري اولهندي خطي کي جرمنيءَ سان ملائي ۽ غير جرمن آباديءَ کي تڙي ڪڍي ڇڏڻ هو. ٻيو مقصد اهو هو تہ مرڪزي پولينڊ کي 'بچت پورهيت' طور فوجي ڪنٽرول هيٺ برقرار رکجي (جڏهن تہ 1939ع کان 1941ع تائين اوڀر پولينڊ روس جي قبضي هيٺ هو). ان جي معنيٰ پراڻي پولش رياست جي روايتي اڳواڻن مان جان ڇڏائڻ هئي. ڪيترائي هزارين پولش ساٿاري هئا، پر اُنهن جرمن نگرانن هيٺ ڪم ڪار هلايو پئي. نازي پوليس وٽ زندگيءَ ۽ موت جو اختيار هو ۽ ان اختيار کي استعمال ڪيو جيئن ڪولڪو ٻڌائي ٿو تہ 'پولينڊ ۾ نازي دهشت پنهنجي ابتدا کان وٺي سندن مرضيءَ مطابق ۽ انتهائي خطرناڪ هئي، جنهن بابت اڳواٽ ڪوبہ اندازو نہ پيو لڳائي سگهجي تہ ڇا ٿيندو. شهرن ۾ هر وقت خطرن لامارا ڏنا پئي.'[243] اٽڪل 57 لک ماڻهن (آباديءَ جي 16 سيڪڙو) پنهنجيون حياتيون وڃايون. انهن مان اڌ يهودي هئا، جن کي 1939ع ۾ يهودين جي خاص علائقن (ghettos) ۾ ٻُڪن وگهي ۽ 1942ع کان وٺي موت جي ڪيمپن ڏانهن اماڻيو ويو. يهودين کي خاص چوڏاري بند

ڪالونين ۾ قيد ڪرڻ وارو عمل پولينڊ مٿان راڄ ڪرڻ واري سرمائيداري مقصد سان ٺهڪيو پئي، جڏهن پولش (۽ بعد ۾ لٿيانين، بيلورشين ۽ يوڪرينين) واسين سخت تڪيلفون پوڳي جرمنيءَ کي خوراڪ ۽ محنت مهيا ڪئي. جنگ کان اڳ وارن تعصبن کي يهودي اقليت خلاف سندن ڪاوڙ کي ڦيرائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو جنهن انهن کان وڌيڪ پوڳيو پئي. ان ورهايو ۽ حڪومت ڪريو جي پراڻي منطق تي عمل ڪيو پر اها منطق نازي پارٽيءَ جي قاتل نسل پرست نظريي سان پڻ ٺهڪندڙ هئي. جرمن قبضاگير فوجن کي ٻڌايو ويو ته اُهي آرين نسلن جا چونڊيل ماڻهو آهن، پولش واسي Untermenschen ۽ يهودي سڀ کان گهٽ نسل جا ڌاريا آهن، جن کي يورپ مان نيست نابود ڪرڻو آهي.

1941ع جي اونهاري ۾ روس مٿان جرمن حملي، جنهن کي باربروسا جو ڳجهو نالو ڏنو ويو ۾ دهشت جي اڃان مٿاهين سطح استعمال ڪئي وئي. اڳتي وڌندڙ جرمن فوجن دشمن رياست جي ڍانچي کي برباد ڪرڻ شروع ڪيو جيئن اُنهن پولينڊ ۾ ڪيو پر هتي اڃان وڌيڪ وسيع پيماني تي ۽ وسيع ايراضي ۾. اهو ڪم ايس ايس (SS) يونٽن کان ڪرايو ويو جيڪي محاذ پٺيان ڪم ڪندا هئا. يعني، سيني ڪميونسٽ ڪميسارن ۽ 'يهودي بالشوڪ عنصرن' کي قتل ڪرڻ. پهريون پيرو وڏي پيماني تي قتل جنگ جو لازم حصو بڻجي ويو پر اڃان تائين اهو عمل جنگي ڪارروائي طور ٿيو پئي ته جيئن روس جي حمايتي قوتن کي نئين سر گڏجي گوريلا جنگ ۽ پيچ ڍاهه جون ڪارروائيون ڪرڻ کان روڪجي. ائين پهريائين يهودي نوجوانن کي قتل ڪيو ويو جن جي ويڙهه جي عمر هئي.

جرمن فوج ماسڪو تائين پهچڻ ۾ ڪامياب نه ٿي ۽ ان انداز سان روس کي فتح نه ڪري سگهي، جيئن هٽلر توقع ڪئي پئي. اها مرڪزي يورپي برفاني ميدانن ۾ ڦاسي پئي ۽ اُن ڪانپوءِ اسٽالن گراڊ ۽ ڪُرسڪ وٽ دنيا جي تاريخ جي سڀ کان وڌين ۽ خونخوار لڙائين کي منهن ڏنائين. ابتدائي باربروسا فوج 30 لک هئي. 1945ع تائين اوڀر واري محاذ تي جرمن فوج اٽڪل 60 لک حياتيون وڃايون، جڏهن ته روسين جو تعداد هڪ ڪروڙ 30 لک تائين پهتو ۽ 70 لک عام شهري موت جو ڪاج بڻيا.[244]

جرمن فوجن جن حالتن کي منهن ڏنو پئي، سندن ڪماندرن ان لاءِ ڪڏهن به رٿابندي نه ڪئي هئي. جنگ ۾ ناقابل يقين بربريت کان ڪم ورتو ويو ۽ وحشي بڻيل سپاهي روسين ۽ يهودي شهرين جي قتل عام کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار هئا ته ڪٿي اُهي مزاحمتي سرگرمين جو حصو نه بڻجي وڃن. سرمائيداراڻي جنگ هڪ اهڙو ماحول پيدا ڪيو جنهن ۾ اهڙا واقعا ٿي سگهيا پئي ۽ اُهي پنهنجن سرمائيدار هيبتناڪ معيارن مطابق عقلي رهيا. اُن نازي قيادت کي هڪ اهڙي پاليسيءَ کي لاڳو ڪرڻ جي قابل بڻايو جيڪا انهن حالتن هوندي به عقلي نه هئي. يعني، يورپ جي سيني يهودين ۽ روما جپسي

آباديءَ کي پُڄھ پُوھہ ۾ ختم ڪرڻ جي ڪوشش. خاص ايس ايس Einsatzgruppen جتن يهودي عورتن ۽ ٻارن توڙي مردن کي قتل ڪرڻ شروع ڪيو جهڙوڪ: ڪيف ۾ سان بيبي يار ڪڏ جتي 1941ع جي سيپٽمبر ۾ 43 هزار ماڻهن جو ڪوس ڪيو ويو جڏهن تہ جرمن جنرلن کي اڃان تائين هڪ تڪڙي فتح جي توقع هئي. انهيءَ منصوبي جي 1942ع جي جنوريءَ ۾ وانسي ڪانفرنس ۾ منظوري ڏني وئي، جنهن لاءِ نازي پارٽي ۽ رياست جي درجي بنديءَ مان 14 اهم شخصيتن کي گڏ ڪيو ويو. اُنهن جرمنيءَ جي قبضي هيٺ آيل يورپ ۾ هر يهودي نسل جي ماڻهوءَ (جيڪي اٽڪل پنجاهہ يا سٺ لک هئا) جي سڃاڻپ لاءِ تفصيلي ميڪنزم جوڙيو تن کي انبارن جي صورت ۾ قيد ڪري ڪين 'نئين سر آباد ڪرڻ' جي بهاني هيٺ سوين ميل پري خاص ڪيمپن ڏانهن اماڻيو ويو. ڪين خاص عمارتن ۾ ڏڪيو ويو جتي ڪين گئس ڏئي ماريو ويو اهو سڀ ڪجهہ ائين ڪيو ويو ڄڻ تہ اُهي ماڻهو ڪنهن صنعتي اسيمبلي لائين جو حصو هجن.

جرمن سرمائيداريءَ جي معاشي يا جنگي ضرورتن جي حوالي سان انهن عملن جو ڪوبہ جواز نہ ٿو نهي. انهن ماريل مان ڪيترائي هنرمند مزدور يا پيشيور ماڻهو هئا، جيڪي جنگي معيشيت يا منافعو ڪمائڻ لاءِ ڪم اچي سگهيا پئي. انهن کي قتل ڪرڻ کان اڳ جن ڪمن لاءِ استعمال ڪيو ويو، تڏهن بہ سندن هنر سان نهڪندڙ ڪم نہ هئا. يورپ جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين لکين ماڻهن جي تحريڪ ريلوي لائينن پري چڙيو ۽ گاڏين کي ڪتب آندو ويو. جن ريل رستن ۽ گاڏين جي فوجن، هٿيارن ۽ صنعتي ادارن کي شديد ضرورت هئي. ڪامورا شاهي، جيڪا عام طرح وڏيڪ ڪارائتي ٿئي ها، سا انهيءَ آپريشن جي انتظامن ۾ مصروف ٿي وئي. ان باوجود اهو سلسلو جنگ جي آخر تائين ڏيهاڙي ۽ هفتوار نموني هلندو رهيو.

انهيءَ نسلي ظلم ۽ بربريت جو نظرياتي حوالي سان بہ ڪو مطلب نہ ٿو نڪري، جيئن جرمن عوام کي ان بابت ٻُڌايو ويو. اهو هڪ ڳجهو آپريشن هو هزارين ماڻهن کي انهيءَ ڪوس ۽ قتل عام بابت ضرور خبر هئي، جيڪو ڪجهہ ٿيو پئي ڪيترن ماڻهن کي اٽوٽندڙ لڳو پئي، پر اُنهن ڄاڻي واڻي پنهنجو ڌيان هٽائي ڇڏيو.[245] پر اهو عمل حڪومت کي عوامي حمايت ڏيارڻ جو ذريعو نہ هو.

توڻي جو نازي اڳواڻن کي دريافت ٿيو تہ جرمن سماج ۾ يهودي دشمنيءَ جو وڏي پيماني تي فائدو ڪٽي سگهجي ٿو پر ان جون بہ حدون هيون. مثال طور جڏهن 1938ع جي نومبر ۾ اُنهن ايس. اي جتن کي يهودي دُڪانن ۽ ڪاروبارن خلاف ڇوڙي ڇڏيو تہ ان جي نتيجي ۾ عوامي سطح تي مخالفت پڙڪي پئي. ڪيترائي ماڻهو جيڪي دنيا جي مسئلن لاءِ عام طور تي يهودين تي الزام هڻڻ لاءِ تيار هئا، سي ڪين تڪليفن ۾ ڏسي خوش نہ هئا. ان سان گڏ منتشر يهودي دشمنيءَ موجود هئي ۽ ان جي مقابلي ۾ ٻيا بہ ڪيترائي خيال هئا، جن انهيءَ قسم جي نسل پرستيءَ کي للڪاريو پئي. اهوئي سبب

هو جو سوشل ڊيموڪريٽ ۽ ڪميونسٽ اڳواڻ جن جو پسمنظر يهودي هو (ڪارل مارڪس کان وٺي روزا لڪسمبرگ تائين) تن جرمن پورهيتن جي وڏي تعداد جي وفاداري حاصل ڪئي، توڻي جو ڪجهه پورهيت يهودي دشمنيءَ جي روايت ۽ پرچار جي اثر هيٺ هئا. جرمن جمهوريہ جي گذريل سالن ۾ نازي پرچار جي آزمائش مان ظاهر ٿيو تہ هٽلر فقط يهودي دشمنيءَ تي پارٽي نہ ٺو سگهي ۽ ڪن جاين تي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ کيس اها ڳالهہ ٿڏي ڪرڻي پئي. ايتريقدر جو نازين جڏهن اقتدار تي قبضو ڪري ورتو هو ۽ انهن خيالن جي اظهار کي دٻائي ڇڏيو هو جن يهودي دشمنيءَ کي للڪاريو پئي، کين خبر پئي تہ اُهي بيروزگاري، ورسلز معاهدي ۽ هٽلر جو تاثر هڪ بين الاقوامي شخصيت طور اڀارڻ سان وڌيڪ بهتر موٽ ماڻي سگهن ٿا.

جتي يهودي دشمنيءَ نازي پارٽي، ايس اي ۽ ايس ايس جي اندروني حصن کي ترغيب ڏني ۽ انهن کي ڳنڍي رکڻ ۽ کين غيرمتحرڪ رجعتي ۽ سُست ٿيڻ کان روڪڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اهو ئي غيرعقلي نظريو هو جنهن کين جرمن ويمر دور ۾ ڪاهي ڏر جي قوتن سان ٽڪرائڻ جو جوکم کڻڻ ۽ ٽين جرمن سلطنت جي قائم ٿيڻ کانپوءِ هٽلر جي حڪمن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ اتساهيو. انهن لاءِ جرمنيءَ طرفان پوڙيل هر مصيبت پٺيان حتمي دشمن يهودي هئا. جيئن ئي جرمن فوج اوڀر طرف پيش رفت ڪئي تہ مفتوح بڻايل علائقي جي تحفظ جو هڪ ئي گس هو يعني: يهودين جو خاتمو. ايتريقدر جو جڏهن 1944ع جي آخر ۽ 1945ع جي ابتدا ۾ شڪست ويجهي هئي، تڏهن بہ يهودين جي قتل کي هڪ فتح وانگر ڏٺو پئي ويو.

جرمن حڪمران طبقي کي 1930ع جي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ اهڙن بي ڍنگن ۽ چرين خيالن سان ماڻهن جي ضرورت هئي. نازي قوتن جي چرپائپ کين هڪ قوت مهيا ڪئي، جيڪا پورهيت طبقي جي تنظيمن کي منهن ڏئي سگهي ۽ پوءِ کين يورپي بالادستي ڏانهن وٺي وڃي سگهي. موٽ ۾ نازين کي 60 لک کان وڌيڪ يهودي، جپسي ۽ معذور ماڻهن جي قتل عام جهڙن چرين تصورن تي عمل ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي. وڏا ادارا، ڪرپس، آءِ جي فاربين ۽ ٻيا، سندن لاءِ غلام پورهيتن کي استعمال ڪرڻ، موت جون ڪيمپون ناهڻ ۾ مدد ڪندي خوش هئا. پلي پوءِ ماڻهن جي ڪوس جو اقتصادي حوالي سان ڪوبہ فائدو نہ هو. نازي ازم روزا لڪسمبرگ طرفان سوشلزم جي متبادل بربريت واري اڳڪٿي جي ڊيڄاريندڙ تعبير هئي.

اميد جو ٻيهر جنم

برطانوي فوج ۾ هڪ نوجوان ڪيپٽن ڊينس هيلي 1945ع ۾ ليبر پارٽيءَ جي ڪانفرنس کي ٻڌايو تہ هي تازو يورپ جي انهن علائقن مان واپس آيو هو جتي 'سوشلسٽ انقلاب' اچڻ وارو آهي:

هر هڪ ملڪ ۾ مٿيون طبقو خودغرض، اخلاقي طور تباهه، مايوس ۽ زوال پذير آهي. اِهي مٿيان طبقا برطانوي فوج ۽ برطانوي عوام ڏانهن نيهارين ٿا ته ڪين انهن ماڻهن جي عذاب ڪان بچائين. جيڪي گذريل چار سالن ڪان زير زمين انهن خلاف وڙهندا رهيا آهن. اسان کي گهرجي ته اهو ظلم ٿيڻ نه ڏيون.[246]

جنگ فقط دهشت ۽ مايوسيءَ کي جنم نه ڏنو. ان جنگ دوران هارايل ۽ مايوس ماڻهن منجهه هڪ ردعمل پڻ پيدا ٿيو. مزاحمتي تحريڪن جنم ورتو جن مان لڳو پئي ته ڄڻ يورپ ۾ هڪ انقلابي تبديلي اچڻ واري آهي.

پولينڊ ۽ روس کي ڇڏي ٻي عالمي جنگ ۾ سڀ ڪان وڌيڪ پوڳيندڙ ملڪن ۾ يونان شامل هو. اٽلي ۽ پوءِ جرمن قبضي هن ملڪ جي ڏهن مان هڪ ماڻهوءَ کي موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو اڌ ته ٻُکن وگهي مري ويا.[247] مزاحمتي گروهه پهرياڻين ته پاڻمرادو ظاهر ٿيا، پر وري هڪ ڍري قومي تنظيم EAM-ELAS ۾ گڏجي پيا. جنهن جو ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ چڱو اثر هو تن جرمن جنگي رابطن جي قطارن کي خطري ۾ وڌو ۽ هزارين جرمن فوجن کي سوڙهو ڪيو. جڏهن جرمن فوج 1944ع جي آخر ۾ اتر ڏانهن واپس ٿيڻ لاءِ تيار هئي، تڏهن لڳو پئي ته آزاديءَ جي تحريڪ ملڪ جو ڪنٽرول ڪسي ونندي. يوناني بادشاهت هٿان برقرار رکيل هڪ ساڄي ڌر جي آمريت 1940ع ۾ اٽليءَ جي ڪاهه تائين نازي حمايت واري پاليسيءَ تي عمل ڪيو. مزاحمتي ڌرين بادشاهت ۽ پراڻي حڪمران طبقي جو خاتمو چاهيو پئي ۽ EAM-ELAS اندر يوناني ڪميونسٽ پارٽيءَ جو مرڪزي ڪردار هو.

اٽليءَ ۾ صنعتڪارن ۽ جاگيردارن 1920ع ڌاري مسوليني‌ءَ کي اقتدار ڏيارڻ ۾ مدد ڪئي هئي ۽ 1943ع جي اونهاري تائين سندس حڪومت مان خوش هئا. جڏهن اٽليءَ جي فوج کي بدتر شڪستون مليون، تڏهن هنن پنهنجي پرڏيهي سلطنت وڃائي ڇڏي. ذري گهٽ ٻن ڏهاڪن تائين ڇڙوڇڙ ڪميونسٽ گروهه ۽ هڪ حد تائين سوشلسٽ پارٽيءَ جا حمايتي زير زمين مخالفت ڪندا رهيا، جن هڪ قسم جي قومي تنظيم کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. سوشلسٽن جي زير زمين ڪوشش بابت اگنازيو سلون (Ignazio Silone) جو ناول 'ماني ۽ شراب' انهن سالن دوران ٿيل سختين جو احساس ڏياري ٿو. پهرين کلي عام مزاحمت 1943ع جي مارچ مهيني ۾ ٿي جڏهن ٽُورن ۾ هڙتالن جي لهر شروع ٿي ۽ گرفتارين باوجود سڄي اترئين اٽليءَ تائين ڦهلجي وئي، جنهن ۾ اٽڪل هڪ لک مزدورن حصو ورتو. ان جو ترت ڪارڻ وڌندڙ قيمتون ۽ بمباريءَ جي اثرن سبب پيدا ٿيل تڪليفون هيون. ڪميونسٽ ويڙهاڪن جو ٿورو تعداد 20-1918ع وارين جدوجهدن جي يادگيرين سان احتجاج جي مهڙ ۾ هو. مسوليني‌ءَ فاشسٽ اڳواڻن کي ٻُڌايو ته هڙتال هن جي تحريڪ کي 20 سال پوئتي ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان تي هٽلر چيو ته اهڙي نافرمانيءَ کي ڪيئن ٿو برداشت ڪري سگهجي.[248] اصل ۾

هڙتالن ظاهر ڪيو تہ جنگ هڪ اهڙو سماجي بحران پيدا پئي ڪري، جو فقط طاقت جي زور تي حڪومت کي گهڻو عرصو قائم نہ ٿو رکي سگهجي، ڇاڪاڻ تہ ان هيٺين ۽ وچولن طبقن جي ماڻهن کي مفلس ڪري ڇڏيو.

آمريڪي ۽ برطانوي فوجون جولاءِ ۾ (اٽليءَ جي علائقي) سسليءَ ۾ لٿيون ۽ تمام آهستي آهستي اُتر طرف وڌڻ شروع ڪيائون. جنهنڪري مٿئين طبقي کي ڳڻتيءَ ورايو تہ حڪومت جو بحران ڪٿي ڪين بہ وڪوڙي نہ وجهي. هنن سوچيو تہ سندن طاقت کي برقرار رکڻ جو هڪڙو ئي گس آهي تہ مسولينيءَ کي لاهجي ۽ برطانيا ۽ آمريڪا سان ڳالهيون ڪجن. فاشسٽ گرانڊ ڪائونسل ۾ مسولينيءَ جي سڀ کان ويجهن ساٿارين جا خيال پڻ ساڳيا هئا. هنن اتحادي فوجن جي لهڻ کان بہ هفتا پوءِ هڪ خاص گڏجاڻي ڪئي، جنهن مسولينيءَ کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ لاءِ ووٽ ڏنو. پٺي ڏينهن ساڳئي بادشاهہ جنهن 1922ع ۾ اقتدار مسولينيءَ جي حوالي ڪيو هو تنهن سندس جاءِ تي جنرل بودوگليو (Bodoglio) کي مقرر ڪري ڇڏيو جيڪو 1935ع ۾ ايٿوپيا سان زنا ڪرڻ وقت اٽليءَ جي فوجن جو ڪمانڊر هو ۽ مسولينيءَ کي گهر ۾ نظربند ڪيو ويو.

فاشزم جي ڀيانڪ رات جي خاتمي سان ماڻهو جشن ملهائيندي روم جي گهٽين ۾ نڪري آيا. پر سندن اهو جشن وقت کان اڳ هو. بودوگليو جي حڪومت وڌيڪ هڪ مهيني تائين جرمنيءَ سان اتحاد قائم رکيو جڏهن تہ اُن ڳجهي نموني اتحادين سان ڳالهيون ڪيون پئي. ان دوران ان حڪومت مظاهرن کي چٿڻ لاءِ طاقت استعمال ڪئي، باري چونڪ تي گوليون هلائڻ جي نتيجي ۾ 23 ماڻهو مارجي ويا. هن جي ورتاءَ جرمن فوج کي اٽليءَ ۾ داخل ٿيڻ جو وقت ڏنو. آخرڪار جڏهن بودوگليو اتحادين سان معاهدي بابت اعلان ڪيو تہ جرمني نيپلز (Naples) جي اترئين حصي تي قبضو ڪري ورتو ۽ حڪومت کي روم ڏانهن ڀڄي وڃڻ تي مجبور ڪيو. جرمن ڇاتابردار فوج مسولينيءَ کي بچائي ورتو ۽ اترئين اٽليءَ ۾ هڪ ڪٺ پتلي حڪومت (جنهن کي ريپبلڪ آف سيلو سڏيو ويو) ٺاهي ورتي.

جرمن قبضي مزاحمتي تحريڪ کي وڌيڪ ڀڙڪائي ڇڏيو. ان جا ٽي حصا هئا. ٻهراڙين ۾ جوشيلن هٿياربندن جا گروهہ، جيڪي 1943ع جي آخر ۾ 9 هزار هئا سي 1944ع جي بهار ۾ 20 هزار کان وڌي ويا ۽ هڪ سال کانپوءِ هڪ لک ٿي ويا. شهرن ۾ زير زمين هٿياربند 'محب وطن گروهہ' هئا. جن ڪامورن کي قتل ڪيو ۽ جرمن فوجن کي تباهہ ڪيو. 1944ع جي جنوريءَ ۾ سياسي قيدين کي گوليون هڻڻ کانپوءِ جينئا (Genoa) ۾ وڏي هڙتال سان ۽ مارچ ۾ ملن ۾ 3 لک مزدورن جي هڙتال جيڪا وينيٽو بولگنا ۽ فلورنس تائين پکڙجي وئي، سان ڪارخانن ۾ مزاحمتي تحريڪ وڌي پئي. انهن هڙتالن جي مهڙ ۾ گهٽ اجرت تي ڪم ڪندڙ ۽ عورت مزدور هيون، ردعمل طور جرمن فوج ڪين گرفتار ڪيو ۽ ملڪ نيڪالي ڏئي ڇڏي.

1944ع جي آگسٽ ۾ ٽئي ڏريون گڏجي پيون. اتحادي فوج جي پهچڻ کان اڳ جرمن فوج کان فلورنس کسي ورتائون. وري انن مهينن ڪانپوءِ هنن گڏجي ملڪ جي ٽن وڏن صنعتي شهرن، جنيئا، ٽُورن ۽ ملن جو ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو. جنيئا ۾ هٿياربند شهري گروهن جي بغاوت شهر جي سرڪاري عمارتن تي قبضو ڪري جرمن فوجن جو گهيراءُ ڪري ورتو هڪ چانوٽي کسي ۽ پوءِ ڀرپاسي جي جوشيلن گوريلن جو ساٿ ڏئي، جرمن جنرل ۽ 15 هزار فوج کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ڪيو. ٽُورن ۾:

شهري آباديءَ ۽ خاص ڪري ڪارخانن جي پورهيتن ويڙهه جي سموري باهه کي برداشت ڪيو.... پورهيتن هٿان قبضو ڪيل ڪارخانن، جهڙوڪ: لينشيا، اسپا، گراندي موٽري، فياٽ ميرافيوري، فيراري ۽ ڪيترن ٻين ڪارخانن جي چوڌاري سخت لڙائي ٿي. (جيسيتائين هٿياربند شهري گروهن) جوابي حملو ڪري باقي فاشسٽ فوجن کي قابو ڪيو تيسيتائين پورهيتن اٿلِ ارادي سان مزاحمت ڪئي.[249]

مِلن (اٽليءَ جو شهر) ۾ هٿياربند گروهن فاشسٽ چانوٽيءَ کي ڀاري ڇڏيو. وڏن ڪارخانن، خاص ڪري پريلي جي چوڌاري ويڙهه ٿي ۽ پوءِ هٿياربند گروهن، گوريلن ۽ پورهيتن شهر جي ڀرپاسي کان داخل ٿي شهر تي قبضو ڪري ورتو.

ڀريان مزاحمتي گروهه پاٽمرادو ايريا هئا. انهن جي واڌ کي جرمن قبضي ۽ ان کانپوءِ پيدا ٿيل سختين ۽ تڪليفن ٻارڻ مهيا ڪيو. جبري فوج ۾ ڀرتيءَ يا جرمنيءَ ۾ جبري پورهئي کان بچڻ لاءِ ڪيترن نوجوانن جبلن جو رخ ڪيو. مزاحمت ڪاٻي ڌر جي سياست ڏانهن ڏڪجي وئي. اٽليءَ ۾ هرهڪ کي خبر هئي ته حڪمران طبقي مسولينيءَ جي پٺڀرائي ڪئي آهي. هر هڪ ڄاتو پئي ته صنعتڪار ٽوروپا گهڻو جرمن قبضي جا ساٿاري هئا. هرهڪ ڏٺو ته بادشاهه ناڪام آهي ۽ بودوگليو 1943ع جي اونهاري ۾ جرمن قبضي کي روڪڻ لاءِ ڪجهه نه ڪيو.

جن ماڻهن ويڙهه جي چونڊ ڪئي، تن منجهه ذري گهٽ اتفاق هو ته اٽليءَ جي سماج ۾ بنيادي تبديلي آڻڻي پوندي. سياسي طور تي اها ڳالهه مزاحمت ڪندڙن جي اڪثريت ۾ عام هئي. ڪميونسٽ پارٽي وٽ 1943ع جي جُون ۾ 5 هزار ميمبر هئا، سي 1945ع جي مارچ تائين چار لک 10 هزار تي ويا. پارٽيءَ وڏي تعداد ۾ ماڻهن کان پاڻ ڏانهن ڇڪيو. جن کي 'پارٽي' لائين جي تفصيلن بابت تمام ٿوري ڄاڻ هئي، پر انهن اٽليءَ ۾ انقلابي تبديلي چاهي پئي ۽ اسٽالن گراڊ کانپوءِ روسي فوجن جي ڪاميابيءَ مان اتساهه ورتائون پئي. ان سان گڏوگڏ سوشلسٽ پارٽي هئي، جيڪا نندي پر منظم ۽ منجهس اڃان تائين سُڌار پسند گروهه پڻ هئا. پر جيئن 20-1918ع ۾ ٿيو ته هنن فقط انقلابي ٻولي ڪتب آندي پئي. آخرڪار 'عمل جي پارٽي' (Party of Action) به هئي جنهن جي اڳواٽي وچولي طبقي جي ماڻهن ڪئي ۽ ان منجهه مختلف قسم جا ماڻهو هئا. پر ان جو زور ان ڳالهه تي هو ته ماضيءَ سان تعلق کي ٽوڙڻو آهي. ان ۾ حيرت جهڙي ڳالهه ناهي ته ونسٽن

چرچل کي 'وحشي بالشوازم' بابت پريشاني هئي ۽ هن اٽليءَ جي بادشاهہ ۽ بودوگليو کي بالشوازم خلاف اڪيلي رڪاوٽ طور ڏٺو پئي.[250]

فرانس يونان ۽ اٽليءَ کان هڪڙي ڳالهہ ۾ مختلف هو. هڪ تہ زير زمين مزاحمت جي ڳالهہ ڪابہ ڊر کان نہ آئي، ڇاڪاڻ تہ سوشلسٽ پارٽيءَ جي ايم پي ايز جي اڪثريت پيٽين (Petain) حڪومت لاءِ ووٽ ڏنو هو ۽ ڪميونسٽ پارٽي هٽلر_اسٽالن معاهدي جي دور دوران ماسڪو کان هدايتن جي پوئواري ڪندي، 1941ع جي اونهاري تائين مزاحمت جي مخالفت ڪئي. مزاحمت جو سڏ پراڻي حڪمران طبقي جي هڪ نمائندي، وچولي قسم جي فوجي آفيسر، چارلس ڊي گال (Charles de Gaulle) طرفان آيو. جيڪو برطانيا ڀڄي ويو هو پر برطانيا تي ڊي گال جي 'آزاد فرينچ' فوج ٿوري هئي ۽ آمريڪا هن کي تسليم نہ ڪري ها، تنهنڪري هن 1943ع جي آخر تائين جرمن حمايتي وشي (Vichy) حڪومت سان معاهدو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن جرمنيءَ روس تي ڪاهہ ڪري ڏني، ڪميونسٽ پارٽيءَ پنهنجي مزاحمتي تنظيم ايف. ٽي. پي ٺاهي ورتي. اها جلدئي گالسٽ (Gaullist) کان وڌي وئي، ڇاڪاڻ تہ فرانس اندر اڪثر ماڻهن لاءِ مزاحمت جي نوعيت طبقاتي هئي. پراڻي حڪمران طبقي 1940ع ۾ جرمن فوجن جي ڀڏتر ۾ آجيان ڪئي ۽ پوءِ انهن جا ساٿاري بڻجي ويا. جيئن يونان ۽ اٽليءَ ۾ ٿيو هيٺان طبقا هئا، جن قبضي جي سموري بار کي ڀوڳيو. پاس ڊي ڪلاس ۽ نورڊ ۾ گرفتار ٿيلن مان اٽڪل 88 سيڪڙو ماڻهن جو پسمنظر پورهيت طبقي جو هو. جڏهن تہ برٽنيءَ جي آباديءَ جو فقط هڪ سيڪڙو ريلوي مزدور هئا، تن مزاحمتي قوت ۾ 7 سيڪڙو ماڻهو مهيا ڪيا. جڏهن 1944ع ۾ اتحادين جي پهچڻ کان اڳ مزاحمتي تحريڪ جرمن فوج کان پئرس شهر کسي ورتو، هر هڪ کي خبر هئي تہ مُک ڪنٽرول ڪندڙ قوت ڪميونسٽ پارٽي آهي، جيئن يونان ۽ اٽليءَ ۾ هو. هتي فقط سوال اهو هو تہ ڇا پنهنجي حيثيت کي انقلابي تبديليءَ لاءِ ڏڪي طور يا سرمائيداريءَ کي چلتو رکڻ لاءِ ڊي گال سان ٺاهہ ڪيو وڃي.

اميد ڀيهر دٻجي وئي

هڪ مشهور گفتگو ۾ ونسٽن چرچل ياد ڏياري ٿو تہ ڪيئن هي 1944ع آڪٽوبر ۾ ماسڪو ۾ اسٽالن سان مليو ۽ هن کي چيائين 'جيسيتائين برطانيا ۽ روس جو لاڳاپو آهي تہ رومانيا ۾ 90 سيڪڙو غلبو اوهان وٽ هجي، اسان لاءِ يونان ۾ 90 سيڪڙو ۽ يوگوسلاويا ۾ 50_50؟'

چرچل ملڪن جي هڪ فهرست لکي ۽ اسٽالن انهن تي ٽڪ مارڪ ڪيو.

مون چيومانس لڳي ٿو تہ ڪٿي ائين تہ نہ سوچيو وڃي تہ اسان غور ويچار ۽ تياري ڪانسواءِ لکين ماڻهن جي زندگيءَ وارن معاملن کي ائين ٺپ اڪلائي ڇڏيو؟ ان ڪاغذ کي ساڙيون ٿا.' اسٽالن چيو 'نہ، تون رک.'[251]

يونان، اٽلي ۽ فرانس ۾ اُهي مزاحمتي ويڙهاڪ نہ هئا، جن يورپ جي تقدير جو فيصلو ڪيو پر اهو فيصلو اهڙين گڏجاڻين ڪيو. تهران، ييلٽا ۽ پوٽسڊم ۾ ٿيل ڪانفرنسن ۾، اسٽالن، يورپ کي حلقہ اثرن ۾ ورهائڻ بابت چرچل ۽ روزويلٽ سان متفق هو. پهرياٽين تہ آمريڪا ان ورهاست سان خوش نہ هو. ان کي توقع هئي تہ اُهو پنهنجي صنعتي برتريءَ کي استعمال ڪري، سڄيءَ دنيا کي هڪ آمريڪي حلقہ اثر ۾ بدلائي ڇڏيندي، آزاد تجارت ڪيس هر هنڌ مارڪيٽون کولي ڏيندي[252] پر چرچل جيڪو لنڊن کان هلائي ويندڙ هڪ سلطنت کي برقرار رکڻ جي مقصد سان ڇهنٽيل رهيو تنهن ان جي حمايت نہ ڪئي ۽ نہ ئي اسٽالن جنهن وٽ آمريڪي اقتصادي طاقت سان مقابلو ڪرڻ لاءِ وڏي روسي فوج هئي. هنن ٻنهي جيڪا ورچ چاهي پئي، ان تي هنن روزويلٽ کي آماده ڪيو.

وڏن حاڪمن جا اهي ناهہ مزاحمتي تحريڪن جي اميدن لاءِ موتمار ڌڪ هئا. هنن (ٻنهي) اسٽالن جي فوجن کي اوڀر يورپ ۾ ڇوٽ ڏني. اسٽالن ٻين علائقن جي ڪميونسٽن کي اهڙي اجازت نہ ڏني ها. پلي پوءِ اُتي انقلاب عوام لاءِ ڪيڏو بہ فائديمند ڇو نہ هجي. هن جي اڳوڻي پرڏيهي وزير لتوينوف 1944ع سيپٽمبر ۾ اٽليءَ ۾ آمريڪي نمائندي کي اها ڳالهہ چٽي ريت ٻڌائي تہ 'اسين اولهہ ۾ انقلاب نہ ٿا چاهيون'.[253]

اهو ڪو فقط لفظن جو معاملو نہ هو. 1944ع جي بهار ۾ اٽليءَ جو ڪميونسٽ اڳواڻ توگليٽي (Togliatti) ماسڪو کان اٽليءَ ڏانهن واپس آيو هو. هن اعلان ڪيو تہ جيسيتائين جنگ ختم نہ ٿي ٿئي، هن جي پارٽي حقير بودوگليو حڪومت جو ساٿ ڏيندي ۽ بادشاهت کي ڇهيو بہ نہ ويندو.[254] فرينچ اڳواڻ ماريس ٿورز (Maurice Thorez) ماسڪو کي زور ڀريو تہ سڀ کان وڏي مزاحمتي گروهہ ڪميونسٽ اڳواڻيءَ هيٺ ايف. ٽي. پي کي گال جي ننڍي ايف. ايف. آءِ جي قيادت کي قبول ڪري، ان سان ملي هڪ ٿيڻ گهرجي. 1945ع جنوريءَ ۾ پئرس ڏانهن موٽ ڪانپوءِ ماريس ٿورز ويڙهاڪن کي پراڻي رياستي ادارن خلاف سموري مزاحمت ڦٽو ڪرڻ لاءِ چيو. هن زور ڀريو تہ 'هڪ رياست، هڪ فوج ۽ هڪ پوليس' هجڻ گهرجي.[255]

اٽلي ۽ فرانس ۾ پراڻي نظام جي بحالي ٿوري يا گهٽي پرامن نموني ٿي. يونان ۾ نتيجو گهرو جنگ جي صورت ۾ نڪتو توڙي جو مزاحمتي اڳواڻن طرفان انقلابي تبديلي آڻڻ لاءِ ائين نہ ڪيو ويو.

1944ع جي آخر ۾ جرمن فوج جي پٺتي هٽڻ سان EAM-ELAS ذري گهٽ سڄي ملڪ جي مالڪ بڻجي وئي. ان کي (يوناني راڄڌاني) ائٿينس تي قبضو ڪرڻ لاءِ پنهنجي فوج جي ٿوري حصي کي متحرڪ ڪرڻ جي ضرورت هئي. ان کي خبر هئي تہ برطانيا جو ارادو پراڻي بادشاهت موٽڻ ۽ پراڻي ساک وڃايل حڪمران طبقي جي سياستدانن هٿان حڪومت هلائڻ آهي. برطانيا اڳئي انهيءَ قسم جي بندوبست خلاف

مصر ۾ هزارين جلاوطن يوناني فوجن طرفان بغاوت جي ڪوشش کي ٽوڙڻ لاءِ فوج استعمال ڪئي هئي. ان برطانوي فوجن ۽ نئين حڪومت کي شهر تي قبضو ڪرڻ ڏنو.[256] حڪومت فقط پوليس ۽ ساڄي ڌر جي گروهن تي ڀاڙي پئي سگهي جن نازين جو ساٿ ڏنو هو ۽ مزاحمت تحريڪ کي ذليل ڪرڻ جو ارادو هئن. ڊسمبر جي ابتدا ۾ حڪومت سڄي ملڪ ۾ مزاحمت ڪندڙن کي ترت ئي هٿيار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ۽ ان جي فوج ائٿينس ۾ هڪ وڏي احتجاج مٿان مشين گن جون گوليون هلرايون جنهنڪري 28 ماڻهو مري ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا.[257] EAM-ELAS وٽ واپس ويڙهه ڪانسواءِ ٻي ڪا واهه نه هئي ۽ برطانوي جنرل پنهنجو پاڻ کي انتهائي مشڪل حالت ۾ ڏٺو. (برطانوي جنرل) فيلڊ مارشل اليگزينڊر چرچل کي خبردار ڪيو ته هي وري ائٿينس_پرائيس کان وڏيڪ علائقي کي فتح نه ڪري سگهندو.

چرچل اڳئي (برطانوي وزير) اينٿني ايڊن کي ٻڌايو هو ته 'مون کي اميد آهي ته جڏهن به ممڪن ٿيو يوناني برگيڊ گوليون هلائڻ کان نه ڪيٻائيندي' ۽ هن برطانوي ڪمانڊر اسڪوبي کي حڪم ڪيو 'گهبرايو نه. توهان ائين عمل ڪريو جڻ ته هڪ مفتوح شهر ۾ آهيو جتي هڪ مقامي بغاوت ٿئي پئي'.[258] انهيءَ مرحلي تي چرچل ائٿينس ڏانهن اڏاڻو ۽ اعلان ڪيائين ته برطانوي آپريشن کي 'صدر روزويلٽ ۽ مارشل اسٽالن جي مڪمل منظوري' آهي.[259] هڪ معاهدي، جنهن تي عمل ڪرڻ لاءِ حڪومت جو ڪو ارادو نه هو جي موٽ ۾ EAM-ELAS جون قوتون راڄڌانيءَ کان پنهنجي هٿيون ۽ هڪ مهيني کانپوءِ رسمي طور تي لشڪر ٽوڙي ڇڏيائون. 8 مارچ تي اسٽالن ييلٽا وٽ چرچل کي ٻڌايو ته 'يونان ۾ برطانوي پاليسيءَ تي مون کي اعتماد آهي'.[260]

يونان ۾ جلدئي حڪومتي قوتون هر ان ماڻهوءَ کي شڪار ڪرڻ لڳيون، جيڪو مزاحمت جو حصو رهيو هو. 1945ع دوران گهٽ ۾ گهٽ 50 هزار EAM-ELAS حمايتن کي قيد ۽ نظربند ڪيو ويو جڏهن ته ساڄي ڌر جي نيم فوجي گروهن حڪومتي تحفظ هيٺ ڪارروائيون ڪيون. هڪ برطانوي نمائندي سي ايم ووڊهائوس، جيڪو پارليامينٽ ۾ ٽوري ميمبر بڻيو بعد ۾ لکيو ته '1945ع جي آخر تائين..... ٿيل رتوڇاڻ جو الزام بنيادي طور تي ساڄي ڌر تي ٿئي ٿو'.[261]

ڪيترائي تاريخ نويس اڄ ڏينهن تائين دليل ڏين ٿا ته، انهن ٽنهي ملڪن ۾ مزاحمتي تنظيمن جي اڳواڻن وٽ ٻي ڪا واهه نه هئي، پر ڪين جنگ کان اڳ وارن حڪمران طبقن جي بحالي کي قبولڻو پيو. انهن جو دليل آهي ته جيڪڏهن اُهي حڪومتن جو تختو اونڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ها ته ڪين برطانوي ۽ آمريڪي فوجن جي طاقت ڪچلي ڇڏي ها. پال گنسبورگ اٽليءَ جي معاملي ۾ ان ڳالهه کي تسليم ڪري ٿو ۽ ايرڪ هابسوام ڳالهه ڪري ٿو ته 'ڪميونسٽ ... اولهه جي ٽنهي ملڪن ۾ ڪٿي به اهڙي حيثيت ۾ نه هئا .... جو انقلابي حڪومتون قائم ڪن'.[262]

بهرحال جيئن گبرائيل ڪولڪو درست نموني دليل ڏئي ٿو ته، اهڙا رايا ’جرمنيءَ سان جنگ جي وڏي تناظر کي مڪمل طور تي ڌيان ۾ نه ٿا رکن. خالص فوجي توڙي خطرناڪ سياسي مسئلا هئا جن جوابي انقلابي جنگين کي جاري رکيو سي انگلينڊ ۽ آمريڪا سان ٽڪر کائين ها‘.[263]

1944ـ45ع ڌاري برطانيا ۽ آمريڪا ۾ عوامي مزاج اهڙو نه هو جو اُهي آسانيءَ سان طاقت جو استعمال ڪن ها. يونان ۾ برطانوي ڪارروائين برطانيا ۽ آمريڪا ٻنهي ۾ وڏا سياسي طوفان پيدا ڪيا ۽ سندن فوجن ۾ شديد خواهش هئي ته جيترو جلد ٿي سگهي واپس گهرن ڏانهن وڃون. ان جو اظهار مصر ۾ مقرر برطانوي فوجن منجهه بغاوتن ۾ ملي ٿو. اها ته بلڪل اڻ ٽيڻي ڳالهه آهي ته هڪ انقلابي تحريڪ فقط هڪ ملڪ تائين محدود ٿي وڃي ها. چرچل کي وڏو ڊپ هو ته يونان ۾ انقلاب اٽليءَ ۾ اتساهه جو سبب بڻجندو ۽ جيڪڏهن ائين ٿيو ته پوءِ فرانس ان کان بچي نه سگهندو. بيشڪ، ايتريقدر جو جرمنيءَ ۾ 1945ع مئي ۾ نازي راڄ جي ڍير ٿيندي پورهيت پنهنجن پراڻين سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ وفادارين سان نڪري پيا. نازي دشمن ڪميٽيون جوڙيائون ۽ ڪارخانن جا انتظام سنڀالي ورتائون، جن کي نازي حمايتي هلائيندا هئا. ويندي قبضي گير فوجن سياستدانن جي مدد سان ’نظام‘ بحال ڪيو ويو جيڪي انهن سان گڏ جلاوطنيءَ مان موٽيا هئا.

يونان، اٽلي ۽ فرانس ۾ پراڻي نظام جي ٻيهر قيام جي معنيٰ ته اُهي جيڪي فاشسٽ ۽ دشمن جي ساٿارين جي حڪومتن هيٺ وڌيا ويجها، سي جلدئي پنهنجن پراڻن طريقن ڏانهن موٽيا. يونان ۾ حڪومت ۽ مزاحمتي ويڙهاڪن جي وچ ۾ ٿيل ’صلح‘ جلدئي وساريو ويو. فاشسٽ همدرد ۽ دشمنن جا اڳوڻا ساٿاري فوج ۽ پوليس ۾ هر هنڌ هئا ۽ اُنهن کاٻي ڌر خلاف منظم طريقي سان وٺ پڪڙ شروع ڪئي، ويندي کلي عام گهرو جنگ ڀڙڪي پئي. آمريڪي هٿيارن ساڄي ڌر طرفان گهرو جنگ کٽڻ کي يقيني بڻايو 1950ع ۽ 1960ع جي ابتدا ۾ ڏانڌلين وارين چونڊن ذريعي حڪمراني ڪئي وئي. پوءِ 1967ع ۾ فوج ۾ فاشسٽ همدردن ۽ دشمن جي اڳوڻن ساٿارين چونڊن ۾ کاٻي ڌر جي فتح جي جوکم بدران تختو اونڌو ڪري اقتدار تي قبضو ڪري ورتو. 1970ع جي وچ ڌاري فوجي راڄ جي ڍير ٿيڻ تائين يونان ۾ سرمائيدار جمهوريت وانگر ڪجهه نه ڪيو ويو.

اٽليءَ ۾ سچ پچ پارلياماني ادارا قائم ڪيا ويا، پر انهن جي هيٺان رياستي مشينري جي جوڙجڪ گهٽي قدر اڳ جهڙي ئي رهي. اُن جو اظهار 1970ع جي ابتدا ۾ ٿيو جڏهن فوجي قبضي لاءِ هڪ بهانو مهيا ڪرڻ جي اميد سان ڳجهن ادارن ۽ هٿياربند فوج جي حلقن فاشسٽن سان گڏ ڪم ڪري بم نصب ڪيا.

فرانس ۾ رياستي مشين جي تسلسل جو اظهار 1990ع واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري بورڊيڪس ۾ اڳوڻي وشي (Vichy) پوليس چيف پاپن جي مقدمي وقت ٿيو جنهن هزارين

يهودين کي موت جي ڪيمپن ڏانهن اماڻيو هو. جنگ ڪانپوءِ هي پئرس ۾ پوليس چيف جي عهدي تائين پهچڻ جي قابل ٿيو ۽ پوليس کي الجيرين مظاهري مٿان گولين هلائڻ جو حڪم ڪيائين جنهنڪري 100 کان وڌيڪ ماڻهو مارجي پيا. بهرحال، فرينچ رياست جي تسلسل مان جنم ورتل اصل دهشت فرانس کان ٻاهران آئي. جرمنيءَ جي هار طور ملهائجندڙ VE ڏهاڙي تي فرينچ راڄ خلاف مزاحمت طور الجيريا ۾ سيٽف جي گهٽين ۾ عرب ساوڻ ۽ اڇن جهنڊن سان نڪري آيا. فرينچ پوليس گولين هلايون ۽ بعد ۾ ٿيل ويڙهه جي نتيجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 500 الجيرين ۽ 100 فرينچ آبادڪار مارجي ويا.[264] فرينچ رياست طرفان هڪ ڪالوني برقرار رکڻ جي ارادي ايندڙ 20 سالن تائين ڏهه لک کان وڌيڪ حياتين جي قيمت چڪائي. جڏهن جاپان هٿيار ڦٽا ڪيا ته، ويٽنام ۾ ڪميونسٽن جي اڳواڻيءَ هيٺ قومپرست مزاحمتي تحريڪ، ويٽ منهه، ملڪ جو ڪنٽرول سنڀالي ورتو. لارڊ مائونٽبيٽن جي اڳواڻيءَ هيٺ برطانوي فوج سائگان جي ڏاکڻي شهر ۾ لٿي، جنگ جي جاپاني قيدين کي هٿياربند ڪيو ۽ کين ويٽ منهه کي بي هٿيار ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ۽ پوءِ شهر فرينچ ڪالونيل اختيارين جي حوالي ڪيو. هڪ مختصر وقفي ڪانپوءِ، جنهن دوران ڪميونسٽن فرانس سان تعاون ڪرڻ واري اسٽالن جي عام پاليسيءَ کي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، هڪ جنگ ڀڙڪي پئي، جيڪا ايندڙ 30 سالن تائين هلندي رهي ۽ 20 لک کان وڌيڪ ويٽنامين پنهنجون حياتيون وڃايون.

اولهندي ۽ ڏاکڻي يورپ ۾ آزاديءَ جي تحريڪن جو مقدر اهڙو ئي ٿيو جهڙو اوڀر يورپ ۾ روسي حلقه اثر ۾ ٿيو. اولهه جي طاقتن اوڀر پولينڊ کي 'اولهه يوڪرائين' طور سوويت يونين ۾ شامل ڪرڻ تي اتفاق ڪيو وارسا بغاوت کي جرمن فوج هٿان ڪچلڻ ڏنو ۽ پوءِ 'عوامي حڪومت' کي قبول ڪيو جن کي هن ملڪ جو حاڪم مقرر ڪيو. ساڳئي نموني اولهه جي طاقتن روس کي هنگري، رومانيا، بلغاريا، چيڪوسلاويڪا ۽ اوڀر جرمنيءَ ۾ ڇوٽ ڏني. انهن ملڪن مٿان اسٽالن طرفان ڪوڙا ظلم جا داستان گهڙي انهن جو وڏائي چڙهائي پرچار ڪيو ائين ئي جيئن اسٽالن اولهه جي ڏوهن بابت پروپيگنڊا ڪئي، پر اُنهن هن جي رستا روڪ لاءِ ڪجهه نه ڪيو. ٻنهي ڌرين 1989ع تائين پنهنجن جنگي دور جي معاهدن جي مُک نقطن جي پاسداري ڪئي، ويندي روسي بلاڪ پنهنجن اندروني مسئلن هٿان ڍير ٿي پيو.

يورپ ۾ هڪ ٻيو اهم ملڪ هو جيڪو ٻنهي ڪيمپن ۾ نه هو ۽ اهو هو يوگوسلاويا. جتي جرمن قبضي ۽ ڪروٽ Ustashc فاشسٽن ٻنهي خلاف ٽيٽو (پاڻ ڪروٽ ۽ سلووينين نسل منجهان هو) جي اڳواڻيءَ هيٺ ڪميونسٽ هڪ گهڻ نسلي مزاحمتي تحريڪ هلائڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئا ۽ اتحادين کان هٿيار ورتا هئن. چاڪاڻ ته اُهي جرمن سان وڙهڻ لاءِ تيار هئا. جڏهن ته شاهه پرست سرب چيٽنڪ ائين ڪرڻ کان

انڪار ڪيو. گوريلا ملڪ جو ڪنٽرول حاصل ڪرڻ جي قابل هئا ۽ هڪ حڪومت ٺاهيائون، جنهن توڙي جو ابتدائي طور تي سوويت يونين ۾ اسٽالن جي حڪومت جو نقل ڪيو پر وٽس پنهنجو آزاد مضبوط بنياد هو. ان جو مظاهرو 1948ع ۾ ٿيو جڏهن ٽيٽو اوچتوئي اسٽالن سان تعلق ٽوڙي ٻي طرفداري جي پاليسيءَ تي عمل ڪيو جيڪا ايندڙ 40 سالن تائين هلندي رهي.

اولهه جي طاقتن ۽ روس جي وچ ۾ ٺاهه يورپ تائين محدود نه هو. جنگ دوران برطانيا ۽ روس ايران کي ٻن حلقه اثرن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ ٻن سالن تائين اُتي پنهنجون فوجون رکيون. 1945ع جي اونهاري ۾ ڪوريا جو روسي ۽ آمريڪي ورهاڱو آمريڪي جنرل ميڪ آرٿر طرفان طئي ڪيل حدبندين سان ڳنڍ، وڏيڪ جٽادار رهيو. هر هڪ پنهنجي اڌ حصي تي حڪمرانيءَ لاءِ پنهنجو آمر کنيو هڪ طرف ننڍي پيماني جو گوريلا اڳواڻ ڪم ال سنگ هو جنهن سوويت يونين ۾ وقت گذاريو هو ٻئي طرف ساڄيءَ ڌر جو قومپرست سنگمن هو جنهن تي اعتماد ڪري سگهجي پيو ته اهو ڪجهه ڪندو جيئن آمريڪا چاهي ٿو. جنگي اتحادين جي وچ ۾ ڪوريا جو ورهاڱو آخري وڏو باهمي عمل هو. پنجن سالن اندر اهوئي سندن وچ ۾ سڀ کان وڏي جهيڙي جو ڪارڻ بڻيو.

باب نائون

سرد جنگ

’ٽن وڏين‘ طاقتن هڪ نئين بين الاقوامي تنظيم گڏيل قومون (United Nations) قائم ڪري، جرمني ۽ جاپان مٿان پنهنجي فتح جو جشن ملهائيو. 1945ع جي مئي ۾ فرانسسڪو ۾ ان جو بنياد وجهڻ واري ڪانفرنس وقت، دنيا جي عوام سان امن ۽ تعاون جي هڪ نئين نظام جو واعدو ڪيو ويو جنهن سان جنگ سدائين لاءِ ختم ٿي ويندي اها دعويٰ ڪئي وئي ته اها پنهنجي پيشرو جنگ دوران ليگ آف نيشنز (League of Nations) کان بلڪل مختلف هوندي، جيڪا ٻي عالمي جنگ کي روڪڻ جي قابل نه ٿي هئي. جن ماڻهن سچ پچ سوچيو هو ته، دنيا بهتر ٿي ويندي جنهن دنيا لاءِ هنن ٻوڙيو ۽ وڙهيا، تن ماڻهن منجهه اهڙي دعويٰ جڻ ته هڪ ساز ڇيڙي ڇڏيو.

بهرحال، ليگ آف نيشنز جي ’ناڪامي‘ اتفاقي نه هئي، ان منجهه پيدائشي خامي هئي. ان ليگ کي 1918ع ڪانپوءِ ورسلز معاهدي جي حصي طور فاتح طاقتن ٺاهيو هو جنهن هيٺ انهن دنيا کي پاڻ منجهه ٽڪرا ٽڪرا ڪري ورهايو. لينن ان کي ’چورن جي رڌڻي‘ طور بيان ۽ چيو ته، ’چور پاڻ ۾ وڙهندا‘. پر گڏيل قومن جو ادارو اڳئين کان مختلف نه هو توڙي جو ان وٽ ’رڌڻي جو سوپ‘ (جنهن ۾ ٻارن جو فنڊ يونيسيف، عالمي صحت واري تنظيم ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه) هو جيڪو جنيوا ۾ ان سان ڳنڍيو ويو. فيصلي سازي جو اختيار سيڪيورٽي ڪائونسل جي چار مستقل ميمبرن[265] برطانيا، آمريڪا، فرانس ۽ روس کي ڏنو ويو ۽ انهن ئي باقي دنيا تي حاڪميت، ظلم ۽ ان جو استحصال ڪيو.

سان فرانسسڪو جي وقت کان وٺي اهي اڳئي پردي پٺيان هڪٻئي سان وڙهندا رهيا. چرچل ’روس کي ختم ڪرڻ‘، هارايل جرمن فوج کي اوچتو حملي لاءِ هٿياربند ڪرڻ، ’روس مٿان آمريڪا ۽ برطانوي سلطنت جي مرضي مڙهڻ‘[266] لاءِ رٿائن جي ڳالهه ڪئي، پر لڳي ٿو ته ان تجويز کي سندس جنرلن سنجيدگيءَ سان نه ورتو هوندو. آمريڪي حڪمرانن فقط ڳالهيون نه ڪيون، پر انهن 1945ع جي آگسٽ ۾ جاپان خلاف نيوڪليئر بم جي استعمال ذريعي چٽي ريت ظاهر ڪيو پئي ته، اسٽالن کي ڏيکارجي ته وٽن ڪيڏي نه تباهه ڪن طاقت آهي.

هڪ سال کان وڌيڪ مٿاڇري جي هيٺان ڇڪتاڻ جو بارود گڏجندو رهيو هر هڪ ڌر پنهنجي طاقت کي وڌيڪ سگهارو ڪيو هاڻي جيئن ته جنگ ختم ٿي چڪي هئي،

تنهنڪري انهن صنعت کي نئين سر ناهڻ، جن ملڪن تي قبضو ڪيو هئڻ انهن حصن جي نگراني ڪرڻ ۽ ملڪ اندر پيدا ٿيل اميدن جي شدت کي گهٽائڻ جو ڪم ڪيو. برطانيا جي ليبر حڪومت 1945ع جي انقلابي لهر کي ٺڏو ڪرڻ لاءِ فلاحي سهولتن ۾ سُڌارا آڻڻ ۽ ريلوي ۽ ڪاٺين کي قومي ملڪيت بنائڻ جي رٿائن تي عمل ڪرڻ چاهيو. آمريڪا 1936_37ع ۾ ٿيل هڙتالن جي سطح کان وڌيڪ هڙتالن جو تجربو ڪيو. روسي قبضاگير فوجن اوڀر يورپ ۾ انهيءَ تبديليءَ جي نگراني ڪئي، جنهن هيٺ ننڍين ڪميونسٽ پارٽين کي ڪامورڪين تنظيمن ۾ بدلايو ويو.

هر هڪ ملڪ جي حاڪمن کي پنهنجي گرفت مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪجهه طور بين الاقوامي هم آهنگيءَ جي ضرورت هئي. فرانس، اٽلي ۽ ايتريقدر برطانيا جي حڪومتن اجان تائين ڪميونسٽ پارٽين طرفان هڙتالن جي مخالفت مان فائدو ورتو پئي. روسي فوجن هتان اوڀر يورپ ۾ قبضو ڪيل رياستن کي اتحادي حڪومتن ذريعي هلايو پئي ويو. انهن حڪومتن ۾ ساڄي ڌر مرڪز ۽ سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽين جون شخصيتون شامل هيون.

وڏين طاقتن جي وچ ۾ ٽڪراءَ 1946_47ع ۾ ظاهر ٿيا. چرچل جيڪو هاڻي برطانيا ۾ مخالف ڌر ۾ هو تنهن فلٽن، ميسوريءَ ۾ 1946ع مارچ ۾ پنهنجي تقرير سان ان باهه کي پڙڪايو ۽ اعلان ڪيائين ته 'بالٽڪ ۾ اسٽيٽن کان وٺي ايڊريٽڪ ۾ ترائسٽ تائين سڄي کنڊ مٿان هڪ لوهي چادر وڌي وئي آهي.' بيشڪ، انهيءَ صورتحال ۾ هن پنهنجي ڪردار جو ذڪر نه پئي ڪيو هن فقط 18 مهينا اڳ ماسڪو ۾ اسٽالن سان گڏ خودغرضاڻا ناهه پئي ڪيا. نه ئي وري ٻن ڏينهن ڪانپوءِ ورجينيا جي ٻين کان الڳ ڪيل جم ڪرو (Jim Crow) رياست ۾ 'آزادي' ۽ 'جمهوريت' بابت پنهنجي جذباتي تقرير ورجائيندي ڪو تضاد نظر آيو. هڪ سال بعد (آمريڪي صدر) ٽرومين، ونسٽن چرچل جي لفظن کي عملي صورت ڏني، يونان ۾ طاقت جي زور تي هلندڙ حڪومت کي برقرار رکندي برطانيا جو ڪردار نڀايو اهائي حڪومت گذريل سال EAM-ELAS جي 300,1 حمايتن جي قتل لاءِ ذميوار هئي.

آمريڪي بالادستيءَ هيٺ يورپي معيشيتن کي بحال ڪرڻ واري رٿا مارشل پلان (Marshal Plan) تي جلدئي عمل ڪيو ويو. ان کي سڄي يورپ جي مدد جي آڇ طور پيش ڪيو ويو. جنهن ۾ روسي قبضي وارا علائقا به شامل هئا. پر ڊبليو ڊبليو روستو، هڪ معيشيتدان جنهن ان کي عمل ۾ آڻڻ تي ڪم ڪيو جنهن بعد ۾ ويٽنام خلاف آمريڪي جنگ ۾ مُک ڪردار ادا ڪيو ٻڌايو ته اها رٿا اُن 'حملي' جو حصو هئي، جنهن جو مقصد 'اسٽالن جي پڪڙ کان ٻاهر رهندڙ علائقن کي مضبوط ڪرڻ' هو.[267] انهيءَ رٿا جي اعلان جي هفتن اندر ۽ آمريڪا طرفان زور وڌايل ساڄي ڌر ۽ مرڪز جي پارٽين فرانس ۽ اٽليءَ مان ڪميونسٽن کي حڪومتن مان ڪڍي ڇڏيو هو.[268] اهو ٽن سالن

تائين هڙتالن جي مخالفت ڪرڻ جو تحفو هو جيڪو ٿورز ۽ توگليتي کي مليو هنن حڪومتي بحرانن جي ڦاٽ ڪائڻ وقت پئرس ۾ رينالٽ ڪارخاني جي وڏي هڙتال سميت مختلف جدوجهدن جي مخالفت ڪئي هئي. 1948ع جي بهار ۾ آمريڪا اٽليءَ ۾ پيسن جي پرمار لائي ڏني ۽ عام چونڊن ۾ ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ اميدوارن کي سوڀارو ٿيڻ کان روڪيو ۽ اڳوڻن فاشسٽن کي ڀرتي ڪري هٿياربند زير زمين تنظيم Gladio (جيڪا بعد ۾ نيٽو جو حصو بڻجي وئي) کي ڪترايو.

روس جي قبضي هيٺ آيل اوڀر يورپ ۾ امڪاني مخالفت کي دٻائڻ لاءِ ساڳيون ڪارروائيون ڪيون ويون. روسي فوج طرفان پوليس ۽ ڳجهن ادارن کي پنهنجن مقرر ڪيل ماڻهن جي هٿن ۾ رکيو ويو. هاڻي روس خلاف ٿيندڙ مزاحمت کي دٻائڻ لاءِ ڪارروائيون ٿيڻ لڳيون. پهريائين، غيرڪميونسٽ وزيرن کي عهدن تان هٽايو ويو. سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽين کي سندن ميمبرن جي جذبن جو لحاظ ڪرڻ کانسواءِ ڪميونسٽ پارٽين سان ضم ٿيڻ تي مجبور ڪيو ويو. پوءِ ڪميونسٽ پارٽي اڳواڻ جن جدا آزاد حيثيت جو مظاهرو پئي ڪيو (ذري گهٽ هر اهو ماڻهو جيڪو اسپين ۾ وڙهيو هو تن سميت) مٿن مقدما، قيد ۽ موت جون سزائون ڏنيون ويون. بلغاريا ۾ ڪوستوف، هنگريءَ ۾ راجڪ ۽ چيڪوسلاويڪيا ۾ سلينسڪي سيني کي موت جي سزا ڏني وئي. پولينڊ ۾ گوملڪا ۽ هنگريءَ ۾ ڪدر کي جيلن ۾ اماڻيو ويو. اسٽالن نہ صرف مارڪيٽ سرمائيداريءَ جي اولهہ جي حمايتن کي هٽائڻ چاهيو پر هن کي، 1948ع ۾ ٽيٽو جي يوگوسلاويا جي الڳ ٿيڻ کانپوءِ خود آزاد ڪميونسٽ حڪومتن مان بہ ڊپ هو. اوڀر يورپ جي ڪميونسٽ اڳواڻن تي مقدما هلايا ويا. ڪين ٽيٽو وانگر 'سامراجي ايجنٽ' ۽ 'فاشسٽ' سڏيو ويو.

جنهن کي 'سرد جنگ' سڏيو وڃي ٿو ان جو واضع اظهار 1948ع جي اونهاري ۾ ٿيو. جرمنيءَ کي چار زونن ۾ ورهايو ويو هو ۽ ائين ئي ان جي راڄڌاني برلن سان بہ ڪيو ويو. آمريڪا، برطانيا ۽ فرانس پنهنجن زونن کي ملائي هڪ ڪيو ۽ هڪ نئين ڪرنسي متعارف ڪرائي، جنهن ان کي روسي زون کان الڳ ڪري ڇڏيو. روس ردعمل طور روڊ ۽ ريل رستي اولهہ برلن ڏانهن شين ۽ خوراڪ جي چرپر تي ناڪابندي مڙهي ڇڏي، جيڪو انهن جي وچ ۾ هڪ الڳ زون هو. وڏي تعداد ۾ آمريڪي ۽ برطانوي هوائي جهاز رسد جي وهڪري کي برقرار رکي سگهيا ۽ ان کي 'آزاديءَ جي دفاع' جو نالو ڏئي اينگلو آمريڪين وڏي پرچار ڪئي.

ان پروپيگنڊا اولهہ جي ڪميونسٽ ۽ کاٻي ڌر جي ڪارڪنن خلاف مهم هلائڻ جو پسمنظر مهيا ڪيو. آمريڪا ۾ Taft Hartley قانون هيٺ ٽريڊ يونين مان ڪميونسٽ عملدارن کي نيڪاليءَ جو مطالبو ڪيو ويو. (استادن ۽ ڪاليج ليڪچرارن سميت) سرڪاري ملازمن کي 'وفاداريءَ جي قسم' تي دستخط ڪرڻ کان انڪار تي نوڪرين مان ڪڍيو ويو ۽ جن ڊائريڪٽرن ۽ ليکڪن پنهنجن 'ڪميونسٽ' رابطن تي ملامت نہ

پئي ڪئي تن مثان سينيٽر ميڪ ڪارٿي واري غير آمريڪي سرگرمين بابت ڪميٽيءَ هالي ووڊ ۾ ڪم ڪرڻ تي بندش وجهي ڇڏي. ليڪڪ ڊيشل هيمٽ انهن ماڻهن منجهان هو جنهن کي ڪميونسٽ هجڻ جي الزام ۾ قيد ڪيو ويو. چارلي چپلن جي ملڪ ۾ داخل ٿيڻ تي ۽ پال رابسن کي ملڪ ڇڏڻ تي بندش وڌي وئي. هڪ ڀيانڪ سزا اها ڏني وئي تہ ايٿل ۽ جوليس روزنبرگ کي ايٽمي راز روس ڏانهن منتقل ڪرڻ جي الزام هيٺ بجليءَ واري ڪرسيءَ تي ڪرنٽ ڏئي سزا ڏني وئي. فرانس ۽ اٽليءَ ۾ ڪميونسٽ مخالف ڏرين ٽريڊ يونين تحريڪ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. برطانيا ۾ ڪيترن وڏين مزدور يونينن ۾ ڪميونسٽ کي عهدا ڏيڻ تي بندش وڌي وئي.

جڏهن اولهہ ۾ اهو ٿيو پئي، تڏهن اوڀر يورپ مٿان روسي نظريو مڙهيو ويو ۽ جنهن بہ اعتراض ڪيو پئي، تنهن کي جيل ۽ جبري پورهئي وارين ڪئمپن ڏانهن اماڻيو ويو. ٻہ بلاڪ (سوويت يونين ۽ سرمائيدار ملڪ) جلدئي مخالف فوجي اتحادن، نيٽو ۽ وارسا پيڪٽ، ۾ بدلجي ويا. اقتصادي طور تي وڏي حد تائين هڪٻئي کان ڪٽجي ويا. آمريڪا اوڀر بلاڪ ڏانهن وڏي پيماني تي شيون اماڻڻ تي بندش وجهي ڇڏي، جڏهن تہ روس اندر ان ڳالهہ تي زور ڏنو ويو تہ 'سياست، معيشيت ۽ نظرياتي سرگرمي مجموعي طور تي سوشلسٽ بلاڪ جي ضرورتن جي ماتحت آهن'.[269]

ٻنهي پاسي فوجي خرچ امن جي دور ۾ بيمثال حدون پار ڪري ڇڏيون. آمريڪي قومي پيداوار جو اٽڪل 20 سيڪڙو ۽ روس جي ٿوريءَ پيداوار جو 40 سيڪڙو تائين خرچ فوج تي ڪيو ويو. روس ڳچها شهر اڏي آمريڪا جي مخالفت ۾ ايٽم بم ٺاهيا، جڏهن تہ آمريڪا هائڊروجن بم ٺاهيو جيڪو ايٽم بم کان سئوڻ تي وڌيڪ تباهي ڦهلائيندڙ هو ۽ هٿياربند نيوڪليئر بمبارن جا جهاز مستقل طور تي اڏامندا رهيا. اجان گهڻو عرصو نہ گذريو تہ ٻنهي سپر پاور ملڪن جو گڏيل بارود ڌرتيءَ کي ڪيئي ڀيرا تباهہ ڪرڻ لاءِ ڪافي ٿي چڪو هو. تنهن باوجود ٻنهي پاسي جنرل جنگي مشقون ڪندا رهيا، جن ۾ انهن هٿيارن کي استعمال ڪيو ويو.

جيئن ٻنهي پاسي نظرياتي هم آهنگي لاءِ 'فولادي پردا' وڌا ويا، تيئن هڪ پوري نسل 'بمن' جي ڇانوَ هيٺ پرورش ورتي. ڪنهن بہ ڪيمپ ۾ ڪوبہ ماڻهو انهيءَ چريائپ ۽ جنونيت جي مخالفت ڪرڻ جي جرئت نہ پئي ڪري سگهيو. ڇاڪاڻ تہ مٿس ٻئي جو حمايتي يا 'ايجنٽ' جو ليبل هنيو وڃي ها. جيڪي بہ ماڻهو مخالف ڌر ۾ رهيا تن مٿان اهي الزام لڳندا رهيا. اولهہ ۽ ٽين دنيا ۾ ڪيترن سوشلسٽن کي گمراهہ ڪري سمجهايو ويو تہ سوويت يونين جا حڪمران سندن پاسي آهن. جڏهن تہ اوڀر بلاڪ ۾ ڪيترن اختلاف ڪندڙن جو اولهہ جي اڳواڻن ۾ ايمان هو جن کي 'آزادي' ۽ 'جمهوريت' لاءِ وڙهندڙ قوتون سمجهيو پئي ويو. جن ماڻهن 1950ع واري ڏهاڪي جي ابتدا ۾ اختلاف ڪيا سي تعداد ۾ صفا ٿورا هئا.

سرد جنگ عالمي پيماني تي ڪڏهن بہ گرم نہ رهي. جيڪڏهن هئي تڏهن بہ اسان جهڙن چند ماڻهن لاءِ. پر ڪوريا ۾ سرد جنگ گرم رهي. هڪٻئي جي مخالف آمرن 1945ع ۾ اتر ۽ ڏکڻ جو ورهاڱو ڪري هر هڪ حصي کي ٻئي سان ڳنڍڻ جي دعويٰ ڪري، پنهنجي حيثيت کي جائز قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. 1949ع جي بهار کان وٺي ڪوريائن ۾ ٽڪراءُ ٿيڻ لڳا. اتر ۾ ڪم ال سنگ پنهنجي ڏاکڻي مخالف سنگمن رهي کان اڳ ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. استالن طرفان اڳتي وڌڻ جو اشارو ملڻ تي، هن 1950ع جي جُون ۾ حملو ڪري ڏنو. ڪيس اميد هئي تہ ڏاکڻي حڪومت ترت ڍير ٿي پوندي نہ هن، نہ ئي استالن سوچيو تہ آمريڪا مداخلت ڪندو. جيتوڻيڪ ڏکڻ جي فوج ملڪ جي ڏاکڻي ڪنڊ تائين پنتي هٽي وئي، پر ڍير نہ ٿي ۽ آمريڪا ڊوڙي اچي مداخلت ڪئي. ان کي ڳڻتي ان ڳالهہ جي هئي تہ ڪوريا ۾ اوير جي بلاڪ جي فتح جو اچان تائين مفلس ۽ تباهہ حال جاپان تي ڪهڙو اثر پوندو جتي هڪ طاقتور ڪميونسٽ پارٽيءَ انقلابي لهجو استعمال پئي ڪيو. آمريڪي صدر ٽرومين بہ ڪوريا ۾ جنگ کي بهانو بڻائي اڳ ۾ ناراض آمريڪي ڪانگريس کان فوجي خرچن ۾ واڌ جي منظوري وٺي ورتي.

جنگ ٽن سالن تائين هلندي رهي. وڏو جاني نقصان ٿيو. اولهہ پاسي پنج لک ۽ ان جي ٽيڻ تي ٻئي پاسي حياتين جو نقصان ٿيو. ويهہ لک ڪوريائي شهري مارجي ويا ۽ ڏاکڻيءَ آباديءَ جي اڌ آباديءَ پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏيا يا مهاجر ٿي ويا. ڪوريا جي عوام کي ڪجهہ حاصل نہ ٿيو. آخر ۾ ورهاڱي جي قطار ساڳي ئي ٿي، جيڪا ابتدا ۾ هئي ۽ لکين ماڻهو ٻئي پاسي موجود پنهنجن دوستن ۽ مائٽن کي ڏسڻ کان محروم ٿي ويا. جڏهن جنگ شروع ٿي تہ ڪڻ ۾ ڪم ال سنگ لاءِ وڏي حمايت هئي ۽ ڪجهہ گوريلن سندس فوجن جي پٺڀرائي پئي ڪئي. ڏاکڻي پاسي جي ڪاهي ڏر وارا جيڪي ڏکڻ پاسي رهيا، تن کي ڏهاڪن تائين جيلن ۾ رکيو ويو جيڪي اتر طرف ڪم ال سنگ جي فوجن سان پنتي هٽيا، تن کي 'شڪي عنصرن' طور قيد ڪيو ويو يا موت جي سزا ڏني وئي. ان دوران ڏکڻ ڪوريا تي لڳاتار آمرن راڄ ڪيو ۽ ذري گهٽ 40 سال لڳا جو ان جي آباديءَ کي انتهائي محدود 'جمهوريت' جو موقعو مليو جنهن لاءِ اُهي جنگ وڙهيا.

سرد جنگ جو لب لباب انهيءَ بيڪار ۽ وحشي ڪوريائي جنگ ۾ ٿيو. حريف حڪمران طبقن طرفان گذريل ٻن صدين جي وڏين ٽيڪنالاجيڪل ترقين کي انسانذات جي وجود کي خطري ۾ وجهڻ لاءِ تيار ڪيو ويو. هر هڪ ڌر جيترو ممڪن ٿي سگهيو دنيا کي پنهنجو تابع ڪرڻ لاءِ روشن خياليءَ جي ٻولي ڪتب آندي ۽ هر هڪ ڌر ماڻهن جي وڏي تعداد کي اهو يقين ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿي تہ ائين ڪرڻ ئي صحيح آهي.

مختصر ترين سونهري دور

غربت ۽ بدامني غائب ٿين پيون. ماڻهن جو معيار زندگي وڌي پيو بيروزگاريءَ جو خوف آهستي آهستي گهٽجي پيو ۽ عام نوجوان پورهيت، وٽ اميدون آهن ته اُهي ڪڏهن به پنهنجي پيءُ واري دور ڏانهن نه موٽندا.[270]

اهي ويچار 1956ع ۾ برطانوي ساڄي ڌر جي سوشل ڊيموڪريٽ اينٿني ڪراسلينڊ جا هئا. هن ڪان 60 سال اڳ برنشٽائين وانگر هن به اهو نتيجو ڪڍيو ته سرمائيداريءَ پنهنجن بحرانن کي قابو ڪري ورتو آهي ۽ 'اسان هاڻي شين جي انبار واري چائنٽ وٽ بيٺا آهيون'.[271]

بعد وارن واقعن هن جي ڳالهه کي غلط ثابت ڪيو پر هن جيڪي انگ اکر پيش ڪيا، تنهن کي ڪير به للڪاري نه ٿو سگهي. عالمي سرمائيداري پنهنجي تاريخ جي سڀ ڪان وڏيڪ مستحڪم ترقيءَ واري دور ۾ گذري ٿي. 1970ع تائين آمريڪي معيشيت 1940ع ڪان ٽيڻ تي وڌي وئي، جرمن صنعتي پيداوار 1949ع ڪان پنجوڻ تي وڌيڪ ٿيڻ لڳي ۽ فرينچ پيداوار چئوڻ تي. اٽلي هڪ هاري ملڪ مان بدلجي هڪ وڏي صنعتي طاقت بڻجي پيو ۽ جاپان ٽپ ڏئي آمريڪا کانپوءِ ٻيو نمبر حيثيت ماڻي ورتي. ان ۾ ڪا اچرج جهڙي ڳالهه ناهي ته ڪيترائي معاشي تاريخ نويس هاڻي ان کي 'سونهري دورَ' طور بيان ڪن ٿا.

وڏي تعداد ۾ ماڻهن جون زندگيون بدلجي ويون. بيروزگاري صفا ڪِري پئي، 1950ع ڌاري آمريڪا ۾ 3 سيڪڙو برطانيا ۾ 1.5 سيڪڙو ۽ 1960ع تائين اولهه جرمنيءَ ۾ 1 سيڪڙو وڃي بچي. آمريڪا، برطانيا ۽ اسڪندنوانيا ۾ 1950ع ڌاري ۽ فرانس ۽ اٽليءَ ۾ 1960 ڌاري اُجرتون آهستي آهستي ۽ گهٽ يا وڌ لڳاتار وڌڻ لڳيون. پورهيتن جون زندگيون سندن وڏڙن کان وڌيڪ بهتر ٿيڻ لڳيون ۽ توقع هئن ته سندن ٻارن جون زندگيون ويتر بهتر ٿينديون.

اهو فقط وڌيڪ اجرتن جو سوال نه هو. پگهارون ته عام واهپي جي شين ۾ خرچ ٿي سگهيون پئي، جهڙوڪ: صفائي ڪندڙ ڪپڙا ڌوئيندڙ مشين، شيون ٿڌيون ڪندڙ ريفريجريٽر، ٽيليوزن، ترت پاڻي گرم ڪندڙ اوزارن جي خريداريءَ ۾. پورهيتن جي معيار زندگيءَ ۾ معياري ڇال پڻ آئي. گهر جو ڪم عورتن لاءِ فرض رهيو پر هاڻي ڪلاڪن جا ڪلاڪ شيون اوٻارڻ، پچائڻ ۽ ٻهاريون ڏيڻ ۾ نه پئي لڳا. ڪاڌو ڏيهاڙي بدران هفتيوار خريد ڪري سگهجي پيو (سُپر مارڪيٽ لاءِ دروازا کُليا جن ڪنڊ وارن دُڪانن جي جاءِ والاري). ايتريقدر جو اُنهن لاءِ جيڪي سينيما، ٿيٽر يا رقص هال ۾ وڃڻ جو خرچ نه پئي پري سگهيا، تن لاءِ تفريح جا مختلف قسم گهر ۾ ٽيپ تي مهيا ٿيڻ لڳا.

ٻيون تبديليون پڻ ٿيون. مالڪن هفتي ۾ ساڍن پنجن ڏينهن بدران پنجن ڏينهن ڪم کي مڃيو ۽ سال ۾ هڪ هفتي کان وڌيڪ ڏينهن موڪل ملڻ لڳي. 1936ع ۾ فرانس

۾ مزدورن لاءِ رعايتون جيڪي وڏي حاصلات لڳيون پئي سي هاڻي اولهه يورپ ۽ اتر آمريڪا ۾ عام هيون. ماڻهن لاءِ موڪلن جي معنيٰ هئي ته، هاڻي اُهي ڀھراڙيءَ ۾ يا سمونڊ ڪناري هفتي جا هڪ به ڏينهن مزا ماڻي سگهندا. مزدور جن جا ماضيءَ ۾ مقصد هڪ سائيڪل خريدڻ تائين محدود هئا، سي هاڻي استعمال شده ڪار خريدڻ لاءِ بچت ڪري پئي سگهيا. پهريون ڀيرو نوجوان پورهيتن جون اجرتون ايتريون وڏي ويون، جو اُنهن پنهنجي هڪ مارڪيٽ ناهي ورتي. 1950 جي وچ ڌاري 'نوجوان ثقافت' جو جنم ٿيو جنهن ۾ پاپ گانن ۽ فيشن جي صورت ۾ ننڍن ٻارن ۽ بالغن جي اڻ کٽ طلب جو اظهار ٿيو ٿي.

پيداوار ۾ تبديلين سان گڏ کپت ۽ طرز زندگيءَ ۾ تبديليون ٿيون. جنگين جي وچ واري عرصي ۾ نون طريقن ۽ هنرن جو ظهور ٿيو. نوان يا وڌايل ڪارخانا، نون پورهيتن سان واشنگ مشينون، ريفريجريٽر، صفائي ڪندڙ ٽيليوزن ۽ ڪارون وغيره ناهڻ لڳا. آمريڪا ۾ شيون ناهيندڙ 70 ملين کان وڌيڪ ۽ برطانيا ۾ 80 لک کان وڌيڪ پورهيت انهن ڪارخانن ۾ سوين ۽ ڪارون توڙي هوائي سامان ناهيندڙ ڪارخانن ۾ اڻ ڳڻيا پورهيت ڪم ڪرڻ لڳا. وقت سان گڏ ڪارخاني جي وڏي پيداوار هين سيني روزگارن لاءِ ماڊل بڻجي وئي. ان جي جٽي بندي ۽ جمعيت سازي سپرمارڪيٽ جي زنجيرن تائين ڦهلجي وئي، ان جو وقت ۽ چرپر ٽائيپنگ ۽ انگ اکر ڪٺا ڪندڙ مرڪزن جو مطالعو ڪرڻ لڳي، ان جو ادائگي سرشتو ڪوئلي جي کاڻين تائين ۽ انتظام هلائڻ جا طريقا بندرگاهن ۽ تعميراتي ڪمن تائين پکڙجي ويا. تنهنڪري ڪارخانن کان متاثر حڪمت عملين جي ايڏي وڏي پيماني تي عمل سبب ڪجهه صنعتي سماجياتي ماهرن ان دور جي ترجماني ڪندي لفظ 'فورڊ ازم' ڪتب آندو. جيئن صنعتي انقلاب واري ڪارخاني پورهيتن کي سنڌن حالتون سُڌارڻ خاطر وڙهڻ جي سگهه مهيا ڪئي هئي، تيئن هاڻي اجان وڏي پيماني تي ڪارخاني واري ملازمت جي طرز هر هنڌ پکڙجي وئي. ڊيٽريوٽ، ٽورن، ڪوينٽري، ڊگنهم، ڪالگني ۽ بلانڪورٽ جي ڪارين ناهڻ وارن ڪارخانن، سيٽل جي هوائي سامان جي ڪارخانن ۽ ڪيليفورنيا جي هٿيارن وارن ڪارخانن، ڪوئلي جي کاڻين ۽ ٻيڙيون ناهڻ وارين جاين سرمائي جي مالڪن سان مزاحمت ڪرڻ جي سگهه جا مرڪز ناهيا. اتر آمريڪا ۽ ڪجھ يورپي ملڪن ۾ انهن سياستدانن تي پاڙيو جن سماج کي مستحڪم ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ 'اتفاق' جي تبليغ ڪئي.

ڊگهي چاڙهه وارا سال، جنهن ۾ پراڻن غريب قانونن کي بدلائي 'فلاحي رياست' جي صورت ڏني وئي. سرمائي جي نقطه نظر کان هي جزوي طور تي ٽريڊ يونين يا سياسي ٽياڪڙن (يورپ ۾ سوشل ڊيموڪريٽڪ سياستدان، آمريڪا ۾ 'لبرل' ڊيموڪريٽ) کي استعمال ڪرڻ جو سوال هو ته، اُهي پورهيتن جي راضپي کي حاصل ڪن جيڪو جنگ کان اڳ واري دور کان امڪاني طور تي وڌيڪ سگهارو ٿي چڪو هو. ٻارن جي صحت ۽

تعليم کي سُڌارڻ ذريعي مهانگي پورهئي جي طاقت کي موثر نموني نئين سر پيدا پڻ ڪيو ويو. پنهي صورتن ۾ فلاحي رياست جي ’سُڌاري‘ جي معنيٰ بهتري ائين نہ هئي، جيئن 19 هين صديءَ ۾ هئي يا هاڻي معنيٰ ورتي ويجي ٿي، پر فلاحي ڪمن کي گهٽائڻ هئي تہ جيئن ماڻهن کي سندن پورهئي جي طاقت وڌيڪ سستي اگهہ تي کپائڻ تي مجبور ڪيو وڃي.

ترقي يافتہ ملڪن ۾ ڏکهي چاڙهہ ٻيون اهم تبديليون آنديون. محنت جي کوٽ سرمائي کي مجبور ڪيو تہ اهو پورهيتن جي تازي رسد لاءِ دنيا کي مهٽي ۽ رڳڙي ٻهراڙيءَ کان آيل مهاجر پورهيت جلدئي بيلجيم جي کاڻين ۽ سئس ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ توڙي ملن ۽ تورن (شهرن) جي وڌندڙ آبادين کي ويتر وڌائڻ لڳا. اڳوڻن فصلن ۾ پائيوار ڪاري چمڙيءَ وارن جي لوڊ، لاس اينجلس، ڊيٽريوٽ ۽ شڪاگو ڏانهن وڌڻ لڳي. جرمن ادارن اوير جي مهاجرن جي آجيان ڪئي ۽ ترڪي ۽ يوگوسلاويا کان آيل لکين ’مهمان مزدورن‘ جو بندوبست ڪيو. فرينچ ادارن اتر آفريقا مان پورهيت ڀرتي ڪيا! برطانيا جي صحت واري اداري ڪيريبين مان ۽ ان جي ڪپڙي جي صنعت پنجاب مان مزدورن جي ڳولا ڪئي. سرمائيداري گهٽي عرصي کان سيني ڪنڊن جي پورهيت عوام کي عالمي مارڪيٽ ذريعي گڏائي ڇڏيو هو. هاڻي اها انيڪ ماڻهن کي ان جي وڏن شهرن ۾ گڏ ڪرڻ لڳي. ان ڪري، گهٽ يا وڌ، منفرد ثقافت جا ماڻهو پاڻمرادو ضم ٿي ويا، پر ان نسل پرستيءَ کي وڌائڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي تہ جيئن مختلف نسلن جي گروهن کي هڪٻئي خلاف ويڙهائي سگهجي.

نيٺ ان چاڙهہ جنسن جي وچ ۾ لاڳاپن ۾ تاريخي تبديلين کي جنم ڏنو. پورهئي جي قوت جي نون وسيلن جي رسد لاءِ، سرمائي عورتن کي استعمال ڪيو جيئن صنعتي انقلاب جي ابتدائي ڏينهن ۾ ٿيو. سدائين کان ڪجهہ ڪارخانا اهڙا رهيا، جن جو انحصار عورتن تي هو خاص ڪري ڪپڙي جون صنعتون، ۽ ٻهرين عالمي جنگ کان وٺي صنعتي پورهئي جي قوت ۾ عورتن جو تعداد لڳاتار وڌندو رهيو پر شادي شده عورتن جي اڪثريت (1950ع ۾ برطانيا ۾ 80 سيڪڙو) وٽ پگهاردار ملازمت نہ هئي. پورهئي جي قوت کي ٻيهر پيداوار کي يقيني بنائڻ لاءِ رياست شادي شده عورتن کي گهر ۾ رهي، ٻارن جي سار سنڀال ۽ پنهنجن مڙسن لاءِ کاڌ خوراڪ لاءِ همٿايو ۽ اڪثر شادي شده عورتن کي اجرتون گهٽ بہ نہ پئي مليون تہ جيئن اُهي پيٽوبار ڪٽي سگهن ۽ گهر بہ هلائي سگهن. ڏکهي چاڙهہ سان هڪ وڏي تبديلي ٿي. نين گهريلو شين (سامان) گهر جي ڪم جو بار گهٽائي، عورتن کي پگهار تي ڪم کي بہ آسان بڻائي ڇڏيو. ڪارخانن جي مالڪن عورتن کان پارٽ ٽائيم بنيادن تي ٻارن جي سنڀال سان گڏ ڪم وٺڻ پئي چاهيو ۽ گهريلو شيون خريدڻ لاءِ گهربل اضافي ڏوڪڙن عورتن کي ملازمتن لاءِ ترغيب ڏني.

نوان بندوبست اقتصادي دٻائن جو نتيجو هئا، پر انهن دٻائن جون وڌيڪ وسيع

پيچيدگيون هيون. عورتون جن کي ملازمت ۾ آندو ويو تن ان آزاديءَ جي آجيان ڪئي، جنهن کين هڪ پگهار ڏني، ان کين پنهنجن پيرن تي بيهڻ لاءِ وڏيڪ همٿايو. 5 هزار سال اڳ واري طبقاتي سماجي جي اوسر کان وٺي عورتن جي عوامي ڪردار کان انڪار ڪيو ويندو رهيو. هاڻي عورتن جي هڪ اڪثريت کي گهرن جي چوديواري مان ڪڍي عام صنعت ۾ آندو پيو وڃي.

عورتن مٿان پيٽو بار برقرار رهيو. ڪيترن ڪارخاني جي مالڪن عورت پورهيتن جي آجيان ڪئي، ان جو هڪ ڪارڻ اهو هو تہ ڪائن گهٽ پگهار تي ڪم وٺي پئي سگهيا. محنت جي مارڪيٽ اڃان تائين ان تصور ۾ جڪڙيل هئي تہ مرد جي آمدني عورت کان وڌيڪ اهميت رکي ٿي. ڪيترن روايتي نظرين ان جي حمايت ڪئي تہ، عورتن جو ڪم فقط ٻارن جي سار سنڀال آهي، پر سرمائي پنهنجي انبارن ۽ منافعن لاءِ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون، جن ۾ عورت انهيءَ سرشتي کي للڪارڻ جو اعتماد ماڻي ورتو. ان عورتن جي آزاديءَ لاءِ ميدان ٺاهيو پلي پوءِ سندن مطالبا ڪڏهن بہ پورا نہ ٿي سگهيا.

بئنڪيتي نظام کان آزادي

5 آگسٽ 1947ع تي جواهر لال نهروءَ دهليءَ ۾ لال قلعي مٿان انڊين قومي جهنڊي کي چاڙهيو. برطانيا پنهنجي سلطنت جي 'شاهي تاج جي هيري' کان موڪلايو پئي. آفريقا لاءِ جهٽ هٽڻ کان 60 سال پوءِ برطانوي سلطنت جي عمر ختم ٿيڻ ڏانهن وڌي پئي، توڻي جو ان جي موت جا سُور 1990ع تائين ڏکڻ آفريقا ۾ اڇي چمڙيءَ واري اقليتي راڄ جي دستبرداريءَ تائين ٿيندا رهيا.

برطانيا جي حڪمرانن رضا خوشيءَ سان انڊيا مان هٽ نہ ڪيا هئا. انڊيا کي پاڻ وٽ رکڻ هنن ڪوششون ڪري نندي ڪنڌ کي ورهائي، ان کي فرقيوارائي ويڙهہ جي رت ۾ ٻوڙي ڇڏيو.

1930ع ڌاري انڊين قومي تحريڪ کي هڪ نئون تحرڪ مليو هو. عالمي بحران انڊيا کي مفلس ڪري ڇڏيو هو. 'ڏور اتر ۾ ڪشمير جي رئيساڻي رياست کان وٺي ڏکڻ ۾ آنڌرا ۽ ٽراونڪور تائين زرعي انقلابي رجحان هر هنڌ پيدا ٿيو هو'.[272] هڙتالن ۾ حصو وٺندڙ مزدورن جو تعداد 1932ع ۾ 1 لک 28 هزار مان وڌي 1934ع ۾ 2 لک 20 تائين ٿي ويو.[273] ڪانگريس جي کاٻي ڌر سان لاڳاپيل نهرو ۽ سڀاش چندر بوس جهڙين شخصيتن وانگر ڪانگريس جو اثر وڌيو. ڪانگريس جا اميدوار جن مسواڙن ۽ محصولن ۾ گهٽتائي سميت هڪ پروگرام هيٺ مهم هلائي، تن 1937ع ۾ صوبائي اسيمبلين لاءِ چونڊن ۾ سوڀ ماڻي. مسلمانن لاءِ الڳ سيٽن منجهان مسلم ليگ فقط هڪ چوٿائي حاصل ڪيون، پر ڪانگريس اندر اصل طاقت ساڄي ڌر ۽ گانڌيءَ جي ويجهڙن انڊين سرمائيدارن جي

ٽولي وٺ هئي. ڪانگريسي صوبائي حڪومتن جلدئي هڙتال مخالف قانون منظور ڪري، طبقاتي بنيادن تي جدوجهد کي روڪي ڇڏيو. فرقيوار تڪرارن جي بحالي لاءِ رستو ڪليل رهيو ڇاڪاڻ تہ مسلمان عليحدگي پسندن، هندو زميندارن جي خراب چال چلت کي بنياد بڻائي، سڀني هندن تي الزام هنيو ۽ هندو شاونسٽن مسلمان جاگيردارن جي ڪرتوتن لاءِ سڀني مسلمانن تي الزام هنيو.

برطانيا خلاف دشمني تڏهن وڌي، جڏهن ان انڊين ديسي حڪمرانن سان صلاح مصلحت ڪرڻ کانسواءِ، انڊيا طرفان جرمني خلاف اعلان جنگ ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ انڊيا کي پنهنجي حڪومت ڏيڻ بابت غور ڪرڻ کان بہ انڪار ڪري ڇڏيو. جڏهن تہ برطانوي حاڪمن جي دعوي اها هئي تہ 'آزادي' لاءِ وڙهون پيا. ايتريقدر جو گانڌي 1942ع ۾ 'انڊيا مان نڪري وڃو' جهڙي عوامي مهم تي اتفاق ڪيو. هڙتالون، شاگردن ۽ پورهيتن طرفان وڏا مظاهرا ٿيا. مسلسل پوليس سان جهيڙا ٿيندا رهيا. جنهن ۾ پوليس احتجاج ڪندڙن کي گهٽين ۾ ڪُٽيو. پوليس بي هٿياربند مظاهرو ڪندڙن مٿان گوليون هلايون. ردعمل طور برطانوي ادارن مٿان گوريلا حملا ڪيا ويا. پوليس ٿاڻن کي باهيون ڏنيون ويون، ٽيليگراف جون تارون ڪٽي ۽ ريلوي لائين کي بلاڪ ڪيو ويو. رياستي ظلم نيٺ تحريڪ کي ٽوڙي ڇڏيو. 2 هزار ماڻهن جو نقصان ٿيو ۽ فقط بمبئي ۾ 2500 ماڻهن کي ڪوڙا هنيا ويا. ڳوٺن کي باهيون ڏنيون ويون ۽ هوا مان مشين گن سان گوليون هلايون ويون. پر برطانوي وائسراءِ جنرل ارچباڊ ويول 1943ع ۾ چرچل کي ٻڌايو تہ 'جنگ کانپوءِ انڊيا کي قابو ڪري رکڻ لاءِ رياستي طاقت جي استعمال سان برطانيا جا حد کان وڌيڪ خرچ ٿيندا'.[274]

سامراجي اختيارن وٽ ڪيڏڻ لاءِ آخري پتو هو. هي ڪانگريس کي منهن ڏيڻ لاءِ مسلم ليگ ڏانهن مڙيا. مسلم ليگ جي دعوا هئي تہ اها سڀني مسلمانن جي نمائندگي ڪري ٿي ۽ 1937ع جي چونڊن ۾ ڪمزور ڪارڪردگيءَ باوجود ڪيترن صوبن جو انتظام ڪيس ڏنو ويو. ان جي مشهور اڳواڻ محمد علي جناح هاڻي جدا مسلمان رياست جو مطالبو ڪيو. جنهن جي هن اڳ ۾ مخالفت ڪئي هئي. جيتوڻيڪ اهڙي الڳ رياست جون سرحدون ٺاهڻ ناممڪن هو ڇاڪاڻ تہ جن حدن جي ڳالهہ ٿي پئي، ڪيترائي هندو ۽ سِک انهن علائقن ۾ رهيا پئي ۽ ساڳئي ريت ڪيترائي مسلمان، جيڪي هندو اڪثريتي علائقن ۾ رهيا پئي، سي خارج ٿي وڃن ها. ڪميونسٽ پارٽي، جنهن ماضيءَ ۾ فرقيوار ورهاڱي جي مخالفت ڪئي هئي، تنهن برطانيا جي جنگي ڪوشش جي حمايت جي حصي طور ان مطالبي جي حمايت ڪئي ۽ دعوي ڪئي تہ مسلمان ۽ هندو بہ الڳ 'قومون' آهن.

فرقيوارانہ ورهاڱي واري موقف کي ٽوڙڻ ۽ قومي تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ اڃان تائين اٿاهہ امڪاني سگهہ موجود هئي. 1946ع جي فيبروريءَ ۾ بمبئي ۾ برطانوي بحريا

۾ انڊين سپاهين، نسلي بيعزتين ۽ (اچي چمڙيءَ وارن ڪان) گهٽ اجرتن خلاف احتجاج شروع ڪيو. احتجاج وڌي 78 بيڙين ۽ 20 ساموندي ڪناري وارين اسٽيشنن تائين ڦهلي ويو ۽ بغاوتون ٿيون. شاگردن ۽ پورهيتن جي مظاهرن ۽ هڙتالن سندن پٺڀرائي ڪئي.[275] بغاوت ڪندڙن جي هٿن ۾ هندن ۽ مسلمانن جي سجاڳپڻ سميت ڳاڙها جهنڊا هئا. 1857ع ڪانپوءِ هي پهريون ڀيرو هو ته. برطانوي انڊين سلطنت جي دفاع لاءِ قائم ڪيل فوج ان جي خلاف ٿي پئي ۽ اهو ڪم اهڙي نموني ٿيو جو مسلمان- هندو-سِک اتحاد کي هيٺان کان مضبوط ٿيڻ جا امڪان پيدا ٿيا ۽ اُن جدوجهد فرقيواريت کي گهٽائي ڇڏيو پر ڪانگريس جا اڳواڻ ان بغاوت جي حمايت لاءِ تيار نه هئا. گانڌيءَ بغاوت جي مخالفت ڪئي ۽ نهروءَ ان کي خاموش ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. توڙي جو بغاوت برطانيا جي اقتدار ۾ رهڻ وارين اميدن کي پوڙي ڇڏيو پر بغاوت کي موٽ نه ملڻ سبب فرقيواريت نئين سر اسري پئي.

چونڊن ۾ جناح جي مسلم ليگ مسلمانن آبادين وارين چڱيون سيٽون کٽيون، پهريون ڀيرو ائين ٿيو هو ۽ فرقيوارانه جدوجهد ذريعي چونڊن ۾ مليل سوڀ کي هڪ جدا رياست لاءِ منظوري طور زور ڏنو ويو. بنگال ۾ صوبائي حڪومت جي مسلم ليگي اڳواڻ سهروردي، جنهن 43-1942ع جي وڏي ڏڪار دوران اناج جي ڪاري مارڪيٽ ذريعي ڊيل مان لکين ڪمايا هئا. تنهن هندن خلاف تشدد کي پڙڪايو.[276] هندو شاونسٽن موقعي جو فائدو وٺي مسلمانن جو قتل عام شروع ڪري ڇڏيو ۽ 5 هزار ماڻهو مري پيا. هڪ شهر کان ٻئي شهر ۾ فرقيوار فساد ٿيڻ لڳا. جن هڪ سال بعد ۾ آخري حيبتناڪ دهشت جا بنياد رکيا.

ڪانگريسي اڳواڻ ۽ سندن پٺڀرائي ڪندڙ سيٺ پنهنجي رياست کي پنهنجن هٿن ۾ ڪرڻ لاءِ آتا هئا. پلي پوءِ اها ورهايل ئي ڇو نه هجي ۽ جناح سان ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي تي متفق ٿيا. هڪ انگريز سرڪاري ملازم ريڊڪلف، جنهن کي انڊيا بابت ڪا خبر نه هئي، تنهن ورهاڱي جي لائين ڪڍي، جنهن بنگال ۽ پنجاب کي اڌواڌ ڪري ڇڏيو. لاهور ۽ امرتسر جي پاڙيسري شهرن سميت پنجاب جي ٻنهي پاسي هندو مسلمان ۽ سک آباديون هيون. هاڻي ساڄي ڌر جا مسلمان غنڊا هڪڙي پاسي هئا ۽ ٻئي پاسي ساڄي ڌر جا هندو ۽ سک غنڊا هئا، تن زمينون ڦٻائڻ لاءِ 'غلط' مذهب سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي تڙي ڪڍڻ ۽ ڊيڄارڻ ۽ قتل عام ڪرڻ شروع ڪيو. ڪجهه جاين تي 250،000 ۽ ڏهن لکن جي وچ ۾ ماڻهو مارجي ويا. ساڳئي وقت هجومن دهلي ۽ لکنئو جهڙن شهرن ۾ مسلمان اقليتن تي حملا ڪري، کين پاڪستان ڏانهن هجرت ڪرڻ تي 'آماده' ڪيو.

ورهاڱي جي دهشت کانپوءِ هڪ ٻي تباهي تي، ٻنهي رياستن جي وچ ۾ جنگ لڳي. ٻنهي (پاڪستان ۽ انڊيا) ڪشمير مٿان دعوا ڪئي، جنهن ۾ مسلمان اڪثريت ۾ هئا، جڏهن ته هڪ هندو شهزادي ۽ هڪ قيد ٿيل مسلمان مخالف ڌر جي اڳواڻ ڪانگريس

جي حمايت ڪئي. پاڪستان ۽ انڊيا ٻنهي ان کي هڙپ ڪرڻ لاءِ هٿيار کنيا. انڊين فوج ڀڄرايائين راڄڌاني سرينگر تائين پهتي. هڪ سال تائين ٻنهي ڌرين ۾ چڪتاڻ هلندي رهي، نيٺ ٻنهي فوجن جي وچ ۾ جنگ بندي ٿي ۽ سوين ميل ڊگهي سرحدن تي موجود سپاهي هڪٻئي کي گهوريندا رهيا.

ورهاڱي جا ٻنهي ملڪن تي تباهه ڪن اثر ٿيا. ان انڊيا ۾ هندو شاونسٽن جا هٿ مضبوط ڪيا. مقامي، ذاتين، ٻولين ۽ مذهبي گروهن جي آقائن جي بدلجندڙ اتحادن تي ٻڌل پارٽي سياست کي هٿي ڏني. عوام جون زندگيون بهتر ڪرڻ لاءِ گهربل وسيلا پاڪستان سان فوجي ٽڪرارن تي خرچ ڪيا ويا.

پاڪستان تي اڃان وڌيڪ بدتر اثر ٿيا. ان جي ماڻهن وٽ فقط مذهب ئي عام شيءِ هو ۽ تنهن هوندي اسلام جي شيعا ۽ سُني فرقن جي وچ ۾ جهيڙا ٿيندا رهيا. ملڪ کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو جنهن جي وچ ۾ سوين ميل انڊين علائقو هو. اوڀر واري حصي ۾ اڪثريت بنگالي ٻولي ڳالهائيندي هئي، جڏهن ته اولهه ۾ پنجابي ۽ ٻيون ٻوليون ڳالهائيندي هئي، پر سندن قومي ٻولي اردو هئي، جيڪا مرڪزي اتر انڊيا کان هجرت ڪري آيل اقليتي آباديءَ جي ٻولي هئي. ٻيو ته اولهه واري حصي جي وڏن علائقن تي جاگيردارن جي حاڪميت هئي. نتيجو لڳاتار سياسي عدم استحڪام ۽ بحران، لڳاتار فوجي آمريتون، هڪ خونخوار عوامي بغاوت ڪانپوءِ 1971ع ۾ اوڀر پاڪستان جو ٽٽي بنگلاديش ٿيڻ، اولهه پاڪستان ۾ وري فوجي قبضا، اڳوڻي وزيراعظم (ذوالفقار علي ڀٽو) کي ڦاهي ۽ 1990ع ۾ ملڪ جي مُک صنعتي شهر ڪراچيءَ ۾ ذري گهٽ گهرو جنگ جهڙي صورتحال پيدا ٿي پئي.

بهرحال، انڊيا جي ورهاڱي جي بربادي برطانيا جي ٻين علائقن مان تڏا ويڙهه ٿيڻ تي اثرانداز ٿي. سامراجي پنڌي هٿڻ لڳا ۽ هر ڪالونيءَ ۾ عوامي طاقتون ڪين سبق سيکارڻ لاءِ تيار وينيون هيون.

عوامي چين

انڊيا مان برطانيا جي نيڪاليءَ جي فقط ٻن سالن ڪانپوءِ، 1949ع جي اونهاري ۾ مائوزي تنگ، زو دي ۽ ليو شائوچي جهڙن پراڻن ڪميونسٽن جي اڳواڻيءَ هيٺ پيپلز لبريشن آرميءَ بيجنگ تي قبضو ڪري ورتو. تائيوان جي وڏي ٻيٽ ۽ برطانوي ڪالوني هانگ ڪانگ کي ڇڏي، ان سڄي چين کي متحد ڪرڻ لاءِ ڏکڻ طرف مارچ ڪيو. هاڻي پرڏيهي رعايتن ۽ پرڏيهي جنگي ٻيڙين جا ڏينهن ڳڻجي چڪا هئا، جن هڪ صديءَ تائين ملڪ مٿان پاڻ کي ٿاڦي رکيو هو.

مائو جي فوج ڪميونسٽن ۽ قومپرست فوجن سان اختلاف ڪندڙن جي گروهه طور پنهنجي زندگي شروع ڪئي هئي، جيڪي 1920ع ۾ چيانگ ڪائي شيڪ هٿان قتل

ٽيڻ ڪان بچي ويا هئا ۽ ڏکڻ ۾ ڪيانگسي صوبي جي سرحد وٽ پنهنجو اڏو قائم ڪيو هيائون. هنن فوج ۾ مقامي هارين کي ڀرتي ڪيو جيڪا چيني تاريخ ۾ وقفي وقفي سان ٿهندڙ باغي هاري فوجن جهڙي هئي. جڏهن چيانگ جي فوجن طرفان دٻاءُ پيو ته هنن ڏکڻ ۽ اولهه چين کان ٽيندي، ڏورانهين اتر اولهه ۾ ينان ڏانهن 7 هزار ميلن جو ور وڪڙن وارو 'ڊگهو مارچ' ڪيو. هڪ لک ماڻهن مارچ شروع ڪيو جن مان فقط ڏهن مان هڪ بچيو پر انهيءَ تڪليف کين نئين حمايت ڏني، خاص ڪري 1937ع ۾ چين مٿان جاپاني حملي کانپوءِ.

چيانگ ڪائي شيڪ جي فوج کي جاپان گهڻو اندر تائين پٺتي هٽڻ تي مجبور ڪيو. تنهنڪري چيانگ ڪميونسٽ فوجن سان وڙهڻ جي قابل نه رهيو. هنن وٽ ٻيو ڪو گس نه هو تنهنڪري جاپان سان وڙهندي، هڪٻئي جي مخالف چيني قوتن هڪٻئي کي برداشت ڪيو. چيانگ جي اڪثر جنرلن جي خواهش هئي ته، سندن سپاهين ۽ هارين جي محنتن تي امير ٿين. ان جي ابتڙ پيپلز لبريشن آرمي آهستي آهستي پنهنجا پير ڄمايا. ان جاپان خلاف وڙهندي پڙهيل لکيل وچولن طبقن منجهه ساک ٺاهي، مسواڙون گهٽائڻ جي پاليسيءَ سان هارين جي حمايت ماڻي ۽ ايتريقدر جو چيني سرمائيدارن طرفان کين ڪجهه ٽيڪ ملي.

1945ع ۾ جاپان جي ڍير ٿيڻ وقت چيانگ وٽ هڪ وڏي فوج ۽ آمريڪا کان مليل سامان هو (روس طرفان تمام ٿوري مدد ٿي ڇاڪاڻ ته ان مرحلي تي اسٽالن ڪميونسٽن کي ڪا ٽيڪ نه ڪرائي). پر مائو جي فوج وٽ بلند اخلاقي سگهه ۽ بهتر ضابطو هو. جڏهن ٻنهي جي وچ ۾ گهرو جنگ لڳي ته چيانگ جي فوج منتشر ٿيڻ شروع ڪيو سڄا سارا جٿا (پنهنجن جنرلن سميت) پاسا بدلائيندا رهيا. 1949ع جي آخر تائين چيانگ ڪائي شيڪ تائيوان ڏانهن ڀڄي ويو جتي اڄان تائين ڪومنتانگ حڪومت تي غالب آهي.

مائوءَ جي فتح آمريڪا لاءِ ڇرڪائيندڙ ڌڪو هو. جنهن چين کي پنهنجي غير رسمي سلطنت جي حصي طور ڏٺو پئي، ڇاڪاڻ ته اُن چيانگ ڪائي شيڪ جي جنرلن جي کيسن ۾ پيسا ڀري ڇڏيا هئا. ان جو خيال هو ته مائو هڪ ڪميونسٽ آهي ۽ اسٽالن به هڪ ڪميونسٽ آهي، تنهنڪري آمريڪا کي اهو ڌڪو هڪ عالمي ڪميونسٽ سازش جي نتيجي طور مليو. ان ڳالهه کي نظرانداز ڪندي ته روس چيانگ کي مدد مهيا ڪئي هئي ۽ مائوءَ کي صلاح ڏني هئي ته اقتدار تي قبضو نه ڪري، ڪوريائي جنگ ۾ آمريڪي فوجي آپريشن، جيڪو مائوءَ جي فتح کان فقط مهينا پوءِ ٿيو. تنهن اتر ڪوريا معرفت ساڄي پاسي کان چيني سرحد ڏانهن فوجون اماڻي، چين کي مجبور ڪيو ته اتر ڪوريا جو پاسو وٺي ۽ ائين مائو کي روس ڏانهن ڌڪيو ويو (ٽوٽي جو سندن اتحاد فقط ڏهن سال هليو). ساڳئي وقت آمريڪا 'ڪميونزم' خلاف 'عالمي آزادي' جي دفاع جي

حصي طور ويٽنام ۾ فرينچ ڪالونيل ازم کي ٽيڪو ڏنو ۽ ان کي پيسا ۽ هٿيار مهيا ڪيا، جنهن ڪري فرانس 1945ع تائين ويڙهه برقرار رکي سگهيو.

آمريڪا بابت ڪابي ڏر وارا گهڻا دوست بين الاقوامي طور تي ساڳيا نتيجا ڪڍن ٿا، پر تشريح ان جي ابتڙ ڪن ٿا. چين ۽ روس هاڻي گڏيل طور تي 'امن ۽ سوشلزم' جي بلاڪ ۾ هئا. ٻيو ته ڪجهه ماڻهو دليل ڏين ٿا ته، چين ثابت ڪيو ته ٻهراڙيءَ جي گوريلا جنگ ذريعي اقتدار حاصل ڪرڻ ڪيڏو نه آسان آهي. اهڙا دوست 1930ع جي ٻئي اڌ ۽ 1940ع جي پهرين اڌ ڏاري چين جي خاص حالتن کي نظرانداز ڪن ٿا، هتي وسيع ايراضي، جاپاني حملو چيانگ جي فوج ۾ انتهائي بدعنواني اهم عنصر هئا. اهي دوست اهو ڏسڻ ۾ پڻ ناڪام ٿين ٿا ته، مائو پنهنجي فوج لاءِ پرتين ۾ هارين تي انحصار ڪيو پر 'آزاد ٿيل علائقن' ۾ ان جو ڪيڊر ۽ انتظامي ڍانچو شهرن کان آيل وچولن طبقہ جي پڙهيل لکيل انقلابي ميمبرن جو ٺهيل هو.

سلطنتن جا آخري قيام

انڊيا مان برطانيا جي نيڪاليءَ کان ترت پوءِ مائوءَ جي فتح بئنڪيتن ۾ هر هنڌ احساس ۾ اضافو ڪيو ته، سامراجيت کي شڪست ڏئي سگهجي ٿي. فرانس جي قبضي هيٺ آيل الجيريا ۾ اچڻي بغاوت لاءِ هنگاما پئي ٿيا ۽ ويٽنام ۾ هڪ آزاد حڪومت قائم ڪرڻ جي ڪوشش پئي ٿي. جنگ کان اڳ وڏي ڊچ ڪالوني ايسٽ انڊيز ۾، هڪ قومپرست تحريڪ وڌڻ شروع ڪيو. ان جي اڳواڻن جاپاني قبضي جو فائدو وٺندي ۽ قبضاگير دشمن قوتن جو اڌ ساٿ ڏيندي، پنهنجي حمايت جو دائرو وڌائي ڇڏيو ۽ جڏهن جاپان ڇڏيو ته اُنهن پنهنجو پاڻ هڪ نئين ملڪ انڊونيشيا جو اعلان ڪيو. 1949ع ۾ صدر سئڪارنو جي اڳواڻيءَ ۾ آزادي حاصل ڪندي ماڻي اُهي وري ڊچ ڪالونيل ازم کي مڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. ملايا ۾ مقامي ڪميونسٽ پارٽي، جنهن برطانيا جي ٽيڪ سان جاپان خلاف مزاحمت ڪئي، سا برطانيا کان آزاديءَ لاءِ جنگ وڙهڻ لاءِ تيار هئي. آفريقا ۽ ويسٽ انڊيز جا ڪيترائي شاگرد، جهڙوڪ: ڪوامي نڪروماه، جومو ڪينياٽا ۽ ارڪ وليمس جن 1930ع ڌاري لنڊن ۾ هڪٻئي سان جاڻ سڃاڻ ڪئي، سي پڻ آزاديءَ لاءِ جدوجهد خاطر گهر موٽي آيا. دمشق، بغداد ۽ ڪائرو جي عرب راڄڌانين ۾ هڪ نئين نوجوان وچولي طبقي جي پيڙهي جن منجهان ڪجهه وٽ رياست جي ڪامورا شاهيءَ اندر اهم عهدا هئا، تن سچي آزادي ماڻڻ لاءِ سازشون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ اٽلانٽڪ سمونڊ کان گلف تائين هڪ متحد 'عرب قوم' جا خواب ڏٺائون.

ڪالونيل طاقتن جيئن ماضي ۾ ڪيو هو تيئن آزاديءَ جي تحريڪن کي ڪچلڻ لاءِ مشين گنون استعمال ڪيون، بمبار حملا ڪيا ۽ حراستي ڪيمپون ٺاهيون. ويٽنام، مڊگاسڪر، الجيريا ۽ ان جي اولهندي آفريقي ڪالونين ۾ فرانس جو اهو ردعمل هو.

ملايا، ڪينيا، سائپرس، ايڊن ۽ روڊيشيا ۾ برطانيا ساڳيو ڪم ڪيو[277]، ۽ انگولا، موزمبيق ۽ گني بسائو ۾ پورچوگال ائين ڪيو.

پر دير يا سوير اها ڳالهه چٽي ٿي وئي تہ اها حڪمت عملي غير پيداواري آهي، جيڪا فقط يورپي مفادن خلاف عوامي دشمنيءَ کي گهرو ڪري ٿي. حڪمرانن جي وڌندڙ تعداد ڏٺو تہ بهتر پاليسي اها ٿيندي تہ مقامي شخصيتون ناهجن، جيڪي 'آزاد' حڪومتن جي سربراهن طور سندن مفادن سان وفادار رهن. برطانيا ڳچ وچ اوڀر، اولهہ آفريڪا ۽ ويسٽ انڊيز ۾ انهيءَ حڪمت عمليءَ تي عمل ڪيو. ملايا ۾ برطانيا ڪميونسٽ اڳواڻيءَ ۾ هلندڙ آزاديءَ جي تحريڪ خلاف سخت طاقت استعمال ڪئي (فوجن 'دهشتگردن' جا مٿا ۽ هٿ وڍي چڙهيا ۽ ڪنڊيدار تارن ۾ گهيريل ڳوٺن ۾ پنج لک ماڻهن کي جبري طور تي ٻيهر آباد ڪيو)، پر ان 'اعتدال پسند' ملائي سياستدانن سان آزاديءَ جو واعدو پڻ ڪيو جن چيني اقليت بابت نسلي تعصب کي استعمال ڪري پنهنجي لاءِ حمايت پيدا ڪئي هئي. ايتريقدر جو برطانيا 'ديس واسين' سان رعايتون ڪرڻ خلاف ڄمي بيهڻ جي ڪوشش بہ ڪئي، جهڙوڪ: ڪينيا جتي برطانيا ڳوٺن تي بمباري ڪئي ۽ ماڻهن کي حراستي ڪيمپن ۾ رکيو جتي ڪيترائي مري ويا ۽ سائپرس جتي برطانوي فوجن تشدد ڪيو. آخر ۾ سياسي اڳواڻن (جومو ڪينياتا ۽ آرڪ بشپ ماڪريوس، جن کي ان اڳ ۾ قيد يا جلاوطن ڪيو هو) کي ڳالهين ذريعي 'پرامن' نموني اقتدار منتقل ڪرڻ تي مجبور ٿيا.

ويتنام ۽ الجيريا ۾ فرانس نيٺ ساڳي حڪمت عملي تي عمل ڪيو پر ڪٿي نہ سگهڻ جهڙين جنگين ۾ ڪيترائي ماڻهو مارائڻ ۽ وڏا خرچ ڪرڻ ڪانپوءِ ائين ڪيو ويو. فرينچ سياست ۾ زهر ملايو ويو ڇاڪاڻ تہ مايوس ڪالونيل جنرلن 62_1958ع جي سالن ۾ لڳاتار تختا اونڌا ڪرڻ لاءِ فوجي ڪوششون ڪيون (نتيجي طور 1958ع ۾ قومي اسيمبليءَ جنرل ڊي گال کي ذري گهٽ آمرانا اختيار ڏئي ڇڏيا). نيٺ الجيرين آزاديءَ جي معاهدي ڪانپوءِ ڏهہ لک الجيرين آبادڪارن کي فرانس ڏانهن وڃڻو پيو ۽ پئرس ۾ ساڄي ڌر جي او. اي ايس دهشتگرد گروهہ طرفان بمباري ڪئي وئي.

اولهہ يورپ جي سڀ کان پسمانده سرمائيداري پورچوگال پنهنجي ڪالونين کي قابو ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪئي، پر 75_1974ع ۾ مجبور ٿي ڇڏڻو پيس، ڇاڪاڻ تہ انهن ڪالونين ۾ ٿيندڙ جدوجهدن کي دٻائڻ جي لاڳت جي نتيجي ۾ خود پورچوگال اندر هڪ انقلابي اٿل پٿل پيدا ٿي پئي. انهن سمورين ڪالونين مان تڏا ويڙهہ ڪانپوءِ دنيا جي گولي تي باقي فقط بہ اڇي چمڙيءَ واريون نسل پرست ڏاڪٽي آفريڪا جون رياستون بچيون، هڪ ڏاکڻي روڊيشيا جنهن کي نيٺ ڪاري چمڙيءَ وارن جي اڪثريتي راڄ کي قبولڻو پيو جيئن 1980ع ۾ زمبابوي ۾ ٿيو ۽ ٻي ڏکڻ آفريڪا جنهن آخرڪار 1994ع ۾ ساڳيو ڪم ڪيو.

اولهہ يورپي طاقتن طرفان اڌ ايشيا ۽ ذري گهٽ سڄي آفريڪا مٿان سڌي راڄ ڪان

پنتي هئڻ واري عمل جي وڏي اهميت هئي. ان ذري گهٽ ٻن صدين جي دور کان موڪلائي ڪئي. انهن ٻن صدين دوران تاريخ جو وهڪرو لنڊن ۽ پئرس منجهان پئي لنگهيو. بهرحال، ان سان سامراجيت جو خاتمو نہ ٿيو ڇاڪاڻ تہ ڳچ دنيا تي اقتصادي طور تي ترقي يافتہ چند ملڪن جي مفادن جي حاڪميت برقرار رهي. آمريڪائن، ڏکڻ اوڀر ايشيا ۽ وچ اوڀر ۾ سخت ٽڪراءَ ٿيا، جيڪي مسلسل انهيءَ حقيقت جي تصديق ڪندا رهيا.

تيل ۽ رَتُ

20 هين صديءَ جي ٻئي اڌ ۾ ڪنهن بہ سامراجيت لاءِ سڀ کان اهم ترين تحفو اٿاهہ تيل ذخيرن سان مالامال وچ اوڀر هو. برطانيا پنهنجي وچ اوڀر واري سلطنت کي پهرين عالمي جنگ دوران وڌايو جڏهن اُن هڪ 'عرب قومي بغاوت' ۾ مڪي جي حڪمران شريف حسين کي ساٿاري بڻايو ۽ ساڻس واعدو ڪيو تہ. ڪيس ترڪيءَ جي راڄ هيٺ سمورا علائقا ڏنا ويندا. پر برطانوي حڪومت يهودي اڳواڻن سان پڻ واعدو ڪيو تہ. يورپ جي يهودي آبادڪارن کي عرب زمينون، يعني فلسطين ڏنو ويندو ڇاڪاڻ تہ برطانيا سئز ڪينال پرسان ڪنهن بہ عرب خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ رڪاوٽ طور يهودين جي آبادڪاري ضروري پئي سمجهي. جيئن اسرائيلي سياسي اڳواڻ ابا ايبن بعد ۾ وضاحت ڪئي تہ 'اسان برطانيا جي حڪمران طاقت جي مدد ڪنداسين ۽ برطانيا يهودي قومي گهر ٺاهڻ ۾ اسان جي مدد ڪندو'.[278]

هڪ حد تائين ان ٻٽي پاليسيءَ ڪم ڪيو. برطانوي ادارن کي عراق ۽ ايران جي تيل ذخيرن تائين رسائي ملي وئي ۽ يهودي آبادڪارن رضاڪارانہ طور تي برطانيا سان هڪ فلسطيني عرب بغاوت کي دٻائڻ جو ڪم ڪيو. 1930ع ڌاري برطانوي سلطنت جن بغاوتن کي منهن ڏنو انهن ۾ اها بغاوت سڀ کان وڌيڪ سنجيده هئي، پر وقت سان گڏ ان پاليسيءَ جو غلط نتيجو نڪتو. يهودي آبادڪارن ڏانهن عرب دشمنيءَ وڌندي رهي، ڇاڪاڻ تہ اُنهن شاهوڪار عرب مالڪن کان زمين خريدي ۽ هاري خاندانن کي ٽڙي پکڙيو جيڪي صدين کان اُتي فصل ڪيڙيندا رهيا. يهودي جيڪي يورپ ۾ ظلم کان ڀڄي نڪتا، تن وري فلسطين ۾ ٻين مٿان ظلم ڪيو. بعد ۾ برطانيا يهودين جي هجرتن کي محدود ڪندي، عرب ڪاوڙ کي ٺڏو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٻنهي پاسن کان حملن هيٺ برطانيا جو راڄ ختم ٿي ويو. 1946ع تائين يهودي نيم فوجي گروهن جن کي عربن کي دٻائڻ لاءِ هٿياربند ڪيو ويو هو تن برطانوي فوجن ۽ نڪاڻن تي حملا ڪري ڏنا.

برطانيا مسئلي مان جان ڇڏائڻ جو فيصلو ڪيو جيڪو ان 1947ع ۾ فوجون واپس ڪندي، پاڻ پيدا ڪيو هو. ان عراق، شام ۽ مصر ۾ پنهنجن تيل وارن مفادن جي دفاع لاءِ ڪٺ پتلي عرب بادشاهتن تي ڀاڙيو. جيئن ئي برطانيا ٻاهر نڪتو تہ آمريڪا ۽ روس ٻئي

اچڻ لاءِ تاڙ ۾ ويٺا هئا. فلسطين جي ورهاڱي ۾ اسرائيلي آبادڪارن جي رياست قائم ڪرڻ لاءِ گڏيل قومن جي قرارداد جي گڏيل طور تي پٺڀرائي ڪئي وئي (اڌ زمين هڪ ياڱي تي آباديءَ کي ڏني وئي). يهودي آبادڪارن کي ڪميونسٽ اڳواڻي هيٺ هلندڙ چيڪوسلاويڪيا طرفان هٿيارن جي وڏي رسد ۽ آمريڪا طرفان ٽيڪ ملي. جيئن ئي ويڙهه پڙڪي پئي، يهودي آبادڪارن دير ياسين جي ڳوٺ جي رهواسين جو ڪوس ڪري، ڳچ عرب آباديءَ کي دهشت زده ڪيو ۽ پوءِ عرب بادشاهتن طرفان موڪليل فوج کي شڪست ڏني، جيڪا فلسطينين جي مدد لاءِ آئي هئي. هڪ فوج جنهن فلسطيني علائقي (اصل زمين جو فقط 20 سيڪڙو) کي هڙپ ڪيو ۽ ان کي شام ۽ مصر جي بادشاهن جي وچ ۾ ورهائي ڇڏيو. اسرائيل کي هڪ طاقتور آباڪار رياست طور قائم ڪيو ويو جيڪا هٿيارن ۽ پيسن جي مدد جي موٽ ۾ اولهه جي مفادن جي مدد ڪندي رهي.

ان سان علائقي ۾ استحڪام نہ اچي سگهيو. عرب فوجن مٿان اسرائيل جي فتح سبب پيدا ٿيل ڪاوڙ مصر ۾ هڪ فوجي قبضي لاءِ چٽنگ پڙڪائي، جنهن عبدالناصر جي اڳواڻيءَ هيٺ قومپرست آفيسرن کي اقتدار ۾ آندو ۽ انهن برطانيا جي حمايتي بادشاهت جو خاتمو ڪيو. ناصر طرفان برطانيا ۽ فرانس جي قبضي واري سئز ڪينال کي قومي ملڪيت ۾ ونڻ سان هن علائقي ۾ برطانوي سامراجيت کي آخري وڏو جهٽڪو لڳو. 1956ع جي نومبر ۾ برطانيا، فرانس ۽ اسرائيلي فوجن مصر تي هڪ گڏيل حملو ڪيو. حملو جنگي حوالي سان ذري گهٽ ڪامياب ٿيو پر سياسي طور تي نتيجا غلط نڪتا. آمريڪا برطانيا جي مالي مسئلن جو فائدو ورتو ۽ وچ اوڀر ۾ بالادست طاقت طور برطانيا جي جاءِ والاري، جڏهن تہ سڄي علائقي ۾ برطانيا مخالف جدوجهد جي هڪ لهر ٻن سالن بعد برطانيا جي پٺڀرائي واري عراقي بادشاهت کي اونڌو ڪري ڇڏيو.

آمريڪا اسرائيلي آبادڪارن ۽ عرب پنو حڪومتن، ٻنهي تي ڀاڙڻ واري برطانوي پاليسيءَ تي عمل ڪيو. ان دنيا ۾ ڪنهن بہ ٻئي علائقي کان وڌيڪ اسرائيل کي فوجي مدد مهيا ڪئي. ساڳئي وقت ان سعودي عرب جي خانداني بادشاهت سان ويجهڙائي قائم ڪئي، (1953ع ۾) اقتدار تي قبضي کي هٿي ڏني، ايران جي شاهہ جي مطلق العنان راڄ کي ٻيهر قائم ڪيو ۽ 1962ع ۾ نوجوان صدام حسين سميت عراق ۾ بعث پارٽيءَ کي اقتدار ڏنو. آمريڪا هن علائقي ۾ ان جي تيل مٿان پنهنجي بالادستي قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. رياستن ۽ عوام جي وچ ۾ دشمنين کي هٿي ڏني، ۽ لڳاتار جنگيون 1967ع ۽ 1973ع جون عرب اسرائيل جنگيون، 1976ع کانپوءِ لبنان ۾ ڏکهي گهرو جنگ، 1980ع ۾ عراق ۽ ايران جي وچ ۾ جنگ، 1982ع ۾ لبنان مٿان اسرائيل جو حملو ۽ 1991ع ۾ عراق خلاف آمريڪي جنگ ڪرايون. 20 هين صديءَ وري دولت کي رت ۾ بدلجندي ڏٺو پر هن ڀيري تيل جي دولت هئي.

عينڪ ذريعي

روس ۾ قائم اقتصادي نظام تازو آزاد ٿيل اڳوڻين بئنڪي ملڪن کي موهي وڌو. اڪثر ملڪن بئنڪيتي راڄ هيٺ اقتصادي جمود يا لاٽ کي پوڳيو هو. 1950ع ڌاري انڊيا ۾ في ماڻهو ڪاڌي جي رسد 400 سال اڳ اڪبر جي زماني کان وڌيڪ نہ هئي. ان دوران روسي معيشيت ڏيڪاريو هو تہ اها ڪنهن بہ ٻئي ملڪ کان وڌيڪ تيزيءَ سان وڌي سگهي ٿي ۽ ان ڏيک ڏنو تہ وقفي وقفي سان ٿيندڙ بحران کي ٽاري سگهجي ٿو جن اولهہ ۾ سرمائيداريءَ کي بيمار ڪري ڇڏيو هو. 1989ع ۾ برلن پٽ جي ڪِرڻ کان وٺي اها دعوي ڪرڻ روايت بڻجي وئي تہ اسٽالن يا سندن جانشين خروشچيف ۽ برزنيف جي روس ڪجهہ نہ ڪيو. اصل ۾ 30 سالن کان اسٽالني طريقن، جاپان کانسواءِ دنيا جي ڪنهن بہ ٻئي علائقي کان وڌيڪ تيز رفتار اقتصادي ترقي ڪئي. روس جيڪو 1928ع ۾ پسمانده زرعي سماج هو سو وڏو صنعتي ملڪ بڻجي، سرد جنگ جي هٿيارن جي ڊوڙ دوران آمريڪا کي للڪارڻ جي قابل ٿي ويو ۽ سيٽ لائيٽ (the Sputnik) جي دنيا ۾ آمريڪا کي مات ڏني ۽ پوءِ خلا ۾ ماڻهو (Yuri Gagrin) موڪليا.

ان وقت سوويت يونين جي ڪٽر دشمنن بہ انهيءَ نظام کي مڃيو. 1953ع ۾ برطانيا جي ليبر پارٽيءَ واري مستقبل جي وزيراعظم هرالڊ ولسن بہ 'روس طرفان پيداوار ۽ پيداواري صلاحيت ۾ اٿاهہ واڌ'[279] بابت ڳالهايو. اهو تاثر غلط نہ هو. جيئن تازو اوپر يورپ جي اقتصادي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ 'مرڪزي رٿابنديءَ جي پهرين ٻن ڏهاڪن (70–1950ع) دوران هن علائقي ۾ اقتصادي واڌ جي سرسري شرح جنگين جي وچين دور (29–1925ع) جي بهترين سالن جي چوٽيءَ کان وڌيڪ هئي'.[280]

روس ۾ سوويت نظام 1917ع واري انقلاب مان ڦٽي نڪتو پر اوپر يورپ ۾ ان کي مٿان کان مڙهيو ويو سواءِ يوگوسلاويا جي جتي مزاحمتي فوج جي اڳواڻن طرفان متعارف ڪرائي وئي، جن جرمنيءَ کي ترڙي ڪڍيو پر هر هڪ ملڪ جي معاملي ۾ طاقت جي زور تي معيشيت جي خوشحاليءَ ۽ ان کي گهريون پاڙون هڻڻ جي قابل بڻايو. صنعت کي تعمير ڪرڻ جا ذريعا مهيا ڪندي سوويت نظام معاشري جي وچولين پرتن جي حلقن کي محسوس ڪرايو تہ وٽن اهم مستقبل آهي. ان جوش ۽ ولولي سان گڏ خوف کي پڻ وڌايو. ان وڏي تعداد ۾ ماڻهن کي مٿي چڙهڻ جي گنجائش پيدا ڪري ڏني، هنرمند صنعتي مزدورن کي انتظام هلائيندڙ مينيجر ٿيڻ جا موقعا ڏنا ۽ هاري پراڻي طرز جي ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ مان نڪري، شهر جي وسعتن ۾ داخل ٿيا.

مطلب تہ سماج کي بدلائڻ، صنعتڪاري ڪرڻ، شهر وڌائڻ ۽ عوام کي تعليم ڏيڻ ممڪن ٿي پيو. دنيا جي هر غير صنعتي ملڪ ۾ پڙهيل لکيل وچولن طبقن جي حلقن کي ان ڳالهہ متاثر ڪيو. ائين سمجهيو ويو تہ صنعت جي واڌ جي معنيٰ سندن لاءِ سُٺين پگهارن وارن عهدن جي تعداد ۾ اضافو هو. پر ننڍين ادارن طرفان ترقی يافتہ ملڪن جی

وڏن ادارن سان مقابلو ڪري اڳتي وڌڻ سان ڪاب پڪيڙ ممڪن نہ هئي. پهريائين ننڍين ادارن کي ڪاروبار مان تڙيو ويندو. کين سائيز جي ضرورت هئي ۽ اها فقط رياست ئي ڪري سگهي پئي. اُنهن کي سڌي پرڏيهي چٽاپيٽيءَ کان تحفظ جي پڻ ضرورت هئي اهو ڪم فقط رياست ئي ڪري سگهي پئي، جنهنڪري کين رياستي سرمائيداري جواب نظر آيو جنهن کي گهٽو ڪري 'سوشلزم' جو غلط نالو ڏنو ويو.

صديءَ جي موڙ وٽ رياست اڳئي جاپان ۽ زار شاهي روس ۾ وڏي پيماني جي صنعتي واڌاري ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو هو. پهرين عالمي جنگ ۽ جنگين جي وچ واري دور جي بحران ترقي يافتہ ملڪن ۾ ان جي ڪردار کي وڌائي ڇڏيو. 1930ع ڌاري نازي جرمنيءَ ۾ صنعت مٿان رياستي ڪنٽرول جو دائرو ايترو وڏو هو جو 'آسترو مارڪسوادي' معيشيتدان ۽ اڳوڻي خزاني جي وزير هلفرڊنگ چيو تہ سرمائيداريءَ جي جاءِ هڪ نئين قسم جي پيداواري صورت والاري ورتي آهي.[281] ايتريقدر جو اولهہ آمريڪا جي اڪثر 'آزاد مارڪيٽ' ۾ رياست اڪثر ڪارخانا ٺاهيا ۽ 44_1941ع ۾ گهٽي معاشي سرگرميءَ کي ڪنٽرول ڪيو.

جتي مقامي طور تي ڪنٽرول هيٺ صنعتي ترقي سڀ کان وڌيڪ ڪمزور هئي اُتي رياستي سرمائيداريءَ ڏانهن رجحان بہ وکون اڳتي نڪري ويو. ائين سرمائيداري کي پيهر ٺاهڻ جي ڪوشش ۾ رياست هڪ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو ۽ 1930ع ڌاري برازيل جي عوامي صدر ورگاس جي اڳواڻيءَ هيٺ ۽ 1940ع ۽ 1950ع ڌاري ارجنٽائين جي آمر پيرن (Peron) هيٺ ملڪ کي صنعتي بڻايو ويو. اهڙو پسمنظر رکندڙ ملڪن ۾ نہ صرف ڪميونسٽن پر 47_1945ع ۾ اڪثر اوير يورپ ۾ ساڻن حڪومتن ۾ پائيوار سوشل ڊيموڪريٽڪ ۽ بورجوا سياستدانن پڻ اها ڳالهہ سچ سمجهي تسليم ڪري ورتي هئي تہ اڪثر صنعت مٿان رياست جو ڪنٽرول هجي ۽ اهي مرڪزي 'رٿابندي' تي پاڙڻ لڳ انڊيا ۾ ڪانگريس طرفان اقتدار ماڻڻ کان اڳ ئي، صنعتڪارن جي هڪ گروهہ 1944 ۾ پاڻ ۾ گڏجي روسي نموني سان ٺهڪندڙ رياستي رٿابندي لاءِ 'بمبئي پروگرام' جي منظوري ڏني هئي، پوءِ کٽي خانگي توڙي رياستي سرمائي کي استعمال ڪندي ڏني وئي تنهنڪري انڊيا، چين، مصر، شام عراق ۽ الجيريا وٽ رياستي ڪنٽرول جا طاقتو شعبا ۽ ڊگهن مدن واريون رٿائون هيون، پر اهو رجحان فقط انهن رياستن تائين محدود نہ رهيو جن پنهنجو پاڻ کي سوشلسٽ سڏايو پئي. ڪومنتانگ واري چين ۾ پڻ صنعت رياستي ڪنٽرول هيٺ هئي ۽ ساڳئي ريت ڪومنتانگ واري تائيوان ۾ اهو سلسلہ جاري رهيو جڏهن تہ ڏکڻ ڪوريائي جنرل پارڪ جنهن 1961ع ۾ اقتدار تي قبضو ڪيو هو، تنهن اتر ڪوريا کي مات ڏيڻ لاءِ رياستي رٿابندي ۽ صنعت جي ڪنٽرول کي ئي درست گس سمجهيو جيڪو وڌيڪ ترقي يافتہ هو.

ا، ٿالني 'رٿابندي' هيٺ اقتصادي ترقيءَ جو پيو پاسو اهو ئي هو جيئن اولهہ

صنعتي انقلابن سان ٿيو يعني: پورهيتن بدتر حالتن کي ڀوڳيو پئي، جن ماڻهن صنعتي ۽ رياستي ڍانچن کي پئي هلايو سي مزدور نہ هئا، پلي پوءِ اهي اڳ ۾ مزدور ئي ڇو نہ رهيا هجن، پر هاڻي مزدور نہ هئا.

رياستي سرمائيداري پنهنجن ابتدائي سالن ۾ موثر لڳي پئي. 1960ع ڌاري انڊيا ۽ مصر اڃان تائين زرعي ملڪ هئا، جتي اڪثر ماڻهو شديد غربت ۾ رهيا پئي ۽ سندن نئين صنعت سيني قسمن جي مسئلن کي منهن ڏنو پر اهي ملڪ 20 سال اڳ کان بلڪل مختلف هئا ۽ جديد دنيا جو حصو هئا. وچولن طبقن جي وسيع حلقن منجهہ سندن حڪمرانن لاءِ اعتماد هو جن حڪومتن کي پائيداري مهيا ڪئي. چين، انڊيا ۽ مصر ۾ رياستي سرمائيداري ترقي سان گڏ زرعي سُڌارا ڪيا ويا. يعني وڏيون جاگيرون ٽوڙي هارين ۾ ورهايون ويون، اُتي حڪمرانن جون ڀهراڙين ۾ گهريون پاڙون پڻ هيون، ٽوٽي جو سُڌارن غريب ۽ بي زمين هارين بدران وچولن ۽ شاهوڪار هارين کي فائدو رسايو.

پر خوشحاليءَ جو احساس آهستي آهستي گهٽجي ويو ۽ ايتريقدر جو مصر جهڙين حڪومتن ۾ روسي ماڊل جا ٻيا عنصر ظاهر ٿيڻ لڳا، جڏهن تہ خود روس ۽ اوڀر يورپ ۾ ان جي حدن جون علامتون اڳئي ظاهر ٿيڻ لڳيون هيون.

1956ع ڏانهن ويندڙ رستو

چوٿائي صديءَ تائين راڄ ڪندڙ اسٽالن 1953ع ۾ فوت ٿي ويو. ڪڏهن ڪڏهن هڪ حڪمران جي موت ڪانپوءِ سندس ساٿين جي ذهنن ۾ سالن کان انبار ٿيل مسئلا ڪر کڻي ظاهر ٿي پون ٿا ۽ هتي بہ ائين ئي ٿيو.

اسٽالن جي ساٿين کي تمام گهٽ خبر هئي تہ سوويت نظام جي مٿاڇري هيٺان تري ۾ وڏي بي اطميناني آهي. هنن کي اهو خوف پڻ هو تہ سندن مان ڪو هڪ رياستي ڍانچي جو ڪنٽرول حاصل ڪري وٺندو ۽ دهشت کي باقين خلاف استعمال ڪندو. اڃان اسٽالن جون آخري رسمون ئي مڪمل نہ ٿيون هيون تہ هنن محدود سُڌارن جو قانون ٺاهي ورتو جڏهن تہ ڳجهي نموني پاڻ منجهہ وڙهندا رهيا (ذري گهٽ نفسياتي مريض پوليس چيف بيريا کي بندوق جي نوڪ تي گڏجاڻيءَ جي اڳواڻيءَ تان هٽائي، موت جي سزا ڏني وئي).

پوءِ 1956ع جي فيبروريءَ ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي جنرل سيڪريٽري خروشچيف قيادت واري جدوجهد ۾ پنهنجو هٿ مضبوط ڪرڻ خاطر، پارٽي ڪارڪنن اڳيان ڪجهہ حقيقتون پڌريون ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هن ماسڪو ۾ پارٽيءَ جي 20 ڪانگريس کي ٻڌايو تہ اسٽالن هزارين معصوم ماڻهن جي قتل ۽ لکين قومي اقليتي ماڻهن جي ملڪ بدريءَ جو ذميوار هو. ٻيو هن چيو تہ 1941ع ۾ روس مٿان جرمن حملي وقت اسٽالن ناڪاري ۽ بزدل ثابت ٿيو. انهن رازن تان پڙدائي جو اثر سڄي دنيا ۾ لکين

ماڻهن تي ٿيو جن کي سيڪاريو ويو هو تہ اسٽالن ذري گهٽ خدا هو. توڙي جو ا
ڳالهيون ٻڌڻ باوجود ڪيترن ماڻهن پنهنجا دماغ بند ڪري ڇڏيا.

ان دوران پيو بہ گهڻو ڪجھ ٿيو جيڪو خروشچيف طرفان پنهنجي پيشرو با
ٻڌايل لفظن کان وڌيڪ اهم هو. سرمائيدار رياستي ڍانچي جي راڄ هيٺان عوام بغا
ڪرڻ شروع ڪئي.

اسٽالن جي موت کان ترت پوءِ پهرين بغاوت 1953ع جي جون ۾ اوڀر جرمنيءَ ۾ ٿ
اوڀر برلن ۾ هڪ وڏي تعميراتي علائقي ۾ مزدورن هڙتال ڪئي، جن کي چيو ويو هو
ساڳي اجرت تي کين وڌيڪ محنت ڪرڻي پوندي. هنن شهر جي مرڪز ۾ مظاه
ڪيو. هزارين ماڻهن سندن ساٿ ڏنو. ٻئي ڏينهن اوڀر جرمنيءَ جي هر وڏي صنعتي شه
هڙتال ٿي. مظاهرو ڪندڙ جيلن ۾ گهڙي پيا، ۽ پوليس ٿاڻن ۽ حڪمران پارٽيءَ
آفيسن تي حملا ڪيائون. آخر ۾ روسي فوجن جي مداخلت بغاوت کي دٻائي ڇڏيو
شاندار پاڻمرادي پورهيت بغاوت هئي، جيئن 19_1918ع ڌاري جرمنيءَ ۾ وري ورڍ
هئي، پر هيءَ جدوجهد رياستي سرمائيدار حڪومت خلاف هئي، جنهن پورهيتن
نالي ۾ حڪمراني ڪئي پئي. پورهيتن جي حلقن جن هڙتال ڪئي، سي اُهي
جيڪي 1920ع ڌاري جرمن ريپبلڪ دوران اڪثر ڪاٻي ڌر سان سلهاڙيل هئا. انهن ۾
اٽڪل 68 سيڪڙو کي بغاوت ۾ حصو وٺڻ تي اوڀر برلن ۾ ڪيمونسٽ پارٽيءَ
نيڪالي ڏني وئي هئي، جيڪي هٽلر جي اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ پارٽي ميمبر هئا.
اهي پراڻا ويڙهاڪ هئا، جن پورهيتن جي ڪنٽرول لاءِ بغاوت کي جدوجهد جي تسلس
طور ڏٺو جنهن لاءِ اُنهن پنهنجيون جوانيون ارپي ڇڏيون هيون.

اوڀر جرمنيءَ جي بغاوت کان ترت پوءِ خود روس ۾ وورڪتا جي پورهيت ڪيمپ و
هڪ بغاوت ٿي، لکين مزدورن هڙتال ڪئي، حڪومت ڪاٿيون ڪوتيندڙن کي هٿياربند فوج
سان گهيري ورتو ڳالهين جي آڇ ڪئي ۽ پوءِ هڙتالين جي چونڊيل نمائندن کي موت ج
سزا ڏني وئي. اٽڪل 250 ماڻهو مارجي ويا. پر ان عمل ظاهر ڪيو تہ بي اطميناني ڪيترن
ڏماڪيدار ٿي سگهي ٿي ۽ ايندڙ ٻن سالن ۾ ڪيمپ ۾ رهندڙن مان 90 سيڪڙو کي آ
ڪيو ويو. جيئن آمريڪا ۾ گهرو جنگ کانپوءِ غلام پورهيتن جي جاءِ اجرتي پورهيت
والاري مطلب تہ استحصال جي اها صورت جيڪا صنعتي معيشيت سان ٺهڪي پئي.

بهرحال، 1958ع ۾ خروشچيف طرفان اسٽالن تي تنقيد کانپوءِ بغاوت لاءِ امڪا
سگھہ سچ پچ پاڻ کي ظاهر ڪيو. پولش شهر پوزنن ۾ هڪ هڙتال ذري گهٽ بغاوت
بدلجي وئي. حڪومت ان کي وڌڻ کان اڳ دٻائڻ ۾ ڪامياب ٿي، پر ان جدوجهد طرف
سچي سماجي نظام کي ڏوڏڻ کان روڪي نہ سگهي. آڪٽوبر ۽ نومبر ڌاري ملڪ انقلا
جي ڪنڌي تي هو ڇاڪاڻ تہ هڪٻئي جي مخالف ڌڙن حڪومت تي ڪنٽرول ا
ويڙھہ ڪئي. سينسرشپ ٽٽي پئي ۽ مزدورن پنهنجيون ڪميٽيون چونڊڻ شروع ڪيو

طاقت ذريعي پنهنجن حقن جو دفاع ڪرڻ جو واعدو ڪيائون. ماڻهن 'بهار ۾ ڪتوبر' جون ڳالهيون ڪيون. چاڪاڻ تہ 1940ع ڌاري قيد ڪيل پارٽي اڳواڻن مان ڪ گوملڪا کي واپس آندو ويو. هن روسي فوج طرفان فوجي مداخلت جي خطري کي هن ڏنو ۽ ڪيٿولڪ چرچ ۽ آمريڪي پروپيگنڊا اسٽيشن، ريڊيو فري يورپ، جي مدد ان پورهيتن کي منجهس اعتماد ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو ويو.[283]

پولش واقعن هنگريءَ ۾ تاريخ جي عظيم انقلابن مان هڪ لاءِ بم ڌماڪي جي اوزار ر ڪم ڪيو. شاگردن جو هڪ مظاهرو جيئن ئي بداپيسٽ مان لنگهيو تہ هزارين دورن ان جي حمايت ڪئي. ان جي هڪ حصي اسٽالن جي مجسمي کي ڊاهي ڇڏيو و حصو ريڊيو اسٽيشن ڏانهن ويو جنهن کي اندر ويٺل پوليس ايجنٽن گوليون هڻي جائي ڇڏيو. پورهيتن ڪارخانن اندر راندين جي ڪلبن مان بندوقون کسي ورتيون، ڪ چانوٽيءَ جي سپاهين جي حمايت حاصل ڪري ورتي ۽ جلدئي شهر جي ڪجھ صي جو ڪنٽرول ماڻي ورتائون. ملڪ جي هر شهر ۾ ساڳين تحريڪن موثر مقامي ختيار ڪارخانن جي ڪائونسلن ۽ انقلابي ڪميٽين جي هٿن ۾ ڏنا.

پيٽر فريئر، جنهن کي برطانوي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اخبار ڊيلي ورڪر طرفان گري اماڻيو ويو تنهن رپورٽ ڪيو:

.... (انهن ڪميٽين جي) 1905ع واري انقلاب ۽ 1917ع جي فيبروريءَ ڌاري روس ۾ يل پورهيت، هاري ۽ سپاهي ڪائونسل سان هڪجهڙائي هئي.... اُهي بغاوت جا ادارا ا، ڪارخانن، يونيورسٽين، ڪاٽين ۽ فوجي يونٽن ۾ چونڊيل وفد گڏجي پيا ۽ عوامي ودمختيار حڪومت جي ادارن جن ماڻهن کي مسلح ڪيو تن مٿان ڀروسو هئن.[284]

جيئن گوملڪا پولينڊ ۾ ڪيو پئي، تيئن حڪومت جي هڪ حصي تحريڪ جو ڪنٽرول ٻيهر حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، اتحادي حڪومت جي اڳواڻيءَ هڪ ي بدنام ڪميونسٽ Imre Nagy جي حوالي ڪئي، پر 4 نومبر تي، جيئن ئي برطانيا، انس ۽ اسرائيل، مصر مٿان حملو ڪيو روسي ٽينڪون بداپيسٽ ۾ گهڙي آيون ۽ هن مُک عمارتون کسي ورتيون. انهن سخت هٿياربند مزاحمت کي منهن ڏنو نيٺ ارين ماڻهن کي مارينديءَ ان بغاوت کي چيپاٽي ڇڏيو شهر جي عمارتن کي ملبي ۾ لائي، اٽڪل 2 لک کان وڌيڪ ماڻهن کي سرحد پار ڪري آسٽريا ڏانهن ڀڄي وڃڻ تي جبور ڪيو. هڪ عام هڙتال شهر کي ٻن هفتن تائين مفلوج ڪري ڇڏيو ۽ گريٽر اپيسٽ سينٽرل ورڪرز ڪائونسل هڪ متبادل حڪومت جي ڪردار جو پوراءُ ڪيو پر نيٺ پورهيت ڪائونسلن کي بہ دٻايو ويو ۽ سندن اڳواڻن کي سزائون ڏئي جيلن واڙيو ويو. 350 ماڻهن کي موت جي سزا ملي، 'جن مان ٽي حصا پورهيتن جي عمر الن جي لڳ ڀڳ هئي'.[285] مارجي ويلن منجهہ Imre Nagy ۽ سندس مختصر حڪومت چار ميمبر بہ شامل هئا.

سرڪاري ڪميونسٽ لائين اها هئي تہ انقلاب فقط اولهہ جي جاسوسن هٿان سٽيل هڪ سرمائيداراڻي سازش هئي. جيئن سرد جنگ واري دور ۾ ڪيترن ٻين علائقن ۾ ٿيو اولهہ ۾ اڪثر انقلابن جو داستان بلڪل ساڳيو آهي. دعويٰ ڪئي وئي تہ انقلاب جو مقصد فقط اولهہ جي سرمائيدار لائين سان گڏ هڪ 'آزاد سماج' قائم ڪرڻ آهي. اصل ۾ اُنهن مان اڪثر جن انقلاب ۾ مُک ڪردار ادا ڪيو جو نقطہ نظر وسيع هو. اُنهن کي جنگ کان اڳ واري آمريت ياد هئي، جنهن سرمائيداراڻي 'آزاديءَ' جي نالي ۾ هنگريءَ تي راڄ ڪيو هو تنهنڪري هنن هڪ مختلف نظام ڏانهن نيهاريو پئي، جنهن ۾ پورهيتن جون ڪائونسلون مُک ڪردار ادا ڪنديون. توڙي جو واقعن جي رفتار کين وقت نہ ڏنو تہ اها ڳالهہ چٽي ڪري سگهن تہ اهو نظام ڇا آهي، جنهن کي بہ ان ڳالهہ تي شڪ هجي، سو 1956ع جي هنگريءَ بابت مختلف دستاويزن جي مجموعي کي پڙهي سگهي ٿو جيڪي شايع ٿيل آهن.[286] انقلاب بابت هڪ تازو مستند هنگرين مطالعو ٻڌائي ٿو:

مطالبا، جن ماڻهن جي ڏيهاڙي زندگيءَ کي ڇهيو سي ڪارخاني جي منشورن ۾ پورهيت ڪائونسل ۾ پُورا ٿي سگهيا پئي. اُنهن ۾ اجرتي ڪم سان نفرت، ڪم جي غيرمنصفاڻي ڪوٽا ۾ گهٽ پگهارون، گهٽ سماجي سهولتون ۾ کاڌي جي تڪليف ده رسد بابت تفصيل شامل آهن.... انقلاب ۾ سڀ کان وڌيڪ سرگرم ويڙهاڪن نہ صرف آزادي ۾ آجپي لاءِ جدوجهد ڪئي، پر زندگيءَ جي انساني صورت ۾ ڪم جي اهڙين حالتن لاءِ پڻ .... جنهن کي اڪثر ماڻهو 'سچو پچو سوشلسٽ' سماج مڃين ٿا.... اقتصادي نظام جيڪو صنعت، کاڻيون کوٽڻ ۾ ٽرانسپورٽ کي پيدا ڪندڙن (مزدورن، ٽيڪنيشن ۾ ٻين ملازمن) جي هٿن ۾ فيصلي سازي ڏئي.... 'اسين وڏن جاگيردارن، ڪارخانن جي مالڪن ۾ ٻئنڪارن جي تسلط جي بحاليءَ جي ڪوشش کي رد ڪريون ٿا.' ڪيترن نمائندن طرفان منظور ٿيل بيان هو.[287]

هنگريءَ جي انقلاب سرد جنگ ۾ ٻنهي ڌرين جي حڪمران نظرين کي للڪاريو. ان ثابت ڪيو تہ سوويت يونين ڊگهي عرصي کان ڪارل مارڪس، فريڊرڪ اينگلس ۾ روزا لڪسمبرگ جي روايت تي هلڻ بند ڪري ڇڏيو هو. ان اهو پڻ ظاهر ڪيو تہ لبرل ۾ سوشل ڊيموڪريٽ ڪيڏا نہ غلط هئا،جن جي خيال ۾ روسي مطلق العنانيت ڪنهن بہ تحريڪ کي اندران ئي دٻائي سگهي ٿي، تنهنڪري ان خلاف ضروري آهي تہ اولهہ جي سامراجيت جي حمايت ڪجي. انهيءَ قسم جي نااميد پرستيءَ لاتعداد دانشورن کي منجهائي ڇڏيو جيڪي ڪنهن وقت ۾ کاٻي ڌر جا ماڻهو هئا. جان ڊاس پاسوس، جان اسٽين بيڪ، ميڪس شاچمن، اسٽيفن اسپينڊر، البرٽ ڪامس، جيمز ٽي فيرل، جان اسٽراچي، جارج اورائول، سال بيلو ۾ ٻيا ڪيترائي. ان جو اظهار جارج اورائول جي ناول "1984" ۾ ٿيو جنهن ۾ ڏيکاريو ويو تہ آمريت ايتري طاقتور هجي ٿي جو اها پنهنجن

مخالفن جي ذهنن کي ڏوئي، انهن کان اهو چورائي ٿي، تہ ہہ جوڙ ہہ برابر پنج (2+2=5). هنگريءَ ڏيکاريو تہ اهڙي آمريت ڪيترو جلد ڍهي سگهي ٿي ۽ ان منجهان حقيقي آزاديءَ لاءِ قوتون پيدا ٿين ٿيون. جيڪڏهن هنگريءَ ۾ ائين ٿي سگهي ٿو تہ، هڪ ڏينهن رياستي سرمائيداريءَ جي مرڪز روس ۾ بہ ٿي سگهي ٿو.

ٻنهي بلاڪن جي حڪمرانن انقلاب جي ياد کي دفنائڻ لاءِ تڪڙ ڪئي. هنگريءَ ۾ ٿيل واقعي کي 'رد انقلاب' طور پيش ڪرڻ ڪانسواءِ، چوٿائي صديءَ تائين ان جو ذڪر ممنوع هو. 1986ع ۾ ان واقعي جي ياد ۾ هڪ شاگرد مظاهري مٿان پوليس ڪڙڪي پئي. اولهہ ۾ ان کي جلدئي وساريو ويو. 1970ع تائين ڪاسائي Kadar کي اولهہ جي ميڊيا ۾ هڪ لبرل 'سُڌارڪ' طور پيش ڪيو ويو. باهمي ويسر ٻنهي ڌرين کي اهو وسارڻ جي قابل بڻايو. وري جڏهن 1968ع ۾ چيڪوسلاويڪيا ۾ ساڳيو ڪم ٿيو تہ، ٻئي ڌريون چرڪي پيون.

ڪيوبا جو انقلاب

سڄيءَ دنيا ۾ آمريڪا جا پنهنجا خادم ملڪ هئا. 1950ع ڌاري انهن ۾ مرڪزي آمريڪا، ميڪسيڪن سرحد جي ڏکڻ (هونڊراس، ايل سلواڊور، نڪاراگوا، پاناما ۽ گوئيٽي مالا)، ڪيريبين (ڪيوبا، ڊومنيڪن ريپبلڪ ۽ هيٽي) ۽ اوڀر ايشيا (فلپائين، ڏکڻ ڪوريا، ڏکڻ ويٽنام ۽ ٿائيلينڊ) شامل هئا. آمريڪي فوجون مستقل طور تي ڪينال زون، جنهن پاناما کي ورهايو ۽ ڏکڻ ڪوريا ۾ مقرر هيون، اُهي فوجون صديءَ جي ابتدا ۾ ڪيترائي ڀيرا هيٽي، نڪاراگوا ۽ ڪيوبا ۾ لٿيون هيون. آمريڪا 1946ع تائين فلپائين کي هڪ ڪالوني طور هلايو ۽ ڪيوبا جي اوڀر واري ساموندي ڪناري گوانتانامو ۽ فلپائين ۾ وڏا فوجي اڏا قائم رکيا.

انهن نالي ماتر آزاد رياستن کي گهٽو ڪري ننڍن ۽ انتهائي وڪريل حڪمران گروهن، جن ۾ فوجي شخصيتون، جاگيردار نواب، سياسي مالڪ ۽ اڪثر ڪري مقامي سرمائيدارن پئي هلايو. انهن حاڪمن کي مقامي طور تي تمام ٿوري حمايت حاصل هئي ۽ انهن بدعنوانيءَ جون انتهائي غليظ صورتون ۽ طاقت جي استعمال جون ڪوششون ڪيون. مقامي حڪمرانن جي ڪمزوريءَ آمريڪي پاليسيءَ کي فائدو رسايو جنهن ڪري اهي آمريڪي امداد ۽ فوجي صلاحڪارن جا محتاج رهيا ۽ ان ڳالهہ کي يقيني بڻايائون تہ اُهي آمريڪي ڪاروباري مفادن لاءِ خطرو نہ بڻجندا. پر ان جي اها معني پڻ هئي تہ جيڪڏهن ڪين اهو شڪ ٿئي تہ، سندن پٺيرائي لاءِ آمريڪي حيثيت ڪمزور آهي تہ اهڙا مقامي حڪمران آسانيءَ سان ڍير ٿي پئي سگهيا. آمريڪا اهڙي قسم جون مداخلتون ڪرڻ چاهيون پئي، ان جو مظاهرو 1954ع ۾ ٿيو جڏهن سي آءِ اي گوئيٽي مالا ۾ هڪ وچٽري سڌارپسند حڪومت کي هٽائڻ جو انتظام ڪيو.

پنجن سالن کانپوءِ اها ناڪام ٿي. فلگينشيو باتستا جي بدعنوان ۽ آمراڻي ڪيوبن حڪومت اوچتوئي ڍير ٿي پئي، اقتدار فيڊل ڪاسترو سندس ڀاءُ رائول ۽ هڪ جلاوطن ارجنٽائني ڊاڪٽر ارنيسٽو چي گويرا جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ گوريلا گروپ جي هٿن ۾ هليو ويو.

گوريلا ٻه سال اڳ هڪ ڏورانهين ٻيٽ تي لٿا هئا. سندن سوڀ بابت هڪ سچي انقلابي ڏند ڪٿا ٺاهي وئي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته هارين يا مزدورن، جن ٻيٽ جي کنڊ جي ڪارخاني ۾ ڪئي پئي ڪيو جي حمايت سان ڪاميابي ملي. اصل ۾ گوريلا پري هجڻ ڪري سيني کان ڪٽيل هئا. سواءِ هڪ ٿوريءَ هاري ۽ مزدور آباديءَ جي. اها فتح باتستا حڪومت جي سياسي اڪيلائپ جو فائدو کڻڻ واري سندن قابليت منجهان حاصل ٿي. باتستا حڪومت ٻيٽ ڪي ٻن مُک وچولي طبقي جي پارٽين ۾ ويڳاڻو ڪري ڇڏيو هو ۽ پنهنجي شديد بدعنوانيءَ سبب سرمائيدار طبقي کي پريشان ڪري ڇڏيو هو. ڪيوبا گينگسٽر ازم (Gangsterism) مافيا جو مرڪز هو (جيئن گاڊ فادر فلم ۾ ڏيکاريل آهي) ۽ 'ڪيريبين جي چڪلي' طور سڃاتو ويندو هو. باتستا حڪومت هٿان جي آباديءَ کان 1930ع ڌاري حاصل ٿيل سماجي سهولتون کسي، کين ڪاوڙائي ڇڏيو هو. آخر ۾ ايتريقدر جو آمريڪا ٻه هڪ آمر جي حمايت روڪي ڇڏي، ان خوف سبب ته ڪٿي ڪيوبن حڪومت ڊهي نه پوي. اهڙين حالتن هيٺ ان کي ڪيرائڻ لاءِ گهڻو ڪجهه ڪرڻ جي ضرورت نه پئي. ڪاسترو جي گوريلا ٽولن (1956ع جي آخر ۾ ابتدائي طور لهڻ وقت فقط 20 ڄڻا بچيا[288] ۽ 1958ع جي اونهاري ۾ فقط 200 ڄڻا هئا) اهو عمل ننڍي برف جي گولي جو برفاني ڇپ ۾ تبديل ٿي وڃڻ وانگر هو. باتستا جي فوج ايتري بدعنوان هئي، جو ان کي شڪست ڏيڻ سولو ڪم هو. باغين جي ٿوري قوت هٿان ان جي ڍير ٿيڻ مان ثابت ٿيو ته اها ڪيڏي نه ڪمزور هئي.

باغي فوج جيڪا 1959ع جي پهرين ڏينهن هوانا ۾ داخل ٿي، تنهن کي ڪيوبا ۾ سيني سماجي طبقن جي ٽيڪ حاصل هئي. حڪومت اڄان تائين اهڙين معروضي حالتن کي منهن ڏنو پئي، جن باتستا جي حمايتي دائري کي ويتر سوڙهو ڪري ڇڏيو. ڪيوبا جي معيشيت، پنهنجي وڏي ايڪسپورٽ کنڊ لاءِ عالمي قيمتن ۾ لاهن چاڙهن جي محتاج هئي، ۽ ان جي في ماڻهو پيداوار 1920ع واري ڏهاڪي کان وڌي نه هئي، حڪومت ۽ مختلف طبقن جي متضاد مطالبن جو پوراءُ ڪرڻ جي قابل نه هئي. سرمائيدار ۽ سندن آمريڪي ڪاروباري حصيدارن پنهنجا منافعا وڌائڻ پئي چاهيا. پورهيتن پنهنجيون جمع پونجيون وڌائڻ ۽ هارين پنهنجي خراب آمدنيءَ ۾ بهتري ٿي چاهي. نوجوان پڙهيل لکيل وچولي طبقي جي ماڻهن، جن گوريلا تحريڪ ۽ شهرن ۾ ان جي وسيع حمايتي نيٽ ورڪ ٺهي مهيا ڪيا هئا، تن ڪيوبائي معيشيت کي ترقي ڏيارڻ، پنهنجو پاڻ لاءِ سُٺيون اجرتون ۽ قابل قدر زندگي ٿي چاهي.

ڪاسترو ٻين کي ڪاوڙائڻ ڪانسواءِ ڪنهن هڪ طبقي کي مطمعن نہ پئي ڪري گهيو. سرمائيدارن کي مطمعن ڪرڻ جي معنيٰ ساڳيو باتستا وارو تباهہ ڪن رستو ڻ هو ۽ ڪاسترو ائين ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو ان بدران هن هارين ۽ مزدورن جي حمايت ماصل ڪرڻ لاءِ مخصوص سُڌارا (زرعي سُڌارا، فلاحي سهولتن جي هوند ۽ صحت، ليمي مهمن) سان گڏ صنعتڪاري جي رياستي رٿائن کي استعمال ڪرڻ جي پاليسيءَ ي چونڊ ڪئي. اها چونڊ جنهن جي اٽتر طور معنيٰ خندقون کوٽي ويٺل سرمائيدار ادن ۽ آمريڪي وڏن ڪاروباري ماڻهن سان ٽڪراءُ هو. ڇاڪاڻ تہ ڪيوبائي يشيت ايتري تہ آمريڪي اقتصاديات سان ڳنڍيل هئي، جو آمريڪا ڪيترن حوالن 'ن ان جا هٿ پير هو'.[289]

ڪاسترو طرفان اقتدار تي قبضي ڪرڻ جي 18 مهينن ڪانپوءِ ٻيٽ تي موجود ريڪي ملڪيت وارين تيل رفائنرين سستي روسي تيل کي صاف ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ڪاسترو انهن کي قومي ملڪيت ۾ وٺي ڇڏيو. آمريڪا بدلي طور اهي ۔ويست ختم ڪري ڇڏيا، جيڪي اُن ڪيوبا جي کنڊ جي لاباري مان خريد ڪيا پئي. ڪيوبا آمريڪي کنڊ ڪمپنين، ڪارخانن ۽ بجلي ۽ ٽيليفون جي هڪ هٿين کي قومي ڪيت ۾ وٺي ڇڏيو ۽ پنهنجا تجارتي لاڳاپا روس سان جوڙيا. سموري آمريڪي ميڊيا ، ڪاسترو مخالف ڪاوڙ ڇائنجي وئي، جڏهن تہ ميامي ۾ جلاوطن ڪاروباري ماڻهن ڪاسترو طرفان انقلاب سان 'دغا' بابت ان کان وڌيڪ وڏيون رڙيون ڪيون.

پوءِ 1961ع جي اپريل ۾ سي آءِ اي ڪاسترو کي هٽائڻ جي ارادي سان جلاوطن ۔ج کي لاهڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن تہ بي نشان آمريڪي جهازن ڪيوبائي تيل يرن تي بمباري ڪئي. اها سازش ناڪام ٿي، ڇاڪاڻ تہ ڪيوبائي آبادي حڪومت ِساٿ ڏنو.

نئين آمريڪي صدر جان ايف ڪينيڊيءَ جي پهرين قدمن مان هڪ فوج لاهڻ جي ظوري هئي. 1962ع ۾ سندس قتل ڪانپوءِ هي ڪيترن لبرل ماڻهن لاءِ عظيم شخصيت جي ويو پر ڪيوبا سان سلوڪ جي معاملي ۾ هن لبرل ازم جي هڪ بہ علامت ظاهر نہ ڪئي. هن ۽ سندس ڀاءُ رابرٽ جي ڪاسترو سان هڪ گهري ذاتي دشمنيءَ هئي، ڪنڪري هن سي آءِ اي کي مافيا سان گڏجي ڪيوبا جي اڳواڻ جي زندگيءَ خلاف زشون ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي، ايتريقدر جو ڌماڪيدار سگار بہ استعمال ڪيا . اُنهن آمريڪا جي ٽيڪ سان ٻيٽ تي حملي لاءِ رٿائون پڻ تيار ڪيون. 1962ع ۾ ۔دس اٽڪلن سڌي ريت روس سان ٽڪراءَ کي جنم ڏنو.

ڪيترن ماڻهن لاءِ جيڪي ان دور ۾ زندهہ رهيا، تن لاءِ 1962ع جو 20 کان 27 ڪٽوبر وارو هفتو سندن زندگين جو سڀ کان ڀيانڪ وقت هو جڏهن سرد جنگ ِڪليئر جنگ ۾ بدلجڻ واري هئي. آمريڪي جنگي ٻيڙين ان ارادي سان تہ ڪنهن بہ

سوويت ٻيڙي کي روڪڻ لاءِ طاقت جي استعمال خاطر ڪيوبا جو گهيرو ڪري ورتو. آمريڪي براعظمي بيلسٽڪ ميزائل، آبدوز ميزائل ۽ 1400 بمبار چوڪس بيٺا هئا. ڪيئي بمبار مسلسل هوا ۾ لامارن لاءِ بيٺا رهيا. هر هڪ نيوڪليئر هٿيارن سان مسلح هو ۽ جڏهن حڪم ٿئي ته سوويت هدفن تي حملا ڪرڻ لاءِ تيار هئا. فلوريڊا ۾ ڪيوبا کان فقط 60 ميل پري، آمريڪا ٻي عالمي جنگ کانپوءِ سڀ کان وڏي حملي آور فوج ڪٺي ڪئي، هڪ لک فوجي، 90 ٻيڙا، 68 هوائي جهاز ۽ اٺ جهاز ڪٽندڙ.

ڪينيڊيءَ جي حڪومت سمجهي ورتو هو ته، خروشچيف جي اڳواڻيءَ هيٺ سوويت يونين ڪيوبا ۾ ڳجهي نموني نيوڪليئر ميزائل رکي ڇڏيا آهن. آمريڪا اڳيئي پنهنجن اولهه يورپي ۽ ترڪيءَ وارن فوجي اڏن تان روسي شهرن کي نشانو بڻائي پئي سگهيو. ڪيوبا جي ميزائلن روس کي آمريڪي شهرن کي هدف بڻائڻ جي گنجائش مهيا ڪري ڏني. ڪاسترو ۽ چي گويرا ڪيوبا مٿان آمريڪي حملي کي روڪ طور ميزائلن جي آجيان ڪئي. بي شڪ اها غلطي هئي، ڇاڪاڻ ته نه پئي لڳو ته روس فقط ڪيوبن کي خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجن شهرن کي نيوڪليئر بمن جي مٿاسنا هٿان تباهيءَ جو جوکم کڻي ها.

بهرحال، آمريڪي حڪومت ميزائلن کي هٽائڻ لاءِ نيوڪليئر جنگ جو جوکم کڻڻ لاءِ تيار هئي. دنيا نيوڪليئر جنگ جي ڪيترو ويجهو پهچي چڪي هئي اها ڳالهه صدر جي ڀاءُ رابرٽ ڪينيڊي بعد ۾ پڌري ڪئي ته، 'اسين سڀ متفق هئاسين، جيڪڏهن ڪيوبا جي معاملي تي روسي جنگ ڪرڻ لاءِ تيار هئا، نيوڪليئر جنگ ڪرڻ لاءِ تيار هئاسين ۽ ڇهن مهينن کانپوءِ اسين شايد آمهون سامهون ٿيون ها.' آمريڪي صدارتي بحثن جا مسودا ظاهر ڪن ٿا ته دنيا جي سڀ کان وڏيڪ طاقتور حڪومت روس سان نيوڪليئر جنگ جو جوکم کڻڻ لاءِ تيار هئي.[290] آمريڪين اهو پڻ ظاهر ڪيو ته ڪينيڊيءَ کي ڪيوبا جي ڄڻ پوڻ جو تعلق وسيع معاملي سان جڙيل هو يعني، ڪينيڊيءَ کي آمريڪي عالمي هڪ هٽي ۽ بالادستي کي ڪاٽ لڳڻ جو خوف هو.

جنگ کي فقط ان لاءِ ٽاريو ويو ڇاڪاڻ ته خروشچيف آخري لمحن ۾ پنٽي هٽي ويو ۽ ميزائل هٽائڻ تي متفق ٿيو. پولٽ بيورو ان فيصلي تي ذري تي راضي ٿيو ۽ ان سان ڪيوبن اڳواڻ ناراض ٿي پيا. اصل ۾ روسي قيادت فيصلو ڪيو ته، اها پاڻ آمريڪي سامراجيت جي گهيري هيٺ دنيا جي موجوده ورهاڱي کي للڪاري نه ٿي سگهي، ائين ئي جيئن هنگري انقلاب وقت آمريڪا ان ورهاڱي کي نه للڪاريو هو. بعد وارن سالن ۾ ان جا ڪيترائي پيچيده نتيجا نڪتا. ٻنهي ڌرين نيوڪليئر هٿيارن جي مقدار جا انبار لڳائڻ جاري رکيا. ڇڪتاڻ وارين حالتن ۾ گهٽتائي، هڪٻئي مٿان پير نه رکڻ جي معاهدي جي بنياد تي ائين ڪيو ويو. توڙي جو وچين عرصي ۾ ٻنهي ڪيمپن ۾ وڏيون اٿلون پٿلون ٿيون، اهو سلسلو 1980ع تائين جاري رهيو.

روس طرفان ميزائل هٽائڻ واري فيصلي تي ڪيوبائي اڳواڻ پريشان ٿي ويا. هنن کي تہ معاملا طئي ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو ۽ ان بابت هي ٿورو ئي ڪجھ ڪري سگھيا پئي، ڇاڪاڻ تہ هي روسي معاشي حمايت جا محتاج هئا. انهيءَ محتاجيءَ جي معنيٰ صنعتڪاريءَ جي رٿائن کي گھٽائڻ ۽ انقلاب کان اڳ واري کنڊ جي ٻاهر وڪري تي ڀاڙڻ هو. کنڊ جي رڪارڊ پوک لاءِ سڏ ڏيندي انقلاب جي ابتدائي سالن جو پيغام 'زراعت ۾ بهتري آڻڻ' هو. بين الاقوامي طور تي روسي پاليسيءَ جي حدبندين مان نڪرڻ جي هڪ مختصر ڪوشش ڪئي وئي. ڪيوبائي اڳواڻن 'لاطيني آمريڪي يڪجهتي تنظيمن' ۽ 'ٽہ- براعظمي' ڪانفرنسن جا بندوبست ڪيا، جتي اُنهن ٽين دنيا جي ڪميونسٽ پارٽين ۽ آزاديءَ جي تحريڪن مٿان مڙهيل روسي پاليسين تي اڌ لڪل تنقيدون ڪيون. چي گويرا نيٺ ڪيوبا کي ڇڏي انهن تنقيدن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڪانگوزائري ۽ بوليويا ۾ گوريلا جدوجهدون ڪيون، پر نہ ڪو تنقيدون نہ ئي چي گويريا جو عمل ان مخصوص صورتحال ۾ طبقاتي قوتن جي ٺوس تجزيي تي ٻڌل هو ان بدران گويرا انقلابي جدوجهد جو ماڊل ٺاڦڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪو ڪيوبا جي مخصوص حالتن ۾ ڪامياب ٿيو هو. ڪانگو ۾ مداخلت بري طرح ناڪام ٿي ۽ بوليويا ۾ ڪارروائي هڪ هاجي کان ٻئي تائين غلطيون ٿينديون رهيون، نيٺ چي گويرا کي سي آءِ اي ايجنٽ هٿان پڪڙڻ کانپوءِ گولي هڻي ماريو ويو. 1968ع تائين ڪاسترو ۽ ڪيوبائي حڪومت روسي حڪمت عملي ڏانهن موٽي آئي.

ويٽنام جنگ

1960ع واري ڏهاڪي ۾ آمريڪي حڪومت ويٽنام ۾ سندن مخالف قوتن خلاف فوجي ڪارروائيون منظم ڪرڻ لاءِ 'صلاحڪارن' کي استعمال ڪيو. رابرٽ ڪينيڊي هڪ صحافيءَ کي ٻڌايو تہ 'اسان وٽ 30 ويٽنام آهن'.[291] هن جي سامهون اها ڳالھ اعتماد سان ڪرڻ جو ڪارڻ هو. آمريڪي حڪومت لاطيني آمريڪا کي پائيدار ڪرڻ لاءِ رٿائون جوڙيون، 'ترقيءَ لاءِ اتحاد' مان لڳو پئي تہ ڪيوبائي انقلاب جي ڪنهن ورجاءَ کي روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن ۽ وينزويلا، گوئٽيمالا، بوليويا ۽ پيرن جاين تي گوريلا تحريڪن کي هارايو ويو. 1960ع جي وچ ڌاري آمريڪي فوجن جي وقت سر مقرريءَ آمريڪي ٺاڻوٺ آمر موبوتو جي راڄڌانيءَ خلاف ڪانگلوزي باغين جي پيش رفت کي روڪي ڇڏيو ۽ ڊومنيڪن ريپبلڪ ۾ هڪ عوامي بغاوت کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. انڊونيشيا ۾ توڙي جو آمريڪي فوجن جي ضرورت نہ هئي. سي آءِ اي جنرل سهارتو سان گڏ ڪم ڪيو جنهن ڪابيءَ ڏر جي جنرلن طرفان هڪ ناڪام بغاوت جو بهانو بڻائي، پنج لک ماڻهن کي ماري ڇڏيو. ٽين دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ طاقتور ڪميونسٽ پارٽيءَ کي تباھ ڪيو ۽ آزاديءَ جي مقبول سرواڻ سئڪارنو کي هٽائي ڇڏيو.

پر رابرٽ ڪينيڊيءَ جي ويٽنام بابت ڄاڻ غلط ثابت ٿي. ويٽنام کي 1954ع ۾ ڪوريائي جنگ جي اڪلاءَ وقت ورهايو ويو هو. فرانس ملڪ کي هڪ ڪالوني طور رکڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن کي ويٽ منهه آزاديءَ جي تحريڪ طرفان ڊين بين فو وٽ وڏي شڪست ڏني وئي، پر ويٽ منهه کي روس ۽ چين طرفان فقط ملڪ جي اترئين اڌ جو ڪنٽرول ماڻڻ تي آماده ڪيو ويو. ويٽنامي گروهن جن ڏکڻ کي هلائڻ لاءِ فرانس جي پنيرائي ڪئي هئي، اُتي سڄي ملڪ لاءِ چونڊيون ٿيڻيون هيون. آمريڪا جنهن فرانس جي جنگي ڪوشش ۾ سڀ کان وڌيڪ پيسا پئي ڏنا، تنهن هاڻي ڏکڻ کي هلائيندڙ حڪومت کي ٽيڪ ڏني ۽ چونڊون ڪڏهن بہ نہ ٿيڻ واري عمل کي يقيني بڻائڻ ۾ مدد ڪئي.

ڏکڻ ويٽنام ۾ ڪنهن بہ مخالفت کي دٻائڻ لاءِ طاقت جو استعمال وڌندو رهيو. ٻُڌ راهبن پنهنجو پاڻ کي باهه ڏئي احتجاج ڪيو ۽ اڳوڻا ويٽ منهه ويڙهاڪ ٻهراڙين ڏانهن پڃي ويا ۽ هنن پنهنجي دفاع لاءِ هٿيار کنيا. ويٽنام ۾ جلدئي وڏي پيماني تي گوريلا جنگ شروع ٿي وئي، شهرن ۾ لڳاتار انتشار رهيو ۽ حڪومت جي بقا جو انحصار آمريڪي حمايت تحت ملندڙ پيسن تي هو. جڏهن ڪينيڊي صدر ٿيو هو. تڏهڪو ويٽنام لاءِ آمريڪي 400 صلاحڪارن جو تعداد سندس قتل تائين 18 هزار تي چڪو هو. 1965ع ۾ آمريڪي بحري فوج ڊننگ بحري اڏي تي لٿي ۽ هڪ مهيني اندر ملڪ ۾ 35،500 آمريڪي فوجي موجود هئا ۽ سال جي آخر تائين فوجين جو تعداد 210،000 تي ويو. ان دوران آمريڪي هوائي فوج تاريخ جي سڀ کان وڏي بمباري ڪئي. هر روز، هر هفتي، هر سال اتر ۽ ڏکڻ ٻنهي مٿان بم ڪيرايا ان اميد سان تہ طاقت آزاديءَ جي قوتن کي جدوجهد ڇڏڻ ڪرڻ تي مجبور ڪندي.

ويٽنام جنگ ڪوريا ۾ ٿيل جنگ جهڙي نہ هئي، هتي باقائده فوج هئي، جنهن کي اتر ويٽنام جا حڪمران ڪنهن بہ وقت واپس گهرائي پئي سگهيا. اها فوج هڪ ظالم حڪومت خلاف پاڻمرادو جدوجهد منجهان ڦٽي نڪتي هئي ۽ قومي آزاديءَ لاءِ جدوجهد جي پيشرو طور پنهنجي وقار کي وڌو ڇيهو رسائڻ کانسواءِ اتر ويٽنام جا اڳواڻ ان کان منهن نہ پئي موڙي سگهيا.

ويٽنام ۾ آمريڪا هڪ ڏکي جنگ ۾ ڦاسي پيو، جنهن مان نڪرڻ جو ڪو آسان گس نہ هئس. آمريڪا اتر ويٽنام پرسان ورهاڱي واري سرحد ويجهو کيهه سنهه (Khe Sanh) علائقي وٽ هڪ فوجي اڏو قائم ڪري ٿي سگهيو پر ان اڏي کي آزاد ويڙهاڪن هٿان ڪسجڻ کان روڪڻ لاءِ کيس ڳري قيمت چڪائڻي پئي. ٻيو تہ آمريڪا پرپاسي جي ٻهراڙيءَ کي تابع ڪرڻ لاءِ ان اڏي کي استعمال نہ پئي ڪري سگهيو ۽ نيٺ ان کي ڦٽو ڪرڻو پيس. آمريڪا شهرن جو ڪنٽرول سنڀالي پئي سگهيو پر 1968ع ۾ ويٽنامي نئين سال، ٽيٽ، وقت آزاد فوجن طرفان اوچتي حملي هٿان ذري گهٽ هارائڻ واري

امڪان کي تاري نہ ٿي سگهيو. ويٽنام جنگ جي وڏنڊڙ قيمت کي آمريڪا روڪي نہ سگهيو اهو خرچ سندس ڪُل فوجي خرچ جو 30 سيڪڙو تائين پهتو ۽ وڏي آمريڪي ڪاروباري حلقي طرفان احتجاج ٿيڻ لڳو. نيٺ، اها جنگ خود آمريڪي سماج اندر ٿيندڙ ڏڦيڙن کي روڪي نہ سگهي، ڇاڪاڻ تہ آمريڪي نوجوانن ويٽنام جنگ جي دهشتن ۾ زبردستي ويڙهہ لاءِ پرتين خلاف بغاوت ڪري ڏني.

چين، عظيم ڇال کان مارڪيٽ تائين

1950ع ۽ 1960ع جي ڏهاڪن ۾ چين جو سرڪاري تاثر مسڪرائيندڙ هاري ۽ خوشحال پورهيتن جي سرزمين. سوويت يونين سان گڏ ڪميونسٽ دنيا جي گڏيل اڳواڻ طور، آهستي آهستي امن ۽ اٿاهہ شين واري سوشلزم ڏانهن وڌندڙ ملڪ وارو هو. اهو تاثر سڄيءَ دنيا جي ڪابي ڏر جي هزارين اخبارن ۾ نظر آيو پئي.

آمريڪا وٽ چين بابت مخالفاڻو تاثر هو. جنهن لاءِ چين سيني کان وڏو ڳاڙهو خطرو هو جتي منظم نفرت هئي، هڪ معاشرو جنهن ۾ مٿان کان اختيارن هيٺ لکين ماڻهو چرين وانگر محنت پيا ڪن. ايتريقدر جو روس کان وڌيڪ ڊيڄاريندڙ دنيا هئي، جنهن بابت جارج اورائول جي ناول "1984" ۾ تصوير چٽيل هئي. ان تاثر ويٽنامي جنگ جي حمايت ۾ آمريڪي پروپيگنڊا لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. آمريڪا دعوي ڪئي تہ چين ڏکڻ ويٽنام تائين پنهنجو اثر رسوخ وڌائڻ ۽ آزاديءَ کي تباهہ ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. آمريڪا وٽي ڊنڊورو پٽيو تہ جيڪڏهن چين ويٽنام ۾ ڪامياب ٿيو تہ پوءِ ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ٻين ملڪن جو وارو ايندو ائين ڪٽي بہ 'آزاد دنيا' محفوظ نہ رهندي.

اهي ٻئي تاثر چين ۾ رهندڙ ماڻهن جي زندگين جي حقيقتن سان ٺهڪندڙ نہ هئا. آمريڪي پروپيگنڊا 1950ع جي وچ ڏاري کان گهٽ ۾ گهٽ روس ۽ چين جي وچ ۾ ڦڏي کي نظرانداز ڪيو. 1960ع ڌاري روس امداد بند ڪري، چين مان پنهنجا هزارين صلاحڪار واپس گهرايا ۽ ٻئي ملڪ بين الاقوامي گڏجاڻين ۾ هڪٻئي جي پاليسين تي تنقيد ڪرڻ لڳا.

سرڪاري چيني پرچار ملڪ ۾ طبقاتي فرقن ۽ سخت تڪليفن تي پردو وجهي ڇڏيو جن هيٺ اڪثر ماڻهو رهيا پئي. 1949ع ۾ چين جي وڏن شهرن جو ڪنٽرول حاصل ڪندي، پيپلز لبريشن آرميءَ جي اڳواڻن نئين سر معاشي تعمير جي مقصد هيٺ سرمائيدارن جي حلقن سميت سيني طبقن کي متحد ڪرڻ جي پاليسيءَ تي عمل ڪيو. 1950ع ڌاري روس ۾ اسٽالن جي نموني ۽ ساڳئي ريت اولهہ جي سرمائيداريءَ جي حاصلاتن جي پوئواري ڪندي صنعتڪاريءَ جي رٿا تي عمل ڪيو ويو. چين ۾ ڪومنتانگ حڪومت دوران ڪيتريون ئي صنعتون رياستي ملڪيت هيون، يا اڳوڻن جاپاني مالڪن کان کسيون ويون هيون. هاڻي رياست باقي بچيل صنعتن تي قبضو ڪري ورتو پر صنعتن جي پراڻن مالڪن کي طئي

ٿيل منافعو ادا ڪيو ويو (تنهنڪري ’ڳاڙهي‘ چين ۾ اڃان تائين لک پتي هئا). رياستي ڍانچي جو ڪاروهنوار پڙهيل لکيل وچولي طبقي جي ماڻهن پئي هلايو جڏهن ته ڪومنتانگ واري دور جا ڪيترائي ڪامورا پنهنجن عهدن تي برقرار رهيا. جاگيردارن جي تسلط وارن علائقن ۾ زرعي سڌارا ڪيا ويا، پر خوشحال هارين کي ڇُهيو ئي نه ويو. پورهيتن جي حالت اڳ جهڙي ئي رهي.

چين اندر انهن قدمن چڱي موچاري اقتصادي ترقيءَ کي زور وٺايو. 57_1954ع جي سالن دوران سرڪاري انگن اکرن مطابق هر سال 12 سيڪڙو واڌ ٿي، پر ان سان ترقي يافته ملڪن جي برابريءَ وارو سرڪاري مقصد حاصل نه پئي ٿي سگهيو ۽ مائوزي تنگ جي چوڌاري چيني قيادت جي هڪ حلقي کي خوف ٿيڻ لڳو ته، جيسيتائين جرائتمندانا قدم نه کنيا ويندا ته چين به ٽين دنيا جي ملڪن وانگر جمود جو شڪار ٿي ويندو. 1958ع ۾ ٻين اڳواڻن جهڙوڪ صدر لي شائوچي ۽ ڊينگ شائوپينگ جي مخالفت باوجود انهن ’عظيم ڇال‘ متعارف ڪرائي، تيز رفتار صنعتڪاري ڪئي.

ڳري صنعت کي اڳ کان وڌيڪ تيز رفتاريءَ سان وڌائيندي هر ضلعي ۾ لوهه ۽ اسٽيل ٺاهڻ جو بندوبست ڪيو ويو. لکين نون صنعتي پورهيتن کي کارائڻ لاءِ هارين کان زمينن جا ٽڪرا کسي، ماڻهن جون ’عوامي پنچائتون‘ (people's commune) ٺاهيون ويون. 1958ع ۽ 1959ع ۾ لڳو پئي ته ’عظيم ڇال‘ ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري پيو. سرڪاري صنعتي ترقيءَ جي شرح ذري گهٽ 30 سيڪڙو ساليانو هئي ۽ سڄي دنيا ۾ چيني ڪميونزم هيٺ ’ڪميون‘ جي ساراهه ڪندي، هڪ نئين دور جي صبح جي ڳالهه ڪئي وئي. چين وٽ ٽيڪنيڪل سامان ئي نه هو جو ڪميون کي قابل عمل بڻائي ۽ فقط هارين کي گڏ ڪرڻ سان صديون پراڻين روايتن کي مات نه پيو ڏئي سگهجي، جن هڪ خاندان کي ٻئي خلاف ڪري ڇڏيو هو. اناج جي پيداوار ڪِري پئي ۽ ڏڪارن ۾ لکين ماڻهو مري ويا. مقامي طور تي ٺهيل نين صنعتن جي ٽيڪنيڪل سطح هيٺين قسم جي هئي، جيڪا انتهائي غيرموثر ثابت ٿي ۽ ان وسيلا خرچ ڪندي سڄي معيشيت کي هاڃو رسايو. عظيم ڇال التو هڪ تباهيءَ ۾ بدلجي ويو ۽ لکين ماڻهن ان جي ڳري قيمت چڪائي. فقط قوت ارادي صدين جي پراڻي جمود ۽ سامراجيت هٿان پيدا ڪيل غير صنعتڪاري کي مات نه پئي ڏئي سگهي.

چيني قيادت ردعمل ڪندي مائو کي اقتدار جي واڳن کان پري ڪري ڇڏيو ۽ صنعتڪاريءَ بابت هڪ توريل تڪيل حڪمت عمليءَ ڏانهن موٽ کاڌي. پر اها پاليسي به مشڪل سان ڪامياب ٿي. 1965ع ۾ صنعتي پيداوار 1960ع کان به گهٽ رهي. افرادي قوت ساليانو 15 ملين وڌي پئي جڏهن ته نين ملازمتن جو تعداد فقط پنج لک وڌيو ۽ 23 ملين ڪاليج جي گريجوئيٽ نوجوانن کي مناسب روزگار ملڻ مشڪل ٿي پيو.[292]

جيئن مسئلا ڪنا ٿيندا ويا ته، مائوزي تنگ جي قيادت چوڌاري موجود گروهه هڪ

پيرو وري محسوس ڪيو ته، انهيءَ بند رستي کي فقط هنگامي ڪارروائي ٽوڙي سگهي ٿي. سندن خيال ۾ هن پيري اُنهن اهو ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ قوت ڳولي ورتي آهي. يعني، وڏي تعداد ۾ نوجوان جيڪي مايوس هئا. 1966ع ۾ مائو ۽ سندس زال جيانگ ڦنگ ۽ دفاعي وزير لن بيائو سميت سندس ساٿارين 'پورهيت ثقافتي انقلاب' جو اعلان ڪيو.

هنن چيو ته چين کي ملڪ جو ڪاروهنوار ۽ پارٽي هلائيندڙ ادارن جي 'ثقافت' روڪي رکيو آهي، اهي ماڻهو تڏا ۽ سست ٿي ويا آهن. اهڙن رجحانن اڳئي روس ۾ اسٽالن جي دور وارن ڪم کي ڏاهيندي 'سرمائيدارانو رستو ورتو' ۽ اُهي طريقا چين کي به پراڻي 'ڪنفيوشن' طريقي ڏانهن واپس گهلي سگهن ٿا. نوجوانن جو ڪم آهي ته مائوءَ جي پاليسين آڏو رڪاوٽ وجهندڙ ماڻهن ۽ ادارن تي عوامي تنقيد ڪن. مائو گروهه ڇهن مهينن لاءِ سمورا تعليمي ادارا بند ڪري ڇڏيا ۽ هڪ ڪروڙ ڏهه لک هاءِ اسڪولي ۽ ڪاليجي شاگردن کي همٿايو ته مفت ريل ٽرانسپورٽ تي هڪ علائقي کان ٻئي تائين انهيءَ تنقيد کي ڪٽي وڃن.

'پورهيت ثقافتي انقلاب' ڪنهن به حوالي سان پورهيت ۽ انقلابي نه هو. پورهيتن پنهنجو ڪم جاري رکيو جڏهن ته شاگردن وڏيون ريليون ڪڍيون ۽ ملڪ جو سير ڪيو پئي. بيشڪ 'ثقافتي انقلاب' جي پيغام جو هڪ حصو اهو به هو ته، پورهيتن کي گهرجي ته بونس ريٽ، صحت ۽ تحفظ وارن معاملن جهڙين 'سرمائيدارانين' ڳڻتين کي ڦٽو ڪن، ڇاڪاڻ ته اهي 'اقتصاديات پرستي' جي ور چڙهيل آهن ۽ ڪنهن به ماڻهوءَ جي اتساهه لاءِ 'فڪر مائوزي تنگ'

ڪافي آهي. ساڳئي وقت شاگردن کي هدايت ڪئي وئي ته، فوج ۽ پوليس جي ادارن جي ڪاروهنوار ۾ مداخلت نه ڪن. اهو هو 'انقلاب' جنهن ۾ رياست کي اونڌو ڪرڻ کان لنوائيو ويو!

'ڳاڙها محافظ' شاگردن کي ادارن تي نه، پر فردن، جن منجهه انقلابي جذبو ڪافي نه هو خلاف پنهنجي ڪاوڙ ڪڍڻ لاءِ همٿايو ويو. مٿي ان جي معنيٰ انهن ماڻهن کي هدف بڻائڻ هو جيڪي عظيم ڇال وقت مائوءَ سان متفق نه هئا. لي شائوچي، ڊينگ شائوپينگ ۽ ٻين کي زوري عهدن تان هٽايو ويو. مقامي سطح تي ان جي معنيٰ ٿورن اختيارن وارا ماڻهو هئا، جن بابت سمجهيو ويو ته، اهي 'پراڻن طريقن' تي عمل ڪن ٿا. انهن ۾ اسڪول ماستر، ليکڪ، صحافي، ڪلرڪ يا اداڪار شامل هئا. غيرعقلي ايذا رسائي واري ماحول جي چٽي تصوير اڳوٽي 'ڳاڙهي محافظ' جنگ چانگ جي يادگيري "Wild Swans" ۽ فلم 'موڪلاڻي' (Farewell) جي حصن، بيجنگ جي هڪ سنگيت ناٽڪ ادا ڪندڙ بابت "My Concubine" ۽ ثقافتي انقلاب جي شڪار ۽ دانشورن جي هڪ گروهه بابت ڊاءِ هوئنگ جي ناول "Stones of the Wall" ۾ چٽي وئي.

پر ثقافتي انقلاب فقط هڪ غيرعقلي ڦاٽ نه هو. مائوءَ جنهن ڪاوڙ ۽ مايوسيءَ کي

ڪتب آندو سا سچ پچ موجود هئي، انهيءَ ڪري. مائوءَ ان تحريڪ کي قابو نہ ڪ
سگهيو جنهن کي شروع ڪيو هئائين. ڪيترن شهرن ۾ ادارن ۾ مخالف 'ڳا
محافظ' ۽ 'ڳاڙها باغي' پيدا ٿي پيا. ڪجهہ ڪي مقامي رياستي ۽ پارٽي ڍانچن استع
ڪيو پر ٻين نوجوان پورهيتن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ. ماڻهن جي زندگين کي مٿ
ڪندڙ سوال اٿارڻ ۾ شنگهائيءَ ۾ وڏيون هڙتالون ڪرڻ جا ڪم شروع ڪيا ويا.

هاڻي مائوءَ تحريڪ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن کي فقط ڪجهہ مهِ
اڳ پاڻ شروع ڪيو هئائين ۽ هر هڪ علائقي ۾ صورتحال کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ لن پيۡ
جي فوج کي سڏايو ويو. انهيءَ عمل ڪجهہ شاگردن کي سڄي نظام خلاف ڪري ڇڏ
هنان ۾ هڪ گروهہ 'نئين ڪاموڙڪي بورجوازي جي راڄ' تي تنقيد ڪئي. ٻين تنقي
1970ع جي 'جمهوري يت' واري تحريڪ لاءِ بنياد رکيا.[293] فوج طرفان فيصلا
ڪارروائي 'ڳاڙهن محافظن' جي تحريڪ کي ختم ڪري ڇڏيو پر اجان تائين شاگر
جي وڏي تعداد جو خود مائوءَ ۾ ويساهہ هو. اُهي جن بگڙيل انداز سان ئي سهي،
تحريڪ ذريعي پنهنجن جذبن جو اظهار ڪرڻ شروع ڪيو هو هاڻي ڪين ڳري قيہ
ڇڪاٽي پئي. لکين ماڻهن کي شهرن مان هٽائي ٻهراڙيءَ وارن ڏورانهن علائقن ڏا
سخت پورهيو ڪرڻ لاءِ جبري طور تي اماڻيو ويو. هڪ اندازي مطابق شنگهائي ج
آباديءَ جي ڏهن ماڻهن مان هڪ کي شهر کان ٻاهر موڪليو ويو.[294]

بهرحال، ثقافتي انقلاب ۾ عوامي شرڪت جو خاتمو چين اندر افراتفريءَ جو خا
نہ هو. 1970ع ۾ لن پيائو مائو جو مقرر جانشين، اقتدار تي هڪ ناڪام قبضي ج
ڳالهين وچان اوچتوئي روس ڀڄي ويو ۽ سندس جهاز سوويت سرحد ويجهو ڪري پ
1970ع واري ڏهاڪي جي ڀهرين عرصي ۾ اقتدار چوان لائي جي هٿن ۾ رهيو جنهن ا
۾ خوار ٿيل ڊينگ شائوپينگ کي پنهنجو وارث مقرر ڪندي، ڪيس واپس آندو. ما
جي زال ۽ سندس ٽن ساٿارين (چئن جي ٽولي) 1974ع ۾ مختصر وقت لاءِ ٻيهر ڪنٽر
حاصل ڪري وري ڊينگ کي ڪڍي ڇڏيو ۽ ثقافتي انقلاب جي ٻولي ڪتب آندي .
ان لائيءَ جي موت تي ٿيل وڏن مظاهرن ڏيکاريو تہ ڪين ڪيتري ٿوري حمايت حا
هئي ۽ 1976ع ۾ مائو جي موت کانپوءِ کين هٽائي قيد ڪيو ويو.

سڄي دنيا ۾ اڪثر ڪابي ڏر ثقافتي انقلاب وقت پرجوش ٿي وئي. ڪيترن ملڪ
۾ ويٽنام ۾ آمريڪي جنگ جي مخالفن مائوزيتنگ توڙي ويٽنامي اڳواڻ هو چي م
جون تصويرون کنيون. 'فڪر مائو' جي ننڍڙي ڳاڙهي ڪتاب ۾ ڏنل چوٽين ک
سوشلسٽ سرگرميءَ لاءِ رهنما طور پيش ڪيو ويو. 1972ع ۾ آمريڪا اڳ کان وڌيڪ
ويٽنام مٿان بمبار استعمال ڪيا. مائو آمريڪي صدر نڪسن جي بيجنگ ۾ آجي
ڪئي ۽ 1977ع تائين ڊينگ جي سربراهيءَ هيٺ چين روس کان وڌيڪ تيزيءَ س
مارڪيٽ ڏانهن ڊوڙ شروع ڪئي.

اولهہ جي ميڊيا انهن ور وڪڙن کي وحشي بي عقلائيءَ جي نتيجي طور ڏٺو. 1970ع
واري ڏهاڪي جي آخر تائين ڪابي ڌر جا ڪيترائي ماڻهو جن پنهنجو پاڻ کي 60 جي
ڏهاڪي ۾ مائو ازم سان سلهاڙيو ۽ سوشلزم کي پُٺ ڏني. فرانس ۾ اڳوڻن مائو نواز 'نون
فلسفين' جي هڪ سڄي مڪتب فڪر سيکاريو تہ انقلاب پاڻمرادو آمريت ڏانهن وٺي
ـجي ٿو ۽ انقلابي ڪابي ڌر ايتري ئي خراب آهي، جيتري فاشسٽ ساڄي ڌر. چين وٽ
ڪاميابيءَ سان جبري صنعتڪاري وارو روسي رستو وٺڻ لاءِ اندروني طور ڪافي وسيلا
ـہ هئا. تنهنڪري ان جي حاڪمن هارين کي بُکن ۾ ماريو ۽ مزدورن جو پورهيو چوسيو.
ـر وٽن سامراجي ڦرلٽ جي هڪ صديءَ ڪانپوءِ پيو ڪوبہ آسان گس نہ هو. ڪي عقلي
حل ڳولي نہ سگهڻ سبب ملڪ جي حڪمرانن غير عقلي رستي جي چونڊ ڪئي.

باب ڏهون

نئون عالمي بدنظام

اڪثر ماڻهو جن 1960ع واري ڏهاڪي جي وچ ۾ ترقي يافته سرمائيدار ملڪن ڏانهن نيهاريو پئي، تن جي خيال ۾ سرمائيدار سرشتي، جنگين جي وچ وارن سالن جي مسئلن کي منهن ڏئي ڇڏيو آهي. هاڻي وڏيڪ وڏا گهرا بحران، اڻ کُٽ معاشي غيريقيني ۽ انقلابي ڪاهي ڏر ۽ فاشسٽ ساڄي ڌر جي وچ ۾ سياسي وٿي ناهي رهي. آمريڪي سماجياتي علم جي ماهر ڊينئل بيل 'نظريي جي پڇاڙيءَ' جو اعلان ڪيو. هن دعوي ڪئي، جيئن ته هاڻي 'پيداوار جي انتظام، مهانگائي کي قابو ڪرڻ ۽ مڪمل روزگار کي برقرار رکڻ لاءِ' وسيلا موجود آهن (تنهنڪري) اڄ سياست ڪنهن اندروني طبقاتي ورڇ جو عڪس ناهي'.[295] بيل انڪائونٽر ميگزين لاءِ لکيو، جنهن کي آمريڪي سينٽرل انٽيليجنس ايجنسي (سي آءِ اي) هلايو پئي، پر اُهي جن سي آءِ اي سان نفرت ڪئي، تن پڻ ساڳيا نتيجا ڪڍيا. ائين جرمن-آمريڪي مارڪسوادي هربرٽ مارڪيوز لکيو ته 'همعصر سماج جي سڀ کان وڏيڪ ترقي يافته شعبن ۾ ادارتي اسٽيٽس ڪو جي بقا ۽ بهتري واري مفاد اڳوڻن دشمنن (بورجوازي ۽ پورهيتن) کي متحد ڪري ڇڏيو'.[296]

لڳو پئي ته تاريخ، يا گهٽ ۾ گهٽ طبقاتي جدوجهد جي تاريخ شايد، سواءِ ٽين دنيا جي، باقي دنيا مان ختم ٿيڻ واري آهي ۽ ٿي وئي آهي. بيل يا مارڪيوز کي مئتا ڏيڻ ڪانسواءِ ٽن ڏهاڪن ڪانپوءِ آمريڪي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جي عملدار فرانسس فوڪوياما طرفان انهيءَ تصور کي نئين سر گهڙيو ويو.

تنهن هوندي به 1960ع جي وچ ۽ 1990ع وارن ڏهاڪن جي وچ واري عرصي ۾ سماجي اٿلن پٿلن، اوچتن اقتصادي بحرانن، شديد هڙتالن ۽ دنيا جي وڏن فوجي بلاڪن مان هڪ جي ڍير ٿيڻ جا واقعا ٿيا. تاريخ ختم ٿيڻ ڪان گهٽ پري وڏيڪ تيز ٿي وئي.

20 هين صديءَ جي پٺئي اڌ ۾ ٽي وڏا موڙ آيا، 1968ع ۾، 75-1973ع ۾ ۽ 1989ع ۾. ٽنهي گڏجي سرد جنگ واري دور جي سياسي، نظرياتي ۽ اقتصادي عمارت کي ڊاهي ڇڏيو.

1968ع آزاديءَ جو آواز

سال 1968ع جو ذڪر گهڻو ڪري 'شاگرد بغاوت جي سال' طور ڪيو ويجي ٿو. ان سال دوران سڄي دنيا، خاص ڪري اولهه برلن، نيويارڪ ۽ هاورڊ، وارسا ۽ پراگ، لنڊن ۽

پئرس، ميڪسيڪو ۽ روم ۾ شاگردن جا احتجاج ۽ مظاهرا ٿيا ۽ انهن قبضا ڪيا. پر انهن شاگرد احتجاجن کان وڌيڪ پيو بہ گهڻو ڪجھہ ٿيو. انهيءَ عرصي دوران ڪاري چمڙيءَ وارن آمريڪين جي بغاوت پنهنجي چوٽيءَ تي پهتي. آمريڪا کي سڀ کان وڏو فوجي ڌڪ (ويٽنام ۾)، روسي فوجن سان مزاحمت (چيڪوسلاويڪيا ۾)، دنيا جي تاريخ جي سڀ کان وڏي هڙتال (فرانس ۾)، پورهيت جدوجهدن جي لهر جي ابتدا، جنهن اٽليءَ جي سماج کي ستن سالن تائين لوڏي ڇڏيو ۽ اترئين آئرلينڊ ۾ 'پريشاني' شروع ٿي. شاگرد جدوجهد وسيع سماجي قوتن جي ٽڪراءَ جي هڪ علامت هئي.

1968ع جا هنگامن ڇرڪائي ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ جن معاشرن ۾ اهي احتجاج ٿيا، اُهي تمام گهڻا مستحڪم ۽ مضبوط لڳا پئي. ميڪ ڪارٿ ازم آمريڪا ۾ ڪابي ڌر کي تباھہ ڪري ڇڏيو جنهن جو 1930ع واري ڏهاڪي ۾ چڱو خاصو وجود هو ۽ ملڪ جا ٽريڊ يونين اڳواڻ بدنام زمانہ ڪامورا ۽ رجعت پرست هئا. چيڪوسلاويڪيا اوپر يورپ جي سڀ کان وڌيڪ خوشحال ملڪن منجهان هڪ هو ۽ 1956ع جي اٿل پٿلن کان تمام گهٽ متاثر ٿيندڙن ۾ پڻ شامل هو. فرانس ڏهن سالن تائين ڊي گال جي آمراڻي راڄ هيٺ رهيو چونڊن ۾ کابي ڌر جي ڪارڪردگي صفا خراب هئي ۽ مزدور يونينون ڪمزور هيون. اٽليءَ ۾ حڪومتون آيون ۽ ويون، پر انهن جي اڳواڻي سدائين ڪرسچن ڊيموڪريٽس ڪئي جن ڪيٿولڪ چرچ تي ڀاڙيو پئي تہ اها ماڻهن کان ووٽ ڏياري.

گهڻي پائيداري انهن ملڪن جي مستحڪم اقتصادي ترقيءَ جي ڪري هئي، تنهن باوجود انهيءَ ترقي اهڙين قوتن کي پيدا ڪيو جن پائيداريءَ کي ڪاٽ هنيو ۽ انهن قوتن سياسي ۽ نظرياتي ڍانچن کي 1968ع ۾ الڳ ڪري ڇڏيو.

آمريڪا ۾ ڏکڻي چاڙهہ جي ابتدا وقت ڪاريءَ آباديءَ جي اڪثريت هئي، جتي ان غلاميءَ جو خاتمو ڪيو هو. هي ڏکڻ جي ٻهراڙيءَ ۾ فصلن ۾ حصيدار هئا، جتي مقامي رياست ۽ اڇي چمڙيءَ وارن بندوقون، لڪڻ ۽ سرڪڻ ڦاهيون استعمال ڪري، کين ڪمتر حيثيت قبول ڪرڻ تي مجبور ڪيو. اقتصادي چاڙهہ شهرن ڏانهن لڏپلاڻ کي تيز ڪري ڇڏيو هتي ماڻهو صنعت ۾ روزگار جي تلاش ۾ آيا. 1960ع تائين ڪاري چمڙيءَ وارن جي آباديءَ جا ٽي حصا شهري رهاڪو ٿي چڪا هئا. سندن وڏي تعداد ۾ ڪٺي ٿيڻ، منجهن نسل پرستيءَ ۽ رياست سان مهاڏو اٽڪائڻ جو اعتماد پيدا ڪرڻ شروع ڪيو. 1955ع ۾ هڪ عورت روسا پارڪس طرفان بس جي الڳ حصي ۾ ويهڻ کان انڪار تي باھہ ڀڙڪي پئي. احتجاجن هڪ بس بائيڪاٽ ٿيو جنهن الباما، مونٽگميري جي طاقت جي پراڻن ڍانچن کي لوڏي ڇڏيو. 1965ع، 1966ع ۽ 1967ع ۾ لاس اينجلس، نيويارڪ ۽ ڊيٽروٽ جهڙن اترين شهرن ۾ ڪاري چمڙيءَ وارن بغاوتون ڪيون. 1968ع ۾ ڪاري چمڙيءَ وارن جي اڳواڻ مارٽن لوٿر ڪنگ جي قتل ڪانپوءِ ملڪ جي هر هڪ ڪارن جي الڳ آباديءَ مان دونها ئي دونها نڪتا پئي ۽ نوجوان

ڪارن جي هڪ وڏي تعداد پنهنجو پاڻ کي بليڪ پينٿر پارٽيءَ سان سلهاڙي ڇڏيو جنهن پنهنجي دفاع لاءِ هٿياربند ٿيڻ جو سڏ ڏنو ۽ انقلاب جي تبليغ ڪئي.

1940ع واري ڏهاڪي ۾ فرانس ۽ اٽليءَ ۾ موجوده نظام پنهنجو پاڻ کي پائيدار رکڻ واري قابليت ۽ فاشسٽ اسپين ۽ پورچوگال ۾ پنهنجو پاڻ کي برقرار رکڻ جو انحصار ان حقيقت تي هو تہ انهن ملڪن جي ماڻهن جو هڪ وڏو حصو اڃان تائين ننديو آبادگار هو جن کي رشوت ڏئي پئي سگهجي، يا اسٽيٽس ڪو (موجوده صورتحال) جي حمايت لاءِ ٻيچاري پيو سگهجي. ان جو نظرياتي اظهار ڪيترن علائقن ۾ انتهائي رجعت پرست ڪيٿولڪ چرچ جي صورت ۾ ٿيو جيڪي سندن ڳڙهہ هئا. ڊگهي چاڙهہ ان صورتحال کي بدلائي ڇڏيو. 1968ع تائين سڄي ڏاکڻي يورپ جي ملڪن ۾ هاري پسمنظر رکندڙ وڏي تعداد ۾ مرد ۽ عورتون ڪارخانن ۽ ٻين جاين تي گڏجي ڪم ڪرڻ لڳا. ڦهريائين تہ انهن پاڻ سان گڏ ڀهراڙيءَ جو طرز عمل آندو مزدور يونينن جي مخالفت ڪئي، يا رجعت پرست ڪيٿولڪ يونين جي حمايت ڪئي، پر ڪين ساڳين حالتن کي منهن ڏيڻو پيو جن کي پراڻن پورهيتن ڏنو هو جن کي 1930ع واري ڏهاڪي جي جدوجهد ۽ جنگ جي پڄاڙيءَ واريون وڏيون هڙتالون ياد هيون. سخت محنت ڪرڻ لاءِ لڳاتار دٻاءُ، فورمين ۽ مينيجرن جا پيٽ پرڻ ۽ وڌندڙ قيمتن هٿان اجرتن تي دٻاءُ وڌا ويا. 1968ع ۽ 1969ع ۾ اهي هڪ نئين ۽ طاقتور قوت ۾ گڏجي پيا جنهن نظام کي للڪاريو.

1950ع جي وچ ڌاري چيڪوسلاويڪيا جي پائيداري پڻ چڙهندڙ معيشيت جو نتيجو هئي. ساليانو 7 سيڪڙو ترقيءَ حڪمران ڪاموراشاهيءَ کي اطمينان جو احساس ڏنو ۽ اصل اجرتن ۾ واڌ جي اجازت ڏني. 1960ع جي ڏهاڪي ۾ ترقيءَ جي شرح گهٽجڻ لڳي، سماج ۾ هر سطح تي مايوسيءَ ۽ حڪمران ڪاموراشاهيءَ ۾ تفرقي جنم ورتو. پارٽيءَ مُک شخصيتن صدر ۽ پارٽي سيڪريٽري نووتني کي استيعفيٰ تي مجبور ڪيو. دانشورن ۽ شاگردن 20 سالن ۾ ڦهريون ڀيرو پنهنجو پاڻ کي آزاديءَ سان اظهارڻ جو موقعو ڪسي ورتو. سينسرشپ جو سڄو ڍانچو ڍير ٿي پيو ۽ پوليس ڪاوڙ کي دٻائڻ لاءِ اوچتوئي لاچار لڳي. شاگردن آزاد شاگرد يونينون ٺاهي ورتيون، مزدورن رياست طرفان مقرر يونين ليڊرن کي ووٽ ذريعي ڪيڍڻ شروع ڪيو. سياستدانن کان سندن پاليسين بابت ٽيليوزن تي امتحان ورتو ويو. روسي حڪمرانن لاءِ اهو سڀ ڪجهہ تمام گهڻو هو. 1968ع جي آگسٽ ۾ روس ملڪ ۾ وڏي فوج اماڻي ۽ مُک حڪومتي شخصيتن کي گهلي ماسڪو ۾ گرفتار ڪري ڇڏيو.

ڪين توقع هئي تہ رات وچ ۾ مخالفت کي دٻائي وٺندا، پر ان جو نتيجو وڌيڪ گهرو ۽ وسيع نڪتو. روسي ٽينڪن خلاف محدود جسماني مزاحمت ڪئي وئي، پر غيرمتحرڪ مخالفت ڏاڍي ٿي. روس مجبور ٿي چيڪوسلاويڪين حڪومت کي ملڪ اندر مخالفت کي قابوءَ ۾ رکڻ جي واعدي سان گهر واپس ٿيڻ ڏنو. مظاهرن ۽ هڙتالن

ڪانپوءِ اهو واعدو پورو ڪرڻ ۾ نوَ مهينا لڳا. نيٺ روس هڪ ڪٺ پتلي حڪومت مڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيو جنهن ماڻهن کي سندن ملازمتن مان ڪڍي ۽ الڳ الڳ هنڌن تي کين قيد ۾ وجهي کلي عام مخالفت کي ماٺ ڪرائي ڇڏيو. وري 20 سالن تائين رياستي سرمائيداريءَ چيڪوسلاويڪيا کي هلايو تنهن هوندي بہ رياستي سرمائيداريءَ کي وڏو نظرياتي نقصان ٿيو. بين الاقوامي طور تي انهن واقعن ڪاٻي ڌر جي ماڻهن ۾ شڪن کي جاڳايو. اولهہ يورپ جي اڪثر ڪميونسٽ پارٽين، روسي قبضي جي مذمت ڪئي، ڇاڪاڻ تہ ائين ڪندي اُهي پنهنجن ملڪن اندر سوشل ڊيموڪريٽڪ ۽ وچولي طبقي جي سياسي قوتن سان آسانيءَ سان ساٺ ڏئي سگهن پيا. ڪاٻي ڌر ڏانهن ويندڙ نوجوان ماڻهن منجهہ 'اوڀر ۽ اولهہ جي سامراجيت' کي ننڍڻ عام ڳالهہ بڻجي وئي. چيڪوسلاويڪيا سميت اوڀر يورپ ۾ حڪمران پارٽين جي رُڪنيت نظرياتي وابستگيءَ ۾ گهٽ ڪان گهٽ ٿيندي رهي، پارٽيءَ ۾ شموليت جي معنيٰ ڪيريئر ٺاهڻ هئي.

ايتريقدر جو مسئلا، جن کي آمريڪا ويٽنام ۾ منهن ڏنو هڪ حد تائين ڊگهي چاڙهہ جي پيداوار هئا. اهو ٽيٽ حملو هو جنهن جنگ کي 1968ع ۾ عالمي اسٽيج جي مرڪز ڏانهن ڌڪيو پر ٽيٽ حملو آمريڪي فوجن لاءِ مڪمل شڪست نہ هو. آمريڪا ان وقت پٽاڪ هنئي تہ ان ويٽنامي شهرن جو ڪنٽرول ٻيهر ماڻي ورتو آهي، توڙي جو هڪ جنرل جيئن اعتراف ڪيو تہ، 'اسان کي شهرن کي برباد ڪرڻو پيو تہ جيئن انهن کي بچائي سگهون.' ٽيٽ واقعي ويٽنامي جنگ ۾ اهم موڙ جي نمائندگي ڪئي، ڇاڪاڻ تہ ان عمل وڏن ڪاروباري حلقن کي آماده ڪيو تہ، آمريڪا هڪ ملڪ جو ڪنٽرول برقرار رکڻ جي قيمت نہ ٿو چڪائي سگهي. آمريڪا جيترو ڪوريا ۾ خرچ ڪيو هتي ان ڪان وڌيڪ خرچ نہ پئي ڪيو. پر وچ واري چاڙهہ دوران جاپاني ۽ اولهہ جرمن سرمائيداريءَ جو اُڀار ٿيو ۽ آمريڪا (جاپاني ۽ جرمن) اقتصادي مقابلي جي للڪار کي پورو ڪرڻ، توڙي ويٽنام ۾ زميني جنگ جي لاڳت ادا نہ پئي ڪري سگهيو. جيئن تہ ويٽنام جنگ سبب هٽين خالي بڻيل صدر جانسن جي 'عظيم سماج' واري رٿا جي فلاحي خرچ جي ضرورت هئي، جنهن سان هن کي اميد هئي تہ، سندس وقار ٺهندو ۽ آمريڪي سماج لاءِ ڊگهي مدي جي پائيداري ملندي.

نيٺ، سيني ترقي يافتہ سرمائيدار ملڪن ۾ ڊگهي چاڙهہ شاگردن جي تعداد ۾ واڌ کي جنم ڏنو. هر هنڌ رياست اعليٰ تعليم جا ڳرا خرچ پئي ڀريا، ڇاڪاڻ تہ ان پنهنجي قومي سرمائيداريءَ جي چٽاڀيٽيءَ واري صلاحيت کي وڌائڻ چاهيو پئي. برطانيا ۾ جتي ٻي عالمي جنگ وقت فقط 69 هزار شاگرد هئا، اُتي 1964ع تائين ذري گهٽ 3 لک شاگرد ٿي ويا. انهيءَ ترقيءَ شاگرد آباديءَ جي ترتيب ۽ نوعيت ۾ خاصيتي تبديلي پڻ پيدا ڪئي. ماضيءَ ۾ جتي ان جو وڏو تعداد حڪمران طبقي ۽ ان جي ساٿارين جو هو هاڻي ان جو ڳچ تعداد وچولي طبقي ۽ پورهيتن جي ٻارن جو هو. ڪاليج جن ۾ شاگرد پڙهيا

پئي، سي وڏي تعداد ۾ وڌڻ لڳا. انهن جي پوشاڪ هڪجهڙي ۽ جيئن ڪارخانن ۾ مزدور هڪ هنڌ جمع ٿين پيا، تيئن انهن تعليمي ادارن ۾ شاگردن جا هجوم هڪ هنڌ تي ڪٺا ٿيڻ لڳا. برڪلي، ڪيليفورنيا ۾ احتجاج ڪندڙ شاگرد، 'معلومات جي ڪارخانن' جي شڪايت ڪئي.

شاگرد وسيع معاشري ۾ مختلف طبقاتي منزلن ڏانهن وڌڻ کان اڳ انهن ادارن ۾ فقط ٽن يا چار سالن لاءِ گڏ ٿيا پئي، پر حالتون جن منجهه اُنهن پنهنجو پاڻ کي ڏٺو تنهن هڪ برادريءَ جي احساس ۽ مفاد کي پيدا ڪري ڪين اجتماعي ڪارروائيءَ ڏانهن وٺي وڃڻ جي قابل بڻايو. ساڳي ريت ايڏي وڏي تعداد ۾ شاگردن جو هڪ هنڌ جمع ٿيڻ سان سماج ۾ نظرياتي ڇڪتاڻ پڻ ٿيڻ لڳي. اهي هڪ اهڙي ماحول ۾ هڪ ٿي هنڌ ڪٺا ٿيا، جنهن ۾ هزارين شاگردن مختلف علم، جهڙوڪ: سماجيات، ادب، تاريخ ۽ معيشيت پڙهيا پئي، شاگردن کي نظرياتي موضوع ۽ مضمون ذهن نشين ڪرايا ويا.

ان جي معنيٰ هڪ وسيع معاشري ۾ اٿاريل معاملا ڪاليجن ۾ ڌماڪا ڪري سگهن پيا. مثال طور، برلن ۾ ايران جي آمر شاهه جي دوري وقت پوليس هٿان هڪ احتجاج ڪندڙ جي مارجي وڃڻ ڪانپوءِ ٿيل شاگرد جدوجهد، آمريڪا ۾ ويٽنام خلاف جنگ ۽ ڪاري چمڙيءَ وارن جي جدوجهد جي يڪجهتيءَ ۾ شاگرد احتجاج، پولينڊ ۾ اختلاف ڪندڙن کي قيد ڪرڻ خلاف ٿيل احتجاج، چيڪوسلاويڪيا ۾ روسي قبضي جي مخالفت جي حصي طور احتجاج ٿيا.

جيڪا جدوجهد شاگردن جي معاملن تي شروع ٿي، سا جلدئي سموري سماج جي مسئلن سان ڳنڍجي وئي. ان جو وڏو ڊرامائي اظهار فرانس ۾ ٿيو. اختيارين ننڍي پيماني جي شاگرد احتجاجن جي ردعمل تي سڄي پئرس يونيورسٽي بند ڪري ڇڏي ۽ پوليس کي گهرائي ورتو. شاگردن جي وڌندڙ تعداد، پوليس تشدد جي ستايلن طرفان احتجاج ۾ شموليت ڪئي وئي ۽ (10 مئي تي) پوليس کي عارضي طور تي شهر جي ڪاٻي ڪناري مان تڙي ڪڍيو ويو. شاگرد تحريڪ سڄي نظام جي ڪامياب مخالفت جي علامت بڻجي وئي، جنهن نظام مٿان ڊي گال پنهنجي مطلق العنانيت ۽ هڙتالن ۽ احتجاجن کي ٽوڙڻ لاءِ هٿياربند پوليس کي استعمال ڪندي راڄ پئي ڪيو. هيٺان کان پيدا ٿيل دٻاءَ جي ردعمل ۾ 13 مئي تي يونين فيڊريشن جي اڳواڻن هڪ ڏينهن جي عام هڙتال جو سڏ ڏئي ڇڏيو ۽ انهيءَ ردعمل تي حڪمران حيران ٿي ويا. ٻئي ڏينهن، عام هڙتال جي ڪاميابيءَ سبب مليل حوصلي، نوجوان پورهيتن، نينٽس ۾ سڊ هوائي جهازن جي ڪارخاني تي قبضي جي شروعات ڪري ڇڏي. ٻين پورهيتن سندن نقل ڪيو ۽ ٻن ڏينهن اندر سڄي ملڪ ۾ 1936ع جي قبضن جو ورجاءُ ڏٺو ويو، پر هن ڀيري ويتر وڏي پيماني تي. ٻن هفتن لاءِ حڪومت مفلوج ٿي وئي ۽ ميڊيا جي حلقن ۾ بحث جو موضوع اهو هو ته لڳي ٿو 'انقلاب' اچي پيو. انهيءَ پريشانيءَ ۾ ڊي گال ڳجهي نموني جرمنيءَ ۾

فرينچ هٿياربند فوجن جي ڪمانڊنگ ڪندڙ جنرلن ڊانهن پڇي ويو ۽ کين چيائين ته احتجاج جو خاتمو ڪرايو. نيٺ اُجرتون وڌائڻ ۽ هڪ عام چونڊ جي واعدي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته ڪميونسٽ پارٽيءَ طرفان ڪم ڏانهن واپسيءَ جي واعدن سان احتجاج ختم ٿيو.

مئي وارن واقعن کان اڳ ئي شاگرد جدوجهدن بين الاقوامي طور تي انقلاب جي ٻوليءَ کي نئين مقبوليت ڏني. مئي تائين اهڙين ڳالهين کي هربرٽ مارڪيوز جهڙن ماڻهن جي خيالن جي صورت ملي. هن جو خاص نعرو 'شاگرد طاقت' هو. مئي واري مهيني ان کي بدلائي ڇڏيو. تڏهن کان وٺي جيڪو ڪجهه پئي ٿيو ۽ 1848ع، 1871ع، 1917ع ۽ 1936ع جي واقعن جي وچ ۾ لاڳاپو ناهڻ جو رجحان وڌيو ۽ ڪن جاين تي 1956ع ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو پئي، تنهن جو ذڪر به ڪيو ويو. مارڪسوادي خيال، جيڪي ٻن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي کان مُک ڌارا واري فڪري زندگيءَ کان پاسيرا ٿي ويا هئا، سي اوچتوئي عام ٻڌجي پيا. 30 سالن کانپوءِ پوڙها دانشور سڄي اولهه جي دنيا ۾ اجان تائين '60' واري ڏهاڪي جون ڳالهيون وڏي جوش ۽ ولولي سان ڪرڻ لڳا.

1968ع جي اثر کي فقط فڪري مفهوم جي تنگ دائري جي ثقافت تائين محسوس نه پئي ڪيو ويو. پيا به ڪيترائي 'عوامي' ۽ 'نوجوانن' جا عنصر شامل هئا. جنهن قسم جي دقيانوسي تربيت سان نوجوانن جي پرورش ڪئي وئي هئي، تن کي للڪاريو پئي ويو. پوشاڪ ۽ وارن جي نمونن ۾ تبديليون آيون. اڳ ۾ جيڪي فيشن فقط 'زير زمين' اقليتن سان جڙيل هئا، تن کي وڏي پيماني تي اپنايو ويو. ڪڏهن ڪڏهن استعمال ٿيندڙ ۽ غير علتي نشو (گهٽو ڪري چرس، amphetamines ۽ LSD) عام ٻڌجي ويو. وڏي اهم ڳالهه ته هالي ووڊ فلمن جي وڌندڙ تعداد آمريڪي خواب جي پرچار بدران ان کي للڪاريو ۽ ڪجهه پاپ موسيقيءَ جنسي خواهش ۽ رومانوي پيار کان علاوه ٻين موضوعن کي کڻڻ شروع ڪيو.

آمريڪا ۾ ابتدائي 'تحريڪون'. شهري حقن ۽ ڪاري چمڙيءَ وارن جي آزادي، جنگ مخالف تحريڪ ۽ شاگرد تحريڪ ٻين جدوجهدن کي جنم ڏنو. اُنهن اصلوڪن آمريڪين مٿان ٿيندڙ ظلم خلاف جدوجهد ڪرڻ لاءِ اتساهيو ۽ نيويارڪ ۾ هم جنس پرستن سندن ڪلبن تي ٿيندڙ حملن خلاف ويڙهه ڪري هم جنس پرست آزاد محاذ جو بنياد وڌو. انهن تحريڪن جي تجربن هزارين عورتن کي اتساهيو ته اهي آمريڪي سماج ۾ کين ڏنل ڪمتر ڪردار کي للڪارين. اُنهن "عورتن جي آزاديءَ واري تحريڪ" (Women's Liberation Movement) جو بنياد وڌو ۽ اُنهن طبقاتي سماج جي پيدائش کان وٺي عورتن جيڪي ظلم پوڳيا، تن بابت سوال اٿاريا ۽ سندن تحريڪ سان نه جڙيل عورتن به سندن آواز کي ورنايو. اصل ۾ عورتن جي اڪثريت پورهيتن جو حصو ٿيڻ شروع ڪيو هو ۽ ان پورهئي کين جيڪا آزادي ڏني، تنهنڪري انهن پاڻ سان ٿيندڙ ظلم خلاف آواز اٿاريو.

نئين رنڊڪ

1968ع واري سال جي پڄاڻيءَ سان تبديليءَ جي عمل جو انت نہ ٿيو. آمريڪا ۾ سڀ کان وڏا شاگرد احتجاج 1970ع ۾ ٿيا. ڪمبوڊيا ۾ ويٽنام جنگ کي وڌائڻ واري صدر نڪسن جي فيصلي خلاف اوهيو ۾ ڪينٽ اسٽيٽ يونيورسٽيءَ جي شاگردن جي احتجاج مٿان نيشنل گارڊس فائرنگ ڪري ڏني، جنهن ڪانپوءِ هفتي اندر سڄي ملڪ جي ڪاليجن تي قبضو ڪيو ويو. يونان ۾ 1973ع ۾ شاگرد تحريڪ ڦاٽ ڪاڏو جتي اٿينس جي مرڪز ۾ واقع پولي ٽيڪنڪ (صنعتي هنرن ۽ عملي سائنس جي سکيا ڏيندڙ ادارو) تي قبضي فوجي جنتا کي لوڏي ڇڏيو جنهن گذريل ڇهن سالن کان ملڪ مٿان حڪمراني پئي ڪئي ۽ ستن مهينن ڪانپوءِ اها ڊير ٿي وئي. عام طور تي غيرسياسي ملڪ، يعني اولهہ جرمنيءَ جي وچ ۾ يونيورسٽيون لڳاتار ڪيترن سالن تائين ڪاهي ڏر (گهڻو ڪري مائو نواز) احتجاجن جي ور چڙهيل رهيون.

بهرحال، 1968ع ڪانپوءِ ڪيترن ملڪن ۾ اهم تبديليون ٿيون. شاگرد ڪاهي ڌر جي مخالف ڌر جو مرڪز نہ رهيا. اٽليءَ ۾ 1969ع جي 'گرم سرءَ' ڪانپوءِ پورهيت تحريڪ اهم بڻجي وئي، جڏهن ڏاتوءَ جو ڪم ڪندڙ پورهيتن اجرتي ٺيڪن جي مسئلي تي پنهنجن ڪارخانن تي قبضو ڪيو. اسپين ۾ بہ 1970ع ڪانپوءِ پورهيت تحريڪ مرڪزي ڪردار نڀايو. حڪومت ايتري ڪمزور ٿي وئي جو 1975ع ۾ فرانڪو جي موت کان ترت پوءِ سندس وارثن 'جمهوري' سُڌارا آندا. برطانيا ۾ ٽريڊ يونينن پنهنجن مزدور اڳواڻن کان بغاوت ڪندي سرگرمي ڪئي ۽ ايڊورڊ هيٿ جي ڪنزرويٽو حڪومت کي ايترو هاڃو رسايو جو هن 1974ع ۾ ان سوال تہ 'ملڪ کي ڪير هلائيندو؟' هيٺ چونڊ ڪرائڻ جو سڏ ڏنو ۽ پاڻ هارايائين.

شاگردن ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون جدوجهدون ڪيون، جن پورهيتن کي بہ ان ۾ شامل ڪري ڇڏيو پر اهي جدوجهدون ختم ڪيئن ٿينديون، ان جو انحصار پورهيت تنظيمن تي هو. ان جو چٽو اظهار 1968ع جي مئي ڏاري فرانس ۾ ٿيو جڏهن مشهور شاگرد اڳواڻن جي اعتراضن باوجود يونينن ۽ ڪيمونسٽ پارٽي عام هڙتال کي ختم ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي. ان جو اظهار وري 76_1975 دوران اٽلي، برطانيا ۽ اسپين ۾ ٿيو. اٽليءَ ۾ ڪرسچن ڊيموڪريٽس، برطانيا ۾ ٽوريز ۽ اسپين ۾ فرانڪو پورهيتن جي جدوجهدن کي روڪڻ جي قابل نہ هئا. حڪومتون يونين اڳواڻن ۽ پورهيت پارٽين سان معاهدن تي صحيحيون ڪرڻ سان ئي اٿين ڪري سگهيون. انهيءَ سلسلي هيٺ اٽليءَ ۾ 'تاريخي ناهہ'، برطانيا ۾ 'سماجي معاهدو' ۽ اسپين ۾ 'مونڪلا جو ناهہ' ڪيو ويو.

هر هڪ معاملي جو نتيجو پورهيتن جي ڪارروائي کي گهٽائڻ هو ڇاڪاڻ تہ ڏگهو اقتصادي چاڙهہ ختم ٿيڻ وارو هو. دنيا جو هڪ ٻيو علائقو هو جتي 1960ع واري شاگرد جدوجهد 1970ع ڏاري لاطيني آمريڪا جي ڏاکڻي 'مخروط' (cone) وٽ پورهيت جدوجهد

جي هڪ لهر کي جنم ڏنو. 1960ع واري ڏهاڪي ارجنتائين شهر ڪردبا ۾ ذري گهٽ بغاوت تي[297] ۽ زمينن تي قبضي جي لهر جنهن چليءَ جي ڪرسچن ڊيموڪريٽ صدر کي للڪاريو. ٻنهي واقعن ۾ تبديليءَ لاءِ هيٺان کان زور پيو جيڪو آئيني رخن ۾ وهيو.

ارجنتينا ۾ جنگ ڪانپوءِ واري آمر پيرن (Peron) جي جلاوطنيءَ کان واپسيءَ جو مطالبو ٿيو. هن اُن وقت حڪمراني ڪئي هئي، جڏهن عالمي مهانگين قيمتن سبب ارجنتينا جي زرعي شين جي ٻاهر وڪري سان سُٺيون اجرت ۽ پورهيتن لاءِ فلاحي سهولتون مليون هيون. ماڻهن جو خيال هو تہ هن جي واپسي سٺي وقت کي واپس آڻيندي. انهيءَ پيغام کي کاٻي ۽ ساڄي ڌر جي حامين ورجايو پئي ۽ ايتريقدر جو طاقتور شهري گوريلا تنظيم مونٽونيروس پڻ ائين ڪيو پر هن جي واپسيءَ پورهيتن کي ڪجهہ نہ ڏنو الٽو ساڄي ڌر ۽ فوج طرفان حملا ڪيا ويا، جن کي منهن ڏيڻ لاءِ کاٻي ڌر تيار نہ هئي. پيرون جي موت ڪانپوءِ فوج ايتري طاقتور ٿي وئي، جو ان سڌي ريت اختيار پنهنجن هٿن ۾ ڪنيا. کاٻي ڌر جي ڪارڪنن جو هڪ پورو نسل قتل ڪيو ويو يا 'غائب' ٿي ويو.

چليءَ ۾ پارليامينٽري سوشلسٽ پارٽي نئين ويڙهہ جو فائدو ڪنيو. ان جي هڪ اڳواڻ سلواڊور الانڊي (Salvador Allende) کي 1970ع ۾ صدر چونڊيو ويو ۽ فوج جي ڪمانڊ ۾ رخنو نہ وجهڻ جي آئيني ضمانت جي موٽ ۾ پارليامينٽ ۾ ساڄي ڌر جي اڪثريت هن کي اڳواڻ مقرر ڪرڻ تي متفق ٿي. اهم آمريڪي ڪاروباري مفاد ان ڳالهہ تي خوش نہ هئا ۽ الانڊي جي ٽن سالن جي اقتدار دوران چليءَ جي حڪمران طبقي جو وڏو حلقو بہ ساڻن شامل ٿي ويو. 1972ع جي سرءَ ۾ گاڏي مالڪن جي اڳواڻيءَ هيٺ ٿيل 'آقائن جي هڙتال' ذريعي هن کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پورهيتن ڪارخانن تي قبضا ڪري، ان کي روڪي ڇڏيو ۽ پورهيتن 1917ع ۽ 1956ع جهڙيون پورهيت ڪائونسلون جوڙي ڪارخانن کي ڳنڍي ڇڏيو. 1973ع جي جون ۾ هٿياربند فوج ۾ تفرقي ۽ گهٽين ۾ ٿيل سخت احتجاجن سبب اقتدار تي قبضي جي ڪوشش ناڪام ٿي، پر ڪميونسٽ پارٽي ۽ سوشلسٽ پارٽيءَ جي مک شعبن، ماڻهن کي ٻڌايو تہ ڪائونسلن تي اعتبار نہ ڪريو ۽ فوج جي 'آئيني' روايتن تي ڀروسو ڪريو. الانڊيءَ آگسٽ پنوشي سميت جنرلن کي پنهنجي حڪومت ۾ آندو هن جي خيال ۾ تہ ان عمل سان ساڄي ڌر کي ٺڏو ۽ صورتحال کي ٺيڪ ڪري سگهجي ٿو. سيپٽمبر ۾ پنوشيءَ اقتدار تي قبضو ڪري ورتو صدارتي محل ۾ الانڊي تي بمباري ڪئي ۽ هزارين پورهيت ڪارڪنن کي قتل ڪرايو. يورپ ۾ پورهيت تحريڪ کي سندن ئي اڳواڻن سمهاري ڇڏيو جڏهن تہ ڏاکڻي لاطيني آمريڪا ۾ ان تحريڪ کي رت ۾ ٻوڙيو ويو.

1968ع ۾ ٻريل شعلا يورپ ۾ هڪ ڀيرو وري ڀڙڪي پيا. 1920ع واري ڏهاڪي کان وٺي پورچوگال فاشسٽ خاصيتن سان هڪ آمريت هيٺ رهيو پر 1970ع جي وچ تائين پنهنجين آفريقي ڪالونين جو ڪنٽرول وڃائي رهيو هو. 1974ع جي اپريل ۾ هڪ

فوجي قبضي سان آمر ڪاٽئانو کي هٽائي، ان جي جاءِ تي هڪ رجعت پرست جنرل اسپنولا کي مقرر ڪيو ويو جنهن کي ملڪ جي وڏين اجارادار معاشي طاقتن جي ٽيڪ حاصل هئي ۽ هي جنگين جي اڪلاءَ لاءِ ڳالهيون ڪرڻ لاءِ تيار هو.

آمريت جي ڊير ٽيڻ سان جدوجهد جي هڪ لهر پڙڪي پئي. جهازن ٺاهڻ ۽ مرمت وارن ڪارخانن، لسناوي ۽ سيٽناوي تي قبضو ڪيو ويو. نانوائي (بيڪر)، ٽپالي ۽ هوائي جهازن ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن هڙتال ڪئي. ڪيترائي فوجي ڪيپٽن جن اقتدار تي قبضي جي انتظام جو جوکم کنيو هنيو سي اسپنولا کان وڌيڪ سُڌارپسند هئا ۽ اُنهن جنگين جو ترت خاتمو پئي چاهيو. جڏهن ته اسپنولا انهن کي تيسيتائين اينگهائڻ چاهيو پئي جيسيتائين آزاديءَ جون تحريڪون امن ڳالهين تي راضي ٿين، جن سان پورچوگيزي ڪاروباري مفادن جو بچاءُ ٿئي. فقط هڪ زير زمين منظم ڪميونسٽ پارٽي هئي، ان جي قيادت (لسبن علائقي ۾ سڀ کان وڌيڪ طاقتور پورهيت گروهن مان ڪجهه جو پروسو توڙي) هڙتالون ختم ڪرڻ لاءِ اسپنولا سان هڪ معاهدو ڪيو. حڪومت ۾ شامل ٿيا ۽ وچولي طبقي جي حمايتن کي هٿياربند فوج ۽ ميڊيا ۾ اهم عهدن ۾ داخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. ان جو مقصد پورهيتن ۽ جنرلن جي وچ ۾ توازن قائم ڪري، جنگ ڪانپوءِ اوپر يورپ جي طريقي ڪار وانگر هڪ حڪومت قائم ڪرڻ هو.

اها اٽڪل هئي، جيڪا شايد ئي ڪارگر ٿي سگهي ها. ڪميونسٽ پارٽي لسبن پورهيتن جي جدوجهد کي روڪي نه سگهي، فوجي اڳواڻ حڪومت کان ناراض ٿي پيا. اهو احساس جنم وٺڻ لڳو ته، ملڪ جي چانئٺ تي ٽيندڙ انقلابي واقعن وقت اولهندي سرمائيداريءَ اندر خوف کي مانو ڪري سگهجي ٿو.

ساڄي ڌر طرفان اقتدار تي قبضي جي ٻن ناڪام ڪوشش جي نتيجي ۾، اسپنولا اقتدار وڃايو ۽ پورهيتن ۽ فوج جي صفن اندر ويتر انقلابي رجحان وڌي ويو. سي آءِ اي ۽ اولهه يورپ جي سوشل ڊيموڪريٽڪ حڪومتن جي ٽيڪ سان ساڄي ڌر اترئين پورچوگال جي ٻهراڙيءَ ۾ ذري گهٽ بغاوتن جو هڪ سلسلو منظم ڪيو. فوجي ڪيپٽن، جن وٽ موثر فوجي طاقت هئي، سي هڪ سياسي گس کان ٻئي جي وچ ۾ لڏندا رهيا. پوءِ 1975ع جي نومبر ۾ هڪ سينيئر آفيسر سوشل ڊيموڪريٽ جي ٽيڪ سان ڪاٻي ڌر جي ڪجهه آفيسرن کي اڏ- دليو اقتدار تي قبضي لاءِ پڙڪائڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ ان کي بهانو بڻائي هزارين منظم فوجن کي لسبن ڏانهن مارچ ڪري حڪومت کان ناراض جٿن کي بي هٿيار ڪرڻ لاءِ نڪتو. ڪميونسٽ پارٽي جيڪا ڪجهه هفتا اڳ ايڏي طاقتور هئي، تنهن سان ويجهو رهندڙ هڪ آفيسر طرفان اقتدار تي قبضي باوجود پورهيت طبقي جي مزاحمت کي منظم ڪرڻ جي ڪا ڪوشش نه ڪئي وئي. هڪ انقلاب جنهن 1975ع جي اونهاري ۾ يورپ ۽ آمريڪا ۾ سرمائيداريءَ جي اڳواڻن کي ڏاڍو پريشان ڪري ڇڏيو هو تنهن سرءَ ۾ شڪست قبولي.

شديد ڳڙو

جيئن اولهہ جون معيشيتون 1930ع کانپوءِ پهريون ڀيرو لاٽ ۾ ويون ۽ بيروزگاري ڀيٽي ٿي وئي، تيئن 1973ع جي سرءَ ۾ ڏگهي چاڙهہ جي غيرمتوقع نموني پڇاڙي ٿي. هر هنڌ حڪومت ۽ ڪاروباري حلقن ۾ ٿرٿلو پيدا ٿي پيو. مُک ڏارا وارا معيشيتدان ڪڏهن بہ اهو سمجهاڻ جي قابل نہ ٿيا تہ 1930ع جي ڏهاڪي ۾ ٿيل بحران ڪيئن ٿيو ۽ هنن مان ڪنهن کي بہ پڪ نہ هئي تہ ڪين ساڳيءَ صورتحال کي منهن ڏيڻو پئجي ويندو.

1950ع ۽ 1960ع جي ڏهاڪن ۾ اهڙن معاشي ماهرن پنهنجو پاڻ کي يقين ڏياريو تہ وري اهي بحران ممڪن ناهن. ڇاڪاڻ تہ هي جان مينيارڊ ڪينز جي نسخي کي ڪتب آڻي سگهن ٿا. دنيا جي سڀ کان گهڻو وڪرو ٿيندڙ اقتصادي نصابي ڪتاب جي ليکڪ ۽ نوبل انعام يافتہ پال سميوئلسن کين 1970ع ۾ يقين ڏياريو هو تہ ڪاروباري بحرانن جو چڪر ماضيءَ جو قصو آهي، پر جڏهن هنن اقتصادي لاٽ لاءِ ڪينارڊ جي علاج کي ڪتب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ان ڪم نہ ڪيو. ان جو نتيجو مهانگائي ۾ واڌ نڪتو جڏهن تہ بيروزگاري کي ڇهيو بہ نہ ويو. وڌندڙ مهانگائي جي خطري کي ڏسندي 1976ع تائين هنن اهڙا طريقا ڇڏي ڏنا هئا. معيشتدانن ۽ سياسي صحافين رات وچ ۾ ڦيرو ڪائي مڪمل طور تي 'آزاد' مارڪيٽ جي ڳالهہ ڪئي. يعني: رياست طرفان ڪابہ مداخلت نہ هجي، ان نظريي جي تبليغ فقط فريڊرڪ هيڪ ۽ ملٽن فرائڊمين جهڙن ڪئي.

آزاد مارڪيٽ جي پيغمبرن جي مقبوليت بيروزگاريءَ کي ڏگهي چاڙهہ وارين سطحن تائين بحال نہ ڪرائي سگهي، نہ ئي اها ڪڏهن 1980ع جي ڏهاڪي جي ابتدا ۾ هڪ ٻي لاٽ کي روڪي سگهي. بيروزگاري وري ڀيٽي ٿي وئي ۽ ان 76_1974ع جي دنيا کان وڌيڪ ڪشادن شعبن کي پڻ متاثر ڪيو.

76_1974ع ۽ 82_1980ع جي بحرانن لاءِ هڪ ٻي مقبول سمجهاڻيءَ لاءِ 1973ع ڌاري عرب اسرائيل جنگ ۽ 1980 جي ايران عراق جنگ ٽيڻ کانپوءِ، تيل جي قيمتن ۾ اوچتن واڌارن تي الزام هنيو ويو پر 1990ع جي ڏهاڪي جي ابتدا ۾ ڪِرندڙ تيل قيمتن جي ناڪامي وقت هڪ ٻئي بحران ڦاٽ ڪاڏو. هڪ ٻي سمجهاڻيءَ دعوي ڪئي تہ 76_ 1974ع جا بحران منافعن تي وڌندڙ اجرتن جي اثر جو نتيجو هئا. پر اها ڳالهہ بعد وارن بحرانن جي سمجهاڻي نہ ڏئي سگهي، ڇاڪاڻ تہ 1970ع جي وچ ڌاري کانپوءِ دنيا جي سڀ کان اهم اڪيلي معيشيت آمريڪا ۾ بہ اجرتون آهستي آهستي ڪِري پيون.[298]

سرمائيداري نظام ۾ ڪا بنيادي تبديلي ٿي هئي، جنهن 'سونهري دور' کي 'اُداس دور' ۾ بدلائي ڇڏيو. آمريڪا ڪوريائي جنگ وقت هٿيارن تي ٿيندڙ ڳرا خرچ پرڻ جي قابل هو ڇاڪاڻ تہ ان جنگ لاءِ آمريڪا پنهنجي مجموعي پيداوار جو 20 سيڪڙو ۽ سيڙپ لاءِ

موجود واڌيءَ جي اڌ برابر هڙپ ڪري ڇڏيو. ان جنگ ڪيس پنهنجين صنعتن لاءِ مارڪيٽون مهيا ڪري ڏنيون ۽ جاپان جهڙين رياستن مان سامان ٻاهر پئي موڪليائين. ۽ ويتنام جنگ وقت ٻين ملڪن طرفان چتاپيتيءَ جي ڪري آمريڪا پنهنجي فوجي پيداوار جي پراڻي سطح جو خرچ پري نہ پئي سگهيو. آمريڪا اجان تائين ڳرا هٿيار پيدا ڪيا پئي پر هن پيري ڪوريائي جنگ جي وقت کان وڌيڪ پيداوار جي ضرورت هئس، پر انهن سا عالمي اقتصادي بحرانن جي ورجاءَ ۽ گهرائي کي ٿاري نہ پيو سگهجي، توڙي جو هي بحرا اجان تائين 1930ع واري ڏهاڪي جي پيماني تائين نہ هئا.[299]

سُڌريل ملڪن ۾ سموري اقتصادي ترقي ان بحران کي ختم نہ ڪري سگهي، ٻ هاڻي ترقي وڌيڪ سست ۽ اڳ کان وڌيڪ غيرهموار هئي، ۽ اقتصادي چاڙهہ جو ڦيرو بحران انتقام سان گڏ موٽيو. 1980ع جي ڏهاڪي ۾ في ماڻهو سرسري پيداوار 1960ع جہ ڏهاڪي واري شرح جي اڌ کان بہ گهٽ ٿي پئي. بيروزگاري انهن سطحن تائين پهتي جنهن بابت ڏکهي چاڙهہ دوران ذري گهٽ تصور بہ ممڪن نہ هو. 10 سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهو سالن تائين ۽ آئرلينڊ ۽ اسپين جهڙن علائقن ۾ 20 سيڪڙو تائين بيروزگاري وڌ وئي. 1980ع ۽ 1990ع ڌاري آمريڪا ۾ گهٽ اگهن واري مسئلي کي فلاحي سهولتن ک گهٽائڻ سان پورو ڪيو ويو، جنهن ماڻهن کي مجبور ڪيو تہ سڀ کان گهٽ اجرت تہ ڪم ڪن. آمريڪا جي غريب ترين 10 سيڪڙو ماڻهن برطانيا ۾ پاڻ جهڙن کان 5 سيڪڙو گهٽ ڪمايو پئي.[300]

روزگار بابت غيريقينيت هر هنڌ هئي. 1990ع جي ڏهاڪي تائين مُک ڌارا جہ سياستدانن مذاق پئي ڪيا تہ ماڻهن لاءِ 'سچي زندگي ملازمتون' ٿي سگهن ٿيون! ا جملي مان ظاهر ٿيو پئي تہ ڏکهي چاڙهہ دوران اڪثر ماڻهن ان ڳالهہ کي سچ سمجهہ قبولي ورتو هو. بيشڪ ماڻهن ملازمتون بدلايون چاڪاڻ تہ ڪجهہ صنعتن ترقي ڪئي ۽ ٻيون سڪڙجي ويون، پر سواءِ چند 'زوال پذير صنعتن' جي پورهيت بهتر آڇن لا ڊوڙندا رهيا. هاڻي اها ڳالهہ عام ٿي وئي ۽ مختلف جائزن مان خبر پئي ٿي تہ اڌ کا وڌيڪ پورهيت آباديءَ جي ذهنن ۾ ملازمتون وڃائجي وڃڻ جو خوف هو.

تاريخ ۾ ڪنهن بہ ٻئي نظام کان وڌيڪ سرمائيداري نظام طبقاتي سماج جي وڌيڪ متحرڪ صورت آهي. ان جو متحرڪ وجود، بدلجندڙ ڪردار، بحران توڙ چاڙهہ بہ ائين ئي آهن. ڪجهہ ادارن جو ڪاروبار ختم ٿي وڃي ٿو جڏهن تہ ٻيا سندر لاڳيتي وڌن ويجهن ٿا. ڪجهہ صنعتون سُڪڙجن ٿيون، جڏهن تہ ٻيون پکڙجن ٿيون ايتريقدر جو بدترين بحران ۾ ڪجهہ شعبن ۾ ترقي ٿيندي جهڙوڪ وياجي ماڻهو شديد ضرورت وارين شين جي خريداري ڪري رکن ٿا ۽ تحفظ مهيا ڪندڙ ادارا اميرن جي دولت جو تحفظ ڪن ٿا.

'اداس دور' ۾ تحرڪ رهي ٿو پر اهو دور ماڻهن کي بهتر زندگي آڇڻ، جيئن ڏکهي

ـاڙهہ ۾ ٿيو بدران اهو ڪجهہ ڪسڻ جو خطرو پيدا ڪري ٿو جيڪو ڪين ماضيءَ ۾ ـاصل ٿيو هو. سڄيون ساريون صنعتون غائب ٿي ويون ۽ شهر بنجر ٿي پيا. فلاحي فائدا 5 سال اڳ وارين سطحن تائين گهٽجي ويا. يا وري ڪجهہ آمريڪي رياستن ۾ ختم ڪيا ويا. انهيءَ دوران سخت گير ساڄي ڌر جي سياستدانن جو هڪ نئون ـونو 'ٿاچرائيٽ' يا 'نيو لبرل' پيدا ٿيو ۽ ان کي سوشل ڊيموڪريٽڪ سياستدانن جي ـڪ پرت منجهان پڙاڏو مليو جن 'جديديت' جي ثبوت طور 19 هين صديءَ جي عقيدي ـست سياست ڏانهن موٽ ڪاڏي.

طاقت جي توازن جي ساڄي ڌر ڏانهن منتقليءَ جا ڪابي ڌر جي حلقن تي اثر پيا. جيڪي 197 ع جي وچ وارين شڪستن سبب مايوس هئا ۽ ڪن جاين تي چين ۽ ڪمبوڊيا ۾ ـين نواز خيمر روگ جي حڪومت جي سچائي کان واقف ٿيا. ڪجهہ ماڻهن نتيجو اخذ ڪيو تہ سڄي انقلابي ڪم ڪار کي غلط سمجهيو ويو آهي. ڪجهہ وري سمجهيا تہ ـي پارلياماني سُڌارپسنديءَ بابت سندن تنقيد ۾ تمام گهٽو تنقيدي هئا. ڪي فقط اهو ـيجو ڪڍي ويا تہ طبقاتي جدوجهد ماضيءَ جو قصو ٿي چڪي آهي.

اصل ۾ 1980 واري ڏهاڪي ۾ ڪجهہ وڏا ۽ ڪڏهن ڪڏهن پر تشدد طبقاتي ٽڪراءَ ا، ڇاڪاڻ تہ پورهيتن پراڻين قائم شده ڪارخانن ۾ ملازمتن جي ڪٽوتيءَ کي روڪڻ ـي ڪوشش ڪئي. فرانس ۽ بيلجيم ۾ اسٽيل مزدورن جون جدوجهدون، برطانيا ۾ 150،00 کان وڌيڪ ڪاٺيون ڪوئيندڙن جي سال کن ڊگهي هڙتال ۽ ساڳئي ريت 5 هزار طانوي ڇپائي مزدورن جي هڙتال، ڊينمارڪ ۾ پنجن ڏينهن جي عام هڙتال، هالينڊ ۽ طانوي ڪولمبيا ۾ سرڪاري هڙتالون ۽ اسپين هڪ ڏينهن جي عام هڙتال، ان ڳالهہ ـو ثبوت هيون.

پر عام طور تي جدوجهدن کي هارايو ويو ۽ شڪست جي هڪ ورثي مان اهو تصور ـيو تہ طبقاتي جدوجهد جي 'پراڻي طرز' وارا طريقا ڪتي نہ ٽا سگهن. ان جي نتيجي ۾ ـرهيت طبقاتي ڪارڪنن جي هڪ پرت پنهنجون اميدون هڪ ڀيرو وري پارلياماني ـياستدانن جي واعدن ۾ رکيون. ان ڪابي ڌر جي دانشورن کي پڻ همٿايو تہ طبقي ۽ ـبقاتي جدوجهد جي بنيادي تصورن تي سوال اٿارين. اُنهن هڪ فڪري رجحان، ـني: 'جديديت کانپوءِ' (postmodernism) کي ياڪر پاتو جنهن جي دعوي هئي تہ ـقيقت جي ڪابہ تشريح ايتري ئي درست آهي، جيتري ڪنهن ٻئي جي. يعني: طبقي ـهڙن تصورن جا ڪي بي معروضي بنياد نہ هئا ۽ سماج کي بدلائڻ جي ڪابہ ڪوشش 'مطلق العنان' ٿي ويندي، ڇاڪاڻ تہ ان سان دنيا بابت هڪ نقطہ نظر کي ٻين ـان زبردستي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ويچي ٿي. پوسٽ ماڊرنسٽ مفڪرن سماج کي ـديل ڪرڻ جي جدوجهد وارن تصورن کي رد ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ سماج جي ـطرناڪ غيرپائيداري جي ڳالهہ ڇتي ٿيڻ لڳي.

رياستي سرمائيداريءَ جو بحران

1917_18ع ۽ ان کان اڳ 1848ع کان وٺي يورپ ۾ ڪنهن بہ دور کان وڌيڪ 90
1989ع ۾ حڪومتون ڍير ٿيون. اوڀر بلاڪ اوچتو ئي ختم ٿي ويو ۽ 1991ع تائين ان ک
ٽيڪ ڏيندڙ ٿنيو سوويت يونين بہ ڍير ٿي پيو. پوسٽ ماڊرنسٽ (post-modernist) ۽ 'پوسٽ
مارڪسوادي' دعوائن باوجود تہ اهي ڳالهيون هاڻي ممڪن نہ رهيون آهن، پر اقتصاد
بحران ۽ طبقاتي جدوجهد جي گڏپ اهڙين دعوائن کي ڍير ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن ڪاب
پاسي ڪنهن ماڻهوءَ ان کي نہ پئي ڏٺو تہ اهي سندن وهم هئا، نہ ڪي مادي حقيقتون. او
بلاڪ ۾ 1968ع کان وٺي سڄو دور گهرن بحرانن ۽ لڳاتار بغاوتن سان پريل رهيو.

1968_69ع ۾ روسي قبضو چيڪوسلاويڪيا ۾ صورتحال کي 'معمول موجب' آڻ
۾ ڪامياب ٿيو هو پر پاڙيسري پولينڊ ۾ واقعن جلدئي ڏيکاريو تہ گهبراهٽ ۽ بيچين
ڪيتري ڪشادي ۽ گهري ٿي چڪي هئي. حڪومت 1968ع جي شاگرد تحريڪ ک
چٿڻ جو بندوبست ڪيو هو ۽ ساڳئي ريت هزارين پورهيتن خلاف پوليس کي استعما
ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جن وڌندڙ قيمتن خلاف احتجاج ڪندي ٻيڙن ج
ٺاهڻ ۽ مرمت واري هنڌ Gdansk (جنگ کان اڳ ڊينزگ) ۽ 1970_71ع ۾ اسٽيٽ
(Stettin) تي قبضو ڪيو. پر ٻين هنڌ يڪجهتي هڙتالن حڪومت جي اڳواڻ گوملڪ
کي نڪري وڃڻ ۽ سندس جانشين گيريڪ کي وڌيل قيمتون واپس وٺڻ تي مجبو
ڪيو. هن اولهہ جي بئنڪن کان اوڌر ورتي، معيشيت ۾ چاڙهہ آندو جنهنڪري اول
جي صحافين 'پولش معجزي' جون ڳالهيون ڪيون، پر اولهہ جي مارڪيٽن سان وڌند
ميلاپ سبب اولهہ جي مارڪيٽن ۾ 1970ع ڌاري آيل بحران پولينڊ کي ڌڪ رساي
حڪومت وري قيمتون وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ احتجاج ڪندڙن مٿان پوليس ج
حملا ڪرايا.

هن ڀيري حڪومت پورهيت ڪارروائين جي يادگيريءَ کي دفنائي نہ سگهي، جيئ
ان 1956_57ع ۽ 1970_71ع کانپوءِ ڪيو. شديد ٿيندڙ بحرانن جي احساس منجه
دانشورن جي هڪ گروهہ هراسان ڪرڻ واري عمل جي مخالفت ڪئي ۽ هڪ پورهين
دفاعي ڪميٽي ۽ اٽڪل 20 هزار پڙهندڙن سان هڪ زير زمين اخبار "پورهيت
(Robotnik) قائم ڪئي. جيتوڻيڪ مطلق العنان حڪومت اقتدار ۾ رهي پر هاڻي اه
آمريت مڙهي نہ پئي سگهي.

نيٺ 1980ع جي اونهاري ۾ ان جون ڪمزوريون ظاهر ٿيون. وري قيمتون وڌائڻ ج
هڪ نئين ڪوشش جي نتيجي ۾ ويتر هڙتالون ٿيون ۽ ٻيڙين جي ڪارخاني (Gdansk
تي قبضو ڪيو ويو. انهيءَ ڪارروائيءَ منجهان هڪ تحريڪ ڦٽي پئي، جنهن 1958
جي هنگرين پورهيت ڪائونسلن جي ياد ڏياري پر ان جي زندگي ٽي يا چار هفتا نہ. پ
16 مهينا هئي.

ان تحريڪ پنهنجو پاڻ کي هڪ آزاد ٽريڊ يونين ’يڪجهتي‘ (Solidarnosc) هجڻ جو اعلان ڪيو پر ان جي سال ڏيڍ جو قانوني وجود ٽريڊ يونين کان ٿورو وڌيڪ هو جنهن کي 3،500 ڪارخانن جي وفدن جي ڪانفرنس طرفان قائم ڪيو ويو ۽ جلدئي ان هڪ ڪروڙ ميمبر هجڻ جي دعوا ڪئي، ان حڪومت جي متبادل طاقت جي نمائندگي ڪئي. اها مزدور يونين پراڻي سماج مان بيزار هر هڪ ماڻهوءَ جي خواهش جو مرڪز بڻجي وئي، يونين جي فقط وجود ئي حڪومت کي للڪاريو پئي، تنهن باوجود سندس اڳواڻن ڄاڻي ٻجهي حڪومت کي هٽائي قبضو ڪرڻ کان لنوائيو. اُنهن همدرد دانشورن جي خيال کي قبول ڪيو ته ڪين ’پنهنجو پاڻ تائين محدود انقلاب‘ جي مقصد تي هلڻ گهرجي. هنن چليءَ ۾ الانڊي جي حڪومت جهڙو هڪ مفروضو ٺاهيو. جيڪڏهن پورهيت تحريڪ اهو واعدو ڪري ته اها رياست لاءِ خطرو نه بڻجندي ته رياست پورهيت تحريڪ کي برداشت ڪندي. نتيجي طور ’يڪجهتي‘ يونين سان به چلي واري تحريڪ جهڙو حشر ٿيو. 1981ع جي وچ ڊسمبر ۾ فوجي اڳواڻ جارزيلسڪي مارشل لا لڳائي ڇڏي، ملڪ جي ٽيلي ڪميونيڪيشن سرشتن کي بيهاري ڇڏيائين. يڪجهتي يونين جي سموري قيادت کي گرفتار ڪري مزاحمت ڪندڙ پورهيتن خلاف فوج کي استعمال ڪيو. منجهيل ۽ مايوس پورهيت تنظيمن کي ٽوڙيو ويو.[301]

بهرحال، پولش پورهيت تحريڪ جي ٽٽڻ، هيٺان کان ڪم ڪندڙ قوتن کي نه هٽايو جن ان کي اپاريو هو. اوڀر واري بلاڪ ۾ اقتصادي ترقيءَ جي شرح هاڻي اولهه جي وڏين معشيتن کان بلند نه هئي. ٻيو ته آمريڪا ۾ ريگن حڪومت نوان هٿيار ٺاهڻ جي ڪم سان لڳي پئي هئي (ڪروز ۽ پرشنگ ميزائيل يورپ ۾ ڦهلائي ڇڏيا هئس). جنهن جي برابري روسي حڪومت ڪرڻ پئي چاهي، پر معيشيت کان جن شين جي طلب ڪئي وئي، ان کي پورو ڪرڻ لاءِ وسيلا موجود نه هئا. رياستي سرمائيداراڻي حڪومتن کي سُڌارا ڪرڻا پيا، نه ته طبقاتي ٽڪرائن ۽ اندروني زوال جو جوکم کڻن ها.

1980ع ڌاري روس جي حڪمران اندروپوف کي ڄاڻ هئي ته پورهيت تحريڪ للڪار بڻجي سگهي ٿي. هي 1956ع ۾ هنگريءَ ۾ روسي سفارتڪار هو ۽ 81-1980ع ڌاري ’يڪجهتي‘ يونين جي اپار دوران ڪي جي بيءَ جو اڳواڻ هو. هن سوويت يونين اندر ساڳئي قسم جي للڪار جي امڪان کي روڪڻ چاهيو ۽ اُنهن ماڻهن کي ترقي ڏياريائين، جن بابت هن سوچيو ته اُهي روس ۾ سُڌارا آڻيندا. انهن سيني منجهه ميخائل گورباچوف به هو.

1985ع ۾ جڏهن گورباچوف سوويت يونين جي سربراهه طور مقرر ٿيو ته، هي لامحدود طاقت جو مالڪ پئي لڳو ۽ جڏهن هن 1987ع ۽ 1988ع ۾ روڪ رنڊڪ کي ختم ڪري کليل حڪومتي پاليسي (glasnost) ۽ سُڌاري جي ڳالهه ڪئي ته، هي مقبول شخصيت پڻ لڳو پئي، پر 1991ع ۾ جڏهن هن اقتدار وڃايو تڏهن هن جي مقبوليت

پڙيءَ جي ويجهو هئي. هن طرفان سُڌارن جي سڏ سوويت يونين جي پوليس ڍانچي ۾ مونجهارو پيدا ڪيو ۽ ماڻهن جون اميدون وڌائي ڇڏيون. تنهنڪري انهن گذريل سٺ سالن جي ناانصافيءَ ۽ استحصال کي للڪارڻ شروع ڪيو پر هن جو مقصد پيداوار جي رياستي سرمائيداري جوڙجڪ کي نئين سر ترتيب ڏيڻ کان وڌيڪ ڪجهه نه هو پر انهن اميدن جو پوراءُ ڪرڻ لاءِ وٽس ضروري وسيلا نه هئا. 1980ع جو ابتدائي اقتصادي جمود ڏهاڪي جي آخر تائين اقتصادي سوڪهڙي ۾ بدلجي ويو.

1920ع واري ڏهاڪي کان وٺي 1988ع جي بهار ۾ پهريون عوامي احتجاج ٿيو جنهن کي پوليس جلدئي نه دٻايو پهريائين ارمينيا ۾ ۽ پوءِ بالٽڪ رياستن ۾ اقليتي قوميتن وڌيڪ حقن لاءِ تحريڪ هلائي. گورباچوف وٽ انهن کي دٻائڻ لاءِ ايتري طاقت نه هئي، جيئن هن کان اڳ وارن ڪيو هو پر هن وٽ انهن کي پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ به ذريعا نه هئا. اٽپوري دٻاءَ هيٺ اڌ دليون رعايتون ڏنيون ويون. اهو ته پراڻو فارمولا آهي، جنهن ڪري حڪومتون هڪ بغاوت جي باهه کي پڙڪائين ٿيون.

گورباچوف پنهنجي حيثيت کي مستحڪم ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ قدم کڻندي 1989ع جي اونهاري ۽ 1991ع جي بهار ۾ رجعت پرست قوتن تي ياڙيو. هر هڪ موقعي تي ڪاڻيون کوٽيندڙ مزدورن جي هڙتالن، سندس رستي آڏو رنڊڪون وڌيون. جن ملڪ جي توانائي رسد کي بند ڪرائي ڇڏيو. خاص ڪري 1989ع جي اونهاري واري هڙتال ۾ پولينڊ ۾ ٿيل پهرين وڏن پورهيت احتجاجن جي وچ ۾ هڪجهڙائپ هئي. جيڪڏهن حڪومت کي عوامي ڪاوڙ ۽ باهه جي ور چڙهي وڃڻ کان پاڻ کي بچائڻو هو ته گورباچوف کي ڪيترين مخالف تحريڪن سان رعايتون ڪرڻيون پيون ۽ جيئن ئي هن ائين ڪيو ته واقعن کي قابو ڪرڻ واري سندس طاقت ڪمزور ٿي وئي.

ان جا اوڀر يورپ جي 45 سال اڳ مقرر ٿيل حڪومتن تي تباهه ڪن اثر پيا. اڪثر حڪمران جيڪي پنهنجن علائقن ۾ ٿيندڙ بغاوتن کي منهن ڏيڻ لاءِ روسي مداخلت تي ياڙيندا هئا، تن لاءِ اهو آسرو ختم ٿي ويو. سال اڳ پولينڊ جي سخت گير جارزيلسڪي 'يڪجهتي' يونين جي اڳواڻن سان ڳالهيون ڪري، ڪاڻيون کوٽيندڙن جي هڙتالن جي معاملي کي اڪلايو هو توڻي جو هاڻوڪي زير زمين تنظيم، جيئن 1980_81ع هئي، هيءَ ته فقط ان جو اولڙو هئي. 1989ع جي اونهاري ۾ هنگريءَ ۾ ڪدار (Kadar) جا جانشين ملڪ جي ڪمزور اختلافي گروهن سان ساڳئي قسم جي 'گول ميز' ڳالهين تي متفق ٿيا.

سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر ۾ مظاهرن جي هڪ لهر اوڀر جرمنيءَ کي ٻهاري ڇڏيو ۽ ان جي حڪومت ڳالهيون ڪرڻ تي راضي ٿي ۽ برلن ڀت ڪيرائڻ شروع ڪئي وئي، جنهن ان کي اولهه جرمنيءَ کان ڪٽي ڇڏيو. بعد ۾ چيڪوسلاويڪيا ۾ نومبر ڏاري گهٽين ۾ وڏن مظاهرن ۽ هڪ ڪلاڪ جي عام هڙتال دوران هساڪ (Husak) جي حڪومت جو وارو

آيو ۽ اها ڍير ٿي وئي. بلغاريا سان بہ ساڳيو حشر ٿيو. رومانيا جي آمر جي حڪمرانيءَ هيٺ ٿيندڙ احتجاجن دوران مظاهرو ڪندڙن مٿان گوليون هلائڻ جي نتيجي ۾ ملڪ جي راڄڌاني بخاريسٽ (Bucharest) ۾ پاڻمرادو بغاوت ڀڙڪي پئي ۽ هن جي پنهنجن جنرلن جي ڪمانڊ هيٺ هڪ فائرنگ اسڪواڊ ڪيس ماري ڇڏيو. ڇهن مهينن ۾ اڌ يورپ جو سياسي نقشو نئين سر ٺاهيو ويو. اوڀر يورپ ۾ فقط البانيا ۾ پراڻي طرز جي حڪومت برقرار رهي، جيڪا هڪ عام هڙتال ڪانپوءِ 1991ع ۾ ڍير ٿي وئي.

ڪابہ وڏي طاقت پنهنجي سلطنت ۾ اهڙين اٿل پٿلن جي ڌڪ کان پاڻ بچائي نہ ٿي سگهي. سوويت يونين اندر قومي تحريڪن ۾ تيزيءَ سان اعتماد وڌڻ لڳو ۽ حڪمران گروهن اندر تفرقا وڌيڪ ڪشادا ٿي ويا ۽ سماج مٿان سندن جي پڪڙ وڌيڪ ڪمزور ٿي وئي. گورباچوف سندس مخالف وهڪرن خلاف هڪ آخري سخت گير ڪوشش ڪئي، جنهن کي 1991ع جي بهار ۾ کاڻين کوٽيندڙن جي هڪ ٻي وڏي هڙتال ۽ ماسڪو ۾ وڏي مظاهري روڪي ڇڏيو. انهيءَ اونهاري ۾ سندس حڪومت جي رجعت پرست قوتن، هن کانسواءِ هڪ سخت گير لاڙين وٺڻ جي ڪوشش ڪئي. اُنهن ماسڪو ۾ فوج استعمال ڪري اقتدار تي قبضو ڪيو ۽ گورباچوف کي گهر ۾ نظربند ڪري ڇڏيو پر ٻين فوجي يونٽن ان جي پٺڀرائي کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ٿوري ڪشمڪش ڪانپوءِ اقتدار بورس ييلسن چوڌاري سُڌارپسندن جي هڪ گروهہ جي هٿن ۾ هليو ويو ييلسن روسي جمهوريہ جو صدر ۽ صنعتي شهر سيردلووسڪ ۾ اڳوڻو پارٽي سربراهہ رهي چڪو هو. ييلسن قومي جمهوريائن جي وچ ۾ ڳانڍاپي کي ٽوڙڻ تي متفق ٿيو ۽ ائين سوويت يونين ختم ٿي ويو.

1989-91ع واري اٿل پٿل 1953ع، 1956ع، 1968ع ۽ 1980-81ع ۾ ٿيل جدوجهدن، جن اوڀر يورپ کي ڌوڏي ڇڏيو هو انهن کان وڏي هئي، تنهن باوجود ائين محسوس ٿيو تہ اڳوٽين جدوجهدن، خاص ڪري 1956ع ۽ 1980-81ع ۾ جيڪي بنيادي تبديليون ٿيون هيون سي هاڻي نہ ٿيون، ڇاڪاڻ تہ 1989-91ع جي تحريڪن جي قيادت پورهيتن جي اقتدار جي ڪنهن بہ امڪان کان لنوائيو پئي. جيڪي ماڻهو پراڻين ڪامورا شاهي ادارن ذريعي اڀريا هئا، سي فيصلاڪن گهڙين ۾ ڦري ويا ۽ پنهنجو پاڻ کي منحرف دانشورن سان گڏائي ڇڏيائون، جن جو پروگرام محدود سُڌارو هو ۽ ائين انقلاب جي امڪان کي اڳواٽ ئي روڪيو ويو. اُنهن ان حڪمت عمليءَ تي عمل ڪيو جيڪا اٽليءَ جي مارڪسوادي انتونيو گرامچي 'ماٺيٽي/ مجهولي انقلاب' (Passive Revolution) جي نالي ۾ ڏني هئي، يعني هيٺان کان ٿيندڙ تبديليءَ کي روڪڻ لاءِ مٿان کان تبديلي آڻجي.

هر هنڌ منحرف قوتن سان اهڙن پروگرامن تي اتفاق ٿيڻ لڳو جن مختلف عنصرن کي گڏائي ڇڏيو. يعني، عالمي مارڪيٽ لاءِ دروازا کولڻ، پراڻي حڪومتي ڪنٽرول هيٺ معيشيت کي ترڪ ڪرڻ، نسبتن آزاد پارليامانی چونڊن جي اجازت ۽ قومپرستيءَ کي وري زور وٺائڻ جهڙا عنصر شامل هئا. پراڻي سرڪاري ميڊيا ۽ اڳوڻن

منحرف ماڻهن ساڳئي پيغام کي ورجايو ۽ پورهيتن کي آماده ڪيو ويو ته مارڪيٽ ۽ جمهوريت فطري جاڙا ڀائر آهن ۽ اُهي پنهنجون تمنائون پوريون ڪري سگهن ٿا. 91-1989ع جي ماحول ۾ ڪنهن ماڻهو لاءِ هيءَ نموني دليل ڏيڻ ۽ اها ڳالهه ماڻهو ڳالهه ٻڌن، ائين ٿيڻ ڏکيو هو. چاڪاڻ ته اڳوات مٿان کان پيش بندي پورهيتن جي طبقاتي تحريڪن کي گهٽائي پئي ڇڏيو.

جيڪي وڏيون سياسي تبديليون ٿيون، سي طبقاتي جدوجهد جو نتيجو هيون، پر طبقاتي جدوجهد ٽڙيل هئي، جنهن ۾ مظلوم طبقن عوامي جمهوري تنظيمن کي قتو ڪري ان جي جاءِ تي پورهيت ڪائونسلون نه ٺاهيون. اهي سياسي انقلاب ماضيءَ جي عظيم سماجي انقلابن کان وڌيڪ 1830ع ۾ فرانس ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو ان جهڙا هئا. ان حقيقت جو اظهار ان مان ظاهر پئي ٿيو ته جن ماڻهن صنعتون ۽ بئنڪون هلايون پئي تبديلين کانپوءِ به اهي ئي ماڻهو ساڳي حيثيت سان برقرار رهيا.

زوال جا جهٽڪا

اوڀر بلاڪ ۾ آيل بُحران سيني ملڪن، جن رياستي سرمائيداري ماڊل طور اپنايو هو تن کي متاثر ڪندڙ هڪ وڏي بحران جو حصو هو. ڪٿي به ان رياستي سرمائيداري ماڊل اڳ وارن دورن جي ترقيءَ جي بلند شرح مهيا نه ڪئي. ساڳئي وقت رياستي سرمائيداري ماڊل نين صنعتي جدتن کان قومي صنعتن کي ڪٿي ڇڏيو خاص ڪري اُهي صنعتون جيڪي مائيڪرو چپ ٽيڪنالاجي ۽ ڪمپيوٽر سافٽ ويئر سان ڳنڍيل هيون، جن لاءِ آمريڪا ۽ جاپان جي غيرمعمولي وڏن صنعتي ادارن اٿاهه سيڙپ ڪئي.

سڄي ايشيا، آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا ۾ ڪامورن ۽ سياستدانن جن رياستي سرمائيداري جي تائيد ڪري پنهنجون زندگيون ٺاهيون هيون، تن 'آزاد' مارڪيٽن جي ساراهه شروع ڪري ڇڏي ۽ اولهه جي گهڻ قومي ادارن سان ٺاهه ڪيائون. انڊيا ۾ ڪانگريسي تحريڪن، اڳوڻي مائو نواز تحريڪ، جنهن ايٿوپيا ۾ هڪ گهرو جنگ ڪئي، الجيريائي حڪومت ۽ مصر ۾ ناصر جي جانشينن گهٽ يا وڌ اهو ئي رستو ورتو. انهيءَ نئين حڪمت عمليءَ جي مهڙ ۾ چين جو ڊينگ شائوپينگ هو جتي مارڪيٽ ۽ منافعو ٺاهڻ جي پوڄا سان گڏوگڏ مائوءَ سان رسمي وفاداري برقرار رهي.

ٽين دنيا جي اڪثر حڪومتن، عالمي بئنڪ ۽ بين الاقوامي مانيٽري فنڊ (آءِ ايم ايف) جي 'ڍانچن جي موافق منصوبن' (structural adjustment programmes) تي صحيحيون ڪري، هڪ نئين حڪمت عمليءَ سان پنهنجي وفاداري ظاهر ڪئي. تمام ٿورا ثبوت آهن ته اهي حڪومتون ۽ منصوبا ترقيءَ جي گهٽ شرح ۽ غربت جي مسئلن کي مات ڏئي سگهيا آهن. 1980ع واري ڏهاڪي ۾ اٽڪل 76 ملڪن 'آزاد' مارڪيٽ جي بنياد تي، عالمي بئنڪ جي ٺاهيل منصوبن تي عمل ڪيو. فقط آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ملڪن

۾ اڳوڻن ڏهاڪن جي ڀيٽ ۾ بهتر ترقي ٿي. 19 ملڪن جن انهن منصوبن تي عمل ڪيو فقط چار ملڪن 'مستقل طور تي 1980ع ڌاري پنهنجي ڪارڪردگيءَ کي سڌاريو'.[302] انهن علائقن بابت گڏيل قومن جي اقتصادي ڪميشن جي رپورٽ مطابق 1990ع ۾ لاطيني آمريڪا جي آباديءَ جو اٽڪل 40 سيڪڙو غربت جي لڪير کان هيٺ پيو جيئي. رپورٽ اهو نتيجو ڪڍيو ته 1980 ع اري ڏهاڪي ۾ لاطيني آمريڪي ۽ ڪيريبين آبادي جو مادي معيار زندگي تمام گهٽو پوئتي ٿي ويو.'[303] 1987ع تائين آفريقا ۾ ڀهراڙيءَ واري آباديءَ جو 55 سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهو شديد غربت ۾ زنده رهيا پئي.[304]

1990ع جي ڏهاڪي ۾ اوڀر يورپ ۽ اڳوڻي سوويت يونين ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو اهو داستان فقط تباهيءَ ۽ بربادي وارو هو. سڌارپسندن طرفان واعدو ڪيل 'اقتصادي معجزا' نه ٿيا. 1999ع ۾ فقط ٻن ملڪن پولينڊ ۽ سلووينيا جي پيداوار 1989ع کان بلند هئي. چيڪ ريپبلڪ ۽ هنگري ٻئي ڏهه سال اڳ کان ٿورو وڌيڪ غريب هئا. بلغاريا، لٿيانيا ۽ روس جون معيشتون 40 سيڪڙو يا ان کان وڌيڪ سُڪڙجي ويون.[305]

بيرحم انگ اکرن کي عمل ۾ آڻي، لکين ماڻهن جون اميدون برباد ڪيون ويون. ماسڪو ۽ سينٽ پيٽرسبرگ جهڙن وڏن روسي شهرن ۾ اڪثر ماڻهن فقط ان تي گذارو ٿي ڪيو جيڪو اُهي پنهنجين ننڍين ٻنين جي ٽڪرن مان پيدا ڪري ٿي سگهيا ۽ ماني ۽ پٽاٽن جي ٿوري رسد بچائي ٿي سگهيا. آرڪٽڪ علائقن ۾ سڄيون برادريون ان خوف ۾ رهيون ته هر سياري ۾ بجلي گهٽجي ويندي، ڪاٺيون کوٽيندڙ ۽ اسٽيل جي مزدورن کي ڪيترن مهينن تائين پگهارون نه پئي مليون. صحت جي سهولت ختم ٿي وئي، ٽي بيءَ جهڙيون بيماريون عام ٿي ويون ۽ زندگيءَ جي ڄمار گهٽجي وئي.

اوڀر يورپ جي اترئينءَ پٽيءَ ۾ حالتون ٿوريون بهتر هيون. پر ايتريقدر جو چيڪ جمهوريه ۽ هنگريءَ ۾ معيار زندگي 1980ع کان به گهٽ هو دُڪانن ۾ گهٽيون شيون پيون هيون. پر تمام ٿورن ماڻهن وٽ خريدڻ لاءِ پيسا هئا. اوڀر جرمني، جنهن کي جرمن وفاقي جمهوريا ۾ ضم ڪيو ويو ۾ بيروزگاريءَ جي شرح 20 سيڪڙو هئي. ڏکڻ اوڀر يورپ ۾ بلغاريا، رومانيا ۽ البانيا ۾، حالتون ايتريون ئي خراب هيون جيتريون روس ۾. اڳوڻي سوويت يونين جي ڏاکڻي پٽيءَ ۾ ويتر حالتون بدتر هيون. ان ۾ ڪا حيرت ناهي ته 1989ع ۾ ڪيترن دانشورن منجهه اميد پرستي 1990ع تائين مايوسيءَ ۾ بدلجي وئي. مشهور چيڪ شاعر مروسليف هولب ايترو چيو ته 'جيڪڏهن اسان کي خبر هجي ها ته اسان کي اها قيمت چڪائڻي پوندي ته، اسان خوشيءَ سان پنهنجين لکتن کي ڇپرايون ئي نه ها ۽ پنهنجون تصويرون وڪڻون نه ها'.[306] اوڀر يورپي ملڪ جنهن سڀ کان وڌيڪ ڀوڳيو سو اهو هو جنهن سرد جنگ واري سموري دور ۾ سوويت يونين کان الڳ پنهنجي آزاد حيثيت برقرار رکي هئي، يعني: يوگوسلاويا. اولهه جي طاقتن کي هاڻي گهڻي ضرورت نه هئي ته ان علائقي ۾ روسي اثر کي ٻي اثر ڪرڻ ۽ توازن ۾ رکڻ لاءِ کين

قرض مهيا ڪن. آءِ ايم ايف قرض جي واپسيءَ جو منصوبو مڙهي ڇڏيو جنهن ڪن سالن ۾ معيار زندگيءَ کي اڌو اڌ ڪيرائي ڇڏيو ۽ ملڪ جي غريب حصن ۾ بيروزگاريءَ کي صفا وڌائي ڇڏيو ۽ گهرو جنگين جو هڪ پورو سلسلو شروع ٿي پيو ڇاڪاڻ ته مختلف سياسي شخصيتن قومي گروهن کي هڪٻئي خلاف ويڙهائي، پنهنجي حيثيت مستحڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن ته اولهه جي طاقتن پنهنجن دوستن کي ٽيڪ ڏيارڻ لاءِ مداخلت ڪئي.

دنيا جو هڪ علائقو هو جنهن تي مارڪيٽ جي ڳالهه ڪندڙن کي فخر هو يعني: اوڀر ايشيا. 1991ع جي عالمي ترقيءَ بابت رپورٽ ۾ عالمي بئنڪ 'اوڀر ايشيائي معيشيتن جي زبردست حاصلات' ۽ چين، انڊيا، انڊونيشيا ۽ ڪوريا ۾ 'مختلف سطحن جي سُڌارن' ۽ 'اقتصادي ڪارڪردگيءَ ۾ بهتريءَ تي عمل' ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي.[307] برطانيا ۾ فنانشل ٽائمز جي سميوئل برٽن پنهنجن پڙهندڙن کي وري خاطري ڪرائي ته 'جيڪو ماڻهو خوش ٿيڻ چاهي ٿو سو عظيم اقتصادي بحران ڏانهن پنتي نه، پر اوڀر ايشيا جي ترقي پذير ملڪن ڏانهن نيهاري، جن عالمي لاٽ کي گهٽائي ڇڏيو آهي'.[308]

اهڙي اميد پرستيءَ جي کوکلي حيثيت کي 1997ع ۾ ڌڪ لڳو جڏهن هڪ اقتصادي بحران جيڪو ٿائيلينڊ ۾ شروع ٿيو تنهن سڄي علائقي کي پنهنجي وڪڙ ۾ وڪوڙي ڇڏيو انڊونيشيا کي 1930ع واري بحران جيترو ڌڪ پهچايو ۽ ڏکڻ ڪوريا، ملائيشيا ۽ هانگ ڪانگ کي گهري معاشي ٻاڙائي ۾ ڌڪي ڇڏيو. 1998ع ۾ ان روس ۾ اوچتي بحران کي پڙڪايو ۽ لاطيني آمريڪا جي سڀ کان وڏي معيشيت برازيل کي لوڏي ڇڏيائين. بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ آءِ ايم ايف طرفان ناهيل منصوبن تي جيفري سچس جهڙين نامور شخصيتن طرفان سخت تنقيد ٿيڻ لڳي.

1970ع ڌاري زرعي قيمتن جي سرشتي ۾ سُڌاري، جڏهن هڪ پيرو وسيلا رياست کان هارين ڏانهن منتقل ٿيا، جي نتيجي طور 1980ع ۽ 1990ع دوران چيني معيشيت تيزيءَ سان واڌ ڪئي. ڪيترن سالن تائين خوراڪ جي پيداوار ۾ تيز رفتار واڌ ٿي، جنهن موٽ ۾ هلڪين صنعتن جي ترقيءَ لاءِ وڌو بنياد مهيا ڪري، گهرو ۽ عالمي مارڪيٽ لاءِ ڪاڌ خوراڪ مهيا ڪئي. سرڪاري انگ اکرن مطابق مجموعي صنعتي پيداوار ٽيڻي ٿي وئي، پر ترقي انتهائي غيرمتوازن هئي. ڪجهه ساموندي پٽيءَ وارن علائقن ۾ وڏي صنعتڪاري ۽ شهري عمل کي هٿي وٺرائي وئي ته اندروني علائقا يا ته بيٺل رهيا يا مورڳو پوئتي پئجي ويا. صنعت ۾ لکين ماڻهن کي نيون ملازمتون مليون، پر انهن کي پورڻ لاءِ 200 ملين ماڻهن ٻهراڙين مان نڪري شهرن جو رخ ڪيو. پراڻين ڳرين صنعتن جي نظام سازيءَ افرادي قوت کي ڳاري ڇڏيو ۽ فلاحي ڪم ڪٻاڙي تي ويا. ترقيءَ جي شرح ۾ تيز چاڙهن سان گڏ قيمتون پڻ وڌي ويون، جنهنڪري ٻاڙائيون پڻ ٿيون. انهن لاهن چاڙهن جي چڪرن کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪندي عالمي مارڪيٽ ۾

شيون وڪرو ڪيون ويون، پر هر پيري عالمي معيشيت جي سستي يا بحران سبب واڌو پيداوار جي پراڻي بحران وارو خطرو ٿيندو رهيو.

انهيءَ ڪري سماجي افراتفرين جا خطرا پيدا ٿيا، جنهن جو چٽو اظهار 1989ع ۾ ٿيو. اوڀر بلاڪ ۾ سياسي زوال کان فقط ڪجهه مهينا اڳ چيني رياست پنهنجو پاڻ ٽٽڻ ڪنڌي پهچي وئي. وسيع جمهوريت لاءِ شاگردن جا مطالبا عوام جي وسيع حلقن جي اهنجن جو مرڪز بڻجي پيا، جنهن جي انتها بيجنگ جي مشهور تيانمين (Tiananmen) چونڪ سميت ڪيترن ٻين شهرن ۽ صنعتي مرڪزن ۾ ٿيل مظاهرا پڻ هئا. ڪيترن ڏينهن تائين حڪومت مفلوج ٿي وئي، مظاهرن کي ختم ڪرڻ لاءِ تيار سپاهي ڳولڻ ۾ ڏکيائي ٿي پئي، پوءِ احتجاج کي ڪچلڻ لاءِ ٽينڪون استعمال ڪيون ويون.

رياستي سرمائيداري خاصيتن کي مارڪيٽ سان گڏائيندڙ حڪومت لاءِ تيانمين چونڪ وارو واقعو ڪو پهريون واقعو نه هو. 1977ع ۾ مصر جي 13 مُک شهرن ۾ هڙتالن، مظاهرن ۽ بغاوتن جو هڪ پورو سلسلو شروع ٿيو جيڪا 1919ع ۾ برطانيا خلاف ٿيل قومپرست بغاوت کان پوءِ، سڀ کان وڏي سماجي افراتفري هئي. 1988ع ۾ الجيريا ۾ هڙتالن جو هڪ سلسلو ذري گهٽ بغاوت ۾ بدلجي ويو ڇاڪاڻ ته نوجوان ماڻهن پوليس سان ويڙهه ڪئي ۽ حڪومت کي مجبور ڪيو ته پريس جي آزادي ۽ جلاوطنيءَ مان سياسي مخالفن جي واپسيءَ جي اجازت ڏي. ڏکڻ ڪوريا ۾ 1987ع ۾ شاگردن ۽ وچولي طبقي جي خلقن طرفان وڏن مظاهرن فوجي حڪومت کي ڏوڏي ڇڏيو ۽ ان کي ٿوري نرمي ڪرڻ تي مجبور ڪيو بعد ۾ 1988ع ڌاري وڏين هڙتالن جو سلسلو هليو جنهن کي اُجرتن ۾ ٻن انگن جو اضافو ڪري ختم ڪيو.

انهن سڀني سماجي ڌماڪن اوڀر يورپ ۾ 90-1989ع جي واقعن سان ڪجهه ساڳيائپ ظاهر ڪئي. اُنهن ظاهر ڪيو ته ڪين نه ڪو رياستي سرمائيداري، نه ئي رياستي سرمائيداريءَ کان مارڪيٽ سرشتي ڏانهن عبور، صنعتي ترقيءَ هٿان پيدا ڪيل پورهيتن کي بغاوت ۽ سماج جي ٻين پرتن کي پورهيتن جي پٺيان وڃڻ کان روڪي سگهيو.

اسلام، اصلاح ۽ انقلاب

1990ع جي ڏهاڪي دوران صحافتي ٻوليءَ ۾ اها ڳالهه عام ٿي وئي ته 'ڪميونزم ۽ سرمائيداريءَ' وچ ۾ ٽڪراءَ جي جاءِ 'اسلام ۽ اولهه' والاري ورتي آهي. يقينن تازيون ٻه وڏيون بغاوتون اسلام جي بينر هيٺ ٿيون. هڪ 1979ع جو ايراني انقلاب ۽ ٻيو 1980ع ڌاري روسي قبضي خلاف افغان مزاحمت ۽ وري انهن تحريڪن مصر، الجيريا، مقبوضه فلسطين ۽ ٻين علائقن ۾ مخالف ڌر تحريڪن کي اتساهيو پر هڪ ڳالهه نظرانداز ڪئي وئي ته اسلام پنهنجي تاريخ ۾ اڳئي ڪيئي ڀيرا بلڪل مختلف سماجي مفادن جي اظهاريو آهي، جيڪي هڪٻئي کي خونخوار تڪرار ۾ ختم ڪري پئي سگهيا.

ايراني انقلاب، آمر حڪمران شاهہ ۽ ڪيس ٽيڪ ڏيندڙ آمريڪي حڪومت خلاف ڪاوڙ ۽ نفرت جو اظهار هو. هن جي حڪمرانيءَ روايت پرست مذهبي ڌرين، قومپرست دانشورن، بازار سان جڙيل سرمائيداريءَ جي حلقن، پڪڙجندڙ صنعت جي نئين پورهيت طبقي، شاگردن، مفلس پيٽي بورجوازي، بيروزگار ۽ شهري ڪچين آبادين جي نيم روزگار، قومي اقليتن ۽ هارين جي حلقن کي دشمن ڪري ڇڏيو. 'ظلم' خلاف اسلامي تنقيد هڪ عام دشمن خلاف اهڙن سيني گروهن کي متحد ڪري ورتو پر عوامي هڙتالن، هٿياربند ويڙهہ ۽ فوج اندر بغاوتن ذريعي شاهہ کي هٽايو ويو هر هڪ گروهہ مختلف طريقن سان اسلامي نصاب پڙهيا ۽ بلڪل مختلف عملي نتيجا اخذ ڪيا. بغاوت کانپوءِ پهرين سالن ۾ نہ صرف مخصوص اسلامي ۽ سيڪيولر گروهن جي وچ ۾ ٽڪراءَ پر مختلف اسلامي ڌڙن جي وچ ۾ خونخوار گهرو جنگيون پڻ ٿيون. نيٺ آيت الله خامنائي جو فرقو سوڀارو ٿيو ۽ هن پنهنجن هارايل مخالفن خلاف دهشت کي جائز قرار ڏنو. ان ڪري ڪيترن لبرل ماڻهن اهي دعوائون ڪيون تہ اهڙا وحشيانا طريقا 'اسلامي' آهن، اها ذهنيت 'يهودي عيسائي روايت' واري انسانيت جي کوٽ جي پيداوار آهي. اصل ۾ خامنائيءَ طرفان طاقت جو استعمال صفتي طور تي انهن واقعن کان گهڻو مختلف نہ هو جڏهن فرينچ رومن ڪيٿولڪ ازم طرفان ڪميون کي چيپاڙڻ جي منظوري ڏني وئي، جڏهن 20_1919ع ۾ پرشين لوٿرين ازم پنيرائي ڪئي يا جڏهن 1980ع ڌاري لبنان ۾ فالانگسٽ طرفان فلسطينن جي ڪوس جي نگراني اسرائيلي فوج ڪئي، تڏهن آمريڪي عيسائي بنياد پرستن ۽ يهودي عالمن تائيد ڪئي. اهو قتل عام رد_ انقلاب هو نہ ڪي هڪ مذهب جي پيداوار.

ساڳئي نموني افغانستان ۾ روس جي سرپرستيءَ هيٺ هلندڙ حڪومت، مختلف سماجي گروهن طرفان مزاحمت کي پڙڪايو چاڪاڻ تہ ان روسي طرز واري تيز رفتار 'جديديت' جي منصوبي تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. روسي فوجن ملڪ تي قبضو ڪيو تڏهن کان وٺي هڪ روسي حمايتي افغان حڪمران جي مارجڻ سان پيو افغان حاڪم جاءِ والاريندو رهيو. انهيءَ سلسلي خلاف اسلام مزاحمت جو نعرو بلند ڪيو پر متضاد مفادن وارن گروهن هڪٻئي سان، توڙي روسين سان وڙهندي پاڻ کي تباهہ ڪري ڇڏيو. روسي واپسيءَ کانپوءِ مذهبي گروهن جي وچ ۾ هڪ گهرو جنگ لڳي، نيٺ، سعودي عرب ۽ پاڙيسري ايران ۾ مذهبي حڪومت جي ڪٽر دشمنن جي ٽيڪ سان ڳچ ملڪ کي فتح ڪيو ويو. ان دوران سڄي وچ اوير مان ڪيترائي مذهبي ماڻهو جن جو بندوبست آمريڪي سي آءِ اي ڪيو افغانستان ۾ روسين خلاف وڙهيا. تن هاڻي پنهنجين بندوقن جو منهن سندن آمريڪي حامي مقامي حڪمرانن خلاف موڙي ڇڏيو. تنهنڪري انهن کي آمريڪا طرفان 'دهشتگرد' قرار ڏنو ويو.

اسلام اولهہ جي اڪيلي مخالف قوت هجڻ واري تاثر کان ڪوهين ميل پري هو.

مثال طور عراق ۽ ايران جي 'اسلامي جمهوريا' جي مذهبي اڳواڻن جي وچ ۾ 1980ع جي سڀ کان وڏي ۽ سڀ کان وڌيڪ خونخوار جنگ لڳي. ان جنگ ۾ سعودي عرب ۽ سوڊان ۾ حسن الترابيءَ جي مذهبي حڪومت عراق جي پٺڀرائي ڪئي، جيئن فيصلي ڪن گهڙين ۾ آمريڪا ڪيو.

اسلامي سياسي تحريڪن جي ترقي، عالمي نظام کان لکين ماڻهن جي ويڳاڻپ جي پيداوار هئي، خاص ڪري نوجوان ۽ پڙهيل لکيل ماڻهن، جن کي عالمي سرشتي اندر قاتل سندن معاشرن ۾ محفوظ روزگار جي تمام ٿوري اميد هئي. ظلم خلاف قرآن (پاڪ) ۾ ڏنل حڪمن ۽ هڪ منصفاڻي سماج بابت دعوائن شديد مايوسيءَ جي احساسن مان نڪرڻ جو گس مهيا ڪيو پر جيئن ئي مذهبي ڌريون اقتدار جي ويجهو آيون ته، سندن انتهاپسند تڪ مُڏي ٿي پئي. اسلامي حڪومتون اسلامي سرمائيدارن سان ڪم ڪندي خوش رهيون، جن موٽ ۾ مسلسل طور تي عالمي سرشتي جي ٻين حصن، 'وڏي شيطان' آمريڪا سان اتحاد ڪيا. وچ اوڀر جي قومي رياستن جي وچ ۾ هر هڪ ٽڪراءَ دوران اسلامي حڪومتون مخالفن سان گڏ بيٺي نظر آيون.

نئين سامراجيت

20 هين صديءَ جي آخري حصي ۾ سڌي بئنڪيتي راڄ واري پراڻي سامراجيت نيٺ مري وئي. پورچوگال جو حڪمران طبقو پنهنجين ڪالونين کي ڇڏڻ تي مجبور ٿيو روڊيشيا ۾ اڇي چمڙيءَ وارن آبادڪارن جي حڪومت زمبابوي کي جاءِ ڏني، ڏکڻ آفريقا ۾ نسل پرست حڪومت اڪثريتي راڄ کي تسليم ڪيو ۽ برطانيا هانگ ڪانگ کي چين جي حوالي ڪيو. ايتريقدر جو جن کي 'نيم ڪالوني' سڏيو ٿي ويو يعني: اولهه جي ٽيڪ تي پاڙيندڙ ڪمزور حڪومتن ڪجهه آزادي ماڻي. ڪٺ پتلي حڪومتون اصيل ٿي ويون ۽ اصيل وري پنهنجن اڳوڻن آقائن جي خلاف ٿي ويو جيئن عراق جي صدام حسين ڏيکاريو جڏهن هن 1990ع ۾ ڪويت ڏانهن مارچ ڪيو پر ان جي معنيٰ سامراجيت جو خاتمو نه هئي، يعنيٰ وڏين سرمائيدار رياستن طرفان ننڍين رياستن مٿان پنهنجي مرضي مڙهڻ جي ڪوشش ختم نه ٿي هئي.

1990ع واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري ڪيترن صحافين، تعليمدانن ۽ سياستدانن دعوي ڪئي ته، 'نئين عالمي معيشيت' ۾ رياستون غيراهم ٿي ويون آهن، پر گهڻ- قومي ڪارپوريشنن يا حڪومتن جي اڳواڻن کي ائين نه پئي لڳو جن انهن سان گڏ ڪم پئي ڪيو. مطالعن ظاهر ڪيو آهي ته، اهڙين ڪارپوريشنن جا مالڪ ۽ ڊائريڪٽر مخصوص قومي رياستن ۾ تمام گهريون پاڙون هئي ويٺل هئا. انهن کي پنهنجن اڏن طور ٻين علائقن ڏانهن پنهنجن مفادن کي وڌائڻ ۽ تحفظ ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. جيئن هڪ مطالعي نتيجو اخذ ڪيو:

عالمي معيشيت ۾ هڪ محفوظ نڪاتي لاءِ رياستن جي وچ ۾ دشمني ۽ ادارن جي وچ ۾ دشمني وڌيڪ بيرحم وڌيڪ شديد ٿي وئي آهي. نتيجي طور ادارا حڪومتن تي وڌيڪ اثر ڇڏين ٿا ۽ حڪومتون ادارن جي ڪنٽرول هيٺ وسيلن لاءِ وڌ کان وڌ کان انهن تي ياڙين ٿيون.[309]

آمريڪا ۾ مرڪز ناهي ويٺل وڏن گهڻ قومي ادارن باقي دنيا تي پنهنجيون پاليسيون مڙهڻ ۾ مدد لاءِ آمريڪي رياست تي ياڙيو. ٽين دنيا جي قرضن سان منهن ڏيڻ لاءِ به وڏا منصوبا. جن کي آمريڪي حڪومت جي ميمبرن جي نالن سان سڏيو ويجي ٿو بيڪر پلان ۽ برادي پلان ناهيا ويا.[310] آءِ ايم ايف ۽ عالمي بئنڪ پنيان 'ترقيءَ لاءِ نئين نموني' جي ڳالهين جي اصل حقيقت بئنڪن کي يقين ڏيارڻ هو ته. کين سُٺو فائدو ٿيندو. ساڳئي ريت ٻين حڪومتن مٿان 'آزاد تجارتي' تسلط ۽ بالادستي مڙهڻ جي آمريڪي ڪوشش سان گڏوگڏ. پنهنجن سرمائيدارن جي ڪڏهن ڪڏهن الڳ مفادن جي تحفظ بابت عالمي تجارتي ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. پر مالياتي سفارتي دٻاءَ سدائين ايترا نه هئا. جو سڀ کان وڌيڪ طاقتور ملڪن جي حڪمران طبقن کي سندن مرضيءَ سان هلڻ کي يقيني بڻائين. اهڙا مرحلا به آيا. جڏهن حڪومتن محسوس ڪيو ته. فقط فوجي قوت ئي سندن عالمي حاڪميت کي برقرار رکي سگهندي.

ڇا ٿي سگهي ٿو ان جو بهترين مثال گلف جنگيون هيون. عراق 1980ع ڌاري ايران خلاف هڪ ڏکي ۽ خونخوار جنگ وڙهي. ايران ۽ عراق ٻنهي آمريڪا ۽ امير گلف رياستن جي حمايت پئي چاهي ۽ پنهنجا لاڳاپا اهم گهڻ- قومي ادارن سان جوڙڻ پئي چاهيا. جڏهن عراق جنگ ۾ سندس ٽيڪ ڏيندڙن کان مالياتي طور تي جيتري توقع ڪئي پئي. اها حاصل نه ڪري سگهيو ته. انهن مان هڪ ڪوويت مٿان 1990ع ۾ حملو ڪري ڏنائين ۽ وڏين طاقتن. خاص ڪري آمريڪا جي ردعمل بابت غلط اندازو لڳاياڻين. آمريڪا. برطانيا ۽ ٻين رياستن طرفان ڳري فوجي مهم. برباد ڪندڙ بمباري. زميني ڪاهه ۽ هڪ لک عراقين جو ڪوس ڪيو ويو. ان ڪانپوءِ هڪ ڏهاڪي تائين اقتصادي پابنديون لڳايون ويون. گڏيل قومن جي تخميني موجب ان پابنديءَ سالياڻو 50 هزار عراقين کي ماري ڇڏيو.

آپريشن جو مقصد فقط عراق کي سُڌارڻ ۽ ضابطي ۾ رکڻ نه هو يا وچ اوڀر ۾ ٻين قومپرست حڪومتن ۽ تحريڪن لاءِ چتاءُ نه هو جيڪي اڳتي هلي شايد آمريڪي تيل ڪمپنين کي للڪاري نه وجهن. ان جو مقصد دنيا جي ٻين طاقتن کي اهو ڏيکارڻ پڻ هو ته. کين آمريڪي عالمي مقصدن کي قبولڻو پوندو. ڇاڪاڻ ته فقط آمريڪا وٽ ئي عالمي پوليس واري جيتري طاقت آهي.

1980ع ڌاري اڳتي آمريڪي ريپبلڪن انتظاميا ويتنام ۾ مليل شڪست جي اثر کي ٽوڙڻ جو رٿيو هو انهيءَ ڪري اڌ اولهه ۾ آمريڪي حاڪميت جي قابليت کي جاري

رڪيو. گرينڊا ۽ پاناما تي ڪاهن جي پٺيان بہ اهائي سوچ هئي ۽ ساڳي ڏر جي ڪونٽرا گوريلا قوت جي ٽيڪ. جنهن نڪاراگوا ۾ وڏي تباهي آندي. بُش انتظاميا بعد ۾ ڏيڪاريو تہ آمريڪا وچ اوڀر ۾ اجان وڏي پيماني تي ساڳئي قسم جا پوليس آپريشن ڪري سگهي ٿي. هن جي ڊيموڪريٽ جانشنين بل ڪلنٽن هيٺ هڪ فوجي آپريشن پٺيان ٻيو ۽ سڄي 1990ع واري ڏهاڪي ۾ باقائدگيءَ سان اهڙا آپريشن ٿيندا رهيا. صوماليا ۾ بحري فوج جو لهڻ، عراق مٿان لڳاتار بمباري، بوسنين گهرو جنگ-دوران بمباري، افغانستان ۾ گوريلا ڪيمپ مٿان بمباري ۽ سوڊان ۾ دوائن جي ڪارخانن تي ۽ سربيا خلاف مڪمل هوائي جنگ ڪرڻ جهڙيون ڪارروائيون ٿيون.

اهو فقط آمريڪا نہ هو جنهن نئين سامراجيت تي عمل ڪيو. روس اڳوڻي سوويت يونين جي ڪشادي دائري اندر پنهنجي بالادستيءَ کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي، جارجيا ۽ تاجڪستان ۾ گهرو جنگين جي نتيجن تي اثرانداز ٿيڻ لاءِ فوجي طاقت استعمال ڪئي. فرانس آفريقا ۾ پنهنجي اثررسوخ جو هڪ وڏو دائرو برقرار رکيو. روانڊا- برونڊي جهڙن علائقن ۾ بالادستيءَ لاءِ فرانس آمريڪا کي ٽيلها ڏيندو رهيو. برطانيا سيراليون ۽ نائجيريا ۾ ٿيندڙ واقعن مٿان اثرانداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن تہ نائجيريا موٽ ۾ 'امن قائم ڪرڻ' جي بهاني هيٺ، ٻين اولهہ آفريقي رياستن ۾ مداخلت ڪئي. يونان ۽ ترڪي اتر اوڀر ميڊيٽيرين ۽ بالڪن جي علائقن ۾ پنهنجي اثررسوخ کي قائم رکڻ لاءِ وقفي وقفي سان جنگين جون ڌمڪيون ڏيندا رهيا.

1990ع واري ڏهاڪي جي دنيا ۾ رياستن جي پيچيده درجي بندي هئي. اهي ملڪ پنهنجي پنهنجي اثر لاءِ هڪٻئي سان ڳنڍيل ڪاروباري مفادن هيٺ، هڪٻئي کي ڌڪا ڏيندا رهيا. پر اُنهن سڀني جي برابر اهميت نہ هئي ۽ هر هڪ کي خبر هئي تہ انهيءَ درجي بنديءَ ۾ ان جي حيثيت جو چيهہ سندس هٿياربند فوج تي انحصار ڪري ٿو. چوٽيءَ تي آمريڪا هو جيڪو پنهنجي حيثيت کي برقرار رکڻ لاءِ وڏيڪ بيچين هو. هن ڏهاڪي جي آخري سال ڏٺو تہ آمريڪي اڳواڻيءَ هيٺ نيٽو اتحاد طرفان منظم طور تي سربيا کي رسوا ۽ خوار ڪرڻ شروع ڪيو ويو. ڇاڪاڻ تہ ان جي اڳواڻ ملوسيوڪ (Milosevic) دنيا ۾ آمريڪا جي اصيلن جي درندگيءَ جو نقل ڪرڻ ۽ ملڪ جي البانين اقليت تي حملي ڪرڻ کان اڳ اجازت نہ ورتي هئي.

حوالا

[1] Figures given in G Stedman Jones, *Outcast London* (Harmondsworth, 1976), p132
[2] See tables 13 and 3, in E Hobsbawm, *Industry and Empire* (Harmondsworth, 1971)
[3] OECD figures
[4] G B Longstaff in September 1893, quoted in G Stedman Jones, *Outcast*, p128
[5] Quoted in G Stedman Jones, *Outcast*, p129
[6] Charity Organising Society report of 1870-71, quoted in G Stedman Jones, *Outcast*, p266
[7] In practice, Maxwell used mathematical approaches that contradicted this model and laid the ground for some of the very different models that were to prevail in the 20th century. But it was his original model that was to dominate much scientific thinking for a generation. See W Berkson, *Fields of Force* (London, 1974), chs 5, 6 and 7, especially pp150-155
[8] As with Maxwell's model of the universe, there were elements in Freud's theory which were subject to a very different approach. By the 1920s psychoanalysis was often seen as justifying irrationalist challenges to the mechanical-determinist approach. But Freud's own starting point was certainly based on mechanical determinism. See, for instance, the accounts of his early surgical attempts to deal with hysterical symptoms in J Masson, *The Assault on Truth* (Harmondsworth, 1984), pp55-106
[9] Quoted in R Miliband, *Capitalist Democracy in Britain* (Oxford, 1982), fn 2, p22
[10] See R Harrison, *Before the Socialists* (London, 1965), pp69-78
[11] M Cowling, *1867, Disraeli, Gladstone and Revolution*, quoted in R Miliband, *Capitalist Democracy*, p25
[12] K Marx, second draft for *The Civil War in France*, translated in K Marx and F Engels, *Collected Works*, vol 22 (London, 198۹)
[13] M Cowling, *Disraeli*, p49
[14] R Miliband, *Capitalist Democracy*, p2۶
[15] Hanham, quoted in R Miliband, *Capitalist Democracy*, p27
[16] R T McKenzie, *British Political Parties* (London, 1963), p1
[17] On this, see G Stedman Jones, *Outcast*, pp344, 348
[18] Britain, as the oldest industrial capitalism, also had one of the oldest nationalisms from above. E P Thompson showed how the government sponsored popular nationalist organisations to counter British Jacobinism in the 1790s. See E P Thompson, *The Making of the English Working Class* (New York, 1966). More recently Linda Colley has emphasised the scale of developing national feeling from the mid-1750s onwards. See L Colley, *Britons* (London, 1994). Unfortunately, her approach is one dimensional and fails to see what Thompson did note, the counter-currents to nationalism that always existed.
[19] E Bernstein, *Evolutionary Socialism* (London, 1909), pxi
[20] E Bernstein, *Evolutionary Socialism,* p159
[21] E Bernstein, *Evolutionary Socialism*, p160
[22] R Luxemburg, *Social Reform or Social Revolution* (Colombo, 1966)
[23] B Vandervort, *Wars of Imperial Conquest in Africa 1830-1914* (London, 1998), p27
[24] Nicola Labanca, quoted in B Vandervort, *Wars of Imperial Conquest*, p164

[25] B Vandervort, *Wars of Imperial Conquest*, p177. See also T Packenham, *The Scrambl for Africa* (London, 1992), pp539-548
[26] T Packenham, *The Scramble*, p546
[27] T Packenham, *The Scramble*, p652
[28] T Packenham, *The Scramble*, p600. On Leopold's philanthropic, anti-slavery claims see pp11-23
[29] Quoted in T Packenham, *The Scramble*, p22
[30] Figures from H Feis, *Europe: The World's Banker, 1879-1914*, quoted in M Kidron 'Imperialism, the Highest Stage but One', in *International Socialism 9* (first series), p18
[31] For a longer discussion of the economics of imperialism, see my book *Explaining th Crisis* (London, 1999), pp35-36—and, for a reply to counter-arguments on th empirical data, fn 50, p159
[32] Details from L Derfler, *Paul Lafargue and the Flowering of French Socialis* (Harvard, 1998), pp48 and 90
[33] See L Trotsky, *Results and Prospects*, in *The Permanent Revolution and Results ar Prospects* (London, 1962). For his general account of this revolution, see L Trotsk 1905 (New York, 1972)
[34] Full title: *The Mass Strike, the Political Party and the Trade Unions* (London, 1986)
[35] According to A Sayers, 'The Failure of Italian Socialism', *International Socialism* (first series)
[36] R Luxemburg, writing in the spring of 1915, in *The Junius Pamphlet* (London, 1967), p
[37] L Trotsky, *My Life* (New York, 1960) pp233-234
[38] J Canning (ed), *Living History: 1914* (London, 1967), p240
[39] V Serge, *Memoirs of a Revolutionary* (London, 1963), p47
[40] Quoted in L Trotsky, *My Life*, p233
[41] D Blackbourne, *The Fontana History of Germany 1780-1918* (London, 1977), pp461-462
[42] A Shlyapnikov, *On the Eve of 1917* (London, 1982), p18
[43] R Fox, *Smoky Crusade* (London, 1938), p192
[44] L Trotsky, *My Life*, pp233-4
[45] These are quoted in J Joll, *Europe Since 1870* (London, 1983), p194
[46] Keir Hardie, quoted in R Miliband, *Parliamentary Socialism* (London, 1975), p44. F an account of Kautsky's position, see M Salvadori, *Karl Kautsky and the Social Revolution 1880-1938* (London, 1979), pp183-185
[47] According to D Blackbourne, *The Fontana History of Germany*, p475
[48] Quoted in D MacIntyre, *The Great War, Causes and Consequences* (Glasgow, 1979), p6
[49] D MacIntyre, *The Great War*, p64
[50] D Blackbourne, *The Fontana History of Germany*, pp488-489
[51] For details, see D Blackbourne, *The Fontana History of Germany*, pp480, 482
[52] Figures given in J Kocka, *Facing Total War* (London, 1984), p23
[53] J Kocka, *Facing Total War*, p17
[54] D MacIntyre, *The Great War*, p61
[55] Quoted in W Allison and J Fairley, *The Monocled Mutineer* (London, 1986), p68
[56] For an account of this at Christmas 1916, see extracts from the diary of Lieuten William St Leger, in M Moynihan (ed), *People at War 1914-1918* (London, 1988), p
[57] There is a full account, based on interviews with participants, in W Allison an Fairley, *The Monocled Mutineer*, pp81-111

anslated in V I Lenin, *Collected Works*, vol 23 (Moscow, 1964), p253
ıown as St Petersburg before August 1914
ıe date is according to the Julian calendar still used in Russia at the time. According the reformed Gregorian calendar used in the West it was in March.
:cording to the testimony of Kayurov, mentioned in L Trotsky, *The History of the ıssian Revolution* (London, 1965), p121
A Smith, 'Petrograd in 1917: the View from Below', in D H Kaiser (ed), *The orkers' Revolution in Russia of 1917* (Cambridge, 1987), p61
ıoted in L Trotsky, *The History*, p181
N Sukhanov, *The Russian Revolution 1917* (Princeton, 1984), p77
Stone, *The Eastern Front* (London, 1975), p218
Stone, *The Eastern Front*, pp283-284, 291
ȝures and further details given in S A Smith, *Red Petrograd* (Cambridge, 1983), 10-12
e Bolsheviks took six seats, the Mensheviks seven, but the Menshevik seats were in ɔre middle class constituencies. See T Cliff, *Lenin, Volume 1: Building the Party* ondon, 1975), p325
this paragraph I am summarising a long history of activities and theoretical debates. -r a full account see T Cliff, *Lenin, Volume 1*. I Getzler, *Martov* (Melbourne, 1967), ɔvides a sympathetic account of the leading Menshevik.
ȝures given in T Cliff, *Lenin, Volume 2: All Power to the Soviets* (London, 1976), 148, 150.
ȝures quoted with sources in M Haynes, 'Was there a Parliamentary Alternative in 17?' in *International Socialism* 76, p46
ıth sets of figures given, with sources, in M Haynes, 'Was there a Parliamentary ternative in 1917?'
-r an account of some of these struggles, see S A Smith, Red Petrograd; T Cliff, *nin, Volume 2*, pp168-189
ıoted in N N Sukhanov, *The Russian Revolution*, p627-628
ıoted in N N Sukhanov, *The Russian Revolution*, p629
ȝures given with sources in S A Smith, *Red Petrograd*, p87
Lenin, *Collected Works*, vol 8 (Moscow, 1962), pp28-29
Lenin, *Collected Works*, vol 27 (Moscow, 1977), p98
-r an account of this 'insurrection', see J M Cammett, *Antonio Gramsci and the Origins of lian Communism* (Stanford, 1967), pp52-53
ıoted in P Nettl, *Rosa Luxemburg*, vol II (London, 1966), p689
A Smith, *Red Petrograd*, p243
-r details, see V Serge, *Year One of the Russian Revolution* (London, 1992), pp282
Serge, *Year One*, p245
Serge, *Year One*, p265
A Upton, *The Finnish Revolution, 1917-18* (Minnesota, 1980), p522, quoted in J ːes, 'In Defence of October', *International Socialism* 52, p33
:cording to J Joll, *Europe Since 1870* (London, 1990), p237
ır this, and further details of the revolution in German-speaking Austria, see F L ırsten, *Revolution in Central Europe 1918-19* (London, 1972), pp22-32

[88] For further details and sources on this, and other aspects of the German revolution, my book *The Lost Revolution, Germany 1918-1923* (London, 1982)
[89] According to Rosa Leviné-Meyer, who was in a Berlin hospital at the time. See *Leviné* (London, 1973), p80
[90] E Hobsbawm, *The Age of Extremes* (London, 1994), p68
[91] Quoted in E H Carr, *The Bolshevik Revolution*, vol 3 (Harmondsworth, 1966), pp135-
[92] Quoted in E H Carr, *The Bolshevik Revolution*, vol 3, p135
[93] Quoted in E H Carr, *The Bolshevik Revolution*, vol 3, p134
[94] Quoted in E Wigham, *Strikes and the Governmemt 1893-1981* (London, 1982), p53
[95] G H Meaker, *The Revolutionary Left in Spain 1914-1923* (Stanford, 1974), p134
[96] Quoted in G H Meaker, *The Revolutionary Left*, p141
[97] G H Meaker, *The Revolutionary Left*, p142
[98] G H Meaker, *The Revolutionary Left*, p143
[99] For accounts of this strike, see G H Meaker, *The Revolutionary Left*, pp158-161 165-168, and G Brennan, *The Spanish Labyrinth* (Cambridge, 1974), pp70-71. Me sees the outcome of the strike as a defeat for the workers, Brennan as 'inconclusive Pages, by contrast, describes it as 'a favourable outcome' for the workers. See *Andreu Nin, Su Evolución Política* (Madrid, 1975)
[100] I Turner, *Industrial Labour and Politics* (London, 1965), p194
[101] The whole story is brilliantly told in Erhard Lucas, *Märzrevolution 1920* (Frank 1974). For a precis of events, see my *The Lost Revolution*, ch 9
[102] P Spriano, *The Occupation of the Factories, Italy 1920* (London, 1975), p60
[103] P Spriano, *The Occupation of the Factories*, pp21-22
[104] Quoted in P Spriano, *The Occupation of the Factories*, p56
[105] The full text of his speech is given in R Leviné-Meyer, Leviné.
[106] Letter to Jacques Mesnil of April 1921, quoted in P Spriano, *The Occupation of Factories*, p132
[107] Quoted in P Spriano, *The Occupation of the Factories*, pp129-130
[108] A Rossi (pseudonym for Tasca), *The Rise of Italian Fascism* (London, 1938), p68
[109] A Rossi, *The Rise of Italian Fascism*, p74
[110] For a discussion of how real the revolutionary situation was in 1923, see my *The Revolution*, ch 13
[111] According to A Rossi, *The Rise of Italian Fascism*, pp82, 99
[112] A Rossi, *The Rise of Italian Fascism*, p126-127
[113] A Rossi, *The Rise of Italian Fascism*, p103
[114] Figures given by A Rossi, *The Rise of Italian Fascism*, p126-127
[115] A Rossi, *The Rise of Italian Fascism*, p148
[116] Quoted in A Rossi, *The Rise of Italian Fascism*, p145
[117] A Rossi, *The Rise of Italian Fascism*, p147
[118] A Rossi, *The Rise of Italian Fascism*, pp229-231
[119] G Carocci, *Italian Fascism* (Harmondsworth, 1975), p27
[120] G Carocci, *Italian Fascism*, p32
[121] See A D Harvey, *Collision of Empire* (Phoenix, 1994), p511
[122] The best account of these events is to be found in P Avrich, *Kronstadt 1921* (N Jersey, 1991)

[3] Lenin, *Collected Works*, vol 32 (Moscow, 1965), p24
[4] Quoted in M Schachtman, *The Struggle for the New Course* (New York, 1943), p150
[5] Lenin to the 11th Congress of the RCP(B) in V I Lenin, *Collected Works*, vol 33 (Moscow, 1976), p288
[6] See, for example, the diaries of Tom Jones, who was secretary to the cabinet, in T Jones, *Whitehall Diaries, vol III, Ireland 1918-25* (London, 1971)
[7] The 1921 figures, extracted from official statistics in R Palme Dutt, *Guide to the Problem of India* (London, 1942), p59
[8] J Chesneaux, *The Chinese Labor Movement 1919-27* (Stanford, 1968), p42
[9] J Chesneaux, *The Chinese Labor Movement*, p47
[0] See B Stein, *A History of India* (London, 1998), p297
[1] This description is from R Palme Dutt, *Guide*, p112; similar descriptions are to be found in B Stein, *A History*, p304, and M J Akbar, *Nehru* (London, 1989), pp116-118
[2] *India* in 1919, quoted in R Palme Dutt, *Guide*, p113
[3] For different accounts of this incident, see B Stein, *A History*, p309, and M J Akbar, *Nehru*, pp152-152
[4] Quoted in M J Akbar, *Nehru*, p154
[5] Hu Shih, extract from 'The Chinese Renaissance', translated in F Shurmann and O Schell, *Republican China* (Harmondsworth, 1977), p55
[6] Figures given in J Chesneaux, *The Chinese Labor Movement*, p11
[7] J Chesneaux, *The Chinese Labor Movement*, p156
[8] J Chesneaux, *The Chinese Labor Movement*, p293
[9] J Chesneaux, *The Chinese Labor Movement*, p325
[0] For details, see J Chesneaux, *The Chinese Labor Movement*, pp356-361: and H Isaacs, *The Tragedy of the Chinese Revolution* (Stanford, 1961), pp130-142. The rising also features as the backdrop to André Malraux's novel, *Man's Fate* just as the Hong Kong strike is the backcloth to his *Les Conquerants*
[1] For accounts of his coup, see J Chesneaux, *The Chinese Labor Movement*, pp311-313; and H Isaacs, *Tragedy*, pp89-110
[2] André Malraux's *Man's Fate* is set against the background of these events; the main figure ends up waiting to be thrown into a furnace by Chiang Kai Shek's forces.
[3] See the accounts of the period in R E Ruiz, *The Great Rebellion: Mexico 1905-24* (New York, 1982), pp120-122, and A Gilly, *The Mexican Revolution* (London, 1983), pp28-45
[4] R E Ruiz, *The Great Rebellion*, p58
[5] According to A Gilly, *The Mexican Revolution*, p37; for figures which suggest a similar picture, see R E Ruiz, *The Great Rebellion*, pp59, 63
[6] See L Trotsky, *The Third International After Lenin* (New York, 1957), and *Permanent Revolution* (London, 1962)
[7] Quoted in F Sternberg, *The Coming Crisis* (London, 1947)
[8] Quoted in J K Galbraith, *The Great Crash* (London, 1992), p95
[9] See the introduction to F Dobbs, *Teamster Rebellion* (New York, 1986)
[0] Quoted in J K Galbraith, *The Great Crash*, pp77-78
[1] Quoted in J Braunthal, *In Search of the Millennium* (London, 1945), p270. See also André Guerin's description of union leaders embracing the US model in France in the late 1920s, in A Guerin, *Front Populaire, Révolution Manquée*, (Paris, 1997), pp79-

80. Such expressions of optimism contrast with Eric Hobsbawm's claim that everyone could see the crisis had not gone away in the mid- to late 1920s. See E Hobsbawm, *The Age of Extremes* (London, 1994), p91

[152] Quoted by F Sternberg, *The Coming Crisis*

[153] See P Gay, *The Dilemma of Democratic Socialism* (New York, 1979)

[154] George Hicks to 1927 TUC conference, quoted in R Miliband, *Parliamentary Socialism*, p149

[155] See the account of Stalin and Bukharin's 1925 arguments in R B Day, *The 'Crisis' and the 'Crash'* (London, 1981), pp80-81

[156] For a resumé of Bukharin's 1928 arguments, see R B Day, *The 'Crisis' and the 'Crash'*, pp156-159. By this time Stalin had done another somersault and was claiming that the imminent breakdown of capitalism meant immediate insurrectionary possibilities for Western Communists —a view that was just as mistaken as Bukharin's.

[157] In his *Civilisation and its Discontents* of the 1920s, Freud seems to accept that the very notion of civilisation is incompatible with humans coming to terms with their instincts in a rational way.

[158] See, for instance, G Lukács, *The Historical Novel* (London, 1962) and Studies in *European Realism* (New York, 1964). Lukács sees the 'realist' novel before 1848 giving way on the one hand to mechanical naturalism, and on the other to subjectivist psychologism. This leads him to reject most 20th century literature out of hand. You can, however, accept his central insight without drawing this conclusion.

[159] See C P Kindelberger, *The World in Depression* (London, 1973), pp116-117, 124; see also L Corey, *The Decline of American Capitalism* (London, 1938), p184

[160] Figures in E H Carr, *The Interregnum* (London, 1984), p39

[161] Quoted in M Lewin, *Lenin's Last Struggle* (London, 1969), p12

[162] And even Trotsky did not challenge the decision immediately.

[163] The quotations here are given in J G Wright's translation of L Trotsky, *The Third International After Lenin* (New York, 1957), p36. An English translation of this edition of Stalin's work is to be found in the British Library.

[164] There are accounts of these protests in V Serge, *Memoirs of a Revolutionary*, and M Reiman, *The Birth of Stalinism: the USSR on the Eve of the 'Second Revolution* (London, 1987). I also once heard the late Harry Wicks describe his personal experience of them as a student at a Comintern training school in Russia.

[165] M Reiman, *The Birth of Stalinism*, p2

[166] M Reiman, *The Birth of Stalinism*, p12

[167] E H Carr and R W Davies, *Foundations of a Planned Economy*, vol 1 (London, 1969), p313

[168] Quoted in I Deutscher, *Stalin* (London, 1961), p328

[169] Figures given with sources in T Cliff, *Russia: A Marxist Analysis* (London, 1964), p33

[170] Figures, with sources, given in T Cliff, *State Capitalism in Russia* (London, 1988), p53

[171] Figures, with sources, given in T Cliff, *State Capitalism*, p42

[172] These figures are from R W Davies, 'Forced Labour Under Stalin: The Archive Revelations', in *New Left Review* 214 (November-December 1995)

[173] Figure calculated, with sources, in T Cliff, *State Capitalism*, p130

[174] Speech of Stalin in Moscow, 5 April 1927, quoted in H Isaacs, *Tragedy*, p162
[175] Figures given, with source, in P Frank, *Histoire de l'Internationale Communiste* (Paris, 1979), p634
[176] Figures given in E Rosenhaft, *Beating the Fascists, the German Communists and Political Violence, 1929-33* (Cambridge, 1983), pp44-45
[177] According to a party official cited in E Rosenhaft, *Beating the Fascists*, p45
[178] Figures from Rote Fahne, 2 February 1932, quoted in L Trotsky, *Fascism, Stalinism and the United Front, 1930-34* (London, 1969), p39
[179] W S Allen, *The Nazi Seizure of Power: The Experience of a Single German Town, 1930-35* (Chicago, 1965), p292
[180] A full breakdown of Nazi membership figures by class and age is to be found in J Noakes and G Pridham, *Nazism 1919-45, Volume 1, The Rise to Power 1919-34* (Exeter, 1983), pp84-87
[181] See, for instance, M H Kele, *Nazis and Workers* (North Carolina, 1972), p210. Mühlberger, who tries to deny the Nazis had a middle class base, admits that its appeal to workers was mainly among rival workers and the unemployed. See D Mühlberger, *Hitler's Followers* (London, 1991), pp165, 177, 205
[182] M Mann, 'As the Twentieth Century Ages', *New Left Review* 214, November December 1995, p110
[183] K Kautsky, 'Force and Democracy', translated in D Beetham, *Marxists in the Face of Fascism* (Manchester, 1983), p248
[184] R Hilferding, 'Between the Decisions', translated in D Beetham, *Marxists*, p261
[185] W S Allen, *The Nazi Seizure of Power*, p142
[186] A Schweitzer, *Big Business in the Third Reich* (Bloomington, 1963), p107
[187] J Noakes and G Pridham, *Nazism*, p94
[188] As is admitted by H A Turner, who is generally sceptical about claims that Hitler owed his rise to power to business support, in H A Turner, *German Business and the Rise of Hitler* (New York, 1985), p243
[189] A Schweitzer, *Big Business*, p95
[190] See A Schweitzer, *Big Business*, pp96-97, 100. Turner claims the major Ruhr industrialists were colder towards Hitler than journalistic accounts claim. But he does admit that Hitler addressed influential business audiences. See H A Turner, *German Business*, p172
[191] Quoted in F L Carsten, *Britain and the Weimar Republic* (London, 1984), pp270-271
[192] Even Turner cannot fault this account of the sequence of events. For further sources, see I Kershaw (ed), *Why Did Weimar Fail?* (London, 1990), and P D Stachura, *The Nazi Machtergreifung* (London, 1983). For an overview of all the arguments from a Marxist point of view, see D Gluckstein's excellent *The Nazis, Capitalism and the Working Class* (London, 1999), ch 3
[193] J Braunthal, *History of the International*, vol II (London, 1966), p380
[194] *Vorwärts* evening edition, 30 January 1933, quoted, for instance, in E B Wheaton, *The Nazi Revolution 1933-85* (New York, 1969), p223
[195] E Rosenhaft, *Beating the Fascists*, provides an excellent account of this.
[196] See A Merson, *Communist Resistance in Nazi Germany* (London, 1986), p29
[197] Quoted in J Braunthal, *History of the International*, p383

[198] A Merson, *Communist Resistance*, p61
[199] A Sturmthal, *The Tragedy of European Labour 1918-39* (London, 1944), p51
[200] A Sturmthal, *The Tragedy of European Labour*, p172
[201] Speech quoted by J Braunthal, a leading social democratic activist in Vienna at the time, in J Braunthal, *In Search of the Millennium*, (London, 1945) p280
[202] J Braunthal, *In Search of the Millennium*, p280
[203] Quoted in A Sturmthal, *The Tragedy of European Labour*, p176
[204] A Sturmthal, *The Tragedy of European Labour*, p177
[205] J Jackson, The Popular Front in France, *Defending Democracy 1934-38* (Cambridge, 1990), p28
[206] J Jackson, *The Popular Front in France*, p28
[207] J Jackson, *The Popular Front in France*, pp5-6
[208] The figures and the quote are from J Jackson, *The Popular Front in France*, p88
[209] Quoted in J Jackson, *The Popular Front in France*, pp10, 88
[210] According to J Damos and M Gibelin, *June '36* (London, 1986), p229
[211] According to J Jackson, *The Popular Front in France*, p112
[212] J Jackson, *The Popular Front in France*, p13
[213] Figures given in J Jackson, *The Popular Front in France*, pp219-220. See also J Danos and M Gibelin, *June '36*, p214
[214] For figures on numbers sacked and locked out, see J Danos and M Gibelin, *June '36*, p230
[215] G Orwell, *Homage to Catalonia*, (London, 1938)
[216] Quoted in P Broué and E Témime, *The Revolution and the War in Spain* (London, 1972), p82
[217] Description of the 1 May demonstration in P Broué and E Témime, *The Revolution*, p81
[218] Figures from a speech by Robles, given in P Broué and E Témime, *The Revolution*, p84
[219] See the accounts of what happened in the major towns in P Broué and E Témime, *The Revolution*, pp102-118
[220] P Broué and E Témime, *The Revolution*, p121
[221] The report of the meeting, by the anarchist leader Santillan, is translated in P Broué and E Témime, *The Revolution*, p130
[222] Report of his speech to a CNT gathering soon afterwards, in R Fraser, *Blood of Spain* (Harmondsworth, 1981), p112. For an account sympathetic to the anarchosyndicalists see J B Acarete, *Durutti* (Barcelona, 1975), pp176-179
[223] See the account of the war in the north in P Broué and E Témime, *The Revolution*, pp389-414
[224] This argument was used, for instance, by the German philosopher Heidegger to excuse his membership of the Nazi Party: 'To the severe and justified reproaches over "a regime that has exterminated millions of Jews, that has made terror a norm"...I can only add that instead of the "Jews" one should put the "East Germans" (letter to Herbert Marcuse, 20 January 1948), in R Wolin, *The Heidegger Controversy: A Critical Reader* (London, 1993), p163
[225] C K Kindelberger, *The World in Depression*, p233
[226] C K Kindelberger, *The World in Depression*, p272
[227] American Civil Liberties Union report quoted in A Preis, *Labor's Giant Step* (New York, 1982), p17

[228] A Preis, *Labor's Giant Step*, p45
[229] A Preis, *Labor's Giant Step*, p61
[230] See, for example, B J Widick, *Detroit, City of Race and Class Violence* (Chicago, 1972), p74
[231] B J Widick, *Detroit*, p64
[232] A Preis, *Labor's Giant Step*, p67
[233] A Preis, *Labor's Giant Step*, p67
[234] Quouted in A Preis, *Labor's Giant Step*, p70
[235] J T Farrell, *Selected Essays* (New York, 1964)
[236] R Ellison, *Invisible Man* (Harmondsworth, 1965), p404
[237] A H Hansen, *Economic Stabilisation* (New York, 1971), p76
[238] For figures and details, see T Mason, *Nazism, Fascism and the Working Class* (Cambridge, 1995), p114
[239] E Hobsbawm, *The Age of Extremes*, p144
[240] Quoted in J Anderson, *The United States, Great Britain and the Cold War, 1944-1947* (Missouri, 1981), p6
[241] A J P Taylor, *The Second World War* (Harmondsworth, 1976), p86
[242] Quote in J Anderson, *The United States*, p6
[243] G Kolko, *Century of War* (New York, 1994), p253
[244] Figures given in G Kolko, *Century of War*, p207
[245] This process of double-think is well described in Gunter Grass's novel, *The Dog Years*
[246] Quoted, for instance, in R Miliband, *Parliamentary Socialism*, p281
[247] According to figures in G Kolko, *Century of War*, p200
[248] P Ginsborg, *A History of Contemporary Italy* (London, 1990), p10
[249] P Ginsborg, *A History*, p67
[250] Quoted in G Kolko, *Century of War*, p294
[251] Quoted in G Kolko, *The Politics of War* (New York, 1970), pp114-115
[252] For a full account of these discussions see G Kolko, *The Politics of War*, pp346-347
[253] Quoted in G Kolko, *Century of War*, p297
[254] For one account of his press conference, see G Kolko, *Century of War*, p297
[255] See, for instance, G Kolko, *Century of War*, pp187-188
[256] See D Eudes, *The Kapetanios* (London, 1972), p172
[257] For a full description, see D Eudes, *The Kapetanios*, pp190-191
[258] See, for instance, G Kolko, *Century of War*, pp278-279, and *The Politics of War*, pp185-192
[259] Description of the meeting at which he said this, in D Eudes, *The Kapetanios*, p216
[260] Quoted in D Eudes, *The Kapetanios*, p229
[261] Quoted in G Kolko, *Century of War*, p375
[262] P Ginsborg, *A History*, p46; E Hobsbawm, *The Age of Extremes*, p168
[263] G Kolko, *Century of War*, p306
[264] A Horne, *A Savage War of Peace: Algeria 1954-62* (Harmondsworth, 1979), p25
[265] China was (and is) the fifth permanent Security Council member. But its seat was occupied by Chiang Kai Shek's Kuomintang, even after it fled mainland China to establish a US client regime in Taiwan. It was not until the 1970s that China proper was able to take the seat.

[266] Report on contents of recently unearthed documents, in the *Guardian*, 2 October 1998
[267] Quoted in D Horowitz, *From Yalta to Vietnam* (Harmondsworth, 1967), pp70, 73
[268] See I H Birchall, *Workers Against the Monolith* (London, 1974), p62, and P Ginsborg, *A History*, pp110-112
[269] According to the Czechoslovak Communist Party journal, *Nova Mysl*, nos 6-7, 1968
[270] A Crosland, *The Future for Socialism* (London, 1956), p115
[271] A Crosland, *The Future for Socialism*, p115
[272] B Stein, *A History*, p327
[273] B Stein, *A History*, p336
[274] According to B Lapping, *End of Empire* (London, 1985), p356
[275] There are differing accounts of the mutiny in M J Akbar, *Nehru*, p369, and B Stein, *A History*, p360
[276] See M J Akbar, *Nehru*, pp381-382
[277] Now Zambia, Zimbabwe and Malawi
[278] Quoted in B Lapping, *Empire*, p106
[279] *Daily Telegraph*, 28 September 1953, quoted in P Foot, *The Politics of Harold Wilson* (Harmondsworth, 1968), p111
[280] M C Kaser, *An Economic History of Eastern Europe* (London, 1986), p9
[281] Quoted in M Haynes and P Binns, 'Eastern European Class Societies', *International Socialism* 7 (Winter 1979)
[282] M Jaenicker, *Der Dritte Weg: Die Anti-Stalinistische Opposition gegen Ulbricht seit 1953* (Cologne, 1964), p51
[283] For a full account of these events, see chapter 6 of my *Class Struggles in Eastern Europe* (London, 1984)
[284] P Fryer, *Hungarian Tragedy* (London, 1956), p46
[285] According to Hungarian official documents, summarised in G Litvan (ed), *The Hungarian Revolution of 1956* (London, 1996), p144
[286] For the most comprehensive collection, see B Lomax, *Hungarian Workers' Councils of 1956* (New York, 1990). A much earlier collection, including transcripts of radio broadcasts, is M J Lasky (ed), *The Hungarian Revolution* (London, 1957). See also S Kopacsi, *In the Name of the Working Class* (New York, 1986), and for a brief account of the dynamics of the revolution, chapter 7 of my *Class Struggles in Eastern Europe*
[287] G Litvan (ed), *The Hungarian Revolution*, pp126-127
[288] According to J L Anderon, *Che Guevara* (New York, 1997), p216
[289] D Seers and others, Cuba: the Economic and Social Revolution (North Carolina, 1964), p20
[290] E R May and P D Zelikow (eds), *The Kennedy Tapes: Inside the White House during the Cuban Missile Crisis* (Harvard University Press, 1998)
[291] Quoted in D Halberstam, *The Best and the Brightest* (London, 1970), p78
[292] Figures given in J Deleyne, *The Chinese Economy* (London, 1973), p59
[293] See the manifesto 'Whither China?' of the Sheng-wu-lien, translated in *International Socialism* 37 (first series)
[294] According to J Deleyne, *Chinese*, p59
[295] D Bell, *The End of Ideology* (Illinois, 1960), p84
[296] H Marcuse, *One Dimensional Man* (London, 1964), ppxi-xii

[297] For the Cordobazo of May 1969, see R Falcon and B Galitelli, *Argentina: from Anarchism to Peronism* (London, 1987), pp171-174

[298] For a fuller discussion of these issues, see the appendix to my *Explaining the Crisis*

[299] I have given a bare summary here of much longer arguments. For a popular presentation of these, see my book *Economics of the Madhouse*. For a more technical accounts, see my *Explaining the Crisis*

[300] According to W Hutton, *The State We're In* (London, 1994), p19

[301] For a full account of these events, see chapter 9 of my book, *Class Struggles in Eastern Europe*

[302] Numerical breakdown of 'adjusting' economies given by R Sobhan, 'Rethinking the Market Reform Paradigm', *Economic and Political Weekly* (Bombay), 25 July 1992

[303] Quoted in J Petras and M Morley, *Latin America in the Time of Cholera* (New York, 1992), p14

[304] Food and Agricultural Organisation, *The State of Food and Agriculture 1991*

[305] See, for example, figures in the Observer, 6 December 1998

[306] Moroslav Holub, quoted in the *Guardian*, 12 March 1999

[307] World Bank, *World Development Report 1991*, pp4-5

[308] S Brittan, *Financial Times*, 10 December 1992

[309] J M Stopford and S Strange, *Rival States, Rival Firms* (Cambridge, 1991), p1

[310] For a detailed account of the negotiations, see M Mohanty, 'Strategies for Solution of Debt Crisis: an Overview', *Economic and Political Weekly* (Bombay), 29 February 1992

نتيجو

زماني جووهم

20 صديءَ جي ابتدا ترقيءَ جي اٽتر عمل بابت هڪ وڏي هلڪي سُر سان ٿي. مثالن سان سمجهايل برنشٽائين جي اڳڪٿين موجب جمهوري عمل وڌندو برابري وڌندي ۽ گهڻ رخي خوشحالي ٿيندي. اهو موضوع وري 1950ع جي وچ ۽ 1960ع جي ابتدا ۾ اينٿني ڪراسليند جهڙن سياستدانن، ڊينئل بيل جهڙن سياسي نظريدانن ۽ پال سميوئلسن جهڙن معيشيتدان جي لکڻين ۾ بيان ڪيو ويو. اها ڳالهه وري 1990ع ۾ نمودار ٿي، جڏهن فرانسس فوڪوياما 'تاريخ جي پڇاڙيءَ' جو اعلان ڪيو ۽ 1990ع جي پوئين عرصي تائين ان ڳالهه تي زور ڏنو. اينٿني گڊين جو خيال هو ته. ڪاٻي ۽ ساڄي ڌر جون سڃاڻپون ماضيءَ جو قصو آهن. جيڪڏهن سيني ممڪن بهترين دنيائن ۾، سيني لاءِ هر شيءِ بهترين هجڻ موجود ناهي ته پوءِ سڀ نه ته ڪجهه تبديليون آڻجن ۽ ائين ئي ٿيندو.

ان باوجود هن صديءَ جي مختلف وقتن ۾ انسانذات جي وڏن حلقن جي زندگيءَ جي حقيقت ايتري ئي پيانڪ ۽ ڊيڄاريندڙ رهي، جيتري شايد ڪڏهن سموري تاريخ ۾ رهي هجي. ترقيءَ جي اڳتي وڌندڙ سفر پهرين عالمي جنگ جي رتوڇاڻ، 1930ع جي ابتدا ۾ وڏي مفلسي، ڳچ يورپ مٿان نازي ازم ۽ فاشزم جي پکيڙ، روسي گلاگ، شنگهائي ۽ نيننڪنگ مٿان جاپاني ڪاهه، 1940ع ۽ 1945ع جي وچ ڌاري ڳچ يورپ جي بربادي، بنگال جو ڏڪار، هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ جي بربادي، ويٽنام خلاف 30 سالن جي جنگ ۽ الجيريا خلاف نون سالن جي جنگ، ايلسلواڊور، گوئيٽي مالا ۽ ارجنٽائين ۾ موتمار جٿن هٿان هزارين ماڻهن جو قتل عام ۽ ڪروشيا، بوسينيا، تاجڪستان، انگولا، ايٿوپيا، لائبيريا، سيراليون ۽ افغانستان جي خونخوار گهرو جنگين ۾ لکين ماڻهن جي موت کي جنم ڏنو. صنعتي ترقي پڻ گهٽو ڪري جنگ جي مشين طور ڪم آئي، يا انتهائي دهشتناڪ انداز ۾ انساني قتل عام جي مشين رهي. ان سموري عرصي باوجود صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين دنيا جي تصوير ڪا گهٽي پراميد نه هئي. اولهه يورپ ۽ اتر آمريڪا کان ٻاهر سڄا سارا ملڪ، جن 'پهرين دنيا' جي برابر معيار زندگيءَ جون اميدون ڪيون، تن جا خواب مرجهائجي ويا مثال طور، ارجنٽينا، ميڪسيڪو، وينزويلا، برازيل ۽ روس وغيره. آفريڪا جي سڄي ڪنڌ پنهنجو پاڻ کي هڪ پيرو وري تاريخ کان ٻاهر ٿيندي ڏٺو ڇاڪاڻ ته اُتي 30 سالن دوران في ماڻهو آمدني بلڪل ڪِري پئي. مسلسل گهرو جنگ انگولا، سيراليون، لائبيريا، تاجڪستان،

افغانستان، ڪانگو زائر کي تباهه ڪندي رهي. ’نسل ڪشي‘ جو لفظ جيڪو 1930ع ڌاري نازي ازم جي ظلمن لاءِ ڪتب آندو ويو 1990ع جي ڏهاڪي دوران ٿيل گهرو جنگين ۾ ’نسلي صفائي‘ جي اصطلاح جو اضافو ٿيو.

ايتريقدر جو ترقي يافته صنعتي ملڪن اڻ ڪٿ دولت، اڻ ڪٿ تفريح ۾ طبقاتي فرقن جي آهستي آهستي ختم ٿي وڃڻ جا واعدا ڪيا. جيڪي 1890ع ۾ وري 1950ع جي ڏهاڪن ۾ انتهائي عام ڳالهيون هيون، سي خيالي ثابت ٿيون. اڪثر معيشتن ۾ اڪثر سالن دوران توريل تڪيل معاشي پيداوار جاري رهي، پر 1950ع ۾ 1960ع جي ڏهاڪن جي ڊگهي چاڙهه دوران شرح فقط اڌ رهي. ۽ انهن اُپارن اڪثر عوام جي معيار زندگيءَ ۾ بهتريون نه آنديون.

آمريڪا ۾ گذريل صديءَ جي آخري چوٿائيءَ دوران ڪلاڪن جي اجرتن ۾ لڳاتار گهٽ يا وڌ لاٿ ٿي. يورپ ۾ انگ اڪر اصل اجرتن ۾ واڌ کي مسلسل ظاهر ڪن ٿا، پر شاهديون ٻڌائين ٿيون ته انهن اضافن کي ڪم جي بدلجندڙ نموني سان جڙيل وڌندڙ اٽسڏين قيمتن (گهر کان ڪم تائين ڊگهن سفرن، ٽرانسپورٽ جي وڌندڙ قيمتن، فاسٽ فوڊ ۾ ڄميل کاڌي تي وڌيڪ ڀاڙڻ، صحت جي سهولتن تي وڌايل قيمتن) ذريعي هڙپ ڪيو ويو. ’پائيدار فلاح واري فهرست‘ ٻڌائي ٿي ته، اها گهٽ يا وڌ مسلسل طور تي 1950ع کان وٺي 1970ع تائين وڌي ۽ پوءِ وري لاٿ شروع ٿي.[1] عوام جي زندگيءَ ۾ يقينن ڪا خاصيتي بهتري نه ٿي جيئن 1950ع ۾ 1960ع ڌاري تجربو ڪيو ويو. ساڳئي وقت، روزگار سان لڳل ماڻهن مٿان گهڻو ۽ سخت ڪم ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وڌي ويو. سرسري آمريڪين 1976ع جي ڀيٽ ۾ 1996ع ۾ 164 ڪلاڪ وڌيڪ ڪم پئي ڪيو يعني: هڪ سال جو هڪ پورو مهينو.[2] ڏيهاڙي ٿيندڙ جائزن مان ظاهر ٿيو ته ماڻهو ڪم جي وقت وڌيڪ دٻاءُ هيٺ محسوس ڪن ٿا. ايتريقدر جو ’بحالي‘ جي دورن ۾ به اقتصادي ٻاڙائي جي ورجاءَ ۽ روزگار مان مسلسل ماڻهو ڪيڻ وارن عملن عوام منجهه سندن مستقبل بابت عدم تحفظ کي جنم ڏنو جيڪو 1930ع جي ڏهاڪي کان وٺي نه هو. مُک ڌارا جي سياسي پارٽين جن 1970ع ڌاري چيو هو ته عدم تحفظ ماضيءَ جي ڳالهه آهي تن 1990ع ڌاري زور ڏنو ته اُهي ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهن. ڇاڪاڻ ته اهو ’نئين عالمي معيشت‘ جو حصو آهي (پراڻي ڪاهي ڌر جي هڪ اڻ تسليم ٿيل اصطلاح ’بينالاقوامي سرمائيداري‘ جي وري ڳالهه ٿيڻ لڳي).

ٽين دنيا جي ڪشادن حصن ۾ وڌندڙ غربت ۾ اڳوڻين ڪميونسٽ دنيائن ۾ اوله ۾ وڌندڙ عدم تحفظ جو هڪ ٻيو پاسو اهو هو ته دولت حڪمران طبقن جي ڪجهه هٿن ۾ ڪٺي ٿيڻ لڳي. 1990ع تائين اٽڪل 348 ارب پتين جي ڪُل دولت انسانذات جي اڌ آمدنيءَ برابر هئي. 1999ع ۾ گڏيل قومن جي انساني ترقيءَ بابت رپورٽ ٻڌائي سگهي ته دنيا جي امير ترين 200 ماڻهن چئن سالن ۾ پنهنجي دولت کي ٻيڻو ڪيو هو.[3] 1960ع جي

آخر ۾ دنيا جي آباديءَ جي اميرترين ۽ غريب ترين جي وچ ۾ وٿي 30 ۽ 1 تي بيٺي هئي، 1990ع ۾ اهو فرق 60 ۽ 1 ۽ 1998ع ۾ فرق 74 ۽ 1 تائين پهتو. اڪثر امير ماڻهو سُڌريل ملڪن ۾ آهن. 1980ع ۾ سڀ کان وڏين 300 آمريڪي ڪارپوريشنن جي سنياليندڙن ۽ انتظام هلائيندڙن جي آمدني ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ سرسري پورهيت جي اجرت کان 29 هوڻ تي وڌيڪ هئي. 1990ع ۾ اها 93 ڀيرا وڌيڪ هئي، پر ساڳيو لقاءُ دنيا ۾ ٻين هنڌ ٻه هو جتي غريب ترين ملڪن ۾ حڪمران طبقي جي سنهي پرت دنيا جي انتهائي امير طرز واري زندگي پئي جيئي ۽ اولهه جي بئنڪن ۾ اربين ڊالر رکيل اٿن. چاڪاڻ ته سندن ملڪن ۾ ڪا ٻه سماجي اٿل پٿل ٿي پئي سگهي، تنهنڪري ڪين ضمانت گهرجي. هر هنڌ سماجي بحران ڏانهن سندن ردعمل وڌيڪ دولت ڪٺي ڪرڻ هو ته جيئن پنهنجو پاڻ کي انهن اثرن کان بچائين. پلي پوءِ سماج جو بنياد ڪوڪلو ٿيندو رهي. رياستي ٽيڪسن کان آجپي دولتمند فردن کي وڏائي چڙهيو ۽ اهو سلسلو سرمائيداريءَ کان اڳ وارن طبقاتي سماجن کان ٿيندڙ بحران سان گڏ هلندو پيو اچي، اهو عمل بحران لاءِ ڊگهي مدي واري رجحان کي شديد بڻائي ٿو. 20 صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ سرمائيدار طبقاتي سماج جي خاصيت رياستي ڪمن تان هٿ ڪڻڻ ۽ انهن کان آجو ٿيڻ واري هئي، جنهن جا ڊگهي مدي تائين اٿتر اثر ٿيا.

عدم تحفظ ۽ بحرانن جي ورجاءَ سان گڏ هڪ ٻيو عنصر پڻ پيدا ٿيو جيڪو ٻي عالمي جنگ کانپوءِ بظاهر بندش هيٺ رهيو. يعني فاشزم ۽ نازي ازم جون ڪيتريون صورتون نمودار ٿيڻ لڳيون. 'اقتصادي بحاليءَ' وارن دورن ۾ پڻ اها ڳالهه بلڪل روايتي ٿي وئي. فرانس ۾ لي پين ۽ آسٽريا ۾ هيڊر جهڙين ساڄي ڌر جي شخصيتن کي 15 سيڪڙو ووٽ مليا ۽ ايندڙ وڏي بحران جي شروع ٿيڻ سان کين ويتر وڌيڪ موٽ جي توقع ٿيڻ لڳي. مُک ڌارا جي سياسي پارٽين ۾ عام ڳالهه ٿي وئي ته، اهي ٻه نسل پرستيءَ ۽ نسلي فرق جي ٻوليءَ جي تجارت ڪن، ته جيئن ووٽ کٽن ۽ سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽيون پنهنجي اليڪشني پڪڙ کي برقرار رکڻ جي ڪوشش طور ان کي تسليم ڪرڻ لڳيون.

سوشلزم، بربريت ۽ 21 صدي

روزا لڪسمبرگ 1915ع ۾ پهرين عالمي جي وچ ڌاري لکندي، اينگلس جو هڪ جملو ياد ڏياريو ته 'سرمائيداري سماج وٽ هڪ چونڊ آهي، يا ته سوشلزم ڏانهن اڳتي وڌي يا بربريت ڏانهن واپسي ڪري' هوءَ لکي ٿي ته، 'اسان انهن جملن کي مسلسل پڙهيو ۽ ورجايو آهي.'

'اسين هڪ حيران ڪندڙ مسئلي آڏو بيٺا آهيون، يا ته سامراجيت جي سوڀ ۽ سموري ثقافت جي بربادي، ۽ ائين جيئن قديم روم ۾ ٿيو آباديءَ جو گهٽجي وڃڻ، ويراني،

زوال، قبرستان، يا سوشلزم جي فتح. سامراجيت خلاف پورهيتن جي شعوري جدوجهد.... اهو عالمي تاريخ جو مونجهارو آهي، ان جي اٽڪر چونڊ جنهن جا دائرا طاقت جي توازن کي ڏڪائين پيا.... انسانذات ۽ ثقافت جي مستقبل جو انحصار ان چونڊ تي آهي.[4]

انهن لفظن ۾ هن زوردار نموني سرمائيداريءَ هيٺ اٽڪر ترقيءَ جي وهم ۽ خوشفهميءَ کي للڪاريو آهي. روزا ساڳيو نقطو پيش پئي ڪيو جيڪو مارڪس ۽ اينگلس 'ڪميونسٽ پڌرنامي' ۾ بيان ڪيو هو جڏهن انهن نشاندهي ڪئي ته، سماج جي تبديليءَ جو تاريخي متبادل هڪ نئين پيدا ٿيل طبقي هٿان 'جهيڙيندڙ طبقن جي باهمي خاتمي' ۾ آهي. جيئن اسان ڏٺو آهي ته ائين فقط اولهه ۾ رومن سلطنت جي زوال سان نه ٿيو پر اوائلي 'اونداهن دورن' سان. يوريشيا جي اوائلي ڪانجهي واري زماني، ميڪو-آمريڪي ٿيوٽياڪن ۽ مايا تهذيبن ۾ 11 صديءَ ۾ عباسيه عراق جي بحران سان به ٿيو. ائين مصر ۾ به هزار قبل مسيح ۾، چين ۾ 12 هين عيسوي صديءَ ۾ ۽ يورپ جي 14 هين صديءَ ۾ ٿيو. روزا لڪسمبر گ عالمي جنگ کي اهڙين تباهين جي نئين سر ٿيڻ طور ڏٺو. 'هن جنگ ۾ سامراجيت سوياري ٿي آهي. ان جي وحشي تلوار ناقابل برداشت بربريت سان شرم ۽ مصيبت جي پاتال تائين گهڙي وئي'.[5]

ليون ٽراٽسڪيءَ 1921ع ۾ ساڳي ڳالهه ڪئي :

انسانذات سدائين ڪان چاڙهه واري وڪڙ سان ترقي نه ڪئي آهي. جمود ۽ وري بربريت ڏانهن واپسيءَ جا ڪيترائي ڊگها عرصا موجود رهيا آهن. سماج پنهنجو پاڻ کي چاڙهين ٿا، هڪ مخصوص سطح ماٿين ٿا ۽ ان کي برقرار رکي نه ٿا سگهن. انسانذات پنهنجي حيثيت برقرار نه ٿي رکي سگهي، ان جو توازن ناپائيدار آهي، هڪ سماج جيڪو اڳتي نه ٿو وڌي سگهي، سو پٺتي هٽندو ۽ جيڪڏهن ڪو طبقو ان کي اڳتي بلنديءَ ڏانهن نه ٿو وٺي وڃي سگهي، ته اهو ٽٽي ختم ٿي ويندو ۽ بربريت لاءِ رستو کوليندو.[6]

ٽراٽسڪيءَ جي چوٿين انٽرنيشنل جو بنيادي دستاويز جيڪو نئين سر شروع ڪيل عالمي جنگ واري شام وقت لکيو ويو تنهن تلخ نموني متبادل پيش ڪيو 'سوشلسٽ انقلاب ڪانسواءِ ايندڙ تاريخي دور انسانذات جي سڄي ثقافت کي شديد خطري ۾ وجهي ڇڏيندو'.[7]

چند ٻين مفڪرن وانگر ٻئي لڪسمبر گ ۽ ٽراٽسڪي 20 هين صديءَ جي سرمائيدار معاشري جي چريائپ واري منطق دوران موجود رهيا. طريقو جنهن ۾ پيداوار جون قوتون تباهيءَ جي قوتن ۾ بدلجي ويون ۽ انساني تخليق کي غيرانساني دهشت جي ور چاڙهيو ويو. 17 هين يا توڙي 14 صدي ڪان وٺي. گهٽ ۾ گهٽ يورپ ۾، هن صديءَ جهڙي بربريت ڪڏهن نه ٿي. جيڪڏهن هيءَ صدي لڪسمبر گ ۽ ٽراٽسڪيءَ جي اڳڪٿين کي پورو نه ڪري ها، يعني ثقافت ۽ تهذيب جي مڪمل خاتمي کي، تڏهن به اينگلس ۽ لڪسمبر گ طرفان استعمال ڪيل لفظ جي تز مفهوم ۾ بربريت جي دورن ڏانهن مسلسل چڪر لڳندا رهيا. حڪمران ته پنهنجي طاقت کي ميڙائڻ لاءِ سماج کي غرق ڪرڻ لاءِ تيار هئا.

روسي گهرو جنگ دوران اچيءَ فوج جو رويو ٻي عالمي جنگ ۾ پنتي هتندڙ نازي فوجن طرفان مڪمل نسل ڪشي واري مهم ۾ سرد جنگ وقت پنهي ڏرين طرفان نيوڪليئر اوزار پکيڙڻ ۾ هڪٻئي کي هدف بڻائڻ لاءِ مقرر ڪرڻ. جيڪي شايد دنيا کي تابڪاري ريگستان ۾ بدلائي ڇڏين ها. صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ سڄي آفريقا، ڪاڪاسس ۽ مرڪزي ايشيا جي علائقن کي ساڳي منطق ۾ ڦاسندي ڏٺو هڪٻئي جون حريف فوجون ڪٻئي جو قتل عام ڪرڻ ۾ شهري آبادين جي ڦرلٽ ۾ جنبي ويون. ڇاڪاڻ تہ اُهي ام اقتصادي ۽ سماجي زوال جي وچ ۾ دولت لاءِ وڙهيا پئي. انهيءَ ڏهاڪي جنگ ۽ تصادي بحران جي پراڻن خطرن سان گڏ نوان خطرا پڻ ظاهر ڪيا.

سڀ کان وڏيڪ ڊرامائي آبهوائي تباهي آهي. طبقاتي سماجن ۾ سدائين اهو جحان رهيو آهي تہ اُهي پنهنجين آبادين کي برقرار رکڻ لاءِ ماحول مٿان شديد دٻاءُ جهن ٿا. سرمائيداريءَ کان اڳ وارن طبقاتي سماجن جي تاريخ، هڪ مخصوص نقطي ڪانپوءِ، ڏڪارن ۾ مڪمل آبادين جي زوال جي تاريخ آهي، جن کي لالچي حڪمران لبقا ۾ ڳاتي توڙ ادارن جو بارُ پيدا ڪري ٿو. اقتصادي تحرڪ جيڪو سرمائيداريءَ جي خاصيت آهي، ان ايڏي تيز رفتاريءَ سان ڪم ڪيو جو ناڪاري آبهوائي نتيجن نهنجو پاڻ محسوس ڪرايو. 19 هين صديءَ جي سرمائيداريءَ پورهيت طبقن جي رادرين سان ڇا پئي ڪيو ڊڪنس ۽ اينگلس جهڙن ماڻهن ان داستان سميت آلوده ٽيل آبهوا، وبائي بيمارين، وڏيل آبادي ۽ غيرخالص کاڌي جي تفصيلن تي پڻ روشني ڏي. پر ان وقت جڏهن سڄي دنيا ۾ صنعتي سرمائيداري پيداوار ۾ هڪ ڪروڙ کن ماڻهو شامل هئا، تڏهن آبهوا جي بربادي هڪ مقامي مسئلو هو. مثال طور، مانچسٽر جي دونهي، دنيا کي تہ ٺهيو پر سڄيءَ برطانيا کي متاثر نہ پئي ڪيو. 20 هين صديءَ ۾ سڄي دنيا سرمائيداريءَ جي پکيڙ صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين ڇهہ ارب يا ان کان وڌيڪ ماڻهن کي هنجي پاڪر ۾ پڪوڙي ورتو ۽ ماحولياتي تباهيءَ کي هڪ عالمي مسئلي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. 1998ع جي سال ۾ هڪ مستند رپورٽ ٻڌائي ٿي تہ، 'ايترو بدترين نقصان ٿيو آهي، جو ان کان اڳ ڪڏهن بہ نہ ٿيو'. 25 ملين ماڻهو مهاجر ٿيڻ تي مجبور يا. 'پهريون ڀيرو اهو تعداد انهن ماڻهن کان وڌيڪ هو جن کي جنگ دربدر ڪري ڇڏيو و'.[8] هڪ ارب انسان بنا رٿابنديءَ ڪچن ۽ جهڳين نما شهرن ۾ رهيا پئي ۽ دنيا تيز نتار وڌندڙ شهرن منجهان 40 شهر زلزلي واري زون وٽ واقع هئا ۽ اجان بدترين هاچا ٻڻا هئا. پر ان رپورٽ ۾ ڇاٽايل مسئلا ايترا نہ هئا ۽ نہ ئي اهو ان جو انت هو. ڪاربان ڊاءِ ڪسائيڊ جو وڌندڙ مقدار 'گرمي پد' کي وڌائي، ڌرتيءَ کي تپائڻ لڳو جنهن ڪري قابل اڳڪٿي موسمي تبديليون ٿيڻ لڳيون، جن وڏا طوفان آندا ۽ ساموندي سطحن کي ائي ساموندي پٽيءَ وارن وڏن علائقن ۾ ٻوڏون آڻي ڇڏيون. ريفريجريٽرن ۾ استعمال يندڙ CFC اوزن تهہ کي کائڻ لڳي، جنهنڪري چمڙيءَ جي ڪينسر ۾ واڌ ٿي. جانورن

جي کاڌ خوراڪ ۾ شامل اينٽي بائيوٽڪ دوائن سبب انساني بيمارين کي ٺيڪ ڪرڻ وارو اينٽي بائيوٽڪ دوائن جو اثر گهٽجي ويو. جينياتي طور تي تبديل ٿيل فصلن جي بي روڪ استعمال کاڌ خوراڪ جي سڄي ڪڙيءَ لاءِ خطرو پيدا ڪري ڇڏيو. اهڙيون حقيقي ۽ امڪاني ماحولياتي تباهيون فطري نه هيون. جن 12 هين صديءَ ۾ عراق جي کاڌ خوراڪ جي رسد کي برباد ڪري ڇڏيو هو يا جن 14 هين صديءَ ۾ سڄي يورپ ماڻهن کي بُکون ڪاٽڻ تي مجبور ڪيو. اهي تبديليون ته ماحول سان انساني لاڳاپي جي مخصوص انداز سبب سڄي دنيا ۾ ٿيڻ لڳيون.

سرمائيداريءَ هيٺ 19 هين صديءَ جي ننڍي پيماني جي صنعت ۽ 20 هين صديءَ جي آخر ۾ گهڻ قومي وڏا ادارا ۽ رياستي ادارا سرمائي جي ڇتاپيڻيءَ ذريعي (فطرت سان اهو لاڳاپو طئي ڪن ٿا. ڇتاپيڻي، پيڻ نتيجن جو خيال رکڻ کانسواءِ، ان لاڳاپي جي نئين، وڌيڪ پيداواري ۽ وڌيڪ منافعي بخش صورت جي مسلسل ڳولا ڪرائي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن رياستون ان سڄي عمل کي هلائڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون، پر اُهي رياستون پنهنجو پاڻ قومي طور تي قائم ادارن جي مفادن کي اڳتي وڌائڻ جي سندن (سرمائيداراڻي) خواهش هٿان ائين ڪن ٿيون. سرمائيدار اڪثر ڪري پاڻ چوندا رهيا آهن ته، قانون هيٺ باقائدگيءَ سان رياست طرفان ادارا هلائڻ ناممڪن آهن. ڇاڪاڻ ته ان سان مقامي طور تي قائم ادارن طرفان پرڏيهي مقابلي ڪندڙن سان ڇتاپيڻي ڪرڻ جي صلاحيت گهٽجي وڃي ٿي، ۽ جڏهن رياستون مداخلت ڪن ٿيون، تيستائين نقصان اڳئي ٿي چڪو هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته (سرمائيداريءَ هيٺ اقتصادي رٿابنديءَ جو) اهڙو ڪو به ٻيو طريقو ناهي، جنهن سان رياستي عملدار هر صنعتي نواڻ جو انداز لڳائي سگهن ۽ ان جي وسيع اثرن جي اڳڪٿي ڪري سگهن.

20 هين صديءَ جي آخر تائين ايڏا خطرناڪ نتيجا نڪتا جو ماڻهن منجهه اهو رجحان پيدا ٿيڻ لڳو ته، انهن سموري سائنس ۽ سموري ٽيڪنالاجيءَ کي پُٺ ڏئي ڇڏي. ان باوجود گذريل صديءَ جي ٽيڪنالاجيز کانسواءِ دنيا جي آباديءَ کي کارائڻ جو ڪو ٻيو گس نه هو ٻيو ته ٽيڪنالاجيءَ بُکن ۽ گهٽي ڪم کان به بچائي ورتو جيڪي طبقاتي سماج جي پيدائش کان وٺي اڪثر عوام جي ڳچيءَ ۾ پيل هئا. گڏوگڏ ماڻهن ۾ پراڻي رجعت پرست مالٿس جي دليل کي قبولڻ جو رجحان پڻ هو ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته ماڻهو تمام گهڻا وڌي ويا آهن. يا گهٽ ۾ گهٽ 30 يا 40 سالن ۾ دنيا جي آبادي ٻيڻي ٿي وئي آهي. جيتوڻيڪ مالٿس جي زماني کان وٺي انساني تعداد ۾ انوڻ تي واڌ ٿي آهي، پر گڏوگڏ کاڌ خوراڪ جي رسد ۾ پڻ انوڻ تي واڌ ٿي آهي. جيڪڏهن آفريقا، ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا ۾ ماڻهو بُکون ڪاٽين ٿا ته، اها کاڌي جي کوٽ ناهي، پر ان جي طبقاتي بنيادن تي ورڇ آهي.

انسانن جو مسئلو ٽيڪنالاجي يا انساني تعداد ناهي، پر اهم ڳالهه هيءَ آهي ته

موجوده سماج ٽيڪنالاجيءَ جو عوامي استعمال ڪيئن ٿو ڪري. دنيا آسانيءَ سان پنهنجي هاڻوڪي آباديءَ کي پيٽ ڀرائي سگهي ٿي، پر اها ڀاڻ وارين انجڻن جي وڏي تعداد کي برداشت نہ ٿي ڪري سگهي، جيڪي ڏيهاڙي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ خارج ڪن ٿيون، پر فقط وڏين تيل ۽ موٽر ڪارخانن جي منافعي بخش گهرجن جي مفادن ڪارڻ اهڙين ڪيو وڃي ٿو. انسانذات پنهنجي بقا کي جاري رکڻ ۽ گهربل حالتن لاءِ پابندي تحت ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال ڪري، حقيقي انساني ضرورتن جو پوراءُ ڪري، نہ کي مقابلو ڪندڙ سرمائي جي انڌي انبار جي تابع هجڻ گهرجي.

چنانچہ پيٽيءَ واري انبار لاءِ ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال ان کي جنگين ۾ بہ ڪتب آڻي ٿو. 1990ع ڌاري فوجي ٽيڪنالاجي جنهن اسان کي پهرين عالمي جنگ ۾ اولهندي محاذ تي رتوچاڻ ۽ ٻي عالمي جنگ ۾ اوڀر واري محاذ ۽ هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ جي بربريت ڏني، سا بلڪل اوائلي لڳي پئي.

هڪ طرف اربين ڊالر فوجي سامان جي سرشتن تي خرچ ڪيا وڃن ٿا. آمريڪا 1950ع ڌاري سرد جنگ جي انتها وقت معمول کان وڌيڪ خرچ ڪري ٿو (جيتوڻيڪ سندس قومي پيداوار جي حساب سان نہ) ۽ آمريڪا ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ ۾ اڌ صديءَ جي جدتن کي استعمال ڪندي، عراق ۽ سربيا خلاف جنگ ڪئي، جنهن ۾ سندس ڪ سپاهي بہ نہ مئو جڏهن تہ ٻي ڌر جا هزارين ماڻهو ماري ڇڏيائين. ان پنهنجي ڪنڌ ان رموٽ ڪنٽرول ذريعي جنگيون ڪرڻ جو رستو پڻ شروع ڪيو ۽ آمريڪا پنهنجي خلاف ڪنهن بہ قسم جي انتقام کان بچاءَ لاءِ ’اسٽار وارس‘ اينٽي بلاسٽڪ ميزائل (ABM) ٺاهيا آهن.

ٻئي طرف، موتمار تباهہ ڪن مائڪرو سسٽم ٺاهيا وڃن ٿا. ننڍيون رياستون، ٿهڙوڪ: اسرائيل ۽ مفلس پاڪستان وٽ ايترا انجينرنگ شاگرد ۽ جديد ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ تائين رسد اٿن، جو اُنهن پنهنجا نيوڪليئر هٿيار ٺاهيا آهن. توڙي جو آمريڪي هٿيارن کان ننڍا آهن، پر جيڪڏهن ڪو واقعو ٿيو تہ پاڙيسري ملڪن جي راڄڌاني شهرن ۾ لکين ماڻهن کي ساڙي ڇڏيندا. آمريڪا طرفان گلف ۽ بالڪن ۾ پنهنجا هٿيار رکڻ جي نتيجي بابت اڳوڻي روسي وزيراعظم وڪٽرر چيرنوميردن ٻڌائي ٿو تہ ’ايتريقدر جو سڀ کان ننڍيون آزاد رياستون نيوڪليئر هٿيارن جي خواهش ڪنديون ۽ پنهنجو دفاع ڪنديون‘.[9] اُهي جن وٽ اهڙيون ٽيڪنالاجيز پيدا ڪرڻ جي قابليت ناهي، سي وري وڏين طاقتن طرفان ٺاهيل سسٽيون ڪيميڪل ۽ بائيولاجيڪل جنگ جي ٽيڪنالاجيز کي ڪتب آڻين ٿيون.

20 صديءَ جي ٻئي اڌ ۾ وڏين طاقتن پنهنجن نيوڪليئر پروگرامن جي حق ۾ دليل ڏيندي چيو تہ اُهي (نيوڪليئر هٿيار) ’باهمي يقيني تباهي‘ جي منطق ذريعي، امن کي يقيني بڻائين ٿا. انهن چيو تہ ڪا بہ طاقت نيوڪليئر هٿيار استعمال نہ ڪندي، ڇاڪاڻ

تہ ان کي پڪ هوندي تہ موٽ ۾ ٻي ڌر بہ ائين ڪري سگهي ٿي. 1963ع جي ڪيوبائ بحران ڏيکاريو تہ ڪيئن اها منطق ٽنڊ جي ويجهو هئي ۽ 1980ع ڌاري آمريڪا يورپ ڪروز ميزائل رکي ۽ اي بي ايم سسٽم ٺاهڻ جي پهرين ناڪام ڪوشش ڪري، 'پهريائ ڌڪ هڻڻ جي صلاحيت' پيدا ڪري، ان منطقي بندوبست کي ڪوڪلو ڪري ڇڏي، جيڪڏهن اهو احساس نہ ٿئين ها تہ وڏنڊڙ فوجي خرچن خود سوويت معيشيت جي چيلهہ ڀڃي ڪري ڇڏي، ائين ٿي آمريڪا کي معلوم ٿيو تہ ان وٽ اڃان تائين قابل عمل اي بي ايم سرشتي لاءِ ٽيڪنالاجي ناهي ۽ يورپي حڪومتن کي پنهنجي سرزمين تي ڪر ميزائل رکڻ لاءِ عوامي احتجاجن جي صورت ۾ سياسي قيمت چڪائڻي پوندي، نيوڪليئر هٿيارن جي تيز رفتار پيداوار ۽ اي بي ايم سسٽم جي نئين سر اڏاوت انتہ جي خطري کي واپس آڻي ڇڏيو. دنيا جي سڀ کان وڏي طاقت ۽ ان جهڙين ڪيترن ننڍ طاقتن کي 'پهرين ڌڪ' هڻڻ واري منطق وري پاڻ ڏانهن ڇڪيو. موٽ ۾ ان عمل سہ مخالف قوتن ۽ ننڍين طاقتن کي پنهنجي ڪنٽرول هيٺ رکڻ جي ڪوشش ڪندا روايتي ۽ نيوڪليئر هٿيار جي، اڳواٽ ٽڪرٰ ۾ فوجي ڌڪ هڻڻ جو امڪان وڌي و بربريت جيڪا 20 صديءَ جي پوئين اڌ ۾ حقيقي صورت نہ وٺي سگهي سا 21 صديءَ حقيقي امڪان بڻجي وئي. مستقبل بابت ڪوبہ نقطہ نظر، جيڪو هڪ ٻن سالن بدر ڪيترن ڏهاڪن جي حوالي سان ڏسي ٿو سو ضرور نيوڪليئر تڪرار جي امڪانن ۽ ٽيڻ جهڙو سمجهندو ۽ ان سان سڄي دنيا جا علائقا بربريت جي ور چڙهي ويندا.

انهن امڪانن کي وڌنڊڙ اقتصادي ناپائيداريءَ وڌائي ڇڏيو آهي. 1930ع وار ڏهاڪي جهڙو بحران هڪ ڪانپوءِ ٻئي ملڪ لاءِ سياسي هنگامن ۽ بربادين جو ڪار بڻجي، ٻن عالمي جنگ جي وچ واري عرصي جهڙيون حالتون پيدا ڪندو جنهن ڌريون، جنگي جوکم کي گهرو مسئلن کي منهن ڏيڻ جو طريقو سمجهي، آسانيءَ سا اقتدار ماٽي وٺنديون. اهم ملڪن ۾ ساڄي ڌر جا وڌنڊڙ ووٽ اهڙن اشارن کي اڳئي ظاه ڪن ٿا. وري ان معاملي کي ڏهاڪن جي تناظر ۾ ڏسجي تہ اهڙين ڌرين جي اقتدار اچڻ امڪان آهن، جن کي نيوڪليئر هٿيارن تائين رسائي حاصل ٿي وينديءَ جيسيتائين هاڻوڪي نظام جو طبقاتي متبادل پيش نہ ٿو ٿئي، جيڪو سڄي سماج کہ مختلف بنيادن تي ٻيهڙ ٺاهڻ جي ابتدا ڪري، تيسيتائين اهي خطرا موجود رهند سوشلزم يا بربريت جا متبادل اڳ کان وڌيڪ چٽيءَ ريت سامهون آهن.

هڪ ڪائناتگير طبقو؟

20 هين صدي نقط خوف ۽ دهشت جي صدي نہ هئي، جيئن اسان ڏٺو آهي، اها عظيم جدوجهدن جي صدي پڻ هئي. پورهيت طبقي جي اڳواٽيءَ هيٺ دهشت جي ذميوار قوتر خلاف بغاوتون ٿيون. پهرين عالمي جنگ کان اڳ سينديڪلسٽ هڙتال، ان جنگ

ڪانپوءِ روسي انقلاب ۽ سڄي يورپ ۽ ٻئنڪي دنيا ۾ بغاوتون، 36_1934ع ۾ آسٽريا، فرانس ۽ اسپين ۾ بغاوت جون لهرون ۽ 45_1943ع ۾ فرانس، اٽليءَ ۽ يونان ۾؛ 1956ع جو هنگرين انقلاب؛ 1968ع ۽ ان ڪانپوءِ جا واقعا، ۽ 1980ع جي عظيم پولش هڙتال ۽ قبضا. انهن عظيم بغاوتن مان فقط هڪ، يعني روس ۾ ڪامياب انقلاب جي صورت ورتي، پر اهي جدوجهدون صديءَ جي تاريخ جي سفر جو تعين ڪندڙ هيون. هاڻي صديءَ جي انت ۾ جدوجهدون ختم نہ ٿيون آهن. اوڀر بلاڪ جي ڍير ٿيڻ پٺيان ٿڙيل طبقاتي جدوجهد هئي. 1990ع جي ڏهاڪي ۾ اولهہ يورپ ۾ هڙتالن جي سلسلي ڪانپوءِ اٽليءَ ۾ بيرلوسڪنيءَ جي ساڄي ڌر واري حڪومت ڍير ٿي وئي. هڪ مهيني جي عوامي هڙتالن سان فرانس ۾ پورهيت طبقاتي جدوجهد اوچتو بحال ٿي وئي ۽ 1995ع جي نومبر - ڊسمبر ۾ ٿيل مظاهرن نيٺ ساڄي ڌر جي جوپي حڪومت کي ختم ڪري ڇڏيو. جرمنيءَ ۾ هڙتالن ۽ احتجاجن جي لهر، ڊينمارڪ ۾ هڪ عام هڙتال، ڏکڻ ڪوريا ۾ لڳاتار هڙتالون، ڪمبوڊيا ۽ ايڪوڊور ۾ عام هڙتالون؛ ۽ پاڻمرادو مظاهرن ۽ فسادن ڪانپوءِ انڊونيشيا ۾ جنرل سهارتو جي 32 سالن جي پراڻي آمريت ڊهي پئي.

انهن عظيم سماجي ۽ سياسي اٿلن پٿلن سطحي ۽ روايتي تبصري نگارن کي، طبقاتي سياست جي انت ٿي وڃڻ بابت ڳالهائڻ کان نہ روڪيو. ايتريقدر جو ايرڪ هابسبام، جنهن کي ڪجھ عرصي کان برطانيا جو مشهور مارڪسوادي سمجهيو ويجي ٿو، تنهن دعويٰ ڪئي تہ، توڙي جو مارڪس جڏهن سرمائيداريءَ جي ناپائيداري بابت لکيو پئي، تڏهن درست هو پر هي پورهيت طبقي کي نظام جي تاريخي مخالف قوت طور ڏسڻ ۾ غلط هو. اهڙن دليلن جا حمايتي ٻن ثابتين تي ياڙين ٿا: هڪ تہ سڌريل صنعتي ملڪن جي آباديءَ ۾ ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن جي تناسب ۾ لاٿ ۽ انهن ملڪن ۾ تمام ٿورڙا ماڻهو اهڙا آهن، جيڪي سرمائيداري سماج کي انقلابي طور تي اونڌو ڪرڻ چاهين ٿا. سندن ٻئي نقطا سندن نتيجن کي جائز قرار نہ ٿا ڏين.

يقينن پورهيت طبقي جا پراڻا ڳڙهہ، يعني: ڪاٽيون ڪونٽيننڊ اسٽيل ۽ ٻيڙين جو ڪم ڪندڙن جو تعداد برطانيا جهڙن ملڪن ۾ گهٽجي ويو جتي ڪارين جو ڪم ڪندڙ پورهيتن جو تعداد 1990ع جي آخر ۾ 30 سال اڳ جي ڀيٽ ۾ اڌ يا ٽيون حصو ٿي چڪو هو پر سڌريل ملڪن ۾ انهن جون جايون سفيد پوش ۽ 'سروس' سيڪٽر ملازمتون ڪندڙن ڀريون آهن ۽ ڪيترائي ڪم جن کي 'وچولي طبقي' جا ڪم سمجهيو ويندو هو سي تيزيءَ سان پراڻي طرز واري ڪارخاني جي صنعت جهڙا ٿي ويا آهن. هر هنڌ 'لائين مينيجر' ساڳيو روايتي فورمين وارو ڪردار ادا ڪيو هر هنڌ ماڻهن تي وڌيڪ سخت ڪرڻ ۽ اڻ ادا ڪيل اوور ٽائيم ڪم لاءِ دٻاءُ وڌو ويو. ڪم جو جائزو وٺڻ ۽ تخمنو لڳائڻ وارو طريقو هر هنڌ عام ٿي ويو. يعني، اسڪول ۾ پڙهائڻ جهڙن شعبن ۾ بہ نتيجن جي آڌار تي ادائگيءَ جو سرشتو متعارف ڪرايو ويو.

جيتوڻيڪ هاڻي ڪيترن شعبن ۾ 'سروس' ۽ 'مينوفيڪچرنگ' جي وچ ۾ فرق جو ڪوبہ مطلب نہ ٿو نڪري، ڪو ماڻهو جيڪو هڪ ڪمپيوٽر ٺاهڻ لاءِ ڪم ڪري ٿو تنهن کي 'مينوفيڪچرنگ' چيو وڃي ٿو جڏهن تہ ڪو ماڻهو جيڪو سافٽ ويئر جو ڪم ڪري ٿو تنهن کي 'سروس' سڏيو وڃي ٿو. ٻنهي قسمن جون محنتون شيون پيدا ڪن ٿيون، جن کي منافعي لاءِ وڪڻيو وڃي ٿو ۽ ٻنهي مٿان مسلسل دٻاءَ رهي ٿو تہ وڌ کان وڌ منافعا پيدا ڪن.

عالمي سطح تي تصوير اجان وڌيڪ چٽي ٿي آهي. 20 هين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ بين الاقوامي طور تي اجرتي پورهئي جي اٿاهہ پکيڙ ڏٺي وئي. ڪپڙي جا ڪارخانا، اسٽيل، تيل رفائنري ۽ ڪارون ٺاهيندڙ ڪارخانا، هر هڪ کنڊ جي هر وڏي ملڪ ۾ قائم ڪيا ويا. انهن سان گڏ بندرگاهون، هوائي اڏا، ٽرڪون ۽ ريلون، جديد بئنڪاري نظام ۽ ڊگهين عمارتن ۾ آفيسون بہ هلنديون رهيون. نتيجي طور تي شهر وڏي پيماني تي وڌيا. 1945ع ۾ ڳالهيون ٿينديون هيون تہ لنڊن يا نيويارڪ دنيا جو سڀ کان وڏو شهر آهي. صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين ميڪسيڪو بمبئي ۽ ٽوڪيو بابت ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. نين صنعتن ۽ شهرن جي معنيٰ نوان پورهيت طبقا هئي. 1980ع واري ڏهاڪي تائين فقط ڏکڻ ڪوريا ۾ ايترا صنعتي مزدور هئا، جيترا مارڪس ۽ اينگلس طرفان ڪميونسٽ پڌرنامو لکڻ وقت سڄيءَ دنيا ۾ هئا ۽ ڪوريا ۾ لکين غير صنعتي اجرتي ڪمائيندڙ پڻ هئا.

بيشڪ دنيا جي افرادي قوت ۾ فقط اجرتي مزدور ناهن هوندا. ايشيا، آفريقا، لاطيني آمريڪا جي ڪجهہ علائقن ۽ ايتريقدر جو اوير يورپ ۾ ڪروڙين هاري بہ آهن، جن وٽ ٻنين جا ٽڪرا آهن. ٽين دنيا جي شهرن ۾ وڏو تعداد مفلس پيٽي بورجوازين جو آهي، جن جي بقا شيون ۽ خدمتون وڪڻڻ تي منحصر آهي ۽ شهرن جي چوڌاري ڪچين آبادين ۾ ڏيهاڙي پورهيتن جو وڏو تعداد ملندو. انهن گروهن جي نفسيات صنعتي پورهيتن کان مختلف ٿي سگهي ٿي، پر انهن وانگر ۽ وچولن طبقن ۽ هڪ صدي اڳ جي هارين جي ابتڙ، سندن زندگيون مڪمل طور تي مارڪيٽ سان ڳنڍيل هيون ۽ سرمائي جي منطق جون محتاج هيون.

هڪ پيرو ڪارل مارڪس 'طبقو پنهنجو پاڻ منجهہ' جنهن جي هڪ سماج اندر مخصوص معروضي بيهڪ هجي ۽ 'طبقو پنهنجو پاڻ لاءِ' جيڪو پنهنجن مقصدن لاءِ شعوري طور تي ويڙهہ ڪري، جي وچ ۾ فرق بيان ڪيو. پورهيت طبقي پنهنجو پاڻ طبقي ۾ هجڻ طور ڪڏهن بہ ائين وجود نہ رکيو هوندو جيئن 20 صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾، يعني: اٽڪل بہ ارب انسان، جن جي چوڌاري ٻيا بہ ارب ماڻهو هئا، جن جون زندگيون ساڳئي منطق جي تابع هيون. پورهيت طبقي جي ڪردار بابت اصل دليل هي آهي تہ ڪڏهن ۽ ڪيئن اهو پنهنجو پاڻ لاءِ طبقو بڻجي سگهي ٿو.

مارڪس جي تفريق بابت سچي ڳالهہ هيءَ آهي تہ ڪوبہ طبقو جيڪو تاريخي

طور تي اپريو هجي، سو پنهنجو پاڻ لاءِ طبقو ٿيڻ طور ابتدا نه ڪري سگهيو آهي. اهو طبقو سماج جي پراڻي نظام اندر وڌي ٿو ۽ ان جي ميمبرن کي ڪنهن ٻئي سماج جو ڪوبه تجربو نه ٿو هجي. اُهي لازمي طور تي ان سماج جي موجوده قدرن کي سچ سمجهي قبول ڪرڻ شروع ڪن ٿا. پراڻي سماج جا تعصب گهٽ ۾ گهٽ ابتدائي طور تي نئين طبقي جي ميمبرن جا تعصب پڻ هجن ٿا. اها تبديلي فقط تڏهن اچي ٿي جڏهن کين، سندن وس کان ٻاهر حالتن هٿان، مجبور ڪيو وڃي ٿو ته، پراڻي سماج اندر پنهنجن مفادن لاءِ وڙهن. اهڙيون جدوجهدون سندن وچ ۾ لاڳاپن کي وڌائين ٿيون، وفادارين ۽ قدرن کي پيدا ڪن ٿيون، جيڪي ان موجوده سماج کان مختلف هجن ٿيون. سماج کي ڪيئن هلائي سگهجي ٿو بابت ان طبقي هٿان ٺاهيل ميدان تي نوان خيال پاڙوڻ هٽن ٿا، جيڪي موٽ ۾ دنيا جي سمجهه بابت ايندڙ نسلن لاءِ خاڪو ٺاهين ٿا.

مارڪس جي تفريق بابت سچي ڳالهه هيءَ آهي ته، ڪوبه طبقو جيڪو تاريخي طور تي اپريو هجي، سو پنهنجو پاڻ لاءِ طبقو ٿيڻ طور ابتدا نه ڪري سگهيو آهي. اهو طبقو سماج جي پراڻي نظام اندر وڌي ٿو ۽ ان جي ميمبرن کي ڪنهن ٻئي سماج جو ڪوبه تجربو نه ٿو هجي. اُهي لازمي طور تي ان موجوده سماج جي قدرن کي سچ سمجهي قبول ڪرڻ شروع ڪن ٿا. پراڻي سماج جا تعصب گهٽ ۾ گهٽ ابتدائي طور تي نئين طبقي جي ميمبرن جا تعصب پڻ هجن ٿا. اُها تبديلي فقط تڏهن اچي ٿي، جڏهن کين، سندن وس کان ٻاهر حالتن هٿان، مجبور ڪيو وڃي ٿو ته، پراڻي سماج اندر پنهنجن مفادن لاءِ وڙهن. اهڙيون جدوجهدون سندن وچ ۾ لاڳاپن کي وڌائين ٿيون، وفادارين ۽ قدرن کي پيدا ڪن ٿيون، جيڪي موجوده سماج کان مختلف هجن ٿا. سماج کي ڪيئن هلائي سگهجي ٿو بابت ان طبقي هٿان ٺاهيل ميدان تي نوان خيال پاڙوڻ هٽن ٿا، جيڪي موٽ ۾ دنيا جي سمجهه بابت ايندڙ نسلن لاءِ خاڪو ٺاهين ٿا.

خيالن ۾ تبديلي سڌي لڪير ۾ مٿي چڙهندڙ انداز سان نه ٿي ٿئي. جيئن نئين طبقي جي جدوجهد ۾ ننڍيون فتحون ۽ جزوي شڪستون، ڊرامائي پيش رفت ۽ اوچتو پٺتي هٽڻ جا واقعا ٿين ٿا، تيئن عوام جي خيالن جي تبديليءَ جي پکيڙ ۾ لاها چاڙها ٿين ٿا. سرمائيدار طبقي جي جنم جي تاريخ اهڙن لاهن چاڙهن جي مثالن سان پري پئي آهي. هر هڪ مرحلي تي انهن گروهن پنهنجو پاڻ کي پراڻي جاگيرداري نظام کان مختلف انداز سان بيان ڪرڻ شروع ڪيو پر وري ان سان مفاهمت جي ڪوشش ڪئي، سرمائيدار طبقي، سرمائيداري کان اڳ وارن حڪمران طبقن سان امن ڪري، سندن قدرن کي قبوليندي ۽ سندن سماج کي قائم دائم رکڻ ۾ مدد ڪندي، پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ چڙي ڏنو ته هڪ مختلف قسم جي سماج لاءِ تازي ويڙهه شروع ڪن. 15 هين صديءَ جي آخر ۾ اترئين اٽليءَ ۾ جنگين دوران، هڪ صدي بعد فرانس ۾ مذهبي جنگين دوران، يا بوهيميا ۽ جرمنيءَ ۾ ٽيهه سالا جنگ جي دهشت دوران ڪيترن ماڻهن

محسوس ڪيو ته بورجوازي ڪڏهن به سچي سماج ڪي پنهنجي صورت مطابق بدلائي نه سگهندي. ان باوجود 19 هين صديءَ تائين اقتصادي ترقيءَ سرمائيدار ڪي هڪ طبقي طور اهڙو ڳرو بڻائي ڇڏيو هو جو 1848ع جا ڏڪ ان کي ثابت قدميءَ سان اقتدار ڏانهن وڌڻ کان روڪي نه سگهيا.

سرمائيداريءَ هيٺ پورهيتن وٽ ڪا جادوئي شيءِ نه ٿي هجي، جيڪا ڪين طبقاتي شعور جي شاهي رستي جي پوئواري ڪرڻ جي قابل بڻائي. انهن جي چوڌاري موجود سماج ڪي سرمائيداري قدر وڪوڙي ڇڏين ٿا ۽ پورهيت انهن ڪي سدائين کان ٿيندڙ سچ طور قبولي وٺن ٿا. ايتريقدر جو سندن استحصال ڪي هڪ ليبر مارڪيٽ ذريعي منظم ڪيو وڃي ٿو جتي اُهي پورهيت هڪٻئي سان ملازمت لاءِ مقابلو ڪن ٿا. سرمائي جي انبار واري غيرانساني منطق آڏو سندن زندگين جي تابعداري خلاف مختلف دٻاءَ ڪين وري وري گڏائين ٿا. ساڳئي وقت ڪجهه عنصر، يعني بيروزگاري، آسانيءَ سان انهيءَ اتحاد ڪي ٽوڙي سگهن ٿا. بيروزگاري هر هڪ ڪي اهو احساس ڏياري ٿي ته هين ڪي لتاڙڻ ڪانسواءِ گذرسفر نه ٿو ماڻي سگهجي يا سندن تنظيمن جون شڪستون، جيڪي سندن يڪجهتيءَ واري احساس ڪي ٽوڙين ٿيون ۽ ڪين اهو احساس ڏيارين ٿيون ته ڪهڙو به اتحاد ۽ ڪا به جدوجهد سندن زندگين ڪي بدلائي نه سگهندي. ڪامياب جدوجهدن دوران قومي، نسلي ۽ صنفي تفريقن کان مٿانهين يڪجهتي جي خيالن سان جڙيل نوان قدر جنم وٺن ٿا، پر قومي، نسلي ۽ صنفي تفريقون انهيءَ سلسلي ۾ اوچتو ئي رخنو وجهڻ، ان ڪي بگاڙڻ يا ايتريقدر جو تباهه ڪري سگهن ٿيون. اهي سرمائيداريءَ جي ’خوشحاليءَ‘ وارن دورن ۾ دٻاءَ هيٺ پڻ اچي سگهن ٿا. جڏهن ته مزدورن جا ڪجهه حلقا سرمائيداري نظام سان هڪجهڙائپ مان فائدا پڻ ماڻين ٿا. خاص ڪري اُهي جيڪي فورمين، سپروائيزر يا مينيجر ٿي وڃن ٿا، جيڪي پنهنجي ننڍي ڪاروبار لاءِ ڪجهه بندوبست ڪري وٺن ٿا ۽ اهي جيڪي، ٽريڊ يونين عملدارن ۽ ليبر يا سوشل ڊيموڪريٽڪ سياستدانن طور، سرمائيدار جمهوريت جا پيشيور ٺياڪڙ بڻجي وڃن ٿا. اهڙا ماڻهو پنهنجن علائقن يا ڪم وارن هنڌن ۾ بظاهر انتهائي صاف ۽ سچ چئي ڏيندڙ ۽ متحرڪ شخصيتون ٿي سگهن ٿا ۽ نظام سان سندن مطابقت بين پورهيتن منجهه طبقاتي شعور جي شدت ڪي گهٽائي ڇڏي ٿي.

نيٺ، جيئن جيئن سرمائيداري پنهنجو پاڻ ترقي ڪري ٿي، تيئن تيئن پورهيت طبقي جي وسعت ۽ نئين سر جوڙجڪ ۾، طبقي جو پنهنجو پاڻ ۾ هجڻ ڪان پنهنجي لاءِ طبقو ٿيڻ ۾ تبديليءَ جي عمل ۾ لڳاتار طور تي رنڊڪون پونديون رهن ٿيون. پورهيتن جا نوان گروهه جنم وٺن ٿا ۽ نظام جي هر هڪ مرحلي تي سکيا جي هڪ تازي عمل مان لنگهڻو پوي ٿو. مثال طور، برطانيا ۾ 1840ع ڌاري چارٽ ازم وقت پورهيت طبقي جو مرڪزي حصو ڪپڙي جي صنعت ۾ ڪم ڪندڙ هو. پهرين عالمي جنگ کان اڳ وارن

سالن ۾ بيڙين، ڪاٽين ۽ اسٽيل جي ڳرين صنعتن ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت شامل هئا. ٻي عالمي جنگ ڪانپوءِ جي ابتدائي سالن ۾ پورهيتن جو مرڪزي حصو انجنيئرنگ پورهيتن جو ٿهيل هو. هر هڪ گروهه کي پاڻ کان اڳين گروهن جي شعور ۾ مجسم خيالن کي اپنائڻ جي عمل مان لنگهڻو پيو. پراڻن ۽ نون پورهيتن جي وچ ۾ فرق جي ڳالهه تڏهن وڌيڪ ٿي سگهي، جڏهن ڳري ۽ تيز رفتار صنعتڪاري ٿي، جيئن ڪيترن ملڪن ۾ 20 صديءَ ۾ ٿيو. پورهيت طبقو جنهن روس ۾ 1917ع جو انقلاب آندو سو 1930ع ڌاري نون پورهيتن جي سمونڊ ۾ ٻُڏي ويو. اٽليءَ جا پورهيت جن 1943ع ۾ مسولينيءَ کي جهنجهوڙي ڇڏيو تن کي 1960ع ڌاري ٻهراڙين کان آيل تازن پورهيتن جي وڌيڪ وڏي تعداد غائب ڪري ڇڏيو. 1980ع ڌاري چين جي لکين پورهيتن مان ٿورڙا هوندا جن 1920ع ڌاري وڏيون هڙتالون ڪيون. ان باوجود هر هڪ جي معاملي ۾ ٿوري يا ڍگهي عرصي کانپوءِ، پراڻن سان هڪجهڙائپ رکندڙ نيون روايتون جنم وٺن ٿيون. 1969ع ۽ ان کانپوءِ اٽليءَ جون هڙتالون، 1989ع جي تيانئمين چونڪ جي احتجاج لاءِ چيني پورهيتن جي حمايت، 1989ع ۽ 1991ع ڌاري ڪاٽيون کوٽيندڙ روسي پورهيتن جون هڙتالون، انهن مان ڪنهن ۾ به پورهيتن مڪمل انقلابي شعور جو ڏيک نه ڏنو پر هر هڪ معاملي ۾ انهن پراڻي سماج جي قدرن ۽ مفروضن کي ٽوڙڻ شروع ڪيو. اُنهن پنهنجو پاڻ لاءِ هڪ طبقو بڻجڻ ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. توڙي جو هنن سفر مڪمل نه ڪيو.

20 صديءَ جي آخري چوٿائيءَ ۾ جيڪو ڪجهه ڏنو ويو سو پورهيت طبقي جو مِنجڻ يا هڪ طبقي طور ان جي شعور جي ترقي نه هئي، ان بدران اسان ان جي وسيع پکيڙ جا ثمر ڏٺا. هڪ پکيڙ جنهن ان کي سماج کي نئين صورت ڏيڻ لاءِ اڳ کان وڌيڪ طاقت ڏني، پر ان وڏن حصن کي پڻ مجبور ڪيو ته ڪين اهوئي ڪجهه سکڻو پوندو جيڪو هڪ صديءَ جي ڳچ عرصي اڳ کان ننڍين حلقن اڳئي ڄاتو پئي. سکيا جي عمل ۾ جدوجهد ڦيرو ۽ تيز به ڪائي ٿي، جيئن هاٽوڪن سالن ۾ ٿئي پيو انهيءَ عمل لکين ماڻهن جي ذهنن کي منجهيل ۽ متضاد خيالن ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي. طبقي جو پنهنجو پاڻ ۾ هجڻ کان طبقي جو پنهنجو لاءِ ٿيڻ واري منزل ڪوهين ڏور آهي، پر تاريخ کي صورت ڏيندڙ سرگرم قوت طور پورهيت جدوجهد جو غائب ٿيڻ پڻ ڪوهين ڏور آهي.

صديءَ جي ابتدا وقت مستقبل جي روسي انقلاب جي اڳواڻ لينن لکندي تبصرو ڪيو ته، پورهيتن جي اقتصادي جدوجهد پاڻمرادو انقلابي شعور ڏانهن وٺي وڃڻ کان گهٽ پري آهي. 'پورهيت طبقاتي تحريڪ جي پاڻمرادي ترقي ان کي بورجوا نظريي جي تابع بڻائيندي'. ڇاڪاڻ ته 'بورجوا نظريو پنهنجي پيدائش جي حوالي سان سوشلسٽ نظريي کان گهڻو پراڻو آهي، وڌيڪ مڪمل طور تي تيار ۽ اُن وٽ پنهنجي ڳالهه کي ناقابل پيمائش طور تي ڦهلائڻ جا وڌيڪ وسيلا آهن'.[10] هن نتيجو ڪڍيو ته، 'پورهيتن ڏي سياسي شعور فقط ٻاهران اچي سگهي ٿو'.[11] انهيءَ نتيجي تي ٻين سان گڏ روزا

لڪسمبرگ تنقيد ڪئي ۽ خود لينن بعد ۾ اعتراف ڪيو ته هن سوشلسٽ خيال ناهڻ ۾ پورهيت طبقي جي ڪردار جو گهٽ اندازو لڳايو.[12] پر هن هڪ اهڙي نقطي تي درست نمونو ڏيان ڏنو جنهن کي بعد ۾ اٽليءَ جي انقلابي انتونيو گرامچيءَ غلط سمجهيو.

گرامچي تبصرو ڪري ٿو ته، هڪ طبقي جا ميمبر گهڻو ڪري دنيا جي تڪراري خيالن کي منهن ڏين ٿا. هڪڙا خيال جيڪي ڏيهاڙيءَ جي عمل منجهان ڦٽن ٿا ۽ ٻيا اُهي جيڪي سماج کي بدلائڻ لاءِ طبقي (يا ان جي هڪ حصي) جي ويڙهه جي تجربي منجهان پيدا ٿين ٿا. نتيجي طور انهن منجهان نهيل ڪا به شخصيت منفرد ۽ نرالي هجي ٿي. ان فرد منجهه غار واري انسان جا عنصر ۽ انتهائي جديد سڌريل سکيا جا اصول. ماضيءَ جي سمورن تاريخي مرحلن جا پراڻا تعصب ۽ سڄي دنيا جي متحد انساني نسل جي مستقبل واري فلسفي جا الهام سمايل هجن ٿا'.[13] اهي متضاد عنصر مختلف ڍنگن ۾ مختلف فردن ۽ گروهن منجهه گڏيل وجود رکن ٿا. ڪجهه فرد ته موجوده سماج جي خيالن اندر ذري گهٽ مڪمل طور تي قائل هجن ٿا ۽ ڪجهه کي توڙڻ لاءِ ڏکهو پنڌ ڪرڻو آهي، پر اڪثر فرد. وچ ۾ ڪٿي قائل هجن ٿا، ڪڏهن هڪ پاسي ته ڪڏهن ٻئي پاسي. ٻن انتهائن تي بيٺل، ۽ وڌيڪ هم آهنگ خيالن جي اثر ڏانهن ڇڪجي وڃن ٿا. تاريخ ۾ ڪنهن به مرحلي تي هڪ طبقي جو نوس عمل ان تي منحصر هجي ٿو ته، جڏهن سماجي اٿلون پٿلون (جنگيون، اقتصادي بحران، هڙتالون ۽ گهرو جنگيون) ان آڏو نوان خيال کولي رکن ٿيون، تڏهن انهن 'انتهائن' مان ڪهڙن وچولن گروهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪامياب ٿئي ٿو. هڪ طبقو پنهنجو پاڻ ۾ هجڻ کان، پنهنجو پاڻ لاءِ طبقو ٿيڻ جي سطح جو انحصار سندس چوڌاري دنيا جي فقط مادي تبديلين تي نه ٿو هجي، پر ان اندر موجود مخالف ڌرين جي جوڙجڪ تي پڻ هجي ٿو.

سرمائيداريءَ جي نهڻ ۾ پڻ انهيءَ عمل جو اظهار ٿيو. 'وڏي تبديلي' فقط معروضي اقتصادي عنصرن جو نتيجو نه هئي. ان جو انحصار نون وچولن طبقن جي حلقن يا بورجوازي طبقن طرفان پراڻي نظام کان بلڪل مختلف خيالن جي دنيا چوڌاري پنهنجو پاڻ کي منظم ڪرڻ وارين لڳاتار ڪوشش تي پڻ هو. گڏوگڏ اهڙي پراڻيءَ جوڙجڪ کي ڊاهڻ لاءِ پراڻي نظام جي نمائندن سان گڏ ڪم پڻ ڪيائون. 8 صديءَ جي اسلامي سلطنت ۽ 11 صديءَ جي چيني سلطنت، ۽ انهن تحريڪن کي دٻائڻ، نئين سجاڳي ۽ اصلاح پسنديءَ جي تحريڪن ۽ اٽلي، جرمني ۽ فرانس ۾ انهن تحريڪن جي پراڻي نظام آڏو ڍير ٿيڻ، ڊچ ۽ انگلش انقلابن جي فتحن ۽ ٽيهه سالا جنگ جي ڀيانڪ تعطل، روشن خياليءَ ۽ روشن خيالي خلاف ابهام پرست ردعمل، فرينچ اسيمبليءَ طرفان پنهنجي بادشاهه خلاف جدوجهد ۽ گروندنس خلاف جيڪبنس جي جدوجهد سميت. انهن سيني بغاوتن يا سڌارن جي تحريڪن جي اهائي تاريخ آهي. (هڪ نظام کان ٻئي ڏانهن) عبور هڪ عظيم چال سان حاصل نه ڪيو ويو ۽ نه ئي سُست، ذرو ذرو تبديلين جو

نتيجو هو ان جو انحصار سوين سالن جي تاريخ تي اڏيل هڪ نئين نقطه نظر جي چوڌاري ڌرين جي جوڙجڪ، شڪست ۽ پيهر بناوت ٿيڻ تي هجي ٿو.

سرمائيداريءَ هتان دنيا جي فتح تاريخي عمل کي انتهائي تيز رفتار ڪري ڇڏيو آهي. دنيا جي آباديءَ جي وڏي اڪثريت جي زندگين ۾ گذريل 5 هزار سالن کان وڌيڪ 20 صديءَ دوران تبديليون ٿيون آهن. تبديليءَ جي اهڙي تيز رفتاريءَ جي معنيٰ ته تازي تجربي مان حاصل ٿيل خيالن کي ڪتب آڻيندي، وري وري ماڻهو نين حالتن سان منهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا. هنن کي پنهنجن خيالن جي صورت بدلائڻ لاءِ ڍاڪن جي تڪليفن کي پوئتي پوندو جڏهن ته يورپ ۾ بورجوازيءَ کي 600 سال لڳا. صديءَ جي آخر تائين ان عمل جي مڪمل نہ ٿيڻ جي تشريح ائين نہ ٿي ڪري سگهجي ته، اجان تائين هينان ئي هينان ڪجهہ نہ پيو ٿئي. 20 صديءَ جي تاريخ ماڻهن جي لڳاتار پيڙهين جي تاريخ هئي، جنهن ۾ وڌ کان وڌ ماڻهو سرمائي جي انبار واري ڇتاپيٽيءَ هيٺ دنيا جي تابعداري جي منطق خلاف مزاحمت ڪندا رهيا. روس ۾ هڪ ڀيرو ڪامياب ٿيا. ڪڏهن ڪڏهن 19-1918ع ۾ جرمنيءَ ۾، 1936ع ۾ فرانس ۾يا 1980ع ڌاري پولينڊ ۾ ڪين اڌ ڪاميابي ملي، وري انهن هارايو. ڪڏهن ڪڏهن انهن کي لڙائي ڪرڻ ڪانسواءِ ئي بُري شڪست ملي، جيئن 1933ع جي جنوريءَ ۾ جرمنيءَ ۾ ٿيو. پر انهن مان ڪوبہ مثال اهڙي دعويٰ لاءِ ڪو بهانو مهيا نہ ٿو ڪري ته، طبقاتي جدوجهد ختم ٿي وئي. 19 هين صديءَ ۾ ننڍي پورهيت طبقي طرفان ڪيل جدوجهدون 20 صديءَ جي پهرين اڌ ۾ وڏيون ٿي ويون ۽ صديءَ جي آخري چوٿائي ۾ اجان وڏيون ٿي ويون ۽ نئين هزاريي جي اربين پورهيتن طرفان انهن جو ورجاءُ ٿيندو.

انهن جدوجهدن منجهان سماج کي نئين سر يڪجهتي، باهمي حمايت، برابري، اجتماعي تعاون ۽ وسيلن جي جمهوري نموني رٿابنديءَ هيٺ استعمال جي قدرن جي چوڌاري ناهڻ جون ڪوششون پيدا ٿينديون. دنيا جا حڪمران طبقا، گذريل پنج هزار سالن کان سندن ابن ڏاڏن وانگر، انهن ڪوشش کي روڪڻ لاءِ هاڻ بہ وسان ڪونہ گهٽائيندا ۽ جيڪڏهن ضروري سمجهيين ته اڻ ڪٿ وحشتن کي ڇوڙي ڇڏيندا ته جيئن اهي طاقت ۽ ملڪيت وارن پنهنجن مقدس حقن کي برقرار رکي سگهن. اُهي موجوده سرمائيدار نظام جو آخر تائين دفاع ڪندا، پلي پوءِ ان سان انساني زندگيءَ ئي ختم ڇو نہ ٿي وڃي.

اهڙن وڏن ٽڪرارن جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو، اها ڳالهہ اڳواٽ ٻڌائڻ جو ڪو طريقو ناهي. ان جو انحصار طبقن جو پنهنجو پاڻ ۾ هجڻ جي ترقي، معروضي طبقاتي قوتن جي ٽڪراءَ تي آهي، پر ان دائري تي پڻ آهي، جنهن ۾ 'ڪائناتگير' پورهيت طبقي اندر اهڙن ماڻهن جو مرڪزي حصو پيدا پيو ٿئي، جيڪو سمجهي ٿو ته ڪيئن وڙهجي ۽ جاٽي ٿو ته، ڪيئن انهيءَ سمجهہ سان پنهنجن ساٿين کي سوڀ ڏيارجي. سماج جي

هڪ يا ٻئي رخ جي مخالفت ۾ گروهن ۽ تحريڪن جي ڪابہ ڪوٽ نہ ٿيندي. ماضيءَ وانگر مستقبل ۾ بہ ان جي بربريت ۽ بي عقلائي عمل کي يقيني بڻائيندي. پر 20 صديءَ جي تاريخ ڏيکاري ٿي تہ اهي عنصر فقط تڏهن ئي سچ پچ اثرائتا ٿي سگهن ٿا، جڏهن اُهي نظام جي هر رخ کي للڪارڻ لاءِ ارپيل صاف انقلابي تنظيمن جي صورت وٺن ٿا. بورجوازيءَ کي 17 صديءَ ۾ نئين ماڊل فوج ۽ 18 صديءَ ۾ جيڪبن ڪلب جي صورت ۾ اها شيءِ ملي. روسي پورهيت طبقي کي 1917ع ۾ بالشوڪ پارٽيءَ جي ضرورت پئي. جيڪڏهن انسانيت مجموعي طور تي تباهي کي منهن نہ ٿي ڏئي تہ 21 صديءَ ۾ وسيع پيماني تي عالمي پورهيت طبقي کي وري وري ان جي ضرورت پوندي. اها ضرورت فقط تڏهن ئي پوري ٿي سگهي ٿي، جڏهن ماڻهو پنهنجو پاڻ ذمو کڻندا. آئرش انقلابي سوشلسٽ جيمز Connolly هڪ ڀيرو ڳالهہ ڪئي تہ 'سچا پيغمبر فقط اُهي آهن، جيڪي مستقبل ناهين ٿا'.

ماضيءَ کي سمجهڻ سان مدد ملي ٿي. انهيءَ ڪري مون هي ڪتاب لکيو.

حوالا

[1] T Jackson and N Marks, *Measuring Sustainable Economic Welfare: A Pilot Index 1950-1990* (Stockholm Economic Institute, 1994)
[2] The figure is given in J Schor, *The Overworked American.*
[3] *UN Human Development Report 1999* (Oxford, 1999)
[4] R Luxemburg, 'The Crisis of Social Democracy', in R Luxemburg, *Selected Political Writings* (London, 1972), pp195-196
[5] R Luxemburg, 'The Crisis of Social Democracy', p196
[6] Speech given in Moscow, July 1921, reported in *Pravda*, 12 July 1921, quoted in P Broué, *Trotsky* (Paris, 1988), p349
[7] L Trotsky, *The Death Agony of Capitalism and the Tasks of the Fourth International* (London, no date), p8
[8] Red Cross, *1999 World Disasters Report*, summarised in the *Guardian*, 24 June1999
[9] Quoted by Mark Almond, *Independent on Sunday*, 6 June 1999
[10] V I Lenin, 'What Is To Be Done?', in V I Lenin, *Collected Works, vol 5* (Moscow, 1961), pp385-386
[11] V I Lenin, 'What Is To Be Done?', in *Collected Works*, vol 5, p422
[12] For a fuller discussion on this, see my article, 'Party and Class', reprinted in T Cliff, D Hallas, C Harman and L Trotsky, *Party and Class* (London, 1996)
[13] A Gramsci, *The Modern Prince and Other Essays* (London, 1957), p59

